# شاهه جو رسالو

گهٽي کان گهٽو نج ڪلام

مفصل لفظي معنيٰ سان

(جلد ٽئون)

مرتب:

Gul Hayat Institute

پانهون خان شيخ

شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.

# شاھہ جو رسالو

## (جلد ٽئو)

گهٽي کان گهٽو نج ڪلام

مفصل لفظي معنيٰ سان

مرتب:

بانهون خان شيخ

Gul Hayat Institute

شاھہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو : شاھ جو رسالو (جلد ٽئو)
مُرتب : پانهون خان شيخ
ڪمپوزنگ ۽ گرافڪس : حبيب الله جاکرو
ڇاپو : پهريون
سال : اپريل، ٢٠٠٢ع
تعداد : ١٠٠٠
ڇپائيندڙ : شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.
ڇپيندڙ : شعبو تصنيف، تاليف ۽ ترجمو، ڪراچي يونيورسٽي.

مُلھ : -/300

**ISBN 969-8447-09-14**

Gul Hayat Institute

All the rights are reserved
**"Shah Jo Risalo (Vol. III)"**
First Edition : April 2002
Published by:
**Shah Abdul Latif Bhitai Chair,**
University of Karachi,
Karachi.

# انتساب

## شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ

جو هيءَ رسالو سنڌ جي انهن سيني عالمن ۽ محققن جي نالي ڪجي ٿو جن شاهه صاحب جي ڪلام ۽ پيغام بابت علمي تحقيق ڪري ان کي عام پڙهندڙن تائين پهچائڻ لاءِ وسان ڪونه گهٽايو

Gul Hayat Institute

# فهرست


| | |
|---|---|
| مُهاڳ | ۵ |
| سُر ڪاهوڙي | ۷ |
| سُر رامڪلي | ۲۷ |
| سُر پورب | ۱۴۱ |
| سُر بلاول | ۱٦۷ |
| سُر ليلا | ۱۹۵ |
| سُر ڏهر | ۲۲۹ |
| سُر جاجڪاڻي | ۲۷۱ |
| سُر ڪاپائتي | ۲۸۷ |
| سُر رِپ | ۲۹۹ |
| سُر آسا | ۳۱۳ |
| سُر گهاتو | ۳٦۳ |
| سُر شينهن ڪيڏارو | ۳۷۱ |
| سُر مارئي | ۳۷۹ |
| سُر ڪاموڏ | ۵۲۱ |
| سُر ڪارايل | ۵۴۵ |


Gul Hayat Institute

# مُهاڳ

شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڀاران جناب ڀانهي خان شيخ جي مرتب ڪيل شاهه جي رسالي جو ٽيون جلد اوهان جي هٿن ۾ آهي. هن رسالي جو پهريون جلد سن ۲۰۰۰ع ۾ ۽ ٻيو جلد سن ۲۰۰۱ع ۾ ڇپجي پڌرو ڪري چڪا آهيون، اهڙيءَ ريت هيءُ منفرد ۽ مفصل معنائن وارو "شاهه جو رسالو" مڪمل صورت ۾ پڌرو ٿي چڪو.

هن رسالي جي خاص خوبي اها آهي ته هن ۾ اعرابن ذريعي لفظن جون پڙهڻيون آسان بڻايون ويون آهن جنهن سان عام پڙهندڙن توڙي استادن ۽ شاگردن کي شاهه سائينءَ جا بيت صحيح اچارن سان پڙهڻ ۾ مدد ملندي تنهن ڪانسواءِ هر هڪ صفحي تي ايندڙ لفظن جون مفصل معنائون ساڄي صفحي تي هيٺان ڏنيون ويون آهن ته جيئن هر هڪ بيت جي معنيٰ ۽ مفهوم اتي جو اتي سمجهه ۾ اچي سگهي. پهرين ڇپيل ٻنهي جلدن جي اسان جي عالمن اديبن توڙي عام پڙهندڙن تمام گهڻي آجيان ڪئي آهي، اميد ته هي ٽيون ۽ آخري جلد پڻ ڪين پسند ايندو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر هڪ اهڙو تحقيقي ادارو آهي جنهن جي مقصدن ۾ شاهه جي ڪلام ۽ پيغام کي عام ماڻهوءَ تائين پهچائڻ پڻ هڪ مقصد آهي. جيتوڻيڪ سنڌ ۾ شاهه جي رسالي جا اڳ ۾ ڪيترائي نسخا ڇپيل آهن ۽ هر هڪ نسخو پنهنجي ليکي اهم آهي ۽ گنج واري نسخي جي ڇپائيءَ ڪانپوءِ خيال هو ته هاڻي وڌيڪ ڪنهن نسخي جي ڇپائڻ جي ضرورت ڪانه پوندي، پر جڏهن گنج کي پڙهجي ٿو ته ڪيترن هنڌن تي اچارن/پڙهڻين جي حوالي سان مونجهارو ٿئي ٿو. ان ڪانسواءِ لفظن جي معنائن لاءِ لغتون پيٽيون پون ٿيون. ان لاءِ اهڙي هڪ رسالي جي گنجائش نڪري ٿي. اهو مڄڻو پوندو ته محترم ممتاز مرزا (مرحوم) جي اڻٿڪ محنت ۽ پيار جي پورهئي سان جديد صورتخطيءَ ۾ اٽلايل ۽ محترم حميد آخوند جي جمالياتي صلاحيت سان خوبصورتيءَ سان ڇپايل رسالو "گنج" هڪ شاهڪار فني ڪارنامو آهي.

محترم ڀانهي خان شيخ گنج واري نسخي ۾ شامل بيتن ڪانسواءِ شاهه جي راڳاين جي ورثي ۾ آيل ڪيترن بيتن کي به شامل ڪيو ۽ انهيءَ سموري خزاني جي اسرارن کي کولڻ لاءِ ان جون پڙهڻيون ۽ تفصيلي معنائون ڏنيون آهن جنهن جي ڪري شاهه جو ڪلام هڪ اسڪولي شاگرد کان شاهه تي تحقيق ڪندڙ اسڪالر تائين، عام پڙهندڙن کان يونيورسٽيءَ جي پروفيسر

Gul Hayat Institute

تائين پڙهڻ ۽ سمجهڻ سولو ٿي پيو آهي. هن رسالي اچڻ ڪانپوءِ شايد ڪير اهو نہ چئي سگهي تہ شاهہ جي ٻولي ڏکي آهي ۽ ان کي سمجهڻ ۾ مشڪل درپيش اچي ٿي. ڪن لفظن جي اچارن يا معنائن سان اختلاف جو سبب سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لهجن ۾ موجود معمولي فرق ٿي سگهي ٿو. پر اها ڪا ڪوتاهي ڪانہ چئبي. سنڌي ٻوليءَ جا مختلف لهجا ۽ انهن ۾ ڪجهہ مختلف لفظ ان جي شاهوڪاري ۽ وسعت جو دليل مهيا ڪن ٿا. ان ڪري انهن ۾ موجود ڪن تبديلين (variations) کي کليءَ دل سان قبول ڪرڻ گهرجي.

ڪم جي اهميت ۽ نزاڪت کي ڏسندي شاهہ لطيف چيئر ياران هن ڪم ۾ تمام گهڻي خبرداري ڪئي ويئي آهي. ايڊيٽنگ ڪانپوءِ پروف خود مرتب جناب ٻانهي خان شيخ ڏٺا ان ڪانپوءِ اهي ڪمال جامڙي ڏٺا ۽ فائينل پروف مون پاڻ پڙهيا. تنهن هوندي بہ ڪٿي ڪا ڀل چُڪ رهجي وئي هجي تہ ان جي لاءِ اڳواٽ معافي ٿي گهران ۽ اميد ٿي ڪريان تہ اسان جو هيءُ پيار وارو پورهيو ضرور ساب پوندو.

هن رسالي جي مواد کي ساڳين اچارن ۽ معنائن سوڌو ڪمپيوٽر تي هلندڙ Multimedia Software CD جي صورت ۾ پڻ تيار ڪري رهيا آهيون. جنهن ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ سان گڏ اُن جي پڙهٽي آواز سان گڏ اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيا آهيون. اميد تہ اها رٿا پڻ عملي صورت اختيار ڪندي ۽ شروعاتي ڪجهہ سُرَ جلد منظر عام تي ايندا. سڄڻن جو سهڪار رهيو تہ اهو سمورو ڪم گهٽ ۾ گهٽ ممڪن وقت ۾ ڪري سگهنداسين.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**
ڊائريڪٽر
شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر،
ڪراچي يونيورسٽي
٢٠ اپريل - ٢٠٠٢ع

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللّٰهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر ڪَاهوڙِي

## داستان پهريون

١

مُون سي ڏِنا ماءِ[1]، جَنِي ڏِنو پِرِينءَ[2] کي،
کَري نـہ سَگهَان ڪَا، تَنِي سَندِي[3] ڳالهَڙِي[4].

٢

مُون سي ڏِنا ماءِ، جَنِي ڏِنو پِرِينءَ کي،
رَهِي اَچِي راتڙِي، تَنِ جُنگَن[5] سَنديءَ جاءِ[6]،
تَنِي جِي سَاجَاءِ[7]، تُرهو[8] تِيندِي تَار[9] ۾.

٣

وِڀُون پَٻِ[10] پَئِي[11]، ڪَيرُون[12] ڪَاهوڙِيَن[13] جُون،
آئُون تَنِ ڏوٿِيَڙَن[14] جو، پُڇَان[15] ڪِير[16] پِهي[17]،
رِجُنِ[18] راتِ رَهِي[19]، جَنِي ڏُونگَر[20] ڏورِيا[21].

Gul Hayat Institute

---

١. اي ماءُ اي امان، اي امڙ. ٢. محبوب (خدا)، ٣. جي، ۴. تعريف، واکاڻ، ساراهہ. ۵. بهادرن، بزرگن، فقيرن، ڪامل درويشن. ٦. جاءِ تي، مڪان يا آستان تي، ٧. معرفت، ڄاڻ، سڃاڻپ، واقفيت، صحبت. ٨. ڪکن، ڪانن ۽ ڪانڻن جو نوڙين ۽ رسين سان ترَ ٻڌي ناهيل هڪ قسم جو منجو، جو پاڻيءَ ۾ ترڻ لاءِ ڪم آڻبو آهي، وسيلو. ٩. اونهي پاڻيءَ، درياهہ. ١٠. پَٻَ ۾ (لس ٻيلي ۾ هالار جبل جي ڏاکڻي قطار کي پٻ جبل چئبو آهي)، ١١. گهڙي، داخل ٿي، ١٢. جماعتون، ٽوليون، ١٣. جهنگ يا جبل ۾ اپرندڙ وڻن مان ميوا يا ڦل ۽ گاهہ مان اَنُ ڳوليندڙن يعني ڏوٿين، ڏٿ ڳوليندڙن يا ڏٿ تي گذران ڪندڙن (جهنگلي وڻن مان ۽ گاهن مان پيدا ٿيندڙ ڦل ۽ اَن کي ڏٿ چئبو آهي)، ١۴. ڏوٿين، ١۵. دريافت يا معلوم ڪريان، ١٦. ڪهڙو ڪهڙو، ١٧. قاصد، نياپو آڻيندڙ، واٽهڙو، ١٨. رجن ۾، رڻ پٽن يا بيابانن ۾، ١٩. ترسي، ٢٠. جبل، ٢١. ڳوليا يا ووڙيا (ڏٿ جي لاءِ).

## ۴

پَارِئَا[1] پُڇِي[2] آءُ، خَبَرَ[3] ڪَاهوڙِيَنِ[4] جِي،
ڏوٽِينِ ڏُونگرِئَان[5]، ڪَنهِن پَرِ[6] ڏورِئو[7] ڏُٿَ ڪي.

## ۵

نَٿَان[8] وَنءُ[9] ويهِي آءُ، اڳڻِ[10] ڪَاهوڙِيَنِ جي،
جوشَ[11] ڏِنَائُون جِيءَ[12] کي، لِڪَائِي[13] لوڪَان[14]،
ڏوٽِيَنِ ڪَنهِن ڏُکَان[15]، سُمَهِي[16] سُکُ نَہ مَاٽِئو[17].

## ۶

تُون هَنِ[18] ڪُجَارِئَا[19]، سَنجهِي[20] سَعيُو[21] نَہ ڪَرِين،
سَوارا[22] سَندَ[23] ڪَٽِي، ڪَاهوڙِي وِئَا،
آٽِيندِين ڪِئَان[24]، ڏُٿُ ڏوراهِين[25] ڏيهَہ جو.

## ۷

ڏُٿُ ڳَهَٽَائِي ڪَنِ، هِنَ اوراهِين[26] پَندَ[27] جو،
سَندَا[28] ڪَاهوڙِيَنِ، پَرِي[29] سُجَنِ پيچِرا[30].

Gul Hayat Institute

١. اي پارئا، اي واندا، اي بي ڪما، اي نڪما. ٢. دريافت يا معلوم ڪري. ٣. سُڌ. ۴. جهنگ يا جبل جي وٽن مان ميوا يا ڦل ۽ گاهه مان اَنَ ڳوليندڙن. ڏٿ ڳوليندڙن. ڏوٽين يعني ڏٿ تي گذران ڪندڙن (جهنگلي يا جابلو وٽن يا گاهن مان پيدا ٿيندڙ ميون ۽ اَن کي ڏٿ چئبو آهي). ۵. ڏونگرن مان، جبلن مان. ٦. طرح، نموني. ٧. ڳوليو، ڍونڍيو. ٨. البت، ڪجهه قدر. ٩. وڃ. ١٠. اڱڻ ۾، گهرَ ۾، مڪان ۾. ١١. ٽهڪو، سيڪ، اوٻارو، اوٻر، تَوَ. ١٢. جان، جسم، بدن. ١٣. ڇپائي. ١۴. لوڪ کان، عام ماڻهن کان. ١۵. ڏک کان يا تڪليف يا درد سبب. ١٦. آرام، فرحت. ١٧. ڪِئو. ١٨. هرگز، بنهه، ماڳهين. ١٩. ڄو، ڄا جي ڪري. ٢٠. سويل ئي، سج لهڻ مهل ئي. ٢١. ڪوشش، اُدم، حيلو. ٢٢. سوير، سويل. ٢٣. ڪم ڪرڻ جا اوزارَ. ڏٿ وجهڻ لاءِ برتن يا ٿانو، ڇٻا، ڪارا. ٢۴. ڪٽان، ڪيئن، ڪهڙيءَ ريت. ٢۵. پراهين. ٢٦. ويجهڙي، نزديڪ. ٢٧. منزل، جاءِ، پيچري، گسَ. ٢٨. جا. ٢٩. ڏور، دور. ٣٠. رستا. گس، منزلون، آستان.

## ⑧

جيڪو ڏُٽُ[1] ڪَري[2]، تَہ ڏُونگرُ[3] ڏورڻُ[4] ڏاڪڙو[5]،
چِپرُ ڪِينَ ڏي، سُوکِڙِيُون[6] سُتَنِ[7] ڪي.

## ٩

ڏوٿِي[8] سَا ڏوريِنِ[9]، جا جُوءِ[10] سُئِي[11] نَہ بُڌِي،
پاسا[12] مَتِي[13] پَاهَڻين[14]، ڪاهُوڙِي[15] ڪُوڙِينِ[16]،
وِئا تِت وِڙِينِ[17]، جِت نِهَايَت[18] ناهِ ڪَا.

## ١٠

هُوءِ[19] ڏوٿِي هُوءِ ڏِينهَن، هُوءِ ڏُونگرَ هُوءِ لَڪيُون[20]،
ڪَنهِن جَنهِن[21] لَڏا[22] نِينهَن[23]، پُٽان[24] لَهِسَنِ[25] لُڪَ[26] ۾.

## ١١

پَڪُلِئا[27] پُٽَنِ[28]، دَلَقَ[29] گَڏِئو ڏُوڙِ ۾،
رَاتِيَان[30] رِجِ[31] رَهَنِ[32]، ڏِينهَان[33] ڏورَڻُ ڏُونگَرِيَنِ[34].

Gul Hayat Institute

## ١٢

پَڪُلِئَا پُٽَنِ، دَلَقَ گَڏِئو ڏُوڙِ ۾،

---

١. جهنگلي ۽ جابلو وٽن جو ڦلَ ۽ گاهہ جو انُ. ٢. ڳڏ ڪري، ٣.جبل. ڇپر، ۴. جهاڳڻ. ڍونڍڻ. ۵. ڪشالو. مشڪل. تڪليف ڏيندڙ. ٦. سوغاتون يا تحفا (ڏٽُ) جا. ٧. غافلن. نڪمن. سست ماڻهن. ٨. ڏٽ يعني جهنگلي يا جابلو وٽن جو ڦلَ ۽ گاهہ جو اَنُ ڳڏ ڪندڙ. ٩. ڳولين. ڍونڍين. ١٠. جاءِ. هنڌ ملڪ. ١١. ٻُڌ. ١٢. بدن يا جسم جا حصا. پهلو. ١٣. تي. ١۴. پهڻن. پٿرن. جبلن. ١۵. ڏٽ ڳوليندڙ. ١٦. ڏرين يا رکن (سمهڻ يا آرام ڪرڻ لاءِ). ١٧. ڳولين. ڍونڍين (ڏٽ). ١٨. ڇيهہ. انت. انتها. ١٩. (ڪٿي آهن) اُهي. ٢٠. جبل. ٢١. اهڙي. ٢٢. آورَ ۾ آيا. قبضي يا وَرَ ۾ آيا. ٢٣. نينهن جي. محبت جي. عشق جي. ٢۴. پيا وتن. ٢۵. جلن. سڙن. پچن. ٢٦. گرم هوا. جهولي. لوءِ. ٢٧. (مٽيءَ يا ڌوڙ ۾) ٻريل. بدن کي مٽي لڳل. ٢٨. هلن. گهمن. ڦرن. ٢٩. گودڙيون. خرقا. فقيراڻو لباس. ٣٠. رات جي وقت. ٣١. رِڃ ۾. رڻ پٽ ۾. ٣٢. ترسن. ٽِڪن. ٣٣. ڏينهن جي وقت. ٣۴. ڏونگرن ۾.

ڳالِھيُون[1] ڳهلي[2] لوڪَ[3] سين، پَڌَرِ[4] پَئِي[5] نہ ڪَنِ،
ڪا[6] مُلِ آهي تَنِ[7]، مُون[8] پِريان[9] جي ڳالهَڙِي[10].

### ١٣

ڪاهوڙِي[11] ڪِجَنِ[12]، پَسَئُو[13] پورهِيَتَ[14] ويسَرا[15]،
سي ڏوٿيئَڙا ڏُور[16] وِئا، رجنِ[17] جي رَهَنِ[18]،
ڪَا مُلِ آهي تَنِ، مُون پِريَان جِي ڳالهَڙِي.

### ١۴

ڪِجِئا ڪاهوڙِي، پَسِي پورهِيَتَ ويسَرا،
ڏوٿِيئَڙا ڏوڙِي[19]، وِڪَ[20] وَرايو[21] پَندَ[22] جِي.

### ١٥

اُٿِئو اُٿِئو ڪَنِ، هلو ڏوريُون[23] ڏُٿَ ڪي،
پاٽي پوٽَڙِيَنِ[24] ۾، ڪُونڌَرَ[25] سِرَ[26] ڪُلَهَنِ[27]،
ڏورا[28] ڏُورِ سُڄَنِ[29]، ويئي وِهامي[30] راتَڙِي.

### ١٦

وِئا وهائُو[31]، ڏوٿي ڏورا ڏُٿَ جا،

١. حال احوال، خبرون چارون، ٢. ناسمجهہ، بي عقل، نادان، ٣. عام ماڻهن، ۴. ظاهر، گُلر گُلا. ٥. تي. ٦. اهڙي، ٧. انهن وٽ. ٨. منهنجي، ٩. پرينءَ، محبوبَ. ١٠. ڪهاڻي، قصو، ١١. جهنگ يا جبل جي وڻن مان ميوا يا ڦلَ ء گاهَ مان اَنَ ڳوليندڙ، ڏٿ ڳوليندڙ، ڏوٿي، ١٢. خفي يا پريشان ٿين، غمگين ٿين، رنج ٿين، ١٣. ڏسئو. ١۴. پيٽ گذر لاءِ محنت ڪندڙ يعني ڪمي يا ڪاسبي، ڏوٿي، ١٩. غافل، سست. ١٦. پري، دور، ١٧. رڃن ۾ يعني رڻ پٽن يا بيابانن ۾، ١٨. ترسن، جاءِ گزين ٿين، ١٩. ڏوٽي، ڀڄي، تيز، ٢٠. قدم، پنڌ ڪرڻ مهل ٻن پيرن يا قدمن جي وچ وارو مفاصلو يا وٿي، ٢١. (تڪڙي يا تکي) ڪريو، ٢٢. هلڻ، ٢٣. ڳوليون، ٢۴. ڪلين، سانداريَن، مَشڪن، ٢٥. ڪجيءَ جي وڻ جي پَن يا پيشَ جي پن مان ٺهيل ٽوڪرا يا ڇبا (ڏٿ وجهڻ لاءِ)، (ٻي معنيٰ) ڪاٺ، جون انگريون (ڏکيون لٺيون) جن جي هڪ پڇڙي وريل هوندي آهي) جن سان وڻن جي ٽارين کي نمائي ميوو پٽبو آهي، ٢٦. تي. ٢٧. موندن، مٿن، ٻُٿن، ٢٨. ڏٿ ڳوليندڙ، ٢٩. ٻُڌجن، ٣٠. گذري، پوري يا ختم ٿي، ٣١. ونندڙ، حاصل ڪندڙ، خريدار، سوداگر.

Gul Hayat Institute

پَبَ[1] جا پُڇائُو[2]، مُئا[3] ڪاهُوڙِي[4] ماٺ[5] تِي.

## ١٧

رائُو[6] رِڄُ[7] رَهُون[8]، جِتي نَينهان[9] نِڪَٽِي[10]،
لَڳِئُو پِيرُ[11] لَڪَنِ[12] سين، ڇِڄِئُو[13] تِين ڇَهُون[14]،
تان ڪا سارَ[15] لَهُون[16]، هوتَ[17] ڪَمِيٽِيءَ[18] سُپِرِين.

## ١٨

ڏُونگَرُ[19] ڏُکارو[20]، ڏِنُمِ[21] ري ڏوتِين[22]،
پَهَٽَنِ[23] رُنُو پانَ ۾، سَڄو ڏِينهُن سارو،
گُجهو[24] تَنِ ڳارو[25]، ڇَپَرَ[26] هُو ڇَتُ[27] هُئا.

## ١٩

ڏُکارو ڏُونگَرُ، ڏِنُمِ ري ڏوتِين،
پَبَ اورِئُو[28] تي پانهِنجو، اُنهِين سين اَندَرُ[29]،
ڇُورو[30] تئُو ڇَپَرُ، پِيرو[31] ڪاهوڙِيَن پَڳو[32].

## ٢٠

ڪِ[33] ڪِي[34] ڪاهُوڙِي، ڇَپَرَ ۾ سَڏُ[35] تِئو،

---

١. هڪ جبل جيڪو لس ٻيلي ۾ هالار جبل جي ڏکڻ ۾ واقع آهي. ٢. ڀڄا ڪندڙ، ڀڄندڙ، گهورا، طالب. ٣. مري وئا، گذاري وئا. ۴. ذَت يعني جهنگلي يا جابلو وڻن جي ميون يا ڦلن ۽ گاهن جي ان جا ڳوليندڙ. ۵. خاموشي، سناٽو، چپ چاپ. ٦. جبل جي ريتي. ٧. رڻ پٽ. ٨. جبل. ٩. گرميءَ جي موسم. گرمي. ١٠. گهٽي. بي انداز. ١١. قدم، پير. ١٢. جبلن. ١٣. ذرا ٿئو. ڦتجئو. ١۴. ڇيهون. ذرا ذرا. ١۵. سنڀال، سُڌ. خبر. ١٦. اوهين منهنجي لهو يا معلوم ڪريو. ١٧. اي هوت، اي محبوبَ، اي پرين. اي سپرين. ١٨. ڪميٺيءَ جا، بدڪار يا ڪم ذات جا. ١٩. جبل. ٢٠. ڏکايل. ٢١. ڪان سواءِ. ٢٢. ذَت ڳوليندڙن. ٢٣. پٿرن. ٢۴. مخفي، لڪل. اندران اندر. ٢۵. غم. ڳڻتي. ٢٦. ڇپر جا. جبل جا. ٢٧. تاجُ يا ڪلنگي يعني مالڪ. ٢٨. ظاهر ڪيو. بيان ڪئو. ٢٩. ڳجهہ. راز. ٣٠. يتيم. بي واهو. لاوارث. ٣١. گهمرو. ملاقات. اچڻ وڃڻ. ٣٢. ختم ڪئو. ٣٣. شايد. ٣۴. ڪي ٿورا. ڪجهہ. ٣۵. آواز. هڪل. ڳالهہ.

اڳي تي سُئِي[1]، اُنهِين[2] سَندِي[3] ڳالهڙِي[4].

## ۲۱

ڏوري[5] ڏوري ڏيهَ[6]، مَاءَ[7] ڪَاهوڙِي[8] آيا،
مَيَنِ[9] پيرين[10] ڪيهَ[11]، نَہ[12] جاڻان ڪَنهِن[13] نارَجِي[14].

## ۲۲

مُون ڪاهوڙِي لَڪِئا[15]، گهَرين[16] نَہ گهارينِ[17]،
واحِدَ[18] لَڪِ[19] وِلُهَنِ[20] ۾، رويو جَرُ[21] هارينِ[22]،
گُونِدَرِ[23] گُذارِينِ[24]، جُهِ[25] ڏوتِي ڏُتُ گُڏُ تِئا#.

## ۲۳

مُون ڪِاهوڙِي لَڪِئا، وِيهِي[26] نَہ وِيرَمَ[27] ڪَنِ،
ڏِينهَن تَتِي[28] ۾ ڏونگَرِينِ[29]، ڪارَڻِ قُوتَ[30] ڪَهَنِ[31]،
جَهنگَلَ ۾ جُهَٽِڪَنِ[32]، جُهِ ڏوتِي ڏُتُ گُڏُ تِئا.

## ۲۴

مُون ڪاهوڙِي لَڪِئا، سُمَهَنِ ڪِينَ پِئِي،
سَمَرُ[33] ڪِئائُون سُجَ[34] جو، ڏوري ڏُتُ لَهِي[35]،

Gul Hayat Institute

---

۱. پِڌَڻ ۾ آئي، ۲. انهن، ۳. جي، ۴. ڪهاڻي، قصو، واڪاڻ، ساراهہ. ۵. ڳولي ڳولي، جهاڳي جهاڳي، ۶. مُلڪ، ولايتون، ۷. اي ما٠، اي امڙ. ۸. ڏت يعني جهنگلي يا جابلو وڻن مان ميوا يا ڦل ۽ گاهہ مان اَنُ ڳوليندڙ، ڏوٽي، ۹. مين جي، بهادرن جي، جُنگن جي، ڪامل درويشن يا بزرگن جي، ۱۰. پيرن تي، قدمن تي، ۱۱. دز، متي، ۱۲. مونکي ڄاڻ يا خبر نہ آهي، ۱۳. ڪهڙيءَ، ۱۴. واديءَ، ماتريءَ،ميدان، پوئي، ۱۵. سهي ڪئا، سڃاتا، ڏٺا، پروڙيا، ۱٦. گهرن ۾، ۱۷. گذارين، رهن، ۱۸. هڪڙي يعني خدا، ۱۹. ڪارڻ، واسطي، لاءِ، ۲۰. سخت سرديءَ ۾ ڪليل ميدان تي، ۲۱. پاڻي، اکين جا لڙڪ يا ڳوڙها. ۲۲. وَهائين، ڳاڙين، ۲۳. گوندرَ ۾، غم ۾، ۲۴. حياتيءَ جا ڏينهن ڪاٽين يا گهارين، ۲۵. جڏهين ڪان، جيئن تہ #ڏوٽين کي ڏت هٿ آيو يا ڏوٽين ڏت لڌو يعني ڏوٽين جو مقصد پورو ٿئو، ۲٦. ترسي، رُڪجي، ۲۷. دير، ڪِهَلَ، ۲۸. تتل، گرم، ۲۹. ڏونگرن ۾، جبلن ۾، ۳۰. رزق، روزي، گذران، آذقي، ۳۱. هلن، ڦرن، پنڌ ڪن، ۳۲. ڪٺڪن، تنوارين، ۳۳. توشو، آذقو، توڻ، ۳۴. رڻ پٽ، بيابان (قبر ڏانهن اشارو)، ۳۵. حاصل ڪئو.

وِئا تِت وَهِي، جِت نِهايَتَ ناهِ ڪا.

## ٢٥

ڪاهوڙِيَنِ ڪَٽي، سَاجُهِر بَڌا سَنڌرا،
ڏورِيندي ۾ ڏُونگرين، ڪِئائُون پاڻُ پَٽِي،
ڏُکَنِ ڏِيلُ هَٽِي، چِيهُہ لَڌائُون چِپرين.

## ٢٦

ڪَٽَنِ نَہ ڪَرڪاڻَ، پَنڌ پَراهين هَلِئا،
ڏوٽِيَڙا ڪَنهِن ڏُٿَ ڪَي، جُنبِئا ڏُونهُن جابانَ،
ڪاهوڙِيَنِ اُهِجاڻَ، اَنگِ نَہ سَڄي اَڳِڙي.

## ٢٧

ڪَرڪَٽا لاهي، سُکَ نَہ سُتا ڪَڏهِين،
اوسِيڙو آهي، ڪاهوڙِيَنِ اَنهِيءَ پَنڌَ جو.

## ٢٨

پيرِين پُراٽا ڪيٽِڙا، سُڪا مُنهَن سَنڌَنِ،
سا جُوءِ ڏوري آيا، سُونهان جِت مُنجهَنِ،

Gul Hayat Institute

---

١. هَلي، ٢. ڇيهہ، انت، انتها، پڇاڙي، ٣. ڏَٽ يعني جهنگلي ۽ جابلو وڻن مان ميوا يا ڦل ۽ گاهن مان اَنُ ڳوليندڙن، ڏوٽين، ٤. سويل ئي، ٥. واحد سندرو = چيلهہ کي ٻڌڻ لاءِ ڪپڙو (ٻڌا سندرا = ڏَٽ ميڙڻ لاءِ تيار ٿئا)، ٦. ڳوليندي، ڍونڍيندي، ڏَٽ ميڙيندي، ٧. ڏونگرن، جبلن، ٨. پنهنجو جسم يا بدن، ٩. مٽي يا خاڪ يعني فنا، ١٠. ڏکن ۾، تڪليفن ۾، ١١. بدن، جسم، ١٢. وجهي، ١٣. ڏٺائون، ١٤. چپرن جو، جبلن جو، ١٥. سواريءَ جا وهٽ جهڙوڪ اٺ يا گهوڙا، ١٦. پنڌ تي، سفر تي، مسافريءَ تي، ١٧. ڏوراهين، ١٨. ڪنهن خاص، ١٩. لاءِ، ٢٠. چُريا، هلئا، ٢١. ڏانهن، ٢٢. گهٽي ڏَٽ واري جاءِ، ٢٣. ڪاهوڙين جا، ٢٤. پار پتا، نشانيون، سڃاڻپ، ٢٥. انگ تي، بدن تي، ٢٦. سالم، ثابت، ٢٧. ڪپڙو، ٢٨. پيشَ، ڪَجيءَ جي پنن ۽ نوڙين مان ٺهيل جُتيون جيڪي جبل جا رهاڪو پائيندا آهن، ڪيٽرا، ٢٩. سک سان، آرامَ سان، بي فڪر ٿي، ٣٠. اُون، اُڌو، فڪر، ڳڻتي، ٣١. ڪاهوڙين کي، ٣٢. پيرين پراٽا ڪيٽرا = پيرن ۾ پراٽيون جتيون، ٣٣. خشڪ يا ٺوٺ ٿئا، آلاڻ ڇڏي وئا، ٣٤. واحد مُنهَن = ڪنهن ٿانءَ ياظرف جي اها جاءِ جتان ان ۾ ڪا شيءِ اندر وجهجي يا ٻاهر ڪڍجي، ٣٥. سنڌن جا، ساندارن يا مشڪن جا، ٣٦. جاءِ، ملڪ، ٣٧. ڍونڍي، جهاڳي، ڳولي، ٣٨. واقف، ڄاڻو، ٣٩. ٻتال ٿين.

گُجهان[1] گُجهيُون[2] کَنِ، تِهان[3] پَراهين[4] پَنڌَ[5] جُون.

## ٢٩

سُڪا[6] سَنڌَ[7] ڪَچُنِ[8] ۾، ڪَرڪَٽا[9] پيرين[10]،
تِمَندي[11] نيٽين[12]، آن[13] ڪي ڪاهوڙِي[14] گڏِئا[15].

## وائي

وَسائِيندڙِي مِينهَن، *مان نَہ[16] مِلان[17] ڪي سَجَڻين[18]،
آئُون مِڙَندي[19] پِرِينءَ ڪي، راتِيُون ڏوري ڏِينهَن●،
اَڪِيُن آگَمَ[20] لائِيا، ڪَرَ[21] مُدائِتا[22] مِينهَن،
مُون ڪي پِرِيَنِ[23] مِيڙِين[24]، روجهڙِي[25] مِيڙِين مِينهَن،
مَادَرِ موتِي نَہ وِهان، مُون[26] پِريان سين نِينهُن[27].

Gul Hayat Institute

---

١. لِڪ ۾، مخفيءَ طرح. ٢. تجويزون، رٿون، سِٽون. ٣. تنهن کان. ۴. ڏوراهين. ۵. سفر. ٦. سڪل، خشڪ، ٺوٺ. آلاڻ کان خالي. ٧. ساندارا، مشڪون، پخالون. ٨. بغلن، ڪلهن. ٩. پيشَ يا ڪجيءَ جي پنن ۾ نوڙين مان ٺهيل جتيون، ڪيٽرا. ١٠. پيرن ۾. ١١. ڳوڙها يا لڙڪ وهائيندي. ١٢. نيڻن مان، اکين مان. ١٣. آن ڪي، اوهان ڪي. ١۴. ڏٿ يعني جهنگلي يا جابلو وڻن مان ميوا يا ٿلءِ ڳاهَہ مان اَنُ. ڳوليندڙ، ڏوٽي. ١۵. ملئا * مينهن يا برسات وانگر اکين مان ڳوڙها يا هنجون وهائيندي. ١٦. مان نہ = شال، خدا ڪري. ١٧. گڏجان. ١٨. محبوبن، دوستن، پرين. ١٩. ملندي. ● گذبي راتين توڙي ڏينهن جو ڳولي. ٢٠. جهڙَ يا ڪڪرَ يعني ڳوڙها. ٢١. ڄڻ. ٢٢. مند وارا، موسم، وارا. ٢٣. پِريَنِ سان. ٢۴. تون ميڙيا ملاءِ. ٢۵. جابلو ڳِئونءُ يا ڳانءِ، ڳِئونءُ جي شڪل واري ڦاڙهي. ٢٦. منهنجو. ٢٧. عشق، پيار، محبت.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر ڪاهوڙِي

## داستان پهريون

١

پِئو جَنِ[1] پَرو[2]، گَنجي[3] ڏُونگَر[4] گامَ[5] جو،
چَڏي ڪيٽُ[6] ڪَرو[7]، لوچِي[8] لاهُوتِي[9] ٿِئا.

٢

پيئِي جَنِ پَرڪَ[10]، گَنجي ڏُونگَرَ گامَ جي،
واري[11] سَجي وَرَقَ[12]، لوچِي لاهُوتِي ٿِئا.

٣

پيئِي جَنِ پَرُوڙَ، گَنجي ڏُونگَرَ گامَ جِي،
چَڏي سَي ضَرُورَ[13]، لوچِي لاهُوتِي ٿِئا.

٤

Gul Hayat Institute

پيئِي جَنِ[14] پَٽِي[15]، گَنجي ڏُونگَرَ گامَ جِي،
چَڏي نِندَ[16] گَهَٽِي، لوچِي لاهُوتِي ٿِئا.

---

١. جن کي. ٢. سُڌِ، سماءُ، خبر، پتو. ٣. سنڌ ۾ حيدرآباد شهر جي ڀرسان هڪ جبل يا ٽڪر جو نالو. ۴. جبل. ۵. ڳوٺ، مُلڪ. ٦. ٻَني ٻارو. اهو زمين جو ٽڪر جنهن ۾ ٻوڪ ڪجي. ٧. زميندار ۽ هاريءَ جي وچ ۾ ٻنيءَ يا ورهاست ڪرڻ تائين ٻنيءَ ۾ فصل جي پيدائش رکڻ جي جاءِ يا ديرو. ٨. لوچيندڙَ، ڏَٽ يعني جهنگلي يا جابلو وڻن مان ميوا قلّ ۽ ڳاهن مان اَنُ ڳوليندڙ. ڏوٽي. ڪاهوڙي. ٩. لوڪ تياڳي، تارڪ الدنيا، عبادت ۾ محو يا غلطان. لاهوت لامڪان يعني عالم ذات اِلاهيءَ جي خبر رکندڙ درويش. ١٠. ڄاڻ، سُڌ، پروڙ. ١١. ورائي، اٿلائي، بند ڪري. ١٢. (ڪتاب جا) صفحا يا پنا (ورق وارڻ = دنياوي ڏَنڌا ڌاڙي ترڪ ڪرڻ). ١٣. دنياوي ڪم ڪاريون. ١۴. جن تي. ١۵. مٽي، دز، خاڪ. ١٦. سُستي، غفلت.

**٥**

جَـنِـي[1] پـيــئـِـي بُـوءِ[2]، گـنـجـي[3] ڏُونـگـَـرَ[4] گـَامَ[5] جِـي،
ڏوري سـَـائِـي جُـوءِ[6]، لـوچِـي[7] لاهُـوتِـي[8] ٿِـئَـا.

**٦**

جَـنِـي پـيــئـِـي بَـاسَ، گـنـجـي ڏُونـگـَرَ گـَامَ جِـي،
چَـڏِي سـي لِـبَـاسَ[9]، لـوچِـي لاهُـوتِـي ٿِـئَـا.

**٧**

پـيــئـِـي جَـنِـي سُـڌِ[10]، گـنـجـي ڏُونـگـَرَ گـَامَ جِـي،
چَـڏِي ٻِـي سَـيِ ٻُـڌِ[11]، لـوچِـي لاهُـوتِـي ٿِـئَـا.

**٨**

گـنـجـي ڏُونـگـَرَ گـَامَ ۾، جـي پـيـهِـي[12] وِيَـا ڏِيـنـهَـنِ[13]،
سـيـئـي وَسَـائِـي مِـيـنـهَـنِ[14]، لـوچِـي لاَهُـوتِـي ٿِـئَـا.

**٩**

پـيـهِـي جَـنِ پَـرُوڙِيـو[15]، گـنـجهـو ڏُونـگـَرُ گـَامُ،
سـي ڪَـرِي تَـنُ[16] تَـمَـامُ[17]، لـوچِـي لاهُـوتِـي ٿِـئَـا.

Gul Hayat Institute

---

١. جني کي، ٢. هَٻڪاءُ، ڇَٽَ، واسَ، باسَ، خوشبوءِ، ٿوري خبر، ٣. سنڌ ۾ حيدرآباد شهر جي پرسان هڪ جبل يا ٽڪر جو نالو، ۴. جبل، ۵. ڳوٺ، ملڪ، ٦. منزل، ملڪ، ڳوٺ، ٧. لوچيندڙ، ڏٽ يعني جهنگ ۽ جبل جي وڻن مان ميوا يا ڦلَ ۽ گاهن مان اَنُ ڳوليندڙ، ڏوٽي، ڪاهوڙي، ٨. لوڪ تياڳي، تارڪ الدنيا، عبادت ۾ محو يا غلطان، لاهوت لامڪان يعني عالم ذات اِلاهيءَ جي معرفت رکندڙ درويش، ٩. (دنياوي) ويس وڳا، پوشاڪون، ١٠. خبر، ڄاڻ، ١١. عقل، هوش، ڏاهپ، ١٢. گِهڙي يا داخل ٿي، ١٣. ڏينهن جو صبح يا فجر جو، ١۴. برساتون، ١۵. سهي ڪئو، سڃاتو، معلوم ڪئو، ١٦. جسم، سرير، نفس، ١٧. ختم، فنا، نابود.

### ١٠

پيهي ڇپر[١] پَسُ[٢]، گنجي ڏُونگر گام جو،
توکي ڏيندا ڏَسُ[٣]، ڏوٿي[٤] آهين ڏيهه[٥] ۾.

### ١١

ڪهڙو اٿئي ڪامُ[٦]، گنجي ڏُونگر گام ۾،
پَسي تنهن پهاڻَ[٧] کي، اچي نہ آرامُ[٨]،
متان ڏُونگر ڏوربين، اُجهين[٩] ڪُهہ[١٠] عوامُ[١١]،
حَرا[١٢] ڪر[١٣] حرامُ[١٤]، ڪاءِ[١٥] تہ ڪاهوڙي[١٦] ٿيين.

### ١٢

پير[١٧] پروڙي[١٨] پاءِ[١٩]، گنجي ۾ گُن[٢٠] گهڻا،
ڪاهوڙي ڪرا[٢١] وِئا، نڪا اوڏي[٢٢] ماءِ[٢٣]،
جني ڏني جاءِ، تني موٽڻ[٢٤] ميهڻو[٢٥].

### ١٣

ڏُونگر ٻن ڏسجن، اڳي رٻُون[٢٦] اُڻ جُون[٢٧]،
ڏوٿيڙا ڏٿ[٢٨] ڪي، آراڙ[٢٩] اچن.

Gul Hayat Institute

---

١. جبل. ٢. ڏس. ٣. پتو، خبر، سڌ، ڄاڻ. ۴. ڏٿَ يعني جهنگ يا جبل جي وڻن مان ميوا يا ڦلَ يا گاهن مان اَنَ ڳوليندڙ. ڪاهوڙي. ۵. ملڪَ، جُوءِ. ٦. ڪم. ٧. پهاڙ، پٿرَ، جبل. ٨. سُکَ، فرحت (اچي نہ آرام=توکي آرام نٿو اچي). ٩. رُلين، ڀٽڪين، ڀڃين، معلوم ڪرين. ١٠. ڄو. ١١. عام ماڻهو، عام خلق. ١٢. حرارَت، ڪاوڙ، غصو، غضب (گنج ۾ "هارئا" لکيل آهي). ١٣. سمجهہ، ڀانءِ. ١۴. ناجائز، ناروا، غلط، غليظ. ١۵. ڇٽ ڪر، نابود يا ناسُ ڪر، ساڙي ختم ڪر. ١٦. ڏٿَ يعني جهنگلي يا جابلو وڻن مان ميوا يا ڦلَ يا گاهن مان اَنَ ڳوليندڙ يا ميڙيندڙ. ڏوٿي. ١٧. قدم، وک. ١٨. سوچي سمجهي، ڌيان ڪري. ١٩. ڪڻ، وجهہ. ٢٠. ڳڻَ، ڳڻ، خوبيون، چڱايون، حرفتون. ٢١. پڪا، پختا، صحيح سلامت. ٢٢. ويجهي، نزديڪ. ٢٣. آبادي، وَسُتَن. ٢۴. ورڻ، واپس ٿيڻ. ٢۵. طعنو، عيب. ٢٦. ڏونگرن ۾. ٢٧. واحد رڻي = وهٽن، جانورن يا ماڻهن جي زمين تي هلڻ ڪري اٿاريل غبارَ يا ڌوڙ. ٢٨. لاءِ. ٢٩. آراڙ ڏي، جهنگ يا برپٽ ڏي.

خِيما[1] ڪاھوڙِيَنِ،[2] اَڄُ نَہ اُنِهِين[3] پيٽِيِن[4].

١۴

ڏُونگَرُ[5] نَہ ڏوٽِي، ڏُونگَرُ سُڄو[6] ڏوٽِيَنِ ري،[7]
پُڇان[8] پَروِ[9] تِي، ڪِ ڏوٽِي ڏُٽَ[10][11] اَچِٽان[12].

(١۵)

ڏُونگَرَ مِ ڏِياٽُ،[13] صُبُوحِ[14] بَرِئو سُڄَ[15] مِ،
ڪاھوڙِيَنِ ڪاٽُ،[16] هَنيو گَهَرَ مِ حَقَ جي[17].

(١٦)

ڏُونگَرَ[18] ڏِيئَتِيُون،[19] صُبُوحِ بَرِبُون سُڄَ مِ،
وَسائِي[20] وَرِي[21] آيا، سَندِيُون[22] پَٻَ[23] پَتِيُون،[24]
جي گُهَمِنِ حَقَ[25] گَهَتِيُون،[26] تَنِ ڏِسِڻُ تِئو ڏوٽِيِن[27].

١٧

سَڪَئا[28] شينهَن گُهَمَنِ،[29] جِتي پيرُ نَہ پَڪَٽِين،[30]
تِتي ڪاھوڙِيَنِ، وَرَ[31] ڏِيئِي وَٺَ چُوندِيا[32].

Gul Hayat Institute

١. ڪپڙي جا نهيل گهر، تنبو، شاميانا. ٢. ڪاهوڙين جا. ڏٽ يعني جهنگلي يا جابلو وڻن مان ميوا يا ڦل ۽ گاهن مان ان ڳوليندڙن يا ميڙيندڙن جا. ٣. انهن. ۴. پيٽين تي، جاين تي، ماڳن تي. ۵. جبل. ٦. ويران، خالي. ٧. سواءِ. ٨. معلوم ڪريان، دريافت ڪريان. ٩. پتو، خبر، سڌ. ١٠. تہ ڇا. ١١. ڏٽ لاءِ. ڏٽ واسطي. ١٢. اچڻ وارا آهن. ١٣. ڏيئو، چراغ، مشعال، بتي. ١۴. صبوح جي وقت، فجر مهل. ١۵. رڻ پٽ، بيابان، جهنگ. ١٦. (چورن جو) گهر جي ڀت يا ڇت ۾ ڪيل سوراخ يا ٽنگ (هنيو = ڪجهہ پرايو). ١٧. خُدا. ١٨. ڏونگر ۾. ١٩. ننديا ننديا ڏيئا. ٢٠. آباد ڪري، رهائش پذير ٿي. ٢١. موٽي، واپس. ٢٢. جون. ٢٣. لس ٻيلي ۾ هالار جبلن جي ڏاڪڻيءَ قطار واري جبل جو نالو. ٢۴. ميدان. ٢۵. حق جون، سچ جون. ٢٦. واٽون، گليون، ڳليون، رستا، گس. ٢٧. ڏوٽين يا ڪاهوڙين ڪي. ٢٨. ڊنا، خوف زدہ ٿئا. ٢٩. هلن، ڦرن. ٣٠. پکين جو. ٣١. ڦيرا، ڀيرا. ٣٢. وڻ چونڊيا = وڻن مان ڏٽ چونڊيو يا ميڙيو.

## ۱۸

جِتِ نہ پکيان[1] پيرُ، تِتي تَمَڪي[2] باھَڙِي[3]،
ٻِئو ٻارِبندو ڪيرُ، ڪاھوڙَڪِيءَ[4] ڪير[5] رَي[6].

## ۱۹

ڪاھوڙِي ڪَرا[7]، سُوڌِي[8] خَبَرَ[9] پَکَٽين[10]،
سوجھِي[11] جَنِ ڪِئا، مَتي اَنگھُنِ[12] آھيرا[13].

### وائي

آئُون جيھائي[14] ذات[15] تُون وو پاڻُ سُجاڻج[16] ميان[17] سُپرين[18]،
ٻانھِي[19] ڪونين[20] ٻاجھہ[21] سين، تان ڪَرَ[22] لَذِيمِ[23] ذاتِ[24]،
اوٻُون[25] آرِباٽيءَ[26] جُون، پِرِيان سَچِيائي راتِ،
تان ڪِي[27] ڏُونگر[28] ڏورِيان[29]، جان[30] نہ وِھامي[31] راتِ.

Gul Hayat Institute

۱. پکين جو (پکيان پير = پکين جي پيرن جو نشان). ۲. ٻري، چمڪي، تجلا ڏي. ۳. باھہ، آڳ. ۴. ڪاھوڙين جي. ڏٽ يعني جهنگلي يا جابلو وڻن مان ميوا يا ڦلن ۽ گاهن مان اَنُ ڳوليندڙن يا ميڙيندڙن جي. ڏوٿين جي. ۵. جماعت، ٽوليءَ. ٦. ڪان سواءِ. ۷. سچا، ڀلا، نيڪ. ۸. صحيح، ٺيڪ، پوري. ۹. پروڙ، سڌ. ۱۰. پکين کي. ۱۱. ڳولي، سوچي، سمجهي. ۱۲. انگهن تي. (واحد انگهہ = ڪنهن سڪل ڪاني، يا وڻ جي ڏار يا ٽاريءَ جي ٻاهر نڪتل نوڪدار ۽ وريل ڪُتِ هتي انگهن مان مراد آهي وڻ يا وٽن يا ڏار). ۱۳. آڪيرا (عارضي گهر يا آستان). ۱۴. جهڙيءَ ٻہ، هلڪي، خسيس. ۱۵. ذات جي. قبيلي يا قوم يا خاندان جي. ۱٦. پاڻ سجاڻج = پنهنجي خود جي شان يا عزت ڏي ڏسج. ۱۷. اي ميان، اي سردار. ۱۸. پرين، محبوب. ۱۹. نوڪرياڻي، گولي. ۲۰. سڏين، پڪارين، آواز ڏين. ۲۱. رحم، مهربانيءَ، احسان. ۲۲. چڻ. ۲۳. مون لڌي، مون کي ملي، مون پرائي يا حاصل ڪئي. ۲۴. خدا جي طرفان مليل غير معمولي طاقت، خدائي عطيو يا عنايت. ۲۵. ٻخالون، مشڪون. ۲٦. سردار، محبوب. ۲۷. تيستائين. ۲۸. جبل. ۲۹. ووڙيان،جهاڳيان، ڳوليان. ۳۰. جيستائين. ۳۱. ختم ٿئي، پوري ٿئي.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

# سُر ڪَاهوڙِي

## داستان ٽئو

### ١

ڏوري[1] ڏِسي[2] ڏُونگرين[3]، واٽَ[4] وِڄائِي[5] جَنِ،
اُوءِ[6] بَصير[7] بَرَنِ[8] ۾، اَنڌا[9] ٿئو اُپِين[10]،
ڪَنَنِ[11] آڏِيُون[12] تازِيُون[13]، گُنگَنِ[14] جِيئَن[15] گهُمَنِ[16]،
فِراقِي[17] فَرمانَ[18] جو، آهي بَرُ[19] بوڙَنِ[20]،
لَنگهان[21] ٿِئو لاهُوتَ[22] کي[23]، سُتا پِئا[24] سِڪَنِ[25]،
ڪَپِتِ[26] ڪاهوڙِينِ[27]، آهَہ[28] اُتي[29] پِي[30] نَہ لَهي[31].

### ٢

اَچِي پِئا آتَ[32] ۾، واٽَ وِڄائي جَنِ،
ڪُرَندا[33] ڪي[34] پَرُوڙِئو[35]، رَند[36] نَہ سي رڙهَنِ[37]،
بيٺِي دارَ[38] ديُون[39] ڪئو، پِيرَتِ[40] تان نَہ پَڇنِ،
ڏُوڙِ[41] پِريان[42] لَئي[43] ڏارَ[44] ٿئو، وِڇارا وِجَهنِ،

---

١. ڳولي، ووڙي، جهاڳي، ٢. نهاري، جاچي، ٣. ڏونگرن ۾، جبلن ۾، ۴. رستو، گس، راهہ. ۵. ڇڏي، ترڪ ڪئي، ٦. اهي، ٧. ڏسندڙ، اکين وارا، ٨. رڻ پٽن، بيابانن، جهنگلن، جبلن، ٩. نابين، اکين سان نہ ڏسي سگهندڙ، ڪور. ١٠. بيهن (بتال ٿي يا مُنجهي). ١١. واحد ڪَنُ = ٻڌڻ يا سٹڻ جو عضوو، گوش. ١٢. اڳيان، تي، ١٣. پردا، ١۴. گونگن، ڳالهائي نہ سگهندڙن، بي زبانن. ١۵. وانگر، ١٦. پٽکن، اُجهن، ١٧. فراق جي، وڇوڙي يا جدائيءَ جي، ١٨. امر، حڪم، ١٩. آسرو، ڏڍ، ڀروسو، ٽيڪ. ٢٠. ٻوڙن کي، گهٻرن کي، ڏپرن کي، ڇتو نہ ٻڌندڙن کي، ٢١. لنگهہ ڪان يا رستي يا واٽ ڪان (پاسي)، ٢٢. عالم ذات الاهي، جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿيندو آهي. صوفين جي طريقي يعني سلوڪ جي چوٿين منزل، اُلوهيت، خدائي، وحدانيت، ٢٣. لاءِ، ٢۴. سٽل، ننڊ ۾ پيل، غافل، ٢۵. اسڙڪن، واجهائين، ٢٦. ڳاراٽو، جهوري، فڪر، ڳڻتي، ٢٧. ڪاهوڙين کي، ڏٽ يعني جهنگلي يا جابلو وڻن مان ميوا يا ڦلَ ءِ گاهن مان اَنُ ڳوليندڙن يا ميڙيندڙن کي، ٢٨. افسوس، ٢٩. جاڳندي، ٣٠. سمهندي، ٣١. ڇڏي، ٣٢. ڪوات، ڪپيريءَ، بي راهيءَ، ٣٣. خراب رند مان يا گس مان، اوجهڙ مان، ڪوات مان، ٣۴. ڪجهيو. ٣۵. سمجهہ، پرايو، معلوم ڪئو، ٣٦. رند تي، (سَنئينءَ) واٽ تي، ٣٧. هلن، ٣٨. گهر، جهانَ، دنيائون، ٣٩. ذرا ذرا يا ترڪ ڪئو، ماٽ ڪئو، ۴٠. پيچرو، رسم، ۴١- مٽي، خاڪ، ۴٢. محبوب، ۴٣. واسطي، ۴۴. جدا، اڪيلا، نويڪلا، تنها، تارڪ الدنيا.

خَبَرَ[1] ڪاهوڙِيَنِ[2]، آهي لِڪَ[3] لاهُوتَ[4] جِي.

٣

ويجهو وَجُ مَ واتَ[5] ڪي، ڪَهِجِ[6] ڏونهُنَ[7] ڪُواتَ[8]،
اُجِهِي[9] مَنجَهان آتَ، اَوِيسِي[10] تِي آءُ تُون.

۴

ڪُپِيرِئان[11] پَري تِئا، اَبُذِي[12] بُذائُون،
اُنِهِين ڪي آئُون، هِيرَ[13] ڏِسِي آيو.

۵

ڪُپِيرِيءَ ۾ پِيرُ[14]، ڪَنِي پاتو[15] پِيرِيِن[16]،
جِئان[17] مُنجَهڻ[18] ماٺُهِين[19]، سَجَڻَ[20] تِئائِين[21] سِيرُ[22]،
اِنَ پُونءِ[23] سَندو[24] پِيرُ[25]، ڪوڙِين[26] مَنجَهان ڪو[27] لَهِي[28].

٦

سُونهَپِ[29] ۾ سَپَ[30] گهَڻا، مُنجَهڻ[31] ماکِي[32] هوءِ[33]،
پَرو[34] نَنهِين[35] پوءِ[36]، جو اُجِهِي[37] پَئِي[38] اُنَ تان[39].

Gul Hayat Institute

---

١. سڌ، پروڙ، چاڻ. ٢. ڪاهوڙين ڪي، ڏٿ يعني جهنگلي يا جابلو وڻن مان ميوا يا ڦل ۽ گاهن مان ان ڳوليندڙن يا ميڙيندڙن ڪي. ٣. ٽوري، ڏري، ڪي قدر. ۴. عالم ذات الاهي جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿيندو آهي، صوفي طريقي يعني سلوڪ جي چوٿين منزل. ۵. (سنئين يا سڌي) رستي. ٦. هلج. ٧. ڏانهن. ٨. بي راهي، ڪپيري، اوجهڙ، غلط رستي، آتَ. ٩. گهمي، ڦري، رُلي. ١٠. خدا کان سڌيءَ طرح بنان ڪنهن مرشد يا وسيلي جي هدايت حاصل ڪندڙ فقير. ١١. ڪپيريءَ کان، اوجهڙ کان. ١٢. اڻ ٻڌل يا اڻ سڻي يعني جيڪا ٻڌڻ ۾ نہ اچي سگهي (الاهي آواز). ١٣. هينئر، هاڻ. ١۴. قدم، وِکَ. ١۵. وڌو. ١٦. پير تي هلندڙن، راهہ يا رستي جي ڄاڻن يا سالڪن. ١٧. جتي. ١٨. بتال ٿيڻ. ١٩. ماڻهن جو. ٢٠. سجڻ جو، محبوب جو. ٢١. تتي. ٢٢. مڪان، رستو. ٢٣. ڌرتيءَ، زمين، ملڪ، ديس. ٢۴. جو. ٢۵. انت، وڪڙ، راز. ٢٦. ڪروڙن يا اکيچار (ماڻهن). ٢٧. هڪڙو. ٢٨. سمجهي، پروڙي. ٢٩. ڄاڻ، ڄاڻپ، ڏاهپ. ٣٠. نانگ بلائون يعني آفتون يا مصيبتون. ٣١. گمراهي، اڻ ڄاڻائي، يورائي. ٣٢. شهد يا انگبين (تمام لذيذ، مٺي ۽ مزيدار). ٣٣. آهي. ٣۴. پتو، ڄاڻ، سڌ. ٣۵. تنهن کان. ٣٦. پوي. ٣٧. ٿابڙجي، ڦلجي، غلطي ڪري. ٣٨. پوي. ٣٩. مٿان.

۷

وَرُ[۱] سَا ڪَارِيُ[۲] رات، جَنُهِن ۾ راهَہ[۳] گُمُ[۴] ٿِئي،
هِيُءَ[۵] پَٽِ وَجي وِسَرِي[۶]، نَڪَا هُنَ[۷] جِي تَاتِ[۸].

۸

ڪَارِي رات اَڇو[۹] ڏِينهُن[۱۰]، اِيءَ[۱۱] صِفَتَا[۱۲] نُورُ[۱۳]،
جِتي پِرِينءَ[۱۴] حُضُورُ[۱۵]، تِتي رَنگُ[۱۶] نَہ رُوپُ هو.

۹

جَهنگلِ[۱۷] هَلِئَا سي نَہ پُلِئَا[۱۸]، راهَہ[۱۹] هَلِئَا ڦُرجَنِ[۲۰]،
اَوجَهڙِ[۲۱] سي نَہ پَونِ، پِيئِي جَنِي جَڏِيونِ*.

۱۰

جَهنگُ ڪَامِي[۲۲] پَٽُ[۲۳] ٿِئو، وِيئِي[۲۴] چورانِ[۲۵] لَڪَ[۲۶]،
سِيڪِڙُو[۲۷] ءِ سِڪَ[۲۸]، پِيئِي گَڏِيَا[۲۹] پَاڻَ ۾.

۱۱

نَہ ڪُتَا نَہ ڪُوڪَارَ[۳۰]، نَہ سي سَڏَ شِڪَارِينِ،
پِٽِئو[۳۱] ڪَٽِي[۳۲] پَارَ[۳۳]، جَهنگلُ آهِيڙِينِ[۳۴] ڪِي[۳۵].

---

۱. بهتر، ڀلي، چڱي. ۲. اونداهي. ۳. گس، واٽ. ۴. گم ٿئي = ڏسڻ ۾ نہ اچي. ۵. دُنيا ڏانهن اشارو. ۶. دل تان لهي يا ڀلجي. ۷. آخرت ڏانهن اشارو. ۸. يادگيري. ۹. چٽو، روشن. ۱۰. گنج ۾ نور لڪيل آهي. ۱۱. انهيءَ. ۱۲. صفت يا گڻ يا خاصيت سان. ۱۳. روشني يا سوجهرو (اڪين جو). ۱۴. پرينءَ جو، محبوب جو. ۱۵. موجودگي، روبرائي، دربار. ۱۶. ورڻ، روپ، صورت، شڪل (رنگ نہ روپ = نڪا رات نڪو ڏينهن). ۱۷. جهنگل ڏانهن، وڻن ٽڻن واريءَ جاءِ ڏانهن، اوجهڙ ڏانهن، خراب رستي ڏانهن. ۱۸. ڀٽال ٿيا، مُنجهيا. ۱۹. (سنئين ءِ سڌي) راهہ يا رستي سان. ۲۰. لٽجن، تڪليف ۾ پون. ۲۱. اوجهڙ ۾، خراب رستي يعني گمراهيءَ ۾ * ٻنهي جهانن کي يعني دنيا ءِ آخرت کي ڇڏيو يا ترڪ ڪئو ءِ صرف خدا جي وصال جي تمنا ڪئي. ۲۲. سڙي، جلي. ۲۳. ميدان. ۲۴. ختم ٿي. ۲۵. چورن جي، ڦورن يا لٽيرن جي. ۲۶. لڪڻ يا ڇپڻ جي جاءِ. ۲۷. سڪايل، عاشق. ۲۸. محبت، پيار. ۲۹. مليا. ۳۰. شڪارين يعني جانورن کي ڦاسائيندڙ يا ماريندڙ ماڻهن جا ڪتن کي سڏ يا آواز يا دانهون. ۳۱. رويو، روڄ ڪئو. ۳۲. ڪڍي، چوي. ۳۳. اوسارا. ۳۴. شڪارين. ۳۵. لاءِ.

## ١٢

جَهنگلُ[١] آهيِ[٢] ٽِڙيَن کي، يَنَڙُ[٣] ڪِئو رُوندو،
”نَہ ڪُتا نَہ ڪوڙڪِيُون[٤]“ ، چَرِئو[٥] ٿو[٦] چُوندو[٧]،
هَڏهِيِن[٨] نَہ هُوندو[٩]، اُنهَان[١٠] پوءِ عَالَمَ[١١] ۾.

## ١٣

جَهنگلُ آهيِ ٽِڙيَن کي، يَنَڙُ ڪِئو روءِ[١٢]،
”نَہ ڪُتا نَہ ڪوڙڪِيُون“ ، چَرِئو اُيو[١٣] چوءِ[١٤]،
هَاٽي هِنِهَان[١٥] پوءِ، لَڳِي[١٦] لُونو[١٧] نَہ ٿِئَان.

## ١٤

ڪُتي سُئِي[١٨] ڪُوڪَارَ[١٩]، سُتي[٢٠] شڪَارِيَن جي،
وِيچَارو[٢١] وَسِ[٢٢] نَہ پَانهِنجي، حِيلَن[٢٣] ڪَري هَزارَ[٢٤]،
ڏِٺي[٢٥] ڪَرِ مَ ڏارَ[٢٦]، هِنَ لاڪِيٽِيءَ[٢٧] لُوڏِ[٢٨] ڪَان.

## ١٥

ڪو ڪَهِين جو، جي ڪُتو ڪونَائي[٢٩]،
وَڙو[٣٠] جي بي وَڙو[٣١]، اُنَهَن جو آهي،

Gul Hayat Institute

١. وٽن ٽٺن واري جاءِ، بنُ، بيابانَ، رڻ پٽُ. ٢. شڪارين، جانورن ۽ پکين کي ڦاسائيندڙن. ٣. پٽڪو، ماتام، واويلا. ٤. دامَ، ڦندا، ڦاها. ٥. پاڳل، ديوانو، مستانو. ٦. ٿيو. ٧. چوندو. ٨. هرگز، بنهہ. ٩. موجود يا زندهہ رهندو. ١٠. اُن (شڪارين) کان. ١١. جهان، دنيا، سنسار. ١٢. روئي. ١٣. پٿو. ١٤. چوي. ١٥. هُن (شڪارين) کان. ١٦. ڦٽي، مور جي، ٻور جهلي، انگور جي. ١٧. لوئيو. بي لڄو، ذليل. ١٨. ٻڌي. ١٩. شڪارين جو (ڪتي کي) سڏ. ٢٠. ننڊ جي حالت ۾. ٢١. غريب، مسڪين، بي واهو. ٢٢. وس ۾، اختيار ۾. ٢٣. حيلن جو، ڪوشش جو. ٢٤. گهڻو تعداد. ٢٥. اي ڏٺي، اي مالڪ، اي خدا. ٢٦. جدا، پري. ٢٧. سهٽيءَ، موچاريءَ. ٢٨. (ڪتن جي) ٽوليءَ، ڏنَ، ولَرَ. ٢٩. چوَائي، سڏائي. ٣٠. وڙ وارو، ناهوڪو، سلڇڻو. ٣١. خراب، ڪلڇڻو.

لائِقُ[1] لوڏَ[2] آهي، پَرَ لوڏِينِسَ[3] نَہ لوڏِ[4] مان.

## ١٦

تَحقِيقَ[5] جي پَرِي[6]، مَتي[7] رِءَ[8] ڪَٽيجِ[9]،
بانهُون[10] بيئِي لاهي[11] ڏيئي، ڪُشتي[12] ڪَمائيجِ،
سَنڌُنئُون[13] ساري[14] تَنگُنئُون[15] تاري، جَنگهُنِ[16] رِءَ جُليجِ[17]،
جا هاجَ[18] هَتَنِ رِءَ نَہ ٿِئي، سا نُونَنُو[19] ٿي ڪَريجِ،
هَڪَلَ[20] حَقِيقَتَ جي، ٻوڙو[21] ٿي ٻُڌيجِ،
اَنڌو[22] ٿِي پَسيجِ[23]، مُشاهِدو[24] مَحبُوبَ[25] جو.

## ١٧

مُئي[26] هاٿِيءَ[27] سين مامِرو[28]، اَچي پِئو اَنڌَنِ،
مَنازِبَنِ[29] هَتَنِ سين، اَکِين[30] ڪين پَسَنِ،
فِي الحَقِيقَةِ[31] فِيلَ ڪي، سَڄا[32] سُڃاڻَنِ[33]،
سَندي[34] سَردارَنِ[35]، بَصِيرَتَ[36] بِينا[37] ڪَري.

### وائي

سِياڪو[38] سيٽان[39]، پوري[40] تو پاڻُ[41] سُڃاڻي[42] نَہ ڪِئو،

---

١. قابل، جوڳو، شايان. ٢. لوڏ جي، ڏڪار جي، تيڪاليءَ جي، ٻاهر ڪرڻ جي. ٣. هن کي لوڏين، ڌڪي ٻاهر ڪڍن. ٤. (ڪتن جي) ٽوليءَ، ڌڻ، ولر. ٥. حقيقت، حق سچ، يقين، سلوڪ جي هڪ منزل. ٦. هڙ، ٻار، بوجهہ. ٧. سِر، ڪنڌ. ٨. کان سواءِ. ٩. تون ڪٽ. ١٠. ٻازو. ١١. ڪپي، وڍي، (بدن کان) جدا ڪري. ١٢. راند جو هڪ قسم، ملهہ (ڪشتي ڪمائڻ = ملهہ وڙهڻ، زور آزمائي ڪرڻ، پهلواني ڏيکارڻ). ١٣. سنڌن کان، بدن جي اندر هڏن يا عضون جي جوڙن کان، عضون کان. ١٤. پري ڪري، ٽاري. ١٥. ٽنگن کان. ١٦. ڄنگهن کان. ١٦. کان سواءِ. ١٧. تون ڄل، تون هَلُ. ١٨. ڪَمُ. ١٩. ٻانهن وڍيل، ٻانهن کان سواءِ. ٢٠. آواز. ٢١. ڊِڳرو، گهبرو، ڇتو نہ ٻڌندڙ. ٢٢. نابين، اکين سان نہ ڏسندڙ، ڪور. ٢٣. تون پس، تون ڏس. ٢٤. ديدار. ٢٥. پرينءَ، دوست. ٢٦. مُئل، نياڳي، بدبخت. ٢٧. گينور، فيل، پيل. ٢٨. واسطو، معاملو. ٢٩. مهتين، ڇُهَن. ٣٠. اکين سان. ٣١. سچ پچ تہ، حقيقت ۾. ٣٢. اکين وارا، اکين سان ڏسندڙ. ٣٣. پروڙين ڄاڻن. ٣٤. جي. ٣٥. (روحاني) رهبرن. ٣٦. نظر، بينائي، اندر جو سوجهرو، اندر جي اک. ٣٧. ڏسندڙ پسندڙ. ٣٨. ماڻتي، سڱ، ناتو، لاڳاپو. ٣٩. ساڻن، انهن سان. ٤٠. اي پوري، اي نادان. ٤١. پنهنجو وجود. ٤٢. پروڙي، سمجهي، سوجهي، پرکي.

آتَنِ[1] مُنهِنجا انڱَڙا[2]، ڪالُهُون[3] پوءِ ڪيٺانِ[4]،

هُونْدَ[5] نَہ پيئِيَن هيتَرِي[6]، وَهِئِيَن[7] جي[8] سيٺانِ[9]،

وارِيءَ[10] جيئَن وِرجي[11] هِنيُون[12]، ڪِرِڪئو[13] لَيءِ ڪيٺانِ،

موتِئو[14] ماڳَ[15] نِهارِيِن، ڪِهَڙي مُنهِن[16] ڪيٺانِ،

چِپَرِ[17] ڪَنديَس پَنڌَڙا، مُون پانيو[18] سيٺانِ،

مَچُ[19] پَسي ڪِيئَن[20] موتِيئَن، سَڙِيئَن[21] نَہ سيٺانِ.

وائي

جاڳِي[22] اَکَڙِيَن[23]، تو اوجاڳو[24] نَہ ڪِئو،

اَکَڙِيُون پَرِيَنِ[25] ڪَي[26]، تَهہ تَهہ[27] ڪِئو تَمَن[28]،

تُون اناسِي[29] اوجَهرِيِن[30]، هُوءِ[31] تا هوت[32] هَلَن[33]،

جي سَنجهيئِي[34] سُتِيُون[35]، سي مَرُ[36] سُور[37] سَهَن[38]،

وِهاٽِيءَ[39] وَهائِيِن[40]، ڳوڙها[41] سِرِ[42] ڳَلَن[43].

وائي

ڪا مَ[44] جَهَلي[45] ڪا مَ پَلي، مُنڌَ[46] مُون ڪي ماءَ[47]،

آئون سُتي[48] هُو هَلئا، وِهاٽِيءَ وِئا،

---

١. سڙن، ڪامن، جلن. ٢. عضوا. ٣. ڪالهون پوءِ = ڪالهہ يعني ڪذريل ڏينهن کان وٺي. ۴. ڪٺن. انهن کي. ۵. شايد. ٦. ايذي وڏي (ڪشالي يا تڪليف ۾). ٧. تون ويئينءَ. ٨. جيڪڏهين. ٩. ساٺن. انهن سان. ١٠. ريتيءَ. ١١. (اُس ۾) سڙي، پچري، تپي. ١٢. دل. ١٣. تِڙڪو ڪريو. آواز ڪريو. ١۴. پوئتي ٽئو. ١۵. جايون. مڪانَ. ١٦. منهن سان. شان يا مانَ سان. ١٧. چِپرِ ڏانهن. جبل ڏانهن. ١٨. سمجهيو. ارادو ڪئو. ١٩. باهہ. ٢٠. ڪهڙيءَ طرح. ڇو. ٢١. جلينءَ. ٢٢. سجاڳ يا بيدار ٿي، ننڊ ڦٽائي ننڊ نہ ڪري ٢٣. اکڙين سان. نيڻن سان. ٢۴. سجاڳي. شب بيداري. ٢۵. محبوبن. ٢٦. لاءِ. ٢٧. تهہ تهہ = مينهن وسڻ جو آواز. زور سان. ٢٨. وسن. ڳوڙها يا لڙڪ وهائين. ٢٩. اي اناسي. اي بي ناسي. اي بنان ناس يا ڀتي واري. اي بي لڄي. ٣٠. (ننڊ جا) جهوٽا يا ڀنڪيون ڪائين. ٣١. هو. اهي. ٣٢. محبوبَ. ٣٣. وڃن. ٣۴. سويل ئي. سج لهڻ شرط. ٣۵. سمهي رهيون. ٣٦. ڀلي. ٣٧. ڏک. تڪليفون. ٣٨. ڀوڳين. برداشت ڪن. ٣٩. وهاٽيءَ جو. پوئين رات يا فجر جو. ۴٠. تون وهائين. تون ڳاڙين. تون هارين. ۴١. لڙڪ. آنسو. ۴٢. تي. تان. ۴٣. ڳٽن. رخسارن. ۴۴. ڪابہ هڪڙي نہ. ۴۵. روڪي. پلي. منع ڪري. ۴٦. اي منڌ. اي عورت يا زال. ۴٧. اي ماءُ. اي امڙ. ۴٨. ننڊ ۾ پئي رهيس. سمهي رهيس.

وِيـــڙهـــو[١] ڏيـــئِـــي ويـــڪِـــرو[٢]، پَـــهِـــرِي[٣] پَـــٽِ[٤] وِئَـــا،

جَـــهْـــلُـــون[٥] پَـــلُـــون پَـــائِـــيْـــين[٦]، مَـــتِ[٧] نَـــہ آچِـــيْـــين[٨] ڪَـــا،

مُـــون ڪـــي مُـــون[٩] پِـــرِيَـــنِ[١٠] جَـــا، لَـــوْرِي[١١] لاَلَ لَـــڳَـــا[١٢].

Gul Hayat Institute

١. گهر، مڪان، جاءِ، ٢. وڏو، وسيع، موڪرو، خلاصو (ويڙهو ڏيئي ويڪرو = گهر ڇڏي)، ٣. اُسهي، نڪري، هلي، ۴. پٽ ڏانهن، ميدان ڏانهن، ۵. روڪون، پلون، رنڊڪون، ٦. وجهين، ٧. صلاح، نصيحت، هدايت، ٨. تون آچين يا تون ڏين، ٩. منهنجي، ١٠. محبوبن، ١١. تير، ڪان، ١٢. ڳاڙها، سهڻا.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر رامڪلِي

## داستان پهريون

### ١

جوڳِيئڙا[1] جِهانَ[2] ۾، نُوري[3] ۽ نارِي[4]،
بَري[5] جَنِ بارِي[6]، آئُون نہ جِيئَندي[7] اُنِ ري.

### ٢

جوڳِيئڙا جِهانَ ۾، هُئا مَنجِهہ حَمامَ[8]،
آرامَ[9] کان اَرَڳِ تِئا[10]، اوڏا[11] نہ آرامَ،
کِئائُون قِيامَ[12]، آئُون نہ جِيئَندي اُنِ ري.

### ٣

لَکِين[13] کِئا لِسانَ[14] سين، لاهُوتِين[15] لوڙا[16]،
گهوڙا[17] ڙِي[18] گهوڙا، آئُون نہ جِيئَندي اُنِ ري.

### ۴

ڳولِيانِ[19] ۽ ڳُنڌِيانِ[20]، وِئا وِيراڳِي نِڪري،

---

١. جوڳِي يعني تارڪ الدنيا (فقير) جن کي ڪيترن ٻين نالن سان سڏيو ويو آهي، جهڙوڪ سامي، سناسي، ڪاپڙي، بابو، ويراڳي، بيراڳي وغيره. ٢. دنيا، پرٿوي، پرٿي، جڳت، جڳ. ٣. نور (سوجهري يعني روشنيءَ) وارا، نورَ مان پيدا ٿيل، پاڪباز، حليم، جمالي. ۴. ناري يعني (الاهي عشق جي) بَاهہ وارا، باهہ جي رنگ جهڙا (سهڻا)، جلالي طبيعت وارا. ۵. (الاهي عشق جي) باهہ. ٦. (منهنجي دل ۾) ٻڙڪائي، پيدا ڪئي. ٧. جيئري يا زندهہ رهندي. ٨. باهہ يعني ڏک يا تڪليف. ٩. آرامَ کانَ آسائش يا سک کان. ١٠. الڳ، پري. ١١. ويجها. ١٢. محشر يعني حساب ڪتاب (گناهن ۽ ثوابن جي) جو ڏينهن. قيامت (جهڙي سختي) قهر يا ڏاڍائي (ڪيائون قيام = جدائي ڪري وِئا). ١٣. لکن جي تعداد ۾، بي شمار، گهڻا. ١۴. زبان. ١۵. لاهوت جي ڄاڻن يا معرفت رکندڙن (جوڳي فقيرن). لاهوت صوفي طريقي جي چوٿين منزل آهي، جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿيندو آهي. ١٦. هُلَ هنگاما، دانهون، فريادَ (آخرت جي عذاب بابت). ١٧. افسوس، هاءِ (هيءُ لفظ ان زماني جي يادگيري ٿو ڏياري جڏهين علاؤالدين جي لشڪر گهوڙن تي سوار ٿي سنڌ ۾ ڦُر لٽ ڪئي). ١٨. ٻي ڪي سڏ ڪرڻ وقت ڪم ايندڙ لفظ. اڙي. ١٩. انهن کي ڳوليان يا تلاش ڪريان. ٢٠. انهن کي ڳنڌيان يعني چڳيءَ طرح ڳوليان جهڙيءَ طرح جانور نڪ جي ذريعي نوس نوس ڪري ڪا شيءِ ڳوليندو آهي.

صُحبَتَ[١] جَا[٢] سَندِيانِ[٣]، آئُون نَہ جِيئَندِي[٤] اُنَ ري.

**٥**

مَـ[٥]ـران مَتوُ پِتِيَان[٦]، نِهَارِئَان[٧] نيـرانِ[٨]،
سُخنَ[٩] جي سَنڌانِ[١٠]، آئُون نَہ جِيئَندِي اُنِ ري.

**٦**

وارو[١١] وِيراڳِيَنِ[١٢] کي، وِيلَ[١٣] مَ[١٤] وِسارِيجِ[١٥]،
قَدمَ[١٦] ڪاپڙِيَنِ جا، لالائي[١٧] لَهِيجِ[١٨]،
پِيرَتَ[١٩] پَسِئو[٢٠] پَٽَ[٢١] جي، وَجَڻُ ڪي[٢٢] وَڃيجِ،
راتو ڏِينهَن[٢٣] رِڙهيجِ[٢٤]، آئُون نَہ جِيئَندِي اُنِ ري.

**٧**

قَدمَ ڪاپَڙِيَنِ جَا، لَڳا[٢٥] مِ لاهُوتَ[٢٦]،
جَنِي سين يَاقُوتَ[٢٧]، آئُون نَہ جِيئَندِي اُنِ ري.

**٨**

واجَٽَ[٢٨] وِيراڳِيَنِ جَا، مُون وَٽ[٢٩] وَڏي[٣٠] وَٿُ[٣١]،
سَونُ[٣٢] سَپوُئي[٣٣] سڳيُون[٣٤]، پَسي[٣٥] ڪَينَ[٣٦] مَ ڪَٿُ[٣٧]،

Gul Hayat Institute

١. ياري، دوستي، سنگت، سٿ. ٢. جيڪا. ٣. انهن جي. ۴. جيئري يا زنده رهندي. ۵. سور يا عذاب پئي سهان. ٦. متو پٽيان = واويلا يا ماتم پئي ڪريان يا دانهون پئي ڪريان (انهن جي جدائيءَ ۾). ٧. جاچيان، ڳوليان. انتظار ڪريان، واجهايان. ٨. انهن جي روزاني نيرن يعني صبوح واريءَ ملاقات کي. ٩. گفتا، ڳالهيون. ١٠. انهن جا. ١١. جلد يا هڪدم (انهنجي ڳولا ڪر يا پٺيان وڃ) لفظ "وارو" ڪنهن ڪم کي جلد ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. ١٢. تارڪ الدنيا فقيرن، سامين، سناسين، جوڳين، ڪاپڙين. ١٣. گهڙي، پلڪ، ساعت. ١۴. نہ. ١۵. دل تان لاهج. ١٦. پير، هتي معنيٰ ٽيندي پيرن جا نشان. ١٧. ليلائي، عاجز يا نهٺو ٿي. ١٨. هٿ ڪج، ڏسج، نهارج. ١٩. پيرن جا نشان، رستو، واٽ. ٢٠. ڏسئو. ٢١. جماعت، ٽولي. ٢٢. وڃڻ ڪي = هميشہ لاءِ. ٢٣. راتو ڏينهن = مسلسل، بنان ناغي. ٢۴. هلندو يا پنڌ ڪندو، وڃج. ٢۵. ڳتا، رسا، پهتا. ٢٦. لاهوت صوفي طريقي جي چوٿين منزل آهي جنهن ۾ سالڪ فنا في الله ٿي ويندو آهي. ٢٧. قيمتي موتي (روحاني خزانا). ٢٨. واڇا، وڃائڻ جا ساز جهڙوڪ سڱيون، مرليون وغيره. ٢٩. مون وٽ = منهنجي لاءِ، منهنجي نظر ۾. ٣٠. گران، مهانگي، قيمتي. ٣١. شيءِ، چيز. ٣٢. پيلي رنگ جو قيمتي ڌاتو جنهن مان زيور ٺهندا آهن. ٣٣. ڪل، جملي، سالم، صحيح. ٣۴. ڏِڱن جي سڱن مان ٺهيل ٽوتاريون، ناد. ٣۵. ڏسي. ٣٦. اڻ هوند واري حالت، سَڃ. ٣٧. اندازو لڳاءِ.

ويساهي[1] ويل[2] ڪهين[3]، پورب[4] ويندو پٽ[5]،
هَلُ[6] ڪنيائون[7] هٽ، آئون نه جيئندي[8] اُن ري[9].

### ٩

واجٽ[10] ويراڳين[11] جا، مون[12] وٽ وڏو[13] مالُ[14]،
مقالان[15] مهند[16] تيئا، ڪينهي وٽن[17] قالُ[18]،
نڪو ماضي[19] مَن[20] ۾، نڪو استقبالُ[21]،
حاصل[22] جني[23] حالُ[24]، آئون نه جيئندي اُن ري.

### ١٠

سُتي[25] سيج[26] هُياس[27]، مون کي آهه[28] اُٿارئو[29]،
جني جاڳاياس[30]، آئون نه جيئندي اُن ري.

### ١١

جيڪي[31] مون نئو[32]، نه ته[33] جاتَ[34] ۾ وَجو جوڳيئا[35]،
قوتُ[36] منهنجو ڪاپڙي، سگڙين[37] منجهه سهو[38]،
ڪا ڦري[39] ڦوڪ ڏئو[40]، آئون نه جيئندي اُن ري.

---

١. ويساهه يعني اعتبار ڏيئي، دلبو يعني فريب ڏيئي، اسرو ڏيئي، ڏتاري، ٢. مهل، وقت، ٣. ڪنهن به (ويل ڪنهن = اوچتو، اچانڪ)، ٤. پورب يعني ايرندي ڏانهن، هندستان جو اهو علائقو جيڪو ڪانپور کان بهار تائين پکڙيل آهي جنهن ۾ هندن جون زيارت گاهون آهن جهڙوڪ گيا، بنارس، ڪاشي، دئارڪا، وغيره، ٥. ٽولو (جوڳي فقيرن جو)، ٦. ڪنهن عجيب ڳالهه تي وات مان نڪتل آواز جو لفظ، هاءِ افسوس ٧. هٽ ڪنيائون = لاڳاپو يا واسطو ٽوڙيائون، جدائي ڪيائون، ٨. جيئري يا زنده رهندي، ٩. کان سواءِ، ١٠. واڄا، باجا، وڄائڻ جا ساز جهڙوڪ سڱيون يا مرليون، ١١. تارڪ الدنيا فقيرن، جوڳين، ڪاپڙين، سامين، سناسين، ١٢. منهنجي لاءِ، ١٣. گران، مهانگو، قيمتي، ١٤. خزانو، سامان، ملڪيت، پدارت، ١٥. مقال کان، (پرائيءَ) ڳالهه کان يعني پچر يا سٽيديءَ يا گلا کان، ١٦. اڳتي، پاسي، پري، ١٧. انهن وٽ، ١٨. زبان سان ڳالهائڻ (ڪينهي وٽن قال = هو ماٺ ۾ آهن)، ١٩. گذريل (وقت)، ٢٠. دل، ڌيان، خيال، ٢١. ايندڙ (وقت)، ٢٢. هٿ ۾، قبضي ۾، پڙ پيلُ، ٢٢. جن کي، جن جي، ٢٤. هلندڙ يا موجود وقت، حقيقت، روحاني ڪيفيت، ٢٥. ننڊ ۾، سُتل، ٢٦. سيج تي، (گهوٽ ۽ ڪنوار يا شاديءَ جي وقت سينگاريل) بستري يا کٽ تي، ٢٧. آئون هيس، ٢٨. عشق جي درد، ٢٩. جاڳايو، ٣٠. مون کي جاڳايو، ٣١. يا ته، ٣٢. مون کي، ٣٣. ونئي هلو، ٣٤. جات تي، زيارت يا تيرٿ تي، ٣٥. اي جوڳي، ٣٦. کاڄ، کاڌو، خوراڪ، غذا، ٣٧. ڏڪي جي سڱڻ مان نهيل ٽوتارين يا نادن، ٣٨. سهنجو، سولو، سلوٽو، ٣٩. موٽي، وري، ٤٠. ڦوڪ ڏيو = سڱڙين کي وڄايو.

Gul Hayat Institute

## ١٢

جيڪي[1] مُون ڪي ني[2]، پَگهَه[3] پَائي[4] پَاڻَ سين،
پَهَه[5] پَرُوزَئَمِ[6] پَٽَ[7] جَا، مَنجهَان ڪِينَرَ[8] ڪي[9]،
هَاڻي[10] جي[11] هَيَئي[12]، آئُون نَہ جِيَئَندي[13] اُنِ ري[14].

## ١٣

جيڪي مُون ڪي تَاڻِ[15]، پَگهَه پَائي پَاڻَ سين،
هُوءِ جي هَيَئِي هَاڻِ، آئُون نَہ جِيَئَندي اُنِ ري.

## ١٤

مُون ڪي ڪِينَرَ ڪَڍِئُو[16]، پِڃِي مَنجهَان پِٽِ*،
هُوءِ جي هَيَان[17] هِتِ، آئُون نَہ جِيَئَندي اُنِ ري.

## ١٥

سُوڌو[18] سِگَڙَبَنِ[19] سين، ڪِي[20] جو ڪَهَيَائُون[21]،
هُوءِ جي هَنيَائُون، آئُون نَہ جِيَئَندي اُنِ ري.

Gul Hayat Institute

## ١٦

سَتُر[22] سِگَڙَبَنِ سين، لَحظي[23] لاٿَائُون[24]،

---

١. يا تہ. ٢. ونءِ هل. ٣. (ٻيڙيءَ کي درياءَ وغيره جي ڪناري تي ٻڌڻ لاءِ) رَسا يا نوڙيون. ۴. وجهي. ۵. ارادا، راز، خيال. ٦. مون پروڙئا يا معلوم ڪئا. ٧. (جوڳي فقيرن جي) ٽولي يا جماعت. ٨. سُرندي، ساز. ٩. ڪجھہ. ١٠. هينئر، هن وقت. ١١. جيڪي. ١٢. تو هنيا يا لڳايا (ڪِينر تي هٿ). ١٣. جيئري يا زندھہ رهندي. ١۴. ڪان سواءِ. ١۵. ڇڪي ونءِ هل. ١٦. ٻاهر ڪڍيو. ٻڌر تي آندو *(شرم يا حياءَ جي) پِٽ يعني ديوار پڃي يا ٽوڙي. ١٧. اوهان هنيون (سگڙين کي ڦوڪون). ١٨. صاف، سنئو، عمدو. ١٩. ڍڳن جي سگن مان نهيل ٽوتارين يا نادن. ٢٠. ڪجھہ. ٢١. چيائون. ٢٢. پردو (شرم يا حياءَ جو)، حجاب. ٢٣. لحظي ۾. ٿوري وقت ۾. گهڙيءَ ساعت ۾. ٢۴. ختم ڪيائون.

کِينَرَ[1] کُٺِي[2] آهِيَان، اُنهِين جي آئُون،
مُون کي مَارِيائُون، آئُون نَہ جِيئَندِي[3] اُنِ[4] رِي.

١٧

صُبُوح[5] سِگَرِيُون[6] کَٺِي، وِئَا دُکَائِي[7] دُورِ[8]،
تِئَا ڏِينَارِئَان[9] ڏُورِ، آئُون نَہ جِيئَندِي اُنِ رِي.

١٨

صُبُوح سِگَرِيُون کَٺِي، وِئَا وَجَائِي وِيرَ[10]،
ڏُورِيَان[11] ڏُورِيَان نَہ لَهَان[12]، تَنِ بِيرَاڳِيَنِ[13] ٻَهِيرَ[14]،
جَنِ جي آسَڻَ[15] مَنجِهہ عَنبِيرَ[16]، آئُون نَہ جِيئَندِي اُنِ رِي.

١٩

جُزُ[17] وِجَايُو[18] جوڳِيِين[19]، کُلَّ[20] سِين آهِينِ[21] کَمُ[22]،
آسڻُ جَنِ[23] عَدَمُ[24]، آئُون نَہ جِيئَندِي اُنِ رِي.

٢٠

آسَڻَ پَسِئَائُون[25] جَا، اُتِي نَہ آرَامُ،
کِينَرَ کُٺِي آهِيَان، تَنِي جي تَمَامُ[26]،

Gul Hayat Institute

١. سُرندي، ساز. ٢. قتل ڪئي، ماري. ٣. جيئري يا زندهہ رهندي. ۴. ڪان سواءِ. ۵. صبوح جو، سوير. ٦. ڏِڪن جي سگن مان ٺهيل توتاريون، ناد، نفير. ٧. واسَ يا ڏوپُ ڪري. ٨. پري. ٩. ڏور. ٩. ڏينارِيءَ ڪان، ڏسڻ ڪان، ديدار ڪان. ١٠. عاقل، داناءَ، سورهيہ. ١١. ڳوليان. ١٢. ڏسان. ١٣. بيراڳين جي، تارڪ الدنيا فقيرن جي، ويراڳين جي، جوڳين جي، سامين جي، ڪاپڙين جي، سناسين جي. ١۴. قطار، جماعت، ٽولو. ١۵. (جوڳي فقيرن جي رهڻ جي) جاءِ، آستان تڪيي، اوتاري. ١٦. عنبر، هڪ خوشبودار وکر، خوشبوءِ. ١٧. ڪائنات جو الڳ الڳ ذرو يا ڀاڱو، انفرادي هستي. ١٨. نابود ڪئو، لاتعلقي اختيار ڪئي. ١٩. جوڳين. ٢٠. ڪائنات جي خالق، واحد مطلق، الله تعاليٰ. ٢١. انهن کي آهي. ٢٢. واسطو، تعلق. ٢٣. جن جو. ٢۴. معدوم، ناپيدا، غير موجود، نيست، نابود. ٢۵. سُکُ، فرحت. ٢٦. ٻنهہ، صفا، پُوري جي پُوري.

مُون کي تِئو مَاتَامُ[1]، آئُون نَہ جِيئَندِي[2] اُنِ رِيَ[3].

## ٢١

آسَڻَ[4] پَسِئو[5] اُنِ جَا، اُدُوهَان[6] اچَنِ،
کِينَرَ[7] کَاپَڙِيَنِ[8] جَا، صُبُوحِ[9] تَان[10] نَہ سُجَنِ[11]،
وَڏِي[12] يَاڳِ[13] پِرَنِ[14] آئُون نَہ جِيئَندِي اُنِ رِي.

## ٢٢

آسَڻَ پَسِئو اُنِ جَا، اوچِنگَارُون[15] اچَنِ،
آيَلِ[16] آديسِيَنِ جَا، مُون کي مَاڳَ مُهَنِ[17]،
پَاٽَان[18] وِڌِيَسِ[19] پَٽَ[20] تَي، لاهِي[21] لاهُوتِيَنِ[22]،
رَاڙي[23] مَنجِهہ رَهَنِ، آئُون نَہ جِيئَندِي اُنِ رِي.

## ٢٣

آسَڻَ پَسِئو اُنِ جَا، ٻَانهُنِ[24] وِجَهَان وَاتَ[25]،
جي کَهِيَا[26] ڏُونهَن[27] قَلاتَ[28]، آئُون نَہ جِيئَندِي اُنِ رِي.

## ٢٤

Gul Hayat Institute

آسَڻَ وَتِ آهُون[29] کَرِيَان، وَسِ[30] نَہ مُنهِنجي وَاتُ،

---

١. (جدائيءَ جو) غم. ڏک. اندوهہ. ارمان. مصيبت. ٢. جيئري يا زندهہ رهندي. ٣. ڪان سواءِ. ۴. (جوڳي يعني تارڪ الدنيا فقيرن جي رهڻ جون) جايون. آستان. ماڳ. مڪان. تڪيا. ۵. ڏسئو. ٦. اڏما. جوش. ٧. سُرندا. ساز (ڪينرن جا آوازَ). ٨. جوڳين. سامين. سناسين. ويراڳين. آديسين. ٩. صبوح جي مهل. ١٠. اصل. بنهہ. صفا. ١١. ٻُڌجن. ١٢. گهڻي. اعليٰ. اوچي. ١٣. ياڳ يعني قسمت جي سبب يا ذريعي سان. ١۴. موٽي يا وري اچن. ١۵. اوچنگارن يعني "اَچُو اَچُو" جي آواز سان روئڻ. زوردار روئڻ. ١٦. اي آيل. اي امڙ. ١٧. ستائين. نابود يا ناس ڪن. ١٨. مورڳو. ويتر. ١٩. مون کي وڌو. مون کي رکيو. ٢٠. زمين (وڌيس پٽ تي = مرڻ هار يا مرڻ جي لائق ٿيس (هندن ۾ رواج آهي تہ جڏهين ماڻهو سڪرات ۾ هوندو آهي تہ ان کي کٽ تان لاهي پٽ تي رکندا آهن). ٢١. هيٺ آڻي (کٽ کان). ٢٢. لاهوت جي ڄاڻن يا معرفت رکندڙن (لاهوت صوفي طريقي جي چوٿين منزل آهي جنهن ۾ سالڪ فنا في الله ٿيندو آهي). ٢٣. روڄ. روئڻ. آهہ و فِغان. ٢۴. ٻانهن ۾. ٻازن ۾. ٢۵. وجهان واتَ = چڪ هڻان (ٻانهن کي رئڻ کان روڪڻ لاءِ). ٢٦. اُسهيا. هليا ويا. ٢٧. ڏانهن. ٢٨. بلوچستان صوبي جي هڪ رياست ءِ شهر جو نالو. ٢٩. دانهون. روڄ راڙو. ٣٠. وَسَ ۾. اختيار ۾.

لَگُمِ[1] لاهوتِيَنِ[2] جو، ڪِينَرَ[3] مَنجَهان ڪَاتُ[4]،
هَلَڻَ ڪي هَيْهَاتُ[5]، آئُون نَہ جِيئَندِي[6] اُنِ رِيُ[7].

٢٥

بَابُو[8] بيڪَارِي[9] تِئَا، اجُ نَہ آسَڻَ[10] وَٽِ،
خُودِي[11] ڪَانئي[12] هَلِئَا، پِيرَ لايَائُون[13] پَٽِ[14]،
هَيْ[15] هَي جَنِي[16] هَٽِ[17]، آئُون نَہ جِيئَندِي اُنِ رِي.

٢٦

بَابُو بيڪَارِي تِئَا، آسَڻَ وَٽِ نَہ اجُ،
نِسُورِوئِي[18] نَانِهِہ[19] جو، سَامِي[20] ڪَنِ سُهُجُ[21]،
هِنيَان[22] تَنِ سِين هَجُ[23] آئُون نَہ جِيئَندِي اُنِ رِي.

٢٧

بَابُو بيڪَارِي تِئَا، يَجِي[24] ڇَڏِيَائُون يَاڻُ[25]،
نِسُورِوئِي نَانِهِہ جو، نَانگَنِ[26] وَٽِ نِڌَاڻُ[27]،
سِرِڪَندَ[28] جَنِي سَاڻُ، آئُون نَہ جِيئَندِي اُنِ رِي.

Gul Hayat Institute

١. مون ڪي لڳو. ٢. لاهوت جي ڄاڻ يا معرفت رکندڙن (لاهوت صوفي طريقي جي چوٿين منزل آهي جنهن ۾ سالڪ فنا في الله ٿيندو آهي). ٣. سُرندي، ساز. ۴. ڪاتي، ڇُرو، خنجر. ۵. تمام ٻَري، هاءِ افسوس (هلڻ ڪي هيهات = انهن جي پٺيان هلڻ يعني پند ڪرڻ مشڪل آهي). ٦. جيئري يا زندهہ رهندي. ٧. ڪان سواءِ. ٨. پرديسي، رمتو، سيلاني. ٩. بيک يعني فقيراڻو لباس پائيندڙ. ١٠. (جوڳي فقيرن جي رهڻ جي) جاءِ، آستان، تڪيي، مڪان. ١١. آپو، پاڻپڻو، اهنڪار. ١٢. جلائي، ناس ڪري. ١٣. ڪوڙيائون، رکيائون. ١۴. پٽ تي، زمين تي (پيرَ لايائون پٽ = تيزيءَ سان سفر تي نڪتا يا اُسهيا). ١۵. هَي هَي = افسوس، ويراني، سڄ. ١٦. جن جي. ١٧. هٽ تي = دڪان تي يعني آسڻ يا آستان تي. ١٨. صفا، بلڪل، خالص. ١٩. نيستيءَ. ٢٠. جوڳي، ڪاپڙي، سناسي، تارڪ الدنيا فقير. ٢١. ٿاهہ ٿوهہ، سينگار. ٢٢. اي هنيان، اي دل. ٢٣. عذاب يا سُورَ سَهہ. ٢۴. ٽوڙي، ذرا ذرا ڪري، ڀور ڀور ڪري. ٢۵. خودي، تڪبر، هٺ، وڏائي. ٢٦. جوڳي فقيرن (جيڪي بدن تي ڪپڙا نہ پائيندا آهن ۽ شادي نہ ڪندا آهن). ٢٧. ڌن، دولت، خزانو. ٢٨. خوشبودار وکر، صندل، چندن.

## ۲۸

مِيڙيو[1] ياڻ[2] پَريُون[3] ڪَري، جوڳِي[4] جَلائِين[5]،
سَامِي سڳَڙِيَنِ[6] سِين، خُوديءَ کي ڪانئِين[7]،
هُوءِ جي تَارَ[8] نَہ تَڳائِين[9]، آئُون نَہ جِيئَندِي[10] اُنِ رِي[11].

## ۲۹

وَٽَنِ[12] وِينِي آهِيَان، ڏِسِئو[13] ڪِينَ ڏِسَان*،
جَنهِنِ جِهُوئِي[14] نَاهِ ڪِي، سَا ڪَا سُونهَن[15] سَنديَان[16]،
پَسِئو ڪِينَ پَسَانِ، آئُون نَہ جِيئَندِي اُنِ رِي.

## ۳۰

جُسي[17] سَندو[18] جو ڪَري سو مُون[19] نَہ ڳهُرجي[20] مَاهُہ[21]،
سَامِي مُنهِنجو سَاهُہ[22]، آئُون نَہ جِيئَندِي اُنِ رِي.

## ۳۱

ڪَالهُوڪو[23] ڪَاڏي[24] گَيو[25]، سَندو جوڳِيَنِ[26] جوشُ[27]،
پَچِي[28] تَنهِن پَنتَ[29] ڪِي[30]، هَڏِ[31] نَہ رَهِئو[32] هوشُ[33]،
آسَڻَ[34] ۾ افسوسُ[35]، آئُون نَہ جِيئَندِي اُنِ رِي.

Gul Hayat Institute

---

۱. ٻهاريو (گند ڪچري وانگر)، ڍير ڪئو. ۲. خودي، آپو، وڏائي. ۳. ڍِڳ، ڍير، تهَا، انبار. ۴. تارڪ الدنيا فقير، ويراڳي، سامي، سناسي، ڪاپڙي. ۵. ساڙين. ٦. ڍِڳن جي سڳن مان ٺهيل توتارين، نادن نفيلن. ۷. جلائين، ساڙين. ۸. گهڙي، پلڪ، ساعت. ۹. جيئرو يا زنده رهڻ ڏين. هلائين يا تورين (ناتو). ۱۰. جيئري يا زنده رهندي. ۱۱. ڪان سواءِ. ۱۲. انهن وٽ، ۱۳. پسئو * مونکي جوڳين فقيرن جي محبت جو ايترو نشو چڙهي وئو آهي جو وٽن لڳاتار وهڻ ۽ ڪين هر هر ڏسڻ جي باوجود بہ سمجهان ٿي تہ ڄڻ مون انهن کي ڏٺو ئي ڪونهي يعني مون کي انهن جي ديدار مان ڍؤ نٿو ٿئي. ۱۴. جهڙو. ۱۵. حسن. ۱٦. انهنجي. ۱۷. جسي کي، بدن کي. ۱۸. مضبوط، طاقتور. ۱۹. مون کي. ۲۰. کپي. ۲۱. گوشت، ماسُ. ۲۲. جانِ، جياپو، جيون. ۲۳. ڪالهہ وارو، گذريل يا اڳيين ڏينهن وارو. ۲۴. ڪيڏانهن. ۲۵. ويو. ۲٦. جو. ۲۷. گوڙ گهمسان، هل هنگامون. ۲۸. انتظار ڪري، واجهائي. ۲۹. ٽولي، جماعت، رستي، طريقي، دين، ڌرم. ۳۰. لاءِ. ۳۱. اصل، بنهہ، صفا. ۳۲. بچيو. ۳۳. عقل، مت، سمجهہ، خبر، ڄاڻ. ۳۴. (جوڳي فقيرن جي رهڻ جي) جاءِ، مڪان، آستان، تڪيي. ۳۵. غم، ڏک، ارمان.

### ٣٢

نہ ڪي[1] ڪٽن پاڻ سين، نڪو ساٽن[2] پاڻ[3]،
اهڙو جن[4] اهڃاڻ[5]، آئون نہ جيئندي[6] اُن ري[7].

### ٣٢

پاڻهين[8] وينا پاڻ[9] سين، پر ۾[10] ڪن پرباڻ[11]،
اهڙا جن اهڃاڻ، آئون نہ جيئندي اُن ري.

### ٣٤

پاڻهين وينا پاڻ سين، پر ۾ پرياڻين[12]،
سامي[13] سفر[14] هلئا[15]، آسڻ[16] اُجهائين[17]،
رخصت[18] رئاڙين[19]، آئون نہ جيئندي اُن ري.

### ٣٥

پاڻهين وينا پاڻ سين، پر ۾ پرياڻين،
هو جي هلڻ[20] سنديون[21]، ڳاهون[22] ڳالهائين،
وڃڻ[23] وڃائين[24]، آئون نہ جيئندي اُن ري.

---

١. ڪجهہ، ذرو يا ٿورو (مال). ٢. انهن سان. ٣. خودي، آپو. ۴. جن جو. ۵. پارَ، حال، حالت، نشاني. ٦. جيئري يا زندهہ رهندي. ٧. کان سواءِ. ٨. خود بہ خود، پاڻمرادو. ٩. هڪ ٻئي. ١٠. مخفي طرح، ڳجهہ ڳوهہ. ١١. صلاحون، مصلحتون، مشورا. ١٢. پرياڻ ڪن. ١٣. جوڳي فقير، تارڪ الدنيا درويش، سناسي، ڪاپڙي، ويراڳي، بيراڳي. ١۴. سفر تي، مسافريءَ تي، پرديس ڏانهن. ١۵. وئا. ١٦. (جوڳي فقيرن جي رهڻ جون) جايون، ماڳ مڪان آستان، تڪيا. ١٧. بي حال ڪن، ساڻو يا ماندو ڪن، وسائين. ١٨. رُخصت يعني موڪلائڻ يا الوداع ڪرڻ مهل. ١٩. افسوس يا ارمان ۾ وجهن. اکين مان لڙڪ ڳاڙائين. ٢٠. وڃڻ. ٢١. جون. ٢٢. ڳالهيون. ٢٣. أسهڻ" روانو ٿيڻ. ٢۴. (شال) ترڪ ڪن. وسارين.

## ٣٦

ڏَسَڻُ[١] ڳُهَڻُو[٢] ڏُهِلا، ويراڳِيَن[٣] وَرَنَ،[٤]
پُولَڻُ[٥] پُوڙَنِ[٦] سين پئو، سَندا[٧] فانِيَن[٨] فَنَ،[٩]
ڪِي[١٠] ڳُهِرجَنَ[١١] ڪَنَ،[١٢] آئُون نَہ جِيئَندي[١٣] اُنِ ري.[١٤]

## ٣٧

وَجَائِي[١٥] واتَ[١٦] تِئا، جوڳِي جُڳاڻِين،[١٧]
هُئا[١٨] جِي[١٩] هاٿِي،[٢٠] آئُون نَہ جِيئَندي اُنِ ري.

## ٣٨

هَي[٢١] هَي ڪِئو هَتَ هَٽَان،[٢٢] جوڳِي وِئَا جاتَ،[٢٣]
پِيهِي[٢٤] وِئا پاتَ،[٢٥] آئُون نَہ جِيئَندي اُنِ ري.

## ٣٩

مِتَ[٢٦] نَہ مَعذُرِيَنِ[٢٧] جا، جوڳِي جاتَ[٢٨] نَہ نِين،[٢٩]
اِنهِيءَ مِر آهين، آئُون نَہ جِيئَندي اُنِ ري.

## ٤٠

Gul Hayat Institute

نانگا[٣٠] نانِيءَ[٣١] هَلِئا، سامِي سِيئِي،

---

١. سمجهڻ. ٢. ڏکئا. مشڪل. ٣. ويراڳين جا يعني تارڪ الدنيا فقيرن جا جهڙوڪ جوڳي، سامي، سناسي، ڪاپڙي، بيراڳي وغيره. ٤. روپَ، رمزون. ٥. (نصيحت ڪرڻ لاءِ) ڳالهائڻ. ٦. ڪنن. ڪان ڳهت پڌندڙن يعني گنهگار مائهن. ٧. جا. ٨. فنا ٿيلن يا واصل بالله يعني ويراڳين يا جوڳي فقيرن. ٩. هُنرَ. ڪاريگريون. گُڻَ. خصلتون. ١٠. ڪجهہ. ١١. ڪپن. ١٢. (جوڳي فقيرن کي پڌڻ لاءِ) کي اندر جا ڪَنَ. ١٣. جيئري يا زندھہ رهندي. ١٤. کان سواءِ. ١٥. سڱيون يعني ڏڪن جي سڱن مان ٺهيل توتاريون يا ناد وڄائي. ١٦. وات ٿئا = پنڌ پئا. اسهيا. هلئا وئا. ١٧. جڳن کان. ١٨. شل مجن ها. ١٩. جيڪڏهين. ٢٠. هينئر. هن وقت. ٢١. هاءِ هاءِ. ٢٢. هت هٿان. = ارمان يا افسوس ڪريان. ٢٣. جاٽ ڏانهن. تيرٿ ڏانهن. زيارت لاءِ. ٢٤. ڳهڙي، اندر داخل ٿي. ٢٥. پاتن ۾. عبادت گاهن ۾. ٢٦. عزيز. مائٽ. گهٽگهرا. ٢٧. لاچار عورتن. بي وس يا عذر وارين عورتن. ٢٨. جاٽ ڏانهن. ٢٩. وٺي وڃن. ٣٠. جوڳي فقيرن (جيڪي بدن تي ڪپڙو نہ ڍڪيندا آهن ۽ سڄي عمر شادي نہ ڪندا آهن). ٣١. نانيءَ ڏانهن (لس ٻيلي ۾ هنگلاج شهر جي ويجهو جبل ۾ هڪ جاءِ آهي جتي هڪ روايت موجب نانيءَ نالي هڪ عورت دفن ٿيل آهي جتي جوڳي فقير زيارت لاءِ ويندا آهن. جوڻ ۾ اچي ٿو تہ نانيءَ کي حضرت علي ع جي دعا ٿيل آهي ۽ ٻي روايت موجب اتي ديوي آهي جنهن جي زيارت لاءِ هندو ياتري ويندا آهن.

وِهَڪَ[1] مُون[2] وِيئِي[3]، آئُون نَہ جِيئَندِي[4] اُنِ رِي[5].

## ٤١

نَانگا[6] نَانِيءَ[7] هَلِئَا، لُوڪَان[8] ڪَري لِڪَ[9]،
وِيئِي مُون وِهَڪَ، آئُون نَہ جِيئَندِي اُنِ رِي.

## ٤٢

نَانگا نَانِيءَ هَلِئَا، وِيراڳِي[10] وِئَا،
هُوءِ جي هِت هُئَا، آئُون نَہ جِيئَندِي اُنِ رِي.

## ٤٣

نَانگا نَانِيءَ هَلِئَا، وِيچَارا[11] وِئَا،
ڪِينَرَ[12] ڪَاپَڙِيَنِ جَا، صُبُوحِ[13] تَان[14] نَہ سُئَا[15]،
هُوءِ جي هِت هُئَا، آئُون نَہ جِيئَندِي اُنِ رِي.

## ٤٤

نَانگا نَانِيءَ هَلِئَا، چِيلا[16] چِيلهہ[17] بَڌَن،
هُوءِ جي ٿَا هَلَنِ، آئُون نَہ جِيئَندِي اُنِ رِي.

Gul Hayat Institute

---

١. وهڻ جي حالت، آرام، سک، ٢. منهنجي، ٣. ختم ٿي ويئي، ۴. جيئري يا زنده رهندي، ۵. ڪان سواءِ، ٦. جوڳي يعني تارڪ الدنيا فقير (جيڪي بدن تي ڪپڙو نہ ڍڪيندا آهن ۽ سڄي عمر شادي نہ ڪندا آهن)، ٧. نانيءَ ڏانهن (لس ٻيلي ۾ هنگلاج شهر جي ويجهو جبلن ۾ هڪ جاءِ آهي جتي هڪ روايت موجب نانيءَ نالي هڪ عورت دفن ٿيل آهي جتي جوڳي فقير زيارت لاءِ ويندا آهن. چوڻ ۾ اچي ٿو تہ نانيءَ ڪي حضرت علي عہ جي دعا ٿيل آهي ۽ ٻي روايت موجب اها ديوي آهي جنهن جي زيارت لاءِ هندو ياتري ويندا آهن). ٨. لوڪ ڪان، عام ماڻهن ڪان، ٩. پردو، ١٠. تارڪ الدنيا فقير، جوڳي، ٻيراڳي، سامي، سناسي، ڪاپڙي، ١١. غريب، مسڪين، عاجز، نماڻا، ١٢. سُرندا، ساز، ١٣. صبوح جي مهل، فجر جي وقت، ١۴. اصل، بنهه، بلڪل، ١۵. سڻ يا ٻُڌڻ ۾ آيا. ١٦. ڪمر پٽا. سندرا، ١٧. چيلهہ تي، ڪمر تي.

## ٤٥

نَانگا[١] نَانيءَ[٢] هَلِئَا[٣]، هَاءِ مُنهِنجي حَال[٤]،
هُوءِ جي ڪَهِيَا[٥] ڪَالهہ[٦]، آئُون نَہ جِيئَندي[٧] اُن ري[٨].

## ٤٦

نَانگا نَانيءَ هَلِئَا، هنگلاچَان[٩] هَلِيَ[١٠]،
ڏيکِي[١١] تَن نَہ ڏُئارِڪَا[١٢]، مَهيسَنِ[١٣] مَلِيَ[١٤]،
آڳَهُہ[١٥] جَنِ[١٦] عَلِيَ[١٧]، آئُون نَہ جِيئَندي اُن ري.

### وائي ١

سَندَرِبانَ[١٨] سِڱَرِي[١٩]، ڳَالهہ ڳُجهَڙي، مُون مَاريندي ڪَڏهِين،
جَا وَجَائِين جَنتَرا[٢٠]، نَہ تنهِن نَرَ[٢١] جهَڙي،
مُرلِيءَ[٢٢] کي جَنهِن مَات ڪئو، نَہ تنهِن تُلُ[٢٣] تُنبَڙي[٢٤]،
تَارِئُو[٢٥] جَنهِن نوڏيءَ[٢٦] کي، نَہ سو[٢٧] گهُندَ[٢٨] نَہ گهُندِڙي،
ڏارِئُو[٢٩] جَنهِن ڏِيَاجَ[٣٠] کي، تَندُئان[٣١] تَنهِن تِکَڙي،
نَہ سِري[٣٢] نَہ سِندُ ڪَا، نَکَا هِندُ[٣٣] هَهَڙي،
ڪوڙِين واجَٽ ڪيِترا، لَکين لاءِ هَٽَندَڙي[٣٤]،

Gul Hayat Institute

---

١. تارڪ الدنيا جوڳي فقير (جيڪي بت تي ڪپڙو ڪونہ ڍڪيندا آهن ۽ سڄي عمر شادي نہ ڪندا آهن). ٢. نانيءَ ڏانهن (رياست لس ٻيلي ۾ هنگلاج شهر جي ويجهو جبلنِ ۾ هڪ جاءِ آهي جتي هڪ روايت موجب نانيءَ نالي هڪ عورت دفن ٿيل آهي ۽ جتي سيلاني ۽ جوڳي فقير زيارت لاءِ ويندا آهن. چوڻ ۾ اچي ٿو تہ نانيءَ کي حضرت علي ؑ جي دعا ٿيل آهي ۽ ٻي روايت موجب اها ديوي آهي ۽ هندو ان جي زيارت لاءِ ويندا آهن)، ٣. افسوس، حيف. ٤. حال کي، حالت کي. ٥. وٺا. ٦. گذريل يا اڳيئن ڏينهن. ٧. جيئري يا زندهہ رهندي. ٨. کان سواءِ. ٩. هنگلاج کان. ١٠. پنڌ ڪري. ١١. ڏٺي، پيٺي. ١٢. هندستان جي اتر پرديش رياست ۾ هندن جي هڪ تيرٿ گاهہ جو نالو. ١٣. مهيس يعني شو مهراج يا ايشور جي پوئلڳن. ١٤. خوش ٿي، مَرکي. ١٥. مهندار، سردار، پرجهلو. ١٦. جن جو. ١٧. اسلام جي پيغمبر حضرت محمد ﷺ جن جي سوٽ ۽ نانيءَ جو نالو. ١٨. انهن (جوڳين) جي. ١٩. ڊڳي جي سڱ مان ٺهيل توتاري. ٢٠. جت. اٺ چاريندڙ يا هڪليندڙ. ٢١. ڪنگورَ (سَرَ جهڙي گاهہ) جي ڪاني مان ٺهيل توتاريءَ جهڙو ساز. ٢٢. ساز جو هڪ قسم جيڪو جوڳي فقير وڄائيندا آهن. ٢٣. برابر. ٢٤. مُرلي. ٢٥. درياءَ ۾ ترڻ تي مجبور ڪئو. ٢٦. سهڻيءَ (ميهار جي محبوب) ڏانهن اشارو. ٢٧. چڙو (ڳائي ۽ ماهي مال جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل لوهو چنگ). ٢٨. چڙي، ننڍڙو چڙو. ٢٩. سر يعني مٿي ڪپائڻ لاءِ تيار ڪئو، قتل ڪئو. ٣٠. راجا جو نالو جنهن ٻيجل مڱڻهار کي سرندي جي آواز تي راضي ٿي سر ڪبي ڏنو. ٣١. (سرندي جي) تند کان. ٣٢. سري ۾، سنڌ صوبي جي اتر واري پاڱي ۾. ٣٣. هندستان. ٣٤. لاءِ هٽندڙي = زير يعني مات ڪرڻ واري.

سَاراهِيَلَ[١] جَا سُبحَانَ[٢] جِي، تِنهِن[٣] واڪاڻَ[٤] ڪِهڙِي،
سَهسِين[٥] سُرُودَنِ[٦] ڪِي، پَاڻَان[٧] پوءِ[٨] وِجَهندڙِي،
وَنءُ[٩] اونائِي[١٠] اُنڪِي[١١]، وِبهه[١٢] مَ، ڪَنُ وِڪَڙِي[١٣]،
بِي[١٤] خُودِ[١٥] بَابُو[١٦] سِي تِئا، بُرَندِي[١٧] جَن بُڌَڙِي[١٨]،
ڪَڙِي[١٩] ڪُلاتَنِ[٢٠] ڪِي، مَحَبَتَ[٢١] وارِن[٢٢] مِٺَڙِي[٢٣]،
مِٺَايَان[٢٤] مِنِي گهَٽُو، چُونڊا[٢٥] جَن چِکَڙِي[٢٦]،
گهَاندار[٢٧] مِرُون[٢٨] موهِئا[٢٩]، هِيءَ ماٺُهو[٣٠] موهِيندڙِي[٣١]،
آهي عَبدُاللطيف[رح] چَئي، مُئا[٣٢] جِيارَڻَ جهَڙِي.

وائي ٢

چِيلهه[٣٣] چَڪَرَ، ڳِل[٣٤] سِڱِيُون[٣٥]، مَٿَنِ[٣٦] مُڱَتَ[٣٧] موڙَ[٣٨][٣٩]،
ڪَمَر پَٽَا[٤٠] پِيٽَ تِي، نَانگَن[٤١] ٻَڌا نورَ[٤٢]،
ڪَالهه ڪَندا وِئا ڪَاپَڙِي، مَٿِي[٤٣] گنگا[٤٤] گورَ[٤٥]،
سَارِي سَناسِيَن[٤٦] ڪِي، ڪَامِي[٤٧] تِيس[٤٨] ڪورَ[٤٩]،
ڪَڏهِين پَاسا[٥٠] پَٽَ[٥١] تِي، ڪَڏهِين ڪَٽَن[٥٢] ڪورَ[٥٣]،
آن ڪِي وِبندا گڏئا، جوڳِي اهڙِيءَ[٥٤] جورَ[٥٥].

١. واڪاڻيل، تعريف ڪيل. ٢. پاڪ (خدا). ٣. تنهن جي. ۴. ساراهه (ماڻهن جي واتان). ٥. سون جي تعداد ۾. ٦. سازن. ٧. پاڻ کان. ٨. پوئتي. نيچ. گهٽ (پوءِ وجهندڙي = گهٽ ثابت ڪندي). ٩. وڃ. ١٠. (آواز) ٻُڌي. ١١. اُن ڏانهن. ٢. نه. ١٣. ڪڻ وڪڙي = وڪَ ڪڻ. پنڌ ڪر. ١۴. بنان. ١٥. خوديءَ، سُرتِ، هوش. ١٦.رمتو يا سيلاني فقير، سناسي، تارڪ الدنيا، جوڳي، ڪاپڙي. ١٧. وڄندي، ١٨. ٻُڌي. ١٩. ڪَوڙي، تلخ، اڻ وڻندڙ. ٢٠. بي وفا يا ڪوڙن دوستن. ٢١. پيار (سچي). ٢٢. وارن کي. ٢٣. مٺي، شيرين، وڻندڙ. ٢۴. مٺائيءَ يعني شيرينيءَ کان. ٢٥. چوندا. ٻڌائيندا. ٢٦. چکي،، مزو يا سواد (سڳڙيءَ جو) ورتو. ٢٧. گهاندار اُن دلي يا مٽ کي چئبو آهي جنهن ۾ شڪاري ٻه سوراخ ڪري منجهس ڏيو ٻاري مٿي تي رکندو آهي جهنگ ۾ جانور ان شڪاريءَ کي جانور سمجهي ويجها ايندا آهن ته شڪاريءَ جا ساٿي ان کي ڦاسائيندا آهن. ٢٨. جانور. ٢٩. ڏتارئا، فريب يا دلبي ۾ ڦاسايا. ٣٠. موهيندڙ، ڦاسائيندڙ. ٣١. مئلن، مُردن. ٣٢. جيئري يا زنده ڪرڻ. ٣٣. چيلهه يعني ڪمر تي. ٣۴. ڳول جي نموني وڏيندڙ هٿيار. ٣٥. ڳل تي، ڪنڌ تي. ٣٦. ڏِڳن جي سڱن مان ٺهيل توتاريون، ناد. نفير. ٣٧. مٿن تي. ٣٨. تاج. ڪلنگيون. ٣٩. سهرا. ۴٠. ڪمر پٽا = سندرا. ۴١. تارڪ الدنيا جوڳي فقيرن (جيڪي بدن تي ڪپڙو نه پائيندا آهن ۽ سڄي عمر شادي نه ڪندا آهن). ۴٢. رَسا. ۴٣. ڏانهن. ۴۴. گنگا ندي (جيڪا هندستان جي اتر پرديش رياست ۾ آهي ۽ هندن جي زيارت گاهه آهي). ۴٥. هَلَ (ذڪر جا). ۴٦. ياد ڪري. ۴٧. جلي، سڙي. ۴٨. آئون تي. ۴٩. (ڦلهيار جا) ڍڳ. ٥٠. بدن جا پاسا يا پهلو. ٥١. زمين تي (بنان هنڌ يا بستر). ٥٢. ڪٽن جا. منجن يا چارپاين جا. ٥٣. انبار. انبوهه. ٥۴. اوهان کي. ٥٥. طرح. نموني.

Gul Hayat Institute

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# سُر رامڪلي

## داستان پهرو

١

ڪيم[1] ڪاپڙين[2] جي، پهرين ڏينهن پروڙ[3]،
سگها[4] سات[5] نه هيڪڙي، چاريئي[6] پهر چور[7]،
سدائين[8] سيد چئي، هون[9] سناسي م سور[10]،
جوڳي ساڻ ضرور[11]، لڪا[12] پوڻ[13] لوڪ[14] م.

٢

وبهي ويراڳين جو، بي ڏينهن بڌم[15] حال[16]،
اُن جا ذاڳا[17] ڌوڙ[18] پڪليا[19]، جاڳوتان[20] زوال[21]،
اُن جا ٽي[22] جتائون[23] جڏئون[24]، چوتا[25] چڳيءَ[26] چال[27]،
ويچارا[28] وجود[29] جي، ڪنهن سان ڪن نه ڳالهه[30]،
نانگا[31] ٿيئا نهال[32]، لڪا پوڻ لوڪ م.

---

١. مون ڪئي، ٢. تارڪ الدنيا فقيرن، جوڳين، سامين، سناسين، ويراڳين، بيراڳين، ٣. جاچ، سڌ سماءُ، ۴. چاڪ، تندرست، ۵. ساعت، گهڙي، پلڪ، ٦. چاريئي پهر= سارو ڏينهن (هڪ پهر ٽن ڪلاڪن جو ۽ هڪ ڏينهن چئن پهرن جو آهي)، ٧. (عذاب ۾) ورتل يا قائل، ٨. هيمشه، ٩. آهن، رهن، ١٠. عذاب، ١١. ضرورت، گهرج، احتياج، حاجت، ١٢. ڇپيا، گم يا روپوش ٿيا، ١٣. هلن، وتن، گهمن، ١۴. جهان، دنيا، ١۵. مون ٻڌو، ١٦. حقيقت، ڪيفيت، ١٧. (ڪنهن درويش جا) ڪپڙا، ڪفنيون، ١٨. مٽيءَ يا خاڪ، ١٩. لڳل، پريل، هاڻا، ٢٠. انهن جا جاڳوتا يعني مٽي تي ويڙهيل رسا يا نوڙيون يا سيلها، ٢١. زبون حالت ۾، ڪريل يعني بگڙيل، ڇنل، ٢٢. جاڻي ٻجهي، ارادتاً، سوچي سمجهي، ٢٣. وتيل وار، ٢۴. ڊاري يعني لٽڪائي رکيون (بغير ڦٽيءَ ڏيڻ جي)، ٢۵. (مٽي جي) وارن جا مڇا، ٢٦. سنّي، سهڻي، ٢٧. چال سان، نموني يا ڍنگ سان، ٢٨. مسڪين، نماڻا، ٢٩. دل، اندر، ٣٠. گفتگو، ٣١. تارڪ الدنيا جوڳي فقير (جيڪي بدن تي ڪپڙو نه پائيندا آهن ۽ سڄي عمر شادي نه ڪندا آهن)، ٣٢. خوش، سرها، سرخرو.

Gul Hayat Institute

### ۳

تَي ڏِينهن تَمڪائين[1]، ڏُونهيون[2] دائرَن[3] ۾،
ميڙئو[4] ڪَٽج[5] ڪَانيُون[6]، جوڳِي[7] جَلائين[8]،
سَنديُون[9] ڪَامڻ[10] خَبرُون[11]، آديسَين[12] آهين،
ڳُجهہ[13] نہ ڳالهائين[14]، لِڪا[15] پُوٽن[16] لوڪ[17] ۾.

### ۴

چوٿين ڏِينهن چوگان[18] ۾، ڪَنهن جَنهن[19] پَهہ[20] پِيا،
اندَر[21] آديسَن جي، اچَن جوش[22] جهَا[23]،
وَهم[24] پِريان[25] جي وڏِيا[26]، تَن[27] ۾ ڪُوڙُ[28] ڪِيا[29]،
سَامي سُون[30] ٿِيا، لِڪا پُوٽن لوڪ ۾.

### ۵

ڪَنهن جَنهن پُور پَچايا[31]، پَنجين ڏِينهن پَئي[32]،
اندَر آديسَن کي، سُورن[33] شَاخ[34] ڪَئي،
مَحبَت[35] جي مَيدان[36] ۾، لاشَڪُ[37] ٿِيا لَهي[38]،
اُن کي سَاري[39] رات سَيد (رح) چَئي، گُوندَر[40] سَاڻُ گَئي[41]،

---

۱. ٻارين، روشن ڪن. ۲. هلڪيون يا جهيڻيون ٻاهيون. ۳. آستانن، مڪانن. ۴. ٻهارئو، گڏ ڪرئو. ۵. ڪرَڄ، ڪَهجَر، ڪک ڪانا، گندُ ڪچرو. ٦. لڪڙيون، ڦينجا. ۷. تارڪ الدنيا فقير، سامي، سناسي، ڪاپڙي، ويراڳي، ٻيراڳي، آديسي. ۸. ٻارين. ۹. جون. ۱۰. سڙڻ يا پچڻ يا جلڻ. ۱۱. سُڌيون. ۱۲. آديسين کي. ۱۳. راز، ڀيد. ۱۴. ظاهر يا پڌرو ڪن، ٻُڌائين. ۱۵. ڇپيا، گم يا روپوش ٿيا. ۱٦. هلن، ڦرن،گهمن. ۱۷. جهان، دنيا. ۱۸. ميدان هتي معنيٰ ٽيندي آستانَ يا آسڻَ. ۱۹. اهڙي. ۲۰. ٻهہ ۾. ويچار يا خيال ۾. ۲۱. دل ۾. ۲۲. اُڌما. جذبا. ۲۳. اهڙا ڪي جبرا. ۲۴. ٻورَ. فڪر. ڳڻتيءَ. ۲۵. پرينءَ. محبوب. ۲٦. ايذايا. ڏکويا. ۲۷. آديسين ڏانهن اشارو آهي. ۲۸. ڪَساڪَ. دروغ. ڪُپت. ۲۹. ڪِٿان (آيو). ۳۰. سون ٿيا = ڀاڳ وارا يا نصيب وارا ٿيا. آسودا يا سکيا ٿيا. ۳۱. جلايا. ساڙيا. ۳۲. پيهي. ڳِهڙي. ۳۳. ڏکن. دردن. غمن. ۳۴. شاخ ڪئي = ظهور يا وقوع ڪئو. نموداري ڪئي. ۳۵. پيار. عشق. ۳٦. آڪاڙي. دائري. ۳۷. پڪا. پختا. محڪم. يقين وارا. ۳۸. اچي. ۳۹. سڄي. ۴۰. غم. ڏک. ۴۱. گذري. پوري ٿي.

Gul Hayat Institute

ڪَرِئو سَيڻَ[1] سَهِيَ[2]، لِڪا[3] پُوِڻَ[4] لوڪَ[5] ۾.

## ٦

پِئا ڪَنهِن پَرِيانَ[6] ۾، ڇَهين ڏِينهِن ڇِتِيَ[7]،
انڍَرِ[8] آديسِيَنِ[9] ڪي، ڏُرِيائين[10] ڏَتِيَ[11]،
بَري[12] باجَهارا[13] ڪِئا، ڪانئِي[14] خاڪِ[15] ڪَٽِيَ[16]،
پِنِئو[17] پَنجَ ڪَٽِيَ[18]، لِڪا پُوِڻِ لوڪَ ۾.

## ٧

سَتِيئن ڏِينهِن سَيَدُ چَئي، ڏاڳا[19] ڏوئَون،
اُپِي[20] الَڪَ[21] سامُهِيون[22]، بانهُون[23] بِڏائون،
رُوحُ[24] پَنهِنجو رامُ[25] سين، پَرِ[26] ۾ پُوتائون[27]،
وَڏِيءَ[28] ڪَنهِن ولاتَ[29] جا، اُهَجَ[30] آنَدائون،
ڪَٽِئو ڪِذائون[31]، لِڪا پُوِڻِ لوڪَ ۾.

## ٨

اَئين ڏِينهِن اُپِي[32] وِئا، جوڳي جاءِ بَجاءِ[33]،
سا پَرِ[34] سامِي[35] سَڪِئا، جا پَرِ[36] جوڳَ[37] جُڳاءِ،

---

١. سجڻ، سيرين. ٢. سجاتئو، پرکٽو. ٣. ڇپيا، گم يا روپوش ٿئو. ۴. هلن، وتن، گهمن. ۵. جهان، وطن. ٦. دنيا. ٦. خيال، سوچ ويچار. ٧. ڏري، لڙي. ٨. دل ۾. ٩. تارڪ الدنيا فقيرن، جوڳين، سناسين، سامين، ڪاپڙين، ويراڳين. ١٠. ڌُر کان، اصل کان، ابتدا کان، ازل کان. ١١. مالڪ، خدا تعاليٰ. ١٢. تَپَ، (الاهي عشق جي) جوش يا گرميءَ. ١٣. ٻاجهہ جي لائق، رحم جي لائق، قياس جوڳا. ١۴. جَلائي، ساڙي. ١۵. رکَ، ڦلهيارَ، ڇارَ. ١٦. ڪٽڻ مصدر جو ماضي معطوفي. ڪڏهين ڪڏهين بين فعلن اڳيان انهن جي زور وٺائڻ لاءِ ڪم آڻبو آهي (ٻاجهارا (آديسي) ٻري ڪانئي ڪٽي خاڪ ڪٽا). ١٧. مڱيو. ١٨. دَرَ دَرَ جو اَنَّ (پنجن قسمن جي) انَ جا ڪٽا، خيرات، ڀِکيا. ١٩. (جوڳي فقيرن جا) ڪپڙا، پوشاڪون، ڪفنيون. ٢٠. بيهي. ٢١. جنهن جي لک يا ڄاڻ نہ پئجي سگهي، بي چُون، خدا. ٢٢. اڳيان، حضور يا دربار ۾. ٢٣. ٻانهون ٻڌائون = هٿ جوڙيائون، زاريون نيزاريون ڪيائون. ٢۴. جيءُ، ساھ، دل، من. ٢۵. خدا جو (هندي) نالو. ٢٦. ڳجهہ ڳوھ. ٢٧. ڳنڍيائون، مڙهيائون. ٢٨. ٻليءَ، چڱيءَ، سڀوريءَ. ٢٩. (ٻراهين يا ڏوراهين) ملڪ، ڏيساورَ، ٻاهرئين ملڪ. ٣٠. نشان، پار پتا، خبرون، احوال. ٣١. پيالِيون، جمنيون، ڪسٽا، رليون، گودڙيون. ٣٢. اُٿي. ٣٣. جاءِ بجاءِ = مختلف جاين يا هنڌن ڏانهن. ٣۴. ريت، رسم. ٣۵. سامي سڪئا = سامين معلوم ڪئي. ٣٦. جوڳ ڪي، جوڳين جي فرقي يا پنٿ ڪي، جوڳين جي دنيا ۾ رهي خدا کي تلاش ڪرڻ جي عمل کي. ٣٧. سونهي.

ويروتارِ[1] وِجُودَ[2] ۾، اُنِ ڪي رامُ[3] رَهيوئي[4] آهه،
ڪِنهِن ڪَمائيءَ[5] لاءِ، لِڪا[6] پُوٺِن[7] لوڪَ[8] ۾.

۹

نُوئين[9] ڏِينهِن نيٺانِ[10]، اوجاڳي[11] اُجارِئا[12]،
سَباجهي[13] باجهه ڪِئي[14]، سُجاڻي[15] سيٺانِ[16]،
جِتي نَظَرُ[17] ناتَ[18] جو، اُتي اوتارانِ[19]،
اِهي اُهجاڻانِ[20]، لِڪا پُوٺِن لوڪَ ۾.

۱۰

ڏهين ڏِينهِن ڏکَ ٺئا[21]، پِريِن[22] پابوهِئا[23] پسُ[24]،
وَرَقَ[25] جي وِصالَ[26] جا، واري[27] ڪئائون وسُ[28]،
لَذائون[29] لَطيفُ چئي، سَندو[30] گُروءَ[31] گسُ[32]،
جوڳِيَنِ[33] ڪَتِئو[34] جَسُ[35]، لِڪا پُوٺِن لوڪَ ۾.

۱۱

ڪارهين ڏِينهِن ڪَرَمُ[36]، وَرِئو[37] ويراڳِيَن[38] جو،
جوڳِيَنِ[39] جاتائُون[40] پُنيُون[41]، هَلي وِئا حَرَمَ[42].

Gul Hayat Institute

١. هر وقت، هر گهڙيءَ، هميشه. ٢. دل، اندر. ٣. خدا جو (هندي) نالو. ۴. جاءِ ڪَرين ٿئو، رهائش پذير ٿئو. ۵. فائدي، ڦل، حاصلات. ٦. ڇپيا، گم يا روپوش. ٧. هلن، ڦرن، گهمن. ٨. جهان، دنيا. ٩. نائين. ١٠. انهن جا نيڻ، انهن جون اکيون. ١١. ننڊ نه ڪرڻ جيءَ حالت، جاڳَ، سجاڳيءَ، بيداريءَ. ١٢. چمڪايا، موهيندڙ يا وڻندڙ ڪئا. ١٣. ٻاجهه يعني رحم واري، مهربان، الله تعاليٰ. ١۴. ڪئي. ١۵. پرکي، سمجهي. ١٦. ساڻن، انهن سان. ١٧. نور، روشني، لقاءُ، مشاهدو، ديدار، نظارو. ١٨. پناهه ڏيندڙ، مالڪ، خدا، ڌڻي. ١٩. انهن جا اوتارا يا آستان، انهن جون مڙهيون يا مڪانَ. ٢٠. انهن جا اهڃاڻ يا پار پتا يا وصفون. ٢١. ڏک ٺئا = هار سينگار ڪئائون. ٢٢. محبوب (جوڳي) ٢٣. خوش ٿئا، مرڪئا. ٢۴. ڏسَ. ٢۵. پنا، صفحا. ٢٦. وصال يعني ميلاپَ (جي ڪتاب جا). ٢٧. ورائي، اٿلائي، پڙهي. ٢٨. وس ڪئائون = جيترو وس يعني طاقت هلي سگهين اوترو وسَ ڪئائون (وس آهر)، ڪوشش، سعيو. ٢٩. ڏنائون، حاصل ڪئائون. ٣٠. جو. ٣١. مرشد (هندن جي)، هادي، رهنما. ٣٢. رستو، واٽ. ٣٣. تارڪ الدنيا فقيرن، سامين، سناسين، ڪاپڙين، ويراڳين. ٣۴. حاصل ڪئو. ٣۵. آفرين، عزت، ناموس. ٣٦. يارهين. ٣٧. ياڳ. ٣٨. کلئو، ظاهر ٿئو. ٣٩. جوڳين جون. ۴٠. ياترائون، زيارتون، تيرٿ. ۴١. بار آور ٿيون، ڪامياب ٿيون. ۴٢. حَرَم ڏانهن، پاڪ يا پوتر جاءِ ڏانهن (جتي گناهه ڪرڻ جي منع آهي)، خداجي گهر يعني ڪعبة الله شريف ڏانهن.

دائِمُ[1] جَهلِئو[2] دَمُ[3]، لِکا[4] پُوٽَنِ[5] لوکَ ۾.

## ١٢

بارَهين ڏِينهِن ٻَئي، مَنَ[6] مُرادُون[7] پُنِيُون[8]،
جُوڳِي[9] اِنَ جَاتَا[10] کي، تي سِکِئا[11] سَيِئي،
سَمَانَا[12] سيئي، جي گُرَ[13] گَڏِجي[14] آيا.

## ١٣

تيَن سِکَ[15] سَيِّدُ چَئي، تيرَهين ڏِينهِن تَمَامُ[16]،
گَنگا[17] لُوتِي[18] گُودَڙِيا[19]، جَرُ[20] پِيتائُون جَامُ[21]،
وِيتَا آهين وِجُودَ[22] ۾، نَانگا رَکِئو[23] نَامُ[24]،
کَهِئو[25] اِي کَلامُ[26]، لِکا پُوٽَنِ لوکَ ۾.

## ١٤

چوڏَهين ڏِينهِن چَلِي[27] وِئا، جُوڳِي مَتِي[28] جُوءِ[29]،
اُتي آدِيسِيَنِ جي، لَڳِي سَيِنَ[30] صُبُوحِ[31]،
رَاوَلَ[32] اِنهِين[33] رُوءِ[34]، لِکا پُوٽَنِ لوکَ[35] ۾.

---

١. سدائين، ٢. گهٽئو، روڪئو، ٣. ساهہ (جهلئو دم = ماٺ ڪئو)، ٤. ڇپيا، گم، روپوش، ٥. هلن، گهمن، ڦرن، ٦. من جون، دل جون، ٧. مطلبَ، مدعائون، آسون، ڪم، ٨. پوريون يا راس ٿيون، ٩. تارڪ الدنيا فقير، سامي، سناسي، ڪاپڙي، ويراڳي، آديسي، ١٠. زيارت، ياترا، تيرٿَ، ١١. اُڪنڊئا، اُڪيرئا، اُسڙڪئا، ١٢. عزت وارا، مان وارا، ١٣. گر ڪي، مرشد (هندن جي) ڪي، هادي يا رهبر ڪي، ١٤. ملي، ١٥. پيارَ، اُڪنڊَ، حُبَ، ١٦. بلڪل کهٽي، ١٧. گنگا جا (گنگا هندستان ۾ هندن جي هڪ پاڪ ۽ پوتر ندي آهي، ڏورانهن ملڪن ۾ مري ويل هندن جي رکَ ۽ هائيون هندو ڪٽي اچي هن نديءَ ۾ وجهندا آهن)، ١٨. پيتيندڙ، ١٩. گودڙي پوش يعني فقيرائي ڪفني يا جُبو پهريندڙ جوڳي وغيره، ٢٠. (گنگا نديءَ جو) جل، پاڻي، ٢١. گهٽو، ٢٢. اندر ۾، دل ۾، ٢٣. جوڳي فقير جيڪي بدن تي ڪپڙو نہ ڍڪيندا آهن ۽ ساري عمر شادي نہ ڪندا آهن، ٢٤. (گروءَ جو يا مرشد جو) نالو (رکئو نام= نالو سنڀاليو يا ياد ڪريو.) ٢٥. چيو، ٻڌايو، ٢٦. ڳالهہ، گفتگو، ٢٧. هلي، ٢٨. ڏانهن، ٢٩. ماڳَ، منزل (مقصود)، ٣٠. (خيرات گهرڻ لاءِ) صدا، سوال، پڪارَ، ٣١. صبوح جي مهل يا وقت، سوير، ٣٢. شهزادا، حاڪم، راجائون، جوڌا، پهلوان (هتي مراد جوڳي فقير آهي)، ٣٣. اهڙيءَ، ٣٤. طرح، نموني، ٣٥. جهان، دنيا.

Gul Hayat Institute

## ۱۵

پَهَہ[1] ۾ پَنڌِرَهِين ڏِينهِن، تَا سَامِيَ[2] ڪَنِ صَدَا[3]،
ڪَري آيَا ڪَاپَڙِي، مَنجهَان گَامَ[4] گَدَا[5]،
ڪَنهِن جِنهِن[6] ٻولَ[7] ٻَڌَا[8]، لِڪَا[9] پُوٽِنِ[10] لوڪَ[11] ۾.

## ۱۶

سورَهِين ڏِينهِن سَيدُ چَئي، ڪَابُلِي[12] ڪَاهِين[13]،
چوتَا[14] چَاڙهئو[15] چِيلهِہ[16] تي، سَنَاسِي سَاهِين[17]،
ڪِين[18] قَنديلَ[19] ڪَچَ[20] مَان، لاهُوتِي[21] لاهِين[22]،
اِنهِن ۾ آهِين، لِڪَا پُوٽِنَ لوڪَ ۾.

## ۱۷

سَترَهِين ڏِينهِن سَنبَاهِيُون[23]، سَامِيَن سِٽَائُون[24]،
ڪَٽَا[25] ڪَچڪولَن ۾، ڳُولي[26] ڳُٿَائُون[27]،
اُٿي آديسي هَلئَا، جوڙي[28] جَڙائُون[29]،
سِڪَ[30] نَہ سَلَنَائُون[31]، لِڪَا پُوٽِنِ لوڪَ ۾.

Gul Hayat Institute

---

۱. واٽ، گس، مسافريءَ. ۲. تارڪ الدنيا فقير، جوڳي، سناسي، ڪاپڙي، ويراڳي. ۳. خيرات گهرڻ لاءِ سوال يا سڏ. ۴. ڳوٺ. ۵. گدائي، ڀيک، ڀڻ، خيرات. ٦. اهڙي. ۷. قول، وچن، انجام. ۸. سوگها ڪيا، قابو ڪيا، ڦاسايا. ۹. ڇپيا، گم، روپوش. ۱۰. هلن، گهمن، ڦرن. ۱۱. جهان، دنيا. ۱۲. (افغانستان ملڪ جي شهر) ڪابل ڏانهن ويندڙ (فقير). ۱۳. هلن (منزل مقصود ڏانهن) ۱۴. اوگهڙ ڍڪڻ لاءِ ڪپڙي جا ٽڪر، لانگوٽا، لنگ. ۱۵. ٻڌيو. ۱٦. ڇڪين. ۱۷. ڪمر. ۱۸. ڪين جا، نيستيءَ جا. ۱۹. ڪچڪول، ڪِستا، پيالا. ۲۰. بغل، ڪلهي. ۲۱. لاهوت جي معرفت رکندڙ (لاهوت صوفي طريقي جي چوٿين منزل آهي). ۲۲. جدا يا ڌري ڪن، اُتارين. ڦٽا ڪن. ۲۳. تياريون (ٻڌي). ۲۴. سامان، ٽيڙ، اسباب. ۲۵. ڇَلا. ٽانئَنِ يا برتنن کي ڪٽڻ يا جهلڻ لاءِ هٿيا يا مُٺيا. ۲٦. هٿ ڪري. ۲۷. جڙيائون، مڙهيائون. لڳايائون. ۲۸. ٻڌي ٺاهي. ۲۹. سامان يا ٽيڙن جون هڙون يا بستا. ۳۰. پيار، محبت. ۳۱. چڱيءَ طرح ظاهر ڪيائون.

## ١٨

ارڙهين ڏينهن اُتئا[1]، ڏاڳن[2] کي ڏوئي،
سامي[3] سُڪُ[4] نہ سنبرئا*، ڪونہ ڪَڏهين ڪوئي[5]،
هُئڙن[6] سُور[7] سماع[8] جو، جڳتَ[9] ۾ جوئي[10]،
ڪنهن سين اورين[11] ڪينڪي، سناسي سوئي،
لنگهائين[12] لطيف چئي، رات سڄي روئي،
سامي سيئي، لڪا[13] پُوڙن[14] لوڪ[15] ۾.

## ١٩

اُوٺهئين ڏينهن امر[16] ۾، آديسي آهين،
ڪنهن پراچي[17] ڪاپڙي، لڪئي ماڻ[18] لاهين[19]،
نڪي اڏئائون[20] نجهرا[21]، نڪي ٿا داهين[22]،
وٽا وراهين[23]، لڪا پُوڙن لوڪ ۾.

## ٢٠

ورن[24] ويهين ڏينهن تي، سامي سُڃاڻئو[25]،
پاڻُ[26] پچائين[27] پُور[28] ۾، آديسي آٿئو،

١. تيار ٿئا يا سنبرئا (وڃڻ لاءِ)، ٢. (فقيراڻيون) پوشاڪون، ڪپڙا، ڪفنيون، ٣. تارڪ الدنيا فقير، جوڳي، سناسي، ڪاپڙي، ويراڳي، بيراڳي، آديسي، ٤. آرام، آسائش * سامين کي آرام نہ نصيب ٿئو يا مليو، ٥. ڪنهن بہ وقت، ٦. انهن کي هو، ٧. درد، ڏکُ، غم، ٨. الاهي ذڪر، ٩. جهان، جڳ، دنيا، ١٠. جيڪو، ١١. سلين، بيان ڪن، وندين، ١٢. وهائين، گذارين، پوري ڪن، ١٣. ڇپيا، گم، روپوش، ١٤. هلن، گهمن، ڦرن، ١٥. جڳ، جهان، دنيا، ١٦. (خداجي) حڪم، فرمان، ١٧. ريت، نموني، ١٨. نصيب يا تقدير (۾ لکيل)، ١٩. ڍاهين، ڪاٽين، ميسارين، مَحوَڪن، ٢٠. جوڙيائون، ٺاهيائون، ٢١. جهوپڙا، گهَرَ، آستان، مڪان، ٢٢. ڪيرائين، زمين دوز ڪن، ٢٣. وندين يا واٽين يا ورڇين (ٻاڳ وغيره)، روحانيت تقسيم ڪن، ٢٤. موٽن، ٢٥. (خدا جي) چاڻ يا معرفت حاصل ڪرئو، ٢٦. پنهنجي جان يا جسم، خودي، ٢٧. جلائين، ساڙين، ٢٨. فڪر، ڳڻتيءَ.

Gul Hayat Institute

مَالَهَائُون[1] مَارِئو[2]، لِڪَا[3] پُوٽَنِ[4] لوڪَ[5] ۾.

## ٢١

اللهَ[6] ايڪِيهين ڏِينَهن تي، وِبراڳي[7] وارِين[8]،
ڪَڏهِين ايندا ڪاپَڙي، گنگا[9] گرنَاري[10]،
لَقَا[11] لاهُوتِيَنِ[12] کي، ڪَنهِن ڏُکَ[13] ڏيکاري،
اِهَڙا آچاري[14]، لِڪا پُوٽَنِ لوڪَ ۾.

## ٢٢

بَاوِيهين[15] بَاڻُ[16] لَڳو، آديسِيَن[17] اچي،
ڪَنهِن جَنهِن[18] ڪَيفَ[19] ڪَڪورِئا[20]، مَنجهان مَڄ[21] مَچِي[22]،
لانگوٽِئا[23] لالُ ٿِئا، اُنهِينءَ پَهه[24] پَچي،
هَلِئا وِئا[25] هِنگلاجَ[26] ڏي، راوَلَ[27] رات رَچِي[28]،
ڪَرِئو سَاڪَ[29] سَچِي[30]، لِڪا پُوٽَنِ لوڪَ ۾.

## ٢٣

تيويهين[31] تِمَائِي[32]، نَانگا هَلِئا نيڻَ،
ڪِينَ وِسارِينِ ڪاپَڙي، سَبَاجَهائِي سيڻَ،

Gul Hayat Institute

١. تسبيحون، سُمرڙيون، ٢. ڦيرايو، هلايو، سوريو، جپئو. ٣. ڇپيا، گم، روپوش. ۴. هلن، ڪهمن، قرن. ٥. جهان، دنيا، جڳ. ٦. اي الله. ٧. تارڪ الدنيا فقير، جوڳي، ڪاپڙي، سامي، سناسي، آديسي، بيراڳي. ٨. موٽائين، واپس ڪرين. ٩. گنگا تي يا گنگاڏانهن (گنگا هندستان ملڪ جي) اتر پرديش صوبي ۾ هڪ ندي آهي جنهن کي هندو پاڪ يا پوتر سمجهي پوڄيندا آهن ۽ ان جي ڪناري تي هندن جا تيرٿ ۽ زيارت گاهون آهن). ١٠. گرنار مان تيرٿ يا زيارت ڪري موٽيل فقير (گرنار هندستان جي رياست جهوناڳڙهہ ۾ هڪ شهر آهي جتي هندن جا تيرٿ آهن). ١١. لقاپور (لقاپور ان هنڌ يا جاءِ کي چوندا آهن جتي محبوب جو ديدار ٿئي ٿو ۽ جتي سدائين سوجهرو آهي ۽ اونداهہ اصل ڪانهي). ١٢. لاهوت جي ڄاڻ يا معرفت وارا (لاهوت صوفي طريقي جي چوٿين منزل آهي). ١٣. درد يا سور (عشق جي). ۱۴. آچار وارا يعني انصاف پسند، روشن دماغ وارا، اعليٰ شخصيت وارا. ١٥. ٻاويهين ڏينهن تي. ١٦. (الاهي عشق جو) تير، گز. ١٧. آديسين کي. ١٨. اهڙي سخت يا زور واري. ١٩. (الاهي عشق جي) نشي، خمار. ٢٠. (پچائي) لال يا ڳاڙها ڪئا. ٢١. (الاهي عشق جي) باهہ. ٢٢. گرم ٿي، جوش کائي، پچري ٢٣. لانگوٽي يا لنگ ٻڌل (جوڳي فقير). ٢۴. پهہ ۾، خيال ۾، فڪر ۾. ٢٥. روانا ٿي، اُسهي. ٢٦. بلوچستان صوبي ۾ لس ٻيلي پرسان هڪ شهر جتي نانيءَ جو تيرٿ آهي. ٢٧. شهزادا، حاڪم، سورما (جوڳي فقير). ٢٨. هار سينگار ڪري. ٢٩. پٽ، ويساهہ، ڀروسو. ٣٠. پڪي. ٣١. ٽيويهين ڏينهن تي. ٣٢. (ڳوڙها) وهائي.

جِهَجِئو[1] جِهَيٽِيءَ[2] جِهَينَ[3]، لِڪَا[4] پُوٽِن[5] لوڪَ[6] ۾.

## ۲۴

چووِبهِينءَ[7] چَلَڻَ[8] جي، وِيراڳِين[9] وائِي[10]،
هَولُ[11] ڪَري هَلِئَا، سَنَاسي سَائين[12]،
آديسِين[13] اُڪِيرَ سين، لالَ[14] پِرِيَان[15] لائِي[16]،
سَامِي سَوائِي[17]، لِڪَا پُوٽِن لوڪَ ۾.

## ۲۵

پَنجِوِبهِينءَ[18] تي پُورِبِي[19]، آٽِينِدو اللهُ،
وَنگِي[20] وِرهَن[21] وِيڙهِئو[22]، سَاڻُ سَنَاسِين سَاهُ[23]،
آيو آبُ[24] اَڪِيَن[26] مَان، اُڪَندِئو[25] اَرواحُ،
سِڪَ[27] تِنهِن[28] سَامِيءَ[29] سَاءُ[30]، لِڪَا پُوٽِن لوڪَ ۾.

## ۲۶

وِيراڳِي وارَن ڪي، چووِبهِينءَ چوڙِين[31]،
لايو[32] خَاڪَ[33] لِڳَن[34] ڪي، جَتَائُون[35] جوڙِين[36]،
سِگِيُون[37] نِئو[38] سُڃ[39] ۾، ڪَاهوڙِي[40] ڪوڙِين[41]،

---

۱. اندر جو اندر ۾ غمناڪ ٿئو يا فڪرمند ٿئو. ۲. هلڪيءَ، مانيءَ. ۳. جهين جي سبب. (الاهي عشق جي) تؤنس يا تپ يا گرمائش جي سبب. ۴. ڇپيا. گم. روپوش. ۵. هلن. گهمن. ڦرن. ۶. جهان. جڳ. دنيا. ۷. چوويهينءَ جي ڏينهن تي. ۸. وڃڻ. ۹. ويراڳين ڪي. تارڪ الدنيا جوڳي فقيرن ڪي. سامين ڪي. سناسين ڪي. آديسين ڪي. ڪاپڙين ڪي. ۱۰. تات. پچار. سرسلو. ۱۱. آواز. هونگون. ۱۲. درويش. الله لوڪ فقير. ۱۳. پيار. محبت. ۱۴. لالي. لالاڻ. ڳاڙهاڻ. ۱۵. پرينءَ جي. محبوب جي. ۱۶. لڳائي. مڪي. ۱۷. سکيا. آسودا. سخي. داتا. ۱۸. پنجويهينءَ جي ڏينهن تي. ۱۹. پورب جا جاتي يا پانڌيڙا (زيارتي). هندستان ۾ پورب جو علائقو ڪانپور کان وٺي بهار تائين پکڙيل آهي جنهن ۾ هندن جون زيارت گاهون آهن جهڙوڪ بنارس. گيا. ڪاشي. دئارڪا وغيره. ۲۰. جڪڙي. ٻڌي. ۲۱. (جدائيءَ جي) غمن يا فڪرن. ۲۲. چوڏاري وڪوڙيو. ۲۳. جيءُ. جند. جان. ۲۴. پاڻي. ۲۵. سڪڻ لڳو. واجهائڻ لڳو. ۲۶. روح جو جمع پر هتي واحد جي صيغي ۾ ڪم آيل آهي. هن جي معنيٰ ٿيندي من. دل. ۲۷. سڪ جو. اڪنڊ جو. حُب جو. پيار جو. ۲۸. سڪ ڏانهن اشارو. ۲۹. سامين ڪي. ۳۰. سواد. مزو. لطف. ۳۱. ڪولين. ۳۲. لڳايو. مکيو. ۳۳. مٽي. ڌوڙ. ۳۴. عضون يعني بدن ڪي. ۳۵. وارن جا مڃا يا چڳون. منجهيل يا ڳنڍيون ڏنل وار. ۳۶. ناهين. سنوارين. ۳۷. ڍڳن جي سڱن مان ٺهيل توتاريون. ناد. نفير. ۳۸. ڪٿئو. ۳۹. بيابان. رڻ پٽ. ۴۰. ذٽ يعني جهنگلي وڻن ۽ گاهن مان حاصل ڪيل ميون ۽ ان تي گذران ڪندڙ. ۴۱. رکن.

Gul Hayat Institute

وبتَرِ[1] ٿَا ووڙِبِنِ[2]، لِڪَا[3] پُوٽَنِ[4] لوڪَ[5] ۾.

## ۲۷

سَتَاوِيهِينءَ[6] سِرَ[7] تي، ٿَا پوکِي[8] وِجَهنِ پَانُ[9]،
لايو[10] خَاڪ لِڳَنِ[11] کي، پِتوڙِبِنِ[12] پَانُ[13]،
ڪِدائُون[14] ۽ گودڙِيُون[15]، هُيون سَنَاسِيَنِ[16] سَانُ،
اُنِهِين[17] جَاتو[18] جَانُ[19]، لِڪَا پُوٽَنِ لوڪَ ۾.

## ۲۸

اِٺَاوِيهِينءَ اُنِ کي، سَنِڌِي[20] پَنِڌَ[21] پَچَارَ[22]،
سَامِيَنِ سَازَ[23] سَنوان[24] ڪِئا، تَنِڌُ[25] وَڄَائِين[26] تَارَ،
ڪَنِ مَدائِي[27] ڪَانَ ڪَا، موچَارا[28] مَٽِيَارَ،
پَانُ پَلِيتِيءَ[29] ڪَانَ پَلِي[30]، تِئا ڌُرِ[31] بَائِين ڌَارَ[32]،
اِهڙِيءَ سَاڪَ[33] سَچَارَ[34]، لِڪَا پُوٽَنِ لوڪَ ۾.

## ۲۹

اُوڻٽِيهِين آيا، سَنَاسِي سِرَتَاجَ[35]،
حَاصُلُ[36] حُسَيْنِيَنِ جِي، سَپِ[37] ٿِيندِي حَاجَ[38]،

Gul Hayat Institute

---

١. وڏيڪ، حد کان زيادهہ، گهڻو، وري. ٢. ڳولين، ڏورين. ٣. ڇپيا، گم، روپوش. ۴. هلن، فرن، گهمن. ۵. جڳ، جهان، دنيا. ٦. ستاويهينءَ جي ڏينهن تي. ٧. مٿي، بدن. ٨. تڪليفون سهندڙ يا پوکيندڙ، جان کي جفا ڏيندڙ. ٩. چوپائي مال جو ڇيٺو يا ڦولڙيون (خاڪ، مٽي). ١٠. لڳايو، مکيو. ١١. عضون (بدن کي). ١٢. هلاڪ ڪن، تڪليف ۾ وجهن. ١٣. خود، پنڊ، سرير، بدن. ١۴. پيالين، جمنيون، ڪرمنڊل، ڪستا. ١۵. فقيرن جي پائڻ لاءِ ڪپڙن جي ٽڪرين مان ٺهيل جُبا، خرقا يا ڪفنيون، رليون. ١٦. تارڪ الدنيا فقيرن، جوڳين، سامين، ڪاپڙين، آديسين، ويراڳين. ١٧. انهن (جوڳي فقيرن). ١٨. پروڙيو، معلوم ڪيو. ١٩. علم، معرفت، آگاهي. ٢٠. جي. ٢١. هلڻ، سفر. ٢٢. تات، فڪر، اڻ تڻ. ٢٣. وڄائڻ جا اوزار جهڙوڪ سنگيون، ڪينر، مرليون وغيره. ٢۴. تيار، ٺيڪ، درست. ٢۵. ساز (کي وڄائڻ لاءِ) سان ٻڌل رُڪ يا ٽامي جي سنهڙي تارَ. ٢٦. ڇيڙين، چورين. ٢٧. برائي. ٢٨. ڀلارا، نيڪ، سگهورا، مٿيارَ، مٿيادار، خوبصورت. ٢٩. ناپاڪائيءَ. ٣٠. جهلي، روڪي، پاسي يا پري ڪري. ٣١. ڌر کان، اصل کان، شروعات يا ازل کان. ٣٢. جدا، علحدا، پري. ٣٣. ساک سان، ڪاربت يا عزت يا آبرو مان سان. ٣۴. سچيا، راستباز، کرا. ٣۵.سر جا يعني مٿي جا تاج يعني ڇٽ، اڳواڻ، سردار، رئيسن. ٣٦. پراپت، ڀَلَيءِ پلئه هٿ يا قبضي ۾ آيل. ٣٧. جوڳي فقيرن جو هڪ قسم. ٣٨. حاجت، مطلب.

ڀَسَڻ[١] ڪَارَڻِ[٢] پِرِينءَ[٣] جي، وِيَنَا وِجَهِنِ[٤] واجَهَہ،
سَاڌُو[٥] اُوءِ[٦] سَبَاجَهہ[٧]، لِڪَا[٨] ڀُوٽَنِ[٩] لوڪَ[١٠] ۾.

## ٣٠

ڀُورِيءَ[١١] تِيهَن[١٢] پِرِينءَ سين، ٿِئَا مِڙِيئِي مَوجُودُ[١٣]،
نِسورُوئِي[١٤] نَانهِہ[١٥] جو، سَامِي ڪَنِ سُجُودُ[١٦]،
لاطَمَاعَنِ[١٧] لاهُوتَ[١٨] ۾، وِڃَايو[١٩] وُجُودُ[٢٠]،
سِڪَ[٢١] مَنجَهان[٢٢] را سُودُ[٢٣]، لُوڏِي[٢٤] لُوڙِي[٢٥] آيا.

### وائي

ڪَلَپِتِي[٢٦] آيا ڙِي مَاءَ، آئُون هَلَندِي اُنِ سين،
حِرصَ هَوا جيءَ جَنِ جَا، سُکِين[٢٧] تَان نَہ سَڌايَا[٢٨]،
تَنِ تَڪِيَا[٢٩] تَاڪِي[٣٠] ڇَڏِئَا، جي اِيهِيءَ وِرونهَن[٣١] وَڌايا[٣٢]،
تُوشَڪُون[٣٣] ۽ تَڪِيَا[٣٤]، وِهَاڻَا جَنِ وِرايا[٣٥]،
هَلو تَہ ڀَسُون اُنِ کي، جَنِ لُنگَ لاهُوتِيَنِ لايا.

١. ڏسڻ، ٢. لاءِ، واسطي، ٣. محبوب (خدا)، ٤. وجهن واجهہ = سِٽون سٽين، اُپاءَ يا حيلا ڪن. ٥. درويش، جوڳي، سامي، سناسي، ڪاپڙي، ويراڳي، آديسي، تارڪ الدنيا فقير، ٦. اُهي، ٧. ٻاجهہ وارا، ٻاجهارا، مهربان، ٨. ڇپيا، گم، روپوش، ٩. هلن، ڦرن، گهمن، ١٠. جڳ، جهان، دنيا. ١١. ٺيڪ، برابر، نہ گهٽ نہ وڌ. ١٢. تيهين ڏينهن تي. ١٣. گڏ، ١٤. صفا، بلڪل، خالص، ١٥. نيستي، نابودي، عدم، ١٦. سلام، تعظيم، پوڄا، بندگي، ١٧. بنان طمع يا لالچ وارن، لا اُبالي يا بي پرواهہ فقيرن، ١٨. صوفي طريقي جي چوٿين منزل، عالم ذات اِلاهي جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿيندو آهي. ١٩. نابود يا ناس ڪئو، ٢٠. هستي، ٢١. پيار، حُبَ، ٢٢. مان، جي وسيلي، ٢٣. نفعو، لاڀ، ٢٤. شڪاري، سڪايل، مشتاق (هتي مرادجوڳي فقير آهي)، ٢٥. حاصل ڪري، ٢٦. رنجايل، ڏکوئل، ٢٧. سکن، آسائشن، فرحتن، ٢٨. هرڪايا، لاڄايا، ٢٩. مڪان، آستان، مڙهيون، ٣٠. (تاڪ ڏيئي) بند ڪري، ترڪ ڪري، ٣١. سڪ، محبت، ڇڪ، ڪشش، وڃوڙي، ٣٢. پکيڙيا يا ڦهلايا پر هتي اصطلاحي معنيٰ ٿيندي نابود يا ناس ڪئا، ٣٣. هٿيارن يا قيمتي شين رکڻ جون جايون، توشا خانا، هنڌ، بسترا، ٣٤. وهاڻا، سِرهاڻا. ٣٥. ڦٽاڪئا، ترڪ ڪئا.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر رامِڪَلِي

## داستان ٽئو

### ١

ڪَنهِن جَنهِن[1] سَنَاسِيءَ[2] سُورَ[3] جي، وَتَنِ[4] ۾ وَهلُورَ[5]،
بَهرِ[6] بُوليءَ[7] بِيءَ[8] قَرَن، گهَتَ[9] ۾ گهَايَلَ[10] گهُورَ[11]،
چِتَ[12] جَنِي جَا چُورَ[13]، هَلو تَڪِيَا[14] پَسُون[15] تَنِ جَا.

### ٢

ڪَنهِن جَنهِن سَنَاسِي سُورَ جي، مَنجهه وَهلُور وَتَنِ،
اٺئي[16] پَهرَ اَلَڪَ[17] جو، ڪِو وِڍُ[18] وِيرَاڳِيَنِ[19]،
سَدائِين[20] صَاحِبَ[21] پَرِ[22]، ٿَا ڪَاپَڙِي ڪَنبَنِ[23]،
جي راتو ڏِينهَن رَمَنِ[24]، هَلو تَڪِيَا پَسُون تَنِ جَا.

### ٣

سَدائِين سَفَرَ[25] ۾، رَمَن مَٿي[26] راهَ[27]،
پُرَنِ[28] پُورَبَ[29] پَندَ[30] ذي، مَنجهه[31] مَوالِي[32] مَاهَ[33]،

١. اهڙي، ٢. تارڪ الدنيا فقير، جوڳي، سامي، ڪاپڙي، ويراڳي، بيراڳي، آديسي، ٣. درد، عذابَ، تڪليف، ۴. هلن، پنڌڪن، چرن، ٥. پريشانيءَ، اداسائيءَ، ٦. باهر، ظاهر ۾، ٧. بوليءَ سان، ڳالهاءَ يا گفتگوءَ سان، طور طريقي سان، ٨. نراليءَ، ٩. اندرَ، دل، سرير، ديهيءَ، ١٠. قتيل، زخمي ڪيل، ١١. گهورَ جا، (محبوبَ جي) نظر جا، ١٢. دِليون، ١٣. (اِلاهي عشق ۾) ورتل يا قاتل، ٻڪل، ٽٽل، پرزا پرزا ٿيل، ١۴. آستان، مڪان، مڙهيون، ١٥. ڏسون، ١٦. سڄو ڏينهن سڄي رات (پهر ۾ ٽي ڪلاڪ يا گهڙيا آهن)، ١٧. جنهن جي لک يا ڄاڻ نہ پئجي سگهي، بي چُون، بي مثال، خدا، ١٨. زخم (درد جو)، ١٩. ويراڳين کي، ٢٠. هميشہ، هر وقت، ٢١. مالڪ، خدا، ٢٢. کان، ٢٣. ڏڪن، ٢۴. هلن (خدائي واٽ تي)، ٢٥. مسافريءَ، ٢٦. تي، ٢٧. واٽ، گس، ٢٨. هلن، ٢٩. پورب جي، ايرندي جي (هندستان جي اتر پرديش رياست جي ڪانپور کان وٺي بهار تائين واري علائقي کي پورب چوندا آهن، جنهن ۾ هندن جا تيرٿ يعني زيارت گاهون آهن، جهڙوڪ بنارس، گيا، ڪاشي، دئارڪا وغيره)، ٣٠. سفر، مسافريءَ، ٣١. اندر ۾، ٣٢. مستَ، متوالا، ٣٣. ماهَ جا، چنڊ جا، محبوب جا.

جَنِ[1] الَکَ[2] سين آگاهہ[3]، هَلو تَکِيا[4] پَسُون[5] تَنِ جا.

## ۴

ڪَنَ ڪَٽَ[6] ڪاپَٽَ[7] ڪاپَڙي[8]، ڪَنوٽيا[9] ڪَنَ چِيرَ[10]،
سَدا[11] وِهَنِ سامُهان[12]، عاشِقَ[13] اُتَرَ[14] هيرَ[15]،
تَسِيا[16] ڏيئي تَنَ[17] کي، سازِيائُون سَرِيرَ[18]،
جي فَنا تِئا[19] فَقِيرَ[20]، تَکِيا پَسُون تَنِ جا.

## ۵

ڪَنَ ڪَٽَ ڪاپَٽَ ڪاپَڙي، ڪَنَ جي ڪَتائِينَ[21]،
لاهُوتي[22] لَطِيف چئي، مَاڳَ[23] نَہ مَتائِينَ[24]،
جي خُودِيءَ[25] کي ڪائِينَ[26]، تَکِيا پَسُون تَنِ جا.

## ٦

ڪَنَ ڪَٽَ ڪاپَٽَ ڪاپَڙي، ڪَنوٽيا ڪَنَ ڪَٽَ،
ڏُونهان[27] جَنِ دُکائِيا[28]، هَلي مَٿي[29] هَٽَ[30]،
خاڪ[31] جَنِي جِي کَٽَ[32]، هَلو تَکِيا پَسُون تَنِ جا.

Gul Hayat Institute

---

١. جن جي، ٢. جنهن جي لک يا ڄاڻ نہ پئجي سگهي، بي چُون، بي مثال، خدا، ٣. واقفيت، ملاقات، سڃاڻپ، ۴. آستان، مڪان، مڙهيون، ۵. ڏسون، ٦. ڪن ڪٽيل يا ڪن ونڊيل (فقير)، ٧. جوڳي (تارڪ الدنيا) فقيرن جي هڪ ذات، عابد، پرهيزگار، ٨. تارڪ الدنيا فقير، جوڳي، سناسي، سامي، آديسي، ويراڳي، ٩. ڪن ونڊيل، ١٠. ڪن ڀير = ڪن چيريل يعني ونڊيل، ١١. هميشہ، ١٢. آڏو، ١٣. عشق يعني محبت ڪندڙ، محبَ، محبت الاهيءَ ۾ غرق، ١۴. اُتر جي، شمال جي، ايرندي سج ڏي منهن ڪرڻ سان کاٻي هٿ واري طرف جي، ١۵. هوا (اتر هير= ٿڌي هوا، وِلهہ)، ١٦. اُڃون ٻُکون، فاقا، ١٧. بدن، جان، جسم، سرير، ١٨. جلايائون ١٩. نابود، ناس، ٢٠. صاحب فقر، الله لوڪ، درويش، تارڪ الدنيا، ٢١. ڪپائين، وڍائين، ٢٢. لاهوت (عالم ذات اِلاهي جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿيندو آهي، صوفي طريقي جي چوٿين منزل) جا واقف يا ڄاڻو، ٢٣. آستان، ٢۴. بدلائين، ڦيرائين، ٢۵. آبي، اهنڪار، پاڻپڻي، ٢٦. نابود ڪن، ٢٧. هلڪيون يا جهيڻيون باهيون، ٢٨. ٻاريا، ٢٩. تي، ٣٠. (روحاني) دڪان، آستانَ، ٣١. مٽي، ڌرتي، زمين، ٣٢. منجو، چارپائي، سيج، ڪتولو.

## ٧

كَنَ كَتَ كاپَتَ كاپَڙِي، كَنوتِيَا كَنَ ڊارَ[١]،
هَلِئا هِنگلاجِ[٢] ڏي، بابُو[٣] چَڏي[٤] بارَ[٥]،
جي كِين[٦] قبولٽهارَ[٧]، تَكِيا پَسُون تَنِ جا.

## ٨

كَنَ كَتَ كاپَتَ كاپَڙِي، كَنوتِيَا كَنَ چِيِنَ[٨]،
پَهرَ[٩] نَہ پِنَنِ[١٠] كاپَڙِي، سُجَ[١١] ۾ هَٽَنِ سِينَ[١٢]،
جي قِيمَتَ[١٣] پانِئِين[١٤] كِينَ[١٥]، تَكِيا پَسُون تَنِ جا.

## ٩

كَنَ كَتَ كاپَتَ كاپَڙِي، لانگوتِيَا[١٦] لالَ[١٧]،
لاهُوتِي لطيفُ چئي، كَنهِن نَہ مَوهِيا[١٨] مالَ[١٩]،
هِهَڙا جَنِي[٢٠] حالَ[٢١]، تَكِيا پَسُون تَنِ جا.

## ١٠

كَنَ كَتَ كاپَتَ كاپَڙِي، جَنِ جاٽِي[٢٢] چِڏِيُون[٢٣] جُٽُونَ[٢٤]،
وِتا كَنِ وَٿُون[٢٥]، هَلو تَكِيا پَسُون تَنِ جا.

Gul Hayat Institute

---

١. كن ڊريل يا كن لڙيل (كنن ۾ پيل كندلن يا والن جي بار سبب)، ٢. بلوچستان جي صوبي ۾ لس بيلي جي پرسان هڪ شهر (جتي هندن جا تيرٿ يا زيارت گاهون آهن)، ٣. رمتو يا سيلاني فقير، ٤. ڦٽا كري، ترڪ كري، ٥. (دنيوي) سازوسامان يا مال اسباب. تيڙ ٽاڙي، ٦. نيستي، عدم، ٧. قبول كندڙ، پسند كندڙ، ٨. كن چيريل، ٩. پهر كان، ماڻهن يا خلق كان، ١٠. (خيرات) گهرن، مڱن، ١١. رڻ پٽ، بيابان، ١٢. (خيرات يا بكيا گهرڻ لاءِ) صدا، سَوال، ١٣. ناڻو، دنيا، دولت، مرتبو، ١٤. پسند كن، ١٥. بلكل نہ، بنهہ نہ، ١٦. لانگوٽي (بدن جي هيٺين حصي كي ڍكڻ لاءِ كپڙي جو ٽكر) ٻَڌندڙ، لنگ ڍكيندڙ، ١٧. سهڻا جوان (جوڳي)، ١٨. هركايا، لاڇايا، ١٩. ملكيت، ڌن، دولت، ٢٠. جني جا، ٢١. حالتون، كيفيتون، ٢٢. ارادتاً، ڄاڻي ٻجهي، ٢٣. ركيون يعني نہ كوڙايون يا كٽايون، ٢٤. وارن جون چڳون يا مُڇا، ٢٥. (فيض يا كرامت جون) ورهاستون، ورڇون.

(۱۱)

ڪَنَ[1] ڪَتَ ڪَاپَتَ[2] ڪَاپَڙي، جَنِ ڇَڏِيُونَ[3] جَاڻيَ[4] جتائونَ[5]،
خُودِي[6] ڪَانيَائُونَ[7]، هَلو تَڪِيَا[8] پَسُون[9] تَنِ جا.

(۱۲)

ڪَنَ ڪَتَ ڪَاپَتَ ڪَاپَڙي، جَنِ جي ڪَنَنِ ۾[10] ڪَڙا،
سَچَ[11] ٻَڌائُون سَنِدرا[12]، جوڳِيَنِ جِيءَ[13] جَڙِيَا[14]،
پَائيِ[15] مُنهَنِ[16] مَڙهِئَانِ[17]، هَلو تَڪِيَا پَسُون تَنِ جا.

(۱۳)

ڪَنَ ڪَتَ ڪَاپَت ڪَاپَڙي، جَنِ جي ڪَرَنِ[18] ۾ ڪَڙولَ[19]،
اُتي آڌِيءَ رات جو، ڪَنِ حُسَيني[20] هولَ[21]،
ڳُونِ[22] ڪِجَا اُنِ[23] ڳُولَ[24]، گَڏِجَنِ[25] مَانَ[26] نَ گَداءَ[27] ۾.

(۱۴)

ڪَنَ ڪَتَ ڪَاپَتَ ڪَاپَڙي، مَٿَنِ[28] ٻَانَ[29] ٻَري[30]،
اورِٻَندي[31] الَڪَ[32] سَين، وِٻَنِ وِلَهَ[33] وَري[34].

---

۱. ڪن ڪٽيل. ڪن وڍيل. ۲. ڪاپڙي، جوڳي (تارڪ الدنيا) فقيرن جو هڪ فرقو يا ذات. ۳. رکيون يعني نہ ڪٽايون يا ڪوڙايون. ۴. ارادتاً، ڄاڻي ٻجهي، شوق ۾ پئي. ۵. وارن جون ڇڳون، يا مڇا. ٦. آپو، پاڻپڻو، هستي. ۷. ساڙيائون، ناس يا نابود ڪيائون. ۸. آستان، مڪان، مڙهيون، تڪاٿا. ۹. ڏسون. ۱۰. (عاج يا ڪنهن سادي ڌاتوءَ جا) ڪنڊلا يا والا. ۱۱. سچ جا، حق جا، سَتَ جا، پاڪدامنيءَ جا. ۱۲. واحد سندرو = چيلهہ يعني ڪمر کي ٻڌڻ جو ڪپڙو، ڪمر پٽو. ۱۳. جيءَ کي، جان کي، بدن کي. ۱۴. ٻڌا (مضبوطيءَ سان). ۱۵. وجهي. ۱٦. مُک. مٿو.مُنڍي. ۱۷. مڙهين ۾، (جوڳي فقيرن جي) آستانن يا تڪيئن ۾. ۱۸. ٻانهن (ڪراين). ۱۹. ڪنگڻ. ڪولابا. ۲۰. جوڳي (فقيرن جو هڪ قسم). ۲۱. آواز، هونگون. ۲۲. ڳوٺ ۾. ڳام ۾. ۲۳. ان جي. ۲۴. ڳولا، تلاش. ۲۵. ملن. ۲٦. مان نہ = ٿان. ۲۷. گدائي ڪندي، خيرات پنندي. ۲۸. انهن جي مٿان، انهن تي. ۲۹. ويس، پوشاڪون، وڳا، جُبا. ۳۰. مٿيءَ هاٿا. ميرا. ۳۱. ذڪر جو ورد ڪندي. ۳۲. جنهن جي لک يا ڄاڻ نہ پئجي سگهي، بي چُون، بي مثال، خدا. ۳۳. سردي، ڏاڍي ٿڌ، پوئينءَ رات واري ٿڌڪار، رات جو پويون حصو. ۳۴. مٿان پئي، حملي آور ٿي.

Gul Hayat Institute

پَسو[١] پَٽ[٢] پَرِي[٣]، جِيجَان[۴] جوڳِيَڙَنِ[۵] جِي.

١۵

جوڳِي جَڳِ[٦] نَہ وَڳِ[٧]، جَڳُ نَہ ڏِنو جوڳِيِن[٨]،
آديسِي عالَمَ[٩] کان، لاهِي[١٠] چُرِئا[١١] لَڳِ[١٢]،
سامِي ٿِئا سُرڳِ[١٣]، تَڪِيا[١۴] پَسُون[١۵] تَنِ جا.

١٦

تَڪِيا پَسُون تَنِ جا، هَلِيَّ[١٦] مَنجهان حالَ[١٧]،
ڪوڙِيِن[١٨] ڪَنوتِيَنِ[١٩] جا، پِينَرُ[٢٠] پانيان[٢١] پالَ[٢٢]،
سامِيَنِ جِيءَ سَنڀالَ[٢٣]، مُنهِنجو چِتُ[٢۴] چَڱو[٢۵] ڪِئو.

١٧

تَڪِيا تاڪِيائُون[٢٦]، وِئا رَمَندا[٢٧] رامَ[٢٨] ڏي،
ڪِجان[٢٩] خَبَرَ[٣٠] نَہ لَهان[٣١]، آديسِيَنِ[٣٢] آئُون،
ڪَنهِنَ[٣٣] ڪُونڊِ[٣۴] ڪَنيائُون[٣۵]، ڪاڏي[٣٦] وِئا ڪاپڙِي.

١٨

Gul Hayat Institute

تَڪِيَنِ سين توڙان[٣٧]، وِراڳِيَنِ وَٽِي[٣٨] ڪِينڪِي،

---

١. ڏسو. ٢.ساک، ڪارپت، عزت، ويساهہ. ٣. نبهي، رهجي آئي، ٻڙي آئي. ۴. اي جيجان، اي جيجل، اي آيل، اي امان. ۵. جوڳين، تارڪ الدنيا فقيرن، ڪاپڙين، سامين، سناسين، آديسين، ويراڳين، بيراڳين. ٦. جڳ ۾، جهان يا دنيا ۾. ٧. وڳ ۾، قافلي ۾، ميڙ يا مجموعي ۾، سٿ ۾. ٨. جوڳين. ٩. جهان، جڳ، دنيا. ١٠. ختم ڪري، ڇني، ٽوڙي. ١١. هلڻا، وڻا، رڙهڻا. ١٢. لڳ يا لاڳاپو. ١٣. سرڳ ۾، بهشت ۾ يعني آرامَ يا فرحت ۾. ٻي جهان ۾ يعني فوت ٿي يا مري وڻا. ١۴. آستان، مڪان، مڙهيون، ٽڪاڻا. ١۵. ڏسون. ١٦. نڪري، ٻاهر ٿي. ١٧. بي خوديءَ بي هوشيءَ، مستيءَ.١٨. ڪروڙين، ڪروڙن جي تعداد ۾، گهڻا. ١٩. ڪن ڪٽيلن، جوڳين. ٢٠. اي پينر، اي اديون. ٢١. ڇاڻان، سمجهان. ٢٢. ٽورا، مهربانيون. ٢٣. سارَ، يادگيريءَ. ٢۴. منُ، دلِ. ٢۵. نيڪ، درست، صحيح. ٢٦. (درن جا) تاڪ ڏيئي بند ڪئائون، ترڪ ڪئائون، ڇڏئائون. ٢٧. هلندا. ٢٨. خدا جو (هندي) نالو. ٢٩. (فکر يا ڳڻتيءَ ۾) ڳران، ونجهلان. ٣٠. سڌ، پتو. ٣١. حاصل ڪريان، هٿ ڪريان. ٣٢. آديسين جي. ٣٣. ڪهڙي. ٣۴. طرف ڏي، پارَ ڏي. ٣۵. لڏو يا ٽپڙ ٽاڙي ڪنيائون. ٣٦. ڪيڏانهن، ڪهڙي طرف ڏي. ٣٧. توڙ کان، شروع کان، ازل کان. ٣٨. دل لڳي، آٽڙي.

جَراتِي[١] جيرَنِ[٢] سين، ڪارا[٣] ڪِئائُون ڪوڙا[٤]،
آسَڻَ[٥] اجوڙا[٦]، سَجوڙا[٧] سين سَجَڻين[٨].

**١٩**

مَڙهَه[٩] پُوربائُون[١٠] ماڻ[١١] تي، تَڪِيَنِ[١٢] ناهه تَنوارَ[١٣]،
آسَڻَ مَتَّان اُن جي، نِتُ[١٤] تِمايَمِ[١٥] نارَ[١٦]،
سامِي[١٧] سَپِ[١٨] جَمارَ[١٩]، ڏيئي ڏُکَ[٢٠] ڏُورِ[٢١] ٿئا.

**٢**

ڪَٽئو تَڪَبُرَ[٢٢] تَڪِيا[٢٣]، حِيلا[٢٤] ڪِئو هَلَنِ،
مُوران[٢٥] ٿان نه لهنِ[٢٦]، لَمِي[٢٧] راهه[٢٨] لطيف[رح] چئي.

**٢١**

سامِي ڪامِي[٢٩] پِرينءَ لَيِءِ، ڪُسِي[٣٠] ٿئا ڪَبابُ[٣١]،
اوتِين[٣٢] ارتي[٣٣] گاڏئُون[٣٤]، مَنجهان اکِيُنِ آبُ[٣٥]،
تِهَڙو[٣٦] ڏسن ڏوهه[٣٧] ڪي، تِهَڙو[٣٨] تَن ثَوابُ[٣٩]*،
سَندو[٤٠] ذاتِ[٤١] جَوابُ[٤٢]، تُون ڪِئَن[٤٣] پُڇين[٤٤] تَنِ ڪي[٤٥].

Gul Hayat Institute

---

١. ساڙي يا جلائي. ٢. باهين. ٣. سياهه. ٤. سينا. چاتيون. اُرهه. ٥. آستان. مڪان. مڙهيون. تڪاڻا. تڪيا. ٦. سجا. ويران. ٧. آباد. وسيل. ٨. سڄڻن. محبوبن. پرين. ٩. تڪيا. مڙهيون. ١٠. (درد ڏيئي) بند ڪئائون. ١١. چپ. خاموشي. ١٢. تڪين ۾. ١٣. آواز. ڳالهائڻ. ١٤. مسلسل. لاڳيتو. ١٥. مون تمايا يا وهايا. ١٦. واحد نارُ = کوهه مان پاڻيءَ ڪڍڻ لاءِ ڪاٺ جو ٺهيل چرخو يا ائٽ. نڪ جي پرسان اکين وارا سوراخ. تنرا (تمايم نار = اکين مان بي انداز پاڻي يعني لڙڪ وهايم). ١٧. تارڪ الدنيا فقير. جوڳي. سناسي. ڪاپڙي. آديسي. ويراڳي. بيراڳي. ١٨. ساريءَ. سموريءَ. ١٩. ڄمار لاءِ. عمر يا زندگيءَ لاءِ (سپ ڄمار = هميشه لاءِ). ٢٠. سُور. عذاب. ٢١. ڏور ٿئا = پري هليا ويا. جدائي ڪري ويا. ٢٢. تڪبر جا. وڏائيءَ جا. خوديءَ جا. ٢٣. واحد تڪيو ڏيڍ فوٽ کن ڊگهي ڪاٺي جنهن تي جوڳي فقير ويٺي ويٺي نراڙ يا پيشاني رکي فڪر يا ڌيان پچائيندا آهن. بيراڳڻ. آڌار. ٢٤. عذر. بهانا. اٽڪلون. چالاڪيون. ٢٥. مور. اصل. صفا. بنهه. ٢٦. حاصل ڪن. لين. وٺن. اختيار ڪن. ٢٧. هيٺاهين (نهنائيءَ واري). ٢٨. گس. واٽ. رستو. ٢٩. سڙي جلي. پچي. ٣٠. ذبح يا قتل ٿي. وڍجي. ڪپجي. ٣١. قيمون. گوشت جا ذرا ذرا. ٣٢. پلٽين. وهائين. ٣٣. ارتي سان. رت يا خون سان. ٣٤. گڏيل. مليل. ٣٥. پاڻي (لڙڪ. ڳوڙها). ٣٦. جهڙو. جهڙيءَ طرح. ٣٧. گناهه. پاپ. ٣٨. تهڙي طرح. ٣٩. نيڪ ڪم. پُنُ *هو گناهه ۽ ثواب کي هڪ نظر سان ڏسن ٿا. سڀ ڪم خدا ڪارڻ ڪن ٿا. ٤٠. جو. ٤١. قوميت. ٤٢. سوال جي ورندي. يا حَلُ. ٤٣. ڪهڙيءَ طرح. ڇو. ٤٤. معلوم ڪرين. ٤٥. ڪان.

## ٢٢

سامين[1] سمر[2] سور[3]، گوندر گبرين[4] ۾،
جوڳين جڙيا[5] جان[6] ۾، پيغامن[7] جا پور[8]،
آديسي اسور[9]، وڃائي[10] وات ٿيا[11].

## ٢٣

گوندر گبرين ۾، سامي سور سبن[12]،
ڪنهن جنهن[13] ڪيف[14] ڪڪوريا[15]، ڪنجئو[16] ڪن هٽن[17]،
سنڪو سناسين[18]، آهي پورب[19] پند[20] جو.

## ٢٤

ڪنهن جنهن ڪيپ[21] خمارئا[22]، پورئا[23] پوٽن[24]،
ڳالهيون ڳهلي[25] لوڪ[26] سين، پذر پئي[27] نه ڪن،
سنڪو سناسين، آهي پورب پند جو.

## ٢٥

سامين[28] سنگ[29] ڪلهن تي، سنگ مڙوئي سور،
ڪهندا[30] ويا ڪابل[31] ڏي، ڪو جو پيٽڙن[32] پور.

---

١.سامين کي، تارڪ الدنيا فقيرن کي، جوڳين کي، سناسين کي، ڪاپڙين کي، اديسين کي، ويراڳين کي، ٢. توشو، اڏڦو، اجڪو، مسافريءَ تي وڃڻ وقت رستي ۾ واپرائڻ لاءِ ڪاڏوءِ ٻيو سامان، ٣. سور جو، تڪليف جو، غم جو، گوندر جو، ڏک جو، ۴. فقيرن جي ڪچن ۾ لڙڪندڙ ڳوٿرين، ٻگرين، جهولين، ٻجڪن، ۵. مڙهئا، پيوند يا پيو ستا ڪئا، ٦. بدن، سرير، ٧. (روحاني) نياپن، ٨. فڪر، خيال، ويچار، ٩. اَسُرَ جي وقت، فجر يا پرڀات جي مهل، صبوح جو سوير، ١٠. ساز وڃائي، ١١. وات ٿئا = (وات يا رستو وني) روانا ٿي وئا، ١٢. پيوند ڪن (جيئن ڪپڙي کي چتيون هڻبيون آهن)، ١٣. اهڙي، ١۴. نشي يا خمار (الاهي عشق جي)، ١۵. (پچائي) لالَ يا ڳاڙها ڪئا، پختا ڪئا، ١٦. ڇڪيو (گبرين کي) گهنج وغيره ڪڍئو،١٧. تونپا، سيپا، ٽانڪا، ١٨. اڌو، اون، فڪر، ڳڻتي، ڏپ،ڏڄ، ١٩. پورب يعني ايرندي جي (هندستان ۾ اترپرديش جي رياست ۾ ڪانپور کان بهار تائين واري علائقي کي پورب چوندا آهن جنهن ۾ هندن جا پوتر آستان آهن جهڙوڪ گيا، بنارس، ڪاشي، دئارڪا، گنگا (ندي) وغيره)، ٢٠. سفر، مسافريءَ، ٢١.نشي، ٢٢. خمار ۾ وڏا، مدهوش يا مست ڪئا، ٢٣. ڀنور يعني پاڻيءَ جي ڪن وانگر چڪر هڻندا يا ڦرندا، ڪِهڏندا، ٢۴. هلن، ٽرن، ٢۵. يورڙي، بي عقل، موڳي، ٢٦. ماڻهن، ٢٧. پذر پئي = ظاهر ظهور، ڪلم ڪلا، ٢٨. سامين کي، ٢٩. ڏڱن جي سڱن مان ٺهيل توتارا، ناد، نفيل، ٣٠. هلندا، ٣١. ڪابل جي شهر (جتي هندن جو تيرٿ آهي ۽ جيڪو افغانستان جي گاديءَ جو هنڌ آهي)، ٣٢. انهن کي پٺو.

مَـٽِڙهِـيءَ[١] جـو مَـذڪُورُ[٢]، ڪَـالَـهَـ ڪَـندا وِئَـا ڪَـاپَـڙِي[٣].

## ٢٦

سَـامِـيَ[٤] مَـٽِڙهـي سَـنڌِيَـاءِ[٥]، سَـامُـهَـِيـن[٦] مُـون[٧] سـيـلَـهَـ[٨] تِـي،
سَـا تَـاَن[٩] ڪُـوهُـ[١٠] اڌِيَـاءِ[١١]، جَـاَن[١٢] نَـانـگـا[١٣] وجـيـن نِـڳِـئـو[١٤].

## ٢٧

نَـانـگـا نَـنـگـا[١٥] نِـڳِـئَـا[١٦]، نَـانـگـنِ مَـٽـيِّ[١٧] نَـنـگُ[١٨]،
نَـڪـي وَجَـائـين سِـڳـيُـون[١٩] نَـڪـي چُـورِيـنِ[٢٠] چَـنـگُ[٢١]،
گَـنـگـا[٢٢] ۽ گَـرنَـارَ[٢٣] جـو، سَـامِـيـن بَـڌو سَـنـگُ[٢٤]،
راوَلُ[٢٥] پَـسِـي[٢٦] رَنـگُ[٢٧]، ٿِـئَـا لاهُـوتِـي[٢٨] لَـطِـيـف چـئـي.

## ٢٨

نَـانـگـو نَـنـگـا نِـڳِـئـو، تَـنـهِـن نَـانـگـي نَـنـگُ نَـ ڪـو،
نَـ ڪَـاڇِـوتِـي[٢٩] ڪَـڇَ[٣٠] ۾، نَـڪِـي ڌوتِـئـو[٣١] ڌوءِ[٣٢]،
راتِـيَـان ڏِيـنـهَـان روءِ[٣٣]، ٻَـالِـهـ پَـروڙِئـو[٣٤] ڳُـجَـهـ[٣٥] جِـي.

## ٢٩

Gul Hayat Institute

ڪِـيـن[٣٦] ٿِـيـن[٣٧] ڪِـي نَـ ڪِـئـوءِ[٣٨]، وِجِـي[٣٩] ڪِـيـن ڪَـمـاءِ[٤٠]،

---

١. ٽڪاڻي، ٽڪيي، آستان، آسڻ. ٢. ذڪر، پچار، خقبر. ٣. تارڪ الدنيا فقير، جوڳي، سامي، سناسي، اديسي، ويراڳي، بيراڳي. ٤. اي سامي. ٥. تنهنجي. ٦. مُنهَان مُنهن، آڏو، اڳيان. ٧. مون کي. ٨. کنڌايا ٻالا (ڏکن جا). ٩. تہ. ١٠. ڇو. ١١. تو اڏي، تو جوڙي يا ٺاهي. ١٢. جيئن تہ، جنهن صورت ۾. ١٣. اي نانگا (نانگو ان فقير کي چوندا آهن جيڪو بت تي لانگوٽيءَ سواءِ ڪپڙو نہ ڍڪي ۽ سڄي عمر شادي نہ ڪري). ١۴. نڪرئو، روانو ٿئو، اسهيو (تيرٿن ڏانهن). ١٥. ننگ ڪان، واسطي ڪان، مٿيءَ مائٽيءَ ڪان. ١٦. لاتعلق ٿئا. ١٧. تي. ١٨. آسرو، ڀروسو، لڄ. ١٩. ڍڳن جي سنگن مان ٺهيل توتاريون. نفير، ناد. ٢٠. وڄائين. ٢١. وڄائڻ جي ساز جو هڪ قسم. ٢٢. هندستان جي اترپرديش رياست ۾ هڪ نديءَ جو نالو جنهن کي هندو پوتر ۽ پاڪ سمجهندا آهن. ٢٣. هندستان جي رياست جهوناڳڙهہ ۾ ٽڪريءَ تي هڪ شهر جو نالو. هن شهر ۾ هندن جا تيرٿ ۽ زيارت گاهون آهن. ٢۴. سانگو، سانگ، سفر (ٻڌو سنگ = سفر جي تياري ڪئي). ٢٥. شهزادا، حاڪم، بهادر، محبوب (جوڳي يا سامي). ٢٦. ڏسي. ٢٧. رونق، ڏيک ويک، خوبصورتي. ٢٨. لاهوت (عالم ذات الاهي جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿيندو آهي، صوفي طريقي جي چوٿين منزل) جا ڄاڻو يا معرفت رکندڙ. ٢٩. ڪبري، ٻڪري، ڳوٽري. ٣٠. بغل، ڪلهي. ٣١. بدن جي هيٺئين حصي کي ٻڌڻ جو ڪپڙو، ڪوڏ. ٣٢. ڌوئي، صاف ڪري، ميراڻ لاهي. ٣٣. روئي. ٣۴. سمجهئو، معلوم ڪرئو. ٣٥. راز. ٣٦. فنا، ناس. ٣٧. ٿي وڃين. ٣٨. ڪجهہ. ٣٩. تو ڪئو. ۴٠. ڪين ڪماءِ = پاڻ کي فنا ڪرڻ جو عمل ڪر.

لاڳا[1] پا لَطيف چَئي، جوڳي[2] سَپ جَلاءِ[3]،
سَامِي پوءِ سَلِيندا[4]، ڳالِهه پِرِيان[5] جي ڳُجَهه[6] جِي.

## وائي ١

جوڳي سيئي، جَن ڪي مَن[7] ۾ مالا[8]،
سَامِي سيئي، جَن ڪي مُنهَن[9] ۾ مُندا[10]،
پيتا[11] سي مَڙهِيءَ[12] ۾، اِلا اللهُ[13]، سَت[14] گُروءَ[15] جي سَنگا[16].

## وائي٢

آسَرو[17] آهي، موتِي ايندا، مُون نہ ڇَڏيندا پاڻ[18] پَسَندا[19]،
پَٽَر[20] وار[21] پِرِينءَ لَيءِ، ويهه تُون وِچائي[22]،
ڏُکَ[23] لاهيندا ڏِيل[24] مان، ڳُجهو[25] ڳالهائي،
ڪالَهه سَناسِي سِڱيُون[26]، وَڄا وَڄائي،
ايندا آديسي وَرِي، ڏُونهيُون[27] ڏُون ڏِکائي[28][29]،
مُون ڪي نِبيندا[30] پاڻ سين، هِيءُ سَنگ[31] ساڳاهي[32].

١. واسطا، تعلق، سڱ. ٢. اي جوڳي، اي تارڪ الدنيا فير، اي سامي، اي سناسي، اي ڪاپڙي، اي آديسي، اي ويراڳي، ٣. ساڙ، ختم ڪر، ٤. توکي سليندا، توکي ٻڌائيندا، ٥. پرينءَ، محبوب، ٦. راز، ٧. دل، ٨. مالها، تسبيح، سمرڻي (خدا جو ذڪر)، ٩. مُک، وات، ١٠. والا يا چلا، (صبر يا ماٺ جا)، ١١. گهڙيا، ١٢. تڪاٽي، آستاني، تڪبي، ١٣. الله ڪان سواءِ، فقط الله (آهي) (اِلا الله اسلامي ڪلمي طيبہ جو اثباتي جزو آهي ۽ هتي الله جي قسم يا سوڳند يا سُنهن طور ڪم آيل آهي)، ١٤. ست، سچي، ١٥. مرشد، رهبر، ١٦. سنگ ۾، ساٿ ۾، همراهيءَ ۾، ١٧. اميد، آس، ١٨. خود، پنهنجي سر، ١٩. ديدار ڪرائيندا، ٢٠. پٽراٽيءَ تي، بسترِي تي، ٢١. زلف، ٢٢. پکيڙي، ڦهلائي، ٢٣. تڪليفون، آزارَ ٢٤. جسم، سرير، ٢٥. مخفي، ٢٦. ڏِڱن جي سڱن مان نهيل توتاريون، ناد، نفير، ٢٧. موٽي، ٢٨. هلڪيون يا جهيڻيون باهيون، ٢٩. دکائي، ٻاري، ٣٠. وٺي ويندا، ٣١. واسطو، تعلق، لاڳاپو، ٣٢. سچائي.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

# سُر رامڪلي

## داستان چوٿون

### ١

جي ڀانئين[1] جوڳي[2] ٿيان تہ سنگ[3] سيئي ڇن[4]،
وڃي دَرِ[5] دوستن جي[6]، نانگا[7] ڪيم[8] نن[9]،
پَٽ[10] تني جي پن[11]، جني ٻُجھي[12] نہ ٻُجھئو.

### ٢

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، تہ سنگ ميڙيئي توڙ،
جن جَڻئو[13] نہ جاپئا[14]،* جِيءُ[15] تني سين جوڙ[16]،
تہ تون پهچين[17] توڙ[18]، محبت[19] جي ميدان[20] ۾.

### ٣

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، تہ سنگ سيئي ڇڏ،
اوڏو[21] ٿيءُ الف[22] کي، مَن[23] ميم[24] سين گڏ[25]،
هتان[26] لاهوتي[27] لڏ[28]•، تہ گُر[29] گڏجين[30] ڪاپڙي.

Gul Hayat Institute

---

١. چاهين ٿو، خواهش يا تمنا اٿيئي، ٢. تارڪ الدنيا فقير، سامي، سناسي، ڪاپڙي، آديسي، ويراڳي، بيراڳي، ٣. ناتا، واسطا، تعلق، ٤. توڙ، ڇڏ، ترڪ ڪر، ٥. در تي، ٦. سڄڻ، يارن، محبوبن، ٧. اي نانگا (فقير جيڪو بت تي لانگوٽيءَ کان سواءِ ڪپڙو نہ پائي ۽ ساري عمر شادي نہ ڪري)، ٨. نہ، ٩. رو، روڄ يا رازو ڪر، آزي نيزاري ڪر، ١٠. پٽ تي، ميدان تي، (گھرَ جي) اڱڻ تي، ١١. بکيا يا خيرات گھر، ١٢. پروڙي، سمجھي، ڄاڻي، ١٣. جنم ڏنو، پيٽ مان پيدا ڪئو، (ڄارُ)، ١٤. ڄميا، جنم ورتو * جيڪي ڄڻڻ ۽ ڄمڻ کان پاڪ آهن يعني خدا، ١٥. دل، ١٦. ڳنڍ، لڳاءِ، ١٧. رسين، ١٨. توڙ ڪي، ڇيهہ ڪي، آخري منزل ڪي، ١٩. پيارَ، سڪ، ٢٠. آکاڙي، ٢١. ويجھو، نزديڪ، ٢٢. "الف = بي" جو پهريون اکر "ا" جنهن جو هت "الله" ڏانهن اشارو آهي، ٢٣. دل، قلب، هنيون، ٢٤. اسلام جي پيغمبر حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جي نالي جو پهريون اکر ۽ هتي اشارو پيغمبر صلعم جن ڏانهن آهي، ٢٥. ملاءِ، لڳاءِ، ٢٦. هتان (هن دنيا يا جهان مان)، ٢٧. لاهوت (علم ذات الاهي جنهن ۾ سالڪ کي فنا في اللهجو مقام حاصل ٿئي ٿو ۽ جيڪو صوفي طريقي جي چوٿين منزل آهي) جا ڄاڻو يا معرفت رکندڙ، ٢٨. سامان سڙو کڻي روانو ٿي ● هن جهان کي ترڪ ڏي يا تياڳ ڏي، ٢٩. گر کي، مرشد کي، هاديءَ کي، ٣٠. ملين، پهچين.

## ۴

جي يَانِين جوڳِي تِيَان، تَہ سِنڱيُون سِيلهيُون چڏِ،
دُونهَيِنئُون دُورِ تي، مَڙهِي مُور مَ اڏِ،
سُپِيرِيَان جي سَڏِ، نَانگا وانءُ نِڱئُو.

## ۵

جي يَانِين جوڳِي تِيَان، تَہ سِنڱي سَال وَجَاءِ،
مَالا قِيرِج مَن ۾، ڏَڙَ ڪي ڏُوڙ مَ لاءِ،
ويراڳڻِ وِجُود ڪي، صَبَرَ جي سَهَاءِ،
تَہ سَامِيڙا سَنديَاءِ، گُرَوَت گِلا نَہ ٿِئي.

## ٦

جي يَانِين جوڳِي تِيَان، تَہ مُنهَن ۾ مُندائُون پاءِ،
ڪَنَن ڪِين وِجَائِيو، جَن ۾ ڪوري ڪَڪَر وڏاءِ،
چِڏ چَادَر بَن چَمڙو، جُتِي تو نَہ جُڳاءِ،
سَامِيڙا سَنديَاءِ، گُرَوَت گِلا نَہ ٿِئي.

Gul Hayat Institute

---

١. چاهين، ٢. تارڪ الدنيا فقير، آديسي سامي، سناسي، ويراڳي، بيراڳي، ڪاپڙي، ٣. ڏِکن جي سڱن مان ٺهيل توتاريون، ناد، نفير، ۴. ڏاس يا پشم جون نوڙيون (جيڪي جوڳي فقير مٿي تي ٽوپ جي چوڌاري ويڙهيندا آهن)، ۵. ڦٽيون ڪر، ترڪ ڪر، ٦. دونهين ڪان، (آستان يا مڙهيءَ ۾ ٻاريل) جهيٽين يا هلڪين باهين ڪان، ٧. پري، لاتعلق، ٨. آستان، تڪاڻو، تڪيو، ٩. اصل ١٠. ٺاهہ، جوڙ، ١١. سپرينءَ، پرينءَ، محبوب، ١٢. (گهرائڻ لاءِ) سڏ تي، آواز تي، دعوت يا ڪوٺ تي، ١٣. اي نانگا (فقير جيڪو بدن تي لانگوٽيءَ کان سواءِ ڪپڙو نہ پائي ۽ سڄي عمر شادي نہ ڪري)، ١۴. وڃ، ١۵. نڪتو، هلئو، اُسهئو، ١٦. سالم، صحيح، ٺيڪ، ١٧. مالها، تسبيح، سُمرڻي، ١٨. سورج، هلائج، پڙهج، ١٩. دل، ٢٠. بدن، جسم، ٢١. مٽي، خاڪ، ٢٢. لڳاءِ، مک، ٢٣. ڪنڍي واري ڪاٺ جي ننڍي لٺ جيڪا جوڳي فقير ڪڇ هيٺان رکي ٽيڪ ڏيئي وهندا آهن يا مٿو رکي ڏيان پچائيندا آهن. بيراڳڻ، ٢۴. بدن، جسم، سرير، دل، ٢۵. ماٺ، چپ، ٢٦. آڌار يا ٽيڪ طور ڪم آڻ، ٢٧. اي سامي، ٢٨. تنهنجي، ٢٩. مرشد، ٣٠. شڪايت، ننڊا، ٣١. مک، وات، ٣٢. والا يا چلا وجهي (صبر يا ماٺ ڪر)، ٣٣. وجهہ، ٣۴. بگاڙئو، ڦٽايو، ٣۵. چيري، ڪپي، ٣٦. وڌِ، چير، ٣٧. تو وڏا آهن، ٣٨. ٻت ڪي ويڙهڻ لاءِ ڪپڙو، ٣٩. ٻنَ ۾ يا ڪڏ ۾ (وجهہ يعني ڦٽو ڪر) ۴٠. ڪمر پٽو، ۴١. پيزار، پادر، ڪلو، ۴٢. توکي، ۴٣. سونهي، زيب ڏي، مناسب لڳي.

## ٧

جي ٻانيين جوڳي تِيان، تہ ڪُنا ڪِيمَ[١] ٻَهاءِ[٢]*،
مَـرِهيءَ ۾ مانِ ڪَري، وِيهي تَندُ[٣] وَڄاءِ،
سَامِي[٤] سَاڪَ[٥] سَندِياءِ، پُورَبِ[٦] تِيي پَدَرِي[٧].

## ٨

جي ٻانيين جوڳي تِيان، مَـرُهہ[٨] پُوري[٩] مَنجهہ[١٠] مارِ[١١]،
دائِمَا[١٢] دُونهِين[١٣] دِلِ ۾، مَن ۾ مَالا[١٤] وارِ[١٥]،
سَهُہ[١٦] سَيَڪَا آرِ[١٧]، آڳي[١٨] جِي ادَبَ[١٩] سين.

## ٩

جي ٻانيين جوڳي تِيان، طَمَعَ[٢٠] ڇَڏ[٢١] تَمامُ[٢٢]،
ڳولا[٢٣] جي ڳولَنَ جا، تِيءُ تَنِ جو غُلامُ،
صَبرَ جي شَمشيرَ[٢٤] سين، ڪَرِ ڪِيني[٢٥] ڪي قتلُعامُ،
تہ نانگا[٢٦] تُنهِنجو نامُ[٢٧]، لِڪجي[٢٨] لاهُوتَ[٢٩] ۾.

Gul Hayat Institute

## ١٠

جي ٻانيين جوڳي تِيان، تَرڪُ طَمع ڪي ڪَرِ،

---

١. نہ. ٢. ٻوُنڪاءِ (پنهنجي ٻنيان) * بازار ۾ يا ماڻهن جي گهرن تي وڃي نہ ٻن. ٣. (ساز کي وڄائڻ لاءِ ان ۾ ٻڌل) لوهہ يا رڳ جي تار. ٤. اي سامي. ٥. ڪار پت، سچائي، ايمانداري. ٦. پورب ۾، ايرندي ۾ (هندستان ۾ اتر پرديش رياست ۾ ڪانپور کان وٺي بهار واري علائقي کي پورب چوندا آهن جنهن ۾ هندن جا پوتر مڪان يعني تيرٿ آهن). ٧. ظاهر، مشهور. ٨. جسم، سرير. ٩. بند ڪري. ١٠. اندر ۾. ١١. نابود يا فنا ڪر. ١٢. سدائين، هميشہ. ١٣. هلڪي يا جهيڻي باهہ (جيڪا جوڳين جي آستان ۾ پيئي ٻرندي آهي). ١٤. مالها. تسبيح، سُمرڻي. ١٥. هلاءِ، سور، ڦيراءِ. ١٦. برداشت ڪر، قبول ڪر. ١٧. رضا، مرضي، ارادو. ١٨. مولا يا خدا. ١٩. احترام، عزت، تعظيم. ٢٠. لالچ، لوڀ. ٢١. ڦٽي ڪر، ترڪ ڪر. ٢٢. صفا، پوري. ٢٣. غلام، نوڪر، ٻانها. ٢٤. تلوار. ٢٥. حسد، ساڙ. ٢٦. اي نانگا (فقير جيڪو لانگوٽيءَ کان سواءِ بدن تي ڪپڙا نہ پائي ۽ سڄي عمر شادي نہ ڪري). ٢٧. نالو. ٢٨. داخل ٿئي، تحرير ٿئي، لِکئو وڃي. ٢٩. عالم ذات اِلاهي، جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام ملندو آهي، صوفي طريقي جي چوٿين منزل.

وَڏي[۱] وَهَمَ[۲] وِجُودَ[۳] جَا، خَاصي[۴] ڏِيَانِ[۵] ڏَرِ[۶]،
ڪِنهِن پَرِ[۷] پهچين[۸] پَرِ[۹]، لِڪجين[۱۰] لاهُوتَ[۱۱] سين.

۱۱

جي پَانيين[۱۲] جوڳي تِيَان[۱۳]، تِيءُ گُروءَ[۱۴] جي گَسِ[۱۵]،
ڏُکُ[۱۶] پَاڻَ کي ڏَسِ[۱۷]، هِنگلاجَ[۱۸] جي[۱۹] هَلَڻَ[۲۰] جو.

۱۲

جي پَانيين جوڳِي تِيَان، تَه پَرِ گُرُوءَ جِي[۲۱] پَارِ،
هَوائُون[۲۲] هِنگلاجَ ڏي، وِبندي سَبِ وِسَارِ[۲۳]،
نَانگا[۲۴] نَاٿُ[۲۵] نِهَارِ[۲۶]، سَامِي[۲۷] وَڏِيءَ[۲۸] سِڪَ[۲۹] سين.

۱۳

جي پَانيين جوڳِي تِيَان، تَه پَرِ ڪَلِمِي[۳۰] جِي پَارِ،
پَنجَنِ[۳۱] سين پُورو[۳۲] رَهُه، آيَا تِيهَه[۳۳] مَ تَارِ[۳۴]،
تَڏهِين ڏاڳَا[۳۵] ڏارِ[۳۶]، جَڏهِين راهَه سُڃَاڻين رَبَ جِي.

۱۴

جِي پَانيين جوڳِي تِيَان، تَه دِلِ ۾ ديگِ چَاڙهِه،

---

۱. ڪيي، ڪتي، ۲. پرم، وسوسا، فڪر، غم، ۳. دل، من، ۴. موچاري، چڪي، سٺي، ۵.ڏيان سان، خيال سان، ۶. لاهه، رڪ، ۷. نموني، رسم، ريت، طرح، ۸. رسين، ۹. ٻرڪي، رمز ڪي، ڳجهه يا راز ڪي، ۱۰. لڪجڻ جي لائق ٿئين، داخل ٿيڻ جي قابل ٿئين، ڳاڻيٽي يا شمار ۾ ٿئين، ۱۱. عالم ذات، الاهي جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿيندو آهي، صوفي طريقي جي چوٿين منزل، ۱۲. چاهين ٿو، ۱۳. تارڪ الدنيا فقير،سامي، سناسي، ڪاپڙي، آديسي، ويراڳي، ۱۴. مرشد، رهبر، ۱۵. گس تي، واٽ يا رستي تي، ۱۶. تڪليف، ڪشالو، ۱۷. ڏيکار، سونهاءِ، سهاءِ، برداشت ڪراءِ، ۱۸. بلوچستان ۾ لس ٻيلي جي ويجهو جبلن جي ٻرسان هڪ شهر جتي هندو يا سامي فقير نانيءَ جي زيارت لاءِ ويندا آهن، ۱۹. ڏانهن، ۲۰. وڃڻ، سفر ڪرڻ، ۲۱. پر گروءَ جي پار = گروءَ جي طريقي يعني سُنَت تي عمل ڪر، ۲۲. (من يا دل جون) خواهشون، حرص، ترشنائون، ۳۳. دل تان لاهه، ۲۴. اي نانگا (فقير جيڪو لانگوٽيءَ کان سواءِ بدن تي ڪپڙو نه پائي ۽ سڄي عمر شادي نه ڪري)، ۲۵. ڌڻي، مالڪ، خدا، جوڳين جو مرشد يا گرو، ۲۶. ڳول، تلاش ڪر، ۲۷. اي سامي، ۲۸. جهجهيءَ، گهڻيءَ، ۲۹. محبت، پيار، ۳۰. اسلام جي پهرئين رڪن يعني "لا الہ الا اللهَ محمدً رسُولَ الله" جي جملي، ۳۱. نماز جي پنجن وقتن، ۳۲. پابند، ۳۳. رمضان مهيني جا ٽيهه روزا، ۳۴. گساءِ، ترڪ ڪر، ۳۵. فقيراڻو لباس، ڪفنيون، ۳۶. استعمال ڪر، هنڌاءِ يا پاءِ.

Gul Hayat Institute

جِيرا جِگرَ ٻُڪيُون، ڦِقِڙَ ڦوڙي[١] ٻارِ[٢]،
تہ قادِرُ[٣] تُنهِنجي ڪارِ[٤]، خالِقُ[٥] خالِي[٦] نہ ڪري.

### ١٥

جي ڀانئين[٧] جوڳِي[٨] تِيان، تہ ڪِينَ[٩] پِيالو[١٠] پِيءُ،
ناهِ[١١] نِهارِي[١٢] هَٽ ڪَرِ[١٣]، آئُون[١٤] اِتَ نہ تِي[١٥]،
سَندو[١٦] وَحدَتَ[١٧] وِيءُ[١٨]، طالِبَ[١٩] توڙان[٢٠] ماٽِيين[٢١].

### ١٦

جي ڀانئين جوڳِي تِيان، وَنِي وَحدَتَ وِيهُ،
اُنهُون[٢٢] مُلڪُ[٢٣] اللهَ جو، ڪَنهِن چُلِي[٢٤] ڏِٺو نہ چِيهُ[٢٥]،
ماٽَ[٢٦] مَڙهِيءَ[٢٧] ۾ پيهُ[٢٨]، تہ وِينِئِي وِرُناتُ[٢٩] تِيين.

### ١٧

جي ڀانئين جوڳِي تِيان، تہ جُهونو[٣٠] تِي جُلُ[٣١]،
وَسائِيج[٣٢] وجُودَ[٣٣] ۾، اَٺئي[٣٤] پَهَرَ امُلُ[٣٥]،
تہ سَندو هائِيءَ[٣٦] هُلُ[٣٧]، ڪَذهين[٣٨] ڪَنين نہ سُٽين[٣٩].

---

١. چيري، ڏاري، ڪپي، ٽڪر ٽڪر ڪري. ٢. جلاءِ (دل ۾ اِلاهي عشق جي چاڙهيل ديگ کي هيٺان ڏنل باهہ ۾). ٣. قدرت وارو، سگهارو، خدا. ۴. ڪم، ڪارج، حاجت، ضرورت. ۵. خلقيندڙ، اُپائيندڙ، پيدا ڪندڙ، خدا. ٦. رائگان، ضايع، برباد، بي سود. ٧. ڄاڻين. ٨. تارڪ الدنيا فقير، سامي، سناسي، ڪاپڙي، آديسي، ويراڳي، بيراڳي. ٩. ڪين جي، نابوديءَ يا نيستيءَ جي (شراب جو). ١٠. جام، ڪٽورو. ١١. نيستي، نابودي. ١٢. ڳولي، جاچي، تلاش ڪري. ١٣. حاصل. ١۴. هستي، آپو، خودي. ١۵. "وجود ۾" هئي يا رهي، اتي، اتيئي، آهي. ١٦. جو. ١٧. هيڪڙائيءَ. ١٨. سبزو، چمن، بستان، ڦلواڙي، سبز زار. ١٦. اي طالب، اي ڳولائو (محبوب جا)، اي سالڪ. ٢٠. توڙ کان، ڇيهہ کان، هڪڙي ڇيڙي کان ٻي ڇيڙي تائين، مڪمل سمورو. ٢١. حاصل ڪريين، قبضي ۾ آڻين. ٢٢. عميق، گهرو، وڏو، وسيع، بي انت. ٢٣. ڏيهہ، جهان، دنيا، بادشاهت، سلطنت. ٢۴. ڊوڙي ڊڪي. ٢۵. ڇيڙو، انت. ٢٦. ماٺ واري، صبر يا چپ واريءَ. ٢٧. تڪيي، آستان، تڪائي. ٢٨. گهڙي وڃ، داخل ٿيءُ. ٢٩. (وير = داناءُ، سياڻو + ناٿ = گرو، مرشد) وڏي ۾ وڏو گرو يا مرشد. ٣٠. جهونن يا پوڙهن وانگر، نهنو، نماڻو. ٣١. هَلُ. ٣٢. رهائج، ٽڪائج، (برسات وانگر) پلٽائج، ياد ڪج. ٣٣. اندر، دل. ٣۴.اٺئي پهر = هر وقت. ٣۵. موتي جنهن جو ملهہ نہ ڪٿي سگهجي، خدا. ٣٦. دوزخ. ٣٧. آواز، گوڙ گهمسان. ٣٨. ڪنن سان. ٣٩. ٻڌين.

## ١٨

جي پَانِين جوڳِي ٿِيَان، تہ هُوندَ[١] جِيئَن[٢] مَ هو[٣]،
توکي ويسَ[٤] وِجَايو[٥]، ويسُ وِجَايو تو،
سَامِي آهي سو، جَنهِن مَڙهُہ[٦] پُوري[٧] مَارِيو[٨].

### وائي

ويهُہ مَ ويسَلِي[٩]، تُون هَنڌِ[١٠] وَتُ[١١] مَ ويسَلِي،
تَان[١٢] کِي جَاڳِي[١٣] اورِ[١٤] اللهَ سين،
مَحَبَتَ جي مَيدانَ جي، سُڄي[١٥] ڳالِهہ[١٦] ڳَري[١٧]،
سي پَڻ رُوندا رَتُ وِئَا، مِڙِئَا[١٨] جي مَري[١٩]،
سُتي سَجَڻ[٢٠] نَہ مِڙي[٢١]، آهي اِيءَ ڳَري[٢٢]،
پِيون[٢٣] اِنَ اوسيڙي[٢٤] آڌِيءَ[٢٥] اُٿِين[٢٦]، تُون ڍاڳي ڍَري[٢٧]،
آڌِيءَ عَبدُاللطيف رح چئي، وَرُ[٢٨] ڏي دِل وَري[٢٩]،
ويئي ميرائِي[٣٠] مَن مَان، سَپِکَا[٣١] ڳالِهہ سَري[٣٢].

---

١. خوديءَ وارن، آپو يا تڪبر ڪندڙن، زندھ ماڻهن، جيئرن. ٢. وانگر. ٣. ٿيءُ. ٤. (فقيرائي) لباس يا پوشاڪ. ٥. بيڪار ڪئو، خرابَ ڪئو. ٦. جسم، سرير. ٧. بند ڪري. ٨. فنا يا نابود ڪئو. ٩. غافل، سست. ١٠. اصل، بنهہ. ١١. ڪهُم، هَلُ. ١٢. ڪجهہ ۽ ٿورو. ١٣. اوجاڳو ڪري، ننڊ ڦٽائي. ١٤. ذڪر جو ورد ڪر، دل لڳاءِ. ١٥. ٻڌجي. ١٦. خبر. ١٧. باري، ڏاڍي، سخت، خوفناڪ. ١٨. مليا. واصل ٿيا. ١٩. فنا ٿي. ٢٠. ننڊ ڪندي. ٢١. محبوب. ٢٢. سچي ڳالھہ. ٢٣. پيون زالون يا عورتون. ٢٤. اوسيڙي ۾، اونَ ۾، انتظار ۾. ٢٥. آڌيءَ جو، آڌيءَ رات جي مهل. ٢٦. ننڊ مان جاڳن يعني سجاڳ ٿين. ٢٧. ڍاڳي ڍري = ماڪ ڍرڻ يعني پوڻ جي وقت يا صبوح جي مهل تائين ستي پئي آهي. ٢٨. مڙس يا پَنار (خدا). ٢٩. موٽي. ٣٠. ميراڻ، مٽي، ڪندگي، غلاظت، گدلائي. ٣١. مطلب، مقصد. ٣٢. حاصل ٿي، ملي، پراپت ٿي.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر رامِڪَلِي

## داستان پنجون

١

جوڳي[1] تِيندا سُون، مَاءَ[2] پَلِيندِينءَ[3] ڪيتِرو،
گَلائُون[4] ۽ غِيبَتَ، سَيِئي سَهَندا سُون[5]،
وَنِئو ويندا سُون، مُنهُن[6] پَنهِنجو پَاڻَ سين.*

٢

پُوري[7] پَئِي رَهُه[8]، اُپَتِي[9] اُجُهه[10] مَ ڪَاپَڙِي[11]،
گَلائُون ۽ غِيبَتَ، سي تَان سَهِيو سَهُه،
پُڇ[12] پَاڻَ[13] کي پَهُه[14]، هِنگلاجِ[15] هَلَڻَ[16] جو.

٣

پُوري پَئِي رَهُه، اُپَتي اُجُهه مَ ڪَاپَڙِي،
اُلا[17] جي عَشقَ[18] جَا، سي تُون سَهِيو[19] سَهُه،
پُڇ پَاڻَ کي پَهُه، هِنگلاجِ هَلَڻَ جو.

١. تارڪ الدنيا فقير، ڪاپڙي، سامي، ٢. اي ماءُ، اي امڙ، اي امان، ٣. جهليندينءَ، روڪيندينءَ، ۴. نندائون، غيبتون، ملامتون، ۵. برداشت ڪنداسون. پاڻ تي هموار ڪنداسون، ٦. رخ * لاڳاپا ٽوڙي پنهنجي سر يعني اڪيلا هلئا ويندا سون، ٧. (روحاني راز) بند ڪري يا لڪائي، ٨. پئي رھ = وينو هج، ٩. کولي يا ظاهر ڪري، ١٠. ڀتڪ، رل، ڌڪا ٿاٻا کاءُ، ١١. اي ڪاپڙي، ١٢. معلوم ڪر، ١٣. ياڻ کي = پنهنجي ياڻ کان، پنهنجي اندر يا دل کان، ١۴. صلاح، مصلحت، گس، رستو، ۵. هنگلاج ڏي، (بلوچستان ۾ لس ٻيلي جي ويجهو جبلن جي پرسان هنگلاج شهر جتي هندو يا سامي فقير ناني‍ءَ جي زيارت تي ٻيڻا لاءِ ويندا آهن)، ١٦. سفر، وڃڻ، ١٧. شعلا، چڻنگون، چيبون، ٿانڊا، ١٨. محبت، نينهن، ١٩. سهيو سھ = سهيو وريو ٻي دفعي ٻه پيو سھ، دائمي سهندو رھ.

Gul Hayat Institute

## ۴

رَهِئو[1] ڪَهُه[2] وِينِي رامُ[3]، رَهَندا ڪِينَ رَضَا[4] پِئي،
لَڳِي لَنءُ[5] لَطِيفُ چَئي، اِجي نَه آرامُ[6]،
مَاتَا[7] مُنهِنجو نَامُ[8]، ڪُونِج[9] ڪِنِ پِئَنِ ڪي.*

## ۵

ڪَهَندي[10] ڪَابُلَ[11] ڏي، جوڳِيَنِ[12] جُڳَ[13] تِئا،
راهَه[14] سُونَئائُون[15] رَبَّ[16] جِي، وِرچِي[17] تان نَه وِئا،
جيلاهَه[18] ڏِٺِيءَ[19] ڏُٺا[20]، تيلاهَه[21] مُحَمَّدَ[22] مِڃِئا[23].

## ٦

ڪوڙِين[24] گَنگائُون[25] پِيتِيُن[26]، سَهَسِين ڪَرِين[27] سَنانَ[28]،
رِءَ[29] مُحَمَّدصه جَامَ[30]، ڪَمُ[31] نَه اِينِدءُ ڪِي پِئو.

## ۷

جوڳِيَنِ[32] جوڳُ[33] جُڳاءِ[34]، جوڳُ پَرِ سُونهِين جوڳِيِن،
جوڳِيَانِ[35] سَندِيءَ[36] جَانِ[37] مِ، ڳُجهَه[38] ڳُجهاندرُ[39] آهِ،
هَاءِ[40] مُونهِين ڪي واءِ[41]، جَا آئُون جوڳُ نَه سڪي.

---

١. ترسئو، ٽڪئو. ٢. ڇو، ڇپ، ياد ڪر، سنڀال. ٣. خدا جو (هندڪو) نالو. ۴. رضا پئي = راضي ٿي، خوش ٿي. ۵. محبت، پيار، نينهن، عشق. ٦. سڪ، فرحت. ۷. اي ماتا، اي امان، اي جيجل. ۸. نالو. ۹. سڏج، ڇئج * مون کي مٿل سمجهي منهنجو نالو ڪنهن ٻيءَ تي رکج. ١٠. هلندي، ويندي. ١١. ڪابل (ڪابل هڪ شهر آهي جو افغانستان جو تخت گاهه يا گادي آهي ۽ جتي هندن جا پوتر آستان يعني تيرٿ آهن). ١٢. جوڳين کي. ١٣. تارڪ الدنيا فقيرن کي. ١۴. صديون، سوين سال. ١۵. رستو، واٽ. ١٦. ڳولي لڌائون، اختيار ڪيائون، سڃاتائون. ١٦. پالڻهار، خدا. ١۷. ڪڪ، بيزار، ٿڪجي. ١۸. جنهن صورت ۾. ١۹. مالڪ، خدا. ٢٠. پسند ڪيا، منتخبُ ڪيا. ٢١. تنهن ڪري. ٢٢. اسلام جي پيغمبر جو نالو. ٢٣. قبول ڪيا، منظور ڪيا، تعظيم سان نوازيا. ٢۴. ڪروڙن جي تعداد ۾. ٢۵. گنگا نديءَ جهڙيون نديون (گنگا ندي جيڪا هندستان ۾ اتر پرديش رياست ۾ واقع آهي ان کي ڪي هندو پوتر ۽ پاڪ ندي سمجهندا آهن). ٢٦. پوڄيون، زيارت ڪريون. ٢۷. سون جي تعداد ۾. ٢۸. (گنگا جي پاڻيءَ سان) غُسل، تڙ. ٢۹. سواءِ، بنان. ٣٠. سردارُ (سنڌ جي سمن بادشاهن کي ڄام جي لقب سان ياد ڪبو آهي.) ٣١. ڪم نه ايندءُ = حامي يا همراهه يا مددگار نه ٿيندو. ٣٢. جوڳين کي. ٣٣. دنيا ۾ رهي خدا کي تلاش ڪرڻ جو عمل. ٣۴. سونهي، زيب ڏي. ٣۵. جوڳين. ٣٦. جيءَ. ٣۷. بدن، سرير، جسم. ٣۸. راز. ٣۹. لڪل، مخفي. ۴٠. افسوس. ۴١. حيف.

## ٨

جُوڳَ[١] نَہ جُوڳُو[٢] تُون، ڪَرِينِ پَچَارُون[٣] جوڳَ جُون،
هِڪُو[٤] پَنڌُ[٥] پِريَنِ[٦] جو، پِي[٧] تُنهِنجي پُون[٨]،
سَامِي[٩] سَيٽَنِ[١٠] ڏُونهُن[١١]، رُونڊائي[١٢] رَتُ وِئَا.

## ٩

تُون پَائِي[١٣] جوڳِي تِئُو، لائي[١٤] لَڱَ[١٥] پَيُوتَ[١٦]،
تو سَارِيڪَا[١٧] ڪَاپَڙِي پِينَا[١٨] ۾ لاهُوتَ[١٩]،
جي پِرتِ[٢٠] پِريَان[٢١] سين پُوتَ[٢٢]، تَنِ وِبَس[٢٣] وِرائي[٢٤] ڇَڏِئَا.

## ١٠

جَا[٢٥] جِيَارِي[٢٦] جوڳِيَين[٢٧]، سَا مَاٺُهن[٢٨] مُصِيبَتَ[٢٩]،
سَامِي[٣٠] سُور[٣١] صِحَتَ[٣٢]، جي پُورِبِئَا[٣٣] پَرُوڙِبِين[٣٤] [٣٥].

## ١١

جيڪي[٣٦] جوڳُ ۾ پَاءِ[٣٧]، نَان تَہ[٣٨] نَاگَنِ[٣٩] سين نَاتَ[٤٠] وانءُ[٤١]،
سَامِي[٤٢] سي ۾ لَجَاءِ[٤٣]، مُندا[٤٤] جي مَرڪَڻا[٤٥].

Gul Hayat Institute

١. جوڳ جو، دل جي خواهشن کي روڪ جي عمل جو، دنيا ۾ رهي خدا کي تلاش ڪرڻ جي عمل جو. ٢. لائق، شايان. ٣. ڳالهيون. ۴. هڪڙو. ۵. سفر يا منزل (ڏور). ٦. محبوبن. ٧. ڏورانهون، پري. ٨. جاءِ، ماڳُ، مڪان. ٩. تارڪ الدنيا فقير، جوڳي، ڪاپڙي. ١٠. سڄڻن، محبوبن. ١١. ڏانهن. ١٢. روندائي رت = اکين مان رت ڳڙيل ڳوڙها يا لڙڪ وهائيندا. ١٣. اي پائي، اي پاءِ، اي ادا. ١۴. مکي، لڳائي. ١۵. لڱ کي. بت يا جسم. کي. ١٦. خاڪ. مٽي. ڦلهيار. ڇار. ١٧. جيڏا. جهڙا. ١٨. گهڙي وٺا. ١٩. عالم ذات الاهي. جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿيندو آهي. صوفي طريقي جي چوٿين منزل. ٢٠. پرت ۾، محبت ۾. ٢١. پرين، محبوبن. ٢٢. پوتل، پويل يا جڙيل (موتين وانگر هڪ ڌاڳي ۾) ڳنڍيل، مليل. ٢٣. لباس، پوشاڪون. ٢۴. لاهي. ٢۵. جيڪا ڳالهہ. ٢٦. جيئرو يا زندهہ ڪري يا رکي. ٢٧. جوڳين کي. ٢٨. عام ماڻهن لاءِ. ٢٩. آپدا. آفت. تڪليف. شامت. ٣٠. اي سامي. ٣١. ڏک. درد. تڪليف. مصيبت. ٣٢. چڱڀلائي. سگهائي. ٣٣. جيڪڏهين. ٣۴. اي پوربيا، اي پورب يعني ايرندي ڏي ويندڙ (هندستان جي اترپرديش رياست جي ڪانپور شهر کان بهار تائين واري علائقي کي پورب چوندا آهن جنهن ۾ هندن جي تيرٿن جون جايون آهن جهڙوڪ بنارس. گيا. ڪاشي. ڊاڪا وغيره). ٣۵. سمجهين. ٣٦. يا. ٣٧. اختيار ڪر. ٣٨. نان تہ = ٻيءَ صورت ۾. ٣٩. انهن فقيرن جيڪي لانگوٽيءَ کان سواءِ بت تي ڪپڙو نہ پائين ۽ سڄي عمر شادي نہ ڪن. ۴٠. ناتَ ڏانهن، جوڳين جي مرشد ڏانهن. ۴١. وڃُ. ۴٢. اي سامي. ۴٣. شرمندا ڪر. ۴۴. عاج يا ڪاٺ جا والا يا ڇلا جيڪي جوڳي ڪنن ۾ وجهندا آهن. ۴۵. سهڻا.

### ١٢

جيڪي[1] جوڳي[2] ٿيءُ، نَانءَ[3] تہ وانءُ[4] نِرجَا[5] نِڪِري[6]،
ڪُوهُہ[7] تو ڪَنَ ڪَپَائِيين[8]، جَانَ[9] نہ سَهَندِين[10] سِيءُ[11]،
پَجُ[12] پَرانهُون[13] ٿِيءُ، مَتَان[14] پِئَا لَجَائِيين[15].

### ١٣

جوڳي[16] تُنهِنجي جوڳَ[17] ۾، ڳَالِهہ[18] گَهُرجي[19] ڳَجُ[20]،
سَڳَا[21] سِيلهِيُون سِنگيُون[22]، اِي پَڻ وَڏو ڪَجُ[23]،
وَڍِي[24] چِيري چِچِري[25]، پَرِ[26] ۾ اُپُو[27] پَجُ[28]،
سوئي بَارِجِ[29] مَڇُ[30]، جِيئَن بَهِر بَاق[31] نہ نِڪِري.

### ١٤

جوڳي تِين نہ يَارَ، ڪَنهِن[32] سين قَرِبَن[33] رِي[34]،
اَنئي[35] پَهَرَ اُن کي، نَانِيءَ[36] ڏُونهَن[37] نهَارَ[38]،
مُون[39] مُلاقَاتَ اُن[40] سين، جَن[41] پُورَبَ[42] جي پَچَارَ[43]،
لائي وِئَا[44] لَطِيفُ رح چئي، اندرَ مَنجهہ اُپارَ،
سَامِين سَاڻُ[47] سَتَارَ[46]، لاهُوتَان[45] لالُ ٿِئان.

---

١. يا. ٢. تارڪ الدنيا فقير، سامي. ٣. نان تہ = ہيءَ صورت ۾. ۴. وڃ. ۵. اي نرجا اي هنيلا، اي بي لڄا، اي نڙر يا نڌڪ. ٦. (جوڳين جو ٽولو) ڇڏي. ٧. ڇو. ٨. چاڪاڻ. ٨. چيرائيين، وڍائيين. ٩. جيئن تہ، جنهن صورت ۾. ١٠. برداشت ڪندين، جهلي سگهندين. ١١. ٿڌ يعني تڪليف. ١٢. ڊوڙ، تڪو هل. ١٣. پري، ڏور. ١۴. مجڻ. ١۵. شرمندا ڪريين. ١٦. اي جوڳي. ١٧. دل جي خواهشن کي روڪڻ جي عمل، دنيا ۾ رهي خدا کي تلاش ڪرڻ جي عمل. ١٨. ڪم، حاجت، محنت. ١٩. کپي. ٢٠. گهٽي. ٢١. فقيرن جي ٽوپيءَ يا مٿي کي ويڙهڻ لاءِ نهيل نوڙيون يا رسيون. سيلهيون. ٢٢. ڍڳن جي سڱن مان نهيل توتاريون. ناد. نفير. ٢٣. اجايو يا غير ضروري (سامان). نڪمو يا بيڪار سامان. ٢۴. (پنهنجي جسم کي). کپي. چيري. ٢۵. ذرا ذرا ڪري، ڪُتو يا قيمون ڪري. ٢٦. اندر، ڳجهہ ڳوهہ. ٢٧. بيئو. ٢٨. جَلُ. سَڙُ. ڪامُ. فنا يا نابود ٿيءُ. ٢٩. جلائج. دکائج. تيار ڪج. ٣٠. باھہ. ٣١. ٻاپ. بخار. دونهون. ٣٢. دوست. ٣٣. تمام گهاٽن ۽ پيارن ساٿين. ٣۴. کان سواءِ. ٣۵. انئي پهر = هر وقت. هر دم. ٣٦. لس ٻيلي جي ويجهو هنگلاچ شهر جي پرسان جبلن ۾ نانيءَ نالي پرهيزگار عورت جي قبر. چون ٿا تہ نانيءَ کي حضرت علي عہ جي دعا ٿيل آهي.. ٣٧. ڏانهن. ٣٨. نظر. ٣٩. منهنجي. ۴٠. ڏيٺ ويٺ. واقفيت. ۴١. جن کي. ۴٢. اپرندي (هندستان جي اترپرديش رياست ۾ ڪانپور شهر کان بهار تائين علائقي کي پورب چوندا آهن جنهن ۾ هندن جي تيرٿن جون جايون جهڙو گيا. ڪاشي. بنارس. دئارڪا وغيره آهن). ۴٣. تات. يادگيري. ۴۴. گهٽو يا بي حد (عشق). ۴۵. اي ستار. اي پردو رکندڙ (خدا). ۴٦. لاهوت (عالم ذات الاهيءَ) مان. ۴٧. (رچي) ڳاڙهو. فيضياب.

Gul Hayat Institute

## ١٥

جنهن[1] ڪارڻ[2] جوڳي[3] ٿيا، جان[4] جان سو نہ پسن[5]،
تان[6] تان سناسين[7]، ورهہ[8] وهامي[9] راتڙي.

## ١٦

ڇڏ[10] جاڳوتا[11] جوڳيين[12]، ڏونهيون[13] ڪيم[14] ڏڪاءِ[15]،
واذڪر ربڪ في نفسڪ،* اندر[16] آڳ[17] جلاءِ،
جن ڪي سڄڻ[18] جي ساڃاءِ[19]، تن ڪي ڪينان[20] منو[21] ڪينڪي[22].

## ١٧

لنگهہ[23] لاهوتان[24] ڪاپڙي، ڏونهيون ڪيم ڏڪاءِ،
اوري[25] ڪرم آسرو، پري[26] پيرم پاءِ•،
جنهن جي جاءِ نہ ماءِ[27]، وانءُ[28] تنهين سين واڳيئو[29].

## ١٨

نسوريائي[30] نانهہ[31] جي، دل[32] م ڏونهين پاءِ[33]،
آئي آڳ ادب[34] سين، باري جان[35] جلاءِ[36]،
جا آديسي عشق سين، سا لاهوتي لاءِ،

---

١. جنهن جي. ٢. واسطي. ٣. تارڪ الدنيا فقير، سناسي، سامي، ڪاپڙي، ويراڳي، آديسي. ٤. جان جان، جيستائين. ٥. ڏسن. ٦. تيستائين. ٧. سناسين کي. ٨. ورهہ ۾، (جدائي يا وڇوڙي جي)، غم يا ڏک ۾. ٩. گذري، لنگهي. ١٠. ترڪ ڪر، ڦٽا ڪر. ١١. نوڙيون جيڪي جوڳي فقير مٿي کي ويڙهيندا آهن، سيلها. ١٢. جوڳين وارا. ١٣. (هلڪيون يا جيهڙيون باهيون)،. ١٤. نہ. ١٥. جلاءِ، ٻار* ۽ پنهنجي پالڻهار کي پنهنجي دل ۾ ياد ڪر (قرآن جي سورت اعراف جي آيت ٢٠٥). ١٦. اندر ۾، دل ۾. ١٧. باهہ. ١٨. محبوب، پرين. ١٩. سڃاڻپ، معرفت، ڄاڻ، ادب. ٢٠. ڪين ڪان، نيستيءَ يا عدم ڪان. ٢١. وٽندڙ، پيارو. ٢٢. ڪجهہ بہ نہ. ٢٣. هليو وڃ. ٢٤. لاهوت (عالم ذات الاهي جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿيندو آهي ۽ جيڪا صوفي طريقي جي چوٿين منزل آهي) مان. ٢٥. (لاهوت ڪان) اوريان يا ويجهو. ٢٦. (رهڻ جي) تمنا يا خواهش • ائين ڪرڻ ڪان پري يعني ڏور پير م پاءِ يعني نہ وڃ يا نہ نتاءِ. ٢٧ ماڳ، مڪان، جاءِ. تڪيو (جنهن جي جاءِ نہ ماءِ = جهن دنيا کي ترڪ ڪيو آهي). ٢٨. وڃ. ٢٩. گڏيو، شامل ٿئو. ٣٠. خالص، نج. ٣١. نيستيءَ، عدم. ٣٢. من، قلب. ٣٣. ٻار، پيدا ڪر، وجهہ. ٣٤. احترام، عزت. ٣٥. جسم، سرير. ٣٦. ساڙ.

Gul Hayat Institute

جِندا[1] تِيئَن جَاڳاءِ[2]، جِيئَن سَا آتَشِ[3] آبُ[4] تِئي.

## ١٩

جِندا[5] هو[6] مَ جوڳَ[7] رِئي[8]، پَائي[9] جوڳُ مَ جِئيءُ[10]،
هَارِئَا[11] هُنِ[12] کَنَن سين، سُڻُ[13] سَنيهو[14] اِيءُ،
وِجَائي[15] وِجُودَ[16] کي، پَاڻان[17] پَاسي[18] تِيءُ،
هَذِهِين[19] کونهي هِيءُ[20]، اسَارو[21] "آئُون"[22] چُئين.

## ٢٠

جِندا هو مَ جوڳَ رِءَ[23]، جِندا جوڳُ مَ پَاءِ،
کُوڙي[24] کِج مَ کِذِهين، سَچِي[25] کَا مَ[26] سَلاءِ[27]،
پَهجَڻ[28] پَارِينداءِ، مَتَان رامُ[29] رُسَائِين[30].

## ٢١

کَن کورائي[31] کَاپَڙي[32]، جِندا تِيءَ جُوانُ[33]،
کَاهِه[34] تَه لَنگهِيئِي کَانُ[35]، نَانگَنِ[36] هَٿَان[37] نِينهَن[38] جو.

## ٢٢

کَن کورائي کَاپَڙي، جِندا تِيءُ مَ جوءِ[39]،

---

١. جند کي، جان کي، جسم يا سرير کي، ٢. (عشق جي باهہ ڏيئي) سجاڳ ڪر. ٣. باهہ، آڳ. ۴. پاڻي، ٥. اي جند، اي جاني، اي پيارا، ٦. هُج. ٿيءُ، ٧. دنيا ۾ رهي خدا کي تلاش ڪرڻ جي عمل، نفساني خواهشن کي روڪڻ جي عمل، زهد، ٨. کان سواءِ، ٩. اختيار ڪري، ١٠. جئروي، زندهہ، ١١. اي هارئا، اي هار ڪاڏل، اي نقصان ۾ پيل، اي نادان، اي مورک، ١٢. اندر يعني دل جي ڪنن ڏي اشارو، ١٣. ٻُڌ. ١۴. پيغام، نياپو. ١٥. فنا يا نابود ڪري، ١٦. هستيءَ، زندگيءَ، ١٧. پاڻ کان، خوديءَ کان، ١٨. پري، جُدا، ١٩. بنهہ، اصل، صفا، ٢٠. هيءُ وجود يا حياتي، ٢١. (تون) غافلَ. ٢٢. آپي يا خوديءَ جي اظهار جو لفظ، ٢٣. کان سواءِ، ٢۴. بي بنياد، ڪوڙي، غلط (ڳالهہ)، ٢٥. صحيح، حقي، کري (ڳالهہ)، ٢٦. نہ، ٢٧. ظاهر ڪر، ٻڌاءِ، سڻاءِ، ٢٨. پهجڻ پارينداءِ = توکان وير يا بدلو وٺندا، ٢٩. خدا جو (هندکو) نالو، ٣٠. ناراض ڪرين، ٣١. ڪپائي، چيرائي، ٽوپائي، سوراخ ڪرائي، ٣٢. اي ڪاپڙي فقير، اي جوڳي، ٣٣. هوشيار، خبردار، دلير، ٣۴. اڳتي وڌ يا هل، ٣٥. تير، ٻاڻ، ٣٦. انهن فقيرن جيڪي لانگوٽيءَ کان سواءِ بت تي ڪپڙو نہ ڍڪين ۽ سڄي عمر شادي نہ ڪن، ٣٧. کان، ٣٨. عشق، ٣٩. عورت، ڪمزور.

جيڪي پُڇين[١] پُڇ سو، ڳُونگا[٢] نين[٣] نہ ڳوءِ[٤]،
سِرُ[٥] سِپاهِين[٦] وِڪِئا[٧]، سو ڪُ[٨] نہ سامِي[٩] سُوءِ[١٠]،
وانءُ[١١] لاهُوتِي[١٢] لوءِ[١٣]، عِجز[١٤] ڪِئي[١٥] آڏو[١٦] ڪَري.

## ٢٣

ڪَنَ ڪورائِيين[١٧] ڪاپَڙي[١٨]، اِي زَنانُو[١٩] جوڳُ[٢٠]،
سامِي[٢١] سُجاڻَ[٢٢] پِئو، ايڪُ[٢٣] دِهِي[٢٤] پِئو ڏوڳُ[٢٥]،
جَنهِن وَڻُ[٢٦] پانيو[٢٧] ڦوڳُ[٢٨]، رامُ[٢٩] تَنهِين کي ريبئو[٣٠].

## ٢٤*

هِي[٣١] ڪَنَ ڳاڌُهان[٣٢] وِڪِئي، ڪَنَ کي پِئا ڳِنهيجِ[٣٣]،
تَني سين سُٽيجِ[٣٤]، پِرِيانَ[٣٥] سَندِي[٣٦] ڳالهڙِي.

## ٢٥

هي جي ڪَنَ ڪَپارَ[٣٧] جا، سُوڌو[٣٨] سي نہ سُٽين[٣٩]،
اندرِ[٤٠] جي آهِين، سُڻُ سنيهو[٤١] تن سين.

## ٢٦

سامِي[٤٢] ڪَنڌُ[٤٣] ڪَپاءِ[٤٤]، ڪَنَ ڪَپائڻُ خيرُ[٤٥] ڪِين،

---

١. سوال ڪرين، معلوم ڪرين. ٢. نہ ڳالهائيندڙ، نہ پڇندڙ. ٣. ڪٿڻ. ٤. بازي، راند، شرط، مقابلو (نين نہ ڳوءِ = سوڀ يا فتح نہ حاصل ڪن). ٥. مٿا، جانيون، زندگيون. ٦. جوانن، مجاهدن، مردن، دليرن. ٧. سهسايا، قربان ڪئا. ٨. چا. ٩. اي سامي، اي تارڪ الدنيا فقير، اي ڪاپڙي. ١٠. تو سُئو، تو ٻڌو. ١١. وڃ. ١٢. اي لاهوتي، اي لاهوت (عالم ذات الاهي، جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿيندو آهي ۽ جيڪا صوفي طريقي جي چوٿين منزل آهي) جا ڄاڻو يا معرفت رکندڙ. ١٣. لوءِ ڏي، (پرينِ يا محبوبن جي) ڳوٺ يا ديس ڏي. ١٤. نهٺائي، نئڙتَ، نياز. ١٥. ڪجهہ. ١٦. اڳيان، سامهون. ١٧. ڪپائين، چيرائين، ٽوپائين. ١٨. اي ڪاپڙي. ١٩. زالن جو، عورتن جو، ڪمزورن جو. ٢٠. مناسبت، رسم، رواج، طور، طريقو. ٢١. اي سامي. ٢٢. پروڙڻ، پرکڻ، سمجهڻ. ٢٣. هڪ يا هڪڙو. ٢٤. (پنهنجي) ديهي، جسم، بت. ٢٥. (بدن جو) گوشت يا ماس. ٢٦. وڻ يا درخت (جي ڇانو) يعني دنيوي آسائش يا آرام. ٢٧. سمجهيو. ٢٨. بيڪار يا نڪمو (مواد). ٢٩. خدا جو (هندڪو) نالو. ٣٠. راضي خوش ڪيو *هيءُ بيت شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو تضمين طور ڪم آندو ويو آهي. ٣١. ظاهري ڪنن ڏانهن اشارو آهي. ٣٢. ڳڌهن جي ڪنن جهڙا. ٣٣. ونڃ. ٣٤. ٻڌج. ٣٥. پرين، محبوبن. ٣٦. جي. ٣٧. مٿي. ٣٨. صحيح، چڱيءَ طرح. ٣٩. ٻڌن. ٤٠. اندر ۾، دل ۾. ٤١. پيغام، نياپو. ٤٢. اي سامي. ٤٣. مٿو، سِرُ، گردن. ٤٤. وڍاءِ (ڪنڌُ ڪپاءِ = پاڻ کي فنا ڪر). ٤٥. خير ئي خير، ڪابہ تڪليف نہ، آساني.

Gul Hayat Institute

يَهدِي اللهُ لِنُورِه مَن يَشَآءُ،* اِيءَ انهِين لَئا[١] آهِ،
صُحبَتَ[٢] تُنهِنجِي سَيَدُ (رح) چَئي، سَامِيَن[٣] وَتَ سَمَاءِ[٤]،
هِيءَ تَنِي جِي جَاءِ، جَن بَئِي جَگَ[٥] چَڏِئا[٦].

## ٢٧

جوڳِي جَگُ چَڏِي، پُرِئا[٧] پُورَبِ[٨] پَنڌَ[٩] ڏِي،
لاهُوتِيٰ[١٠] لَطِيفُ (رح) چَئي، هَلِئا لالَ[١١] لَڏِي[١٢]،
واللهُ يَدعُوا اِلَيٰ دارِالسَلامِ• صاحِبُ[١٣] سَيَنِ[١٤] سَڏِي[١٥]،
هَي[١٦] هَي هِنَ هَڏِي[١٧]، هَمَهَ[١٨] کِي حَيرانُ[١٩] ڪِئو.

### وائي

ميرِي[٢٠] مِيرِي کَري تيري[٢١]، بَابُو[٢٢] سَارا[٢٣] جَنَبُ[٢٤] گَيا[٢٥]،
گورکُ[٢٦] گُودڙِيَن[٢٧] وَتَ، آسَڻَ[٢٨] تي آيو،
آديسِي[٢٩] عَالَمَ[٣٠] کَان، رُنَڙائِي[٣١] رَهو.

Gul Hayat Institute

* الله جنهن کي گهرندو آهي تنهنکي پنهنجي نور سان (سنئين رستي جي) هدايت ڪندو آهي (قرآن شريف جي سورت نور جي ٣٥ آيت).
١. واسطي، ٢. ميل ميلاپ، ملاقات، ياري، دوستي، رهاڻ، ڪچهري، ٣. تارڪ الدنيا فقيرن جوڳين، ٤. سيباءِ، موزون ٿئي، ٥. جهان، دنيائون، ٦. ڦٽا ڪئا، ترڪ ڪئا، ٧. روانا ٿئا، ٨. پورب جي يعني ايرندي جي (هندستان جي اتر پرديش ۾ ڪانپور کان بهار تائين علائقي کي پورب چوندا آهن جنهن ۾ هندن جا پوتر آستان جهڙوڪ گيا، ڪاشي، بنارس، دئارڪا وغيره،٩. سفر، مسافري، ١٠. لاهوت (عالم الاهي، جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿيندو آهي) جا جاتُو، ١١. ڳاڙها يعني سهڻا، ١٢. سامان سڙو کڻي● ۽ الله سلامتيءَ واري گهر ڏي سڏيندو آهي (قرآن شريف جي سورت يونس جي ٢٥ آيت)، ١٣. مالڪ، ڌڻي، ١٤. سين کي، ١٥. ڪوئي، پڪاري، ١٦. هَي هَي = افسوس، ١٧. دنيا، مال ملڪيت، ١٨. سيڪنهن، ١٩. پريشان، ٢٠. منهنجي، ٢١. تنهنجي، ٢٢. اي بابو، اي سامي يا رمتا فقير، ١٣. سڄو، ٢٤. عمر، حياتي، جنم، ٢٥. وئو (گذري)، ٢٦. گورک ناٿ، هندن جو وڏو گرو يعني مرشد، ٢٧. گودڙي پوشن، ڪفني پهريندڙن، جوڳي فقيرن، ٢٨. مڙهيءَ، آستان، تڪيي، ٢٩. اي آديسي، اي گروءَ جي حڪم ۾ رهندڙ ۽ فرمانبردار فقيرو، ٣٠. جهان، دنيا، ٣١. ڪاوڙيل، لاتعلق.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

# سُر رامڪلي

## داستان ڇهون

### ۱

مُونا طُور سِينَاءَ، سَندا سَناسِين،*
سَجدهه گاهه سامِين، گوڏا گودڙين،
فَكَانَ قَابَ قَوسَين او ادنيٰ،• تا نانگا ايئن نون،
اللهُ وَلِيُّ الَّذِينَ آمَنُوا يُخرِجُهُم مِنَ الظُّلُمَاتِ اِلَي النُّور،• اهڙيءَ پر پُرن،
وَ خَرَ مُوسيٰ صَعِقًا° جوڳي جُنگ جلن،
كُلُ مَن عَلَيهَا فَان وَيَبقيٰ،+ باقي كين بچن،
مَازَاغَ البَصَرُ وَمَا طَغيٰ،• اهڙي روش رون،
مُشاهِدو محبُوبَ جو، اُتي آديسين،
بِي يُبصِرُ بِي يَسمَعُ#، بِي وِصال وهن،
بِي يَمشي بِي يَنطِقُ،.°. تا ايهيءَ چال چلن،
سيد چئي سندين، تون كُل پُڇين تو كهڙي.

۱. گوڏا. ۲. جبل، پهاڙ. ۳. جبل جو نالو (سيناءَ هڪ مقدس پهاڙ آهي جو عربستان جي اتر اولهہ ۾ واقع آهي جن تي يهودن جي پيغمبر حضرت موسيٰ الله سان ڳالهايو يا ڪلام ڪيو هو). ۴. جا. ۵. تارڪ الدنيا فقيرن، سامين، جوڳين *سناسين جا گوڏا طور سينا جي مثل آهن. ٦. سجدي (خدا جي اڳيان نماز ۾ مٿي جهڪائڻ جي حالت) جي. ۷. جاءِ، هنڌ. ۸ سامين جي. ۹. گودڙين جا. گودڙي پوشن يعني ڪفني پائيندڙن جا • پوءِ ٻن ڪمانن جي وٿي هٽي يا (ان ڪان بہ نزديڪ حضرت جبرئيل. اسلام جي پيغمبر محمد ﷺ مصطفيٰ صلعم جن کي) تمام ويجهو هو (قرآن شريف جي سورت نجم جي آيت ۹). ۱۰. فقير جيڪي بدن تي لانگوٽيءَ ڪان سواءِ ڪپڙو نہ پهرن ۽ سڄي عمر شادي نہ ڪن. ۱۱. ان نموني. ۱۲. نمن، جُهڪن (محبوب يا مرشد کي ويجهو ٿي) ● الله مومنن جو سنڀاليندڙ (ولي) آهي ڪين اونداهي ڪان سوجهري ڏي ڪيندو آهي (قرآن شريف جي سورت بقر جي ۲۵٦ آيت). ۱۳. ريت. ۱۴. هلن °۽ حضرت موسيٰ عہ بيهوش ٿي ڪري پيو (قرآن جي سورت اعراف جي ۴۳ آيت). ۱۵. بهادر، پهلوان، وڏا. ۱٦.سڙن. پچن +جيڪو بہ زمين تي آهي اهو سڀ فنا ٿيندو ۽ باقي بچندي (اي پيغمبر صلعم تنهنجي رب جي ذات) (قرآن جي سورت رحمان جون آيتون ۲٦ ۽ ۲٦) • (پيغمبر صلعم جي) اک نہ ٿڙي ۽ نڪي حد کان لنگهي يعني نافرماني ڪيائين (قرآن جي سورت نجم جي ۷ آيت). ۱۷. چال، پر، ريت. ۱۸. هلن. ۱۹. ديدار. ۲۰. سڄڻ، پرينءَ، پياري. ۲۱. آديسين کي. گروءَ جي حڪم ۾ رهندڙن ۽ فرمانبردارن فقيرن کي # مون ذريعي ڏسي ٿو ۽ مون ذريعي ٻڌي ٿو. ۲۲. مون سان. ۲۳. وصال ۾. گڏ. ۲۴. رهن. ترسن. .°. مون ذريعي هلي ٿو ۽ ڳالهائي ٿو. ۲۵. هلن. ۲٦. انهن جي. ۲۷. خبر، سڌ.

## ٢

مُونَا[١] طُورُ[٢] سِينَاءَ[٣]، سَندا[٤] سَناسِيَنِ[٥]،
طَالِبُ المَوليٰ مُذَكِرُ،* اِيءُ كَلامُ[٦] كِئَائُون[٧] كَنِ،
سُكَنِ[٨] كي سَپِين[٩] پَرِين[١٠]، ٻُجھي[١١] ڏنَائُون ٻَنِ[١٢]،
الِفُ[١٣] آديسِيَنِ[١٤]، چِوري[١٥] رِكِئو چِتَ[١٦] ۾.

## ٣

مُونَا طُورُ سِينَاءَ، سَندا سَنَاسِيَنِ،
پُورَبِ[١٧] كَنيو نَه پَاڻَ سين، ٻُعْدُ[١٨] بِيراڳِيَنِ،
رِدا[١٩] آهي رازَ[٢٠] جِي، اوڇَڻُ آديسِيَنِ،
قُربُ كَاپَڙِيَنِ، نَنهَن[٢١] چوٽِيءَ سين ڍَكِئو[٢٢].

## ٤

مُونَا جَنِ[٢٣] مِحرابُ[٢٤]، جُسو[٢٥] جَامِعُ[٢٦] تَنِ جو،
قِبلُنَما[٢٧] قَلبُ[٢٨] كَري، تَنِ[٢٩] كي كِئَائُون طَوافُ[٣٠]،
تَحقيقَ[٣١] جي تَكبِيرَ[٣٢] چَئي، جِسمَا[٣٣] تِئَا جَوابُ[٣٤]،
تَنِ[٣٥] كَهڙو[٣٦] ڏوهُ[٣٧] ثَوابُ، جَنِ[٣٨] هِينئَڙي[٣٩] هَادي[٤٠] حَلِ تِئو[٤١].

---

١. گوڏا. ٢. جبل، پهاڙ. ٣. جبل جو نالو (سينا هڪ مقدس پهاڙ آهي جيڪو عربستان جي اولهه ۾ واقع آهي جنهن تي يهودين جي پيغمبر حضرت موسيٰ ع خدا سان ڳالهايو يا كلام كيو هو). ۴. جا. ۵. تارك الدنيا فقيرن، بيراڳين، كاپڙين سناسين جا گوڏا طور سينا جي مثل آهن. *خدا جو ڳولائو مرد آهي (حديث شريف). ٦. ڳالهه گفتو، سخن، قول. ٧. كئائون كن= كن سان چڱيءَ طرح ٻڌائون. ٨. آسائشن. ٩. سپن، سمورين. ١٠. پرين سان، طرحن سان، نمونن سان. ١١. سٽي سمجهي، غور فكر كري. ١٢. ٻن ۾، كڌ ۾ (ڏنائون ٻن= ترك كئائون). ١٣. الف بي جو پهريون حرف "ا" جنهن مان مراد "الله" آهي. ١۴. گروءَ جي حكم ۾ رهندڙ ۽ فرمانبردار فقيرن. ١۵. سيري، سوري، ياد كري، كٿي. ١٦. دل، من. ١٧. پورب يعني ايرندي ڏانهن ويندي (هندستان جي رياست اترپرديش ۾ كانپور كان بهار تائين علائقي كي پورب چوندا آهن جن ۾ هندن جا پوتر آستان يعني تيرٿ آهن جهڙوك گيا، دئاركا، كاشي، بنارس وغيره). ١٨. فارسي اكر "بود" جي بگڙيل صورت جنهن جي معنيٰ آهي هستي يا خودي. ١٩. چادر، اوڇڻ يعني بدن كي ويڙهڻ لاءِ كپڙو، ڍك. ٢٠. (خدا جي) پيار، قرب. ٢١. ننهن چوٽيءَ سين = پيرن جي ننهن كان وٺي مٿي تائين يعني مكمل يا سمورو. ٢٢. ڇپايو، لكايو، مخفي ركئو. ٢٣. جن جا. ٢۴. مسجد ۾ قبلي يعني كعبة الله جي طرف واريءَ ڀت ۾ نهيل كمان جي مثل جاءِ جنهن ۾ پيش امام بيهي نماز پڙهاهيندو آهي. ٢۵. بدن. ٢٦. وڏي مسجد، مركزي مسجد. ٢٧. قبلو ڏيكاريندڙ اوزار، قبلي جي مثال. ٢٨. دل. ٢٩. بدن. ٣٠. چوڌاري ڦيرو (جهڙيءَ طرح كعبة الله كي كبو آهي). ٣١. حقيقت، حق. ٣٢. "الله اكبر" جو فقرو. ٣٣. جسم، كان، بدن كان. ٣۴. بي خبر. ٣۵. تن كي. ٣٦. گناهه. ٣٧. چڱائيءَ جو كم. ٣٨. جن جي. ٣٩. هينئڙي ۾، دل ۾. ۴٠. هدايت كندڙ، رهبر. ۴١. حل تئو = ملي هڪ ٿي ويو.

Gul Hayat Institute

## ٥

جَامِعُ[١] سَڀِ[٢] جِهَانُ[٣]، مُنهُن[٤] مِحرابُ پِرِينءَ جو،
قَرهيءَ[٥] تان فُرقَان[٦] جي، ڪَاتِئَائون[٧] قُران[٨]،
اُڏامِي[٩] اُت وئو، عَقِلُ[١٠] عِرفَانُ[١١]،
سَيوئِي[١٢] سُبحَانُ[١٣]، ڪيڏانهن[١٤] ڪري نِيتِيَان[١٥].

## ٦

ڪيڏانهن ڪري نِيتِيَان، مَزِيئي مَسِيت[١٦]،
هَلَئو وَڃين حج تي[١٧]، راوَلَ اِيءَ[١٨] نَہ رِيت[١٩]،
پَڪِي ڪَڻُ[٢٠] پِرِيتِ[٢١]، تَہ ڪُلَ[٢٢] ۾ ڪَعبو[٢٣] تِئي.

## ٧

پَايو[٢٤] مُنهُن مُونَن[٢٥] ۾، وِبِنَائي وِهسَن[٢٦]،
جوڳي[٢٧] جَاتُون[٢٨] ڪَنِ، جُہ آيا[٢٩] اُلُوهِيَتَ[٣٠] ۾.

## ٨

آيا اُلُوهِيَتَ ۾، لاهُوتَ[٣١] لَنگهئو[٣٢] جَنِ،
مَنجهان تَنِ[٣٣] جِسَنِ[٣٤]، حَرفُ[٣٥] نَہ سَجِي هيڪِڙو[٣٦].

---

١. مرڪزي يا وڏي (مسجد)، ٢. سڄو، ٣. جڳ، دنيا، پرٿوي، ٤. (پرينءَ يعني محبوب جو) مک، صورت، پيشاني، ٥. پٽيءَ يا تختيءَ (لوح قلم جي)، ٦. حق ۽ باطل جي پرک يا امتياز يا ثابتيءَ، ٧. ليک پائي رد ڪيائون، ميساريائون، ڊاٺائون، ٨. مسلمانن جو پاک ڪتاب جيڪو حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ تي خدا جي طرفان نازل ٿيو، ٩. غائب يا گم ٿي، ١٠. هوش، سمجهہ، دانائي، ١١. علم، ڄاڻ، وڃا، ١٢. سڀ ڪجهہ، سمورو، هر طرف ڏي، ١٣. پاک، قدوس، خدا جو صفاتي نالو، ١٤. ڪهڙي طرف، ١٥. (نماز ۾ منهن ڪرڻ جو) ارادو ڪريان، ١٦. مسجد، نماز پڙهڻ جي جاءِ، ١٧. ذوالحج مهيني جي نائين تاريخ تي مڪي پاڪ جي شهر ۾ ڪعبة الله شريف جي چوڌاري ست دفعا ڦيرا ڏيڻ ۽ عرفات جي ميدان ۾ سج لهڻ تائين رهڻ ڪي حج چوندا آهن، ١٨. اي راول، اي شهزادا، اي حاڪم، ١٩. (سنو) دستور، پر، هلي چلي، ٢٠. پختي، سچي، ڪري، ٢١. محبت، پيار، ٢٢. هر شيءِ، هر جاءِ، ٢٣. ڪعبة الله، بيت الله، خدا جو گهر، ٢٤. وجهيو، نايو، نمايو، ٢٥. گوڏن، ٢٦. خوش ٿين، ٢٧. تارک الدنيا فقير، ٢٨. زيارتون، ياترائون، ٢٩. جيڪڏهن، جيئن ٿي، ٣٠. ذات الاهي، خدائيت، ٣١. عالم ذات الاهي جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿيندو آهي جيڪا صوفي طريقي جي چوٿين منزل آهي، ٣٢. پار ڪيئو، ماڻيو، ٣٣. تن جي، ٣٤. سرين، بدنن، ٣٥. اکر، ٣٦. ہِڪڙي.

Gul Hayat Institute

## ٩

راهہ[١] شَريعَتَ[٢] هَلِئا، تَفَڪُرُ[٣] طَرِيقَ[۴] تِئون[۵]،
حَال[٦] حَقيقَتَ[٧] رَسِئا[٨]، مَعرِفَتَ[٩] ماڳُون[١٠]،
نَاسُوتُ[١١] مَلَڪُوتُ[١٢] جَبَرُوتُ[١٣]، اِيءُ اِنعَام[١۴] تِئون[١۵]،
پَسُ لاهُوتُ[١٦] لَنگهِئون[١٧]، مَٿي[١٨] هَاهُوتَ[١٩] هَلِئا.

## ١٠

نِڳِئا[٢٠] نَاسُوتَان[٢١]، مَٺِئائُون[٢٢] مَلَڪُوتَ ڏي،
جوڳِي[٢٣] جَبَرُوتَان[٢۴]، وَجَائي[٢۵] واٽَ[٢٦] تِئا.

## ١١

پُوري[٢٧] مَڙَهہ[٢٨] مَهيس[٢٩]، ڪِنهن تيرَٿ[٣٠] وِئا تَڪڙا،
جوڳِي جُنبِي[٣١] هَلِئا، ڪَنهن ڏُوراهين[٣٢] ڏيس[٣٣]،
اِن اِڳهين[٣۴] تي ڪِئا، پَهہ[٣۵] مَٿي پَرَديسَ[٣٦]،
اُنهين جي آديسِ[٣٧]، سارِيان[٣٨] گهٽُو سَيدُ چئي.

## ١٢

آديسي آديسُ، هِتَنان ڪَري[٣٩] هَلِئا،

---

١. راهہ تي، رستي يا واٽ تي. ٢. شريعت جي، اسلامي قاعدن ۽ قانونن جي (صوفي طريقي جي پهرين منزل جي). ٣. خدائي فڪر ۾ غرق رهڻ. ۴. واٽ، ڍنگ، طرز، عادت. ۵. انهن جو ٿئو يا آهي. ٦. حال ڪي، حالت يا ڪيفيت ڪي. ٧. حقيقت جي، حق يا صداقت جي (صوفي طريقي جي ٻيءِ منزل جي). ٨. پهتا. ٩. ڄاڻ يا سڃاڻپ (خدا جي)، صوفي طريقي جي ٽين منزل. ١٠. انهن جو ماڳ يا جاءِ يا منزل آهي. ١١. جسمن جي دنيا يعني هن دنيا (جي بادشاهت). ١٢. ملائڪن يا فرشتن جي دنيا (جي بادشاهت). ١٣. حضرت جبرئيل جي رهڻ جو هنڌ. ١۴. بخشش، ڏان، عطيو. ١۵. انهن ڪي ٿئو يا مليو. ١٦. عالم ذات الاهي جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿيندو آهي ۽ جيڪو صوفي طريقي جي چوٿين منزل آهي. ١٧. انهن لنگهئو يا اُڪرئو يا ماٺئو. ١٨. ڏانهن. ١٩. لاهوت کان مٿي سلوڪ جي پنجين منزل، الوهيت، خُدائيت. ٢٠. نڪتا. ٢١. ناسوت کان. ٢٢. روانا ٿئا. ٢٣. تارڪ الدنيا فقير. ٢۴. جبروت جي جاءِ کان يا مان. ٢۵. سڳيون يعني ڍڳن جي سڱن مان ٺهيل توتاريون يا ناد وڄائي. ٢٦. واٽ ٿئا = هلئا وئا. ٢٧. بند ڪري. ٢٨. مڙهيون، تڪائا، تڪيا. ٢٩. مهيسر (هندڪو نالو خدا جو) جا پوڄاري. جوڳي فقيرن جو هڪ قسم. ٣٠. تيرٿ ڏانهن، پوتر آستان ڏانهن. ٣١. جوش ۾ اچي. ٣٢. پراهين، ڏوراٽي. ٣٣. ڏيس ڏانهن، ديس يا ملڪ ڏانهن. ٣۴. اڳيئي، شروع ۾ ئي. ٣۵. ڳس، رستا، خيالَ، پورَ. ٣٦. پرائي ديس ڏانهن يا جا. ٣٧. آديسَ ڪي، (جوڳين جو گروءَ ڪي) سلام يا نمسڪار ڪي. ٣٨. ياد ڪريان، سِڪان، واجهايان. ٣٩. گروءَ جي حڪم ۾ رهندڙ فرمانبردار فقير.

Gul Hayat Institute

ڪَاپَڙِيَنِ قَلبَ ۾، ڪِئو ڏُوراڻُو[1] ڏيسُ[2]،
وِراڳِي نَئُون ويسُ، راوَلَ[3] ڏِڪي[4] رَمِئا[5].

### ١٣

وِراڳِي واري[6]، اللهَ آڻِ وَطَنَ تي،
ڏُکَ لاَهِيندا ڏِيلُ[7] مَان، تُهَنِ[8] جِيئَن تاري[9]،
اِيندامِ[10] اوتاري[11]، ڪِيئَن[12] جُون ڏِيندَمِ[13] خَبرُون.

### ١٤

وِراڳِي واڳي، ڏِينِ[14] ڏهَاڙي[15] ڏِيلَ ڪي،
راوَلَ رَتي[16] مولهِيين[17]، سَامي سُهَاڳي[18]،
لَنءُ[19] جَنهِين لاڳِي[20]، سو جوڳِي پَسَان تَه جِيَان[21].

### ١٥

آديسِين[22] ادَبُ[23]، آهي اَکڙِيُن ۾،
تَنِ جو حَسَبُ نَسَبُ[24] نَاهِه ڪِي، نَه ابَائِي[25] نَه ابُ[26]،
سَامِيءَ ڪَي سَپِّين[27] پَرِين، رُوحَ ۾ رَهِئو رَبُ،
رِءَ[28] لانگوٽيءَ[29] لَبُ[30]، پَاڇِي[31] ڪَنِ نَه پَاڻَ ڪي[32].

---

١. پراهون، ڏوراهون، ٢. ديس، ملڪ، ٣. شهزادا يا حاڪم (جوڳي)، ۴. پائي، پرهي، ٥. هلئا، روانا ٿئا، ٦. موٽائي، ٧. بدن، جسم، ٨. ان جي داڻن جي مٿان جڙهيل ڇلرن يا ڪلن، توتڙن، ٩. ٺهاري، ڇنڊي، جهڙي، صاف ڪري، ١٠. مون وٽ ايندا، ١١. اوتاري ۾، مڙهيءَ ۾، گهر ۾. ١٢. خوشيءَ، خير عافيت. چڱيلائيءَ، ١٣. مونکي ڏيندا، ١۴. سنهيءَ ڪانيءَ جو ٽڪر جيڪو ڏڳيءَ يا ٻڪريءَ جي ڦر ڪي ماءُ جي کير پيئڻ کان روڪڻ لاءِ وات ۾ ٻڌبو آهي، روڪ، جهل، بندش، قيد، ١٥. هر روز، ١٦. ڳاڙهن يعني سهڻن سٺن، ١٧. مولهين سان، پٽڪن يا ڪلنگين سان، ١٨. سهاڳ وارا، جن سان گرو راضي هجي، سرخرو، ١٩. محبت، ٢٠. لڳائي، ٢١. جيئرو يا زندهه رهان، ڪامياب يا سرخرو ٿيان، ٢٢. آديسين ڪي، انهن فقيرن کي جيڪي گروءَ جي حڪم ۾ رهندڙ ۽ فرمانبردار آهن، ٢٣. لحاظ، پرهيز، حياءُ، شرم، حجاب، ٢۴. حسب نسب = ذات پات، ڪڙم، قبيلو، ڪُلُ، پيڙهي، بڻ بنياد، اصل نسل، ٢٥. آبا ڏاڏا، مٽ مائٽ، ماءُ پيءُ، ٢٦. ابو، بابو، پيءُ، ٢٧. سپين پرين = هر حالت ۾، ٢٨. ڪان سواءِ، ٢٩. بدن جي هيٺين حصي کي ڍڪڻ لاءِ ڪپڙي جو ٽڪر، گوڏ، ٣٠. توشو، مال اسباب، ٣١. بچت، ٣٢. لاءِ.

## ١٦

لانگوٽي[١] لاهي[٢]، وانءُ[٣] ويراڳين[٤] سامُهون[٥]،
بَدُ سُورنِ[٦] جو سَندرو[٧]، منجهان سِڪَ[٨] سَاهي[٩]،
اُنهين[١٠] وَتِ آهي، اوڇڻ[١١] ڳالِهہ[١٢] اُگهاڙَ[١٣] جِي.

## ١٧

لُنگُ[١٤] ڪَڍيائُون[١٥] لانگَ[١٦]، مُوتِي[١٧] ڪَنِ نَہ مَسَحو[١٨]،
اِسلامَان[١٩] اڳي هُئي سا بُڌائُون[٢٠] بَانگَ[٢١]،
سَامِي ڇَڏي[٢٢] سَانگَ[٢٣]، گَڏِئا[٢٤] گورکِ[٢٥] ناٿَ ڪي.

## ١٨

لُنگُ ڪَڍيائُون لانگَ، مُوتِي ڪَنِ نَہ مَسَحو،
اوربندي[٢٦] الفَ سين، سُڪَ[٢٧] ڇَڏِيائُون[٢٨] سَانگَ،
لاهُوتِي[٢٩] لطيف چئي، آڏيءَ ڏِينِ اُڇَانگَ[٣٠]،
بُڌائُون سَا بَانگَ، ڪَندا ڪوهُ[٣١] نِمازَ[٣٢] ڪِي.

## ١٩

پَربنديئي[٣٣] پَندَ ٿِئا[٣٤]، گنجو[٣٥] ڇَڏي ڳامُ[٣٦]،

---

١. بدن جي هيٺئين حصي کي ڍڪڻ لاءِ ڪپڙي جو ٽڪر، ڪوڏ. ٢. لائي، ٻڌي. ٣. وڄ. ٤. ويراڳين جي، تارڪ الدنيا فقيرن جي. سامين جي٥. روبرو اڳيان. ٦ ڏکن، پيڙائن تڪليفن. ٧. چيلهہ کي ٻڌڻ جو ڪپڙو، ڪمر پٽو. ٨. پيار، محبت. ٩. ڇڪي، زور ڏيئي. ١٠. ويراڳين ڏانهن اشارو. ١١. (سمهڻ مهل مٿان وجهڻ جو) ڪپڙو، لٽو، ڍڪ، پوشاڪ. ١٢. ذڪر، پچار، گفتگو. ١٣. بنان ڪپڙن يا پوشاڪ جي هجڻ واري حالت، عرياني، برهنگيءَ. ١٤. لانگوٽي، گوڏ، چوٽو. ١٥. ٻڌائون. ١٦. لانگ کي، ٻن ٽنگن جي سٿرن جي وچ واري بدن جي حصي کي. ١٧. وري، بعد ۾. ١٨. ٽورو، پيشاب، طهارت، استنجا. ١٩. اسلام کان، الله تعاليٰ جو حضرت محمد صلعم جي معرفت انسان ذات ڏانهن موڪليل مڪمل دين کان. ٢٠. سڻائون. ٢١. نماز لاءِ سڏ، آواز، (هدايت واري ٻانگ). ٢٢. ترڪ ڪري. ٢٣. سانگا، آسرا، لڳ لاڳاپا، تعلق. ٢٤. مليا. ٢٥. جوڳين جي وڏي مرشد. ٢٦. ذڪر جو ورد ڪندي. ٢٧. الف بي جو پهريون اکر "ا" جنهن مان مراد "الله" آهي. ٢٨. سک جا، آسائش جا. ٢٩. لاهوت (عالم ذات الاهي جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿيندو آهي) جا ڄاڻو يا معرفت رکندڙ. ٣٠. ٽپا، ڇلانگ (اُڇانگ ڏين = آسڪا ٽپن. نند مان اٿن). ٣١. ڇا. ٣٢. اسلام جي ڄاڻايل طريقي سان خدا جي عبادت ڪرڻ. ٣٣. اول کان ئي، شروع کان ئي. ٣٤. پنڌ پِئا = سفر شروع ڪئائون، سفر تي اسهيا. ٣٥. گنجو ٽڪر جيڪو حيدرآباد جي ڀرسان ڏکڻ طرف واقع آهي. ٣٦. ڳوٺ، آبادي.

تَنِ وِبهِي ڪِئُو نَہ وِڃَ ۾، آديسِيَنِ آرامُ،
گُروءَ سَنڌي گَسَ ۾، ڪِئائُون تَنَ تَمامُ،
رَهَہ ۾ گُذِيُنِ رامُ، پَنڌان ڇُتا ڪاپَڙِي.

## ۲۰

سَدا سَنَاسِيَنِ جُون، اِڪيُون آلو ماھُہ،
واري نيڻَ نِنڊان، جَانڪي جَهلِئا جوڳِيِنِ.

## ۲۱

آيَلِ آديسِيَنِ جُون، اڌَ لَڳِيُون آهِينِ،
وِهو وِهَائِيِنِ، ڪَا قَضَاني راتِڙِي.

## ۲۲

اجَا سي آهِينِ، سَزاوار سِڱِينَ جَا،
وِنَا وَجائِينِ، جي سَنَاسِي سُٽِينِ.

## ۲۳

رامِڪَلِي دُکِئَا ڪَهِيَ، سُکِئَا ڪَهِي نَہ ڪو،
ڪو مِٽيءَ ڪو مَائِٽيءَ، ڪو روچِيءَ ڪَي روءِ،

---

۱. منزل تي پهچڻ کان اڳ، ۲. گروءَ جي حڪم ۾ رهندڙ فرمانبردار فقيرن. ۳. سک، فرحت. ۴. مرشد. ۵. جي. ۶. رستي، واٽ. ۷. جسم، بدن، سرير. ۸. فنا، نابود. ۹. رستي. ۱۰. ملين. ۱۱. خدا جو (هندڪو) نالو. ۱۲. پنڌ کان، سفر ڪرڻ کان. ۱۳. ڀڄي پيئا، اڃا نٿا. رُڪجي ويئا. ۱۴. هميشہ. ۱۵. تارڪ الدنيا فقيرن، جوڳين. ۱۶. نين. ۱۷. تر، تازو، سَجَرُ. ۱۸. گوشت (آلو ماھہ = گوشت مثل ڳاڙهيون خون آلوده ڳوڙهن ۽ اوجاڳي ڪري). ۱۹. وراڻي. ۲۰. ننڊ کان، سمهڻ کان. ۲۱. سنڀالي، خبرداري ڪري. ۲۲. روڪيئا. ۲۳. اي آيل، اي امڙ. ۲۴. اڌ پوريل (اکيون)، نيم خواب. ۲۵. گذارين، گهارين. ۲۶. اتفاق سان، ورلي. ۲۷. لائق. ۲۸. ڏڱن جي سڱن مان نهيل توتارين يا نادن. ۲۹. جيڪڏهين. ۳۰. اي سناسي. ۳۱. ٻُڌين. ۳۲. رام (خدا جو هندڪو نالو) جي راڳڻي يا ذڪر. ۳۳. دکي، ڏکايل، دردمند، سورن وارو. ۳۴. چئي. ۳۵. سُکي، سکيو، آرام ۾ زندگي گذاريندڙ. ۳۶. ڪو ماڻهو، ڪير. ۳۷. عزازت، قرابت، رشتيداريءَ، ياريءَ، دوستيءَ. ۳۸. رزق، روٽيءَ، مانيءَ. ۳۹. لاءِ. ۴۰. روڄ رودن ڪري، جاکوڙ يا ڪشالا ڪري.

رامِڪَلِي[1] سو ڪَهي[2]، جَنهِن جي ڀاڱَ[3] وِچِ[4] ٻَڙا[5] ڏُکُ[6] هوءِ[7].

## وائي

تَنِ ڳُڻَنِ[8] ڳَهرَ[9] وِڃائِي[10]، هو مائِي[11] جوڳِيَنِ[12] مُون سين جي ڪِئا،
ڪَري مَرجِ[13] ڪاپَڙِي[14]، گُرَوَتِ[15] تُون گدائِي[16]،
اِشارَتُون[17] اُنِ جُون، وانءُ[18] ڪَپِي[19] تُون ڪائِي[20]،
نِندَ[21] تَنهِن کي نانهِ[22] تِي، جا آديسِيَنِ[23] اُنائِي[24]،
رِيجهائِي[25] رَمُوزَ[26] سين، ڪاهوڙِيَنِ[27] اُون ڪانئِي[28]،
هيڪائِي[29] هيڪُ ٿِئا[30]، ٻُجَهنِ[31] تان نہ ٻِئائِي[32]،
اِنَ اللهَ وِترُ يُحِبُ الوِترَ،* اُنهِيَن[33] لَيءِ[34] آئِي[35]،
آهي اِنهِيءَ ڳالِهِ[36] جِي، راوَلَ[37] اِيءَ رُباعِي[38]،
اِڪيُن آرسُ[39] ڇڏِئو، دِلِ ۾ ناهِ دَغائِي[40].

Gul Hayat Institute

١. رام (خدا جو هندي نالو) جو ذڪر يا راڳڻي. ٢. چئي، ٣. نصيب، قسمت. ۴. ۾. ۵. وڏو. ٦. تڪليف، عذاب، سور. ٧. هجي. ٨. ٿورن، ڀلاين، احسانن، مهربانين. ٩. نند جو گهيرٽ يا خمار، نند. ١٠. ڦٽائي، ختم ڪئي. ١١. اي مائي، اي امان، اي جيجل. ١٢. تارڪ الدنيا فقيرن، ڪاپڙين. ١٣. ساهہ يا دم ڌج. ١۴. اي ڪاپڙي. ١۵. (جوڳين جي) مرشد يا رهبر. ١٦. فقيري، گداگري، خيرات يا بکيا ڀڻ جو ڏنڌو. ١٧. ڳجها اشارا، ارشاد. ١٨. وَڃ. ١٩. خلاص ٿي يعني مري يا فنا ٿي. ٢٠. هضم ڪري يعني اشارتن تي چڱيءَ طرح عمل ڪري. ٢١. سمهڻ، آرام. ٢٢. هيچ، ڪين، حرام. ٢٣. گروءَ يا مرشد جي حڪم ۾ رهندڙ فرمانبردار فقيرن. ٢۴. جاڳائي (نند مان). ٢۵. ڏتاري، تاترائي، پرڀائي خوش يا راضي ڪري. ٢٦. رمزن، اشارن، ڳجهن رازن. ٢٧.ڏوٿين يعني جهنگلي وٿن يا گاهن مان ڀيدا ٿيندڙ ڦلن يا اَنَ جي ڳولائن. ٢٨. جلائي، ساڙي. ٢٩. هيڪائيءَ سان، هيڪڙائيءَ يا وحدانيت سان. ٣٠. هيڪ ٿئا = رل مل ٿئا، ملي يا سمائجي وئا. ٣١. سمجهڻ، ڄاڻڻ. ٣٢. دوئي، پاڻ ڪي، خدا ڪان جدا سمجهڻ واري حالت *بي شڪ الله ڇڙو يعني هڪ آهي هيڪڙائيءَ کي پسند ڪري ٿو (حديث). ٣٣. انهن جوڳين. ٣۴. واسطي. ٣۵. بيان ٿي. ٣٦. حقيقت. ٣٧. اي راول، اي حاڪم، اي سڄڻ. ٣٨. چئن مصرعن وارو شعر ۾ هتي معنيٰ ٿيندي ڳالهہ. ٣٩. سُستي، ڳهر. ۴٠. دغا، کوٽ، ڪپٽ.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرُ رامِڪَلِي

## داستان ستون

١

گُذَرِ[١] گُئِي، گُذِرانُ[٢]، ڪِينَ[٣] قَبُولِ[٤]جِ ڪاپَڙي[٥]؛
عَلِيَّءَ[٦] جو مَيدانُ[٧]، سَڪَرَ[٨] سَناسِينِ ڪي.

٢

عَلِيَّءَ جي مَيدان ۾، وِڻِنا ڏُونڻ[٩] ڏُٺِي[١٠]،
تَرڪُ[١١] ڪِئائُون تَڪِيا[١٢]، پَرِيُون[١٣] پَنڌُ[١٤] سُٽِي[١٥]،
ڪَندِي ڪُوهُ[١٦] دُٺِي[١٧]، طَعَنا[١٨] ڏِيئي تَنِ ڪي.

٣

جو ڪُهَندِ سُهَندِ[١٩] سامُهُون[٢٠]، پِرتِ[٢١] تَنهن سين پارِ[٢٢]،
نينهُن جَنهنجو نَبَهي، تَنهن سان تُون مَ تَنوارِ[٢٣]،
هَڏِ[٢٤] مَ واٽَ[٢٥] وِسارِ[٢٦]، ٿِيءُ نِرالِيءَ[٢٧] نِبِري[٢٨].

---

١. گذر گئي= گذري يا پوري ٿي وئي (حياتي)، ٢. (حياتيءَ يا زندگيءَ کي برقرار رکرائڻ هلائڻ لاءِ) مال اسباب، توشو، توڻ، ٻيٽ قوت، آذوقو، اجڪو، ٣. نه، ٤. منظور ڪج، پسند ڪج، (ونڻ لاءِ) راضي ٿج، ٥. اي ڪاپڙي، اي تارڪ الدنيا فقير، سناسي، ٦. اسلام جي پيغمبر حضرت محمد صلعم جن جي سوٽ ۽ نائيءَ جو نالو، ٧. آکاڙو، (فقر ۽ فاقي سان) زندگي گذارڻ جو طريقو يا پيروي، (مسڪينيءَ يا رياضت واري) زندگي، ٨. وڻندڙ، پسنديءَ جهڙو، پلو، ٩. مرضي، راءِ، رضا خوشي، ١٠. انتخاب ڪري، اختيار ڪري، ١١. ڦِنا، تياڳ، ١٢. آستان، مڙهيون، ١٣. ڏوراهون، پري جو، آخرت جو، ١٤. سفر، هلڻ، ١٥. ٻڌي، ١٦. ڇا، ١٧. دنيا يعني دنيا يا جهان (جا ماڻهو)، ١٨. مهڻا، ١٩. ڪهند سهند = خراب هنڌ تي سٺي هنڌ تي يعني هر هنڌ تي يا هر جاءِ تي، ٢٠. موجود، ٢١. پريت، پيار، محبت، نينهن، ٢٢. نباهه، توڙ تائين هلاءِ، ٢٣. ڳالهاءِ (ڳهت وڏ)، جهيڙوڪر، ٢٤. اصل، بنهه، ٢٥. ڳس يا رستي جي (سلوڪ جي)، ٢٦. دل تان لاهه، ڀلجي وڃ، ٢٧. نراليءَ (واٽ) جي، انوکيءَ يا عجب جهڙيءَ (واٽ) جي، ٢٨. نبري ۾، نجهري ۾، وسنديءَ ۾، وسنئن ۾.

## ۴

مَرَڻُ[1] مُسَلِمُ[2] جَنِ[3]، واحِدُ[4] تَنِ[5] نَہ وِسِري[6]،
مَتِي[7] سَگُرَ[8] ڪاپَڙي[9]، نانگا[10] نِندَ[11] نَہ ڪَنِ،
نيڻَ[12] سَندائِي[13] تَنِ، اوجاگِي[14] اُجارِئا[15].

## ۵

ڏورِ[16] مَ رِيَ[17] ڏِيئي[18]، ڏورَڻُ گَهَٽُو ڏاڪَڙو[19]،
تَان[20] تَان هوئِجِ[21] حُجِري، جَان[22] جَارُ[23] جِيي[24]،
جَڏهِين پَاسِي[25] پَاڻُ[26] تِيي، تَڏهِين ڇَڏِجِ[27] تَڪِيو[28].

## ٦

ڏورَڻُ گَهَٽُو ڏاڪَڙو، ڏورِ مَ ڏِيئَان[29] ڏارَ[30]،
ڪوڙِيين لَکَ هَزارَ،* اِنَ اُونداهِيءَ[31] اَنڌا[32] ڪِئا.

## ۷

جو تو ڏِيو پانيو[33]، سو سُورِجَ[34] سُهائِي[35]،
رات وِهامِي[36] ڏِينهُن ٿِئو، تَہ پَڻ اَنڌَنِ اُونداهِي،
جَنِ ڏِنو ڏهائِي[37]، تَن تَڪِيا تاڪِي[38] ڇَڏِئا.

Gul Hayat Institute

---

۱. موت، ۲. تسليم ڪيل، مجيل، قبول ڪيل، منظور، ۳. جن کي، ۴. هڪ (خدا)، ۵. تن کي، ٦. دل تان لهي، ڀلجي، ۷. تي، ۸. (سلوڪ جي) رستي يا واٽ، ۹. تارڪ الدنيا فقير، ۱۰. جيڪي بدن تي لانگوٽيءَ يعني گوڏ کان سواءِ ٻيو ڪپڙو نہ پائين ۽ شادي نہ ڪن، ۱۱. سمهڻ جو عمل، آرام، ۱۲. اکيون، ۱۳. جون، ۱۴. ننڊ نہ ڪرڻ جي حالت، جاڳ، ۱۵. روشن ڪئا، ۱٦. ڳولج، تلاش ڪج، ۱۷. کان سواءِ، ۱۸. ٺڪر جي وٽي يا جمني جنهن ۾ تيل ۽ ڪپهہ جي وَٽِ وجهي ٻارجي،چراغ، روشني (مرشد يا رهبر)، ۱۹. ڏکيو، تڪليف ڏيندڙ، ڪٺن، مشڪل، ۲۰. تيستائين، ۲۱. حجري ۾، ڪوٺيءَ ۾، مڙهيءَ ۾، ۲۲. جيستائين، ۲۳. يارَ، دوست، ۲۴. جيئرو يا زندهہ آهي، ۲۵. ٻري، جُدا، ۲٦. خود (يارُ)، ۲۷. ڦٽو ڪج، ترڪ ڪج، ۲۸. آستان، مڙهي، آڌار، ڏِڍُ، آسرو (ڏيئي جو آڌارُ)، ۲۹. ڏيئي کان، ۳۰. سواءِ، * ڪروڙن لکن هزارن جي تعداد ۾، ۳۱. تاريڪيءَ، ڏيئي جي غير موجودگيءَ، ۳۲. نابين يا ڪورَ (جيڪي ڏسي نہ سگهن)، ۳۳. سمجهيو، ۳۴. سورج جي، سج جي، ۳۵ روشني، تجلو، ۳٦. گذري، ۳۷. ڏيهہ يا وطن جو رهاڪو، سڄڻ، يارُ، ۳۸. بند ڪري.

## ٨

سامِيءَ[1] ءِ سُلوڪَ[2] ڪي، هَتان[3] هَٿَ[4] مَ ڇَڏِ[5]،
لَڏِيندَنِ[6] سين لَڏِ[7]، تَہ رَهين تُون راڄَ[8] ڪَري.

## ٩

وِهَندَنِ[9] ڪي وِڪَ[10] تِئي، هُوندَنِ[11] ڪونهي هَنڌُ[12]،
مَن لَہُ المَوليٰ فَلَہُ الڪُلُ،* اِيءُ پَرُوڙِجِ[13] پَنڌُ[14].

## ١٠

عاشِقَ شَهرَ[15] فَقِيرَ، دَرِ دَرِ[16] هَٽَنِ سَين[17]،
مَن عَرَفَ اللهَ ڪَلَ لِسانُہ،● اهڙائي اَمِين[18]،
جِتي پَسَنِ[19] ڪِين[20]، تِتي ڪَرِينِ[21] تَڪِيو[22].

## ١١

پِنِيءَ[23] پَڙِڪَ[24] ڪَنِ، باهِيُون[25] بيراڳِيَنِ جُون،
هَلو تَہ سيڪِيُون[26] هَٿَڙا، مَٿِي[27] تَنِ مَچَنِ،
مُلان[28] سَناسِيَنِ، نِينهَن[29] جَڙَ[30] لَڳِي جانِ[31] ڪي.

Gul Hayat Institute

---

١. سامِيءَ ڪي، تارڪ الدنيا فقير ڪي، بيراڳِيءَ يا سناسيءَ ڪي، ٢. فقيريءَ جي رستي يا طريقت، روحاني واٽ، ٣. هٿ مان، اختيار يا وس مان، ۴. اصل، بنهہ، ٥. ترڪ يا ڦٽو ڪر، ٦. (دنيا ڪي) ڇڏي ويندڙن، تارڪن، تياڳ ڪندڙن، ٧. ڪوچ ڪر، هليو وڃ، ٨. راڄ ڪري = بادشاهي ڪري، حڪم هلائي، سکيو يا آسودو ٿي، ٩. ويندڙن، پنڌ ڪندڙن، هلندڙن، ١٠. خلاصو ميدان، ڪشادگي، ١١. هوندن ڪي، رهندڙن يا وِهندڙن ڪي، ١٢. جاءِ، ماڳ * جنهن ڪي مولا يعني خدا آهي ان ڪي سڀ ڪجهہ آهي (حديث)، ١٣. سڃاڻج، پرکج، ١۴. رستو، گس، ١٥. شهر فقير = پينو، گداگر، ١٦. در در = گهر گهر، هر هڪ گهر تي، ١٧. (خيرات يا بکيا وٺڻ لاءِ) سوال، صدا، ● جنهن الله کي سڃاتو تنهن جي زبان ڪُند يعني گونگي ٿي وئي (حديث)، ١٨. امانت وارا، الله ڪان مليل ذات جا رکوالا، ١٩. ڏسن، ٢٠. نيستي، عدم، ٢١. ڪَن، ٢٢. منزل، بينڪ، ٢٣. پِنيءَ جي وقت، پوئين رات يا پرهہ ڦٽيءَ جو يا فجر جي مهل، ٢۴. پڙڪا، ڀِيڙ، چمڪات، ٢٥. مچ، ٢٦. گرم يا ڪوسا ڪريون، تَيون، ٢٧. تي، ٢٨. ڪان، ٢٩. نينهن جي، عشق جي، ٣٠. ميخ، ڪِلي، ٣١. جسم، جند، سرير، دل.

## ١٢

سَنگِيُون[١] سيلهِيُون[٢] گبرِيُون[٣]، تيئي تولَ[٤] تَڳو[٥]،
پَٽُ[٦] هَٽِي پَٽَ[٧] سين، پِيري[٨] تَنِ پَڳو[٩]،
لاشڪُ[١٠] جَنِ[١١] لَڳو[١٢]، سي مَڙهِنِئان[١٣] مُورِ[١٤] نَه نِڱِئا[١٥].

## ١٣

سَڱا[١٦] سيلهِيُون سِنگِيُون، اِيءَ پَڻ[١٧] گهوري گَٽ[١٨]،
بَابُو[١٩] عَادَتَ بُڇِڙِي، جِيئَن[٢٠] هَلِئو وَجين هَٽ[٢١]،
تِيرَٿَ[٢٢] تُوئِي وَٽِ، تُو پُڇِين گَسَ[٢٣] گنگا[٢٤] جا.

## ١٤

ڪوءِ گودڙَ[٢٥] بَنِ گبرِين، نيئي[٢٦] ڪِدائُون[٢٧] ڪانءِ[٢٨]،
جيڏاهين جوڳِ[٢٩] وِئو، نيڻَ[٣٠] تيڏاهين پاءِ[٣١]،
پُورا[٣٢] اِيهين پانءِ، تَه سَڱِي[٣٣] شامَتَ[٣٤] هَتَ جِي[٣٥].

## ١٥

ڪَڻُ[٣٦] گودڙُ پَڌُ[٣٧] گبرِي، ڪانءِ مَ ڪِدائُون،
جِندا[٣٨] وَجِي جوڳَ سين، لَهجِ ڪِي لائُون[٣٩]،

---

١. ڍڪڻ جي سڱن مان ٺهيل توتاريون، ناد، نفير. ٢. فقيرن جي مٿي ۾ پيل ٽوپيءَ کي ويڙهيل رسيون ۽ نوڙيون. ٣. پيدل سفر ۾ سيڌي سامان جي وجهڻ لاءِ بغل يا ڪڇ ۾ ڪٽي هلڻ واريون ٿيلهيون يا ڳوٿريون. گبريون يا جهوليون جن ۾ جوڳي پڻ ۾ مليل خيرات يا بکيا وجهندا آهن. گودڙيون يا رليون. ۴. شيون. ۵. وسيلو. واسطو. لاڳاپو. ذريعو. ٦. کستو. ڪچڪول. زنبيل. ٧. زمين. ڌرتيءَ. ٨. ڦيرائي، ورائي، گهمائي. ٩. ٽوڙيو. ٽڪر يا ٻور ڪئو. ١٠. يقين. ١١. جن کي. ١٢. ٿئو. ١٣. مڙهين مان. ٽڪين يا ٽڪاڻن مان. ١۴. اصل. بنھ. ١۵. نڪتا. ١٦. فقيرن کي مٿن ۾ ويڙهيل رسيون يا نوڙيون. سينگار لاءِ ٻانهن ۾ ٻڌل سُٽَ جا زيورَ. ڳانا. ١٧. کوءِ. ٻَنِ. کڏ ۾ پئي. ١٨. عادت. خَصلت. چال. هير. ١٩. اي بابو، اي رمتا يا سيلاني فقير. ٢٠. خراب. ٢١. هٽ تي، دڪان يا ڪوٺيءَ تي (وڃين هٽ = محبوب کي اندر ۾ ڳولڻ جي بجاءِ هٽ تي تلاش ڪرين ٿو). ٢٢. پوتر آستان، پاڪ جايون. ٢٣. رستا. واٽون. ٢۴. گنگا نديءَ (جتي هندن جا پوتر آستان آهن). ٢۵. وڏيون رليون يا گودڙيون. ٢٦. کٽي وڃي. ٢٧. جمنيون. پياليون. کستا. ڪرمنڊل. ٺڪراٽيءَ نموني بستري جون چادرون. ٢٨. ساڙ. جلاءِ. ٢٩. جوڳين يعني تارڪ الدنيا فقيرن جو ٽولو. ٣٠. اکيون. ٣١. ڪَڻُ. ٣٢. اي پورا، اي موڳا، اي بي عقل. ٣٣. سمجهه. ٣۴. مصيبت. آفت. آپدا. سزا. ٣۵. هٽ تي وڃڻ جي. ٣٦. پاڻ سان کٽي هل. ٣٧. بغل يا ڪڇ ۾ ڪڻ. ٣٨. اي جند. اي جان. اي جاني. ٣٩. شاديءَ وقت گهوٽ ڪنوار جا مٿا نمائي پاڻ ۾ ٽڪرائڻ واري رسم (لهج کي لائون = مِلچ).

اِيئَن ڪوهُہ[١] اُنائُون[٢]، تہ سِنگِيُون[٣] شامَتِ[٤] هَٽَ[٥] جي.

## ١٦

بَهرِ[٦] رَلا رَليُون[٧]، اندر[٨] پَتولا[٩]،
اِنهِين[١٠] پَرِ[١١] ڪاپَڙِي[١٢]، گَڏهِ[١٣] جا گهورا[١٤].

## ١٧

اندر رَلا رَليُون، بَهرِ پَتولا،
اِنهيءَ پَرِ ڪاپڙي، صاحبَ[١٥] جا گهورا.

## ١٨

نا اُميدي[١٦] آجِڪو[١٧]، اوچَڻُ[١٨] آديسِيَنِ[١٩]،
سَدا[٢٠] سُکِ[٢١] وَسَنِ[٢٢]، طالِبَ[٢٣] تَقديرَ[٢٤] تي.

## ١٩

نااُميدي آجِڪو، اوچَڻُ آديسِيَنِ،
ڪَڏهِين تازِيءَ[٢٥] پُٺ تي، ڪَڏهِين هيٺ[٢٦] هَلَنِ[٢٧]،
سامِيَڙا[٢٨] سَمُنڊَ[٢٩] ۾، تُنبِي[٣٠] جِيئَن تَرَنِ[٣١]،
جي[٣٢] واڳُو[٣٣] واتَ[٣٤] وِجَنِ، ڪُسَنِ[٣٥] ڪُڇَنِ[٣٦] ڪِينَ ڪِي.

---

١. جو. ٢. جيائون. ٣. ڍِڳن جي سڱن مان ٺهيل توتاريون، ناد، نفير. ۴. مصيبت، آفت، آپدا، سزا. ۵. هٽ يعني دڪان (وجهڻ جي سبب ۽ محبوب کي اندر ۾ نہ ڳولڻ جي سبب). ٦. ٻاهر يعني بدن تي. ٧. اڳڙين ٽڪڙين يعني بدن تي استعمال ٿيل پراڻن ڪپڙن جي ٽڪرين مان ٺهيل وڏيون رليون يا ڏڪيون يا گودڙيون (رلا رليون = معمولي اسباب، معرفت ۽ روحانيت جي عدم موجودگي). ٨. اندر ۾، دل ۾. ٩. ريشمي پوشاڪون (روحانيت ۽ معرفت جو پرچار). ١٠. اهڙيءَ. ١١. ريت. ١٢. جوڳي فقير، سامي. ١٣. گهوڙي جي قسم مان هڪ بار ڍوئيندڙ مشهور جانور جي ماديءَ، مادهہ خر. ١۴. ڳولائو، طالبَ. ١۵. مالڪ. ڌڻيءَ، خدا. ١٦. مايوسي، نراسائي. ١٧. توشو، آذوقو، سمر، ڍَڪَ، پناهہ. ١٨. ڍڪَ، اوڍڻو، سمهڻ مهل مٿان وجهڻ لاءِ ڪپڙو. ١٩. آديسين جو، گروءَ جي حڪم ۾ رهندڙ فرمانبردار فقيرن جو. ٢٠. سدائين، هميشہ. ٢١. سک ۾، آرامَ ۾، آنند ۾، خوشيءَ ۾. ٢٢. رهن، گهارين، گذارين. ٢٣. (خدا جي) طلب رکندڙ، ڳولا يا تلاش ڪندڙ، سالڪ. ٢۴. قسمت. ٢۵. تازيءَ جي (تازي گهوڙي جو هڪ قسم آهي)، عربيءَ گهوڙي جي. ٢٦. زمين تي پير پيادا. ٢٧. پنڌ ڪن. ٢٨. سامي. ٢٩. ساگر، سائر (دنيا يا جهان جي). ٣٠. ڪدوءَ جي ول مان حاصل ٿيندڙ پڪل گول ڦلَ (جيڪو سڪڻ بعد پاڻيءَ ۾ ترڻ جي ڪم ايندو آهي). ٣١. عضون جي مدد سان پاڻيءَ جي مٿاڇري تي چرن ڦرن. ٣٢. جيڪڏهين. ٣٣. واڳوءَ جي (واڳو ڳوهہ جي شڪل جهڙو هڪ پاڻيءَ ۾ رهندڙ جانور آهي). ٣۴. وات ۾ (واڳوءَ وات ۾ = مصيبت ۾). ٣۵. قتل ٿين، مارجي وڃن. ٣٦. شڪايت ڪن.

## ۲۰

عَـــدَمُ[۱] اوتَـــارونِ[۲]، نَـــا اُمـــيـــدي[۳] نـــجُـــهـــرو[۴]،
لَـنـگـهـيَ[۵] خَـــوفَ[۶] اُمـــيـــدَ[۷] کَـــان، پَـــري[۸] پـيـــرُ[۹] تِـــئـــونِ[۱۰]،
رَضَـــا[۱۱] راڄُ[۱۲] سَـنـدونِ[۱۳]، بِـئـو مُـــوران[۱۴] مَـــڱَـــنِ[۱۵] ڪِـيـنَـڪـي.

## ۲۱

نَـــا اُمـــيـــديءَ جـي نِـجُـــهـــري[۱۶]، پـيـــهِـــي[۱۷] پُـــڄُ[۱۸] اَللهُ،
چِـــٽـــو[۱۹] رَبِـــي[۲۰] راهـــه[۲۱]، پَـــرَ مُـــرادُنِ[۲۲] مَـــخـــفِـــيُ[۲۳] ڪِـئـــو.

## ۲۲

ڪـهـڙِي پُـڇِـين[۲۴] ڪَـالَـهـه[۲۵]، ڪَـرَ[۲۶]، نَـه ڪَـا[۲۷] اَڄُ[۲۸] صُـبَـــاحَ[۲۹]،
وَنءُ[۳۰] تَـنـهِـين سين واڳِـئـو[۳۱]، جـيـڪـي پَـسـين مَـنـجـهـه[۳۲] پَـسَـاهَـه[۳۳]،
رَمُ[۳۴] رَبَـــانِـــي راهـــه[۳۵]، مَـــتـــي[۳۶] حَـــالَ[۳۷] هُـــوشِـــيَـــارُ[۳۸] تِـــي.

## ۲۳

ڪَـــرِ هِـــئَـــارَ[۳۹] هَـــلَـــڻَ[۴۰] جِـــي، وِيـــنـــو پُـــڇِـــين پَـــرُ[۴۱]،
اَڄُ آديـسِـــي[۴۲] مَـــرُ[۴۳]، صُـــبَـــاحَ[۴۴] مَـــرَنـدو سَـــيَـــڪـــو.

---

۱. نيستي، نابودي، ۲. انهن جو اوتارو، انهن جو آستان يا تڪيو، ۳. مايوسي، نراسائي، ۴. جهوپو، ڀنگو، آستان، گهر، ۵. اَڪري، پار پئي، ۶. ڊپ، ۷. آس، آسري، آرزوءَ، تمنا، ۸. ڏور، ڏوراهون، پراهون، ۹. پنڌ = پيرَ جو نشان، موجودگي، ۱۰. انهن جو ٿئو، ۱۱. خدا جي رضامندي يا خوشنودي، ۱۲. ملڪ، ڏيهه، ۱۳. سندن، انهن جو، ۱۴. مور، اصل، بنهه، ۱۵. گهُرن، ٻڻن، طلبين، ۱۶. نجهري ۾، ۱۷. گِهڙي، داخل ٿي، ۱۸. تلاش ڪر، ڳول، ۱۹. صاف، ظاهر، پڌرو، عيان، ۲۰. رب جو، پالڻهارَ جو، ۲۱. ڪس، واٽَ، ۲۲. اميدن، تمنائن، خواهشن، ۲۳. لڪل، ڳجهو، پوشيدو، ناپيد، ۲۴. معلوم ڪرين، دريافت ڪرين، ۲۵. ڪالهه جي، ايندڙ ڏينهن جي، سڀاڻي جي، ۲۶. خبر، ۲۷. ڪجهه (خبر)، ۲۸. اڄ جي، اڄوڪي، هلندڙ ڏينهن جي، ۲۹. صباح جي، صبوح جي (اڄ صباح = اڄ صباح جي، هلندڙوقت جي)، ۳۰. وڃ، ۳۱. گڏيو، ڀيڙو ٿئو، شامل ٿئو، جڪڙئو، ۳۲. ۾، ۳۳. ساهَ، دمَ، ۳۴. هل، ۳۵. راهه تي، واٽ يا رستي تي، ۳۶. تي، ۳۷. موجوده حالت، هلندڙ وقت، ۳۸. خبردار، داناءُ، سياڻو، ۳۹. هينئر، هن وقت، هاڻي، ۴۰. اُسهڻ، وڃڻ، ۴۱. ايندڙ سال يا وقت، آئيندو، ۴۲. گروءَ جي حڪم ۾ رهندڙ فرمانبردار فقير، ۴۳. فنا يا نابود لاڏاڻو ڪر، ۴۴. سڀاڻي، ٻي ڏينهن.

Gul Hayat Institute

## وائي ١

راوَلُ[1] رَهيٖ[2] نَه راتِ[3]، جيٖڏيُون[4] مُنهِنجو راوَلُ رَهي نَه رات،

ڪُوهُه[5] ڪَرِبِنديَسِ[6] ڪانڌَ[7] رَيٖ[8]، وِهاڻيءَ[9] پِريات[10]،

مَتَ[11] نَه مَعذُوريَنِ[12] جا، ڪا[13] جا[14] جوڳِي ذات[15]،

لَڳُمِ[16] لاهُوتيَنِ[17] جو، مَنجَهان ڪيٖنَرَ[18] ڪاتُ[19]،

آيَلِ[20] آديسيَنِ[21] جي، اَئُون مُنيٖ[22] مُلاقات[23].

## وائي ٢

هيٖرَ[24] گهَرِ[25] ايندَمِ[26] زِي[27]، هَهڙا مُوچارا[28] سُپِرِينِ[29]،

ڪَنولَ[30] جِهَڙا مُکڙا[31]، پُوئِرَ[32] پُونڌڙا[33] رَسُ[34] پيتَمِ[35] زِي،

اَئُون جَني جي آهِيان، چِپَرَ[36] سي نَه ڇَڏيندَمِ[37] زِي،

آسَرَ[38] پِري[39] آهِيان، ڪامِلَ[40] هَتان[41] ڪَمَ[42] تِيندَمِ[43] زِي.

## وائي ٣

دِلِئان[44] دُورِ[45] نَه ڪيجي، پِياري[46] والَڙِي[47] سا ڳالَهڙِي[48]،

رانجَهَنِ[50] والا[49] زَهرُ پِيالا، شَربَتُ ڪَري پِيجي.

---

١. شهزادو، حاڪم، محبوب جوڳي، ٢. ٽڪي، ترسي، ٣. هڪڙي رات، ۴. اي جيڏيون، اي سرتيون، ۵. ڇا، ٦. ڪنديس، ائون ڪندي، ٧. وَرَ، ڀتار، مڙس، ٨. ڪان سواءِ، ٩. ڳذريل، پوري ٿيل، ڳذرڻ ڪان پوءِ، ١٠. فجر، پرهه، اَسُر، ١١. عزيز، رشتيدار، سڄڻ، دوست، ١٢. عذر وارين، جڏين، نماڻين، بيوس يا لاچار عورتن، ١٣. اهڙي عجيب، ١۴. تارڪ الدنيا فقير، ١۵. قوم، فرق، فرقو، ١٦. مون کي لڳو، ١٧. لاهوت (عالم ذات الاهي جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿيندو آهي) جي ڄاڻن يا معرفت رکندڙن، ١٨. سَاز جو هڪ قسم، ١٩. وڏي ڪاتي، خنجر، چوياٽي (حلال) جانورن جي گوشت وڍڻ جو لوهه جو اوزار، ٢٠. اي آيل، اي جيجل، اي امڙ، ٢١. گروءَ جي حڪم ۾ رهندڙ فرمانبردار فقير، ٢٢. مصيبت ۾ يا تڪليف ۾ وڌي، ٢٣. ميلاپ، ڳڏجاڻيءَ، وصالَ، ٢۴. هينئر، هاڻي، ٢۵. گهر ۾، ٢٦. مون وٽ ايندا، ٢٧. اڙي يا اَئي (جيڏيون)، ٢٨. سهڻا، ملوڪ، ٢٩. پرين، محبوبَ، ٣٠. ڪنول جي گل، نيلي فر جي گل، ٣١. منهن، صورتون، شڪليون، ٣٢. ڪاري رنگ جا گلن جي مٿان اڏامندڙ جيت، ٣٣. ڦرندڙ، اڏامندڙ، ٣۴. مٺي ڀاٽيڻ، شربت، ٣۵. مون پيتو، ٣٦. ڇپر ۾، جبل ۾، ٣٧. مونکي ڇڏيندا، ٣٨. اميد، ٣٩. واري، ۴٠. ڪامل جي، گناهن ۽ ڏوهن کان آزاد يا ڀلاري جي، ۴١. هت سان، ذريعي سان، ۴٢. مطلب، مرادون، ۴٣. منهنجا ٿيندا، ۴۴. دل کان، من کان، ۴۵. پري، ۴٦. محبوب، سڄڻ، ۴٧. واري، ۴٨. ڳالهه، ذڪر، ۴٩. محبوب، ۵٠. وارو،

Gul Hayat Institute

بسمِ اللہِ الرحمٰنِ الرحيم

# سُر رامڪلِي

## داستان اٺون

١

ڪَنهن جَنهن[1] ڪُنا[2]ڪات[3]، جيئن[4] سامِي[5] مُورِ[6] نہ سَنرا[7]،
ڏِينهان[8] ڏکي[9] ڏيل[10] ۾، سُور سَجِيائي[11] رات،
سَنڌِي[12] جوڳِيان[13] ذات[14]، جيجان[15] هوءِ[16] جذارئين[17].

٢

رُوح[18] ۾ رَهيين[19] رامُ[20]، بَهر بولين[21] ڪي[22] بِئو،
پيالا[23] پُر[24] ڪَري، جوپ[25] پِيتائون جامُ[26]،
تِنهان[27] پوءِ[28] تمامُ[29]، تَنِ تڪِيا[30] تاڪي[31] ڇڏيا.

٣

رامُ رَهيين ۾ رُوح، بَهر بولين ڪي بِئو،
سَدائين[32] سَفر[33] ۾، مُتا[34] تئڙن[35] موهہ[36]،
سامِيَنِ جا صُبُوحِ[37]، سارِيان[38] گهڻو سيدؒ چئي.

---

١. اهڙي، ٢. ڪُنل. قتل ٿيل، ٣. ڪات سان، وڏيءَ ڪاتيءَ يا خنجر سان، ۴. جو، جو تہ، ۵. تارڪ الدنيا فقير، جوڳي، ٦. اصل، بنھ، هرگز، ٧. خوش، سرها، ٨. ڏينهن جو، ٩. درد يا سورُ ٿئي، تڪليف ٿئي، ١٠. سرير، بدن ۾، ١١. سڄي، سموري، ١٢. جي، ١٣. جوڳين، ١۴. قومَ، جاتي، فرق، فرقو، ١۵. اي جيجل، اي امڙ، ١٦. آهي، ١٧. جڏي، اڪهي، بيمار، ١٨. دل، ١٩. انهن ڪي رهيو يعني موجود آهي، ٢٠. خدا جو (هندڪو) نالو، ٢١. ڳالهائين، ٢٢. ڪجھ، ٢٣. جامَ، تراڪڙا وٽا يا ڪٽورا، ٢۴. پُر ڪري = ڀري يا ڪَنِ تائين ٽمٽار ڪري، ٢۵. جهجهو، گهڻو، ٢٦. (خدا جي محبت جو) شراب، ٢٧. تنهنڪان، ٢٨. بعد، ٢٩. صفا، مڪمل، سمورا، ٣٠. مڙهيون، آستان، تڪاڻا، ٣١. (درن جا تاڪ ورائي) بند ڪري، ٣٢. هميشہ، ٣٣. مسافريءَ، پنڌَ، هَل هلان، ٣۴. سِرَ (مٿن يا سرن جا) وارَ، ٣۵. انهن جا ٽِٽا، ٣٦. منجهيل يعني اڻ سنواريل ۽ ميرا (وارن جا) مُڇا يا ڇڳون، ڇتائون، ٣٧. صبوح جي وقت واريون رهاڻيون، ٣٨. ياد ڪريان.

## ۴

مَتا[1] مُوهہ[2] تِئان[3]، سَدا[4] سُوائتا[5] ڪاپڙيِ[6]،
ڪُوني[7] ڪَنهِن نَہ پُڇِئا[8]، تَہ ڪِ[9] اَندَرَ[10] اندوهِيان[11]،
جيڪا[12] جَمارانِ[13]، سا گُوندَرِينَ[14] گُذَري[15].

## ۵

اَسُڪُ[16] جَنِ[17] اوبِرَ[18]، سي سَنجهي[19] رَهَنِ سُمَهي[20]،
لاهُوتي[21] لَطيفُ چَئي، آڏيءَ[22] ڏِينِ اُليرَ[23]،
اُتِئو[24] لوڪُ[25] پَسي پَٽ[26] پِئا[27]، سامِي مَٿي[28] سيرَ[29]،
ڪيڏانهَن[30] ڪَندا پيرَ، مِڙوئي[31] مَٿو[32] تِئو.

## ٦

مَٿي ڪَان[33] مَٿي، جوڳِيءَ ڏِني جُوءِ[34]،
اوڏو[35] تِئو اَلَڪَ[36] ڪي، وَجِي رُوبَروءِ[37]،
بابُوءِ[38] چَڪِي[39] بُوءِ، مَنجهان باغَ بَقاءَ[40] جي.

## ۷

وِنِي جَنهِن وِرهَہ تِئا[41]، مَٿي سِين ميري[42]،

---

١. سرَ (مٿن جا) وارَ. ٢. منجهيل، اڻ سنواريل، ميرا. ٣. انهن جا ٿئا. ۴. هميشہ. ۵. سُوءَ ۾، سوڳ ۾، غم يا ماتم ۾گذاريندڙ يعني دنياوي لذتن کان پرهيز ڪندڙ. ٦. تارڪ الدنيا فقير، سامي، جوڳي. ٧. ڪهڙائي، دعوت ڏيئي، سڏي. ٨. حال احوال يا خبر چار ور تي. ٩. چيا. ١٠. اندر ۾، دل ۾. ١١. هنن کي اندوهہ يعني غم يا ڏک آهي. ١٢. سموري. ١٣. انهن جي جمار يا زندگي. ١۴. گوندرن ۾، غمن ۾. ١۵. پوري ٿي. ١٦. نہ سُک، بي سکائي، بي آرامي، بي قراري، ننڊ جو ڦِٽڻ. ١٧. جن کي. ١٨. بيوقتي، ڪمهلي، ڪجهہ رات گذرڻ بعد، رات جو دير سان. ١٩. سج لهڻ وقت. ٢٠. ننڊ پئجي وڃن. ٢١. لاهوت (عالم ذات الاهيءَ، جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿيندو آهي) جا ڄاڻو يا معرفت رکندڙ. ٢٢. آڌيءَ رات جو. ٢٣. لوهون، سنون، چالَ، ٽپ (بي قراريءَ جي ڪري). ٢۴. جاڳيل. (ننڊ مان) اٿيل، بيدار ٿيل. ٢۵. مائهو. ٢٦. ڏسي. ٢٧. پٽ پئا = پٽ يعني زمين تي پير رکيائون يعني پنڌ يا هلڻ شروع ڪئائون. ٢٨. تي. ٢٩. گشت، سفر، مسافريءَ. ٣٠. ڪهڙي طرف. ٣١. سڀ. ٣٢. اهو طرف جنهن ڏانهن مٿو يعني منهن ڪري نماز پڙهبي آهي ءِ جنهن ڏانهن پير ڊگهارڻ جي منع آهي. ٣٣. مٿي ڪان مٿي = مٿانهينءَ کان مٿانهون، اوچي کان اوچو، عرش عظيم تي، اڀين آسمان تي. ٣۴. جاءِ، هنڌ، مڪان. ٣۵. ويجهو، قريب. ٣٦. جيڪو لکي يعني ڏسي نہ سگهجي، خدا. ٣٧. آمهون سامهون. ٣٨. رمتوءَ يا سيلانيءَ فقير. ٣٩. چکي بوءِ = خوشبوءِ سونگهي = سواد يا مزو ورتو. ۴٠. هميشہ باقي رهڻ واريءَ حالت، سدا حيات. ۴١. سال، گهڻو وقت. ۴٢. بنان غسل واري حالت ۾، ناپاڪ، غليظ.

اکيُون اُنَ جُون اَلَکَ ۾، پُونءَ[1] ڏي نَہ پيري[2]،
ڪَارنئُون[3] ڪَکَا[4] تِئَا، جَراتِئَا[5] جيري[6]،
لُڙڪَ[7] لَالَ[8] لطيف چئي، ڪَنبي[9] ۽ ڪيري[10]،
نِينهُن[11] نبيري[12]، جِيئَن سَڙي[13] تِيئَن سَنرو[14].

٨

وِبني جَنِ[15] وَرهَہ تِئَا، مَتي ميري سَاڻُ،*
اکيُون جَنِ جُون اَلَکَ ڏي، پُونءِ ڏي کَن نَہ پَاڻُ[16]،
ڪَارَنئُون ڪَکَا تِئَا، جيري[17] وِجهي جَاڻُ[18]،
خُوديءَ کَان خَلَاصُ[19] تِئَا، پُنتي[20] وِجهي پَاڻُ[21]،
سي بَهرِ نَہ هَٿَن بَاڻُ[22]، جَنِ[23] گَدِڙُو[24] گُر[25] گِروانَ[26] ۾.

٩

جوڳِين[27] کي جُڳَنِ[28] جي، مَتي[29] ۾ مِتي[30]،
نَانگَنِ[31] نِند قِتي[32]، وِئَا[33] رُوندا رامَ[34] ڏي.

Gul Hayat Institute

١٠

گِندَنِ پَاسي گِندَ، گَدُ[35] گُذارِينِ گُودَڙِئَا[36]،

١. زمين. ٢. ڦيرائي. ٣. ڪارن مان (متي جي وارن ڏي اشارو). ۴. ميراڻ يا اڇاڻ ڏي مائل، پوري رنگ جا. ۵. لهسئا. ٦. (دونهينءَ جيءَ) باهہ. ٧. ڳوڙها، آنسو. ٨. ڳاڙها، رت گاڏئان. ٩. (خدا کان)ڏجي، خوف يا ڀَوَ کائي. ١٠. ڪيرائي، وهائي، هاري. ١١. عشق، محبت. ١٢. ڇڏي، توڙي. ١٣. (عشق جي باهہ ۾) پچي، جلي، ڪامي. ١۴. سرهو، خوش. ١۵. جن کي.* بنان غسل يا تڙ، گدلائيءَ جي حالت ۾. ١٦. ڌيان، خيال. ١٧. جيري ۾، باهہ ۾. ١٨. هوش، عقل، خودي. ١٩. آجا، آزاد. ٢٠. پري، پاسي، پوئتي. ٢١. خودي، آپو. ٢٢. تير، گز. ٢٣. جن کي. ٢۴. ملئو. ٢۵. مرشد. ٢٦. گريبان، قميص جي دامن ۾، اندر دل ۾.. ٢٧. تارڪ الدنيا فقيرن. ٢٨. سوين سالن يا ورهين، ايامن. ٢٩. سڙ. ٣٠. ڌوڙ، خاڪ. ٣١. نانگن جي (انهن فقيرن جي جيڪي لانگوٽيءَ کان سواءِ بدن تي ڪپڙو نہ پائين ۽ سڄي عمر شادي نہ ڪن). ٣٢. آرام، سُکَ، آسائش. ٣٣. خراب ٿي، حرام ٿي. ٣۴. خدا جو (هندڪو) نالو. ٣۵. رليون، ڪٿيون، ڪِدا. ٣٦. گودڙي ڍڪيندڙ. فقيرائو لباس ڍڪيندڙ. ڪفني پائيندڙ.

پَليتيءَ[1] ڪَان پَانهِنجَا، پَاڪَ[2] رِڪَئائُون پِنڊَ[3]،
نَانگَن[4] ڪِي نَہ نِنڊَ[5]، رُوندا وَهِئَا[6] رامَ[7] ڏي.

## ١١

اُجِهُئو[8] تَنِ نَہ بُجِهُئو[9]، وِيني گَڏِيُنِ[10] وِيرُ[11]،
لَٿو[12] تَنِ[13] لطيف چئي، جُسي[14] جو زَنجِيرُ[15]،
ڪِينَ ڏِٺو[16] ڪَاپَڙِيِن[17]، ڪَابُلُ[18] ۽ ڪَشميرُ[19]،
ڏوري ڏِٺائُون[20] ڏُکَ سِين[21]، پَانَ[22] مَنجهِيئي پِيرُ[23]،
سَچُ[24] جَنِ جو سِيرُ[25]، گُرُ وِيني تَنِ گَڏِئو.

## ١٢

راتِيَان رُڻ[26] جُهڻ[27] رامَ سِين، ڏِينهَان[28] ڪَنِ سَنانُ[29]،
جوڳِي سي اَنانُ[30]، وَٺُون[31] جَنِ وِرائِيُون[32].

## ١٣

هَرَ هَرَ[33] ڪَنِ هَرِنامُ[34]، ڏُونِ[35] ڏِهَاڙِي[36] ڏوتِيَا[37]،
جَنِ نَہ رِيجهَايو[38] رامُ، نَاٿُ[39] نَہ نِمِي[40] تَنِ ڪِي.

Gul Hayat Institute

١. ناپاڪائي، غلاظت، گندگيءَ. ٢. صاف، پوِتر، اُجَتَ، نرمل. ٣. بدن، سرير. ۴. انهن فقيرن جيڪي بدن تي لانگوٽيءَ کان سواءِ ڪپڙو نہ پائين ۽ سڄي عمر شادي نہ ڪن. ۵. سمهڻ جو عمل، آرام. ٦. وڻا. ٧. خدا جو (هندڪو) نالو. ٨. رولڙو ڪئو. جهوتون ڏنيون. سير سفر ڪئو. ٩. سمجهيو. پروڙيو. ڄاڻَ يا معرفت حاصل ڪئي. ١٠. ملِين. ١١. عاقل. ڄاڻو. داناءُ. ويرناٿ (جوڳين جو مرشد). خدا. ١٢. ختم ٿئو. ١٣. تن تان. ١۴. بدن. جسم. ١۵. قيد. بند. ١٦. پيٺئو. ١٧. ڪاپڙين. تارڪ الدنيا فقيرن. جوڳين. ١٨. افغانستان جي گاديءَ واري شهر جو نالو. ١٩. شهر جو نالو (ڪابل ۽ ڪشمير ۾ هندن جا پوتر آستان يعني تيرٿ آهن). ٢٠. ڳولي. تلاش ڪري. ٢١. تڪليف. ٢٢. پاڻ منجهيئي=پنهنجي اندر ۾. ٢٣. مرشد. گرو. گر. ٢۴. حق. ستيا. پاڪبازي. ايمان. عصمت. صداقت. ٢۵. رستو. واٽ. مارڳ. ٢٦. رات جو. ٢٧. رڻ جهڻ = ڳالهہ ٻولهہ. گفتگو. رهاڻ. ٢٨. ڏينهن جو. ٢٩ غسل يا تڙ (عيش آرام). ٣٠. وڏي خيال وارا هوشيار. ٣١. امانتون. ڏراوتون. ملڪيتون. ٣٢. ورهايون. وِرڇيون. ونڊيون. خيرات ڪيون. ٣٢. هر هر = هر وقت. هر گهڙيءَ. ٣۴. هريءَ جو نالو. خدا جو نالو. هندن جي سلام طور ڪم ايندڙ لفظ. ٣۵. پاٽيءَ سان ميراڻ ڪدي صاف يا پاڪ ڪن. ٣٦. هر روز. روزانو. ٣٧. ڌوتيون. لانگوٽيون. گوڏيون. لاڪون. ٣٨. راضي ڪئو. ٣٩. گرو. مرشد. خدا. مهيشور. ۴٠. جهڪي. ريجهي. راضي ٿئي.

## ١٤

هَرَ[1] هَرَ اُميس[2]، ڏُونِ[3] ڏهاڙي[4] ڌوتِيا[5]،
جَنِ نَہ مارِي[6] ميس[7]، ناٿُ[8] نَہ نَمي[9] تَنِ کي.

## ١٥

نَکي نَمَنِ[10] ناٿَ کي، ناٿُ نَہ نَمائين[11]،
جاتا[12] کَنِ نَہ جوڳَ[13] کي[14]، جوڳُ[15] نَہ جُهارِين[16]،
اُهي جاٽيُون[17] آٽين، آديسي[18] اَلماس[19] جُون.

## ١٦

نانگَنِ[20] کين نَمايو، ناٿُ نَمايو نينهن[21]،
مَڙهِنِ[22] اُنا[23] مِينهن[24]، جوڳِيان[25] سَنديءَ[26] ذاتِ[27] جي.

## ١٧

ناٿَ[28] جَنهين[29] نَنڌِ، تَت[30] نَہ نهارئو[31] جوڳِيين[32]،
هُئا ڪُوبساها[33] ڪاپڙي، تي پُرئا[34] پَراهين[35] پَنڌِ[36]،
هُو هُئو هِنهين[37] هَنڌِ[38]، هُو هُونهين تي[39] هِنگلاج[40] وِئا.

١. هر هر = هر وقت، هر گهڙي، ٢. سيوا، بندگي، پرارٿنا. ٣. ٻاٽيءَ سان ميراڻ ڪڍي صاف يا پاڪ ڪن. ٤. روزانو، هر روز. ٥. ڌوتيون، گوڏيون. انگوڇا. لاڪون. لانگوٽيون. ٦. مات ڪئي، جيتي ختم ڪئي. ٧. نفس، نفسانيت. شهوت. تمنا. ٨. گرو. مرشد. مهيشور، خدا. ٩. جهڪي، راضي ٿئي. ١٠. جهڪن. ١١. ريجهائين، راضي ڪن. ١٢. جاتا ڪن = اقراري ٿين. ١٣. دنيا ۾ رهي خدا کي تلاش ڪرڻ جي عمل. دل جي خواهشن کي روڪڻ جي عمل. زهد. تپسيا. ١٤. لاءِ. واسطي. ١٥. جوڳين يا ڪاپڙين يعني تارڪ الدنيا فقيرن جو پنٿ. دين يا ڌرم. ١٦. ساراهين. ١٧. نشانيون. ٻار. ٻنا. ١٨. گروءَ جي حڪم ۾ رهندڙ فرمانبردار فقير. ١٩. هڪ قيمتي پٿر. هيري. جواهر. حق سچ. خُدا. ٢٠. انهن فقيرن جيڪي لانگوٽيءَ کان سواءِ بدن تي ڪپڙو نہ پائين ۽ سڄي عمر شادي نہ ڪن. ٢١. عشق. محبت. ٢٢. مڙهين ۾. آستانن يا تڪين ۾. ٢٣. وسئا. ٢٤. (مهر جون) برساتون. ٢٥. جوڳين. ڪاپڙين. ٢٦. جي. ٢٧. قومَ. جاتيءَ. پٽ. ٢٨. ناٿ جي. ٢٩. جتي. ٣٠. وهڪ. جاءِ. گهر. ٣١. ڳولئو. ٣٢. جوڳين. ٣٣. بي وساها. اڻ وسهندڙ. بي اعتبار. ڪوڙي ويساهہ وارا. ٣٤. هلئا. اُسهئا. ٣٥. ڏوراهين. ٣٦. پنڌ تي. سفر تي. ٣٧. هِن. ٣٨. هنڌ تي. جاءِ تي. ٣٩. اجايو. ٤٠. هنگلاج ڏي (هنگلاج جو شهر بلوچستان ۾ لس ٻيلي جي ڀرسان جبلن ۾ آهي. جتي نانيءَ نالي هڪ درويش عورت جي قبر آهي ۽ ٻئا هندن جا پوتر آستان آهن).

Gul Hayat Institute

## ١٨

نَاتَ جِتَهِين نِنذِ، تِت پِہ نِهَارِئو جوڳِيِن،
هُئَا سُوِبسَاهَا[١] کَاپَڙِي، تي پُرِئَا پَراهِين پَنذِ،
هُو هُئو هِنَهِين هَنذِ، هُنِ هِنگِلاچَان هَتِ کِئو.

## ١٩

جِهڙا کَٽِجِ[٢] کَکَڙا[٣]، تِهڙا جَائِنِ قُلَ[٤]،
تَنِ سَامِيَنِ جي سَدَ[٥] مَران[٦]، جَنِ جي گُودَڙِيُنِ[٧] مِ گُلَ[٨]،
اَندَرِ[٩] مُلَ[١٠] اَمُلَهَا[١١]، پَهرِ[١٢] کوجَهَا[١٣] کَاپَڙِي.

## ٢٠

گُلَ گُلَ[١٤] پَسِّي[١٥] گُونڊَرِئَا[١٦]، گَهَڻَا[١٧] مَرِ يَانَئِيجِ[١٨]،
سُوئِي سُجَاڻِيجِ[١٩]، هِيءُ[٢٠] هُو[٢١] آهي هيڪِڙو[٢٢].

## ٢١

دِلِ[٢٣] ڏوتَائِين[٢٤] ڏُکَ[٢٥] سين، ڏاڳَا[٢٦] هَنذِ[٢٧] نَہ ڏوءِ[٢٨]،
لاهُوتِي[٢٩] لَطِيفُ چئي، رُوحَ[٣٠] اَندَرِ رُوءِ[٣١]،
ڪونَہ ڏِٺو سُون کو، سَنَاسِي سُورَ رِي[٣٢].

---

١. سچي ويساهه وارا. ٢. ٽڙيل. بکڙيل. ٣. کک کانا. ککاون گهر. ۴. جائن قل = جائقل. جاٽتري وڻ جا گل. ٥. سڌ ۾. سک ۾. انتظار ۾. پيار ۾. ٦. ساهه ڏيان. فوت ٿيان. فنا يا برباد ٿيان. ٧. رلين. ڪفنين. فقيرائين چولين" ڪپڙي جي ٽڪرين مان ٺهيل چولن يا کڙتن. ٨. قلَ نادر يا سهڻيون شيون. ٩. اندر ۾. باطن ۾. اندروني طرح. ١٠. موتي. هيرا. مائڪ. ١١. بي بها. قيمتي جن جو ملهه يا بها ڪٿي نہ سگهجي (مل املهه = بي بها موتين جهڙا سهڻا). ١٢. ٻاهرئين نموني. ١٣. بڇڙا. بدصورت. بي زيبا. ١۴. گل گل = مختلف قسمن جا گل. ١٥. ڏسي. ١٦. گوندريا. اي حرفتي. اي چالاڪ. اي هوشيار. ١٧. جهجها. ١٨. سمجهج. ڄاڻج. ١٩. پروڙج. ٢٠. هيءُ گل. ٢١. هو گلُ. ٢٢. ساڳيو. ٢٣. من. قلب. ٢۴. (دل جي ميراڻ يا ڪثافت يا غلاظت) لاٿائين يا صاف ڪئائين. ٢٥. ڏک. تڪليف. درد. سورَ. ٢٦. فقيرائيون پوشاڪون يا ڪفنيون. ٢٧. اصل. بنهه. ٢٨. ڌوئي يا صاف ڪري. اڇا اُجرا ڪري. ٢٩. لاهوت (عالم ذات الاهي جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو درجو حاصل ٿئي ٿو) جو ڄاڻو يا معرفت رکندڙ. ٣٠. روح يا دل جي ٣١. روئي. ارمان ڪري. ٣٢. سواءِ. بنان.

## ٢٢

جَرَ[1] جَراتِيُن[2] جِندڙو[3]، صُورَتَ[4] ڪانيَنِ[5] سِيءَ[6]،
اُپِيَنِ[7] گَهٽي[8] اَدَبَ[9] ۾، عادَتَ[10] سَندِيَنِ[11] ايءَ،
جوڳِيَنِ[12] پانهِنجا جِيءَ[13]، لِلّٰهِ[14] ڪارَڻِ[15] لُٽِئا[16].

## ٢٣

پُٽا[17] جَرَ جَراتِئا، مُنهَن ڪانيَنِ سِيءَ،
مُوهَن[18] مَنگَن[19] بِڪَئا[20]، نَڪا لَڄَ[21] نَہ لِيهہ،
بابُو[22] بيڪاري[23] ٿِئا[24]، نَڪو پُٽُ نہ ڏِيءَ[25]،
پَسو[26] جَلايا[27] جِيءَ، وِيراڳِيَنِ[28] ويراڳَ سين.

## ٢۴

بازارِ[29] جي بِيهَڻَ کان، سامِيَنِ ڪِئو سوڳَندُ[30]،
پِيتائُون پُرِ[31] ڪَري، سَندو[32] مَحَبَتَ[33] مَندُ[34]،
ٿِئا سَٽاوا[35] سَيَدُ چئي، رِڙهي[36] لَڏائُون[37] رَندُ[38]،
هادِيءَ[39] تَني جو هَندُ[40]، جوڙايو[41] جَبَرُوتَ[42] ۾.

---

١. (الاهي عشق جي باهہ جي) چيچ، شعلي، تؤ، سيڪ، گرميءَ. ٢. انهن جو چراتيو يا ساڙيو يا جلايو. ٣. جند، بدن، جسم. ۴. شڪل، مُنهن. ۵. انهن جو ڪانيو يا جلايو. ٦. سرديءَ تَڌ، ياري، سرد هوا. ٧. بيهن، اُٿين. ٨. جهجهي. ٩. شرم، حياءَ، لحاظ. ١٠. خصلت، سياءَ، خوءِ، گڻ، لڇڻ، ريت، ڍنگ. ١١. انهنجي. ١٢. تارڪ الدنيا، فقيرن، ويراڳين، سامين. ١٣. جانيون، جسم. ١۴. الله ڪارڻ، الله جي راهہ ۾. ١۵. واسطي. ١٦. برباد يا تباهہ ڪئا. ١٧. بدن جو چاتيءَ جي ابتڙ وارو ڪرنگهي وارو پاسو. ١٨. مُنهن جا پڪا، بي لڄا. ١٩. گهُرن، پنن. ٢٠. خيرات. ٢١. شرم، حيا، ليهہ. ٢٢. رمتا يا سيلاني فقير. ٢٣. جن کي فقيراڻو لباس پيل هجي. ٢۴. ماءُ پيءُ جو نرينو بارُ، پٽر. ٢۵. نياٽي، ڇوڪري. (نڪو پٽ نہ ڌيءُ = نڪما، بيڪار، بي وس، بي طاقت). ٢٦. ڏسو. ٢٧. ساڙيا، ڪانيا. ٢٨. (الاهي) عشق، فراق، سنياس، تياڳ، دنيا کان ڪنارا ڪشيءَ. ٢٩. هٽن يا دڪانن جي مجموعي. ٣٠. قَسمُ، سُنهَن. ٣١. (پيالو) پريل يا ڀارِ يا تمتار. ٣٢. جو. ٣٣. پيار. ٣۴. شراب، دارون. ٣۵. سَوڪا، سهنجا، آرامي. ٣٦. سِري، هلي، پند ڪري. ٣٧. ڏٺائون. ٣٨. رستو، واٽ. ٣٩. هدايت ڪندڙ، رهبر، خدا. ۴٠. جاءِ. ۴١. نهرايو، بنارايو. ۴٢. سلوڪ جي ٽين منزل، جبرائيل جي رهڻ جو هنڌ.

Gul Hayat Institute

## ٢٥

يَادِ[1] گُرُو[2] ڪَنِ گُودَڙِيَا[3]، پَرِ[4] بَازَرِ[5] بِيِتَا،
پَڙهَنِ[6] سُورَ[7] سُبحَانَ جِي[8]، پِيڙَ[9] تَنهن پِيِتَا[10]،
جيلاهَن[11] مُنهِن مِينَا[12]، تيلاهَن[13] نَشَا[14] چَاڙهِئَائُونِ[15] نينهَن[16] جَا*.

## ٢٦

يَاد گُروڪَن گُودَڙِيَا، بِيِتَا[17] بَازَرِ ڪولِ[18]،
نَانگَا[19] پَنهنجي نَاتَ[20] سِين[21]، وَجن ڳُولا ڳُولِ[22]،
ڪَنهِن جَنهِن بَڌَا[23] بولِ[24]، چوتَا[25] چَوڙِين[26] ڪينڪي[27].

## ٢٧

گُرَ جَا ڏِني گودَڙِي، سَا مُون[28] گَهَٽو سُونهَاءِ[29]،
نيئِي[30] پَهچَائي[31] مَاءِ[32]، اوڍِيِن[33] جَي[34] اَدَبَ[35] سين.

## ٢٨

گُرَ جَا ڏِني گودَڙِي، مَٿِي[36] مُون[37] مَرَڪُ[38]،
چيلا[39] هَٽِي چَرخُ[40]، اوڍي وِيهُ اَدَبَ سين.

---

١. ياد ڪن = سارين، سنڀالين، ٢. مرشد، ٣. گودڙي پوش، گودڙي پهريل فقير (ڪپڙي جي ٽڪرين مان ٺهيل رليءَ يا ڪفنيءَ (فقيراڻي چولي کي گودڙي چوندا آهن)، ۴. وٽ، ۾، ۵. هٽن يا دڪانن جي مجموعي، ٦. اڀياس ڪن، ورد ڪن، ٧. صورت، قرآن شريف جو باب يا حصو، ٨. قرآن شريف جي سورت "بني اسرائيل" جيڪا "سبحان" لفظ سان شروع ٿئي ٿي. (سبحان = پاڪ، مقدس)، ٩. درد، تڪليف، ١٠. سنها ڪيا، ڪمزور ڪيا، ١١. جيئن تہ، جنهن صورت ۾، ١٢. منهن مينا = منهن جا مٺا، سهڻا، خوبصورت، حسين، خوش گفتار، مٺا ٻول ڳالهائيندڙ، ١٣. تنهنڪري، تنهن صورت ۾، ١۴. خمار، ڪيف، ڪيپ، ١۵. سوار ڪيائون، ١٦. عشق، محبت *جن بہ انهن گودڙين جو ٻول ٻڌو يا منهن ڏٺو تن کي نينهن جي نشي ۾ غرق ڪري ڇڏيائون، ١٧. بازرجي، ١٨. ٻر ۾، پاسي ۾، ويجهو، ١٩. اهي فقير جيڪي لانگوٽيءَ کان سواءِ بدن تي ڪپڙو نہ پائين ۽ سڄي عمر شادي نہ ڪن، ٢٠. گرَ، گروءَ، مرشد، ٢١. لاءِ، واسطي، ٢٢. ڳولا ڳول = مسلسل ڳولا يا تلاش ۾، ٢٣. اهڙي، ٢۴. قابو ٿيا، ڦاٿا، جڪڙيا، ٢۵. ٻول سان، انجام سان، ڳالهہ يا گفتگوءَ سان، ٢٦. بدن جي هيٺين حصي تي ٻڌل ڪپڙا، لانگوٽا، گوڏيون، ٢٧. لاهين، کولين، ٢٨. مونکي، ٢٩. سيباءِ، زيب ڏي، ٺهي يا وڻي، ٣٠. ڪٿي، ٣١. رسائي، ٣٢. ماءَ تي، ماڳ تي، منزل تي، ٣٣. ڍڪين، پائين، پهرين، ٣۴. جيڪڏهين، ٣۵. احترام، عزت، ٣٦. مٿان، ٣٧. منهنجي، ٣٨. وڻندڙ، نهندڙ، سونهندڙ، ٣٩. اي چيلا، اي شُشَ، اي شيوڪ، اي مريد، ۴٠. پلٽي، ٽنگون يا جوٽون موڙي وهڻ واري حالت، آرام سان وهڻ جو هڪ نمونو، ڄهنڊ هڻي (مُراقبي ۾) وهڻ واري حالت.

Gul Hayat Institute

## ٢٩

گُرَ[1] جا[2] ڏنيم[3] گودڙي[4]، تي پي لاهيندي[5] لڄ[6]،
سَندا[7] تنهن سهج[8]، چيلو[9] چُوندو[10] كيترا.

## ٣٠

لُونيس[11] لانگوتين[12]، ريگڙيارا[13] رمئا[14]،
مُنهنجو جيءُ[15] جلايو[16]، اندر آديسين[17]،
هَي[18] هي منجهه هَتن[19]، وجائي[20] وات تئا[21].

### وائي

تن اكَڙين آئون ازائي[22]، ٻڙي[23] جي ڏيون[24]،
كنهن در ڏيان دانهڙي،
ڦكيون[25] ڏيئي ڦكيون[26]، ويڄن[27] آئون ورچائي[28]،
حُسن[29] هوت[30] حبيب جي، لاليءَ[31] آئون لڇائي[32]،
صُحبت[33] سپيرين[34] جي، مِني[35] آهه منائي[36]،
اُلفت[37] كرمان سين، قُرب جا كڙائي[38].

---

١. گُرُوءَ، مرشد. ٢. جيڪا. ٣. مونکي ڏني. ٤. ڪپڙي ٽڪرين مان ٺهيل رلي، ڪفني يا چولو. ٥. بدن کان پري يا جدا ڪندي. ٦. شرم. ٧. جا. ٨. مزا، سُکَ. ٩. شيوڪ، شش، مريد. ١٠. چوندو، بيان ڪندو. ١١. آئون لوني آهيان، آئون ساڙي يا جلائي آهيان. ١٢. لانگوٽي يعني چيلهه کان بدن جي هيٺئين حصي تي ٻڌڻ لاءِ ڪپڙي جي ٽڪر ٻڌندڙن. لنگَ پوشن. ١٣. مٽيءَ يا دز لڳل، مٽيءَ ۾ ٻيوٽ ٿيل، ڇنل گودڙين يا دلق وارا. ١٤. هلئا وئا. ١٥. جان، اندرُ، دل، جسم، سرير. ١٦. ساڙيو، ڪانيو. ١٧. گرُوءَ جي حڪم ۾ رهندڙ فرمانبردار فقيرن. ١٨. هي هي = افسوس. . ١٩. منجهه هٿن= هٿن منجهان يا قبضي مان (منهنجي). ٢٠. سڱيون يعني ڍڳن جي سڱن مان ٺهيل توتاريون يا ناد وڄائي. ٢١. وات ٿئا = هلئا وئا. ٢٢. ڦاسائي. ٢٣. ادي، آڙي. ٢٤. سرتيون، سهيليون. ٢٥. بي سواد، بي لذت. اڻ وڻندڙ. ٢٦. ٻڪيون، سٽيون. (ڪُٽيل يا چورو ڪيل) دوائون. ٢٧. طبيبن، حڪيمن. ٢٨. ڪک يا بيزار ڪئي. ٢٩. سُونهن. ٣٠. محبوبَ، حبيب، سڄڻ. ٣١. لالائيءَ، ڳاڙهاڻ، چمڪ، سرخيءَ. ٣٢. ڦٽڪائي، بي آرام يا پريشان ڪئي. ٣٣. ياري، دوستيءَ، ميل ميلاپ، رهاڻ. ٣٤. پرين، محبوبن. ٣٥. شيرين، کنڊ يا ماکيءَ جي سواد جهڙي. ٣٦. مٺي شيءِ يا ٿوڻ. ٣٧. محبت، قربُ. ٣٨. ڪک يا بيزار ڪئي.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

# سُر رامِڪَلِي

## داستان نَائون

**١**

قُوتَ[1] كَڙايَا[2] ڪَاپڙِي[3]، طَعَامَ[4] نَہ طَامَاعُو[5]،
سَين[6] هَنيَائُون[7] سُڃَ[8] ۾، جِتِ پَهرَ[9] نَہ پِينَائُو[10]،
اَوسَرَ آسَائُو[11][12]، اُنّي[13] گُوندَرِ[14] گُذِئَا[15].

**٢**

قُوتَ كَڙايَا ڪَاپڙِي، طَعَامَ نَہ طَمعدَارَ،
سَين هَنيَائُون سُڃَ ۾، جوڳِي تِين نَہ يَارَ[16]،
اَوسَرَ جِيءَ آذارَ[17]، اُنّي گُوندَرِ گُذِئَا.

**٣**

قُوتَ كَڙايَا ڪَاپڙِي، بُکَ[18] چَکِئَائُون[19] بُوءِ[20]،
وِئَا نِيرَانَا[21] نِڪِري، جوڳِي مَنجَهان جُوءِ[22]،
اَوسَرِ[23] آسَا[24] اُوءِ[25]، اُنّي گُوندَرِ گُذِئَا.

---

١. قوت جا، کاڌي يا طعام جا. ٢. ڪڙايل، ڪک يا بيزار ڪيل (قوت ڪڙايا = ٽورو ڪائيندڙ). ٣. تارڪ الدنيا فقير، جوڳي. ۴. طعام ۾ يا طعام جا. ۵. طمعدار، ضمع رکندڙ، گهرجائو. ٦. خيرات لاءِ سوال يا صدا. ٧. ڪيائون. ٨. رڻ پٽ، ويرانيءَ. ٩. ماڻهو، ڳوٽرو، وسَنئن. ١٠. پنندڙ. ١١. اوسر جا. مينهن نہ وسڻ واريءَ حالت جا. خشڪ ساليءَ جا. ڏڪار جا. ١٢. اميدوار. آسائتا. خواهان. سيڪڙو. ١٣. مينهن وسڻ سان يعني سڪار جي حالت ۾. ١۴. گوندر ۾. ڏک ۾. ١۵. پئجي وئا. ١٦. دوست. سنگتي، ٻيلي، مددگار. ١٧. آذار تي يا آسري تي (خوش آهن). ١٨. بک جي، لنگهڻ جي، فاقي جي، ڏڪار يا قحط جي. ١٩. چشڪو، ذائقو، سواد يا مزو ورتائون. ٢٠. بوءِ جو، بانس جو، ڏپ جو. ٢١. (صبح جي) ماني يا کاڌي کائڻ کان سواءِ، ٻکئا. لنگهڻ. دنيا جي لذت وٺڻ کان سواءِ. ٢٢. ملڪ، ديس، جاءِ. ٢٣. اوسر جا. ٢۴. آسائتا. اميدوار. ٢۵. ڪاپڙين ڏانهن اشارو.

Gul Hayat Institute

## ۴

ڪُتيءَ خوش رَهنِ، سَچِي سُور سَناسِيِن،
اوگَهَڙَ اوڏا ڪاپَڙِي، سَتُر تان نہ سَهَنِ،
اُنُ تُنِ اُنِ اَندَرَ ۾، سَدا سُپِيرِيَنِ،
اَوسَرِ عِيدُون ڪَنِ، اُني گُوندَرِ گَڏِئا.

## ۵

پِنَنِ ڪِينَ پَتُ ڪَتي، گُهَرِنِ ڪِينَ گَهَران،
مَهيسِي مَخلُوقَ جي، اُپِيَنِ دُورِ دَران،
پُڇَنِ تَوءِ شَرَع، جي اَندَرِ عَدالَتَ اُنِ ڪي.

## ٦

پِنَنِ جو پَتُ ڪَتي، سو جي سُجاڻَنِ،
بَرَ ۾ بِيڪَ لَهَنِ، پَهَرَ نہ پُڇَنِ ڪاپَڙِي.

## ۷

وِچِينءَ وِنِنا هُونِ، سانجهيءَ رَهَنِ سُمَهِي،
بُڪَ مَرَندي بِڪِئا، ڪَنهِن ڪَان ڪِينَ گُهُرَنِ.

Gul Hayat Institute

١. (روزيءَ جي) اڻ پوريءَ يا پوري نہ ٿيڻ جي حالت ۾، ڪسائيءَ يا ڪهتائيءَ واريءَ حالت ۾. ٢. راضي، سرها. ٣. ٿين. ۴. سالم يا ثابت يا پوري (روزي). ۵. عذاب، ڏک. ٦. اوگهڙ ڪي، اگهاڙ يعني عريانيءَ ڪي. ۷. ويجها، نزديڪ، قريب، پسند ڪندڙ. ۸. پردو، ڍَڪَ. ۹. برداشت ڪن، پسند ڪن. ١٠. اڻ تڻ = فڪر، ڳڻتي. ١١. ان ڪي. ١٢. دل. ١٣. هميشہ. ١۴. سپرين جي، محبوبن جي. ١۵. اوسر ۾، مينهن نہ وسڻ واريءَ حالت ۾، خشڪ ساليءَ ۾، ڏڪارَ ۾، بُکَ واريءَ حالت ۾. ١٦. خوشيون. ١۷. مينهن وسڻ واريءَ يعني سُڪارَ واريءَ حالت ۾. خوشحاليءَ ۾. ١۸. گوندر ۾، غم ۾. ١۹. پئي وٺا. ٢٠. خيرات گهُرن. ٢١. ڪشتو، پيالو، ڪچڪول. ٢٢. پنن، مگن. ٢٣. گهرن يعني ماڻهن جي جاين تان. ٢۴. مهيس (مهيشور يعني ايشور) جا پوڄاري يا چيلا، جوڳي فقيرن جو قسم. ٢۵. خلق، ماڻهن. ٢٦. بيهن. ٢۷. پري. ٢۸. در ڪان (گهر جي)، چائنٺ ڪان. ٢۹. معلوم ڪن. ٣٠. تنهن هوندي بہ. ٣١. شريعت، اسلامي قانون موجب ڪنهن عالم ماڻهوءَ يعني قاضيءَ جي فتوا يا فيصلو. ٣٢. جيتوڻيڪ. ٣٣. اندر ۾، دل ۾. ٣۴. عدل يا انصاف جي دربار. ٣۵. پرکين (ان جو قدر ۽ اهميت ڄاڻن). ٣٦. رڻ پٽ، سڃ، ويرانيءَ. ٣۷. خيرات، ڏان، بکئا. ٣۸. حاصل ڪن. ٣۹. پهر ڪي، ماڻهن ڪي. ۴٠. سوال ڪن. ۴١. ٽپهريءَ جي مهل. ۴٢. سج لهڻ وقت.

قَڪِي[١] فَقِيرَنِ[٢]، مَاڳِئَا[٣] پِنِي[۴] مَانِ[۵] جِي.

٨

سَنجهي رَهَنِ سُمَهِي، وِچِينءَ وِينَا هُونِ[٦]،
آذِيءَ رات[٧] اُٿِي[٨] ڪَري[٩]، راوَلَ[١٠] رَتو رُونِ[١١]،
وِهَاڻِيءَ[١٢] واتِنِ تي، پَاسَا[١٣] ڪُوڙِئو[١۴] پُونِ،
مَهيسِي[١۵] مُنهُن[١٦] پَانهِنجو، ذاران[١٧] ذُوڙِ[١٨] نَہ ذُونِ[١٩]،
اِيئَن ڪَنهِن ڪي نَہ چُونِ[٢٠]، تَہ آديسِي[٢١] آهِيُون.

٩

ڪَسِي[٢٢] سَاڻُ ڪَسَنِ[٢٣]، ڏِيلَ[٢۴] ڪَئائُون ڏُبِرا[٢۵]،
پِيتَ[٢٦] نَہ هِيرِئَائُون[٢٧] پَانهِنجَا، چُوري[٢٨] سَاڻُ چَسَنِ[٢٩]،
اِنهِين راهِہ[٣٠] رَسَنِ[٣١]، ڪَاپِڙِي[٣٢] ڪَابُولَ[٣٣] ڪي.

١٠

ڪَسِي سَاڻُ ڪَسِي، ڏِيلَ ڪِئَائُون ڏُبِرا،
پِيتَ نَہ هِيرِئَائُون پَانهِنجَا، چُوري سَاڻُ چَسِي،
وِيراڳِيَنِ وَسِي[٣۴]، رامُ سَدائِين رُوحَ ۾.

١. سُتي، (ڪتيل يا چورو ڪيل) دوا. ٢. درويشن، تارڪ الدنيا. ٣. ماڳهين، صفا. ۴. گهُري، ور تي. ۵. صبر، چُپ. ٦. هجن. ٧. آذيءَ رات=اڌ رات جي مهل. ١٨. اٿي ڪري= ننڊ مان سجاڳ ٿي. ٩. شهزادا، حاڪم، محبوب. ١٠. رت مليل پاٽي، رت جا لڙڪ. ١١. (اکين مان) هارين، ڪيرائين. ١٢. صبوح ٿينءَ تي، فجر جي مهل، پرهه ڦٽيءَ يا پرڀات جي وقت. ١٣. رستن، گسن. ١۴. پاسا ڪوڙيو = سمهيو. ١۵. مهيس (مهيشور يعني ايشور) جا پوڄاري يا چيلا، جوڳي فقيرن جو قسم. ١٦. مُک، شڪل. ١٧. بنان، بغير. ١٨. خاڪ، مٽيءَ. ١٩. (منهن جي) مَرُ يا ميراڻ لاهين. ٢٠. چَوِنِ، ٻڌائين، سُڻائين. ٢٢. گروءَ يا مرشد جي حڪم ۾ رهندڙ فرمانبردار [illegible]. ٢٢. سوگهو يا مضبوط ٻَڌي. ٢٣. سَٽ يا چمڙي جي پٽن. ٢۴. جسم، بدن. ٢۵. هيڻا، ڪمزور، لاغر، اِيرا. ٢٦. شِڪم، معدا، اوجهريون، ڍِڍ. ٢٧. عادي يا هيراڪ ڪئائون. ٢٨. چرپر ۾ يا تحرڪ ۾ آڻي. ٢٩. چشڪن، لذيذ يا مزيدار ڪاڏن. ٣٠. راهه سان، طريقي سان. ٣١. پهچن. ٣٢. تارڪ الدنيا فقير، ويراڳي. ٣٣. ڪابل (افغانستان جو هڪ شهر) جتي هندن جا پوتر آستان آهن. ٣۴. موجود رهي.

## ١١

كَسي[١] چيلهہ[٢] كَسا[٣]، ڏيلَ[٤] كِئائُون ڏُبِرا[٥]،
لاهُوتِي[٦] لَطِيفُ چَئي، تَن[٧] كي ڏِين تَسا[٨]،
گُرُوءَ[٩] جي گَسان[١٠]، پاسي[١١] كَن نہ پاڻَ كي.

## ١٢

جوڳِي[١٢] جاڙَ[١٣] كَري، مُون پوريءَ[١٤] نہ پُڇِئا[١٥]،
هُيون جَن ڳِري[١٦]، سُڌِيُون[١٧] سَنڌِيُون[١٨] سَڄَڻين[١٩].

## ١٣

جوڳِي هُئا جِت، سو ماڳُون[٢٠] نِهارِئان،
مَڙهِيُون[٢١] مُورتَ[٢٢] مِت[٢٣]، مان نہ[٢٤] وِسَرِئُون[٢٥] كِي لَهان[٢٦].

## ١٤

اَرَنو[٢٧] اَكَڙِبَن مِ، مَتِي[٢٨] ڳِلَن[٢٩] ڳاڙَ[٣٠]،
كُوري[٣١] كَنَن وِچ مِ، قَچ[٣٢] ڏِنائُون[٣٣] قاڙَ[٣٤]،
هَٿِي تُوبَهہ[٣٥] تاڙَ[٣٦]، نانگا[٣٧] نِسُورا[٣٨] تِئا.

Gul Hayat Institute

---

١. ڇڪي يعني سوگهو يا مضبوط ٻڌي. ٢. چيلهہ کي، ڪمر کي. ٣. ڪشا، سٽ يا چمڙيءَ جا پٽا. ۴. بدن، جسم. ۵. هيٺا، ڪمزور، لاغر، اپرا. ٦. لاهوت (عالم ذات الاهي جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿئي ٿو) جا ڄاڻو يا معرفت رکندڙ. ٧. بدن، سرير. ٨. ٻکون، سختيون. ٩. مرشد. ١٠. گس ڪان، راهہ ڪان. ١١. پري، دور، جدا. ١٢. تارڪ الدنيا فقير. ١٣. غلطي، غفلت. ١۴. نادان، بي سمجهہ. انڻ ڄاڻ، موڳيءَ. ١۵. ڳوليا، نهارئا. ١٦. وٽ، کي. ١٧. خبرون. ١٨. جون. ١٩. سڄڻن، محبوبن. ٢٠. انهن جو ماڳ يا جاءِ. ٢١. تڪائا، مندر، آستان. ٢٢. مهورت، سڀوري يا نيڪ ساعت يا گهڙي. ٢٣. مِتيءَ ۾، تاريخ يا ڏينهن ۾. ٢۴. مان نہ = شال. ٢۵. هنن کي وسريل يا دل تان لٿل. ٢٦. ڏسان. ٢٧. ڳاڙهو پاٽي، رت ڪاڏئون پاٽي. ٢٨. مٿان، تان، تي. ٢٩. ڳِلن، مِنن، رخسارن. ٣٠. لارَ يا ڏارَ (لڙڪن جي). ٣١. ڪپي، چير ڏيئي، ٽوبي يا سوراخ ڪري. ٣٢. ڦٽ، چيهڪ. ٣٣. وڌائون. ٣۴. چير، سيرون، ڏارَ، شگاف. ٣۵. توبهہ جي، پڇتاءَ جي، قرآن جي سورت "توبہ" جي. ٣٦. تاڙي، بندش، روڪ، جهل. ٣٧. فقير جيڪي لانگوٽيءَ کان سواءِ بدن تي ڪپڙو نہ ڍڪين ۽ سڄي عمر شادي نہ ڪن. ٣٨. خالص، پڪا پختا.

## ۱۵

پوجا ڪارِ[1] مَ[2] پاڻَ ڪي[3]، ڪوءِ[4] راوَلَ[5] بَنِ رُجاتُ[6]،
لِباسَان[7] لَطِيفُ چَئي، پَلِ[8] ويراڳِي[9] واتُ[10]،
مَنُ[11] مارِي[12] ڪَرِ مَاتُ[13]، تَہ تيرَٿُ[14] پَسَين[15] تَڪِيي[16].

## ۱٦

پُوجا ڪارِ مَ پاڻَ ڪي، پَلِ پُوجا ڪان پاڻُ،
لاھُوتِي[17] لَطِيفُ چَئي، سَڌَ[18] نَہ ڪَٽِنِ سَاڻُ،
تَعَلُقَ[19] ڇَڏِ تَڪِيَا، اِيءُ[20] آديسِيَنِ[21] اُھُجَاڻُ[22]،
جَاٽِي[23] ڇَڏي جَاڻُ[24]، پُرِئَا[25] پُورَبِ[26] پَنڌَ[27] ڏي.

## ۱۷

پوجا ڪارِ مَ پاڻَ ڪي، جوڳِي[28] رَکِجِ[29] جوڳُ[30]،
خَادِمَ[31] خَلقَ[32] جِيئَن ڪَرِيَنِ[33]، اِيءُ راوَلَ وَڏو روڳُ[34]،
پِڳَنِ[35] ڪونهي پوڳُ، نانگا[36] وَجَنِ[37] نِڳَئَا[38].

وائي

مَڙھِيَنُون[39] موڪَلَ[40]، ڪَالَھہ ڪَندا وِئَا ڪَاپڙِي،

۱. پرستش، تعظيم، خدمت چاڪري، غلامي، شيوا. ۲. ڪراءِ. ۳. پاڻ ڪي = خود جي، پنهنجي. ۴. بنِ، بن ۾ پئي، ڪڏ ۾ پئي. ۵. اي راول، اي شهزادا. ٦. رجوعات، مريدن جو مرشد وٽ زيارت لاءِ اچڻ. ۷. لباس ڪان، ملمعي ڪان، ڏيک ويک ڪان، چاپلوسي يا ڪوڙي خوشامد ڪان، فريب يا مڪر ڪان، ٻچاڙائي يا منافقيءَ ڪان. ۸. جهل، بند رک. ۹. اي ويراڳي، اي ڪاپڙي، اي جوڳي. ۱۰. مُکُ، دَهَنُ. ۱۱. دل. ۱۲. ۱۳. سزا يا سيکت ڏيئي، تڪليف ڏيئي. ۱۳. تابع، مطيع، فنا، نابود، ناس. ۱۴. پوتر يا پاڪ آستان جي جاترا يعني زيارت. ۱۵. ڏسين. ۱٦. (پنهنجي) تڪيي ۾ يا مڙهيءَ ۾. ۱۷. لاهوت (عالم ذات الاهي جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو رُتبو حاصل ٿيندو آهي) جا ڄاڻو يا معرفت رکندڙ. ۱۸. خواهش، تمنا. ۱۹. واسطا، لاڳاپا. ۲۰. آسرا، آڌارَ. ۲۱. آديسين جو، گروءَ جي حڪم ۾ رهندڙن فرمانبردارن فقيرن جو. ۲۲. نشاني، پارَ. ۲۳. سوچي، سمجهي، ارادَتاً. ۲۴. هوش، عقل، دانائي، خودي. ۲۵. هلڻا. ۲٦. پورب جي، اپرندي جي (هندستان جي اتر پرديش رياست جي ڪانپور ڪان بِهار واري علائقي کي پورب چوندا آهن جنهن ۾ هندن جا پوتر آستان جهڙوڪ گيا، ڪاشي، هردوار، دئارڪا، بنارس وغيره آهن). ۲۷. منزل. ۲۸. اي جوڳي. ۲۹. سوگهو ڪج. ۳۰. دنيا ۾ رهي خدا کي تلاش ڪرڻ جو عمل، زهد. ۳۱. غلامَ، نوڪرَ. ۳۲. خلق کي، ماڻهن کي. ۳۳. اي راول، اي شهزادا. ۳۴. مرض، بيداري. ۳۵. پڳن کي، دنيا کي ڇڏيندڙن کي. ۳٦. سزا، تڪليف، ڪشت، رزق جو فڪر. ۳۷. فقير جيڪي لانگوٽيءَ کان سواءِ ڪپڙو نہ ڍڪين ۽ سڄي عمر شادي نہ ڪن. ۳۸. نڪريو، پڄيو. ۳۹. مڙهين کان. ۴۰. الوداع، رخصت، موڪلائي.

بَابُو[١] ڪَنِ[٢] نَہ بِڪَئَا[٣]، اِيءَ وِيراڳِيَنِ[٤] وَلَ،[٥]
ڪَڏِهِين اُتَرَ[٦] سَامُهَان[٧]، ڪَڏِهِين ڏُونهِيَنِ[٨] جَهَلَ،[٩]
هُنِ سِيڪِيندي[١٠] هَٿَڙا، مُون ڳَاڙِهندي[١١] ڳَلَ،[١٢]
چِيِري[١٣] چَندَنَ[١٤] ڪَاٺَ جِيئَن، سُورَ[١٥] ڏِنَائُون سَلَ،[١٦]
مُون ڪي ڏِنَا سَجِڻين، رِءَ[١٧] سِيَراهِيءَ[١٨] سَلَ،
جَرَ[١٩] جَراتِيُنِ[٢٠] جِندڙو[٢١]، ڪُورِي[٢٢] ڪَانِيَنِ[٢٣] ڪَلَ،[٢٤]
ڪَڏِهِين پِيرَ پِيَادا[٢٥]، ڪَڏِهِين مَتِّي[٢٦] پَلَ،[٢٧]
مَولِهِيَا[٢٨] مَاڪَ پُسَايَا، سِيءَ سُڪَايَنِ ڪَلَ.

---

١. رمتا، سيلاني فقير، ٢. ڏنڌو ڪن، ٣. خيرات يا دان (ونڻ جو)، ۴. ويراڳين جي، تارڪ الدنيا فقيرن جي، ۵. ڪيتي، هر سان زمين جي کيڙ، پوکَ، ٦. اتر (جي سرد هوا) کي، ٧. آڏو، ٨. (جوڳين جي مڙهين ۾ ٻرندڙ هلڪين) دونهين جي يا باهين جي، ٩. ٻر ۾، ويجهو، ١٠. تئيندي يا گرم ڪندي، ١١. (لڙڪ) وهائيندي، ١٢. ڳل تان، رخسار تان، مٿن تان، ١٣. وڍي، ڪپي، ١۴. صندل، ١۵. سورَ سان، درد سان، ١٦. سوراخ، ٿنگ، ١٧. ڪان سواءِ، ١٨. (ڪاٺ ۾) ٽنگن يا سوراخن ڪڍڻ جي اوزار، ١٩. (الاهي عشق جي باھہ جي) جِڀيءَ، شعلي، ٢٠. انهن جو جراٿيو يعني ساڙيو يا جلايو، ٢١. بدن، سرير، ٢٢. باھہ (ٻارڻ جي جاءِ)، ٢٣. انهن جي ڪانئي يا جلائي، ٢۴. (بدن جي) چمڙي، ٢۵. پير پيادا = پنڌ هلندڙ، ٢٦. تي، ٢٧. پلن وهتن يعني چڙهيءَ يا سواريءَ جي جانورن. ٢٨. پڳون، پٽڪا، دستارون.

بِسمِ اللہِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر رامڪَلِي

## داستان ڏهون

١

رَهِئَا اَتِيئِي راتِ، صُبحِ وِيندءِ صَابِري،
لُنءَ لُنءَ منجهہ لَطِيف چئي، ڪَرِ تَنِ جِي تاتِ،
سَندِي جوڳِيَان ذاتِ، بِي پِيري يَاڳِ پِري.

٢

اَڱڻِ آهِين اَڄُ، صُبحِ وِيندءِ صَابِري،
ڪِجِ ڪو ڪَاپڙِيَنِ مَان، رُوحَ رُچَندو رِجُ،
پِيرَ اُنِين جا پُجُ، مَتان سِڪِين سَناسِيَنِ کي.

٣

تَان ڪي وَتَنِ وِيهُہ، جَان آهِين اوطاقُنِ ۾،
سَامِي سَفَرَ هَلئا، ڏُورِ چِتائي ڏيهہ،
ڇَڏِي سُکُ سَاٽِيهُہ، مَتِي گنگا گَجِئا.

Gul Hayat Institute

١. ترسيا. ٽڪيا. ٢. اڄوڪي رات. ٣. صبوح جو (بي ڏينهن جي). ۴. تو وٽان. ٥. صابر. صبر ڪندڙ. ڏک يا تڪليفون صبر سان يعني بنان شڪايت سهندڙ (صابري فقيرن جو هڪ قسم پڻ آهي). ٦. لنءِ لنءِ= رڳ رڳ. نس نس. وارَ وارَ. ٧. يادگيري. پچار. ڳالهہ. ٨. جي. ٩. جوڳين. تارڪ الدنيا فقيرن. ڪاپڙين. سناسين. سامين. ١٠. ٽولي. قومَ. ڪُلَ. ١١. دفعي. واري. ١٢. ياڳ سان. قسمت سان. مشڪل سان. مس. ١٣. ملي. ڳڏجي. ١۴. اڱڻ ۾. (گهرَ يا آستان جي). ١٥. روح کي. دل کي. ١٦. وڻندڙ. پسند ايندڙ. ١٧. ڍؤ. ١٨. قدمَ. پَگَ. ١٩. جهل. وٺ. پڪڙ. ٢٠. واجهائيين. اسڙڪين. ٢١. تيستائين. ٢٢. ڪجهہ (دير يا وقت). ٢٣. انهن وٽ. ٢۴. جيستائين. ٢٥. آستانن. ٢٦. سفر تي. مسافريءَ يا سَيرَ تي. ٢٧. اُسهيا. روانا ٿيا. ٢٨. ڏورانهون. پراهون. ٢٩. چت ۾ رکي. خيال يا ڌيان ۾ رکي. دل ۾ رکي. ٣٠. ملڪ. ٣١. آرامُ. آسائش. ٣٢. وطن. ديس. ماڳ. ٣٣. ڏانهن. ٣۴. هندستان جي اتر پرديش رياست مان وهندڙ هڪ نديءَ جو نالو جنهن جي ڪپ تي هندن جا پوتر آستان يا تيرٿ آهن. ٣٥. (جوش مان) هليا. پهتا.

## ۴

تَان[1] ڪِي[2] وَتِن[3] وَڄُ[4]، جَان[5] آهِين اوطاقُن[6] ۾،
سَامِي[7] سَفَرِ[8] هَلِئَا[9]، رائُو[10] چِتَائِي[11] رُڃَ[12]،
اِهَڙا جَنِ[13] اُهڃَ[14]، سي ڪَرَمِ[15] مِلَندا[16] ڪَاپڙِي.

## ۵

تَان ڪِي سَاڻُن[17] اوڙِ[18]، جَان آهِين اوطاقُن ۾،
ڏَهَه ڏَهَه ڀيرا[19] ڏِينهَن[20] ۾، پَاڻُ[21] مَٿَانئُن[22] گهورِ[23]،
وِئَا جي هِنگلورِ[24]، سي ڪَرَمِ مِلَندا ڪَاپڙِي.

## ٦

تَان ڪِي وَتِن آءُ[25]، جَان آهِين اوطاقُن ۾،
وِئُو تَن نَه وِسِرِي[26]، لاهُوتِيءَ[27] ڪُو[28] لاءُ[29]،
فَنَا ءِ[30] فِراقَ[31] جو، سَامِيَن چَکِئُو[32] سَاءُ،
وَٽَان[33] تو وِبندا، ڪَاپڙِي ڪَابُول[34] ڏي.

Gul Hayat Institute

## ۷

اَڄُ نَه اوطاقُن ۾، تَازا پَٽَر[35] ڪَکَ[36]،

---

١. تيستائين. ٢. ڪجهه (دير يا وقت) ٣. انهن وٽ. ۴. ويندو ڪر. ٥. جيستائين. ٦. آستانن يا تڪين، مڙهين. ٧. تارڪ الدنيا فقير، ڪاپڙي. ٨. سفر تي، سير تي، مسافريءَ تي. ٩. اُسهيا، روانا ٿيا. ١٠. راهَ، شهزادا. ١١. چِت يا ڌيان ۾ رکي، دل ۾ رکي. ١٢. رُڃَ ڪي، رڻ پٽ ڪي، بيابان ڪي. ١٣. جن جا. ١۴. نشانيون، پارَ. ١٥. ڪرم سان، نصيب يا قسمت سان. ١٦. مشڪل، مس. ١٧. ڳڏيا. انهن سان. ١٨. رهاڻ ڪر، صحبت ڪر. ١٩. دفعا. گهمرا. ٢٠. ڏهاڙي، روزانو، هر روز. ٢١. پاڻ کي، خود کي. ٢٢. انهن تان يا مٿان. ٢٣. قربان يا صدقو ٿيءُ. بلهار ٿيءُ. نثار ٿيءُ. ٢۴. هنگلور هڪ نديءَ جو نالو آهي جنهن کي هنگول به چوندا آهن جيڪا بلوچستان ۾ لس ٻيلي پرسان جبلن ۾ واقع آهي هنگلاج جتي نانيءَ نالي هڪ درويش عورت جي قبر آهي وڃڻ لاءِ هنگول نديءَ اُڪرڻي پوندي آهي. ٢٥. اَچ. ٢٦. دل تان لهي. ٢٧. لاهوتين يعني لاهوت (عالم ذات الاهي. جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو درجو حاصل ٿئي ٿو)جي ڄاڻن يا معرفت رکندڙن. ٢٨. جو. ٢٩. ساءُ، سواد، لطف. ٣٠. نيستيءَ يا نابوديءَ، وصل بالله. ٣١. وڇوڙي، جدائيءَ. ٣٢. ورتو، حاصل ڪيو. محسوس ڪيو. ٣٣. ڪان. ٣۴. ڪابل (افغانستان جو هڪ شهر) جتي هندن جا پوتر آستان آهن. ٣٥. پٽريل، پڪڙيل، وڇايل. ٣٦. سڪل گاهه جا تيلا. پَنَ پُوتا وغيره.

آديسي[1] اُٿي[2] وَتا، پيئي اُڏامي رَکَ[3]،
سامِي[4] کَٽِي سَنْکَ[5]، وَڄائي واتَ[6] تِئَا.

## ٨

اَڄُ نَه اوطاقُنِ ۾، طالِبَنِ[7] تَنْوارَ[8]،
آسَڻَ[9] مَٿي[10] اُنِ جي، نِتَ[11] تَمايَمِ[12] نارَ[13]،
سامِي سَيِوکارَ[14]، وَڄائي واتَ تِئَا.

## ٩

اَڄُ نَه اوطاقُنِ ۾، طالِبَ تَنْوارِينِ[15]،
سَڳا[16] سيلهيُون سَنڱِيُون[17]، مَڙهيُون[18] مُون مارِينِ[19]،
جي جِيءَ[20] کي جِيارِينِ[21]، سي کَرَمِ[22] مِلَندا کاپَڙِي[23].

## ١٠

اَڄُ نَه اوطاقُنِ ۾ سَنڌِي[24] سامِيَنِ سَٿَ[25]،
لُنگَ[26] لاهُوتِي[27] لالُ[28] تِئَا، چيلِهه[29] ٻَڌائُون چَٿَ[30]،
جي مَحبَتَ[31] کئا مِتَ[32]، سي کَرَمِ مِلَندا کاپَڙِي.

Gul Hayat Institute

١. گروءَ جي حڪم ۾ رهندڙ فرمانبردار فقير. ٢. هلئا. نڪري. ٣. متي. ڌوڙ. ۴. ڪاپڙي. تارڪ الدنيا فقير. ۵. ڪوڏ. ناد. سنگ (جيڪي سامي مڙهين ۾ وڄائيندا آهن). ٦. وات تئا = هلئا وئا. ٧. طالبن جي. (خدا جي) ڳولائن يا گهورن جي. سالڪن جي. ٨. آواز. (خدائي) ذڪر جو ٻڙاڪو. ٩. آستان. تڪاٽي. مڙهيءَ. ١٠. تي. ۾. ١١. ساندهه. لاڳيتو. مسلسل. ١٢. مون تمايا يا وهايا. ١٣. (ڳوڙهن يا لڙڪن جون) لارون. ڌارون (جهڙيءَ طرح ڪوهه مان نارَ جي ذريعي پاڻوٽ سان پاڻي ڪڍبو آهي). اکين جا تنرا يعني نڪ جي پاسي وارا سوراخ. ١۴. سڀ ڪاريا. سڀ ڪم ڄاڻندڙ. داناءَ. سياڻا. ١۵. (خدا جو) ذڪر ڪن. ١٦. فقيرن جي مٿن يا انهن ۾ پيل ٽوپين کي ويڙهڻ لاءِ سٽ جون رسيون يا نوڙيون. سيلهيون. ١٧. ڍڳن جي سڱن مان ٺهيل توتاريون. نادَ يا نفير. ١٨. مونکي. ١٩. ڏک پهچائين. تڪليف ڏين. ٢٠. جان. جسم. جند. دل. ٢١. جيئرو يا زنده رکن يا ڪن. ٢٢. ڪرم سان. نصيب سان. قسمت سان. مشڪل. مس. ٢٣. گڏبا. ٢۴. جي. ٢۵. جوڙَ. سَٿَ. جماعت. ڪچهري. ٢٦. لنگ وارا. لنگ يا لانگوٽي ٻڌلَ. ڌوتيو يا ڪودِ ٻڌل (چيلهه ڪان هيٺ بدن کي ڍڪڻ لاءِ ڪپڙي جي ٽڪر کي لنگ چئبو آهي). ٢٧. لاهوت (عالم ذات الاهي جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿئي ٿو) جا ڄاڻو. ٢٨. (الاهي عشق ۾ پڇي) ڳاڙها. سهڻا= حسين. ٢٩. چيلهه کي. ڪمر کي. ٣٠. چڱيءَ طرح (چيلهه ٻڌائون چٿ = لنگ کي چڱي طرح ٻڌائون). ٣١. پيار. ٣٢. دوست. عزيز.

## ۱۱

اَجُ نَہ اوطاقُنِ[۱] ۾، جاڳُرُ[۲] جوڳِيَڙَنِ[۳] جو،
سَارِي[۴] سَنَاسِيَنِ کي، جَان[۵] رُونديڻءَ تَان[۶] رو،
پُسُ[۷] پَاسِئان[۸] تو[۹]، لاهُوتِي[۱۰] لَڏي[۱۱] وِئَا.

## ۱۲

اَجُ نَہ اوطاقُنِ ۾، سَنڌِي[۱۲] جوڳِيَنِ جوڙَ[۱۳]،
سَارِي سَنَاسِيَنِ کي، ڪامِي[۱۴] تيِسِ[۱۵] ڪوڙَ[۱۶]،
مَنَ[۱۷] جَنِي سَان موڙَ[۱۸]، سي لاهُوتِي لَڏي وِئَا.

## ۱۳

اَجُ نَہ اوطاقُنِ ۾، سَنڌِي جوڳِيَنِ ذاتِ[۱۹]،
سَارِي سَنَاسِيَنِ کي، رُنُمِ[۲۰] سَارِي[۲۱] رات،
تَنَ جَنِي جِي تَاتِ[۲۲]، سي لاهُوتِي لَڏي وِئَا.

## ۱۴

اَجُ نَہ اوطاقُنِ ۾، سَنڌِي بَابُوئَنِ[۲۳] بَانسَ[۲۴]،
وِئَا وِيراڳِي نِڪِرِي، وِلِها[۲۵] ڪَري واسَ[۲۶]،

Gul Hayat Institute

۱. آستانن، مڙهين، ٽڪاڻن. ۲. راڳ ساز واري مجلس، ميڙو. ۳. جوڳين، تارڪ الدنيا فقيرن، سناسين، ويراڳين. ۴. ياد ڪري، سنڀاري. ۵. جيڪڏهين. ٦. تہ پلي. ۷. ڏسُ. ۸. پاسي کان، پر کان. پاڙي مان. ۹. تنهنجي. ۱۰. لاهوت (عالم ذات الاهي جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿئي ٿو) جا ڄاڻو يا واقفڪار. ۱۱. مال اسباب يا ٽپڙ ٽاڙي کڻي، منتقل ٿي، نقل مڪاني ڪري. ۱۲. جي. ۱۳. سٿ. سٿ. جماعت. ڪچهري. ۱۴. جلي، سڙي، پچي. ۱۵. آئون ٿي. ۱٦. ڪوڙ جي مٿل (ڪوڙ ميرن ڪپڙن جي انَ ڍڳ کي چئبو آهي جيڪو ڪٽي يا ڌوبي کُنبَ يعني ميرن ڪپڙن جي ٽهڪاڻڻ يا ڪاڙهڻ لاءِ ٻنيءَ جي منهن تي چوڌاري رکي ڌوئڻ کان اڳ گرم پاڻيءَ جي ٻاڦَ يا بخارَ تي سيڪيندا آهن). سڪل ڪل. ۱۷. تَنَ. دل. ۱۸. شاديءَ جي وقت گهوٽ جي مٿي يعني پيشانيءَ تي ٻڌڻ لاءِ ڪپڙي جي پٽيءَ جي ڪناريءَ ۾ لٽڪندڙ موتين ۽ سٽ جي گلن جون جهالرون. سهرا (جيڪي گهوٽ ۽ ڪنوار جي عمر ڀر گڏ رهڻ يا ناتي جي نشاني آهن). ناتو. ۱۹. ٽولي، قوم. ۲۰. مون رنو. ۲۱. سڄي. ۲۲. ياد گيري. ۲۳. بابوئن جي، سيلاني فقيرن جي. ۲۴. سڳند. سرهاڻ. خوشبوءِ. ۲۵. سُڃا، ويران، خالي. ۲٦. رهڻ جون جايون يا مڪان، مڙهيون، آستان، وٿاڻ.

جَنِ جِي اَندَرَ[1] ۾ اُداسَ[2]، سي لاهُوتِي[3] لَڏي[4] وِئَا.

**۱۵**

پِرِيَنِ[5] پَاتَا[6] پَيرَ[7]، آئُون کيرَ کَمِيٽي[8] آهِيَان،
مُون[9] گهَرِ[10] آيَا مُون[11] پِرِيَن، سُونهَڻَ[12] لَڳا سَيرَ[13]،
پِرِيَن آيَائِي هيرَ[14]، اَسِين جِيَا سُون[15] جيڏيُون[16].

**۱٦**

جِيَا سُون جوڙَ[17] ٿي، جوڳِيءَ[18] لاٿو جَارُ[19]،
سَندو[20] پُورَبَ[21] پَارُ[22]، آڇِيَائِين[23] ايندَنِ[24] کي.

**۱۷**

جِيَا سُون جوڙَ ٿي، جوڳِي ڏِنو سُون[25]،
مُلان[26] تَهِين مُون، حَاصُل[27] کِي[28] حَالُ[29] کِئو.

**۱۸**

جِيَا سُون جوڙَ ٿي، جوڳِي ڏِنُم[30] جَان[31]،
سَنگَ[32] جَنهِين سَان، سَامِي سو سَانِيڻِئو[33].

Gul Hayat Institute

---

۱. دل، من. ۲. سڪ، اڪنڊ. ۳. لاهوت (عالم ذات الاهي، جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿئي ٿو. سلوڪ جي هڪ منزل) جا ڄاڻو يا واقفڪار. ۴. نقل مڪاني ڪري، مال اسباب يا ٽپڙ ٽاڙي کڻي، منتقل ٿي. ۵. محبوبن. ٦. (منهنجي گهر ۾) وڌا. ۷. قدم، پيرَ. ۸. ڪير ڪميٽي= گمنام، خسيس، ادني، ڪين جهڙي، نالائق، ڪميٽي، ڪم ذات، نيچ. ۹. منهنجي. ۱۰. گهر ۾. ۱۱. منهنجا. ۱۲. سهڻا يا خوبصورت ٿين، ٻهڪن. ۱۳. رستا، لنگهه. گس (جن تان پرين لنگهيو). ۱۴. هاڻي. ۱۵. جيئرا يا زندهه ٿي وياسون. ۱٦. اي جيڏيون، اي سرتيون. ۱۷. جوڙ ٿي = آس يا اميد پوري ٿي، آرام يا آنند ٿيو. گڏجاڻي ٿي. ۱۸. تارڪ الدنيا فقير، ساميءَ. ۱۹. تڪليف، غم، سوز يا جهوري يا فڪر، دل جو زنگ يا ڪثافت. ۲۰. جو. ۲۱. اڀرندي، هندستان ۾ اتر پرديش رياست ۾ ڪانپور کان وٺي بهار تائين علائقي، جنهن ۾ هندن جا تيرٿ يا پوتر آستان آهن جهڙوڪ ڪاشي، گيا، بنارس، هردوار، دئارڪا وغيره. ۲۲. طرف. ڏس، پنو، رستو، راهه. ۲۳. ٻڌايائين. ۲۴. ان واقفڪارن، موڙهلن، ان پومين. ۲۵. اسان (مون) ڏنو. ۲٦. ڪان. ۲۷. پراپت. ۲۸. ڪجهه. ۲۹. وجد يا محويت جي حالت، بي خودي، مستي. ۳۰. مون ڏنو. ۳۱. جيئن ئي. ۳۲. واسطو، لاڳاپو، دوستي. ۳۳. گڏئو، مليو، پيرو ٿئو.

## ١٩

جِيَاسُون[1] جوڙَ[2] تِي، جوڳِي[3] ڏِنو[4] جُوانُ[5]،
سَندو[6] قُربَ[7] کانُ[8]، نانگِي[9] هَنيُمِ[10] نِينهَن[11] جو.

## ٢٠

جِيَاسُون جوڙَ تِي، جوڳِي ڏِنو جاءِ[12]،
تَهِين[13] سَندي[14] ساءِ، سَدا[15] پُٽُون[16] سَنِرا[17].

## ٢١

جِيَاسُون جوڙَ تِي، نانگو ڏِنو نِتُ[18]،
چُونچو هُئَڙو[19] چِتُ[20]، کُلي[21] اَجُ باغُ[22] تِئو.

## ٢٢

جِيَاسُون جوڙَ تِي، ڏِنُمِ[23] تارِ[24] تَرکُ[25]،
هاٿي تَنِي هَٿَ[26] کِئو، هو جَنِي جو حَقُ[27]،
رامُ[28] اُنَهَنِ روئِيو[29]، سامي آڻِ[30] مَ شَکُ[31]،
سَندو نَهِيءَ[32] نَکُ، اِنِ[33] اَمِرَ[34] ساڻُ اُتارِئو[35].

Gul Hayat Institute

---

١. جيئرا زندهہ ثياسون، ٢. گڏجاڻي، ميلاپ، آس يا اميد، آرام يا آنند، ٣. تارڪ الدنيا فقير، سامي، ۴. ڏنو وڻو.۵. نو عمر، ڳڀرو، سهڻو، پهلوان، بهادر، ٦. جو، ٧. محبت، پيار، ٨. تير، ٻاڻ، گز، ٩. فقير، جيڪو لانگوٽيءَ کان سواءِ بدن تي ڪپڙو نہ پائي ۽ سڄي عمر شادي نہ ڪري، ١٠. مون کي هنيو يا ڦهڪايو، ١١.عشق، ١٢. ويندي، رواني ٿيندي، ١٣. جي، ١۴. ساءَ سان، سانگي سان، سبب سان، ذوق سان، لحاظ سان، ١۵.هميشہ، ١٦. گهمون ڦرون، هلون، ١٧. خوش، راضي، سرَها، ١٨. ساندهہ، لاڳيتو، مسلسل، هر وقت، ١٩. ننڍڙين اکين وارو گهڻ نظر وارو، انڌو، ٻوٽيل يا بند ٿيل (گل جي مکڙيءَ وانگر)،٢٠. دل، قلب، هردو، ٢١. ٽڙي، شگفتا ٿي، ٢٢. گلشن، خوش نما، سرسبز، شاداب، ٢٣. مون ڏنو، ٢۴. ڀرپور، ڪنان ڪن، چوٽيءَ تائين، مڪمل، ٢۵. تارڪ الدنيا (فقير)، جوڳي، تياڳي، ٢٦. هٿ ۾، قبضي ۾، وس ۾ (هٿ ڪئو = حاصل ڪئو)، ٢٧. لائق، حصو، پتي، ڀاڱو، ملڪ، ٢٨. خدا جو (هندي) نالو، ٢٩. ڏٺو، رانئيو، راضي ڪئو، ريجهايو، ٣٠. اي سامي، ٣١. وهم، گمان، سنسو، ٣٢. خراب ڪمن ڪرڻ کان روڪ يا منع، ٣٣. ساهہ کڻ جو عضوو، ٻيني، ٣۴. چڱن ڪمن ڪرڻ جي حڪم، ٣۵. وڌئو، ڪپيو.

## ٢٣

هَي[1] جي[2] هُئَا[3] هِتِ، تَه مَتَنِ[4] هُونْدَ[5] حَقُ[6] تِئو،
جوڳِيَنِ[7] جي جُڳَتِ[8]، سَارِئو[9] تِي سُورَ[10] چَران[11].

## ٢۴

هَي جي هُئَا هَانِ[12]، تَه مَتَنِ هُوندَ حَقُ تِئو،
پيهِي[13] وِئَا پَانَ، مَزِهِيُون[14] مُون[15] مَارِينديُون[16].

## ٢٥

پيهِي وِئَا پَاڻ ۾، تَا وِهسَنِ[17] وِيرُوتَارَ[18]،
لَڳِي لَنءُ[19] لطيف چَئي، تَن کي اَندَرَ[20] مَنجِهه اَپَارَ[21]،
سَامِيَڙا سَتَارَ[22]، گَنگا[23] گَجِي[24] گَڏئَا[25].

وائي

کَاپَڙي کَن چِيرَ[26]، وِئَا وِيرَاڳِي نِڪِري،
دِلِ هَٽِي[27] وِئَا دَلَقَ[28] سِين، قُورُو[29] هُئَڙا فَقِيرَ،
هَٽِي وِئَا حِلَمَ[30] جُون، سِنگِيُون[31] مَنجِهه سَرِيرَ[32].

---

١. افسوس. ٢. جيڪڏهين. ٣. هجن ها. ۴. انهن جي مٿان. انهن تي. ٥. جيڪر. ٦. (منهنجي) حجت. ذمون. بارُ. جوابداري. ٧. تارڪ الدنيا فقيرن.ڪاپڙين. ساميڙن. ويراڳين. ٨. رهڻ. ٩. ياد ڪرئو. سنڀالئو. ١٠. عذابَ. تڪليفون. ١١. سهان. ڀوڳيان. لوڙيان. ١٢. هن وقت. هينئر. ١٣. ڪِهڙي يا ڪَم تي (پنهنجي پاڻ يا خود ۾). ١۴. تڪيا. آستان. ٽڪاڻا. ١٥. مون کي. ١٦. ڏک يا تڪليفون ڏينديون. ١٧. خوش ٿين. سرها ٿين. ١٨. هر وقت. هر گهڙي. بنان ناغي. لاڳيتو. مسلسل. ١٦. محبت. ٢٠. دل. ٢١. بي حد. بي انت. تمام گهڻي. ٢٢. پردي پوش. ڏوهن گناهن تي پردو وجهندڙ. ٻاجهارا. رحمدل. ٢٣. گنگا تي (گنگا هڪ ندي آهي جيڪا هندستان جي اتر پرديش رياست ۾ وهندڙ آهي ۽ جنهن جي ڪپ تي هندو جوڳين جا پوتر آستان آهن). ٢۴. (جوش ۽ جذبي سان) هلي. ٢٥. مليا. جمع ٿيا. ٢٦. چيريل. وڍيل. ٽوپيل. ٢٧. ڦري. لٿي. ٢٨. ڪپڙي جي ٽڪرين مان ٺهيل فقيراڻي جبي يا چولي يا گودڙيءَ (جي چيٽڪ يا طلسم). ٢٩. ڦر ڪندڙ. لٽيرا. ٣٠. نياز. نهٺائيءَ. ٣١. ڍِڳن جي سڱن مان ٺهيل ڪيفن جهڙا اوزار جي بدن مان ڪنو رت چوسي ڪڍن. ٣٢. بَدَن. جسم.

بِسمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيم

# سُر رامڪَلِي

## داستان ٻارهون

۱

بُکَ[1] وِڏائُون بَگرِين،[2]* جوڳِي[3] کَندا جُڄَ،[4]

طَلَبَ[5] نَہ رَکَنِ[6] طَعَامَ جِي، اوتِئو[7] پِين[8] اُڄَ،[9]

لاهُوتِيَنِ[10] لَطِيف رح چئي، مَنُ[11] مَارِي[12] کِئو مُڄَ،[13]

سَامِي جَهاڳِي[14] سُڄَ،[15] وَسَنِيءَ[16] کي ويجَها تِئا.

۲

نَہ گِدا[17] نَہ گَبَري،[18] نَہ لانگوٽِيءَ[19] لِکَ،[20]

جيڏانهَن پِرين[21] وِکَ،[22] تيڏانهَن صاحِبُ سَامُهون.

۳

نَہ گِدا نَہ گَبَري، نَہ لانگوٽِيءَ ليڙَ،

جيڏانهَن کَرِين پيڙَ، تيڏانهَن صاحِبُ سَامُهون.

Gul Hayat Institute

۱. ڪاڌي يا طعام جي کائڻ جي خواهش يا اشتها، لنگهڻ، فاقو. ۲. بکرين ۾، ٿيلهين يا جهولين ۾ (جيڪي ڀينو فقير خيرات يا بکئا ۾ مليل مانيءَ يا ڪاڌي جي ٻين شين جي وجهڻ لاءِ ڪلهي يا بغل ۾ لٽڪائي هلندا آهن *انهن جون بگريون ڪاڌي پيتي جي شين کان خالي آهن ۽ هو سدائين روزي ۾ آهن. ۳. تارڪ الدنيا فقير، سامي. ۴. ڏءُ (بک جو)، موجون يا مزا (بکون يا لنگهڻ ڪاٽي). ۵. تمنا، خواهش. ۶. ڪَنِ. ۷. (پاڻيءَ وانگر برتن يا ٿانءَ مان) ليٽايو يا پلٽايو. ۸. واپرائين، جذب ڪن. ۹. پياس، تشنگي (اوتيو پين اڄ = اڄ جي پرواهہ ڪانہ اٿن). ۱۰. لاهوت (عالم ذات الاهي جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو درجو ملي ٿو) جا ڄاڻو يا واقفڪار. ۱۱. دل، قلب. ۱۲. سٽي ڪٽي، تڪليفون ڏيئي. ۱۳. پائمال، ناس، نابود (سَر جي ٻوٽي جا ڪانا جڏهين سر جي موسم ۾ نسرڻ يعني سنگن ڪيڻ وارا هوندا آهن تڏهين انهن جي پچرين يعني چوٽين وارا ڪچڙا پن يا گؤنچ ڪپي ۽ ونوڙن يا ڏگرين سان ڪٽي تمام باريڪ ۽ سنها تاندوار يا تندون ڪبو آهي ۽ پوءِ انهن تندن کي وٽ ڏيئي ڪتن واٽڻ جو واڻ ٺاهبو آهي جنهن کي مُڄ چئبو آهي). ۱۴. لتاڙي، اورانگهي. ۱۵. ويراني، برپٽ، فنا جي منزل يا مقام. ۱۶. وسنديءَ (اها جاءِ جتي ماڻهو رهندا هجن)، واصل بالله جي مقام. ۱۷. ڪدا، پيالو، جمني، ڪستو، ڪرمنڊل. ۱۸. (ڪپڙي جي ٽڪرين مان ٺهيل فقيراڻي) رلي، گودڙي، جبو، ڪفني، پهراڻ، بگري. ۱۹. لانگوٽيءَ (چيلهہ کان هيٺ بدن جي حصي تي ٻڌڻ لاءِ ڪپڙو)، گوڏ جو. ۲۰. ٽڪر، ذرو، ليڙ. ۲۱. ڪٽن، وجهن. ۲۲. پنڌ ڪرڻ مهل ٻن پيرن جي وچ ۾ مفاصلو، قدم.

### ۴

نَہ گِدا[1] نَہ گِبَرِي[2]، نَہ لانگوٽيءَ[3] لِيڱَ[4]،
پُڱا[5] جَنِي[6] پِيڱَ[7]، صَاحِبُ[8] تنِي[9] سَامُهُون[10].

### ٥

نہ گِدا نَہ گِبَرِي، نَہ کَچَ[11] ڪَاڇوٽِي،
سَامِيءَ[12] ٻَارِي[13] سُڃَ[14] ۾، ٻَابُوءَ[15] ٻَاهوٽِي[16]،
جوڳِي جَبَروتِي[17]، ڪوهُہ[18] جَاڻَان ڪيڏِ[19] وِيَا.

### ٦

ڪَسِي[20] ڪَاڇوٽِي، نَانگَنِ[21] ٻَڌِي نِينهَن[22] جِي،
سُکَ[23] نَہ سُتَا ڪَڌهِين، لاهِي[24] لانگوٽِي،
جِهَڙا آيَا جِهَان[25] ۾، تِهَڙا وِيَا موٽِي،
تَنِي جِي چوٽِي[26]، پُورِبِ[27] تِيندي پَڌِرِي[28].

### ٧

هُو جي ٿِيَا هَرڪيس[29]، تَنِ[30] لَڳِي[31] ڪِينَ لِبَاسَ[32] سِين،
وَتَنِ[33] وِلهِي[34] ويسِ[35]، لاهُوتِي لَطِيفُ رح چئِي.

Gul Hayat Institute

---

١. گدا، جمني، پيالو، ڪستو، ڪرمنڊل. ٢. (ڪپڙي جي ٽڪرين مان ٺهيل فقيرائي)، رلي، گودڙي، جبو، ڪفني، پهراڻ، ٻڪري يعني جهولي يا ٿيلهي جنهن ۾ فقير پن يا خيرات ۾ مليل شيون وجهندا آهن. ٣. لانگوٽيءَ (چيلهہ کان هيٺ بدن کي ڍڪڻ لاءِ ڪپڙي جو ٽڪر)، جي، گوڏ يا ڪاڇوٽيءَ جي. ۴. اگڙي، ڪپڙي جو ٽڪر. ٥. گهر، جهوپڙا. ٦. جن جا. ٧. سُڃا، ولها، ويران، خالي. ٨. مالڪ، خدا. ٩. تن کي. ١٠. آڏو، اڳيان، روبرو. ١١. ڪاڇوٽي، کچو، لانگوٽي. ١٢. تارڪ الدنيا فقير، جوڳيءَ. ١٣. جلائي، ڏڱائي. ١۴. بيابان. ١٥. رمتي يا سيلاني فقير. ١٦. ٻاهہ (ننڍي)، ٻاهڙي، دونهين. ١٧. جبروت جي منزل کي پهتل (جبروت جي معنيٰ حضرت جبرائيل جي رهڻ جي جاءِ. سلوڪ جي ٽين منزل). ١٨. ڪوهہ ڄاڻان = مون کي ڄاڻ يا خبر نہ آهي. ١٩. ڪيڏانهن، ڪهڙي طرف. ٢٠. سوگهو يا مضبوط. ٢١. فقيرن جيڪي لانگوٽيءَ کان سواءِ بت تي ڪپڙو نہ پهرن ۽ سڄي عمر شادي نہ ڪن. ٢٢. عشق، محبت. ٢٣. سک سان، آرام سان. ٢۴. ڇوڙي. ٢٥. جڳ، دنيا. ٢٦. مٿي جا وار، مٿي جي وارن جي چڳ يا مُڃو، مٿو، سِرُ (مرتبو، عزت، مان). ٢٧. پورب ۾. اپرندي ۾ (قيامت ۾) (هندستان جي اتر پرديش رياست ۾ ڪانپور کان بهار تائين علائقي کي پورب چوندا آهن جتي هندن جا پوتر يا پاڪ آستان يعني تيرٿ آهن جهڙوڪ گيا، بنارس، هردوار، دئارڪا، ڪاشي وغيره). ٢٨. ظاهر. ٢٩. هر رنگ وارا، هر ڀيد وارا، هريءَ (خدا جو هندڪو نالو) جي رنگ يا محبت ۾ رچيل. ٣٠. تن کي. ٣١. واسطو ٿئي. ٣٢. پوشاڪ. ٣٣. هلن، گهمن، ڦرن. ٣۴. غريباڻي. ٣٥. ويس ۾، پوشاڪ ۾.

٨

بُکَ[١] اُنهِين جِي بِکَئَا[٢]، ڏُوڙ[٣] اُنهِين جو ڏُوپُ[٤]،
کِئَائُون سوئِي رُوپُ[٥]، جِئَان[٦] لوکَ[٧] لَجَ[٨] ٿيي.

٩

جَا[٩] بَرادَ[١٠] بُتَنِ[١١] جِي، سَا[١٢] اَجَ[١٣] بُکَ آديسَيَنِ[١٤]،
روزو رِندَ[١٥] رکَنِ، عِيدَ[١٦] نَہ اوڏا[١٧] کَاپڙِي[١٨].

١٠

نَکِي طَعَامُ[١٩] تُنبَنِ[٢٠] ۾، نَکِي گَبَرِيَنِ[٢١]،
مُون پَڻ مُلان[٢٢] تَنِ، حَاصُلُ[٢٣] کِيّ[٢٤] حَالُ[٢٥] کِئو.

١١

نَکِي طَعَامُ تُنبِنِ ۾، نَکِي هيٺَ نَہ بيٺَ[٢٦]،
رامُ[٢٧] کِئَائُون ڏيٺَ[٢٨]، وَجَنِ[٢٩] کِيَنَ کُلهِيّ[٣٠] کِئو[٣١].

١٢

جِيئَنِ[٣٢] ٿَا پَچَنِ[٣٣] اَنَ[٣٤] کِي، تِيئَن جِي پُچَنِ اَللہُ،
رِڙهي[٣٥] لَذائُون[٣٦] راهہ[٣٧]، لَتِين[٣٨] لُکَ[٣٩] لَطِيفَ چَئِي.

Gul Hayat Institute

١. کاڌي يا طعام جي کائڻ جي اشتها، لڱنهڻ، فاقو. ٢. خيرات، دان (بک کڏين پر خيرات نہ گهرن). ٣. مٽي، خاڪ. ۴. هڪ قسم جو پسارڪو وکر (لوبان) (جنهن ۾ سرهاڻ يا خوشبوءِ هوندي آهي ۽ جنهن کي ٽورو باهہ جو سيڪ يا تؤ ڏبو آهي تہ منجهانئس خوشبودار دونهون نڪرندو آهي). ۵. شڪل، صورت، نمونو. ٦. جنهن ڪان. ٧. لوڪ کي، ماڻهن کي. ٨. (جيڪر) شرم، حياءُ. ٩. جيئن. ١٠. برات (شعبان مهيني جي ١۵. تاريخ واريءَ عيد جو نالو)، جشن يا خوشيءَ يا کائڻ پيئڻ جو ڏينهن. ١١. (انساني) پتلن يعني عام ماڻهن. ١٢. تيئن، تهڙيءَ طرح. ١٣. بنان پائيءَ ۽ کاڌي جي گذاري ڪرڻ واري حالت، روزو، ورت. ١۴. آديسين کي، گروءَ جي حڪم ۾ رهندڙ فرمانبردار فقيرن. ١۵. مست، خدائي رنگ ۾ رتل جوڳي فقير. ١٦. عيد کي (کائڻ پيئڻ کي). ١٧. ويجها. ١٨. تارڪ الدنيا فقير. ١٩. کاڌو. ٢٠. کدوءَ جي ول جي سکل ڦرن مان ٺهيل فقيرائڻ ڪستن يا ڪچڪولن. ٢١. گبرين ۾، ڪپڙي جي ٽڪرين مان ٺهيل فقيرائڻ ٿيلهن يا جهولين ۾ (جن ۾ فقير خيرات ۾ مليل شيون وجهندا آهن). ٢٢. ڪان. ٢٣. حاصل ڪئو = پرايو، معلوم ڪئو. ٢۴. ڪجهہ. ٢۵. روحاني فيض يا مستي. ٢٦. هيٺ بيٺ = بدن جي هيٺئين حصي يعني چيلهہ (بيٺ) تي ٻڌل ڪپڙي ۾ يعني گوڏ ۾. ٢٧. خدا جو (هندي) نالو. ٢٨. ڏيٺ ۾، نظر ۾، نگاهہ ۾. ٢٩. نيستي، نابودي، عدم. ٣٠. ڪلهي تي، ڪنڌ تي يا گردن تي. ٣١. ڪئو. ٣٢. جهڙيءَ طرح. ٣٣. ڳولين، ڍونڍين، تمنا ڪن. ٣۴. اناج، غلي (طعامَ يا کاڌي). ٣۵. هلي، پنڌ ڪري. ٣٦. ذائون. ٣٧. راهہ يا واٽ (الله جي، روحاني). ٣٨. دور يا ختم ٿين. ٣٩. تڪليف، ڪشٽ، سختي.

١٣

جيئن[١] ٿا پُڇن[٢] اَنَ[٣] کي، تيئن جي پُڇن پنڌُ[٤]،
رِڙهِيْ[٥] لَذائُون[٦] رَنڌُ[٧]، لَتيَنِ[٨] لُکَ[٩] لطيفَ چئي.

١٤

سَبيرِيءَ[١٠] سَيَّدُ چئي، جي ٿا پُڇنِ اَنُ،
تنِ کاپَڙِينِ[١١] کَنُ[١٢]، جوڳِي چائِينِ[١٣] جاڙَ[١٤] ٿا.

١٥

گنديءِ[١٥] گِراهُه[١٦]، جَنهِن سَناسِيءَ سانڍِئو[١٧]،
اُنهِيءَ کان اَللهُ، اَجا آگاهُون[١٨] ٿِئو.

١٦

گولا[١٩] جي گِراهه جا، جُوتا[٢٠] سي جوڳِي،
قِتَلَ[٢١] سي قوڳِي[٢٢]، جَنِي شِکَمَ[٢٣] سانڍِيا[٢٤]،

(١٧)

پُڇَڻُ[٢٥] پَرڏيهين[٢٦] جو، آسَڻُ[٢٧] وَٽُ[٢٨] آهي،
لَنگهَڻُ[٢٩] جي[٣٠] لاهي[٣١]، تَه هُنِ تان حَقُ[٣٢] لَهي.

---

١. جهڙيءَ طرح. ٢. ڳولين، ڍونڍين، طلبين، تمنا ڪن. ٣. اناج، غِلي (کاڌي يا طعام). ٤. (روحاني) راھہ، سفر، رستو. ٥. هلي، سري، پنڌ ڪري. ٦. ڏنائون. ٧. (روحاني) رستو. ٨. ڏور يا ختم ٿين. ٩. تڪليف، احتجاج، سختي، ڪشت. ١٠. سبيريءَ جو، صبح جو سوير، ٻن وقتن جي کاڌي يا طعام يا ٻن ويلن يا مَهلَن جي کاڌي لاءِ. ١١. ڪاپڙين کي، تارڪ الدنيا فقيرن کي، جوڳين کي، سناسين کي. ١٢. خوف، خطرو، حيف. ١٣. چوائين، سڏائين. ١٤. اجايو، بي فائدي، ناحق. ١٥. ڪپڙو، لباس، پوشاڪ. ١٦. لقمون (کاڌو). ١٧. رکئو. ١٨. پري، دور. ١٩. غلام، نوڪر، پوڇاري. ٢٠. ڪوڙا، فريبي، ڪَساڪي. ٢١. خراب. ٢٢. ڦوڳ (ڪنهن شيءِ نپوڙڻ بعد باقي بچيل يعني بيڪار مواد) جهڙا، بي ڪار، نڪما، خسيس. ٢٣. پيٽ. ٢٤. پوڇئا يعني کاڌي سان پريا يا پرورش ڪئا. ٢٥. پڇا ڳولا. ٢٦. پرديسين، مسافرن، جوڳي، فقيرن. ٢٧. آستان، تڪبي، مڙهيءَ، تڪاڻي. ٢٨. تي. ٢٩. فاقو، بُک. ٣٠. جيڪڏهين. ٣١. ختم ڪري. ٣٢. ذميواري، جوابداري.

Gul Hayat Institute

## ١٨

ڏهڪِجي[1] ڏُورِ[2] ٿِئا، ڪِي[3] جو ڏِنائُون،
وِهَڪَ[4] نَہ ڪِئائُون، اُپِيَٽُ[5] عَيبُ[6] اُنِ جو.

## ١٩

ڳُٽين[7] ڪُنَا[8] ڪَاپَڙِي،[9] مُوران[10] پَرِيَاڻَانِ،[11]
ڏَنڊا[12] تُنبَا[13] ڪِينرا،[14] تِيئِي سَاجَ[15] سَنڊانِ.[16]

## ٢٠

پَٽَ[17] ڇَڏِئَائُون پَٽَ ۾،[18] ڏَنڊَ[19] ڇَڏِئَائُون ڏَسُ،[20]
آلائِشَان[21] اڳِي[22] ٿِئا، مُوتِي[23] هُون[24] نَہ مَسُ،[25]
هِيءُ ڇَڏِئَائُون هِسُ، وَجِي[26] ڪَالَ[27] ڪُلُ[28] ٿِئا.

## ٢١

دَلَقَ[29] ڏِڪَائِجَ[30] دِلِ[31] ڪِي، * لائِجِ[32] ڪو مَ لِبَاسُ،[33]
پُوري[34] ڪَائِجِ پَانهِنجو، مَڙهِئَان[35] اَندرِ مَاسُ،[36] •
وِيراڳِي[37] تِنوَ[38] واسُ،[39] بَرَ ۾[40] بُوبُون[41] مُوڪِلِي.

---

١. ڊڄي، ڏهلجي، خوف کائي، ٢. ٻري، ٣. ڪجهه، ۴. وهڻ واري حالت، ٻينگ، آرام، ۵. (ٻنان تلاش جي)، ٻيهڪ، ٦. نقص، گهٽتائي، اوڳڻ، خطا، ٧. ڳٽن سان، ٻلاين سان، ٿورن سان احسانن سان، ٨. قتل ٿئا، مات ٿئا، فنا ٿئا، ٩. تارڪ الدنيا فقير، جوڳي، ويراڳي، ١٠. مُور کان، اصل کان، شروعات کان، آد کان، ١١. انهن جا پرياڻ، انهن جا اهڃاڻ يا نشانيون، ١٢. ڏنڊَ، نادَ، ڪوڏ، نفير، سنڪ، ١٣. ڪدوءَ جي ول جي سڪل ڦر مان ٺهيل فقيراڻا ڪستا يا زنبيل يا ڪچڪول، ١۴. واڃا، سُرندا، ١۵. سازَ، سامان، ملڪيت، ١٦. سندن، انهنجا، ١٧. ڪستا، زنبيل، ١٨. ڦٽا ڪئائون، ١٩. پٽ ۾ = زمين تي، ميدان تي، ٢٠. پس، معائنو ڪر، ٢١. آلائش کان، ناپاڪيءَ کان، ميل ملاوت کان، گناهن جي آلاڻ کان، ٢٢. ٻري، دور، ٢٣. وري، ٢۴. ٿين، ٢۵. (ناپاڪائيءَ يا پليتيءَ ۾) گڏ، شامل، مليل، حَل، ٢٦. هستي، حياتي، وجود، ٢٧. ڪالهه، گذريل، يا اڳئين ڏينهن، ٢٨. ڪل ٿئا = ڪُلَ ۾ يعني وحدانيت ۾ شامل ٿئا، الله تعاليٰ سان هڪ ٿئا، ٢٩. ڪپڙي جي ٽڪرين مان ٺهيل فقيراڻو چوغو، گودڙي، ٣٠. پهرائج، پارائج، ٣١. من، قلب *سادگي يا غربت دل کي اختيار ڪراءِ، ٣٢. لاهج، ڦٽو ڪج، ٣٣. (ظاهري بدن واري) پوشاڪ، ويس، ٣۴. بند ڪري، ٣۵. مڙهين جي، تڪين جي، ٣٦. ماهه، گوشت، •پاڻ کي فنا يا نابود ڪر، ٣٧. اي ويراڳي، اي جوڳي، ٣٨. تنهنجو، ٣٩. (مڙهين ۾ ايڪانت يا گوشي نشينيءَ واري) رهائش، هڳاءَ، ۴٠. رڻ پٽ، سڃ، ۴١. خوشبويون، هٻڪارون.

Gul Hayat Institute

## ٢٢

بولي[١] ٻُجهارَتَ[٢]، جوڳِيان[٣] سَنديءَ[٤] ذاتِ[٥] جي،
ڏورَڻُ[٦] گهٽُو ڏاکڙو[٧]، هَلَڻُ مِ حَيرَتَ[٨]،
عَجَبُ[٩] عِبادَتَ[١٠]، پَنءُ[١١] پَرُوڙَڻُ[١٢] اُنِ جو.

## ٢٣

نَه کِلَنِ نَه کَيِنِ[١٣] کِي، نَکِي ڳالهائِينِ،
کَنهِن جَنهِن[١٤] مِ آهِينِ، سا پَرِ پَرُوڙَڻُ ڏاکڙو.

وائي

پانڌي[١٥] کا پِريَنِ[١٦] جي، کَرِ تُون ڳالهڙي[١٧]،
حِکايَتَ هوتَنِ جي، اَدا تو کا آندي،
ڏيئِي باهَہ پَنيُور[١٨] کي، جَتَنِ[١٩] ڏي آئُون جاندي[٢٠]،
مُون کي پِيتَمَ[٢١] پاڙِهو[٢٢]، خَمرَ جي[٢٣] آئُون خواندي[٢٤]،
سا پَرتِيئِي[٢٥] سُپِرِينِ[٢٦]، اَلَستَ جا[٢٧] آندي[٢٨]،
پَسَڻَ[٢٩] ڏاران[٣٠] پِرِينءَ جي، مُٺي[٣١] پَس ماندي[٣٢]،
کَڏهِين ٿِيندِيس کيچ[٣٣] مِ، هوتَنِ سين هيکاندي[٣٤].

---

١. گفتگو. ڳالهائڻ. ٢. ٻجهارت. ٻرولي. مامرو. رمز. ٣. جوڳين. تارڪ الدنيا فقيرن. ڪاپڙين. ۴. جيءَ. ۵. ٽولي. قوم. فرقي. ٦. ڪنهن شيءِ جي ڳولا ۾ هلڻ يا ڀٽڪڻ. ٧. ڏکُ. تڪليف. ٨. حيرت. حيرانيءَ. پريشانيءَ. مُونجهہ. ٩. عجيب. نرالي. حيرت انگيز. اوکي. ڏکي. ١٠. بندگي. پوڄا. ڀڳتي. ١١. رستو. واٽ. اهڃاڻ. رمز. راز. اشارو. ١٢. سمجهڻ. پرکڻ. جاچڻ. ١٣. کائين (طعام). ١۴. اهڙيءَ ڳالهہ. رمز. راز. ريت يا ٻَر يا نموني. ١۵. اي پانڌي. اي واٽهڙو. اي قاصد. ١٦. محبوبن. سڄڻن. هوتن. ١٧. خبر. سڌ. ڳالهہ. ١٨. ٿني ضلعي ۾ ڪهاري جي ڳوٺ کان ڪجهہ پنڌ پري هڪ شهر جنهن ۾ سسئي رهندي هئي. ١٩. اوٺين. انن جي مالڪن (پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن). ٢٠. ويندي. ٢١. پريتم. محبوب. ٢٢. پڙهايو يا سبق ڏنو. ٢٣. خمر جي = خمر جي. پيدائشي طور. (خمر جي ٻي معني عشق آهي). ٢۴. پڙهيل. ڄاڻو. ٢۵. توکي ٻرتي. تنهنجي حوالي يا سپرد ٿي. ٢٦. اي سپرين. اي پرين. اي محبوب. ٢٧. ڇا آئون آهيان؟ الست بربڪم" يعني ڇا آئون اوهان جو رب آهيان (روز ميثاق ۾ الله جو روحن کان سوال) واري قول. ٢٨. گهرائي. ٢٩. ڏسڻ. ٣٠. کان سواءِ. ٣١. مصيبت جي ماريل يا ستايل. ٣٢. لاچار. ٿڪل. عاجز. ٣٣. سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ جو شهر جيڪو لس ٻيلي رياست ۾ آهي. ٣۴. گڏ. شامل.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر رامڪَلِي

## داستان ٻارهون

١

اِيءُ ڏنوئِي[1] ڏوهُہ[2]، جيئَن[3] رامُ[4] ڪونيِّين[5] رَحمٰنِ[6] ڪي،
جو هَادِيءَ[7] چَيو حَبِيبَ[8] تي، سو ڪَلِمُون[9] ڪَهِين[10] نَہ ڪوهُہ[11]،
اَطِيطَنِ[12] اَندوهُہ[13]، ٿِيندو ڏِينهَن قَيَامَ[14] جي.

٢

سَنَاسِي سِيئِي[15]، جي آدَمَان[16] اڳي هُئَا،
اورِيَان[17] اورِين[18] عَامَ[19] سين، پَرِيَان پرِيئِي،
چوتَا[20] جَنِ جَا چِيرُئَان[21]، پِيلوتَا[22] پِيئِي،
دُرسُ[23] دَلاَلَتَ[24] دِينَ[25] جِي، هَتَان[26] تَنِ وِبئِي،
تَني ڪي ڏِيئِي، بَادِ[27] وَجَاءِ[28] مَ بِڪئَا[29].

٣

ڪَائِنَ[30] بَائِنَ ڪَاپَڙِي[31]، پَرُوڙَڻُ[32] پَرِي[33]،

---

١. ڏنو وائنو، ظاهر ظهور، نسورو، نپٽ. ٢. گناهہ، پاپ، خطا، چڪ، غلطي. ٣. جاڪاڻ تہ. ۴. خدا جو (هندي) نالو. ۵. تون ڪونين، تو چوين. ٦. خدا جو صفاتي نالو، رحم ڪندڙ. ٧. هدايت ڪندڙ، الله تعاليٰ. ٨. محبوب، پيارو، حضرت محمد صلعم جو لقب. ٩. ”لآ الٰـہ الآ الله مُحَمَدَ رَسُولُ الله“ جو جملو. ١٠. چوين، پڙهين. ١١. ڇو (ڪلمي پڙهڻ سان ماڻهو مسلمان ٿيندو آهي)، ١٢. اطيطن کي، اَتيتَنَ کي، دنيا کي ترڪ يا تياڳ ڪندڙن کي، جوڳي فقيرن کي، ١٣. ارمان، ڏکُ، ١۴. قيامت، محشر، ١۵. دنيا کي ترڪ ڪندڙ، جوڳي، ڪاپڙي، ١٦. (حضرت) آدم عہ کان، ١٧. ويجها يعني حضرت آدم عہ کان بعد وارا، ١٨. حال احوال ڪن، بيان ڪن، ١٩. رواجي ماڻهن، ٢٠. مٽي جي وارن جون ڇڳون يا مُڇا، جوٽيون، ٢١. ڇيريل، ڦاڪون ڦاڪون ٿيل، ٢٢. ڳتيل، پيٺا ٽيٺا ٿيل، ٢٣. درست، صحيح، ٢۴. هدايت، رهنمائي، ٢۵. مذهب، ڌرم، ٢٦. وٽان، ٢٧. باد ۾ يا هوا ۾ يعني اجائي، ٢٨. ضايع ڪر، ٢٩. خيرات، دان، ٣٠. وجود ۾ آندل، ساهواري مخلوق، ٣١. پڌرا، چٽا، ظاهر ظهور، ٣٢. سڃاڻڻ، سمجهڻ، ٣٣. مشڪل.

صُحبتَ[1] سامِيَنِ[2] جي، سَچِي[3] شالَ[4] سَري[5]،
اَندَرَ[6] دُزدُ[7] مَري[8]، تَہ حاصُلُ[9] تو حاجَ[10] ٿِيي.

۴

عاقِلي[11] ٿِيءُ اُستادَ[12] سين، پُنيرو[13] پيران[14]،
ڪَن مَ[15] ڪِج ڪاپَڙي[16]، جيڪي چَوِيئي ماءُ[17]،
تَہ[18] راوَل مَتي[19] راهَہ[20]، اُجُري[21] اَچو[22] ٿِيين.

۵

اَللهُ اَللهُ ڪَن جي، اسين مُورِ[23] نَہ مَجيُون[24] تَن[25]،
نَڪي چَون ڪَلِمُون[26]، نَڪي بانگَ[27] ٻُڌَن،
لائي[28] ڪي لاڪُن[29]، آذوتي عَدمُ[30] ٿِئا.

٦

سامِي چَئِجي تَنهَن کي، جو کُهي سَگو ياءُ[31]،
طَلاقَ ڏِيئي[32] جوءِ کي، سُمَهي[33] وَٽ ماءُ[34]،
اِن پَرِ[35] اُتِي آءُ[36]، تَہ سامِي سالِمُ[37] تُون ٿِين.

---

١. ياري، دوستي، سنگت، ميلاپ، ملاقات. ٢. سامين، تارڪ الدنيا فقيرن، آذوتين، ڪاپڙين. ٣. ڪري، خالص، حقيقي. ۴. خدا ڪري تہ. مان نہ. ۵. حاصل ٿئي، پلئہ پئي. ٦. اندر جو، دل جو. ٧. چورُ، شيطان، ڪوٽ. ٨. فنا ٿئي، تباهہ ٿئي، ختم ٿئي. ٩. پوري، سڌ. ١٠. حاجت، ضرورت، مطلب، مقصد. ١١. نافرمان، بي چيو، ناصالح. ١٢. سيڪاريندڙ، معلم. ١٣. پاسيرو، پري، بيزار، لاتعلق. ١۴. پيرن ڪان، مرشدن يا گرن ڪان. ١۵. ڪن مَ ڪج = ڌيان سان يا توجهہ سان نہ ٻڌجَ، نظر انداز ڪج. ١٦. اي ڪاپڙي. ١٧. (تنهنجي) امان. ١٨. اي راوَل، اي شهزادا. ١٩. تي. ٢٠. (سنئين) واٽَ، رستي. ٢١. چمڪي، صاف ٿي. ٢٢. سفيد، وڻندڙ، سهڻو. ٢٣. اصل، بنهہ. ٢۴. تسليم يا قبول ڪريون، منظور ڪريون، سهون. ٢۵. تن ڪي. ٢٦ " لاَ اِلـہ اِلاّ اللهُ مُحَمَّدٌ رَسُولُ الله" جو جملو جنهنجي پڙهڻ سان ماڻهو مسلمان ٿئي ٿو. ٢٧. مسلمانن کي پنج وقتي نماز پڙهڻ لاءِ سڏ يا پڪار، آذان. ٢٨. لاهي، اُتاري. ٢٩. گوڏين، لانگوٽين، ڏوتين، ڪڇن. ٣٠. نيست، فنا، ناس. ٣١. ساڳئي ماءُ ءِ پيءُ مان پيدا ٿيل پٽ، هتي ياءُ معنيٰ شيطان. ٣٢. نڪاح ٽڏيءَ جوءِ يعني زال کي ڇڏي ڏيڻ جو عمل (جوءِ=دنيا). ٣٣. همبستر ٿين. ٢۴. ڌرتي ماتا، قبر (جيئريئي مري). ٣۵. ريت، نموني. ٣٦. اٿي آءُ = تيار ٿي اچ. ٣٧. سچو، صحيح.

## ۷

سَامِي[1] چَئِجي تَنهِن کي، جَنهِن[2] سَيِنئَان[3] سَرِي[4]،
پَر[5] گهَرِ[6] وَڃي ڪِينَڪِي، گهَران[7] ڪِينَ گهُرِي[8]،
پُنِيءَ[9] پِير[10] پُرِي[11]، حَقِيقَتَ[12] هَادِيءَ[13] جي.

## ۸

ڪَامِي[14] خَاڪ[15] ٿِئَا، مَحَبَّتَ[16] جي مَيدانَ[17] ۾،
تَمَامُ[18] ٿِي طَلَبَ[19] ۾، وَحدَتَ[20] جي وِئَا،
جَنبُ[21] مَوچَارو[22] جوڳِيِن[23]، ڏِکِئَا[24] مَهِند[25] ڏَهَا[26]،
سَارِيَان[27] ڪونَه سِيَاءُ[28]، سَندُن[29] هِن سَنسَارَ[30] ۾.

## ۹

مَنجهِه[31] مَحَبَّتَ[32] مَڄُ[33]، ٻَاهِرِ[34] ڏُورا[35] ڏُوڙِ[36] سِين،
ڇَڏِئَائُون ڇِرُ[37] لَهِي، ڪُوڙُ[38] ڪُلَڪُ[39] ڪَڄُ،
اَوڳُڻَ[40] اوڏا نَه وِئَا، ڳُڻَ[41] ڪِئَائُون ڳَڄُ[42]،
جِئَن[43] سِڪَن[44] تِئَن[45] سَڄُ[46]، جِئَن سَڙَن[47] تِئَن سَنرا[48].

Gul Hayat Institute

---

۱. تارڪ الدنيا فقير، جوڳي. ۲. جنهن جي. ۳. سڀني کان سواءِ، هر شيءِ کان سواءِ. ۴. گذارو يا ٽڪاءُ ٿئي. ۵. ٻين جي، غير جي، پراون جي. ٦. گهر ڏي، مڪان ڏي. (پنڻ لاءِ) ۷. پنهنجي گهر کان، پاڻ يا خود کان. ۸. طلب ڪري، پني. ۹. پنيان، پويان. ۱۰. پير جي يا قدم جي نشان، وک، رستي يا واٽ. ۱۱. هلي. ۱۲. ٻڌايل حال احوال يا خبر. ۱۳. هدايت ڪندڙ، رهبر. ۱۴. سڙي، جلي. ۱۵. مٽي، ڦلهيار، ڇارَ. ۱٦. عشق، پيار. ۱۷. آکاڙي. ۱۸. پورا، ختم، ناس، نابود. ۱۹. ڳولا، تلاش. ۲۰. وحدت ۾، هيڪڙائيءَ (خدا جي) ۾. ۲۱. عمر، حياتي، زندگي. ۲۲. سٺو، سهڻو. ۲۳. جوڳين جو. ۲۴. سينگارئا وئا. ۲۵. اڳئان، منهن مقابل، روبرو، آڏو. ۲٦. ڏيهن يعني ملڪن يا ولايتن (جي ماڻهن) جي. ۲۷. سنيران، منهنجي علم يا ڄاڻ ۾ آهي. ۲۸. مَٽُ، ثاني، شريڪ. ۲۹. انهنجو. ۳۰. دنيا، جهان. ۳۱. اندر ۾، دل ۾. ۳۲. محبت جو، پيار جو. ۳۳. ٻاهہ، آڳ، ٻاهہ جو آڙاهہ يا ڳورو. ۲۴. ٻاهران، ظاهر ۾. ۳۵. ميرا، گدلا. ۳٦. مٽيءَ، خاڪ. ۲۷. جهيڙو، فساد، شرارت. ۳۸. دغا، ٺڳي، ويساهہ گهاتي، جوٺ، مَٺ، خرابَ شيءِ، ڪچ. ۳٦. بداخلاقي، بُرائي، بدعادت، اوڳڻ. ۴۰. ويجها، قريب. ۴۱. چڱايون. ۴۲. گهڻيون، گهڻا. ۴۳. جيترو، جيتري قدر. ۴۴. سڪ يا حب رکن، تمنا ڪن، اُڪنڊ جن. ۴۵. اوتري قدر. ۴٦. سچا، کرا، صحيح، مخلص، ايماندار. ۴۷. جلن، پچن، ڪامن (عشق ۾). ۴۸. سرها، خوش، راضي.

## ١٠

جِيئَن[١] اُتَر[٢] ڙا اوتِين[٣]، تِيئَن[٤] سامِي[٥] گهَٽُو سَنِرا[٦]،
سانگو[٧] ڪَنِ نہ سَاهہ[٨] جو، اُتَر[٩] اوتَ[١٠] نہ ڏِينِ،
جِيئَن پَارو[١١] پَوارا[١٢] ڪَري، تِيئَن سُمَرِڙِيُون[١٣] سُورِينِ[١٤]،
لاهُوتِي[١٥] لطِيفُ چئي، اُونڌي[١٦] ڪَنڌَ[١٧] اورِينِ[١٨]،
جُهوپا[١٩] نہ جُهوڙِينِ[٢٠]، مَڇُڻُ[٢١] پُوئِينِ[٢٢] وِتُ[٢٣] وِصَالَ[٢٤] ۾.

## ١١

پَارو پَوارا ڪَري، لَڳِي اُتَر[٢٥] مُٺِ[٢٦]،
لاهُوتِي لطِيفُ چئي، ڪَنِ جُسي[٢٧] سِين جُٺِ[٢٨]،
پَونِ[٢٩] ڏِينِ نہ پُٺِ[٣٠]، مَڇُڻُ پُوئِينِ وِتُ وِصَالَ ڪان.

## ١٢

اُتَرِ[٣١] وِئا آهِين، ڪَڏهِين ايندا ڪَاپڙِي،
نِيڻَ[٣٢] مُنهِنجا اُنِ ڪِي، جَهجهو[٣٣] جَرُ[٣٤] هارِينِ[٣٥]،
اَڏِئا[٣٦] مَڙهَ[٣٧] مارِينِ، مَادَرِ[٣٨] مَدارَنِ[٣٩] جا.

---

١. جنهن صورت ۾، ٢. اتر طرف جون سرد هوائون، ٣. ڀلتجن يعني زور سان لڳن، ۴. تنهن صورت ۾، ٥. تارڪ الدنيا فقير، ڪاپڙي، ٦. خوش، سرها، ٧. بچاءُ، صرفو، ٨. جان، زندگيءَ، ٩. اتر (طرف) کي يا کان، ١٠. آڏ يا جهل (سرديءَ کان بچڻ لاءِ)، ١١. سخت سردي، ڏاڍي ٿڌ، ڏاڍو سيءُ، ١٢. پورا ڪري = طاقت يا رعب ڏيکاري، غلبو يا حملو ڪري، ١٣. مالهائون، تسبيحون، ١۴. ڦيرائن، ١٥. لاهوت (عالم ذات اِلاهي جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿئي ٿو) جا ڄاڻو يا معرفت رکندڙ، ١٦. نميل، جهڪيل، ١٧. ڪنڌ سان، سرَ يا مٿي سان (اونڌي ڪنڌ = ڪنڌ کي نمائي، هيٺ ڪري، مراقبي واريءَ حالت ۾)، ١٨. (خدا کي) ياد ڪن، ١٩. گهر، آجها، ٢٠. ڊاهين، ٢١. متان، ٢٢. انهن کي پوي، ٢٣. وچ، وٿي، شگاف، جدائي، ٢۴. ميلاپ، وصل، هيڪاند، ٢٥. اتر طرف جي هوا جي، سرديءَ جي، ٢٦. هٿ جي لَپَ ۾ سمائجڻ جي مقدار جيتري، ڪجهہ، ٿوري انداز ۾، ٢٧. بدن، سرير، ٢٨. تعدي (جٺ ڪن = سيڪت ڏين)، ٢٩. پون ڪان، هوا ڪان، واءَ ڪان (اتر جي)، ٣٠. پٺ ڏين = ٿهن، ڀڄن، پوئتي هٽن، پٺيرو ٿين، ٣١. اتر (طرف) ڏي، ٣٢. اکيون، ٣٣. گهڻو، ٣۴. پاڻي، ڳوڙها، لڙڪ، ٣٥. وهائين، ڳاڙين، ٣٦. اڏيل، نهيل، جڙيل، ٣٧. مڙهيون، ٿڪاڻا، تڪيا، آستان، ٣٨. اي مادر، اي امان، اي جيجل، ٣٩. مهندارن، آڏارن، ڀرجهلن، سردارن، محبوبن.

Gul Hayat Institute

### ۱۳

سُورُ[1] جَنِ کي سَهَجَ[2] جو، تَنِ[3] پُٽي[4] نَہ پَارو[5]،
بَارَڻُ[6] بَارِينِ[7] نَہ بَاهَہ[8] جو، سَڄو سِيَارو[9]،
آرَڙَ[10] اُنَهارو، اُوءِ لُکَ[11] لَکَايَا[12] کِينَ کِي.

### ۱۴

وِلِهُون[13] وِيلا[14] واءَ[15]، سَامِيَنِ[16] سَنَا[17] سِرَ[18] تي،
اَجهو[19] رَيِ[20] اَللهَ، کونهي کَاپَڙِيَنِ جو.

### ۱۵

کِيهي[21] کَامِ کَاپَڙِي، تَا اَهَڙيءَ[22] رَوشِ[23] رَوَنِ[24]،
نَکَا دل دوزَخَ ذي، نَکو بِهِشتَ گُهُرَنِ[25]،
نَکو کَمُ[26] کُفَّارَ[27] سين، نَکَا مُسلِمَاني[28] مَنِ[29]،
اُيَا[30] اِيئَن چَوَنِ، پِرِينَ[31] کِجَان پَانهِنجو[32].

### ۱٦

اَجَا[33] وِئَڙَم[34] کَالَهَہ[35]، مُون[36] لِيکِيندي[37] وَرِهَہ[38] ٿِئَا،
تَنُ[39] کُمَاٹُو[40] تَنِ لاءِ، جِيئَنِ[41] سَا قُلَنِ[42] مَالَهہ[43]،

Gul Hayat Institute

---

۱. اهنج، درد، ڏک، تڪليف. ۲. (محبوب جي)، پيار، صحبت. ۳. تن کي. ۴. هيٺو ڪري، اثر ڪري. ۵. تمام گهڻي ٿڌ سبب رات جو جميل برف. ٦. ڪاٺيون ڪوئلا وغيره جيڪي باهہ ٻارڻ ۾ استعمال ڪبا آهن. ۷. جلائين، ساڙين. ۸. آڳ. ۹. سرديءَ جي موسم. ۱۰. گرميءَ جي موسم، اونهارو، آرهڙ. ۱۱. لک، جهولي، اُڄ، پياس، سختيءَ. ۱۲. متاثر يا اثرپذير ڪئا. ۱۳. سرديون. ۱۴. بکون، فاقا. ۱۵. هوائون، طوفان. ۱٦. تارڪ الدنيا فقيرن، ڪاپڙين. ۱۷. برداشت ڪئا. ۱۸. جان، سرير. ۱۹. ڍڪ، پناهہ، بچاءُ. ۲۰. کان سواءِ. ۲۱. ڪهڙي. ۲۲. ڪم سان، مطلب يا ضرورت جي سبب. ۲۳. چال، هلت، نموني. ۲۴. هلن، پُرن، گهمن ڦرن. ۲۵. منٿ، تمنا، خواهش. ۲٦. واسطو. ۲۷. ڪفر. ۲۸. اسلام. ۲۹. من ۾، دل ۾. ۳۰. بيٺا. ۳۱. اي پرين، اي محبوب، اي خدا. ۳۲. ڪنهنجي ملڪيت هجڻ جي حالت ڏيکاريندڙ لفظ، پنهنجو، خود جو. ۳۳. اِجهو، هن هنڌ کان. ۳۴. مون کان يا مون وٽان وئا. ۳۵. گذريل ڏينهن، اڳوٽي ڏينهن. ۳٦. منهنجي. ۳۷. ليکي يا حساب موجب. ۳۸. سالَ. گهڻا ڏينهن، ايامَ. ۳۹. دل، مَنَ. ۴۰. مرجهايو، سُڪي وئو، سُسي وئو. ۴۱. جهڙيءَ طرح. ۴۲. ڦلن جي، گلن جي. ۴۳. هارَ.

اگڻ[1] اِيندمِ[2] شال[3]، آسر پري[4] آهيان.

## ١٧

اَندر[5] آديسين[6] کي، اَمُل[7] کِي[8] اوطاق[9]،
مَتي[10] دار[11] بقاءَ[12] ڏي، تازِيون[13] ڏنائون طاق[14]،
خوابن[15] متي خواب، لَذائون[16] لطيف چئي.

## ١٨

جوڳِي[17] جَلالي[18] جَلبَتي[19]، مَهاري[20] مرويس[21]،
ڏور[22] ڪئائون ڏنارڪا[23]، ماري[24] هلئا ميس[25]،
ڏوري[26] ڏيور[27] ديس[28]، گُر[29] لَذائون گرنار[30] ۾.

## ١٩

جِت هُئي ڪانءَ[31] بولي[32] ڪانَ،* اُت هُئا آسڻ[33] آڏوتين[34] جا،
وَجائي وات[35] ٿئا، ساج[36] سڱيون[37] سامان،
اوڏِيءَ[38] مَهل[39] حَوا[40] کي[43][44]، پيئي ڪَل[41] ڪَٺي[42] جي ڪان،
هُئا جوڳِي ٿڪڻ جا نه، ڪنهن طعني[45] لِيءِ[46] تيرٿ[47] وِئا.

١. اگڻ تي، (گهر جي) صحن يا پڌر تي، گهر ۾. ٢. مون وٽ ايندا. ٣. خدا ڪري، مان نہ. ۴. آسر پري = اميدوار، خواهشمند. ۵. اندرَ ۾. دل ۾. ٦. گروءَ يعني مرشد جي حڪم ۾ رهندڙ فرمانبردار فقيرن. ٧. املهہ ماڻڪ يا بي بها موتيءَ (محبوب، خدا). ٨. ڪئي، ٩. گهرَ، واسو، بيٺڪ. ١٠. مَتي، لنگهي، هلي، وڃي. ١١. گهر، جاءِ. ١٢. لافاني، جاوداني، هميشہ رهڻ واري. ١٣. دروازي کي بند ڪرڻ واريون ڪاٺ جون پٽيون (جيڪي اندران درن کي ڪڙن يا ڪُنڊن جي بجاءِ هٽبيون آهن). ١۴. طاق کي يعني دروازي کي (آستان يا مڙهيءَ جي). ١۵. ننڊ ۾ ڏٺل نظارن يا سپنن (محبوب جو مشاهدو يا ديدار). ١٦. ڏنائون. ١٧. تارڪ الدنيا فقير. ١٨. جلال وارا. شان شوڪت وارا. عظمت وارا. ١٩. جلوت وارا. جلويدار. مٿيادار. سهڻا. ٢٠. بهادر. زور وارا. ٢١. مرڻ کان نہ ڊڄندڙ. بهادر. ٢٢. پري، ترڪ. ٢٣. هندستان جي اترپرديش رياست ۾ هڪ شهر. جتي جوڳي فقير تيرٿ ڪرڻ يعني پوتر آستان جي زيارت ڪرڻ ويندا آهن. ٢۴. ختم ڪري، ناس يا نابود ڪري. ٢۵. حرص. شهوت. تمنا. خواهش. سَڌ. ٢٦. ووڙي، ڳولي، جهاڳي، لتاڙي. ٢٧. ڏوراهان. پراهان. ٢٨. ملڪَ. ولاتون. ٢٩. مرشد (هندن جو). ٣٠. هندستان جي رياست جوناڳڙهہ ۾ هڪ شهر جتي هندن جا پوتر آستان يعني تيرٿ آهن. ٣١. ڪانءَ يعني ڪانگَ جي (ڪانءُ ڪاري رنگ جو هڪ پکي آهي). ٣٢. آوازَ * جت ڪابہ مخلوق يا موجودات ڪانہ هئي. ٣٣. رهڻ جون جايون. مڙهيون. مڪان. ٣۴. جوڳين. ٣۵. وات ٿئا = هلئا وئا. نڪري وئا. ٣٦. ساز = وڄائڻ جا اوزار. ٣٧. ڊگن جي سڱن مان ٺهيل توتاريون. ناد. ٣٨. اُن. ٣٩. وقت. ۴٠. حضرت آدم عہ جي ٻيبيءَ جو نالو. ۴١. خبر. سُڌ. ۴٢. اَنَ جي دائي. ۴٣. ترسڻ. ۴۴. وارا. ۴۵. ميهٽي. ۴٦. سبب. ۴٧. تيرٿ تي. زيارت تي.

Gul Hayat Institute

## ٢٠

جِتي ايُرُ[١] نَہ پيرُ[٢]، سَا جُوءِ[٣] سُجَاتي[٤] جوڳِيِن[٥]،
اُتي ڏيئِي[٦] پيرُ[٧]، آسَڻَ[٨] آديسِيَنِ[٩] ڪِئا.

## ٢١

جِتي عُرشُ[١٠] نَہ اَپُ[١١] ڪو، زَمِين[١٢] نَاهِہ ڏَرو[١٣]،
نَڪو چَاڙاهو[١٤] چَندَ جو، نَڪو سِجَ[١٥] سَرو[١٦]،
اُتي آديسِيَنِ جو، لَڳو دَنگُ[١٧] دڙو[١٨]،
پَري[١٩] پِئَنِ[٢٠] پَرو[٢١]، نَاتُ[٢٢] ڏِنَائُون نَانهِن[٢٣] ۾.

## ٢٢

نَاتُ ڏِنَائُون نَانهِن ۾، سَا نَانهِن بِہ نَمُونو[٢٤]،
نَفيءَ[٢٥] ۾ اثبَات[٢٦] کان، اَجا پَندُ[٢٧] اُونهو[٢٨]،
جوڳِيءَ[٢٩] سِرُ[٣٠] جُهونو[٣١]، آهي عَهدَ[٣٢] جُڳَاتَ[٣٣] کَان.

## ٢٣

”لا“[٣٤] لَنگهي[٣٥] لالُ[٣٦] تِئَا، لالُ[٣٧] لِکَئو[٣٨] جَنِ،
عَدمَ جي اوڙاهَہ[٣٩] تي، کِئَا آسَڻَ اڌوتِيَنِ،

---

١. اجهڻ وارو. ٢. پيري ڪرڻ وارو، ملاقاتي (ايرپير = اچ وڃ، امد رفت، جيوت يا زندگيءَ جا آثار). ٣. ملڪ، علائقو، جاءِ. ۴. پروڙي، سمجهي معلوم ڪئي، سهي ڪئي، اوڪي. ۵. جوڳين، تارڪ الدنيا فقيرن، آڌوتين. ٦. پائي، وجهي. ٧. قدم، پڳ (ڏيئي پير = داخل تي، اچي). ٨. مڪان، مڙهيون، تڪاڻا، آستان. ٩. گروءَ يا مرشد جي حڪم ۾ رهندڙ فرمانبردار فقيرن. ١٠. (ستون) آسمانُ، آڪاس، مٿيون آسمان. ١١. آسمان، آڪاس. ١٢. زمين جو،ڌرتيءَ جو. ١٣. تمام ٿورو حصو يا جزو، نشان، نالو. ١۴. اوپارو، اڀرڻ، چڙهڻ. ١۵. سج جو، سورج جو. ١٦. نشان. ١٧. حد، سنڌو، ڇيهہ، انتها. ١٨. دڙهو، (زمين تي زور سان لت يا پير هڻڻ جو آواز)، ڦهڪو، ڌٻڪو (دنگ دڙو = پيرن جو آواز، هلڻ يا پنڌ ڪرڻ جو آواز). ١٩. دور، ڏور. ٢٠. انهن جو پيُو. ٢١. پتو، اهڃاڻ، نشان، خبر. ٢٢. جوڳي فقيرن جو گرو يا مرشد، خدا. ٢٣. نيستيءَ، عدم، نابوديءَ، فنا. ٢۴. مثال، تمثيل، نقل، ڍونگ، ڦند، اٽڪل بازي. ٢۵. الله تعاليٰ کانسواءِ ٻيءَ ڪنهن هستيءَ جي هجڻ کان انڪار. ٢٦. الله تعاليٰ جي هستيءَ جو اقرار. ٢٧. سفر، مفاصلو. ٢٨. عميق، پري، ڏگهو، لمبو. ٢٩. جوڳيءَ جو. ٣٠. مٿو (وجود، هستي). ٣١. پراڻو، قديم، اڳاٽو، اڳي جو. ٣٢. انجام جي يا وچن جي يعني الست جي اقرار جي. ٣٣. جڳ، عرصي، وقت، ايام. ٣۴. نہ، نيستي، نابودي. ٣۵. پارتي، اڪري، اورانگهي. ٣٦. ڳاڙها، سرخرو، ڪامياب. ٣٧. دوست، دلبر، محبوب (خدا). ٣٨. سڃاتو، سهي ڪئو. ٣٩. اونهي پاڻيءَ يعني درياهہ يا سمنڊ، درياهہ جي ڪُنَ.

Gul Hayat Institute

گردانِئو[1] گُنگنِ[2]، گِرداب[3] جي گِيان[4] سبِن.

## ۲۴

مَيِتُ[5] موتِي آيو، کَهِي[6] کانڌِيَن[7] لاءِ،
سو کانڌِين[8] سُونهاءِ[9]، جوڳي[10] جو جَنَبَ[11] جو.

## ۲۵

اِجهو[12] آدَمُ آيو، کُلِهي تي ڪوڏارِ[13]،
ٻَنِيءَ[14] مَنجهان ٻارِ[15]، کَنيائِين خُلَتَ[16] جي.

## (۲۶)

آدَمُ کَلَ[17] اَللهَ جي، آهي جَلِيلَ[18] سَندِي[19] جاءِ[20]،
کَعبو[21] اُهوئِي آهِ، پُوڄِئو[22] کوهہ[23] نہ پُوڄِيِين.

## وائي

ڏولَتَ[24] دا مَينُون[25]، سَلُوٽي[26] دا مَينُون، اَوڳُڻَ[27] ٻي ڳُٽَنِ[28] جيها[29]،
آپُ[30] نہ آوِي[31] لِکُدا[32] جو نَهِين[33]، نَکو سارَ[34] سَنيها[35]،
آئُون لِکَندِي ڪيتِرا[36]، اُنِ جا ٻارَ[37] ايها[38]،
سَرَهہ ٿِيندِي سَسُئِي، کُنَلَ کي کوهہ کيها.

---

۱. سمجهيو، پروڙئو. ۲. نہ ڳالهائيندڙن. صبر وارن. جوڳين. تارڪ الدنيا فقيرن. ۳. ڪُنَ يا اوڙاهہ (دنيا). ۴. علمَ. معرفت. ڄاڻ جو مُردو، مثل انسان. ٦. هلي، پنڌ ڪري. ۷. مردي جي جنازي کي ڪُلهو ڏيندڙ يا ان سان گڏ مقام تائين ويندڙ ماڻهن. ۸. ڪانڌين کي. ۹. سيباءِ، وڻي پسند اچي. ۱۰. ٻيلي، همراهہ، ساٿي. ۱۱. عمر ڀر، زندگيءَ ڀر. ۲. ڄاڻ تہ، جلدئي، ٿوريءَ دير ۾. ۱۳. ڪوڏر، زمين وغيره کوٽڻ لاءِ ڪاٺ جي ڳن سان لوهہ جو اوزار (منزل ماڻڻ جو ذريعو). ۱۴. پوکيل زمين، کيتيءَ، کيٽ، پوکي راهي. ۱۵. گهر ڏانهن کٽي وڃڻ کان اڳ ڪنهن جاءِ تي رکيل ٻنيءَ جي پيدائش. ۱٦. دوستيءَ. ۱۷. راز، ڳجهہ، ڀيد. ۱۸. جلال واري، خدا. ۱۹. جي. ۲۰. هنڌ، مڪان. ۲۱. ڪعبة الله يا بيت الله يعني خدا جو گهر جيڪو عربستان ۾ مڪي جي شهر ۾ واقع آهي جتي مسلمان حج ڪرڻ ويندا آهن. ۲۲. (اُن جي) تعظيم يا سيوا ڪريو. ۲۳. ڇو. ۲۴. سهڻي، سلوڻي، محبوب. ۲۵. جا. ۲٦. مونکي. ۲۷. برايون، خراب ڪم. ۲۸. ڀلايون، سٺن ڪمن. ۲۹. جهڙا. ۳۰. پاڻ، خود. ۳۱. اَچي. ۳۲. (چٺيون يا خط) لکي ٿو. ۳۳. نہ. ۳۴. يادگيري. ۳۵. نياپا، پيغام. ۳٦. خطن يا پيغامن ڏانهن اشارو. ۳۷. افعال، عادتون. ۳۸. اهڙا.

Gul Hayat Institute

## وائي ٢

آئِي[1] مَائِي آئِي، جوڳِيَنِ[2] جَا[3] جَڙَ[4] لائِيَ[5]،
سَامِي صَبرُ[6] سِکِئا، مَتَائِي[7] وائِيَ[8]،
سَامِيَنِ[9] سُون[10] کَنَنِ ۾، چِتَنِ[11] جِي چَائِيَ[12].

## وائي ٣

نَانگا[13] نِندَ نَہ کَنِ، لوچَنِ[14] لاءِ[15] پِرِيَنِ[16] جي،
بَاهِيُون بيراڳِيَنِ جُون، پِنيءَ[17] پَرَڪا[18] کَنِ،
هلو سيکيُون[19] هَتَڙا، مَتيَ[20] تَنِ مَچَنِ[21]،
چوري[22] رکِئو چِتَ[23] ۾، اَلِفُ[24] آديسَيَنِ[25]،
اُنِ لاءِ عبدالطيف رح چئي، جيرا[26] جوشَ[27] جَلَنِ[28].

## وائي ٤

ڏونگَرَ[29] ڏِجو ڏَسُ[30]، مِيان[31] کو پيچرو[32] پُنهَلَ[33] جو،
سيتَنِ[34] کَارَڻِ[35] سَسُئِي[36]، وَڃَڻَ[37] کَجي وَسُ[38]،
مَتَان چوري[39] چَڏِيِين، سَندو[40] گَنگَنِ[41] گَسُ،
صُبوحَ سَاڻُ سَيدُ رح چئي، واڳَ نَہ ڏِجي وَسُ.

---

١. اي آئي، اي آيل، اي مائي، اي امان، اي جيجل، ٢. تارڪ الدنيا فقيرن، سامين، بيراڳين، ٣. ڪا عجيب، ۴. ميخ يا ڪلي (محبت جي)، ۵. لڳائي، هڻي، ٦. ماٺ، خاموشي، ٧. ڦيرائي، بدلائي، بند ڪري، ٨. ٻولي، ڳالهاءُ، ٩. سامين کي، ١٠. پيلي رنگ جو هڪ قيمتي ڌاتو جنهن مان زيور جوڙيا ويندا آهن، ١١. (متي جي) وارن، ١٢. متي، ڌوڙ، ١٣. فقير جيڪي لانگوٽيءَ کان سواءِ بت تي ڪپڙو نہ پائين ۽ سڄي عمر شادي نہ ڪن، ١۴. بي آرام ٿين، نهارين، ووڙين، ١۵. واسطي، ١٦. محبوبن، سڄڻن، ١٧. پنيءَ جي وقت يا مهل، پوئين رات جو، فجر جي مهل، پريات جي وقت، ١٨. چمڪات، تجلا، پيڙ، شعاع، ١٩. گرم ڪريون، تيون، ٢٠. تي، ٢١. باهين، ٢٢. سيري، ريڙهي، سوري، ٢٣. دل، ٢۴. الف ب جو پهريون اکر الله جي معنيٰ ڏيکاريندڙ، ٢۵. گروءَ يا مرشد جي حڪم ۾ رهندڙ فرمانبردار فقيرن، ٢٦. واحد جيرو = پيٽ جو هڪ عضوو جنهن جي ذريعي ڪاڏي جي رس مان رت ٺهندو آهي، ڪليجو، ٢٧. (محبت جي) جوش ۾، گرميءَ ۾، تپش ۾، ٢٨. سڙن، پچن، ٢٩. اي ڏونگر، اي جبلو، ٣٠. پتو، ٣١. ميان، اي جناب، اي صاحب، ٣٢. رستو، گس، ٣٣. سسئيءَ جي محبوب جو نالو، ٣۴. سڄڻن، محبوبن، ٣۵. واسطي، ٣٦. اي سسئي، ٣٧. وڃڻ جي، ٣٨. ڪوشش، ٣٩. اي ڇوري، اي ڇوڪري، اي نينگر، ۴٠. جو، ۴١. نہ ڳالهائيندڙن يعني اٺن.

Gul Hayat Institute

## وائي ٥

نهين[1] نهين گـٽ[2] ميري[3]، ٻنان[4] پيگوان[5] ٻنان رحمن[6]،
پيهي[7] جان[8] پروڙئان[9]، تان[10] دين[11] دنيا[12] سڀ تيري[13].

## وائي ٦

جوڳي[14] جڳ گهٽا[15]، مون[16] وهه ويراڳين[17] سين،
ٻاچي[18] کن نه ٻانءَ[19] کي، تنبيءَ[20] منجهه کٽا[21]،
وينئي مٽئي[22] واتَ[23] تي، پستن[24] جيئن پيٽان[25]،
سارئو[26] سناسين کي، وينئي هٽ هٽان[27]،
جيکي[28] ذاٽيان[29] ذوڙ[30] ۾، جيکي اَنَ کٽا،
وئا ويراڳي نکري، جني[31] منهن[32] مٽيا[33].

## وائي ٧

شال[34] اوڏڙا[35] آهن[36]، ٻڙي[37] جيڏيون[38]، پلڪ[39] پرٻان[40] ري[41] نه رهان[42]،
نڪي هيٺ[43] نه بيٺ[44] کي[45]، ڪدا[46] تان نه ڪٽن،
اُپٽڙي[47] نت[48] نهاريان[49]، واٽئون[50] ويراڳين[51]،
اُتر[52] اَجهو[53] جن جو، ٻُڪ[54] ٻڪيا تن[55]،

---

١. ناهي، ڪانهي. ٢. جوتڪارو، مڪتي، واهه، وسيلو. ٣. منهنجي. ۴. سواءِ. ۵. خدا جو (هندي) نالو. ٦. رحم واري يعني خدا. ٧. (اندر ۾) گهڙي، داخل ٿي، جهاتي پائي. ٨. جيڪڏهين. ٩. سمجهان، ڏيان ڪريان. ١٠. ته. ١١. مذهب، ڌرم. ١٢. جهان، سنسار. ١٣. تنهنجي. ١۴. تارڪ الدنيا فقير، ويراڳي، سناسي. ١۵. جڳ ۾، دنيا ۾. ١٦. منهنجو. ١٧. پيار، واسطو. ١٨. ٻچت. ١٩. ٻانءَ کي = پنهنجي لاءِ. ٢٠. ڪستي، ڪچڪول. ٢١. انَ جا داڻا (خيرات ۾ مليل). ٢٢. تي. ٢٣. گس، راهه، رستي. ٢۴. پٽ فقيرن، پينو فقيرن، گداگرن. ٢۵. پنڪان، رلان، پنان. ٢٦. ياد ڪرئو، سنڀالئو. ٢٧. هٽ هٽان = افسوس يا ارمان ڪريان. ٢٨. يا. ٢٩. ٻڳل اَنَ جا داڻا (پوڄا مهل ڇٽڻ لاءِ). مٿائيءَ جو قسم. ٣٠. مٿيءَ (ذاٽياذوڙ ۾ = ڪجهه به حاصل نه ٿئي، ڪجهه به خيرات ۾ نه ملي). ٣١. جن جي. ٣٢. منهن ۾، مک ۾، پيشانيءَ ۾. ٣٣. نورُ، جوت، ڏيا، رعب، ڪَلا. ٣۴. خدا ايئن ڪري، خدا گهريو يا چاهيو ته. ٣۵. ويجهڙا، قريب، نزديڪ. ٣٦. ٿين. ٣٧. آئي، ازي، اي. ٣٨. سرتيون، سهيليون. ٣٩. ساعت، ٿورو وقت. ۴٠. پرينءَ، محبوب. ۴١. کان سواءِ. ۴٢. زنده يا جيئري رهان. ۴٣. بدن جي هيٺئن حصي تي ۴۴. بيٺ تي، چيلهه تي. ۴۵. ڪجهه (ڪيڙو). ۴٦. بيانيون، جمنيون، ڪستا، ڪچڪول. ۴٧. ڳاٽ يا ڪنڌ مٿي ڪئو، ٻاهر نڪرئو. ۴٨. هر هر، دم دم. ۴٩. ڏسان، ڳوليان، جاچئان. ۵٠. رستا. ۵١. ويراڳين جون. ۵٢. اتر طرف جو واءُ يعني سردي يا ٿڌ. ۵٣. ڏک، پناهه، اولو. ۵۴. خيرات، دان. ۵۵. تن جي.

لُوڪَ[١] سُـتـي چَـڏَئـا[٢]، آسَڻَ[٣] آديسـيـنِ[٤]،
اگَـرُ[٥] چَـنـدَنُ[٦] اُپِـري[٧]، مَـنـجَـهـان دُودَ[٨] دُونـهـيـنِ[٩]،
پَـسـي[١٠] آئُـون پُـرِ[١١] تِـي، تَـنِ صُـورَتَ[١٢] سَـنـاسِـيـنِ[١٣].

Gul Hayat Institute

١. لوڪ جي، عام ماڻهن جي. ٢. سمهڻ يا ننڊ ۾ هجڻ جي مهل. ٣. آستان، مڙهيون، تڪاڻا، تڪيا. ٤. گروءَ يعني مرشد جي حڪم ۾ رهندڙ فرمانبردار فقيرن. ٥. هڪ خوشبودار پساريڪو وکر، عنبر (اگر جي خوشبوءِ). ٦. هڪ خوشبودار وڻ جو قسم، صندل جو وڻ (چندن جي خوشبوءِ). ٧. نڪري، پيدا ٿئي. ٨. دونهين، ڪاري غبار. ٩. دونهين جي، (جوڳين جي) باهين جي. ١٠. ڏسي. ١١. (خوشيءَ سان) پريل، ٽمٽار، چڪار. ١٢. شڪل، منهن. ١٣. سناسين جي، تارڪ الدنيا فقيرن جي، ڪاپڙين جي.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرُ رامِڪَلِي

## داستان تيرهون

### ١

الِــفُ اڪَـــرُ مَــنَ ۾، ڪِـئـــو ڪَـــاپَـــڙِيَـــنِ،

سي حَــرْفَ ذاران هـيـڪِـڙي، ٻـئـو ڪِـيـنَ ٻُـجـهَـنِ،

فَــرضُ فَـنـَـا فِــي اللهِ جــو، عَــيـنُ عَــبـَــادَتَ اُنِ،

قُــل هُــوَ اللهُ اَحَــدُ*، تَــا مَـنـجَـهـان پِـرتِ پَـڙهَـنِ،

سَــعَــادَتَ سَــرِيَــنِ، گُــرَ ڪـي گــڏِئـا ڪَـاپَـڙِي.

### ٢

ٻيبُون# ٻَــرتَــنُ نَــاهِــ ڪــو، ڪِــدا تَــان نَــ ڪَــٽَــن،

نَــ گُــلُــوٻَــنـــدُ نَــ گــودَڙِي، نَــ ڏاڳــو ڏَڙڪَــنِ،

چَــڪَــرُ چَــمَــڙو چِــيـلِـهَــ تـي، ٻَـهـڳُـڻَ ڪـونَـ ٻَـڌَن،

تَـرڪُ الـدُّنـيـَـا واجِـبُ●، اِيءَ عَــادَتَ عَــارِفَــنِ،

ٻِــيُـــون ڏيــئـي ٻَــنِ، گُــرَ ڪـي گــڏِئـا ڪَـاپَـڙِي.

Gul Hayat Institute

---

١. الف ب جو پهريون اکر يعني حرف. جيڪو الله تعاليٰ ڏانهن اشارو آهي. ٢. دل. ٣. هنڌايو، سانڍيو. ۴. تارڪ الدنيا فقيرن. ۵. (الف جي) اکر. ٦. ڪان سواءِ. ٧. سمجهن. ٨. خدا جي طرفان واجب ڪيل ڪم جنهن جي نہ ڪرڻ سان انسان گنهگارٺئي ٿو. ٩. گم، محو. ١٠. خدا ۾ (فنا في الله فقيرن جي هڪ منزل جو نالو آهي جنهن موجب مريد مرشد جي وسيلي خدا جي ڌيان ۾ محو هوندو آهي). ١١. واجب، لازم، ضروري، محض، نسوري، خاص، فقط. ١٢. بندگي. ١٣. ان جي. *(اي پيغمبرﷺ) چئُو، الله هڪ آهي (قرآن شريف جي سورت اخلاص جي آيت ١). ١۴. محبت، پيار. ١۵. اپياس ڪن، ورد ڪن. ١٦. نيڪي، چڱائي، ڀلائي. ١٧. حاصل ٿين، ملين. ١٨. مرشد، خدا. ١٩. ملڻا. # عربي الف ب جو ٻيو اکر "ب" گنج ۾ ٻابوئن لکيل آهي جنهن جي معنيٰ ٿيندي رمتو يا سيلاني فقيرن (کي). ٢٠. ٿانءُ. ٢١. جمني، پيالو، ڪستو، ڪچڪول. ٢٢. ڳچيءَ کي ٻڌڻ جو ڪپڙو. ٢٣. پراڻي ڪپڙي جي ٽڪرين مان ٺهيل فقيراڻي رلي. ٢۴. فقيرن جي مٿي کي ويڙهڻ جي رسي يا نوڙي. ٢۵. پهرن، پائين، ويڙهين. ٢٦. هنيار جو هڪ قسم. ٢٧. چمڙي جو پٽو. ٢٨. ڪمر. ٢٩. گهڻن ڳڻن يعني اخلاقن وارا، نيڪ، ڀلارا، داناءَ ●دنيا (جهان جا لڳ لاڳاپا) ڇڏڻ واجب آهي (حديث). ٣٠. روش، دستور، خصوصيت. ٣١. عارفن جي، خدا کي سڃاڻندڙن جي. ٣٢. خدا ڪان سواءِ باقي شيون. ٣٣. وجهي. ٣۴. ٻنَ ۾، ڪُڏ ۾.

## ٣

تيبُون* تـوشـو[1] تِـوڻِ نَـه كَـا، ڏُرِيَـائِـين[2] ڏارِين[3]،
ڏُكـئا سُـكِـئا ڏِينهَـڙا، تَـا گـهَـٽَ[4] اندَرِ[5] گـهَـارِين[6]،
تَـوَكـلَ[7] بِـذاتُـون تُـرَهـو[8]، بِـي وائِـي[9] نَـه وارِين[10]،
قُـل هُـوَ الـرَحـمٰـنُ آمَـنَـا بِـه،● اِنـي اِخـتِـيَـارِين[11]،
پَـرِ[12] چَـڱِـي[13] پَـارِين[14]، گُـرَ[15] كـي گـڏِئَـا[16] كَـاپَـڙِي[17].

## ٤

سِيبَئُون° ثَـابِـتُ[18] سَـنـدرو[19]، جـوڳِـيَـن كـي جَـڙِئـو[20]،
تَـنِ حَـرفُ[21] سُـڄَـاڻـي هِـيـكـڙو، مَـنجَـهـان پِـرت[22] پَـڙهِـئـو[23]،
لاهُـوتِـيَـن[24] لـطِـيـف چـئـي، انـدَرِ[25] الـفُ[26] اڙِئـو[27]،
لا مَـقـصُـودُ فِـي الـدارَيـنِ الاهُـوَ#، گـهَـٽَ[28] ۾ گـهَـاتُ[29] گـهَـڙِئـو[30]،
جَـنِ كـي مَـن[31] ۾ مُـحِـبُ[32] مِـڙِئـو[33]، سـي گُـرَ كـي گـڏِئَـا كَـاپَـڙِي.

## ٥

جِيمَئُون°> جـوڳِـيَـڙَن جـي، جَـان[34] نـهَـارِيَـم[35] جُـوءِ[36]،
عَـقـلُ[37] اُتِ اوجُـون[38] ٿِـئـو، هُـو هَـلـئَـا[39] مَـتـي هُـوءِ[40]،

Gul Hayat Institute

*عربي الف ب جو اکر "ت" ڪنج ۾ طالب لڪيل آهي جنهنجي معنيٰ ٿيندي سالڪ يعني خدا جا ڳولائو. ١. ڪاڏي پيتي جو سامان، سمر، آذقو، توڻ. ٢. ذر ڪان، اصل ڪان، شروعات ڪان. ٣. رڪن، ساندين. ۴. گهر (جي ڪنڊ) ۾. ٥. ۾. ٦. ڪا ٿين، گذارين، بسر ڪن. ٧. توڪل ڪي. (خدا جي) ڀروسي يا آذار يا آسري ڪي. ٨. ڪڪن. ڪائين ۽ ڪائين جو نوڙين ۽ رسين سان تر ٻڌي ٺاهيل هڪ قسم جو منجو جنهن جي وسيلي پاڻيءَ تي تربو آهي. وسيلو. ٩. ڳالهه. ٻچار. ١٠. ڳالهائين. ڪن ●(اي پيغمبرﷺ انهن کي) چَوْ تہ اهو ٻاجهارو آهي جنهن تي اسان ايمان آندو يا ان کي مڃيو آهي (قرآن شريف جي سورت ملڪ جي آيت ٢٩)، ١١. قبول يا پسند ڪن. پاڻ تي لاڳو ڪن. ١٢. ريت. رسم. ١٣. سٺي. ڀلي. ١۴. نباهين. ١٥. مرشد. خدا. ١٦. ملئا. ١٧. تارڪ الدنيا فقير. جوڳي ° عربي الف ب جو اکر "ث" ڪنج ۾ سڪ جو" لڪيل آهي جنهن جي معنيٰ آهي محبت جو. ١٨. سالم. سچو. صحيح. مضبوط. ١٩. چيلهہ کي ٻڌڻ جو ڪپڙو. ٢٠.ٻڌو وئو. ٢١. اکر. ٢٢. پيار. محبت. ٢٣. اڀياس ڪئو. ورد ڪئو. ٢۴. لاهوتين کي (عالم ذات الاهي. جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿئي ٿو ان جي ڄاڻن کي)، ٢٥. اندر ۾. دل ۾. ٢٦. الف ب جو پهريون اکر جنهن مان مراد الله آهي. ٢٧. رهجي وئو. موجود رهئو # ٻنهي دنيائن ۾ ان (خدا) کان سواءِ ٻيو ڪو مقصود يعني مدعا يا مطلب ڪونهي (حديث شريف). ٢٨. اندر ۾. دل ۾. سرير ۾. ٢٩. تجويز. حيلو. منصوبو. ارادو. ٣٠. رٿيو ويو. سوچيو وئو. ٣١. دل. ٣٢. محبوب. پيارو. دوست. ٣٣. گڏئو. ملئو. °>عربي الف ب جو اکر "ج" ٣۴. جيئن ٿي. ٣٥. مون نهاري. مون ڏٺي. ٣٦. جاءِ. ملڪ. وطن. ٣٧. هوش. دانائي. ٣٨. عاجز. حيران. ٣٩. ڏانهن. ۴٠. خدا جي هويت يا بزرگيءَ يا وڏائيءَ.

مُون کي اِنَ مَذڪُورَ[١] جِي، بَانسَ[٢] نَہ پيئي بُوءِ،
اَلحُبُ لِلّٰهِ والبُغضُ لِلّٰهِ*، خَاصِي[٣] سَندِيَنِ[٤] خُوءِ[٥]،
وَجِي رُوبَرُوءِ[٦]، گُرَ[٧] ڪِي گَڏِئَا[٨] ڪَاپَڙِي.

(٦)

حبيئُون° حَالُ[٩] پِرايو، آديسِيَنِ[١٠][١١] احوالُ[١٢]،
نَانهِن[١٣] ڪِئَائُون نَفسَ[١٤] ڪِي، مَنجَهانَ[١٥] زُهدَ[١٦] زَوالُ[١٧]،
لَن تَنَالُو البِرَّ حَتيٰ تُنفِقُوا•، پَاڻُ[١٨] ڪِئَائُون پَئِمَالُ[١٩]،
لَذائُون[٢٠] لَطِيفَ (رح) چِئِي، جَانِبَ[٢١] جو جَمَالُ[٢٢]،
نَانگا تِي نِهَالُ[٢٣]، گُرَ ڪِي گَڏِئَا ڪَاپَڙِي.

(٧)

خبيئُون°> خَشيَتَ[٢٤] خَوفَ مِ، ڪِئَائُون ڪِيني[٢٥] کي قَتلُعَامُ[٢٦]،
ڏِجِئو[٢٧] ڏاءِ الله جي، ڪوجِهو[٢٩] ڪَنِ[٢٨] نَہ ڪَامُ[٣٠]،
آئِي[٣١] اُن جي بَابَ[٣٢] مِ، آيَتَ[٣٣] اِيءَ انعَامُ[٣٤]،
اِنَ الذِينَ يَخشَونَ رَبَّهُم بِالغَيبِ#، پَرُوڙِجِ[٣٥] پَيغَامُ[٣٦]،
خَطِرو[٣٧] لاهِي[٣٨] خَامُ[٣٩]، گُرَ ڪِي گَڏِئَا ڪَاپَڙِي.

١. بيان، ڳالھہ. ٢. بوءِ، ڏپ، ھڳاءُ * محبت الله ڪارڻ ۽ بغض يعني دشمني (بہ) الله ڪارڻ (حديث شريف). ٣. سٺي، ڪري، چڱي. ٤. انھنجي. ٥. عادت. ٦. آمھون سامھون، مُھان مُنھن. ٧. مرشد، خدا. ٨. مليا. °عربي الف ب جو اکر "ح" ٩. محويت يا وجد جي حالت، بي خودي، مستي، الله جي محبت جو جذبو. ١٠. حاصل ڪئو. ١١. آديسين جو، گروءَ يعني مرشد جي حڪم ۾ رھندڙ فرمانبردار فقيرن جو. ١٢. خبر، ڪيفيت، حالت. ١٣. نابود، ناس. ١٤. جان، وجود، ھستيءَ. ١٥. سان. ١٦. پرھيزگاريءَ، تقويٰ، پارسائيءَ. ١٧. گم، نابود، تباھہ. • تيستائين چڱائيءَ يا نيڪيءَ کي ھرگز نہ پھچندئو جيستائين خرچ ڪريو (خدا جي راھہ ۾ پيارين شين کي) (قرآن شريف جي سورت آل عمران جي آيت ٩٢). ١٨. آپو، خودي. ١٩. زبون، ناس، نابود. ٢٠. ڏنائون، حاصل ڪئائون. ٢١. جانيءَ، محبوب. ٢٢. حسن، سونھن، ديدار. ٢٣. خوش، راضي. > عربي الف ب جو اکر "خ" ٢٤. (خدا جي) خوف، ڊپ. ٢٥. حسد، ساڙ، بيائيءَ، بغض، بدخواھيءَ. ٢٦. قتل، نابود، نيست. ٢٧. خوف زدھہ ٿئو. ٢٨. ڏاءَ کان، ڊپ يا ڏڄ کان. ٢٩. خراب، ڪنو. ٣٠. ڪم، فعل. ٣١. لٿي، نازل ٿي. ٣٢. باري، حق، قسمت. ٣٣. قرآن پاڪ جو جملو. ٣٤. بخشش، تحفو. # بيشڪ جيڪي پنھنجي پالڻھار کان پريٺ ڏڄندا آھن (انھن لاءِ بخشش آھي) (قرآن شريف جي سورت ملڪ جي آيت ١٢). ٣٥. سمجھہ. ٣٦. نياپو (آيت). ٣٧. ڊپ، خوف. ٣٨. ڇڏي، ڦٽو ڪري. ٣٩. اجايو، بيڪار.

Gul Hayat Institute

## ۸

دالَئُون° دُونهُون[1] دَرد[2] جو، دِلِ[3] ۾ دُکائِين[4]،
آٽئو آڳِ عَشقَ[5] جي، چَقمَقُ[6] چُهتائين[7]،
جِيءُ[8] پَنهِنجو جوش[9] ۾، پَلپَل[10] پَچائين[11]،
اَلعِشقُ نارٌ يُحرِقُ ماسِوا المَحبُوبُ*، ماتَمُ[12] مَچائين[13]،
خَطِرا[14] سَپِ[15] کانئين، گُرَ[16] کي گَڏِئا[17] کاپَڙِي[18].

## ۹

ذالَئُون• ذِکرُ رَبَ[19] جو، ويلَ[20] نَہ[21] وِسارِين[22]،
سَناسِي سُبحانَ[23] کي، سَدائين[24] سارِين[25]،
تَسبيحَ[26] جي تَرارِ[27] سين، مُلحِدَ[28] کي مارِين[29]،
جَزآءُ هُم عِندَ رَبِهِم جَنتُ عَدنِ*، اللہ[30] اوسارِين[31]،
گونَدرِ[32] گُذارِين[33]، گُرَ کي گَڏِئا کاپَڙِي.

## ۱۰

رِبئُون°> راضِي[34] رُوحَ[35] ۾، مَستِي[36] رَبَ[37] رَضا[38]،
مَجِئُون[39] مَحَبت[40] سين، قادِرَ[41] جي قَضا[42]،

---

° عربي الف ب جو اکر "د"، ۱. هلڪي باهہ يا آڳ. ۲. (عشق جي) سُورَ. ۳. من. ۴. ٻارين، جلائين، ڏکائين. ۵. محبت نينهن. ٦. چقمق وانگر (چقمق هڪ قسم جو پٿر آهي جنهن مان باهہ نڪرندي آهي ۽ جيڪو لوهہ کي ڪشش يا ڇڪ ڪري پاڻ سان چهتائيندو آهي). ۷. لڳائين، ڳنڍين، گڏين. ۸. جان، جسم، سوير. ۹. (عشق جي باهہ جي) تپش، گرميءَ. ۱۰. هر وقت، هر دم، هر هر. ۱۱. گرم ڪن، سيڪين، ساڙين، جلائين * عشق باهہ آهي جيڪا محبوب کان سواءِ هر شيءِ کي ساڙيندي آهي (عربي قول). ۱۲. رنج، غم، الم، مصيبت، واويلا. ۱۳. برپا ڪن. ۱۴. ڊپ، خوف، ڊاءُ، انديشا. ۱۵. جلائين، ساڙين. ۱٦. مرشد، خدا. ۱۷. ملئا. ۱۸. تارڪ الدنيا فقير، سناسي. ● عربي الف ب جو اکر "ذ". ۱۹. يادگيري. ۲۰. پالڻهار، خدا. ۲۱. گهڙي، پلڪ، ساعت. ۲۲. دل تان لاهين. ۲۳. پاڪَ، مقدس، خدا. ۲۴. هميشہ، هر وقت. ۲۵. ياد ڪن، سنڀالين. ۲٦. خدا جي پاڪائيءَ، يا وڏائيءَ جي ذڪر يعني ورد. ۲۷. لوهہ جو هڪ اوزار جيڪو دشمن سان جنگ ۾ ڪم آڻبو آهي. ۲۸. بي دين يا ڪافر (شيطان، نفس آماري). ۲۹. قتل ڪن، ڪُهن، ناس ڪن. * انهن جو بدلو يعني اجر انهنجي رب وٽ، هميشہ رهڻ وارا باغ آهن (قرآن شريف جي سورت بينہ جي آيت ۸). ۳۰. الله کي. ۳۱. ياد ڪن. ۳۲. گوندر ۾، غم يا فڪر ۾. ۳۳. رهن، حياتي بسر ڪن. °> عربي الف ب جو اکر "ر". ۳۴. خوش، سرها. ۳۵. دل. ۳٦. تي. ۳۷. رب يعني پالڻهار (خدا) جي. ۳۸. مرضيءَ. ۳۹. قبول ڪئائون. ۴۰. پيار، خوشيءَ. ۴۱. قدر واري، سگهاري، خدا. ۴۲. حڪم، امر، فيصلو.

Gul Hayat Institute

رَضِي اللهُ عَنهُم وَ رَضُو عَنهُ*، جوڳِيَنِ[1] اِيءَ جَزا[2]،
ڏيئِي سَاهَه[3] سَزا[4]، گُرَ[5] کي گَڏِئا[6] کاپڙِي.

(١١)

زبيَئُون°> زاهِدَ[7] زُهدَ سين، پُختَا[8] تِئا پَچِي[9]،
کَڏِي چِڏِئائُون کُڙِهه[10] مَان، کوجِهي[11] ڳالِهه کَچِي،
اُبَنِئا[12] عِبادَتَ[13] ۾، مانجِهي[14] مَردَ[15] مَچِي[16]،
وَمَا خَلَقتُ الجِنَ والانسَ الا لِيَعبُدُون●، سُڻِئو[17] سُڌِ[18] سَچِي[19]،
اُکَندَ[20] سانُ اچِي، گُرَ کي گَڏِئا کاپڙِي.

(١٢)

سِيَنئُون# سَهَجَا[21] سيجَ[22] تي، سَامِي کِينَ سُمَهَنِ[23]،
نيڻَنِ[24] نِندَ[25] نَه نانگَنِ[26] کي، خُوشِيءَ[27] خَوابُ[28] نَه کَنِ،
جاڳَڻَ[29] سَندو جِيءَ[30] ۾، آهي[31] وِردُ[32] ويراڳِيَنِ[33]،
فَانَ النَومَ عَلَ المُحِب حَرامُ°[34]، کَلامُ کَئائونَ[35] کَنِ[36]،
اِهَڙَنِ[37] اُهِجاڻَنِ[38]، گُرَ کي گَڏِئا کاپڙِي،

* الله انهن کان راضي يعني خوش ٿئو ۽ اهي الله کان راضي ٿئا (قرآن شريف جي سورت مائده جي آيت ١١٩، سورت مجادلہ جي آيت ٢٢ ۽ سورت بينتہ جي آيت ٨)، ١. جوڳين کي، تارک الدنيا فقيرن کي، کاپڙين کي، سامين کي، ويراڳين کي، ٢. أجورو، اجر، عيوضو، ٣. ساهہ کي، جان کي، جسم کي، ٤. سيکت، ٥. مرشد، خدا، ٦. ملڻا، °> عربي الف ب جو اکر "ز"، ٧. پرهيزگار، متقي، تارک الدنيا، ٨. پڪا، مضبوط، طاقتور، ٩. سڙي، ٻري، جلي، کامي، ١٠. بدن، جسم، جان، دل، پيٽ، ڪُکِ، ١١. خراب، ڪني، ڪچي، ردي، ١٢. بيٺا، ١٣. بندگيءَ، نماز، ١٤. بهادر، پهلوان، سورهيہ، ١٥. مڙس، جوان، ١٦. تيار ٿي، سنبري ● مون جنن ۽ انسانن کي نہ خلقئو آهي مگر فقط ان لاءِ تہ (منهنجي) عبادت کن (قرآن شريف جي سورت ذاريات جي آيت ٥٦)، ١٧. ٻڌئو، ١٨. خبر، ١٩. صحيح، کري، ٢٠. سک، پيار، محبت، # عربي الف ب جو اکر "س"، ٢١. سهج سان، آرام سان، ٢٢. (شاديءَ جي وقت گهوٽ ۽ ڪنوار لاءِ بستري وغيره سان سينگاريل) کٽ، ڇپرکٽ، ٢٣. آرام کن، ننڊ کن، ٢٤. نيڻن ۾، اکين ۾، ٢٥. سمهڻ واري حالت، ڳهر، ٢٦. فقيرن، جيڪي لانگوٽيءَ کان سواءِ بت کي ڪپڙو نہ پائين ۽ سڄي عمر شادي نہ کن، ٢٧. خوشيءَ سان، شوق سان، ٢٨. ننڊ، ٢٩. بيداريءَ، اوجاڳي، ٣٠. جو، ٣١. جان، بدن، ٣٢. هر روز کرڻ وارو کم، نيم، معمول، ٣٣. ويراڳين جو ° پوءِ بيشک ننڊ محبت کندڙ يعني عاشق تي حرام آهي (حديث)، ٣٤. ڳالهہ، گفتو، سخن، بيان، ٣٥. هندياائون، چڱيءَ طرح ٻڌائون، ٣٦. کن سان، ٣٧. اهڙي قسم جي، ٣٨. اهڃاڻن سان، نشانين سان، پار پتن سان.

**(١٣)**

شِينَئُون° شَرِيعَت[1] جَا، تَابِعَ[2] تِئَا تَمَامُ[3]،
تَنِ کَي طَرِيقَت[4] جِي، مَنَ[5] ۾ مَيخَ[6] مُدَامُ[7]،
هَلَنِ[8] حَقِيقَت[9] ۾، مَعرِفَت[10] تَنِ[11] مَقَامُ[12]،
اِنَ الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُو الصَّالِحَات،* آهي تَنِ[13] آرَامُ[14]،
جَنَّت[15] پِيتَائُون[16] جَامُ[17]، گُرَ[18] کَي گَڏِئَا کَاپَڙِي[19].

**(١٤)**

صَادِئُون°> صَبرُ[20] سَکِئَا[21]، ڏُرِيَانِئَي[22] ڏُٽِي[23]،
أُبَنِئَا[24] اِنَ ڳَالِهِ تي، چِيڇَن[25] مَنجِهِ چُٽِي[26]،
اِنَّمَا يُوَفَّي الصَّابِرُونَ أَجرَهُم●، سَرَهَا تِئَا سُٽِي،
وَڏِيءَ[27] پُونءِ[28] پُٽِي[29]، گُرَ کَي گَڏِئَا کَاپَڙِي،

**(١٥)**

ضَادِئُون# ضَلَالَت[30] کَان، پَاڻَان[31] وِئَا پَرِي[32]،
مَنجِهِ مُرَاقِبِي[33] مَشغُولُ[34] تِئَا، کَامِلَ[35] قَلبَ[36] کَرِي،
مَالِهَا[37] پُوتَئُون[38] مَنَ جِي، پَڙهَن وِرد[39] وَرِي[40]،

Gul Hayat Institute

° عربي الف ب جو اکر "ش" .١. اسلامي قاعدي قانون، سلوڪ جي پهرئين منزل (جنهن ۾ خدا جي حڪم ۽ محمدي شريعت تي هلڻو آهي)، ٢. پابند، پيروي ڪندڙ، فرمانبردار، مطيع، ٣. پورا، بلڪل، صفا، ۴. رستي، سلوڪ جي ٻي منزل (جنهن موجب دنيا کي ترڪ ڪيو وڃي ٿو)، ۵. دل، ٦. ڪلي، جڙ، ڪوڪو، ٧. هر وقت، ٨. پنڌ ڪن، ٩. سلوڪ جي ٽين منزل، ١٠. سلوڪ جي چوٿين منزل، خدا شناسي، ١١. تن جو، ١٢. جاءِ، در جو * بيشڪ جن ايمان آندو ۽ عمل صالح ڪئا (قرآن شريف جي سورت بقر جي آيت ٢٧٧)، ١٣. تن کي، ١۴. فرحت، سکَ، آنند، سڪون، ١۵. جنت جو، بهشت جو، باغ جو، ١٦. پيالو (جنت جي پاڪ پاڻيءَ جو)، ١٧. مرشد، خدا، ١٨. ملئا، ١٩. تارڪ الدنيا فقير، °>عربي الف ب جو اکر "ص"، ٢٠. ماٺ، چپ، سهپ، ٢١. اختيار ڪئائون، پرايائون، ٢٢. ڏر ڪان، اصل ڪان، شروعات ڪان، ٢٣. پسند ڪري، ٢۴. بيٺا، قائم رهئا، ٢۵. چيچن، آنَ جي داڻن (جيڪي ووڻن جي فصل ۾ گاهہ واسطي ڇڻئا يا آڇلايا ويندا آهن)، ٢٦. چڱي، ڪائي ● بي شڪ صبر ڪندڙن کي انهن جو پورو اجر يا ثواب ملندو (قرآن شريف جي سورت زمر جي آيت ١٠)، ٢٧. گهڻيءَ، ٢٨. پونءِ تي، زمين تي، پنڌ يا منزل تي، ٢٩. هلي، # عربي الف جو اکر "ض"، ٣٠. گمراهي، ٣١. خود بہ خود، ٣٢. دور، ڏور، ٣٣. هڪ هنڌ ويهي ڪنڌ جهڪائي دل جي حضور سان خدا جي ڌيان ڪرڻ واريءَ حالت، ٣۴. محو، غرق، ٣۵. ثابت، صحيح، پُورن، ٣٦. دِليون، ٣٧. تسبيح، ٣٨. جڙيائون، ٣٩. خدا جو ذڪر، ۴٠. هر وقت، وري وري.

فَلَهُم اَجرُ غَيرُ مَمنُونِ*، سَامَين[1] سَهجُ[2] سَري[3]،

پَاڻَان[4] ٿِي پَري، گُرَ[5] کي گَڏِئا[6] ڪَاپڙِي.

(١٦)

طيبَئُونَ° طَالِبَنِ[7] کي، کو جو[8] پَهُه[9] پِئو[10]،

وتَنِ[11] پَر[12] پُون[13] پُچَندا[14]، بِپُون بَنِ[15] ڏِئو،

فَرضُ[16] فَنَا فِي الله[18] جو، اُتُن[19] عَين[20] ٿئو[17]،

طَلَبُ الله تَعَاليٰ قَبلَ کُلِ شَيءِ فَريضَةٌ●، ڇڏڻ[21] تان نَہ جهو[22]،

سُڄاڻي[23] سهو[24]، گُرَ کي گَڏِئا ڪَاپڙِي.

(١٧)

طيبَئُونَ°> ظَاهرُ[25] ذَوقَ[26] سين، پَنجَ[27] ئي ڪَن پُورا،

هَلَنِ[28] واتَ سَمَاءَ[29] ۾، ڳَاڙي[30] ڳَلِ[31] ڳوڙها[32]،

سَنَاسي سَيدُ[رح] چئي، پُورَبَ[33] ۾ پُورا[34]،

هُوَ اللهُ الواحِدُ القَهارُ#، سَامي مَنجهہ سُورا[35]،

تي چَاڪَن[36] سين چُورا[37]، گُرَ کي گَڏِئا ڪَاپڙِي.

Gul Hayat Institute

* پوءِ انهن لاءِ اڻ کٽ اجر يعني ثواب آهي (قرآن شريف جي سورت تين جي آيت ٦). ١. سامين کي، تارڪ الدنيا فقيرن کي، کاپڙين کي، سناسين کي. ٢. سُکُ، آرام. ٣. ملي، حاصل ٿئي. ۴. پاڻ کان، خوديءَ کان، آپي کان. ۵. مرشد، خدا. ٦. ملئا. ° عربي الف ب جو اکر "ط". ٧. (خدا جي) طلب رکندڙن يا ڳولا ڪندڙن. ٨. اهڙو. ٩. خيال. پور. ١٠. ٿئو. ١١. هلن. ١٢. پراهين. ڏوراهين. ١٣. زمين. ڌرتي. ملک. ١۴. ڳوليندا، معلوم ڪندا. ١۵. ٻن ۾، کڏ ۾، ٻن ۾" ١٦. خدا جي طرفان واجب ڪيل ڪم جنهن جي نہ ڪرڻ سان انسان گنهگار ٿئي ٿو. ١٧. گم، محو. ١٨. خدا ۾ (فنا في الله فقيرن جي هڪ منزل جو نالو آهي جنهن موجب مريد مرشد جي ذريعي خدا جي ذيان ۾ محو هوندو آهي). ١٩. انهن تي. ٢٠. واجب، لازم، ضروري ● الله جي طلب يعني ڳولا سڀ شيءِ کان اڳ واجب يعني ضروري آهي (قول). ٢١. ڦٽو ڪرڻ، ترک ڪرڻ. ٢٢. جهڙو. ٢٣. معلوم ڪري، سهي ڪري. ٢۴. موقعو، وجهہ. (خدا سان) لاڳاپو. °> عربي الف ب جو اکر "ظ". ٢۵. ڪبيل. پڌري. ٢٦. شوق. امنگ. چاهنا. ٢٧. پنج وقت(نماز جا). ٢٨. رستي. گس. ٢٩. سماءَ جي، معرفت جي. ٣٠. وهائي، هاري. ٣١. ڳلن تان، رخسارن تان. ٣٢. لڙڪ. آنسو. ٣٣. اپرندي (هندستان ۾ رياست اتر پرديش ۾ ڪانپور کان بهار تائين واري علائقي کي پورب چوندا آهن جنهن ۾ هندن جا تيرٿ يعني پوتر آستان آهن). ٣۴. سيبائيندڙ، نهڪيل. صحيح # اهو نہ الله هڪڙو ۽ زبردست آهي (قرآن جي سورت زمر جي آيت ۴). ٣۵. سورن تڪليفن، دردن. ٣٦. زخمن. ڦٽن. ٣٧. ماندا. ساٿا. بي حال.

(١٨)

عَينَئُون° عَارِفَنِ[1] جِي، آهي ڳَالِهہَ[2] عجِيبَ[3]،
پَاٽيهي گَهَائِيَنِ[4] گَهٽَ[5] ڪي[6]، پَاٽيهي تَنَ[7] طَبِيبَ[8]،
وَنَن واتَ[9] وِچَتَرِي[10]، ڪَرِئُو نِرتِ[11] نَجِيبَ[12]،
الايمان بَينَ الخوف وَ الرجاءِ،* هَلِنِ اتِ حَبِيبَ[13]،
تَئَا قَادِرَ[14] سين قَرِيبَ[15]، گُرَ[16] کي گَڏِئَا[17] ڪَاپڙي[18].

(١٩)

غَينَئُون°> غُربَتَ[19] جِندڙي[20]، سَدا[21] سَنَاسِينَ[22]،
ڏِجِئُو[23] ڏاءِ[24] الله جِي، پُورَنِ[25] ۾ پَچَنِ[26]،
رَءَ[27] رُخصَتَ[28] رامَ جِي[29]، پِئُو ڪِين پُجَهَنِ[30]،
انَ الله هُوَ الرزاقُ ذُالقُوتَ المَتين• سَامِيَنِ[31] سَڏَ[32] سُجَنِ[33]،
جوڳِي جُنگَ[34] جَلَنِ، گُرَ کي گَڏِئَا ڪَاپڙي.

(٢٠)

فَيِئُون# فِڪرَ فِراقَ[35] ۾، آديسِي آهِينِ[36]،
سَگَا[37] سيلِهَا[38] گَبرِيُون، جوڳِي جَلائِينِ[39]،

° عربي الف ب جو اکر "ع"، ١. خدا جي معرفت يا سڃاڻپ وارن، ٢. حال، حقيقت، ٣. نرالي، حيرت انگيز، ۴. خود بہ خود، ۵. زخمي ڪن، ٦. اندر، دل، من، تن، سرير، ٧. تن جا، ٨. حڪيم، ويج، مُعالج، علاج ڪندڙ، ٩. رستو، گسُ، ١٠. وچولي، درمياني، معتدل، ١١. ڏيان، ١٢. شريف، اصيل، چڱي نسل وارا * ايمان خوف ۽ اميد جي وچ ۾ آهي (حديث شريف)، ١٣. محبوب، پيارا، ١۴. قدرت واري، سگهہ واري، خدا، ١۵. ويجها، نزديڪ، ١٦. مرشد، خدا، ١٧. ملڻا، ١٨. تارڪ الدنيا فقير، سناسي، سامي، جوڳي، °> عربي الف ب جو اکر "غ"، ١٩. مسڪيني، اڻ هوند، غريبي، فاقي ڪشي، نهٺائي، نياز، نئڙت، صبر، ماٺ، ٢٠. جندڙي کي، جند کي، جان کي، سرير کي، دل کي، ٢١. هميشہ، ٢٢. سناسين جي، ٢٣. خوف يا ڊپ ڪريو، ٢۴. ڏاءَ کان، ڊپ کان، ٢۵. فڪرن، ڳڻتين، ٢٦. سڙن، ڪامن، جلن، ٢٧. ڪان سواءِ، ٢٨. موڪل، اجازت، ٢٩. خدا جو (هندي) نالو، ٣٠. ڄاڻن، سمجهن، ڏيان ۾ آڻين ● بي شڪ الله ئي روزي يعني رزق ڏيندڙ آهي جو تمام سگهارو زبردست آهي (قرآن شريف جي سورت ذاريات جي آيت ۵٨)، ٣١. سامين جا، ٣٢. پڪارون، نعرا، آواز، هڪلون، ٣٣. ٻُڌجن، ٣۴. بهادر، پهلوان، # عربي الف ب جو اکر "ف"، ٣۵. فراق جي، وڇوڙي جي، جدائيءَ جي، ٣٦. گروءَ يعني مرشد جي حڪم ۾ رهندڙ فرمانبردار فقير، ٣٧. فقيرن جي مٿي ۾ وڌل ٽوپيءَ کي ويڙهيل رسيون يا نوڙيون، سيلهيون، ٣٨. پراڻن ڪپڙن جي ٽڪرين مان ٺهيل رليون يا گودڙيون، فقيراڻيون ڪفنيون، ٣٩. ساڙين، ناس ڪن.

Gul Hayat Institute

اِنَ الَذِينَ فَتَنُوا المُؤمِنِينَ،* سَنَاسِيِ[١] سَاهِينِ،
سَنگتِ[٢] سَنوارِينِ[٣]، گُرَ[٤] ڪي گڏِئا[٥] ڪاپڙِي.

(٢١)

قافئُون° قَرابتَ[٦] ڪُڙمَ[٧] ڪان، ڇِنِي[٨] ڇڏِئائُون،
لاهُوتَ[٩] ۾ جَبرُوتَ[١٠] جا، اُهِجَ[١١] آندائُون،
نَاسُوتَ[١٢] ۾ مَلڪُوتَ[١٣] ۾، گهڙِي[١٤] گهارِيائُون[١٥]،
فَبَصَرُكَ اليَومَ حَدِيدٌ#، اِيئهِين[١٦] اُتائُون[١٧]،
سَڳَرُ[١٨] سُوتائُون[١٩]، گُرَ ڪي گڏِئا ڪاپڙِي.

(٢٢)

ڪافئُون°> ڪَري ڪُرنِشُون[٢٠]، بِڌي اِپِيا[٢١] باهُون[٢٢]،
اِپِي الَڪَ[٢٣] سامُهُون[٢٤]، رَتُو[٢٥] رَنائُون[٢٦]،
سَناسِيَنِ[٢٧] سَيدُ چَئي، مِليُون[٢٨] مُدعائُون[٢٩]،
وَلَسَوفَ يُعطِيكَ رَبُكَ فَترضيٰ،● ڇِتو[٣٠] ڇَبائُون،
لائقُ[٣١] لَڌائُون[٣٢]، گُرَ ڪي گڏِئا ڪاپڙِي.

Gul Hayat Institute

*بي شڪ جن مومنن کي فتني ۾ وڌو (قرآن شريف جي سورت بروج جي آيت ١٠)، ١. تارڪ الدنيا فقير، ڪاپڙي، ٢. دوستي، ٣. صحيح ڪن، سڌارين، ۴. مرشد، خدا، ۵. ملڻا، ° عربي الف ب جو اکر "ق"، ٦. ويجهائي، عزازت، رشتيداري، لاڳاپو، ناتو، ٧. خاندان، قبيلي، ڪٽنب، آل اولاد، آڪهہ، ٨. توڙي، قطع ڪري، ٩. عالم ذات الاهي (جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿئي ٿو)، ١٠. حضرت جبرائيل جي رهڻ جي جاءِ، ١١. پار پتا، نشانيون، ١٢. مائهن واريءَ دنيا يا جهان، ١٣. ملائڪن جي رهائش واري جاءِ، ١۴. داخل ٿي، ١۵. (وقت) گذاريائون، حياتي بسر ڪئائون # پوءِ تنهنجي نظر اڄ تکي آهي (قرآن شريف جي سورت ق جي آيت ٢٢)، ١٦. ان طرح، ١٧. ڄيائون، ١٨. رستو، واٽ، ١٩. سڃاتائون، ڳولهيائون، لڌائون، ڏٺائون، > عربي الف ب جو اکر "ڪ"، ٢٠. آدابَ، تعظيم، آڏر ڀاءُ، منٿون، سوال عرض، وينتيون، نيزاريون، ٢١. بيٺا، ٢٢. ٻازو (ٻڌي اپيا ٻانهون = هٿ جوڙي بيٺا، دست بستا ٿي بيٺا)، ٢٣. انَ لکو، جنهن کي لکي يا محسوس نہ ڪري سگهجي، خدا، ٢۴. روبرو، ٢۵. ڳاڙهو (رت گڏيل) پاڻي، ٢٦. اکين مان هارياِئون، ٢٧. سناسين کي، ٢٨. حاصل ٿيون، جُڙيون، پلئي پيون، ٢٩. مرادون، مقصد، مطلب● ۽ جلد يا سگهو ئي توکي (ايترو ڏيندو تنهنجو پالڻهار ۽ پوءِ تون خوش يا راضي ٿيندين (قرآن شريف جي سورت الضحيٰ جي آيت ۵)، ٣٠. صاف، چڱيءَ طرح، ٣١. جوڳي يا شايان شان عزت يا مانَ يا مرتبو، ٣٢. حاصل ڪئائون.

**(۲۳)**

لامَئُون° سي لاهُوتَ ۾، سَدا سَيرُ ڪَرِينِ،
اُتان عِلمَ ۽ حِلمَ جا، آڻِئو پَهَہ پُورِينِ،
لَڏِئو ”لا“ مَڪانَ ۾، عِشرَتَ سين اورِينِ،
واللهُ عَلَيٰ كُلِ شَيءٍ قَدِيرُ*، چَپِنِ ڪي چورِينِ،
سامِيڙا سُورِينِ، گُرَ ڪي گڏِئا ڪاپڙي.

**(۲۴)**

مِيمَئُون°> مِلَڻ حَقَ جو، اصُل آديسِينِ،
جوڳِيڙا جَهانَ ۾، چوکِيءَ چالَ چَلِنِ،
لاهُوتِي لَطِيفُ چئي، مَنجِهانَ حُبَ هَلِنِ،
انَ اللهَ يُحِبُ المُحسِنِينَ،● خُوشِئانَ خَوابُ نَہ ڪَنِ،
اِيءُ وِردُ وِراڳِينِ، گُرَ ڪي گڏِئا ڪاپَڙي.

**(۲۵)**

نُونَئُون# نانِيءَ هَلِئا، سامِي سَبِئِي،
اُڪَنڊَ ۾ آديس جي، وِهَڪَ تَنِ وِبئِي،

Gul Hayat Institute

° عربي الف ب جو اکر ”ل“ . ۱. عالم ذات الاهي جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿئي ٿو. ۲. هميشہ. ۳. سفر. گشت. ڏورو. گدا گري. پن. ۴. معرفت. گيان. وديا. ڄاڻ. ۵. بردباري. تحمل. ڪانڌ. صبر. سهپ. ٦. پهہ پورين = صلاحون. رٿون. تجويزون. خيال يا ارادا پچائين. ۷. هجرت ڪرئو. نقل مڪاني ڪرئو. ۸. ”لا“ جي. نيستيءَ يا عدم جي. ۹. جاءِ. آستان. ۱۰. آرام. فرحت. آنند. اطمينان. ۱۱. خدا جو ذڪر ڪن * ۽ الله سڀ شيءِ تي قادر يعني سگهارو آهي (قرآن شريف جي سورت بقر جي آيت ۲۸۴. سورت آل عمران جي آيت ۲۹ ۽ ۱۸۹ ۽ مائده جي آيت ۱۷). ۱۲. لبن. ۱۳. هلائين. تحرڪ ۾ آڻين. ۱۴. سامي. تارڪ الدنيا فقير. ڪاپڙي. جوڳي. ويراڳي. ۱۵. (تسبيحون يا مالهائون ) ڦيرائين. ۱٦. مرشد. خدا. ۱۷. مليا. °> عربي الف ب جو اکر ”م“. ۱۸. خدا. ۱۹. سچو پچو (مقصد ). بنيادي ڳالهہ. ۲۰. آديسين جو. گروءَ يا مرشد جي حڪم ۾ رهندڙ فرمانبردار فقيرن جو. ۲۱. دنيا. ۲۲. چڱيءَ سٺيءَ. عمديءَ. ۲۳. چال سان. هلت سان. دستور يا ريت سان. ۲۴. هلن. حياتي بسرڪن. ۲۵. لاهوت جا واقف يا ڄاڻو. ۲٦. سڪ. پيار ● بي شڪ الله چڱائي يا احسان ڪندڙن کي دوست رکي ٿو يا پسند ڪري ٿو (قرآن شريف جي سورت بقر جي آيت ۱۹۵ ۽ سورت مائده جي آيت ۱۳). ۲۷. خوشيءَ سان. آرام سان. ۲۸. ننڊ. ۲۹. هر روز ڪرڻ جو ڪم. نيم. معمول. ۳۰. ويراڳين جو. # عربي الف ب جو اکر ”ن“. ۳۱. نانيءَ ڏي (لس ٻيلي جي رياست ۾ هنگلاج شهر جي ويجهو جبلن ۾ هڪ جاءِ آهي جتي نانيءَ نالي هڪ نيڪ عورت جي قبر آهي. چون ٿا تہ نانيءَ کي حضرت علي ع جي دعا ٿيل آهي). ۳۲. سڪ. حب. پيار. ۳۳. آديسي فقيرن جي ٽولي يا متي يا اصول. ۳۴. وهڻ. آرام. ۳۵. تن جي. ۳٦. برباد يا حرام ٿي.

سَنَاسِي[١] سِڪَ[٢] ۾، اوتِين[٣] ارتُوئِي[٤]،
لا تَتَحَرَّڪُ ذَرَّةُ الا بِاذنِ الله،* وِسَرِيَن[٥] ڀِي وائِي[٦]،
راوَلَ[٧] رِيجَهائِي[٨]، گُرَ[٩] کي گَڏِئا[١٠] ڪاپَڙِي.

## ٢٦

واوُئُون○> وَرَقُ[١١] وِصَالَ[١٢] جو، ويراڳِي وارِين[١٣]،
وَرِيُن[١٤] واءُ وِصَال جو، اُڪَندَ[١٥] ۾ آهِين،
سَناسِي سَيِّدُ[رح] چئي، لوڪَ[١٦] نہ لَکائِين[١٧]،
والله غَالِبُ عَلَىٰ اَمرِه●، پَرِ[١٨] چَڱِي[١٩] پَارِين[٢٠]،
لاهُوتِي[٢١] لَڏِين[٢٢]، گُرَ کي گَڏِئا ڪاپَڙِي.

## ٢٧

هيبَئُون<○> حَرفُ[٢٣] حِسَابَ جو، پَسَڻُ[٢٤] تيُن پَرِي[٢٥]،
وَجِي[٢٦] وَحدانِيَتَ ۾، هَلَن[٢٧] پيرَ[٢٨] پَرِي[٢٩]،
ڳُجَهہ[٣٠] اَندَرَ[٣١] جُون ڳالهِيُون، ڪَنهن سين ڪِينَ ڪَرِي،
لايَفُوتُ وَلا يَمُوتُ#، سَامِيَن[٣٢] ڪِينَ سَرِي[٣٣]،
ڪَڙو[٣٤] مَنجِهہ ڪَڙِي○، گُرَ کي گَڏِئا ڪاپَڙِي.

Gul Hayat Institute

١. تارڪ الدنيا فقير. ويراڳي. ڪاپڙي. سامي. ٢. حب. پيار. اڪنڊ. ٣. پلٽين يا وهائين (اڪين مان). ٤. رت ڪڍيل پاڻي. رت جا ڳوڙها * ڪوبہ ذرو (ننڍي شيءِ) الله جي اِذن يعني اجازت کان سواءِ نٿو چري (حديث). ٥. دل تان لهي وين. ٦. ڳالهہ. پچار. ٧. راول ڪي. محبوب ڪي. ٨. راضي يا خوش ڪري. ٩. مرشد. خدا. ١٠. مليا. ○> عربي الف ب جو اکر "و". ١١. (ڪتاب جو) پنو. صفحو. ١٢. ميلاپ. گڏجاڻي. ١٣. اٿلائين يعني پڙهن. ١٤. انهن کي موٽي لڳو. ١٥. هوا. ١٦. لوڪ کي. عام ماڻهن کي. ١٧. محسوس ڪرائين. انت يا دل جو راز ڏين. ● ۽ الله پنهنجي ڪم تي غالب يا قادر آهي (قرآن شريف جي سورت يوسف جي آيت ٢١). ١٨. ريت. رسم. ١٩. سٺي. ٢٠. نباهين. ٢١. لاهوت (عالم ذات الاهي جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿئي ٿو) جا واقف. ٢٢. هجرت ڪن. نقل مڪاني ڪن. <○> عربي الف ب جو اکر "هہ". ٢٣. اکر. حساب ڪتاب يا پڇا ڳاڇا (ڏوهہ ثواب جي). ٢٤. ڏسڻ" ٢٥. دور. ڏور. ڏکئو. مشڪل. ٢٦. خدا جي ايڪانت يا هيڪڙائيءَ. ٢٧. پنڌ ڪن. رڙهن. ٢٨. قدم. وکون. ٢٩. ڪٿي. ٣٠. راز. ٣١. اندر جي. دل جي # نہ فوت ٿئي ٿو ۽ نہ مري ٿو (عربي قول). ٣٢. سامين کي. ٣٣. گذارو ٿئي. ٣٤. (زنجير جو) ڇلو ○ جهڙيءَ طرح زنجير جو هڪ ڇلو ٻئي ڇلي ۾ قاتل يا مليل آهي.

## ٢٨

لاَمَئُون° لَذِي[1] هَلِئَا، جوڳِي[2] مَان جَايُنِ[3]،
وَتَنِ وَاتَ[4] وِچَتْرِي[5]، ڪِنهن ڪي ڪِينَ چُونِ،
مَنجَا[6] مَهْرا[7] مَزْهِيُون، پَاڻُ[8] ڪِئو پَانئِين[9]،
والقَدرِ خيره وَ شَرِه مِنَ الله تَعَاليٰ*، انهِين[10] اهجاڻِن[11]،
سَامِيَڙا[12] سَنڪَنِ[13]، گُرَ[14] ڪي گَذِئَا[15] ڪَاپَڙِي.

## ٢٩

الفَئُون°> آديسِين[16] ڪي، سَدا[17] سُورَ[18] چُرَنِ[19]،
اندر[20] تَنِ[21] آديسَ[22] جَا، مَحبَتَ[23] مَچ[24] بَرنِ،
اُلفَتَ[25] عَزِيزِي[26] نَاهِ ڪَا، نَڪِي جَهنگ[27] هَلَنِ[28]،
اللهُ لَطِيفُ بِعِبَادِه يَرزُقُ مَن يَشَآءُ●، آيتَ ايءَ پَڙهَنِ،
سَنَاسِي سَهَڙَنِ[29]، گُرَ ڪي گَذِئَا ڪَاپَڙِي.

## ٣٠

يَبِيئُون# يَرڪَ[30] مَڪَانَ[31] ۾، هَلَنِ اُپَ[32] سَرا[33]،
سَامِي سَفَرِ[34] هَلِئَا[35]، ڪِنهن ذوراٽي ذِيهَا[36]،

---

°عربي الف ب جو اکر "ل" .١. هجرت ڪري، نقل مڪاني ڪري، ٢. تارڪ الدنيا فقير، سامي، سناسي، ڪاپڙي، ٣. آستانن، مڙهين، تڪين، ۴. رستو، گس، ۵. وچولي، درمياني، معتدل، ٦. منجولا، ڪتون، ٧. مهارا، (ٻردن ۽ پوشن سان) ڍڪيل ڪتون، پلنگ، سيڄون، ٨. چوپائي مال جا ڇيڻا يا ڦولهڙيون وغيره، ڳوبر، گند ڪچرو، خسيس شيءِ، ٩. سمجهن * ۽ ان جي خير (نيڪيءَ) ۽ شر (بديءَ) جو نهراءُ يا مقرري الله تعاليٰ ڪان آهي (عربي قول)، ١٠. اهڙن، ١١. اهڃاڻن سان، نشانين سان، پار پٽن سان، ١٢. سامي، ١٣. ڊچن، ڪنبن، فڪر يا ويچار ۾ رهن، ١۴. مرشد، خدا، ١۵. هلئا، > عربي الف ب جو اکر "الف"، ١٦. گروءَ يعني مرشد جي حڪم ۾ رهندڙ فرمانبردار فقيرن، ١٧. هميشہ، ١٨. درد، ڏک، عذاب، ١٩. هُرن، ڪُڪن، محسوس ٿين، ٢٠. اندر ۾، دل ۾، ٢١. تن ڪي، ٢٢. آديسين جي ٽولي، آديسين جي متي يا پنٿ، ٢٣. محبت جا، ٢۴. ٻاهيون، ٢۵. محبت، ٢٦. عزيزن جي، مائٽن جي، دنياوي لاڳاپن جي، ٢٧. جهنگ ڏانهن، ٻرپٽ يا رڻ ڏانهن، ٢٨. وڃن (لاڳاپا ختم ڪري) ● الله پنهنجي ٻندن يعني ٻانهن تي مهربان آهي جنهن کي چاهي (بي حساب) رزق ڏي (قرآن شريف جي سورت شوريٰ جي آيت ١٩)، ٢١. پهچن، رهن، آرام ڪن، ٣٠. يرڪ جي، گناهہ جي، # عربي الف ب جو اکر "ي"، ٣١. جاءِ، آستان، گهر، ٣٢. اُپي، سنئين، اوچي، ٣٣. سر سان، ڳاٽ سان، اُپ سرا = فخر سان، بي ڊپا، ٣۴. سفر تي، مسافريءَ تي، ٣۵. پراهين، ٣٦. ڏيهہ ڏي، ملڪ ڏي.

اُهَجَ[١] آندائُون اِهَڙا، جَنِ مَنجِهه نَاهي ڊاءُ[٢]،
فَاذڪُرواني اَذڪُرڪُم*، سَامِيَڙَنِ[٣] سَا[٤] راءِ[٥]،
جوڳِيَڙا وِئَا جَاءِ[٦]، گُرَڪي[٧] گڏِئا[٨] ڪَاپڙِي.

وائي

ڪِينَرڙِيُون[٩] چورِينِ، لوڪَ[١٠] سُتي[١١] ڪَاپڙِي[١٢]،
اُٿي آڌِيءَ رات جو، سُمَرڙِيُون[١٣] سورِينِ[١٤]،
لاهُوتِي[١٥] لطِيف چئي، اونڌي[١٦] ڪَنڌِ[١٧] اورِينِ[١٨].

Gul Hayat Institute

١. نشانيون، علامتون، پار پتا، ٢. ڊپ، خوف * پوءِ اوهين مونکي ياد ڪريو ءِ آئون اوهانکي ياد ڪريان (قرآن شريف جي سورت بقر جي آيت ١٥٢)، ٣. ساميڙن جي، ڪاپڙين جي، جوڳين جي، ٤. اهڙو، ٥. خيال، ٦. جاءِ ڏانهن، مڪان ڏانهن، ٧. مرشد، خدا، ٨. مليا، ٩. ڪينر، هڪ قسم جا وڄائڻ جا ساز، ١٠. وڄائين، ڇيڙين، ١١. لوڪ جي، عام ماڻهن جي، ١٢. سمهڻ يا ننڊ ۾ هجڻ جي مهل، ١٣. مالهائون، تسبيحون، ١٤. ڦيرائين، ١٥. لاهوت (عالم ذات الاهي، جهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿئي ٿو) جا ڄاڻو يا واقف، ١٦. هيٺ ڪيل، نمايل، جهڪايل، ١٧. ڪنڌ سان، مٿي سان، سر سان (اونڌي ڪنڌ = اونڌي ڪيل ڪنڌ جي حالت ۾، مراقبي ۾)، ١٨. (خدا جو) ذڪر ڪن.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرُ پُورَبُ

## داستان پهريون

١

ڪَرِي ڪَانگَ[1] ڪُرنِشُون[2]، پيرين[3] پِرِينءَ[4] پَئيجِ[5]،
آئُون جي[6] ڏِيِين[7] سَنِيهَڙا[8]، وِچِ مَ[9] وِسارِيج[10]،
لله[11] لَڳِ لَطِيفُ چَئي، ڳُجهو[12] ڳالهائيجِ،
چُئَان[13] تِيئَن چَئيجِ، تَه ڪِيانتا[14] خُوش هُئِين.

٢

اُڏُءُ[15] لَڳِ اَللهَ، وِيلو[16] ڪَرِ مَ وِچَ ۾،
آئُون جو ڏِيِين سَنِيهَڙو، سو سانڍِ[17] بَرابَرِ[18] ساهه[19]،
سَنڌِي[20] ڳُجهاندَرَ[21] ڳاهه[22]، ڪَهِجِ[23] مَ قَرِيبَنِ[24] ري[25].

٣

آءُ اُڏامِي ڪانگَڙا[26]، پارانِيان[27] پَچارِ[28]،
وِيهِي هِتِ وِصالَ جو[29]، تان ڪو تِرُ[30] تَنوارِ[31]،

---

١. اي ڪانگ (ڪاري رنگ جي پکيءَ جو هڪ قسم)، اي ڪانءَ، اي زاغ، اي غراب، اي ڏاڏا، ٢. منٿون، آزيون، نيزاريون، عاجزيون، سلام، آداب، تعظيمون، ٣. پيرن تي، قدمن تي، ٤. پرينءَ کي، محبوب کي، ٥. هٿ رکج (ادب يا نئڙت وچان)، ٦. جيڪي، ٧. توکي ڏيان، ٨. سنيها، پيغام، نياپا، ٩. واٽ ۾، يا رستي هلندي، ١٠. دل تان لاهج، ڀلجانءِ، ١١. الله جي واسطي، الله لڳ، الله ڪارڻ، ١٢. مخفي، اڪيلائيءَ ۾، نويڪلائيءَ ۾، ڳجهه ڳوهه ۾، ١٣. چوان، ١٤. اي ڪيانتا، اي محبوب ڪان يا محبوب ڏي پيغام آڻيندڙ يا نيندڙ، اي قاصد، ١٥. اڏام، ١٦. دير، ١٧. قابو ڪر، محفوظ ڪر، ١٨. هڪ جهڙو، صحيح، ٺيڪ، ١٩. ساهه سان، جان سان، دل سان، ٢٠. جي، ٢١. ڳجهه، ڀيد، انت، ٢٢. ڳالهه، ٢٣. چئج، ٻڌائج، سڻائج، ٢٤. دوستن، محبوب، ٢٥. ڪان سواءِ، ٢٦. اي ڪانگ، ٢٧. انهن (محبوبن) جا پارانيا يعني نياپا يا پيغام، ٢٨. ٻڌاءِ، ٢٩. ميلاپ يا گڏجاڻيءَ، ٣٠. تر جيترو، ٿورو، ذرو، ٣١. ٻڌاءِ، ٻولِ.

Gul Hayat Institute

جي[1] ڏِنَا[2] مِ ڏيسَارِ[3]، سي اُڏامي آئِ پِرين.

(۴)

پَارانيَانِ[4] پَچَارِ[5]، مَتي لامَ[6] لَطيفُ چَئي،
ڦيرِ[7] مَ فَضيلَتَ[8] تُون، جَا كُرَ[9] آنهِنجي[10] كَارِ[11]،
جي ڏِنَا مِ ڏيسَارِ، سي اُڏامي آئِ پِرين.

۵

وَهلُو[12] وانءُ وَرُ[13] وَرَئَا[14] پِرينَ، آءُ[15] كَانگا[16] وَڻِ[17] ويهُ[18]،
جَنِ ڏُورِ[19] چِتَايُو[20] ڏيهُ[21]، سي اُڏامي آئِ پِرين.

۶

وَهلُو وانءُ وَرُ وَرَئَا پِرينَ، آءُ كَانگا لَنءُ[22] لاتِ[23]،
وِئَا جي قَلاتِ[24]، سي اُڏامي آئِ پِرين.

۷

كَانگَلَ[25] سيئي كُوٽِ[26]، پِرينِ جي پَرڏيهہ[27] وِئَا،
جَني رِءَ[28] جِهَانَ[29] مِ، اكَڙِين[30] اَروٽِ[31]،
لِلهِ[32] لَگِ لطيفُ چَئي، كِجِ ڳَارانجهو[33] ڳوٺِ[34]،

۱. جيڪي پرين يا محبوب. ۲. توڏنا. ۳. ڏيساور. ڏوراهين ملڪ. پرديس. ۴. انهن جا پارانيا يعني نياپا. ۵. ٻڌاء. ۶. (وڻ جي) ٽاريءَ، شاخ. ۷. بدلاءِ. مٽاءِ. ڇڏ. ۸. وڏائي. بزرگي. چڱائي. خاصيت. گڻ. ۹. ڪُرَ جي. ڪٽنب جي. خاندان يا آکهہ جي. ۱۰. اوهان جي. ۱۱. عادت. پر. ريت. رسم. ساک. پت. ۱۲. جلد. تڪڙو. ۱۳. وڃ. ۱۴. موٽ. واپس ٿيءُ. ۱۵. آيا. ۱۶. اَچ. ۱۷. اي ڪانگا. اي ڪانگ (ڪاري رنگ جي پکيءَ جو هڪ قسم). اي زاغ. اي غراب. ۱۸. وڻ تي. ۱۹. پراهون. ۲۰. چت يعني دل ۾ رکئو. پسند ڪئو. وسايو (رهاڪو ٿيا). ۲۱. ملڪ. وطن. ۲۲. ٻولِ. ٻڌاء. ۲۳. ٻولي. ۲۴. قلات ڏانهن (قلات مان مراد ڏوراهون ملڪ يا ديس. قلات جو شهر ڪراچيءَ کان الهندي طرف بلوچستان صوبي ۾ آهي). ۲۵. اي ڪانگل. اي ڪانگ. ۲۶. سڏ. ۲۷. پرڏيهہ ڏانهن. پرديس ڏانهن. ۲۸. ڪان سواءِ. ۲۹. دنيا ۾. ۳۰. اکڙين ۾. نيڻن ۾. ۳۱. خشڪي (گهڻي روئڻ ڪري). ۳۲. الله جي لڳ يا ڪارڻ. ۳۳. شادمانو. خوشي. محفل. ۳۴. ڳوٺ ۾.

Gul Hayat Institute

جي ڏمرئا[1] ڪنهن ڏوٽ[2]، سي اُڏامي آڻ پرين.

## ٨

پرين[3] جي پرديس[4] ۾، تن جي ڪانگا[5] ڪر خبر[6]،
سڀ مڙاهئان[7] سون سين[8]، پڪي[9] تنهنجا پر[10]،
گهمي[11] متان گهر[12]، ڏج پارانيا[13] پرينءَ کي.

## ٩

اُڏر[14] ڪانگا آءُ[15] وڻ[16] ويهه، سُڏيون ڏي ساٽيهه[17] جون،
چڱا ڀلا[18] مون[19] پرين، ڪِ[20] سُک[21] وسي ساٽيهه[22]،
پرين[23] لَيءِ[24] پرڏيهه، مون تان گهٽو نهارئو[25].

## ١٠

ڪرڪٽئو[26] ڪانگ[27] لنئي[28]، منيءَ[29] تي مضبوط[30]،
آٽئو ڏي آتڻ ۾[31] سنيها ثابوت[32]،
ڪانگل[33] اَتُون[34] قوت[35]، پيغام پرين جا.

Gul Hayat Institute

## ١١

متان منهن منهنجي، ڪنهن[36] اُڏايو[37] ڪانءُ،

١. ڪاوڙئا، رنج ٿئا، ناراض ٿئا، ٢. ڏوٽ جي سبب، ڏک يا ميار جي سبب، ڪاوڙ يا غصي جي سبب، ٣. محبوب، ۴. پرڏيهہ، ڏوراهين ملڪ. ٥. اي ڪانگا، اي ڪانگ (ڪانگ ڪاري رنگ جي پکيءَ جو هڪ قسم آهي)، اي ڪانءَ، اي زاغ، اي غراب، ٦. سُڌ، احوال، ڳالهہ، ٧. جڙايان، ٺقيان، سينگاريان، ٨. پيلي رنگ جي قيمتي ڌاتوءَ (جنهن مان زيور وغيره ٺهندا آهن)، ٩. اي پکي (ڪانگ ڏانهن اشارو)، ١٠. پک، کنبَ، ١١. ڦري، ڦيرا ڏيئي چڪر يا لامارو ڏيئي، ١٢. (محبوب جي) مڪان، جاءِ، ١٣. پيغام، نياپا، سنيها، ١۴. اڏام، ١٥. اچ، ١٦. وڻ تي، ١٧. وطن (محبوب جي)، ١٨. چڱا ڀلا = بلڪل خوش، چاق، تندرست، صحتمند، نيڪ ٺاڪ، ١٩. منهنجا، ٢٠. ڪي ڪجهہ، ٢١. سک سان، آسودگيءَ سان، ٢٢. آباد، سرسبز، سائو، خوشحال، ٢٣. پرين جي، محبوبن جي، ٢۴. واسطي، ٢٥. ووڙئو، ڏورئو، جهاڳئو، لتاڙئو، ٢٦. ڪنڌ، ڳچي، ڳاٽ، ٢٧. مٿي ڪرئو، ٢٨. ٻولي يعني ڪان ڪان جو آواز ڪري، ٢٩. گهر جي اڱڻ ۾ چوپائي مال جهڙوڪ مينهين يا ڍڳين کي ٻڌڻ لاءِ ڪوڙيل ڪاٺ جي ٽوٽيءَ يا ٿنييءَ، ٣٠. پڪو، پختو، قابو، چڱي طرح ويٺل، ٣١. جاءِ جتي زالون سُٽَ، يا ڪپهہ ڪتينديون آهن، گهر جي اڱڻ يا پڌرَ، ٣٢. صحيح صحيح، سمورا، پورا، پڪا پختا، ٣٣. اي ڪانگل، ٣۴. اسان کي يا مون کي آهي، ٣٥. ڪاڌو، خوراڪَ، خورش، توڻ، توشو، ٣٦. ڪڪائين ڇپر يا گهر، ڀوني، جهوپڙي، ٣٧. اُٺاريو، ڀڄايو.

ڳِنهِي آيو ڳالهڙي، سَندي سُپيرِيَان،
جيڏِيُون جاڙَ ڪِيانءِ، سومِ هُوند سَنيهڙو.

## ۱۲

اُپِي اڱڻَ جهلَ، ڪانگَ اُڏائي ڪامڻي،
آيُسِ جان اوچتو، اُنهِين ماڳِ مهلَ،
سُورنِ وِڌس سلَ، ڪانگَن ڪُني ڪامڻي.

## ۱۳

ڪِي جو زاغَ زبانَ سين، لَنيو منتي لامَ،
پَهچايائِين پِرينءَ جا، سَرتيُون رات سَلامَ،
ڪاڪِيُون ڪَني ڪامَ، تہ ڪَهِيو سُٽِيَان ڪانگَ جو.

## ۱۴

ڏائو چَڙهِئو ڏارَ تي، زاغُ ڪَري زارِيُون،
آڻئو آنڻ وِچ مِر، ڏي سَنيها سَارِيُون،
مَاتِ ڪَرِئو مارِيُون، تہ ڪَهِيو سُٽِيَان ڪانگَ جو.

---

۱. ڪٽي، ونِي. ۲. نيائو، پيغام. ۳. جي. ۴. سپيرين، پرين، محبوبن. ۵. اي جيڏيون، اي سهيليون. ٦. ظلم. ۷. اوهان ڪئو. (منهنجي منهن تان ڪانءُ) اڏائي اوهان ظلم ڪئو). ۸. آئون سٽان ها، آئون ٻڌان ها. ۹. جيڪر. ۱۰. سنيهو، پيغام. ۱۱. بيٺي. ۱۲. گهر جي ٻڌر يا احاطي. ۱۳. تي، وٽ، ويجهو، ٻر ۾. ۱۴. ڪانگ کي، ڪاري رنگ جي پکيءَ جو هڪ قسم. ۱۵. اُڏاري پرواز ڪرائي. (محبوب ڏي) روانو ڪري يا موڪلي. ۱٦. (خوبصورت يا سهڻي) عورت. ۱۷. ان (عورت) وٽ آيو. ۱۸. جيئن ئي. ۱۹. اچانڪ. ۲۰. ماڳ تان. جاءِ تان. ۲۱. ويل، وقت (انهين ماڳ مهل = هڪدم، بنان دير). ۲۲. ڏکن، عذابن، تڪليفن. ۲۳. ان (عورت) کي وڌا. ۲۴. سوراخ. ٿنگ. ۲۵. ڪانگن. ۲٦. ماري، تباهہ يا برباد ڪئي. ۲۷. ڪجهہ. ۲۸. ڪانگ، ڪانءُ. ۲۹. ٻولئو. (ڪان ڪان جو) آواز ڪئو. ۳۰. تي. ۳۱. (وڻ جي) ٽاريءَ يا شاخ. ۳۲. رسايائين. ۳۳. اي سرتيون، اي جيڏيون. ۳۴. نياز، آداب، نمسڪار، پرنام. ۳۵. اي ڪاڪيون، اي اديون، اي سرتيون. ۳٦. ڪپهہ کي ارٽ يا چرخي جي وسيلي وڪڙ ڏيئي سٽ يا ڌاڳا ٺاهي. ۳۷. ڪابہ هڪڙي نہ. ۳۸. جيڪي ڪهي ٿو، نيائو، ڳالهہ، پيغام، سنيهو. ۳۹. ٻڌان. ۴۰. ڪانءُ، زاغ. ۴۱. وڻ جي ٽار يعني ٿلهيءَ ٽاريءَ. ۴۲. دانهون، ورلاپ، عاجزيون. ۴۳. جاءِ جتي زالون ارٽ يعني چرخي جي وسيلي ڪپهہ مان سٽ يا ڌاڳا ٺاهينديون آهن. گهر جي اڱڻ. ۴۴. سارئو، سنڀالئو. ۴۵. جپ. صبر. ۴٦. اي ماريون، اي مصيبت جون ماريل. اي نياڳيون (سرتيون).

Gul Hayat Institute

## ١٥

ذائي[1] چَڙهي ذارَ[2] تي، ڪا جا لاتِ[3] لَتي[4]،
آتڻَ[5] مَنجهه اَندوهُه[6] ٿئو، سَگهي ڪانه ڪَتي،
ويڙهي[7] مَنجهه وَتي[8]، ڪِي[9] جو ڪانگَ ڪَمايو[10].

## ١٦

ذائي چَڙهي ذارَ تي، ڪِي جو ڪانگَ ڪَهيو،
سُوريتيءَ[11] سُورِ[12] پَئي، پَهو[13] پَٽِ[14] هَنيو[15]،
ڪامي[16] اَرتُ[17] ڪَنيو[18]، وبچاريءَ[19] وِرُونهَن[20] مان.

## ١٧

آنديون ڪانگ قَريبَ[21] جُون، اَجُ واذايُون[22] واهَه[23]،
مَن[24] مُرادُون[25] پُنيون، ٿيون[26] سَرهايُون[27] ساهَه[28]،
آندا پِريِن[29] الله، سَڌَ[30] مُنهنجا ساب[31] پئا.

## ١٨

ڪانگل[32] قَريبن جا، ذي واذائيءَ[33] ويڻَ[34]،
ذنا سُون ذينهِن گهٽين[35]، ڪَنهِن[36] سَبَبان[37] سيڻَ[38]،

---

١. ڪانگ، ڪانءَ، ڪانگل (ڪانگ ڪاري رنگ جي پکيءَ جو هڪ قسم آهي)، ٢. وڻ جي ٽار يعني ٿلهيءَ ٽاريءَ، ٣. پولي، آواز، ۴. لَنئي، بولي. ٥. گهر جي اڱڻ. ٦. پريشاني، فڪر، ڏک، ٧. گهر، گهر جي اڱڻ يا پڌر، ٨. هلي، گهمي ڦري، ٽيلارا ڪري، ٩. ڪجهه، ١٠. پڌايو، ڇيو، ڪهيو، پيغام ڏنو، ١١. دردن يا ڏکن يا مصيبتن جي ماريل، ١٢. سور ۾، ڏک ۾، ١٣. ڪپهه جو مچو (جيڪو سوريتيءَ سٽ ڪتڻ لاءِ هٿ ۾ ڪنيو هو)، ١۴. پٽ تي، زمين تي، ١٥. اڇلئو يا ڦٽو ڪئو، ١٦. جلي، سڙي، پچي، ١٧. چرخو، ائٽ، ١٨. آتڻ کان ٻاهر ڪيو، ١٩. نماڻي، بي وس، لاچار عورت، ١٠. ورونهن يعني ڪچهري يا رهاڻ واريءَ جاءِ، آتڻ، ٢١. محبوب، قرب واري، ٢٢. خوشخبريون، ٢٣. خوب، ات، عمديون، ٢۴. من جون، دل جون، ٢٥. مدعائون، مطالب، آسون، اميدون، ٢٦. پوريون ٿيون، سڌ ٿيون، حاصل ٿيون، ٢٧. خوشيون، ٢٨. ساهه کي، دل کي، ٢٩. محبوب، دوست، ٣٠. سوال، عرض، التجائون، واڪا، رڙيون، ٣١. ساب پئا = بار آور ٿئا، ڪامياب ٿئا، سجايا ٿئا، ٣٢. اي ڪانگل، اي ڪانگ، ٣٣. واڌائيءَ جا، ٣۴. جواب، اهڃاڻ، ٣٥. ڏينهن گهٽين = گهٽڻ ڏينهن کان پوءِ، ٣٦. (خبر ناهي) ڪهڙي، ٣٧. سبب يعني ڪارڻ جي ڪري، ٣٨. سڄڻ، محبوب (گنج ۾ "ڪنهن سببان سيڻ" جي بجاءِ "هِتا نيرانا نيڻ" لکيل آهي).

Gul Hayat Institute

هُئا نيرانا[1] نيڻَ[2]، پَسِي[3] پِيءُ[4] پُرِ[5] ٿِئا.

## ۱۹

ڪانگل[6] قَرِبَنِ[7] جا، اَچي وائي[8] وَٽُ[9]،
تو ۾ بُوءِ[10] بَهارَ[11] جي، مُشڪَ[12] ڪَٿُوريءَ مَٽُ[13]،
اَچي عجيبَنِ[14] جو، اورانگهه[15] اڱڻُ[16]،
توکي پَسي تَنُ[17]، سُورنئون[18] صافُ[19] ٿِئو.

## ۲۰

سُورنئون صافُ ٿِئو، تَنُ پَسي توکي،
وَتين[20] تُون ويرڪڙا[21]، چانيُن[22] پِرِ[23] چوکي[24]،
ڏيلُ[25] چڏئو تو ڏوکي[26]، سَنيهو[27] سُٺائي[28] سَجَڻين[29].

## ۲۱

ڪَدي ڪانگا[30] تُون ڏيان[31]، هنيُون[32] سانُ هَٿَنِ،
وَڃي ڪاءُ وِلاتَ[33] ۾، اڱِيان[34] عجيبَنِ،
پِرين مان نـ[35] چون، نـ هِيئن[36] قُرباني ڪيرَ[37] ٿي.

---

۱. بنان ڪاڏي پيتي جي، (محبوب جي ديدارجا) ٻڪايل. ۲. اکيون (گنج ۾ "هئا نيرانا نيڻ" جي بجاءِ "سپاجها سيڻ" لکيل آهي)، ۳. ڏسي، ۴. محبوب، پرين. ۵. سَيرَ، ڀريل، چِڪارَ، پيٽ ڀاوَلَ. ۶. اي ڪانگل، اي ڪانگا، اي ڪانگ. ۷. محبوبن. ۸. (محبوبن لاءِ)، ڳالهه يا نياپو. ۹. وٽ (مون ڪان). ۱۰. خوشبوءِ، سڳند، سرهاڻ، هبڪار. ۱۱. بهار يعني بسنت جي موسم، وڻن جي ٻورَ يا گلن ڦٽڻ جي موسم. ۱۲. مشڪ جو، بنان سڱن واري هرڻ جي ڌُن مان نڪتل خوشبودار مادي جو، ڪٿوريءَ جو، خستوريءَ جو. ۱۳. چاليهن سيرن جي تور جو وزن، گهڻو انداز. ۱۴. محبوبن. ۱۵. لتاڙج، پير گهُمائج. ۱۶. گهر جو پڌر يا صحن، گهر. ۱۷. دل، من. ۱۸. سورن ڪان، ڏکن يا دردن ڪان، پيڙا ڪان. ۱۹. آجو، آزاد. ۲۰. هلين، گهمين، ڦرين، ٻٽڪين. ۲۱. غمگين، ملول، نماڻا، ڏکويل. ۲۲. (وڻ جي) ٽارين، شاخن. ۲۳. تي. ۲۴. ڇا جي ڪري، ڪهڙي سبب جي ڪري. ۲۵. بدن، سرير. ۲۶. ڏکوئي، ايذائي. ۲۷. پيغام، نياپو. ۲۸. ٻڌائي. ۲۹. سڄڻن جو، محبوبن جو. ۳۰. اي ڪانگا. ۳۱. توکي. ۳۲. دل. ۳۳. پرديس (محبوب جي ملڪ). ۳۴. سامهون، مهندان. ۳۵. مان نـ = شال. ۳۶. هن طرح، هن نموني. ۳۷. صدقو، ٻڪ، ٻَلَ.

Gul Hayat Institute

## ٢٢

اَچِئو اَچِئو پُوْنِ[١]، واڪَا[٢] ڪِئو وَٽَنِ مِ،
سَنيْهَا[٣] سيْڻَنِ[٤] جَا، چوٽيءَ[٥] چَڙهِئو چُوْنِ[٦]،
ڪانْگَ[٧] نَہ ڪوڙا[٨] هُوْنِ[٩]، پِرِيَانْ[١٠] سَنْدي[١١] پَارَ[١٢] جَا.

## ٢٣

ڪَانْگُلُ[١٣] نَہ ڪُوڙو، جو ڪُڏِ[١٤] چَڙهِئو ڏي خَبَرُوْنِ[١٥]،
اَچِي وَچِي وِچَ مِ، مَتي[١٦] دَرَ[١٧] دُوڙو[١٨]،
جو اَنْدرِ[١٩] اوسِيڙو[٢٠]، سو لاٿائِين لطيف[رح] چئي.

## ٢٤

ڪَانْگَلَ[٢١] ڪوهُہ[٢٢] تَنئوءِ[٢٣]، پِيو آهِين پَٽَ[٢٤] مِ،
اڳِي اُسَ[٢٥] تَڙڪو[٢٦] نَہ سَهِين[٢٧]، اَڄُ سَارو[٢٨] ڏِينهُن سَنوءِ[٢٩]،
پَسِي[٣٠] حَالُ[٣١] سَندوءِ[٣٢]، ڪَانگِنِ ڪانگيرو[٣٣] ڪِئو.

## ٢٥

هُئِين وَسِيلو[٣٤] وِچَ مِ، ڪَانْگَا[٣٥] پَارِئي[٣٦] ڪَانَ،
اُتَئِي[٣٧] ڪِينَ عَجِيبَ[٣٨] ڪي، ظَاهِرُ[٣٩] سَاڻُ زبَانَ،

Gul Hayat Institute

---

١. پوَنِ. ٢. دانهون، ڪان ڪان جا آواز. ٣. نياپا، پيغام. ۴. سڄڻن، محبوبن. ٥. چوٽيءَ تي، (وڻ جي) مٿاهين حصي تي. ٦. چون، ٻڌائين ٧. واحد ڪانگ، ڪاري رنگ جي پکيءَ جو هڪ قسم، ڪانءُ، زاغ، غراب. ٨. ڪوڙا، جُونا، دغاباز، ڪُساڪي. ٩. ٿين. ١٠. پرينءَ، محبوبَ. ١١. جي. ١٢.طرف، پاسي. ١٣. ڪانگَ. ١۴. ڪُڏ تي، گهر جي ڇت تي. ١٥. سُڏيون، حال احوال. ١٦. تي، وٽ. ١٧. دروازي (گهر جي). ١٨. قاصد، پانڌي، پيغام آڻيندڙ نيندڙ. ١٩. اندر ۾، دل ۾. ٢٠. اوڻ، اُڏڪو، انتظار. ٢١. اي ڪانگل. ٢٢. ڇا. ٢٣. توکي ٿئو آهي. ٢۴. زمين، ميدان، ٻڊر. ٢٥. اُس جو، سج جي ايرڻ جي روشنيءَ يا ڏيپَ جو. ٢٦. گرمي، تابش، تپش، ڪاڙهو. ٢٧. برداشت ڪرين. ٢٨. سڄو. ٢٩. تو سَٺو يا برداشت ڪيو آهي. ٣٠. ڏسي. ٣١. حالت، ماجرا. ٣٢. تنهنجو. ٣٣. گهڻن ڪانگن جو شور يا هُل (جيڪو ڪانگَ سندن آڪيرن جي پرسان ڪنهن ماڻهوءَ جي لنگهڻ وقت يا ڪنهن ڪانگ کي مرندو ڏسي ڪندا آهن). ٣۴. (نياپن آڻڻ نيڻ جو) ذريعو. ٣٥. اي ڪانگا، اي ڪانگ. ٣٦. تو پاري، تو نباهي (توڙ تائين). ٣٧. تو اُتو، تو چيو يا ٻڌايو. ٣٨. محبوب. ٣٩. کُليو کُلايو، چٽو، صاف.

تُوڙِ[1] پُهتين[2] تَان[3] نَه، اوربَائين آئيو ڏِيين*.

## ۲۶

كَانگَ[4] تُنهِنجِيءَ چَانگَ[5]، جَڏو[6] جِيءُ[7] جِيَارئُو[8]،
مَتَان[9] لامَ[10] لَتَ[11] ڏِئو، ٻولِيين[12] سِرِ[13] ٻيلانگَ[14]،
اُڏءُ[15] مَتَان[16] ڦَانگَ[17]، كَرَ[18] جَاوَنِ[19] آوَنِ[20] پِرِين.

## ۲۷

كَانگَ نِيئِي كَانگَ[21]، مُنهِنجِي ڏِي مَحبُوبَ كِي[22]،
لالَڻَ[23] لايئِي[24] ڏِينهَڙا، كِنهِن سَنَاٽي[25] سَانگَ[26]،
اَوَهَان رِءَ[27] اَڙانگَ[28]، وِيٺِي وِرهَ[29] وَسَايان.

## ۲۸

آءُ[30] كَانگا تو[31] ڏِيَان، چِٺِي[32] چورائي[33]،
سَا وَجِي ڏي مَحبُوبَ كِي، لوكَان[34] لِكَائِي[35]،
پِرِين پَڙهَائِي[36]، مَان[37] نَه سُڌِ[38] لَهَنِ[39] سُورَ جِي[40].

## ۲۹

آءُ كَانگا ٻَهُه[41] كولِ، سُڌِيُون[42] ڏِي سَاٿِيهَه[43] جُون،

Gul Hayat Institute

---

۱. توڙ تائين، پڄاڙيءَ تائين، منزل مقصود يعني محبوب تائين. ۲. رسيين. ۳. اصل * ويجهي يا نزديڪ پنڌ تان واپس ٿئو اچئو ڪوڙيون خبرون ٻڌائين. ۴.اي ڪانگ، اي ڪانءَ (ڪانگ ڪاري رنگ ۽ پکيءَ جو هڪ قسم آهي). ۵. چانگارَ، ٻوليءَ. ٦. بيمار، ڪمزور، هيٺو. ۷. جان، جسم، سرير. ۸. چڱو ڀلو يا تندرست ڪئو، سگهو ڪئو. ۹. تي. ۱۰. وڻ جي ٽاريءَ يا شاخ. ۱۱. چنگهه، ڦنگ، پيرَ. ۱۲. تون ٻولي يا آواز ڪرين. ۱۳. تي. ۱۴. ٻيلنگ ٻن شاخن يا انگهن واري زمين ۾ کوڙيل ڪاٺي يا ٿوٽي. ۱۵. اڏامر، پرواز ڪر. ۱٦. تان. ۱۷. سڪل ٽاري (وڻ جي). ۱۸. دشمن، رقيب. ۱۹. وڃن. ۲۰. اچن. ۲۱. ڪٿي وڃي. ۲۲. چٺي، ڪتابت، خط، نياپو. ۲۳. اي لالڻ، اي محبوب. ۲۴. تو لايا، تو لاتا. تو (پرديس ۾) گذاريا. ۲۵. تمام ضروري. ۲٦. سانگ سان، ڪم سان، سبب سان. ۲۷. ڪان سواءِ. ۲۸. اڙانگي، ڏکي، تڪليف ۾. ۲۹. ورهه جا (مينهن)، جدائيءَ يا وڇوڙي جا (مينهن). ۳۰. اچ. ۳۱. ڪانگ. ۳۲. توکي. ۳۳. لڪ ڇپ ۾، ڳجهه ڳوهه ۾. ۳۴. لوڪ کان. (عام) ماڻهو کان. ۳۵. ڇپائي. ۳٦. اپياس ڪرائي، ملاحظو ڪرائي. ۳۷. مان نه = شال. ۳۸. خبر. ۳۹. وٺن، معلوم ڪن. ۴۰. (منهنجي) درد. ۴۱. ويهه. ۴۲. (مون سان) گڏ. ۴۳. (محبوب جي) وطن يا ديس.

جي آنديُءِ عجيبن جا، سي خطَ خوشيءَ مان کولِ،
آئون سُڃاڻان ٿون ٻولِ، سنيهو سڄڻَ جو.

(٣٠)

ڪانگا ڪتابت جي، آنديئي خُوبُ خبر،
لَس تنهن ۾ لکئا، دلاسا دلبر،
هينئڙو مُون هر هر، واچِئو واچِئو وندري.

(٣١)

زاغَ تُنهنجي ذات جو، ٿورو مٿي مُون،
اُڏامِ عبدالطيف چئي، صُبحِ سيڻن ڏونهُون،
ڪري وينتيُون وتريُون، ٻاجهائِج ٻهُون،
”لالڻ ڪونہ لهُون، جهڙو تو جهان ۾“.

٣٢

قريبن جو ڪانگڙو، مٿي ٿارَ تلي،
ڪٹئو ڪيانئو خبرُون، ڪيرُون ڏئو ڪلي،
لائي جنهن لالڻَ سان، مُنهنجي بات ٻلي،

١. جيڪي، ٢. تو آندا آهن، ٣. محبوبن، سڄڻن، سيڻن، ٤. چٺيون، ڪتابتون، ٥. ٻڌان، ٦. چوَ، ٧. نياپو، پيغام، ٨. اي ڪانگا، اي ڪانءَ، اي زاغ، ٩. تو آندي، ١٠. سٺي، عمدي، ١١. سُڌ، ١٢. گهڻا، بي شمار، اڪيچار، ١٣. آسرا، ڏڍَ، ١٤.محبوبَ، ١٥. دل، من، هِنيون، ١٦. منهنجو، ١٧. هر هر = وري وري، ١٨. پڙهئو، ١٩. راضي ٿئي، خوش ٿئي، ٢٠. آڪهہ، خاندان، ڪٽنب، ڪڙم، قبيلي، قوم، ٢١. احسان، ٢٢. تي، ٢٣. صبوح جي مهل، سوير، ٢٤. ڏانهن، ڏي، ٢٥. عرض، سوال، منٿون، آزيون، نيزاريون، ٢٦. ڪهٽيون، ٢٧. ليلائج، منٿون يا زاريون ڪج، ٢٨. گهڻو، جهجهو، زيادهہ، ٢٩. اي لالڻ، اي محبوب، ٣٠. ڏسون، اسان کي سُجهي يا ملي، ٣١. برابر، مَٿُ، ٣٢. تنهنجو، ٣٣. دنيا، پرٿوي، ٣٤. محبوبن، ٣٥. ڪانگ، ٣٦. (وڻ جي) ڏار، ٿلهيءَ ٽاريءَ، ٣٧. ٽپ ڏي، ناز نخري سان هلي، ٣٨. نياپا آٹيندڙ نيندڙ، ڪانءُ، ٣٩. مبارڪون، واڌايون، ٤٠. لڳائي، پهچائي، ٤١. ڳالهہ، نياپو، ٤٢. ذمي، حوالي.

Gul Hayat Institute

سو ورُ چشمن تي چلي، جو دربارِي دوس جو.

## ٣٣

ڪانگل قاصد پرين جا، اگڻ آئيو تل،
بيآئيد بنشينيد، محب مون کي مل،
زاغ گفت فهميدم، خوشحال وينو ڪل،
غراب نہ غافل، جنهن تنا تُنڪا لايا.

## ٣٤

رءَ پرين پرديس ۾، ورهه وڏي ڪئي وير،
اکين پار پرين جي، سارو ڏينهن سُڪير،
پانڌي پرور مير، ڪيئن جون ڏيندم خبرون.

## ٣٥

رءَ پرين پرديس ۾، ورهه وڏي ڪئي وس،
اکيون پار پرين جي، گام نهارين گس،
ڏيندا پانڌي ڏس، ڪيئن جون آٽي خبرون.

Gul Hayat Institute

---

١. مڙ، ڀلي، بهتر. ٢. اکين. ٣. مٿان. ۴. هلي. ٥. درباري، دربار ۾ ايندڙ ويندڙ، ڪچهريءَ يا مجلس ۾ وهندڙ، حاضري ڀريندڙ، مقرب، ٦. دوست، محبوب. ٧. اي ڪانگ، اي ڪانگل، اي ڪانگ (ڪاري رنگ جي پکيءَ جو هڪ قسم، اي ڪانءَ. ٨. اي قاصد، اي نياپا آڻيندڙ نيندڙ، اي ناڻدي. ٩. محبوبن. ١٠. اگڻ تي، گهر جي ٻڌر يا صحن تي. ١١. اچئو. ١٢. ناز نخري سان هل. ١٣. اچو. ١۴. ويهو. ١٥. اي محب، اي محبوب. ١٦. گڏج. ١٧. ڪانگ. ١٨. چيو. ١٩. مون سمجهئو. ٢٠. سرهو، آسودو، سُکئو. ٢١. ڪانگ. ٢٢. ويسلو، بي پرواهہ، بي ڌيان. ٢٣. بنهہ نہ، اصل نہ. ٢۴. مهڻا، طعنا. ٢٥. ڪان سواءِ. ٢٦. پرينءَ، محبوب. ٢٧. پرڏيهہ، ڌارئين ملڪ، غير ملڪ. ٢٨. برهہ، وڇوڙي يعني جدائيءَ جي ڏک. ٢٩. ايري، اسري، زيادهہ تي. ٣٠. ڪئي. ٣١. اٿل، ٻوڏ طغياني، زيادتي. ٣٢. اکين کي، چشمن کي. ٣٣. پار ڏي، طرف ڏي. ٣۴. سڪ، انتظار. ٣٥. پالتهار، پرورش ڪندڙ، پالنا ڪندڙ، سنڀال ڪندڙ. ٣٦. ميرَ جا، امير جا، سردار جا. ٣٧. خيرعافيت، سک سلامتيءَ. ٣٨. مونکي ڏيندا. ٣٩. سڏيون، حال احوال. ۴٠. وسڪارو. ۴١. گام جا، ڳوٺ جا. ۴٢. ڏسن، ڳولين. ۴٣. رستا، واٽون، راهون. ۴۴. ٻَنا، اُهڃاڻ.

## ٣٦

كَانگُ[١] قَاصِدُ[٢] كِيئَن[٣]، جو سَدا[٤] ڏُونڊي[٥] ڏُونڊَ[٦] كي،
پِهرِين[٧] كَري پيٽَ[٨] جِي، پوءِ وَجِي[٩] سَيَڻن سِيئَن[١٠]،
حَالُ[١١] جَنهِن جو هِينئَن[١٢]، سو نِيَاپَا[١٣] نِيئِي[١٤] رَهئو؟

## ٣٧

كَانگُ مَ قَاصِدُ كَرِ، جو سَدا ڏُونڊي ڏونڊَ كي،
كِ[١٥] كَندو پَنهِنجي پيٽَ جِي، كِ وِيندو دوسَتَن[١٦] دَرِ[١٧]،
جَنهِن جي ٻولِيائي[١٨] بَربَر[١٩]، سو نِيَاپَا نِيئِي رَهئو؟

## ٣٨

كُتو جي[٢٠] كَانءُ، پِرِيَان[٢١] سَندي[٢٢] پَارَ[٢٣] جو،
اُنهِين مَتَان[٢٤] آنءُ[٢٥]، كوڙِ[٢٦] پِيرا[٢٧] قُربَانُ[٢٨] تِئَان.

## ٣٩

كَا كَا[٢٩] كَمُ[٣٠] اُبَهرو[٣١]، آرَسُ[٣٢] كَرِ مَ ايئَن،
جَاگُ[٣٣] پَرِنَہ زورِ پَؤ[٣٤]، وَانءَ[٣٥] وَهلو[٣٦] وَسِيئَن[٣٧] سِيئَن،
سَنيهڙا[٣٨] سَيدُ چَئي، چَئِج[٣٩] چَيم[٤٠] جِيئَن[٤١]،

---

١. كاري رنگ جي پکيءَ جو هڪ قسم، كانءُ، زاغ. ٢. نياپا آڻيندڙ، پانڌي. ٣. كهڙيءَ طرح (تيندو). ٤. سدائين، هميشہ. ٥. ڳولي، نهاري. ٦. مردار، مري ويل ساهواري. ٧. اول. ٨. بدن جي هڪ حصي جنهن ۾ آنڊا اوجهري وغيره آهن. شكم، كاڌي. ٩. سڄڻن، محبوبن. ١٠. تائين، ڏانهن. ١١. حالت، گت، عادت. ١٢. هن طرح، هن نموني. ١٣. پيغام، سنيها. ١٤. كٿي وڃي. ١٥. ڇا. ١٦. دوستن جي، پرين جي. ١٧. در تي، (گهر جي) دروازي تي. ١٨. ٻولي ئي، لات ئي. ١٩. هي هي، هاءِ گهوڙا، واويلا. ٢٠. يا. ٢١. پرينءَ، دوست، محبوب. ٢٢. جي. ٢٣. طرف. ٢٤. تان. ٢٥. آئون. ٢٦. كروڙ. ٢٧. دفعا، گهمرا. ٢٨. صدقو. ٢٩. اي كان كان جي ٻولي كندڙ، اي كانءَ. ٣٠. حاجَ، معاملو. ٣١. تكڙو يا ضروري يا اهم (آهي). ٣٢. سُستي. ٣٣. هوشيار ٿيءُ، خبردار ٿيءُ. ٣٤. زورِ پَؤ= سِگهو يا جلد ٿيءُ. ٣٥. وڃ. ٣٦. تكو، تيز. ٣٧. وسنديءَ يعني محبوب جي رهائش. ٣٨. سنيها، پيغام. ٣٩. ٻڌائج، سڻائج. ٤٠. مون چيا يا ٻڌايا. ٤١. جهڙيءَ طرح.

Gul Hayat Institute

تُون پَڻ آڇِ تِيئَن، جِيئَن ڪَرِنِ[1] خَبَرَ[2] نَہ پَئي.

وائي

ڪَئُنَا[3] ڪَانَ[4] ڪَندا، وِهَاڻيءَ[5] وَٽَن ۾،

مُون ڏِٺَا مُون[6] وِسَهُو،[7] اڳِي[8] پِيڇِي[9] اَنڌا،[10]

اَچِي عَدالَتَ[11] ۾، وِيهِي وَٽِ[12] وَجَهندا،

حَلالُ[13] ڇَڏِي هَتَهِين، مَٿي[14] ڏُونڊَ[15] ڏِرَندا،[16]

قَتَلَ[17] قَيَارِنِ[18] تي، اورئائين[19] اڙَندا،[20]

سَنگُ[21] جَيڏاهين[22] سُرَهو،[23] تيڏاهن[24] نَہ تَرسَندا،[25]

هَنڌ[26] هِدايَتَ[27] جي، اُستَخان[28] آڻيندا،

چَمڙَن[29] جهڙا[30] چُهنبَ[31] وِڍِيَا[32]، هُماءَ[33] سين نَہ هَلَندا،

طَالعَ[34] طَائُوسَنِ[35] جا، پَسئو زاغ جَلَندا،[36]

هُدهُد[37] پاسي[38] هَنجَڙا،[39] وِينَائي وِهَسَندا،[40]

ڪُوڙا[41] ڪِرفتيءَ[42] تي، سَتُون[43] ڏَئو سَرَندا،[44]

حَدَ[45] لَنگهئائُون حَقَ[46] جي، پِنهي پِيرَ[47] پَجهَندا،[48]

پِرَ جي پاڙبَسَرَنِ سين، چُٽُو تان نَہ چُٽَندا.

Gul Hayat Institute

---

١. ڪرن کي، دشمنن کي، حاسدن کي، رقيبن کي. ٢. سُڌ. ٣. ڪانءَ، ڪانگ، زاغ. ۴. ٺان ٺان (ڪانگ جي بولي). ۵. وهاڻيءَ جو، بوئين رات جو، پرڀات يا پرهہ ڦٽيءَ جو. ٦. مون تي. ٧. اعتبار ڪريو. ٨. اڳيان. ٩. پنيان، پويان. ١٠. نابين، ڪور. ١١. انصاف جي گهر، نياءَ جي گهر، ڪورٽ، دربار، ديوان خاني. ١٢. پکيءَ جو ٺورو يا پائخانو. ١٣. شرعي، نموني يعني تڪبير پڙهڻ سان ڪُٺل جانور. ١۴. تي. ١۵. مردار، مُئل جانور. ١٦. اڏامي ايندا، هيٺ لهندا. ١٧. خراب، ڪريل، ردي، نڪما. ١٨. ننڍين مڇين. ١٩. منزل مقصود کي پهچڻ کان اڳ، وچ ۾، گس ۾، توڙ پهچڻ کان اڳ. ٢٠. ڦاسندا، رُڪجي ويندا. ٢١. ناتو، رشتو، واسطو، دوستي. ٢٢. جنهن هنڌ يا جاءِ تي. ٢٣. سٺو، موچارو، وٽندڙ. ٢۴. تنهن جاءِ يا هنڌ تي. ٢۵. رُڪبا، ٽڪندا، رهندا، بيهندا. ٢٦. هنڌ تي، جاءِ تي. ٢٧. رهنمائيءَ، رهبريءَ، اڳواڻيءَ، نصيحت. ٢٨. هڏا (بنان گوشت جي). ٢٩. هڪ قسم جي پکين (جيڪي ڏينهن جو سج جي روشنيءَ ڪري اکين کان ڪونہ ڏسندا آهن ۽ ڦتل جاين ۽ گهرن ۾ لڪا پيا هوندا آهن پر سج لهڻ کانپوءِ ٻاهر نڪري پئا اڏامندا آهن). ٣٠. وانگر. ٣١. پکيءَ جي وات وارو نوڪدار حصو، چهنج، منقار. ٣٢. وڍيل، ڪٽيل. ٣٣. هڪ خيالي پکي جنهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ جنهن ماڻهوءَ مٿان اڏامي لنگهي اهو بادشاهہ بڻندو. ٣۴. ڀاڳ، نصيب. ٣۵. مورن (پکين جو هڪ قسم جن جا کنڀ سهڻا هوندا آهن). ٣٦. سڙندا، ڪامندا. ٣٧. پکيءَ جو هڪ قسم جيڪو حضرت سليمان جو قاصد هو. ٣٨. وٽ. ٣٩. هنج، هنس (پاڻيءَ جا سهڻا پکي). ۴٠. خوش ٿيندا. ۴١. کوٽا، جوٺا، دغاباز. ۴٢. گندگيءَ. ۴٣. جلهون يا حملا ڪرئو، زور سان اڏامئو. ۴۴. رڙهندا. ۴۵. سَنڌو، ڏنگ. ۴٦. سچ، انصاف. ۴٧. پيرن سان. ۴٨. ڦاسندا (ڪوڙ جي ڄارڻ ۾).

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرُ پُورَبُ

## داستان ٻيو

۱

پُورَبَ[1] مَارِياسِ[2]، ڪَنهِن دَرِ[3] ڏِيَان[4] دانهَڙِي[5]،
مَتِيَون[6] ڏِيندي لوڪَ[7] کي، چَرِي[8] پاڻَ[9] ٿِياسِ[10]،
جَنِي نَہ جيهِياسِ[11]، مَان[12] لَنءُ[13] لَڳِي تَنِ سين.

۲

پُورَبَ ۾ وِئا پيهِي[14]، تان مُون گَهٽُون نِهارِئا[15]،
سُڌِ[16] نَہ مُڪِي[17] سَجَڻين[18]، جيهِي نَہ تيهِي[19]،
هُئا پَرڏيهِي[20]، وَجائي[21] واٽَ ٿِئا[22].

۳

پُورَبَ[23] پُورِئائُون[24]، مَتي[25] راهَ[26] رَوان ٿِئا[27]،
هِي گَهرَ[28] گَهورِئائُون[29]، اَڳاندِئائُون[30] اڳِيان[31].

Gul Hayat Institute

---

۱. پورب جي ديس، اپرندي واري ديس يا وطن، روحاني ديس (هندستان جي اتر پرديش رياست جي ڪانپور کان بهار تائين علائقي کي پورب چوندا آهن جنهن ۾ هندو جوڳي فقيرن جون زيارت گاهون يعني تيرٿ (پوتر آستان) آهن جهڙوڪ بنارس، گيا، ڪاشي، هردوار، دئارڪا)، ۲. مونکي ماريو يعني بي حال ڪئو آهي، ۳. ڪهڙي ماڻهوءَ جي، ۴. در تي، ۵. فرياد، شڪايت، ٦. صلاحون، نصيحتون، ۷. عام ماڻهن، ۸. پاڳل، ديواني، ۹. آئون خود، ۱۰. ٿي آهيان، ۱۱. جهڙي، مٽ، برابر، ۱۲. منهنجي، ۱۳. محبت، پيار، ۱۴. گِهڙي، داخل ٿي، اندر وجي، ۱۵. ڳولئا، ۱٦. خبر، حال احوال، ۱۷. موڪلي، ۱۸. محبوبن، ۱۹. جيهي تيهي = جهڙي تهڙي، ڪنهن بہ قسم جي، خسيس، معمولي ۲۰. پرڏيهہ جي رهڻ وارا، پرديسي، مسافر، ۲۱. سازَ وڄائي، ۲۲. واٽ ٿئا = هلئا وئا، ۲۳. پوربَ ڏي، ۲۴. هلئا وئا، ۲۵. تي، ۲٦. واٽ، گس، ۲۷. چالو، روانا، ۲۸. هي گهر = هن دنيا جا مڪان يا آستان، ۲۹. ٻنَ ۾ يا ڪڏ ۾ وڌائون، ڦٽا يا ترڪ ڪئائون، ۳۰. آسرو رکيائون، ۳۱. اڳئين جهان يعني آخرت جي گهرن جو.

۴

پُورِبِيَا[1] پُورِي وِيَا[2]، آسَڻَ[3] آڏيءَ رات،
سُئَمِ[4] نَہ سَنَاسِيَنِ[5] جُون، پَچَارُون[6] پِرِيَات،
ڪَا[7] جَا جوڳِي ذاتِ[8]، جِيئَنِ مِتَ[9] نَہ مَعذُورِنِ[10] جَا.

۵

پُورِبِيَا پُوري وِيَا، آسَڻَ اَڄُ صُبُوح،
ڪَٿُورِيءَ[11] خُوشبُوءِ[12]، آهِہ[13] آديسِي[14] گَيَا[15].

۶

خيمَا[16] جَنِ ڪَٽِيَ[17]، مَٿي[18] پُورِبَ مَنڊِئَا[19]،
آيلِ[20] تَنِ آديسِيَنِ کي، پَسِئو[21] تِئَان پَٽِي[22]،
جِيءَ[23] ۾ جَڙَ[24] هَٽِي، نَانگَا[25] وِيَا نِڪِرِي[26].

۷

پُورِبَ پُورِبَ تَبِ[27] ڪَرُون[28]، جَبِ[29] هِينئَڙي[30] آوَن[31] پُور[32]،
سِڪَنديءَ[33] کي سَجَٽِيَن[34]، نِڪُون[35] لائُون[36] نُور[37]،
آئُون تنهن مَارِبِس[38] سُور[39]، جِيئَن سَاجَنِ[40] سُڄي[41] نَہ مِلي[42].

۱. پورب يعني اڀرندي جا رهاڪو يا پورب ڏي زيارتن يا تيرٿن لاءِ ويندڙ (هندستان جي رياست اتر پرديش جي ڪانپور کان بهار تائين علائقي کي پورب چوندا آهن جنهن ۾ هندن جا پوتر آستان يعني زيارت گاهون آهن جهڙوڪ بنارس، گيا، هردوار، ڪاڪي، دٺارڪا وغيره)، ۲. بند ڪري، ۳. آستان، مڪان، تڪيا، مڙهيون، ۴. مون سُيون، مون ٻڌيون، ۵. تارڪ الدنيا فقيرن، جوڳين، ٦. ڳالهاءِ، آواز، ۷. اهڙي، ۸. قوم، گروهہ، فرقو، پنٿ، جاتي، ۹. مائٽ، عزيز، واقف ڪار، دوست، ۱۰. عذر وارين، فرقو، پنٿ، جاتي، عاجز يا نمائين، ۱۱. ڪٿوريءَ جي، مشڪ جي (ڪٿوري هڪ خوشبودار پسارڪو وکر آهي جيڪو ٻنان سڱن واري هرڻ جي ڏن مان حاصل ڪيل هوندو آهي)، ۱۲. سرهاڻ، سڳند، هڳاءُ، ۱۳. آهي، ۱۴. گروهہ يعني مرشد جي حڪم ۾ رهندڙ فرمانبردار فقير، ۱۵. وڃا، ۱٦. تنبو، سائبان، ڪپڙي جا ٺهيل گهرَ، ۱۷. نيٺي، اکوڙي، پٽي، ۱۸. تي، ۾، ۱۹. آڏئا، کوڙئا، نصب ڪئا، آڏڻ جي تياري ڪئي، ۲۰. اي آيل، اي امڙ، اي جيجل، ۲۱. ڏسئو، ۲۲. مٽي، خاڪ (بي حال)، ۲۳. جان، جسم، سرير، ۲۴. ڪلي يا ميخ (وڇوڙي جي)، ۲۵. فقير جيڪي لانگوٽيءَ کان سواءِ بدن تي ڪپڙو نہ پائين ۽ سڄي عمر شادي نہ ڪن، ۲٦. روانا ٿي، ۲۷. تڏهين، ۲۸. ڪريان، ۲۹. جڏهين، ۳۰. هنيين يا دل کي، ۳۱. اڄن، ۳۲. خيال، ريجڪ، پهہ، ۳۳. سڪ انتظار (ڪندڙ) واريءَ، واجهائيندڙ، ۳۴. سڄڻن، محبوبن، ۳۵. ناليون، ڪسيون، پاڻيءَ جا سنها وهڪرا، ۳٦. جاري ڪيون، وهايون، ۳۷. اکين، ۳۸. فنا يا بي حال ڪيس، ۳۹. درد، ڏک، ۴۰. سڄڻ، محبوب، ۴۱. ٻُڌ جي، ۴۲. ڳڏجي.

## ٨

وِچِينِءَ[1] ويراڳِيَنِ[2] جِي، مَٿي[3] ڏُونهِنِ[4] ڏُوسَ[5]،
سَاڙِي[6] سِڪَ[7] سَنهَا[8] ڪِئَا، بيراڳِي بي هُوسَ[9]،
اِيءَ نَانگَنِ[10] جِي نَامُوسَ[11]، جيئَن پَٽَ[12] ڪَٽَنِ نَہ پَاڻَ سين.

## ٩

وِچِينِءَ ويراڳِيَنِ جِي، مَٿي ڏُونهِنِ دَزَ[13]،
سَاڙِي سِڪَ سَنهَا ڪِئَا، تَنِ[14] مَحَبَتِيَنِ[15] مَڙهَہ[16]،
جِيجَان[17] هَٿِي جَڙَ[18]، نَانگا نِسُورا[19] ٿِئَا.

## ١٠

وِچِينِءَ ويراڳِيَنِ جِي، مَٿي ڪَٽِجَ[20] ڪُوڪَ[21]،
سَاڙِي سِڪَ سَنهَا ڪِئَا، مَحَبَتِي مَلُوڪَ[22]،
تَنِيءَ[23] سَنڌِيءَ هُوڪَ[24]، جيڪَرَ[25] جوڳِيَاٽِي[26] ٿِئَان.

## ١١

هِتَان[27] ڪَٽِي هُتَ[28]، پِيرُ[29] رِڪِئَائُون پَانهِنجو،
جوڳِيَنِ جِي جُڳَتِ[30]، سَارِئو[31] تِي سُور[32] چِران[33].

Gul Hayat Institute

---

١. وچينءَ جي مهل، ٽپهريءَ جي مهل، سج لهڻ کان ڪجهہ اڳ واريءَ مهل. ٢. تارڪ الدنيا فقير، تياڳي، بيراڳي، جوڳي. ٣. تي. ٤. جوڳي فقيرن جي ٻاريل هلڪين ٻاهين يا انهن ٻاهين وارين جاين. ٥. ڏوڪَ، ڪاهَ، جُلهہ. ٦. ٻاري، جلائي. ٧. اڪنڊ، پيار. ٨. پَتلا، ضعيف، ڪمزور، ڏٻرا، لاغر. ٩. حسد يا ساڙ، طمع (بي هوس = حسد کان خالي، لاطمع، بنان لالچ). ١٠. فقيرن (جيڪي لانگوٽيءَ کان سواءِ بت تي ڪپڙو نہ پائين ۽ ساري عمر شادي نہ ڪن). ١١. ناماچار، شهرت، مشهوري، شيوو، ساک، عزت، ڀرمُ، عصمت. ١٢. ڪچڪول، ڪستا، زنبيلَ، پنڻ جا ٿانءَ. ١٣. هل شور، پيڙ، رش، گپاگپهہ. ١٤. انهن. ١٥. محبتين جا، سڪ وارن جا. ١٦. بدن، جسم، سرير. ١٧. اي جيجان، اي جيجل، اي امڙ. ١٨. کلي يا ميخ (محبت جي). ١٩. صفا، پورا، مڪمل. ٢٠. (دونهين ٻارڻ لاءِ گڏ ڪيل) ڪک ڪانا، گند گوچر. ٢١. آواز، دانهن. ٢٢. خوبصورت، سهڻا، بادشاهہ، سردار، اميرَ. ٢٣. جيءَ. ٢٤. هوڪ سبب، ناماچار سبب، هاڪَ يا واڪاڻ سبب، تعريف سبب. ٢٥. شال، شل، دل چاهي ٿي. ٢٦. جوڳي فقيريائي. ٢٧. هن هنڌ يا جاءِ تان (هن دنيا مان). ٢٨. هُن جاءِ تي (هُن دنيا ۾). ٢٩. قدم (پير) رڪئائون = هليا ويا، پهچي ويا). ٣٠. جوڙ توڙ، ناهہ نوهہ، صفائي، صحبت، محفل، ڪچهري، سنگت. ٣١. ياد ڪرئو. ٣٢. عذاب. ٣٣. ڪان، سهان.

## ١٢

جُوءِ[1] جيڏاهين[2] جوڳيين[3]، نيڻَ[4] تيڏاهين[5] نتُ[6]،
آيَلِ[7] آديسيَنِ[8] کي، ڏي[9] چاڙهيڪا[10] چتُ[11]،
سامِيَنِ جو سَنگتُ[12]، سارِئو[13] تِي سُورَ[14] چران[15].

## ١٣

جُوءِ جيڏاهين جوڳيين، نتُ تيڏاهين نيڻَ،
آيلِ آديسيَنِ جا، ورهُه[16] تَئمِ[17] ويڻَ[18]،
ڪَري سَناسي سيڻَ[19]، هِينئڙي[20] حالُ[21] پِرايو[22].

## ١۴

جُوءِ جيڏاهين جوڳيين، اُنَ مُنهن[23] اکڙيُون،
سَگا[24] سيلا سِنگيُون[25]، تَنِ سين تُنبڙيُون[26]،
مُون کي جَني مارِئو[27]، اُنِ تي اگڙيُون[28]،
اِيندا عبدُاللطيف چئي، مَرڪن[29] ماڳَ[30] مڙهيُون،
ڪوڙِيو[31] لَڪڙيُون[32]، چُوندا[33] ڪِي چيلَنِ[34] کي.

Gul Hayat Institute

---

١. جاءِ، ملڪ، ڏيھہ، وطن، ٢. جنهن طرف، ٣. جوڳين جي، تارڪ الدنيا فقيرن جي، سامين جي، سناسين جي، ۴. اکيون، ۵. تنهن طرف، ٦. سدائين، هميشہ، هر وقت، ٧. اي آيل، اي امان، اي امڙ، ٨. گروءَ يعني مرشد جي حڪم ۾ رهندڙ فرمانبردار فقيرن، ٩. لاءِ، واسطي، ١٠.چڙهڻ يعني متي ٿيڻ جي حالت. اڌما، سٽون، اڇلون، ١١. دل، من، ١٢. ساٿ، ڪچهري، محفل، دوستي، ١٣. ياد ڪرئو، ١۴. عذاب، ١۵. ڪان، سهان، ١٦. ڏکَ يا عذاب ڏيندڙ، ١٧. مونکي ٿئا، ١٨. ڳالهيون، گفتا، ٻولَ، قولَ، سخن، ١٩.دوست، ٢٠. هنيين، دل، ٢١. محويت يا وجد جي حالت، بي خودي، ٢٢. حاصل ڪئو، لڌو، ورتو، ٢٣. منهن ڏانهن، طرف ڏانهن، ٢۴. جوڳي فقيرن جي مٿن تي پيل فقيرائين ٿوپين جي چوڏاري ويڙهيل رسا يا نوڙيون، سيلا، ٢۵. ڏڪن جي سڱن مان ٺهيل توتاريون، ناد، نفير، ٢٦. ننڍا تنبا جن ۾ فقير خيرات ۾ مليل اَنّ، اٽو يا ڪاڏو وجهندا آهن، ٢٧. بي حال ڪئو، تباھہ يا برباد ڪئو، ٢٨. چنل ۽ پراڻيون پوشاڪون يا ڪپڙا، ٢٩. سُونهن، چمڪن، ٻهڪن، ٣٠. جايون، آستان، مڪان، تڪيا، مڙهيون، ٣١. (زمين ۾) ڳپايو يا نصب ڪرئو، ٣٢. ڪاٺيون، ڪاٺ جا ڇڙها (ڪوڙئو لڪڙيون = جهوپڙا يا ڪکائا گهر ٺاهيو)، ٣٣. چوندا، نصيحت ڪندا، ٣۴. ٻالڪن، مريدن، طالبن، شِشَن.

## ١٥

اڄي رَهِئَا[1] رِبَلَ[2] ۾، لَڪَڙيُون[3] ڪُوڙي[4]،
وِئَڙا[5] اُڪُوڙي[6]، جُوءِ نَہ وَڻِي[7] جوڳِيِن[8].

## ١٦

جوڳِي نَہ جَاهِلَ[9]، پَنڌُ[10] پَرِينڌي[11] سِکِئَا[12]،
ڪَسِّي[13] ڪَنِ نَہ ڪَلَ[14]، پُوتَا[15] رَهَنِ پِرِينءَ[16] سين.

## ١٧

جوڳِي وِئَا جَامِيرَ[17]، مَڙهِيُنِئُون[18] مُنهَن[19] پَايَان[20]،
بِئَا پُوڄِيندِينءَ[21] ڪِيرَ[22]، ڏُوڏاٽِي[23] ڏُوپ[24] ڏري[25].

## ١٨

دُونهِين[26] ڏُنڌَ[27] نَہ لاٿَ[28]، نَہ سِي جوڳِي جُوءِ ۾،
وِئَا وِيرَاڳِي نِڪِري، چِتَ[29] جَنِي سين چَاتَ[30]،
ڳَهَتَا نِهَارِيمِ[31] ڳَهَاتَ[32]، تَنِ سَامِيَنِ جِي صُورَتَ[33] لَيءِ[34].

## ١٩

ڳَرِيَنِ[35] ڏِيئِي[36] ڳَاتَ[37]، جَانِ مُون ڳَهَتُو نِهَارِئَا،

Gul Hayat Institute

١. وينا. ترسئا. ٽڪئا. ٢. (درياهہ جي ڪپ يا تلاءَ جي ڪپ پرسان) ساوڪ واري ميدان. گاهہ واري ميدان. سائي يعني ساوڪ واريءَ جوءِ. ٣. (جهوپڙن يا ڪکائن گهرن ٺاهڻ ۾ استعمال ٿيندڙ) ڪاٺيون. ڇڙها. ٽوٽيون. ٤. کپائي. نصب ڪري. هڻي (لڪڙيون ڪوڙي = جهوپڙا ٺاهي). ٥. وئا. ٦. پٽي يا ڪڍي (لڪڙيون). ٧. پسند آئي. ٨. جوڳين کي. تارڪ الدنيا فقيرن کي. ويراڳين يا سامين کي. ٩. بي علم. اڻ ڄاڻ. ١٠. هلڻ يا وڃڻ (گروءَ يا مرشد يا محبوب ڏانهن). ١١. ڀهريائين. شروع ڪان ئي. اصل کان. آد کان. ١٢. ڄاڻندا هئا. ١٣. خالي. للهي. آجائي. بي فائدي. ١٤.بدن جي هڏن. گوشت مٿان چڙهيل پوش يا چمڙي. (پاڻيءَ ڀرڻ لاءِ) کَلِي. مشڪ. سانداري. ١٥. جَڙئا. مڙهئا. پيوست ٿئا. چنبڙئا. چِهٽا. ١٦. محبوب. سڄڻ. ١٧. جامير ڏانهن. مزار ڏانهن. زيارت گاهہ يعني تيرٿ واريءَ جاءِ ڏانهن. ١٨. مڙهين ۾. تڪين ۾. آستانن ۾. ١٩. منهن کي. مُک کي. ڳچيءَ يا ڪنڌ کي. ٢٠. داخل ڪريان يا وجهان (ڏسڻ لاءِ). ٢١. سيويندينءَ. پرستش ڪندينءَ. ٢٢. ڪهڙا ماڻهو. ٢٣. ڏوڏاٽيءَ ۾. ڏوپ دانيءَ ۾ يعني ڏوپَ ساڙڻ واريءَ پياليءَ يا ڪٽڇيءَ ۾. ٢٤. اگر. لوبان. پسارڪو هڪ خوشبودار وکر جنهن کي ساڙي مزارن. مسجدن يا مندرن ۾ واس ڏبو آهي. ٢٥. وجهي. رکي. ٢٦. دونهين تي. جوڳي فقيرن جي ٻاريل هلڪين باهين تي يا باهين وارين جاين تي. ٢٧. ڏنڌ جي. دونهين يا ڪاري غبار جي. ٢٨. ڏار. ڪِرڻو. روشنائي. ٢٩. دل. ٣٠. شوق. محبت. ٣١. مون نهارئا. مون ڳولئا. ٣٢. ڳهت. لنگهہ. جايون. هنڌ. ٣٣. شڪل. چهري. مهانڊي. ٣٤. لاءِ. ڪاڻ. ٣٥. ڳرين تي. واٽن يا رستن تي. ٣٦. ڪٿي. مٿي ڪري. ٣٧. ڳات کي. ڪرڪي. ڪنڌ کي.

مَزهِيُون[1] مُون[2] مَاربِنديُون[3]، جوڳِي[4] وِئـڙا[5] جَاتَ[6]،
وِنجُهلان[7] تَهِين[8] واتَ، راوَلَ[9] جَنهِين[10] راهَہ[11] ڳَيا[12].

## ٢٠

جوڳِيَڙا پَاڙِي[13]، ڪَرَ[14] نَہ هُئَا ڪَڏهِين،
وِئـڙا مَزهَہ[15] تَاڙِي[16]، ڪَالهہ وِجَائِي سِنڱِيُون[17].

## وائي

سَائِين[18] سَنگُ[19] سَندومِ[20]، مَ[21] ڇِجِي[22] سِين سَامِيِين[23]،
هَلَڻَ[24] جو هنگلاج[25] ڏي. آديسَين[26] اُتومِ[27]،
نيئِي[28] پُورَبَ[29] پَارَ[30] ڏي، وِيراڳِيَن وڏومِ[31]،
سُوئِي تِيرَٿُ تَڪِيين[32]، سُوئِي پَنڌُ سَندون[33]،
هُو جو تِيرَٿَ تَڪِيو، سَامِيَن سُونهَايومِ[34]،
نَڪَرُتُون نَانِيءَ ڏي، ڪَنوتِيَن[35] ڪَهِيومِ[36]،
ڏوري[37] مَنجهان ڏونگرين[38]، رُوئِيءَ رَندُ[39] لَڌومِ[40].

---

١. تڪيا، آستان، ٢. مونکي، ٣. بي حال ڪنديون، تباهہ يا برباد ڪنديون، ۴. تارڪ الدنيا فقيرن، سامي، ويراڳي، ۵. وئا، ٦. جاٽ ڏانهن. جاتا ڏانهن. تيرٿ ڏانهن، ٧. ڏک يا ارمان ڪريان، ڳڻتين يا فڪرن ۾ ڳران، روئان رڙان، ٨. ان، ٩. واٽ لاءِ، رستي يا گس لاءِ، راهہ لاءِ، ١٠. حاڪم، سردار، شهزادا (جوڳي فقير)، ١١. راهہ سان، ١٢. وئا، ١٣. (منهنجي) پاڙي ۾، پر ۾، پاسي ۾، ١۴. جڻ تہ، شايد. ١۵. مزهيون، آستان، ١٦. تاڙيون هڻي، بند ڪري، ١٧. ڏکن جي سنگن مان نهيل توتاريون. ناد، نفير، ١٨. اي سائين، اي الله. ١٩. رشتو، ناتو، دوستي، ٢٠. منهنجو، ٢١. شال نہ. ٢٢. ٽٽي، ختم ٿئي، ٢٣. سامين، ٢۴. سفر، مسافريءَ، ٢۵. بلوچستان جي رياسيت لس ٻيلي ۾ لس ٻيلي شهر جي ويجهو جبلن ۾ هڪ شهر جتي هڪ پرهيزگار عورت نالي نانيءَ جي قبر آهي جنهن جي زيارت لاءِ جوڳي فقير هنگلاج ويندا آهن. ٢٦. گروءَ يعني مرشد جي حڪم ۾ رهندڙ فرمانبردار فقيرن، ٢٧. مونکي اُتو، مونکي چيو، ٢٨. ڪني، وني، ٢٩. پورب يعني ايرندي جي (روحاني دنيا)، هندستان جي رياست اترپرديش ۾ ڪانپور کان بهار تائين علائقي کي پورب چوندا آهن جنهن ۾ هندن جا پوتر آستان آهن جهڙوڪ دوارڪا هردواس. ڪاشي. بنارس ء گيا)، ٣٠. طرف، ٣١. مونکي وڏو، ٣٢. تڪين ۾، ٣٣. انهن جو، ٣۴. مونکي سونهايو، (ان جو مونکي واقف ڪئو، مونکي ڏيکارئو)، ٣۵. ڪن وڏيل جوڳي فقيرن، ٣٦. مونکي چيو، ٣٧. ڳولي، نهاري، ٣٨. ڏونگرن، جبلن، ٣٩.گس، واٽ، ۴٠. مون لڌو يا ڏٺو.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرُ پُورَبُ

## داستان ٽئون

### ١

كَمَرِ[1] بَسْتَا[2] كَاپَڙِيَ[3]، جَنِ جي كَرَنِ[4] ۾ كَچْكولَ[5]،
آڏِيءَ رات اُٿِي كَرِي، كَنِ حُسَيني[6] هُولَ[7]،
گِلا[8] ۽ غيبَتَ جَا، سَبِ ڀَڳَائُون[9] ڀُولَ[10]،
دُنيَا[11] ڇَڏِي[12] دُرُسْتُ[13] ٿِيَا، تِكَاٽَا[14] ۽ ٽولَ[15]،
ڳُوٺِ[16] كِجَاهِنِ[17] ڳولَ[18]، گَڏِجَنِ[19] مَان نَه[20] گَداوَ[21] ۾.

### ٢

كَمَرِ بَسْتَا كَاپَڙِيَ، سَامِي سَيِيئي،
هِكِڙا پِئَنِ كي، هَلِئَا ڏَسَ[22] ڏيئي،
سِڳَڙِيُون[23] سيئي، وَجَائي واتَ[24] ٽِئَا.

Gul Hayat Institute

### ٣

كَمَرِ بَسْتَا كَاپَڙِيَ، چَلَڻَ[25] جُون ٿَا چُونِ[26]،

---

١. چيلهہ، لَڪُ، بدن جي ڪرنگهي يعني پٺيءَ واري ڪنڊي ۽ ٽنگن کي ڳنڍيندڙ حصو. سندرو، چيلهہ جي ٻڌڻ وارو چمڙي جو پٽو. ٢. ٻڌل (ڪمر بستا = چيلهہ ۾ سندرن يا پٽن ٻڌل). ٣. تارڪ الدنيا فقير، جوڳي، سامي. ۴. لڱن يا عضون، ٻانهن، ڪلهن. ۵. ڪستا، زنبيلون، پٽ، پنڻ جا ٿانءَ. ٦. جوڳي فقيرن جو هڪ قسم. ٧. آواز يا هونگون (خدا جي ذڪر جون). ٨. ننڊا، غيبت، ڪنهن ماڻهوءَ جي پرپٺ يعني غير حاضريءَ ۾ ڪيل شڪايت يا بدنامي، بدناموسي. ٩. لاٿائون، وڃايائون. ١٠. ڀولا، وهم، انديشا، ڳڻتيون. ١١. هيءَ مادي جهان. ١٢. ترڪ يا ڦٽو ڪري. ١٣. صحيح، نيڪ، سالم.نيڪ، ڀلارا. ١۴. مڙهيون، آستان، آسڻ، مڪان. ١۵. وٿون، چيزون، شيون. ١٦. ڳوٺ ۾، ڳام ۾، ماڻهن جي آباديءَ ۾. ١٧. انهن جي اوهين ڪجو. ١٨. ڳولا، تلاش. ١٩. ملن. ٢٠. مان نہ = شال. ٢١. گدائي ڪندي، خيرات وٺندي، پنندي.٢٢. پتا، پار، اهڃاڻ، نشانيون. ٢٣. ڏڳن جي سڱن مان ٺهيل توتاريون، نفير، نادَ. ٢۴. وات ٽئا = هلئا وٺا. ٢۵. هلڻ، وڃڻ. ٢٦. چَونِ (ڳالهيون).

سِڱِيُون[١] سَناسِيَنِ[٢] جُون، وَڃِئو پُورَبِ[٣] پُونِ[۴]،
جوڳِي هِتِ نَہ هُونِ[۵]، ڪِينَ تِڪَندا[٦] ڪاپِڙِي.

۴

چيلهہ[٧] چَڪَرَ[٨] ڳِلِ[٩] سِڱِيُون، مَٿَنِ[١٠] مُڱَٽَ[١١] مَوڙَ[١٢]،
جوڳِي اِهَڙِيءَ جوڙَ[١٣]، مُون وِسَرِيءَ[١۴] وِڃايا.

۵

مَاءُ[١۵] مُنهِنجي جوڳِيِين[١٦]، کَنِين[١٧] ڪُنِرَ[١٨] لالَ[١٩]،
آنَ[٢٠] ڪَي ڏِنا[٢١] ڪالَهَہ[٢٢]، وِيندا واٽَڙِيُنِ[٢٣] تان.

٦

جوڳِي آهِينِ جُوءِ[٢۴] ۾، وِيا نَہ وِيراڳِي،
جِندا[٢۵] تو جاڳِي[٢٦]، نانگا[٢٧] ڪِينَ نِهارِئا[٢٨].

٧

جوڳِي آهِينِ جُوءِ ۾، پَرَ[٢٩] نِهارِينِدَڙُ[٣٠] ناهِ،
جي مَهيسِي[٣١] مَن[٣٢] ماهِ[٣٣]، سي ٿاٽي[٣۴] تورا[٣۵] ڪاپِڙِي.

Gul Hayat Institute

---

١. ڍڳن جي سڱن مان ٺهيل توتاريون، ناد، نفير (سڱين جا آواز)، ٢. تارڪ الدنيا فقيرن، جوڳين، ويراڳي، ڪاپڙي، ٣. پورب ۾، ايرندي (جي ملڪ) ۾ (هندستان جي رياست اتر پرديش ۾ ڪانپور کان بهار تائين علائقي کي پورب چوندا آهن جنهن ۾ هندو جوڳين جا پوتر آستان آهن جهڙوڪ بنارس، گيا، ڪاشي، هردوار، دئارڪا وغيره)، ۴. ٻڌجن، ۵. هوندا، ٦. ترسندا، رهندا، ٧. چيلهہ تي، ڪمر تي، لڪ تي، بدن جي ٻنيءَ واري هڏيءَ تنگن کي ٻڌيندڙ حصي تي. ٨. هڪ چڪرائين يعني گول هٿيار جو قسم. ڪٽاري، ٩. ڳل تي، گردن يا ڪنڌ تي، ١٠. مٿن تي، سرن تي، ١١. شاديءَ جي وقت گهوٽن جي مٿن تي ٻڌڻ وارا ڇٽ، تاج، ڪلنگيون، ١٢. گهوٽن جي نراڙن يا پيشانين تي ٻڌڻ لاءِ موتين، ڪوڏين ۽ سٽ جي گلن جا ٺهيل سهرا، ١٣. جوڙ وارا، سينگار وارا ٺاهہ ٺوهہ وارا، ١۴. غافِل، سُست، بي خبر، ١۵. اي ماءُ، اي امان، اي امڙ، ١٦. جوڳين کي، ١٧. ڪنن ۾، ١٨. عاج يا ڪاٺ مان ٺهيل والا يعني ڪنن ۾ وجهڻ جا چلا، ١٩. ڳاڙها، سهڻا، ٢٠. اوهان، ٢١. اهڙا، ان نموني، ٢٢. اڪئين يا گذريل ڏينهن تي، ٢٣. گسن، راهن، رستن، ٢۴. ملڪ، ديس، وطن، علائقي، ٢۵. اي جندا، اي جند، اي پيارا دوست، اي جاني، ٢٦. بيدار يا سجاڳ رهي، ٢٧. فقير جيڪي لانگوٽيءَ کان سواءِ بدن تي ڪپڙو پائين ۽ سڄي عمر شادي نہ ڪن، ٢٨. ڏٺا، ڳولئا، ٢٩. مگر، ٣٠. ڏسندڙ، ڳوليندڙ، ٣١. مهيس (مهيشور يعني ايشور ڀڳوان) جا پوڄاري، جوڳي فقيرن جو هڪ قسم، ٣٢. دل، ٣٣. ۾، منجهہ، ٣۴. ٿاٽي جا، آستان يا مڙهيءَ جا، ٣۵. ڪم خواهہ، غيرضرورت مند، غير محتاج.

## ٨

قُران قِيريدارُ، سَدا شَوقَ پِريَنِ جي،
مَان نہ سَجِينهُون يَارُ، اڱِيَان اکَڙِيُون کَٽِي.

## ٩

تَنِ اکَڙِيَنِ اُتَا سُکَ، کَلَندي کَٽَنِ جي،
پِريَنِ پَاپُوهَڻَ سَان، ڏُورِ کِئَا سَبِ ڏُکَ،
مَاٺُهنِ لِيکي بُکَ، سَامِي سُورَ سَنِهَا کِئَا.

## ١٠

کِي جي سَڳَا سُورَ جَا، وِينِي وَٽِيَائُون،
پُوبو پَاتَائُون، سَاجَا کِئو سِنگَنِ ۾.

## ١١

اُکولِيندي اُتِئَا، وِينِي وَٽِيَائُون،
اُنِهِين جِيءَ آئُون، کِهَڙِيءَ ڳَالِهہ ڳَنڍِ ڏِيَان.

## ١٢

سَامِي چَائِيِين سُکَ طَلَبِيِين، هُوندَنِ جِيئَن مَ هو،

١. کهمان، پنکان، ٢. قيريون پائيندڙ، قيريءَ وارو، فقير (ٽيو)، ٣. سدائين، هميشہ، ۴. شوق ۾، سک ۾، پيار ۾، ۵. محبوبن جي، ٦. مان نہ = شال، ٧. مون ڏي سجي، مون ڏي ڏسي، مون ڏي اشارو ڪري، ٨. دوست، محبوب، ٩. سامهون، ١٠. نيڻ، چشم، ١١. اکڙين مان، اکڙين کان، ١٢. سرئا، حاصل ٿئا، ١٣. خوشيون، آنند، فرحتون، ١۴. مشڪندي، مرڪندي، ١۵. مرڪڻ، کلڻ، ١٦. پري، دور، ١٧. تڪليفون، درد، سور، ١٨. مائهن جي، ١٩. ليکي ۾، حساب موجب، ڄاڻ موجب، ٢٠. لنگهڻ، فاقي، ڪاڏي جي نہ کائڻ واريءَ حالت، ٢١. تارڪ الدنيا فقير، ٢٢. ڏبرا، ضعيف، ٢٣. ڪجهہ، ٿورا گهڻا، ٢۴. ڏاڍا يا سنها ڏورا (سٽ جا)، ٢۵. (سٽ کي وکڙ يا پيچ ڏيو) ڏاهيائون، ٢٦. (ڪنهن شيءِ جي پر هتي مراد آهي سڳين جي) سوراخن يا ٽنگن مان لنگهايو، ٢٧. وڌائون، ٢٨. صحيح، سچا، نيڪ، برابر، ٢٩. ڍڳن جي سڳن مان نهيل توتارين، نادن، نفيرن، ٣٠. (ڏاڳن يا سڳن جا) پيچ يا وَرَ وَڪڙَ لاهيندي يا ڪوليندي يا ختم ڪندي، ٣١. ڳالهہ تي، حالت تي، ٣٢. ڳنڍ ڏيان = پڪ يا يقين ڪريان، اعتبار يا ويسهہ ڪريان، ٣٣. چوائين، ٣۴. چاهين، گهرين، ٣۵. هوند وارن، سکين، آسودن، ٣٦. وانگر، ٣٧. ٿيءُ، هُج.

Gul Hayat Institute

تـوڪـلي[١] ويـسَ[٢] وِجَـايـو، ويـسُ وِجَـايـو تـو،
سَـامِـي[٣] آهـي سـو، جِـنـهِـن مَـڙهُـه[٤] پُـوري[٥] مَـارِئـو[٦].

١٣

سَـامِـي چَـائِـيـين[٧] سُـکُ[٨] طَـلَـبِـيـين[٩]، هـو[١٠] مَ هـونـدَنِ[١١] جِـيـئَـن[١٢]،
لاهُـوتـي[١٣] لَـطـيـف چَـئـي، هُـونَ[١٤] نَـہ آديـسـي[١٥] ايـئَـن،
سـي ڪَـاپَـڙِي ڪِـيـئَـن، جـي تَـعـلَـق رکَـنِ[١٦] تَـڪِـيَـا[١٧].

١٤

سَـامِـي چَـائِـيـين سُـکُ طَـلَـبِـيـين، وارِيـن[١٨] نَـہ وِيـراڳُ[١٩]،
لاڳَـاپـا لَـطـيـفُ چَـئـي، جَـڏي جـوڳِـي[٢٠] جَـاڳُ[٢١]،
جِـيـئَـن[٢٢] تُـون پُـٽِـين[٢٣] سَـنـرو[٢٤]، اِيءُ آديـسِـي[٢٥] اَيَـاڳُ[٢٦]،
لاهُـوتِـيءَ ڪـو[٢٧] لاڳُ، مَـرِي[٢٨] جِـيءُ[٢٩] تَـہ[٣٠] مَـاڻِـيـين[٣١].

١٥

سَـامِـي چَـائِـيـين سُـکُ طَـلَـبِـيـين، سُـکِـين[٣٢] نَـہ سَـامِـي،
اَجَـا اورِيـين[٣٣] پَـنـڌَ[٣٤] ۾، وِيـٺِـين وِسَـامِـي[٣٥]،
گُـرَ[٣٦] ڪـي تُـون نَـہ گَـڏِئـو[٣٧]، چَـائِـيـين اِنـعَـامِـي[٣٨]،

Gul Hayat Institute

---

١. فقيرائيءَ پوشاڪ يا لباس. ٢. خراب ڪئو، بيڪار ڪئو، نِڪمو ڪئو، پِلايو. ٣. تارڪ الدنيا فقير، جوڳي، ڪاپڙي. ٣. جسم، سرير. ٥. بند ڪري، روڪي، جهلي. ٦. فنا يا نابود ڪئو. ٧. چوائين. ٨. آرام، آسائش، خوشي، فرحت. ٩. چاهين، گهرين. ١٠. ٿيءُ، هوئڄ، هُج. ١١. هوند وارن، سکين، آسودن. ١٢. وانگر. ١٣. لاهوت (عالم ذات الاهي جنهن ۾ سالڪ کي فنا في اللهجو مقام حاصل ٿئي ٿو) جا ڄاڻو يا واقف. ١۴. ٿين. ١٥. گروءَ يا مرشد جي حڪم ۾ رهندڙ فرمانبردار فقيرن. ١٦. واسطا، لاڳاپا. ١٧. ٽڪين سان، آستانن سان. ١٨. اختيار ڪرين، قبول ڪرين. ١٩. سنياس، تياڳ، قطع تعلق، دنيوي خواهش کان نفرت. ٢٠. اي جوڳي. ٢١. بيدار يا سجاڳ ٿيءُ، خبردار ٿيءُ. ٢٢. ڄاڪاڻ تہ. ٢٣. گهمين ڦرين، هلين. حياتي گذارين. ٢۴. خوش، راضي، سَرهو. ٢٥. اي آديسي. ٢٦. نياڳ، بدقسمتي. ٢٧. جو، وارو. ٢٨. عيوضو، اجورو، دوستي، آشنائي، بخشش، خيرات، دان. ٢٩. فنا يا ناس يا نابود ٿي. ٣٠. جيئرو يا زندهہ ٿيءُ. ٣١. حاصل ڪرين. ٣٢. سکن سان. ٣٣. منزل مقصود تي پهچڻ کان اڳي يا ويجهي. ٣۴. واٽ گس. ٣٥. ٽڪجي، ماندو ٿي. ٣٦. مرشد (خدا). ٣٧.مليو. ٣٨. انعام جو لائق، انعام يا نعمتن وارو، بخشش جي لائق.

دائِم[1] مُدامِي، پُورو[2] رَهج[3] پِرِينءَ[4] سين.

## ١٦

سامِيْ[5] چائِين[6] سُکُ[7] طَلَبِين[8]، تَسَئا[9] ڏِين نہ تَن[10]،
مِنهُن[11] کَرِئو ماڻهن کان، پِنِين[12] اَٽا[13] ۽ اَنَ[14]،
کاپَڙي[15] تو کَنَ[16]، چِيرايا[17] چَشَنِ[18] لَيءِ[19].

### وائي ١

جَنِ جو وارِثُ[20] تُون، سي کِيئَن رَهَندا[21] نِيڻَ[22] نماڻا[23]،
آڳي[24] اَبُ[25] خَلقِئا[26]، يَلي[27] خَلقِئائين پُون[28]،
جوڙِيائين[29] جَهانَ[30] کي، چَئي "کُن[31] فَيَکُون[32]"،
کُوڙِي[33] دُنيا کُوڙا پَسارا[34]، ڏِينهن مَرَبئي[35] ڌُون[36]،
آهِيُون اَلِفَ[37] آسَري[38]، مُحَمَّدُ[39] مَجِئوسُون[40].

### وائي ٢

تُوبَهہ[41] تُوبَهہ اِيءَ طَلَبَ[42]، تُنهنجي دَران[43] مَڱان[44]،
مُون کي پِرِين[45] ميڙين[46]، سائين[47] کِنهن سَبَبَ[48]،
جي[49] مُون هَٿان کارِين[50]، کَمَ[51] مُوچارا[52] رَبَ[53].

---

١. هميشہ، سدائين، مدامي. ٢. صحيح، ٺيڪ، برابر، چڱيءَ ريت يا نموني. ٣. هلج، گذارج. ۴. محبوب. ٥. تارڪ الدنيا، کاپڙي. ٦. چوائين. ٧. آرام، آسائش، فرحت. ٨. چاهين، گهرين. ٩. بکون، کشت، لنگهڻ، تکليفون. ١٠. تن کي، بدن کي، جسم کي. ١١. بهانو، مکر، فريب. ١٢. گهرين (خيرات ۾). ١٣. پينل اناج. ١۴. سڄي اَنَ جا ڪڻا. ١٥. اي کاپڙي. ١٦. بدن جا عضوا، گوش. ١٧. کپايا، ٽوپايا. ١٨.مزن. ١٩. لاءِ. ٢٠. مالک، ڌڻي، نگهبان، ڪرلاهو، سرپرست، وصي. ٢١. بس ڪندا يا رکندا (رڻ کان). ٢٢. اکيون، چشم. ٢٣. ويچارا، عاجز. ٢۴. خدا. ٢٥. پيدا ڪئا. ٢٦. آسمان. ٢٧. سهڻي، سني. ٢٨. زمين، ڌرتي. ٢٩. پيدا ڪئائين، ناهيائين. ٣٠. دنيا، عالم، ڪائنات. ٣١. ٿيءُ. ٣٢. ٿيءِ ائين ٿي پيو يا ٿي پوي ٿو. ٣٣. ڪوڙي، جوڙي، فريبي، جڙتو. ٣۴. مانداڻا، ميڙ، آباديون، سامان. ٣٥. سڀئي. ٣٦. ڀ (ٿورا). ٣٧. (الف ب جو پهريون اکر جنهن مان مراد الله آهي) الف جي، الله جي. ٣٨. آسري تي، ڀروسي تي، ڏڍ تي. ٣٩. مسلمانن جي آخري پيغمبر جو نالو. ۴٠. قبول ڪئوسون. ۴١. برن ڪمن کان پري رهڻ جو انجام ۽ ڪيل برن ڪمن تي پڇتاءُ يا پشيماني. ۴٢. گهُر، تمنا، بخشش، دان، خيرات. ۴٣. در تان، درٻار مان، حضور مان. ۴۴. پنان، گهُران. ۴٥. پرين سان، محبوب سان. ۴٦. ميڙ، ملاءِ. ۴٧. اي سائين، اي مالک، اي خدا. ۴٨. سبب سان، وسيلي يا ذريعي سان. ۴٩. جيڪر، شال. ٥٠. ڪرائين. ٥١. فعل، حاجتون. ٥٢. سٺا. ٥٣. اي رب، اي پالڻهار.

Gul Hayat Institute

## وائي ٣

مَنَ مُنڌائُون پيئُون، مُون کي سامِيَن سانُ،
نَہ ڪِي ڪَٽَن پانَ سين، نَڪو ساٽُن پانُ،
پُرِئا پُورَبَ پَنڌَ ڏي، ڄاڻي ڇَڏي ڄاڻُ،
ڪَڏائُون ۽ گُودَڙِيُون، سَدا سامِيَن سانُ،
آيَلِ آديسِيَن جا، اهڙائي اُهڃاڻَ.

## وائي ٤

دِلِ لائي دُورِ نَہ جا، آئُون تُنهنجي دَرسَ ديواني موٽُ ميان،
قاضِي پَڙهِيا پُڄِ رَهِيان، هِتِ ناهِ طَبِيبان دِي جاءِ،
اکِيَن آگَمَ لائِيا، لالَنَ تُوهِين لاءِ.

## وائي ⑤

جوڳِيَن جا جَڙَ لائي، سامِيَن سان سَدا دِلِ سوگهي،
پُرِئا پُورَبَ پارَ ڏي، اَدِي بيراڳِي آئي،
سامي سَفَرَ هَلِئا، مَڙهِيُون پُوري وِئا مائي،
وَحدَهُ لا شَرِيڪَ لَهُ، اِيءَ وات وِچارِنِ وائي.

Gul Hayat Institute

١. من ۾، دل ۾. ٢. والا يا چلا يا ڪڙا (صبر يا ماٺ جا، محبت يا پيار جا)، ٣. تارڪ الدنيا فقيرن، جوڳين، بيراڳين. ۴. ڪجهہ. ۵. انهن سان. ٦. آپو، خودي. ٧. هلئا، وئا. ٨. پورب يعني ايرندي جي ملڪ (روحاني ملڪ) (هندستان جي رياست اتر پرديش جي ڪانپور کان بهار تائين علائقي کي پورب چوندا آهن جنهن ۾ هندن جا پوتر آستان يعني تيرٿ آهن جهڙوڪ گيا، بنارس، ڪاشي، هردوار، دئارڪا وغيره)، ٩. سفر، مسافريءَ. ١٠. سمجهي، سوچي. ١١. ڦٽو يا ترڪ ڪري، ١٢. عقل، سمجهہ، معرفت. ١٣. پيالون، جمنيون، ڪستا. زنبيلون، ١۴. پراڻي ڪپڙي جي ٽڪرين مان ٺهيل فقيرائيون رليون يا ڪفنيون، ١۵. هميشہ. ١٦. اي امان، اي امڙ. ١٧. گروءَ يعني مرشد جي حڪم ۾ رهندڙ فرمانبردار فقيرن، ١٨. اهڙي نموني جا، ١٩. نشان، پار، افعال، ٢٠. لڳائي، ٢١. پري، ٢٢. وڃ، ٢٣. درس جي، درشن يعني ديدار جي، ٢۴. مستاني، عاشق، ٢۵. قضا جا صاحب، مفتي، عدالت ڪندڙ، ٢٦. پڙهيل، عالم، ٢٧. پڄ رهيان = پڄي چڪي آهيان، ٢٨. حڪيمن، ڏاهن، ڄاڻن، ٢٩. جي، ٣٠. مجال، وس، پهچ، ٣١. نيڻن، چشمن، ٣٢. جهڙَ، ڪڪرَ. ٣٣. اي لالڻ، اي محبوب. ٣۴. تنهنجي، ٣۵. ڪا اهڙي خاص، ٣٦. ميخ يا ڪلي (محبت جي). ٣٧. ڦابو، جڪڙيل، ٣٨. پورب جي، ٣٩. پاسي، طرف، ۴٠. اي ادي، اي ڀيڻ، ۴١. اي آئي، اي آيل، اي امان، ۴٢. سفر تي، ۴٣. تڪئا، آستان، مڪان، ۴۴. بند ڪري، ۴۵. اي مائي، اي امان، ۴٦. هو هڪڙو آهي، ۴٧. ناهي، ۴٨. برابر، مٽ، ۴٩. ان جو، ۵٠. وات ۾، ۵١. نمائڻ، ۵٢. ٻچار، ذڪر.

## وائي ٦

وِيڙهيِين مَنجِهہ وَڙَالَ، آن ڪيٖ ڳـَڏِيَا هُوتَ مُنهِنجا،

ڳيڙُو ڪَئائُون ڪَپِڙَا، رَتَائُون رُومَالَ،

جَڏو جِيءُ جِيَارِئو، تَنِ سَامِيَنِ جيءَ سَنيَالَ،

وَتَنِ ڏُوڙِ پَڪُلِئَا، ڪَنهِن سان ڪَنِ نَہ ڳَالهہ،

ووءِ ووءِ تَن نَہ وِسَرِي، هُوءِ تَنِي جي حَالَ،

ڪَامِي ڪُوري وِچَ ۾، پَاڻَان ٿِئَڙَا پَيمَالَ،

بَابُو بِيڪَارِي ٿِئَا، وَتَنِ مَنجِهہ وِصَالَ،

مَاءُ مُنهِنجي جوڳِيين، ڪَنين ڪُنرَ لالَ،

اُپِي اوطَاقُنِ ۾، ڪَرَ مُوڙِئَائُون ڪَالهہ،

لاهُوتِي لَطِيفُ چئي، جَڏَا مَنجِهہ جَمَالَ،

## وائي ⑦

مَنُ مُوهِئو جوڳِيَنِ جي ذاتِ، دِلِ لائِي جوڳِيَنِ جي ذاتِ،

هُيَس سَنَاسِين سين سَنرِي،

پُورِيِا پُورِي وِئَا، آسڻ آڏيءَ راتِ،

Gul Hayat Institute

---

١. جهنگن، وڻن جي جهڳٽن، ٢. ۾، ٣. وڙول، ڳولاڦولا، تلاش، پڇاڳاڇا، ۴. آن کي، اوهانکي، ٥. ڇا، ٦. ملئا، ٧. دوست، محبوب، ٨. گيڙو رنگ (جيڪو سناسي يا جوڳي پنهنجي ڪپڙن کي ڏيندا آهن) ۾ رڱيل آهن، ٩. لباس، پوشاڪون، ١٠. رڱائون، رڱ ۾ پوڙيائون، ١١. منهن اگهڻ يا صاف ڪرڻ جا ڪپڙن جا انگوڇا يا پوتڙا، ١٢. بيمار، هيٺو، ضعيف، ١٣. جان، جسم، سرير، ١۴. زندهہ يا جيئرو ڪئو، چڱوڀلو ڪئو، تازو توانو ڪئو، ١٥. تارڪ الدنيا فقير جوڳي، سناسي، ١٦. پرگهور، يادگيريءَ، ١٧. هلن، ڦرن، پٽڪن، ١٨. ڌوڙ ۾، مٽيءَ ۾، ١٩. پريل، پيوت ٿيل، ٢٠. ووءِ ووءِ = رئڻ راڙو، آهہ زاري، هاءِ هاءِ يا گهوڙا گهوڙا ڪرڻ، ٢١. تن کي، ٢٢. دل تان لٿي، ٢٣. افسوس، ارمان، ٢۴. حال تي، حالت تي، ٢٥. سڙي، پچي، جلي، ٢٦. باهہ جي آڙاهہ، ٢٧. پاڻيهي، خودبخود، ٢٨. ناس، نابود، ٢٩. رمتا يا سيلاني فقير، ٣٠. بيک يعني فقيرانو لباس ڍڪيندڙ فقير، ٣١. ميلاپ، وصل، گڏجاڻيءَ، ٣٢. اي امان، اي امڙ، ٣٢. جوڳين کي، ٣۴. ڪنن ۾، ٣٥. عاج يا ڪاٺ جا چلا يا والا، ٣٦. ڳاڙها، سهڻا، ٣٧. بيهي، ٣٨. آستانن، مڪانن، مڙهين، ٣٩. عضوا، ۴٠. پڳائون، ساهئائون، ۴١. اڱيين، يا گذريل ڏينهن، ۴٢. لاهوت (عالم ذات الاهي جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿئي ٿو) جا ڄاڻو يا واقف، ۴٣. سونهن، حُسن، ۴۴. دل، ۴٥. مست ڪئو، متوالو ڪئو، ۴٦. قوم، ٽولي، ۴٧. لڳائي، ۴٨. خوش، راضي، ۴٩. پورب يعني ايرندي ڏي زيارت لاءِ ويندڙ (هندستان جي اتر پرديش رياست ۾ ڪانپور کان بهار تائين علائقي کي پورب چوندا آهن. جيڪي هندن لاءِ پاڪ جايون يعني تيرٿ آهن)، ٥٠. بند ڪري، ٥١. مڙهيون.

سُئَمِ نَہ سَنَاسِيَنِ جُون، پَچَارُون پِرِيَاتَ،
مِتَ نَہ مَعذُورنِ جَا، ڪَا جَا جوڳِي ذاتِ.

وائي ⑧

جوڳِي ٿَا جَرُ هَارِيَنِ، وِيندا تِيرَٿَ گَنگَا مَتِرا،
سِنگِيُون سَنَاسِيَنِ جُون، پِرهَ پُڪَارِينِ،
بَاهِيُون بِيرَاڳِيَنِ جُون، مُون کي تِيُون مَارِينِ،
وَايُون وِيرَاڳِيَنِ جُون، جِيءَ کي جِيَارِينِ.

وائي ⑨

مَتِرَهِيُون پُورِي مَاڳَ، وِئَا وِيرَاڳِي، يَا اللهَ،
پُرِئَا پُورَبَ پَارَ ڏِي، آيَلِ مُون اَيَاڳُ،
سَنَاسِي سَيدُ چَئِي، لاهِي وِئَا لاڳُ.

وائي ⑩

وَنِئُو واتَ وَڃَان تِي، لُڇَان تِي، مُسَان تِي،
خَبَرَ بَاروچَنِ جِي، ڏُونگَرَ مُونکي ڏي،
داغُ جَنِ جو دِلِ تِي، اُئُون پُڇَان تِي سي،
مُون کي جَنِي مَارِئُو، آن کي گَڏِئَا سي.

---

١. مون سيون، مون پڌيون. ٢. تارڪ الدنيا فقيرن، جوڳين، بيراڳين، ويراڳين. ٣. آواز (خدا جي ذڪر جا)، وايون. ۴. پريات جي وقت، پرهہ جي وقت، فجر جي وقت. ۵. عزيز، قريب، مائٽ، دوست. ٦. عذر وارين، بيدار عورتن، نماڻين، عاجز زالن. ٧. اهڙي. ٨. قوم، ٽولو. ٩. پاڻي (اکين جا لڙڪ يا ڳوڙها). ١٠. وهائين، ڳاڙين. ١١. تيرٿ تي، زيارت تي. ١٢. هندستان ۾ هڪ نديءَ جو نالو جنهن تي هندن جا پوتر آستان يعني تيرٿ آهن. ١٣. هندستان جي اتر پرديش رياست ۾ هڪ شهر جنهن ۾ هندن جا تيرٿ آهن. ١۴. ڍڳن جي سڱن مان ٺهيل توتاريون، ناد، نفير. ١۵. پرهہ جي وقت يا مهل، پريات جي وقت. ١٦. وڄن، آواز ڪن. ١٧. آستان، مڪان، تڪئا. ماڳ. ١٨. بند ڪري. ١٩. وئا، هليا. ٢٠. پورب جي ملڪ جي، اڀرندي جي ملڪ جي، (روحاني ملڪ جي) (هندستان جي اتر پرديش رياست ۾ ڪانپور کان بهار تائين علائقي کي پورب چوندا آهن جنهن ۾ هندن جا پوتر آستان يعني تيرٿ جون جايون آهن جهڙوڪ دوارڪا، هردوار، متراً، گيا، ڪاشي، بنارس وغيره). ٢١. طرف، پاسي. ٢٢. اي آيل، اي امان، اي امڙ. ٢٣. مون کي. ٢۴. نڀاڳ، بدبختي، شامت. ٢۵. ختم ڪري. ٢٦. تعلق، واسطو، لاڳاپو. ٢٧. راهہ، رستو. ٢٨. ڦٿڪان. ٢٩. مصيبت يا تڪليف ۾ پوان، ناس يا برباد ٿيان، بدبختيءَ ۾ پوان. ٣٠. سڌ، پتو. ٣١. بلوچن (سسئي جي محبوب پنهونءَ ۽ انجي مائٽن). ٣٢. اي ڏونگر، اي جبل. ٣٣. ڏنب، چٽو، ڦٽ، زخم (فراق يا وڇوڙي جو). ٣۴. من. ٣۵. ڳولئان، نهاريان. ٣٦. آن کي، اوهانکي. ٣٧. چا. ٣٨. مليا.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرُ بِلاوَلُ

## داستان پهريون

### ۱

وِسَهُه[1] اِنهِيءَ وِٻڻَ[2] ڪَيِ[3]، جِيئَن دَعوَتَ[4] ڪِيِ[5] داتَا[6]،
مَضمَضَهَ[7] واتَا[8]، وِجُهُ[9] تَہ ڏِيئِي واتَ ۾*.

### ۲

صُلحُ ڪَرِ سُلطَانَ[10] سِين[11]، ڪَدِيِ گَهَل[12] گهَران[13]،
تَہ تُون تَهِين[14] داران[15]، ڏِهَاڙِي[16] ڏارَ[17] لَهِين[18].

### ۳

وانءُ[19] اورانگهي[20] اورِيَان[21]، پِيءُ ۾ طَهُورا،
وِچَان[22] جي وِصَالَ[23] ڪَيِ، اِي سَبِ اُجُورا[24]،
حَاصُلُ[25] حُضُوران[26]، سَمِي[27] جي سَبِيَ تِئِي.

### ۴

پِيرِبُون[28] پِيرِي[29] پِجُ[30]، هي جي مَنجَهَان[31] پورِبُون[32]،

---

۱. ويساهہ ڪر، اعتبار ڪر، ۲. سخن، قول، ڳالهہ، ۳. تي، ۴. ڪاڏي ڪارائڻ لاءِ ڪوٺ يا سڏ. ڪاڏي ڪارائڻ جو بندوبست. ضيافت. مهماني، ۵. ڪئي، ڏني، ٦. ڏيندڙ، ڏاتار، سخيءَ، ۷. گرڙي، ڪلي، غرارو، ۸. وات مان، دهن مان، ۹. هار، ٻاهر ڪڍ *تنهنجي رزق جو بندوبست اهڙيءَ طرح ٿيل آهي جو تون اڃا وات مان گرڙي ڪيندين ٿي مس تہ تو وٽ تنهنجو رزق پهچي ويندو، ۱۰. تابعداري، بيعت، اطاعت، ميڄتا، پرچاءُ، رضانامون، ۱۱. بادشاهہ، راڄ ڌڻي، راڄا، مالڪ، ڌڻيءَ، خدا، ۱۲. (نفساني يا شيطاني خيالن جو) لشڪر، ڪٽڪ، هجوم، ۱۳. گهر مان (اندر مان)، ۱۴. انهيءَ، ۱۵. در ڪان (بادشاهہ يعني خدا جي طرفان)، ۱٦. روزانو، هر روز، ۱۷. ڏان، دان، انعام، ۱۸. حاصل ڪرين، ماڻين، ۱۹. وڃُ، ۲۰. لتاڙي، لنگهي، مٿي، چڙهي، ۲۱. ويجهي يا وچ واري منزل جتي طهورا يعني (بهشت وارو) پاڪ پاڻي آهي، ۲۴. وچ واريون رنڊڪون يا آڏون، ۲۳. ميلاپ، وصل، گڏجاڻيءَ، ۲۴. (نيڪ ڪمن جا) عيوضا يعني انعام جهڙوڪ بهشت وغيره، ۲۵. حاصلات، پراپت، لاڀ، نفعو، ۲٦. حضور مان، ۲۷. سمون جنهن کي ابڙو سمون چوندا هئا اهو رياست ڪڇ جي هالار شهر جو رهندڙ هو، هو هڪ وڏو سخي ۽ بهادر سردار هو، هيءُ سنڌ جي حاڪم دودي سومري جو دوست هو ۽ دودي جي علاؤالدين جي هٿان جنگ ۾ مارجي وڃڻ بعد ان جي عورتن کي پناهہ ڏني هئائين، ۲۸. وڏا نغارا (سازن جو قسم)، ۲۹. ڦيرائي، ۳۰. پورپور ڪر، ۳۱. اندران، ۳۲.خالي.

بِي دَرِ[1] ڪَنهِين[2] مَ وَڃُ، رِءَ[3] هَاشِمِيءَ[4] هِڪِڙي.

**٥**

سَمُون[5] تَنِ[6] سَڌَ[7] ڪَري، جَنِ تي وَڏو وِيرُ[8]،
اُٿِيءُ[9] تَه آجِي[10] ٿِئَان، پَاءِ[11] پَاڳُوڙي[12] پِيرُ[13]،
نَه رِءَ پِئُو ڪِيرُ، سَرَٽَنِ[14] جَا سُونَا[15] سَهِي[16].

**٦**

سَرَٽَنِ جَا سُونَا سَهِي، وَسِيلو[17] وِلَهَنِ[18]،
لُڏي[19] ڪِينَ لَطِيفُ چَئي، اِڳَئَان[20] لالُ لَڪَنِ[21]،
جِتِ ڪُوڙِيين[22] ڪِينَ ڪُڇَنِ[23]، تِتِ پَابُوهِي[24] پَڌِرو[25].

**٧**

جو چِلِيون[26] پَسي[27] چِڪِئُو[28]، تِنهِن[29] واڪَاڻِئُو[30] وڪَ[31]،
لُڏي ڪِينَ لَطِيفُ چَئي، لَڪَنِ اِڳَئَان[32] لَڪَ[33]،
پِيرُ نَه مُوڙي[34] پَانهِنجو، تَنگِيءَ[35] پِئي تَڪَ[36]،
سَرَٽَنِ ذي نَه سِڪَ[37]، هَڪَلَ[38] سِين[39] هَالارَ ذَٽِي[40].

Gul Hayat Institute

---

١. در تي، دروازي تي، کهر تي. ٢. ڪنهين جي. ٣. کان سواءِ. ۴. هاشم جي اولاد يعني اسلام جي پيغمبر حضرت محمد مصطفيٰ صلعم جن جيڪو عربستان جي قريش قوم جي بني هاشم خاندان مان هو. ٥. ابڙو سمون سردار (جيڪو ڪڇ رياست جي هالار شهر جو رهاڪو هو ۽ هڪ وڏو سخي مرد هو). ٦. تن کي. ٧. سڌ ڪري = سڏي، ڪوٺي، گهرائي (پناهہ ڏي). ٨. ڪاوڙ، رنج، غصو، دشمني، آيدا. ٩. جنگ لاءِ تيارَ ٿيءُ. ١٠. آزاد. ١١. وجهہ. ١٢.پاڳوڙي ۾. (اٺ يا گهوڙي جي پاکڙي يا هنني ۾ پڌل، رڪيب ۾). ١٣. قدمَ، پگ. ١۴. سامُن، پناهہ ۾ آيل عورتن، اَمتين. ١٥. ذميداريون، جوابداريون. ١٦. پاڻ تي هموار ڪري، قبولي، برداشت ڪري. ١٧. آڌار، پرجهلو، ٽيڪَ. ١٨. مسڪين، نادارن، پينگين، سُڃن، بيواهن. ١٩. گهبرائي، ششدر ٿئي. ٢٠. ڳاڙهو يعني سهڻو يا محبوبُ. ٢١.لکن جي تعداد ۾ يعني تمام وڏي لشڪر. ٢٢. ڪروڙن جي تعداد ۾. ٢٣. ڳالهائڻ جي همت نہ سارين. ٢۴. مُرڪي، کلي، مُشڪي، سرخرو نظر اچي. ٢٥. ظاهر ظهور، کليو کلايو. ٢٦. واحد چِل = (ڏهن لکن جي) فوج، لشڪر. ٢٧. ڏسي. ٢٨. مست ٿئو، بي پرواهہ ٿئو، بي خوفو ٿئو. ٢٩. تنهنجي. ٣٠. ساراهہ ڪريو، تعريف ڪريو. ٣١. وک جي يا قدم جي يعني هلڻ جي چال يا ٽورَ جي. ٣٢. سامهون. ٣٣. ڏرو. ٣۴. هٽائي، پوئتي ڪري. ٣٥. تنگيءَ جي وقت، سختيءَ جي وقت، اوکيءَ ويل. ٣٦. تک ۾، تکڙ ۾. ٣٧. لک، گهر، سماءُ، واءُ سُواءُ، پروڙ، انت. ٣٨. آواز، رڙ، دانهن. ٣٩. هالار (شهر) جو. ۴٠. مالڪ، سردارَ.

## ٨

آروڙجي[1] اُٿيو، ديمن[2] پيئيس[3] ڏُکَ[4]،
لاٿائين[5] لطيف[رح] چئي، عالم[6] تان اهُکَ[7]،
تن سرٽن[8] ٿيا سُکَ[9]، جي اجهي[10] آيون ابڙي[11].

## ٩

آروڙجي اُٿيو، ديمن پيئيس دانهن[12]،
پابوهيو[13] پير[14] ڪٿي، سمون[15] سرٽن ڏانهن،
مٿئان[16] مٿي[17] ٻانهن[18]، اُيو[19] آچي[20] سلطان[21] کي.

## ١٠

الابندي[22] آئيو، ڪٽي چل[23] چگير[24]،
ڪنهين ڪين همٿئو[25]، ڪان[26] جهليندو ڪير،
سومرين[27] سانگ[28] ڪنئي، ڪئو ابڙي[29] اُن پير،
هو مهائي[30] مير[31]، مستورات[32] مارئو[33].

## ١١

Gul Hayat Institute

الابندي آئيو، جنهن جي هاٿيءَ هاڪ[34] هنئي،

---

١. ڪاوڙجي، ڏمرجي، غصي يا جوش ۾ اچي، ٢. ديمن ۾، وڏين فوجن ۾، لشڪرن ۾، ٣. ان جي پيئي، ۴. نظر، خبر، ۵. ختم ڪئائين. ٦. دنيا، جهان، ڪائنات. ٧. ڏک، تڪليفون، اهنج. ٨. سرٽن کي، سامن کي، پناهه ۾ آيل عورتن کي. ٩. آنند، فرحتون، فائدا. ١٠. اَجهي ۾، پناهه ۾. ١١. ابڙي سردار جي (ابڙو، جيڪو ابڙي سمي جي نالي سان مشهور هو، اهو ڪڇ رياست جي شهر هالار جو سردار هو، هو هڪ وڏو سخي ۽ سورهيه مرد هو. سنڌ جي حاڪم دودي سومري جو دوست هو ۽ دودي جي علاؤالدين بادشاهه جي هٿان جنگ ۾ مارجي وڃڻ کان پوءِ ان جي عورتن کي پناهه ڏني هئائين). ١٢. هاڪ، ڏاڪو، هڪل. ١٣.مُرڪئو، ڪلئو، مُشڪئو، ١۴. قدم، وک (پير کڻي = هلي، وڌي (اڳتي)، ١۵. ابڙو سردار، ١٦. مٿي ڪان، سر ڪان. ١٧. مٿيرو، اوچو، بالا، اڳرو، سرس، زيادهه، وڌيڪ (مٿئان مٿي= وس کان وڌيڪ، تمام گهڻي). ١٨. ڦوت، سگهه، طاقت، زور، مدد. ١٩. ٻيڻو. ٢٠. ڏيکاري، ٢١. بادشاهه (دهليءِ جي شهنشاهه علاؤالدين). ٢٢. علاؤالدين بادشاهه (جنهن سنڌ جي حاڪم دودي سومري تي چڙهائي ڪئي). ٢٣.(ڏهن لکن جي) فوج يا لشڪر. ٢۴. چڪي وارو، ڪلنگيءَ وارو، تاجدار، سردار. ٢۵. همت ساري، دل ٻڌي، جرئت ڏيکاري، ٢٦. تير، ٻاڻ، ٢٧. سومرن جي ٻيوهه عورتن. ٢٨. ترار، نيزو، ڀالو (سانگ ڪنئي = مقابلو ڪئو آڻ نه مڃي)، ٢٩. ابڙي سمي کان سواءِ ان وقت ڪڇ رياست ۾ ٻئو به هڪ سردار ابڙي جوڻيجي جي نالي سان هو جنهن سومرين کي پناهه ڏيڻ کان انڪار ڪئو يعني اٽ پير ڪئو. ٣٠. بهادر. ٣١. جبل. جبل جهڙو مضبوط، پهلوان. ٣٢. عورتن (جي فڪر)، ٣٣. بي حال ڪئو، لاچار ڪئو. ٣۴. نعرو، للڪار، ڏاڪو.

يَـﭴَـا[1] ڪـوٽَ[2] ڪُـفـارَ[3] جَـا، پـيـئـي ڀُـڄ[4] ڀَـئـي[5]،
آرِڻ[6] بَـڌي[7] اَبـڙي[8]، ڪِـي[9] رِڻَ[10] ۾ رُڪَ[11] رَئـي[12]،
تيغُنِ[13] تَاءُ[14] تِـڪو[15] ٿِـئو، سَگهي ڪونَه سَهي[16]،
رَبِ هَب لِي اُمَتي،* چَڙهِئو[17] جَامُ[18] چَئي،
سَمي سَانگِ ڪَنِئي[19]، سَرَڻِن[20] جو سُڪُ[21] ٿِئو.

## ١٢

اَلابَندِي[22] آئيو، جِنهِن جي هَاتِيءَ هَنئي هَاڪَ[23]،
يَـﭴَـا[24] ڏِيهَه[25] ڀَيءِ[26] ڀَئي، سُٽي[27] دِيمَن[28] ڏاڪَ،
آرِڻ بَڌي اَبڙي، جي ڪَا وَسَان[29] پُنِيَس[30] واڪَ[31]،
رَبِ هَب لِي اُمَتي چَئي، بَهادُرَ[32] چَڙهِئو[33] بُراقَ[34]،
پِڙَ[35] ۾ اَچِي پَاڪَ[36]، سَرَڻِن جو سُڪُ ڪِئو.

## ١٣

سَرَڻِن جي سُڪَ لاءِ، سَانگ ڪَنِئي سَردارَ،
جي اَبڙي[37] اَيُون آذارَ[38]، سي سُنگُ[39] نَه ڏِبنديُون سُومِرِيُون[40].

Gul Hayat Institute

١. ڪرئا، ٿيا، پور پورٿيا، ٢. قلعا، پناهه جون جايون، ٣. انڪار ڪندڙن، هٺيلن، ضدي ماڻهن، نافرمانن، ۴. ڀڄ (ڪڇ رياست جي گاديءَ واري شهر) ۾، ۵. خوف، هراس، ٦. جنگ، لڙائي، ٧. جوٽي، جيڙي، ٨. ابڙي سمي، جيڪو ڪڇ رياست جي هالار شهر ۾ سردار هو ۽ سنڌ جي حاڪم دودي سومري جو دوست هو ۽ دودي جي علاؤالدين جي هٿان جنگ ۾ مارجي وڃڻ ڪانپوءِ سومرن جي عورتن کي پناهه ڏني هئائين، ٩. ڪئي، ١٠. بيابان، برپٽ، جهنگ ١١. رُڪ مان ٺهيل تلوارين، ١٢. چمڪاٽ، تجلا، ١٣. تيغن جو، تلوارن جو، ١۴. تابش، دٻاءُ، ڌمڪاءُ، ١۵. تيز، زور، ١٦. برداشت ڪري * اي پالڻهار مونکي منهنجي امت بخش (حديث)، ١٧. جنگ جي ميدان ڏانهن گهوڙي تي سوار ٿي روانو ٿئو، ١٨. سردار، ابڙو، سمون (ڄام سنڌ جي سما حاڪمن جو لقب آهي)، ١٩. ترار، ڀالو، نيزو (سانگ ڪنئي = جنگ ڪئي)، ٢٠. سامن، پناهه ۾ آيل عورتن، ٢١. فائدو، سهنج، ٢٢. (دهليءَ جو بادشاهه) علاؤالدين، جيڪو سومرن حاڪمن سان وڙهڻ لاءِ سنڌ تي ڪاهي آيو، ٢٣. نعرو، للڪار، ڌاڪ، ڌمڪاءُ، گوڙ شور، ٢۴. فرار ٿيا، ڀڄي ويا، ٢۵. ڏيهه يعني ملڪ جا ماڻهو، ٢٦. ڀوَ ۾، خوف ۾، هراس ۾، ٢٧. ڀڄي، ٢٨. ديمن جي، فوجن جي، لشڪر جي، ٢٩. وس آهر، وت يا طاقت مطابق، ٣٠. هن کان پُني يا ٿي سگهي، ٣١. حيلو، وس، ڪوشش، ٣٢. (بهادر جي بگڙيل صورت)، پهلوان يا سورهيه يعني ابڙو سمون، ٣٣. سوار ٿئو، ٣۴. براق (ماڻهوءَ جي شڪل ۽ گهوڙي جي بدن واري هڪ جانور) تي، ٣۵. (جنگ جي) ميدان، ٣٦. بي عيب، بي داغ، گناهه کان آجي، ٣٧. ابڙي سمي جي، ٣٨. آذار هيٺ، پناهه هيٺ، ٣٩. محصول، لاگ، ۴٠. سومرن حاڪمن جون عورتون.

## ۱۴

بِئَنِ مَٽَڙنِي[1] ڏَنِيُون[2]، ڏي نَہ ڏُونگرُ[3] راءُ[4]،
اَڻَ ڏَنِيين[5] آڏو[6] قَري[7]، ڏَنِيُون[8] ڏي کِئا[9]،
لوڙيُون[10] لَکَ[11] مَتَان[12]، اِنَ مَتِيري[13] موٽايُون[14].

## ۱۵

سِرُ[15] تَانسِيئنءَ[16] نَہ ڏِيَان، حَميراڻا بَارَ،*
مُون وَٽِ مَهَائِي[17] گَهَٽَا، تُون کَرِ مِيرَ[18] تَهَارَ[19]،
اُچِلِي[20] عِراقِيَن[21] سِين، ڏَڙُ[22] کَندوسِين[23] ڏَارَ[24]،
رِڻمَلُ[25] رَبَ[26] آهَارَ[27]، تہ سَمُون سُونَهِري[28] هَٽِي.

## ۱۶

سَنڌَرُ[29] شَهَتِيرَنِ[30] ۾، پَرجَهلو بَارِي[31]،
مَنَهَن[32] مُنِّي[33] جَکَرو[34]، طَامِعَنِ[35] تَارِي[36]،
سَمي سُوالِيَنِ کِي، وِيلهَ[37] وِسَارِي[38]،
پُڇي سِي پَارِي[39]، جي عَاجِزُ[40] اُجُورَنِ[41] ۾.

---

۱. سيني، ۲. (عورتون علاؤالدين بادشاهہ جي) حوالي ڪيون، ۳. ڪڇ رياست جي هالار شهر جي بهادر ۽ سخي سردار ابڙي سمي جي پٽ جو نالو (جنهن پنهنجي پيءُ جي علاؤالدين جي هٿان جنگ ۾ مارجي وڃڻ ڪانپوءِ، باوجود ننڍيءَ عمر جي علاؤالدين سان جنگ ڪئي)، ۴. راجا، ۵. اڻ ڏنين جي، نہ ڏنل عورتن جي، غير واقف يا ڌارين عورتن جي، ٦. آڏ ۾، بچاءَ ۾، ۷. اچي (وڙهي)، ۸. ڏنل يعني واقف عورتون، ۹. ڪيئن، ۱۰. چورن يا ڦورن جون ٽوليون، دشمن جون ٽوليون يا فوجون، ۱۱. لکن جي تعداد ۾، تمام گهڻيون، ۱۲. (پنهنجي) مٿي يا سرَ تان، ۱۳. مٿير، بهادر، ۱۴. واپس ڪيون، پڇايون، هٽايون، ۱۵. (جيستائين) سُر يعني حياتي آهي، ۱٦. تيستائين
*حميرن جا ٻار يعني اميرن جون عورتون، ۱۷. بهادر، پهلوان، ۱۸. اي مير، اي سردار (علاؤالدين)، ۱۹. ٿهر، صبر، ماٿ (ٿهارڪر = ترس، رُڪجي وڃ)، ۲۰. سٽي، هٽي، ڦهڪائي، ۲۱. عراقي (عراق ملڪ جي) تلوارن، ۲۲. ڍڍرُ، مٿي يا ڪِچيءَ کان سواءِ بدن جو باقي حصو، ۲۳. آئون ٿنهنجو ڪندس، ۲۴. جُدا (مٿي يا سر کان)، ۲۵. رڻملَ ذات جو جاڙيجو سمون هو ۽ ابڙي سمي جو دوست هو جنهن پڻ علاؤالدين سان جنگ ڪئي، ۲٦. رب جي، پالڻهار جي، خدا جي، ۲۷. آهرَ سان، آڌار سان، آسري تي، ۲۸. سون جي مُنّي يعني هَٽَي واري ترار، ۲۹. زيادهہ طاقتمند يا قوي، جهالو، مضبوط، ۳۰. (گهر جي صفحن يا ڪمرن جي ڇتين جي وچ ۾ لڳايل ٿلهين ڏگهين) ڪاٺين، ٿنين، ڪاڙٽين، ڪامَنِ، پرجهلن، آڌارن، ٽيڪن، ۳۱. مضبوط، زبردست، ۳۲. مَنهن جي، ڇپر يا ڪڪائين گهرجي، ۳۳. ٿوٽي، ٿنب (مَنهن مُني = آڌار، پرجهلو)، ۳۴. سنڌ جي سمن بادشاهن جي خاندان مان هڪ مشهور سخي حاڪم جو نالو، ۳۵. طامعن جي، طمعدارن جي، سوالين جي، ۳٦. سهارو، ڏڍ، وسيلو، ۳۷. ٻک، فاقو، ۳۸. دل تان لاٿي، ٻُلائي، ۳۹. ٻانهيون، نوڪرياڻيون، ۴۰. بي وس، بي پهچ، لاچار، پريشان، ۴۱. اَجرن، ڏانن، خيراتن.

## ۱۷

اَبڙو[1] اگامَنِ[2] ۾، سَبَڙُ[3] جِيئَن[4] ٻيلِيْ[5]،
سي پَٽَ[6] ڪِنهن نَہ پُورِئا[7]، جي تو پَڙُ[8] ٻيلِيْ[9]،
سَمُون سانوڻَ[10] مِينهَن[11] جِيئَن[12]، رِجُون[13] تو رِيلِيْ[14]،
اَچَنِ جِيْ[15] ويلِيْ[16]، تَنِ[17] بور[18] بَخشِيْ[19] پَٽَ ڌَڻِي[20].

## ۱۸

اُو[21] اَبڙو ئِي اَيڪُ[22]، اُو ڏُونگَرُ[23] ئِي ڏيهُہ[24] ٻئو،
هِيءُ جُوٽِيجاڻُون[25] جُنگَ[26]، جو سَرَڻِنِ[27] سونا[28] نَہ سَهِي[29].

## ۱۹

اَبڙو وَڏَ وَڙو[30] سُوَڙو، سَامُون[31] جَهلِي، سونَاسَهي، سَمُون سُونهَن[32] سَيِنِ[33]،
تو مَنِ تُرِڪَ[34] اَچَنِ، ڪِيئَن[35] ڪَرِينديِن ڪَڇَ ڌَڻِي[36].

## ۲۰

پِڙَ[37] ۾ اُيو[38] پَاڻِ، سَاٿِيڙَنِ[39] سَڏَ[40] ڪَري،
ڀَلِيْ[41] جِيءَ لاڏاڻِ[42]، سَڀِ لَنگهَندا لَڪيُون[43].

۱. ابڙو سمون. جيڪو رياست ڪڇ جي شهر هالار جو بهادر ۽ سخي سردار هو جيڪو سنڌ جي حاڪم دودي سومري جو دوست هو ۽ جنهن دودي جي دهليءَ جي بادشاهہ علاؤالدين جي هٿان جنگ ۾ مارجي وڃڻ بعد سومرن جي عورتن کي پناهہ ڏني هئي. ابڙي سمي کي مرڻ بعد هڪ واريءَ جي پٽ تي ڪڇ رياست ۾ دفنايو ويو. ان ڪري ڪيس پٽ ڌڻي بہ چوندا آهن. ۲. اگامن جي هڪ قوم آهي ۽ پڻ ساڱئي نالي سان ڪڇ رياست ۾ هڪ شهر آهي. ۳. سبڙ هڪ سخي سردار جو نالو آهي جڪو ڪڇ رياست ۾ ڪڇ جي ڪنار سان "ٻيلي" نالي هڪ ٻيٽ تي حڪومت ڪندو هو. ۴. جهڙيءَ ضرح. ۵. ٻيلي جي ٻيٽ ۾ (سبڙ سخي مشهور آهي). ٦. ميدان، ملڪ. ۷. ڏنا، ٽئي ڪئا. ۸. بهادر (ابڙو سمون). ۹. لتاڙي، لنگهي. ۱۰. گنج ۾ "سيدُ" لکيل آهي. ۱۱. سانوڻ جي، مينهن يعني برسات جي موسم جي. ۱۲. وانگر. ۱۳. رڻ پٽ، بيابان. ۱۴. ٻوڙي، آباد ڪري. ۱۵. جيڪي. ۱٦. ويلي لاءِ، هڪ وقت يا مهل جي مانيءَ لاءِ. ۱۷. تن کي. ۱۸. سونهري ڳاڙهي رنگ وارا گهوڙا. ۱۹. عطا ڪري، انعام يا خيرات ۾ ڏي. ۲۰. پٽ جو ڌڻي يا مالڪ (ابڙو سمون جيڪو ڪڇ رياست ۾ هڪ پٽ تي دفن ٿيل آهي). ۲۱. اهو. ۲۲. نہ ڀڄندڙ، غيرفرار. ۲۳. جبلُ (جتي ابڙو سمون رهندو هو). ۲۴. ملڪ، جاءِ. ۲۵. جوٽيجن جو. ۲٦. جوڌو، پهلوان (جوٽيجاڻون جنگ = ابڙو جوٽيجو، جنهن سومرن جي عورتن کي پناهہ ڏيڻ کان انڪار ڪئو). ۲۷. سامن، پناهہ ۾ آيل عورتن. ۲۸. ذميداريون، جوابداريون. ۲۹. برداشت ڪري، پاڻ تي هموار ڪري. ۳۰. وڏ وڙو= وڏا احسان يا نوازشون ڪندڙ، وڏا وڙ ڪندڙ. ۳۱. سٺن وڙن وارو، سٺين عادتن يا خصلتن جو مالڪ. ۳۲. مَرڪَ، فخر، سينگارُ، زيب، زينت. ۳۳. سين جو. ۳۴. وٽ. ۳۵. سنڌ جي سمن بادشاهن جي هڪ قبيلي جو نالو. ۳٦. ابڙي سمي کي ڪڇ ڌڻي بہ چوندا هئا يعني ڪڇ جو ڌڻي يا مالڪ. ۳۷. (جنگ جي) ميدان. ۳۸. بيٺو. ۳۹. خود. ۴۰. ساٿيڙن کي، دوستن کي. ۴۰. همراهن کي. ۴۱. چڱي يا نيڪ (مڙس). ۴۲. لاڏاڻ سان لَڏ يا بارَ کڻڻ سان، وسيلي سان. ۴۳. ڏکئا لَڪَ، سوڙها لنگهہ يا ڀيڙا، تڪليفون.

Gul Hayat Institute

## وائي

مُـــون ۾ عَـــيـبَ اَپَـارَ، يَـارَ سَـــتَـــارَ، آئُون جـــا ،

طَامِعُ آهيـان تـوهَہ جـي،

اَمـــرَ اوڏِي نَـــہ وَجَـــان، نَـهـيءَ كِـيَـس نِـكَـــارَ،

هِـنَ مُـنـهِـنـجـي حَـالَ جـي، تـوكـي سُـڌِ سَـــتَـــارَ،

هِـكُ وِجَـايـمِ ويـسـرِي، جَـاڻـي سَـبَ جَـمَـــارَ،

جـيـكـي وَهـي وِجـودَ ۾، سو تُـون جَـاڻين جَـاڻَـنَـهـارَ،

جِـيـئَـنَ سـي گُـلَ گُـلابَ جَـا، كِـڙيَـا كَـنـڌَهَـارَ،

مُـنـهِـنـجـي سِـكَ سَـيِـدَ ڏي، مَـدِيـنـي مـوچَـارَ.

Gul Hayat Institute

١. اوڻايون، خاميون، خرابيون، ، اوڳڻ، خطائون، ڏوهہ. ٢. بي حد گهڻا. ٣. اي يار، اي دوست، اي سائين. ۴. ستر كندڙ، ڏوهن تي پردو وجهندڙ، بخشڻهار. ۵. طمعدار، اميدوار، طلبگار، سوالي، خواهشمند. ٦. مهربانيءَ، نوازش، بخشش. ٧. امر كي، (خدا جي) حكم يا فرمان كي. ٨. ويجهي يا قريب. ٩. نافرمانيءَ. اَمَجنا. ١٠. مون كي كئو. ١١. بيكار، نكمو، خراب. ١٢. حالت. كيفيت. ١٣. خبر، علم، ڄاڻ. ١۴. اي ستار. ١۵. مون وڃائي، مون ضايع يا برباد كئي. ١٦. ويسر ۾، غفلت ۾. ١٧. سمجهي، ٻجهي. ١٨. عمر، حياتي. ١٩. گذري، هلي. ٢٠. اندرَ، دِل. ٢١. پروڙين، سمجهين. ٢٢. اي ڄاڻهارَ، اي دانا بينا، اي عليم. ٢٣. جيئَن سي = جنهن صورت ۾. ٢۴. قلَ. ٢۵. ٽڙيا، پوكئا، پورِيا گونچ جهلڻ وارا ٿئا. ٢٦. گل جهليندڙ وڻن جو هك قسم. ٢٧. حُبَ. چِكَ. كادو، اُكنڊ، اُكير. ٢٨. سردار (حضرت محمد مصطفيٰ صلعم جن). ٢٩. مديني موچار = موچاري يعني سونهاري يا سڳوري مديني (عربستان ۾ هك شهر جتي حضرت محمد مصطفيٰ صلعم جن جي مقدس مزار آهي) جي.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر بِلاوَلُ

## داستان پهريون

١

جَکَرو جوڙي، پَاڻَ ڏِٺيءَ پَيدا ڪِئو،
ڪيهَرِ جِيئَن ڪَرُ ڪَٽِئو، مَلُ مُچُون موڙي،
سَمُندَ جِيئَن سِيرَ ڪئو، تو بَارِ جِيئَن بوڙي،
گهوٽُ چَڙهِئو گهوڙي، پيچِيَن لايا پيچِرا.

٢

جَکَرا تُون جِيِين، تُنهِنجو ڪَنِين مَدو مَ سُڻِيان،
اکِيَن ءِ هِنيِين، بِنِهِي تَارِي تُنهِنجِي.

٣

جَکَرا جِيِين شَالَ، تُنهِنجو ڪَنِين مَدو نَ سُڻِيان،
جِنهِن تو اَچِي ڪَالَهَہ، آزارِئا آجَا ڪِئا.

---

١. سنڌ جي سمن حڪمرانن جي خاندان جي هڪ سخي ۽ بهادر سردار جو نالو. ٢. ٺاهي، بنائي، تيار ڪري، خلقي. ٣. خود، پنهنجي سر. ٤. مالڪَ. خدا. ٥. ڪيهر شينهن. ٦. وانگر. ٧. ڳاٽ، ڪنڌ. ٨. مٿي ڪئو. ٩. بهادر، جوڌو، پهلوان. ١٠. چپن جي مٿان چاول وار، شهپر. ١١. وَٽي، مروٽي (مچون موڙي = وڏائي يا آڪڙ ڏيکاري، فخر ڪري). ١٢. ساگر، بحراعظم. ١٣. تيز يا تکو وهڪرو، تک. ١٤. درياء، اوڙاهہ. اونهي پاڻيءَ. ١٥. پاڻيءَ هيٺ آڻي، غرق ڪري. ١٦. ٺٺين پرڻيل مرد کي گهوٽ چئبو آهي پر هتي معنيٰ ٿيندي بهادر، پهلوان، ڳڀرو، سهڻو جُوان. ١٧. گهوڙي تي. (چڙهيو گهوڙي= حڪومت جو مالڪ ٿيو). ١٨. فقيرن، سوالين، گداگرن. ١٩. ڪئا، ٺاهيا. ٢٠. رستا. گس. (لايا پيچرا = اچ وڃ شروع ڪئي). ٢١. اي جکرا. ٢٢. زندهہ يا جيئرو هجين. ٢٣. ڪنن سان. ٢٤. بُرائي، خراب خبر، گهٽتائي. ٢٥. ٻُڌان. ٢٦. اکين کي، نيڻن کي. ٢٧. هنيين کي، دل کي. ٢٨. آسرو، سهارو، ڏڍُ. ٢٩. شل، الله ائين ڪري. ٣٠. آزاريل، تڪليف يا مصيبت ۾ ڦاٿل. ٣١. آزاد.

Gul Hayat Institute

## ۴

جَڪَرو[1] جُس[2] ڪَرو[3]، ٻِئا مِڙِئي مَلَ[4]،
سَمي[5] جي سُهاڳَ[6] جي، ڪَنهن[7] نَہ پِيئي ڪَلَ[8]،
مِٽِي[9] اِيءَ[10] مُرسَلَ[11]، اَصلِ[12] هُئي ايتَري.

## ۵

جَڪَرو جُس ڪَرو، ٻِئا سَبِ اَنيراءَ[13]،
جِئائِين[14] گهَڙِئو[15] جَڪَرو، تِئان نَہ ڪي ٻِئا،
مِٽِي اِنَ ماڳَان[16]، اَصلِ هُئي ايتَري.

## ٦

جَڪَرو جُس ڪَرو، ٻِئا مِڙِئي مِيرَ[17]،
مِٽِي اِنَ خَمِيرَ[18]، اَصلِ هُئي ايتَري.

## ۷

جِئائِين جُڙِئو جَڪَرو، تنهن مِٽِيءَ[19] ڪونهي مُلُهہ[20]،
اِهَڙو گَوهَرُ[21] گُلُ[22]، پَاڻَ[23] ڌَڻِيءَ[24] پَيدا ڪِئو.

Gul Hayat Institute

---

١. سنڌ جي سمن حڪمرانن جي خاندان جي هڪ سورهيہ ۽ سخي سردارَ جو نالو. جُسي لفظ جو مخفف (معنيٰ تيندي جسي ۾ يا بدن ۾). ٢. ٣. وٽندڙ، سهڻو، سٺو، صحيح، ڪڙو تڙو. ۴. پهلوان، بهادر. ۵. جڪري (جيڪو سمي خاندان مان هو). ٦. ڀاڳ، بخت. ۷. ڪنهن کي. ۸. خبر، سُڌ. ۹. خاڪ، پٽي، ڌَڄَ. ١٠. اها. ١١. مرسل جي، رسول جي، موڪليل جي، پيغام آڻيندڙ جي. ١٢. صفا، بنهہ، مورڳو. ١٣. رواجي راجا يا بادشاهہ (انيراءَ ان راجا جو نالو آهي جنهن ٻيجل جي هٿان راءِ ڏياچ جو سر وڍايو هو). ١۴. جتان، جنهن هنڌ تان يا جاءِ تان. ١۵. جڙيو، ٺهيو، خلقيو، پيدا ٿيو. ١٦. ماڳ مان، جاءِ مان. ١۷. نالي جا امير يا سردار. ١۸. ماڻهوءَ جي اصلي بناوٽ جو مواد (ڳوهيل مٽيءَ جو پنوڙو). ١۹. مٽيءَ جو، خاڪ جو. ٢٠. قيمت، بها. ٢١. موتي، هيرو، ماڻڪ، قابل، هوشيار. ٢٢. ڦل. ٢٣. خود، پنهنجي سر. ٢۴. مالڪ، خدا.

## ٨

جيــئـهُـس ڪـونَــہ جِـهَــان ۾، سِـنڌُ سُـورَٺِ هِـنڌُ هَـاڻِ،
دَرِ داتَـا مَـنـگَـڻُ مَـنـگـتَــا، ٻـي جِـي ڪَـڍُ مَ ڪَـانِ،
پَـاڻُـونـدَرُ پَـاڻِ، مَـنَ حَـالُ پَـسِـي پَـالُ ڪَـري.

## ٩

جَـڪَـري جِـهـو جُـوان، ڏِسَـان ڪـونَـہ ڏِسِـنِ ۾،
مُـهـڙُ مِـڙَنـي مُـرسَـلِـين، سَـرِس سَـنـدُس شَـانُ،
خَـبَـرِ ڪَـانِ خَـلِـيْـلَ جِـي، قَـادِرَ مُـڪُـو قُـرانُ،
فَـڪَـانَ قَـابَ قَـوسَـيِن اَو اَدنـيٰ*، اِيءُ مُـيَـسَّـرُ تِـئُـسِ مَـڪَـانُ،
اِيءُ آگَـيِ جـو اِحـسَـانُ، جِـنـهِـن هَـادِي مَـيـڙَئِـم هِـهَـڙو.

## ١٠

جَـڪَـري جِـهـو، ڏِسَـان ڪـونَـہ ڏِيـهَـنِ ۾،
وائِـي جِـنـهِـن جِـي واتَ ۾، ڏِئـو ءِ ڏِئـو،
وَجِـي چِـونَـہ وِهـو، اِنَ دَرِ سُـوالِـي مَـگَـڻَـا.

Gul Hayat Institute

---

١. اَن (سنڌ جي سمن حڪمرانن جي خاندان جي جکري نالي هڪ سخي ۽ بهادر سردار)، جهڙو. ٢. دنيا، پرٿويءَ. ٣. سنڌ ۾. ۴. سورٺ (هندستان جي گجرات رياست ۾ هڪ مشهور شهر جو نالو) ۾. ۵. هندستان ۾. ٦. در تي، دروازي تي (گهر تي). ٧. داتا جي، سخيءَ جي (جکري جي). ٨. (خيرات) ٻن يا گهُر. ٩. اي مگتا، اي پينو (فقير). ١٠. غرض، پرواهہ، محتاجي. ١١. وندبيندڙ، ورهائيندڙ، سخي. ١٢. خود. ١٣. شال، خدا ايئن ڪري. ١۴. حالت يا ڪيفيت، روئداد. ١۵. ڏسي. ١٦. پلائي، مهرباني، نوازش، احسان. ١٧. جهڙو. ١٨. مرد، پهلوان، سخي. ١٩. ڏِسائن، طرفن، ڏيهن، ملڪن، ولاتن. ٢٠. مهندار، اڳواڻ. ٢١. سڀني. ٢٢. مرسلن جي، رَسولن جي، پيغمبرن جي. ٢٣. زيادہ، وڌيڪ، اعلي. ٢۴. اُن جو. ٢۵. مان، عزت. ٢٦. سَڌِ، ڄاڻَ. ٢٧. واسطي. ٢٨. دوست (پيغمبر حضرت محمد ﷺ). ٢٩. قدرت واري، سگهہ واري، خدا. ٣٠. موڪليو، نازل ڪيو. ٣١. مسلمانن جو پاڪ مذهبي ڪتاب. ڪلام الله * پوءِ (جبريل ۽ محمد ﷺ جي وچم) ٻن ڪمانن جي وچ واري مفاصلي جيتري وٿي رهجي وئي بلڪ ان ڪان بہ ويجهو (قرآن شريف جي سورت نجم جي آيت ٩). ٣٢. حاصل، نصيبُ، پرابت. ٣٣. جاءِ، هنڌ، منزل، درجو. ٣۴. آقا، مالڪ، خدا. ٣۵. هدايت ڪندڙ، رهبر، اڳواڻ. ٣٦. مونکي ميڙئو يا ملايو. ٣٧. هن شان وارو. ٣٨. ڳالهہ، ٻچار، ٻولي، گفتو. ٣٩. (ان جي) در تي. ۴٠. سوالي تي، عرضدار تي، طالبو تي.

## ١١

جکَري[١] جِھو[٢]، نَکو سَمُون سِنڌُ ۾،
وائِي[٣] جِنھِن جي واتَ ۾، ڏِئو ۽ ڏِئو،
اَلا[۴] اَچي کو، ڏَڏُ[۵] وَڏو ڏانُ[٦] گُھري.

## ١٢

ڏَڏُ وَڏو ڏانُ گُھري، ھوتاڻِيءَ[٧] ھَٿان[٨]،
سَمي[٩] سَخاوَتَ[١٠] جو، گيرَبُ[١١] نہ گاءُ[١٢]،
جَاءِ[١٣] وَھِلو[١۴] آءُ[١۵]، ڏي ڏانُ ڏَڏَنِ کي.

## ١٣

پَسَندي[١٦] پُرِ[١٧] تِئا، جَکَرو جَاجِکَ[١٨]،
تِئان[١٩] ڏِني مَڱَڻين[٢٠]، طَھُورا[٢١] جي تِکَ[٢٢]،
سَمي[٢٣] پَڳِيَنِ[٢۴] سِکَ، وَصلُ[٢۵] تِئا وِصال[٢٦] سين.

## ١۴

سَما[٢٧] تو[٢٨] سِر[٢٩] چَٽُ[٣٠]، نہ تہ پَاڳَارا[٣١] پُرسَ[٣٢] پِئا،
ڳَھڙَ[٣٣] تُنھِنجي ڳَنجَڙي[٣۴]، اَچي جَالَ[٣۵] جَڳَٽُ[٣٦]،

١.سنڌ جي سمن حاڪمن جي خاندان جي هڪ سخي ۽ بهادر سردار جو نالو. ٢. جهڙو. ٣. ٻولي، ٻچار، گفتو، ڳالهه. ۴. اي الله، شال، ڪاش. ۵. ٻورو، موڳو، نادان، اڻ ڄاڻ، بي سمجهه، ڪم عقل. ٦. دان، انعام، بخشش، خيرات. ٧. هوت جي اولاد يا هوت جي قبيلي جي ڪنهن فرد (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو ان ڪري پنهوءَ کي بہ هوتاڻي چوندا هئا مگر هتي هوتاڻيءَ مان مراد جکرو سمون آهي). ٨. کان. وٽان. ٩. سمي کي. ١٠. فياضيءَ، بخشش، عطا، فراخدلي، مروت. ١١. هٺ. تڪبر. وڏائي. غرور، فخر، رياڪاري. ١٢. نٽ نٽاءُ، گوٽنات، ڪن لاتار، ڪنجوسائي. ١٣. وج. ١۴. تڪڙو، تکو، جلد. هڪدم. ١۵. آچ. ١٦. ڏسندي. ١٧. ڍاوَلَ. ڀيٽ ڀريل، چڪار، نڪان تار، مالامال. ١٨. پينو (فقير)، مڱڻهار، مڱتا. ١٩. تنهن جاءِ تان، تنهن هنڌ تان. ٢٠. مڱڻهارن. ٢١. شرابَ طهورا، (جنت جو) پاڪَ پاڻيءَ. ٢٢. ڏِڪَ، سُرڪي (ڏني تڪ = سرڪي پيتي). ٢٣. انهن جي پڳي يا ختم ڪئي. ٢۴. پياسَ. ٢۵. وصل تِئا = ملي يا گڏجي (هڪ ٿي) وئا. ٢٦. ميلاپ. ٢٧. اي سمان، اي جکرا سمان. ٢٨. تنهنجي. ٢٩. سر تي، متي تي. ٣٠. (سرداريءَ جو) تاج. ٣١. ٻڳ وارا، پڳدارَ رَئيسَ معزز. ٣٢. ماڻهو، مرد. ٣٣. اي گهڙ، اي سکر ماڻهو، اي سردار. ٣۴. ڳنجڙي ۾. دربار ۾. ڪچهريءَ ۾. در تي. ٣۵. گهڻي انداز ۾. ٣٦. جڳ، جهان، ماڻهو. خلق.

جَنِ جيھوئي پَٽُ، تَنِ تيھائي ٻَڪِئا.

**١٥**

جَان تُون سَاقِي آهِين، تَہ وَتِيءَ وِچُ مَ وِجُهہ،
جُودُ تُنهِنجو جَڪَرا، ثَانِي آهي سِجُ،
نِينهَن پِيالو نِجُ، خَالِصُ ڏيج کُهِيَنِ کي.

**١٦**

هَٿان جَادَمَ جَڪَري، وَتِيءَ وِچُ نَہ پوءِ،
پِي پِي سو پُرِ تِئي، جو حَاتِمَ پَاسِي هوءِ،
ڪَيفَ ڏاران ڪوءِ، شَلَ جِيئي ڪو مَ جِهانَ ۾.

**١٧**

جيھِيءَ تيھِيءَ جَڪَرو، وَتِيءَ وِجهي نَہ وِچُ،
اَچو آيا نِچُ، سَمِي وائِي وات ۾.

**١٨**

ڪوھُہ نَہ جُهارِين جَڪَرو، جِنهِن ڏيھہ ڏِيا ڏِئِي،
لُڏئا تي لِينگن ۾، سَالُنِ ۾ سِيئي،

---

١. جن جو. ٢. جهڙي قسم جا. ٣. ڪشتو، خيرات پنڻ جو پيالو، زنبيل. ٤. تن کي. ٥. تهڙي قسم جي. ٦. خيرات، دان. ٧. جيڪڏهين، جنهن صورت ۾. ٨. (پاڪ) شراب يا پاڻي پيارينڌڙ. ٩. وٽيءَ يعني پياليءَ (ڏين) ۾. ١٠. وٽي، ويڇو، ڏير، رنڊڪ. ١١. سخا، فياضي. ١٢. اي جڪرا (سنڌ جي سمن حاڪمن جي خاندان جي هڪ سخيءَ بهادر سردار جو نالو جڪرو هو). ١٣. جهڙو، مٽ، برابر. ١٤. سورج، شمس، آفتاب (ثاني آهي سج = سج وانگر ظاهر يا پڌرو آهي). ١٥. نينهن جو، عشق جو، محبت جو. ١٦. جام، وٽو. ١٧. خالص، ڪرو، نبارُ. ١٨. تڪلن، ماندن، ڪمزورن، هيڻن. ١٩. هٿ مان يا کان. ٢٠. جادم سمي جي اولاد. ٢١. جڪري جي. ٢٢. پئي، پوي. ٢٣. نڙيءَ مان اوتي يا ڏوڪهي، تڪي، ڏُڪَ ڀري. ٢٤. ڍاول، پيٽ ڀريل، ڇڪار، ڪناتار، سيرُ. ٢٥. عربستان جي هڪ سخي مرد جو نالو پر هتي مراد جڪرو آهي. ٢٦. پاس، وٽ. ٢٧. هجي، آهي. ٢٨. (روحاني شراب يا عشق جي)، نشي يا خمار. ٢٩. کان سواءِ. ٣٠. هڪڙو بہ. ٣١. خدا ايئن ڪري. ٣٢. جيئرو يا زندهہ رهي. ٣٣. جڳ، دنيا، عالم. ٣٤. جهڙيءَ تهڙيءَ ڳالهہ جي ڪري، رواجي يا معمولي سبب جي ڪري. ٣٥. ٻلي ڪري، جيءُ ڪري (آڌر ڀاءَ يا ڀليڪار چوڻ ۾ ڪم ايندڙ لفظ). ٣٦. سمي کي، جڪري کي. ٣٧. ٻولي، گفتو، ڳالهہ، ٻچار. ٣٨. ڇو، ڇا جي ڪري. ٣٩. پوڄين، سيوين، ساراهين. ٤٠. ڏيهن يا ملڪن جا ماڻهو. ٤١. ٻُر ڪئا، سيرُ ڪئا. ٤٢. گهميا ڦريا. ٤٣. ڇنل ڦاٽل ڪپڙن. ٤٤. ريشمي لوين، عمدن پوشاڪن.

سَمٰي[1] سَيِئي، طَامَاعُو[2] تَارِ[3] ڪِئَا.

١٩

ڪُوهُ[4] نَہ جُهَارِيَن[5] جَڳَرو، جي ڏي وِلَهَنِ[6] ويلا[7]،
ڪَنِي مَاڻِڪَ[8] مِيڙِئَا[9]، ڪَنِ[10] تَازِي[11] طَبيلا[12]،
سَمي سَوِيلا[13]، طَامَاعُو تَارِ ڪِئَا.

٢٠

ڪوهُ نَہ جُهَارِيَن جَڳَرو، جو ويلو[14] ڪنهَن[15] نَہ وِجهي،
سَمُون تَنِ سَنَجي[16]، جي اَڻ[17] تِوڙِئَا[18] عَالَمَ[19] ۾.

٢١

ڪوهُ نَہ جُهَارِيَن جَڳَرو، جو وِلَهَنِ[20] وارِثُ[21]،
سُونَهُون سَڀَ[22] اُمَتَ[23] جو، پَاڳَارو[24] پُرسُ[25]،
سي ڏِڪِئَا[26] وَجِي ڏِسُ، جَنِ[27] گَنگا[28] جَرُ[29] گَڏِئو[30].

٢٢

ڪوهُ نَہ جُهَارِيَن جَڳَرو، سَمُون سُونَهَن[31] سَيِنِ[32]،
دائِمُ[33] جِنهِن جي دَرَ[34] تي، آسَائُو اَچَنِ،

١. جڪري. جيڪو سنڌ جي سمن حاڪمن جي خاندان جو هڪ سخي ۽ بهادر سردار هو. ٢. طمعدار، سوالي، اميدوار، آسائو. ٣. ڍئي جڏئا. پُريا سَيرَ ڪئا. ٤. ڇو. ٥. پوڇئين، سيوين. ٦.ولهن ڪي، سُجن ڪي، پينگين ڪي، ٻُڪين ڪي. ٧. ڪجهہ يا ڳچ وقت جو ڪاڏو يا قوت. ٨. سچا موتي، هيرا. ٩. گڏ ڪئا (چونڊي). ١٠. ڀئن (وٺ). ١١. تازي (گهوڙي جو قسم) آهين. ١٢. طبيلن ۾، ڪُڙهِيَن ۾. ١٣. سوير، ساجهر. ١٤. وقت، دير. (ويلو وجهي = ٻَڪَ ماري. ڪاڏي ڏيڻ ۾ دير ڪري). ١٥. ڪنهن ڪي. ١٦. آڇي يا ڏي يا پيش ڪري (ڪاڏو). ١٧. بنان. ١٨. توڙ وارا، ڪاڏي وارا، قوت وارا، سمر وارا. ١٩. جڳ، جهان، دنيا. ٢٠. ولهن جو. ٢١. والي، مالڪ، ڏڻي.٢٢. رهبر، اڳواڻ. ٢٣. خلق، مخلوقات. ٢٤. پڳ وارو، پڳدار، رئيس، سردار. ٢٥. مرد. ٢٦. ڏِڪ تي ويٺل، سيج تي ويٺل، گهوٽَ. ٢٧. جن ڪي. ٢٨. گنگا جو (گنگا هندستان ۾ هڪ ندي آهي جنهن جي پاڻيءَ کي هندو پوتر يا پاڪ تصور ڪندا آهن). ٢٩. پاڻي (گنگا جَرَ مان مراد جڪرو آهي). ٣٠. ملئو. ٣١.سينگار، زيب، زينت، فخر. ٣٢. سين جي. ٣٣. سدائين، هميشہ. ٣٤. دروازي تي، گهر تي.

Gul Hayat Institute

پيتو[1] طهورا[2] تن، جن[3] گنگا[4] جر[5] گڏئو[6].

## ٢٣

جن گنگا جر گڏئو، سي تئڙا[7] ڌڻ[8] ڌڻي[9]،
عزت[10] آسائن[11] کي، ڏيوي[12] گهوٽ[13] گهٽي،
طاماعن[14] تٽي[15]، پسو[16] جا پيدا ٿي.

## ٢۴

جن گنگا جر گڏئو، تن[17] اکين[18] پنون[19] نينهن[20]،
سکيون[21] تي سلام[22] کي، کالهه سجوئي ڏينهن*،
سندو[23] موتين[24] مينهن[25]، ان تان جال[26] وسايو جکري.

## ٢٥

سمون[27] سوائي[28]، بهون[29] بئنئان[30] ونرو[31]،
دانهه[32] جي دربار[33] ۾، ورتي[34] ايءَ وائي[35]،
گهڙ[36] ڳالهائي[37]، مهڙ[38] سڀ ملهائيا[39].

Gul Hayat Institute

## وائي

جئان ڏنائون پير، جئان ڏنائون پير،

١. تِکئو، ڏوگهئو. ٢. پاڪُ پاڻي، بهشت جو پاڻي. ٣. جن کي. ۴. گنگا جو (گنگا. هندستان جي اترپرديش رياست ۾ هڪ ندي آهي جنهن جي پاڻيءَ کي هندو پوتر يا پاڪ ڪري سمجهندا آهن). ٥. جل،پاڻي، آبُ (گنگا جر مان مراد سنڌ جي سمن حاڪمن جي خاندان جو هڪ سخي سردار نالي جکرو آهي)، ٦. ملئو. ٧. ٿئا. ٨. ڌڻ جا، چوپائي مال جي ولر يا وڳ جا. ٩. مالڪ (ڌڻ ڌڻي = مالدار، آسودا،شاهوڪار)، ١٠. مان، تعظيم. ١١. آس وارن، اميدوارن، سوالين. ١٢. ڏي. ١٣. تازو شادي ڪيل مرد، سهڻو جوان، پهلوان (جکرو)، ١۴. طاماعن جي، سوالين جي. ١٥. آڌار، سهارو، ٽيڪ. ١٦. ڏسو. ١٧. تن جي. ١٨. اکين جو، نيڻن جو. ١٩. مکمل ٿئو، پورو ٿئو. ٢٠. عشق، محبت. ٢١. اُڪنڊيون، انتظار ۾ هيون. ٢٢. حاضريءَ، زيارت، درشن، ديدار، ميلاپ *گذريل سمورو وقت.٢٣. جو. ٢۴. مائڪن، هيرن، جواهرن. ٢٥. برسات. ٢٦. گهڻو، بي انداز. ٢٧. جکرو (جيڪو سمن جي خاندان مان هو). ٢٨. سخي، داتا. ٢٩. گهڻو. ٣٠. ٻڻ کان. ٣١. وڌيڪ، بهتر، سرس. ٣٢. داناءُ، عقلمند، ڏاهي. ٣٣. ڪچهري، مجلس. ٣۴. هلي، جاري آهي، هر ڪنهن جي زبان تي آهي.. ٣٥. ڳالهه، گفتگو. ٣٦. وڏي ماڻهوءَ، سڪر ماڻهوءَ، سردار. ٣٧. سوال جواب ڪري، تقرير ڪندي، وڪالت ڪري. ٣٨. مهندار، اڳواڻ، ابا ڏاڏا. ٣٩. سرخرو ڪئا، مرڪايا، سرَها ڪئا.

مَتي[1] اڱَڻَ[2] آئِيَا، سُونهَڻَ[3] لَڳَا سيرَ[4]،
جِئَائِين[5] نَبِيّ[6] نڱِئو[7]، پَري[8] مُبَارَڪَ[9] پيرَ[10]،
سَاري[11] شفِيعَ[12] جَامَ[13] ڪي، هِينئَڙِي[14] لَڳِي[15] هيرَ[16]،
يَڳَا[17] ڪُوٽَ[18] ڪُفَّارَ[19] جَا، اَچِي عَلِيءَ[20] شيرَ[21]،
لَٿَا[22] ڏُکَ[23] سُکَ[24] ٿِئَا، ٿِي واڌائِيءَ[25] وِيرَ[26].

---

۱. تي، ۲. صحن، پڌر، آڳر، ۳. ڀهڪڻ، وڻڻ، ۴. ڳس يا واٽون (جن تان محبوب آيا)، ۵.جتان، جنهن جاءِ يا هنڌ تان، ٦. خبر ڏيندڙ يا رسول (حضرت محمد ﷺ مصطفيٰ صلعم)، ۷.نڪتو، لنگهيو، ۸. ڪٽي، ۹. سڀاڳا، ڀلارا، برڪت وارا، پاڪ. ۱۰. قدم، پيرَ، وکون، ۱۱. ياد ڪري، سنڀالي، ۱۲. شفاعت ڪندڙ، سفارش يا پارت ڪندڙ، ۱۳. سردار (سنڌ جي سمن حاڪمن جو لقب)، ۱۴. هينئڙي کي، دل کي، ۱۵. ٿي، ۱٦. عادت، گت، علت، چشڪو، مزو، ۱۷. توڙيا، ڀور ڪيا، ڪيرايا، ۱۸. قلعا، ڳڙهه، پناهه جون جايون، ۱۹. ڪافرن، انڪار ڪندڙن، نافرمانن، هٺيلن، ضدين، ۲۰. اسلام جي پيغمبر حضرت محمد ﷺ مصطفيٰ صلعم جن جي سؤٽَ ۽ نياڻي جو نالو، ۲۱. شينهن، بهادر، ۲۲. ختم ٿيا، پورا ٿيا، ۲۳. اهنج، تڪليفون، ۲۴. سهنج، آسائشون، ۲۵. واڌائيءَ جي، مبارڪ جي، خوشخبريءَ جي، ۲٦. مهل، وقت.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر بِلاوَلُ

## داستان ٽئو

### ١

لِبِي[1] لَعنَتِيءَ[2] کي، اَٽِيءَ ۾ آهي،
اَنڌو[3] مُون عَلِيلَ[4] تي، سِيْنُو[5] تو سَاهِيْ[6]،
عَلِيَّ[7] شَاهَ[8] اَچِيجِ تُون، تِنهِن کَافِرَ[9] تي کَاهِيْ[10]،
لُٽِي[11] وِجُهه لاهِيْ[12]، مَتو[13] مَجُوسِيءَ[14] جو.

### ٢

مَارِ[15] مَ مُطِيعَلَ[16] کي، مَجُوسِيءَ کي مَارِ،
وِڏِي جَنگِ[17] مَ وِسَارِ[18]، نَندِيَان[19] نَفعُ[20] نَاهِ کِي.

### ٣

نَندِيَان نَفعُو نَاهِ کو، وَڏي وِسَارِي،
مَجُوسِي مَارِي، اَصغَرَ ذي اَچِيجِ تُون*.

Gul Hayat Institute

---

١. اٺ جي نڪ جي چوٽيءَ يعني اَٺيءَ ۾ پيل يا وڌل ڪاٺيءَ جو ٽڪر يا سَٽَ جو ڪڙو جنهن ۾ مهار وجهبي آهي، چمر، ناڪيل، ناڪيلي. ٢. لعنت جو لائق، لعنت نيل، ڌڪاريل، ڦِٽڪاريل، بدبخت، شامت زدهہ (نفس امارو). ٣. نابين، جيڪو اکين کان ڏسي نہ سگهي، ناسناسي، بي حيا، بي شرم (نفس ڏانهن اشارو). ۴.بيمار، ضعيف، هيڻي، لاچار، ۵. ڇاتي، اُرهہ. ٦. تاڻي (سينو ساهي = آڪڙ يا غصو ڪري، وڙهڻ يا مقابلي ڪرڻ لاءِ تيار ٿئي). ٧. اي حضرت علي ع (علي ع حضرت محمد مصطفيٰ صلعم جن جي سوٽ ۽ نائيءَ جو نالو آهي). ٨. بادشاهہ، سلطان. ٩. ڪفر ڪندڙ، خدا جو منڪر، بي دين، ملحد، مليڇ (نفس ڏي اشارو). ١٠. حملو ڪري، جُنهہ ڪري. ١١. ڪپي، ڪٽي. ١٢. (ڌڙ کان) جدا ڪري. ١٣. سِرِ، سسي. ١۴. باهہ جي پوڄاريءَ آتش پرست، گبر (نفس اماري). ١۵. جنگ ڪر، حملو ڪر. ١٦.مطيع ڪيل، تابع ڪيل، مجايل (نفس مطمعنة). ١٧. ويڙهہ، لڙائي (وڏي جنگ = جهاد اڪبر، نفس اماري سان جنگ). ١٨. دل تان لاهہ. ١٩. ننڍيءَ (جنگ) مان، جهاد اصغر مان يعني ڪافرن يا خدا جي منڪرن جي خلاف جنگ مان. ٢٠. فائدو، لاڀ، حاصلات * مجوسي (نفس) مارڻ بعد يعني جهاد اڪبر پوري ڪرڻ کان پوءِ جهاد اصغر يعني ڪافرن سان جنگ ڪرڻ جي سوچ ڪج.

## ۴

اَصْغَرَ[1] ڏي آهِين گهَٽا، تُون اَڪبَرَ[2] ڏي آءُ،
مَتَان[3] لُوڙو[4]، لاهِيين[5]، مَجُوسِيءَ[6] مَتَان[7]،
حَيدَرِ[8] جي هَٿَان[9]، وِڙهُه[10] تَه وِيرِي[11] مارِيين[12].

## ۵

سَوين[13] پِئا سَردارَ[14]، پانڊَپَ[15] سِين نَه پاڙِيان[16]،
آهي مِثل[17] مِينهَن[18] جي، سَخِيُ[19] تُنهِنجي سارَ[20]،
حاتِمَ[21] هَڙدَهه[22] هزارَ، جُهڙَ[23] تُنهِنجي جَهپِئا[24].

## ٦

جُهڙَ تُنهِنجي جَهپِئا، هَزارين حاتِم،
ڪوجَهِن[25] سَندا[26] ڪَمَ[27]، ڪامِلَ[28] رِءَ ڪِيرُ[29] ڪَري.

## ۷

ڪوجها پَسُ[30] ڪَرِيمَ[31]، جي آهِين تُنهِنجي آسَري[32]،
پائِي پَنهِنجي[33] پاتِ[34] مِ، سَگهو[35] ڏي سَلِيمَ[36]،
هَٿان تو[37] حَلِيمَ، وَڙَ[38] پَڻ وَجَن[39] واسِئا.

---

١. جهاد اصغر، ننڍي جنگ = ڪافرن سان جنگ، ٢. جهاد اڪبر، وڏيءَ جنگ، نفس اماري سان جنگ، ٣. مڃڻ، اصل نہ، ۴. جهيڙو، جنگ، هلڙ هنگامو. ۵. ختم ڪرين، ٦. آتش پرست، باهہ جي پوڄاري، گبر (نفس اماري)، ۷. تان، ٨. آزدها ڪي چيريندڙ يعني وڏي نانگ کي چيريندڙ (حيدر، اسلام جي پيغمبر حضرت محمد مصطفيٰ صلعم جن جي سؤٽ ۽ نائيءَ حضرت علي جو لقب آهي)، ٩. هٿ سان، مدد سان، وسيلي سان، ١٠. (نفس اماري سان) ويڙهہ يا جنگ ڪر، ١١. دشمن (نفس)، ١٢. نابود ڪرين، ١٣. سون جي تعداد ۾، ١۴. اڳواڻ، رهبر، مهندار، ١۵. سنڌ جي سمن حاڪمن جي خاندان جي هڪ سخيءَ ۽ بهادر جکري نالي مرد ڏانهن اشارو آهي، ١٦. برابر ڪريان، مٽ يا هڪ جهڙا ڪري ڀانيان، ١۷. وانگر، ١٨. برسات، ١٩. اي سخي (جکرا)، ٢٠. سنڀال، سخا، خيرات، بخشش، ٢١. عربستان جي هڪ سخيءَ جو نالو، ٢٢. ارڙهن (هژده هزار = هزارن جي تعداد ۾، بي انداز)، ٢٣. (سخاوت يا فياضيءَ جي) ڪڪر، ٢۴. مات ڪئا، شڪست خوردهہ ڪئا، ٢۵. ٻچڙن، بدڪارن، ٻُرن، عيبدارن، بدصورت وارن، ٢٦. جا، ٢۷. حاجتون، مطلب، ٢٨. خدا رسيدي، بزرگ، نيڪ، ڀلاري، ڏوهہ گناهہ کان پاڪ، ٢٩. ڪان سواءِ، ٣٠. ڏس، ٣١. اي ڪريم، اي ڪرم يا مهرباني ڪندڙ، اي سخي، ٣٢. آسري تي، ڀروسي تي، ڏِڍ تي، ٣٣. وجهي، ٣۴. نڪر يا ڪاٺ جي وڏي تاسري ٿانءَ، ٣۵. جلد، ٣٦. اي سليم، اي ڪامل، اي حليم، اي نيڪ، ٣۷. کان، وٽان، ٣٨. بدڪار، گنهگار، غير، ڏاريان، ٣٩. سُرها يا خوشبودار ٿئو، سرهاڻ يا سڳنڌ ڀرايو.

Gul Hayat Institute

## ۸

جُ[۱] اُڏَمِئو[۲] اَجُ، تَہ وَسَندو[۳] سون[۴] قُرِّيِن[۵]،
جَالَ[۶] ڏِئيندو[۷] جَهنگُ[۸]، جُنگُ[۹] ڏِئيندو جَڪرو[۱۰].

## ۹

اُڏَمِئو اوڙاهُہ[۱۱]، لَکين[۱۲] وَهن واهُڙا[۱۳]،
سَمي[۱۴] سَرو[۱۵] چِکايو[۱۶]، پيئي شَاهُہ[۱۷] گَدا[۱۸]،
راهُوءَ[۱۹] جي رهَاڻِ[۲۰] ۾، نَکو ڏَپُ[۲۱] نَہ ڏاءُ،
هوتَاڻيءَ[۲۲] هَٿَان[۲۳]، وِڙَ[۲۴] پَنِ وَجَنِ واسِئا[۲۵].

## ۱۰

راهُو[۲۶] تُنهِنجي رِيت[۲۷]، پَرڪَنديِن[۲۸] پَڌِري[۲۹]،
گَهَٽا[۳۰] گهوڙي چاڙهِئا[۳۱]، تو مُسافِر مَسيت[۳۲]،
پُڇين ڪَانَہ وِڏِيت[۳۳]، جي آئِيا سي اگهِئا[۳۴].

## ۱۱

راهُوءَ جا رَهئام[۳۵]، سَنيها[۳۶] سَر[۳۷] ۾،
پِئا در[۳۸] وِسرِئام[۳۹]، ڏِني[۴۰] جادم[۴۱] جَڪري[۴۲].

---

۱. جيڪڏهين. ۲. (سخا جو ڪڪر) جوش ۾ ايو. ۳. ورڪا ڪندو، نڇاور ڪندو. ۴. سون (زرد رنگ جي قيمتي ڌاتوءَ) جون. ۵. قرّيون، بوندون، مينهن. ۶. گهڻو، جهجهو. ۷. ڏؤ ڪرائيندو، پيٽ ڀريندو، سيرُ ڪندو. ۸. جهر جهنگ، سارو ملڪ. ۹. جوڌو، پهلوان، فقيرن جو ٽولو. ۱۰. سنڌ جي سمن حاڪمن جي خاندان جي هڪ سخيءَ بهادر سردار جو نالو. ۱۱. درياءَ، سمنڊ. ۱۲. لکن جي تعداد ۾، اڪيچار. ۱۳. ننيا واهہ، ڪسيون. ۱۴. جکري، جيڪو سمن جي خاندان مان هو. ۱۵. شرابُ. ۱۶. ڏاهيو. ۱۷. بادشاهہ، امير، سردار. ۱۸. فقير، غريب، مسڪين (شاهہ گدا = امير توڙي غريب). ۱۹. هڪ مشهور سخي سمي سردار جو نالو (هتي مراد جکرو آهي). ۲۰. ڪچهريءَ، مجلس. ۲۱. ڏپُ، خوف، خطرو. ۲۲. محبوب يعني جکري (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو ان ڪري پنهونءَ کي هوت جو اولاد يعني هوتاڻي چيو ويندو هو). ۲۳. ڪان، وٽان. ۲۴. بدڪار، دشمن، غير، ڌاريا. ۲۵. سرها يا خوشبودار ٿئو، سرهاڻ يا سُگنڌ ماڻيو يا حاصل ڪرئو. ۲۶. اي راهو (اي جکرا). ۲۷. ير، رسم، عادت. ۲۸. پرڪندن ۾، پرڏيهن ۾، غير ملڪن ۾، ولاتن ۾. ۲۹. مشهور. ۳۰. گهوڙي تي. ۳۱. تو چاڙهيا، تو سوار ڪيا (گهوڙي چاڙهيا = تونگر يا آسودا ڪيا). ۳۲. مسافر مسيت = مسيت يعني مسجد جا مسافر، بي اجهي مائهو، مسڪين، غريب. ۳۳. سبب، تفصيل، ذات يا نسل جي خبرچار، وڏ نندائي. ۳۴. قبول پيا، مقبول ٿيا. ۳۵. مونکي رهيا يا جاءِ گزين ٿيا. ۳۶. پيغام، نياپا. ۳۷. بدن، دل. ۳۸. دروازا، گهر. ۳۹. مون کان وسريا يا دل تان لهي ويا. ۴۰. ڏسڻ سان. ۴۱. جادم سمي جي اولاد مان. ۴۲. جکري جي.

Gul Hayat Institute

(١٢)

ڏِني[1] جَادَمَ[2] جَکَري[3]، چِتَ[4] نَه ٻِئا چَڙهِنِ[5]،
تَه ڪُوهَه[6] ڪُوهَه[7] ڪَجَنِ[8]، جُه[9] سَرُ[10] لِيي[11] سُيَرو[12].

١٣

تَڙ تَڙ[13] ڪِيمَ تَرَسُ[15]، سَرُ[14] نِهَارِجِ[16] سُيَرو،
ڏِيندءِ[17] لَکَ[18] لَطِيف چَئي، راڄِ[19] راهُوءَ[20] جي رَسُ[21]،
وَلِهَا[22] جِنهن وَنهَئَان[23] ڪِئا، پَاکَ[24] تَنهِين جي پَسُ[25]،
کوڙِين[26] لاهي[27] ڪَسُ[28]، جُه ٻَالَهَائي[29] ڳَاتُ[30] ڪَٽي[31].

١٤

سَمُون[32] سَخَاوَتَ[33] جِي، اُيو[34] پُڇي[35] پَرِ[36]،
ڪُوني[37] ڪَنگَالَن ڪي، ڏي دلاسو[38] دَرِ[39]،
مَتي[40] وِلَهن[41] وَرِ، ڏَهَاڙي[42] ڏاتَار[43] جِي.

١٥

وِينو ڏي ڏاتَارُ، ٻَڌئو[44] مَاڻِڪَ مُوڙِين[45]،
ڪَمُ[46] نَه جَاڻي ڪِي ٻِئو، وِجَا[47] جو واپَارُ،

١. ڏسڻ سان. ٢. سخيءَ. ٣. جکري جي (جکرو سنڌ جي سمن حاڪمن جي سخي جادم سمي جي خاندان جو هڪ سخي سردار هو). ٤. چِت تي، دل تي. ٥. اچن، هُرن، ياد پون. ٦. چو. ٧. پاٿيءَ هٿ ڪرڻ لاءِ زمين ۾ کوٽيل اونهيون کڏون. ٨. کوٽجن، ٺاهجن. ٩. جيڪڏهين. ١٠. تلاءُ، چشمو. ١١. ملي، هٿ اچي. ١٢. (پاٿيءَ سان) ڀريل، ڪنان ڪن يعني ڪپرن تائين ڇڪار. ١٣. تڙ تڙ = هر هڪ يا هر ڪنهن تڙ تي، کوهه تي، چشمي يا تلاءَ تي. ١٤. نه. ١٥. واجهاءِ يا بيهه (راضي ٿي). ١٦. ڳولج. ١٧. توکي ڏيندو. ١٨. لکن جي انداز ۾ يا تمام گهڻي (خيرات يا دان). ١٩. راڄ ۾، حڪومت ۾، ملڪ ۾. ٢٠. مشهور سخي سردارجو نالو (جکري). ٢١. پهچ. ٢٢. سڄا، پينگيا، ڪنگال، مسڪين. ٢٣. سڪئا، آسودا، شاهوڪار. ٢٤. پڳ، پٽڪو، سرداري. ٢٥. ڏس (پاڳ پس = حاضري ڀر، خدمت ڪر). ٢٦. کوڙين جي، ڪروڙن (بي انداز ماڻهن) جي. ٢٧. ختم ڪري، ميٽي، ميساري. ٢٨. فڪر، مونجهارو (ڏوهن ۽ گناهن جي ڪري دل تي چڙهيل) زنگ، ڪٽ، ميل. ٢٩. تقرير ڪري (سفارش يا شفاعت جي انداز ۾). ٣٠. ڳچي، ڪنڌ، سِرُ. ٣١. مٿي يا اوچو ڪري. ٣٢. جکرو، جيڪو سمن حاڪمن جي خاندان مان هو. ٣٣. فياضيءَ، خيرات. ٣٤. بيٺو. ٣٥. معلوم ڪري. ٣٦. ريت، نمونو. ٣٧. سڏ ڪري، پڪاري. ٣٨. آسرو، ڏڍ، تسلي. ٣٩. (پنهنجي) گهر جي در تي. ٤٠. تي. ٤١. مهرباني، نوازش. ٤٢. هر روز، سدائين، هميشه. ٤٣. سخيءَ، ڪريم. ٤٤. موتي، هيرا، جواهر. ٤٥. موڙين ۾، هڙن ۾، ڳوٿرين ۾، موڙين يا ڳوٿرين جي حساب سان. ٤٦. ڌنڌو، واپار. ٤٧. عقل، ڄاڻ، معرفت، حڪمت.

Gul Hayat Institute

لَٿو[1] ڏيهہ[2] ڏُڪار[3]، جُنگَ[4] سَامَاڻي[5] جَکَري[6].

## ١٦

اَلا[7] جُنگَ جِيَنِ[8]، اَجهي[9] جَنِني[10] گهارِيَان[11]،
شَالَ مَ سُڪي[12] وِيَرِي[13]، جِئائين[14] پَيِي پِيَنِ[15]،
مَرَڪَڻُ[16] اڪَزِيُنِ[17]، جَنِ[18] ڏِٺي[19] مُون[20] ٿِئي.

## ١٧

آهِيُون اَجهي جِنهِن جي، تِنهِن وَڏِي[21] جَامَ[22] جَمَارَ[23]،
بَاجهہ[24] جَنهِن جيءَ بَارَ[25]، اَنئي[26] پَهرَ اگُوندَرا[27].

## ١٨

پِيَرَ[28] پَرِيَندي[29] تَرِئا[30]، اِيَندي لَٿي[31] اُجَ[32]،
مَنجِهہ[33] وِيَرِي[34] سُجَ[35]، ڪَرَ[36] لَڌي[37] رڻ اُڪارِيين[38].

## ١٩

جي[39] تُون آسَائُو[40] آهِيين، وانءُ[41] پَانڊپَ[42] پَاسِ[43]،
گهوڙا هيرَوَهَتِيَا[44]، وَنِي آءُ وَتَانِسِ[45]،
پَربندي[46] پِئَاسِ[47]، سُتِي[48] سَخَاوتَ جِي[49].

Gul Hayat Institute

---

١. ختم ٿيو. ٢. ڏيهہ تان، ملڪ تان. ٣. قحط، ڏرت، اڻ هوند. ٤. بهادر، پهلوان، جوڌي. ٥. ساماڻي، چمندي، پيدا ٿيندي، سمجهدار ٿيندي. ٦. جکري جي (جکرو، سنڌ جي سمن حاڪمن جي خاندان جو هڪ سخي سردار هو). ٧. اي الله، شال. ٨. جيئرا يا زندهہ رهن، حيات هجن (سدائين). ٩. اجهي ۾، پناهہ ۾، پروسي يا آڌار تي. ١٠. جني جي. ١١. رهان، (عمر يا حياتي) گذاريان. ١٢. خشڪ ٿئي، نوٽ ٿئي، بي آبَ يعني بنان پاڻيءَ جي ٿئي. ١٣. بريت يا بيابان ۾ پاڻيءَ جي ننڍي کوهي، ويٽر. ١٤. جنهن مان. ١٥. واٽهڙو، مسافر. ١٦. فخر، خوشي. ١٧. اکرين کي، نيڻن کي. ١٨. جنجي. ١٩. ڏسڻ سان. ٢٠. منهنجي. ٢١.ڊگهي، دراز، طويل. ٢٢. ڄام جي، سردار جي، جکري جي (ڄام، سنڌ جي سمن حاڪمن جو لقب هو). ٢٣. عمر، حياتي. ٢٤. ٻاجهہ سان، مهربانيءَ سان، نوازش سان. ٢٥. سام يعني (پناهہ هيٺ) ٻار ٻچا، اولاد، عيال، گهراڻا، ڪٽنب قبيلا. ٢٦. اٺئي پهر= سدائين، هر وقت. ٢٧. بي گوندرا، بنان گوندر يعني فڪر جي، خوش خورم. ٢٨. قدم. ٢٩. اوائل ۾ ٿي، شروع ڪان ئي، پهريائين. ٣٠. ٺڏا ٺٺا (پير ٺرئا = خوشي ٿي، آرام ٿيو). ٣١. اچڻ وقت يا اچڻ سان (محبوب جکري جي). ٣٢. پياس. ٣٣. ۾. ٣٤. سخت ڪٺن، ويران. ٣٥. بريٽ، بيابان. ٣٦. سنياڻ، سار. ٣٧. ڪئي،ورتي. ٣٨. رڻ اکارين = رڻ جي اُکاريندڙن، رڻ جي سونهن يا رهبرن. ٣٩. جيڪڏهين. ٤٠. اميدوار، سوالي. ٤١. وڃ. ٤٢. بهادر، سخي (جکري). ٤٣. وٽ. ٤٤. هٽ هيريا، هيريل، ٻانيل. ٤٥. ان ڪان، ان وٽان. ٤٦. شروع ۾، جمڻ مهل. ٤٧. ان کي پئي، ٤٨. سپ يعني صدف جو هڪ ٻڙ جنهن ۾ ٻارن کي کير يا دوا پياربي آهي. ڦڪي (سپي پئاس = ان کي سپي پيل آهي يعني هير يا عادت آهي). ٤٩. فياضيءَ، خير، سخا.

## ٢٠

جي[1] تون آسائو[2] آهين، ته هلي[3] پس[4] حبيب[5]،
ترت[6] ۾ طبيب[7]، تيندو وڏل[8] واڍوڙين[9] جو.

## ٢١

جي تون آسائو آهين، ته وانءُ جکري[10] لائي[11]،
متان وڃُ[12] وڃائين[13]، کنهن ٻي در[14] ليلائي[15]،
سمي[16] سامائي[17]، چندا[18] لاتي[19] چارڻين[20].

## ٢٢

جي تون آسائو آهين، ته چانئٺ[21] ٻي م چوڙ[22]،
کيرا[23] کميتن[24] جا، کتي[25] آتي کوڙ[26]،
ان در[27] عراقي[28] گهٽا[29]، تون چانگون کئو چوڙ[30]،
تنهن سيد[31] وڏي سوڙ[32]، جنهن ۾ متو[33] هنيو[34] مگڻين[35].

## ٢٣

تون اوڏر[36] تون اوڏکو، تون اجهو تون آڪ[37]،
هت پڻ تنهنجو تکئو[38]، مهند[39] پڻ[40] تونهين ماڪ[41]،

Gul Hayat Institute

١. جيڏهين. ٢. اميدوار، سوالي. ٣. وڃي. ۴. ڏس. ۵. دوست، محبوب (جکرو) جيڪو سنڌ جي سمن حاڪمن جي خاندان جو هڪ سخي سردار هو). ٦. سيگهه، توري وقت، ساعت کن. ٧. حڪيم، ويج، معالج، دوا ڏيندڙ. ٨. وڏو، بزرگ، وڏي شان ۽ عزت وارو. ٩. گهايلن، زخمين، قتيلن، بيمارن. ١٠. وڃ. ١١. وٺ. ١٢. مڃڻ، بلڪل نہ. ١٣. لڄڻ، عزت، شان، آبرو. ١۴. در تي، دروازي تي، گهر تي. ١۵. عاجزيون ڪري، نيزاريون ڪري، ايلاز ڪري، منٿون يا وينتيون ڪري. ١٦. سمي (جکري، جيڪو سمي خاندان مان هو) جي. ١٧. سامائجڻ سان، پيدا ٿيڻ سان، ڄمڻ سان، سمجهه واريءَ وهيءَ يا عمر کي پهچڻ سان. ١٨. ڄڻتا، ڳڻتي، فڪر. ١٩. ختم ڪئي، ٢٠. چارڻن جي، ٻينو فقيرن يا مڱڻهارن جي. ٢١. گهر جي دروازي جي چوکٽ جي هيٺين ڪاٺي. ٢٢. لنگهي وڃ، ٽپي وڃ (چانئٺ چوڙ = گهر ۾ اندر لنگهي وڃ). ٢٣. چوپائي مال کي ٻڌڻ لاءِ ڪاٺ جا ڇهنبيارا ننڍا ٽڪر، ڪلا. ٢۴. گهوڙن (چاڪليتي رنگ جي). ٢۵. هٽ ڪري، ڪٽي. ٢٦. زمين ۾ کُپاءِ. ٢٧. در تي. ٢٨. عربي گهوڙا. ٢٩. ولر، ڌڻ، قطارون. ٣٠. ڪاهه، وٺي وڃ. ٣١. سيد جي، سردار جي (هن مان مراد حضرت محمد ﷺ مصطفيٰ صلعم جن آهن). ٣٢. سوڙ، ٽلهي ۽ ڪپهه پيل رلي جيڪا سرديءَ ۾ سمهڻ مهل مٿان وجهبي آهي. ٣٣. سر، سسي. ٣۴. وڏو، لڪايو، پناهه ورتي. ٣۵. مڱڻن، ٻينو فقيرن. ٣٦. اوڏڪو، اوڇڻ، اوڍڻو، ڍڪ، پردو، پناهه، پوشاڪ، ڇانو، اَجهو، ڀاڇو. ٣٧. ڀروسو، آڌار، وسيلو، سردار. ٣٨. آڌار، ٽيڪ، پناهه. ٣٩. اڳتان، قيامت ۾. ۴٠. صرف تون. ۴١. آڌار.

سي لوريون[1] ڏينِ لاڳُ[2]، جي[3] اَجهي[4] آيون اَبڙي[5].

## ٢٤

اَکِيِنِ سُوئِي اورکِئو[6]، جو کَنيِن[7] سُئُمِ[8] قَرَنُ[9]،
مَاءُ[10] مُنهِنجو مَنُ[11]، جَامَ[12] پَسَندي[13] پَتِئو[14].

## ٢٥

ڏُکو[15] دارُونءَ[16] هيکڙو، جي[17] وِکَامي[18] پَدَمَ[19]،
سَمُون[20] دَمَ قَدَمَ[21]، تو جَال[22] پِيَاري جکرو،

## ٢٦

ڏُکو دارُونءَ هيکڙو، جي وِکَامي نِيلَ[23]،
سَمُون جَامُ سَبِيلَ[24]، تو پوڄ[25] پِيَاري پَهِيَڙا[26]،

## ٢٧

سَمِي[27] سَامَاڻي[28]، سَمَرُ[29] کَڻو نَ سَاٿِئَا[30]،
چَنَا[31] چَانئي چَڏئَا[32]، مَنَهَن مَهمَاڻي[33]،
هَلِبو[34] هَاٽي[35]، جِتِ وِحدَتَ[36] جو وِيءُ[37] وَهي[38].

١. مکٿهارڻيون، فقيراڻيون، لنگهيون، نادار عورتون، مسڪين عورتون، ٢. ڏين لاڳ= مڃتا يا نذر ڏين، ٣. جيڪي، ۴. اجهي ۾، پناهه ۾، ٥. ابڙي جي، ابڙي سمي جي، جيڪو سومرن جي خاندان مان هو ۽ ڪڇ رياست جي هلار شهر جو سردار هو، ٦. سڃاتو، ڄاڃي ڏٺو، ٧. ڪنن سان، ٨. مون سُئو، مون ٻڌو، ٩. سمن خاندان جي هڪ سخي سردار جو نالو، ١٠. اي ماءُ، اي امڙ، ١١. دل، ١٢. ڄام کي، سردار کي، ١٣. پسڻ يا ڏسڻ سان، ١۴. وسهيو، ويساهه يا اعتبار ۾ اچي ويو، مطمئن ٿئو، ١٥. وزن يعني تور جو ماپو، سير جي آسي پتي، تولو، ١٦. دارونءَ جو، شراب جو، ١٧. جيڪڏهين، ١٨. وڪرو ٿئي، فروخت ٿئي، ١٩. پدم يعني ڏهه لک ارب رپين جي برابر (هڪ ارب برابر هڪ سو ڪروڙ جي)، ٢٠. ڄکرو، جيڪو سمن حاڪمن جي خاندان مان هڪ سخي سردار هو، ٢١. دم قدم = هر هر، حياتيءَ يا زندگيءَ تائين، هر حالت ۾، ٢٢. جهجهو، جام، گهڻو، ٢٣. نيل يعني ڏهه هزار ارب روپين جي برابر، ٢۴. تمام گهڻو، ڳاڻيٽي کان ٻاهر، بي حساب، ٢٥. بي انداز، جام، ٢٦. واڌهڙو، مسافر، ٢٧. سمي جي، ٢٨. ساماڻجڻ بعد ڄمڻ بعد سمجهه واريءَ عمر کي پهچڻ کانپوءِ، ٢٩. تو شي يعني توڻ جا سامان، مسافريءَ جا سامان، ٣٠. اي ساٿيو، اي دوستو، ٣١. ڪکن جا ٺهيل گهر، منهن، ڇپر، ٣٢. وڃائي، پکيڙي، کولي، ٣٣. وڏي، بزرگ، سردار، ٣۴. وڃبو، ٣٥. هينئر ئي، هن مهل ئي، ٣٦. هيڪڙائيءَ، هيڪاند، ميلاپ، وصال، ٣٧. سرسبز ساوڪ سان ڀريل ميدان، بهشت يا جنت نما ميدان، واپار، ٣٨. ڪليل آهي، جاري آهي.

Gul Hayat Institute

## ۲۸

اِهَڙيءَ[۱] آسَ[۲] اَپارَ[۳]، پارِيُون[۴] جَهلِئو[۵] نَہ رَهي[۶]،
ٻيلي[۷] ۽ گِرنارَ[۸]، اُٺو[۹] گنگا[۱۰] جَرُ[۱۱] جَڳَرو.

## ۲۹

ڏَمَرِئو[۱۲] تَہ ڏي[۱۳]، پَرَچِئو[۱۴] تَہ پاٽَ[۱۵] پَري،
جُنگَ[۱۶] جَڳَري ڪي، ٻَئِي[۱۷] چَڱِيُون[۱۸] چِتَ[۱۹] ۾.

## وائي ۱

مُون ڪي دوستَ[۲۰] حَبيبَ جو، آسَرو[۲۱] آهي،
جانَ[۲۲] جان اوڏا[۲۳] ڪَرَها[۲۴]، پُڄان[۲۵] تان ڪاهي[۲۶]،
موٽُ[۲۷] مُنهنجا سُپِرين[۲۸]، واڳُون[۲۹] ورائي[۳۰]،
آهي ڪَرَمُ[۳۱] ڪَريمَ[۳۲] جو، جِيئَن لَنگَها[۳۳] لَنگهائي[۳۴]،
لُطفَ[۳۵] سانُ لَطيفُ رح چئي، مُوڙَها[۳۶] مَلائي[۳۷]،
شَفاعَتَ[۳۸] جا شَفيعَ[۳۹] جي، تِنهِن ۾ قَيرُ[۴۰] هَڏَ[۴۱] ناهي،
مِيرُ[۴۲] مُحَمَدُ ص ڪارَڻي[۴۳]، جو اَڙِئا[۴۴] ڇُٽائي[۴۵].

---

۱. ڪنهن اهڙيءَ ۲. حاجت، غرض، ۳. کُٽيءَ (آس اپار = کُٽيءَ حاجت سبب)، ۴. ڪنڌيون، ڪنارا، پاسا، ۵. روڪئو، رنڊئو، بندئو، ۶. ٽڪي، قابو ٿئي، جهلجي، ۷. ٻيلي ۾ (ٻيلو، ڪڇ جي رڻ ۾ ڪڇ جي ڪنار قريب هڪ مشهور ٻيٽ آهي)، ۸. گرنار ۾، (گرنار، رياست جهوناڳڙهہ ۾ هڪ شهر آهي)، ۹. وسيو، وارد ٿئو، وهتو، ۱۰. گنگا جو (گنگا، هندستان جي اتر پرديش رياست ۾ هڪ ندي آهي جنهن جي پاڻيءَ کي هندو ماڻهو پوتر ۽ پاڪ سمجهندا آهن)، ۱۱. جَلُ، پاڻي (گنگا جر مان مراد جڳرو آهي جيڪو سنڌ جي سمن حاڪمن جي خاندان ۾ هڪ سخي سرادار هو)، ۱۲. ڪاوڙيو، ناراض ٿئو، ۱۳. خالي نہ موٽائي يعني ٿورو گهڻو ضرور ڏي، ۱۴. راضي ٿئو، ۱۵. پاٽيون، پاٽوڙا، ٺڪر يا ڪاٺ جا وڏا تراڪڙا ٿالهہ، ۱۶. پهلوان، جوڌي، سخيءَ، ۱۷. ٻئي ڳالهيون (ٿورو ڏيڻ يا پاٽ پري ڏيڻ)، ۱۸. موچاريون، سٺيون، ۱۹. دل، من، ۲۰. يار، سڄڻ، محبوب، حبيب، ۲۱. ڏِي، ڀروسو، سهارو، ۲۲. جيستائين، ۲۳. ويجها، نزديڪ، قريب، ۲۴. اُٺ، ۲۵. پهچان، رسان، ۲۶. هلي، پنڌ ڪري، ۲۷. واپس اَچ، ۲۸. پرين، محبوب، ۲۹. مهارون، اٺن جي نڪن ۾ پيل نوڙيون، ۳۰. ڦيرائي، ۳۱. فعل، ڏنڌو، ۳۲. ڪرم ڪندڙ، مهرباني ڪندڙ (حضرت محمد ص مصطفيٰ صلعم جن)، ۳۳. عيبدار = ڏڏا، گنهگار، ۳۴. اُڪاري، پار ڪري، ۳۵. مهربانيءَ، نوازش، ڪرم، ۳۶. منجهيل، موڳا، وائڙا، پريشان، ورسيل، ۳۷. ڳڏي، ۳۸. (گناهن جي معافي لاءِ) سفارش، پارت، ۳۹. شفاعت ڪندڙ (حضرت محمد صلعم جن)، ۴۰. گمان، شڪ، ۴۱. هرگز، بنهہ، ۴۲. سردار، ۴۳. وسيلو، حامي، شفيع، ۴۴. اڙيل، ڦاٿل، ۴۵. آزاد ڪرائي.

Gul Hayat Institute

## وائي ٢

ڏَڪَ[1] ڏِڪيندو[2] مُون[3] نہ ڇَڏِيندو[4]، شَفِيعُ[5] شافِعُ سُپرِينَ[6]،
اَنڌا[7] اُونڌا[8] اَکُٽِئا[9]، سَڀِ نَباهي[10] نيندو،
وَٽان[11] ويچارَنِ[12] جي، داڙُو[13] پاڻَ[14] دَڙِيندو[15]،
جي ڏُهارِيَنِ[16] ڏاکَڙا[17]، لَڪَ سي لَنگهائِيندو[18]،
نُورُ[19] ناکارو[20] نہ ڪَري، مُحَمَّدُ مِنَٿ[21] مَڃِيندو[22]،
پاڻُ سُجاڻي[23] پاٺِيين[24]، ڪامِلُ[25] ڪَرَمُ[26] ڪَرِيندو[27]،
تَنبُو[28] آٽي تاوَ[29] ۾، عاصِيَنِ[30] لَئِيءَ[31] اَڏِيندو[32]،
داتا[33] دوزَخِيَنِ[34] کي[35]، لِينگهو[36] لَهرائِيندو[37]،
رَسڻُ[38] وير[39] رَسي[40] کَري، مُشڪُ[41] رَنگُ[42] مَٽِيندو[43]،
هِتَ[44] پَڻ حامِي[45] هِنَ[46] جو، اَڳِئان[47] اَڳِهہ[48] ٿِيندو،
طَهُورا[49] تَڙِيَنِ[50] کي، پاندپُ[51] پِئارئِيندو،
رَحمَةً لِلعالَمِينَ[52]، اَهڪِيءَ[53] اَڳِهہ ٿِيندو،
اُتي عَبدُاللطيف رح کي، هادِي[54] هَٿُ جَهلِيندو[55].

---

١. پردا، پوش، اوڇڻ. ٢. مٿان (منهنجي يا اسان جي) وجهندو. ٣. مونکي. ۴. نظرانداز ڪندو. ۵. شافع، شفاعت ڪندڙ، (گناهن جي معافيءَ لاءِ) سفارش يا پارت ڪندڙ (اسلام جو پيغمبر حضرت محمد ﷺ مصطفيٰ صلعم جن). ٦. پرين، محبوبُ. ٧. نابين، اکين کان نہ ڏسي سگهندڙ، گمراهہ، پليل. ٨. ابتا،الٽا، ڪنڌ هيٺ ڪيل، جاهل، بي خبر. ٩. ٽڙيل يا ٽاپڙيل (واٽ کان) ١٠. نباهي نيندو = توڙ يا پڄاڙيءَ تائين گڏ يا ساڻ وٺي هلندو. ١١. پاران، طرفان. ١٢. بي واهن، نماڻن، عاجزن. ١٣. شفيع، حمايتي. ١۴. خود. ١۵. ڳالهائيندو، سفارش ڪندو. ١٦. ڏوهارين کي، گنهگارن کي. ١٧. مشڪلاتون، تڪليفون، اهنج ايذاءَ، لڪ، مصيبتون. ١٨. لاهيندو، ختم ڪندو. ١٩. روشني يا سوجهرو يعني حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جنهن کي خدا جو نور چيو ويندو آهي. ٢٠. انڪار، نٿ نٺاءَ. ٢١. وينتي، عرض، سوال. ٢٢. قبول ڪندو. ٢٣. پرڪي، سهي ڪري. ٢۴. خودبخود. ٢۵. خدا رسيدو، ڏوهن گناهن کان پاڪ، پلارو، بزرگ. ٢٦. مهرباني، نوازش، پاجهہ. ٢٧. ڪندو. ٢٨. خيمو، ڪپڙي جو عارضي گهر. ٢٩. (قيامت جي ڏينهن جي) گرميءَ، تپش. ٣٠. گنهگارن. ٣١. لاءِ، واسطي. ٣٢. کوڙيندو، لڳائيندو. ٣٣. سخي. ٣۴. جهنمين، نرڳ ۾ ويندڙن. ٣۵. جو، کان، تان. ٣٦. (گناهن جو) داغ، ٽڪو، ڪلنڪ. ٣٧. ختم ڪرائيندو، ميسارائيندو. ٣٨. رسڻ جي، ضرورت يا مدد جي. ٣٩. مهل، وقت. ۴٠. پهچي. ۴١. ڪارو، سياهہ (مشڪ جهڙو). ۴٢. ورن، ڇٽ، داغ. ۴٣. ميٽيندو، لاهيندو، ختم ڪندو. ۴۴. هن جهان ۾. ۴۵. مددگار. ۴٦. گنهگارن ڏانهن اشارو. ۴٧. اڳتي، مهند، قيامت ۾. ۴٨. پرڀهلو، آڏار، وسيلو. ۴٩. (بهشت جو) پاڪ پاڻي. ۵٠. اڃايلن. ۵١. سردار، سخي. ۵٢. جهانن لاءِ رحمت، حضرت محمد صلعم جن. ۵٣. اهڪيءَ ۾، مشڪلات ۾. ۵۴. رهبر، هدايت ڪندڙ. ۵۵. مدد ڪندو.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر بِلاوَلُ

## داستان چوٿون

١

وِڳَنڌُ وَرِي آئِيو، وَسِيُنِ ڪِينَ وِندوسِ،
گُنڍِي مَانِي مَاڪُ مُوچَارو، پَاسِي پِير تِئوسِ.

٢

وِڳَنڌُ وَرِي آئِيو، پِينَارُنُون پوءِ،
مَحڪُمُ لَڳِس مُوچِڙا، ڏرو نَه ڏُنِس جوءِ،
اُيو اِيئَن چوءِ، تَه پِيران پَاسِي نَه تِئَان.

٣

وِڳَنڌُ وَرِي آئِيو، بَڏُو بِي نَمَازُ،
جِيئَن تنر مَتِي بَازُ، وِڳَندُ تيئَن خُوشبُوءِ تي.

Gul Hayat Institute

۴

وِڳَنڌُ وَرِي آئِيو، بَڏُو سين بَدِبُوءِ،

١. شاهه سائينءَ جي هڪ فقير جو نالو. ٢. موٽي. ٣. ڳوٺن يا وسندين (جي ماڻهن). ۴. ان کي وڏو يعني ان کي پهرايو يا پيش ڪئو (گندو ڪپڙو يا ڪاڌو). ۵. ڪپڙو، پوشاڪ. ٦. ڪاڌو، طعام. ٧. رهڻ جي لاءِ جاءِ يا گهر. ٨. سٺو، چڱو. ٩. وٽ. ١٠. مرشد. ١١. پينارن جي، پينو فقيرن جي. ١٢. پويان، پُٺيان. ١٣. خوبُ، ڏاڍا. ١۴. ان کي لڳا. ١۵. جُوتا، پادر، کلا. ١٦. ٿورو (طعام يا ڪاڌو). ١٧. ان کي ڏنو. ١٨. زال. ١٩. پينو، پيو. ٢٠. چوي. ٢١. پيرن کان، مرشدن کان. ٢٢. پري، دور. ٢٣. جهنگلي، اڻ ڄاڻ، جاهل. ٢۴. نماز نه پڙهندڙ. ٢۵. جهڙيءَ طرح. ٢٦. ڳيري جيڏو يا البت وڏيرڙو هڪ سهڻو پکي جنهن جي ڪنين تي ٽِڪا ٽِڪا ٿين. ٢٧. تي. ٢٨. هڪ شڪاري پکي. ٢٩. تهڙيءَ طرح. ٣٠. سُرهاڻ يا سُڳند (مرشد جي). ٣١. ڏپ، ڪني بانس، ڇٽَ.

خاوَنَدَ[1] ڏي[2] خُوشبُوءِ[3]، تہ سَرَهو[4] ٿِئان سَيگهَہ[5] مِ.

**٥**

وِڱَندُ[6] وَرِي[7] آئِيو، ڪِنُو[8] تِي ڪوجهو[9]،
ڇَڏي نَہ مُوزو[10]، لَڳِيسِ[11] آرِ[12] عَطّارَ[13] سين.

**٦**

وِڱَندُ وَرِي آئِيو، نِسورو[14] نَرَڳُ[15]،
گَندا[16] گُلاَبِي[17] ڪَري، سَيِّدَ[18] جو سَرَڳُ[19]،
عَطرَ[20] سين اورَڳُ[21]، تہ هُئين[22] سَدائين[23] سُرخِرُو[24].

**٧**

وِڱَندُ وَرِي آئِيو، ڪوٽڙِيان[25] ڪُلاتُ[26]،
سَندو ڪِرڙَ[27] ڪانُ[28]، هَڻُ نَرڳِيءَ[29] کي نِڪَٽِي[30].

**٨**

دائِمُ[31] آهي دَرَ[32] تي، وِڱَندُ وِچارو[33]،
عَطرَ سين آرو[34]، لَڳُس[35] تي لِڏ ڪَٽِي[36].

---

١. اي خاوند، اي مالڪ، اي خدا، ٢. عطا ڪر، بخش ڪر، ٣. سرهاڻ، سڳند (مرشد جي)، ٤. خوش، راضي، ٥. ٿوريءَ دير، جلديءَ، ٦. شاهه سائينءَ جي هڪ فقير جو نالو، ٧. موٽي، ٨. بڇڙو، خراب، ٩. بدشڪل، بدصورت، ١٠. چمڙي جو جورابُ (مرشد جي پيرن وارو)، ١١. ان جي لڳي، ١٢. محبت، نينهن، ١٣. عطر يا ڪا بي سرهاڻ وڪڻندڙ، ١٤. بنهه، صفا، ١٥. نرڳي، دوزخي، جهنمي، ١٦. گدلا، غليظ، بدبودار، ١٧. گلاب جي گل جهڙا سهڻا، لال، ڳاڙها، خوشبودار، ١٨. سردار يعني اسلام جي پيغمبر حضرت محمد مصطفيٰ صلعم جن، ١٩. سرڳ، يعني بهشت جهڙي صحبت، سنگت، دوستي، ڳن مان چڪائي ڪڍيل عرق (مرشد)، ٢١. واهپورڪ، ٢٢. هجين، رهين، ٢٣. هميشہ، هر وقت، ٢٤. مانائتو، عزت وارو، ڪامياب، ٢٥. ڪوٽڙيءَ (جي ڳوٺ) کان، ٢٦. ڪُلاڙ، بي وفا، ڪوڙو، ٢٧. جو، ٢٨. وڻ جو هڪ قسم جنهن کي ٻن ڪونہ ٿين، ان جي ڳلن کي ٻُسي، ڪچي ڦر کي ڏونڱرا ءِ پڪل ڦر کي پڪا ڄٽبو آهي، هن وڻ جي ڪاٺ مان ٿاڌل يا مصالح گهوٽڻ لاءِ ڏنڊا ٺاهيا ويندا آهن، ٢٩. ڏنڊو، سوٽو، ٣٠. بلڪل، ضرور، ٣١. دائمي، سدائين، ٣٢. (مرشد جي) دروازي، ٣٣. نمائو، عاجز، ويچارو، ٣٤. محبت، نينهن، ٣٥. تنهن ڪري، ٣٦. گهوڙن، گڏهن، خچرن وغيره جو گوبر، (لڏ ڪٽي = مرشد جي خدمت ڪري).

Gul Hayat Institute

**٩**

داتا[1] سَندي[2] دَرَ[3] تي، وِڳَندُ[4] وينو پَسُ[5]،
تِنهِن روڳِيءَ[6] کي رَسُ[7]، جو آلُودو[8] آزارَ[9] سين.

**١٠**

داتا سَندي دَرَ تي، وِڳَندُ ٿِي وينو،
بَصَرَ[10] سين بازارِ[11] ۾، ڪَرَ[12] واڻِيُون[13] جينو[14]،
دَرن[15] تِنهِن پينو[16]، جِت[17] ڪُفرُ[18] تان[19] ڪِينَ ڪِي.

**١١**

اَسُورَ[20] سَندي[21] آسَري[22]، وينو آهِہ وِڳَندُ،
هَڏِ[23] نَہ ڇَڏي هَنڌُ[24]، آيَسِ[25] بُوءِ[26] بَهَارَ[27] جِي.

**١٢**

اَسُورَ سَندو آسَرو، وِڳَندَ کي وَڏو[28]،
جُسي[29] ۾ جَڏو[30]، ڪِئَڻَ[31] تي ڪُڙا[32] ڪَٽي.

**١٣**

بَاندو[33] بيلِي[34] نَہ ٿِئو، وَرِي[35] اَڄُ وِئو،

---

١. داتار يا سخيءَ (مرشد)، ٢. جي، ٣. دروازي، ۴. شاهہ سائينءَ جي هڪ فقير جو نالو، ۵. ڏس، ٦. روڳ واري، مريض، بيمار، ٧. بهج (ءِ مدد ڪر)، ٨. پريل، مس ٿيل، مبتلا، هائو، ٩. بيماريءَ، پيڙا، ١٠. ترڪاريءَ يا بصر جو هڪ قسم، پياز، ١١. دڪانن جي قطار، واپار جي جاءِ يا منديءَ، ١٢. ڄڻ، جهڙو، ١٣. واپاري هندو، هندو، مهتو، ١۴. هڪ هندوءَ جو نالو، ١۵. در مان، در ڪان، دروازي ڪان، ١٦. داخل ٿئو، ١٧. خدا جي ذات ۾ ٻي کي شريڪ ڪرڻ واري حالت، الحاد، ناشڪري، دهريت، بي ديني، ١٨. تہ، ١٩. ڪين ڪي = بنهہ نہ، ذري برابر نہ، ٢٠. اسر يا فجر (واري ڪاڌي يا مانيءَ)، ٢١. جي، ٢٢. آسري ۾، انتظار ۾، ٢٣. اصل، بنهہ، ٢۴. جاءِ، ماڳ، ٢۵. ان کي آئي يا محسوس ٿي، ٢٦. خوشبوءِ، سرهاڻ، سڳند، ٢٧. بهار جي موسم، بسنت (مرشد جي بورچي خاني جي)، ٢٨. گهڻو، جهجهو، ٢٩. بدن، جسم، ٣٠. ڪمزور، هيڻو، بيمار، ٣١. ڪائڻ، ڪاڏي، ٣٢. ڪڙيون (ڪڙا ڪٽي = هڪدم تيار ٿئي)، ٣٣. سڪل، مڙيل، سنهڙو، اپرو، جڏو، عيبدار (وڳند ڏي اشارو)، ٣۴. همراهہ، ساٿي، ٣۵. موٽي.

پيتِر[1] پَنڌِ[2] پِئو، سُونهَاري[3] سَيِّدَ[4] ڏي.

## وائي

پَسِئو[5] پَسَائي[6]، نُورُ[7] نَبِيَّ[8] جو،
ظَاهِرُ[9] ٿئو زَمِينَ[10] تي، ڏيهَنِ[11] جو ڏِيو[12]،
خَاوَندَ[13] خَاصُ[14] خَلقِئو[15]، هِهَڙو[16] كونہ ٻِئو،
ڍِرَندو[17] چِٽُ[18] رَسُولَ[19] تي، ڏُورانئو ڏِسبو[20]،
بَاوو[21] بِي بِيءَ[22] فَاطِمَةَ[23]، مِيڙي[24] مِ مَلَهَندو[25].

---

١. وڏي پيٽ وارو، گهڻو کائيندڙ. ٢. پنڌ مر. سفر مر. ٣. سهڻي، موچاري، ڀلاري، سگوري. ٤. سردار. اسلام جي پيغمبر حضرت محمد مصطفيٰ صلعم جن. ٥. پَسٽل يعني ڏٺل. ٦. (وري) پَسائي يعني ڏيکاري. ٧. روشني. سوجهرو. ٨. حضرت محمد صلعم. ٩. پڌرو. پيدا. ١٠. ڌرتيءَ. پرٿيءَ. ١١. ممکن. ڪائنات. ١٢. چراغ. ديپڪ. قنديل. ١٣. مالڪ. خدا. ١٤. اتم. اعليٰ. افضل. ١٥. پيدا ڪئو. ١٦. هن (نبيءَ صلعم) جهڙو. ١٧. لهندو. ڪرندو. نازل ٿيندو. ١٨. (رسالت جو) تاج. ڪلنگي. ١٩. حضرت محمد صلعم جن جيڪو خدا جو رسول آهي. ٢٠. صاف. چٽو. ٢١. بابو. ٻيءَ. ٢٢. سانئڻ. شريف عورت. ٢٣. فاطمه عه جو (فاطمة عہ. حضرت محمد صلعم جنجي ڌيءُ جو نالو آهي). ٢٤. ميلي يا ميڙ. ماڻهن جي انبوهہ. قيامت جي ميدان. ٢٥. مُرڪندو. سرخرو ٿيندو.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرِ ليلا

## داستان پهريون

### ١

داغُ[1] تُنهِنجو دائِما[2]، ماري[3] مَعذُورِين[4]،
سائِينءَ[5] کارڻِ[6] سُپرِين[7]، وَڃج مَ ڏُورِين[8]،
آئُون تو[9] حُضُورِين[10]، مَٿِيون[11] وِڄهان مَڇَ ۾[12].

### ٢

مَٿِيون وِڄهان مَڇَ ۾، هائِيءَ[13] وِڄهان هارُ،
پِري[14] جي[15] پِتارُ[16]، تَه ميرِيائِي[17] مانُ[18] لَهان[19].

### ٣

مَٿِيون وِڄهي مِٽِيءَ[20] ۾، هائِيءَ[21] وِڄهج هارُ،
سُوپِيي[22] سُکُ[23] سَيِدُ رح چَئِي، ڪَرِين ڪوهُ[24] قَرارُ،
راڄا[25] رِبساٽُون[26] گهڻو، سَتاٽُون[27] سَردارُ[28]،
چوڏِس[29] چَنيسَرَ جامَ[30] جو، ڏيهان[31] ڏيهِه ڏهڪارُ[32]،

---

١. ڏنڀ، ٽڪو، ڦٽ، زخم (مڙس جي ڏاڳ يعني جدائيءَ جو). ٢. سدائين، هميشہ. ٣. تڪليف يا عذاب ڏي. ۴. معذورين کي، عُذر وارين کي، لاچار يا بي وس عورتن کي، (عشق جي) بيمار عورتن کي. ۵. مالڪ، ڌڻيءَ، خدا. ٦. واسطي، لڳ. ٧. اي سپرين، اي محبوب (ليلان جي محبوب چنيسر کي خطاب. ٨. ڏور، پري. ٩. تنهنجي. ١٠. حضور ۾، روبرو، سامهون. ١١. مٿيون يعني (سچن) موتين جو نهيل نوَ لکن جي قيمت وارو هارَ. ١٢. باھ، آڳ. ١٣. هائيءَ ۾، ستن دوزخن مان صفا هيٺين ٽري واري دوزخ کي هائي (هاوي) چيو ويندو آهي. ١۴. موٽي اچي، راضي ٿئي. ١۵. جيڪڏهين. ١٦. مڙس، خاوند، پتي (ليلان جو شوهر چنيسر). ١٧. ميريءَ حالت ۾، گدليءَ حالت ۾، بنان هار سينگار جي. ١٨. عزت، آبُ. مرتبو. ١٩. حاصل ڪريان. ٢٠. خاڪ، ڌوڙ. ٢١. هائيءَ ۾، هاويءَ ۾ دوزخ ۾، باھ ۾. ٢٢. اي سوپِي، اي سوپِيا يعني سونهن واري، اي بختاور (ليلان). ٢٣. آرام، آنند، قرارَ. ٢۴. چو. ٢۵. بادشاھ (چنيسر). ٢٦. ريس وارو، غيرت مند. ٢٧. ڏاڍو، سخت، گهڻو، زور وارو. ٢٨. مهندار، اڳواڻ. ٢٩. چوڌاري، هرطرف، چئني طرفن يا ڏسين ۾. ٣٠. سردار (سنڌ جي سمن حاڪمن جو لقب جام هو). ٣١. ملڪان ملڪ، ديسان ديس. ٣٢. ڏهڪاءُ، ڏاڪو، رعب.

Gul Hayat Institute

نَاڪُرُ[1] اڪِيَنِ[2] نَارُ[3]، مَٽِيي[4] تي ٿِي مَتِيِن[5].

(۴)

هَائِيءَ[6] وِڄَهان هَارَ کي، مَنجَهان کَارَ[7] ڪَٽِي،
ڦِتَائِي[8] ڦِتو[9] ڪَرِيان، هَٿَنِ سين هَٽِي،
تو سين ڄَامَ[10] تَٽِي[11]، اڳَلِيُون[12] سَڀِ اوڇون ٿِيُون[13].

(۵)

مَٽِيي مَتِّي[14] جي هُئا، تَنِ[15] ڇِٽَنِ ڦِيرِيُمِ[16] چِتُ[17]،
هَارُ ڪَتَندِيَسِ[18] هوڏَ[19] ۾، نيبَهُ[20] ٿِيندمِ نِتُ[21]،
ڪَوُنروءَ[22] جو ڪِرتُ[23]، مُونهان[24] مَتَاهُون[25] ٿِئو.

(٦)

ڪَٽِي هَارُ هَٽِي[26]، پَلَنگَ[27] سِرِ[28] پِٽُون[29] ڪَرِيان،
وِيندَڙَ[30] ٿَارو وَلَهو[31]، وِئو ڇِتُ ڪَٽِي،
سو پِٽُون[32] ٿِئي پَٽِي[33]، مَان[34] نَہ سَرچي[35] مُون[36] پِرِين[37].

٧

رِبذِيئَن[38] پَسِي[39] رَنگُ[40]، هُو جو مَتِّي مَٽِيي،

١. سردار، رئيس (راجپوت قوم جي سردار کي ٺاڪر چوندا آهن). ٢. اکين جو، نيڻن جو. ٣. ٺڏ، سردي، فرحت، آرام. ۴. موتيءَ (موتين مان ٺهيل هار). ۵. مٽائين، بدلائين. ٦. هائيءَ ۾، هاويءَ دوزخ ۾، جيڪو ستن دوزخن مان صفا هيٺ تري وارو دوزخ آهي (باهہ ۾). ٧. کارَ، چڙ، رنج، غصي، ڪاوڙ. ٨. بگاڙي، ٽوڙي، ڇني، ٽکر ڪري. ٩. ناسَ، چٽ. ١٠. اي ڄام، اي سردار (سنڌ جي سمن حاڪمن کي ڄام جي لقب سان سڏيو ويندو هو). ١١. ڇڪ ڇڪان ڪري، ڀيائي ڪري. ١٢. گدليون، ڪڇريون، ٻچڙيون، عيبدار يا گنهگار عورتون. ١٣. پريشان، حيران، غمگين. ١۴. تي. ١۵. رنگا رنگي نشانن، گلڪاريءَ. ١٦. منهنجو ڦيريو، منهنجو مُنجهايو يا بگيڙيو، منهنجو مست يا چرئو ڪئو. ١٧. دل، من. ١٨. حاصل ڪنديس. ١٩. شرط، بازيءَ. ٢٠. نيبهہ ٿيندم = مون کي نيبهہ ٿيندو، مون وٽ رهندو، مونکي ڦبي ويندو. ٢١. سدائين، هميشہ. ٢٢. ليلان جي هڪ رقيب عورت جو نالو. ٢٣. ڪر، عمل، فعل، ڪيڏ، بازي، حرفت. ٢۴. مونکان. ٢۵. اوچو، بالا، اڳرو. ٢٦. سَٽي، اڇلي. ٢٧. کٽ، بستري. ٢٨. تي. ٢٩. پور، ذرا، ٽکر. ٣٠. جنهنجي ڪنن ۾ ڇلي جي مثل زيور پيل هجن، سهڻو جوان. ٣١. مڙس، ڀتار، خاوند، پتي، شوهر. ٣٢. (مجازاً) موتي يا مڻيون (ڪونئروءَ کان مليل هار). ٣٣. مٽي، خاڪ. ٣۴. مان نہ = شل. ٣۵. پرچي، راضي ٿئي. ٣٦. منهنجو. ٣٧. محبوب (چنيسر). ٣٨. راضي ٿيئن، خوش ٿيئن. ٣٩. ڏسي. ۴٠. رنگا رنگي چٽ، نقش.

Gul Hayat Institute

پوري[1] ڪِئوءِ[2] نَہ پَنگُ[3]، چَنيسَر[4] جو چِتَ[5] ۾.

## ٨

چَنيسَرَ جي چِتَ ۾، ڪِي[6] جو اَگِ[7] هو،
مَٽِيي[8] سَندو[9] مامِرو[10]، تِهان[11] پوءِ[12] ٿِئو.

## ٩

چَنيسَرَ جي چِتَ ۾، ڪا جا اَگِ هُئِي،
مَٽِيي سَندِي ڳالهَڙِي، تِهان پوءِ ٿِي.

## ١٠

مَٽِيون تان[13] نَہ مَٽِيُون، جو تُون پَسِي[14] هارُ هِرڪِيُ[15]،
اَصلِ آهي اِڳهين، سَندو ڪُوڙَ[16] ڪَٽِيُون[17]،
ڳهوڙَنِ[18] هَئِيي ڳهٽِيُون[19]، دوسِتَنِئان[20] دُورِ[21] ڪِيُون.

## ١١

جو تو مَٽِيُون پانيو، سو اَصلُ[22] ڪُوڙو[23] ڪَچُ،
هِن دُنارِي[24] هارَ ڪِي، سوپِيي[25] پانءِ مَ سَچُ[26]،
هِتِ[27] ڳالهِيُون ڪَرِين ڳَچُ[28]، هُتِ[29] حَرف[30] نَہ هَلَندءِ[31] هِڪِڙو.

---

١. موڳي، بي عقل. ٢. تو نہ ڪئو. ٣. خوف، ڊپ. ۴. ليلان جي مڙس جو نالو. ۵. دل، من. ٦. ڪجهہ. ٧. پهريائين، شروع ۾. ٨. موتيءَ (موتين جي هارَ). ٩. جو. ١٠. معاملو، تڪرار، واقعو، روئداد، ڳالهہ. ١١. تنهن کان. ١٢. بعد. ١٣. تہ. ١۴. ڏسي. ١۵. موهجي وئي، موهت ٿي، مست ٿي، عاشق ٿي. ١٦. ڪچ، ڪاچ، شيشي، مَٽ يعني هلڪيءَ قيمت واري ڏاتوءَ. ١٧. ڪٿو، داٿو، مٿيون، موتي. ١٨. گهوڙن هئيي = گهوڙن جي هنيل، مصيبت پئي، مُئي، ماربي، پٽيل، پاراتو ڪيل. (هار ڏانهن اشارو). ١٩. بي انداز. ٢٠. دوستن کان، محبوبن کان. ٢١. پري، جدا. ٢٢. صفا. ٢٣. کوٽو، جڙتو، مصنوعي، نقلي. ٢۴. ٻن تارن واري، ٻن ڏاڳن واري. ٢۵. اي سوپي، اي سوڀيا وان، اي بختاور. ٢٦. نج، خالص، کرو، چوکو. ٢٧. هن دنيا ۾. ٢٨. گهڻيون. ٢٩. هُنَ جهان ۾، آخرت ۾. ٢٠. گفتو، سخن. ٣١. قبول پونڊءِ، اگهامندءِ، ٻڌو ويندءِ.

## ١٢

جو تو پانيلو هارُ، سو سُورنِ سَندو سَنگهرو،
چَنيسَرُ چِتُ ڪَٽيِ، ٿئو پورهيتِ جو پارُ،
اَڻَ وَٽِ جو آچارُ، شَلَ ڪانڌُ ڪَنهِن سين نہ ڪَري.

## ١٣

مَٽيي مَٿي موهِجِي، مُوڙهِي ڪِئوءِ مَرَڪُ،
چَئِي چَنيسَرَ جامَ سين، وڏو تو فَرَقُ،
وَرِي وِئو وَرَقُ، تي آيُئِي ڏَنءُ ڏُهاڱَ جو.

## ١٤

مَٽِيي مَٿي موهِجِي، هارِي ڳِيڙءِ هارُ،
ڪوڙِين ڪِئا ڪيتِرا، اِنهِيءَ ڪَرَ خُوارُ،
پِرِي وِئو پَتارُ، تي آيُئِي ڏَنءُ ڏُهاڱَ جو.

## ١٥

مَٽيي مَٿي موهِجِي، هارِي پاتُئي هَسُ،
تو پانيان مُون سان هُوندا، راڳَ رِهاڻيُون رَسِ،

١. سمجهيو. ٢. موتين جي مالها يا ڪنٺو. ٣. ڏکن، عذابن، دردن، تڪليفن. ۴. جو. ٥. سنگهر، زنجير، ڳٽ. ٦. ليلان جي مڙس جو نالو. ٧. دل، من (پيار). ٨. هنائي. ٩. نوڪرياڻيءَ، ٻانهيءَ (ڪونئروءَ، جيڪا ليلان جي رقيب هئي). ١٠. طرفدار، حامي، مددگار، دوست. ١١. نہ، کان سواءِ، بغير. ١٢. چاهہ، پيار (اڻ وٽ = اڻبڻت، ناراضگي). ١٣. روش، دستور، هلت. ١۴. خدا ڪري. ١٥. مڙس، ڀتار (چنيسر). ١٦. موتيءَ (موتين مان ٺهيل هار يعني مالها). ١٧. تي. ١٨. هرڪي، موهت ٿي، فريفتہ ٿي. ١٩. اي موڙهل، اي موڳي، اي نادان. ٢٠. تو ڪئو. ٢١. فخر، لاڏ، وڏائي، خوشي. ٢٢. ڳالهائي، زبان سان ڪُڇي، وات پٽي، بحث ڪري. ٢٣. سردار (سمن بادشاهن ۽ سردارن جو لقب). ٢۴. نفاق، ويڇو، جدائي. ٢٥. وري وئو = اٿلي وئو، ابتو ٿئو. ٢٦. پنو (قسمت جو). ٢٧. تنهن ڪري. ٢٨. توکي آيو. ٢٩. تؤ، تپش، گرمائش، ساڙ، جَلَ، ٻارڻ. ٣٠. مڙس کان جدائيءَ. ٣١. اي هاري، اي نادان. ٣٢. تو ڳڌو، تو ورتو يا خريد ڪئو. ٣٣. ڪروڙن جي تعداد ۾. ٣۴. ڳڌهہ. ٣٥. ذليل، رُسوا. ٣٦. ڦري، منهن ڦيري (پري وئو = ناراض ٿي وئو). ٣٧. تو پاتو، تو وڌو. ٣٨. زالن جي ڳچيءَ ۾ پائڻ جو ڳهہ يا زيور. ٣٩. راڳ جون. ۴٠. ڳائڻ جون. ڪچهريون، مجلسون. ۴١. مزا، لطف.

Gul Hayat Institute

وَرِي[1] وِيـئِـي[2] وَسَ[3]، تـي[4] آيُـئِـي[5] ڏَنءُ[6] ڏُهَـاڱَ[7] جـو.

## ١٦

مَـٽـيـئي[8] مَـتـي[9] مـوهِـجِـي[10]، چَـرِئـو[11] چِـتُ[12] تِـئـوءِ[13]،
هَـارِي[14] کِـنـئيءَ[15] هـوڏ[16] کـان، کَـجَـاڙو[17] سَـرِئـوءِ[18]،
اڳـهِـين[19] اَنـگُ[20] وِنـگـوءِ[21]، تـي آيُـئِـي ڏَنءُ ڏُهَـاڱَ جـو.

## ١٧

تـوٽـي[22] ڏِيـن ڏُهَـاڱُ، تَـہ سَـؤُ[23] سُـهَـاڳَنِ[24] پَـانـيَـان،
مُـون کـي تُـنـهِـنـجـو سُـپـرِيـن[25]، سَـيـوئي سَـيَـاڳُ،
دوسـتَ تُـنـهِـنـجـو داغُ[26]، ڏُئَـان[27] ڏوتـو نَـہ لَـهـي.

## ١٨

سُـهَـاڳُ پَـڻِ سَـنـبِـران[28]، ڏُهَـاڳُ پَـڻِ ڏِنـومِ[29]،
هَـي[30] اَيَـاڳِـي[31] حَـالَ[32] کـي، هَـتَـين[33] هُـارُ[34] چُـتـومِ[35]،
تِـهَـان[36] پـوءِ تِـئـومِ[37]، قَـدُرُ[38] کَـاٽِـيَـارِنِ[39] جـو.

## ١٩

سُـهَـاڳُ پِـہ سَـنـبِـران، ڏُهَـاڳُ پِـہ ڏِنـومِ،

١. موٽي، واپس ٿي، ٢. توکان ويئي، ٣. خوشحالي، آسودگي، قسمت، ۴. تنهن کري، ۵. توکي آيو، توکي مليو، ٦. تؤ، تپش، گرمائش، ساڙ، جلَ، ٻَارڻ، ٧. مڙس کان جدائيءَ، ٨. موتيءَ (موتين مان ٺهيل مالها يا هارَ)، ٩. تي، ١٠. هرکي، موهت ٿي، فريفتہ ٿي، عاشق ٿي، ١١. مست، ديوانو، پاڳل، ١٢. دل، من، ١٣. تنهنجو ٿئو، ١۴. اي هاري، اي هارايل يا شڪست کاڌلَ، اي نادان، ١۵. خراب، بچڙيءَ، ١٦. شرط، بازيءَ، ١٧. ڇا، ١٨. توکي سرئو يا مِلئو، ١٩. پهريائين، اول، شروع ۾، ٢٠. ڀاڳَ، نصيب، ٢١. ڏنگو، ٽيڙو، خرابَ، ٢٢. جيتوٽيڪ، جيڪڏهين، ٢٣. سَوَن جو تعداد، تمامُ گهڻو تعداد، ٢۴. سهاڳن جو (سهاڳ = سياڳ، بخت، نصيب، مڙس جو پيار)، ٢۵. اي سپرين، اي پرين، اي محبوب، اي دوست، ٢٦. (فراق يا ڏهاڳ جو) ٽڪو، چٽو، ڏٻو، ڪلنڪ، ٢٧. صفا ڪريان، ميسارئان، ميٽيان، ٢٨. مونکي ياد آهي، ٢٩. مون ڏٺو، ٣٠. افسوس، ٣١. نياڳي، بدنصيب، ٣٢. حالت، گت، ڪيفيت، نموني، ٣٣. هٿن سان، ٣۴. هار کي، ٣۵. مون ڇُهيو، مون ورتو يا ڪنيو، ٣٦. تنهن کان، ٣٧. مونکي ٿئو، ٣٨. اندازو، اهميت جي ڄاڻ، حال جي خبر، ٣٩. عرضمندن، حاجتمندن، قصور وارن.

Gul Hayat Institute

سَرتيُون ڪَنهَن سَياڳَ ڪيِ، هَٿين هارُ چُتومِ،
ديِلڙي ڊولُ وِئومِ، سَندا جوِيَنَ ڏِينهَڙا.

٢٠

ڏِسي ڏُنءِ ڏُهاڳَ جو، ڊولِئَا آئُون ڊائِي،
ڪَانڌَ نَه ڪونيُئِي ڪَڌِهين، بَر بَر باجَهائِي،
پَائِي پَاندُ ڳِچِيءِ مِ، آئُون اگڻِ تو آئِي،
وارِيين نَه وائِي، دِلاسي جِي داسَڙا.

٢١

ڏُبَرِيُون ڏُهاڳَڻِيُون، مَيرا مُنهَن سَندان،
ويهِي وِرَ سيٽَان، ڪَانڌَ نَه اوِرئو ڪَڌِهين.

٢٢

ڏُهاڳَان سُهاڳَڻِيُون، سَدا تِيُون ڪَنبَنِ،
ڪوهُه جَاڻَان ڪي ڪَنِ، وارو ڏِيندو وَلَهو.

٢٣

ڏُهاڳَان سُهاڳَڻِيُون، ڪِهَڙي ڏوهِ ڪَنبَنِ،

---

١. اي سرتيون، اي جيڏيون. ٢. ڪهڙي. ٣. نصيب، بخت (پر هتي معنيٰ نيندي نياڳ). ۴. لاءِ، واسطي. ۵. هٿن سان. ٦. (موتين جو). ڪنڊلو، طوق، مالها. ٧. مون ڇُهيو، مون ورتو يا ڪنيو. ٨. ڇڏي، ڏڪاري، وساري. ٩. محبوب (چنيسر). ١٠. مون ڪي وئو. ١١. جا. ١٢. جوانيءَ. ١٣. تَؤ، تپش، گرمائش. ١۴. مڙس جي جدائيءَ. ١۵. اي ڊول. ١٦. ٻر تي (پيٽ ڀري)، راضي يا خوش ٿي (طنز جو اظهار). ١٧. اي ڪانڌ، اي مڙس، اي پنارَ. ١٨. تو مونکي ڪونيو يا سڏيو. ١٩. هاءِ افسوس. ٢٠. ٻاجهه ڪري، ڪهل يا رحم ڪري. ٢١. وجهي. ٢٢. پلاند يا پٺه (پوتي، ڪپڙو). ٢٣. گلي، سسيءَ (پائي پاند = ڳچيءَ ۾ ڪپڙو وجهي منت ڪئي). ٢۴. اگڻ تي، گهر جي پڌر تي، حضور ۾. ٢۵. تنهنجي. ٢٦. ورائين، ڪرين. ٢٧. ڳالهه، پچار. ٢٨. آسري، ڏِڍ، سهاري. ٢٩. اي داسرا، اي (منهنجا مڙس) چنيسر (ليلان جو مڙس چنيسر، سومري گهراڻي جي داسڙي قبيلي مان هو ۽ سندس پيءُ جو نالو ٻه ڄام داسڙو هو). ٣٠. ڪمزور، لاغر، هيٺيون، ضعيف. ٣١. ڏهاڳ (مڙس کان جدائيءَ) واريون عورتون. ٣٢. گدلا، خراب، مٽيءَ لڳل. ٣٣. چهرا، شڪليون، صورتون. ٣۴. انهن جا. ٣۵. مڙس، پنارَ، ڪانڌ. ٣٦. ساٿڻ، انهن سان. ٣٧. رهاڻ ڪئي، ڳالهه ٻولهه ڪئي. ٣٨. ڏهاڳ کان. ٣٩. سهاڳ واريون عورتون (جن سان مڙس پيار ڪندو هجي). ۴٠. هميشه. ۴١. ڏڄن، خوفزده ٿين. ۴٢. ڪوهه ڄاڻان = مونکي ڄاڻ خبر نه آهي. ۴٣. ڪهڙين. ۴۴. موقعو، وجهه. ۴۵. مڙس، پنار. ۴٦. ڏوهه ڪان، قصور ڪان، سبب ڪان.

Gul Hayat Institute

وَرُ[1] وِڏُوٺو[2] اِيَهِين[3]، جِيئَن جِيئَن[4] پاڻُ[5] پَسَنِ[6].

## ۲۴

سُهاڳَڻَ[7] ڏُهاڳَڻِيُون[8]، کِهڙي ڏوهِ[9] تِيَنِ،
وَرُ وِڏُوهي[10] اِيَهِين، جِيئَن پاڻُ پَسَنِ.

## ۲۵

ڏوري[11] لَهُه[12] ڏُهاڳُ، جَنهِن[13] کَرَلاهُو[14] داسَڙو[15]،
گھورِئو[16] سو سُهاڳُ، جَنهِن ۾ پَسِين پاڻَ کي.

## ۲۶

سَيئِي[19] سُهاڳَڻِيُون، سَيِنِي[17] ڳِچِيءَ[18] هارَ،
پَسَڻَ کارڻ پِرِينءَ[20] جي، کَنِ[21] سَهسين[22] پَتين[23] سِينگارَ[24]،
ڍولُ[25] تَنِي جِيءَ ڍارَ[26]، هيئَناهِيُون[27] هَلَنِ جي.

## ۲۷

سَيئِي سُهاڳَڻِيُون، سَيِنِي ڳِچِيءَ هَسَ[28]،
پَسَڻَ کارڻ پِرِينءَ جي، وِڏا کَنائُون وَسَ[29]،
ڍولُ تَنِي جي گَسَ[30]، هيئَناهِيُون هَلَنِ جي.

Gul Hayat Institute

۱. ڀتار، مڙس، پتي، خاوند، ولهو. ۲. ڪاوڙيو، ناراض يا رنج ٿئو. ۳. انهيءَ ڪري. ۴. جيئن جيئن = ڇاڪاڻ، جنهن صورت ۾. ۵. خودي، آپو. ۶. ڏسن، خيال يا ڌيان ۾ رکن. ۷. سهاڳ ڪان يعني مڙس جي هيڪاند يا پيار ڪان. ۸. ڏهاڳ (مڙس ڪان جدائيءَ واريءَ حالت) واريون عورتون. ۹. ڏوهہ جي ڪري، قصور يا خطا جي سبب. ۱۰. ڪاوڙجي، ناراض ٿئي. ۱۱. ڳولي. ۱۲. هٿ ڪر، حاصل ڪر. ۱۳. جنهن ۾، جنهن جي سبب. ۱۴. ڪر لهندڙ، سار يا سنڀال لهندڙ. ۱۵. ليلان جو مڙس چنيسر (جيڪو سومرا گهرائي جي داسڙي قبيلي مان هو ۽ سندس ٻيءَ جو نالو ٻڻ ڇام داسڙو هو). ۱٦. صدقو يا قربان ٿئو، ڪوءِ ٿئو. ۱۷. سيني جي. ۱۸. ڳچيءَ ۾، ڳلي ۾. ۱۹. (موتين جون) مالهائون، ڪنڌلا، طوق. ۲۰. واسطي. ۲۱. محبوب. ۲۲. سوين، تمام گهڻن. ۲۳. پتين جا، قسمن جا، نمونن جا. ۲۴. ٺاهہ ٺوهہ، جنسار، زيب زينتون. ۲۵. محبوب. ۲٦. ڍار تي، رستي تي، ماڳ تي، طريقي تي. ۲۷. هيٺ ٿي، نمي يا نئڙي، نياز نئڙت سان. ۲۸. عورتن جي ڳچيءَ جا زيور، ڌهريون. ۲۹. حيلا، ڪوششون. ۳۰. گس تي، رستي تي.

## ۲۸

سَيِيئِي سُهَاڳِيُون[۱]، سَيِنِي[۲] مُنهِن[۳] جَڙاءُ[۴]،
سَيَ ڪَنهِن پَانيو[۵] پَاڻَ ڪي[۶]، ايندو مُون ڳَرِ[۷] راءُ[۸]،
تَان[۹] پيِتو[۱۰] تَنِ[۱۱] دَران[۱۲]، جي پَسِي[۱۳] پَاڻُ[۱۴] لَجَايُون[۱۵].

## ۲۹

چَنيسَرَ[۱۶] سين چَاءُ[۱۷]، مَتَان ڪَا مُنڊَ[۱۸] ڪري،
جو تو پوري پَانيو[۱۹]، اِيءُ رِيسَاٽو[۲۰] راءُ،
پَاڻَ[۲۱] ڌاران[۲۲] پَرِبَاءُ[۲۳]، ڪَانڌَ[۲۴] ڪَهِين جو نَہ وَٽي[۲۵].

## ۳۰

چَنيسَرَ سين چَاءُ، مَتَان ڪَا مُنڊَ ڪَري،
ڪَانڌُ ڪُوڙِيءَ[۲۶] جو نَہ وٽي، ڳيرَبُ[۲۷] ۽ ڳَاءُ[۲۸]،
تِڙي[۲۹] تُورَزِبَاءُ[۳۰]، دوسِت[۳۱] دَسَائي[۳۲] داسَڙو[۳۳].

## ۳۱

چَنيسَرَ سين چَاڳُ[۳۴]، مَچُڻُ ڪَا مُنڊَ ڪَري،
جَان[۳۵] مُون پوءِ پَروڙِئو[۳۶]، اِيءُ نَہ مَاٽي[۳۷] مَاڳُ[۳۸]،

Gul Hayat Institute

---

۱. سهاڳ (مڙس جو پيارءِ ان سان هيڪاند ) واريون عورتون. ۲. سيني جي. ۳. منهن تي، پيشانيءَ تي، نراڙ تي. ۴. سونهن سوڀيا واري رونق. ۵. سمجهيو، خيال ڪئو. ٦. پاڻ ڪي = پاڻمرادو، خودبخود. ۷. وٽ. ۸. راجا. ۹. آخر. ۱۰. ڪهڙيو، آيو، داخل ٿئو. ۱۱. تن جي. ۱۲. در ڪان (گهر ڀر). ۱۳. ڏسي. ۱۴. پنهنجا عيب. ۱۵. شرمسار ٿيون. ۱٦. ليلان جي مڙس جو نالو (محبوب). ۱۷. چاٿت، دغا، ٻيائي، ڪپٽ. ۱۸. اي منڊ، اي عورت. ۱۹. اي ڀوري، اي موڳي، اي نادان يا وسوڙل. ۲۰. ريس وارو، غيرتمند. ۲۱. خود، پنهنجي پاڻ. ۲۲. ڪان سواءِ. ۲۳. سمجهہ، رسم، ريت، خيال. ۲۴. ڪانڌ ڪي، مڙس ڪي، ڀتار ڪي. ۲۵. پسند اچي. ۲٦. ٻي وڙيءَ، نالائق، بدافعال، ڪميٽيءَ. ۲۷. هٺ، مغروري، وڏائي، فخر، هستي. ۲۸. ڳوٺنات، نت نئاءُ. ۲۹. پاسيرو ٿئي، (ڪاوڙجي). ۳۰. ٿورو، ذري برابر. ۳۱. دوستن ڪي، پيارن ڪي. ۳۲. ليٿارائي، مارائي. ۳۳. ليلان جو مڙس چنيسر سومرا گهرائي داسڙي قبيلي مان هو. ۳۴. ماٺو، ناز نخرو، انگل. ۳۵. جيئن تہ. ۳٦. سمجهيو، ڄاتو. ۳۷. ماٺي جو، انگل آري جو. ۳۸. هنڌ، جاءِ.

ڏمرئو ڏهاڳ، سگهو ڏي سُهاڳڻين.

## ٣٢

اُو ڏمرئو ڏس، هيءُ حيلو هونهين هار جو،
سُٽو سڀ سرتيون، ايءُ ور نہ ڪنهين وس،
دعوي پهرئين ڏس، پڄئو تو پورا ڪري.

## ٣٣

ڪوڙين تنهنجون ڪامڻيون، تون ڪوڙن سندو ڪانڌ،
مون کي ڏيل مَ ولها، تہ ور وڃان نہ وڙواند،
مون ڳچيءَ مِ پاند، تو چنيسر هٿ مِ.

## ٣٤

ڏولا ڪُڄاڙئا، ٻولايو ٻوڌ چئين،
آئون تو پيراندياں، ڪر مَوڙئو ور اُٿيان.

## ٣٥

ڏولا اولا نہ سهان، آڏا اڏيئي جي،
ڪانڌ ڪميٽيءَ کي، نيئي وهارج وچ مِ.

Gul Hayat Institute

---

١. ڪاوڙ جئو، ناراض ٿئو. ٢. مڙس يا پتيءَ کان جدائي، رناپڻ. ٣. هڪدم، جلد. ۴. سهاڳڻين کي، مڙس سان پيار ۾ رهندڙ زالن کي، ۵. ليلان جي مڙس چنيسر ڏانهن اشارو. ٦. (اڳيئي) ڪاوڙ ۾ هو. ٧. بهانو، عذر، ڪوڙو سبب. ٨. اجايو. ٩. (موتين جي) مالها، ڪنڊلي. ١٠. ٻڌو. ١١. جيڏيون، سهيليون. ١٢. مڙس، ڀتار، پتي، خاوند، ڪانڌ. ١٣. ڪنهن جي. ١۴. وس ۾، قبضي ۾، قابوءِ ۾. ١۵. حجت، حقداري. ١٦. پيري، دفعي. ١٧. توڙئو، ڇنئو. ١٨. پور پور، ذرا ذرا، ٽڪر، پرزا. ١٩. ڪروڙن جي تعداد ۾، اڪيچار. ٢٠. (حسين) زالون، (سهڻيون) عورتون. ٢١. جو. ٢٢. ڇڏ، وسار. ٢٣. اي ولها، اي ڪانڌ. ٢۴. اي ور. ٢۵. ٿيان. ٢٦. وٺواند، خراب خوار، مهٽي هاب. ٢٧. منهنجي. ٢٨. گلي، ڪنڌ، سسيءَ. ٢٩. پلئہ يا پلاند (پوتيءَ يا ڪپڙي جو) (منٿ ڪرڻ جو طريقو). ٣٠. تنهنجي. ٣١. اي چنيسر. ٣٢. اختيار، وس. ٣٣. اي ڏولئا، اي محبوب. ٣۴. ڇا جي لاءِ، ڇو. ٣۵. سڏيو، گهرايو. ٣٦. نفرت يا ڌڪار جي واسطي ڪم ايندڙ لفظ. ڦوٽ. ٣٧. تنهنجي. ٣٨. پيرانديءَ کان، پيرن واري پاسي کان. ٣٩. عضوا، لڱ. ۴٠. ڀڃئو (ڪر موڙئو = بدن نمايو، نئڙت ڪريو). ۴١. اي ورَ. ۴٢. اوڻون. پڪا، پنگا. ۴٣. برداشت ڪريان. ۴۴. اڳئان، سامهون. ۴۵. تو اڏيا، تو ٺاهيا يا جوڙيا. ۴٦. اي ڪانڌ. ۴٧. نڪمي، بدافعال، بڇڙيءَ. ۴٨. ڪٽي، وٺي.

## ٣٦

ڏولا[1] اولا[2] نہ سَهان[3]، آڏا[4] اَڏيئي[5] جي،
تو[6] وَرَ[7] وَهُون[8] ڪيتِرِيُون[9]، مُون وَرُ[10] تُون وَرِي[11]،
پِرتَئُون[12] پير[13] پَري[14]، مَلهائيج[15] مِسڪِين[16] ڪي.

## ٣٧

ڏولِئا[17] ڏيلِ[18] مَ مُون[19]، ڪانڌَ[20] ڪَميٽي[21] آهِيان،
سِڪَ[22] تُنهِنجِيءَ سُپِرين[23]، پيري[24] وِڏِيسِ[25] پُون[26]،
مُون وَرُ[27] تُونهِين تُون، تو وَرَ وَهُون ڪيتِرِيُون.

## ٣٨

تو وَرَ وَهُون ڪيتِرِيُون، مُون وَرُ تُون، ورِيج[28]،
پِرتَئُون پير پَرِيج، مَلهائيج مِسڪِين ڪي.

## ٣٩

جي[29] وارو[30] نہ ڏي، تُوءِ[31] مُنهِنجو وَلَهو[32]،
آئُون تَنهِن[33] آسَارِي[34]، وِنِي وِلِهُون[35] گهارِيان.

---

١. اي ڏولئا، اي محبوب (اي منهنجا مڙس چنيسر)، ٢. پردا، اوٽون، پونگا، پڪا، ٣. برداشت ڪريان، ٤. اڳيان، سامهون (تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾)، ٥. تو اڏيا، تو ٺاهيا، تو جوڙيا، ٦. تنهنجون، توکي، ٧. اي ور، اي مڙس، اي پيتار، ٨. زالون، ٩. گهڻيون، ١٠. منهنجو، ١١. وري بہ، صرف، ١٢. پرت مان، پيار مان، ١٣. قدم، وکون، ١٤. کڻي (پير پري = منهنجي طرف اچڻ جي تڪليف ڪري)، ١٥. سرخرو ڪج، عزت يا مانُ وارو ڪج، ١٦. غريب، نماڻيءَ ويچاريءَ، ١٧. اي ڏولئا، ١٨. ڇڏ، وسار، ڌڪاري پري ڪر، ١٩. مونکي، ٢٠. اي ڪانڌ، اي پيتار، ٢١. نڪمي، بيڪار، خسيس، عيبدار، ٢٢. پيار، اڪير، محبت، ٢٣. اي سپرين، اي پرين، اي محبوب، ٢٤. ڦيرائي، ڪيرائي، سٽي، دسي، ٢٥. آئون وڌي، مونکي وڌو، ٢٦. پونءِ تي، زمين تي، پٽ تي، ٢٧. منهنجو، ٢٨. ورج، موٽج، وري راضي ٿج، ٢٩. جيتوڻيڪ، ٣٠. موقعو يا وجهہ (ملڻ جو)، ٣١. تہ بہ، تنهن هوندي بہ، ٣٢. مڙس، خاوند، ٣٣. اُن، ٣٤. آسري يا اميد تي، ٣٥. واحد ولهہ = ٿڌ، سردي، ڪلي هوا (ولهون گهاريان = بنان اجهي ڏينهن گذاريان).

۴

تُوءِ مُنهِنجو وَلَهو، جي وارو نَہ ڏي،
آئُون تَنهِن پَلي کي، پاڻُ پَرَنيان کيترو.

۴۱

جي وِلهي ڪَرِيين وَلَها، تَہ اڳَڻِ تُوءِ آئي،
ڪانڌَ ڪونِج ڪَڏهِين، پَرِ پَرِ پاجهائيي،
وارِج ڪا وائِي، دِلاسي جي داسَڙا.

۴۲

دِلاسي جي داسَڙا، تان ڪا وائيءَ وارِ،
جِيئَن تُون مُنهِنجو وَلَهو، تِيئَن آئُون تو ۾ طَمعدارِ،
ڏِکي ڏولَ گُذارِ، لَجَ مُنهِنجي لوڪَ ۾.

۴۳

نَئُون نِينهُن لَڳومِ، رات رَمَندي ڏولَ سين،
سو سِينگارُ ٿِئُومِ، صُباحِ وِچ سَرتِيين.

---

١. تنهن هوندي بہ، ٢. مڙس، پتار، پتي، ڪانڌ، ٣. جيتوڻيڪ، ۴. وجهہ يا موقعو (ملڻ جو)، ٥. ان (ولهي ڏي اشارو)، ٦. چڱي،نيڪ، ڀلاري، بزرگ، ٧. خود، ٨. سپرد ڪريان، حوالي ڪريان، ٩. جيڪڏهين، ١٠. اڪيلي، بي وارث، نڌڻڪي، سکڻي، ١١. ڪندين، ١٢. اي ولها، ١٣. تڏهين بہ، ١۴. اڱڻ ۾، گهر جي آڳر ۾، گهر ۾، ١٥. تنهنجي، ١٦. اي ڪانڌ، ١٧. سڏج، سڏ ڪج، گهرائج (پاڻ وٽ)، ١٨. هاءِ افسوس، ١٩. ٻاجهہ يا رحم ڪري، مهرباني ڪري، ٢٠. وري ڪج، ٢١. ڳالهہ، ٻولي، پچار، ٢٢. آسري، ڏڍ، سهاري، ٢٣. اي داسڙا، اي منهنجا مڙس چنيسر (ليلان جو مڙس چنيسر سومرا گهراڻي جي داسڙي قبيلي مان هو ۽ سندس پيءُ جو نالو بہ ڄام داسڙو هو)، ٢۴. جاڪاڻ تہ، ٢٥. تنهنڪري، ٢٦. اميدوار، آسائتي، ٢٧. ڏکيل يا لڪل حالت ۾، مخفي نموني، ڳجهہ ڳوهہ ۾، ٢٨. اي ڏول، اي محبوب، ٢٩. نباهہ، (ڏکيل حالت ۾) ڇڏي ڏي، ٣٠. پت، عزت، شرم، ٣١. ماڻهن، ٣٢. تازو، ٣٣. عشق، محبت، ٣۴. مونکي لڳو، ٣٥. هلندي، گهمندي، ڦرندي، ٣٦. جنسار، زيب، زينت، سونهن، ٣٧. منهنجو ٿئو، ٣٨. صبح جو، ٣٩. وچ ۾، ۴٠. سرتين جي، جيڏين يا سهيلين جي.

Gul Hayat Institute

**٤٤**

نَهي بَدَي روءِ، اڱڻِ جهيڪِئو ڪَرَهَا،
ڪو چَنيسَرَ چوءِ، تَه وَڃي لِيلان لَڏِئو.

**٤٥**

لَڏي تَه لَڏُ ڏِئو، اِيءَ مُنڌَ مِ ڏوهِئو ماٺُهوئا،
اِيءَ اهَڙي سَبِرَ جوءِ، جِنهِن مَٽِيي تي وَرُ مَٽِئو.

## وائي

آءُ پِرِين گهَرِ پيهِي، ميان چَنيسَرَ، هارُ هَٿان مُون ڇَڏِئو،
پُڇَنِ لِيلان هُوءِ ڪَنِ حِيلا، بَهِران آچِئو بيئي،
دوسـتَ نَئائُون داسَڙو، وِيساهي وَرُ وِيهي،
اوڳُڻَ عَيبَ مَنَايُون، مُنهِنجُون ڏولا ڏِڪَ سَبِيئي،
تُو دَرِ آچي داسَڙا، آرَ ڪَرِبَنديسِ ڪيهي.

Gul Hayat Institute

١. (سامان يا تيز تاڙي) بڌي، ويڙهي. ٢. روئي. ٣. اڱڻ ۾، گهر جي اڱر يا بڌر ۾، گهر ۾. ٤. هشايو، وهارئو. ٥. اٺ. ٦. چنيسر (ليلان جي مڙس) کي. ٧. چوي، بڌائي. ٨. گهر کي ڇڏئو، الوداع ڪئو. ٩. عورت، زال. ١٠. روڪئو. ١١. اي ماٺهوئا، اي لوڪو. ١٢. ڏاڍي، سگهاري، طاقتور. ١٣. زال. ١٤. موتيءَ (موتين جي نهيل مالها يا ڪنڊلي). ١٥. مڙس، پتي، پتار. ١٦. بدلايو، مٽايو. ١٧. اي پرين، اي محبوب. ١٨. گهر ۾. ١٩. گهڙي. ٢٠. سردار. ٢١. موتين مان نهيل مالها. ٢٢. هٿ مان. ٢٣. خبر چار لهن، حال احوال وٺن. ٢٤. ليلان جو. ٢٥. ڪوششون، تجويزون، سازشون. ٢٦. (ليلان جي محلات جي) ٻاهران. ٢٧. ليلان جي رقيب ڪونئرو (جيڪا چنيسر تي عاشق هئي) ءِ ان جي ماءُ. ٢٨. يار.سڄڻ. ٢٩. وٺي ويون، سي ويون.٣٠. چنيسر (جيڪو سومرا گهراڻي جي داسڙي قبيلي مان هو). ٣١. ويساهہ يا اعتبار ڏيڻ کان پوءِ نڪي. دغا ڪري، ڪپٽ ڪري. ٣٢. محلات ۾ ويهي يا ٽڪي يا رَهي. ٣٣. ٻجڙايون، ٻرايون، مَڻايون، مڙايون. عيب، ڏوهہ، گناهہ. ٣٤. اي ڍولا، اي محبوب. ٣٥. لڪاءِ، ڇُپاءِ. ٣٦. تنهنجي. ٣٧. در تي، دروازي تي. ٣٨. اي داسڙا، اي چنيسر. ٣٩. انگل. ٤٠. آئون ڪندي. ٤١. ڪهڙي.

بِسمِ اللّٰہِ الرحمٰنِ الرحيم

# سُرِ ليلا

## داستان پهريون

١

لِيلان لَڪَڻَ پانهِنجا، سارِجِ سِيئِي،
وَرَ سين وِڙهِئُو اُتِيين، ڏوراپا ڏِيئِي،
نَہ ڄاڻان ڪيئن هِي، چَنيسَرَ جي چِتَ ۾.

٢

لِيلان جِمَ لَڪائِيين، سُو پِيِي ساڻُ سُڄاڻُ،
آهِين گهڻو اڄاڻُ، مَڄُڻُ پُوري نَہ پَئِين.

٣

لِيلان جِمَ لَڪائِيين، چَئِي چَنيسَرَ ساڻُ،
جو تو پانيو پانهنجو، سو ريساڻُون راڄاڻُ،
پاڻان ڌار پرياڻُ، ڪانڌَ ڪَنهِين جو نَہ وَٽِي.

---

١. اي ليلان، ٢. لڇڻ، خصلتون، عادتون، افعال، ٣. سنڀالج، ياد ڪج، ڏيان ۾ رکج، ٤. ڪانڌ، مڙس، ڀتار، ٥. جهيڙو يا تڪرار ڪرئو، ٦. اوڀالا، ميارون، شڪايتون، ٧. نہ ڄاڻان = مونکي ڄاڻ يعني خبر نہ آهي، ٨. ڪهڙي ڳالهہ، ٩. ليلان جي مڙس جو نالو، ١٠. دل، من، ١١. متان، مڄڻ، ١٢. لڪا ڏيين، پاڻ کي ظاهر يا پڌرو ڪريين يا ڏنو ڪريين، ١٣. اي سوڀي، اي سوڀياوان، اي بختاور، ١٤. هوشيار، ڄاڻوءَ، داناءَ (چنيسر)، ١٥. بي سمجهہ، نادان، ١٦. پوري نہ پئيين = پهچي يا پڄي نہ سگهين، مقابلو نہ ڪري سگهين، ١٧. ڳالهائي، بحث مباحثو ڪري، ١٨. سمجهيو، ڄاتو، ١٩. قرابت يا عزازت وارو، دوست، ٢٠. ريس وارو، غيرتمند، ٢١. راڄا، ٢٢. پاڻ ڪان، خود ڪان، ٢٣. سواءِ، بغير، ٢٤. صلاح، مصلحت، خيال، ٢٥. ڪانڌ (چنيسر) ڪي، ٢٦. پسند اچي.

## ٤

لِيلان[1] جِمَ[2] لَڪائِين[3]، چَئِي[4] چَنيسَرَ[5] سانُ،
وَرَ[6] سين وڙهئو[7] اُٽِين[8]، مُوڙهي[9] مُنئِي[10] پاڻُ[11]،
پوري[12] ڪِيئي[13] پاڻُ[14]، آيئي[15] ڏَنءُ[16] ڏُهاڳَ[17] جو.

## ٥

چَئِي چَنيسَرَ جامَ[18] سين، لِيلان تُون مَ لَڪاءِ،
دوستُ[19] تُنهنجو داسَڙو[20]، ڪانڌ[21] وَڏِيائي[22] ڪاءِ[23]،
ڊولُ[24] ڏَڪَ[25] سَندِياءِ[26]، تو[27] عَيبَنِ[28] ڪي آڏو اَچي[29].

## ٦

چَئِي چَنيسَرَ جامَ سين، لِيلان لَڪاءِ مَ تُون،
تو جو پانيو[30] پانهنجو، تَنهِن[31] سين آئُون نَه ڪا تُون[32]،
رُونديُون[33] ڏِنِيُون مُون، اِنَ دَرَ مَٿي[34] دادُليُون[35].

## ٧

چَئِي چَنيسَرَ جامَ سين، لِيلان لَڪابوءِ[36]،
تو پانيو پانهنجو، تَنهِن جو پَرو[37] ڪونَه پِئوءِ[38]،

Gul Hayat Institute

---

١. اي ليلان. ٢. مجهڻ، متان. ٣. لڪا ڏيين. پاڻ ڪي ٻڌرو يا ظاهر ڪرين يا ڏٺو ڪرين. ۴. ڳالهائي، بحث مباحثو ڪري. ٥. ليلان جي مڙس جو نالو. ٦. مڙس، ڪانڌ، ڀتار. ٧. جهيڙو يا تڪرار ڪرئو. ٨. اٿئو هلي وڃين. ٩. اي موڙهي، اي موڳي يا بي سمجهہ، اي نادان. ١٠. تو مُنو يعني مصيبت ۾ وڌءِ. ١١. خود (ڪي). ١٢. اي پوري، اي نادان. ١٣. تو ڪئو. ١۴. خودي، آپو، پاڻ پٺو، هٺ، وڏائي. ١٥. توکي آيو. ١٦. توءُ. تپش، گرمائش، ساڙ، جل، ٻارڻ. ١٧. مڙس ڪان، جُدائيءَ، رَناپڻ. ١٨. سردار (سما قوم جي سردار کي ڄام چوندا هئا). ١٩. يارُ، سڄڻ، محبوب. ٢٠. چنيسر (جيڪو سومرا گهراڻي جي داسڙي قبيلي مان هو). ٢١. صبر، تحمل، ڌيرج، برباد باري. ٢٢. وڏي، جهجهي. ٢٣. ڪائي، سهي، اختيار ڪري.٢۴. ڊولُ، محبوب (چنيسر). ٢٥. پردو، پناهہ. ٢٦. تُنهنجي. ٢٧. تُنهنجي. ٢٨. خطائن، مداين، برائين، ڏوهن، گناهن. ٢٩. اڳڻان (آڏو اچي = ڍڪي ڇڏي). ٣٠. سمجهيو، ڄاتو. ٣١. قرابت يا عزازت وارو، پيارو، دوست. ٣٢. آئون نہ ڪاتون = ڪوبہ بحث مباحثو يا تڪرار نہ. ٣٣. اکين مان ڳوڙها يا لڙڪ وهائيندي يون. آهہ و زاري ڪنديون. ٣۴. تي. ٣٥. دل گهريون، پياريون، لاڏليون. ٣٦. تو لڪايو. ٣٧. خبر، سُڌ، پتو. ٣٨. توکي پئو.

ڪَونئُرُوءَ[1] ڪَانڌُ[2] سَنڌوءِ[3]، ڏَستِ[4] ڪِئو داسَڙو[5]،

۸

لِيَلان[6] لُڇُ[7] مَ ايِترو، اُتِي اڱَڻ[8] سورِ[9]،
ابُو[10] ڏاڏو[11] گهورِ[12]، پَاڻَ[13] سُوڌوئِي[14] پِرِيَنءَ[15] تَان.

۹

اُتِي سورِ ٻُهَارِ، لِيَلان لُڇُ مَ ايِترو،
ڍولُو[16] اڱَڻ[17] ٻَهارِ[18]، ڪَانڌُ ڪَمِيٽِي[19] آيو.

۱۰

لِيَلان لُڇُ مَ ايِترو، وِيئِي ڳَالهه[20] هَٿَان[21]،
چَنيسَرَ ڪَانڌا[22]، ڪَونَه پُنو[23] تَو[24] ڪَاجَڙو[25].

۱۱

پِيِنرُ[26] پِنيءَ راتِ[27]، مُون[28] چَنيسَرُ چِتَ مِر[29]،
سُتو[30] لَوڪُ[31] نِنڊُون ڪَري، مُون[32] پرِيَانَ[33] جِي تَاتَ[34]،
سَجَڻُ[35] سِينءَ[36] پِرِيَاتِ[37]، مَنَانِ[38] مُورِ[39] نَه وِسَرِي[40].

---

۱. ليلان جي رقيب عورت جو نالو جيڪا ليلان جي مڙس چنيسر تي عاشق هئي، ۲. مڙس، پتارُ، ۳. تنهنجو، ۴. دست ۾، هٿ ۾، قبضي ۾، ۵. چنيسر (جيڪو سومرا گهراڻي جي داسڙي قبيلي مان هو)، ٦. اي ليلان، ۷. ڦٿڪ، بي صبري ٿيءُ، ۸. گهر جو پڌر يا صحن، گهر، ۹. (چنيسر جي اچڻ جي اميد ۾)، صاف ڪر، ٻهار، ۱۰. ٻيءُ، بابو، ۱۱. ٻيءُ جو ٻيءُ، ۱۲. قربان يا صدقي ڪر، ۱۳. خود، پنڊ، ۱۴. سميت، ۱۵. محبوب (چنيسر)، ۱٦. ڍول، محبوب، ۱۷. اڱڻ جي، گهر جي، پڌر يا صحن جي، گهر جي، ۱۸. ٻاهر، ٻاهران، ٻهريين پاسي، ۱۹. اي ڪميٽي، اي بدافعال، اي ٻڇڙي، ۲۰. مامرو، معاملو، وجهه، ۲۱. هٿ مان، وس يا اختيار مان، ۲۲. ڪانڌ سان، ۲۳. پورو ٿئو، نبهئو، بحال ٿئو، ۲۴. تنهنجو، ۲۵. ڪاڄ، شاديءَ جو جشن، محفل، ڪچهري، ۲٦. اي ٻينر، اي اديون، ۲۷. پوئين رات جو، فجر جو، ۲۸. مونکي (ياد پئو)، ۲۹. دل ۾، من ۾، ۳۰. سمهيو، ۳۱. عام ماڻهو، ۳۲. مونکي، ۳۳. پرينءَ، محبوب (چنيسر)، ۳۴. يادگيري، ۳۵. دوست، محبوب (چنيسر)، ۳٦. تائين، ۳۷. فجر، اسر، پرهه ڦٽيءَ، ۳۸. من مان، ۳۹. اصل، بنهه، ۴۰. لَهي، اُتري، ٻلجي.

Gul Hayat Institute

## ١٢

چَنيسَرُ[١] چَوُرَنگُ[٢]، ٻِہ[٣] رَنگُ لوَڪُ[۴] ٻِئو،
تَنهِن سين چِنئو[٥] سَنگُ[٦]، وَجِئو هارُ[٧] هَٿ[٨] چُهين[٩].

## ١٣

هُئا ليلان جا اڳهين[١٠]، مَتي[١١] ماڙِيءَ[١٢] ماڳَ[١٣]،
چَئِي[١۴] چَنيسَرَ چاڙهي[١٥]، لَکين[١٦] ڏِيئي لاڳَ[١٧]،
ٻِيون راءَ[١٨] ٻَرِ[١٩] ڪَنبنِ[٢٠] راڻِيُون[٢١]، هِيءَ[٢٢] سوٻِي مَنجهه سُهاڳَ[٢٣]،
جيلاهه[٢۴] ٻَرُ[٢٥] ڏِنائِين[٢٦] ٻاڳَ، تي[٢٧] آيُسِ[٢٨] ڏَنءُ[٢٩] ڏُهاڳَ[٣٠] جو.

## ١۴

ڪَٿُوري[٣١] چَئِين[٣٢] پَلئِين[٣٣]، تَوءِ[٣۴] ڏُهاڳِڻِ[٣٥] هوءِ[٣٦]،
تَہ پَڻِ سُهاڳِڻِ[٣٧] اڳِري[٣٨]، توٽي مُنهن نَہ ڏوءِ.*

## ١٥

وَڏيري[٣٩] هُياسِ[۴٠]، ميڙو[۴١] مُون[۴٢] گهرِ[۴٣] سَرَتيِين[۴۴]،
هَٿَ چُهڻَ[۴٥] هارَ جي، ڪَڙي[۴٦] ڪانڌَ[۴٧] تئاسِ[۴٨]،
جَڏهين ڍولي[۴٩] ڍيلئاسِ[٥٠]، آيُمِ ڏَنءُ ڏُهاڳَ جو.

١. ليلان جي مڙس جو نالو. ٢. چئن رنگن وارو، گهڻن ڳڻن يا رمزن وارو، هوشيار، ڪيڏاري. ٣. ٻن رنگن وارو، ٻهروپي، پاکنڊي، ڪوڙو، منافق، ٻچاپڙو. ۴. عام، ماڻهو، عام خلق. ٥. توڙئو. ٦. واسطو، لاڳاپو، ناتو. ٧. موتين جي مالها يا ڪنيلو. ٨. هٿ ۾. ٩. ڪٺين، ونئين. ١٠. شروعات کان، ٻهريائين. ١١. تي. ١٢. جاءِ جي متان نهيل ٻيءَ جاءِ، محل، محلات. ١٣. آستان، رهائشون. ١۴. (عَلَي الاعلان يا وڏي سڏ)، ٻڌائي، عالم آشڪار اعلان ڪري. ١٥. متي ڪنئي يا متي ني (ماڙيءَ تي رهائڻ لاءِ). ١٦. لکن جي تعداد ۾، تمام گهڻا. ١٧. (شاديءَ جي وقت ماڻهن کي ڏنل) دانَ، بخششون. ١٨. راڃا (چنيسر). ١٩. کان. ٢٠. ڏڄن، خوفزدهہ ٿين. ٢١. راجا جون زالون. ٢٢. سوڀياوان،سهڻي. ٢٣. مڙس جو پيار حاصل هجڻ واري حالت. ٢۴. جيئن تہ، جاڪاڻ. ٢٥. نازَ، وڏائي، ايمان، هٺ، غرور. ٢٦. ٻاڳ تي، نصيب تي، خوشحاليءَ تي (ٻر ڏنائين ٻاڳ = فخر يا وڏائي ڪيائين، گهمنڊ ڪيائين). ٢٧. تنهن ڪري. ٢٨. ان (ليلان) کي آيو. ٢٩. تؤ، تپش، گرمائش، ٻارڻ. ٣٠. مڙس کان جدائيءَ، رناپڻ. ٣١. ٻنان سگن هرڻ جي دن مان نڪتل خوشبودار مادو، مشڪ. ٣٢. چٺن. ٣٣. (پوتيءَ يا چُنيءَ جي) پلئن ۾، پاندن ۾، (پوتيءَ جي) ڪندن ۾. ٣۴. جيڪڏهين. ٣٥. ڏهاڳڻ (مڙس کان جدا ٿيل يا ور ڇڙيل زال) کي. ٣٦. هجي. ٣٧. سهاڳ واري عورت. ٣٨. وڌيڪ، سرس* جيتوڻيڪ گدلي يا ڪوجهي هجي. ٣٩. مالڪڻ، سانئڻ. ۴٠. آئون هيس. ۴١. ميڙاڪو، هُجوم. ۴٢. منهنجي. ۴٣. گهر ۾. ۴۴. سرتين جو، جيڏين جو. ۴٥. هٿ جي ڇهڻ سان، هٿ جي لڳائڻ سان. ۴٦. ان وٽندڙ. ۴٧. ڪانڌ کي، مڙس (چنيسر) کي. ۴٨. آئون ٿي. ۴٩. ڍول، محبوب. ٥٠. مونکي ڍيليو يعني ڇڏيو.

## ١٦

وَڏيــرِي[١] هُــيَــاسِ[٢]، چَـنـيــسَــرَ[٣] جي راجَ[٤] ۾،
ڍُهِلَــنِ[٥] دَمَــامَــنِ[٦] نُـقِــرِيــن[٧]، پَــرِ[٨] ۾ پُـڇِــيَــاسِ[٩]،
جــيَــلاهَــہ[١٠] ڊِولــي[١١] ڊِيــلِيَــاسِ[١٢]، تـي[١٣] تِــيَــسِ[١٤] ڏُهَاڳَڻِ[١٥] ڏيهَــہ[١٦] ۾.

## ١٧

وَڏيــرِي هُــيَــاسِ، چَـنـيــسَــرَ جي راجَ ۾،
دائِــيِــين[١٧]، ٻَـائِــيِــين[١٨] دَرٻَـانِــيِــين[١٩]، تـي پَـرِ ۾ پُـڇِــيَــاسِ،
ڍُهِـلِــين دَمَــامِــين نُـقِــرِيــن، تــي وِچَ ۾ وِهَــارِيَــاسِ[٢٠]،
هُــيَــسِ[٢١] دادُلِــي[٢٢] دوسِــت[٢٣] جي، هَــلِــكِــي[٢٤] هَــارَ[٢٥] كِــئَــاسِ[٢٦]،
تِــهَــان[٢٧] پــوءِ تِــئَــاسِ، كَــانِــيَــارِي[٢٨] كَــانڌَ[٢٩] جِــي.

## ١٨

كَــانڌَ[٣٠] كَـمِــيــڻِــي[٣١] آهِــيَــان، هَـلايَــان نَــہ حُـجَــتَ[٣٢]،
چَـنـيــسَــرَ جي چِــتَ[٣٣]، كَــتُ[٣٤] نَــہ لايَــان كَـڌهِــين.

وائي

مُــون تــي وَهــرَ[٣٥] وَرِي، وَرَ[٣٦] وَرِي، وارو[٣٧] ڏِيــنــدُومِ وَلَــهــو[٣٨]،

Gul Hayat Institute

---

١. مالڪڻ، سائڻ، رئيسياڻي، مکياڻي. ٢. آئون هئي. ٣. ليلان جي مڙس جو نالو. ۴. حڪومت ملڪ. ۵. ڍهلن (ڍهل هڪ ساز جو قسم آهي جو شادين يا خوشيءَ جي ٻئن موقعن تي وڄائبو آهي) وڄڻ وقت يعني شادين مرادين جي وقت. ٦. دمامن (دمامو ڍهل جو هڪ قسم آهي)، وڄڻ وقت. ٧. نقرن (شرنائن يا توتارين) جي وڄڻ مهل * شادين يا خوشيءَ جي ٻين موقعن تي. ٨. پر ۾ / رازداريءَ يا ادب سان. ٩. مون کي پڇيو ويندو هو يا مون سان ڳالهايو ويندو هو. ١٠. جيئن تہ، جنهن صورت ۾.١١. ڊول، محبوب (چنيسر). ١٢. مونکي ڇڏي ڏنو يا ڌڪاري ڇڏيو. ١٣. تنهن ڪري. ١۴. آئون ٿي. ١۵. مڙس کان جدا ٿيل يا وڇڙيل. ١٦. ملڪ، ديس. ١٧. داين يعني نوڪرياڻين يا ٻانهين. ١٨. ٻاين يعني رئيسياڻين يا وڏيرين. ١٩. دربانين يعني در تي ويٺل عورتن. ٢٠. وچ ۾ وهارياس = مونکي عورتن جي وچ ۾ وهاريو ويندو هو. مونکي اهميت ڏني ويندي هئي. ٢١. آئون هئي. ٢٢. لاڏلي، پياري. ٢٣. يار، سڄڻ، محبوب (چنيسر). ٢۴. بي عزت، بي ماني. ٢۵. موتين جي مالها، ڪنڊلي يا طوق. ٢٦. مون کي ڪئو. ٢٧. تنهن کان. ٢٨. ميارڻ، حرفياڻي، قصور وارِ. ٢٩. مڙس، ڀتار (چنيسر). ٣٠. اي ڪانڌ. ٣١. نڪمي، ٻجڙي، بدافعال. ٣٢. دعويداري، حقداري. ٣٣. چت ڪي، دل ڪي. ٣۴. زنگ، ميل، ٽڪو. ٣۵. واهر، ورَ، مدد. ٣٦. موٽي (ٽيندي). ٣٧. موقعو، وجهہ. ٣٨. مڙس، ڪانڌ، ڀتار.

تــوڪــي سَـــارِئـو[۱] سُـــپِــرِيــن[۲]، پُــونــدِيَــسِ[۳] مَـــاڳِ[۴] مَـــرِي[۵]،

اَسَـــان تــو رِي[۶] نَـــاهِــہ ڪَـــا، ٻِــي ڳُـــجَـــهَـــانـدَرِ[۷] ڳَـــرِي[۸]،

تــوڪــي سَــرِي[۹] سُـــپِــرِيــن، اَسَـــان تَـــان نَـــہ سَـــرِي،

اُپَــتِ[۱۰] ڪَـــا اِحـــسَـــانَ[۱۱] جِــي، مِـــيَـــان[۱۲] دَسـتَـگِـيـرَ[۱۳] دَرِي[۱۴].

Gul Hayat Institute

۱. ياد ڪرئو، سنڀالئو. ۳. اي سپرين، اي پرين، محبوب. ۳. آئون پوندي. ۴. ماڳ تي، ماڳهن بلڪل، اتي جو اتي، اُتِ، هڪدم. ۵. ساهہ نڪتل تي، بي جان تي. ٦. ڪان سواءِ. ۷. ڳجهاندر جي، ڳجهہ يعني راز (اورڻ يا ظاهر ڪرڻ) جي. ۸. واٽ، رستو، چارو، واهہ. ۹. گذارو ٿئي. ۱۰. کول. ۱۱. مهربانيءَ، مهر، ٻاجهہ. ۱۲. اي ميان، اي سردار. ۱۳. هٿ وٺندڙ، ٻانهن ٻيلي، رهبر، اڳواڻ. ۱۴. لوگهو (اچڻ وڃڻ لاءِ)، لنگهہ، واهہ، واٽ.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر لِيلا

## داستان ٽئو

١

اَوگڻ[1] ڪري اَپار[2]، تو[3] دَر[4] آيس[5] داسڙا[6]،
جي[7] تو[8] رُسڻ[9] سَنڌي[10] رُوح[11] ۾، تيئن[12] مون[13] پيٽِي[14] ناهِ پِتار[15]،
سائين[16] لڳ[17] ستار[18]، ميٽ[19] مَدايون منهنجون.

٢

پائي[20] آيس پاند[21] ۾، تو دَرِ عيب اَپار،
جي تو رُسڻ سَنڌي رُوح ۾، تيئن مون پيٽِي ناهِ پِتار،
اَڻ[22] وِٽن جا آچار[23]، شال[24] ڪانڌُ ڪري مَ ڪنهن سين.

٣

جي مان[25] مُوڙهي[26] مت[27]، ته پاڻُ[28] سُڄاڻج[29] سُپرين[30]،
اَصلِ[31] اَوايُن[32] جا، عيب ڏِکين[33] تُون اَت[34]،
اِيءَ پِرين تُنهنجي پَت[35]، جيئن وِلهيون[36] ڏِکين[37] وَلَها[38].

Gul Hayat Institute

---

١. خطائون، قصور، عيب، گناهه، برايون، مدايون. ٢. بي حد، تمام گهڻا. ٣. تنهنجي. ٤. در تي، دروازي تي. ٥. آئون آئي آهيان. ٦. اي داسڙا، اي (منهنجا مڙس) چنيسر (ليلان جو مڙس چنيسر سومرا گهراڻي جي داسڙي قبيلي مان هو). ٧. جيڪڏهين. ٨. توکي. ٩. ناراض يا رنج ٿيڻ. ١٠. جي (رسڻ سنڌي = رسڻ جي ڪا ڳالهه آهي). ١١. دل، من. ١٢. ته، تنهن صورت ۾. ١٣. مون لاءِ، منهنجي لاءِ يا واسطي. ١٤. وسيلو، واهر، (پناهه جي) جاءِ. ١٥. اي پتار، اي ڪانڌ، اي ولها. ١٦. ڌڻيءَ، مالڪ، خدا. ١٧. جي واسطي، ڪارڻ. ١٨. اي ستار، اي سترڪندڙ، اي پردو رکندڙ، اي عيب ڍڪيندڙ. ١٩. ڊاهه، ميسار، معاف ڪر. ٢٠. وجهي. ٢١. (پوتيءَ جي) پلاند يا پلئه، جهوليءَ. ٢٢. اٿبٽ، ناپسنديءَ، ناراضگيءَ. ٢٣. نياءُ، نبيرا، فيصلا، معاملا. ٢٤. خدا ڪري. ٢٥. منهنجي. ٢٦. منجهي پئي، خطا تي، گم ٿي. ٢٧. ٻڌ، سمجهه، عقل، هوش، سوچ. ٢٨. پنهنجي ذات، خود. ٢٩. اوکج، پروڙج. ٣٠. اي سپرين، اي پرين، اي محبوب. ٣١. اصل کان، اول يا شروعات کان. ٣٢. گمراهه يا پليل عورتن. ٣٣. لڪائين. ٣٤. گهڻا، بي شمار. ٣٥. شان، ساک. ٣٦. اڪيليون، بي وارث عورتون، نڌڻڪيون، لوڻيون. ٣٧. پردي ۾ رکين. ٣٨. اي ولها.

## ۴

عَيبَ[۱] نَہ اَچَڻُ ڏِينِ، مُون کي مُون[۲] پِرِيَنِ[۳] ڏي.
اڳِئَان اڪِيُنِ سَامُهَان، اُيَائِي[۴] آهِينِ،
اَوڳُڻَ پَاسِي[۵] تِينِ، تَہ ڏولا[۶] ڪِنهِن ڏِنگ[۷] تِئَان.

## ۵

هَيبَتَ[۸] ڪَانَہ هُيَاسِ[۹]، ڪَا دِلِ[۱۰] مَتِينِدو[۱۱] داسَڙو[۱۲]،
پَرُوڙِي[۱۳] پَشيمَانُ[۱۴] ٿي، جَڏهِين هَٿَان[۱۵] ڳَالهِہ[۱۶] وَيَاسِ[۱۷]،
سُورَ[۱۸] پَرَايَائِين[۱۹] سَيِّدُ (رح)[۲۰] چَئي، پوءِ ٿي ڪُلَ پَتِئَاسِ[۲۱]،
ڪُوٽَتِ[۲۲] هَارَ[۲۳] ڪِئَاسِ، تِي[۲۴] چَرِي[۲۵] چَنيسَرَ[۲۶] جَامَ رِي[۲۷].

## ٦

لَکَڻَ[۲۸] ڪَيمَ ڳَٽيجِ[۲۹]، جِيئَن مُورائِين[۳۰] نَاهِہ مُون[۳۱]،
مُونکي مَلهَائيجِ[۳۲]، وارو[۳۳] ڏيئِي وَلهَا[۳۴].

## ۷

لِيلَان![۳۵] حِيلا[۳۶] چِڏ[۳۷]، جي تُون[۳۸] سُوِيِي[۳۹] سَکِيِن[۴۰]،
پَائِي[۴۱] پَاندُ[۴۲] ڳِچِيءَ[۴۳] ۾، پَاڻُ[۴۴] غَرِيبِيءَ[۴۵] گَڏ[۴۶]،

۱. اوڻايون. خطائون. ڏوھہ. اوگڻ" ۲. منهنجي. ۳. محبوبن. ۴. بيٺائي. ۵. پري. ٦. اي ڍولئا، اي ڍول، اي محبوب. ۷. ڍنگ سان، سليقي سان، طور يا طريقي سان، رستي راھہ سان. ۸. خوف. ڊپ. ۹. هن (ليلان) کي هئي. ۱۰. من. چت. ۱۱. ڦيرائيندو، بدليندو، ڪٺندو. ۱۲. (ليلان جو مڙس) چنيسر، جيڪو سومرا گهراڻي جي داسڙي قبيلي مان هو. ۱۳. سمجهي، پرکي، سڄاڻي. ۱۴. نادم، پڇتائيندڙ. شرمسار. ۱۵. هٿ کان، وس کان. ۱٦. معاملو، ماجرا. ۱۷. ان کان وئي. ۱۸. عذاب، تڪليفون. ڏک. ۱۹. حاصل ڪئائين، پراپت ٿيس. ۲۰. (بدن جي) چمڙي. ۲۱. اُن پٽي، اُن ڪُٽي يا سٽي (کل پٽڻ = ارمان ڪرڻ). ۲۲. اٿبٺت. ڦيٽارو. ناسازي. ڏهاڳ (مڙس کان جدائيءَ يا وڇوڙي واري حالت). ۲۳. موتين جي مالها. ڪنڍلي. طوق. ۲۴. ان (ليلان) سان ڪئي. ۲۵. ديواني. پاڳل. ۲٦. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب). ۲۷. کان سواءِ. ۲۸. لڇڻ. خصلتون. گڻ. عادتون. افعال. ۲۹. تون ڳڻج يا شمار ڪج. ويچار ۾ آڻج. ڏسج. ۳۰. بلڪل. بنهہ. ۳۱. مون وٽ. ۳۲. سرخرو ڪج. سرفراز ڪج. نوازج. پلائج. ۳۳. وجهہ. موقعو. ۳۴. اي ولها. اي ڪانڌ. اي پتار. ۳۵. اي ليلان. ۳٦. بهانا. عذر. ۳۷. ترڪ ڪر. ۳۸. جيڪي. ۳۹. اي سوڀي. اي سوڀياوان. اي بختاور. ۴۰. سڪي آهين. (تو) پرايا يا حاصل ڪئا آهن. ۴۱. وجهي. ۴۲. (پوتيءَ جو) پلئہ يا پلاندُ. ۴۳. گلي. ڳچيءَ. ۴۴. خود. ۴۵. غريبيءَ ۾. نهٺائي يا نئڙت ۾. ۴۶. شامل ڪر.

Gul Hayat Institute

هَذِ[1] نَہ چُوندءِ[2] لَذِ[3]، جي[4] ڪَارُون[5] آڙِئا[6] ڪَانذَ[7] ڪي.

٨

جي ڪَارُون آڙِئا ڪَانذَ ڪي، تَہ روئِي[8] رِبجَهائِيجِ[9]،
لِيلان[10] لِيلائِيجِ[11]، اَتِيئِي مَاڳُ[12] مِنَتَ جو.

٩

جي لِيلائي نَہ لَهين[13]، تَہ پُڻِ[14] لِيلائِيجِ،
سُوپِي[15] اِنَ سُهَاڳَ[16] ڪي، پُوري[17] پَرُ[18] مَ ڏِيجِ،
آسَرَ[19] مَ لاهِيجِ[20]، سَجَڻ[21] ٻَاجَهارا[22] گهڻو.

١٠

ٽِڙڪِي[23] پَسِي[24] ٺُوڪُ[25]، تِرڪِي[26] تَڪَبُرَ[27] مِ پَئِي،
اَچِئو اَچِئو اگَلِي[28]، چَئي لِيلان ڪي لوڪُ[29]،
اَندَرُ[30] اوِيالَنِ[31] سِين، سَاڙي[32] ڪِئائُونسِ[33] سوڪُ[34]،
ٻَالاَپَڻَ[35] جو ٻوڪُ[36]، وِئو وِيچَارِيءَ[37] وِسَرِي[38].

١١

نَڪِي ٻَانهڙِيُن[39] مِ، نَڪِي ڳَرِ[40] هُومِ[41]،

---

١. هرگز، اصل، ٻنهہ. ٢. توکي چوندا. ٣. هتان وڃ. ۴. جيڪڏهين. ۵. منٿون، نيزاريون، عرض، سوال. ٦. اڙيا، پسند پيا، وڻيا، قبول پيا. ٧. مڙس، ور، ڀتار، ڀتيءَ. ٨. اکين مان ڳوڙها يا لڙڪ وهائي. ٩. پرچائج، راضي ڪج. ١٠. اي ليلان. ١١. آزيون ڪج، نيزاريون ڪج، منٿون ڪج. ١٢. جاءِ، هنڌ. ١٣. حاصل ڪرين، لهين. ١۴. وري ٻہ. ١۵. اي سوپي، اي سوڀيا وان، اي بختاور (ليلان). ١٦. مڙس جي پيار يا راضپي واري حالت. ١٧. اي پوري، اي موڳي، اي نادان، اي بي عقل. ١٨. ٽيڪ، ڀروسو (پر مَ ڏيج = ڀروسو نہ ڪج). ١٩. آسرو، اميد، تمنا. ٢٠. ختم ڪج. ٢١. پيارا، دوست، گهڻگهرا، محبوب. ٢٢. ٻاجهہ وارا، ٻاجهہ ڪندڙ، مهربان، رحمدل. ٢٣. لڏي، ٽڙي، ٽاٻڙجي. ٢۴. ڏسي. ٢۵. قيمتي شيءِ (موتين جو هار يا ڪنڍلو). ٢٦. ڦسڪي، گسڪي، ڦسلي. ٢٧. هٺ، غرور. ٢٨. گدلي، ميري، گنهگار، قصور وار، بڇڙي، خراب. ٢٩. جهان جا ماڻهو، خلق. ٣٠. دل، جان، جند. ٣١. ڏوراڀن، طعنن، ميهڻن. ٣٢. جلائي، ڪانئي. ٣٣. انجو ڪيائون. ٣۴. ٿوڻ، ڪڙڪ. ٣۵. ٻاراڻي عمر، ٻاراڻي اوستا، ننڍپڻ، جواني. ٣٦. چلولائي، انگل، آرو. ٣٧. ويچاري کي، عاجز يا بي واهيءَ يا هاڻيءَ ڪي. ٣٨. ڀُلجي، دل تان لهي. ٣٩. ٻانهن، ٻازن، هٿ جي ڪراين. ۴٠. ڳچيءَ يا گلي. ۴١. مونکي هو.

نَہ سُرمُون نَہ سُونهَن ڪَا، نَہ سِينگَارُ ڪِئُومِ،
تَڏِهين پِريَن سَندومِ، رُڪُوئي رَءِ ڪَٽِي.

## ١٢

سُونَا ڪُرَ ڪَنَنِ ۾، ڳِچِيءَ ڳَاڙهَا هَارَ،
بَانهُوتَا بَانهَنِ ۾، سِيندَ سَٽِيَا وارَ،
تَڏِهين پِيءَ پَچَارَ، ڪَانڌَ مُنهِنجي جَڏِي.

## ١٣

ڏِڪَڻَ مَتِي ڊولَ جَا، جَڏِهين پُوچَا ڏِنَمِ پيرَ،
مُون پَانيو تَنهِن ويرَ، تَہ ڪوجِهي ڪَندو پِريَرِي.

## ١٤

سَاهيڙِيُون ءِ سَرتِيُون، ڪِلَنِ سَبِ مَتَامِ،
جيڪُسِ ڪَمَ سَندامِ، جُونَا ڏِنَا جيڏِيِن.

## ١٥

سُورِيءَ سُتَرِيَا، پَڪو سَهُو ولاڙئو،
چَنيسَرَ ڪَانڌا، تَان مُون هِيِنئَن نَہ پَانيو.

---

١. نہ منهنجي اکين ۾ سرمون آهي. ٢. نڪا مون ۾ سونهن يعني حُسن آهي. ٣. زيب زينت، ناهہ نوهہ. ٤. مون ڪئو. ٥. محبوب. ٦. منهنجو. ٧. اٿيوئي، بنان ڇتَ مڪَ يا هار سينگار. ٨. تحقيق، بلاشڪ. ٩. وٺي، قبول ڪري. ١٠. سون (هڪ قسم جي قيمتي ڌاتوءَ) مان ٺهيل. ١١. ڪنن ۾ پائڻ جا زيور، پنڙا، والا، ڏُر. ١٢. ڳچيءَ ۾، ڳلي يا سيني ۾. ١٣. لالَ، سهڻا. ١٤. موتين جون مالهائون، ڪنڊلا، طوق. ١٥. ٻانهن ۾ پائڻ جا زيور، چُوڙا، ٻانهين. ١٦. سينڌ (پيشاني کان سڌو مٿي جي چوٽيءَ تائين وارن جي وچان خط يا ليڪ) جا. مٿي جا. ١٧. تيل لڳل. ١٨. پرينءَ، محبوب. ١٩. تات، ڳالهہ، يادگيري (پچار جڏي = واسطو توڙيو، ناتو ختم ڪئو). ٢٠. مڙس، ڀتار، پتيءَ، ور. ٢١. ڪنهن ٿانءَ يا برتن جي منهن بند ڪرڻ لاءِ ٿانءَ، ٺڪر جي ڍَڪڻيءَ يا ننڍي پاٽ (سنڌ ۾ ڪن هندن توڙي مسلمانن ۾ هڪ رسم آهي جنهن موجب شاديءَ رات ڪنوار جي گهر جي در وٽ ٺڪر جي ڍَڪڻي رکي ويندي آهي جنهن کي گهوٽ پيرَ هڻي ڀڃندو آهي). ٢٢. تي. ٢٣. محبوب. (چنيسر) ٢٤. ڏنگا، ڦڏا، آهستي، اڻ لڪا. ٢٥. قدم، پڳ. ٢٦. سمجهيو، پروڙئو. ٢٧. مهل، وقت. ٢٨. ڪني، ڪسي، اڻ پوري. ٢٩. پريت، محبت. ٣٠. سرتيون، جيڏيون، سهيليون. ٣١. ڇٽرون يا ٽوڪون ڪن. ٣٢. منهنجي مٿان. ٣٣. شايد. ٣٤. فعل، افعال، لڇڻ. ٣٥. منهنجا. ٣٦. ڪوٽا، خراب. ٣٧. جيڏين. ٣٨. ليلان جي محبوب جو نالو. ٣٩. ڪانڌ ڪان، مڙس ڪان. ٤٠. اصل، هرگز. ٤١. هن نموني يا ريت. ٤٢. سمجهئو.

Gul Hayat Institute

### ١٦

هُيَسِ[١] هِندورَن[٢] ۾، پيَمِ[٣] ڪانَ پَروڙَ[٤]،
مَٽِيي[٥] سَندي[٦] مامِري[٧]، ڪوجهي[٨] وِڌِيَسِ[٩] ڪُوڙَ[١٠]،
سامُهان[١١] ٿِئمِ[١٢] سُورَ[١٣]، وِئو وِلٽيِ[١٤] وَلَهو[١٥].

### ١٧

هُيَس هِندورَن ۾، سَرهِي[١٦] سانجهيءَ ويرَ[١٧]،
سُڻو[١٨] سَبِ سَرتِيون[١٩]، پِرَن[٢٠] اهڙا پيرَ[٢١]،
پِرهَ[٢٢] اُڪازِيَسِ پيرَ[٢٣]، هَلي دانهِياٽي[٢٤] ڏانهَن داسڙي[٢٥].

### ١٨

هُيَس هِندورَن ۾، سَرهي سَجي رات،
چانڪ[٢٦] هار ڪَتَندِيَس[٢٧] هوڏَ[٢٨] ۾، ڏيهَ[٢٩] پَڻ لَهندِيَس ذات[٣٠]،
تَ وِهاٽيءَ[٣١] پِرِيات[٣٢]، مَندي[٣٣] اُپِيين[٣٤] مامِرو.

### ١٩

چانڪ چَڙهَندِيَس کَٽَ[٣٥] تي، رِيجهائيندِيَس[٣٦] راءُ[٣٧]،
اِهڙوئي اَللهُ، پورِهيَتُون[٣٨] تو پيشِ[٣٩] ڪَري.

---

١. ائون هئي، ٢. ٻينگهن، جهولن، ٣. مونکي پيئي، ٤. سڌ، خبر، ڄاڻ، سمڪ، ٥. موتين جي هار يا مالها، ٦. جي، ٧. معاملي، تڪرار، روئداد، حادثي، ڳالهه، ٨. ڪني، خراب، ڪسي، خسيس، ٩. مونکي وڌو، ١٠. ڪوڙ ۾، ڪپٽ ۾، ١١. آڏو، درپيش، اڳيان، بالمقابل، ١٢. مونکي ٿئا، ١٣. ڏک، عذاب، تڪليفون، ١٤. ڦري، ڀُٽ ڏيئي، رسي، ١٥. ڀتار، مڙس، ورُ، ڀتي، ١٦. خوش، ١٧. سانجهي وير = سانجهيءَ جي مهل، سج لهڻ جي مهل، نماشام يا سنجها جي وقت، ١٨. ٻڌو، ١٩. اي سرتيون، اي جيڏيون، ٢٠. ڦرن، ورن، بدلجن، مٽان ٿيون، ٢١. جڪر، ڍول، نمونا، ٢٢. صبوح جيءَ مهل، فجر، پرڀات، ٢٣. اڪازيس پير = هن جا پير اڪاڙٿا يعني پير ٿيا، هن ڪي بي دخل ڪئو (گهر مان)، ٢٤. فريادڻ، ٢٥. چنيسر (جيڪو ليلان جو مڙس هو ۽ سومرا گهراڻي جي داسڙي خاندان مان هو)، ٢٦. مون سمجهيو، مون ڀانيو، مون (دل ۾) چيو، منهنجي ليکي، ٢٧. حاصل ڪنديس، لهنديس، ٢٨. شرط، بازيءَ، ٢٩. ملڪ، راڄ ڀاڳ، بادشاهي، ٣٠. ذات ۾، بخشش ۾، انعام ۾، ٣١. فجر، پرڀات، ٣٢. پرڀات جي مهل، ٣٣. ڪڙو ڪري، تيار ڪري، ٣٤. تون اپيين، تون بيٺين، (چنيسر ڏانهن اشارو)، ٣٥. پلنگ، سيج يعني گهوٽ ۽ ڪنوار لاءِ شاديءَ جي وقت سينگاريل کٽ، ٣٦. راضي ڪنديس، پرچائينديس، ٣٧. راڄا (چنيسر)، ٣٨. نوڪرياڻيون، ٻانهيون، ٣٩. وڏيڪ عزت واريون.

**۲۰**

هُيَئِين ۽ نہ گهڻُو هُوشِيارُ، ڪَلَ پہ هُيَئِي ڪانڌَ جي،
تو پَانيو مُوچَارِي تِئان، ڳِچِيءَ پائِي هارُ،
ڪانڌَ ڪُوڙِيءَ جو نہ وَٽِي، سَهسِين پَتنِين سِينگارُ،
وَهِمَ لَهِي وِينجهارُ، دِلِيُون پَرَکِي داسَڙو.

**۲۱**

ڏاهِي هُيَسِ ڏيهہ ۾، سَرتِيَنِ ۾ سُجاڻُ،
ڪَا جَا پِيِيمِ ڪَاڻِ، جِئَن مُنهُن مَٿَاهُون نہ ڪَٿَان.

**۲۲**

الا ڏاهِي م تِئَان، ڏاهِيُون ڏُکَ ڏَسِنِ،
مُون سِين مُون پِرِينِ، پوراڻِيءَ ۾ پَالَ ڪِئَا.

**۲۳**

ڪَارا ڪَري ڪيسَ، مَتَان ڪَا مُنڌَ حِرصِي،
ڪانڌُ نَتِي جو ڪُوڙِيو، جي وَٽِنِ وِلَهِي وِيسِ،
لالَڻُ ڏِسِي نہ لِبيسَ، دِلِيُون پَرَکِي داسَڙو.

---

۱. ڏاهي. داناءُ. ۲. خبر. سُڌ. ۳. مڙس. پتيءَ. ور. ۴. سمجهيو. خيال ڪيو. گمان ڪيو. ۵. ملوڪ. سٺي. سُهڻي. ٦. ڳچيءَ ۾. ڳلي يا سيءَ ۾. ۷. وجهي. ۸. موتين جي مالها يا ڪنٺو. طوق. ۹. ڪانڌ کي. ۱۰. بي وڙيءَ. نالائق. بدافعال. ۱۱. پسند اچي. ۱۲. سونِ. گهڻن. ۱۳. پٽين جو. قسمن يا نمونن جو. ۱۴. زيب زينت. ٺاهہ ٺوهہ. جنسار. ۱۵. دل جا خيال. راز. ۱٦. پروڙي. جاچي. ۱۷. هيرن ۽ موتين جو پارکو. قابل. داناءُ. هوشيار. ۱۸. دلين يا من جو راز. ۱۹. جاچي. ۲۰. ڇنيسرجيڪو ليلان جو مڙس هو ۽ سومرا گهراڻي جي داسڙي خاندان مان هو. ۲۱. آئون هئي. ۲۲. ملڪ. ديس. ۲۳. سهيلين. هڪ جيڏين. ۲۴. دانا ،. ۲۵. اهڙي. ۲٦. مونکان پيئي يا ٿي. ۲۷. خطا. ڀُل. چُڪ. ڏوهہ. ۲۸. جو. ۲۹. چهرو. مُک. پيشاني. ۳۰. مٿي. اوچو. ۳۱. ڪريان (شرم يا حياءَ جي ڪري). ۳۲. اي الله. ۳۳. تڪليفون. ۳۴. منهنجي. ۳۵. محبوبن. ۳٦. ناداني‍ءَ. جاهليتي. ۳۷. ٿورا. احسان. مهربانيون. ۳۸. وار (ڪارا ڪري ڪيس = وارن کي ڪارو خضاب هڻي يعني هار سينگار ڪري). ۳۹. مچن. ۴۰. عورت. ۴۱. حرص ڪري. وڏائي ڪري. ۴۲. خواهان. طالبو. شائق. چاهيندڙ. ۴۳. هلن. گذارو ڪن. ۴۴. پرائي. قائل. سادي. ۴۵. ويس ۾. پوشاڪ ۾. ۴٦. محبوب. ۴۷. لباسُ. پوشاڪ. هار سينگار.

Gul Hayat Institute

## ٢٤

تُوڙِي[1] تُون هَمِيشَهَ[2]، ڪَانذَ[3] نَه مُون کي ڪونِيبِن[4]،
نَه دوسَ[5] تُنهِنجو داسَڙا[6]، وَرَ نَه لاهِيَان وِيسُ[7]،
گهورِئو[8] هِيءُ پَرديسُ[9]، پَاڙِي[10] پيئِي گهَارِبَان[11].

## ٢٥

تُوهَان[12] تُتي[13] ڏارَ، ڪَنهن[14] هَزارين[15] هَار ڏَنا[16]،
تُوءِ[17] تُنهِنجو نَه ڏِيَان، وِيهُون واٽُو[18] وارَ[19]،
هَارِي[20] مَتي[21] هَارَ، دوسُ مَتَائِي[22] داسَڙو.

## ٢٦

جَان[23] مُون پوءِ پَروڙِئو[24]، اِيءُ وِڏوٽو[25] واپَارُ[26]،
هَاٽي ڪَڻُ هِيءُ پَنهِنجو هَارُ، واري[27] ڏي مُون[28] وَلهو[29].

## ٢٧

جَڏهِين جَرُ[30] هَارِئو[31] تي جَڪَري[32]، رُنوءِ[33] ڏِئُري[34] ڊارَ[35]،
ڊولِي[36] تَڏهِين ڊِيلِيءِ[37]، سُويِي[38] تِيئِي[39] نَه سَارَ[40]،
چَنيسَر پِتَارَ، حِيلو[41] ڪِئو هَارَ جو.

---

١. جيتوڻيڪ. ٢. هميشہ لاءِ، سڄي عمر لاءِ. ٣. اي ڪانڌ. اي مڙس، اي ڀتار، اي ور. ٤. سڏين، گهرائين. ٥. اي دوس، اي دوست، اي محبوب. ٦. اي داسڙا، اي چنيسر (ليلان جو مڙس چنيسر سومرا گهراڻي جي داسڙي قبيلي مان هو). ٧. پوشاڪ، وڳو، لباس. ٨. صدقي يا قربان ٿئو. ڪوءِ يا ٻن پئو. ٩. ذاريون ديس يا ملڪ. ١٠. (تنهنجي) پاڙي ۾، پر ۾، پاسي ۾. ١١. گذاريان، رهان. ١٢. توکان. ١٣. ٹُتي ڏار = ٹِتي ڏار ٿيڻ کان پوءِ، ڇڇي جدا ٿيڻ کانپوءِ. ١٤. جيڪڏهين ڪنهن به. ١٥. هزارن جي تعداد ۾، جهجها. ١٦. موتين جون مالهائون يا ڪنڊلا، طوق. ١٧. تنهن هوندي به. ١٨. حصو، پتي، ڀاڱو. ١٩. وارَ جو (متي جي). ٢٠. اي هاري، اي هارايل، اي شڪست کاڌل، اي نادان، اي موڳي. ٢١. تي. ٢٢. تو متايو، تو بدلايو. ٢٣. جيئن تہ. ٢٤. سمجهيو، ڄاتو. ٢٥. خراب، گهاٽي وارو. ٢٦. سودو، دوستي. ٢٧. موٽائي. ٢٨. منهنجو، مونکي. ٢٩. مڙس. ٣٠. ٻاٽي، اکين جا ڳوڙها. ٣١. وهايو (جرهارئو = رنو). ٣٢. چنيسر جي وزير جو نالو (جنهن ڪونئرو جي سفارش چنيسر کي روئي ڪئي هئي). ٣٣. رُنو. ٣٤. ڏئري جي،ڏئليءَ جي، محلات جي. ٣٥. ڀر ۾، پاسي ۾. ٣٦. ڊول، محبوب (چنيسر). ٣٧. توکي ڊيلئو، توکي وساريو، توکي دل تان لاٿو. ٣٨. اي سويي، اي سوڀيا وان، اي بختاور. ٣٩. توکي تي. ٤٠. سنڀال، سجاڳي، هوش. ٤١. بهانو، عذر.

## ٢٨

سَڳُو[1] ڏِسي سُهِڻو[2]، مَڱي[3] آندو مُون،
لَڳِي ڪَنِ[4] ڪونئُرو[5] جي، تِپي[6] وِنِين تُون،
اَڳُ ڏِڪِيندو[7] هُون، ڪانڌَ[8] ڪَچَابُون[9] ڪيتِرِيُون.

## وائي

مُون نِمَاٽِيءَ[10] ڪي، يَا اَلا[11]، ڏولِيو[12] مَ ڏِيلي[13]،
ڏولِيو ڏِيلَڻ سَنڌِيُون[14]، وايُون[15] وَرُ[16] ڪَري،
مَچُڻُ[17] عَيبَ اُپَتِيين[18]، ڏولِيَا[19] جي[20] ڏَڪِيئي[21]،
جِيئَن[22] مُنهَن[23] مِ مَديُون نه ڏِيين، تو[24] دَرِ[25] آيَسِ[26] تي[27].

Gul Hayat Institute

١. تند، تار (موتين جو هار، مالها)، ٢. سنو، موچارو، ٣. گهُري، سوال ڪري، منٿون ڪري، ۴. ڪن تي، چوڻ تي، ۵. ليلان جي رقيب عورت جو نالو جيڪا چنيسر تي عاشق هئي، ٦. گرم ٿي، ناراض ٿي، ٧. تون ڏڪيندو هئين، تون لڪائيندو هئين، ٨. اي ڪانڌ، اي مڙس، اي ڀتار، ٩. خطائون، عيب، مديون، ڏوهه. ١٠. ويچاريءَ، اڏين، عاجز. ١١. اي الله، ١٢. ڏول، محبوب (چنيسر)، ١٣. ڇڏي، ڏڪاري. ١۴. جون، ١۵. ڳالهيون. ١٦. ڀتار. ١٧. مٽان. ١٨. ڪولين. ظاهر ڪرين. ١٩. اي ڏولٺا. اي محبوب، ٢٠. جيڪي. ٢١. تو ڏڪٺا يا لڪايا، ٢٢. جنهن صورت مر. ٢٣. منهن مر = اڏيون، اڳٿان، ٢۴. تنهنجي. ٢۵. در تي. ٢٦. آئون آئي، ٢٧. تنهنڪري.

بِسمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيمِ

# سُرُ لِيلا

## داستان چوٿون

(١)

وِبَنِي وِهسِيَس[1] وِچَ ۾، سَرَهِيَ[2] سَارِي رَاتِ،
سَرَهِيُون سُهَاڳَڻِيُون[3]، مُون[4] جيڏِيُون[5] مُون ذَاتِ[6]،
مُون کي کَنهِن[7] سَيَاڳَ[8]، کَڌِي کَاٽِيَارو[9] کِئو.

(٢)

مُون جِيئَن[10] مُنِي[11] وِلَهِي[12]، کَڌهين کَانَہ هُئِي،
سَا آئُون کَڙِي[13] کَانڌَ[14] تِي، هَتَ چُهَڻَ[15] هَارَ جي.

(٣)

جيکَر[16] پَانِيَان[17] ايئن، تَہ دِل[18] مَتِيندو[19] داسَڙو[20]،
تَہ سُوڙهہ[21] لَڳَندِي[22] سِينءَ[23]، هُوند[24] هَٿِين[25] هَارُ[26] نَہ جهلِيان[27].

(٤)

لَکين[28] لِيلائُون، چَنيسَرَ جي راڄَ[29] ۾،

---

١. خوش ٿيس، خوشيون يا جشن ڪنم، ٢. خوش، ٣. سهاڳ (مڙس جي پيار حاصل هجڻ واري) واريون عورتون، ٤. منهنجون، ٥. سرتيون، سهيليون، هم عمر، ٦. مون ذات = منهنجي ذات واريون يا قوم واريون، ٧. ڪهڙي، ٨. قسمت، نصيب (پر هت معني ٿيندي نياڳ يعني بدبختيءَ ٩. مياري، حرفي، ڏوهاري، محتاج، ڪاڻ وارو، ١٠. وانگر، ١١. مصيبت يا آزار ۾ وڌي، ١٢. ور، مڙس، پتار، ڪانڌ، ١٣. ناپسند، اڻ وڻندڙ، ١٤. ڪانڌ کي، ١٥. هت ڇهڻ = هٿ سان ڇهڻ جي ڪري، هٿ لڳائڻ جي ڪري، ١٦. جيڪڏهين، ١٧. ڄاڻيان ها، سمجهان يا ڄاڻان ها، ١٨. من، ١٩. ڦيرائيندو (دل مٽيندو = ناراض ٿيندو، ڪاوڙبو)، ٢٠. چنيسر (ليلان جو مڙس جيڪو سومرا گهراڻي جي داسڙي قبيلي جو هو)، ٢١. سمڪ، سمجهہ، ڄاڻ، ٢٢. ٿيڻ، شرط، ٢٣. سان ئي، شرط، ٢٤. شايد، ٢٥. هٿن ۾، ٢٦. موتين جي مالها، طوق، ٢٧. رڪان، ٢٨. لکن جي تعداد ۾، ٢٩. حڪومت، بادشاهيءَ، ملڪ.

بِيُون سَبِ سُگَلِيُون[١]، اگَلِي[٢] آئُون،
صِدقُ[٣] صَدائُون[٤]، کِهَڙِيُون کَرِيَان تَنِ سين.

(٥)

هيئَن کَرِئو هُونئَن کَرِين*، هِيءَ کَنهِن آچِيئِي[٥] گَتِ[٦]،
وَرَ[٧] وِسُوڙِي[٨] آهِيَان، پَسِي[٩] تُنهِنجي پَتِ[١٠]،
مُون کي آئِي مَتِ[١١]، بِيُون کَنبَندِيُون[١٢] کيتريون[١٣].

(٦)

اَسَان[١٤] تُونهِين تُون،● تُوهَ[١٥] تُنهِنجو آسرو[١٦]،
تَن[١٧] اَندَر[١٨] تَعوِيذُ[١٩] کَري، مَڙهِئو[٢٠] آهي مُون،
مَچُڻُ[٢١] پَانِيِين[٢٢] تُون، تَهِ کِ[٢٣] وِيَڙِين[٢٤] وِسَرِي[٢٥].

(٧)

لِيلان[٢٦] چَئِ لِهُورِ[٢٧]، وَڃُ پِنهِنجي مَائُٽِين[٢٨]،
اَبُو[٢٩] ڏاڏو[٣٠] پَانهِنجو، مَتَان[٣١] چَنيسَرَ گهُورِ[٣٢]،
زارِيءَ[٣٣] ڏاران زورُ[٣٥]، کِين[٣٤] هَلَندو کانڌَ سين.

Gul Hayat Institute

١. سنيون، سهڻيون، موچاريون، پاڪباز. ٢. گدلي، ميري، بڇڙي، بدڪار. ٣. صدق جون، سچائيءَ جون، ستيا جون. ٤. ڳالهيون. گفتا. سخن * عذر يا بهانا ڪرين، نت نئا ڪرين. ٥. توکي آڇي، توکي سيکاري.٦. عادت، هلت، روش. ٧. اي ور، اي ڪانڌ. اي پتار. ٨. وسوڙل، ويساهه يا يقين ۾ اڻل. ٩. ڏسي. ١٠. ساک. مانُ. عزت. انجام. واعدو. ١١. سمجهه. هوش. عقل. سزا. سيکت. ١٢. ڏڇنديون. ڏڪنديون. خوفزده ٿينديون. ١٣. گهڻيون. ١٤. اسان کي (مون کي). ● صرف تون (ياد) آهين. ١٥. مهرباني. فضل. ڪرم. احسان. ١٦. ڏڍ. ڀروسو. سهارو. ١٧. دل. من. ١٨. ۾. ١٩. خير سلامتيءَ يا ڪاميابي واسطي لکيل دعا جو ڪاغذ (جوڳچيءَ يا ٻانهن ۾ ٻڌبو آهي). ٢٠. جڙيو. چنبڙايو. (سوگهو ڪري) ٻڌو. ٢١. متان. ٢٢. سمجهين. ٢٣. ڪو. ٢٤. تون وڻين. ٢٥. دل تان لهي. ٢٦. اي ليلان. ٢٧. ڳوٺ يا شهر جو نالو جتي ليلان جو مڙس چنيسر حڪومت ڪندو هو. ٢٨. مائٽن ۾. پيڪن ۾ (ماءُ پيءُ وٽ). ٢٩. پيءُ. بابو. ٣٠. پيءُ جو پيءُ. ٣١. تان. ٣٢. صدقي يا قربان ڪر. ٣٣. آزي. نيازي. عاجزي. منٿ ميڙ. التجا. ٣٤. کان سواءِ. بغير. ٣٥. طاقت. سگهه.

**⑧**

لِيلان چَئِي لِهورُ، وَجُ پَنهِنجي مَائٽين،

هَارَ[1] مَنجَهان را هَورُ[2]، تو سُوِيِي[3] سُورُ[4] پِرايوْ[5].

**⑨**

آيَمِ[6] مَنجِهه[7] ڏُهاڱَ[8]، سَندا[9] جوِيَنَ[10] ڏِينهَڙا،

مَٽِيي[11] سَندي مَامِري[12]، لَڪِين[13] يَڳا[14] لاڳَ[15]،

آئُون[16] سِڪان ڪي سُهاڳَ[17]، پِرين پَرچَڻِ[18] جي نَه ڪَري.

**⑩**

پَاڻُ[19] سُجَاٽي[20] ڪَانڌُ[21]، پَاٽيهي[22] پِيهي[23] آيو،

ڏِنُو ڊِولِئِي[24] پَانڌُ[25]، وِئو سُور وِرهِين[26] ڪي.

**⑪**

جيڪي چَئِين[27] تِي هيرَ[28]، تَنهِنجي اَنِين پَتي جي اَڳُ چَيَئِي،

تَه خُون[29] سَيِيئِي بَخشِيانءِ[30]، مَن[31] ۾ آٽي مَهيرَ[32]،

جِهڙا ڪَنيئِي پِيرَ[33]، تِهڙا مُوٽي آيئِي مُنهَن[34] ۾.

Gul Hayat Institute

---

١. (موتين جي) مالها. ڪنڊلي. طوق. ٢. گونڌر. غم. ڪِتِي. ٣. اي سوڀي. اي سوڀياوان. اي ڀختاور. ٤. ڏک. درد. ٥. حاصل ڪئو. وهايو. ٦. مونکي آيا. ٧. ۾. ٨. مڙس کان جدائيءَ يا وڇوڙي واري حالت. رناپڻ. ٩. جيڪي. ١٠. جوانيءَ. ١١. هار. ١٢. معاملي. تڪرار. واقعي. روئداد. ١٣. لکن جي تعداد ۾. گهڻا. ١٤. توڙيا. ڇنا. ١٥. واسطا. تعلق. ناتا. لاڳاپا. ١٦. واجهايان. اُسڙڪان. ١٧. مڙس جي پيار حاصل هجڻ واري حالت. ١٨. راضي ٿيڻ. سرچڻ. ريجهڻ. ١٩. خود. پند. ٢٠. اوکي. صحيح ڪري. ٢١. مڙس. پتار. ور. ٢٢. خود بہ خود. ياٽمرادو. ٢٣. گهر ۾ گهڙي. ٢٤. ڊول. محبوب (جنيسر). ٢٥. (ڪپڙي جو) پلاند. پلئہ (ڊڪَ). ٢٦. ورهين ڪي = هميشہ لاءِ. ٢٧. چوين. ٢٨. هاڻي. ٢٩. ڏوهہ. خطائون. ٣٠. معاف ڪريان. ٣١. دل. ٣٢. مهر. رحم. ڪهل. ٣٣. قدم. پيرُ (ڪنيئي پير = هلت ڪيئي). ٣٤. منهن ۾ = آڏا.

(١٢)

هَئِنْيِ[1] قَتُو[2] كَرِ هَارُ،[3] سُون[4] قُلَنْ[5] سِين كَنجِرو[6]،
كُوءِ[7] اُهَندَڙُ[8] پَتَ[9] جو، جِنهن مَان وِڏُوتُو[10] واپارُ[11]،
كِيَڙُئي[12] جو كَارُون[13] كَري، سُورِن[14] جو سِينگارُ[15]،
تُون مُنڌَ[16] مُنِي[17] بِيمَارُ[18]، چو بِگِچِيءَ[19] جو گهِٽُو[20] كَرِين.

(١٣)

هُلِي[21] هَارُ وِئو، هو بَهَانُو[22] بُوجَ[23] جو،
وَرَ[24] تُون تو وِلهِيُون[25] كَرِين، ڏوبَاسَا[26] ڏِئو،
هَتَان[27] مُون[28] پِئو*، تُون كَمِين[29] نَ كَانڌيلا[30] سُپِرِين[31].

(١٤)

پيئنَرَ[32] پِيرِئُو[33] داسَڙو[34]، چَنيسَرُ چَئِيءَ[35]،
هِيءُ جو ڏَنبُ[36] ڏَهَاڪَ[37] جو، سَگَهان كونَہ سَهِي،
مُون كَان تَان پَئِي، تُون كَمِين نَ كَانڌيلا سُپِرِين.

(١٥)

Gul Hayat Institute

آهِين سُونهُون ساتَ جو، هِنتي هُنتي تُون،

---

١. آئي، آڙِي (ڙالن كي سڏ ڪرڻ جو لفظ). ٢. قتو ڪر = اُجلاءِ، پٽ سان هڻ. ٣. (موتين جي) مالها، ڪنيلو، طوق. ۴. سون جي، زريءَ جي. ۵. گلن. ٦. پرت پريل زالن جي پائڻ لاءِ هڪ قسم جو چولو جو صرف ڇاتيءَ اڌ پيٽ ڍڪي، گڄ، انگي، سيني پوش، گهاگهرو. ٧. ڪوهہ ۾، ڪڏ ۾. ٨. ٻنَ ۾. ٨. ڪپڙن جو جوڙو، وڳو. ٩. ريشم. ١٠. خراب، گهاٽي وارو. ١١. سودو، دوستي. ١٢. تو ڪئو. ١٣. منٿون، ايلاز، نيزاريون، وينتيون. ١۴. دردن، ڏکن، عذابن. ١۵. زيب زينت، ٺاهہ ٺوهہ، جنسارَ. ١٦. اي منڌ، اي عورت (ليلان). ١٧. مصيبت ۾ ڦاٿي، آزار ۾ پئي. ١٨. اگهي،ناچاڪ. ١٩. گلي، سِسيءَ. ٢٠. زيور. ٢١. هَلي وئو = مشهور ٿئو، ظاهر ٿئو. ٢٢. عذر يا حيلو يا سبب (اصل ۾). ٢٣. بڇڙائيءَ، بديءَ، گناهہ. ٢۴. اي ور، اي مڙس، اي ڀتار. ٢۵. اڪيليون، نڌڻڪيون، لاوارث. ٢٦. ڏورايا، ميارون. ٢٧. هت کان. ٢٨. منهنجي * خطا يا ڏوهہ مونکان ٿئو. ٢٩. ڏيرج يا تحمل ڪرين، معاف ڪرين. ٣٠. ڪانڌ وارا، صبر ڪندڙ، ڏيرج ڪندڙ. ٣١. اي سپرين، اي محبوب (چنيسر). ٣٢. اي پينر يا اديون. ٣٣. ڦيرايو، موٽايو. ٣۴. چنيسر (جيڪو ليلان جو مڙس هو ۽ سومرا گهراڻي جي داسڙي قبيلي مان هو). ٣۵. منت يا عرض ڪري. ٣٦. داغ، ٽڪو، ڪلنڪ. ٣٧. مڙس کان جدا ٿي، رنڀڻ.

گُناهَہ[1] نَہ بَخشِيِن[2] مُون[3]، تُون ڏَڻِيمِ[4] آهِين داسَڙا[5].

## (١٦)

هُيَسِ[6] دادلي[7] دوسَ[8] جي، پَئو وَرَ[9] جو هومِ[10] واءُ[11]،
چانگ کلِي[12] چِڙهَنديَس[13] کَٽَ[14] تي، رِيجهائينديَس[15] راءُ[16]،
کَونئُروءَ[17] جِهَڙيُون[18] کيٽريُون، دايُون[19] دَرَ[20] مَهندان[21]،
اِهَڙو ئِي الله، جِنهِن کِلَنديءَ[22] کان وَرُ کَسِئو[23].

## (١٧)

تو کوني[28] تو ڏوهي[25]، تو ڏِکي[24] کيَسِ[26] ڌارَ[27]،
پَئي رَهِئا پَٽَ[29] ۾[30]، سوپِيءَ[31] جا سينگارَ[32]،
مَٽيي[33] مُنيَس[34] جيڏيُون[35]، هائيءَ[36] وِڌِيَس[37] هارَ،
دوسِتَنئُون[38] دُورِ[39] کيَس[40]، هِنَ کُوڙي[41] کَنهارَ[42]،
آهِيان عَيبِدارَ[43]، سِکان[44] تي سُهاگَ[45] کي.

## (١٨)

تو کوني تو ڏوهي، ڏِنو تو ڏُهاڳُ[46]،
دوسِتَ تُنهنجو داسَڙا، دِلِ[47] اَندرِ[48] مُون[49] داڳُ[50]،

---

١. ڏوهه، خطائون، ٢. معاف ڪرين، ٣. مونکي، ۴. منهنجو ڏڻي، منهنجو مالڪ، ۵. اي داسڙا، اي چنيسر (جيڪو ليلان جو مڙس هو ۽ سومرا گهراڻي جي داسڙي خاندان مان هو)، ٦. آئون هئي، ٧. پياري، لاڏلي، ٨. دوست، يار، سڄڻ، محبوب (چنيسر)، ٩. مڙس، پتار، پتي، ڪانڌ، ١٠. مونکي هو، ١١. وڏاءُ، هٺ، فخر، ١٢. مون چيو تہ، مون پانيو تہ، منهنجي ليکي، ١٣. خوش ٿي، مرڪي، ١۴. سيج يعني پلنگ جنهن کي شاديءَ جي وقت گهوٽ ڪنوار لاءِ سينگاريو ويندو آهي، ١۵. راضي ڪنديس، پرچائينديس، ١٦. راجا (چنيسر)، ١٧. ليلان جي رقيب عورت جو نالو جيڪا چنيسر تي عاشق هئي، ١٨. ڪهڙيون، ١٩. نوڪرياڻيون، ٢٠. در جي، ٢١. اڳيان، ٢٢. فخر ڪندڙ، ٢٣. ٽوڙي جدا ڪئو، ٢۴. سڏي، گهرائي، ٢۵. روڪي، ٢٦. لوڏي، تيلهي، ٢٧. آئون ڪئي، مون کي ڪئو، ٢٨. جُدا، ٢٩. ۾ين. ٣٠. تي، ٣١. سوپيان وان، سهڻيءَ (ليلان)، ٣٢. هار جنسار، ناهه نوهه، زيب زينتون، ٣٣. موتين جي هار، ٣۴. مونکي مَنو، مونکي مصيبت يا آزار ۾ وڌو، ٣۵. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٣٦. هائيءَ ۾، هاويءِ (دوزخ) ۾، باهه ۾، ٣٧. مونکي وڌو، ٣٨. دوستن کان، ٣٩. پري، ۴٠. مونکي ڪئو، ۴١. ڪوڙي، نقليءَ، ۴٢. ڪٺن يا مڻين جي هار، ۴٣. عيبن واري، گنهگار، خطا وار، ۴۴. واجهايان، اُسڙڪان، اُڪنڊ مان، ۴۵. مڙس جي پيار حاصل هجڻ واري حالت، ۴٦. (مڙس کان) جدائي، ۴٧. من، ۴٨. ۾، ۴٩. منهنجي، ۵٠. ٽڪو، ڪلنڪ، ڦٽ، ڏنب.

يَانِيَان[1] سَبِ سُهَاڳُ[2]، جِنّي[3] مُون کي وَرَ[4] وِهَارِيِن.

**(١٩)**

جي مُون کي وَرَ وِهَارِيِن، مَتِّي[5] هَٿُ ڏيئِي،
پَاڙِي[6] ۾ پيئِي، هُونْدَ[7] کَانْدَ[8] کَمِيٽِي[9] گهَارِئَان[10].

**(٢٠)**

ڏيئِي جي ڏُهَاڳُ[11]، مُون کي وَرَ وِهَارِيِن،
مُون کي تُنهنجو سُپِرِيِن[12]، سَيِوئِي سُهَاڳُ،
اَجهو[13] تُون آڳُ[14]، وَڌو آهِيَنم[15] وَلَها[16].

**(٢١)**

ڳوڙهَن[17] ڳَاٽُ[18] پَرِي[19]، جَان[20] آيَس[21] اڳُوٽِيءَ[22] هيرَ[23]،
تَان[24] نَہ آنڻُ[25] نَہ جيڏِيُون[26]، پَلَنگ[27] ڏِيَان[28] کيئن پيرَ[29]،
هاڻ گهَيڙ[30] گهُمَندي[31] کيرَ، جيئن سَرَتِين[32] سَانگ[33] سِڌارِئو[34].

**(٢٢)**

کِلِي[35] هَارُ[36] هَٿُ[37] ڪئُوءِ، تيئَن سَرَهِي[38] سَانجهيءَ[39] ويرَ[40]،
خَبَرَ[41] نَہ پيئِي[42] تِهيرَ[43]، تَہ پِرِهَ[44] ٿيندِيَنءَ پڌِري[45]،

Gul Hayat Institute

---

١. سمجهان، ٢. مڙس جي پيار حاصل هجڻ واري حالت، ٣ جيڪڏهين، ٤. اي ور، اي ڪانڌ، اي ولها، ٥. مٿي تي، سر تي (مٿي تي هٿ ڏيئي = پيار ڪري، محبت ڪري، مهرباني ڪري)، ٦. پاسي، ير، ٧. جيڪر، ٨. اي ڪانڌ، ٩. نڪمي، بدافعال، بڇڙي، ١٠. گذاريان، حياتيءَ جا ڏينهن پورا ڪيان، ١١. (مڙس کان) جدائي، وڇوڙو، ١٢. اي سپرين، اي پرين، اي محبوب، ١٣. پناهہ، ڍڪ، ١٤. آڌار، پروسو، پرجهلو، ١٥. مونکي آهين، ١٦. اي ولها، ١٧. ڳوڙهن سان، (اکين جي) لڙڪن يا آنسن سان، ١٨. ڳچي، گلو، سينو، ١٩. پسائي، ٢٠. جيئن ٿي، ٢١. آئون آئي، ٢٢. اڳ واريءَ، پهرئين، ٢٣. هير موجب، عادت يا گت موجب، دستور موجب، ٢٤. تہ، ٢٥. جاءِ جتي عورتون گڏجي ڪپهہ ڪتي سٽ ٺاهينديون آهن، ٢٦. سرتيون، سهيليون، ٢٧. پلنگ تي، چپر کٽ يا سيج تي، ٢٨. رکان، ٢٩. قدم (پير ڏيان = چڙهان يا سمهان)، ٣٠. لنگهہ، گهاٽ، رستا، گهٽيون، ٣١. جنهن صورت ۾، ٣٢. جيڏين، ٣٣. پرڏيهہ، سفر، ٣٤. روانيون ٿيون، لڏي ويون (سانگ سڌارئو = وفات ڪري ويون)، ٣٥. خوش ٿي، مَرڪي، ٣٦. موتين جي مالها، طوق، ڪنڊلو، ٣٧. هٿ ۾ (هٿ ڪئوءِ = تو ڪنيو)، ٣٨. خوش، ٣٩. سانجهيءَ جي، ٤٠. مهل (سانجهيءَ وير = سج لهڻ وقت)، ٤١. سُڌ، ٤٢. توکي پيئي، ٤٣. تنهن وير يا مهل، ٤٤. پرهہ جي وقت، فجر جي مهل، ٤٥. ظاهر.

**(٢٣)**

هي جي ڏُونڙَ[1] ڏُجَاٽيُون[2]، سي اَللهَ[3] كيمَ[4] اَچَنِ،
مُنهَن[5] تي مَنِيُون[6] چَنِيُون، پَرپُٺِ[7] پَچَارُون[8] كَنِ،
تَنِ كَاپَائِتيَنِ[9]، جيڏيُون[10] مُون سين جَاڙ[11] كَيِ[12].

**(٢٤)**

سي كَاپَائِتيُون كيئَن[13]، هَارُ[14] جَنِي جي هَٺَ[15]،
ڏِنيئِي نَہ ڏُونڙَ ڏُجَاٽِين[16]، پِشيمَانِيءَ[17] جي پَٽ[18]،
مُنِي[19] مُوڙهِيئِي[20] مَتِ[21]، جِيئَن[22] دوسُتُ[23] وِجَايُئِي[24] داسَڙو[25].

**(٢٥)**

كَونئُروءَ[26] كوسو چَاڙهِئو[27]، تُون لِيلان پَنهنجو لاهہ،
سَندي[28] هَارَ اُهَاءِ[29]، وِجِي اور[30] اَرتَ[31] سين.

**(٢٦)**

تَاسِريءَ[32] تَيلُ[33] پِئو، كوسو چَڙهِئو چُلهہ[34]،
راتِ[35] هُئين كَنهِن مُلِ[36]، آءُ لِيلان جَا وَلَها[37].

Gul Hayat Institute

---

١. ڏوڙَ، ٻيٺيون، ٻٺيون، جهجهيون، وڏيون، سخت. ٢. دشمن عورتون. ٣. اي الله. ٤. ڪِئن. ٥. منهن تي = روبرو. ٦. مٺيون چڱيون = مٺو يا نرم ڳالهائيندڙ، مهربانيءَ يا شفقت سان ڳالهائيندڙ. ٧. ٻويان، غير حاضريءَ ۾. ٨. گلائون، ندائون. ٩. ڪاپو ڪندڙ عورتن، سٽ ڪتيندڙ عورتن. ١٠. اي جيڏيون، اي سرتيون. ١١. جٺ، ظلم. ١٢. ڪئي. ١٣. ڪهڙيءَ طرح. ١٤. (موتين جي) مالها، ڪنڊلو، طوق. ١٥. هٿ ۾. ١٦. ڏجاٽين کي. ١٧. شرمساريءَ، پڇتاءَ. ١٨. ويساهہ، اعتبار، پڪ، يقين. ١٩. اي مُٺي، اي مصيبت جي ماريل. ٢٠. تنهنجي موڙهي، تنهنجي خطا ٿي يا گم ٿي. ٢١. سمجهہ، هوش، عقل. ٢٢. جيئن تہ، ڇاڪاڻ تہ. ٢٣. يارُ، سڄڻ، محبوبُ ٢٤. تو وڃايو. ٢٥. ليلان جو مڙس چنيسر، جيڪو سومري گهراڻي جي داسڙي قبيلي مان هو. ٢٦. ليلان جي رقيب عورت جو نالو.جيڪا چنيسر تي عاشق هئي. ٢٧. گرم ٻاٺي (چنيسر جي وهنجڻ لاءِ). ٢٨. جي. ٢٩. اهاءِ ۾، روشنيءَ ۾، سوجهري ۾. ٣٠. مشغول ٿيءُ. ٣١. سٽ ڪتڻ جي ڪاٺ جي اوزار، چرخي. ٣٢. تاسريءَ ۾، ڪنجهي جي تراڪڙيءَ وٽيءَ يا ننڍڙي ٿالهيءَ ۾. ٣٣. ڪنهن تيلي ٻج جهڙوڪ ڄانبي يا سرنهہ مان نڪتل سٽيي ٻاٺيان جيڪا وارن ۾ مکجي. ٣٤. چلهہ تي، باهہ (ٻارڻ واريءَ جاءِ) تي. ٣٥. گذريل رات جو. ٣٦. وٽ. ٣٧. مڙس، ڪانڌ.

## ٢٧

وارِيءَ[1] جِيئَن وِيئِي، لَڄَ[2] مُنهِنجي لوڪَ[3] ۾،
جِيئَن اَتو پَئي پاٽِيءَ ۾، پَگهِرجي[4] پيئِي،
مَتِي[5] هَتُ ڏِيئِي*، ڪانڌَ[6] نَہ ڪونِي[7] ڪَڍهِين.

## ٢٨

سائِين[8] سَمُجهِيسِ[9] ڪِينَڪي، ڳَٽي[10] ڳَتَ[11] سَنديَاءِ[12]،
وَڏائِي[13] واحِدَ[14] رِي[15]، ٻِي ڪَنهِن[16] ڪِينَ ڄُڳاءِ[17]،
توبَهَ[18] ڪِئَمِ[19] زيوَرَ[20] ذاتَ[21] ڪان، لوهِيءَ[22] ڇَلي[23] لاءِ،
مُون کي مَتِ ڏِنِيَاءِ،[24] پِيُون[25] ڪَنبايُئِي[26] ڪيتِرِيُون[27].

### وائي

پوري[28] تو پُؤ[29] نَہ پانيو[30]، لِيلان[31] تو لَهورُ[32] لَڄايو[33]،
ڪُوڙي[34] مَٽيي[35] ڪَچَ تي، مُوڙهي[36] تو مَردُ[37] مَٽايو[38]،
هِرڪي[39] وِيئيين هارَ تي، تو ڪِيئَن راڄا[40] رُسايو[41]،
دانا[42] هو داسڙو[43]، تو ڪِيئَن هِيٽو[44] هُلايو[45]،
اُتي عَبداللطيف رح کي، مَولا[46] مُحِبُ[47] مِلايو.

---

١. ريتيءَ، ٢. حياءُ، شرم، پت، ٣. دنيا جي ماڻهن، ۴. پاٽيءَ جهڙو پتڙو يا نرم ٿي، ۵. متي تي، سر تي * مهرباني، احسان يا وڙ ڪري، ٦. مڙس، پتيءَ، ڀتار (چنيسر)، ٧. پاڻ وٽ) سڏي، ڪهرائي، ٨. اي سائين، اي ڏٽي، اي مالڪ، ٩. آئون سمجهي، مونکي هوش يا عقل آيو، ١٠. خيال يا ڌيان ۾ آئي، ليکي، ويچاري، ١١. ريت، ڍنگ، ١٢. تنهنجي، ١٣. بزرگي،عظمت، مرتبو، شان، واڪاڻ، ساراهہ، ١۴. هڪڙي، يعني خدا، ١۵. کان سواءِ، ١٦. ڪنهن کي، ١٧. سونهي، مناسب يا لائق ٿئي، ١٨. پڇتاءُ، پشيماني، بس، ١٩. مون ڪئي، ٢٠. زيور جي، ڳهہ جي، ٢١. جنس، ٢٢. لوهہ جي، رُڪ جي، ٢٣. هٿ يا پيرن جي آڱرين ۾ پائڻ جي هڪ زيور، منڊيءَ، ٢۴. عقل، سمجهہ، سزا، سيکت، ٢۵. تو ڏني، ٢٦. تو ڪنبايون يا ڏيڇاريون، يا خوفزدهہ ڪيون، ٢٧. گهڻيون، ٢٨. اي پوري، اي موڳي، اي نادان، اي بي عقل، ٢٩. خوف، ڊپ، ٣٠. سمجهيو، ڄاتو، ٣١. اي ليلان، ٣٢. ڳوٺ يا شهر جو نالو جتي ليلان جو مڙس چنيسر راڄ ڪندو هو، ٣٣. لڄي يا شرمنداڪئا (لهور جا ماڻهو)، ٣۴. ڪچ جي، ڪوڙي، نقلي، ٣۵. موتيءَ (موتين مان ٺهيل هار)، ٣٦. اي موڙهي، اي موڳي، ٣٧. مڙس، ٣٨. بدلايو، ٣٩. تون هرڪي، تون موهت يا فريفتہ ٿي يا عاشق ٿي، ۴٠. راڄ (چنيسر)، ۴١. ناراض يا رنج ڪئو، ۴٢. عقل وارو، سياڻو، ڏاهو، ۴٣. چنيسر، جيڪو، سومري گهراڻي جي داسڙي قبيلي مان هو، ۴۴. ڪمزور، بي وس، بي سمجهہ، ۴۵. مشهور ڪئو، ۴٦. مالڪ، خدا، ۴٧. محبوب، پرين.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرِ ڏَهَرُ

## داستان پهريون

١

ڪَرِ ڪَيِ[1] ڳالهَڙِيُون[2]، ڪَندا[3] ڏورَ[4] ڏٽيَنِ[5] جُون،
ڪِنهِن[6] پَرِ[7] راتَڙِيُون، ڪِنهِن پَرِ ڏِينهَن گُذارِيِنْ[8].

٢

ڪَرِ ڪَا وِيهِي ڳالهِڙي، ڪَندا ڏورَ ڏٽيَنِ جِي،
هَيْ[9] هِهَڙِي[10] حَالِ[11]، ڏُکِئا[12] ڏِينهَن[13] گُذارِيِن.

٣

ڪَندا تو وٽان[14]، سَچُ[15] ڪِ[16] سيٽَنِ[17] لَڏِئو[18]،
مَجَرُ[19] تو مَتان[20]، چِٽِئو[21] پوئي[22] چُڳِيِن[23].

۴

تو[24] جي[25] هُئڙو[26] وِڌُ[27]، ڪَندا ڏورَ ڏٽيَنِ جو،
هُوندَ[28] نَ ڏِيِن ڏُٿُ[29]، مُوري[30] مَجَرَ نَ ڪَرِيِن.

---

١. ڪجھ. ٢. حال احوال، خبرون چارون. ٣. اي ڪندا، ڪنڊو هڪ قسم جو وڻ آهي (جيڪو شايد شاھ صاحب سفر جي دوران سنڌو درياءَ جي هڪ ڀراٽي وهڪري جي ڪپ تي ٻہ ٻيلن ڏٺو هو). ۴. ڏور جي، ڏوري جي، (سنڌو درياھ جي قديم جهوني ڏوري يعني وهڪري جهڙوڪ ڀراڻ ۽ پٽيهل ڏانهن اشارو آهي. ڀراٽي سنڌو درياھ جي ميرپورخاص ڪان ٽنڊباگي تائين واري حصي کي ڀراڻ جو ڏورو سڏبو آهي ۽ ڪولاڙچيءَ کان سمنڊ تائين واري حصي کي پٽيهل جو ڏورو چئبو آهي). ٥. مالڪن. ٦. ڪهڙي. ٧. نموني، طرح، ريت. ٨. بَسر ڪريِن، ڪاٽين. ٩. هاءِ افسوس. ١٠. هن. ١١. حال ۾ يا حالت ۾ (ڏور ڏٽين ڪان سواءِ). ١٢. اي ڏکئا، اي بدحال، اي بدبخت. ١٣. ڏينهن گذاريين = جيئرو يا زندھ رهين ٿو يا آهين. ١۴. کان. ١٥. سچي پچي، تحقيق، برابر واقعي. ١٦. ڇا. ١٧. محبوبن. ١٨. نقل مڪاني ڪئي، هجرت ڪئي، پرديس وسايو. ١٩. گونج يا ڪچڙا پن. جيڪي وَڻَ بهار يا ڀيءَ ڪنهن موسم ۾ ڦوٽاڙي جي حالت ۾ ڪيندو آهي، پنراھ، ٻور. ٢٠. منجهان، مان. ٢١. چِٽيو، ڪرئو (سيٽن جي غم ۾). ٢٢. پوي. ٢٣. چِڳن جي صُورت ۾، ڳهٽي انداز ۾. ٢۴. توکي. ٢٥. جيڪڏهين. ٢٦. هو. ٢٧. زخم، ڦٽ، چير، غم، سور، درد. ٢٨. جيڪر، نتيجي ۾. ٢٩. ڦر يا ڦَلُ (سگريون). ٣٠. ڦٽي، ڦوٽاڙو ڪري، گونج ڪڍي.

### ٥

تُو[1] جي[2] هُيَڙو[3] سُورُ[4]، ڪَندا ڏِورَ ڏِٽيِن جو،
مَٿي[5] لامُن[6] ٻُورُ[7]، مُوري[8] مَنجَرَ[9] نَه ڪَرِين.

### ٦

ڪَندا تُون ڪيڏو[10]، جَڏهين پَرِبوئِي[11] ڏِورُ وَهي،
جَسُودَنَ[12] جيڏو[13]، تو ڪو ڏِنو پَهيَڙو[14].

### ٧

پَرِئُو[15] ڏِورَ[16] تَراءُ[17]، پيِنيُون[18] ڪوٽَ دَرازئا[19]،
نَه سي پاٽيءَ وارِيُون[20]، نَه سو هُلُ[21] هُڳاءُ،
اَديُون[22] آڳَڙِيا[23]، ڪَٽي ڪِنهِن ڪُونڙِ[24] وِئا.*

### ٨

ڏِورُ نَه اڳِيئَن ڏارَ[25]، مَهِند[26] مَلاحَن[27] لَکئو[28]،
مُوڙي[29] چُرِئا[30] مَکُرا[31]، پَسي پاٽيءَ[32] پارَ[33]،
جَسودَنَ جِهڙا يارَ[34]، پِئا وِرا وِماس[35] ۾.

١. توکي، ٢. جيڪڏهن، ٣. هو، ۴. ڏک، درد، غم، ۵. تي، ۾، ٦. ٽارين، ٽاڪن، ٧. ڪنهن وڻ يا ٻوٽي جي مکڙين يا گلن جي ڪِپ جهلڻ کان اڳ واري ڦلهار يا داڻ داڻ، ٻنڪ، ٻونگر. ٨. ڦٽي، ڦوٽاڙو ڪري، گؤنج ڪيدي، ٩. گؤنج يا ڪچڙا ڦَن، جيڪي وڻ بهار يا ٻيءَ ڪنهن موسم ۾ ڦوٽاڙي جي حالت ۾ ڪيندو آهي، ٻُراهہ. ١٠. ڪيتري قد ۽ عمر وارو، ١١. ڪپن يا ڪنارن تائين لڳي وهندڙ، ٽمٽار، ١٢. هڪ راجا جو نالو جنهن جي حڪومت ٿرپارڪر ۽ بدين ضلعن جي ڪجهہ ايراضيءَ تي هئي. سندس وڏا لهارڪو ڏنڊو ڪندا هئا ان ڪري ان قبيلي کي آڳڙيا چوندا هئا. ١٣. جهڙو، ١۴. ساٿي، رفيق، همراهہ، ٻيلي، مددگار، پيارو، جوان، ١۵. ڪپن ۽ ڪنارن تائين ڀريل، ٽمٽار، ١٦. (پٽيهل) ڏورَ يعني ڏوري جو، ١٧. تلاءُ، چشمو، ١٨. ٻينڪون، ڪچهريون، ١٩. ڪوٽ درازئا = ڪوٽ دراز ۾ (ڪوٽ دراز راجا جسودن جي رهائش جو نالو آهي). ٢٠. (ڏوري مان) پاڻيءَ ڀريندڙ عورتون، ٢١. گوڙ، هڳاءُ، گهمسان، ٢٢. اي اديون، اي ڀينر، ٢٣. جسودن (راجا) جي قبيلي وارا، ٢۴. پاسي، طرف، *لڏي وئا، ٢۵. نموني، ٢٦. اڳيئي، بروقت، شروع ۾، ٻهريائين، ٢٧. ٻيڙي هلائيندڙن، ٻيڙيءَ وارن، ناکئن، ٢٨. پرکئو، پروڙيو، محسوس ڪئو، ٢٩. ڦيرائي، ورائي، موٽائي، ٣٠. هلئا، ٣١. ٻيڙا، ٣٢. پاڻيءَ جا، ٣٣. افعال، نمونا، ٣۴. ڏاها، داناءُ، ٣۵. مونجهاري، ڳڻتيءَ، فڪر.

Gul Hayat Institute

## ٩

سُڪو[1] ڍورُ[2] ڏَهِيُون[3] ٿِئو، ڪَنڌِيءَ[4] ڏِنِي ڪَرُ[5]،
جَنِ جي پاڳَنِ[6] ۾ پَرَ[7]، سي پِئا وِٻَرَ[8] وِماسَ[9] ۾.

## ١٠

سُڪي ڍورُ ڏَهِيُون ٿِئو، ڪَنڌِيءَ ڏِنو ڪائو،
پاٽي پَٽِيهَلَ[10] ۾، اڳِيُون نَہ آئو[11]،
ماڻُهُن[12] ميڙائو[13]، ڪَنِي[14] ڪَنِي پيٽيِن[15].

## ١١

پَٽِيهَلَ تو ۾ پُورُ[16]، اڳِيُون نَہ آهي آبَ[17] جو،
سُڪين ڪِهڙي سُورِ[18]، واري[19] پيئي وِچَ ۾.

## ١٢

پَٽِيهَلُ چَئي پِرِينءَ[20] کي، سَارِي[21] آئُون سُڪو،
دوسَ[22] دِلاسو[23] دِلِئان[24]، مَان[25] ڏِي ڪونہ مُڪو[26]،
آهِم[27] اولاڪو[28]، جَسودَنَ[29] جو جَانِ[30] ۾.

Gul Hayat Institute

---

١. خشڪ ٿئو، پاڻيءَ نہ وهڻ واريءَ حالت ۾ ٿئو. ٢. ڍورو (پراڻي سنڌو درياھ جي هڪ وهڪري ڏانهن اشارو). ٣. ڏٻا ڏٻا، ڇڊا ڇڊا. ۴. ڪناري، ڪپر. ۵. لاٽ، لاھ. ڪائو، پاڻيءَ جي گهٽجڻ واري حالت. ٦. پتڪن، دستارن. ٧. ڪنب، پک (پاڳن ۾ پر لڳل = متن تي ڪلنگيون يا ڇٽ پهريل). ٨. داناءُ، ڏاها، عقلمند، سياڻا. ٩. مونجهاري، فڪر، ڳڻتيءَ. ١٠. پراڻي سنڌو درياھ جي پنجن وهڪرن مان هڪ وهڪري جو نالو جيڪو بدين ضلعي جي گولاڙچي شهر وٽان درياھ مان نڪري سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. ١١. آيو. ١٢. ماڻهن جو. ١٢. ميڙ، مجموعو. ١۴. ڪني ڪني = ڪِن ڪِن. ١۵. پيٽين تي، جاين تي، ماڳن يا هنڌن تي. ١٦. موج، زورَ. ١٧. پاڻي. ١٨. سور يا ڏک تي، سبب. ١٩. ريتي. ٢٠. محبوب، سڄڻ. ٢١. ياد ڪري، سنڀاري. ٢٢. دوست، يارَ، محبوب. ٢٣. ڏِڍ، آٿت، تسلي. ٢۴. دل سان، پيار سان. ٢۵. مون. ٢٦. موڪليو، روانو ڪئو. ٢٧. مونکي آهي. ٢٨. ڳڻتي، فڪر، اوسيڙو. ٢٩. راجا جو نالو جيڪو ميرپورخاص ۽ بدين ضلعن جي ڪنهن ايراضيءَ تي حڪومت ڪندو هو. ٣٠. دل، من، اندر.

١٣

سَچُ[1] ڪِ[2] سُڪو[3] ڏورُ[4]، ڪَنڌِيءَ[5] اڪَ[6] ڦُلارِئا[7]،
جُنگَنِ[8] چَڏِئو زورُ[9]، سَرُ[10] سُڪو سُونگِي[11] گَيا[12].

١٤

ڪَنڌِيَنِ[13] اڪَ ڦُلارِئا، سانگَ[14] سُڪو گاهُه[15]،
مِهراڻِي[16] وَتّان[17]، روبو راڄُ[18] رَضا ڪَري[19]،

١٥

جَڏهِين ڍاڳِي[20] ڏورُ، بَئي وَهَنِ بَلِيارَ[21] ۾،
تَڏهِين تازِيُنِ[22] تورُ[23]، هو جَسودَنَ سِين.

وائي

لائِي[24] جا وِرِّنِ[25] ڪَي، سا ڪَانڌَ مُنهنجي[26] ڪورَ[27]،
چِپَرُ[28] ڪَٿُوري تِئو، بِي تازِڙي[29] ڦُلَنِ[30] ڦورَ[31]،
اَچِنِ پِرِيِنِ پَپَڪِئا[32]، ڪَرَ[33] بابِيهو[34] جِيئَن[35] مورَ[36]،
سيِٽِين[37] سَرڪَندُ[38] سَپِجي[39]، بِئو عَطُرَ[40] پِرِينِ[41] اَتورَ[42]،
ماءِ مارِيندَمِ ڪَڏهِين، آرِباٽِيءَ جا هورَ[43].

---

١. سچي پچي، واقعي، برابر. ٢. چا. ٣. خشڪ ٿئو. پاڻيءَ نہ هجڻ واريءَ حالت ۾ ٿئو. ٤. ڍورو. (سنڌو درياهہ جي هڪ پراڻي وهڪري جو نالو. ٥. ڪنڌيءَ تي، ڪناري تي. ٦. هڪ قسم جا مشهور وڻ (جن جي پن چنڻ يا ٽارين ڀڃڻ وقت کير جهڙي پاڻيٺ نڪرندي آهي ۽ انهن جو ڦر ڪچن انبن جهڙو ٿيندو آهي). ٧. ڦنا، چاوا، پيدا ٿيا. ٨. بهادرن (هتي معني "شاهوڪارن" ٿيندي). ٩. (ناڻي جي) توفيق، طاقت. ١٠. تلاءُ، ڍورُ. ١١. محصول يا لاڳ اڳاڙيندڙ. ١٢. هليا ويا. ١٣. ڪنڌين تي. ١٤. سانگ جو (سانگ بہ هڪ پراڻي وهڪري جو نالو آهي). ١٥. چوپائي مال جي ڪاڻڻ جا ڪک ڪانا (ساوا توڙي سڪا). ١٦. راجا جسودن (جيڪو ٿرپارڪر ۽ بدين ضلعن جي ڪجهہ ايراضيءَ تي حڪومت ڪندو هو ۽ ان کي مهراڻو بہ چوندا هئا). ١٧. ڪان. ١٨. رعيت، ماڻهو. ١٩. خدا جي رضا يعني مرضي چئي موڪلائي (چو تہ ڍورن ۾ پاڻيءَ سڪڻ ڪري ملڪ سجو ويران ٿي ويو ۽ ماڻهن لڏڻ شروع ڪئو). ٢٠. ڍاڳي بہ هڪ پراڻي وهڪري جو نالو آهي. ٢١. دوآبي (اهو هنڌ جتي ڍاڳي ۽ ڍور بہ وهڪرا اچي گڏجن). ٢٢. تازين يعني عربي (گهوڙن) جو. ٢٣. گهڻو تعداد. ٢٤. لاڳ، اجورو، انعام. ٢٥. بدڪارن، خسيس ماڻهن، غيرن، ڌارين. ٢٦. منهنجي جي. ٢٧. خواهش، نوازش. ٢٨. ڪنوريءَ جي سرهاڻ سان خوشبودار ٿئو. ٢٩. تازي يعني ٿورو وقت اڳ حاصل ڪيل. ٣٠. ڦلن جي، گلن جي. ٣١. سڳند، سرهاڻ. ٣٢. ڪندا، خوش ٿيندا. ٣٣. جڻ تہ. جهڙوڪ. ٣٤. هڪ نازڪ طبيعت ڳاڙهي رنگ جو پکي جيڪو مينهن جي ڦڙن تي گذران ڪندو آهي، تاڙو (پکي). ٣٥. جهڙو، وانگر. ٣٦. سهڻن ڪنين ۽ سهڻي پڇ سان هڪ پکي. ٣٧. سيڻن يعني محبوبن وٽ. ٣٨. هڪ خوشبودار وکر، صندل، چندن. ٣٩. پيدا ٿئي، موجود آهي. ٤٠. خوشبوءِ. ٤١. پرينءَ وٽ. ٤٢. اڻ توريون، گهڻيون. ٤٣. فڪر، ڳڻتيون، غم.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرَ ڏَهَرُ

## داستان ٻئو

١

اَللهَ[1] جِيئَن[2] نَالوءِ[3]، تِيئَن[4] مَان[5] وَڏو آسَرو[6]،
خَاوَنْدَ[7] تُنهنجيءَ ڪَانْڌِ[8] جو، پَرْو[9] نَہ پَانڌُ ڪو،
نَالو[10] رَبَّ[11] سَندوءِ[12]، رَهِيو[13] آهي رُوحَ[14] مِ.

٢

مَنو[15] جِيئَن نالوءِ، تِيئَن مُون وڏو آسَرو،
تو[16] دَرُ[17] نَاهِ جِهو[18]، مُون پِئَا دَرَ گهٽا نِهَارِئَا[19].

٣

جيڏو[20] تُنهِنجو نَانءُ، بَاجَهہ[21] پِہ[22] اوڏَيائي[23] مَگَّان[24]،
رِءَ[25] ٿَپين[26] رِءَ ٿُوٽِين، چَپَر[27] تُونهين[28] چَاڻءَ[29]،
ڪُجَاڙو[30] ڪَهَان[31]، توکي مَعْلُومُ[32] سَپِڪَا.

Gul Hayat Institute

---

١. اي الله، اي معبود، اي خدا. ٢. جهڙيءَ طرح. ٣. تنهنجو نالو (وڏو) آهي، تنهنجي ساراهہ يا واکاڻ آهي. ۴. تهڙيءَ طرح. ۵. مان کي، مون کي. ٦. ڏڍُ، آٿت، ڀروسو، سهارو. ٧. اي خاوند، اي مالڪ. ٨. تحمل، بردباريءَ. ٩. حد، ڇيهہ، انت، ڇيڙو، پاندُ. ١٠. نانءُ، نامُ. ١١. اي رب، اي پالڻهار، اي پروردگار. ١٢. تنهنجو (صرف). ١٣. موجود، ترسيو، ٽڪيو، جاءِ گزين. ١۴. دل، من. ١۵. وڻندڙ، پيارو. ١٦. تنهنجو. ١٧. دروازو يا چائٺ (درٻار يا حضور). ١٨. ٻين درن جهڙو يا وانگر. ١٩. ڏٺا، ڀيٽيا. ٢٠. جيترو (اعليٰ ۽ عظيم). ٢١. مهرباني، ڪرم، نوازش. ٢٢. ٻڻ. ٢٣. اوتري. ٢۴. گهُران، طلبيان. ٢۵. سواءِ، بغير. ٢٦. ٿڻين، ٿوٽين، ٽيڪن، آڌارن (گهر جي ڇت کي هيٺان ٽيڪ طور ڏنل ڪاٺيءَ کي ٿنڀ چئبو آهي ۽ ڇپريا ککن جي ڇپر کي ڏنل ٽيڪ کي ٿوٽي چئبو آهي). ٢٧. ڇپر (ککن ڪاٺين مان ٺهيل مَنهن يا جهوپڙيءَ ) جي. ٢٨. صرف تون. ٢٩. سايو، ڇاچو، ڍَڪُ، پردو. ٣٠. ڇا. ٣١. چوان يا بيان ڪريان (زبان سين). ٣٢. روشن، واضح، علم يعني ڄاڻ ۾ آيل.

④

مِرُون[1] ڪِينَ وَلَنِ[2]، پَڪِي ڪَنِ نَہ پورهِيو[3]،
جَان[4] تُون ڊِيندَڙُ تَنِ[5]، تَان[6] آسَ[7] اَسَانهِين[8] نَہ لَهِي[9].

٥

جَڏهِين ٻُڌُوسُون[10]، تہ تُو بَخشِين[11] بَدڪَارَنِ[12] ڪي،
تَڏهِين اُتِي مُون، وَنِتُو[13] گَسُ[14] گُنَاهہ[15] جو.

٦

مَ[16] ڪَرِ ڊولَ[17] ڊِلو[18]، نَاتو[19] نِمَاڻِيُن[20] سِين،
ڪونِهي ڪَمِيڻِيُن[21] جو، بِگَرِ[22] تو ٻِلو[23]،
تُنهِنجو نَاءُ[24] نِلو[25]، وَنِئو وِنِي آهِيَان.

٧

سَتُرُ[26] ڪِج سَتَارَ[27]، آئُون اُگهَاڙِي[28] آهِيَان،
ڊِڪِين[29] ڊِڪَٽَهَارَ[30]، ڊِيئِي پَاندُ[31] پَنَاهہ[32] جو.

٨

ڪَرِ ڪو پِيرو[33] ڪَانڊَ[34]، مُون نِمَاڻِيءَ جي نِجُهرِي[35]،

Gul Hayat Institute

---

١. جانور، ٢. ڪيڙ ڪن، پوکي راهي ڪن، ٣. ڪسب، ڌنڌو، مزدوري، ٤.جيئن تہ، جنهن صورت ۾، ٥. تن کي، ٦. تنهن ڪري، تنهن صورت ۾، ٧. آسرو، اميد، تمنا، ٨. اسان کي، اسان جي، ٩. ختم يا پوري ٿئي، ١٠. اسان ٻڌو، ١١. معاف ڪرين، ١٢. گنهگارن، ڏوهارين، ١٣. ورتو، اختيار ڪئو، ١٤. رستو، وات، ١٥. پاپَ، معصيت، ١٦. نہ، ١٧. اي ڊول، اي محبوبَ، ١٨. گهٽ، ڪَسو ڪم، ١٩. رشتو، واسطو، تعلق، لاڳاپو، ٢٠. مسڪين، ويچارين، بي واهين، عاجز عورتن، ٢١.بدڪار يا خسيس عورتن، ٢٢. بغير، کان سواءِ، ٢٣. اپاءُ، حيلو، وسيلو، واهہ، انتظام، آسرو، علاج، ٢٤. نالو، نام، ٢٥. فقط، رڳو، اڪيلو، صرف، ٢٦. پردو، ڍڪُ، ٢٧. اي ستار، اي ستر ڪندڙ، ٢٨. ننگي، عريان، بنان پردي، ٢٩. ڍڪ يا پردو ڪرين، ٣٠. اي ڍڪڻهار، اي ڍڪيندڙ، ٣١. پَلَوُ يا پلاند (ڪپڙي جو)، ٣٢. (گناهن کان) اَمَنَ، اَمانَ، بچاءَ، ٣٣. ڦيرو، موٽَ، ٣٤. اي ڪانڌ، اي ڀتارَ، اي وَرَ، اي مڙس، ٣٥. نجهري ڏانهن، ڪکائين گهر ڏانهن، جهوپڙيءَ يا پونگيءَ ڏانهن.

ٻَڪِي[١] ڇِنَا[٢] پَانْدَ[٣]، ڳَنڍُ[٤] نَہ ڄَاٽِي[٥] ڪو ٻِئو.

٩

جِيئَن[٦] تُون قَائِمُ[٧] ڪَانْڌَ[٨]، تِيئَن آئُون وَرَ وِلهِي[٩] مَ ٿِئَان،

پِرِيَن[١٠] تُنهِنجي پَانْدَ[١١]، ڍولا ڍَڪِي[١٢] آهِيَان.

١٠

ڪَانڌَ ٻِئَنُون ڪيتِرا[١٣]، مُون[١٤] وَرُ وَڏِي[١٥] ڪَانڌِ[١٦]،

پَاڙَان[١٧] ڍَڪِي[١٨] پَانڌِ[١٩]، عَيبَ[٢٠] مُنهِنجَا ڍَڪِئَا.

١١

ڪَانڌَ ٻِئَنُون ڪيتِر، مُون وَرُ وَڏِي وَٿُ[٢١]،

پَاڙَان ڏِيئِي[٢٢] هَٿُ، عَيبَ مُنهِنجَا ڍَڪِئَا.

١٢

ڪَانڌَ ٻِئَنُون ڪيتِرا، مُون وَرُ وَڏِي جُوءِ[٢٣]،

لُوڪَ[٢٤] نَہ آڇِي[٢٥] اُوءِ[٢٦]، ڏِنَا[٢٧] ڏوهَ اڪِن سِين.

١٣

ڪَانڌَ ٻِئَنُون ڪيتِرا، مُون وَرُ وَڏِي ذاتِ[٢٨]،

١. ٻکي (سُرَ جي ٻوڙي يا ٻي ڪنهن ڳاهہ جي تيلين يا ڪانن مان ٺهيل ڇپري يا پتر جيڪا ڪکائن گهرن يا جهوپڙين ٺاهڻ جي ڪم ايندي آهي). ٢. ٽٽا، ڦاٽا، ڇڄي وئا. ٣.پاسا، ڪنارا. ٤. جوڙ، پيوندُ، ميلاپُ، رفوگري. ٥. سمجهي يا پروڙي، اهليت رکي. ٦. جنهن صورت ۾. ٧. هميشہ رهندڙ، موجود، جٽادار، بقا وارو. ٨. اي ڪانڌ، اي مڙس، اي وَرَ، اي ڀتار. ٩. سُڃي، ڪنگال، ٻينگي، مسڪين. ١٠. اي پرين، اي ڍولا، اي محبوب. ١١. پلوَ يا پلاندَ (ڪپڙي جي). ١٢. پردي ۾ رکي، لڪائي. ١٣. ٻين جا، ٻين کي. ١٤. ڳهٽا. ١٥. منهنجو. ١٦. (سراپا) صبر، بردباري، سهپ. ١٧. پاڻمرادو، خودبخود. ١٨. لڪائي. ١٩. پاند سان. ٢٠. خطائون، ڏوهہ، گناهہ، وڏون، اوڻايون. ٢١. شيءِ، وسٽو، هستي. ٢٢. ڏيئي هَٿُ = واهر ڪري، مدد ڪري، وسيلو بنجي، پردو ڪري. ٢٣. جاءِ، ماڳُ اصطلاحي معنيٰ ڪانڌ. ٢٤. لوڪ کي، ماڻهن کي. ٢٥. ٻڌائي، سڻائي. ٢٦. اُهي (ڏوهہ). ٢٧. ڏسڻ ۾ آيا، ڏٺل، ظاهر، پڌرا. ٢٨. هستي، طاقت، شڪتي.

عَيبَ[1] نَہ آچيِ[2] واتِ[3]، جي ڏِسي[4] ڏوهَہ اکِين سين.

١٤

وَرَ[5] سين وجِهئو کَاڻِ[6]، کَرَ[7] سين کِلئو[8] اُتيِين،
پوري[9] مُنذَ[10] اَجَاڻِ[11]، کَڻَ[12] چَڏِئو تُهَہ[13] ميڙِيِن[14].

١٥

مُسَنِ[15] مُنهَن[16] سَنِرا[17]، کَرِئَا[18] گهَٽُو کِلَنِ،
سي تَان وِسِرئَنِ[19]، آئِيَا جَنِ کَمَنِ[20] لَيءِ.

١٦

قَرِئَا[21] پَسي قِينُ[22]، کَرئَن کِيرُ نَہ چَکِئو[23]،
دُنيَا[24] کَارَڻِ[25] دِينُ[26]، وِڃَائي[27] وِلَهَا[28] تِئَا.

١٧

جَرَ[29] تي ڦوٽو[30] جِيئَن[31]، لَڳي لَهرِ[32] اَڌَ تِئي[33]،
تُون پَڻ آهِين تِيئَن، دُنيَا ۾ کو ڏِينهڙو.

١٨

وِيئي کَالَهہ[34] هَتَان[35]، سَا کَالَهہ نَہ اچي ڪَڏهِين،

---

١. اوڻايون، برايون، خطائون، گناهہ، ڏوهہ. ٢. ٻڌائي، سڻائي، ظاهر ڪري. ٣. وات سان. ۴. پسي. ۵. مڙس، ڀتار، ڪانڌ. ٦. حاجت، دشمني، اٻڻت، ڪسائي. ٧. رقيب، دشمن، حاسد، ڏاريين. ٨. مُشڪئو، مُرڪئو، خوش ٿئو. ٩. اي پوري، اي نادان، اي موڳي. ١٠. عورت، زال. ١١. اڻ ڄاڻ، بي عقل، بي سمجهہ. ١٢. (آن جا) ڏاڻا، ڪڻا. ١٣. (ان جي ڪڻن جي مٿان چڙهيل) ڪوپا، ڇلون. ١۴. گڏ ڪرين. ١۵. (شل) مصيبت يا تڪليف ۾ پون. ١٦. (انهن جا) مُنهن، چهرا. ١٧. سَرَها، خوش. ١٨. (اُهي) ٻڇڙا، خوار، بدعادت. ١٩. دل تان لهي وين. ٢٠. ڌنڌن، مقصدن. ٢١. منهن موڙي وڻا يا نٽايائون (ڪنهن ڪم ڪرڻ کان هٽي مراد ٿيندي کير چکڻ کان). ٢٢. ڳجي، جيڪا کير جي مٿان ڄمڻ مهل ٿيندي آهي. ٢٣. سواد محسوس ڪرڻ لاءِ زبان تي آندو يا لڳايو. ٢۴. هن جهان (جي مزن). ٢۵. واسطي. ٢٦. مذهب، عاقبت، آخرت. ٢٧. ضايع ڪري، خراب ڪري. ٢٨. سڄا، سڪڻا، محتاج. ٢٩. پاڻيءَ. ٣٠. ڦوڪڻو، بلبلو، ٻوڙيو، حباب. ٣١. جهڙيءَ طرح. ٣٢. ڇولي، لوڏو (پاڻيءَ جو). ٣٣. اڌ ٿئي = ڦاٽي يا ڦسي پئي. ٣۴. اڳيون يا گذريل ڏينهن. ٣۵. هٿ مان، وس مان.

ڪَالُھوٽِيءَ ڪَالَھَا*، وِڏو وِڇُ[١] وَرِھيَن[٢] ڪي[٣].

## وائي

مُون سين ھوتَ[٤] نہ ڪَندڙا[٥] ھِيئَن[٦] ھيئَن،

مُون نہ چَڏِيندا[٧] چَپرين[٨]،

لُڪُون[٩] لَڳَن ڪوسِيُون[١٠]، ڏاڍا[١١] تَپَن ڏِينھَن[١٢] ڏِينھَن،

چِيڙي[١٣] وِڏِيسِ[١٤] چَپَرِين، مَاءِ[١٥] ٻَاروچاٽي[١٦] نِينھَن[١٧] نِينھَن،

جَا جَڙَ[١٨] لَڳَڙِي[١٩] بِيڙِيين[٢٠]، سَا جَڙَ لَڳَڙِي نِينھَن نِينھَن،

مُونکي پِريَن[٢١] مِيڙِيين[٢٢]، روجھڙيُون[٢٣] مِيڙِيين مِينھَن مِينھَن،

ھَوتَن جِيءَ ھيڪاند[٢٤] لَيءِ[٢٥]، آئُون رُئَان راتُو[٢٦] ڏِينھَن ڏِينھَن،

مَان نہ[٢٧] وَسَائي مُون[٢٨] ڏَٽي[٢٩]، مِيڙَائي[٣٠] جَا مِينھَن[٣١] مِينھَن.

---

* ڪالھہ واري يعني اڄ کان اڳ واري ڏينھن. ١. وڇوڙو، جدائي. ٢. سالن، گھڻي عرصي. ٣. لاءِ. ۴. محبوب، سڄڻ. ۵. ڪندا. ٦. ھن نموني يا طرح. ٧. مونکي. ٨. ڇپرن ۾، جبلن ۾ (ڪشالن ۾). ٩. اونھاري جي موسم جون گرم ھوائون. ١٠. گرم. ١١. سخت. ١٢. گرم ٿين. ١٣. چوري، جوش ڏياري. ١۴. مونکي وڏو. ١۵. اي ماءُ، اي امڙ. ١٦. ٻاروچي جي (سسئيءَ جي محبوب پنھونءَ جي). ١٧. عشق. ١٨. ميخ، ڪلي. ١٩. لڳي. ٢٠. ٻيڙين ۾، (چورن کي ڀڄڻ کان روڪڻ لاءِ پيرن ۾ وڌل) زنجيرن ۾. ٢١. پرين سان، محبوبن سان. ٢٢. ملائيين. ٢٣. روجھون، جابلو ڏِکيون يا ڳئون. ٢۴. وصال، ميلاپ. ٢۵. واسطي. ٢٦. رات ۽ ڏينھن. ٢٧. مان نہ = شال. ٢٨. منھنجو. ٢٩. مالڪ (خدا). ٣٠. وصال. ٣١. برساتون.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرُ ڏَهَرُ

## داستان ٽئو

١

ذَٽِي[1] سو وارِبِين[2] واءُ[3]، جو ميِڙائُو[4] سَڄِڻِين[5]،
وَنهِينءَ[6] واتَ[7] مَتَان[8]، هِينئَڙي[9] آسَرَ[10] نَہ لَهي[11]،

٢

اڄُ پَٽِ اگَڻُ[12] ڪِيتَان[13]، آسَرَ[14] لَڳِي سُورِيَان[15]،
ڏُونگَرِ[16] ڏِينهَن[17] لَڳَان[18]، مَان[19] نَہ وَرِ ڪَنِ[20] سُپِرِين.

٣

مَان نَہ وَرِ ڪَنِ سُپِرِين، ڏُونگَرِ لَڳِنِ ڏِينهَن،
ڪِيَسِ[21] نِمَاڻِي[22] نِينهَن[23]، آيَلِ[24] بَاروچَنِ[25] جي.

۴

نِيڻَ[26] نِهَارا[27] مُون ڪِئا، مَٽِي[28] واڻِڙِين[29]،
اِيندا مَان نَہ پَسَنِ[30]، مَتَان سَڳَرَ[31] سُپِرِين.

١. اي ڌڻي، اي مالڪ، اي خدا. ٢. وَرَائِين، موٽائين. ٣. (تيز) هوا يا هير، باد (وارين واءُ = موقعو يا ماحول پيدا ڪرين). ۴. ميڙيندڙ، ملائيندڙ، گڏيندڙ. ۵. سڄڻن سين، محبوبن سين، سپرين سين، پرين سين. ٦. سڌي، سنئين. ٧. ڳسَ، رستي (ونهين وات = سازگار ماحول). ٨. منجهان، مان. ٩. هينئڙي کي، دل کي. ١٠. آسرو، اميد. ١١. ختم ٿئي، پوري ٿئي. ١٢. گهر جو صحن يا پڌر. ١٣. ڪٽڻ لاءِ، انهن لاءِ. ١۴. (سندن اچڻ جي) آسر تي، آسري يا اميد تي. ١۵. صاف ڪريان، ٻهاريان، سينگاريان. ١٦. ڏونگر ۾، جبل ۾. ١٧. تمام گهڻو عرصو. ١٨. انهن کي لڳي وئا. ١٩. مان نہ = شال. ٢٠. موٽَ، ڦيرو، مهرباني. ٢١. آئون ڪئي. ٢٢. عاجز، بي وس، ويچاري. ٢٣. عشق، محبت. ٢۴. اي آيل، اي جيجل، اي امڙ. ٢۵. سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ ۽ ان جي مائٽن (جي ذات ٻاروچا يعني بلوچ هئا). ٢٦. اکيون. ٢٧. نهاريندڙ، ڏسندڙ، واجهائيندڙ، ڳوليندڙ. ٢٨. مٿان، تي. ٢٩. واٽن، گسن، رستن. ٣٠. ڏسن. ٣١. رستي، وات.

**٥**

نيڻَ[1] نِهارا[2] مُون ڪِئا، ڪيچِيَنِ[3] ڪارڻِ[4] ڪالهه[5]،
اِيندا پَسَنِ[6] شالَ[7]، اونِي[8] آريءَ[9] جامَ[10] جا.

**٦**

نيڻَ نِهارا مُون ڪِئا، اونِيَنِ ڪارڻ اَجُ،
پُنهُون[11] جامَ پَهجُ[12]، تَه لاهِيُون[13] اُجَ[14] اَکِيُنِ ڪي.

**٧**

نيڻَ جي نِهارِينِ، سي اَجُ نَه اونِي آيا،
هَنجُون[15] نَه وَسائِينِ[16]، پاڻي پُنهُونءَ جامَ ري*.

**٨**

نيڻَ نِهاري مُنهنجا، روئِي تِئا رَتُ،
پُنهُونءَ[17] هوءِ[18] پَهَت[19]، پاري[20] نيڻ[21] پاڻَ سين.

**٩**

نيڻَ نِهاري مُنهنجا، روئِي رَتُ تِئا،
جي هَٿان[22] هوتَ[23] وِئا، سي اَچِنِ تَه آجِي[24] تِئان.

---

١. اکيون، ٢. نهاريندڙ، واجهائيندڙ، ڳوليندڙ، ٣. ڪيچ (مڪران رياست جي هڪ مشهور شهر جنهن ۾ سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو) جي رهاڪن يعني پنهونءَ ۽ ان جي پائرن، ٤. واسطي، لاءِ، ٥. اڄ کان هڪ ڏينهن اڳ، ٦. ڏسن (نيڻ)، ٧. خدا ايئن ڪري، ٨. اُٺن تي سوار ٿيل ماڻهو، اٺن تي چڙهي نياپا يا پيغام آڻيندڙ، ٩. بلوچ قوم جي هوت قبيلي جو سردار، پنهونءَ جي پيءَ جو نالو به آري هو، ١٠. سردار (سنڌ جي سمن حاڪمن جو لقب)، ١١. اي پنهون، ١٢. پرچ، راضي ٿيءُ، ١٣. ختم ڪريون، ١٤. پياس، تاس، ١٥. لڙڪ، آنسو، ڳوڙها، ١٦. وهائين، هارين، *منهنجا نيڻ پنهونءَ کان سواءِ (فراق ۾) پاڻيءَ جا رواجي لڙڪ نٿا وهائين بلڪ رت جا ڳوڙها ٿا هارين، ١٧. پنهونءَ جو، ١٨. آهي، ١٩. دستور، لائق، مناسبت، ٢٠. پانهي، گولي، نوڪرياڻي، ٢١. وني وڃڻ، ٣٢. هٿ کان، هٿ مان، ٢٣. محبوب (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو)، ٢٤. (سورن کان) آزاد.

١٠

نينڻ نهاري مُنهنجا، رتُ ٽِئا روئي،
ڏُکَنِ[1] جي ڏوئي[2]، آهي هَٿِ[3] اُسُونهِ[4] جي.

١١

مَدِينيءَ[5] جا مِير[6]، سُڻُ[7] سَندا[8] مُون سَڏڙا[9]،
جي[10] سَرَڻِ[11] تُنهِنجيءَ سِير[12]، سي پارِ[13] لَنگهاءِ[14] پَهِيڙا[15].

١٢

مَدِيني جا جَام[16]، سُڻُ مُنهِنجا سَڏڙا،
نَندا وَڏا اُمَتي[17]، اوِيائِين[18] اَيام[19]،
سَرَڻِ تُنهِنجيءَ سام، پارِ لَنگهائِين پَهِيڙا.

١٣

مَدِيني جا گهوٽَ[20]، سُڻُ مُنهِنجا سَڏڙا،
اَجهي[21] تُنهِنجي اوٽ، پارِ لنگهائِين پَهِيڙا.

Gul Hayat Institute

١٤

مَدِيني جا گهوٽ، سُڻُ مُنهِنجا سَڏڙا،

١. سورن، دردن. ٢. طعام رڌڻ ۽ رڌڻ لاءِ ڪاٺ مان ٺهيل ڪاشڪي يا چمچي جي مثال هڪ اوزار، ڪفگير. ٣. هٿ ۾. ٤. اڻ واقف، بيگانيءَ، بنان رهبر. ٥. مدينو عربستان ۾ هڪ شهر آهي جنهن ۾ اسلام جي پيغمبر حضرت محمد صلعم جن جو مرقد مبارڪ آهي. ٦. امير، سردار، والي، مالڪ. ٧. ٻڌ. ٨. سنداموں = منهنجا. ٩. سڏ، پڪارون، عرض، سوال. ١٠. جيڪي. ١١. سَرَڻِ ۾، پناه ۾، رکيا ۾، حفاظت ۾، سَامَ ۾. ١٢. سير تي، ڏڍ تي، سهاري تي. ١٣. (درياھ، واهه وغيره جي) ٻي پاسي، هُن پير، پراڙ. ١٤. اُڪار، ٽپاءِ. پهچاءِ. ١٥. واٿهڙو، رفيق، ساٿي. ١٦. سردار. ١٧. پوئلڳ، پيروي ڪندڙ، اتباع ڪندڙ. ١٨. ڇڏائين، آزاد ڪرائين، سلامت رکين. ١٩. ٻالا ڀولا، بي سمجهه، نادان. ٢٠. (تازو شادي ڪيل) جُوان، سردار. ٢١. آجهي ۾، اوٽ ۾، پناه ۾، رکواليءَ ۾.

ڪَرِ مُحَمَّدَ[١] مَوتَ[٢]، عَاصِي[٣] تُنهِجي آسِري[٤].

١٥

مَدِينيءَ[٥] جا شَيرَ[٦]، سُڻُ مُنهِنجا سَڏڙا،
پَر[٧] مُبارَڪَ[٨] پيرَ[٩]، عاصي تُنهنجي آسري.

١٦

مديني جا شاهَ[١٠]، سُڻُ مُنهِنجا سَڏڙا،
ڪارڻِ[١١] لَگِ اَللهَ، سِگهو[١٢] رَسِج[١٣] سِيگهه[١٤] ۾.

١٧

مَدِيني جا ڌَڻي[١٥]، سُڻُ مُنهِنجا سَڏڙا،
تُنهِنجي آهِ تَڻي[١٦]، ٻِي ڪَنڌي[١٧] سارِيان[١٨] ڪانَ ڪا.

١٨

مَدِيني جا ڌَڻي، سُڻُ مُنهِنجا سَڏڙا،
خَطائُون[١٩] ڪَٽِي[٢٠]، ڏَنا[٢١] ڏوهَ بَخشِيِن[٢٢].

Gul Hayat Institute

١٩

جِتي ٿِيندا پَڌِرا[٢٣]، واعِدا[٢٤] ۽ وَعِيدَ[٢٥]،

---

١. اي (اسلام جا پيغمبر) حضرت محمد صلعم، ٢. واپس ٽيڻ جي حالت، ڀيرو، ڦيرو، گهمرو، واپسي، ٣. گنهگار، ڏوهاري، ۴. آسري تي، سهاري تي، ڀروسي تي، ۵. مدينو عربستان ۾ هڪ شهر آهي جنهن ۾ حضرت محمد صلعم جن جو مرقد مبارڪ آهي، ٦. (شير يعني شينهن جهڙا) بهادر، ٧. ڪڻ يا وڏاءِ (عاصين ڏي)، ٨. سڀورا، پاڪ، برڪت وارا، ٩. قدم، وڪون، ١٠. بادشاهہ، حاڪم، ١١. واسطي، لڳ، ١٢. ترت، فوراً، بنان دير، يڪدم، ١٣. پهچ، اچج، ١۴. جلديءَ، تيزيءَ، ١۵. مالڪ، سائين، ١٦. تاڻ، ڪشش، ڇڪ، آڪير، سڪ، آڌار، ١٧. اَجهو، بچاءُ، وسيلو، جهلو، ٽيڪ، ١٨. سنڀران، سنڀاليان، ١٩. ڏوهہ، گناهہ، ٢٠. ڪٽڻ مصدر جو ماضي معطوفي "بخشيين" فعل کي زور ونائڻ لاءِ ڪاندو ويو آهي، ٢١. پڌرا، ظاهر ظهور، ٢٢. معاف ڪرين، ٢٣. ظاهر، ٢۴. (چڱن ڪمن جي ثوابن جا) انجام، اقرار، عهد، دلاسا، ٢۵. (برن ڪمن جي سزائن ا) دڙڪا.

سُــتِـجِ[1] سَــڌِ[2] سَــعِــيْــدَ[3]، لِلهِ[4] لَـڳِ[5] لَـطِـيْـفَ رح جــا.

**٢٠**

وَنءُ[6] مَــدِيــنــي[7] مَــڱَــڻَــا[8]، اکِــيُــوْن[9] پِــيــرَ ڪَـرِي،
سُــنَــتَ[10] سِــرُ[11] ڏَرِي[12]، چُــمِــجِ[13] چَــانــئُــڻَ[14] رَسُــولَ ﷺ[15] جِــي.

**٢١**

مَــرَڪِــئُــو[16] مَــدِيــنُــو[17]، يَــڳَــا[18] ڪُــوْتَ[19] ڪُـفَــارَ[20] جَــا،
ڪُـفْــرُ[21] تِــئُــو هِــيــڻُــو[22]، وَڏِيــو دِيــنَ رَسُــولَ ﷺ جــو.

## وائي

پَلَيءِ[23] لَڳِيَّ[24] آهِيَان، مُون ڪِي چِپِرِ[25] تَانَ[26] نَہ ڇَڏِيجَا[27] بَاروچَا[28]،
پُنُهُونَ مُنهِنجُو آن سِين[29]، اَئِين[30] سَاتَ[31] سَلامَتَ[32] نيجَا[33]،
چُوري چِنِي[35] آهِيَان، مُون ڪِي لَنگهَڻُ[36] چوڙائيجَا،
جوڳِيءَ[37] ڪُو[38] وِيس[39] ڪَري، مُنهِنجي[40] سِگهَڙِي[41] سارَ[42] لَهِيجَا،
مُون تَان وَڙُ[46] وِجَايو، اَئِين ڪو[43] پَنهِنجو[44] وَڙُ[45] ڪَرِيجَا،
آرِيَاڻِي[47] عَبدُاللطِيْفُ رح چَئِي، وَهِلَڙِي[48] وَهِرَ[49] ڪَرِيجَا.

---

١. تون سڻ، تون ٻڌ، تون اگهاءِ يا قبول ڪر. ٢. ڏانهون، واڪا، سوال، عرض. ٣. اي سعيد، اي سعادت وارا، اي نيڪ بخت، اي مرشد، اي سيد (حضرت محمد صلعم ڏانهن اشارو). ٤. الله جي واسطي. ٥. واسطي، ڪارڻ. ٦. وڃ. ٧. مدينې ڏي. ٨. اي مڱڻا، اي مڱڻهار، اي سوالي، اي پينو. ٩. اکيون پير ڪري = محبت سان. ١٠. سُنت ۾، نذراني ۾، ٻيٽا ۾. ١١. مٿو، سِسي. ١٢. رکي، پيش ڪري. ١٣. ادب ۽ تعظيم سان نمي چپن سان چهج يا لڳائج. ١٤. (روضي جي) دروازي جي چوکٽ جي هيٺين ڪاٺي، ١٥. خدا جي طرفان موڪليل پيغمبر (حضرت محمد صلعم جن). ١٦. ڀهڪيو، سرهو ڏسڻ ۾ آيو، خوش ٿيو. ١٧. مديني جي شهر جا ماڻهو. ١٨. ڪرڻا، ٽٽا، زمين دوز ٿيا. ١٩. قلعا، ڳڙهہ. ٢٠. ڪافرن يعني خدا ۽ ان جي رسول کي نہ مڃيندڙن. ٢١. ڪافرن جو دين يعني مذهب. ٢٢. ڪمزور، نابود. ٢٣. پلئہ سان، پلاند سان، دامن سان. ٢٤. لڳل، چهٽل، چنبڙيل. ٢٥. ڇپر ۾، جبل ۾. ٢٦. هرگز، ٻنهہ. ٢٧. اوهين ڇڏ جو. ٢٨. اي باروچا، اي بلوچا، اي پنهونءَ جا ڀائرو (جيڪي بلوچ قوم جا هئا). ٢٩. اوهان. ٣٠. اوهين. ٣١. سات يعني قافلي کي (جنهن ۾ سسئيءَ جو محبوب پنهون آهي). ٣٢. صحيح سالم، بنان نقصان يا تڪليف. ٣٣. ونئو وڃجو. ٣٤. لاوارث (جنهن جو ماءُ پيءُ مري ويو هجي)، يتيم. ٣٥. ڪتنب ڪان ڇنل يا جدا ٿيل، اڪيلي. ٣٦. بُک، فاقو (لنگهڻ چوڙائيجا = ڪاڏو يا طعام ڏجو). ٣٧. تارڪ الدنيا فقير. ٣٨. جو. ٣٩. لباس، پوشاڪ. ٤٠. سگهي، جلد، ترت. ٤١. خبر، سُڌسماءُ. ٤٢. لهجو، ونجو. ٤٣. تہ. ٤٤. اخلاق، لڄ، شرم، حياءُ. ٤٥. مهرباني، احسان. ٤٦. ڪجو. ٤٧. اي آرياڻي، اي آرياڻيءَ جي خاندان وارئو (پنهونءَ جي پيءُ جو نالو آري هو ڪيس آرياڻي بہ چوندا هئا). ٤٨. تڪڙي، سِگهي. ٤٩. واهر، مدد.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرُ ڏَهَرُ

## داستان چوٿون

### ١

ڇَڏئو[١] پِرِينءَ[٢] پَچَارَ[٣]، سَڄِيُون رَاتِيُون سُمهين،
تو پَانيو[٤] سَڀِ[٥] ڄَمَارَ[٦]، سَڄَڻُ[٧] هُونڊو[٨] مَان[٩] گَري[١٠].

### ٢

هِي[١١] تَان[١٢] ٿورڙِيُون[١٣]، جي تُون پُورا[١٤] پَسِي[١٥] پُلين[١٦]،
رَاتِيُون بِيُون گهَٽِيُون، جي تو[١٧] اِينديُون هيڪلي[١٨].

### ٣

سُتي[١٩] نَہ سَرَنديَاءِ[٢٠]، ڪَرِ پَچَارَ پِرِيَن جي،
وِهَامِي[٢١] وِيندِيَاءِ[٢٢]، گهَڻَا هَٿَندِين[٢٣] هَٿَڙا.

### ٤

سُتا[٢٤] اُٿي جَاڳُ[٢٥]، نِنڊَ نَہ ڪِجي ايتري،
جو[٢٦] تو سَاٿِيهُ[٢٧] پَانيو، سو مَانجهَاندي[٢٨] مَاڳُ،

---

١. ترڪ ڪئو، وسارئو، ٢. پرينءَ جي، محبوب جي، ٣. پچر، ياد، تات، ذڪر، ۴. سمجهئو، خيال يا گمان ڪئو. ٥. ساري، سڄي، ٦. عمر، زندگي، ٧. محبوب، ٨. رهندو، جٽيندو، ٩. مون، ١٠. وٽ، ١١.هن دنيا جون راتيون، ١٢. تہ، ١٣. قليل، گهٽ، ڪم، ١۴. اي پورا، اي موڳا، اي نادان، اي ڪم عقل، ١٥. ڏسي، ١٦. مغالطي يعني ڀولي ۾ پئين، مونجهاري ۾ پئين، ١٧. توکي، ١٨. اڪيلي (قبر ۾). ١٩. سمهڻ سان، ننڊ ڪرڻ سان، ٢٠. تنهنجي سرندي، تنهنجو گذارو ٿيندو، تنهنجو ڪم يا مطلب پورو ٿيندو، ٢١. (حياتي) گذري يا پوري ٿي، ٢٢. تنهنجي ٿي ويندي، ٢٣. هٿندين هٿڙا = ارمان ڪندين، پشيمان ٿيندين، ٢۴. اي سُتا، اي سُتل، اي ننڊ ۾ پيل، ٢٥. سجاڳ يا بيدارُ رَهُہ، ٢٦. جيڪو، ٢٧. وطن، هميشہ رهڻ جي جاءِ يا ماڳ، ٢٨.مانجهاندي جو، سفر ڪندي آخري منزل تي پهچڻ کان اڳ وچ ۾ ٿوري وقت لاءِ آرام يا ڏاپي ڪي مانجهاندو چوندا آهن.

سُلطانِي[١] سُهاڳُ[٢]، نِندُون[٣] كَندي نَہ تِئي.

٥

كِيُ[٤] سُمهُہ كِي جاڳُ[٥]، نِندَ نَہ كِجي اينَري،
سيٽَنِ[٦] جو سُهاڳُ، نِندُون كَندي نَہ تِئي.

٦

جاڳَڻَ[٧] مَنجهان جَسُ[٨]، آهي اَللهَ[٩] جَنِ كي،
لاهِي[١٠] تو لَطِيفُ چَئي، مَٿان[١١] قَلبَ[١٢] كَسُ[١٣]،
وَرَنَهہ[١٤] كِجاهُہ[١٥] وَسُ[١٦]، صُبحَ[١٧] ساڻُ سَيدُ چَئي.

٧

سُمَهَڻان[١٨] سازو[١٩]، جيڏيُون[٢٠] جيڏوئِي[٢١] تِئو،
پِرِينِ سين پَاڙو[٢٢]، مُنهِنجو[٢٣] نِندَ نِبيرِئو[٢٤].

٨

سُمَهَڻان سازو، جيڏيُون جيڏوئي تِئو،
هوتَ[٢٥] لَنگهِئو[٢٦] هاڙهو[٢٧]، تُون اَٿاسِي[٢٨] اوجهَرِبَن[٢٩].

---

١. سلطان جو يعني بادشاهہ جو (ڌڻي تعاليٰ جو)، شهاڻو. ٢. (مڙس يعني وَرَ جو)، قرب، پيار، محبت. ٣. ننڊون ڪندي = سمهندي، سمهڻ سان. ٤. ڪجهہ، ٿورو. ٥. سجاڳ رَهُ، بيدار رهہ. ٦. سڄڻن، دوستن، محبوبن. ٧. (عبادت لاءِ) سجاڳ رهڻ. ٨. فائدو، ثواب، ڀلائي. ٩. اي الله. ١٠. (جاڳڻُ) ميساري، ختم ڪري. ١١. تان.١٢. (اُن جي) دل، من. ١٣. زنگ، ڪٽ. ١٤. اي ورنهہ، اي سورهيہ، اي وير، اي داناءَ. ١٥. تون ڪج. ١٦. (ربَ کي ريجهائڻ جو) حيلو، ڪوشش، سعيو. ١٧. صبح مهل، فجر جي مهل، پرهہ ڦٽيءَ جي وقت. ١٨. سمهڻ جي سبب، سمهڻ مان يا کان. ١٩. ڪامڻ، ڀڄڻ، ڇيهو، گهاٽو، نقصان. ٢٠. اي جيڏيون، اي ڀينر. ٢١. وڏو، جهجهو. ٢٢. محبوبن، دوستن. ٢٣. ويڇهڙائي. ٢٤. ختم ڪئو، جدا ڪئو، ٽوڙئو، ڇنو. ٢٥. محبوب. ٢٦. اُڪري ويا، ٽپي ويا. ٢٧. لس ٻيلي جي اولهہ طرف جبلن جي هڪ قطارَ جو نالو. ٢٨. اي اٿاسي، اي اناسي، اي بي نڪي، اي بنان ناس ڀتي واري، اي نِرلڄي. ٢٩. جهوٽا يا پنڪيون ڪائين (ننڊ جون).

**۹**

دِگهي[1] اَڏِ[2] مَ مَنهين[3]، پَکو اَڏِ مَ لانڍُ[4]،
اَڏِئو جَنِ ورانڍُ[5]، تَنِ سَوارو[6] لَڌِئو.

**۱۰**

اَڏِئو اَڏِيندين کيترو، ڪَلَرَ[7] ڪاڏِي پِٽِ،
تُون نَہ رَهَندين هِتِ، ڪَهگَلَ[8] ڪَرِبين ڪَنِ[9] کي.

**۱۱**

ڍولَ[10] مَ ڪَٽين[11] ٻانهَڙي[12]، پِرهَہ[13] مَ ڪَٽين پاندُ[14]،
آئُون پانهِنجو ڪانڌُ[15]، لوڪان[16] لِڪِي[17] رانئِيان[18].

**۱۲**

پِرهَہ ڦُٽِي[19] راتِ ڳَئِي[20]، جهِيٽا[21] ٿِيا نَکٽَ[22]،
هارِي[23] وِيئِي[24] وَٽَ[25]، گهٽا هٽندين[26] هٿڙا.

**۱۳**

پِرهَہ ڦُٽِي راتِ ڳَئِي، اُڀرِئو[27] تارو،
پُنهُون[28] پاڳارو[29]، ڄاپَندي[30] ڄامُ[31] ٿِئو.

۱. طول ۾ يا پانج ۾ وڏي، لام ۾ وڏي، اوچي، اعليٰ. ۲. ناهہ. جوڙ. تعمير ڪر. ۳. جهوپڙي، پونگي، جاءِ يا گهر (ڪکن ڪانن وارو)، پکو. ۴. ڊگهو، وڏو، اوچو. ۵. شام جي وقت. ٦. (صبوح جو) سويل. ۷. کاري يا لوڻائيل مٽي، شورَ. شوريدهہ مٽي. ۸. گپ گارو (جاءِ يا ان جي پٽين جي لنب لاءِ). ۹. ڪن کي = کهڙن لاءِ، ڇاجي لاءِ. ۱۰. ڍول، اي ڍولا، اي محبوب. ۱۱. ٻري ڪرين يا ٻاسي ڪرين (منهنجي ڪنڌ هيٺان). ۱۲. ٻانهن، ٻازو. ۱۳. اي پرهہ. اي پربات. اي فجر جي مهل. ۱۴. پلاندُ. پلئہ (ڍڪ، پردو). (ڪٽين پاند = ختم نہ ٿئين). ۱۵. مڙس. ڀتار. ۱٦. لوڪ کان. ماڻهن کان. ۱۷. ڇپي، ڳجهہ ڳوهہ ۾. مخفي نموني. ۱۸. ريجهايان. راضي ڪريان. ۱۹. ظاهر ٿي، اُڀري. ۲۰. وئي. ۲۱. خفيف، گهٽ روشنيءَ وارا. جهڪا. ۲۲. تارا. ۲۳. اي هاري، اي ڪڙمي، اي راهڪَ، اي ڪاشتڪار. ۲۴. توکان ضايع ٿي ويئي يا ڇڏائي وئي. ۲۵. (زمين يعني ٻنيءَ جي) ٻوسل، آلاڻ ريج. ۲٦. هٿندين هٿڙا = ارمان ڪندين، پشيمان ٿيندين. ۲۷. طلوع ٿئو، ظاهر ٿئو. ۲۸. سسئيءَ جي محبوب جو نالو. ۲۹. ڀڳدار، سردار. ۳۰. ڄمڻ وقت، جنم وقت، ماءُ جي پيٽ مان نڪرڻ وقت. ۳۱. سردارُ (سنڌ جي سمن حاڪن جو لقب) (ڄاپندي ڄام ٿئو = ماءُ جي پيٽ مان ڄمڻ سان ئي يا ننڍيءَ عمر ۾ ئي غير معمولي طاقت جو مالڪ ٿئو).

# وائي

ڪَالُهُون[١] پوءِ[٢] لَڪَنِ[٣] ۾، مُنهِنجي نِنڊَ[٤] نہ نيٽَنِ[٥] نيٽَنِ،
ڪَالُهُوٽَان[٦] اَجُ گهَٽِي، ڪَرَ[٧] جهورڙِي[٨] ڪيٽَنِ[٩]،
هِينئَڙو[١٠] ڏاڙُهُونءَ[١١] گُلَ جِيئَن، روئِي رَتَڙو[١٢] نيٽَنِ،
بِيُون سَبِ واڳيُون[١٣] وِرَنِ[١٤] سين، آئُون جَا واڳڙي ويٽَنِ[١٥]،
مُوتُ[١٦] تُون آيَلِ مَاءَ[١٧] مُنهِنجَڙِي[١٨]، تَان ڪو ڏُکُ[١٩] نہ ڪيٽَنِ.

Gul Hayat Institute

---

١. ڪالهہ ڪان، اج ڪان هڪ ڏينهن اڳ ڪان. ٢. بعد. ٣. جبلن. ۴. آرامُ، نوم، سمهڻ واري حالت. ۵. نيٽن کي، اکين کي. ٦. ڪالهہ ڪان. ٧. شايد. ٨. جهوري، درد، فڪر، ڳڻتي. ٩. انهن جي. ١٠. هنيون، دل. ١١. ڏاڙهون يعني انار (جي وڻ) جي. ١٢. ڳاڙهو ڪئو. ١٣. ٻڌل، ڳنڍيل، گڏ. ١۴. مڙسن، ڀتارن. ١۵. ويڻن سان، طعنن سان، ميهڻن سان. ١٦. واپس ٿيءُ، وري آءُ. ١٧. اي آيل ماءُ، اي جيجل ماءُ، اي جيجل امان. ١٨. منهنجي. ١٩. درد، سورُ.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرُ ڏَهَرُ

## داستان پنجون

۱

روهِ[۱] رامَاٽَا[۲] ڪَنِ، اَجُ پَٽِ[۳] هَلَڻَ[۴] هارِبُونْ[۵]،
ڪَرڳَلُ[٦] ڪُونجَڙِيُنِ[۷]، رائِي[۸] ۾ راتِ ڪِئو.

۲

وِڳَرَ[۹] اُڪِيري[۱۰]، سَرُ[۱۱] سارِئو[۱۲] سُورَ[۱۳] چَري[۱۴]،
جُهري[۱۵] جِهجَندي ڏي، سَنِيهَا[۱٦] ڪي سَجَڻيِن[۱۷].

۳

وِڳَرَ[۱۸] وِساري[۱۹]، وِيَنِيئَن[۲۰] ڪيئَن مانَ[۲۱] ڪَري،
ڪِ[۲۲] تو[۲۳] نَہ ماري[۲۴]، رَنِّ[۲۵] جُهڻِ سَنَدي[۲٦] سَجَڻيِن.

۴

وِڳَرَ وِئا وِهي[۲۷]، ڪالهہ تُنهِنجا[۲۸] ڪُونجَڙِي[۲۹]،
ڪَندِينءَ ڪوهُ[۳۰] رَهي، سَرَ[۳۱] ۾ سُپيرِيَنِ ري[۳۲].

---

۱. روهہ ۾، جبل ۾. ۲. خوشيون، دانهون، ڪوڪ. ۳. ٻہ. ۴. رواني ٿين، اسهڻ، وڃڻ. ۵. واريون، ارادو رکندڙ. ٦. هل، ڪوڪ، ميڙ. ۷. ڪونجين ڪونج روهہ يعني جبل ۾ رهندڙ ڏکيءَ ڳچيءَ سان سُهڻي پکيءَ جو هڪ قسم آهي جيڪو قد ۾ سرڻ پکيءَ کان ڪجهہ وڏو آهي. ڪونجون سياري جي موسم ۾ سنڌ جي لاڙ واري علائقي ۾ يا ڪڇ جي ملڪ ۾ سارين جي فصل لهڻ کان پوءِ ولرن جي صورت ۾ چوڪي لاءِ ايندي ايون آهن). ۸. رائي واري زمين، جبل، روهہ. ۹. وڳر ڪي، ولر يا ٽوليءَ ڪي. ۱۰. اُڪير يا سڪ سان ياد ڪري. ۱۱. اَنَ فصل جي لاباري ڪانپوءِ سَلَن جون رهيل ڪتيون، ٻاڙون ۽ سنگ. ڪانگڙ. ۱۲. ڏسئو، جاچئو، تپاسئو. ۱۳. عذابَ. ڏکَ. ۱۴. ڪائي يعني سهي يا برداشت ڪري. ۱۵. غم ۾ ڳرندي، روئندي، جهڄندي. ۱٦. نياپا، پيغام. ۱۷. سڄڻن، محبوبن، سپيرين. ۱۸. وڳر ڪي. ۱۹. دل تان لاهي. ۲۰. جو، ڪهڙيءَ طرح. ۲۱. چپ، صبر. ۲۲. ڇا. ۲۳. توکي. ۲۴. فنا يا نابود ڪري. ۲۵. (گذريل زماني ۾ ڪيل) مٺي يا وڻندڙ گفتگو. ۲٦. جي. ۲۷. روانا ٿي، نڪري. ۲۸. اڄ کان هڪ ڏينهن اڳ. ۲۹. اي ڪونج، اي ڪونجڙي. ۳۰. ڇا. ۳۱. ترسي، ٽڪي، ويهي. ۳۲. کان سواءِ.

### ٥

وڳَرَ[١] ۾ وائِي،[٢] ڪالَهہ[٣] تُنهِنجي ڪُونجَڙِي،
سَرَ[٤] ۾ سارِينَئِي[٥] گهَٽُو، پيٺَرُ[٦] ۽ پائِي[٧]،
پَسين نَہ ڦاهِي،[٨] جا ماريءَ[٩] سَندي مَنَ ۾.

### ٦

وڳَرَ[١٠] وِچائِين[١١]، باز[١٢] جهوري[١٣] ڪُونجَڙِي،
بَچَن اِيئَن پِيانئِين[١٤]، تَہ آيَلِ[١٥] اِينِدي واهِري[١٦].

### ٧

وڳَرَ ڪِئو وتَنِ، پِرت[١٧] نَہ چِنَنِ[١٨] پاڻ ۾،
پَسو پَکِيَڙَنِ، مُاٺهِنئَان مِينَ[١٩] گَهَٽُو.

### ٨

چُٽي[٢٠] نَہ پِئَنِ گَڏُ، وَڏي وڳَرَ هيرُئِين،
ڪُونجَ[٢١] ڪَرِيِندي[٢٢] سَڏُ[٢٣]، وِيئي وِهامي[٢٤] راتَڙِي.

Gul Hayat Institute

### ٩

چُٽي نَہ اُپِي[٢٥] روءِ، سارِئو[٢٦] سارِئو[٢٧] پِرِيَنِ[٢٨] کي،

١. ولر، توليءَ. ٢. پچار، يادگيري. ٣. اج ڪان هڪ ڏينهن اڳ، گذريل ڏينهن. ٤. ان جي فصل جي لاباري ڪان پوءِ پنيءَ ۾ سلن جون رهيل ڪتيون، پاڙون ۽ سنگ. ٥. توکي سارين يا ياد ڪن. ٦. پيٺون، اديون. ٧. پائر. ٨. پکين ڦاسائڻ جي دام. ڪوڙڪو. ٩. پکي ڦاسائيندڙ. شڪاريءَ. ١٠. وڳر جي. ١١. وچ مان. ١٢. شڪاري پکيءَ جو هڪ قسم. ١٣. جهپي، جهٽي، ڪنئي. ١٤. سمجهي. ١٥. امڙ، امان. ١٦. واهيري تي. (پکين جي) رهڻ واريءَ جاءِ تي. ١٧. پيار، قرب. ١٨. توڙين، ختم ڪن. ١٩. محبت. ٢٠. چڳي، آنَ جو داڻو داڻو ڪري کائي. ڪونج کي. ٢٢. ڪندي. ٢٣. آواز، دانهن. ٢٤. گذري، پوري ٿي. ٢٥. بيٺي، پيئي. ٢٦. دانهون يا آلاپون ڪري. ٢٧. ياد ڪريو. سنڀالئو. ٢٨. محبوبن.

هِنيئِين[1] جِهجِندي چوءِ[2]، آئُون قوزائِي[3] آهِيان.

١٠

وَطَنُ[4] سَنْدُنِ[5] روهُه[6]، هِتِ قِسمَتَ[7] آنديُون كُونجڙيُون،
كِنهِنجو كونهي ڏوهُه[8]، رِزقُ[9] رازِقَ[10] هَٿَ ۾.

١١

كَڃان[11] كُونجِيُون موٽِيُون، پُرِيُون[12] پَراهِين[13] پَنڌَ[14]،
آءُ[15] مِيان[16] دِلبَندَ[17]، تو لِيءِ نيٽَنِ[18] نارَ اُپَٽِئا[19].

١٢

مَ[20] لَئُن[21] كُونجي مانِ كَرِ، چُورِ[22] مَ هِنيئِين[23] چاكَ[24]،
ڦَٽيُون[25] جي فِراقَ، سي گهَرِ گهارِينديُون[26] كيتِرو.

١٣

مَ لَئُن كُونجي مانِ كَرِ، چُورِ مَ هِنيئِين سَلَ[27]،
ڳوڙِها مَٿي ڳَلَ، جِمَ[28] وِهاٽيءَ[29] وَهائِيين[30].

١٤

كُونجَڙِيءَ كالهه لَنئِي، سَجَڻُ وِڏا چِتِ،

---

١. هنيين جهجندي = دل ۾ ڳرندي، ٢. چئي، ٣. وجڙيل، ۴. ديس، ۵. انهن جو، ٦. جبل، ٽڪر، ٧. نصيب، لکئي، ٨. قصور، ٩. روزي، ان پاڻي، کاڌو خوراڪ، ١١. رزق ڏيندڙ يعني خدا تعاليٰ جي، ١١. ڪڇ (ملڪ) کان، ١٢. ويون، روانيون ٿيون، ١٣. ڏوراهين، پري جي، ١۴. پنڌ تي، سفر تي (پنهنجي وطن ڏانهن)، ١۵. اچ، ١٦. سردار، مڙس، پتي، پتار، ١٧. دل قابو ڪندڙ، دوست، ١٨. تنرا، اکين ۾ نڪ جي پر وارين ڪنڊن ۾ سوراخ يعني ٽنگ، جن مان رُئڻ مهل لڙڪ يعني ڳوڙها وهندا آهن، ١٩. ڪوليا، وهايا، ٢٠. نه، ٢١. آلاپ ڪر، ٻولي ڪر، ٢٢. چيڙ، چرپر ۾ آڻ، ٢٣. هينين جا، دل جا، ٢۴. زخم، ڦٽ، ٢۵. وڍيون، گهايون، وڇوڙي، جدائيءَ، ٢٧. سوراخ، ڦٽ، زخم، ٢٨. متان، ٢٩. وهاڻيءَ جو، پوئينءَ رات جو، پرهه ڦٽيءَ يا پرڀات جو، ٣٠. هارين.

آئُون هيڪَلِي[1] هِتِ، گَهنگهَرِ[2] گهارِيان[3] ڏينهَڙا.

١٥

اُتَرَ ڏُونهَن آلاپَ، ڪالُهُون ڪَرَ ڪُونجَ ڪَري،
پِرِين پَسي مِ خَواب[4]، وِهاڻِيءَ[5] وايُون[6] ڪَري.

١٦

ڪُونجُون تِيُون ڪُڙڪَنِ[7]، جيڪُسِ[8] هَلَڻَ[9] هارِيُون[10]،
ٻَچا پوءِ[11] سَندَنِ[12]، وَڃَنِ واڌا[13] ڪَندِيُون.

١٧

ڪُونجُنِ ڪي ڪِيمَ[14] چَؤُ[15]، جي ٻاجَهارو[16] ٻولِينِ[17]،
سارئو سانبيڙَنِ ڪي، رَڙيُون ڪِئو رُئَنِ،
سائِين سَندا اُنِ، ٻَچا ميڙِيِين ٻاجَهه سين.

١٨

آيُون ڏُور[18] ڏِرِي[19]، اَصلَ[20] سَندي آسَري،
ڪَرِيهَرِ[21] پُونءِ[22] ڪَرِّي[23]، پيرَ ڏُکوٻا پَڪَڻِين.

---

١. اڪيلي. ٢. گهنگهر ۾، مونجهاري ۾، پريشانيءَ ۾. ٣. گذاريان، بسر ڪريان. ٤. ننڊ، سپني، سهڻي. ٥. وهاڻيءَ جو، پوئين رات جو، پرهہ ڦٽيءَ يا پرڀات جو. ٦. دانهون، ورلاپ، آلاپون. ٧. آلاپون يا ورلاپ ڪن، ٻوليون ڪن. ٨. شايد. ٩. وڃڻ، رواني ٿيڻ. ١٠. واريون، ارادو رکندڙ. ١١. پوئتي، پٺتي، وطن ۾. ١٢. انهن جا. ١٣. دانهون، واڪا. ١٤. نہ. ١٥. ڳالهاءِ، جهٽڪ ڏي، چڙٻ يا دڙڪو ڏي. ١٦. ٻاجهہ يا رحم اچڻ جهڙو، رحم جي لائق. ١٧. آلاپ يا ورلاپ ڪن. ١٨. ڏور تي، ڏوري تي. (ڏور سنڌو درياهہ جي پراڻن پنجن وهڪرن مان هڪ وهڪري جو نالو آهي). ١٩. لهي. ٢٠. اصلي يعني اڳين حالت، پراڻي حالت. ٢١. ڪريهر جي (ڪريهر ڪڇ رياست جو هڪ ڀيٽ آهي جنهن ڪي قديم زماني ۾ سنڌو درياهہ جا پراڻا وهڪرا پاڻي پهچائي آباد ڪندا هئا پر بعد ۾ درياهہ جي وهڪري ڦيرائڻ ڪري ويران رهندو اچي ۽ زمين سخت ٿي وئي آهي). ٢٢. زمين. ٢٣. سخت، ڪريل، خراب.

Gul Hayat Institute

## ١٩

آئُون اَگِيئَن[1] هيِرَ[2]، اَصُلَ[3] سَندي[4] آسَري[5]،
پِڙَ[6] ۾ پَسانِ[7] نَہ پيِرَ[8]، سيٽَنِ[9] ساجُهُرِ[10] لَڏئو[11].

## ٢٠

ڪُونجَ[12] نَہ پَسين[13] ڪَڪَ[14]، ڏِبُ[15] جَني سين ڏِڪئو،
مارِيءَ[16] ماري[17] لَڪَ[18]، وِگَرَ[19] سَبِ وِڇُون[20] ڪِئا.

## ٢١

ڪُونجَ نَہ لَڪيُئي[21] باڻَ[22]، جو ماريءَ سَندي مَنَ[23] ۾،
اوچِتي پَرِيانَ[24]، وِگَرَ هَٽِي وِڇُون ڪِئا.

## ٢٢

مارِي[25] مَرِين[26] شالَ[27]، ڏِبُ[28] پَجَنئي[29] ڏِپيُون،
جِنهِن[30] تو اَچي ڪالَهہ[31]، وِڌو وِڇُ[32] وَرهَنِ[33] ڪي.

## ٢٣

بَغَلَ[34] مَنجِهہ بَندُوقَ[35]، مارِيءَ[36] ميرا[37] ڪَپڙا،
مارِئو مِيرَ مَلُوڪَ[38]، لَتازِئو[39] لَڪِ[40] چَڙهي.

١. ڀرائيءَ، قديم، جهونيءَ. ٢. هير موجب، عادت موجب. ٣. اصلي يعني اڳين آباديءَ واري حالت. ۴. جي. ۵. آسري تي، اميد تي، آڌار تي. ٦. ميدان، سرزمين. ٧. (انهن جا) ڏسان. ٨. قدم. ٩. سڄڻن، محبوبن. ١٠. سويلو ئي. ١١. ڪوچ ڪئو، هجرت ڪئي، نقل مڪاني ڪئي. ١٢. اي ڪونج. ١٣. ڏسين. ١۴. سڪل گاهہ جا. سنها ڪانا ۽ تيليون. ١۵. ڪوڙڪو، دام (پکين ڦاسائڻ لاءِ). ١٦. پکي مارينڌڙ، شڪاريءَ. ١٧. ڦاسائي. ١٨. لکن جي تعداد ۾ يعني تمام گهڻا (پکي يعني ڪونجون). ١٩. ولر، ٽوليون. ٢٠. جدا، ڌار، دربدر. ٢١. تو لکئو. تو محسوس ڪئو. تو پروڙئو. ٢٢. منصوبو. رٿ. ٢٣. دل. ٢۴. نشان. ڏک. ٢۵. اي ماري. ٢٦. نابود يا تباهہ ٿئين. ٢٧. خدا ڪري. ٢٨. ڪوڙڪا، دام. ڏپيون. ٢٩. ڇٽ يا ناس ٿينئي. ٣٠. ڄاڪاڻ تہ. ڇو تہ. ٣١. اڄ ڪان هڪ ڏينهن اڳ، گذريل ڏينهن. ٣٢. جدائي. ٣٣. ورهن ڪي، ورهين لاءِ، سالن لاءِ، هميشہ لاءِ. ٣۴. ڪڇ ۾. ڪلهي ۾. ٣۵. جامڪي، تفنگ. ٣٦. ماريءَ کي (عزرائيل ڏي اشارو). ٣٧. مٽيءَ سان ڀريل (ميرا ڪپڙا = خراب نيت). ٣٨. سهڻا، خوبصورت. ٣٩. پيرن هيٺ ڪريو. ۴٠. لڪ تي، جبل تي (لڪ چڙهي = بيپرواهيءَ سان هلئو وڃي).

Gul Hayat Institute

## ٢٤

چَڏِئو چَپَرَ[١] وَٽِ[٢]، رڙهِئو[٣] ربجَاٽيءَ[٤] چُٽي[٥]،
کُهي[٦] کِينَاري[٧] چَاڙهِيُون، پييُون وِڪَامَنِ[٨] هَٽِ[٩]،
تَنهِن سَرَ[١٠] مَٿَان سَٽِ[١١]، ڏِهَاڙي مَارِي[١٢] ڪَري.

## ٢٥

چِيتَا[١٣] ڪِئو چُٽيجِ[١٤]، بَدامَاٽيءَ[١٥] پُٽ ۾[١٦]،
نيٽين[١٧] نِندَ مَ ڏيجِ، چِيٽڙون[١٨] چَپَرِ[١٩] آيُون.

## وائي

روهہ[٢٠] نہ وبِئين رات، ڪُونجَلَ[٢١] ڪوهہ[٢٢] ڪُٽڪين[٢٣]،
بَچَا بَاتَازا[٢٤] تِئَا، وائِي[٢٥] ڪَنِ نہ وات[٢٦]،
سَرَ ۾ سَارِينئِي[٢٧] گهَٽُو، تو[٢٨] جَنِي جِي تَاتِ[٢٩]،
پَگَا[٣٠] ڪوٽَ[٣١] ڪُفَارَ جَا[٣٢]، حَيدَرِ[٣٣] جي حِمَاتِ[٣٤].

---

١. چپر جي، جبل يا ٽڪر جي. ٢. پر، پاسو، ڪنار، ڪنڌي. ٣. سرڪو، اڇلو، وڌئو. ٤. ربجاٽيءَ ۾، ربج (پوکڻ کان اڳ پاٽيءَ ڏنل) واريءَ زمين ۾، پڌري ميدان ۾. ٥. چڱي. ٦. ذبح ڪري. ٧. کيناري ۾ (ٽن ڪاٺين مان ٺهيل اڏو يا ماندڻو جنهن ۾ ڪاسائي گوشت ٽڱيندا آهن ان کي کينارو چٺبو آهي). ٨. فروخت ٿين. ٩. هٽ تي، دڪان تي. ١٠. آن جي فصل جي لاباري ڪانپوءِ پنيءَ ۾ سلن جون رهيل ڪتيون، پاڙون ۽ سنگ، ڪانگڙ. ١١. ڪاهہ، حملو، مارو. ١٢. شڪاري. ١٣. چيتُ، ڌيان، خبرداري. ١٣. چڱج، داڻا ڪائج. ١٥. بدامر (بدين ضلعي جي ٽنڊي باگي تعلقي ۽ ميرپور ضلعي جي ڊگري تعلقي جي ڏاکڻي پاسي واري علائقي). جي. ١٦. ويرانيءَ. ١٧. نيٺن کي، اکين کي. ١٨. (شڪارين جون) ٽوليون. ١٩. چپر ۾، جبل ۾. ٢٠. روهہ ڏانهن، جبل ڏانهن (روهہ ڪونجن جو اصل وطن آهي). ٢١. اي ڪونجل، اي ڪونج (ڪونج روهہ يعني جبل ۾ رهندڙ ڊگهيءَ ڳچيءَ سان سهڻي قسم جو هڪ پکي آهي جيڪو سياري جي موسم ۾ ولرن جي صورت ۾ سنڌ جي لاڙ واري علائقي ۽ ڪڇ ملڪ ۾ سارين جي فصل جي لاباري ڪانپوءِ چوڳي جي سانگي ايندو آهي). ٢٢. چو. ٢٣. آلاپ يا ورلاپ ڪرين. ٢٤. اباٽڪا، اداس، پريشان. ٢٥. ٻولي.٢٦. وات مان. ٢٧. توکي سارين يا ياد ڪن. ٢٨. توکي. ٢٩. يادگيري، ساروڻي. ٣٠. ڪرڻا، نابود ٿيا. ٣١. قلعا. ٣٢. ڪافرن، خدا کي نہ مڃيندڙن. ٣٣. حضرت علي ع (جنهن جو لقب حيدر هو). ٣٤. حمايت سان، مدد سان.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيم

# سُرُ ڏَهَرُ

## داستان پهرون

### ١

سَنگهارَنِ[1] سَارِي[2]، سَاٿِي[3] ڏيجِ سَنيهَڙو[4]،
سَا هيڪَلِي[5] گهَارِي[6]، مُنذَ[7] ڪَاڇِي[8] ڪَنڌِين[9].

### ٢

ڪَاڇِي[10] پيئِي ڪُوڪَ[11]، سَچُ[12] ڪَ[13] سَنگهارَنِ لَڌئو[14]،
مَادَرِ[15] هُئا مَلُوڪَ[16]، اُنّي[17] وِئَا[18] اُڪِري[19].

### ٣

ڪَاڇِي[20] ڪَاهِيَائُون[21]، سَچُ ڪِ سَنگهَارَنِ لَڌئو،
مَان[22] تَن[23] مَارِئَائُون[24]، پَاٽَان[25] وِجهي گُوندَرِين[26].

### ۴

ڪَاڇو ۽ ڪوهِيَارُ[27]، ڏُونگَرُ[28] سَندُنِ[29] ڏيهڙو[30]،
سَاجُهرِ[31] نَهي[32] بَارُ[33]، ڪوهُه[34] نَہ وِيئِيَنِ اُنِ سِين.

---

١. سنگهارن کي، انهن ماڻهن کي جيڪي چوپائي مال جي سنڀ لاءِ ڪڏهين ڪٿي ڪڏهين ڪٿي وڃي رهندا آهن، مالوندن کي. ٢. ياد ڪري، سنڀالي، خبرداريءَ سان. ٣. اي ساٿي، اي رفيق. ۴. پيغام، نياپو. ۵. اڪيلي. ٦. گذاري، رهي. ٧. عورت. ٨. ڪاڇي جي (لاڙڪاڻي ۽ دادو ضلعي جي الهندي طرف وارن جبلن جي پرسان واقع ميدانن کي ڪاڇو چئبو آهي). ٩. ڪنڌين تي، پاسن تي، سرحدن تي. ١٠. ڪاڇي ۾. ١١. دانهن، رڙ (خبر، سڌ). ١٢. سچي پچي، واقعي، تحقيق، برابر. ١٣. ڇا. ١۴. پرڏيهہ ڏانهن پڌارئو، هجرت ڪئي، نقل مڪاني ڪئي. ١۵. اي مادر، اي امڙ. ١٦. عمدا انسان، ڀلمانس، شريف ماڻهو. ١٧. اُني ڏانهن، برسات يا مينهن پوڻ (واري هنڌ) ڏانهن. ١٨. وئا. ١٩. لنگهي، پنڌ ڪري. ٢٠. ڪاڇي مان. ٢١. چوپايو مال ڪاهي هلئا وئا. ٢٢. منهنجو. ٢٣. دل، سرير، جان. ٢۴. ناس يا نابود ڪئائون. ٢۵. پنهنجي هٿن سان، خود، پاڻ. ٢٦. گوندرن ۾، غمن ۾. ٢٧. ڪاڇي جي الهندي طرف واريءَ سرحد جي پر وارو علائقو. ٢٨. جبل، ڪوهستان. ٢٩. انهن جو. ٣٠. ڏيهہ، وطن. ٣١. سوير، صبوح جي مهل. ٣٢. پڌي. ٣٣. سامان، مال اسباب. ٣۴. ڇو.

۵

ڪَاڏي وِئَا سَنگهَارَ، جي هِت هُئَا هِن پيٽيِن،
ڪَاڇِي پِنِهِي پَارِ، ڏُورِ تَہ ڏورِيُون اُنِ ڪي.

٦

جِيَنِ سي سَنگهَارَ، اَجهِي جَنِ جي گهَارِيَان،
مَان نَہ لَهَنِهُون سَارَ، وِچِ وِلِهِي ڏِينهَڙِيَنِ.

۷

جِيَنِ سي سَنگهَارَ، اَجهِي جَنِ جي گهَارِيَان،
جَنِي سَندا بَارَ، اَئِي پَهرَ اگُوندِرا.

۸

ڏَڻُ ڏارَڻُ ڏار رَهَڻُ، اِيءَ نَہ سَنگهَارَنِ سَتَ،
ڪَاهِي اِيندا ڪَڏِهِين، مَتِي وانڍِ وَهَتَ،
جِي هَاڙُوَ هُونِئِي مِتَ، تَہ پِہ اُڌو لاهہ مَ اُنِ جو.

۹

Gul Hayat Institute

ڪيرَ ڪَرِبندِي رِيسَ، آيَلِ سَنگهَارَنِ سين،

---

۱. ڪيڏانهن، ڪهڙي طرف. ۲. مالوند (اهي ماڻهو جيڪي چوپائي مال جي سِٽي لاءِ ڪڏهين ڪٿي ڪڏهين ڪٿي وڃي رهندا آهن). ۳. پيٽين تي، هنڌن تي، ماڳن تي. ۴. ڪاڇي جي. ۵. پارن تي، پاسن تي، طرفن تي. ٦. ڪول.نهار. ۷. حياتي هجين، زندهہ يا جيئرا هجن. ۸. اجهي ۾، پناهہ ۾. ۹. گذاريان، حياتي بسر ڪريان. ۱۰. مان نہ = شل. ۱۱. اسان جي لهن، اسان جي ڪن. ۱۲. سنڀال، پرداخت، يادگيري. ۱۳. ۾. ۱۴. سَڃائيءَ وارن، غربت وارن. ۱۵. ڏينهن ۾. ۱٦. جا. ۱۷. ٻار ٻچا، اهل عيال. ۱۸. اٺئي پهر = هميشہ، سدائين. ۱۹. بي گوندرا، بنان گوندر، بنان غم، خوش. ۲۰. (چوپائي مال جو) وڳ، ولر. ۲۱. پالڻ. ۲۲. جدا. ۲۳. سنگهارن جي. ۲۴. ريت، پر، دستور. ۲۵. وٺي. ۲٦. تي. ۲۷. (جهنگ جي) وٿاڻ، پاٽيءَ جي ڪڏ. ۲۸. چوپايو مال. ۲۹. جيڪڏهين. ۳۰. چورَ، ڏاڙيل چوپايو مال هٽندڙ (چوري ڪندڙ). ۳۱. تنهنجا هجن. ۳۲. مائٽ، عزيز. ۳۳. اُڌڪو، خوف، ڊپ. ۳۴. برابري، همسري، مقابلو. ۳۵. اي آيل، اي امڙ.

جَنِي جِيءَ خَمِيسَ[١]، واڙِيُون[٢] واري چَڏِيُون[٣].

### ١٠

جِهجَان[٤] پَسِئو[٥] جهوڪَ[٦]، آيَلِ سَنگهَارَنِ جِي،
جَنِ تي پَهِيَين[٧] پِيَارِئو، مَنجَهان مَتَنِ[٨] مُوڪَ[٩]،
لَڏي[١٠] وِچَان[١١] لوڪَ[١٢]، اُنِي[١٣] وِئَڙا[١٤] اُڪِرِي[١٥].

### ١١

جهوڪُون نَہ جُهِٽِڪَنِ[١٦]، وَڳَ[١٧] نَہ پَسَان وَٽِ[١٨] مِ،
آيَلِ سَنگهَارَنِ، جِيڪُسِ[١٩] چِتَاٽُو[٢٠] چِتِ[٢١] ڪِئو.

### ١٢

مَنڌِيءَ[٢٢] مَتَ گُڙَنِ[٢٣]، وَڳَ نَہ پَسَان وَٽِ مِ،
آيَلِ سَنگهَارَنِ، جِيڪُسِ چِتَاٽُو چِتِ ڪِئو.

### ١٣

مَنڌِيءَ مَتَ گُڙَنِ، جهوڪُنِ[٢٤] سُونهَنِ[٢٥] پَهِيَڙا[٢٦]،
سَنڌِي[٢٧] سَنگهَارَنِ، جُوءِ[٢٨] جِيَاري[٢٩] جَڏڙا[٣٠].

Gul Hayat Institute

---

١. جمعي جي رات، ٢. چوپائي مال جي رات جي وهارڻ يا بند ڪرڻ جون جايون، وٿاڻ. ٣. قربان ڪري، صدقي ڪري، (واڙيون واري چڏيون = واڙين ۾ بيٺل مال جو ڪير خيرات ڪري ڇڏئو، اڳيئن زماني ۾ مالوند ماڻهن جو دستورهوندو هو تہ خميس جي ڏينهن يعني جمعي جي رات وارو ڪير وڪڻندا نہ هئا پر خيرات ڪندا هئا). ٤. نجهران، ڳران. ٥. ڏٺئو. ٦. چوپائي مال جي وهارڻ جي جاءِ، وٿاڻ. ٧. ٻهين ڪي، واٽهڙن ڪي، مسافرن ڪي، مهمانن ڪي، ٨. ماٽين، (ڪير ڌهڻ لاءِ يا ولوڙڻ لاءِ) ٺڪر جي وڏن ٿانئن، ٩. جام، ١٠. هجرت ڪري، نقل مڪاني ڪري، ١١. وٿان، ١٢. عام ماڻهن، ١٣. انئي ڏانهن، برسات يا مينهن واري هنڌ يا ماڳ ڏانهن، ١٤. وئا ١٥. لنگهي، پنڌ ڪري، ١٦. آواز ڪن (نہ جهٽڪن = خالي آهن)، ١٧. (چوپائي مال جا) ڌڻ، ولر. ١٨. ٿر ضلعي جي ڏيپلي ۽ مٺي تعلقن جي ڪچ جي رڻ واري لاڳيتيءَ پٽيءَ کي "وٽ" چئبو آهي، ١٩. شايد، ٢٠. چتاٽو جنهن کي چوتاٽو يا چوتاڻ بہ چوندا آهن اهو "وٽ" واري خطي سان لڳ ننگر پارڪر تعلقي جي الهندئين ۽ مٺيءَ تعلقي جي ايرندئين ڀاڱي واري ايراضيءَ تي مشتمل آهي، ٢١. چت ۾، دل ۾، ڏيان ۾، ٢٢. منڌيءَ (ڪير ولوڙڻ لاءِ ڪاٺ جي هڪ اوزار) سان، ٢٣. گرڙاٽ ڪن، ٢٤. جهوڪن ۾، ٢٥. وڻن، سهڻا لڳن، ٢٦.مسافر، واٽهڙو،مهمان، ٢٧. جي، ٢٨. جاءِ، ٢٩. جيئرو يا زندهہ ڪري، ٣٠. جڏا، بيمار.

## ١٤

جي[1] پَائِين[2] وَسَ[3] چَران[4]، تہ سَنگهَارَنِ[5] سين لَڏِ[6]،
تہ هَاجيُ[7] سَنڌِي[8] هَڏِ[9]، ڪُوڪَ[10] نہ سُٽين[11] ڪَڏهِين.

## ١٥

جي پَائين وَسَ چَران، تہ سَنگهَارَنِ سين لَڏِ،
جَنِي سَنڌي سَڏِ[12]، چورُ نہ چُهي[13] وَچَڙا[14].

## ١٦

جي پَائين وَسَ چَران، تہ رَهُہ[15] سَنگهَارَنِ[16] پاڙي[17]،
جَنِي جي واڙي[18]، چورُ نہ چُهي وَچَڙا.

## ١٧

جي پَائِين وَسَ چَران، تہ سَنگهَارَنِ سين گهَارِ[19]،
جَنِي سَنڌِيءَ واڙِ، چورُ نہ اَچي ڪَڏهِين.

## ١٨

جي پَائِين وَسَ چَران، تہ رَهُہ سَنگهَارَنِ سيڙهي[20]،
جَنِي جي ڪِيري[21]، چورُ نہ چُهي وَچَڙا.

---

١. جيڪڏهين، ٢. چاهينئو، خواهش ڪرين ٿو، ٣. مينهن جي ڌريعي چاول گاهہ. ۴. ڪان (چوپائي مال کي چاريان يا ڪارايان)، ۵. مالوندن، چوپائي مال جي مالڪن، ٦. وس ڏانهن (مال ڪاهي) وڃ، ٧. ظلم (چوپائي مال ڦريندڙن جي)، ٨. جي، ٩. بنهہ، مُور، ١٠. دانهن، خبر، اطلاع، ١١. ٻڌين، ١٢. سڏ جي ڪري، هڪل جي ڪري، مدد يا حمايت جي ڪري، ١٣. هٿ لائي (چورائي)، ١۴. چوپائي مال (ڍورن) جا ڦر يا ننڍا ٻچا، ١۵. ويهہ، ١٦. سنگهارن جي، ١٧. پاڙي ۾، پاسي ۾، پر ۾، ١٨. واڙي يا واڙ مان، وٿاڻ مان، مال ويهارڻ جي جاءِ مان، ١٩. (گڏ) گذار يا رَهہ، ٢٠. سيڙهي ۾، پاسي ۾، گاهہ پيدا ڪرڻ لاءِ آباد زمين جي پر واري ٽڪر ۾، ٢١. ڪيري (مال ٻڌڻ لاءِ زمين ۾ کوڙيل ڪاٺيءَ) تان، ڪلي تان.

**١٩**

وانءُ[1] ڪُنڍيُون[2]، ڪَاهِي[3]، سَيِڙهي[4] سَنگهَارَن[5] جي،
مِينهُن[6] نَہ مَتَائي[7]، اُنهين سَندا[8] پَڪَڙا[9].

**٢٠**

آيَلِ[10] سَنگهَارِن سين، جيڪا گهَارِي[11] مَاءِ،
تُوٽي[12] هُوءِ[13] اَوگُٽِي[14]، تَہ پِہ رُکو[15] مُور[16] نَہ ڪَاءِ[17].

**٢١**

وَنِهين[18] سَنگهَارَن جي، سُونهَارِي[19] سَانجَاڻِ[20]،
پوءِ تَا پِيَنِ[21] پَاڻِ[22]، پَهرين پِيَارِين پَهِيَڙا[23].

وائي

وَجَنِ[24] سيڻَ[25] سِڌارِئُو، پَسِئُو[26] جُوءِ[27] جهِجهي[28] هِنيُون[29]،
حَيفُ[30] مُنهنجي حَالَ ڪي، وَجَڻُ مُون وسَارِئُو[32]،
ڪَاڄِي[33] بِنهين ڪَنڌِين[34]، نيٽَنِ[35] تي جَرُ[36] هَارِئُو[37]،
سِيئِي مَارِي هَلِئَا، جِيَڙو[38] جَنِ جِيَارِئُو[39]،
اُتي عَبدالطيف رح چئي، جهوڪُنِ[40] تي جُهٽڪَارِئُو[41].

---

١. وڃ. ٢. (ڪُنڍين يعني گول ۽ وريل سڱن واريون) مينهيون. ٣. وني. ٤. سيڙهي ڏانهن. گاهہ پيدا ڪرڻ لاءِ آباد ڪيل زمين جي پر واري ۽ لاڳيتي زمين جي غيرآباد ٽڪر ڏانهن. ٥. چوپايو مال ڌاريندڙ مالوندن. ٦. برسات. ٧. نظرانداز ڪري، بنان وسڻ جي لنگهي يا متي وڃي. ٨. جا. ٩. (ڪڪائان) گهر. جهوپا. پنگا. ١٠. اي آيل. اي جيجل. اي ماءُ. ١١. (گذ) رهي يا گذاري. ١٢. جيتوڻيڪ. ١٣. هوندي. ١٤. بدلڇڻي. بدڪردار. بدافعال. ١٥. بنان گيهہ مکڻ يا سٿڻ جي طعام. اٽيو طعام.١٦. اصل. بنهہ. ڪڏهين بہ.١٧. ڪائيندي. ١٨. سڳين. ستابن. آسودن. شاهوڪارن. ١٩. ڀلاري. سٺي. ٢٠. رڌ پچاءَ يعني ڪاڌي رڌڻ بچائڻ جو ڪم. ٢١. ڪائين پين. ٢٢. خود. ٢٣. مسافر. واٽهڙو. مهمان. ٢٤. سڄڻ. محبوب. ٢٥. لڏئو. هجرت ڪئو. ٢٦. ڏسئو. ٢٧. (انهن جي رهڻ جي) جاءِ. ماڳ. ٢٨. ارمان يا ڏکَ ڪري. غم ۾ نجهري يا ڳري. ٢٩. دل. ٣٠. افسوس. ٣١. حالت. ٣٢. دل تان لاهي ڇڏئو. ڀُلائي ڇڏئو. ٣٣. ڪاڇي جي. ٣٤. ڪنڌين تي. پاسن يا طرفن تي. ٣٥. اکين. ٣٦. پاڻي يعني ڳوڙها يا لڙڪ. ٣٧. وهايو. ٣٨. جيءُ. جان. سرير. ٣٩. جيئرو يا زندهہ ڪئو. ٤٠. چوپائي مال جي وهارڻ جون جايون. ٤١. آوازَ ڪئو.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرُ ڏَهَرُ

## داستان ستون

①

نَ سي ڦُلَ[1] بَاغَنِ[2] ۾، هَٽين[3] نَ داڻا[4]*،
لاکي[5] اَباڻا[6]، لَڏي[7] ڪِنهِن[8] لوءِ[9] وِئا.

٢

مَنجهه[10] ڪَٻَرُنِ[11] هُلُ[12]، ٻَهران[13] لَمَن[14] چَمِڙا[15]،
نَ لاکو نَ ڦُلُ، گُجُهه[16] گُرهِيان[17] ڪَنِ سين.

٣

لاکا[18] لَکَ[19] سُجَنِ[20]، ڦُلاڻيءَ[21] ڦيرُ[22] پِئو،
جِنهِن پَرِ[23] راڻا[24] راجِيا، ڪوٽَنِ[25] ڏَٽي[26] ڪَنبَنِ[27]،
جَنهِن جو جَاڙيجَنِ[28]، سُتي[29] سونچو[30] نَ لَهي[31].

④

لاکا لَکَ هُئا، ڦُلاڻيءَ ڦيرُ پِئو،

---

١. گل، ٢. چمن، گلستانن، ٣. هٽن تي، دڪانن تي، ٤. ان، اناج، ڪاڏي ٻيني جو سامان *ملڪ يا علائقي ۾ هر هنڌ سڃ يا ويراني لڳي پئي آهي. ٥. لاکي جا، لاکو جيڪو پنهنجي پيءُ يا ڏاڏي يا پڙ ڏاڏي جي نالي "ڦل" جي نسبت سان ڪڏهين لاکو ڦل يا ڦلاڻي سڏيو ويندو هو. اهو ڪڇ جي علائقي جو هڪ سورهيه ۽ سخي سردار هو پر ڪڇ ڀڄ جي حاڪم راءِ ڪنگهار جاڙيجي سمي جي غلط فيصلي سبب جيڪو هن لاکي جي سائين "جسي ۽ جسراج" جي قاتلن (جيڪي ذات جا ريباري هئا) جي حق ۾ ڪيو ڪاوڙجي لوڙائو يعني ڏاڙيل ٿي پيو. لوڙائو ٿيڻ جي دور ۾ هن "جسمان" نالي هڪ اوڏ قوم جي عورت سان شادي ڪئي جيتوڻيڪ ڪيس زال "مهر رائيءَ" نالي اڳي هئي. ٦. مائٽ، عزيز، ٧. هجرت ڪري، نقل مڪاني ڪري، ٨. ڪنهن ٻي، ٩. لوءِ ڏانهن، ملڪ ڏانهن، ڳوٺ ڏانهن. ١٠. اندر گهرن ۾، ١١. ڪٻرن (هڪ قسم جي پکين) جو، ١٢. گوڙ، ١٣. گهرن جي ٻاهران، ١٤. اڏامن، ١٥. هڪ قسم جا پکي جيڪي ڏينهن جو اکين کان نه ڏسڻ ڪري جاين ۾ لڪا ويٺا هوندا آهن ۽ رات جو ٻاهر نڪري پيا اڏامندا آهن. ١٦. راز، ڀيد، ١٧. اوريان، ظاهر ڪريان، ١٨. لاکي جهڙا (ڏاڙيل يا ڦورو)، ١٩. لکن جي تعداد ۾، ٢٠. ٻڌجن، ٢١. ڦلاڻيءَ جو، ڦل جي خاندان واري لاکي ڏاڙيل جو.٢٢. نمونو، ٢٣. ڪان، ٢٤. راجا، راڄيا، ٢٥. ڪوٽن جا، قلعن يا ڳڙهن جا، ٢٦. مالڪ، ٢٧. ڏڪن، ڏڄن، ٢٨. جاڙيجن ڪي يعني ڪڇ ڀڄ جي راجا راءِ ڪنگهار جاڙيجي سمي ۽ انجي خاندان ڪي، ٢٩. سمهڻ جي حالت ۾، ننڊ ۾، ٣٠. خوف، ڏپ، ٣١. ختم ٿئي.

آجَا[١] اوڏَ[٢] تِئَا، پَلِيءِ[٣] لَڳِي[۴] جِنهِن جي.

٥

لاکَا لَکَ سُڄَنِ، آئُون اوڏِڻِ[٥] اڱلِي[٦]،
پَلِيءِ لَڳِي جَنِ[٧]، اوڏَ پِهِ آجَا تِئا.

٦

راءَ[٨] سين رُنَا[٩] جي، تَنِ جَاڙيجَنِ[١٠] جَاڙَ[١١] کِي[١٢]،
کِيئَن[١٣] مَاڻِيندا[١۴] سي، چوڏَهَن چَارو[١٥] کَچِڙو[١٦].

٧

جَاڳُو[١٧] جَاڙيجَا، سَمَا[١٨] سُکَ[١٩] مَ[٢٠] سُمَهو[٢١]،
پَسو[٢٢] آن[٢٣] پَارِئَا[٢۴]، لاکو تو لوڙِيُون[٢٥] کَري.

٨

پُڄِئَان[٢٦] پُلِي[٢٧] نِڳِئو[٢٨]، ڏِيئِي[٢٩] پَابوڙِي[٣٠] پِيرُ،
جيسي ۽ جَسراجَ جو، مَتِي[٣١] واندِين[٣٢] وِيرُ[٣٣]،
کَچِ[٣۴] رَهَندو کِيرُ، لاکو لوڙائُو[٣٥] تِئو.

Gul Hayat Institute

١. آزاد. ٢. اوڏ قوم جا ماڻهو، جن جي هڪ عورت نالي "جسمان" سان لاکي ڦلاڻيءَ (ڪڇ ڀڄ جي سورهيہ ۽ سخي سردار) شادي ڪئي. ٣. پلئہ سان، پاند سان. ۴. لاڳاپو يا واسطو رکي (پلئہ لڳي = پناهہ ۾ اچي، پناري پئي، نسبت رکي يعني ماڻي ڪري). ٥. اوڏ قوم جي عورت. ٦. گدلي، ميري، ڪني، خراب، بدڪار. ٧. جن جي. ٨. امير يا سردار (لاکي ڦلاڻيءَ). ٩. ڪاوڙئا، ناراض ٿئا. ١٠. ڪڇ جي راجا راءِ کنگهار جاڙيجي سمي ۽ انجي خاندان جي ماڻهن. ١١. غلطي. ١٢. ڪئي. ١٣. ڪهڙيءَ طرح. ١۴. هٿ يا قبضي ۾ رکندا. ١٥. چوڏهن چارو = چوڏهن چارن يعني رستن يا واٽن وارو (اهميت جي نشاني). ١٦. ڪڇ جو ملڪ. ١٧. سڄاڳ ٿئو، هوشيار ٿيو. ١٨. اي جاڙيجا، اي جاڙيجا سمان (راءِ کنگهار ۽ ان جا عزيز). ١٩. سک سان، بي فڪر ٿي. ٢٠. نہ. ٢١. ننڊ ڪرئو. ٢٢. ڏسو. ٢٣. اوهان جي. ٢۴. پار ڏي. ٢٥. ڦريون، رهزنيون. ٢٦. ڪڇ ڀڄ کان. ٢٧. جوش ۾. ٢٨. ڪاوڙجي. ٢٩. نڪتو. ٣٠. وجهي. ٣٠. پابوڙي ۾. پاڳوڙي ۾. (اٺ يا گهوڙي تي پيل پاکڙي يا هني ۾ لڳل) رکيب يا رڪاب ۾. ٣١. سان.٣٢. مال جي وٿاڻ، سنگهارن جي عارضي رهائشن. (ٻي معنيٰ) ڇڙين زالن ڪنوارين عورتن. ٣٣. بدلو. عيوض. ٣۴. ڪڇ ۾. ٣٥. ڌاڙيل. ڦورو.

## ٩

پُــجِـئـان پُـلِـي پـيـرُ، وڏو[١] راءَ[٢] رڪاب[٣] ۾،
ڪَڇِ[٤] وِهَندو ڪيرُ، لاکو[٥] لوڙائو تِئو.

## ١٠

لاکو لوءِ بَہ[٦] لوءِ، وڙهي[٧] ويل[٨] سَيَڪنهن،
ڪَرڳل[٩] مَتِي[١٠] ڪَڇڙِي[١١]، پِرهہ ڦُٽِيءَ پوءِ*،
هَي[١٢] تَنِ ڪي هوءِ[١٣]، جَنِ[١٤] اَڻَ سَنيوڙِي[١٥] آيو.

## ١١

لاکو نہ لاهي[١٦]، مَتَان[١٧] هَني[١٨] هَتَڙاءِ●،
گهنيريا[١٩] گهيرُ[٢٠] ڪَري، اُپوئي[٢١] آهي،
ڪُنڌيون[٢٢] سي ڪاهي[٢٣]، خاصِيُون[٢٤] جي ڪَنگهار[٢٥] جُون.

## ١٢

لاکو لَکِيءَ[٢٦] تي چَڙهِي[٢٧]، لَکِي لاکي هيٺِ،
سونَاريُون[٢٨] سَرِ[٢٩] ڪَئو، پيڙَئو[٣٠] بَڌِي بيٺِ[٣١]،
ڏَمَرُ[٣٢] ڪندو ڏيٺِ[٣٣]، صُبح ويل سَيَڪنهِن[٣٤].

---

١. ياتو، ٢. امير يا سردار (لاکي)، ٣. اٺ يا گهوڙي جي پاکڙي يا زمين جي ٻنهي پاسن کان سوار جي پيرن وجهڻ لاءِ لڙڪندڙ لوهہ جي پيرڙي، رڪيب، پاڳوڙي، ٤. ڪڇ ۾، ٥. ڪڇ ملڪ جي هڪ سورهيہ ۽ سخي سردار جو نالو جيڪو بعد ۾ ڏاڙيل ٿيو، ٦. لوءِ بہ لوءِ = ڳوٺ ڳوٺ ۾، شهر شهر ۾، هر هنڌ. ٧. جهيڙو يا جنگ ڪري، ٨. مهل، وقت (ويل سيڪنهن = هر وقت). ٩. هلڙ هنگامون، گوڙ گهمسان، ١٠. تي، ۾، ١١. ڪڇڙي ۾ ڪڇ ۾ *پرهہ ڦٽيءَ کان يا پرڀات ڪانپوءِ يعني صبوح جي مهل کان، ١٢. حيف، افسوس، ١٣. هجي، آهي، ١٤. جن جي مٿان، جن تي، ١٥. اڻ سنيوڙي جي حالت ۾، غفلت جي حالت ۾، ١٦. پري ڪري، ١٧. تان، ١٨. (گهوڙي جي) زين ● هر وقت گهوڙو سواريءَ لاءِ تيار آهي، ١٩. گهنيري (ڪڇ ۾ هڪ مڪان) کان، ٢٠. گهيرو، حملو، ڪاهہ. ٢١. (مٿان) بيٺو، ٢٥٢٢. (ڪنڌين يعني ڳول ۽ وريل سڱن واريون) مينهيون، ٢٣. هٽي يا زوريءَ وٺي وڃي، ٢٤. موچاريون، سٺيون، ناموڪيون، ٢٥. ڪڇ جي حاڪم جو نالو، ٢٦. لاکي جي گهوڙيءَ جو نالو. لکن جي ملهہ واري گهوڙي، ٢٧. سوار ٿئي، ٢٨. سونن ڳنن واريون، تلوارون، ٢٩. تيار، صحي، ٣٠. چڪئو، ڪشئو، ٣١. چيلهہ يا ڪمر (کي سندرو)، ٣٢. ڪاوڙ، ٣٣. ڏيٺ ۾، ڳڏجاڻيءَ ۾، ملاقات ۾، ڪچهريءَ يا رهاڻ ۾، ٣٤. سڀ ڪنهن سان.

## ١٣

لاکو[١] لَکِيءَ[٢] تي چَڙهِي[٣]، لَکِي لاکي سَاڻُ،
چَارِي[٤] چَاڙهِي[٥] آيو، واسِي[٦] رات وَٿاڻُ[٧]،
جَاڙيجَنِ[٨] زِيانُ[٩]، کِيڏو[١٠] کِئو کَڇَ سين.

## ١٤

لَکِي ۽ لاکو، بَئِي مُئا ٻاجَهه[١١] تِي،
قَادِرَ[١٢] لاٿو[١٣] کَڇَ تَان، اَدِيُون[١٤] اولاکو[١٥]،
وانِدِنِ[١٦] ۾ واکو[١٧]، رِبَارِي[١٨] رَهِي[١٩] وِئَا.

## ١٥

نَہ لاکو نَہ لُوڙِ[٢٠]، نَہ آهي اوسيڙو[٢١]،
سُمهو[٢٢] سَنگهَارِيُون[٢٣] سُکَ تِي[٢٤]، سِرِي[٢٥] ڏِيئي سوڙِ[٢٦]،
کَاچِي[٢٧] مَتي[٢٨] کوڙِ[٢٩]، رِبَارِي رَهِي وِئَا.

## ١٦

رِبَارِڻ[٣٠] رِبجهَاءِ[٣١]، لاکو لُولاٺِن[٣٢] سين،
سَائُو[٣٣] مَان نَہ[٣٤] سَنڌِيَاءِ[٣٥]، نِت[٣٦] مَتَائي[٣٧] تَاکُرو[٣٨].

Gul Hayat Institute

١. لاکو ڪڇ جي علائقي جو هڪ سخي ۽ سورهيہ سردار هو. ٢. لاکي جي گهوڙيءَ جو نالو.لکن جي ملهہ واري گهوڙي. ٣. سوار ٿئي. ۴. پهريدار، چوڪيدار، جاسوس. ٥. وني، ٦. ڏسي، جاچي. ٧. چوپائي مال جي بيهارڻ جي جاءِ، واڙ، واڙو. ٨. راءِ ڪنگهار جاڙيجي ۽ انجي عزيزن. ٩. نقصان، هاڃو. ١٠. تمام وڏو. ١١. (خدا جي) مهرباني. ١٢. قدرت واري، سگهاري، خدا تعاليٰ. ١٣. ختم ڪئو. ١۴. اي اديون. اي ڀينر. ١٥. پريشاني، مصيبت، فڪر، ڳڻتي، انتظار. ١٦. ڳوٺن ۾ رهندڙ ماڻهن. ١٧. هل يا گوڙ (خوشيءَ وچان). ١٨. ربٻاري قوم جا ماڻهو جن لاکي جي دوستن جسي ۽ جسراج کي قتل ڪيو هو. ١٩. بچي، سلامت رهجي. ٢٠. ڦر، رهزني. ٢١. انتظار، الڪو، خوف، خطرو. ٢٢. ننڊ ڪرئو، آرام ڪريو. ٢٣. اي سنگهاريون يعني سنگهارن يا مالوندن جون عورتون. ٢۴. سک سان، بي فڪر. ٢٥. سري کي، مٿي کي. ٢٦. سوڙ، رضائي، گديلو، پٿرائي. ٢٧. ڪڇ. ٢٨. ۾. ٢٩. ڪوڙيين، تمام گهڻا. ٣٠. اي ربٻاري قوم جي عورت (جنهن تي ڪڇ جو حاڪم راءِ ڪنگهار عاشق هو). ٣١. راضي ڪر، پرچاءِ. ٣٢. آزين نيزارين، منٿن. ٣٣. بهادر (لاکو). ٣۴. مان نہ = شل. ٣٥. تنهنجي. ٣٦. ڳونڙو، مال جو وٿاڻ. ٣٧. بدلائي، نظرانداز، ڪري. ٣٨. نڪر، راجپوت (لاکو).

## ١٧

ريبارڻ[١] روئي[٢]، واڙي[٣] پاتا[٤] وچڙا[٥]،
سمورا[٦] سوئي، هٽي[٧] سات[٨] هيڪلي[٩].

## ١٨

رڙي[١٠] ريبارڻ روءِ، اُپي[١١] ڏنگهر[١٢] جهل[١٣][١٤]،
ٻڙي[١٥] هتان ٻل، ڪيترِبون[١٦][١٧] ڪاهي وئا[١٨].

## ١٩

رڙي ريبارڻ روءِ، اُپي ڏنگهر ڍار[١٩]،
وڃن اڄ وڳ[٢٠] هٽئو، سُئم[٢١] جي سوار[٢٢]،
ڪاڇي[٢٣] ٻنهي پار[٢٤]، ڏاڪو[٢٥] هن جو دسين[٢٦].

## ٢٠

رڙي ريبارڻ روءِ، واڙي پايو وچڙا،
ڪرا[٢٧] ويڻ[٢٨] ڪنگهار[٢٩] کي، چنچل[٣٠] اُپي[٣١] چوءِ[٣٢]،
واڙي[٣٣] وڇ[٣٤] نه ڪو، لاڪو لوڙائن سين.

Gul Hayat Institute

١. ريباري قوم جي هڪ عورت، جنهن تي ڪڇ جو حاڪم راءِ ڪنگهار عاشق هو. ٢. اکين مان ڳوڙها وهائي، آهہ و ٻڪا ڪري، ٣. واڙي ۾. واڙ ۾، وٿاڻ ۾. ۴. وڏا، پوريا. ۵. چوپائي مال جا ڦر يعني ٻچا. ٦. سڀ. ٧. ڦري، زوريءَ کسي. ٨. چوپائي مال جا ڌڻ يا ولر. ٩. اڪيلي. ١٠. دانهون ڪري، آهہ و فغان ڪري. ١١. روئي. ١٢. بيٺي. ١٣. ڏنگهر (گهر جي چوڌاري بچاءَ لاءِ ٻير وغيره جي وڻ جي ڪنڊن وارين ٽارين جي ڏنل لوڙهي) جي. ١۴. ٻر ۾، ٻاسي ۾. ١۵. اي ٻڙي، اي ادي، اي ڀيڻ. ١٦. ڪير ڏيندڙ ۽ ٻليون ڏڳيون يا مينهيون. ١٧. تمام گهڻي انداز ۾. ١٨. هٽي، ڦري. ١٩. وٽ. ٻر ۾. ٢٠. چوپائي مال جا ڌڻ يا ولر. ٢١. مون سئا. مون ٻڌا. ٢٢. انن ۽ گهوڙن تي سوار ٽيل (ڌاڙيل). ٢٣. ڪاڇي جي، ڪڇ ملڪ ۾ جبل جي پاسي واري علائقي ۾. ٢۴. پارن ۾، طرفن ۾. ٢۵. ڌاڪ. خوف، هراس. ٢٦. دِسين يعني ڏسين تائين يا ملڪن تائين (پکڙيل). ٢٧. صحي، سخت، تکا. ٢٨. طعنا، سخن، ٻول، ڳالهيون. ٢٩. ڪڇ جي حاڪم جو نالو. ٣٠. البيلي، لاڏلي، چلولي، سهڻي. (ريبارڻ قوم جي ان عورت ڏانهن اشارو آهي جنهن تي راءِ ڪنگهار عاشق هو). ٣١. بيٺي، بيٺي. ٣٢. چئي. ٣٣. واڙي يا وٿاڻ ۾. ٣۴. چوپائي مال جو ٻچو يا ڦر.

## ٢١

تَاتُوڪِين[١] پَلاڻَ[٢]، سَدا هَٿَنِ ڪَر[٣] ڪَرا،
لاڪي[۴] لوڙائُن[۵] جا، اهَڙائِي[٦] اُهڃَاڻَ[٧]،
تَنگَنِ[٨] ڏيئي[٩] تَاڻَ، ڪُوڪَ[١٠] ڪارِيندا[١١] ڪَچِڙي[١٢].

## ٢٢

لاکي لَڄَ[١٣] ڪَنئي[١۴]، آسَان اوڏَڻِين[١۵] جي،
ڪَندو ڪَانَہ ٻِي[١٦]، اَڪَ[١٧] وِسُوڙي[١٨] آهِيَان.

## ٢٣

لاڪا[١٩] لَڄَ[٢٠] سَنديَاءِ[٢١]، اوڏ[٢٢] اَڪَلِي[٢٣] آهِيَان،
پَڪا[٢۴] سي پَرتَاءِ[٢۵]، جي اَجهي[٢٦] تُنهِنجي اَڏِتَا[٢٧].

## ٢۴

ڍِنگهر[٢٨] ڍِلو[٢٩] مَ[٣٠] ٿِئي، اَڏِئو جو اوڏِن[٣١]،
جَنهِن[٣٢] پَرِ[٣٣] وِهي[٣۴] ڪَنِ، ليکو لاکِي جَامَ[٣۵] سين.

## ٢۵

اَڏِيندي[٣٦] اوڏِن، لَڏَڻَ[٣٧] جِي ڪَا[٣٨] نَہ ڪِي[٣٩]،

---

١. چنبرين ڦوڪين، صاف ڪن. ٢. انن تي بار کڻڻ لاءِ پٺيءَ تي ٻڌڻ لاءِ ڏيڻ ۽ ڪکن سان ڀريل ڳوٿين جا پاکڙا. ٣. انن يا گهوڙن جي بدن تان مٽي وغيره چنبڙ لاءِ اوزار. ۴. لاکي جي. ۵. ڏاڙيل ساٿين. ٦. ان قسم يا نموني جا. ٧. پار، نشان. ٨. تنگن کي، انن يا گهوڙن جي پلاڻن يا زين کي، سندن پٺن تي سوگهي ٻڌڻ لاءِ ڏاس يا چمڙي جي پٽن کي. ٩. ڇڪ، ڪشش (تنگن ڏيئي تاڻ = انن يا گهوڙن تي چڙهي). ١٠. دانهن. ١١. ڪرائيندا (ڦريون ڪري يا ڏاڙا هڻي). ١٢. ڪچڙي يعني ڪچ (جي ماڻهن) کي. ١٣. ننگ، ناموس، عزت، آبرو. ١۴. (پنهنجي) ذمي ڪئي. ١۵. اوڏ قوم جي عورتن (جن مان هڪ سان لاکي شادي ڪئي هئي). ١٦. ٻيءَ طرح، ٻي نموني. ١٧. اڪيئي. ١٨. (مونکي) ويساهہ يعني اعتبار يا يقين آهي. ١٩. اي لاکا. ٢٠. ڙال، ننگ. ٢١. تنهنجي. ٢٢. اوڏڻ، اوڏ قوم جي عورت. ٢٣. گدلي، کني، ڪچري، خراب، بدڪار. ٢۴. ڪکن مان ٺهيل گهر، جهوپا، پنگا. ٢۵. توکي پرتا آهن، تنهنجي حوالي يا سپرد آهن. ٢٦. اجهي تي، آسري تي، ڏڍ تي. ٢٧. ٺهيا، جڙيا. ٢٨. ڍنگهرن يعني ٻير وغيره جي وڻ جي ڪنڊن وارين ٽارين جي ٺهيل لوڙهي يعني عالم پناهہ جي وچم اڏيل ڪکائون گهر. ٢٩. ويران،سڃو، خالي، تباهہ، برباد. ٣٠. نہ. ٣١. اوڏ قوم جي ماڻهن، مٽيءَ جون پٽيون جوڙيندڙن. ٣٢. جنهن جي. ٣٣. ٻر ٻر، پاسي ٻر. ٣۴. حال احوال. ٣۵. سردار. ٣٦. (گهرن) اڏڻ يا ناهڻ وقت. ٣٧. هجرت ڪرڻ يا نقل مڪاني ڪرڻ. ٣٨. ڪا ڳالهہ. ٣٩. ڪئي.

لاڪو[1] مَتان تَنِ، اوچِتو[2] وِئي آيو[3].

**٢٦**

اَڏي اَڏي[4] اولَ[5]، ڇَڏي وِئا پيٽِيُون[6]،
تِڪاڻا[7] ۽ تُولَ[8]، پِئا آهِن پَٽَ ۾*.

**٢٧**

اَڏي اَڏي اوڏَ[9]، ڇَڏي وَهِئا[10] پيٽِيُون،
ڪُوڏارا[11] ۽ ڪوڏَ[12]، پِئا آهِن پَٽَ ۾.

**٢٨**

اَڏي وِئا اوڏَ، حُجرو[13] لاکي ڄامَ[14] جو،
پَسُ ڪوڏارا[15] ۽ ڪوڏَ، پِئا آهِن پَٽَ ۾.

**٢٩**

ڇِنَلَ[16] ڇَڄَ هَٿَنِ ۾[17]، ڪُلَهَنِ[18] ڪوڏارا،
پورهِيي[19] ڪارَڻ[20] پيٽَ جي[21]، اُٿيَنِ[22] سَوارا[23]،
اوڏَ پِيو بيچارا[24]، لاڪا[25] وَڃَنِ لَڏِئو[26].

---

١. لاکي نالي ڪڇ جي علائقي ۾ هڪ سخي ۽ سورهيہ سردار هو. ٢. اچانڪ، اتفاق سان، قسمت سان. ٣. اچي اوڏن جي عورت سان شادي ڪئي. ۴. اڏي اڏي = تمام گهڻي انداز ۾ اڏي، ناهي يا جوڙي. ۵. اولا، ڪکائان گهر، جهوپڙا، پنگا. ٦. ماڳ، هنڌ، جايون. ٧. تڪڻ يعني رهڻ جون جايون. گهر. ٨. سامان، گهرو اسباب * ميدان ۾ خالي لاوارث ٿئا پئا آهن. ٩. اوڏ قوم جا ماڻهو جيڪي مٽيءَ جون پتيون ٺاهيندا آهن. ١٠. وئا. ١١. ڏکهي منهن وارين لوهہ جي ڪوڏرن جو هڪ قسم جنهن سان اوڏ ڪڏن مان مٽي ڪٽي جاين جون پتيون جوڙيندا آهن. ١٢. زمين ۾ پيدا ٿيندڙ اچي قسم جا ڪوڏيءَ جي مثال ڪوپا (جيڪي اوڏ جاين ٺاهڻ وقت مٽيءَ مان ڪڍي اڇلي ڇڏيندا آهن). ١٣. جاءِ، گهر. ١۴. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب). ١۵. ڏس. ١٦. ٽنل، پراڻا. ١٧. سر جي ٻوٽي جي ڪانن يا لئي جي وڻ جي سنهين ڪاٺين مان ٺهيل ٽوڪرا، جن سان ڪڏن مان مٽي ڪٽندا آهن. ١٨. ڪلهن تي، موندن تي. ١٩. ڪمائيءَ، پيٽ قوت. ٢٠. واسطي، لاءِ. ٢١. روزيءَ. ٢٢. ننڊ مان اٿن. ٢٣. سويل. ٢۴. مسڪين، نماڻا، عاجز، بي واها. ٢۵. اي لاڪا. ٢٦. هجرت ڪريو. پرديس پڌارئو. نقل مڪاني ڪرئو.

## ٣٠

جي[١] تون اوڏ[٢] طلبيين[٣]، تئان[٤] هت نہ ڪوءِ،
وِيا لاڪي[٥] لوءِ[٦]، سنجهي[٧] تنگي[٨] تنگڙا[٩].

## ٣١

چوري[١٠] چنجورن[١١] سين، ڪوتي ڪنيائون ڪوهہ[١٢]،
لاڪي سندي[١٣] ڳالهڙي[١٤]، رکيائون منجهہ روح[١٥]،
پڌر[١٦] ناهہ پابوهہ[١٧]، اندر[١٨] اورڻ[١٩] پرينءَ[٢٠] سين.

## ٣٢

چلئا ڪٽي[٢١] چنجور، اوڏ الوڙي[٢٢] پڪڙا[٢٣]،
ڪنيائون[٢٤] تنهن ڪوڻ[٢٥]، جيڏانهن لاڪي لڏئو[٢٦].

## وائي

اوڏڻ[٢٧] اوڏي[٢٨] آءُ، توکي لاڪي ڪوٺئو[٢٩]،
سندو[٣٠] متيءَ[٣١] مامرو[٣٢]، لٿو[٣٣] تو[٣٤] متان،
راڻيئون[٣٥] گهٽيون راڄ ۾[٣٦]، تو تي ريڌو[٣٧] راءُ[٣٨].

Gul Hayat Institute

---

١. جيڪي. ٢. اوڏ ذات جا ماڻهو جيڪي ڪڏن مان مٽي ڪٽي ماٺهن جي جاين جون پِتيون جوڙيندا آهن. ٣. طلب ڪرين ٿو، چاهين ٿو، سڏڻ گهرين ٿو. ۴. تن مان. ۵. لاڪي جي. ٦. لوءِ ڏانهن، ڳوٺ ڏانهن، ملڪ ڏانهن. ٧. سنجهي يعني سنجها جي مهل ٿي، سج لهڻ مهل ٿي. ٨. گڏهن تي ٻڌي يا لٽڪائي. ٩. نوڙين مان نهيل ڄاريدار خرزينون، جيڪي اوڏ گڏهن تي رکي انهن ۾ جاين ٺاهڻ لاءِ مٽي ڪڻندا آهن. ١٠. تحرڪ ۾ يا چرپر ۾ آڻي. ١١. تيڪمن، لوهہ جي اوزارن جو هڪ قسم جن سان زمين ۾ کڏون کوٽيبيون آهن. ١٢. زمين اندر، پاٽيءَ حاصل ڪرڻ لاءِ کوٽيل اونهيون کڏون. چاهہ. ١٣. جي. ١۴. ڳالهہ. گفتگو. سخن. ڪلامُ. ١۵. دل، من. ١٦. ظاهر. ١٧. مرڪ، مشڪ، چپن ۾ کل. ١٨. اندر ۾، ڳجهي نموني. دل ۾. ١٩. اظهار ڪرڻ، بيان ڪرڻ. ٢٠. محبوب. ٢١. هلئا. ٢٢. پٽي، ڏاهي. ٢٣. ڪکن جا گهر، ڇپر، جهوپڙا. پنگا. ٢۴. ڪٽي وئا، لڏي وئا. ٢۵. پاسي، طرف. ٢٦.نقل مڪاني ڪئي. ٢٧. اي اوڏ قوم جي عورت (جنهن سان لاڪي شادي ڪئي هئي). ٢٨. ويجهي، نزديڪ. ٢٩. سڏيو. گهرايو. ٣٠. جو. ٣١. خاڪ يعني قبر. ٣٢. معاملو. آزار. مصيبت. ٣٣. ختم ٿئو. ٣۴ تنهنجي. ٣۵. راجائن يا بادشاهن جون زالون. ٣٦. ملڪ. ٣٧. راضي ٿئو. ٣٨. امير يا سردار (لاکو).

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

# سُرُ ڏَهَرُ

## داستان انون

١

وَڳَ[١] نہ وارِئَائُون[٢]، چَارِيءَ[٣] جو چَيو[٤] ڪَري[٥]،
تَڏهِين سَارِئَائُون[٦]، جَڏهِين هَيِنِ[٧] جو هُلُ[٨] ٿئو.

٢

وَڳَ مَ[٩] وِسَاريجِ[١٠]، هَاڻُو[١١] ٿو هُلي[١٢]،
مَتي[١٣] پُڄَ[١٤] پُلي[١٥]، لاکو[١٦] لُوڙائُنِ[١٧] سين.

٣

خَبَرَ[١٨] ٿِئي ڪِلَنْ[١٩]، سُٽِي[٢٠] پَوُ نہ[٢١] پَچِٽَان[٢٢]،
چَارِيءَ مَتَانَ[٢٣] چَتَرُون[٢٤]، پَاٽا[٢٥] اُپَا[٢٦] ڪَنِ،
لاکو مَتَان تَنِ، اَڻَ[٢٧] سَنيُوڙي آيو[٢٨].

٤

والِي[٢٩] وَڳَ مَ[٣٠] ڏارِ، هِنَ پَرائي[٣١] ديسَ[٣٢] ۾،

---

١. چوپائي مال جا ڌڻ يا ولر. ٢. واپس ڪئائون، موٽايائون (غفلت سبب). ٣. چوڪيدار، خبر ڏيندڙ، جاسوس. ۴. چوڻ، صلاح. ۵. مجي، قبولي. ٦. هنن سارئو يا سنڀاليو يا خيال ڪئو. ٧. مئن يا ملن يا مصيبت پين (ڌاڙيوالن). ٨. گوڙ، ڳالهاءُ. ٩. نہ. ١٠. تون وسارج يا پوئتي ڇڏج يا ڀاڻ ڪان ڌار ڪج. ١١. ڦورو، ڌاڙيوالَ، مال هٽندڙ يعني چورائيندڙ. ١٢. سُجي، ٻُڌجي. ١٣. ۾. ١۴. ڪڇ ڀڄ جي ملڪ. ١۵. تاب يا ڪاوڙ ڪري، ڀٽي، هلي. ١٦. لاکو ڪڇ جي علائقي جو هڪ سخي ۽ سورهيہ سردار هو. ١٧. ڌاڙيلن سائين. ١٨. سڏ. ١٩. مزاق ڪن، چٿرون ڪن، ٺوڪون ڪن، کندو ڪن. ٢٠. ٻڌي. ٢١. ڀَوَ يعني خوف يا خطري جي خبر. ٢٢. ڀڄڻ يعني فرار ٿيڻ جو خيال ڪن. ٢٣. تان. ٢۴. ٺوڪون. ٢۵. ڀاڻ، ويتر. ٢٦. بيٺا، پيا. ٢٧. اڻ سنيوڙيءَ حالت ۾، غفلت جي حالت ۾، اوچتو. ٢٨. حملي آور ٿئو. ٢٩. اي والي، اي ڀاڳيا، اي چوپائي جا ڌڻي. ٣٠. تر ساءِ، روڪي وهار، رَهاءِ. ٣١. ڌاريين، ٻين جي، غيرن جي. ٣٢. ملڪ، ڏيهہ.

چِيهو[1] چِلَڙُ[2] چِڪَ[3] تَي[4]، وَڳَ[5] اَتائِين[6] وارِ[7]،
ڏِئُمِ[8] ڪالَهہَ[9] پَرارِ[10]، لاڪو[11] لوڙائُنِ[12] سَبِن.

**٥**

جُهري[13] ڏِيئِي[14] جهوڪَ[15]، بَنِئان[16] ٻَهرَ[17] مَ نِڪِرو،
لُوٽي[18] مَتان[19] لوڪَ[20]، لاکي گَهٽا لَڏائِيا[21].

**٦**

چَڪَرُ[22] چوري ڏارَ[23]، لَڪَ[24] سَيِنءَ[25] لاکي جامَ[26] جو،
گهوڙا گهوٽَ سُوارَ*، ڪوهہَ[27] جاڻان ڪيئِن[28] وِئا.

**٧**

هيٺِ[29] ڪَٽو[30] ميرو[31] مَٽو[32]، لَڳَ[33] پَڪُلِئا[34] ڏُوڙِ[35]،
اُٿِيَنِ جي اَسُورِ[36]، لاکا[37] جِمَ[38] لَڄائِيِن[39].

**٨**

وِيٺي[40] مَنجهہ وَٿاڻَ[41]، ڪَنڌَ[42] جهلِين[43] ٻَڪرا[44]،
تو تي تو[45] ڏَٿِينِ[46] جي، آهي اهائي آڻَ[47]،
اوچِتا پَرِباڻَ[48]، آهِين ڏَڻَ[49] ڏَٿِين جا.

Gul Hayat Institute

١. ڳاهہ جو هڪ قسم، جيڪو مينهن جي اوائلي وسڪاري تي ايرندو آهي، اُن جو رس ڳاڙهي رنگ جو ٿيندو آهي. ٢. ڳاهہ جو هڪ قسم. ٣. گهڻو، جام. ۴. اٿيئي، تو وٽ آهي. ۵. وڳ کي چوپائي مال جي ڌڻ يا ولر کي. ٦. هن جاءِ تان ئي، هن ماڳ تان ئي. ٧. موٽاءِ، واپس ڪر. ٨. مون ڏنو. ٩. اڄ کان هڪ ڏينهن اڳ، گذريل ڏينهن. ١٠. پرئين پار، ٻي پار يا طرف. ١١. لاکو ڪڇ جي علائقي جو هڪ سخي ۽ سورهيہ سردار هو. ١٢. ڌاڙيل ساٿين. ١٣. جُهري ۾ (جهرو ڪڇ جو هڪ جبل آهي). ١۴. ڪري. ١۵. وهڪ، منزل، وٿاڻ. ١٦. ٻنيءَ کان (سنڌ ۽ ڪڇ جي ٿر واريءَ ايراضيءَ ۾ هڪ علائقو آهي جنهن کي ٻنيءَ جي نالي سان سڏبو آهي، جنهن کي "ڏاڏي آدم جي ٻني" بہ چوندا آهن). ١٧. ٻاهر. ١٨. ڪڇ ۾ هڪ جبل. ١٩. تان. ٢٠. ماڻهو، خلق. ٢١. ڌوڙائي يا هڪالي ڇڏيا. ٢٢. ڦيرو، گهمرو، حملو. ٢٣. اوڏ قوم جي عورت جي (جنهن سان لاکي شادي ڪئي) ڪکائين گهر (جيڪو بناوٽ ۾ گول ٿئي ۽ ان جي ڇت خرطومي ٿئي). ٢۴. وٽ. ٢۵. لَڪ سينءَ = ٿوري وقت ۾، هر هر. ٢٦. سردار. *گهوڙا ۽ انهن تي سوار ٿيل گهوٽ يعني جوان. ٢٧. ڪوهہ ڄاڻان = خبر نہ آهي. ٢٨. ڪيڏانهن. ٢٩. بدن جي هيٺين حصي تي. ٣٠. ڪٽي (سادي ڪپڙي) جي گوڏ. ٣١. مٽيءَ سان ڀريل. ٣٢. سِرُ. ٣٣. (بدن جا) عضوا. ٣۴. ڀريل. ٣۵. ڌوڙ يعني مٽيءَ سان. ٣٦. اسر جي مهل، فجر جو (ٻورهيي لاءِ). ٣٧. اي لاکا. ٣٨. متان. ٣٩. شرمسار ڪرين. ۴٠. وهڻ جي حالت ۾. ۴١. چوپائي مال وهارڻ جي جاءِ. ۴٢. ڪنڌ مان، سسيءَ مان. ۴٣. وٺين، پڪڙيو ويندين. ۴۴. اي ٻڪر. ۴۵. تنهجي. ۴٦. مالڪن. ۴٧. بندُ، روڪ، جهل. ۴٨. پهہ، خيال. ۴٩. ڌڻ جي، ولر جي، وڳ جي.

## ٩

اَڄُ[1] گُهرجين[2] يارَ[3]، بَدامَاٽي[4] بُنِرا،
ڪَاڇي[5] بَئي بَارَ[6]، اَڇي ويرِيَن[7] وِيڙهِئا[8].

## ١٠

اَڄُ گُهرجين تُون هِتِ، بَدامَاٽي بُنِرا،
پَڪي[9] پيئي[10] پِٽ[11]، واٽُون[12] ويرِيَن لاٰيُون.

## ⑪

اَڄُ گُهرجين تُون، بَدامَاٽي بُنِرا،
مَٿان اَڇي مُون[13]، ويرِيَن واٽُون لاٰيُون.

## ⑫

اُٺي اُٺي لاهِه، ڏولا[14] ڪَرِ پَاهَرِيُون[15]،
بَابَلَ[16] مينهَڙِيُون، تو پَهِيَاجَرَ[17] ڏِنِيُون[18].

## ١٣

پُورِيين[19] پَانڌَ[20] تَمَنِ[21]، جَهگَهُ[22] جَهاڳي[23] آيُون،
ڪَاڇو مينهَڙِيُنِ[24]، مُندائِتو[25] مَاٽِئو[26].

Gul Hayat Institute

---

١. اڄوڪي ڏينهن تي، هن وقت، هينئر. ٢. ڪيين. ٣. اي يار، اي دوست. ۴. بدام جا حاڪم (بدين ضلعي جي ٺندي باگي تعلقي جي اترئين اڌ ۾ ميرپور خاص ضلعي جي ڊگري تعلقي جي ڏاکڻين اڌ کي بدام چئبو آهي جتي پراڻي زماني ۾ بُنِرو (پُنرو) نالي هڪ سردار راڄ ڪندو هو ۽ اوڪيءَ ويل آس پاس جي ماڻهن جي واهر ڪندو هو ان ڪري جيڪڏهن ڪنهن به پاڙي واري کي تڪليف ٿيندي هئي ته بنري کي پڪاريندو هو). ٥. ڪاڇي جا. (ڪڇ ۾ جبل جي پاسي واري علائقي). ٦. پاسا، طرف. ٧. دشمن. ٨. گهيري ۾ ڪئا. ٩. پڪي (ڪکن جي ٺهيل گهر) کي، پکي ۾. ١٠. لڳي. ١١. (ڪلراٺي) مٽي، ڪلر (پکي پيئي پٽ = پکو يعني پنگو ڪمزور ٿي ويو آهي). ١٢. رستا. گس. پيچرا (واٽون لايون = حملا شروع ڪئا). ١٣. منهنجي. ١۴. ڪول (مينهن جي واري جو در). ١٥. روانيون (جهنگ ۾ چرڻ لاءِ). ١٦. بابي يعني پيءُ (منهنجي). ١٧. توکي. ١٨. پهاجر طور. کير پيئڻ لاءِ (اُکيون نہ). ١٩. پورن وارين جا. سگن وارين (مينهين) جا. ٢٠. پاسا. ٢١. پاٽي تمائين يا ڦڙ ڦڙو ڪري ڳاڙين. ٢٢. اونهون پاڻي، درياهه. جهاڳ پاٽي. ٢٣. تري، لتاڙي، لنگهي. ٢۴. مينهين. ٢٥. وقتائتو، مهلائتو، پوري يا صحي وقت يا مهل ۾. ٢٦. لطف يا مزي سان چري ڍؤ ڪئو، مزي يا آرام سان لتاڙيو يا پيلئو.

## وائي ١

وِهَان[١] ڪِيئَن[٢] پَنِيورَ[٣] ۾، مُنهِنجو سَاهُه[٤] وَهِيو[٥] سِيٽَان[٦] آيل آيل![٧]،
مَادَرِ[٨] پَايُو[٩] مُنديُون، ڪُوڪِيَان[١٠] وَرُ[١١] ڪِيٽَان[١٢]،
سو ڪِيئَن هِينئَڙو[١٣] جَهلئَان[١٤]، جِهجّي[١٥] جو ڪِيٽَان[١٦]،
مُون ڪي وِئَڙا[١٧] نَه وِسِري[١٨]، هُو جي نِينهَن[١٩] پَرِئَا[٢٠] نِيٽَان[٢١].

## وائي ٢

هَاڙهِي[٢٢] ويندا هوتَ[٢٣] مُئيءَ[٢٤] جَا، آيَلِ جِيجَلِ[٢٥] آن[٢٦] ڪي ڏَنَا،
بَرَ[٢٧] ۾ بِرَهِمَڻِ[٢٨] ڪي، چَپِّرَ[٢٩] تان نَه[٣٠] چَڏِيندا،
مُوتِي هِن پَنِيورَ ۾، واڳَ[٣١] شَالَ[٣٢] وارِيندا[٣٣].

Gul Hayat Institute

---

١. ترسان، رهان، ٢. ڪهڙيءَ طرح، ٣. ٺٽي ضلعي ۾ گهاري جي ڳوٺ کان ڪجهه مفاصلو پري اولهه طرف هڪ ڳوٺ جتي سسئي رهندي هئي، ٤. جان، محبوب، ٥. ويو، ٦. انهن (پنهونءَجي پائرن) سان، ٧. اي آيل، اي امڙ، اي جيجل، ٨. اي مادر، اي امڙ، ٩. پايو منڊيون = هڪ هٿ جون آڱريون ٻي هٿ جي آڱرين سان ملايو، هٿ ادب جا ٻڌيو، منٿون يا آزيون ڪيو، ١٠. واڪا ڪريان، دانهون ڪيان، سڏ ڪريان، ١١. بهتر، ١٢.ڪٿن کي، انهن کي، ١٣. هنيون، دل، من، ١٤. روڪيان، پليان، ١٥. غم يا ڳڻتيءَ ۾ ڳري، نجهري، ١٦. انهن لاءِ، ١٧. وٺا، ١٨. دل تان لهي، ١٩. نينهن سان، محبت يا پيار سان، ٢٠. پريل، ٺمٺار، چڪار، ٢١. انهن جا نيڻ، انهن جون اکيون، ٢٢. هاڙهي جبل ڏانهن، ٢٣. محبوب، ٢٤. (عشق جي) ماريل، فنا ڪيل، ٢٥. اي آيل، اي جيجل، اي امڙ، ٢٦. اوهان، ٢٧. رڻ پٽ، بيابان، ٢٨. سَسئيءَ (جيڪا ذات جي برهمڻ هئي)، ٢٩. ڇپر ۾، جبل ۾، ٣٠. اصل، هرگز، ٣١. مهار، اٺ کي هلائڻ لاءِ ان جي نڪ ۾ ٻڌل نوڙي يا ڏور، ٣٢. مان نه، من، خدا ايئن ڪري، ٣٣. ڦيرائيندا، واپس ڪندا.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرَ جَاجڪَاڻي عرف وهاڳڙو

## داستان پهريون

### ١

مُوڙهو[1] پُٽين[2] مَگَنَٽَا[3]، ڪيڏانهَن[4] هُئين ڪَالَهَہ[5]،
لَنگهَا چَڏ لطيف چَئي، اُجهَڻ جَا افعالَ[6]،
سَبَرَ[7] دَرِ[8] سُوالَ[9]، ڪَرِ تَہ قِيمَتَ[10] ميڙِين[11].

### ٢

سَبَرَ سَاهَہ[12] پَسَاهَہ، جَاجَڪَ[13] جِمَ[14] وِسَارِين[15]،
رِبهي[16] رُپي[17] سَنديُون[18]، تَندُون[19] تُنبي[20] ڪي پَاءِ[21]،
لَنگهَا تُون لِيلاءِ[22]، اِگِئَان اُنَڙَ جَامَ جي.

### ٣

ڪَا ڪِيرَتِ[23] سَنيَاهَہ[24]، چَارَڻَ[25] چوتَاٽيءَ[26] مَٽيِ[27]،
وَائي[28] جَاٽي سَيَڪَا[29]، جيڪَا ڪَرِين سَا،
لَنگهَا تُون لِيلاءِ، اِگِئَان اُنَڙَ جَامَ جي.

Gul Hayat Institute

---

١. موڳو ٿيو، ملول يا غمگين ٿئو. ٢. ڦرين، رُلين، اُجهين. ٣. اي مڱڻا، اي مڱڻهار، اي لنگها، اي جاجڪ، اي ٻينار يعني پنڻا فقير. ٤. ڪٿي. ٥. اڄ ڪان هڪ ڏينهن اڳ (جڏهين سنڌ جي مشهور "سما" گهراڻي جي سخي حاڪم ڄام سپڙ، جيڪو اُنڙ ڄام جي نالي سان بہ مشهور هو ۽ جيڪو ڪڇ جي رڻ ۾ ڪڇ واري ڪناري جي قريب "ٻيلي" جي ڀيٽ سان گڏ ننگر پارڪر تعلقي واري الهندئين ڀاڱي ۾ مٺي تعلقي جي اڀرندئين ڀاڱي واريءَ ايراضيءَ تي جنهنکي "چوتاڻو يا چوتاڻ" سڏيندا هئا تي حڪومت ڪندو هو ان خيرات ۽ دان پئي وراهيا). ٦. ڪَمَ، عادتون. ٧. سما گهراڻي جي مشهور سخي سردار سپڙ يا سبڙ جي. ٨. در تي. ٩. عرض، صدائون. ١٠. قيمتي يا بي بها بخششون يا دان، مال خزانا. ١١. حاصل ڪرين. ١٢. ساهہ پساهہ جي برابر، گهڙيءَ برابر، ڪَنَ برابر. ١٣. اي جاجڪ. ١٤. متان، مڃڻ. ١٥. دل تان لاهين. ١٦. پڳهاري، رجائي، (تؤ ڏيئي) نرم ڪري. ١٧. چانديءَ. ١٨. جون. ١٩. تارون. ٢٠. وڄائڻ جي سازَ، سُرندي. ٢١. لڳاءِ. ٢٢. آزي نيزاري ڪر، منٿ ڪر، عاجزي ڪر. ٢٣. وڄائڻ جو ساز، قصيدو، مداحَ، راڳڻي. ٢٤. تيارَ ڪري هل. ٢٥. اي چارڻَ، اي راڳيندڙ فقير، اي مڱڻهارَ فقير. ٢٦. ڄام سبڙ، جنهنکي "چوتاڻ يا چوتاڻي" تي حڪومت ڪرڻ جي حوالي سان چوتاڻي چوندا هئا. ٢٧. ڏانهن. ٢٨. ڳالهہ، گفتگو، (خيرات لاءِ)، صدا يا سوال. ٢٩. پروڙي، سمجهي.

## ۴

اُٺي وَرَ اوناءِ، دانهُون دَنبُورَنِ جُون،
اڳِئان اُنَڙَ ڄامَ جي، لَنگهَا تُون لِيلاءِ،
جُوزِ تَنڊُون ڪَرِ ڄاءِ، مَتان سَبَزَ جو سَڌُ ٿِئي.

## ۵

ميرا پِسي مَڱَتَا، سَبَزَ سَڌَ ڪِئَا،
سِپُوجَهن سُئَا، اَبُوجَهنِ جو آسِرو.

## ٦

اُٺئو اَبوجَها، سَبَزَ جو سَڌُ ٿئو،
جيئَن اَئِين ڪِيرَت ڪَٿُ نَہ سِکِئَا، تيئَن پَاڻان رِيڌو راءُ،
مَڱو مُون مُلان، اَئُون اَوهان جو آهِيان.

## ۷

تُون سَبَزُ آئُون سِيڪِڙُو، تُون صَاحِبُ آئُون سَگُ،
پُڇي تُنهِنجو پَگُ، ڪُلهي پَاتُمِ ڪِينرو.

Gul Hayat Institute

١. اي ور، اي دوست، اي يار. ٢. سَنَ، ٻڌ. ٣. آواز. ۴. سرندن. ۵. سنڌ جي "سما" گهراڻي جي سخي سردار "ڄام سبز" جيڪو ڪڇ جي رڻ ۾ ڪڇ جي ڪناري جي قريب "ٻيلي" جي ڀيٽ سان ڳڏ ننگر پارڪر تعلقي جي الهندئين پاڳي ۽ مٺي تعلقي جي اڀرندئين پاڳي واريءَ ابراضيءَ تي حڪومت ڪندو هو. ان کي "اُنڙ ڄام" بہ چوندا هئا. ٦. اي لنگها. اي مڱڻهار، اي مڱتا. ٧. آزي نيزاري ڪر. منٿ يا عاجزي ڪر. ٨. صحي يا درست ڪر. ٩. تارون. ١٠. ڄاءِ تي. ٻوري يا صحي هنڌ تي. ١١. نِڪار، طلب. ١٢. گدلا. ڪنا. ڪِچرا. بدصورت. ١٣. ڏسي. ١۴. هوش يا سمجهہ وارن. ١۵. ٻڌا. ١٦. ٻنان سمجهہ وارن. ٻورڙن. ڳهيلن. ١٧. اميد. ڏڍ. سهارو. ١٨. اي اٻوجها. اي بي سمجهو. ١٩. جيتوڻيڪ. ٢٠. اوهين. ٢١. بادشاهن جي شان ۾ مداح. راڳ. ٢٢. هرگز. مور. ٢٣. تنهن هوندي بہ. ٢۴. ازخود. خودبخود. ٢۵. راضي ٿئو. ٻرڇي پئو. ٢٦. راڄا (ڄام سبز). ٢٧. گهُرو. پنو. ٢٨. ڪان. ٢٩. سوالي. گهرڄائو. پينو فقير. ٣٠. مالڪ. ڌڻي. ٣١. ڪتو (تنهنجي درَ جو). ٣٢. معلوم ڪري. ٣٣. پير (ڏس. پتو). ٣۴. ڪلهي ۾. مونڍي ۾. ٣۵. مون پاتو. مون وڌو. ٣٦. وڄائڻ جو ساز. سرندو. تنبو.

## ٨

تُون سَبَزُ آئُون سِيڪِڙُو، تُون پَارِسُ[1] آئُون پِيْنَارُ[2]،
ڏِسَندي[3] ڏَاتَارُ[4]، ڪُلهي[5] پَاتُمِ[6] ڪِيْنِرو[7].

## ٩

تُون سَبَزُ آئُون سِيڪِڙُو، تُون ڏَاتَرُ آئُون ڏُڏُ[8]،
سُٺِي تُنهِنجو سَڌُ، ڪُلهي پَاتُمِ ڪِينِرو.

## ١٠

تُون سَبَزُ آئُون سِيڪِڙُو، تُون ڏَاتَرُ آئُون ڏُوهُہ[9]،
تُون پَارِسُ آئُون لُوهُہ[10]، جِي[11] سَجِيْنِ[12] تَہ سُونُ ٿِئَان.

## ١١

ڏَاتَارُ تَہ تُون، بِئَا مِڙِيئِي[13] مَڱَڻَا[14]،
مِيْنهَن[15] تَہ مُنديْن[16] وَسَڻَا[17]، سَدا[18] وَسِيْن[19] تُون،
جِي گهرِ[20] اَچِيْن[21] مُون[22]، تَہ مِيرِيَائِي[23] مَانُ[24] لَهَان[25].

Gul Hayat Institute

## ١٢

ڏَاتِ[26] نَہ آهي ذَاتِ[27] تِي، جو وَهِي[28] سو لَهِي،

---

١. پٿر جو هڪ قسم جنهن سان لوهہ گسي سون ٿي پوندو آهي (ماهرن جي تحقيق موجب هيءُ پٿر ناياب آهي)، ٢. پنٿو فقير، ٣. ڏسڻ سان ئي، ٤. ڏاتر، ڏان يعني دان ڏيندڙ، سخي، داتا، ٥. ڪلهي ۾، مونڍي ۾، ٦. مون پاتو، مون وڌو، ٧. وڄائڻ جو ساز، سرندو، ٨. اڻ ڄاڻ، بي عقل، نادان، جاهل، ٩. سراپا ڏوهہ، ڏوهن يا گناهن جو مجسمو، ١٠. ڪاري رنگ جي ڌاتوءَ جو هڪ قسم، ١١. جيڪڏهين، ١٢. لڳائين يا گسائين (مون سان پنهنجو پاڻ)، ١٣. سڀيئي، ١٤. سوالي، پينو فقير، پينار، ١٥. برساتون، ١٦. (برسات جي) مند يا موسم ۾، ١٧. وسن ٿا، ١٨. هميشہ، هر وقت، ١٩. وسڪارو يا ڀالوت ڪرين (ڏانن يا بخششن جي)، ٢٠. گهر ۾، مڪان ۾، ٢١. وارد ٿيئن، ٢٢. منهنجي، ٢٣. ميراڻ يا گدلاڻ جي حالت ۾ ئي، بدڪاريءَ جي حالت ۾ ئي، ٢٤. عزت، آبرو، شرف، ٢٥. حاصل ڪريان، ٢٦. ڏانُ، (خدائي) عنايت يا بخشش، ٢٧. خاندان يا گهراڻي، ٢٨. محنت ڪري، ٻين جي مدد ڪري، ڪمائي ڪري.

رِءَ[1] رُونجهاٽيءَ[2] راڄيءَ[3]، ايهين كير كَري،
آريُون[4] اَبوجهنِ[5] جُون، سَبزُ جامُ سَهي[6]،
جو راءَ[7] وَتِ راتِ رَهي، تَنهن كي جُكِي[8] جانكِيتا[9] نہ ٿِئي.

## ١٣

بولِيُون[10] ٻيلي[11] جُون كَري، پاسي پَرِ پِئو،
سُٽائي[12] سُتَنِ[13] كي، وِهاڻيءَ[14] وِئو،
جاڳي[15] كِينَ[16] ٻِئو، سُرُ سِكِئُي[17] هيكِڙو.

## ١۴

پَسي پَرِ پِئو، بولِيُون ٻيلي جُون كَري،
چارڻُ[18] چاڙهي[19] چوڏولَ[20] ۾، نِماڻُو[21] نِهو[22]،
رُونجهي رات كِئو، سَرفِراز[23] سَيدُ[24] چَئي.

## ١۵

چارڻُ لَنگُو[25] پَنڌُ[26] گهَٽُو، كِي[27] چوٽاڻيءَ[28] چَئيج،
هِتِ كِي هَلائيج[29]، اِتي اَئُون نہ اَچِٽو[30].

Gul Hayat Institute

١. سواءِ. ٢. سبز جام، جيڪو سنڌ جي "سمان" گهراڻي جو هڪ سخي سردار هو ۽ جيڪو ڪڇ جي رڻ ۾ ڪڇ جي ڪناري جي قريب "ٻيلي" ٻيٽ سان گڏ سنڌ جي ننگر پارڪر تعلقي جي الهندئين پاڱي ۽ مٺي تعلقي جي ايرندئين پاڱي واري ايراضيءَ تي، جنهن کي چوٽاڻ يا چوٽاڻو چوندا هئا، حڪومت ڪندو هو. ان کي رونجهو يا رونجهائي بہ چوندا هئا. ٣. راجا. ۴. آرا، انگل، ماڻا، ناز نخرا. ۵. بي سمجهن، اڻ ڄاڻن، ٻورڙن. ٦. برداشت ڪري. ٧. راجا (سبز جام). ٨. ٻُڪَ، لنگهڻ، ڏک سور. ٩. عمر ڀر. ڪڏهين. ١٠. ڳالهيون، حال احوال، خبرون. ١١. ٻيلي ٻيٽ (جتي سبز جام حڪومت ڪندو هو). ١٢. ٻُڌائي. ١٣. ننڊ ۾ پيلن، غافلن. ١۴. وهاڻيءَ جي وقت، فجر جي مهل، آسر جي مهل، پرڀات جو. ١۵. (ان کي) معلوم آهي. ١٦. راڳ يعني (ٻيلي جي ڌڻيءَ سبز جام جي) ساراهہ جو قصيدو. ١٧. (ان کي) معلوم آهي يا (ان کي) اچي ٿو. ١٨. راڳيندڙ فقير، مڱڻهار. ١٩. ڪٽي. ٢٠. ڏوليءَ، ڪجائي، پالڪيءَ. ٢١. عاجز، مسڪين، اڏين. ٢٢. (سبز جام) وٺي وئو، ڪٽي وئو. ٢٣. سبز جام. ٢۴. سرخرو، ممتاز، عزت يا شان وارو، اعليٰ. ٢۵. ڄڏو، بيمار، ڪمزور. ٢٦. مفاصلو، سفر. ٢٧. ڪجهہ. ٢٨. چوٽاڻيءَ کي، ڄام سبز (چوٽاڻيءَ جي حاڪم) کي. ٢٩. (دان ڏيڻ جو) بندوبست ڪج. ٣٠. اچي ٿو سگهان.

## ١٦

تُنيرو[1] ٽاڻي[2]، چارڻُ[3] چوٽاڻيءَ[4] مَڻي[5]،
اَتارا[6] آڻي، جَنهِن نِماڻِئا[7] مَڱَڻي[8].

## ١٧

اُنڙَ[9] مِر آسَ[10] گهٽي، تِهان[11] وَڏيرو[12] ڊِپُ[13]،
مَڱَڻهارَنِ[14] مَپُ[15]، جو نَہ موٽائي[16] مَڱَڻا.

## ١٨

ڪَڙهَ[17] اڳِئان[18] ڪَپُ[19]، ڏهاڙِي[20] ڏاتارَ[21] جي،
لاهِہ[22] مَ[23] لَنگهَا[24] لِڪَ سِيڻءَ[25]، مَٿان[26] چانئُن[27] چِتُ[28]،
مَڱَڻهارَنِ مَپُ، ڪِيرَتِ[29] رِءَ[30] ڪونَہ پِئو.

## ١٩

اُت ڪا ڪمِي[31] ڪِيرَتِ جِي، ڪِيرَتِ ڪَريِن ڪوهُہ[32]،
بَندو[33] جو ڪَمُ[34] ڪَري، سو سَيوئِي ڏوهُہ[35]،
تُون پارِسُ آئُون لوهُہ، سَڄِيئِين تان سُونُ ٿِئان.

١. وڄائڻ جي ساز جو هڪ قسم، تنبو، سرندو، ٢. ڇڪي (تندن کي)، تيار ڪري، ٣. راڳيندڙ فقير، مڱڻهار، ۴. چوٽاڻيءَ ڏانهن (سبز چام کي چوٽاڻو يا چوٽاڻ چوندا هئا)، ۵. وَجي، ٦. املهہ ماڻڪ، موتي، ٧. گهورڻا، ورڪا ڪڻا، ٨. مڱڻي تي، چارڻ تي، ٩. سبز چام کي چام انڙ بہ سڏيو ويندو هو، ١٠. اميد، آسرو، ١١. تنهن کان، ١٢. وڏيڪ، وڏو، گهڻو، ١٣. خوف، ١۴. مڱڻهارن کي، ١۵. يقين، اعتبار، ويساهہ، ١٦. واپس ڪري، ناامید ڪري، ١٧. (گهر يا مڪان ۾ وڃڻ لاءِ لوڙهي يا ديوار ۾ ڇڏيل) گهٽيءَ يا لنگهہ يا دروازي، ١٨. وٽ، تي، ١٩. روءِ ۽ زاري ڪر، ٢٠. روزانو، هر وقت، ٢١. ڏاتر، داتا، سخيءَ، دان ڏيندڙ، ٢٢. پري ڪر، ڪڍ، ٢٣. نہ، ٢۴. اي لنگها، اي مڱڻا، اي مڱڻهار، ٢۵. لڪ سيڻءَ = ٿوري وقت لاءِ، گهڙيءَ ساعت لاءِ بہ، ٢٦. تان، ٢٧. دروازي جي چوڪٺ جي هيٺينءَ ڪاٺيءَ، ٢٨. ڌيان، ٢٩. راڳ، راڳ جي ذريعي عاجزي ڪرڻ، بندگي، ٣٠. کان سواءِ، ٣١. کهٽتائي، کوٽ، ٣٢. ڇو، ٣٣. انسان، ماڻهو، ٣۴. ڪرت، ڏنڌو، فعل، ٣۵. گناهہ، پاپ.

Gul Hayat Institute

**٢٠**

ڪِيرَت[1] راهَہ[2] گُمر[3] ڪِي، جَاڻَ[4] وِجَايو ڏاڻُ[5]،
جِي[6] سُجَاڻين[7] پَاڻُ[8]، تہ سَپِوئِي سُبحَان[9] تِيين.

**٢١**

چَارڻَ[10] وَسِ[11] نہ ڪَا[12]، تہ ڪَا ڪِيرَت جِي ڪَري،
جَني سَندو مَگَڻُو[13]، هَتَ[14] تَني جي آهہ،
جي ڳَارائينِس[15] تہ ڳَاءِ[16]، جي سُمَهَارِينس[17] تہ سُمَهي.

**٢٢**

ڪِيرَت هَذِهِين[18] گهورِ[19]، ڪَرِ ڪِيرَت جي ڪَا نہ ڪا،
جَنهن سِين ربجهي[20] راجِئو[21]، سَا تُون تَندُ[22] چورِ[23]،
ڪَارڻِ[24] ڏاڻَ مَ[25] ڏورِ، لَنگهِي[26] تِي لَجَ مري[27].

**٢٣**

جِيئَن[28] تُون ڏَڏُ[29] تِئو، تِيئَن[30] لَنگهِي تِي لَجَ مَري،
سُيَان[31] سِباڪو[32]، صَحِي[33] مِڙَندو[34] مَگَڻَا[35].

Gul Hayat Institute

---

١. راڳُ، راڳ جي ذريعي عاجزي ڪرڻ، بندگيءَ. ٢. واٽ، رستو. ٣. گم ڪي = گم ڪئي، وڃائي. ۴. سمجهہ، عقل. ۵. دان، بخشش. ٦. جيڪڏهين. ٧. پرکيين، اوکيين. ٨. خود. ٩. پاڪُ، پوتر، ساراهہ جو لائق. ١٠. چارڻ جي، ڳائيندڙ فقير جي، مگڻي يا مڱڻهار جي. ١١. وس ۾. اختيار ۾. ١٢. ڪجهہ بہ. ١٣. جو. ١۴. هٿ ۾. وس ۾. ١۵. اهي هُن کي ڳارائين. ١٦. ڳائي. ١٧. اهي هن کي سمهارين يعني ننڊ يا آرام ڪرائين. ١٨. صفا. بنهہ. ١٩. ڇڏ، ڦٽي ڪر. ٢٠. پرچي، راضي ٿئي. ٢١. راجا. ٢٢. تارَ. ٢٣. ڇيڙ، وڄاءِ. ٢۴. واسطي، لاءِ. ٢۵. پنڌ ڪر، ڳولا ڪر. ڪوشش ڪر. ٢٦. لنگهي يعني مڱڻهار جي زال. ٢٧. لڄ مري = لڄي ٿئي، شرمسار ٿئي (تہ سندس مڙس پني پيو). ٢٨. جنهن صورت ۾. ٢٩. اڻ ڄاڻ، نادان، جاهل (راڳ نہ ڄاڻندڙ). ٣٠. تنهن صورت ۾. ٣١. ٻئي ڏينهن تي، سڀاڻي. ٣٢. (لنگهي جي) سيائڻ يعني برادريءَ مٿن مائٽن جو (خاص طور عورتن جو) ميڙ. ٣٣. نيڪ، برابر. ٣۴. گڏبو. ٣۵. اي مگڻا، اي مڱڻهار.

## ٢٤

جيڪي ڏڏن[١] ڏي، ڳُجهائين[٢] ڳُجهہ ۾،
سو جو سُٽين[٣] ڪَڍهين، ڪيرت[٤] وارا ڪي،
نہ سَازَ[٥] مِڙيئي سي، پٽُون[٦] ڪَنِ پَلڪَ[٧] ۾.

## ٢٥

ڏڏُ وَڏو ڏڏُ، پاڻُ ڪونائي[٨] مَڱُٽو[٩]،
نہ ڪَنهِن نئو پاڻَ سين، نہ ڪَنهِن ڪئو ڳڏُ،
سَبَزَ[١٠] ڪَري سَڏُ[١١]، ڪَٽي ڏڏُ ڏُليءَ[١٢] چاڙهئو.

## ٢٦

ڏڏُ تي ڏانُ[١٣] گُهرُ، چَڏ وِجا[١٤] جي وائِي[١٥]،
سَمي راتِ[١٦] سَنباهِئا[١٧]، تَازِي[١٨] تو[١٩] لائِي[٢٠]،
جو جَاڻي نہ ڳَائِي[٢١]، تَنهِن سين ٻيلي ڏَٽي[٢٢] بَاجهہ[٢٣] ڪِي.

## ٢٧

جَاڻين[٢٤] تُوءِ[٢٥] مَ جَاڻُ[٢٦]، اِي دَرُ[٢٧] ابوجَهنِ[٢٨] جو،
اِنَ دَرِ[٢٩] سيئي اگهِئا[٣٠]، جَنِ نہ پَانيو پاڻُ*،

١. ڏڏن ڪي، اڻ ڄاڻن ڪي (راڳ نہ ڄاڻندڙ) بي هنرن ڪي. ٢. ڳجهائين ڳجهہ ۾ = لڪ ڇپ ۾، لڪائي. ٣. ٻڌن. ۴. ڪيرت وارا = راڳ ڳائيندڙ، چارڻ، مڱڻا. ۵. وڄائڻ جا اوزار، سرود. ٦. پرزا پرزا، پور پور، ڇيهون ڇيهون. ٧. گهڙيءَ ساعت، ٿوري وقت (پلڪ ۾= هڪدم). ٨. سڏائي، چوائي. ٩. راڳ ڳائيندڙ. ١٠. سبڙ ڄام. (جيڪو سنڌ جي "سما" گهراڻي جو هڪ سخي سردار هو ۽ ڪڇ جي رڻ ۾ ڪڇ جي ڪناري جي "ٻيلي" جي ٻيٽ مان سنڌ جي چوٽاڻ واري علائقي تي حڪومت ڪندو هو). ١١. ڪري سڏ = ڪوٺي، گهرائي. ١٢. ڏٺليءَ ۾، ڏوليءَ ۾، پالڪيءَ ۾، محلات ۾. ١٣. دان، بخشش. ١۴. (راڳ جي) ڄاڻ، گيان، دانائيءَ. ١۵. ٻچار، ڳالهہ ٻولهہ، چؤ ٻچؤ. ١٦. سبڙ ڄام (جيڪو "سما" گهراڻي مان هو). ١٧. سنبرايا، تيار ڪئا. ١٨. تازي يعني عربي گهوڙا (دان ۾ ڏيڻ لاءِ). ١٩. تنهنجي. ٢٠. واسطي. ٢١. ڳائي (راڳ). ٢٢. ٻيلي ڏٽيءَ = ڪڇ جي ڪناري تي واقع ٻيلي جي ٻيٽ جي حاڪم يعني سبڙ ڄام. ٢٣. مهرباني. ٢۴. ڄاڻ يا خبر اٿئي. ٢۵. تنهن هوندي بہ. ٢٦. م ڄاڻ = بي خبر ٿيءُ، ڄڻ يا اڻ ڄاڻ ٿيءُ. ٢٧. دروازو (سبڙ ڄام جي دربار). ٢٨. اڻ ڄاڻن، نادانن. ٢٩. در تي، دروازي تي. ٣٠. قبول پيا. * جن خودي يا آپو يا هٺ نہ ڪئو.

رُونجهاٽي راڄاڻُ[1]، آهي اَبوجهن[2] جو[3].

## ٢٨

ٻُجهان[4] ٻاجهه[5] تي، ٻاجهاٽُو[6] ٻيلي[7] ڏٽي[8]،
سَبَزَ سا[9] سُئي[10]، جا چارڻ[11] جي چِتَ[12] ۾.

## ٢٩

مُنجهي[13] ويهه م مَڱَتا[14]، ڪَنجهين[15] لاهه ڪَسُ[16]،
ٻيلي ۾ ٻاجهون ٿيون، رڙهي[17] رُونجهاٽيءَ[18] رَسُ[19]،
پانَ[20] پهرئا[21] پَسُ[22]، ڏڻ[23] ڏاتيون[24] لَڌيون[25].

## ٣٠

اِيءُ نه ٻانَن[26] ٻير[27]، جيئن ڪيريءَ[28] تنگين[29] ڪينرو[30]،
سَبَز جي سَلامَ[31] سين، وِجهي ويٺين وير[32]،
توڪي چَوندو ڪير، ڪيرت[33] ڏاران[34] مڱٽو.

## ٣١

اُپِرئُو[35] تارو، اُٿِي[36] ورَ[37] وهاڳُ ڏي[38]،
سَبَزُ رِبسارو[39]، چِتَ[40] پرڪي[41] مڱٽين.

١. سبز ڄام، جنهن کي رونجهو يا رونجهاٽي به چيو ويندو هو. ٢. راڄا. ٣. اڻ ڄاڻن، پورڙن، بي سمجهن، جاهلن. ٤. سمجهان ٿو، مونکي خبر پئي آهي. ٥. مهرباني. ٦. مهربان ٿئو، راضي ٿئو. ٧. ٻيلي جو. ٨. مالڪ (ٻيلي ڌڻي = سبز ڄام). ٩. اها ڳالهه. ١٠. ٻڌي. ١١. راڳيندڙ فقير، مڱڻهار. ١٢. دل، من. ١٣. موڙهو يا موڳو ٿي، سست ٿي. ١٤. اي مڱتا، اي چارڻ. ١٥. ڪنجهين جي، وڄائڻ جي سازن ۽ سرودن جي. ١٦. ڪٽ، زنگ (ڪنجهين لاهه ڪس = ڪنجهيون تيار ڪر). ١٧. سري، پنڌ ڪري. ١٨. رونجهاٽيءَ ڪي. ١٩. پهچ. ٢٠. مڱڻهار. ٢١. بينو فقير. ٢١. روانا ٿئا (رونجهاٽيءَ ڏي). ٢٢. ڏس. ٢٣. ڄڻن، بي هنرن، اڻ ڄاڻن. ٢٤. ڏان، بخششون. ٢٥. حاصل ڪيون. ٢٦. ٻانن جو، مڱڻهارن جو، چارڻن جو. ٢٧. دستور، عادت. ٢٨. (ٻت ۾ ٻاڻ ۾ لڳل) ڪيريءَ يعني ڪليءَ يا ڪوڪي ۾. ٢٩. تون تنگين يا لنڪائين يا ٻڌين. ٣٠. وڄائڻ جو ساز، سرندو وغيره. ٣١. ملاقات، زيارت. ٣٢. دشمني، عداوت. ٣٣. راڳ ڳائڻ، مداح يا قصيدو چوڻ. ٣٤. ڪان سواءِ. ٣٥. اڀرئو تارو = فجر يا پرڀات ٿي آهي. ٣٦. اي ور، اي يار، اي دوست. ٣٧. آسُر وارو راڳ. ٣٨. ڳاءِ. ٣٩. غيرتمند. ٤٠. دليون (دلين جا راز). ٤١. پروڙي.

## ٣٢

پِئو لَيٽين[١] لُٽَ[٢]، سَجِيُون راتيُون سُمَهين[٣]،
اُٿي آڏِيءَ نَہ ڪَرِين، سَبَرَ[۴] سَاڻُ سَهٽَ[٥]،
رُونجهي رات اُپَٽئا[٦]، پيٽيائين[٧] پاٽيٽَ[٨]،
تِنئان[٩] ميڙي[١٠] مُٺَ[١١]، چُوندي پَرِئا[١٢] چارِٽين[١٣].

## ٣٣

سُتو ڪِئَن ننڊون ڪَرِين[١۴]، وَرَ[١٥] وِهاڻيءَ[١٦] ووءِ[١٧]،
صُبَاحَ[١٨] سَاجُ[١٩] سَندوءِ[٢٠]، پِئو هُوندو پَٽَ[٢١] ۾.

## ٣۴

صُبُوحَ جو سُپِراجُ[٢٢]، ڪَرِ داتا[٢٣] جي دَرَ تي،
سَندو[٢۴] ڪوجَهنِ[٢٥] ڪَاجُ[٢٦]، آهي حَاتِمَ[٢٧] هَٿَ ۾.

## ٣٥

داتا سَندي دَرَ تي، پَلَيءِ[٢٨] پَاتائُون[٢٩]،
وَتَئائِين[٣٠] جي وِڙَنِ[٣١] سِين، اَمُلَ[٣٢] آندائُون،
ڪَنڊُون[٣٣] ڪَاڏائون، پَائي[٣۴] چَڪُ[٣٥] چانئُٺَ[٣٦] ۾.

---

١. بستري تي اسيرو پاسيرو ٿئو آرام ڪرين. ٢. ڪهڻو. ٣. ننڊ ڪرين. ۴. سنڌ جي، "سما" خاندان جي هڪ سخي سردار جو نالو (جنهن کي رونجهو بہ چوندا هئا). ٥. وندر، ورونهن، رهاڻ. ٦. پٽئا، ڪولئا. ٧. پيٽين مان، صندوقن مان. ٨. آبدار موتي، جواهر. ٩. تن مان. ١٠. چونڊي، ريڙهي، گڏ ڪري. ١١. (آگرين وريل) هٿ، مٺيون، لپون. ١٢. پُر ڪئا، ڇڪار ڪئا. ١٣. چارڻن، راڳ ڳائيندڙن، مڱڻهارن. ١۴. ڪهڙي طرح، ڇو. ١٥. اي ور، اي دوست، اي يار. ١٦. وهاڻيءَ جي وقت، فجر جي مهل، پرات جي مهل. ١٧. افسوس. ١٨. سڀاڻي، ايندڙ ڏينهن تي (جڏهين تون هن دنيا ۾ ڪونہ هوندين). ١٩. وڄائڻ وارو ساز، سرندو وغيره. ٢٠. تنهنجو. ٢١. پٽ ۾ = پٽ تي (لاوارث ٿيو). ٢٢. وهاڳ، پرڀات يعني اَسُرَ وارو راڳ، ڪيرت، ساراهہ. ٢٣. سخيءَ، ڏاتار. ٢۴. جو. ٢٥. بدصورت ماڻهن، بڇڙن، ڪڇرن، ڪنن. گنهگارن. ٢٦. ڪمُ، مطلبُ. ٢٧. حاتِم جي، سخيءَ جي (حاتم عربستان ۾ هڪ وڏو سخي مرد هو)، هتي حاتم مان مراد سبڙ ڄام آهي. ٢٨. پلاند يا جهولي (خيرات يا دان وٺڻ لاءِ). ٢٩. وڌائون. ٣٠. ورهايائين، ونڊيائين. ٣١. بدڪارن، بڇڙن، غيرن، ڏارين. ٣٢. موتي، جواهر. ٣٣. واحد ڪنڊ = شڪر، چيني، مصري، مٺاڻ (ڪنڊُون ڪاڏائون = مزو يا لطف ورتائون). ٣۴. رکي. ٣٥. وات، ڇپَ. ٣٦. دروازي جي چوڪاني واري هيٺين ڪاٺيءَ (پائي ڇڪ چانئٺ ۾ = چانئٺ کي چمي).

Gul Hayat Institute

## ٣٦

ڪَرِ تَنِي جِي ڪَا، جَاجِڪُ آهِين جَنِ جو،
سَبَڙَ گهَٽُو سُهَاءِ، تَنڊُ تُنهِنجِي مَڱَڻا.

## ٣٧

ڪَٿَ نَ جَائي ڪِي ٻِئو، مَدو ۽ موڳو،
جو مَائي نَ جوڳو، تَنهِن ڪِي مَولو مَلِيندا ڏِي.

## ٣٨

جَاجِڪَ جَائَنِ جَا، سَا پَرِ آئُون نَ سِڪَئو،
پَانَ نَ نِينِمرِ پَاڙَ سِين، سَڱَا جِي سِيَاءَ،
سُڻِ رُونَجهَائِي رَاءَ، تُو رِءَ تَارِي نَاهِ ڪا.

## ٣٩

چُوتَائِي چُوتَ وَهِي، سُڪَا سَانگَ پَرِي،
ڪُوڏَئُون ڏَانَ ڏَڏِنِ ڪِي، سَبَزُ سَهجِي ڏِي،
اِنَ رَاهَ مَتِّي رُونَجهِي، مَاڻِڪَ اُجِلِئا مِينهَن جِيئَن.

---

١. (ڪُجهہ) يادگيري = ڳالهہ. ٻچار. ٢. چارڻ. ڳائيندڙ فقير. مڱتو. مڱڻهار. ٣. سبڙ ڪي. ٤. جهجهو. زيادهہ. ٥. وڻي ٿي. پسند اچي ٿي. ٦. (سرندي وغيره جي) تار. وڄت. ٧. اي مڱڻا. ٨. هرگز. صفا. ٻنهہ. ٩. ڪجهہ. ١٠. برو. ڪنو. ٻڇڙو. مداين ۾ پريل. ١١. ٻورو. اڻ ڄاڻ. ٻي سمجهہ. ١٢. حاصل ڪري. ١٣. (ضرورت آهر يا گهربل) ڪاڏو يا طعام. ١٤. مولي. خدا. مالڪ. ١٥. سٺا ء سٺا طعامَ. ١٦. ريت. ١٧. چارڻ. ڳائڻا فقير. ١٨. مونکي نين يا وني وڃن. ١٩. حقيقي. سچا. هڪڙي ڏاڏي جو اولاد. ٢٠. مائٽ. عزيز. ٢١. ٻڌ. ٢٢. اي رونجهائي. اي سبز ڄام. ٢٣. راڄا. ٢٤. ڪان سواءِ. ٢٥. آڌار. ڀروسو. سهارو. ٢٦. سبز ڄام. ٢٧. چوٽيءَ تائين. ڀرپور. ٢٨. (دريا ۽ وانگر) جاري آهي خيرات ڏين ۾. ٢٩. سڪل. خشڪ. ڀاٽيءَ نہ هجڻ واريءَ حالت. ٣٠. واهڙ. ڍورا. ٣١. ڀر ڪري. ٣٢. ڪوڏ مان. شوق يا هيج مان. ٣٣. دان. خيراتون. ٣٤. ٻي هنرن. اڻ ڄاڻن. ٣٥. سرچي. راضي ٿي. ٣٦. طريقي. نموني. ٣٧. موجب. ٣٨. سبز ڄام (جنهنڪي رونجهو بہ چوندا هئا). ٣٩. موتي. جواهر. ٤٠. برسات.

Gul Hayat Institute

٤٠

ڪَاڏِي[١] سي تُنبِيرَ[٢]، جَنِ رِبجهايو[٣] راڄِئو[٤]،
وِئا وَڏِيءَ وِيڙَ[٥]، ڪُلهَنِ[٦] مَٿي[٧] ڪِينِرا[٨].

٤١

تُنبِيرَنِ[٩] تَنوارَ[١٠]، اَڄُ نَہ سُڄِي[١١] ڳَنجَڙِي[١٢]،
مَڙهِيُون[١٣] مَگَٽَهارَ، پُوري[١٤] پَراهَان[١٥] وِئا.

٤٢

اَگهِئا[١٦] وِيڻَ[١٧] وَهاڳَ[١٨]، ڏِنگا ڦَڏا[١٩] ڏُڏَ[٢٠] جا،
مَٿي مُوٽِئا[٢١] مَگَٽِين[٢٢]، سَندا[٢٣] ڏِينهَن سُهاڳَ[٢٤]،
رُوءِ[٢٥] ٿِئو ڏاران[٢٦] راڄَ[٢٧]، سَبَڙَ راتِ سَمَگِئو[٢٨].

٤٣

ڳُنگي[٢٩] جي بُجَهنِ[٣٠]، اَدَبُ[٣١] ڪِجي اُنِ جو،
نَندِي وَڏِي ڳالهَڙِي، سَجَڻُ[٣٢] تا سَمجَهنِ،
تُون ڪِيئَن اَکِئَان تَنِ، وِجِئو[٣٣] وِلِبِين[٣٤] وات سِين.

١. ڪٽي (آهن)، ٢. تنبو يعني سرندو وغيره وڄائيندڙ، مگٽهار، مگٽا. ٣. راضي ڪئو، پرچايو. ٤. راڄا يعني سبڙ ڄام، جيڪو سنڌ جي "سمان" خاندان جو هڪ سخي سردار هو. ٥. وڏيءَ وير = سوير، ساجهر. ٦. موندين، ٧. تي. ٨. وڄائڻ جا ساز، سرندا وغيره. ٩. تنبيرن جي. ١٠. آلاپَ، آوازَ. ١١. ٻڌ جي. ١٢. (سبڙ ڄام جي) ڳنجڙي تي، دروازي تي، ڪچهريءَ يا درٻار ۾. ١٣. آستان، تڪاڻا. ١٤. بند ڪري. ١٥. (تمام) پري، ڏور. ١٦. قبول پئا. ١٧. ٻول، مداحون، قصيدا. ١٨. وهاڳ يعني فجر يا آسر واري راڳ جا. ١٩. ابتا سبتا، رواجي. ٢٠. انّ ڄاڻ. ٢١. واپس ٿئا. ٢٢. مگڻ، مگٽهارن. ٢٣. جا. ٢٤. مڙس جي پيار، بخت، خوشيءَ، سُکَ. ٢٥. (پنهنجي) روءِ يعني منهن، اڪيلو. ٢٦. ڪان سواءِ. ٢٧. قوم، برادريءَ، متن مائٽن. ٢٨. راضي ڪئو، خوش ڪئو. ٢٩. نہ ڳالهائڻ واريءَ حالت ۾، ماٺ واريءَ حالت ۾. ٣٠. سمجهن، بروڙين. ٣١. عزت، احترام. ٣٢. محبوب، دوست. ٣٣. ڄو. ٣٤. اظهار ڪرين، ڳالهائين، حال بيان ڪرين، اجايون سڄايون ڳالهيون ڪرين.

**٤٤**

جَنِ[1] سُکوئِـي[2] نَاهِہ کو، چَارَڻَ[3] سي چَئِجَنِ،
رُونجهي[4] راهَہ[5] پُڇَنِ[6]، مَتَي[7] کُلَهَنِ[8] کِينِرو[9].

**٤٥**

ڄَاڄِڪَ ڄيڏا[10] پَس[11]، وِئَا[12] سَوارا[13] سَازَ کَڻِي*،
تو سَرتَا[14] تو[15] سَمر[16] گَئا، پَانَ[17] پَرهَئا[18] پَس[19]،
تو گِهرَنديءَ[20] مَس[21]، لَڄَ[22] لَنگهَہ[23] کِي[24] ڇڏي.

**٤٦**

مِيُون[25] مَگَڻَهارَ کي، ڄَڏهِين مُنجَهائي[26]،
اُونڌيُون[27] کَري پَائِئي[28]، سَنئِيُون[29] سِڌيُون ڳالهڙيُون.

**٤٧**

مِيُون مَگَڻَهارَ کي، ڄَڏهِين سَمُجَهائي[30]،
کِيرَتِيُون[31] قُلُوبَ[32] ۾، پَاڻهِين[33] تو پَائي[34].

Gul Hayat Institute

**٤٨**

طَمَعَ[35] جي تَنوارَ[36]، مَتَان کَرِيِين مَگَڻا[37]،

---

١. جن کي. ٢. سک ئي، آرام ئي، نند ئي. ٣. راڳ ڳائيندڙ فقير، مگڻهار، مڱڻا، ڄاڄڪ. ۴. رونجهي جي = سبز چام جي (جنهن کي رونجهو يا رونجهائي بہ جوندا هئا)، ۵. وات، رستو. ٦. معلوم کن. ٧. تي. ٨. موندن. ٩. وڄائڻ جو ساز، سرندو وغيره. ١٠. اي ڄاڄڪ، اي مگڻهار. ١١. (تنهنجا) ڄيڏا يعني هم عمر (تنهنجا) دوست، يار. ١٢. ڏس. ١٣. سوير، ساجهر، پرڀات يا فجر جي وقت *سبز چام جي در تي سرندا وغيره کڻي راڳ ڳائڻ لاءِ. ١۴. ڄيڏا. ١۵. تنهنجي. ١٦. هم عمر، سن ڄيترا. ١٧. وئا. ١٨. ڄارڻ. ١٩. ويندا. ٢٠. لڳنديئي، ايندئي. ٢١. ڏاڙهي (ڪاري)، جوانيءَ جي نشاني. ٢٢. ادب، حيا، شرم. ٢٣. لنگهن، مگڻهارن. ٢۴. جي، واري. ٢۵.سردار، خدا. ٢٦. گمراهہ کري، ڀلائي. ٢٧. ابتيون، ڏنگيون، اجايون، غلط. ٢٨. سمجهي. ٢٩. سڌيون، صحيح، نيڪ، درست. ٣٠. عقل يا هوش ڏي، سڌي وات ڏيکاري. ٣١. راڳتيون، بندگيون (راڳ ڳائڻ يا بندگي ڪرڻ جا هنر). ٣٢. قلب جو جمع پر هتي واحد طور ڪم آيل آهي، هن جي معنيٰ ٿيندي دل يا من. ٣٣. ازخود، پاڻمرادو. ٣۴. وجهي. ٣۵. لالچ، لوڀ. ٣٦. ڳالهہ، پچار. ٣٧. اي مڱڻا.

ڏِکيِ[1] کَندَءِ[2] ڏارَ[3]، ماٽِکُ[4] ڏِيئِي مُٺِ[5] مِ.

## ۴۹

پَاڻَ[6] مَتي[7] مَگَٽي[8]، ڏاتَرَ[9] ڏُکَ کِئَا[10]،
مُون[11] دَرُ چِڏِئو مَگَتَا، پِنين کُوهُہ[12] بِئَا[13]،
تيلاهِين[14] پِئَاءِ[15]، وِڄِ[16] وِلَهَا[17] ڏِينهَڙا.

## ۵۰

پُورِئَا[18] دَرَ[19] مَ[20] پِنُ[21]، جَنِ[22] پِنِيي[23] پُورَتِ[24] نَہ تِئي،
ڏِيهَہ[25] مِ ڏاتَرُ هِيکِڙو، نَانءُ[26] تَنهين جو گِنُهہ[27]،
جو[28] رَبَنَ[29] رَسَاٽي[30] دِنُ[31]، ڏِيئِي ڏُرمَائي[32] کِين کِي.

## ۵۱

ڏُرمَنِ جي ڏِيئِي، سَيئِي مَگَتُ مَ مَگَتَا،
سَبَڙَ[33] سَندي دَرَ تي، کَرِ[34] وِبنتِيُون وِيهِي[35]،
پُڇِي نَہ ڏِيئِي، وَرِي ليکو[36] نَہ کَري.

## ۵۲

مَگَتُ تَنهِن کَان مَگَٽا، جو ڏِهَاڙِي[37] تو ڏي،

Gul Hayat Institute

١. لوڏي، ڏڪاري، هڪالي، ٢. توکي ڪندا. ٣. جدا، ڀري، ۴. سچو موتي (دان ۾)، ۵. هٿ. ٦. خود، پنهنجي طرف، ٧. تي، ٨. مڱٽهار، ڀينار، ڀينو فقير، ٩. ڏاتار، داتا، سخيءَ (خدا)، ١٠. ڏورايا، شڪايتون، اوڀالا، ١١. منهنجو، ١٢. جو، ١٣. ڀٽن جي درن تان، ١۴. تنهنڪري، ١۵. توکي ڀئا، ١٦. وچ ۾، ١٧. ڏک جا، غربت جا، سُڃا، سڪٽا، ١٨. ڀوريل، بند ٿيل، ١٩. درن تان، ٢٠. نہ، ٢١. خيرات گهر، ٢٢. جن ڪان، ٢٣. ڀنڻ يا گهرڻ سان، ٢۴. ڀورائي، ڪوٽ يا ڪمي ختم ٿيڻ واري حالت. آسودگي، ٢۵. ملڪ، ٢٦. نامُ، نالو، ٢٧. وٺ، اُچار، ٢٨. جيڪو، ٢٩. رين جو، رات جو، ٣٠. ڀڇائي، (رزق)، ٣١. ڏينهن (جو ڀ)، ٣٢. ڪُرڪي، ارهو ٿئي، ناخوش ٿئي، دل من هٽي (ڏيڻ ڪان ڀوءِ)، ٣٣. سبڙ ڄام (جيڪو سنڌ جي "سمي" گهراڻي جو هڪ سخي حاڪم هو)، ٣۴. جي، ٣۵. ازيون نيزاريون، عرض، سوالَ، ٣٦. حساب ڪتاب، ٣٧. هر روز، روزانو.

ڪُوڙا[1] دَرَ[2] دُنيا[3] جا، جاجِڪَ[4] مَڱڻ[5] جي،
صُباحَ[6] تُوئي ڪي، مُوتي[7] ڏِيندا[8] مُنهن ۾.

## وائي ١

بِي[9] دَرِ[10] وانءُ[11] ۾[12] ڪيڏانهين[13]، جو[14] تُون جامُ مَڱندين[15] مَڱڻا[16]،
قِيرِ[17] ۾ ڪَنڌُ[18] ڪِيازِي[19]، تِيندِي حاجَ[20] هِنئائين[21]،
ماڻِڪَ[22] مُوتِي مالَ[23] خَزانا[24]، ڏِيندءِ[25] بِيلي[26] سائين،
ورچِي تُون وهاڱَ[27] ڪان، مَتان ڏِيين[28] پانهين[29]،
دَرِ[30] داتا[31] مَڱَ[32] مَڱتا[33]، اَنڌا[34] هوئِج ايڏاهين،
مُذڪَرَ[35] مَتان چِڏِيين، هَتان هيڪڙائي[36]،
اَچِج اُلوهيتَ[37] ڏي، چَڏِ پارَتِ[38] بِيائي،
بِيُون ڏِيئي بَنِ[39] ڪي، ڪَرِ سَمُون[40] سَوائي[41]،
اِنَ اللهَ وِترٌ يُحِبُ الوِترَ*، وَحدَتَ[42] واڱِ[43] وَڏائين،
پَنهنجي طَرَف پاڻهين، سائِلَ[44] سَڏائين،
جِتي جُوانَنِ[45] ڪي، ڪُوني[46] ڪُٺائين[47]،
اُتي عُشاقَنِ[48] ڪي، اُلُفَتَ[49] اُهج ذَنائين[50].

١. ڪوڙا، دغاباز، بي ڀروسا، ٢. دروازا، گهر، ٣. دنيا يعني جهان (جي مالڪن)، ۴. اي جاجڪ، اي مڱتا، اي پنڻا، اي ڀينو فقير. ۵. پنڻ يا خيرات وٺڻ لاءِ ڪنڪائين. ٦. سڀاڻي، قيامت جي ڏينهن. ٧. ڦري، ورائي. ٨. ڏيندا منهن ۾ = مهڻا يا طعنا ڏيندا. ٩. ٻي جي. ١٠. در تي. ١١. وڃ. ١٢. ۾. ١٣. ڪنهن طرف. ١۴. جيئن تہ. ١۵. سردار يعني سبز چام، جيڪو سنڌي "سما" خاندان جو هڪ سخي سردار هو. ١٦. اي مڱتا، اي مڱڻهار، اي ڀينو فقير، اي ڀارت. ١٧. ڦيراءِ، وراءِ، موڙ. ١٨. ڳچي، گردن، منو. ١٩. ڪنڌ يا ڳچيءَ جو ڀوڀون حصو. ٢٠. ڪم، مطلب. ٢١. هتان، هن هنڌان (چام وٽان). ٢٢. قيمتي موتي. ٢٣. ملڪيت، ڌن، دولت، خزانا. ٢۴. توکي ڏيندو. ٢۵. ٻيلي (ٻيٽ جيڪو ڪڇ ۾ آهي ۽ جتي چام سبز حڪومت ڪندو هو) جو. ٢٦. مالڪ. ڌڻي (چام سبز). ٢٧. ڪک يا ٻيزار تي. ٢٨. صبوح جي راڳ (سبز چام جي ساراهہ جي). ٢٩. ٻني. ٣٠. در تي، دروازي تي. ٣١. داتا جي، سخيءَ جي. ٣٢. خيرات يا دان گهر. ٣٣. اي مڱتا، اي مڱتا. ٣۴. اي انڌا، اي انڌ چاڻ. ٣۵. اي مذڪر، اي مرد. ٣٦. وحدانيت (خدا جي). ٣٧. وحدت، خدا جي ذات. ٣٨. دوئي، ٻين کي خدا جو شريڪ يا برابر مڃڻ واري حالت. ٣٩. ٻن کي = ڪڌ يا ڪوهہ ۾. ۴٠. سبز چام جيڪو سمي قبيلي جو هو. ۴١. ٻين کان وڌيڪ * تحقيق الله هڪڙو آهي ۽ اهو هڪڙائي پسند ڪري ٿو (حديث). ۴٢. وحدت جي، هيڪڙائيءَ جي. ۴٣. رسو، نوڙي، ٻنڌڻ، تعلق. ۴۴. سوالي، عرضدار. ۴۵. ٻهادرن. ۴٦. ڪهرائي. ۴٧. قتل ڪيائين. ۴٨. عاشقن. ۴٩. الفت جو، محبت جو. ۵٠. ڏس، پتو.

تُنبُو کَڻُ مَ تيڏانهِين، جيفو آهہ جيڏانهِين،
کِيرَتَ کَرِ قُربَ سين، خُلَتَ کاجُ ڏنائِين،
اَلاِنسَانُ سِرِي وَاَنَا سِرُّهُ*، اِنَ پَرِ اُتائِين،
ڳُجُهہ ڳُجهاندرَ ڳالهيون،رازُ نہ رکيائِين،
پِسو پِينارَن جي پِتَ مِ، پَنهِنجو پاڻُ وڏائِين.

وائي ٢

وَڏَڙا ڏانَ ڏِنائِين، ڪَنيائِين رَختُ ريزالَن جو،
ڏاتيُون ڏِي ڏَڻ کي، سُون سَراهيُون سائِين،
اَنڌا مَندا آئِيا، سَخا سَڌُ وِڏائِين،
کِين مَنجهان نِي کي کَرِي، سو نہ سَراهِين سائِين،
وَتُعِزُ مَن تَشَآءُ وَ تُذِلُ مَن تَشَاءُ#، آهي سَڀ اُتائِين،
نَوازِيائِين نُطفو، مَنجَهان کِينَ کِيائِين،
حِرفَت حَريفَن جي، پَچي سَڀَ پَکائِين،
حاسِدَ سَڀِ حُزنِ مِ، مُدعِيَ پاڻُ مُنائِين.

Gul Hayat Institute

١. وڄائڻ جو ساز، سرندو وغيره، ٢. مردار يعني مري ويل جانور جو لاش، ڍونڍ، دنيا جنهن کي بني پاڪ ﷺ جي حديث (الدنيا جيفة = دنيا ڍونڍ آهي) موجب ڍونڍ يعني حرام ۽ بدبوءِ دار گوشت سڙيو ويو آهي، ٣. (خدا جي تعريف وارو) راڳُ، ٤. محبت، پيار. ٥. خلت جو، دوستيءَ جو. ٦. کاڌو، خوراڪ، طعام * انسان منهنجو (خدا جو) ڳجهہ آهي ۽ آئون (خدا) ان جو ڳجهہ آهيان (حديث)، ٧. طرح، ريت، ٨. چيائين، ٩. راز، ڀيد، ڳجهاندر، ١٠. هُن رکئو، هن سانديو، ١١. ڏسو، ١٢. پينو فقيرن، مڱڻهارن، ١٣. ڪشڪول، ڪشتي، ١٤. خود، پنڊ (دان جي عيوض ۾)، ١٥. وڏا، گهڻا، ١٦. دان، ١٧. سامان، سمر، مڏي، ڪاڏو پيتو، ١٨. ڪميڻن، نالائقن، (ڪنيائين رخت ريزالن جو = نالائق ماڻهن جو ڏمو پاڻ تي ڪنيائين)، ١٩. ڏان، دان، بخششون، ٢٠.اڻ ڄاڻن، ڄڻن، بي هنرن، ٢١. زرد رنگ جو قيمتي ڌاتو جنهن مان زيور ٺهندا آهن، طلا، ٢٢. دلاسا، مبارڪون، خوشخبريون، ٢٣. نابين، ڪورَ، ٢٤. لنگڙا، جڏا، ٢٥. سخا جو، سخاوت جو، خيرات جو، ٢٦. پڙهو، ڍونڍورو، اعلان، ٢٧. ڪرايائين، ٢٨. نيستيءَ، عَدمَ، ٢٩. ڪجهہ، هستي، بودوباش، ٣٠. پيدا ڪري، خلقي،٣١. واڪاڻيين، ٣٢. مالڪ، ڌڻي، خدا# ۽ جنهن کي گهرين ان کي عزت يعني مانوارو ڪرين ۽ جنهن کي وڻيئي ذليل يعني بي مانو ڪرين (قرآن پاڪ جي سورت آل عمران جي آيت ٢٦)، ٣٣. اُنهيءَ هنڌ ڪان (خدا وٽان)، ٣٤. اوج تي رسايائين، سربلند ڪئائين، عزت وارو ڪئائين، ٣٥. منيءَ جو قطرو يا ڦڙو، ٣٦.ڪاريگري، چالاڪي، هوشياري، سياڻپ، ٣٧. دشمنن، رقيبن، ڏاهن، عقلمندن، ٣٨. ٽوڙي، ٣٩. ناس يا نابود ڪئائين، ٤٠. انّ سهو، حسد ڪندڙ، دشمن، ٤١. ڏک، غم، افسوس، ٤٢. ڪوڙا دعويدار، ٤٣. خود، ٤٤. مصيبت ۾ وڌائين.

## وائي ٣

ڪيچ[١] جيڏاهين[٢] جيڏيون[٣]، آهيم[٤] آسَ[٥] اوڏاهين،
بَنديءَ[٦] جي بازارِ[٧] ۾، شالَ[٨] ۾[٩] پوي[١٠] پانهين[١١]،
هاڙهي[١٢] وڃي هوتَ[١٣] ڏي، تيندي‌س ڏاهه[١٤] ڏاهي[١٥]،
پير[١٦] سُڃاتم[١٧] پِريءَ[١٨] جو، موٽان[١٩] نه پانهين[٢٠]،
پَسڻ[٢١] ڪارڻ[٢٢] پِريءَ جي، ويندي‌س اَتِ[٢٣] اڳاهين[٢٤].

## وائي ٤

اَللهَ پاڄهون[٢٥] ڪئون[٢٦] ساٿي[٢٧]، ڦرندي[٢٨] آئي، مين[٢٩] چُپ چُپاتي[٣٠]،
سڪ[٣١] شاهه[٣٢] رانجهن[٣٣] دِي[٣٤] مِيان[٣٥]، ڏينهان جو راتين[٣٦]،
آکي[٣٧] لطيف فقيرُ غريبي[٣٨] ڪيجي[٣٩]، صبر[٤٠] شُڪر[٤١] دي گهٽي[٤٢] پيجي،
دِل[٤٣] ڪُون[٤٤] چا[٤٥] نصيحت[٤٦] ڪيجي، نفس[٤٧] ڪُتي ڪُون مارڻ ڪاتي،
آکي لطيف فقيرُ مين پيا حُجري[٤٨]، ڪنلي[٤٩] سالِ[٥٠] ڳٽيندي[٥١] گذري[٥٢]،
اَجا نه پهتي[٥٣] پئي[٥٤] ڪي[٥٥] مُجري[٥٦]، مَن[٥٧] ڪناريءَ[٥٨] لاتي[٥٩].

Gul Hayat Institute

---

١. رياست مڪران جو هڪ مشهور شهر، جتي سسئيءَ جو محبوب پنهون رهندو هو. ٢. جنهن طرف، جنهن پاسي. ٣. اي جيڏيون، اي سرتيون. ٤. مونکي آهي. ٥. آسرو، اميد. ٦. بانهيءَ، گوليءَ. ٧. سودي واپار جي هنڌ يا مرڪز. قيامت جو ميدان. ٨. خداڪري. ٩. ۾. ١٠. ٿئي. ١١. گهڻائي. شڪايت. ١٢. هاڙهي ۾ (هاڙهو، لس ٻيلي جي اولهه طرف هڪ جبلن جي قطار جو نالو آهي). ١٣. محبوب (سسئيءَ جو محبوب پنهون بلوچ قوم جي هوت قبيلي مان هو). ١٤. گولي. نوڪرياڻي. ١٥. سياڻي. ١٦. پير جو نشان. ١٧. مون سڃاتو. مون صحي ڪئو. ١٨. محبوب. ١٩. واپس نيان. ٢٠. ٻويان. ٻئي. ٢١. ڏسڻ. ٢٢. واسطي. ٢٣. گهڻو. جهجهو. ٢٤. ٻري. ٢٥. ڪان سواءِ. ٢٦. ڪير. ٢٧. مددگار. حمايتي. حامي. ٢٨. ڪهمندي. ٢٩. آئون. ٣٠. چپ چپاتي = ماٺ ڪري. ٣١. اڪنڊ اڪير. ٣٢. بادشاهه. سلطان. مالڪ. ٣٣. محبوب. ٣٤. جي. ٣٥. اي ميان. اي مالڪ. ٣٦. ڏينهان جوراتين = ڏينهن توڙي رات جو. هر وقت. ٣٧. چئي. ٣٨. نيازنئڙت. هيڻاهين. عاجزي. ٣٩. ڪجي. ٤٠. ماٺ. چُپ. ٤١. شڪراني. ٤٢. ڏک. ٤٣. من. ٤٤. کي. ٤٥. ڪئي. ٤٦. هدايت. ٤٧. خودي. ٤٨. حجري ۾. آستان ۾. مڪان ۾. ٤٩. ڪيترا. گهڻا. ٥٠. ورهيه. ٥١. شمار ڪندي. ٥٢. لنگهي وئا. ٥٣. رسي. ٥٤. محبوب. ٥٥. جي. ٥٦. مجري لاءِ. سلام يا زيارت لاءِ. ٥٧. من کي. دل کي. ٥٨. ياسي. ٥٩. ڪري. رکي.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرُ ڪَاپَائِتي

## داستان پهريون

١

ٽُوٽِي[1] ٽُون ڪَاتَارِ[2] جِمَ[3] هيڪَلي[4] پيٿرِين[5]،
ڏِنِي ڪا ڏُئَارِ[6]، صَرافَ[7] ٽُنهِنجي سُٽَ ۾.

٢

جَنِي هيڪَلي پيِرِئو، تَنِي ميڙِئو[8] مَاءِ[9]،
تَندُ[10] اِهڙِي[11] سَاءِ[12]، مُون[13] آتڻ[14] هَڏَ[15] نَه اُجهِي[16].

٣

چَرڪو[17] چوري[18] هِٿَ[19] ڪَرِ، هِيءَ[20] هَڏِ[21] وِهاٽِي[22]،
ڪَاپَائِتي سَيڪَا[23]، ڪِتي[24] سِيباٽِي[25]،
ڄَاتو[26] جَنِ ڄَاڻِي[27]، تَنِ پَهِي[28] هَٿَان[29] نَه ڇَڏِي.

٤

ڄَان[30] ڪَتَنديِنءَ[31] تَان[32] ڪَتُ، هِيءَ هَڏَ وَهاٽِي،
ڪو پَنهنجي عِيدَ[33] لَيءِ[34]، پيِري[35] ڪِج[36] پَرَتُ[37]،

---

١. جيتوٽيڪ. ٢. ڪپهه مان سٽ ڪتڻ واري (ڪتڻ جي ماهر). ٣. متان. ۴. اڪيلي، پنهنجي منهن، چڙي، رهبر کان سواءِ. ۵. ارٽ يا چرخو ڦيرائيين يا هلائيين. ٦. خرابي. وِڏ. نقص. عيب. ٧. دولت جي ماستا جي ڏنڏي ڪندڙ. پارکوءِ. پرکيندڙ. ماهر. سون چانديءَ جي پرک رکندڙ. (سٽ جي) سوداگر يا واپاريءَ. ٨. (ناڻو يا دولت) گڏ ڪئي. ٩. اي ماءُ. اي امان. اي آيل. ١٠. سٽ جو ڌاڳو. ١١. اهڙيءَ. ١٢. نموني (ٻئن سان گڏ). ١٣. مون کان. ١۴. آتڻ ۾. (اُن) جاءِ ۾. جتي عورتون سٽ ڪتنديون آهن. ١۵. هرگز. اصل. ١٦. اُڪلي. ڪتي سگهجي. ١٧. ارٽ. ١٨. وني. ڪٺي. ١٩. هٿ ۾ قبضي ۾. ٢٠. هيءَ مهل. هيءُ وقت. هيءَ رات. هيءَ حياتي. ٢١. بلڪل. ٢٢. گذري وئي. پوري يا ختم ٿي وئي. ٢٣. ڪپهه ڪتڻ واري عورت. ٢۴. ڪتي مطابق. ڪتيل سٽ مطابق. ٢۵. سُونهي. وڻي. پسند اچي. مَرڪي. ٢٦. پروڙيو. سمجهيو. ٢٧. ڄڳي طرح. ٢٨. (ڪپهه جي) پوٽي. پهو. مڇو. پُڙو. ٢٩. هٿ مان. ٣٠. جيڪڏهين. ٣١. (ڪپهه) ڪتڻي. آتيئي. ٣٢. تہ. ٣٣. خوشيءَ واري ڏينهن. ٣۴. واسطي. ٣۵. چرخو هلائي. ٣٦. تيار ڪج. ٣٧. سامان. توشو.

مَتان[1] روئِين[2] رَتُ، صُباحَ[3] وِچِ[4] سَرتيِن[5].

**٥**

كَتَڻَ[6] جي كانَ[7] كَرِين، سُتيِ[8] ساهِين[9] هَڏَ[10]،
صُباحَ ايندِئي[11] اوچِتي[12]، عيدَ[13] اُگهاڙِن[14] گڏَ[15]،
جِتِ سَرتيُون[16] كَندِيُي سَڏَ[17]، اُتِ سِكَندِينءَ[18] سِينگارَ[19] كي.

**٦**

كَتي نَ[20] كُوڙي[21]، پائي ڏورِ[22] اَرٽَ ۾،
وِهاڻءِ[23] جي[24] واڌائِيِين[25]، پُٽي[26] سَنيُوڙي[27]،
مَتيِ[28] جَنهِن مُوڙي[29]، سا[30] كِيئَن[31] وِهي وِسَرِي[32].

**٧**

نَكِي كَتوئِي[33] كالَهه[34]، اَجُ پَڻِ[35] اُجَهڻَ[36] كي مَرِبن[37]،
مُونا[38] اَتِجي[39] اُكَڙِئا[40]، اَرٽَ[41] ڏِرَكِي[42] مالَهه[43]،
هِي[44] تُنهِنجي حالَ[45]، جِيئَن كاپي مان كِينَ كِيوءِ.

**٨**

Gul Hayat Institute

اَجُ پَڻ اُجَهڻَ كي مَرِبن، نَكِي كَتُئِي كالَهه،

---

١. مُبادا، مَحِق. ٢. روئين رت = رت جا ڳوڙها اکين مان وهائيين، تمام گهڻو رُئين. ٣. سڀائي يعني عيد جي ڏينهن. ٤. وچ ۾. ٥. سرتين جي. هڪ جيڏين يا سهيلين جي. ٦. ارٽ جي ذريعي ڪپهہ مان سُٽ ڪاڻڻ. ٧. ڪا نہ ڪرين = ڪا اون يا ڪوشش نہ ڪرين. ٨. سمهڻ جي حالت ۾. بستري يا هنڌ تي ليٽڻ جي حالت ۾. ٩. تون ساهين. تون تاڻين يا اوري پري ڪرين. ١٠. هڏ ڪي، جسم يا بدن کي. ١١. توکي ايندي. ١٢. اچانڪ. بنان ڄاڻ يا اطلاع جي. ١٣. عيد جو ڏينهن، خوشيءَ جو ڏينهن. ١٤. (غافل) عورتن. جن سُستيءَ سبب سُٽ نہ ڪتيو ۽ نتيجي ۾ عيد جي ڏينهن ڪپڙن يعني پوشاڪن کان محروم ٿي ويون. ١٥. ساڻ. ١٦. هڪ جيڏيون. سهيليون. ١٧. ڪنديئي سڏ = توکي (ڪچهريءَ يا رهاڻ وغيره لاءِ) سڏينديون يا گهرائينديون. ١٨. توکي ضرورت يا گهرج نپندي. ١٩. ڪپڙي لٽي. ويس وڳي. ٢٠. ارٽ يا چرخي جي ذريعي ڪپهہ مان سٽ تيار ڪري. ٢١. ڪو سرات. ڪم ڪوس سُست يا ٿوڙ. ٢٢. سٽ جي تند يا ڌاڳو. ٢٣. وهاڻ ۾. شاديءَ ۾. ٢٤. توڙي. ٢٥. واڌاين يعني مبارڪن (ڏڻ) جي محفلن ۾" ٢٦. وڃي. گهمي ڦري. ٢٧. سنبريو يا تيار ٿئو (پراڻن ڪپڙن ۾). ٢٨. مٿي تي. سر تي. ٢٩. جنهن جي. ٣٠. بوجهہ يا بار يا وزن (دنيا داريءَ جو). ٣١. حو. ٣٢. غافل. سست. ٣٣. تو ڪتيو. ٣٤. اڄ کان هڪ ڏينهن اڳ. گذريل ڏينهن. ٣٥. رُلڻ. پنڻ. ٺڪڻ. ٣٦. لاءِ. ٣٧. بيتاب يا بي قرار يا اُتي آهين. ٣٨. ايبون ڪاڻيون. جن تي ارٽ جو ڇڪرو بيٺل هوندو آهي. ٣٩. وٽ يا موڙ کائي. ٤٠. نڪري وڻا. ڌار ٿيا. ٤١. ارٽ جي. ٤٢. لڙڪي پيئي. ٤٣. اهو ڌاڳو يا تند جيڪا ارٽ جي جوڌاري ڦرندي آهي. ٤٤. حيف. ٤٥. حال تي، حالت تي.

ارٽَ[1] اوڏِيائي[2] نہ وَهين[3]، مَحڪمُ[4] وَتين نہ مالَهہ[5]،
پُوري[6] تو سين پالَ[7]، ڪانڌُ[8] ڪَرِيندو[9] ڪيترا.

٩

سي تو وَهيءِ[10] وِڃايا[11]، جي ڪَتَڻَ[12] سَندا[13] ڏينهَن،
اَرٽَ اوڏِيائي نہ تِيين، پُوري پُورو[14] سِيئَن[15]،
تَندُ پَسنديِنءَ[16] ڪِيئَن[17]، هاٽي تُون وڏي[18] ٿِي.

١٠

تُوٽي تُون وڏي ٿي، نہ اُتي[19] آتَڻِ[20] آءُ[21]،
ٿيءُ پيڙِي[22] پيرَمَ[23] وارِيين[24]، پِي[25] هَڏِ[26] ڪَرِ مَ[27] ڪاءِ[28]،
نہ صَرافُ[29] تو[30] صُباحِ[31]، ڪوني[32] ڪاتارِن[33] سين.

١١

تو[34] هَتَّڙا[35] سون[36] جا، ڪوهُہ[37] نہ ڪتين رڏ[38]،
وِيهي ڪاپو[39] ڪَرِين نہ ڪُندَ ۾، ڪَتيُون[40] ڳالهيُون[41] ڇڏ،
نہ صَرافاٽي[42] سَڏِ[43]، مَرڪيُو[44] هُوند مَتائِيين[45].

Gul Hayat Institute

١. ارٽ جي، چرخي جي، ٢. ويجهو، ٣. وڃين، ۴. مضبوط، سخت، پختو، ۵. ڏاڳو يا تند جيڪا ارٽ جي چوڌاري ويڙهبي آهي، ٦. اي پوري، اي موڳي، اي نادان، ۵. مهربانيون، ڀلايون، ٿورا، احسان، ٨. مڙس، ڀتار، ڌڻي، مالڪ، ٩. ڪندو، ١٠. وهيءَ جا، جوانيءَ جا، جوڀن جا، عمر جا، ١١. ضايع ڪئا، ١٢. ارٽ جي ذريعي ڪپهہ مان سٽ ڪتڻ جي ڪم، ١٣. جا، ١۴. ٿوري وقت، ١۵. ٽائين، ١٦. ڏسندينءَ، ١٧. ڪهڙيءَ طرح، ١٨. پوڙهي، پيرسن، ١٩. جيتوڻيڪ، ٢٠. آتڻ ۾، (ان) جاءِ ۾، جتي عورتون ارٽ جي ذريعي ڪپهہ مان سٽ ناهينديون آهن، ٢١. اڄ، ٢٢. ويجهو، ڳڌ، ٢٣. ارٽ، چرخي، ٢۴. وارين سان، ٢۵. ٻي ڳالهہ، ٢٦. اصل، بنهہ، ٢٧. نہ، ٢٨. ڪاٻہ، ٢٩. ناڻي يا دولت جي متاسنا جو ڏنڌو ڪندڙ (سون ۽ چانديءَ جو) پارکو يا پرکيندڙ (سٽ جو) سوداگر، واپاري، ٣٠. توکي، ٣١. سڀاڻي، ٣٢. سڏي، گهرائي، ٣٣. ارٽ جي ذريعي ڪپهہ مان سٽ تيار ڪندڙ عورتن، ٣۴. تنهنجا، ٣۵. هٿ، ٣٦. سون جا= (هڪ زردي رنگ جو قيمتي ڌاتو) جهڙا سُهڻا (بنائيندڙ يا ناهيندڙ)، تجربيڪار، ٣٧. ڇو، ٣٨. اي رڏ، اي بي عقل، اي نادان، اي رڏي ڪندڙ، ٣٩. سٽ ڪتڻ جو ڪم، ۴٠. اڻ وڻندڙ، بي سود، اجايون، ۴١. معاملا، ۴٢. صراف جي، ۴٣. سڏ تي، ڪوٺ يا دعوت تي، مجلس ۾، ۴۴. خوش ٿئو، سرهي ٿئو، ۴۵. (ناڻو) سٽ جي عيوض ۾ وٺين.

## ١٢

تُلُهو[١] سَنُهو[٢] اگهئو[٣]، کِي[٤] جي[٥] کِتائِين[٦]،
تَہ مَرَکِئو[٧] مَتِئائِين[٨]، صُباحَ[٩] وِچِ[١٠] سَرَتِيِن[١١].

## ١٣

پَگوئِي[١٢] پَيرِ[١٣]، جَانسِينءَ[١٤] رَنئو[١٥] راس تِئي[١٦]،
بُرِيءَ[١٧] بِيکارِيءَ[١٨] سين، هَارِي[١٩] هَڏُ[٢٠] مَ هيرِ[٢١]،
کَتُ[٢٢] کَتَنديُون کيرِ، نَئين[٢٣] سين نِجاڻجي[٢٤].

## ١٤

پيرِين[٢٥] ءِ پَانِيِن[٢٦]، اِيئَن وِڏُو هيُئِي[٢٧] کَانڌُ[٢٨]،
وِبِني اُورِ[٢٩] اَرٽَ سين، ڳِچِيءَ[٣٠] پَايو پَانڌُ[٣١]،
تَہ تُنهِنجو وِڙوانڌُ[٣٢]، کِتو[٣٣] وِتو[٣٤] نَہ تِئي.

## ١٥

پيرَڻَ[٣٥] کَان جَنِ پَانيو[٣٦]، تَنِ کَاپَائِتيِنِ[٣٧] کَاڻِ[٣٨]،
تُنهِنجو تِسَئين[٣٩] مَٿي[٤٠] تُرانِ[٤١]، هِتِ ٿِيُون ڏکَنِ[٤٢] ڏهہ سئين واربون[٤٣].

Gul Hayat Institute

---

١. سادو يا بي ڊولو، ٢. عمدو، سهڻو، سنو، ٣. قبول پئو، منظور ٿئو، ٤. ڪجهہ، ٿورو، ٥. جيڪڏهين، ٦. هن ڪتئو، ٧. خوش ٿئو، سرهي ٿئو، فخر ڪئو، ٨. بدلايائين يعني ناٺو سٺ جي عيوض ۾ ورتائين، ٩. سپاڻي، ايندڙ ڏينهن تي، ١٠. ۾، ١١. سرتين، هڪ جيڏين، سهيلين، ١٢. پڳل ٽنل يا پراٺو (چرخو يا ارٽ)، ١٣. ڦيراءِ، هلاءِ، ١٤. جيستائين، ١٥. ڳاڙهو يا سهڻو (چرخو)، نئون چرخو، ١٦. (نهي) تيار يا مڪمل، ١٧. بڇڙيءَ، بدچال، بدڪار، ١٨. نڪميءَ، نڪمٽيءَ، ڪاهل يا سُست (عورتَ)، ١٩. اي هاري، اي نادان، ٢٠. جسم، بدن، ٢١. هيراءِ، عادي ڪر، ٢٢. تون ڪتندي رهہ (پڳل ارٽ سين)، ٢٣. نئين ارٽ، ٢٤. خبر ناهي، ٢٥. ارٽ هلائيِن، ٢٦. ياڻ ڪرين يا وڏائي ڪرين، ٢٧. تو وڏوهيو، تو ناراض ڪئو، ٢٨. مڙس، ڀتار، مالڪ، ٢٩. رهاڻ ڪر، دل وندراءِ، ٣٠. ڳچيءَ ۾، ٣١. ڪپڙي جو پلاند. ڪپڙو (ڳچيءَ پايو پاند = آزري نيزاري ڪريو، عاجزي ڪريو)، ٣٢. اجايو، ضايع، ٣٣. ڪتيل سُٽ، ٣٤. خراب، ضايع، ٣٥. ارٽ هلائڻ، ٣٦. (فائدو) سمجهيو، ٣٨. ڪاپائتين ڪي، سٺ ڪتندڙ عورتن ڪي، ٣٨. ندامت، پشيماني، شرمساري، ٣٩. تي سؤ تندن جي پيٽي وارو ڪپڙو، ٤٠. تي، ٤١. ترازي، ساهميءَ، ترازيءَ، ٤٢. ڪنبن، ڏڄن، ٤٣. ڏهہ سؤ تندن جي پيٽي سان ڪپڙي، اوچي ڪپڙي.

## ١٦

نَفِيءَ[1] جي نانهن[2] سين، پَهِي[3] پَجِئائُون[4]،
پِڙا[5] جي پانئَڻَ[6] جا، پيري[7] پَڳائُون[8]،
هُو جو وَڻُ[9] هُئَڻَ[10] جو، وَڍِي[11] وِڌائُون[12]،
اَسِين ۽[13] آئُون، آتَڻِ[14] اُنِ[15] نَه اُجَهِي[16].

## ١٧

مَچُڻ[17] پاڳَ[18] پَرُ ڏِين[19]، کَٽُ[20] کَبَندِي[21] آءُ،
جَڏِهِين تَڏِهِين ماءِ[22]، پِرَنِ[23] پيرَمَ[24] وارِيُون.

## ١٨

چائُٽَ[25] رکي چِتَ[26] ۾، سَنُهو[27] کِتو جَنِ[28]،
تَنِ جو صَرافَنِ[29]، ڏُکو[30] داخِلُ نَه[31] کِئو.

## ١٩

مَحَبَتَ[32] پائي مَنَ[33] ۾، رَنِدا[34] روڙِئا[35] جَنِ،
تَنِ جو صَرافَنِ، اَڻَ تورِئو[36] اَگهايو[37].

Gul Hayat Institute

---

١. "لا اِلہَ" (ڪوبہ عبادت جي لائق نہ آهي)، ٢. (پنهنجي وجود جي) انڪار، ٣. (ڪپهہ جو) پهو، پُڙو يا پوٽي، ۴. صاف ڪئائون (ڦوندا ڦوندا ڪري)، ۵. (ڪپهہ جي سٽ جي تندن ۾) ڳنڍيون يا ڳوڙها، ٦. خودي، آپي، ٧. ورائي، سَٽ ڏيئي، ٨. ڪڍيائون، ٩. درخت، ١٠. خوديءَ، هستيءَ، ١١. ڪٽي، ڪپي، ١٢. ڇڏيائون، ١٣. اسين ۽ آئون = اهنڪار، انانيت، خودي، ١۴. آتڻ ۾، (اُن) جاءِ ۾، جتي عورتون ارٽ جي ذريعي ڪپهہ مان سَٽ ٺاهينديون آهن، ١۵. اُن ڪان، ١٦. ادا ٿئي، ظاهر ٿئي، ١٧. متان، ١٨. ڀاڳ تي، بخت تي، نصيب تي، ١٩. ڀروسو، زور، آسرو (ڀر ڏيِن = ڀروسو ڪرين، آسرو رکين، زور ڏين)، ٢٠. (ڪپهہ) ڪتڻ جو پورهيوڪر، ٢١. ڊڄندي، ڏڪندي، ڊپ يا خوف ڪندي، ٢٢. اي ماءُ، اي امان، اي امڙ، ٢٣. واپس ٿين، موٽيو وڃن، رد ٿين، گهاٽي يا نقصان ۾ ٻون، ٢۴. چرخي يا ارٽ (ڪتڻ واريون)، ٢۵. ٻيائي، بغض، ڪدورت، ٢٦. دل، من، ٢٧. باريڪ، نفيس، سهڻو، سنُو، ٢٨. ڪَتئو، ٢٩. ناڻي يا دولت جي مٽاسٽا جو ڏنڌو ڪندڙن چانديءَ يا سون جي پارکن، سوداگرن، واپارين، ٣٠. ڏکي يعني سير وزن جي اسي (٨٠) ڀاڱي جي برابر، تمام ٿورو، ٣١. داخل نہ ڪئو = قبول يامنظور نہ ڪئو، ٣٢. پيار، قرب، سڪ، ٣٣. رکي، ٣۴. (ڪپهہ جون) ڳنڍيون يا ڳوڙها، ٣۵. (تکڙ ۾ ڪپهہ جي ڏاڳن مان) لاٿا، پٽيا، ڪوهي جدا ڪئا، (رنديا روڙئا = تکڙ ۾ سادو يا ٿلهو سٽ ڪتئو)، ٣٦. ٻنان تورڻ جي (ٻنان ڇڪاس يا تپاس جي)، ٣٧. قبول ڪئو.

## ٢٠

جي[١] سَنُهو نَه سِکِي[٢]، تَه مَرُ[٣] رَندائي روڙي،
سُٽ اُنهيءَ جو سَيدُ رح چَئي، وِئا تَرازِيءَ[٤] توري[٥]،
تُلُهي ۽[٦] توري، ويچارِيءَ[٧] سين وَڙُ[٨] ٿِئو.

## ٢١

کو جو وَهُه[٩] کاپائتِيين[١٠]، کَنبَن[١١] ۽ کَتَن[١٢]،
کارَڻ سُودَ[١٣] سَوارِيُون، آتَڻ[١٤] مَنجهه[١٥] اَچَن،
اُنَ جي سُونهَن[١٦] سَيدُ رح چَئي، صَرافَ[١٧] ئي سِڪَن[١٨]،
اگِهائا[١٩] سُٽَ سَندَن[٢٠]، پائِي[٢١] تَرازِيءَ نَه تورِئا.

## ٢٢

سُٽُ اُنهِين جو سَفِرو[٢٢]، جي پَر[٢٣] ۾ پِچائِين[٢٤]،
آوازُ[٢٥] اَرٽَ جو، ساهَه[٢٦] نَه سُٽائِين[٢٧]،
لِکايو[٢٨] لَطيف رح چَئي، کَنِيئو کَتائِين،
جي[٢٩] ماڻِڪَ[٣٠] موتائِين[٣١]، تؤ[٣٢] مُلُهه[٣٣] مَهانگو[٣٤] اُنِ[٣٥] جو.

---

١. جيکڏهين. ٢. (کتڻ) نٿي ڄاڻي، نٿو اچيس. ٣. ڀل، بيشڪ. ۴. ترازيءَ ۾، ساهميءَ ۾. ۵. ماپي، وزن ڪري. ٦. ٿلهي ۽ ٿوري = سادي ۽ گهٽ وزن واري سٽ هوندي به. ٧. نماڻيءَ، مسڪين. ٨. مهرباني، نوازش. ٩. اهڙو.١٠. لاچار، ڪاڏو، سڪ، محبت. ١١. ڪاپائتين کي، ڪاپي يعني سُٽَ ڪتڻ جي پورهيي ڪندڙن عورتن کي. ١٢. ڊِڄن، ڏکن، ٿڙڪن. ١٣. نفعي، فائدي. ١۴. سويل، پرڀات جو. ١۵. جاءِ جتي عورتون ارٽ جي ذريعي سٽ ڪتن. ١٦. سونهن لاءِ، سوڀيا لاءِ، حُسن لاءِ. ١٧. ناڻي ۽ دولت جي مناسبا جو ڏنڌو ڪندڙ. سون ۽ چانديءَ جا پارکو، واپاري، سوداگر. ١٨. واجهائين، اسڙڪن. ١٩. قبول ٿئا، پسند پيا. ٢٠. انهن جا. ٢١. وجهي. ٢٢. سٺو، قيمتي. ٢٣. لڪ ڇپ ۾، ڳجهه ڳوهه ۾. ٢۴. (ڪپهه) صاف ڪرائين. ٢۵. ڪڙڪو، ڇيڇاٽ. ٢٦. ساهه کي، پساهه کي، جيءَ کي، جان کي. ٢٧. ٻڌائين. ٢٨. ڇپايو. ٢٩. جيڪڏهين. ٣٠. موتي، جواهر. ٣١. واپس ڪن. ٣٢. تنهن هوندي به. ٣٣. بها، اگهه، قيمت. ۴٧. آکرو، ڳرو، ڀاري. ٣۵. انهن (جي سُٽَ).

Gul Hayat Institute

## ٢٣

تُنبائي[1] تاڪيدَ[2] سين، جَن پِجايو[3] پاءُ[4]،
لَسي[5] تَندُ[6] لطيف چئي، هَلي[7] تَنِ[8] هَتان[9]،
مَلمَل[10] مَنجهان ماءِ[11]، جي سِڪيُون تَنِ سونُ[12] ڪِئو.

## ٢٤

ڪي اوبِرِين[13] عَرَبَ[14] ۾، ڪي[15] ڪابَلَ[16] مَنجهه ڪَتَنِ[17]،
سُٽُ اُنهين جو سَفِرو[18]، مَتئو[19] ماٽڪَنِ[20]،
قادِرَ[21] ڪِينَ ڪَدِين، تيلِهي تُلِهي[22] واريُون[23].

## ٢٥

سَجَڻُ[24] ڏِنو جَن، تَنِ اَرٽَ[25] اولاٽي[26] ڇَڏِئا،
مَتي[27] مُونَنِ[28] هَتَڙا، اڪِيُون ڏانهَن پِرِيَنِ[29]،
توٽي[30] ڪِينَ ڪَتَنِ، تَه بِه ڪانڌُ[31] اُنِ جو ڪوڏِئو[32].

## ٢٦

ڇَرڪو[33] پَنهنجي چِتَ[34] ۾، پِيءِ[35] پيرِيو[36] جَنِ،
توٽي ڪِينَ ڪَتَنِ، تَه بِه ڪانڌُ اُنِ جو ڪوڏِئو.

Gul Hayat Institute

---

١. ڪپهہ کي پيجڻ يعني دز ۽ مٽي ڪيڻ لاءِ (پين ڪان) هٿن سان ذرا ذرا ڪرائي يا ڏار ڪرائي. ٢. خبرداريءَ، سچيتائيءَ. ٣. صاف ڪرايو. ٤. سير جو چوٿون حصو (ڪپهہ جو ٿورو مقدار). ٥. بنان ڳنڍين ۽ روڙن. ٦. ڌاڳو (سٽ جو). ٧. ٿهندي يا جُڙندي وئي. ٨. تن جي. ٩. هٿ سان. ١٠. لسي ۽ سنهي ڪپڙي جي هڪ قسم. شبلم جي ڪپڙي (ململ منجهان = ململ جي ڪپڙي ٺاهڻ جي ڏنڏي مان). (ململ جي ٻي معنيٰ ٽيندي وري وري مهٽڻ يا صاف ڪرڻجي عمل). ١١. اي ماءُ. اي امان. اي امڙ. ١٢. سون ڪئو = سون حاصل ڪئو. گهڻو ناڻو ڪمايو. ١٣. ڦوري يا ڊيري ٺاهڻ لاءِ. سٽ کي اوبريءَ (سٽ ويڙهڻ جي اوزار) تي ويڙهين. ١٤. عربستان جي ملڪ ۾ ١٥. ڪجهہ. ١٦. افغانستان ۾ هڪ شهر جو نالو. ١٧. ارٽ جي ذريعي ڪپهہ مان سٽ ٺاهين. ١٨. سٺو. قيمتي. ١٩. وڪائو وڪرو ٿئو. ٢٠. ماٽڪن (سچن موتين يا جواهرن) جي عيوض ۾ يعني قيمت ۾. ٢١. وس وارا. شاهوڪار. واپاري. سوداگر. ٢٢. ڏڪي. ٢٣. سادي (سنٽ). ٢٤. محبوب. ٢٥. چرخا. ٢٦. (هلائڻ) بند ڪري. اکوڙي. اُڪيلي. ٢٧. تي. ٢٨. ارٽ جي تري واري ڪاٺ جي تختي ۾ لڳل يا ڪتل ٻن اپين ڪاٺين (جن تي ارٽ جو پاندو بيٺل هوندو آهي). ٢٩. محبوبن. ٣٠. جيتوڻيڪ. ٣١. ڀتار. مڙس. خاوند. مالڪ. ٣٢. چاهيندڙ. شائق. ٣٣. چرخو. ارٽ. ٣٤. دل. من. ٣٥. ڀوَ ۾. ڊپ ۾. ٣٦. ڦيرايو. هلايو.

**(۲۷)**

جي[1] ڪَنبَنِ[2] ۽ ڪَتَنِ[3]، اَنئي[4] پَهرَ اَرٽَ سِين،
تَنِ جو صَرافَنِ[5]، قُورو[6] قولِهئو[7] ڪِينَ ڪي.

**(۲۸)**

ڪَاپِڙي[8] مَان ڪِينَ[9] تَنئو، جَان[10] پِيرِئُمِ[11] پَلِيءَ[12] پَت[13]،
سُڌِ[14] نَہ آيَمِ[15] سُتَ[16] جي، پَاٽَان[17] مُوڙِهِئمِ[18] مَت[19]،
اَندَرِ[20] وَهِي[21] اُبَتِ[22]، سُپِيرِيَان[23] جِي ڳَالهِڙِي[24].

**۲۹**

پَلِيءِ[25] پَايو[26] پُوٽِيُون[27]، دَر دَر[28] پِيرا[29] ڏي،
ڪَا مُون[30] ڪَتَائِي[31]، ڪَاپَائِتِي[32] آهِيَان.

**(۳۰)**

پُوٽِيُون پَايو پَاندَ ۾، دَر دَر پِيرا ڏي،
ڪَاپَائِتِي سَيِڪَا، ڪَا مُون ڪَتَائِي.

**(۳۱)**

Gul Hayat Institute

پَائي پَاندِ[33] ڪَپَاهُه، مُون آتَڻَ[34] سَڀِ نِهَارِئَا[35]،

---

۱. جيڪي. ۲. ڏجن. ڏڪن. ٿڙڪن. ۳. ارٽ جي ذريعي ڪپهه مان سٽ ڪاهين. ۴. انئي پهر = سمورو يا سارو وقت. ۵. سوداگرن، ساهوڪارن، واپارين. ٦. (سٽ جو) ڍيرو، ويڙهو. ۷. (تياس لاءِ) ڪوليو. ۸. ڪتڻ. ۹. ڪجهه بہ نہ. ۱۰. جيتوڻيڪ. ۱۱. مون پيريو يعني ارٽ هلايو. ۱۲. چڱيءَ. ۱۳. ريت، نموني (پليءَ پت = خبرداريءَ يا ڌيان سان). ۱۴. خبر، ڄاڻ. ۱۵. مونکي آئي، مونکي پيئي. ۱٦. ڌاڳي. ۱۷. ويتر، وڌيڪ. ۱۸. منهنجي موڙهي يا مَنجهي وئي. ۱۹. سمجهہ، هوش، عقل. ۲۰. اندر ۾، دل ۾. ۲۱. هلي. ۲۲. ابتي، سمجهہ کان ٻاهر. ۲۳. سيرين، محبوبن. ۲۴. ٻچار، تات، ياد. ۲۵. پلئہ ۾، پاند ۾. جهوليءَ ۾. ۲٦. وجهئو. ڪٽئو. ۲۷. (ڪپهہ جا ٻجيل يعني صاف تيل) پڻا، ٻُڙا، ڌرا. ۲۸. در در تي، گهر گهر جي دروازي تي. ۲۹. ڦيرا، چڪر. ۳۰. مون کي. ۳۱. ڪتڻ ۾ مدد ڪري. ۳۲. سٽ ڪتندڙ. ۳۳. پاند ۾. ۳۴. ڪتڻ جون جايون. ۳۵. ڏونديا، ڳوليا.

ڪَٽي ڪَا نہ پَساهہ، سَرَتِيُون وَجِي سُتِيُون.

## ٣٢

وِيُون ڪَنهِن وِڳَهہ تَڙِ، پِيرا پَجِي مَاءِ،
آتَڻِ مَتَّي اُسِرِي، آيَس اُنِين لاءِ،
تِنئَان هِتِ نہ ڪَا، آتَڻِ ڪِتُمِ جَنِ سِين.

## ٣٣

ڪَيِ ڏانهَن ڪَتَڻَ وارِيُون، اولاٽِيَنِ اَرٽَ،
لُتَرجَنِ لاڪِيٽِيَنِ جُون، پَهِيُون مَٿي پَٽَ،
اوبَڻُ ءِ اَرٽَ، چَڏي پِيَنِيُون چَپَرِين.

## ٣٤

سي اَجُ نہ آتَڻِ آيُون، جَنِي ڪِتو ڪَالَهہ،
اَرٽَ اُڪَلِي مَالَهہ، پُوري وِيُون نِجُهرا.

## ٣٥

ڪَتي ڪَالَهہ، اَجُ نہ آتُڻِ آيُون،
اَرٽَ اُڪَلِيَنِ مَالَهہ، چَرڪا چُوري وِيُون.

١. ساهہ، دم (ڪٽي ڪانہ پساهہ = ڪابہ جيئري يا حيات نہ آهي)، ٢. جيڏيون، ساهيڙيون، ٣. آرامي ٿيون (قبرن ۾)، ۴. وڳهہ جي،ڏک جي، ۵. سبب، ٦. ملاقاتون، اڄ وچ، ٧. ختم ڪري، بند ڪري، ٨. اي ماءُ، اي امڙ، ٩. جاءِ يا هنڌ، جتي عورتون ارٽ ذريعي ڪپهہ مان سٽ ٺاهينديون آهن، ١٠. تي، ١١. سري، رڙهي، ١٢. آئون آئي، ١٣. تن مان، ١۴. آتڻ ۾، ١۵. مون (سَٽ) ڪتيو، ١٦. ڪٽي، ڪهڙي طرف، ١٧. (انهن جا) اولاٽئا، (هلڻ ڪان) بند ٿي ويا، ١٨. چرخا، ١٩. (مٽيءَ ۾) لٽجن يا خراب ٿين، ٢٠. لڪن جي مٽ يا برابر عورتن سهڻين يا خوبصورت عورتن، ٢١. (صاف ٿيل ڪپهہ جا) پها، ذرا، پُڙا، مُڇا، ٢٢. زمين، ڌرتيءَ، ٢٣. سٽ جي سُوڌَڻ يا ويڙهڻ جو اوزارُ، ٢۴. ڳهڙيون، وييون، ٢۵. چپرن ۾، جبلن ۾، ٢٦. اڄ کان هڪ ڏينهن اڳ، گذريل ڏينهن، ٢٧. ارٽ جي، ٢٨. ڳلي، ٽٽي، جدا ٿي، ٢٩. ارٽ جي پاڻڊي کي ويڙهڻ لاءِ ڏور يا تند، ٣٠. بند ڪري، ٣١. جهوپڙا، پنگا، گهر، آستان، ٣٢. چرخا، ٣٣. ڪٽي.

Gul Hayat Institute

## ٣٦

نَه سي وُوڻَ وَٽَنِ مِر، نَه سي ڪاتارِيُون،
پَسِئو بازارِيُون، هِيَنئڙو مُون لُوڻَ لَهي.

## ٣٧

جَني ڪتو ڪالهه، سي پاٽان پيِيون مامري،
جَنِي تَڪُ نَه مالهه، سَرَهِيُون سي صَرافَ سِين.

## ٣٨

تَڪُ وِنگِي وَرَ گهَٽا، ڪَتان ڪُڄاڙو،
ڪاپِي مَتان ڪيترو، آٽيان اُڌارو،
جي وَرُ ڏي وارو، تَه سُونهان سَرَتِيُن وِچِ مِر.

## ٣٩

ڪَتني مَتي آيُون، ڪَري تَندُ تَيارُ،
اُتَلَ اوڏاهين تئي، جيڏانهن پرينءَ پارُ،
ڪاپائِنيءَ قَرارُ، مَنجهان پورِهئي پِرايو.

Gul Hayat Institute

١. ڪيهه پيدا ڪندڙ پوٺا، ٢. جهنگن، ٻنين، ٣. سٽ ڪتندڙ عورتون، ڪاپائتيون، ۴. ڏسئو، ۵. جايون يا دڪان، جتي سٽ جو واپار هلندو هو. ٦. هنيون، دل، ٧. منهنجو، ٨. لوڻ جيئن يا وانگر، ٩. ڳري، ١٠. (ڪپهه مان) سٽ ناهيو. ١١. اڄ ڪان هڪ ڏينهن اڳ، ١٢. ڀاڻ، خود، ١٣. مامري ۾، مونجهاري ۾، فڪر يا ڳڻتيءَ ۾. ١۴. جن ڪي. ١۵. لوهه جي سنهي سيخ، جنهن تي سٽ جو ڍيرو هلندو آهي. ١٦. ارٽ جي ياندي ڪي ويڙهڻ لاءِ ڏور يا تند (تڪ عمالهه = ارٽ جو سامان). ١٧. خوش، راضي، ١٨. سوداگر، واپاريءَ، ١٩. ڏنگي، ٢٠. وڪڙ، ڀيچ، ٢١. ڇا، ٢٢. ڪتڻ جي مزدوري، ڪتڻ جي پورهيي، ٢٣. تان، ٢۴. اوڌر يا قرض تي، ٢۵. جيڪڏهين، ٢٦. ڪانڌ. ڀتار، مڙس، مالڪ، ٢٧. وجهه (وارو ڏي = مهرباني يا ڀلائي ڪري، وڙ ڪري، ڀاڳ ڀلو ڪري)، ٢٨. مرڪان، فخرڪريان، ٢٩. جيڏين، سهيلين، ٣٠. ڪتي ڪي، (ڪيهه مان) ڪتيل سٽ ڪي، ٣١. متائي، (ناٽي تي) وڪرو ڪري، ٣٢. سٽ جي تند يعني ڌاڳو، سَٽُ، ٣٣. موجود، مڪمل، پورو، بي عيب، ٣۴. تورڻ ۾ وزن جي هڪ پاسي جي واڌ يا سرسي، لاڙو ڳوراڻ، ٣۵. پرينءَ جو، محبوب جو. ٣٦. راز، حمايت، طرفداري، ٣٧. آرامُ، سک، فرحت. ٣٨. محنت، (سٽ ڪتڻ جي) ڪم، ڏنڌي، ٣٩. حاصل ڪئو.

٤٠

ڪِنُّمِ[1] سَڀِ[2] جِمَّارَ[3]، تَہ پَانڊِي[4] پُورِي[5] نَہ ٿِئي،
جِيئِي[6] مُون[7] پِتَّارُ[8]، جو ڪُونِي[9] ڏِينڊُمِ[10] ڪَپِڙا.

٤١

چَرِڪُو[11] ڏي نَہ چَسَ[12]، پِيرِيَان[13] پِيرِئُو نَہ پِري،
مُون ڪي مَارِي مَسَ[14]، ڪَتَائِينڊِيُون ڪيتِرو.

٤٢

تَاجِّي[15] تُورِئَائُون[16]، نَہ عَيبَ[17] نِڪَتَا[18] اگِئَان[19]،
ڪُونِي ڪَاپَائِتِيَن[20] ڪي، پَرَ[21] ۾ پُڇِئَائُون[22]،
اگَلِّي[23] آئُون، مُون ڪَان پِڙَا[24] پَنگَا[25] نَہ ٿِئَا.

٤٣

پِرِيَان[26] سَنڌِيءَ[27] هَنجَ[28] ۾، سُتِي[29] جَا پَئِي،
سَا ڪُوهُہ[30] پُڇِي[31] رَاتِ ڪِي[32]، تَہ ڪيتِرِي گِئِي[33].

وائي ١

ڪَا هِنيين[34] سين[35] لاءِ پُورِي[36]، ڪَا هِنيين سين لاءِ،

---

١. مون (سٽ) ڪتيو. ٢. سڀي، سموري. ٣. عمر، حياتي، زندگي. ٤. تڪ (لوهہ جي سنهي شيخ جنهن تي سٽ ويڙهبو آهي) تي ويڙهيل سٽ يعني ڪچي ڌاڳي جي ڏيري. ٥. مڪمل، راس (پاندي پوري نہ ٿئي = خرچ جو پورائو نہ ٿئي يعني ڪمائي گهٽ خرچ گهڻو. ٦. شال جيئرو يا حيات هجي. ٧. منهنجو. ٨. مڙس، ڪانڌ. ور. ٩. سڏي، گهرائي. ١٠. مون کي ڏيندو. ١١. چرخو، ارٽ. ١٢. مزو. ١٣. ڦيرايان. هلايان. ١٤. مس ۾. لڄ يا شرم ۾ (ماري مس = لڄي يا شرمسار ڪري). ١٥. اٿاوت جي اڏي يعني آڏائي ۾ پکيڙيل تندن جو ڊگهو پٽو تاجيءَ جي پٽي ۾ پيل سٽَ. ١٦. (ساهميءَ ۾) وزن ڪئائون. جاچيائون. تياس ڪئائون. ١٧. اوڻايون. نقص. سُقم. ١٨. ظاهر ٿئا. ١٩. روبرو. سامهون. ٢٠. سٽ ڪتندڙن عورتن يعني ڪاتارين. ٢١. پنهنجي منهن، اڪيلو. ڳجهہ ڳوهہ. ٢٢. پڇا ڳاڇا يا سوال جواب ڪئائون. ٢٣. ٻري، ٻجڙي. ڪري، مدي، ڪنهگار. ٢٤. ڳنديون. ڳوڙها. ٢٥. روڙيا. ڪوهيا. ڇني جدا يا ڌار. ٢٦. محبوب. ٢٧. جي. ٢٨. جهوليءَ. ٢٩. ننڊ يا آرام جي حالت ۾. ٣٠. ڇو. ٣١. معلوم ڪري. ٣٢. بابت. متعلق. ٣٣. گذري. ٣٤. دل. ٣٥. هنداءِ. ٣٦. اي پوري، اي موڪي.

پَهيُون[1] تُنهِنجُون جهرڪِن[2] جَهتِيُون[3]، بِيُون اُڏَايُون[4] واءَ[5]،
اَرِتُ[6] پَسِّي[7] اوجَهرِبن[8]، توکي سُمَهَڻَ[9] آيو سَاءُ[10]،
سَنجهي سُمَهِين صُبحِ سُمَهِين، وَهِيُّ[11] سَپِ وَهِيَاءِ[12]،
جَڙَ[13] جَنِي جي جَانِ[14] ۾، سي لوچَڻِ[15] لالَڻَ لاءِ،
تُنبَائِي[16] تَاڪِيدَ[17] سِين، جَنِ پِچَايو پَاءُ،
لَسِي تَنَدُ لَطِيفُ(رح) چَئِي، هَلِي تَنِ هَٿَان.

وائي ٢

ڪوئِي ڏُونگر[18] ڏورِيَان[19]، ڪوئِي جَبَلُ[20] جَهاڳِيَان،
پَهچَان[21] وو پَهچَان شَالَ[22] پِرِيَنِ[23] ڪي،
يَڳُو[24] پيرِيَان[25] نَه پِرِي، چَرڪِي[26] لَڳَڙِي ڪَا[27]،
وَاڍِي[28] وِنگُو[29] وَاٽِئو[30]، مَاءُ[31] مُنهِنجَڙِي[32] لاءِ.

وائي ٣

آئُون جَاوِيندَڙِي پَار[33] پِرِيَنِ جي، مون کي آيل[34] جَهلَ[35] مَر[36] پَاءِ[37]،
جَهلُون پَلُون پَائِين، پَاٽَان[38] مَتَ[39] نَه آچِيِين[40] مَاءِ،
وِئو بَاروچو[41] نَڪري، مُون کي سُور[42] چِڪائي سَاءُ،
مُنهِنجَا ڪَمَ ڪَرِيمَ تي، رِبِّي[43] تَان مَ رَهَاءِ.

---

١. (ڪپهه جا صاف ٿيل) پها، ڏرا، ٻُڙا. ٢. واحد جهرڪي = هڪ قسم جي ننڍڙي پکيءَ جي مادي. ٣. جهپيون، ڪنيون. ٤. غائب يا گم ڪيون. ٥. هوا، واچ. ٦. چرخو. ٧. ڏسي. ٨. (ننڊ جي سبب) جهوٽا کائين، پنڪيون کائين. ٩. سمهڻ مان، ننڊ مان. ١٠. مزو، لطف، سواد. ١١. عمر، ڄمار، حياتي. ١٢. توکان وهي يعني هلي وئي، گذري وئي. ١٣. (محبت جي) ڪلي، ميخ. ١٤. سرير، جيءَ. ١٥. بي آرام يا بي قرار ٿين، پريشان ٿين. ١٦. ڪپهه کي پڃائڻ يعني صاف ڪرائڻ لاءِ ذرا ذرا ڪري. ١٧. خبرداريءَ، ڌيان. ١٨. ڪهڙو به (ڏکئو). ١٩. جبل. ٢٠. جهاڳيان، ووڙيان، ڊونديان. ٢١. رسان. ٢٢. خدا ڪري. ٢٣. محبوبن. ٢٤. ٻڳل يا ٽٽل (پراڻو) چرخو. ٢٥. هلايان، ڦيرايان. ٢٦. چرڪي کي، چرخي کي. ٢٧. ڪهڙيءَ ڳالهه جو اثر ٿئو. ٢٨. ڪاٽ جي سامان ٺاهيندڙ، ڊکڻ. ٢٩. ڏنگو، خراب. ٣٠. ٺاهيو. ٣١. اي ماءُ، اي امڙ. ٣٢. منهنجي. ٣٣. طرف، پاسي. ٣٤. اي آيل، اي امڙ. ٣٥. پل، روڪ. ٣٦. نه. ٣٧. وجهه. ٣٨. پاڻ، خود. ٣٩. صلاح، نصيحت، هدايت. ٤٠. مونکي آڇين، مونکي ڏين. ٤١. ٻروچ يا بلوچ (سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ جي قبيلي جو نالو). ٤٢. سور جو، درد جو. ٤٣. فريب ڏيئي، دوکو ڏيئي، دولاب ڪري.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرِ رِپَ

## داستان پهريون

۱

گُونَدَرَ[1] کِئو غَرَقُ[2]، مَاءَ[3] مُنهِنجو جِندَڙو[4]،
ڏوکوبُنِ[5] مَرَکُ[6]، مَٿي[7] سَگُر[8] پَنڌَڙا[9].

۲

گُونَدَرَ گَڏيَاس[10]، صِحَتَ[11] نيَڙَمِ[12] سَجَڻين[13]،
مَادَرِ[14] مَارِيَاس[15]، ڦوڙائي[16] پِريَنِ[17] جي.

۳

گُونَدَرَ[18] هَٽَ نَه[19] پيرَ، وِرهُه[20] مَنجهين[21] وِهَٽو[22]،
کُڙهِه[23] ۾ قَطَارُون[24] کَري، سُورَنِ[25] لايَا[26] سيرَ[27]،
مُون جِيئَنِ[28] گهَارِي[29] کيرَ، هيڪَلِي[30] رءَ[31] سَجَڻين[32].

۴

گُونَدَرَ وِڏو پيچُ[33]، مَاءَ[34] مُنهِنجي جِيءَ[35] کي،

---

۱. غم اندوهہ، فکر. ۲. ويچار ۾ گم يا غلطان يا ٻڏل، بي حال، ناسَ. ۳. اي ماءُ، اي امڙ، اي مادر. ۴. جان، جيءُ، سرير. ۵. ڏکوئِن کي، ڏک يا غم جي ستايل عورتن کي. ٦. لائق، مناسب، زيبا، وڻندڙ. ۷. تي. ۸. واٽ، رستي. ۹. پنڌ، اچ وڃ. ۱۰. مونکي پاڻ سان گڏي يا شامل کري هڪ کري ڇڏيو يعني آئون سراپا گوندر ٿي پئي آهيان. ۱۱. تندرستي، سکهائي، چڱڀلائي. ۱۲. منهنجي نيئي ويا، منهنجي کڻي يا وٺي ويا. ۱۳. سڄڻ، محبوب. ۱۴. اي مادر. ۱۵. آئون ماري آهيان، آئون تباهہ يا برباد کئي آهيان. ۱٦. فراق، جدائيءَ. ۱۷. محبوبن. ۱۸. گوندر کي. ۱۹. هٽ نہ پير = جسم يا مادو نہ آهي. ۲۰. جدائيءَ جو غم يا درد. ۲۱. اندر ۾، دل ۾. ۲۲. وهندڙ. ويٺل، رهندڙ، موجود. ۲۳. بدن، سرير، جسم، جان، دل. ۲۴. صفون، لانڊون. ۲۵. ڏکن، دردن، غمن. ۲٦. کڻا. ۲۷. رستا، واٽون. گس. ۲۸. وانگر. ۲۹. گذاري، رهي. ۳۰. اکيلي. ۳۱. کان سواءِ. ۳۲. سڄڻن. ۳۳. ور، وکڙ. ۳۴. اي ماءُ، اي امان. ۳۵. جان.

ڏُکوبُنِ جو ڏيجُ، رُوئَڻُ رَتُ پِريَنِ لَئيءِ.

۵

گُونڌَرَ وڏو وَرُ، مُون کي مُون پِريَنِ جي،
اَچِي دوسِتَ ڏَرِ، مَتي مُنِيءَ هَتَڙا.

٦

اُنِي جِيئَن مُورَنِ، اوِيَڙَ وَلَهارَنِ ۾،
سَا پَرِ گُونڌَرَ کَنِ، جُہ قُوڙايو سَجَڻين.

۷

لائي جو وِيَا، سو مَنجهين تو مَچُ بَري،
سو اُجهامي کِئا، جَنهِن سورِبندَلُ سُپِرين.

۸

کَهَڻُ نَہ کَچائي، سُورَ نَہ سَانديَڻُ سُترا،
اَچا نَہ آئي، ڏِيلَ مُنهِنجي ڏُکَ سين.

۹

اُيَرِئَامِ اَنگُورَ، سُتي سُپِيرِيَنِ جَا،

---

۱. ڏکين يا ڏک جي ستايل عورتن، درد جي ستايل عورتن. ۲. شاديءَ جي وقت ڪنوار کي ماٽن يا ساهرن کان مليل ڪپڙا، زيور وغيره. ڏاج، بخشش، دان. ۳. رت رئڻ = اکين مان رت جا ڳوڙها وهائڻ، زاروزار رئڻ. ۴. محبوبن، سڄڻن، سپيرين. ۵. لاءِ، واسطي. ٦. غم، اندوهہ، فڪر. ۷. ٻاتو. ۸. ٻيڄ، وڪڙ، ونگ. ۹. منهنجي. ۱۰. اي دوست، اي يار، اي محبوب. ۱۱. رڪُ. ۱۲. مٿي تي، سر تي. ۱۳. مٿيءَ جي، مصيبت جي ماريل جي (هٿڙا ڌر = سار لهہ، پرگهور لهہ، واهر ڪر، مدد ڪر، حفاظت يا بچاءَ ڪر). ۱۴. مينهن يا برسات جي وسڻ سان. ۱۵. جهڙيءَ طرح. ۱٦. ايرن، چمن، پيدا ٿين. ۱۷. وٽن جا ٻوٽا، گاهہ جا سلا. ۱۸. چراگاهن، گاهہ ۽ وٽڪار وارن ميدانن يا زمين. ۱۹. ڪار، هلت. ۲۰. جڏهين، جيڪڏهين. ۲۱. جدائي ڪئي، وڇوڙو ڏنو. ۲۲. سڄڻن. ۲۳. لڳائي، ڏيئي، دکائي. ۲۴. اندر ۾، دل ۾. ۲۵. (عشق جي) باهہ، آڳ. ۲٦. ڌکي، جلي. ۲۷. وسامي، ختم ٿئي. ۲۸. ڪيئن، ڪهڙيءَ طرح. ۲۹. جنهن ۾. ۳۰. (ڪاليون) سوريندڙ يعني وجهندڙ يا جهوڪيندڙ. ۳۱. سلڻ، ٻڌائڻ، اظهار ڪرڻ. ۳۲. بي عقلي، بيوقوفي، ڪچو ڪم، ڏوهہ جهڙو ڪم. ۳۳. لڪائڻ، نہ ظاهر ڪرڻ. ۳۴. سولا، آسان. ۳۵. هاڻ تہ، هيئر تہ. ۳٦. واسطو يا شروعات (ٿي آهي). ۳۷. ڏيل جي = جسم يا بدن جي. ۳۸. مون ۾ يعني منهنجي دل ۾ ايرئا، سرئا يا ٻيدا ٿئا. ۳۹. سلا يا ڪُونج (سورن جا). ۴۰. ننڊ ۾، سمهڻ واريءَ حالت ۾.

کَـايـُو[1] کَـايـُو[2] سُـورَ[3]، لُـچِـئـُو[4] لـوچِـئـُو[5] اُٿـيَـان.

١٠

گـرِيُـنِ[6] مَ[7] گـرَهـيـجِ[8]، روئـي[9] کـِـجِ مَ پـَـڌرا[10]،
تـَـان[11] سُـوراٽِـي[12] سَـهـيـجِ[13]، جَـان[14] لاهِـيـنـدڙُ[15] کـو لَـهـين[16].

١١

گـرَهـه[17] مَ گُـجـهـو[18] رو[19]، پَـڌر وجُـهـه مَ پِـريـَـڙي[20]،
سُـورن[21] سُـپـيـر[22] هـو[23]، هِـيـنـئـڙا[24] کُـمَ[25] کـَـٽَـنِ[26] جِـيـئَـن[27].

١٢

لاهِـه[28] مَ پـَـچَـارانِ[29]، سُـکَ[30] مَ سُـمَـهُـه جِـنـدڙا[31]،
کَـرِ جـهـورِي[32] کـيـتـَـانِ[33]، کَـالـهُـوٽـِـئَـا[34] اَجُ گـهـٽِـي.

١٣

جـهـورِي جـِهـجَـڻ[35] جَـهـانءِ[36]، مُـون[37] جَـنـي جـو نـه لَـهـي،
آيـلِ[38] ايـئَـن مَ پـَـانءِ[39]، تـه آئُـون[40] جِـيـئَـنـدي اُن ري[41].

١۴

جِـهـجِـي[42] جَـهـانءِ کَـري، مَـانِ[43] نـه اَچِـي مُـون[44] هـنـيـين[45]،

Gul Hayat Institute

---

١. سهيو، برداشت ڪيو. ٢.بار بار پئي سهان، ٣. عذاب، تڪليفون. ۴. ڦتڪئو، پاسا ورايو. ۵.ڳوليو، ڍونڍيو، تلاش ڪئو. ٦. ڳرين م، گلين م، گهٽين م. ٧. نـه. ٨. سلج، ٻڌائج، بيان ڪج. ٩. اکين مان لڙڪ يا ڳوڙها وهائي، ١٠. ظاهر (سورن کي)، ١١. تيستائين، ١٢. سور، ڏک، ١٣. برداشت ڪج، پوڳج (نـه ٻڌائج)، ١۴. جيستئين، ١۵. (سورن کي) هٽائيندڙ، دور ڪندڙ، ختم ڪندڙ. ١٦. ڏسين، لهين. ١٧. ٻڌاء، بيان ڪر. ١٨. لڪ ڇپ م. ڳجهه ڳوهه م. ١٩. اکين مان پاڻي وهاء، ٢٠. محبت، پريت. ٢١. سورن م. ٢٢. مضبوط، جيڙهالو، ٻاجهڙ، پرپور، ٢٣. هوئج، ٿيءُ. ٢۴. اي هينئڙا، اي هنيان، اي دل، ٢۵. ڪم جي پيڻ جي، ٻاٽيءَ م ٽيندڙ ناڙي (ڪوٽيءَ) جي ڦر يا ڦل جي، ٢٦. داڻن، ٢٧. وانگر، ٢٨. وسار، ختم ڪر، ٢٩. انهن جي، پچار، انهن جي ياد يا تات. ٣٠. سک سان، آرام سان، ٣١. اي جندڙا، اي جند، اي جان، اي دل، ٣٢. ڳتني، فڪر، اون، ٣٣. انهنجي، ٣۴. ڪالهوڪي ڏينهن کان، گذريل ڏينهن کان، ٣۵. ڳاراٽو، غم، ٣٦. روج راڙو، ٣٧. مونکي، ٣٨. اي آيل، اي امڙ، اي جيجل، ٣٩. سمجهه، گمان ڪر، ۴٠. جيئري يا زنده رهندي، ۴١ کان سواء ۴٢. ڳري، ۴٣. آرام، صبر، ۴۴. منهنجي، ۴۵. هنين کي.

سَجَڻَ[١] سي سَارِي[٢]، هو جَنِي جو هِيرِئُون[٣].

## ١٥

جَاءِ[٤] نہ سَجو ڏِينهن، هِنيُون[٥] اونِي[٦] وِڪَ[٧] جِيئَن[٨]،
مُون پِرِيَان[٩] سين نِينهن[١٠]، چِنِڻ[١١] ڪَارِڻ[١٢] نہ ڪِئو.

## ١٦

پَل[١٣] پَل ٿي پَليَانسِ[١٤]، پَلڪُ[١٥] نہ رَهِي[١٦] پِرِينءَ رِي[١٧]،
جَنهن جهورِيءَ[١٨] ڪان جَهلِيَانسِ[١٩]، جِهجِئو[٢٠] تَنهِن جهوريءَ پَئي[٢١].

## ١٧

ڪَڪَرَ[٢٢] مَنجهہ[٢٣] ڪَپَارَ[٢٤]، جُهڙ[٢٥] نيٽنئُون[٢٦] نہ لَهي[٢٧]،
رات مُنهِنجي رُوح ۾[٢٨]، اُنَا[٢٩] پِرِين اَپَارَ[٣٠]،
آءُ سَاجَن[٣١] لَهُہ سَارَ[٣٢]، وِرهہ[٣٣] وِيڙهِي[٣٤] آهِيَان.

## ١٨

مُون[٣٥] مَنجهِين[٣٦] مِينهُن[٣٧]، ڪوهہ[٣٨] ڪَرِينديس[٣٩] ڪَڪَرين[٤٠]،
سَرَلو[٤١] سارو ڏِينهُن، مُون[٤٢] پِرِيَان[٤٣] جو نہ لَهي.

١. محبوب، پرين، ٢. سنڀالي، ياد ڪري، ٣. هيريل، هيرايل، پيارو. ٤. (هڪ) جاءِ يا هنڌ تي، آرام ۾، قرار ۾. ٥. دل، من. ٦. ائين جي، ٧. ولر، ڌڻ. ٨. وانگر. ٩. پرينءَ. ١٠. محبت، عشق. ١١. توڙڻ. ١٢. لاءِ، واسطي. ١٣. هر هر، هر گهڙيءَ. ١٤. آئون ان (هنيين) کي پليان يا روڪيان. ١٥. ذري ساعت، ٿورو وقت. ١٦. ترسي، رُڪجي، جهلجي. ١٧. کان سواءِ. ١٨. ڳڻتيءَ، اندوهہ. فڪر، ١٩. آئون ان کي جهليان يا پليان. ٢٠. ڳريو، بي حال ٿئو، رويو رڙيو. ٢١. جهوريءَ ۾. ٢٢. بادل، ابر. ٢٣. ۾. ٢٤. نراڙ، پيشانيءَ، مٿي. ٢٥. آڪر، مينگهہ. ٢٦. نيٺن يا اکين مان. ٢٧. ختم ٿئي. ٢٨. دل. ٢٩. وسئا، برسئا، ياد پيئا. ٣٠. تمام گهڻو، بي حد. ٣١. سڄڻ. ٣٢. سنڀال، خبر. ٣٣. برهہ. فراق، عشق. ٣٤. وڪوڙي، قابو يا سوگهي ڪئي. ٣٥. منهنجي. ٣٦. اندر ۾. ٣٧. برسات. ٣٨. جا. ٣٩. آئون ڪنديس. ٤٠. ڪڪرن کي. ٤١. جهڙ، (غم هو) غبار. ٤٢. مون تان، منهنجي مٿان. ٤٣. پرينءَ.

Gul Hayat Institute

## ۱۹

سَجَڻ[۱] سَنيِرِئَامِ[۲]، پِيَمِ[۳] ڪَرَ[۴] ڪَپَارَ[۵] مِ،
جِهَڙي تِهَڙي حَالَ[۶] سين، پِرين نَہ وِسَرِئَامِ[۷]،
هَرِئَا[۸] هَتَ تِئَامِ[۹]، نيڻنئون[۱۰] نيرُ[۱۱] وَهي.

## ۲۰

سُتي[۱۲] سَنيِرِئومِ[۱۳]، ڪو ڳُڻُ[۱۴] بَاروچَنِ[۱۵] جو،
ڪَنڌ[۱۶] وِهَاڻو[۱۷] پِنو، هَرِئو[۱۸] هَتَ تِئومِ[۱۹]،
سَجَڻ يَاد پِئومِ[۲۰]، جَاڙَ[۲۱] جِيَان[۲۲] تِي جِيڏُون[۲۳].

## ۲۱

سَنيِرِئو[۲۴] جِيَان، ڳَالِهيُون[۲۵] پِرِيمِ[۲۶] تُنهِنجُون،
ڳُڻَ ڪِيتِرا ڳِڻيَان[۲۷]، تُورَنِ[۲۸] مَتُو[۲۹] نَاهِ ڪو.

## ۲۲

جُ[۳۰] سي سَنيِرَجَنِ[۳۱]، سُهَ[۳۲] جَنِ سين اوريَانِ[۳۳]،
لُنءُ لُنءَ[۳۴] هِيبَتَ[۳۵] وِجَنِ، رَڳُون[۳۶] رَبَابَنِ[۳۷] جِيئَنِ[۳۸].

Gul Hayat Institute

---

۱. محبوب، پرين. ۲. مون سنيالئا، مون ياد ڪئا. ۳. مونکي پيئي. ۴. ڪل، يادگيري، خبر.۵. متي، دماغ. ۶. حالت. ۷.مونکي، وسرئا. مون کان دل تان لهي وئا. ۸. آلا، پنل. ۹. منهنجا ٿئا. ۱۰. نيڻن مان، اکين مان. ۱۱. پاڻي، لڙڪَ، ڳوڙها. ۱۲. سمهندي، سمهڻ جي حالت ۾. بستري تي ليٽڻ وقت. ۱۳. مون سنياليو، مون ياد ڪئو. ۱۴. ڀلائي، مهرباني، احسان، ٿورو. ۱۵. ٻروچن، بلوچن، اصطلاحي معنيٰ محبوبن. سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ ۽ ان جي ڀائرن يا مائٽن، جيڪي بلوچ قوم جا هئا. ۱۶. ڪنڌ يعني متي يا سر جي هيٺان. ۱۷. تڪيو، سراڻو، طول. ۱۸. آلو ٿئو (اکين مان لڙڪن وهڻ ڪري). ۱۹. منهنجو ٿئو. ۲۰. مونکي پئو. ۲۱. اجايو، بي فائدي. ۲۲. جيئري يا زندهہ رهان. ۲۳. اي جيڏيون، اي اديون. ۲۴. ياد ڪرئو. ۲۵. سخن، قول، گفتا. ۲۶. اي منهنجا پرين. ۲۷. شمار ڪريان. ۲۸. ٿورن جو، مهربانين جو. ۲۹. ڇيهہ، حد، انت. ۳۰. جڏهين، جيڪڏهين. ۳۱. ياد پون. ۳۲. سُورَ، تڪليفون. ۳۳. سليان، بيان ڪريان. ۳۴. لنءُ لنءَ = (بدن جي) وار وار. ۳۵. آواز يا آلاپون ڪن. ۳۶. نسون، نبضون، نارون. ۳۷. سرودن (جي تندن). ۳۸. وانگر.

## ٢٣

چِتُرَ[١] رَهِي[٢] نَہ چِتُ[٣]، ويڻَنِ[٤] واڳِئُو[٥] نَہ رَهي،
رَئِيءَ[٦] لَتِجِي[٧] نِتُ[٨]، هِنيُون[٩] واتَ[١٠] وِرگُهُہ[١١] جِيئَن[١٢].

## ٢٤

چوري[١٣] چوري چِتُ، جَان[١٤] نَي[١٥] وَهاڻيءَ[١٦] نِڪَران[١٧]،
نِينهُن[١٨] ڪُرائي[١٩] نِتُ، پِريان[٢٠] سَندي[٢١] پير[٢٢] ۾.

## ٢٥

چِيتارئُو[٢٣] چُونديَاسِ[٢٤]، ڳالهِيُون[٢٥] ڪي سَجَڻِن[٢٦]،
جُہ[٢٧] مُقابِلِ[٢٨] تِياسِ[٢٩]، تَہ سَپِ وَجَنمُ[٣٠] وِسَري[٣١].

## ٢٦

چِيتارِئان[٣٢] چُڻڪَنِ[٣٣]، سَنيَارِيانِ[٣٤] صَحِي[٣٥]،
اَندرِ روحَ رَهِي، مُون ڪي صُورَتَ سُپِيرِيَن جي.

---

١. چتر سان، چٽ سان، حرفت سان، ڏتار سان، ڏاڏر سان، ريهڻ يا ريبڻ سان. ٢. ترسي، رُڪجي، جهلجي. ٣. دل، من. ٤. ويڻن سان، ڳالهين سان. ٥. ٻڌو، جڪڙئو. ٦. رئي سان، دز يا مٽيءَ سان. ٧. پرجي، ميرو ٿئي. ٨. هر دم، هر وقت. ٩. دل. ١٠. وات يا رستي تي بيٺل. ١١. وڻ. ١٢. جهڙيءَ طرح. ١٣. پربائي، ريجهائي. ١٤. جنهن صورت ۾. ١٥. رات. ١٦. وهاڻيءَ جي وقت، گذرڻ جي مهل (نَي وهاڻيءَ = پربات جي مهل، فجر جي مهل). ١٧. (گهر کان) ٻاهر وڃان. ١٨. عشق، محبت. ١٩. ڏکوئي، ايذائي. ٢٠. پرينءَ، سڄڻ. ٢١. جي. ٢٢. رستي، گس، وات. ٢٣. سارئو، سنڀالئو، ياد ڪرئو. ٢٤.آئون جونديس، آئون ٻڌائينديس. ٢٥. حال احوال. ٢٦. سڄڻن. ٢٧. جڏهين. ٢٨. روبرو، سامهون. ٢٩. ٿيس، آئون ٿي. ٣٠. مونکي وڃن. ٣١. دل تان لهي. ٣٢. چيت تي آڻيان، ڌيان تي. ٣٣. ياد يون، ڦرن. ٣٤. آئون انهن کي سنڀاليان يا ياد ڪريان. ٣٥. جڳيءَ طرح، برابر.

## ٢٧

چيتاريان[١] چُٽِڪَنِ[٢]، وِساريان[٣] نَه وَري[٤]،
ويٺروتارِ[٥] ڏُکَنِ[٦]، سَجَڻ[٧] پِگي[٨] هَڏُ[٩] جِيئَن[١٠].

## ٢٨

ڏُکَ[١١] نَه ڏُکويو[١٢]، هِينئَڙو[١٣] پِريان[١٤] ڪَڏهِين،
سُکَنِ[١٥] جان[١٦] پِئو، تان[١٧] قوڙايو[١٨] سَڄَڻين[١٩].

### وائي ١

جو[٢٠] نَوازي[٢١] ڏُڏَ[٢٢]، آسَرَ[٢٣] لاهِ مَرَ اُنَ جي،
اوڏايان[٢٤] اوڏو کهٽو، کهڙا[٢٥] ڪَرِيين سَڏَ[٢٦]،
ويهُ داتا[٢٧] جي دَرَ[٢٨] تي، لَنگها[٢٩] لاهي لَڏَ[٣٠]،
اگلَنِ[٣١] کي اوڏو وهي، گندا ڪَري گَڏَ[٣٢]،
کهڙا جَڏَ[٣٣] جَڏوئيين[٣٤]، جُودَ[٣٥] مَهندان[٣٦] جَڏَ[٣٧]،
اڳئان عَجِيبَنِ[٣٨] جي، مُشڪلُ[٣٩] ڪينهي مَڏَ[٤٠]،
آدَمُ[٤١] تِئان[٤٢] خَلَقِئو[٤٣]، هُوءَ[٤٤] جا ڪَچِي منجهان ڪَڏَ[٤٥]،
سَمي[٤٦] سيئي سيڻَ[٤٧] ڪِئا، هيٺا[٤٨] جَنِ جا هَڏَ[٤٩]،

---

١. ساريان، سنڀاليان. ٢. ياد پون، هرن. ٣. انهن کي وساريان يا دل تان لاهيان. ٤. (ڪجهہ بہ) حاصل ٿئي يا ملي. ٥. هميشہ، هر وقت. ٦. ڏکَ يا سُورَ ڪن. ٧. پرين، محبوب. ٨. پِگِلُ. ٩. هڏو، عضوو (بدن جو). ١٠. جهڙيءَ طرح (ڏکوئي يا سورُ ڪري). ١١. ڏک سان. ١٢. ايذايو. ١٣. هنيون، دل. ١٤. پرين. ١٥. سکن ۾، آرام ۾، چين ۾، راحت ۾. ١٦. جنهن وقت. ١٧. تنهن وقت. ١٨. جدائي ڪئي، وڇوڙو وڌو. ١٩. سڄڻن. ٢٠. جيڪو. ٢١. سرفراز ڪري، سرخرو ڪري، ورسائي. ٢٢. اڻ ڄاڻ، بي هنر، چِٽ. ٢٣. آسرو. ٢٤. اوڏايان اوڏو = ويجهي کان ويجهو. قريب کان، قريب تر. ٢٥. ڇا جي لاءِ. ٢٦. دانهون، پڪارون، التجائون، سوال. ٢٧. سخيءَ. ٢٨. (گهر جي) دروازي تي. ٢٩. اي لنگها، اي مڱڻا، اي مڱڻهار، اي پينو فقير. ٣٠. لڏو، سارو سامان. ٣١. گدلن، ٻڇڙن، ڪچرن، گندن، ڪنن، ڪوجهن. ٣٢. ڪٺا، ڀيڙا، شامل. ٣٣. جڏا ڪم، خراب يا بُرا ڪم. ٣٤. تون رٿين. ٣٥. جود جي يا سخا جي يعني سخيءَ جي. ٣٦. اڳيان، سامهون. ٣٧. اي جڏا، اي بيڪار، اي بدافعال. ٣٨. محبوبن. ٣٩. ڏکئا، تڪليف ڏيندڙ. ٤٠. مڏيون، مال اسباب، سامان، وڏا ڪم. ٤١. حضرت آدم عليہ السلام (پهرئين پيغمبر جو نالو). انسان. ٤٢. تنهن مان، ان مان. ٤٣. پيدا ٿيو. ٤٤. ڪوتجي. ٤٥. زمين ۾ ڪوتيل اونهون پورَ يا پوڙ يا کاڏُ (جا ڪچي منجهان ڪڏ = مٽي). ٤٦. ڄام تماچي، جيڪو "سمان" خاندان مان هو ۽ سنڌ جو حاڪم هو. ٤٧. مائٽ، عزيز. ٤٨. ڪمزور. ٤٩. بدن جا عضوا، جسم.

سانگين[1] جي سيد چئي، جام[2] پرتئي[3] لڌ[4]،
جيءُ[5] جيءَ تماچي[6] ڪري، سُٽئُو[7] نوريءَ سڌ[8]،
ادا[9] انهيءَ پار[10] جا، موڙي[11] اچو مڌ[12]،
غافلي[13] ڪفري[14]، ايڪ[15] نه سٽيءَ سڌ[16]،
هوءِ[17] جنبئا[18] جابان ڏي، تون سُتو[19] ساهين[20] هڌ[21].

## وائي ٢

سرتيون[22] سُتڙيون[23]، ساربان[24] پير[25] پانهنجو،
جاڳو[26] اکڙيون[27]،
لالٽيءَ[28] جي لوءِ[29] ۾، ساري رات سيُون[30]،
توبهه[31] آهي تن کان، هٿان[32] جي تيُون[33]،
مون ڪي ڏيئين نه منهن[34] ۾، جي مون ڪالهه ڪيُون*،
هنڌ[35] نه آهي هيڪڙي، ميمڻ[36] جو هنيُون[37]،
ڪوهه ڪريبو تن[38] کي، جني[39] منجهه ڪيُون[40]،
حسن[41] راهومن[42] جو، منهنجو آهه ميُون[43]،
منهنجا ڪم[44] ڪريم[45] تي، پئا ڪن پيُون[46]،
ارتو[47] اوتڻ سڪيُون، عادت[48] اکڙيون.

Gul Hayat Institute

١. هڪ هنڌ ڪان لڏي ٻي هنڌ ڏانهن ويندڙن، سجهه تي ڪڏارو ڪندڙن، مسافرن، پرديسين، مارو ماڻهن. ٢. اي ڄام، اي سردار (هتي مراد ڄام تماچي آهي. جيڪو "سمان" گهراڻي جو هوءِ سنڌ جو هوءِ سنڌ جو حاڪم ٿي رهيو جنهن جو هڪ مهاڻيءَ ذات جي عورت نالي "نوري" سان عشق ٿيو). ٣. توکي پرتي، توکي سپرد ٿي، تنهنجي حوالي ٿي. ٤. (مهاڻا قوم جو) آل عيال، گهر ٻار. ٥. سڏ جي جواب ۾ ڪم ايندڙ ادب جو لفظ. ٦. ٻڌئو. ٧. نوريءَ جا. ٨. آواز، پڪارون. ٩. اي ادا، اي ڀائرو. ١٠. طرف، پاسي، ڪنڌيءَ يا ڪناري. ١١. ورائي. ١٢. ٻيڙيون، ڪشتيون. ١٣. غفلت، سستي، لاپرواهي. ١٤. ڪفر يا بي ديني (آهي). ١٥. ايڪ جا، هڪڙي يعني واحد جا، خدا جا. ١٦. تو سُئا، تو ٻڌا. ١٧. وِٺا. ١٨. گهٽي ڏٺ واري جاءِ. ١٩. سمهيو. ٢٠. ٽاٽين، موڙين، ورائين، اوري پري ڪرين. ٢١. لڱ يا عضوا. ٢٢. سهيليون، جيڏيون. ٢٣. ستل آهن، ننڊ ۾ آهن. ٢٤. ياد ڪريان، سنڀاليان. ٢٥. مرشد، رهبر. ٢٦. سجاڳ ٿئو. ٢٧. اي (منهنجيون) اکيون. ٢٨. حضرت شاهه عبدالڪريم (شاهه ڪريم جي پيءُ جو نالو لال محمد شاهه هو جنهنکي للو پير به ڪري سڏيندا هئا اهڙيءَ طرح شاهه ڪريم کي "للاٽي" به چوندا هئا). ٢٩. ملڪ ٣٠. سُئون وييون، ٻڌڻ ۾ آيون، ٻُڌيون وييون، موجود هيون. ٣١. پڇتاءُ، پشيماني. ٣٢. هٿ کان (منهنجي). ٣٣. خطائون ٿيون. ٣٤. آڏيون، اڳٿان * منهنجا ڪيل گناهه . ٣٥. هنڌ تي، جاءِ تي. ٣٦. فرمانبردار، چئيوان، سدوري، نيڪ بخت. ٣٧. دل،من. ٣٨. چا. ٣٩. ڪبو. ٤٠. سرنڊڙ جيت جو هڪ قسم. ٤١. سونهن، سو پيا. ٤٢. بلوچ قوم جي راهوم قبيلي وارن. ٤٣. سردار. ٤٤. حاجتون. ٤٥. ڪريم تي = ڪرم ڪندڙ يعني خدا جي حوالي. ٤٦. ڳاڙهو پاڻي، رت جا ڳوڙها. ٤٧. اوتڻ جي، وهائڻ جي. ٤٨. هلت، پر، روش.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرُ رِپَ

## داستان پهريون

١

نيڻَ نَہ ننڊون ڪَنِ، پِڳو آرَسُ اکيين،
اُجَهامِئو پَرَنِ، توکي سارِئو سُپِرِين.

٢

سَنئين نَہ سيٽانِ، ناهہ اُبُتي اُنِ سين،
وَنءُ سَهِي ويٽانِ، تو نَہ سَرَندو تَنِ ري.

٣

گبرين ۽ گونيين، پِرين پَٽائين گج جِيئَن،
جي مَنَ اَندرِ مَجُوني، سي ڪِيئَن وَجَنِ وِسَري.

٤

اَندرَ اَندرِيُون، جِيئَن سي وانجھيءَ لَٺِ ۾،
جَہ تَنَ تيتَرِيون، تَہ ڪِيئَن ملبو سَجَڻين.

---

١. اکيون. ٢. ننڊون ڪن = سمهن، آرام ڪن. ٣. ڇڏئو، ختم ڪئو. ۴. سستي، ننڊ. ۵. اکين. ٦. مانا يا جهڪا ٿئو، وسامئو، گل ٿئو. ٧. ڏڳن، جلن، سڙن، پچن. ٨. ياد ڪرئو. ٩. اي سپرين، اي پرين. ١٠. سڌي يا صحي (هلت). ١١. انهن سان. ١٢. ڏنگي، ڏکي، اوکي، الٽي (هلت). ١٣. وڃ. ١۴. برداشت ڪري. ١۵. انهن جا وينڻ يعني طعنا يا ميهڻا. ١٦. تنهنجو. ١٧. گذارو ٿيندو. ١٨. ڪان سواءِ. ١٩.مورت ۾، صورت ۾. ٢٠. رنگ ۾، رونق ۾. ٢١. محبوب. ٢٢. پٽ جي، ريشم جي. ٢٣. هڪ قسم جي ڳاڙهي رنگ جي زناني چولي (جنهن سان ڇاتي ۽ پيٽ ڍڪيل هوندا آهن ۽ ٻانهون اگهاڙا هوندا آهن) ڪنجري. ٢۴. وانگر. ٢۵. دل. ٢٦. ۾. ٢٧. شوخ، بي پرواهہ. ٢٨. کهڙيءَ طرح. ٢٩. دل تان لهي. ٣٠. اندر ۾، سرير ۾، جسم ۾. ٣١. ڳريون، ڳنڍيون، جوڙ، سنڌ. ٣٢. وانجهيءَ جي يعني ونجهہ (ٻيڙيءَ کي هلائڻ لاءِ بانس جي وڻ جي ڳريدار يا ڳنڍيدار لڪڙي) هلائيندڙ جي. ٣٣. لڪڙيءَ. ٣۴. جيڪڏهين. ٣۵. تَنَ ۾، دل ۾، منَ ۾. ٣٦. اوتريون يا ان مقدار جيتريون (ڳريون). ٣٧. گڏبو، ملاقات ڪبي. ٣٨. سڄڻن سان، محبوبن سان.

Gul Hayat Institute

**٥**

جِيئَن[١] سي كُوهيءَ[٢] نارَ[٣]، وَهَنِ[٤] وارِيءَ[٥] گاڏُئان[٦]،
هِينئَڙو[٧] پِرِيان[٨] ڌارَ[٩]، نِبيرِياسِ[١٠] نَه نِبري.

**٦**

جِيئَن سو تَيئَ[١١] تَرو[١٢]، كامِي[١٣] كُوري وِچَ[١٤] ۾،
مُون كي ڏِنو سَڄَڻين[١٥]، مَنجهان سِكَ[١٦] سَرو[١٧]،
وَرُ[١٨] جِهيڻو[١٩] بَرو[٢٠]، مَ[٢١] قُوڙائو[٢٢] سَڄَڻين[٢٣].

**٧**

سُبِرُ[٢٤] سِيءُ[٢٥] پِئو، نَه مُون[٢٦] سوڙِ[٢٧] نَه گِبرو[٢٨]،
نَه مُون كانڌُ[٢٩] نَه قُوتَ[٣٠] كي، جوڀَنُ[٣١] وَهي[٣٢] وِئو،
تَنِي[٣٣] حالُ[٣٤] كِهو[٣٥]، جَنِي[٣٦] نِڌَرَ[٣٧] نِجُهرا[٣٨].

**٨**

اُتَرُ[٣٩] اوتُون[٤٠] ڏي، نَه مُون سوڙِ نَه گِبرو،
سِيءُ سارِبنديُون[٤١] سي، جَنِي نِڌَرَ نِجُهرا.

---

١. جهڙيءَ طرح. ٢. كوهيءَ (زمين ۾ پاڻي هٿ ڪرڻ لاءِ کوٽيل کڏ) جا. ٣. كوهيءَ جي اندر پاڻيءَ جا سيما. ٤. جاري ٿين. ٥. واريءَ يعني ريتيءَ سان. ٦. گڏ. شامل ٧. هنيون. دل. ٨. پرينءَ كان. ٩. جدا. پري. ١٠. آئون ان كي نبيريان يعني جدا يا پاسي كريان. سرچايان. ١١. تئيءَ جو. كٽچيءَ جو. كٽهيءَ جو. ترٽيءَ جو. ١٢. تري وارو پاسو. هيٺيون پاسو. ١٣.جلي. سڙي. ١٤. مچ. باهہ. چلهہ. ١٥. سڄڻن. محبوبن. ١٦. پيار. محبت. ١٧. شراب جي سرڪي. ١٨. بهتر. چڱو. مبارڪ. ١٩. هلكو. ٢٠. تپ. بخار. ٢١. (مگر) شل نہ ٿئي. ٢٢. جدائي. وڇوڙو. ٢٣. سڄڻن سين. ٢٤. ڏاڍو. سخت. زبردست. ٢٥. سردي. ٿڌ. پارو. ٺار. ٢٦. مون كي. ٢٧. كپهہ پيل ٿلهي رلي. رضائي. ٢٨. ننڍو گاڏيلو. رلي. ٢٩. ڀتار. مڙس. ور. ٣٠. كاڌي پيتي جو سامان. خوراڪ. ٣١. جواني. ٣٢. گذري. ختم ٿي. ٣٣. تني جو. ٣٤. حالت. ٣٥. كهڙو. ٣٦. جنجا. ٣٧. ٻنان ڌر. ٻنان آڌار. كمزور. ضعيف. ٣٨. ٻنگا. جهوپڙا. ككن كانن جا گهر. ٣٩. اتر طرف جو واءُ. ٤٠. پالوٽون. اڌما (اوتون ڏي = زور سان لڳي). ٤١. محسوس كنديون.

٩

اُتَرَ[1] ذِني اوتَ[2]، نَہ مُون سُوزِ[3] نَہ گَبَرو[4]،
چَاربِئي چُنِيءَ[5] پوتَ[6]، ربِڙهِيندي[7] راتِ گَئِيْ[8].

١٠

نيڻَ[9] نِهائِينءَ[10] جَان[11]، سُتي[12] لوڪِ[13] ڏِگِئا[14]،
اُجَهامِئو[15] بَران[16]، توکي سَارِئو[17] سُپِرِين[18].

١١

نِهائِينءَ کَان نِينهُن[19]، سِکُ[20] مُنهنجا سُپِرِين،
سَڙي سَارو ڏِينهُن، ٻَهرِ ٻاقَ[21] نَہ نِکِري.

١٢

نِينهُن نِهائِينءَ جَان، ڏِکِئو[22] کوهُہ[23] نَہ ڏِکِين،
جَرَ[24] جِيري[25] چِڏِي، تَہ کِيئَن[26] پَچَندا ٿَانءَ،
سَندي[27] کُنِيَاران[28]، کَنِ[29] کَرِيجَا ڳالهڙي[30].

Gul Hayat Institute

١٣

نِينهُن نِهائِينءَ جِيئَن، ڏِکِئو کوهُہ نَہ ڏِکِين،

١. اتر طرف جي واءِ يا هوا. ٢. پالوٽ. اُڏمو (ڏني اوت = زور سان لڳو). ٣. ڪپهہ سان پريل ٿلهي رلي، رضائي. ۴. گاديلو. رلي. ۵. چنيءَ جا. پوتيءَ جا. زناني مٿي کي ڍڪڻ تي گنديءَ جا. ٦. پلوَ. پلاند. پاند. ٧. سيريندي. ويڙهيندي. سميٽيندي. ڪنجيندي. ٨. گذري. ختم ٿي. ٩. اکيون. ١٠. ڪنڀرن جي مٽيءَ مان ٺهيل ٿانون يا برتنن جي پچائڻ جي کوريءَ يا ڀٽيءَ، آويءَ. ١١. وانگر. ١٢. سمهڻ يا ننڊ ڪرڻ واريءَ حالت ۾. ١٣. لوڪ جي. ماڻهن جي. ١۴. ٻريا. جليا. (ٻاهہ وانگر) چمڪيا. ١۵. وسامئو يا گل ٿئو (ٻاهہ وانگر). ١٦. سڙان. ٻچان. ١٧. ياد ڪرئو. ١٨. اي سپرين. اي پرين. اي محبوب. ١٩. پيار. عشق. ٢٠. پراءِ. حاصل ڪر. ٢١. دونهون. دونهات. ڪارو غبار. ڳجهہ. راز. ٢٢. لڪايو. ٢٣. چو. ٢۴. تؤ. گرمائش. تپش. ٢۵. ٻاهہ. ٢٦. ڪهڙيءَ طرح. ٢٧. جي. ٢٨. ڪنڀارن. ٢٩. ڪن ڪريجا = تون ڏيان سان ٻڌ ج يا هنڌائج. ٣٠. ڳالهہ. حڪايت. حالَ.

جَرَ[1] جيري[2] ڇڏي، تہ رڄَ[3] پڇندا ڪيئن[4]،
تُون پَڻ ڪَرڄِ[5] تيئن، جِيئَن ڪُنيارَ[6] ڪَرِينِ[7] ڪَمَ[8] سين.

١٤

ڪِني[9] جو ڪُنيارَن، مِٿيءَ[10] پائي[11] مَنئو[12]،
تَنهين مَان تَر[13] جيستَرِي، جِي[14] پَئي خَبَرَ[15] ڪَرَنِ[16]،
هِني[17] تَان[18] هُوندَ[19] مَرَنِ[20]، هُنِ[21] اگڻِ[22] اوراتو[23] ٿئي.

١٥

وَڻَ جيئن وِرهَہ[24] وَڏَنِ[25]، شَاخُون[26] ڪِئو سَرِيرَ[27] ۾،
سَجَڻُ[28] مُون[29] نَہ مِلَنِ[30]، ڳُجُھہ[31] ڳَرهِيَان[32] ڪَنِ سين.

١٦

سَجَڻُ نَہ سَانيِيتَ[33]، ڳُجُھہ[34] ڳَرهِيَان ڪَنِ سين،
ڳَالِهيُون اَندَرِ[35] پِيتَ[36]، سَلا[37] مُوري[38] سُڪِيُون[39].

١٧

ڳَالِهيُون پِيتَ[40] وَرَنِ[41] ۾، وَڏِي[42] وَڻَ[43] ٿِيُون،
پَرَ[44] سين مُون نَہ ڪِيُون، گُوشي[45] پِرِين نَہ گَڏِئا.

Gul Hayat Institute

---

١ تؤ، تپش، گرمائش. ٢. باهہ. ٣. ٿانو، برتن. ۴. ڪهڙيءَ طرح. ۵. ڪج. ٦. مٿيءَ مان ٿانو ٺاهيندڙ. ٧. ڪن. ٨. ڪرت، ڌنڌي (جهڙيءَ طرح ٻنيءَ کي باهہ ڏيئي مٿان ڍڪ ڏيئي ڇڏين). ٩. ڪجهہ مصالحو يا شيءِ. ١٠. مٿيءَ ۾. ١١. وجهي. ١٢. ملايو، ڳوهيو. ١٣. تر (هڪ قسم جي تيلي ٻج) جي داڻي، ذري. ١۴. جيڪڏهين. ١۵. سُڌ. ١٦. ڪرن کي، دشمنن کي، رقيبن کي. ١٧. ڪرن ڏانهن اشارو. ١٨. تہ. ١٩. شايد، جيڪر. ٢٠. دم ڏين. ٢١. هُن (ڪنيارن) جي. ٢٢. اگڻ ۾، گهر ۾. ٢٣. غم، ڏک، ماتم. ٢۴. (جدائيءَ يا وڇوڙي جا) سورَ، غم، ڏک. ٢۵. اسرن، ابرن، پکڙن، ڦهلجن. ٢٦. ٽاريون، ٽارَ، ڏارَ. ٢٧. جسم، بدن. ٢٨. محبوب، پرين. ٢٩. مون کي. ٣٠. گڏجن. ٣١. راز، ڀيد. ٣٢. اوريان، ونڊيان، بيان ڪريان. ٣٣. گڏ، شامل. ٣۴. قصا يا داستان. ٣۵. ۾. ٣٦. شڪم، معدي، دل. ٣٧. ڳونچ، انگورَ، گوشا. ٣٨. جهلي، ڪڍي، اباري. ٣٩. خشڪ ٿيون. ۴٠. ٻيٽ جي. ۴١. وڪڙن. ۴٢. اسري، ابري. ۴٣. (وڻن وانگر) ڊگهيون، وڏيون. ۴۴. ڌارئين، غير، اجنبيءَ. ۴۵. گوشي ۾، اڪيلائيءَ ۾.

## وائي ١

جَيْ[1] سَيْٽَانِي[2] سَگُ[3]، تَنِي[4] تِي ڏُونگَرَ[5] ڏوريَان[6]،
وِئُو ٻَاروچُو[7] نِڪرِي، اَنگَهُنِ[8] چَاڙهِي[9] اَنگُ[10]،
اُنَ مَ[11] پَلاڻِئُو[12] اوٺِيَا[13]، تَان ڪُو[14] دَمِئُو[15] دَمُ[16]،
مِيڙِي[17] مِينْدِيءَ[18] گُلَڙا[19]، رات رَتَائُون[20] رَنگُ[21]،
ٻَانهِي[22] ٻَاروچَنِ جِي، پَلِيءَ[23] لَڳڙِي وَڄُ،
مُون توهِين سين نَ ڪِئُو، چِنَ[24] ڪَارَڻ[25] سَنگُ،
جَان[26] ڪوهِيَارو[27] ڪيچ ۾[28]، تَان[29] مُون[30] ڀَئِي نَ ڀَنگُ[31].

## وائي ٢

هَاڙهو[32] ڳَاڙهو[33] هوتَ[34]، ڪيچِي ڪَالهہ لَنگهِي وِئَا،
سِڪَ ٻَاروچِي نَہ لَهِي، مَتِي تَائين[35] مَوتَ[36]،
لَڳندِي لَڪَنِ ۾[37]، پَاٽَان[38] تِيس[39] پوتَ[40]،
مَتَان مُون کي چَڏِين، هَت هُتِي جَا هوتَ،
ڏِينديس ڏَاڍِين[41] ڏُونگَرين[42]، توهِين[43] ڪَارَڻِ جهوتَ[44].

Gul Hayat Institute

---

١. جيئن تہ، ٢. سائڻ، انهن سان، ٣. مائٽي، عزازت، دوستي، لاڳاپو، ناتو، ۴. تنهن ڪري، ۵. جبل، ٦. ڪوليان، ڍونڊيان، ووڙيان، جهاڳيان، ٧. ٻروچ، بلوچ (سسئيءَ جو محبوب پنهون، جيڪو بلوچ قوم مان هو)، ٨. انگهن تي، سائيءَ يا سڪيءَ ڪائيءَ جي ٻاهر نڪتل نوڪدار ۽ وريل ڪنڊن تي، جن ۾ ڪا شيءِ ڦنگجي، ٩. تنگي، لٽڪائي، ١٠. بدن، جسم (انگهن چاڙهي انگ = تڪليف يا ايذاءَ ڏئي)، ١١. نہ، ١٢. (ائن جي پٺين تي) پلاڻ يا پاڪڙا رکي هلڻ لاءِ تيار ڪريو، ١٣. اي اوٺيا، اي ائن وارئو، اي جتئو، اي پنهونءَ جا ڀائرو، ١۴. ڪجهہ وقت تائين، ١۵. ترسو، ١٦. ٿورو وقت، ١٧. چونڊي، گڏ ڪري، ١٨. مينديءَ جا (ميندي هڪ قسم جو ٻوٽو آهي جنهن جي پڻ کي سڪائي، پيهي ۽ پاڻيءَ ۾ پسائي هٿن پيرن يا مٿي جي وارن کي هٿبو تہ ڳاڙها ٿيندا)، ١٩. گل ڦل، ٢٠. ڳاڙهو ڪئائون، ٢١. روپ، ورڻ، ٢٢. اي ٻانهي، اي گولي، اي نوڪرياڻي، ٢٣. پلئہ سان، پاند سان (گڏ، شامل)، ٢۴. توڙڻ، ٢۵. واسطي، ٢٦. جيستائين، ٢٧. ڪوهيار يعني جبل جو رهاڪو (پنهون)، ٢٨. رياست مڪران جي هڪ شهر جو نالو (پنهونءَ جو ڳوٺ)، ٢٩. تيستائين، ٣٠. مون کي، ٣١. خوف، ڊپ، خطرو، ڀنگ، ٣٢. لس ٻيلي جي اولهہ ۾ هڪ جبل، ٣٣. هاڙهي جو ڏوڙي لفظ، ٣۴. پنهون ۽ ان جا ڀائر، جيڪي بلوچ قوم جي هوت قبيلي جا هئا، ٣۵. تائين، ٣٦. مرڻ، وفات، ٣٧. جبلن ۾، ٣٨. ويتر، اٿلندو، ٣٩. آئون تي، ۴٠. (ڪپڙي جا) ٽڪر، ٻرزا ٻرزا، چيهون، ۴١. ڏاڍن، جاڏن، اوکن، ڏکين، ۴٢. ڏونگرن ۾، جبلن ۾، ۴٣. تنهنجي، ۴۴. جهاتي،لياڪو، سٽ، نهار، تلاش، ڳولا.

## وائي ۳

جيئري[1] زيارت[2]، جي[3] مون[4] هوءِ[5] پرين[6] سين،
سڌر[7] منهنجا سپرين[8]، مون تان لاهه مَ هٿ*،
مولي[9] مون کي ميڙين[10]، سپيريان جي سٿ[11]،
چنديان[12] کيهه[13] اکين[14] سين، پيرين[15] وجهان[16] هٿ،
ڏوران[17] ڏنم[18] سپرين، هيم[19] جني جي سِڪ[20].

## وائي ۴

جيئري ساڻ جنن[21]، لڳو ناتو[22] نينهن[23] جو،
ڏاڙي[24] ڪارڻ ڏاريا[25]، بغدي[26] بلوچن[27]،
مٽي[28] ماري هليا[29]، باجهه[30] نه باروچن[31]،
اونين اُن پلاڻيا[32]، ڪرها[33] ڪيچ[34] ڌڻين[35]،
آسر[36] ياري[37] آهيان، مولي[38] مان[39] نه ملن[40].

Gul Hayat Institute

۱. جيئري يعني زنده رهڻ واريءَ حالت ۾. حياتيءَ ۾. زندگيءَ ۾. ۲. ملاقات. ديدار. ۳. جيڪڏهين. ۴. منهنجي، مون کي. ۵. ٿئي. ۶. محبوبن. سپيرين. ۷. طاقتور. ۸. اي سپرين * لاڳاپو يا ناتو نه ڇن. ۹. اي مولا. اي مالڪ اي خدا. ۱۰. ملاءِ. ۱۱. سٿ سين. ساٿ سين. قافلي سين. جماعت سين. ۱۲. صفا ڪريان يا لاهيان (محبوب جي بدن تان). ۱۳. دز. مٽي. ۱۴. چشمن. نيڻن. ۱۵. پيرن تي (محبوب جي). ۱۶. رکان. ۱۷. ڏور کان. پري کان. ۱۸. مون ڏٺا. ۱۹. مونکي هئي. ۲۰. اڪنڊ. اُڪير. ۲۱. اوڻين. اٺن جي مالڪن. سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ ۽ انجي ڀائرن وغيره. ۲۲. واسطو. تعلق. نسبت. رشتو. ۲۳. عشق. محبت. ۲۴. ڦر لٽ. چوريءَ. ۲۵. پاليا. رکيا. ۲۶. وڏا مضبوط لاڏو (جن تي باز ڪتجي) اٺَ. ۲۷. پنهونءَ جي ڀائرن جيڪي بلوچ قوم جا هئا. ۲۸. مٽيءَ کي. مٺل کي. ناس ٿيل کي. ۲۹. ناس يا چٽ ڪري. ۳۰. رحم. ڪهل. قياس. ۳۱. بلوچن. ۳۲. پٺين تي پلاڻ يا پاکڙا رکي هلڻ لاءِ تيار ڪئا. ۳۳. اٺ. ۳۴. ڪيچ (رياست مڪران ۾ هڪ شهر جو نالو) جي. ۳۵. مالڪن (پنهونءَ جي ڀائرن جيڪي ڪيچ شهر جا رهندڙ هئا). ۳۶. آسري. اميد. ۳۷. واري. ۳۸. اي مولا. اي مالڪ. اي خدا. ۳۹. شال. ۴۰. گڏجن (محبوب).

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرُ آسَا

## داستان پهريون

١

ڪجي آس[1] الله جي، پِـيَ[2] نـہ وِجهجي[3] پاڻُ[4]،
سَچو[5] جَنِ[6] پَريَاڻُ[7]، لَنگهي[8] سي پار[9] پِئا.

٢

آسا[10] سَيَڪَنهين[11] وَلهيَ[12]، آسا[13] ڪَنهين[14] مَ[15] بَنگُ[16]،
هَرَڻا[17] بَاڻ[18] مَ لَگُ[19]، مَاري[20] خَالِيَ[21] نَـہ وَري[22].

٣

لوچان[23] ٿي لاحَدَ[24] ۾، هَادِيءَ[25] لَهان[26] نَـہ حَدُ[27]،
سُپِريَان[28] جي سُونهَن[29] جو، نَڪو قَدَ[30] نَـہ مَدُ،
هِتِ[31] سِڪَڻُ[32] بي عَدَدُ[33]، هُتِ پِرينءَ[34] پَرواهَ[35] نَاهِ ڪَا.

٤

هُئڻُ[36] نو[37] حِجَابُ[38]، لَنگهِ[39] نَـہ لَهين[40] سُپِرين،

---

١. آسرو، ڀروسو، تمنا، خواهش. ٢. پيءَ ۾، پريت ۾، محبت ۾. ٣. داخل ڪجي. ۴. خودي، وڏائي، آپو. ٥. صحي، کرو، درست، نيڪ. ٦. جن جو. ٧. ڌيان، خيال. ٨. اُڪري، مٽي. ٩. ٻي طرف ڏانهن، ٻي ڪپ يا ڪناري ڏانهن. ١٠. راڳڻيءَ جو نالو. ١١. سڀڪنهن کي، هر ڪنهن کي، هر هڪ کي. ١٢. پياري، وڻندڙ. ١٣. آسا جو. ١۴. ڪنهن سان. ١٥. نہ. ١٦. ونگ، پيچ، پيار. ١٧. هرڻ (جانور جو هڪ قسم) کي، مرگهہ يا آهوءَ کي. ١٨. ڪان، تير. ١٩. لڳي. ٢٠. شڪاري. ٢١. نلهو، سکڻو. شڪار ڪرڻ کان سواءِ، جانور مارڻ کان سواءِ. ٢٢. موٽي. ٢٣. ڳوليان، تلاش ڪريان. ٢۴.بنان حد يا ڇيڙي واريءَ جاءِ. ٢٥. هاديءَ جو، رهبر جو، خدا جو. ٢٦. ڏسان. ٢٧. انت، ڇيهہ، ڇيڙو. ٢٨. سپرينءَ، پرينءَ، محبوب. ٢٩. حُسن، جمال. ٣٠. ڊيگهہ. مَدُ (قدمد = سنڌو، سيڙهو، نهايت، ڇاڙي، ڀيڙي)، ٣١. عاشق جي دل ۾. ٣٢. سڪ،پيار، اُڪنڊ، اُڪير. ٣٣. بي شمار، ڳاڻيٽي کان ٻاهر. ٣۴. پرينءَ کي. ٣٥. ڪاڻ، حاجت، فڪر. ٣٦. هستي، بود، آپو، خودي. ٣٧. توکي. ٣٨. پردو، روڪ، رنڊڪ. ٣٩. پاسي ڪر، ٽپي وڃ. ۴٠. ڏسين.

Gul Hayat Institute

اَلصَّلاۃُ مِنَ الصَّلاتِ*، ڪامِي[1] تَيءُ خَرابُ[2]،
جِسمُ[3] دوزَخُ دابُ[4]، ڪَلُ[5] ڪائِنُ[6] دَاخِلِين.

۵

"آئُون[7]" سِين اِنَ پَارِ[8]، ڪَڏهِين تَان ڪُونَ پِئو،
اِنَ اللهَ وِترُ و يُحِبُ الوِترَ،* نيئي[9] بِيائي[10] بَارِ[11]،
هيڪڙِائِيءَ[12] وَتِ[13] هَارِ[14]، هَنجُون[15] جي هُئَڻَ[16] جُون.

۶

"آئُون" اوربَان[17] جَهلِ[18] تُون[19]، چَڏِيمِ[20] پَاڻَ[21] پَچَارَ[22]،
شِرڪَ سَاڻُ سَتَارَ[23]، گَهٽَا گَهَارِيمِ ڏِينهَڙا.

۷

بَنِ[24] بِيائي سِپِرِين[25]، پَاڻَان[26] مُونکي پَلِ،
"آئُون" اوربَان جَهلِ، "تو" کي رَسي[27] "تُون" ڏَٽي[28].

۸

"تو" کي رَسي "تُون" ڏِٽي، سَپِوئي[29] جَمَالُ[30]،
ڪونهي بِيو خِيَالُ[31]، جي[32] شَارڪ[33] شَڪُ[34] وِجَائين.

*نماز مان نماز يعني هڪ نماز جي بعد بي نماز (مسلسل پڙهندو رهه). ۱. جلي، سڙي، پچي. ۲. تباهه، پسم، برباد، فنا. ۳. بدن، هستي. ۴. شان، غرور، عادت، طريقو، دستور. ۵. تڪ، ماندگي، خاتمو. ۶. هستي، بود. ۷. ضمير واحد متڪلم لاءِ استعمال ٿيندڙ لفظ، خوديءَ، آپي يا اهنڪار. ۸. طرف، ڏانهن. (ان پار = خدا جي طرف ڏانهن) *تحقيق الله اڪيلو يعني هڪ آهي ۽ اڪيلائيءَ يعني هيڪڙائي پسند ڪري ٿو (حديث شريف). ۹. ڪٽي، وڍي. ۱۰. دوئي، شرڪ (ٻيءَ ڪنهن هستيءَ کي خدا جو مٽ يا ثاني سمجهڻ واري حالت). ۱۱. جلاءِ، ساڙ، ختم ڪر. ۱۲. خدا کي هڪ سمجهڻ واري حالت، وحدانيت. ۱۳. اِڳيان، سامهون. ۱۴. وهاءِ، جاري ڪر. ۱۵. لڙڪ يا ڳوڙها (اکين جا). ۱٦. هستيءَ، بودَ، خوديءَ، آپي. ۱۷. ويجهو، منزل مقصود کي پهچڻ کان اڳ. ۱۸. روڪ، پل، رنڊ. ۱۹. ضمير حاضر واحد لاءِ ڪم ايندڙ لفظ، اي تون (خدا). ۲۰. مون ڇڏي، مون ترڪ ڪئي. ۲۱. پاڻ جي، خوديءَ جي. ۲۲. ذڪر، ٽاٽ، ڳالهه، واسطو. ۲۳. اي ستار، اي ستر ڪندڙ، اي عيب ڍڪيندڙ، اي خدا. ۲۴. ڪوءِ، ڪڏ ۾، يا ڪوهه ۾ (پوي). ۲۵. اي سپرين، اي پرين، اي خدا. ۲٦. پاڻ کان، خوديءَ کان. ۲۷. جڳائي، مناسب آهي. ۲۸. اي ڏٽي، اي مالڪ، اي خدا. ۲۹. (جيڪو) سڀ جو سڀ، ڪل، مطلق. ۳۰. سونهن، حسن. ۳۱. تصور، سمجهه. ۳۲. جيڪڏهين. ۳۳. اي شارڪ، اي شرڪ ڪندڙ. ۳۴. غير يقيني حالت، وهم، گمان، ٻيائيءَ.

Gul Hayat Institute

## ۹

عَينُ[۱] شِرڪُ[۲] اِيءُ، جيئَن بي[۳] شِرڪُ يَانيِّن[۴] پاڻَ[۵] ڪي،
وِجَائي[٦] وِجُودَ[۷] ڪي، پَاڻَان[۸] پَاسي[۹] ٿيءُ،
هَڏِهِين[۱۰] ڪونهي هِيءُ[۱۱]، هُو[۱۲] پَڻ ڪونهي هِن[۱۳] ري[۱۴].

## ۱۰

هِيءُ نَہ آهي هُن ري، هُو نَہ هِنئَان ذارَ،
اَلانسَانُ سِرِي وَاَنَا سِرُہُ*، پَرُوڙِج[۱۵] پَچَارَ[۱٦]،
ڪَندا وِئَا تَنوارَ[۱۷]، عَالِمُ[۱۸] عَارِفَ[۱۹] اهَڙِي.

## ۱۱

اَنَا[۲۰] عَبدُ[۲۱] مَعبُودُ[۲۲] تُون، اِتَ[۲۳] شِرڪُ نَہ ڪو شَڪُ[۲۴]،
پَچَارُون[۲۵] پِرِيَن جُون، مَحَبَتِيَن[۲٦] مَرڪُ[۲۷]،
سو سَپيِوئِي حَقُ[۲۸]، جَنهِن ۾ پَسَن پِريَن کي.

## ۱۲

صُورَتَ[۲۹] سُوجِهَہ ۾[۳۰] تَنهِنجِي، تُون پِيءُ[۳۱] پَچِين جو[۳۲]،
سُخنُ[۳۳] آهي سو، مُنهَن[۳۴] مُقَابِل[۳۵] نَہ ٿِيي●.

---

۱. نسورو، خالص، اصل. ۲.ڪنهن ٻيءَ شيءِ کي خدا تعاليٰ جي برابر يا مٽ سمجهڻ واري حالت. ۳. بي شرڪ = بنان شرڪ، شرڪ کان سواءِ، مُوَحِدُ. ۴. سمجهين. ۵. خود. ٦. ناس ياچٽ ڪري. ۷. هستيءَ. ۸. پاڻ کان، خوديءَ کان. ۹. پري، دور. ۱۰. بنهہ، هرگز، بلڪل. ۱۱. انسان جو وجود يا هستي. ۱۲. خدا. ۱۳. انساني وجود يا هستيءَ. ۱۴. جُدا * انسان منهنجو راز يعني ڳجهہ آهي ۽ آئون (خدا) هُن (انسان) جو راز آهيان (حديث قدسي). ۱۵. تون پروڙ، تون سمجهہ، تون ڄاڻُ. ۱٦. وائي، سخن. ۱۷. ڳالهہ، ذڪر، بيان. ۱۸. علم وارا، ڄاڻو، پڙهيل. ۱۹. خدا کي سڃاڻندڙ. ۲۰. آئون. ۲۱. بندگي ڪندڙ، عبادت ڪندڙ، بندو، ٻانهون. ۲۲. عبادت يا بندگيءَ جو لائق، جنهن جي عبادت ڪجي. ۲۳. انهيءَ جاءِ تي يعني انهيءَ ڳالهہ ۾. ۲۴. گمان يا وهم (خدا جي هيڪڙائيءَ ۾). ۲۵. ڳالهيون، ذڪر اذڪار. ۲٦. محبتين جو، محبت ڪندڙن يعني عاشقن جو. ۲۷. فخر، لائق، زيبُ، واجب. ۲۸. سچ، صحيح، درست. ۲۹. شڪل، چهرو، روپ. ۳۰. ڳول، ڏيان ۾ آڻ، بحث مباحثي ۾ آڻ. ۳۱. محبوب. ۳۲. ڳولين. ۳۳. (سچي يا صحيح) ڳالهہ، گفتو، قول. ۳۴. منهن جي. ۳۵. اڳيان (منهن مقابل = آمهون سامهون، روبرو). ●اهو سخن يعني محبوب جي صورت سوجهڻ جو مسئلو علمي يا رواجي دليل بازيءَ سان نہ نبرندو.

### ١٣

سُڄاپِي[1] نَہ صُورَتَ[2] رِي[3]، صُورَتَ هَڏِ مَ سوجِهہ[4]،
تِيءُ ٻَاراڻِيءَ[5] ٻوجِهہ[6]، وِڃائِي[7] وِجُودَ[8] ڪِي.

### ١۴

وَقتُ[9] وِڃائِي[10] وِيھُ، قَضَا[11] جِي ڪَا[12] مَ ڪَرِ[13]،
هِيءُ تَنِي جو ڏيهُ[14]، ٻَئِي[15] جَنِي ڇَڏِيُون.

### ١۵

قَضَا جِي ڪَامَ ڪَرِ، وَقتَ وِڃائِي ڇَڏِ،
"آئُون" "آسِين"[16] ڪَنِ جِي، پَاسِي[17] تَنِ[18] مَ اَڏِ[19].

### ١٦

وَقتُ جو وِڃي، سو قَضَا تِئي ڪِيئَن،
جَا پَرِ[20] عَزازِيلَ[21] جِي، تَان نَہ[22] گهُرجِي تِيئَن[23].

### ١٧

پَڙهَن وَقتَ نَمَازَ جَا، قَضَا سَارِي ڪَن،
پَايو مُنهُن مُصحَفَ[24] ۾، راتو ڏِينهَن[25] رڙَن[26]،

Gul Hayat Institute

---

١. سڃاڻڻ ۾ اچي، اورڪجي، معلوم ٿئي. ٢. شڪل، چهري، روپ. ٣. ڪان سواءِ. ۴. ڌيان ۾ آڻ. بحث مباحثي ۾ آڻ. ڳول. ۵. ٻارن جي، ٦. ٻوجهہ وارو. ٻَڌ وارو. سمجهہ وارو (ٻاراڻيءَ ٻوجهہ = ابوجهہ. ڪم عقل. اڻ ڄاڻ. نادان). ٧. ناس ڪري، نابود ڪري. ٨. هستيءَ ڪي. هئڻ ڪي. ٩. مهل (نماز جي). ١٠. ٽاري. گسائي. ١١. مقرر وقت تي نہ پڙهيل نماز وقت گذرڻ کان پوءِ پڙهڻ. ١٢. ڪا اون يا ڳڻتي. ١٣. نہ. ١۴. ملڪ. هنڌ. جاءِ. ١۵. ادا (يعني نماز کي وقت تي پڙهڻ) ۽ قضا. ١٦. آئون ۽ اسين = اهنڪار. انانيت. خودبيني. ١٧. پاسي ۾. پر ۾. پاڙي ۾. ١٨. تن جي. ١٩. گهر ٺاهہ. مڪان تعمير ڪر. ويهہ. ٢٠. ريت. ڪار. هلت. (ضد يا هٺ ڪرڻ جي). ٢١. ابليس. شيطان. ٢٢. هرگز. ٻنهہ. ٢٣. (ڪرڻ) کيي. ٢۴. قرآن. ٢۵. راتو ڏينهن = رات توڙي ڏينهن. هميشہ. هر وقت. ٢٦. روئن. آهہ زاري ڪن.

اُوءِ مُنَا[1] ڪِيئَن مَرڪَن[2]، اَندَرِ[3] اُونداهِيءَ[4] جَنِ ڪي.

## ۱۸

نَڪي پَڙهَنِ نَمَاز ڪي، نَڪي قَضَا[5] ڪَن،
سَارِئُو[6] سُپِيرِيَنِ[7] ڪي، سِڪَنِ[8] ۽ سَڙَنِ[9]،
پَڙهَندَلَ[10] پوءِ[11] رَهَنِ[12]، هوءِ اَڳِهِين[13] هُونِ اُتَهِين.

## ۱۹

سِرُ[14] نَايُو[15] سَجِدا ڪَرِيين[16]، تَنَ[17] تَواضُعُ[18] تَوُ[19] نَہ،
هُو جو مَٺِڪو[20] مَنَ[21] جو، جَانِ[22] سُوڌو[23] سُورِئِي[24] سو نَہ،
ڪُوڙا[25] تِيندءِ[26] ڪونَہ، اِنَ قَوڪِيءَ[27] ڏوتي[28] فَائدو[29].

## ۲۰

روزا ۽ نَمَازُون[30]، ڪَي ڪُذاتِي[31] ڪَن،
پَايو مُنهُن مُصحَفَ[32] ۾، ڪَافِرَ[33] تي پَڙهَنِ،
اَسِين مَنجَهان تَنِ، جَنِ بيتُ[34] نَہ ڏِني هيڪَڙي.

## ۲۱

روزا ۽ نَمَازُون، اِيءُ پَڻ وَڏو ڪَمُ[35]،

---

۱. مصيبت ۾ پيل نياڳا (بي نمازي). ۲. خوش يا سرها ٿين، فخر ڪن، ڪامياب ٿين. ۳. اندر ۾، دل ۾. ۴. تاريڪي، روشنيءَ يا سوجهري جي غير موجودگي، گمراهي. ۵. مقرر ڪيل وقت يا مهل تي نہ پڙهيل نماز کي وقت گذرڻ کانپوءِ پڙهڻ. ٦. سنيالئو، ياد ڪرئو. ۷. پرين، محبوبن. ۸. واجهائين، اڪندجن. ۹. جلن، ڪامن، پچن. ۱۰. نماز پڙهندڙ. ۱۱. پوءِ تي، پٺتي، پويان. ۱۲. رڪجئو يا رنڊجئو بون. ۱۳. نماز نہ پڙهندڙ. ۱۴. مٿو، ڪنڌ. ۱۵. نمايو. ۱٦. واحد سجدو = خدا جي اڳيان ڪعبت الله کي سامهون ٿي مٿو زمين تي رکڻ واري حالت (سجدا ڪريين = نمازون پڙهين). ۱۷. تن ۾، دل ۾. ۱۸. نهٺائي، نياز نئڙت. ۱۹. توکي. ۲۰. مٺيون، موتي، داڻو (تسبيح جو). ۲۱. دل. ۲۲. جيئن تہ، جنهن صورت ۾. ۲۳. صحي، درست. ۲۴. تو سورئو، تو ڦيرايو، تو هلايو. ۲۵. اي ڪوڙا، اي جونا، اي دوکي باز. ۲٦. توکي ٿيندو. ۲۷. ڳٺيءَ، مقعد، گديا. ۲۸. ڌئڻ سان (ٻاٽيءَ سان) صاف يا پاڪ ڪرڻ سان. ۲۹. نفعو، لاڀ. ۳۰. واحد روزو = ڏينهن جو نہ کائڻ پيئڻ واري حالت. ۳۱. ڪم ذات يا کهٽ ذات وارا، اوڇا، مليچ. ۳۲. قران. ۳۳. خدا کي نہ مڃيندڙ، خدا جي هيڪڙائيءَ جا انڪاري. ۳۴. بينڪ، سجدو. ۳۵. عمل، فعل.

اُو ڪو ٻئو فَهمُ[1]، جِنهن مَان پَسَنِ[2] پِرِينءَ[3] کي.

## ٢٢

وِردَ[4] وَظِيفَا وِسَرِئَا، نَڪَا رَهِي نَمَازَ،
هِيئَنئَڙو[5] بَحرِيءَ[6] بَازَ، ڇَاتِي[7] ڪِئو ڇَنبَنِ[8] ۾.

## ٢٣

جَانِ[9] جَان پَسِين پَاڻَ[10] کي، تَان تَان نَاهِ نَمازَ،
سَڀِ وِڃَائِي[11] سَازَ[12]، تِهَان[13] پوءِ تَڪبِيرَ[14] چَئُو.

## ٢٤

جَان جَان پَسِين پَاڻَ کي، تَان تَان نَاهِ سُجُودُ[15]،
وِڃَائِي وِجُودُ[16]، تِهَان پوءِ تَڪبِيرَ چَئُو.

## ٢٥

جَنِ وِڃَايو وِجُودُ، سي فَانِي[17] تِئَا فِيْ اللهِ[18] ۾،
نَہ قِيَامُ[19] نَہ قَاعِدو[20]، نہ ڪو ڪَنِ سُجُودُ،
جِيلَاهَ[21] تِئَا نَابُودُ[22]، تِيلَاهَ[23] رَسِئَا[24] بُودَ[25] کي.

---

١. علم، گيان، عمل، فعل. ٢. ڏسن. ٣. محبوب. ۴. وظيفا، روزاني ڪرڻ واريون عبادتون، پوڄائون يا دُعائون. ٥. هنيون، دل. ٦. مشهور شڪاري پکيءَ، بازَ پکيءَ جو هڪ قسم (بحريءَ باز = عشق). ٧. جهتي، ڪٽي. ٨. (پکيءَ جي) پيرن، قبضي. ٩. جيسين، جيستائين. ١٠. خود (پسين پاڻ کي = تو ۾ خودي يا آپو موجود آهي). ١١. ناس يا ڇٽ ڪري، نابود ڪري. ١٢. اوزار، حيلا وسيلا. ذريعا. ١٣. تنهنڪان. ١۴. نماز پڙهڻ جي شروعات ۾ "الله اڪبرُ" جا لفظ چوڻ. ١٥. سجدو (خدا جي اڳيان ڪعبت الله جي سامهون ٿي زمين تي پيشاني يعني مٿو رکڻ)، نماز. ١٦. هستي، هئڻ. ١٧. محوُ، گم. ١٨. الله = الله تعاليٰ جي ذات ۾. ١٩. نماز ۾ بيهڻ واري حالت. ٢٠. نماز ۾ وهڻ واري حالت. ٢١. جنهن صورت ۾. ٢٢. نيست، معدوم، فنا. ٢٣. تنهن صورت ۾. ٢۴. پهتا. ٢٥. بقا، هميشہ هجڻ واري حالت.

Gul Hayat Institute

## ٢٦

نَابُوديءَ[1] نيستي[2]، عَبدَ[3] کي اَعليٰ[4] ڪِئو،
جي مُورتَ[5] ۾ مَخفي[6] ٿِئا، صُورتَ[7] پَڻِ سيئِي،
ڪِبي اِت ڪيهِي[8]، ڳَالهِه[9] پِريَان[10] جي ڳُجَهه[11] جي.

## ٢٧

ڳَالهِه پِريَان جي ڳُجَهه جي، ڳَالهِه مَڙِيَائي[12] ڳُجهه،
هِينئَڙا[13] اُجُهه[14] ۾ بُجُهه[15]، تَه[16] پِرينئُون[17] پِريِن[18] ٿِئِين.

## وائي

پِرِينئُون[19] پوءِ[20]، مَوٽِي[21] نَه وَهَاءِ[22] رات،
راهَه[23] رَمَندَڙِي[24] روءِ[25]،
قُوڙائو[26] فَقِير[27] کي، قَادِرَ[28] ڪُوهُه[29] ڏنوءِ[30]،
ڇَڙهِئَا ڏَاڍِين[31] ڏُونگرين[32]، سيڻَن[33] سَانگُ[34] نَه ڪوءِ،
اَچي اوراهُون[35] ٿِئي، سَيَد[36] صه سَانگُ[37] سَندوءِ[38].

Gul Hayat Institute

---

١. نيستيءَ، عدم، فنا في الله واريءَ حالت. ٢. ڪٿي. ٣. ٻانهي، ٻندي. ۴. اوچو، مٿاهون، وڏي يا بلند مرتبي وارو. ۵. تصوير، شبيهہ، مِثلَ. ٦. سمايل، لڪل، پوشيدا، نامعلوم. ٧. اصلي صورت يا شڪل ۾. ٨. ڪهڙي. ٩. بيان. ١٠.پرينءَ. ١١. راز، ڀيد. ١٢. نسورو ئي، خالص. ١٣. اي هينئڙا، اي هنيان، اي دل، اي من. ١۴. رُل، ڀٽڪ، دربدر ٿيءُ. ١۵. نہ. ١٦. سمجهہ، پروڙ، عقل ڪم آڻ. ١٧. پرين يعني محبوبن جي طرفان. ١٨. پيارو. ١٩. پرين کان. ٢٠. بعد. ٢١. واپس ٿي. ٢٢. گذار. ٢٣. راهہ تي، رستي تي، واٽ تي. ٢۴. هلندي يا پنڌ ڪندي وڃ. ٢۵. روئي، اکين مان ڳوڙها وهائي. ٢٦. جدائي، وڇوڙو. ٢٧. مسڪين، نماڻيءَ، عاجز. ٢٨. اي قادر، اي سگهہ وارا، اي خدا. ٢٩. ڇو. ٣٠. تو ڏنو. ٣١. ڏاڍن، جاڏن، اوکن، ڏکين. ٣٢. ڏونگرن تي، جبلن تي. ٣٣. سيڻن کي، سڄڻن کي، محبوبن کي. ٣۴. سانگو، پرواهہ. ٣۵. ويجهو. ٣٦. اي سيد صہ، اي سردار صہ (حضرت محمد مصطفيٰ صلعم). ٣٧. جاءِ، مڪان، ساٿ، قافلو. ٣٨. تنهنجو.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر آسَا

## داستان پهريون

١

أُڀرندي[1] سِج، پِرين[2] جي[3] نه پَسنديُون[4]،
بيٺِي[5] ڪَدِي ذِج، اڪَتڙيُون ڪانگنِ[6] ڪي.

٢

أُڀرندي سِج سان، پِرين جي نه پَسنديُون،
ڪَدِي ڪي ڪانگان[7]، نيوالا[8] نينهن[9] ذِيان.

٣

اڪَتڙيُون پِرين ري[10]، جي[11] ڪي[12] پيئو پَسن،
ڪَدِي ڪي ڪانگنِ، نيوالا نينهن ذِيان.

٤

نيرانا[13] ئي نيٺ، نيٺئي[14] آڇ[15] پِرين ڪي،
سَتر[16] ڪاذا[17] ڪيٺ[18]، جي[19] ذِنو[20] مُنهن[21] مَحبُوب جو.

Gul Hayat Institute

---

١. اُڀرندي سج = (عشق جي) سج اڀرڻ مهل يا طلوع ٿيڻ وقت يا (عشق جي) سورج نڪرڻ وقت. ٢. محبوب. سڄڻ. ٣. جيڪي (اکيون). ۴. ڏسنديون. سجائنديون. ۵. ٻئي (اکيون). ٦. ڪاري رنگ جي هڪ قسم جي پکين. ڪانئن. زاغ. ٧. ڪانگن. ٨. گرهه. گراهه. لقما (مانيءَ يا طعامَ جا). ٩. اکيون. ١٠. ڪان سواءِ. ١١. جيڪڏهن. ١٢. ڪجهه. ١٣. بکيائي، صبوح جي ڪاڌي کائڻ يا ناشتي ڪرڻ کان سواءِ يعني ٻيءَ ڪنهن به شيءِ ڏسڻ کان اڳ. ١۴. ڪٿي. ١۵. پيش ڪر. ڏي. ١٦. تمام گهڻا. ١٧. تناول ڪئا. واپرايا. نوش جان ڪئا. ١٨. طعام. ڪاڄ. کاڌا. ١٩. جيڪڏهن. ٢٠. ديکئو. پسئو وئو. ٢١. صورت. شڪل چهرو.

## ٥

تَن نيڻَنِ[١] ڪِي[٢] نيَرانِ[٣]، جَنِ[٤] سَاجُهَرِ[٥] سَيڻَ[٦] سانيٽيا[٧]،
جِيءَ[٨] جُسي ۽ جَانِ*، ڪَرَ[٩] حُضُورِي[١٠] حَجُ[١١] ڪِيو.

## ٦

اکِيُون تَان[١٢] عِيدَ[١٣]، ڪَانهي عِيدَ اکِيَنِ رِي[١٤]،
خُوشِي ۽ خَرِيدَ[١٥]، ڳِنهِئو[١٦] وَڃَنِ پَاڻَ سين.

## ٧

ڪِي[١٧] جو[١٨] وَڃي اَڄُ، اکِيُون پَسِي[١٩] آيُون،
سيڻَنِ جي سَهَڄَ[٢٠]، لالُون[٢١] ڪِيُون لطيف[رح] چئي.

## ٨

ڪِي جو وَڃي ڪَالَهه[٢٢]، اکِيُون پَسِي آيُون،
لالُون ڪِيُون لطيف[رح] چئي، جَانِبَ[٢٣] جي جَمَالَ[٢٤]،
سي تِئا نيڻَ نِهَالَ[٢٥]، جَنِي دِلبَرُ[٢٦] ديکئو[٢٧].

Gul Hayat Institute

## ٩

ڪِي جو ڪيڏانهين[٢٨]، اکِيُون پَسِي آيُون،

---

١. اکين. ٢. ڪٿي. ٣. نيرن، ناشتو. ۴. جن ڪي. ۵. سويل ئي، صبوح سان. ٦. سڄڻ، محبوب. ٧. مليا، ڳڏيا. ٨. جند، جان، دل، جسي، جسم * سڄي يا سموري بدن. ٩. ڇڻ. ١٠. تمام ويجهو، روبرو، آمهون سامهون، خود خدا جو. ١١. عربستان جي مڪي شهر ۾ واقع ڪعبة الله (خدا جي گهر) جي چوڌاري طواف يعني قرڻ کي حج چئبو آهي پر هتي معنيٰ ٿيندي (محبوب جو) ديدار يا زيارت. ١٢. تہ. ١٣. خوشي، راحت، فرحت، آرام. ١۴. ڪان سواءِ. ١۵. مزو، لطف. ١٦. ونئو، ڪٽئو. ١٧. ڪجهہ. ١٨. اهڙو. ١٩. ڏسي. ٢٠. سڪ، پيار، چاهہ، شوق، صحبت، ڪچهريءَ. ٢١. لالن (ڳاڙهي رنگ جي سهڻن ۽ قيمتي موتين يعني ياقوتن) جهڙيون ڳاڙهيون، وٽندڙ. ٢٢. اڄ کان هڪ ڏينهن اڳ. ٢٣. جانيءَ، محبوب. ٢۴. سونهن، حُسن. ٢۵. خوش، راضي، قرار. ٢٦. محبوب. ٢٧. ڏٺو. ٢٨. ڪنهن هنڌ، ڪنهن طرف، ڪنهن جاءِ تي.

تَاڙِين[1] تيڏانهِين[2]، پيئيُون پاڻ[3] مُهاڙِبُون.

## ۱۰

ڪِي[4] جو[5] ڪَنهِين پارِ[6]، اکيُون پَسِي[7] آيُون،
هِڪُ ديوانيُون[8] دِل ۾، پِي اَپَرِ[9] لَڳِيَنِ[10] آرَ[11]،
تِهان[12] پوءِ قَرارِ[13]، سُتِيُون[14] ڪِينَ سَيِّدُ رح چَئِي.

## ۱۱

اکيُن ڪي اُتومِ[15]، مَستان اِتِ اَڙُو[16]،
ڪُنجِي[17] ڪُرفُ[18] ڪَڙو[19]، تيئِي[20] هَٿِ[21] حَبِيبَ[22] جي.

## ۱۲

اکڙيُنِ آرو[23]، مُونهان[24] پِڇِي[25] نَہ ڪِئو،
وَڃِي اُتي اَڙِبُون[26]، جِتِ چَوڻَ[27] نَہ چارو[28]،
هِينئڙو[29] وِبِچارو[30]، واٽُون جَهلِئو[31] وِنجهُلِي[32].

## ۱۳

اکين پانهنجي مَتِ[33]، پاڻ سين پاٽِهين ڪِي،
اُتي وَڃِي اَڙِبُون، جِتي جانِ[34] ڪَپَتِ[35]،

---

۱. هلن، اڳتي وڌن. ۲. تنهن هنڌ يا طرف ڏانهن، تنهن جاءِ ڏانهن. ۳. پاڻ مهاڙبون = پاڻمرادو، خودبخود. ۴. ڪجهہ. ۵. اهڙو ديدار. ۶. پاسي، طرف. ۷. ڏسي. ۸. مستانيون، چريون. ۹. بي حد، گهڻي. ۱۰. انهن کي لڳي. ۱۱. سڪ، اُڪنڊ، نينهن. ۱۲. تنهن کان. ۱۳. قرار سان، آرام سان، چين يا سڪ سان. ۱۴. ننڊ ڪئائون. ۱۵. مون اُتو، مون چيو. ۱۶. ڦاسو، جهلجي پئو. ۱۷. چابي، ڪليد، مفتاح. ۱۸. ڪلف، قفل، تالو، جندو. ۱۹. در جي طاقن کي سوگهي ڪرڻ لاءِ لوهہ جو ڪنڊو. ۲۰. ٽيئي اوزار (سوگهي ڪرڻ يا ڦاسائڻ جا). ۲۱. هٿ ۾. ۲۲. دوست، محبوب. ۲۳. پيار، محبت. ۲۴. مون کان، مون سان. ۲۵. صلاح مشورو ڪري. ۲۹. ڦاٿيون، اٽڪيون. ۲۷. چوڻ جو، ڳالهائڻ جو. ۲۸. رستو، گس، واٽ، دڳ، مجال. ۲۹. هنيون، دل. ۳۰. نماڻو، عاجز، لاچار. ۳۱. ونئو. ۳۲. ڳنڍيون ڪائي، نجهري، ڳري. ۳۳. سوچ، ڳڻ، صلاح. ۳۴. جان جي، جيءَ جي، سرير جي، مَنَ جي. ۳۵. ڪاپارو، جوکو، نقصان.

نَکَا ڳَالهِه[1] نَه ڳَت، جِيءَ[2] ڏِني[3] رِءَ[4] نَه جُڙِي[5].

١٤

اکَڙِيُن کي آهِين، عَجَب[6] جهَڙِيُون عَادَتُون[7]،
سُور[8] پَرائي[9] سَاتَ[10] جَا، وَجِئو وِهَائِين[11]،
اُتي لَنءُ[12] لائِين[13]، جِت حَاجَت[14] نَاهِه هَتِيَار[15] جِي.

١٥

اَکِيُن کي آهِين، وَڏَا[16] واجهَ[17] وِڙهَڻَ[18] جَا،
اُپِيُون مَندي[19] مَامِرو[20]، جهيڙو[21] نَه لاهِين[22]،
جِيئَن سي کَکَراَيِ[23] مِرِ[24]، تِيئَن آگَمِيُون[25] آهِين،
جُهڙ[26] ڦُڙ نَه لاهِين، وَسَنِ[27] سَانوڻَ[28] مِينهَن[29] جِيئَن.

١٦

وَسَنِ ءِ وِهَسَنِ، ڏِهَاڙِي[30] ڏِسَڻَ[31] لاءِ[32]،
جِيئَن[33] جِيئَن پِرِين پَسَنِ[34]، تِيئَن تِيئَن[35] نشا[36] نِينهَن[37] جَا.

١٧

جِيئَن جِيئَن ڏمَرَ[38] کَنِ، تِيئَن نَشَا نِينهَن جَا،

---

١. ڳالهه ڳت = ڳالهه ٻول، قيل و قال، بحث مباحثو، خبرچار، پڇا ڳاڇا، ٢. جان، جسم، دل، ٣. ڏيڻ، قربان يا صدقي ڪرڻ، ٤.ڪان سواءِ، ٥. ملي يا حاصل ٿئي (محبوب جو وصال)، ٦. حيرت، اچرج، تپرس، ٧. خصلتون، نمونا، گڻَ، ٨. ڏکَ، درد، تڪليفون، ٩. ٻي، ڌارئين، ١٠. جماعت، ٽولي، گروهه، ١١. سودين، ڳنهن، خريد ڪن، ١٢. محبت، پيار، ١٣. ڪَن، ١٤. واهه، مجال، ١٥. جهيڙي يا جنگ ڪرڻ لاءِ اوزار جهڙوڪ لٺ، ڏڪو، لوڙهه، ڪهاڙي، تلوار، ١٦. اتم، اعلي، خطرناڪ، ١٧. وجهه، نمونا، انڪلون، ڦنَ، ١٨. جهيڙي ڪرڻ، ١٩. بيٺيون، ٢٠. سِٽي، تياز ڪري، سنباهي، ٢١. جهيڙو، تڪرار، ڦڏو، فساد، ٢٢. ختم ڪن، ٢٣. بادل، ميگهه، ابر، ٢٤. آسمان، ٢٥. آگميون آهين = جهڙ يا ملار ڪيو اٿن، ٢٦. جهڙ جو ڌوڙي اکر جهڙيءَ طرح چريو ڪريو يا حساب ڪتاب، ٢٧. وسڪارو ڪن.لڙڪ وهائين، ٢٨. سانوڻ (مينهن پوڻ جي مند) جي، ٢٩. برسات،٣٠. خوش يا سرهيون ٿين، ٣١. هر روز، روزانو، ٣٢. پسڻ، ٣٣. جيئن جيئن = جيترو گهڻو، ٣٤. محبوب، ٣٥. اوترا زيادهه يا وڌيڪ، ٣٦. خُمارَ، ڪيپَ، ٣٧. عشق، محبت، ٣٨. ڪاوڙيون، غصا، جوش، تيزايون.

مَحَبَتَ[1] مَحَبُوبَنِ[2]، مَاڻي[3] مَان مَعلُومُ[4] ٿِي.

۱۸

ڏِسڻي[5] ڏِسِي آيُون، تَوءِ[6] تَلاشُون[7] کَنِ،
ڍايُون[8] نَہ ڍايَنِ[9]، ڪَا جَا[10] اُڃَ[11] اکِيُنِ کي.

۱۹

ڏِسَنِ ڏَهَاڙِي[12]، تَوءِ تَرسَنِ[13] اوڏَهِين[14]،
آيَا سُجَاڻِي[15]، نَيڻَ[16] نِهَاري[17] پِرِينءَ کي.

۲۰

ڪُتِيُون[18] کِينَ کِسَنِ[19]، کِنهِن جِنهِنَ[20] عَادَتَ[21] اُپِيُون[22]،
نيڻين[23] جهيڙئو[24] پَاڻَ ۾، ويڙهين[25] کِينَ وِڙهَنَ[26]،
اکِيُنِ ءِ پِرِيَنِ، پُورِي[27] پَاتِي[28] پَاڻَ ۾.

۲۱

ڪُتِيُون کِينَ کِسَنِ، کِنهِن جِنهِن عَادَتَ اُپِيُون،
پِيُون پَچَنِ[29] پَرِ[30] ۾، کُوري[31] جِيئَن کَامَنِ،
لاٽُون[32] کِئو لُوسَنِ[33]، لالَنَ[34] لاءِ لَطِيف چئي.

Gul Hayat Institute

۱. پيار، سک. ۲. محبوبن جي، پرين جي. ۳. آري، انگل، نخري، رُسَڻ. ۴. معلوم ٿي = پڌري ٿي، ظاهر ٿي، روشن ٿي. ۵. پسي، (هر هر). ٦. تنهن هوندي بہ. ۷. ڳولائون. ۸. ڍؤ ڪرائجين ٿو يا سيراب ڪجين ٿو (محبوب جي ديدارَ سان). ۹. ڍُر ٿين، سيرُ ٿين. ۱۰. اهڙي (گهٽي). ۱۱. پياس، تاس. ۱۲. هر روز، روزانو. ۱۳. واجهائين، نهارين، انتظار ڪن. ۱۴. ان طرف ڏانهن، محبوبن جي طرف ڏي. ۱۵. اوڪي، پڇائي، سهي ڪري. ۱٦. اکيون. ۱۷. ڏسي.۱۸. ڪپيلون، لڳلون يعني آمهون سامهون ٿيلون. ۱۹. هٽن، مڙن، ڪسڪن، پري ٿين. ۲۰. اهڙيءَ. ۲۱. عادت جي ڪري، هيرَ يا گتِ جي ڪري. ۲۲. بيٺيون آهن، (محبوب ڏي) پيبون نهارين. ۲۳. (عاشق ءِ معشوق جي) اکين. ۲۴. جهيڙو يا جنگ ڪئي، ويڙھہ ڪئي. ۲۵. ويڻن سان، گفتن سان، لفظن سان. ۲٦. جهيڙو ڪن. ۲۷. مڪمل طور. ۲۸. ڪؤنس يا اچاٽ شروع ڪئي. ۲۹. سڙن، ڪامن. ۳۰. ڳجهہ ڳوهہ ۾ اندر ۾. ۳۱. باھہ جي مچ. ۳۲.شعلا، چيبون. ۳۳. سڙن، جلن، ٻرن. ۳۴. محبوب.

## ٢٢

اکيُنِ کي آئُون، جَانَ[1] کي جَهلُون[2] پَايَانَ[3]،
لُوکُ[4] لَتَاڙِيُ[5] نِنڊَ[6] ۾، وَجِي سَاجَنُ[7] سُونَائُون[8]،
مُونکي مَارِيَائُون[9]، پَاڻَ پَرچِي[10] آيُون.

## ٢٣

اکيُنِ کي آئُون، جَانَ کي جَهلُون پَايَانَ،
رَءِ[11] جَنهِن جي رَنيُون[12]، سُوجهي[13] سُونَائُون،
پَسَنِ[14] پَراهُون[15]، اورانگهِئو عَالَمَ[16] تَانَ.

## ٢٤

اکيُون عَلَي الصَبَاحَ[17]، دوسُتُ[18] ڏيکَڻَ[19] آيُون،
اُپِيَنديُون[20] اَرداسَ ۾، بِيُ[21] نَہ کَنديُون کَا،
رَچَنديُون رَءَ[22] پَاهِ[23]، پَرچَنديُون پِرِيَنِ سين.

## ٢٥

اکَڙيُون اکَڙيُنِ تَي، ڏَمَرَ[24] ڏُکَ[25] کَرِينِ،
جيلاهَ[26] سِکَڻُ[27] سِکيُون، تَي[28] دَعوِيٰ[29] مَنجهہ دَڙبِنِ[30]،

Gul Hayat Institute

---

١. جيئن، جيترو، ٢. روڪون، رنڊ ڪون، پلون، ٣. وجهان، ۴. ماڻهو، ۵. اورانگهي، ڇڏي، نظرانداز ڪري، ٦. سمهڻ واريءَ حالت، ٧. سڄڻ، محبوب، پرين، ٨. ڏنائون، لڏائون، ٩. تباهہ يا برباد ڪئائون، مصيبت ۾ وڌائون، موت ڏنائون، ١٠. سرچي، ٺاهہ ڪري، صلح ڪري، ١١. رءَ سان، رنگ سان، لالائيءَ سان، ١٢. رڱيون، رچيون، ڳاڙهيون ٿيون، ١٣. جاچي، تلاش ڪري، ڳولي، ١۴. ڏسن، ديدار ڪن، ١۵. پري، ڏور، اڳاهون، ١٦. دنيا يا جهان (جي ماڻهن جنهن مهل هو ننڊ ۾ هوندا آهن)، ١٧. صبوح جو سويل، اسريا فجر جي مهل، ١٨. يار، محبوب، ١٩. ڏسڻ، ٢٠. بيهندي، ٢١. التجا، عرض، سوال، منٿ، عاجزيءَ، ٻندگيءَ، ٢٢. ڪان سواءِ، ٢٣. رنگ، ٢۴. ڪاوڙيون، غصا، ڇڙون، ناراضگيون، ٢۵. ڏوراپا، اوپالا، ٢٦. جنهن صورت ۾، ٢٧. پيار ڪرڻ، اُڪيرڻ، اُڪنڊجڻ، ٢٨. تنهن صورت ۾، ٢٩. معاملي، مطالبي، حجت، حقداريءَ، ٣٠.دليل بازي ڪن.

كِلَنِ[1] ۽ كَتِزِبِنِ[2]، رُسَنِ[3] پَرچَنِ[4] پاڻَ ۾.

### ٢٦

كوجَهْا[5] نَظَرَ[6] كَنِ، اِكيُنِ اَدَبُ[7] ڇَڏئو،
كَرَنِ[8] سَاڻُ كِلَنِ، وَهِ[9] پَيو[10] وَڙَنِ سَبِنِ.

### ٢٧

مُون كَي اَكَتِزِبُنِ[11]، وَڏَا تُورا[12] لائِيَا،
كَٽَان جي كَرَ سَامُهِيُون[13]، تَہ پُڻِ[14] پِرِيَنِ[15] پَسَنِ[16].

### ٢٨

اِكيُون سَيئِي ذَارِ[17]، جَنِ سَين پَسَين پِرِيَنءَ كَي،
بي ذَانهَن كِيَمَ[18] نِهَارِ[19]، گهَٽُو[20] رِيسَارَا[21] سُپِرِيَنِ[22].

### ٢٩

اَكِ اُلِتي[23] ذَارِ، وَنءُ[24] اُلِتو عَامَ[25] سَين،
لاهُئَارو[26] لوكُ وَهَي[27]، تُون اوچو[28] وَهُہ اوِيَارِ[29]،
مَنجهَان نُوچَ[30] نِهَارِ[31]، وِيهُہ پُنِيرو[32] پِرِيَنءَ ذي.

---

١. خوش ٿين. ٢. چڙن. خفي ٿين. ٣. ڪاوڙجن. ناراض ٿين. ۴. راضي ٿين. سرچن. ۵. ميرا. بڇڙا. بد. ٦. نظرون. نگاهون. ٧. حياءُ. شرم. ٨. دشمن. رقيبن. غيرن. ڏارين. وڙن. ٩. وهہ ۾. ١٠. اڃئو. شوق ۾. مستيءَ ۾. ١١. ڳرا. ڀاري. ١٢. احسان. مهربانيون. ١٣. جيڪڏهين. ١۴. ڏانهن. ١۵. محبوب. سڄڻ. ١٦. ڏسن. ١٧. (ڀاڻ وٽ) رک. جهل. ١٨. نہ. ١٩. ڏس. ٢٠. بي حد. ٢١. غيرتمند. ٢٢. محبوب. ٢٣. ابتي. ٢۴. وڃ. هل. هلت يا ورتاءُ ڪر. ٢۵. ماڻهن. لوڪ. ٢٦. هيٺاهين پاسي ڏانهن (جنهن طرف ڀاڻي وهي). ٢٧. وڃي. هلي. ٢٨. مٿاهون. بلند. ٢٩. مٿاهين پاسي ڏانهن (ابتي پاسي). ٣٠. هڪ جاءِ يا هنڌ ڏانهن نظر ڄمائي يا ڪپائي وهڻ واري حالت. جُوهہ ماري وهڻ واري حالت. تيڏيءَ اک سان. ٣١. ڏس. ٣٢. پٺ ڏيئي. پاسيرو.

Gul Hayat Institute

## ٣٠

سَدا[1] سامُهان[2] پِريِن[3]، پُنيرا[4] سُونهَن[5]،
سَنئُون[6] ورائي[7] سُپِرين، جي مُنهن[8] مان[9] ڏُونهَن[10] ڪَنِ،
رِڳُون[11] سَڀِ رَچَنِ[12]، تَن[13] ۾ تازائي[14] ٿِئي.

## ٣١

جهَڙا مُنهن مُهازِ[15]، تهَڙا پُنيرا سُپِرين،
نَظَرُ[16] ڪَري نِهارِ[17]، تہ سَڀِ ڪَنهِن ڏانهن سامُهان.

## وائي

اي مِيان[18] سَجَڻَ، تو ري ڪِيئَن[19] رَهندا[20] نيڻَ[21] مُنهنجا،
جن جو آڌارُ[22] تُون،
جِئائِين[23] اُلهي[24] اُيري[25]، توڙي تِئائِين[26] پَري[27]،
تُوءِ[28] وَجِبو تَنِ ڏي[29]، اکَڙِيُون پِيرَ ڪَري*،
بَخشِين[30] بُوچ[31] بُڇايُون، ڪَچايُون[32] ڪوڙِين[33]،
ڏاڍو[34] نِيرُ[35] نِينهن[36] جو، سَگهان اُئون نہ ڇوري[37].

١. هميشہ. ٢. مُنهن مقابل. ٣. محبوب. سجڻ. سپرين. ۴. پٺ يا پٺي ڏيئي ويٺل يا بيٺل. ۵. وٺن. پيارا لڳن. سهڻا لڳن. ٩. سڌو. سامهون. ٧. ڦيرائي. ٨. رخ. چهرو. ٩. مون. ١٠. ڏي. ١١. (بدن جون) نسون. نبضون. تنتون. ١٢. لال يعني ڳاڙهيون ٿين (خوشيءَ سبب رت زيادہ ٿئي. ١٣. بدن. جسم. سرير. ١۴. تازگي. توانائي. طاقت. ١۵. منهن مهاڙ = آمهون سامهون. روبرو. ١٦. نگاہ. ١٧. ڏس. ١٨. سردار. مالڪ. ١٩. ڪان سواءِ. ٢٠. (روئڻ ڪان) جهلبا يا رڪبا. ٢١. اکيون. ٢٢. ٻرجهلو. وسيلو. ٽيڪ. ڏڍ. ٢٢. جنهن جاءِ تان. جتان. ٢۴. (سج) لهي. ٢۵. يا. ٢٦. تنهن جاءِ ڪان. ٢٧. ڏور. دور. ٢٨. تنهن هوندي بہ (گنج ۾ "توٽي" لکيل آهي). ٢٩. گنج ۾ "ري" لکيل آهي * گهٽيءَ محبت سان. ٣٠. معاف ڪرين. ٣١. برايون. بڇڙايون. مدايون. بڇايون. ڏوهہ گناہ. ٣٢. ڪچا ڪم. برايون. ٣٣. ڪروڙن جي تعداد ۾. بي شمار. ٣۴. سخت. مضبوط. ٣۵. زنجير. ٣٦. عشق. محبت. ٣٧. ڀري يا جدا ڪري. لاهي.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر آسَا

## داستان ٽئو

١

ڏيکِ[١] مَ[٢] نُون سين تَنِ، جي مَجازِيَاڙيُون[٣] مُنهَن[٤] ۾،
ڪِينَ سُجاتو[٥] سُپِرِين[٦]، نِهَاري[٧] نيٺَنِ[٨]،
پِرِين سي پَسَنِ، بِيئي[٩] جَنِي بُوتِيُون[١٠].

٢

پُوربُون[١١] پِرِين پَسَنِ، اُپَتِيَان[١٢] تَه اَنڌيُون[١٣]،
وَڃِئو روز[١٤] رَسَنِ[١٥]، حَبِيبَاڻي[١٦] حُجري[١٧].

٣

حَبِيبَاڻي حُجري، ڪِئا اکِيُن اوتارا[١٨]،
پِرِيَن جي پَاران[١٩]، رات رڱِجي آيُون[٢٠].

٤

رات رڱِجي آيُون، پَاران پِرِيَن جي،

---

١. پسَ ڏسَ. ٢. نہ. ٣. ظاهري محبت واريون (اکيون). ۴. چهري، مُک، مٿي. نرڙ. ۵. سهي ڪئو. ٦. پرين، محبوب. ٧. ڏسي. ٨. (ظاهري) اکين. ٩. ٻئي اکيون. ١٠. بند ڪيون. ١١. پوريل. بند ڪيل. ١٢. کوليان. ١٣. نابين. جيڪي ڏسي نہ سگهن، ڪور. ١۴. هر روز، روزانو. ڏهاڙي. ١۵. پهچن. ١٦. حبيب جي. محبوب جي. ١٧. حجري ۾. ڪوٺيءَ ۾. رهائش گاهہ ۾. حضور ۾. ١٨. آستانا. بيٺڪون. ١٩. پار ڪان. طرف ڪان. ٢٠. لال ٿي. ڳاڙهيون ٿي. سرخرو ٿي.

Gul Hayat Institute

سَـيـڻ[١] پِـہ كَـنـدِيُـون سـي، مُـورَتَ[٢] جَـنِ جـي مـوهِـيُـون[٣].

**٥**

مُـون كـي مَـاءِ[٤] مَـجَـازَ[٥]، پِـيـنـجَـارِي[٦] جِـيـئَـن پِـجِـئـو[٧]،
هَـتَـنِ چِـڏِي حَـاجَ[٨]، وِيـئِـي سَـار[٩] سَـنـڌَنِ[١٠] مَـان.

**٦**

مَـارِيـنـدُءِ[١١] مَـجَـازُ، گَـهَـٽـي تـوري ڏِيـنـهَـڙِيـن*،
هَـتَـان[١٢] چِـڏِ[١٣] مِ[١٤] بَـازُ[١٥]، هَـارِي[١٦] حَـقِـيـقَـتَ[١٧] جـو.

**٧**

حَـقِـيـقَـتَ هَـٽِـيَ[١٨]، مُـنـهِـنـجِـي جَـانِ[١٩] جُـدا[٢٠] كِـيَ[٢١]،
هِـيـكـو[٢٢] پَـسَـاهُ پِـرِيَـنءَ[٢٣] رِي[٢٤]، سَـگـهَـان تَـان نَـہ كَـٽِـيَ[٢٥]،
ڏَٽِـي[٢٦] ۽ ڏِٽِـي، اَچِـي رَهِـئـو[٢٧] روحَ[٢٨] ۾.

**٨**

پَـسَـاهُ[٢٩] سِـين پِـرِيـن پَـسَـان[٣٠]، سَـاهُ[٣١] سِـين سُـجَـاڻَـان[٣٢]،
اِهَـيـئِـي بَـہ ٿَـاٽَـان[٣٣]، اَچِـي رَهِـئـا روحَ ۾.

Gul Hayat Institute

---

١. دوست، يارَ. ٢. شڪل، شبيهہ، صورت. ٣. مست ڪيون، متواليون ڪيون، چريون ڪيون، ديوانيون يا عاشق ڪيون. ۴. اي ماءُ، اي امان، اي امڙ. ۵. مجازي عشق، ظاهر جي عشق. ٦. ڪپهہ پيڃڻ وارو يا ڪپهہ صاف ڪندڙ (ذرا ذرا ڪري). ٧. ذرا ذرا ڪري سڃئو يا ڪُتئو. ٨. ڪم، ڪار. ٩. طاقت. ١٠. (بدن جي) جوڙن يا ڳنڍين، عضون، لڱن. ١١. توکي ماريندو، توکي تباهہ يا برباد ڪندو * ڪنهن نہ ڪنهن مهل، ڪهڙي بہ وقت. ١٢. هت مان، قبضي مان، وس مان. ١٣. ڦٽو ڪر، ترڪ ڪر. ١۴. نہ. ١۵. هڪ قسم جو شڪاري پکي. ١٦. اي هاري، اي نادان يا موڳي. ١٧. حق، سچ، سچائي، باطني يعني سچي عشق، صوفين جي اصطلاح ۾ سلوڪ جي ٻيو نمبر منزل. ١٨. سٽي، ڪٽي. ١٩. دَمُ، پساهُ. ٢٠. ڌار، علحدو (بدن يا جسم کان). ٢١. ڪئي. ٢٢. هڪڙو. ٢٣. محبوب. ٢۴. کان سواءِ. ٢۵. اندر يا ٻاهر ڪري. ٢٦. مالڪ، خدا. ٢٧. باقي بچئو. ٢٨. دل. ٢٩. ٻاهر نڪرندڙ دمَ. ٣٠. پوئين دمَ. ٣١. ڏسان. اندر ويندڙ دَمَ. شروعاتي دَمَ. ٣٢. سهي ڪريان. ٣٣. وقت، مهلون، سمَا، اهڃاڻ، حيلا.

## ٩

تعظيما[1] تَرَڪُ[2] ٿِئا، واجَهاڻا[3] وِئا[4]،
وَجِي تِت پئا، جِت نِهايَت[5] ناهِ ڪا.

## ١٠

سوئِي اوڇڻُ[6] اَنگِرِين[7]، سوئِي کاڄُ[8] سَندونِ[9]،
ڪُفرَ[10] ۽ اِسلامَ[11] کان، پَري[12] پير[13] پِئونِ[14]،
اُتي آهيرونِ[15]، جِتي آهِ[16] نَ ناهِ[17] ڪا.

## ١١

سَنئين[18] سُونهائي[19] سَيڪا، ڪا مُون[20] مُنجهائي[21]،
طَلَبَ[22] ۽ تَحصِيلَ[23]، اِيءَ اورِئان[24] ئِي آهي،
مَان[25] تَن[26] تِت لائي[27]، جِت آهِ نَ ناهِ ڪا.

## ١٢

جِت آهِ نَ ناهِ ڪا، اِيءُ خاڪِيءَ[28] جو خِيالُ[29]،
جانِبَ[30] جو جَمالُ[31]، پَسڻان[32] ئِي پَري[33] ٿئو.

---

١. تعظيم کان، عزت کان، وڏائيءَ کان. ٢. علحدا، لاپرواهہ، پري، جُدا. ٣. (ماڻهن جي) واجهائڻ کان، سارا هجڻ جي انتظار ڪرڻ کان، سڪ کان، بندگي ڪرڻ کان. ٤. بس ڪئائون. ٥. انتها، ڇيهہ، ڇيڙو، پڇاڙي، حد. ٦. (بدن تي پائڻ جو) ڪپڙو. ٧. انگڙن جو، عضون جو، لڱن جو، بدن جو. ٨. خوراڪ. کڌو، طعام. ٩. انهن جو. ١٠. خدا جي وجود ۽ حضرت محمد ﷺ جن جي خدا جي طرفان رسول هجڻ جي انڪار واري حالت. ١١. خدا تعاليٰ جو حضرت محمد ﷺ جي معرفت انسان ذات ڏانهن موڪليل دين يا شريعت، مسلمانيءَ. ١٢. دور، ڏور. ١٣. قدم. ١٤. انهن جو پٿو يا ٿئو. ١٥. انهن جو آهيرو يعني آستان يا جاءِ. ١٦. هستي، بودوباش، جيوت، زندگي. ١٧. نيستي، فنا. ١٨. سڌي (واٽ يا راهہ). ١٩. ڏيکاري. ٢٠. مون کي. ٢١. ابتي واٽ ڏيکاري. ٢٢. ڳولا. سڪ. تمنا. خواهش. ٢٣. حاصلات يا حاصل ڪرڻ واري حالت. (محبوب جي) ديدار نصيب ٿيڻ يا ميلاپ. ٢٤. تمام ويجهو يا آسان. ٢٥. منهنجو. ٢٦. من. دل. ٢٧. (نينهن يا محبت) لڳائي. ٢٨. خاڪ يعني مٽيءَ مان ٺهيل انسان. ٢٩. سوچ. سمجهہ. گمان. راءِ. ٣٠. جانيءَ، محبوب. ٣١. حسن. سونهن. ٣٢. پسڻ کان. ڏسڻ کان. ٣٣. پري ٿئو = ايترو گهڻو آهي جو ان ڏانهن نهاري نٿو سگهجي. (ناممڪن).

(١٣)

جِتي آهِه[1] نَه ناهِه[2] ڪا، اِيءُ خِيالُ[3] خاڪِيَ[4]،
پِرِينِ[5] جي پاڪِي[6]، پَسَڻان[7] پَري[8] ٿِي.

١٤

نَظَرُ[9] نَزديڪُونِ[10]، آئُون سَهِي[11] نَه سَگهان ساعَتَ[12] سِينءَ[13]،
پَسَڻ پَري ٿِئُونِ، آئُون نالي ڳِيِڙي[14] نِجُهَران[15].

١٥

نِيڻين[16] نَظَرَ[17] نِينهَن[18]، جَڙ[19] جِتي جُوڙَجَنِ[20]،
ساهُ[21] اُنِين تان صَدَقي[22]، اَندَرُ[23] سِين[24] عُضُونِ[25]،
لاهِي[26] تَنِ[27] لَطِيفُ چِئي، اَنگَ[28] پُڻ آڇِجَنِ[29]،
قَلبُ[30] قُربانِي ڪَريان، مَٿان دِلِ دوسِتَنِ،
هِنيِين ۽ اَکِينِ، ڦاهِي[31] ڪاڙِي پِرِينءَ لَيءِ.

(١٦)

مُورِکَ[32] مامَرَ[33] نَه بُجهَڻا[34]، آڪا[35] جِيُهَا[36] اَکَ[37]،
پَکا[38] جي نَه سِپِکَ[39]، مَرِ[40] ڪَرِ مِيڙو[41] تَنِ سِين.

١. هستي، بودوباش، جيوت، زندگي، ٢. نيستي، فنا، ٣. سوچ، سمجهہ، گمانَ، راءِ، ٤. انساني (خاڪ يعني مٽيءَ مان ٺهيل جو)، ٥. محبوبن، ٦. پاڪائي، اوجلائي، سهڻائي، حسن، ٧. پسڻ ڪان، ڏسڻ ڪان، ٨. پري ٿي = ايتري تہ گهٽي آهي جو ان ڏانهن نهاري نٿو سگهجي، ٩. نظارو، لقاءُ، ديدار، ١٠. انهن جي نزديڪيءَ وارو، ١١. برداشت ڪري،١٢. ٿوريءَ دير، گهڙيءَ، پلڪَ، ١٣. تائين، لاءِ، ١٤. ڳنهندي، وٺندي، (وات سان) اچاريندي، ١٥. ڳران، ١٦. نيڻن ۾، اکين ۾، ١٧. جيوت، روشني، نور، ١٨. نينهن جي، عشق جي، ١٩. جڙون، ميخون، ڪليون (محبت جون)، ٢٠. ڪپن، لڳن، ٢١. جيءُ، جان، ٢٢. قربان، ڪهورَ، ٢٣. دل، ٢٤. سميت، سوڌو، ٢٥. لڱن، بدن جي ڀاڱن، بدن، ٢٦. ڪاٽي، ودي، ٢٧. تن (پرين، دوستن) جي اڳيان، ٢٨. عضوا، لڱَ، ٢٩. پيش ڪجن، رکجن، ٣٠. دل، منَ، هنيون، ٣١. ڦاڻ ڪي (ڦاهي وجهي يعني ڳچيءَ ۾ رسو يا نوڙي ويڙهي گهٽي ڏيڻ سان) ماريو، ٣٢. بيوقوف، نادان، ٣٣. مامَ ڪي، راز ڪي، ڳجهہ ڪي، ٣٤. ٻجهندڙ، سمجهندڙ، سهي ڪندڙ، ٣٥. ڪچا (ناتجربيڪار)، اڻ پڪل، تاڪڙَ، ٣٦. جهڙا، ٣٧. وڻ جو هڪ قسم جنهن مان ڀڃڻ ۽ ٽارين ڇنڻ سان کير جهڙي اڇي رطوبت وهندي آهي، ٣٨. (مٽيءَ جي ٿانون وانگر باهہ ۾) پچي پختا ٿيا، ٣٩. چڱي طرح پڪل، ٤٠. نہ، ٤١. ميلو، گڏجاڻي، ملاقات.

Gul Hayat Institute

## ۱۷

جَان تَنُ کِئُوءِ نَہ تِيئَن، سُوئِيڙَبائِين سَنِهڙو،
پِرِيَن پَائِيندا کِيئَن، توکي اکَڙِئن ۾.

## وائي

اَللهَ سَائِين سَائِين، پُٹَان پِرِيَنئُون مَ پَاهِين،
وَڏِي آسَرَ آهين اَسانهين،
جِتي ڏيرو دوستَ جو، سَا کِيئَن پُون اَگَاهين،
پَنِيُون پِرِي آيُون، آيَلِ مُون اُتَاهين،
قَلَمُ جَنِ جي هَٿَ ۾، سي سَيڻَ سَبَاجَها سَائِين،
بَنديءَ جِي بَازارَ ۾، شَالَ مَ لِکَنِ لائِين.

---

۱. جيستائين، ۲. بدن، جسم، ۳. تو کئو، ۴. تهڙيءَ ريت يا طرح، ۵. ننڍڙيءَ سُئيءَ کان، کوهستاني لهجي موجب "سرمي کان" ٦. باريک، پتلو، سوڙهو، ۷. محبوب، ۸. وجهندا، وهاريندا، ۹. ڪهڙيءَ طرح، ۱۰. اي الله، اي خدا، ۱۱. مالک، ڌڻي، ۱۲. ٻوان،۱۳. پرين کان، ۱۴. نہ، ۱۵. پٺتي،پري (عشق ۾)، ١٦. گهڻي، تمام جهجهي، ۱۷. آسرو، اميد، سهارو، ڏڍ، ۱۸. اسانهين جو يعني اسان جو، ۱۹. آستان، مکان، ۲۰. محبوب، ۲۱. زمين، جاءِ، ۲۲. پري، ۲۳. اکيون، ۲۴. ڦري، گهمي، چکر ڏيئي، ۲۵. اي آيل، اي امڙ، اي جيجل، ۲٦. منهنجي (آيل)، (ٻي معنيٰ) منهنجون (اکيون)، ۲۷. ان جاءِ تان، ۲۸. ليکڻ، لکڻي، کلک، لکڻ لاءِ کانهہ جي ٻوڙي جو گهڙيل کانو، ۲۹. محبوب، سڄڻ، ۳۰. ٻاجهہ وارا، ٻاجهارا، رحمدل، ۳۱. ٻانهيءَ، نوکرياڻي، ۳۲. سودي، واپار واري هنڌ يا جاءِ، ليکي واري هنڌ، قيامت، ۳۳. ڪسي يا گهٽتائيءَ واري ڳالهہ، ڪچائي، مدائي.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر آسَا

## داستان چوٿون

١

كَرانَ[1] وِجُهہ مَ[2] واتَ[3]، ڏولَ[4] هَمَاري[5] ڳالَهڙي[6]،
مَچُڻ[7] رَتِي[8] راتِ، ڪَا اُورَڻ[9] ۾ اوٽِي[10] تِئي.

٢

سَڪَ[11] سِڪَائي[12] سِڪُ، سِڪَ نَہ آهي سُتري[13]،
لِڪَ لِڪُوتيءَ[14] لِڪُ[15]، تَہ خَبَرَ تِئي نَہ ڪَرَنِ کي.

٣

خَبَرَ تِئي ڪَرَنِ کي، تَہ مُون کي ڪَندا ڪُوهُ[16]،
صُورَتَ[17] سُپِيرِيَنِ جِي، ڏِنِي[18] ڪُونَہ ڏوهُ[19]،
لُوري[20] لَڳُم[21] لوهُ[22]، جَنهِين رَتَ رُئَاڙِئُو[23].

Gul Hayat Institute

٤

ڪَرَ جَا ڪَڏ[24] ڪَنِئِي[25]، پَوَنَ[26] ڪَارَڻِ[27] پِرِينءَ جِي،

---

١. ڪرن جي، دشمن جي، رقيبن جي، ٢. نہ. ٣. وات ۾ (زبان تي)، ٤. اي ڏول، اي محبوب، اي سپرين، اي پرين. ٥. اسان جي، منهنجي، ٦. خبر، سڌ، ذڪر، پچار، ٧. متان، ٨. رتي رات = رات جو پڇاڙيءَ وارو تمام ٿورو حصو، ٩. حال احوال ڪرڻ، ڏکن ڏوراپن بيان ڪرڻ، سورن سلڻ. ١٠. اڻ پوري، ناقص، ڪوٽي، ١١. پيارُ، اُڪند، اُڪيرَ. ١٢. انتظار يا اوسيڙو ڪرڻ سان. ١٣. آسان، سولي، ١٤. لڪ لڪوٽيءَ وانگر (لڪ لڪوٽي، هڪ راند جو نالو آهي جنهن ۾ هڪڙو ٻارُ اکيون پوريندو آهي تہ ٻيا لکي وڃن ۽ پوءِ هو لڪل ٻارن کي ڳوليندو آهي)، ١٥. لکي يعني ڇپي وڃ، گم ٿي وڃ. ١٦. ڇا، ١٧. شڪل، چهري، منهن. ١٨. ڏسندي، پسندي،١٩. گناهہ، خطا، ٢٠. تير، ڪان، ٢١. مونکي لڳو، ٢٢. (لوهہ جو نهيل) تير، ٢٣. رت جا لڙڪ يا ڳوڙها (اکين مان) وَهائيا يا هارايا، ٢٤.ڏرو، چلهو، ٢٥. ڪوٽي (زمين ۾)، ٢٦. ڪرڻ، ٢٧. واسطي.

تِنهِن ۾ پاڻَ[1] پئي[2]، غِيبَتي[3] غارُ[4] ٿِئو.

**٥**

اَللهَ[5] ڪَرَ[6] جِيَنِ[7]، مَدِي[8] جَنِ جي مَنَ[9] ۾،
اَسان ءِ پِريَنِ[10] جُون، اُميدُون[11] پَسَنِ[12]،
تِنهان[13] پوءِ مَرَنِ[14]، سَڙِي[15] اِنهِين سُورَ[16] ۾.

**٦**

اَللهَ ڪَرَ جِيَنِ، جي پاڙي[17] رَهَنِ پِريَنءَ جي،
پُنيُون[18] مَان نَہ[19] پَسَنِ، اُميدون سين سَجَڻين[20].

**٧**

ڪَرُ ڪاربندو[21] سي، مانو[22] جَنِ[23] پِريَنِ سين،
جوشَ[24] جَلاَيا[25] جي، ماري[26] تَنِ موٽايو[27].

**٨**

ڪَرَ ڪي ڪَپُرُ[28] ڪاءِ[29]، نانگُ مَٽيَارو[30] نڪري،
اُپِي[31] جو اوناءِ[32]، سُڻ[33] پُڻ[34] سَندِي سَجَڻين[35].

Gul Hayat Institute

---

١. خود، ٢. ڪري، ٣. گلا خور، لائي چائي يعني نندا ڪندڙ، ۴. غرق، چٽ، ناس، نابود، ۵. اي الله، اي خدا، ٦. دشمن، رقيب، ٧. جيئرا يا زندهہ هجن، ٨. برائي، ڪينو، ساڙ، ٩. دل، ١٠. محبوبن، ١١. آسون، ڪاميابيون، دل جون مرادون، ١٢. ڏسن، ١٣. تنهن کان، ١۴. دم يا ساهہ ڏين، فوت ٿين، ١۵. پچي، جلي، ڪامي، ١٦. ڏک، درد، ١٧. پاڙي ۾، پاسي ۾، پر ۾، ١٨. (مرادون) پوريون يا مڪمل ٿيل، سڌ ٿيل، ١٩. مان نہ = شل، ٢٠. سڄڻن، محبوبن، ٢١. بگاڙيندو، ڦٽائيندو، ٢٢. جهڪو يا گهٽ (پيار يا محبت)، ٢٣. جن جو، ٢۴. (عشق جي) گرمائش ياتپش، ٢۵. گرم ڪئا، پچائي، پڪا ڪئا، ساڙئا، ٢٦. سَٽي، ڪُٽي، موچڙا هڻي، ٢٧. واپس ڪئو، هڪالئو، ٢٨. زهريلي نانگ جو هڪ قسم، ٢٩. ڪائي، چڪ هڻي، ڏنگ هڻي، ٣٠. مڻ وارو يعني ڪارو واسينگ نانگ، (ڪاري واسينگ نانگ جي مٿي مان هڪ تِڪي نڪرندي آهي جنهنکي مَڻ چوندا آهن. اها مڻ جيڪڏهين نانگ جي ڏنگيل ماڻهوءَ جي ڏنگ واريءَ جاءِ تي رکبي تہ زهر چوسي ٻاهر ڪڍندي)، ٣١. ٻيهي، ٣٢. ٻڌي، ٣٣. سُر پور، ڪن جي ڳالهہ، جهيڻي گفتگو، ٣۴. جي، ٣۵. سڄڻن.

٩

ڪَرَ[1] تو ڪَرائِيُون[2] ڪَرِيِن، هَرَ هَرَ[3] هَچَارا[4]،
پُورِيُيءِ[5] گَلِيُون[6] پِرِيَنِ[7] جُون، چَوڌاري[8] چارا،
مَرِيِن[9] مُنهَن ڪارا[10]، سَڙِي[11] اُنهِين سُور[12] ۾.

١٠

سَجَڻَ[13] سَنِيُون[14] ڪَنِ، لوڪان[15] ليکي[16] ڏِنگيُون[17]،
سَندِي[18] سُپيرِيَنِ[19]، پَرِ[20] پَرُوڙَڻُ[21] ڏاکِڙو[22].

١١

نَڪو مُنهَن[23] نَه مُهاڙَ ڪا، نَڪو ڊيگهه[24] نَه وِيلُ[25]،
اِيءُ اهوئِي ڪيِلُ[26]، ڪُورُ[27] پَرُوڙِي ڪِين ڪِي.

١٢

حوصِلو[28] حَيرَتَ[29] جو، آهِه نَه مَٿِي[30] عامَ[31]،
سَندِي مَحَبَتَ[32] مامَ[33]، ڪُورُ پَرُوڙِي ڪِين ڪِي.

١٣

حوصِلو حَيرَتَ ۾، وَڃِي ٿِئو وِڀِچُون[34]،

١. اي ڪر، اي دشمن، اي رقيب، ٢. ڳڏهپائي، لچائي، شرارت، بدمعاشي. ٣. هر هر = هر بار، هر دفعي، هر وقت، گهڙي گهڙيءَ، نت نت، سدائين. ۴. هچا پئا، چٽيءَ پئا، مصيبت پئا، ظالم، پاپي، لعنتي. ۵. تو پوريون، تو بند ڪيون. ٦. گليون، گهٽيون، رستا، واٽون، چارا. ٧. محبوبن. ٨. هر طرف، چوطرف. ٩. شل فوت ٿئين، شل هلاڪ ٿيئن، دم يا ساهه وڃيئي. ١٠. اي منهن ڪارا، اي بدافعال، اي بدنام، اي ذليل. ١١. پچي، ڪامي، جلي. ١٢. ڏک، درد. ١٣. محبوب. ١۴. سڌيون يا صحيح يا درست (ڪم ڪاريون يا حاجتون يا ڪارج). ١۵. لوڪ جي، ماڻهن جي. ١٦. ليکي موجب،حساب موجب، سمجهه موجب. ١٧. ڏنگيون، نامناسب. ١٨. جي. ١٩. پرين. ٢٠. ريت، ڪار، هلت. ٢١. سمجهڻ. ٢٢. ڏکي، مشڪل. ٢٣. شڪل، صُورت، چهرو، مُک، مهاڙ. ٢۴. ڊگهائي، لمبائي، طول. ٢۵. ويڪر، ويڪرائي، چوڙائي، موڪرائي، ٻَرُ. ٢٦. راند، ٻازي، ڪيڏ، تماشو، (ٻيچونيءَ يعني "لَيسَ ڪَمِثلِه"وارو معاملو). ٢٧. انڌو، نابين. ٢٨. سمجهه، پروڙ، ٻڌ. ٢٩. محبوب جي حسن ڏسڻ سان پيدا ٿيل بدحواسي. ٣٠. تي. ٣١. عام ماڻهن، عوام. ٣٢. پيار، عشق. ٣٣. رمز، پرولي، مام، راز، ڳجهه. ٣۴. پريشان، غمگين، حيران.

مَحَبَتَ[1] جُون مِيچُون[2]، کُورُ[3] پَرُوڙي[4] کِينَ کِي.

## ١٤

حوصِلو[5] حَيرَتَ[6] ۾، کَري کونَه دَرَکُ[7]،
جو حُسنَ[8] سَندو[9] حَقُ[10]، کُورُ پَروڙي کِينَ کِي.

## ١٥

حوصِلو حَيرَتَ ۾، وَجِي لَجَاٺُو[11]،
ويچَارو[12] کَاٺُو[13]، ڏِسي تِنئُو ڏِسَڻَ[14] کي.

## ١٦

ڏِسَڻُ ڏِسين جي[15]، تَه هَمَه[16] کي حَقُ[17] چَئين،
شَارِکَ[18] شَکُ[19] مَ نَي[20]، اَنذا[21] اِنهِينءَ[22] ڳَالِهه ۾.

## ١٧

تَکَ[23] مَ رَهِجِ[24] تَنِپِجِي[25]، تَرِيءَ[26] پَاسِ[27] تَرِي[28]،
بِيلِيَنِ[29] سَاڻُ[30] بَرِي، مُنهُن[31] پِتي مَرِيجِ[32] تُون.

## وائي

جيڏِيُون[33] آئُون کَآ پاڻَ وَهِيٽِي[34] آهِيَان، کَا[35] مُون[36] سَارَ[37] لَهِيجا[38]،

١. پيار، عشق، ٢. اشارا، ٣. نابين، انڌو، ۴. سمجهي، ڄاڻي، ٥. سمجهه، پروڙ، ٻُڌ، ٦. محبوب جي حسن ڏسڻ سان پيدا ٿيل بدحواسيءَ يا پريشانيءَ، ٧. احساس، ٨. (محبوب جي) جمال، ٩. جو، ١٠. قدر، اهميت، لائق، واجب، عيوضو، ١١. شرمسار ٿئو، ١٢. نماڻو، مسڪين، عاجز، ١٣. جيڪو هڪ اک سان ڏسي سگهي (ٻيءَ اک جي خراب هئڻ ڪري) هتي معنيٰ ٿيندي انڌو، ١۴. (محبوب جي) ديدار، ١٥. جيڪڏهين، ١٦. سڀڪنهن، ١٧. خدا، ١٨. اي شارڪ، اي شرڪ ڪندڙ يعني ٻيءَ مخلوق کي خدا جي برابر سمجهڻ وارا،١٩. گمان، وهم، ٢٠. نہ، ٢١. ڪر، ٢٢. اي انڌا، اي نابين، ٢٣. بي وس، نااميد، لاچار، ٢۴. تِجِ، ٢٥. سرديءَ ۾ يا ٿَڌ ۾ سُکِي يا ساٿو ٿي، ٢٦. ٿَڌ يا سرديءَ جي،٢٧. ويجهو، نزديڪ، ٢٨. ٿڌو ٿي، ٢٩. ساٿين، رفيقن، همراهن، ٣٠. جلي، ڪامي، پچي، ٣١. منهن پِٽي = آهه وَ زاري ڪري، ٣٢. دم ڏج، ساهه ڏج، فوت ٿج، ٣٣. اي جيڏيون، اي سرتيون، ٣۴. پاڻ وهيٽي = پنهنجي وس يا اختيار واري، ٣٥. ڪجهه، ٣٦. منهنجي، ٣٧. خبر، سڌ، سنڀال، پرگهور، ٣٨. اوهين لهجو، اوهين ڪجو.

Gul Hayat Institute

جيڏانهن[1] هلائينم[2] سُپرين[3]، پير[4] اوڏاهين[5] پايان[6]،
قلم[7] ڪاتب[8] هٿ ۾، آئون ڪا[9] لکئي[10] مان[11] لک[12] لاهيان،
واڳ[13] ڌڻين[14] هٿ ۾، ڪيڏانهن[15] ڪرهل[16] ڪاهيان[17].

## وائي ٢

ڌيرن[18] مُل[19] ڌاڍائي[20]، يا الٰهي[21]، آئون اسونهين[22] اوتڙ[23] آڌا[24]،
چوٽو[25] چڻن آئيا[26]، پکيڙا[27] پرڏيهي[28]،
سولي[29] ڪرين سچا[30] ڌڻي[31]، اڳيان اونداهي[32]،
آهي اياڳ[33] اُن[34] کي، جني واٽ وڃائي[35]،
ري فضل[36] رب جي، مُوران[37] ماڙ[38] نه[39] ڪائي[40]،
آيا ملڪ[41] الله جا، هي هي[42] ڪندا هيڪائي[43]،
آئون سنڌي[44] هو عربي[45]، ڪين[46] پروڙبي[47] وائي[48].

Gul Hayat Institute

١. جنهن طرف ڏانهن، ٢. مونکي هلائين يا وٺي وڃن، ٣. پرين، محبوب، ۴. قدمَ، وکون، ۵. ان طرف ڏانهن، ٦. رکان، وجهان، ٧. ليکڻ، لکڻي، کلک، لکڻ لاءِ ڪانهن جي ٻوڙي جو گهڙيل تيلو يا ڪانو، ٨. ڪاتب جي، لکندڙ جي (خدا جي)، ٩. ڪيئن، ١٠. قسمت، تقدير، ١١. ذرو، ١٢. گهٽايان، ڪاٽيان، ١٣. مهارَ، اٺ کي هلائڻ لاءِ ان جي نڪ ۾ پيل نوڙي، ١۴. ڌڻين جي، مالڪن جي، ١۵. ڪهڙي پاسي ڏي، ١٦. اُٺ، ١٧. هڪليان، هلايان، ١٨. مڙس جي ڀائرن، ١٩. وٽ، ٢٠. ظلم، انڌير، جبر، سختي، ڪٺور پائي، ٢١. اي منهنجا الله، ٢٢. اڻ واقف، ٢٣. اڙانگا تڙ، اَوکا تڙ (درياهہ يا پاڻيءَ جي ڪنهن وهڪري جي ڪپ تي جنهن هنڌ يا جاءِ تي ماڻهن يا مال جي آمدرفت هجي ان هنڌ يا جاءِ يا جبل جي گهيڙ کي تڙ چئبو آهي)، ٢۴. اڳيان، مهندان، ٢۵. (ٻڪين جو) ڪاڏو، ٢٦. داڻو داڻو ڪري ڪاڻڻ، چڳڻ، ٢٧. پکي، ٢٨. پرديسي، ٢٩. آسان، سهل، ٣٠. پاڪَ، ٣١. مالڪ، خدا، ٣٢. تاريڪي (قبر جي)، ٣٣. نياڳ، بدبختي، ٣۴. راهہ، رستو، ٣۵. ٻلائي، ڇڏي، ٣٦. سواءِ، ٣٧. مهربانيءَ، ٣٨. پالڻهار، خدا، ٣٩. بنهہ، اصل، ۴٠. مدد، حمايت، همراهي، ۴١. فرشتا، ملائڪ، ۴٢. هاءِ هاءِ، افسوس، ۴٣. هڪ هڪائي، فيصلو، ۴۴. سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ، ۴۵. ملائڪ، ۴٦. عربي ٻولي ڳالهائيندڙ، ۴٧. سمجهبي، ۴٨. ڳالهہ.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيمِ

# سُرُ آسَا

## داستان پنجون

### ١

ديکيندي[1] ديدارَ[2] کي، ڪِينَ سُجَاتو[3] ڪُلَ[4]،
تَازِيّ[5] طَوبلَنِ[6] ۾، آهِه اِحَاطو[7] جُهلَ[8]،
هُئَا جي اَمُلَ[9]، سي حِسَابَان[10] هَجِي[11] وِئَا.

### ٢

ديکيندي ديدارَ کي، ڪُلَ سُجَاتو ڪِينَ،
تَازِي طَوبلَنِ ۾، آهِه اِحَاطو زِينَ[12]،
هُئَا جي اَمِينَ[13]، سي حِسَابَان هَجِي وِئَا.

### ٣

ديکيندي ديدارَ کي، ڪُلَ سُجَاتو ڪِينَ[14]؟
جَانِبَ[15] مَنجهاجِينِ[16]، مَحرُومَ[17] ئِي مَرِي[18] وِئَا.

Gul Hayat Institute

---

١. ڏسندي، ڏسڻ سان. ٢. (محبوب جي) منهن، روپ، لقاءَ، جلوي. ٣. ڄاتو، معلوم ڪيو، سهي ڪئو. ٤. هر هڪ، سڀڪنهن. ٥. عربي (گهوڙا). ٦. (جيڪي) طويلن يعني گهوڙي ٻڌڻ جي جاين يعني طبيلن ۾ ڪَڙهين ۾ آهن. ٧. (انهنجو) احاطو يعني ڳاٽيتي جو اندازو. ٨. جُهلن جي يعني گهوڙن جي پٺيءَ تي رکڻ لاءِ ڪپڙن مان (ٺيندو). ٩. بي بها (وڏي مرتبي تي پهتل روحاني شخص). ١٠. حساب يعني اندازي ڪرڻ کان. ١١. ٻڃي وٺا، هيسجي وٺا، عاجز ٿي وٺا. ١٢. زين جو يعني گهوڙي جي پٺيءَ تي رکڻ جي هڪ قسم جي سنج جو. (چمڙي جي) هني جو. ١٣. امانتدار، عادل، پاڪباز. ١٤. ڪجهه، ٿورو. ١٥. جاني، دوست. ١٦. منجهه جا ڄاڻندڙ يا واقف، راز يا ڳجهه جا ڄاڻو، رازدان، حال محرم. ١٧. ڪجهه حاصل ٿيڻ کان سواءِ، نااميد يا نراس، وانجهيَلَ. ١٨. فوت ٿي، انتقال ڪري.

**٤**

مَحرُوم[1] ئِي مَري[2] وِئَا، مَاهِرَ[3] تِي نَہ مُئَا،
چِٽيءَ[4] جِيئَن چُهِنج[5] هَٽِيءِ[6]، لَڏئائُون[7] لُئَا[8]،
حُبَاب[9] ئِي هُئَا، اِنهِينءَ وادِيءَ[10] وِچَ ۾.

**٥**

نَکَا اِبتِدا[11] عَبدَ[12] جِي، نَکَا اِنتَهَا[13]،
جَنِ سُجَاتو[14] سُپِرِين[15]، سي وَجَڻ کَي وِئَا[16].

**٦**

وَجِي[17] رَسُ[18] وَجَڻ[19] کَي، وَجَڻ کَنان[20] وَجُ[21]،
آهي اِيءُ اُهُجُ[22]، سُٽِي[23] سُٽَائيجِ[24] تُون.

**٧**

تَرڪُ[25] کَرِ تَرڪَ[26] کَي، وَجَڻ کَنان وَجُ،
آهي اِيءُ اُهُجُ، سُٽِي سُٽَائيجِ تُون.

Gul Hayat Institute

**٨**

وَجِي رَسُ وَجَڻ کَي، وَجَڻُ پُڻ وِجَاءِ[27]،

---

١. ڪجهہ حاصل ڪرڻ کان سواءِ، وانجهيل، نااميد، نراس، ٢. فوت ٿي، انتقال ڪري، ٣. ڄاڻو، قابل، ڪامل، ۴. جهرڪيءَ (هڪ ننڍي پکيءَ جو قسم)، ۵. چهنب، ٦. (آنَ جي داڻي ۾) وجهي، ٧. لڏو (سامان يا ٽپڙ ٽاڙي) ڪنيائون، هجرت ڪئائون (هن دنيا مان)، ٨. لوڏان، لوءِ مان، ملڪ مان، ٩. پاڻيءَ جا ڦوٽا، پاڻيءَ جا ڦوڪڻا، ٻُد ٻُدا، ٻلڙا، بوڙيا، ١٠. پاڻيءَ جي ناليءَ، ١١. شروعات، ١٢. ٻانهي يعني انسان، ١٣. ڇيهہ، پڇاڙي (جيئن تہ انسان ۾ خدا پنهنجو روح وڌو ان ڪري هو لافاني آهي)، ١۴. پروڙيو، سهي ڪئو، ١۵. پرين، محبوب، ١٦. وڃڻ کي وئا = مري وئا، وري نہ موٽندا، ١٧. پنڌ ڪري، ١٨. پهچ، ١٩. موتَ، ٢٠. کان، ٢١. اڳتي ٿيءُ، اڳتي وڌ، ٢٢. نشاني، ٢٣. ٻڌي، ٢۴. ٻڌائج، ٢۵. ڦٽو ڪر، ڇڏ، ٢٦. ويراڳ، تياڳُ، جدائي، علحدگي، ٢٧. نابود يا ناس ڪر.

لُوڪَان[1] پَاڻُ[2] لِڪَاءِ[3]، لِڪِئَان[4] پُڻ لِڪِيجِ تُون.

۹

لوڪَان لِڪي سَيُڪو، لِڪِئَان لِڪي ڪونَہ،
اُتِي وِيئِي[5] اونَ[6]، اِنَ اُلتِيءَ[7] ڳَالِهہ جِي.

۱۰

هَتَن سين حَاجَ[8] کَرِ، نيتَن[9] سين نِهَارِ[10]،
اَيَا[11] اَڱڻ[12] بَهَارِ[13]، پَسُ[14] پَنهنجَا سُپِرِين[15].

۱۱

جي[16] ڪِيڙِيءَ[17] پَرِ[18] ڪَنبَن[19]، نَانگَ نَمَن[20] اُن[21] کي،
آڳُو[22] اُمَن[23] اُن[24] ڪَري، جي اَنهِينءَ[25] پَيءِ پَجَن[26]،
اِن اَولِيَائِي تَحت قَبَائِي، *مُوزِهَا[27] مَان نَہ[28] بُڌَن،
ڳُجهَان ڳُجهہ[29] وَجَن[30]، اَحَدَ[31] جي اِسرَار[32] ۾.

۱۲

اَحَدَ جي اِسرَارَ کي، جُنبِي[33] ڏِنو[34] جَن،
سي مُوتِي ڪِينَ پَسَن، ذَاران ڏٺي[35] کي[36] بِئو.

۱. لوڪ ڪان، عام ماڻهن ڪان، ۲. خود، ۳. ڇپاءِ، ڳجهو ٿي رهہ، ۴. لڪ ڪان، لڪڻ ڪان، لڪل ڪان، مخفيءَ ڪان، خدا ڪان، ۵. اُتي ويئي = ختم يا پوري ٿي وئي، ۶. فڪر، ڳڻتي، ۷. ابتيءَ، پُراسرار، ۸. ڪم، ڪار، ۹. اکين، ۱۰. ڏسُ، ۱۱. بيٺا، بيٺل، ۱۲. اڱڻ جي، صحن يا پڌر جي، گهر جي، ۱۳. ٻهران، ٻاهران، ٻاهرئين پاسي، ۱۴. ڏسُ، ۱۵. پرين، محبوب، ۱۶. جيڪي، ۱۷. ماڪوڙيءَ، ڪِٺليءَ، ڪِوليءَ، ننڍي جيت جو هڪ قسم، ۱۸. ڪان، ۱۹. ڏڄن، خوف ڪن، ۲۰. هڪ قسم جا سُرندڙ زهريلا جيت، بلائون، سانپ، سپ، ۲۱. جُهڪن، سلام ڪن، ۲۲. خدا، ۲۳. بچاءُ، حفاظت، ۲۴. ان جو، ۲۵. پَوَ ۾، ڊپَ ۾، ۲۶. هلن *بيشڪ منهنجا اولياءَ يعني دوست منهنجي قبا يعني پناهہ هيٺ آهن (حديث قدسي)، ۲۷. موڙهل، موڳا، نادان، ۲۸. مان نہ = شل، ۲۹. ڳجهان ڳجهہ = ڳجهہ ڳوهہ ۾، لڪ ڇپ ۾، ۳۰. داخل ٿين، گهڙن، ۳۱. هڪڙي يعني خدا، ۳۲. ڳجهہ، راز، ڀيد، ۳۳. جنبش ۾ اچي، جوش ۾ اچي، محو ٿي، ۳۴. ڪان سواءِ، ۳۵. مالڪ خدا، ۳۶. ڪجهہ.

Gul Hayat Institute

(١٣)

اَحَدان[1] اڳي جَا هُئِي، سُوڌِي[2] سَا صِفَتَ[3]،
اَپَرِ[4] اِشَارَتَ[5]، سِڌَ[6] نَہ آهي سُتِرِي[7].

١٤

صِفَتَ[8] سَنگُ[9] اَحَدَ سين، اَحَدُ صِفَتَ رِءَ[10] ناهِہ،
اُنهُہ[11] ءِ آهَہ[12]، ٻَئِي ٻِئَائِي[13] ٽِئا.

(١٥)

اَحَدُ[14] اَحمَدُ[15] پَاڻَ[16] ۾، وِڇَان[17] مِيمُ[18] فَرَقُ[19]،
آهي مُستَغرَقَ[20]، عَالَمُ[21] اِنهِيءَ ڳالِهِ ۾.

(١٦)

سو ئي اَحمَدُ سو مُحَمَّدُ، سو عَينُ[22] اَللّٰهُ،
نَحنُ اَقرَبُ اِلَيهِ مِن حَبلِ الوَرِيد* ، اِيءُ پَروڙِجِ[23] پَسَاهُ[24]،
جِنهِن جي رُوحَ[25] سُڃَاتو[26] راهُ[27]،تنهِن کي پِرِينءَ[28] رِءَ پَسَڻُ[29] نَاهِ کِي.

(١٧)

اَلَتيَمِ[30] جَا هَنيَان[31]، سَا نَہ سَلَتيَم[32] سَاهَ کي،

---

١. احد يعني خدا (ڪان آيل صفت) ڪان، ٢. صحيح، نيڪ، برابر، درست، ٣. خاصيت، خصلت، خوبي، ۴. بلند، اعليٰ، مٿاهان، ۵. اشارا، ڪنايا، رمزون، راز، ڳجهہ، ٦. سڌائي سچائي، صداقت، ٧. سولي، سوکي، آسان، ٨. صفت جو، ساراهہ جو، ٩. تعلق، واسطو، ١٠. ڪان سواءِ، ١١. انڪار جي ورندي يا جواب (لا اِلہ)، ١٢. اقرار جي ورندي (اِلا الله)، ١٣. هڪ ٻئي ڪان جدا، ١۴. هڪڙو يعني خدا، ١۵. اسلام جي پيغمبر حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جو ازلي نالو، ١٦. پاڻ ۾ = گڏ، مليل، ١٧. وچ ۾، مابين، ١٨. "م" جو اکر، ١٩. جدا ڪرڻ واري حالت، ٢٠. غرق ٿيل، غلطان، ٢١. دنيا يا جهان، ٢٢. هوبهو، خود *اسين هن کي ڪنڌ جي ٻنڌين (شهہ رڳ) ڪان بہ وڌيڪ ويجها آهيون (قرآن شريف جي سورت "ق" جي ١٦ آيت)، ٢٣. سهي ڪج، سمجهج، ٢۴. ساهہ، دم، پويون ساهہ يا دم، ٢۵. دل، ٢٦. پروڙيو، سهي ڪيو، ٢٧. رستو، واٽ، ٢٨. محبوبن، ٢٩. ڏسڻ، ديدار، ٣٠. مون کي التي، مونکي ٻڌائي، ٣١. هينئين، دل، ٣٢. مون سلتي، مون (چڱيءَ طرح) سلي يا ٻڌائي.

سُپِريَان[١] جي ڳالَهڙِي[٢]، لِڪَايَمِ[٣] لوڪَان[٤]،
وِٽِئي جي[٥] وَسَان[٦]، پَڌَرِ[٧] پيئِي پِرينءَ ري[٨].

## ١٨

مُون تَان لِڪَائِي گهٽُو، رُوئَڻَ ڪِي[٩] روشَنُ[١٠]،
رَسِئو[١١] رِيزالَنِ[١٢] ڪِي، زَردِيءَ[١٣] مَنجَهان ظَنُ[١٤]،
وِٽِري[١٥] مُون[١٦] وَرَنُ، ڳَالِهہ ڪِئَائِين ڳُجَهہ[١٧] جِي.

## ١٩

عَاشِقُ پَانئِين[١٨] ايئَن، تہ سَڪَ[١٩] ڪِنهِن ڪي نہ سَلان[٢٠]،
وَهَنِ[٢١] اکِيُون وِرجِي[٢٢] هِنيُون[٢٣]، وِچِ[٢٤] رَهَندِي[٢٥] ڪِيئَن.

## ٢٠

سُپِريَان جي ڳالَهڙِي، اَندَرِ رَهِي نہ گهَٽَ[٢٦]،
جُہ[٢٧] مَهرَاڻَ[٢٨] مَوجَ[٢٩] ڪِي، تہ چَاڳَرِ[٣٠] سَهِي[٣١] نہ سَٽَ[٣٢].

## ٢١

لَکِين[٣٣] سَئِين[٣٤] مَهَرَاڻَ، جِي اُنوهَہ[٣٥] سِبن اُڌَمِئَا[٣٦]،
سَڙِئَا[٣٧] مَنجِهين[٣٨] مَاڻَ[٣٩]، بَهِرِ[٤٠] بَاڦَ[٤١] نہ نِڪَري.

١. پرينءَ، محبوب. ٢. خبرچار، ذڪر، حال احوال. ٣.مون لڪائي يا ڇپائي. ٤. لوڪ کان، ماڻهن کان. ٥. جيڪڏهين. ٦. وس ڪان، اختيار ڪان. ٧. ظاهر ٿي، کُلي. ٨. ڪان سواءِ (پرينءَ ري = پرينءَ جي وڇوڙي يا جدائيءَ سبب). ٩. ڪئي. ١٠. ظاهر، پڌري، عيان. ١١. پهتو، ٿئو. ١٢. رذيلن، ڪميڻن، بداخلاقن، رقيبن. ١٣. (منهن جي) پيلاڻ. ١٤. شڪ، گمان. ١٥. دشمن. ١٦. منهنجو. ١٧. (منهن جو) رنگ يعني پيلاڻ. ١٨. سوچي، خيال ڪري. ١٩. پيار، محبت. ٢٠. ٻڌايان. ٢١. پاڻي وهائين، روئن. ٢٢. ڳري، نجهري. ٢٣. دل، من. ٢٤. وچ ۾، اندر ۾. ٢٥. ٽڪندي، ترسندي، لڪندي. ٢٦. دل،من، نڙيءَ. ٢٧. جيڪڏهين. ٢٨. (عشق جي) درياءَ (مهراڻ، سنڌو درياءَ جو قديم نالو آهي). ٢٩. مستي، اٿل، پلٽ. ٣٠. ننڍي ڍنڍ يا تلاءُ. ٣١. برداشت ڪري. ٣٢. زور، دٻاءُ (وهڪري جو). ٣٣. لکن جي تعداد ۾. ٣٤. سوَن جي انداز ۾. ٣٥. زور، چاڙهہ. ٣٦. اُيامِيا، اٿلئا، پلٽئا. ٣٧. جليا، ناس ٿئا. ٣٨. اندر ۾. ٣٩. اُپاءَ، رٿون، تجويزون. ٤٠. ٻاهر. ٤١. اُپ، ٻخار،سڙڻ يا جلڻ جو اثر.

Gul Hayat Institute

## ٢٢

عِلَتِيءَ[١] آرامُ[٢]، پَسِي[٣] عِلَتَا[٤] آيو،
حُسنُ[٥] پَسِئو حَقَ[٦] جو، خَامِي[٧] پَائِئين خَامُ[٨]،
اَچِي تِئَا اِسلامُ[٩]، کُفرُ[١٠] کَافِرُ[١١] پَاڻَ[١٢] ۾.

## ٢٣

ڪُوڙو[١٣] تُون کُفرَ سين، کَافِرُ مَ ڪوناءِ[١٤]،
هِندُو[١٥] هَڏ[١٦] نَہ آهِيين، جَٽيُو[١٧] تو نَہ جُڳاءِ[١٨]،
تِلڪُ[١٩] تَنِي[٢٠] لاءِ[٢١]، سَچَا[٢٢] جي شِرڪَ[٢٣] سين.

## ٢٤

ڪَافِرُ تِيءُ تَہ اُبهين[٢٤]، بَابَ[٢٥] شَرا[٢٦] جَا چَڏ[٢٧]،
مَنُ[٢٨] مُشرِڪَنِ[٢٩] گَڏِ[٣٠]، تَہ وِيجهو[٣١] تِيين وِصَالَ[٣٢] ڪي.

## ٢٥

ڪَلِمي گُو[٣٣] ڪُوئَائِيين، اِنَ پَرِ[٣٤] نَہ اِيمَانُ[٣٥]،
دَغَا[٣٦] تُنهنجي دِل ۾، شِرڪُ ءِ شَيطَانُ[٣٧]،
مُنهَنِ[٣٨] ۾ مُسلِمَانُ، اَندَرِ[٣٩] آذَرُ[٤٠] آهِيين.

Gul Hayat Institute

---

١. علتيءَ کي، بيمار يا اکهي کي. ٢. فرحت، مرض ۾ افاقو، يا گهٽتائي، صحت، چاڪائي. ٣. محسوس ڪري. ٤. (ٻي جي) علت مان يا بيماريءَ مان. ٥. سونهن، جمال. ٦. حق تعاليٰ، خدا. ٧. نقص، ڪچائي. ٨. ناقص. ٩. الله تعاليٰ جو حضرت محمد صلعم جن جي معرفت سڄيءَ انسان ذات لاءِ موڪليل دين يا مذهب يا ڌرم. ١٠. الله تعاليٰ جو حضرت محمد ﷺ جن جي خدا جي طرفان رسول هجڻ کي نہ مڃڻ واري حالت. ١١. حضرت محمد ﷺ جن جي خدا جي طرفان رسول هجڻ کي نہ مڃيندڙ. ١٢. پاڻ ۾ = گڏ. ١٣. بي وفا. ١٤. سڏاءِ، چواءِ. ١٥. براهمڻي يعني برهمڻ جي. مذهب يا ڌرم جو پوئلڳ. ١٦. اصل، بنهہ. ١٧. ڌاڳو جيڪو هندو هڪ ڌرمي رسم موجب ڳچيءَ ۾ وجهندا آهن. ١٨. سونهي. زيب ڏي. ١٩. نڪ جي مٿان ۽ ڀرن جي وچ يا مٿي نراڙ تي شادين يا ٻين ڌرمي رسمن بجا آڻڻ لاءِ سينگار طور هندو عورتن يا مردن کي سينڌر يا ڪنهن ٻيءَ شيءِ سان لڳل ٽڪو يانشان. ٢٠. تني کي. ٢١. جڳاءِ. ٢٢. وفادار. ٢٣. ڪنهن ٻيءَ شيءِ کي خدا جو شريڪ يا مٽ سمجهڻ واري حالت. ٢٤. ڇوٽڪارو حاصل ڪرين. ٢٥. در، رستا. ٢٦. شرع، شريعت، اسلامي قانون. ٢٧. ترڪ يا ڦٽا ڪر. ٢٨. دل. ٢٩. شرڪ ڪندڙن (سان). ٣٠. لڳاءِ. ٣١. قريب، نزديڪ. ٣٢. (محبوب جي) ميلاپ، وصل. ٣٣. ڪلمي گو = ڪلمي (لَآ اِلٰہَ اِلا اللهُ محمدٌ رَسُولُ اللهِ) جو چوندڙ. ٣٤. ريت، نموني. ٣٥. خدا ۽ انجي پيغمبرن کي مڃڻ واري حالت. ٣٦. فريب، ڪوڙ، دولاب. ٣٧. هڪ فرشتو جنهن حضرت آدم کي سجدي ڪرڻ واري خدا جي حڪم جي نافرماني ڪئي. ابليس. ٣٨. چهري، شڪل (ظاهري طرح). ٣٩. اندر۾، دل ۾. ٤٠. حضرت ابراهيم جي چاچي جو نالو جيڪو بت پرست هو.

## ۲٦

کَنِ[۱] گُهُرجي[۲] کَلِمون[۳]، لَغوَ[۴] لَهوَ[۵] لاءِ،
فِکرَ[٦] سين قِيراءِ[۷]، تَہ هَمَہ[۸] کي حَقُ[۹] چُوئين[۱۰].

## ۲۷

نَکي پَڙهَن کَلِمُون، نَکي ٻُڌَنِ ٻانگَ[۱۱]،
وِچان واري[۱۲] لانگَ[۱۳]، اُوءِ آڏوتي[۱۴] عَدُمِ[۱۵][۱٦] تِئا.

## ۲۸

کَلِمُون پَڙهَان تَہ کافِرُ تِئان[۱۷]، کَلِمُون پَڙهي کيرُ،
جيڏانهن راهہ[۱۸] رَسُولَ جي[۱۹]، تيڏانهن پَرِبان[۲۰] نَہ پيرُ[۲۱]،
مُون تَنِ[۲۲] سين ويرُ[۲۳]، جَنِ جو کَمُ[۲۴] قُريشِيءَ[۲۵] سين.

## ۲۹

کَلِمي[۲٦] مُون کي کِينَ کَئو، مُوران[۲۷] مُسلمانُ،
اَحمَدَ[۲۸] کونَہ آندو، عَرَبَ کان ايمانُ[۲۹]،
اِيءُ سِرُ[۳۰] آهي سُبحانُ[۳۱]، آدَمَ[۳۲] ليکي[۳۳] آدمي[۳۴].

Gul Hayat Institute

---

۱. کن ماڻهن کي، ۲. کپي، ضروري آهي، ۳. مسلمان جي عقيدي موجب اسلام جو پهريون رڪن "لا اِلٰہَ اِلاّ اللهُ محمد رسولُ الله" ۴. بيهودگي، بکواس، جهڳ، ۵. راند روند، کيل تماشي، تفريح، ٦. سوچ، ويچار، غور، خوض، ڌيان، ۷. قيراءِ يا پڙهہ (ڪلمي کي)، ۸. هر شيءِ، ۹. حق تعاليٰ، ۱۰. چوين، ۱۱. نماز جو سڏ، اذان، ۱۲. قيرائي، ۱۳. ٻن ٽنگن جي سٿرن وارو حصو (واري لانگ = ڪنهن شيءِ تي ٽپو يا ڇال هڻي چڙهڻ)، ۱۴. آهي، ۱۵. دنيا کي تياڳ ڪندڙ، تارڪ الدنيا، ۱٦. ناپيدا، بي وجود، ۱۷. خدا ۽ ان جي پيغمبر حضرت محمد ﷺ جن کي نہ مڃيندڙ، ۱۸. واٽ، رستو، ۱۹. پيغمبر حضرت محمد ﷺ جن، ۲۰. وڃهان، پايان، ۲۱. قدمُ، وک، ۲۲. منهنجو، ۲۳. دشمني، ۲۴. واسطو، تعلق، ۲۵. حضرت محمد ﷺ جن، جيڪو عربن جي قريشي قبيلي مان هو، ۲٦. لا اِلٰہَ اِلا اللهُ محمد رسولُ الله يعني ڪونهي ڪو عبادت جي لائق سواءِ الله جي محمد ﷺ ان جو رسول آهي جي جملي، ۲۷. مور، بنهہ، اصل،۲۸. حضرت محمد ﷺ مصطفيٰ صلعم جن جو ٻئو نالو، ۲۹. عقيدو، اعتقاد، ۳۰. مٿو يعني انسان ۳۱. پاڪ، ساراهہ جي لائق، خدا، ۳۲. آدم جي، ماڻهن جي، ۳۳. ليکي ۾، حساب ۾، سمجهہ ۾، ۳۴. ماڻهو.

## ٣٠

دوزخ[١] دِل قَبُوليو[٢]، مُون[٣] بِهِشتَنِئا[٤] بَس[٥]،
جي[٦] پُنيرا[٧] پيرَنِ[٨] کي، ڏاتَر[٩] مُون کي ڏَس[١٠]،
جي[١١] هُئان[١٢] پَنهِنجي وَسِ[١٣]، تَه کَئانِ[١٤] حَرامُ[١٥] هَٿَنِ[١٦] سين.

## ٣١

مُنهَن[١٧] تَه مُوسيٰ[١٨] جِهَڙو، عادَتَ[١٩] ۾ اِبليس[٢٠]،
اِهَڙو خامُ[٢١] خَبِيثُ[٢٢]، ڪَدِي کوهُه[٢٣] نَه ڇَڏِين.

## ٣٢

مُنهَن تَه موسيٰ جِهَڙو، سِيرَتَ[٢٤] شَيطاني[٢٥]،
بازي[٢٦] بيراني[٢٧]، ڪَدِي کوهُه نَه ڇَڏِين.

## ٣٣

مُنهُن آهيريءَ[٢٨] جِيئَن[٢٩] اُجَري[٣٠]، قَلبَ[٣١] ۾ ڪارو[٣٢]،
ٻَاهران[٣٣] زيبُ[٣٤] زَبانَ[٣٥] سين، دِلِ ۾ هَچارو[٣٦]،
اِن پَرِ[٣٧] وِيچارو[٣٨]، وِيجهو[٣٩] ناهِه وِصالَ[٤٠] کي.

Gul Hayat Institute

١. گنهگار انسانن کي قيامت جي ڏينهن خدا جي فيصلي موجب مليل سزا ڀوڳڻ لاءِ خدا جي طرفان ٺاهيل عذاب گهر، جهنم، نرڳ، ٢. منظور ڪئو، سر تي هموار ڪئو، ٣. مون کي، ٤. بهشتن کان، جنتن کان، سرڳن کان، ٥. بان، توبهه، بيزاري، لا دعوائي، ٦. جيڪي (ماڻهو)، ٧. بيزار، ناراض، ٨. مرشدن، ٩. اي ڏاتر، اي ڏاتار، اي خدا، ١٠. ٻڌاءِ، ١١. جيڪڏهين، ١٢. هجان، ١٣. وس ۾، اختيار ۾، ١٤. کان، واپريان، تناول ڪريان، ١٥. خدا جي طرفان منع ٿيل شيون يا طعام، مردار يعني مثل ساهوارا، غير مباح، ١٦. هٿن سان = پاڻ، خود، ١٧. منهن ۾، چهري ۾، شڪل ۾، ١٨. يهودين جي هڪ پيغمبر جو نالو، ١٩. لڇڻ، خصلت، سڀاءَ، سيرت، ٢٠. فرشتي جو نالو، جنهن حضرت آدم کي سجدي ڪرڻ بابت خدا جي حڪم جي انحرافي ڪئي، شيطان، عزازيل، ٢١. خراب، نالائق، ٢٢. پليت، ناپاڪ، بدڪار، ٢٣. ڇو، ٢٤. نمونو، ڍنگ، چال، حالت، ٢٥. شيطان جهڙي، ٢٦. حرفت، ٺڳي، دولاب، ٢٧. ويراني، بي سود، بي فائدي، ٢٨. آرسيءَ، آئيني، ٢٩. وانگر، ٣٠. چمڪي، چلڪي، ٣١. دل، ٣٢. سياهه، ڪوٺو، ٣٣. ظاهري طرح، ٣٤. زينت، خوشنمائي، سهڻائي، ٣٥. گفتگو، ڪلام، ٣٦. ظالم، قهار، پاپي، گنهگار، ٣٧. ريت، نموني، ٣٨. نڀاڳو، بدبخت، ٣٩. قريب، نزديڪ، ٤٠. (محبوب يعني خدا جي) وصل، ميلاپ.

## ٣٤

ڪَا تُون ڪَانِ[1]ـي پَا[2]ءِ، وَنِـ[3]ـنِ ۾ وِصَالَ[4] جِـي،
دوبِيـنَائِي[5] دُورِ[6] ڪَري، مَعرِفَتَ[7] مَلهَاءِ[8]،
سُپِيرِيَان[9] جي سُونهَن[10] ۾، رُخَنُو[11] ڪونہ رِهَاءِ[12]،
اَڪِ[13] اَشهَدُ[14] چَاءِ[15]، تہ مُسلِمَاني مَاٽِيِن[16].

## ٣٥

سُرمُون سِيَاهِيءَ[17] جو، رَنُنِ[18] ڪي رِهَاءِ،
ڪَانِي ڪَارائِيءَ جِي، مُـٽَرُس[19] تِي مَ پَاءِ[20]،
اکِيُنِ ۾ اَتِڪَاءِ، لالائِي[21] لالَڻَ[22] جِي.

## ٣٦

سُرمُون لالائِيءَ جو، جَذهِين وِذو جَنِ[23]،
تَذهِين ڏِنِي تَنِ، رَونَقَ[24]، رِبتِي[25] جِهَڙِي.

## ٣٧

سُرمُون سُفَيدِيءَ[26] جو، جَذهِين وِذو جَنِ،
تَذهِين ڏِنِي تَنِ، اَڇَائِي عَالَمَ[27] ۾.

Gul Hayat Institute

---

١. (سرمي يا سوئيري يعني اکين ۾ وجهڻ لاءِ هڪ ڪاري رنگ جي پٿر کي اکين ۾ وجهڻ لاءِ) سرائي، ٢. وجهہ، ٣. اکين جي پنبڻين يعني اکين، ۴. (محبوب جي) وصل، ميلاپ، ۵. ٻيائي، دوئي، شرڪ يعني ٻيءَ ڪنهن شيءِ کي خدا جي برابر سمجهڻ، ٦. ڏور، پري، ٧. خدا شناسي، صوفي طريقي جي چوٿين منزل، ٨. (حاصل ڪري) سرخرو ٿيءُ يا مَرڪُ، ٩. سپرينءَ، پرينءَ، محبوب، ١٠. حسن، جمال، ١١. رنڊڪ، ڀڃڪڙي، ١٢. جڳاءِ، رهائي، واجب آهي، سونهي، ١٣. اک کي، ١۴. شهادت جو ڪلمو يعني اَشهَدُ اَن لاَ اِلہَ اللہُ وَحدَہ لاَشَرِيڪَ لَہ وَاَشهَدُ اَنَ مُحمَدً عَبدَہ وَ رَسُولہ (آئون شاهدي ٿو ڏيان تہ الله جيڪو واحد يعني هڪڙو آهي ۽ انجو ڪو مٽ يا شريڪ نہ آهي، ان ڪان سواءِ ڪوبہ معبود يا عبادت جي لائق ناهي ۽ شاهدي ٿو ڏيان تہ محمد ﷺ ان جو ٻانهون (بندو) ۽ رسول آهي)، ١۵. چواءِ، ١٦. حاصل ڪرين، ١٧. ڪارائيءَ، ڪاراڻ، ڪاري رنگ وارو، ١٨. زالن، عورتن، ١٩. مڙد، ٢٠. وجهہ، پاءِ، ٢١. لالاڻ، ڳاڙهاڻ، سرخي، ٢٢. محبوب، ٢٣. ڀاتو، ٢۴. جلوو، سونهن، صورت، چهچٽو، روپ، ٢۵. حلواڻ يعني ڳاڙهي رنگ واري ڪپڙي، ٢٦. اڇاڻ، اڇائي، ٢٧. جهان، دنيا.

**(٣٨)**

نَظَرُ[1] اَکَڙِيُنِ[2]، وَجِي پِئو لاکَ[3] تي،
ڪَارو[4] ڪِينَ پَسَنِ[5]، مِڙوئِي ڳَاڙهو[6] ٿِئو.

**(٣٩)**

ڳاڙهو ئِي ڳاڙهو، ڪَارو پَسَن ڪِينَڪِي،
اَکَڙِيُنِ آرو[7]، وَجِي ڪَئو لاکَ سِين.

### وائي

وَجهَه[8] مَنجههِ خَلِيلُ[9]، اَندَرَ[10] آذَرُ[11] آهِيِن،
مُنهَن ۾ مُسلِمَانُ تُون، قَلبُ تَان[12] قَلِيلُ[13]،
سَذَ[14] مَ ڪَرِ صِحَتَ[15] جِي، اَجَا تُون عَلِيلُ[16]،
وِتَرَ[17] جي وِصَالَ[18] ۾، دُئِي[19] نَاهِ دَلِيلُ[20]،
نَالو نَاهِ نِفَاقَ[21] جو، جِنتي رَبُ[22] جَلِيلُ[23].

Gul Hayat Institute

---

١. نگاهہ. ٢. اکڙين جو، اکين جو. ٣. ٻير وغيره جي وڻ جي ٽارين مان نڪرندڙ رس جنهن مان ڪپڙن رڱڻ جو ڳاڙهو رنگ ٺهندو آهي، ڳاڙهاڻ، سرخيءَ. ۴. سياهہ (رنگ) يعني بُرائي، ۵. ڏسن. ٦. سرخ (رنگ) يعني چڱائي، ٧. آر، پيار، محبت. ٨. منهن، شڪل، صورت. ٩. حضرت ابراهيم (جيڪو خدا جو پيغمبر هو ۽ جنهن کي خليل الله يعني خدا جي دوست جو لقب مليل هو). ١٠. اندر ۾، دل ۾، قلب ۾. ١١. حضرت ابراهيم جي چاچي جو نالو (جيڪو بت پرست ۽ ڪافر هو). ١٢. تہ. ١٣. ٿورو، تنگ، سوڙهو. ١۴. خواهش، تمنا. ١۵. تندرستيءَ، چڱيلائيءَ. ١٦. بيمار، مريض، جڏو. ١٧. اِڪيءَ يعني هڪڙي (خدا). ١٨. وصل، ميلاپ. ١٩. ٻيائي، شرڪ يعني ٻي ڪنهن شيءِ کي خدا جي برابر سمجهڻ. ٢٠. واٽ ڏيکاريندڙ، سونهون، رهبر. ٢١. ٻيائيءَ، منافقيءَ، ناسازيءَ، جهيڙي فساد. ٢٢. پالڻهار، خدا. ٢٣. جلال وارو، وڏي شان وارو (خدا جو صفاتي نالو).

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر آسَا

## داستان ڇهون

### ۱

لُڏي[1] آيَا لالَ[2]، پَابُوهي[3] پَيدا[4] ٿيا،
سَاجَنُ[5] اکِيُون جي[6] کَٽي[7]، ڪوڙين[8] پَانيَان[9] پَالَ[10]،
مُنهِنجي نَاهِ مَجَالَ[11]، تَہ ڪو ويڻ[12] وَرايَان تَنِ کي.

### ۲

لوڏاٽي[13] لَکُ[14] لَهي[15]، پَابُوهِئو[16] ڪِروڙَ[17]،
اکَڙِيُون پُرپُورَ[18]، جي سَچِيِنِ[19] تو ءِ[20] سَهَاڳِيُون[21].

### ۳

ڦيرِ[22] مَ[23] تُون اُبَتِ[24]، ڪَنُ[25] سُبتيُون[26] سُپِرِين[27]،
مُون کي موهي[28] جَنِ سين، مَاري[29] ڳِيڙِيَئي[30] مَتِ[31]،
اِيءَ پِرِين[32] تُنهِنجي پَتِ[33]، هَاڻِ[34] جِڏو[35] جِيئي نَہ مَري.

---

۱. لڏندا، لمندا، تِلندا، ٻهڪندا، خوش ٿيندا. ۲. محبوب. ۳. مُشڪي، مرڪي، ٽڙي، کلي. ۴. پيدائٿا = ظاهر ٿيا، نمودار ٿيا، پرگهٽ ٿيا، آيا. ۵. سڄڻ، محبوب. ٦. جيڪڏهين. ۷. مٿي ڪري (مون ڏي نهاري). ۸. ڪروڙن جي تعداد ۾، بي حد، گهڻا. ۹. سمجهان، ڄاڻان. ۱۰. احسان، ٻلايون، مهربانيون. ۱۱. طاقت، پهچ، دسترس، پڄندي، حيثيت، وسُ. ۱۲. قول، سخن، ڳالهہ (ويڻ ورايان = سوال جواب ڪريان). ۱۳. لوڏاٽي ۾ يعني ناز نخري سان هلڻ ۾. ۱۴. سؤ هزارن. ۱۵. برابر آهي، (لک لهي = بي بها يعني لکن جو مٽ آهي). ۱٦. مُشڪئو، مُرڪئو، کِلئو. ۱۷. ڪروڙن (جي برابر). ۱۸. پوريون، ڪامل، سموريون، سڄيون. ۱۹.، مِلائِين (منهنجين اکين سان). ۲۰. تہ ٻہ. ۲۱. وٽنديون، نهنديون. ۲۲. (ناراض ٿي)، ڦيراءِ، وراءِ. ۲۳. نہ. ۲۴. اُبتيون، پاسيريون، پري. ۲۵. مٿي ڪر. ۲٦. سڌيون، (مونکي سامهون). ۲۷. اي سپرين، اي محبوب. ۲۸. ڏتاري، مست ڪري. ۲۹. سٽي، ڪُٽي. ۳۰. تو ڳيڙي، توکسي، تو ڦري ۳۱. عقل، هوشُ. ۳۲. محبوب. ۳۳. عزت، مان. ۳۴. بيمار. ۳۵. جيئي نہ مري = نڪي زندهہ يعني جيئرو آهي ۽ نڪي مري ٿو.

### ۴

سَڄڻُ[1] سَاهَہ[2] پَسَاهَہ مِ، پِرِين پَاڻ[3] پَسَاهُہ،
جي تِـيـي هيڪَانـدِ[4] حَـبِـيبَ سِين، وَحـدَتَ تَـنـهِين[5] واهُہ[6]،
وَ فِي اَنفُسِـكُم اَفَـلا تُـبـصِرُون*، سَـچُو[7] اِيءَ[8] گـواهُہ[9].

### ۵

اَسِين سِـڪَـهُـون[10] جَـن کـي، اَسِـين تَـان سِـيـئـي،
لَـم يَـلِـد وَلَـم يُـولَـد●، وانءُ[11] اوڏاهِين[12] پـيـهِـي[13].

### ٦

سَـپِ[14] تِـئَـا سُـون سُـپـرِيـن، وِئَـا سُـون[15] پَـاڻَـان[16]،
پَـانـهِـنـجـي جَـاڻَـان[17]، رَتِـي[18] رَهِـي[19] نَـہ هـيـڪَـڙِي.

### ۷

مُـون[20] مُـونـهِين[21] کـي جُـڳَـاءِ[22]، مُـون مُـونـهِين مِ سَـپَـجـي[23]،
مُـونـهِين مُـنـجـهَـان مُـون تـي[24]، مُـونـهِين[25] جـي[26] سَـاجَـاءِ[27]،
هَـاڻ چُـئَـڻَ[28] کَـانِـهِي جَـاءِ[29]، کـبـڏانـهَـن کَـرِيَـان پَـنـڌَڙو[30].

Gul Hayat Institute

---

۱. محبوب، پرين، حبيب، سپرين، ۲. ساهہ ۾، پساهہ ۾، جيءَ ۾ (موجود آهي)، ۳. خود، ۴. ميلاپ، وصل، وصالُ، گڏجاڻي، وحدت، ۵. تنهن کي، ٦. جس، آفرين، شاباس * ۽ خود اوهان ۾ بہ (خدا جي قدرت جون نشانيون) موجود آهن ۽ پوءِ ڇا توهان نٿا ڏسو؟ (قرآن شريف جي سورت ذاريات جي ۲۱ آيت)، ۷. پڪو، کرو، صحيح، ۸. ايءَ اها، ۹. شاهد، ساکي، ۱۰. سکون، واجهايائون، اُڪنڊجون، ●نہ هن (خدا) کنهن کي ڄڻيو (جنم ڏنو) آهي ۽ نڪي هو (خدا) ڄڻيو ويو آهي (قرآن شريف جي سورت اخلاص جي ۳ آيت)، ۱۱. وڃ، ۱۲. ان طرف ڏانهن، ان پاسي ڏانهن ۱۳. گهڙي، داخل ٿي (سمائجي)، ۱۴. مڪمل، ۱۵. پري ٿياسون، جدا ٿياسون، ۱٦. پاڻ کان، خوديءَ کان، ۱۷. ڄاڻ مان، علم مان، ۱۸. ذرو، ۱۹. بچي يا باقي رهي، ۲۰. (ضمير متڪلم واحد ۾ ڪم ايندڙ لفظ)، خودي، آپو، ۲۱. صرف مون (خدا)، ۲۲. سونهي، زيب ڏي، مناسب آهي، ۲۳. پيدا ٿئي، اُسري، اُپري، ۲۴. مون کي، ۲۵. خوديءَ، ۲٦. گنج ۾ "کي" لکيل آهي، ۲۷. واقفيت، سڃاڻپ، ۲۸. چُئڻ جي، چوڻ جي، ڳالهائڻ جي، ۲۹. مجال، طاقت، وس، ۳۰. پنڌ.

### ٨

پاڻُ[١] پَردو[٢] پاڻَ[٣] کي، سُڃِٽي[٤] کر سَنيالَ[٥]،
وِڇان[٦] جو[٧] وِصالَ[٨]، سو تان[٩] هُئَڻُ[١٠] هِنَ[١١] جو.

### ٩

پاڻُ پَردو پاڻَ کي، طالِبَ[١٢] سُڃِٽج تُون،
نَڪا هان[١٣] نَہ هُون[١٤]، پَردا سَڀِ پاسي[١٥] ٿِئا.

### ١٠

ڪِهڙو تِئو سُنَت[١٦] جو، طالِبَ مَتي[١٧] تاءُ[١٨]،
پَرڻُو[١٩] قاهِي[٢٠] جِندڙي[٢١]، مَنجِهہ[٢٢] مُنجَهائي[٢٣] ساهُہ[٢٤]،
گهُري[٢٥] جو اَللهُ، سو هِنيُون[٢٦] هُورَنِ[٢٧] گڏِئو.

### ١١

مُحِيطا[٢٨] مَوجَ تِي[٢٩]، تَوحِيدُ[٣٠] تِئو تَمامُ[٣١]،
اَلانسانُ سِري وَاَنا سِرہُ*، تان نَہ پَروڙي[٣٢] عامُ[٣٣]،
مَحَبَتِيَنِ[٣٤] مُدامُ[٣٥]، اَڃِي[٣٦] رَهِئو رُوحَ مِ[٣٧].

---

١. خودي، هستي، هئڻ، ٢. حجاب، رنڊڪ، آڏ، روڪ، ٣. خود، ۴. ٻڌي، ۵. خبرداري، هوشياري، ٦. وڇڻ، ٧. جيڪو پردو، ٨. وصال جي، ميلاپ جي، ٩. تہ، ١٠. وجود، ١١. يعني خوديءَ، ١٢. اي طالب، اي (محبوب جا) گهورا يا ڳولائو، اي سالڪ، ١٣. هائوڪار، قبوليت، اقرار، ١۴. ناڪار، انڪار، ١۵. ٻري، ١٦. حضرت محمد مصطفيٰ صلعم جن جي پيرويءَ، ١٧. تي، ١٨. سِڪ، تؤ، تپش، زور، دٻاءُ، ١٩. شادي، نڪاح، ٢٠. قاسي، ڳچيءَ جي چوڌاري نوڙي يا رسي ويڙهي ڪنهنکي مارڻ جو عمل، ٢١. جندڙيءَ جي، جان جي، ٢٢. اندر ۾، دل ۾، ٢٣. پوساتي، گهٽي، بند ڪري، ٢۴. دم، پساهہ، ٢۵. طلبي، چاهي، ٢٦. دل، ٢٧. هورن کي، ڳڻتين يا فڪرن کي، ٢٨. محيطن کي، (علم جي) گهيري ڪندڙن يا ڄاڻن يعني عالمن کي، ٢٩. (علم جو) اُپارَ، جهجهائي، گهڻائي، ٣٠. خدا کي هڪ ڪري مڃڻ جو عقيدو، ٣١. مڪمل، راس * انسان منهنجو (مون خدا جو) ڳجهہ يا راز آهي ۽ آئون ان جو راز آهيان (حديث قدسي)، ٣٢. سمجهي، ٣٣. عام ماڻهو، ٣۴. محبتين کي، عاشقن کي، ٣۵. سدائين يا هميشہ، ٣٦. ٽڪيو، ترسيو، ٣٧. دل، من.

Gul Hayat Institute

## ١٢

تَاڙَ[١] ڇَڏي تُون جَاڻُ[٢] سِکُ[٣]، مَتيُون[٤] سَڀ مُنجَهاءِ[٥]،
پهرين پَاڻُ[٦] ڦِٽو ڪري، پِرين[٧] پوءِ پُڇَاءِ[٨]،
وَحدَتُ[٩] سَاڻُ وِڃَاءِ[١٠]، ڪَثَافَتَ[١١] ڪَثرَتَ[١٢] جِي.

## ١٣

مَ ڄُڻُ[١٣] ڀَانيين[١٤] تُون، تَہ تِيَس سَاجَارِي[١٥] سِين سَڄَڻين[١٦]،
رُونديُون[١٧] ڏِنيُون مُون، اِن دَرَ مَٿئي[١٨] دادُلِيُون[١٩].

## ١٤

اِيئَن چَوندي ڪيرَ، تہ تِيَس سَاجَارِي سِين سَڄَڻين،
دائِمُ[٢٠] اِن دَربَارَ[٢١] جا، ڏَڪان[٢٢] پَسئو[٢٣] ڦيرَ[٢٤]،
جَنِ[٢٥] حُضُورِي[٢٦] هيرَ[٢٧]، ڪَري تَغيِريُون تَنِ سين.

## ١٥

هُتي[٢٨] تَان[٢٩] نَہ هُئَا، هَتِ[٣٠] وِيَتُون[٣١] ڪَنِ وڏيُون،
ٻُڏي[٣٢] تَان نَہ مُئَا، ڏِکَڻَ[٣٣] مِ ڏُکيَري.

Gul Hayat Institute

---

١. انتظاري، خبرداري، ٢. علم، عقل، ٣. پراءِ، ٤. حوصلا، حواس، ٥. گم ڪر، ڦٽيون ڪر، تباهہ ڪر. ٦. خودي، نفس، ٧. محبوب، ٨. ڳول، تلاش ڪر. ٩. هيڪڙائي، ايڪتا، يڪ وجودي، ميلاپ. ١٠. ختم ڪر، ڦٽو ڪر. ١١. غلاظت، گدلائي، ١٢. گهڻائيءَ، ١٣. متان، ١٤. سمجهين، فخر ڪرين، ١٥. واقف ڪار، ڄاڻو سڃاڻو، دوست، ١٦. سڄڻن، محبوبن، ١٧. اکين مان لڙڪ يا ڳوڙها وهائيندڙيون، دانهون ڪنديون، ٻاڪاريندڙيون، ١٨. تي، ١٩. پياريون، ٢٠. هميشہ، سدائين، ٢١. (امير يا بادشاهہ جي) ڪچهريءَ، مجلس، بارگاهہ، ٢٢. ڏڪان، ٽڙڪان، ٢٣. ڏسئو، ٢٤. ڦيرا، چڪر، انقلاب، تبديليون، تغيريون، ٢٥. جن ڪي، ٢٦. حضور جي، بادشاهہ جي دربار يا ڪچهريءَ جي، ٢٧. عادت، گت، چشڪو، مزو، ٢٨. هن هنڌ يا جاءِ تي، محبوب وٽ، ٢٩. اصل، ٣٠. هن جاءِ تي يعني ماڻهن جي روبرو، ٣١. رٿون، تجويزون، منصوبا، ٢٢. غرق ٿي، ٢٣. ٺڪر جو طباخ يا پيالو، ڪنهن ٿانءَ يا برتن جي منهن تي رکڻ جو ننڍو ٿانءُ (ڍڪڻ ۾ ڍڪ ڀري مرڻ = شرمسار ٿيڻ).

## ١٦

اَندر[١] وِهارين ڪانءُ[٢]، ٻَهر[٣] ٻولي[٤] هَنج[٥] جي،
اِهڙو نِلهو[٦] ٿانءُ[٧]، پَجي[٨] پورا[٩] نہ ڪَرين.

## ١٧

ڪانءُ ڪوهہ[١٠] پروڙي[١١]، ڪ پڙهئا[١٢] گڏهہ ڪتابا[١٣]،
انڌو[١٤] آهيڙئا[١٥]، مُر[١٦] دخل[١٧] ڪري دانگيءَ[١٨] ۾.

## ١٨

"آئون[١٩] اسين" جن[٢٠]، هميشہ[٢١] هوندو،
تني کي پوندو[٢٢]، لڳو آهہ لطيف چئي.

## ١٩

مون تون آئون اسين، چاربئي[٢٣] چتان لاهہ[٢٤]،
تہ تو اوڏيائي[٢٥] نہ وجي[٢٦]، سندي[٢٧] مگر[٢٨] باهہ[٢٩].

## وائي

موت[٣٠] منڌ[٣١] نہ آهي، تائب[٣٢] ٿئو تڪڙا[٣٣]،
وڍائين[٣٤] وڍڻ[٣٥] لئي، ڳن[٣٦] ڪهاڙيءَ[٣٧] پاهي[٣٨]،

---

١. اندر ۾. دل ۾. ٢. ڪاري رنگ جي پکيءَ جو هڪ قسم. ڪانگ، زاغ، غراب. ٣. ٻاهران، ظاهر ۾. ٤. لات، آواز. ٥. پاڻيءَ جي هڪ قسم جي سهڻي پکيءَ. ٦. سڪڻو، خالي، پورو. پنيلائيندڙ يعني دوکي ۾ وجهندر. ٧. برتن (دل). ٨. توڙي. ٩. ذرا، تڪر. ١٠. ڇو، ڇا. ١١. سمجهي، ڄاڻي. ١٢. جيڪڏهين. ١٣. گڏهہ ڪتابا = گڏهہ تي ڪتڻ جيترا ڪتاب، تمام گهڻا ڪتاب ١٤. بي پرواهہ. بي خبر. ١٥.آهيڙين ڪان. شڪارين ڪان. ١٦. پلي. ١٧. قبضو. ١٨. مانيءَ پچائڻ لاءِ ٺڪر جي تئي. ١٩. آئون اسين = هستي، خودبيني. ٢٠. جن سين. ٢١. سدائين. ٢٢. هٿ جون پنجئي آڱريون ڪولي ڪنهن جي سامهون جهلڻ. ٻجو (پوندو لڳو = شڪست ائي، هار ڏسڻي پئي). ٢٣. جت مان، دل مان. ٢٤. ڪڍ، ختم ڪر. ٢٥. توکي. ٢٦. ويجهي، نزديڪ. ٢٧. جي. ٢٨. منگل يا ڪوري (دوزخ). ٢٩. آگ، آتش. ٣٠. موت جي. مرڻ جي. ٣١. موسم. ٣٢. توبهہ ڪندڙ يا پڇتاءُ ڪندڙ (گناهن ڪان). ٣٣. جلد، سگها. ٣٤. ڪپڻ. ڪٽڻ. ٣٥. واسطي. ٣٦. ڪاٺ جو ڏنڊو. ٣٧. ڪهاڙيءَ (ڪاٺ وڍڻ لاءِ لوهہ جو اوزار) جي. ٣٨. پاهي ۾. (ڪهاڙيءَ کي ڳن وجهڻ واري) سوراخ ۾.

اَجَلُ[١] اَسَارَنِ[٢] کي، کَامَ[٣] وَنِئو تو کَاهي[٤]،
عِمَارَتَ[٥] اَنڌَنِ[٦] جي، ڊانَائين[٧] تو ڊاهي[٨]،
عَجِلُوا بِالتَوبَةِ قَبلَ المَوتِ*، وِيهُ تُون وِيرَمَ[٩] لاهي[١٠]،
پِرِيَان[١١] کَارَڻِ پَاڻَ[١٢] کي، سِگهو[١٣] وِيهُ سَنبَاهي[١٤]،
نِبَا[١٥] گهوٽ[١٦] گهَرَنِ[١٧] ڏي، وَڏِيءَ وِيرَ[١٨] وَنَاهي[١٩]،
اُني عَبداللطيفؒ چَئي، نِبَا[٢٠] کَفَنَ پَراهي[٢١].

١. موت. ٢. ويسرن، غافلن. ٢. لڪڻ يا ڏنڊو (ڪاٺ جو)، ۴. هڪالي، ۵. جاءِ، گهر، ٦. نابينن، (اخلاقي)، ٧. ڪيرايائين، ٨. ڪيرائي، زمين دوز ڪري *موت کان اڳي توبهہ (گناهن کان پڇتاءُ) جي تکڙ ڪريو، ٩. دير، اوير، ١٠. ڦٽي ڪري، ١١. پرينءَ، محبوب، ١٢. واسطي، ١٣. جلدي، تکڙو، ١۴. تيار ڪري، سنبرائي، ١۵. نيا ويندا، وٺي وجبا، ١٦. سهڻا جوان (تازي شادي ڪيل جوان) پهلوان، ١٧. قبرن ڏانهن اشارو، ١٨. وڏيءَ ويل = سويل، ساجهر، ١٩. سينگاري، ٢٠. جنازي يعني مئل ماڻهوءَ تي وڌل ڪپڙو، ٢١. پهرائي، ڍڪائي.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر آسَا

## داستان سنون

**١**

مُون کي مُون[1] پِريَنِ[2]، مِيرِي[3] ڪَري نَہ مَتئو[4]،
هَڪَا[5] ڳُڻَ[6] ڳچيءَ ۾[7]، ٻِئا[8] سِيرانديان[9] سُونهنِ[10]،
آئُون ڪِيئَن سَندِي تَنِ[11]، ڪُلهَنئان[12] ڪِيرَتِ[13] لاهِئان[14].

**٢**

مُون کي مُون پِرينِ، ٻَڌي[15] وِڌو[16] تارِ ۾[17]،
اُيا[18] ايئَن چَوَنِ، تہ مَچُڻ[19] پاندُ[20] پُسائِيين[21].

**٣**

پِئو جو پاتارِ[22]، سو ڪِيئَن پُسَڻان[23] پالهو[24] رهي،
سالڪَ[25] مُون[26] سيڪارِ[27]، ڪو پُهہ[28] انهيءَ پاندَ جو.

**٤**

ڪِجِ طَرِيقَتَ[29] تَڪِيو[30]، شَرِيعَتَ[31] سُڃاڻُ[32]،

Gul Hayat Institute

١. منهنجي، ٢. محبوبن، ٣. گدلي، اگلي، بڇڙي، بدڪار، بدافعال، ۴. نظرانداز ڪئو، وسارئو، ۵. هڪڙا، ٦. پلايون، مهربانيون، ٽورا، ٧. گلي، ڪنڌ، گردن، ٨. ٻئا ڳڻ، ٩. سيرانديءَ واري پاسي کان، سِر يعني مٿي واري پاسي کان، ١٠. زيب ڏين، سهڻا لڳن، ١١. جي، ١٢. انهن (محبوبن)، ١٣. ڪلهن مان، موندين مان، ١۴. (مدح ڳائڻ لاءِ) هڪ قسم جو ساز، ١۵. نوڙيءَ يا رسيءَ وغيره سان جڪڙي يا ويڙهي، ١٦. اڇليو، ١٧. اونهي پاڻيءَ ۾، ١٨. بيٺا، بيا، اٿلندو، ١٩. متان، ٢٠. پلاندُ يا ڪناري (پوتيءَ يا چُنيءَ جو)، ٢١. آلو ڪرين، پڄائين، ٢٢. پاتارَ ۾، اونهي پاڻيءَ جي تري ۾، ٢٣. پسڻ کان، ٢۴. آجو، پري، خالي، ٢۵. اي سالڪ، اي (عشق جي) رستي جا واقف، ٢٦. مونکي، ٢٧. ڏس، ٻڌاءِ، ٢٨.رستو، پهو، واٽ، رمز،تجويز، ٢٩. تصوف جي ٻي منزل يا درجو، ٣٠. آڌار، پرجهلو،ٽيڪ، پناهہ جي جاءِ، ٣١. شريعت (اسلامي قانون) کي، تصوف جي پهرين منزل، ٣٢. سهي ڪر، پرک، معلوم ڪر.

هِنيُون حَقِيقَتَ هيرِ تُون، مَاکُ مَعرِفَتَ جَاڻُ،
هُوئِج ثابُوتيءَ سَاڻُ، تہ پُسڻَ کان پَالھُو رهين.

٥

كُوڙي كِج مَ كَڏهِين، ڦَكي پَانئِج ڦَانگَ،
سَاري سَنَاسِيَن جِيئَن، لائِقُ رکِج لانگَ،
تہ چَاريئي چُنِيءَ پَاندَ،اوسَا ڳِنهِي اُكَرِين.

٦

مَاءِ مُنهِنجو جِندڙو، كَنِي مَنجَهان نَاهِ،
صَبَاحَ وِچِ وِهَانءِ، كَاتِيَ هُوندو كَنِ سِين.

٧

مَارِي كُتي مُون، هِنَ وَهتَ سِين وَسَ كِئا،
تَاتِ سيكارِينس تُون، مُنهِنجيءَ سُواريءَ سَنئُون نہ كِئو.

٨

اَڏوكارو اَنَ سِين، كِي ٿورو گاهُہ ڏِينس،
آڏيءَ اِستِغفَارَ جو، كَرڙو خَاصُ هَٽِينس،

١. دل، من. ٢. حقيقت (تصوف جي ٽين منزل) سان. ٣. هيراءِ، عادي ڪر. ۴. منزل. ٥. معرفت (تصوف جي چوٿين منزل) جو. ٦. پروڙ، سڃاڻ. ٧. هَج، رَهہ، ٿيءُ. ٨. ثابت يعني صحيح سلامت رهڻ واري يا ڄٽادار عقيدي ءِ ايمان. ٩. پڄڻ يا آلي ٿيڻ کان (ڪپڙن جي). ١٠. آجو، سلامت. ١١. ڪوڙي يعني ڪوٽي يا جوٺي (ڳالهہ). ١٢. بي سوادي، بي سائي، بي لطف، الوٽي. ١٣. تون پانءِ، تون سمجهہ، تون ڄاڻ. ١۴. (ميوي وغيره جي) ڦاک يا ڦار، ماني يا طعام، ڀتاڪ، ڏاڙ، لاف زني، گهٽو ڳالهائڻ. ١٥. سنڀالي، خبرداري يا هوشياري ڪري. ١٦. تارڪ الدنيا فقيرن، جوڳين. ١٧. وانگر. ١٨. ٺيک. صحيح. سلامت. ١٩. ٻنهي ٽنگن جي ٻنهي سٿرن يعني رانن جي وچ وارو بدن جو حصو. گوڏ يا لانگوٽي (شرمگاهہ). ٢٠. چُنيءَ جا. پوتيءَ جا. عورت جي مٿي کي ڍڪڻ جي گنديءَ جا. ٢١. پلوَ. پلاند. ڪناريون. پاسا. ٢٢. سڪل. خشڪ. ٢٣. جهلي، ڪٽي. ٢۴. پار ٽيئن. لنگهي وڃين. ٢٥. اي ماءِ، اي امان، اي جيجل. ٢٦. جند. جان. سرير. دل. ٢٧. سپاٽي. ٢٨. ۾. ٢٩. شاديءَ، ماڻهن جي ميڙ. ٣٠. کهڙي هند. ٣١. سٽي. ڪٽي. لڪڻ هٽي. ٣٢. سواريءَ ۾ ڪتب ايندڙ جانور، گهوڙي (نفس). ٣٣.حيلا. ڪوششون. ٣۴. تابعداري. ٣٥. ان کي سيکار يا مڃاءِ. ٣٦. وهٽ تي چڙهڻ واري حالت. چڙهيءَ. ٣٧. سڌو. نيڪ. فرمان بردار. ٣٨. اڏو ڪارو = اڻ پوري. ٿوري. ٣٩. داڻي. (گهوڙي جي) ڪاڄ. ۴٠. آڏيءَ جي مهل. اڌ رات جي مهل. ۴١. توبهہ جي ڪلمي. ۴٢. ڪرڪرو. گهوڙي جي بت کي صاف ڪرڻ جي لوهي ڦٽي. ۴٣. سنو. چڱيءَ طرح. ۴۴. ان کي هڻ.

Gul Hayat Institute

تَوبَه[1] تَلُ،[2] تَاهَرَ[3] تَڙا[4]، حَقِيقَتَ[5] هَنُو، تَوَڪَلَ[6] تَنگُ[7] ڪڍِ ينسُ،[8]

اِنَ اللهَ مَعَ الصَّابِرِينَ*، اِيءَ واتُ[9] ڪَريَاڙِي[10] ڏِينسُ،[11]

لاحَولَ وَلاقُوةَ الا بِاللهِ●، اِيءُ چَابُڪُ[12] چِڪائِينسُ،[13]

مَحَبَتَ[14] جي مَيدانَ[15] ۾، تُوري[16] ٿَهلائِينسُ،[17]

اِنهِين حَالِ[18] هَلائِينسُ،[19] تَه سُوڌو[20] وَجي سيدُ چَئي.

## ٩

اَوگُڻِ[21] رُسي[22] سَيُڪو، گُڻين[23] پِرِين[24] رُنَامِ،[25]

لِيڪئِمِ[26] جي لِسَانَ[27] سين، سي ڪِرڪين[28] ڪِئَامِ،[29]

پَاڻُ[30] وِجَائِي[31] پَانهِنجَا، تُورا[32] ٽُڪَ[33] هَنيَامِ،[34]

بَندگي[35] اَفگَندگي شَرمندگي[36]، اهَا مِيڙ[37] مُڪيَامِ،[38]

پِرِين تَبِ[39] پَرچِئَامِ[40]، آئُون[41] جَبِ[42] اُنَ[43] گَئِي.

## ١٠

اَوگُڻِ رُسي سَيُڪو[44]، گُڻين پِرِين رُنَامِ،

بَهُون بَارُوتَڻِ[45] ۾، ڪي ڪَبِيرَ[46] ڪِئَامِ،

سِيئِي سَبِي سَرِئَامِ، سُڪَنئُون سُور گَهٽا.

---

١. توبهه جو، گناهن کان پڇتاءَ جو. ٢. جانورن جي وارن مان نهيل ٿلهو ڪڏيلو، جيڪو گهوڙي جي پٺيءَ تي وجهي مٿان هنو (ڪاٺ جو نهيل چوٺڪو) رکجي. ٣. ٿاهر جا، صبر جا. ۴. گهوڙي جي پٺيءَ تي تل جي مٿان ۽ هني جي هيٺان رکڻ لاءِ ڳوڻ يا ڪپڙن وغيره جون ليڙون وجهي ٺاهيل پيڙهو، پني. ۵. حقيقت (تصوف جي ٽين منزل) جو. ٦. توڪل جو، (خدا تي) ڀروسي جو. ٧. بار بردار يا سواريءَ واري وهٽ تي رکيل سنجن کي قابو ڀڌڻ لاءِ ڏاس يا چمڙي مان نهيل پٽو. ٨. تون ان کي ٻڌ *بيشڪ الله صبر ڪندڙن سان آهي (قرآن شريف جي سورت بقر جي ١۵٣ آيت). ٩. وات ۾. ١٠. لغام. ١١. ان کي ڏي. ●الله کان سواءِ ٻي ڪابه طاقت يا سگهه نه اهي. ١٢. لڪڻ، چهبڪ. ١٣. ان کي چڪاءِ يعني هڻ. ١۴. پيار. ١۵. آڪاڙي. ١٦. هلائي، ڪاهي، پنڌ ڪرائي. ١٧. ان کي ٿهلاءِ يعني ڪهماءِ ڦيراءِ. ١٨. حال ۾، حالت ۾. ١٩. ان کي هلاءِ يا پنڌ ڪراءِ. ٢٠. سنئون، نيڪ، سڌو، فرمانبردار ٿي. ٢١. اوگڻ جي سبب، گناهن يا خطائن جي سبب، بڇڙاين يا بدعادتن جي سبب. ٢٢. ناراض ٿئي، ڪاوڙجي. ٢٣. ڳڻن جي سبب، چڱين عادتن يا خصلتن جي سبب. ٢۴. محبوب. ٢۵. مون کان رٺا يا ڪاوڙيا. ٢٦. مون ليکيا يا شمار ڪئا. (پنهنجا چڱا ڪم). ٢٧. زبان. ٢٨. چڻ. ٢٩. مون ڪئا. ٣٠. خودي. ٣١. ڪڍي. ٣٢. چڱايون، ڀلايون، ثواب. ٣٣. ٽڪ ۾، وات مان نڪتل ڦڪ يا پاڻياٺي رطوبت ۾، ڪانگهاري ۾. ٣۴. مون هنيا يا اڇلايا (ٽڪ هنيام = مون خسيس سمجها). ٢۵. ٻانهپ، نياز، نئڙت، عجز، افندگي. ٣٦. شرمساري، ندامت، پشيماني. ٣٧. منٿ ڪرڻ لاءِ وفد. ٣٨. مون موڪلي. ٣٩. تڏهين. ۴٠. مون سين پرچئا يا راضي ٿئا. ۴١. خودي. ۴٢. جڏهين. ۴٣. اٿ گئي =هلي وئي. ۴۴. گهٽا. ۴۵. ٻاراٽيءَ عمر ۾، ننڍپڻ ۾. ۴٦. وڏا گناهه.

Gul Hayat Institute

## ١١

رُني[1] جا[2] رهاڻِ[3]، سا پَهني[4] نَه ٿيي،
ڪِنهِن ڪَرَ[5] وِجِهي ڪاڻِ[6]، پاٽان[7] نِينهُن[8] نِڪالئو[9].

## ١٢

رُني رَهي[10] نَه رِيتِ[11]، پَرچَڻ[12] پاهَتُ[13] ناهِ ڪو،
پَسو[14] مَنجِهه پِريتِ[15]، جيهائي[16] جوڙَ[17] وَهي[18].

## ١٣

سُتوئي[19] سيج گُهرين[20]، جَفا[21] ڏِين[22] نَه[23] جِيءَ[24]،
پَهني[25] ڏاران[26] پِيءَ[27]، مَتان[28] نُوڏين[29] نَه چَڙهين.

## ١٤

سُتوئي سيج گُهرين، جَفا ڏِين نَه جانِ،
صُلحَ[30] رِءَ[31] سيٽانِ[32]، مَتان نُوڏين نَه چَڙهين.

## ١٥

صُلحُ جَن سَجَڻَ[33] سين، سيج ماڻيندا[34] سي،
اَلَذِينَ آمَنُوا وكانُوا يَتَّقُونَ*، اِنَ پَرِ[35] اُيا[36] جي،

١. رني ۾، رسڻ ۾، ٢. جيڪا، ٣. محبت، قرب، ۴. پهني ۾، پهنڻ ۾، پرچڻ ۾، راضي هجڻ ۾، ۵. دشمن، رقيب، ٦. تفاوت، ويڇو، فرق، نفاق، ٧. اٿلندو، ويتر، ٨. محبت، قرب، ٩. چمڪايو، وڌايو، نکاريو، ١٠. بچي، ١١. مرجان، لڄ، شرم، عزت، مان، ١٢. راضي ٿيڻ، ١٣. مصلحت، سياٽپ، چڱائي، ١۴. ڏسو، ١۵. پيار، محبت، ١٦. اهڙيائي، اهڙي يا ان قسم جي، ١٧. سٽ، سٽا، (ڪائنات جي) ترتيب ۽ جوڙجڪ، ١٨. هلي، جاري رهي، ١٩. سمهڻ واريءَ حالت ۾، سُک يا آرام واريءَ حالت ۾، ٢٠. شاديءَ جي وقت گهوٽ ۽ ڪنوار لاءِ سينگاريل کٽ ۽ بسترو (ڪاميابي، ڪامراني)، ٢١. طلبين، چاهين، ٢٢. تڪليف، ٢٣. تون ڏين، ٢۴. جيءَ کي، جان کي، بدن کي، ٢۵. پرچڻ، راضي ٿيڻ، ٢٦. کان سواءِ، ٢٧. پيءَ جي، محبوب جي، ٢٨. مڃڻ، شايد، ٢٩. نوڏي تي، سيج تي، ٣٠. ٺاهہ، پرچاءُ، راضي پي، ٣١. کان سواءِ، ٣٢. انهن (محبوبن) سان، ٣٣. محبوب، ٣۴. حاصل ڪندا، استعمال ۾ آڻيندا *جن ايمان آندو ۽ پرهيزگار يا متقي (خدا کان ڊڄندڙ) آهن (قرآن شريف جي سورت يونس جي ٦٣ آيت)، ٣۵. اان پر= هڙي ريت، ٣٦. بيٺا، قائم رهڻا.

Gul Hayat Institute

نبئي[1] نُوڏي[2] تي، ڏکي[3] چِتي چَاڙهئَا.

## ١٦

سُمَهڻُ[4] تَنِ[5] ثَوابُ، جي[6] تِئَا حَلُ[7] حَبِيبَ[8] سِين،
نيڻَ[9] هيرائي نِندَ[10] سِين، خُوشِ[11] کئَائُون خَوابُ[12]،
اوسِيڙو[13] عَذابُ[14]، دِلئَان[15] تَنِي[16] دُورِ[17] تِئو.

## ١٧

سُتي[18] جَا سَاجَاءِ[19]، سَا[20] جاڳندي[21] نَہ تِبِي،
تِنهَان[22] پوءِ مُون[23] مَاءِ[24]، نيڻَ هيرايَا نِندَ سِين.

## ١٨

مَنُ[25] مَٽڪو[26] تَنُ[27] تَسبِيحَ[28]، دِلِ[29] دَنبُورو[30] جَنِ،
تَندُون[31] جي طَلَبَ[32] جُون، وَحدَتَ[33] سَائُ وَجَنِ،
وَحدَہُ لا شَرِيڪَ لَہُ*، اهو رَاڳُ[34] رڳُنِ[35]،
سي سُتَائِي[36] سُونهَنِ[37]، نِندَ عِبَادَتَ[38] اُنِ جِي.

Gul Hayat Institute

## ١٩

گولو[39] تُوءِ غُلامُ[40]، جي[41] فَارسي[42] سکئو،

---

١. ونئي، کٿي. ٢. سيج. شاديءَ جي وقت گهوٽ ۽ ڪنوار لاءِ سينگاريل کٽ ۽ بستري. ٣. چِٽي، سينگاري. ۴. ننڊ ڪرڻ. ۵. تن کي. ٦. نيڪ ڪم. چڱو ڪم. ٧. ملي هڪ ٿيا. ٨. محبوب. ٩. اکيون. ١٠. عادي ڪري. ١١. سٺو، چڱيءَ طرح. ١٢. ننڊ. ١٣. انتظار. ١۴. درد، سور. ڏکُ. ١۵. دل کان. من کان يا تان. ١٦. تني جي. ١٧. پري. ١٨. سمهڻ واريءَ حالت ۾. ننڊ ۾. ١٩. جيڪا. ٢٠. واقفيت. سڄاڻپ. معرفت. خدا شناسي. سمجهہ. عقل. ٢١. سجاڳُ يا بيدار رهندي. ٢٢. تنهن کان. ٢٣. بعد. ٢۴. اي ماءُ. اي امان. اي جيجل. ٢۵. دل. هنيون. ٢٦. مٽيون يا دانو (تسبيح جو). ٢٧. بدن. سرير. ٢٨. مالها. ٢٩. هڪ قسم جو ساز. تنبورو. ٣٠. جن جي. ٣١. (محبت جون) تارون. ٣٢. ڳولا يا تلاش (محبوب جي). ٣٣. هيڪڙائيءَ جي ٻوليءَ يا آواز *هو (خدا) هڪڙو آهي. سندس (ان جو) ڪوبہ شريڪ يا برابر ڪونهي. ٣۴. سرود. نغمو. گانو. ذڪر. ٣۵. رڳن جو. (بدن جي) نسن يا تنتن جو. ٣٦. ستل ئي. ننڊ ڪنديئي. ٣٧. وڻن. پسند پون. ٣٨. بندگي. پوڄا. ٣٩. ٻانهون. نوڪر. غلام. ۴٠. تہ بہ. تنهن هوندي بہ. ۴١. جيڪڏهين. ۴٢. پارسي ٻولي. حاڪمن جي ٻولي (فارسي سکئو = اعليٰ يا مٿاهين مرتبي کي رسئو. وڏي مان ۽ عزت وارو ٿئو).

بَڍو[١] جو[٢] بِن ڳالهِيين[٣]، سو ڪِيئَن[٤] چَائِي[٥] جَامُ[٦]،
اُجِئو[٧] تہ آبُ[٨] گهُرِي[٩]، بُکِئو[١٠] تَانْ[١١] طَعَامُ[١٢]،
اِيءُ عَامِيَنِ[١٣] سَنڌو[١٤] عَامُ، خَاصَنِ[١٥] مَنجَهان نَہ ٿِئو.

٢٠

ڳُنڊِيءَ[١٦] نِيِنهُن[١٧] نَہ سَپَجي[١٨]، تُهِہ[١٩] نَہ پَچي[٢٠] مَاهُہ[٢١]،
اِنَ ڪَچِيءَ[٢٢] پَرِ[٢٣] ڪِئَان، تِئي[٢٤] سَمَا جُوڳُ[٢٥] سِين سَڄڻين[٢٦].

٢١

ڳُنڊِيءَ نِيِنهُن نَہ سَپَجي، تُهِہ نَہ پَچي مَاهُہ،
بُڻُ[٢٧] جِنهِن جِيءَ ذَاتِ[٢٨] جو، اُتي آهِہ اللهُ،
اُنَ[٢٩] ڪي اُوءَ[٣٠] جُڳَاءِ[٣١]، آن[٣٢] ڪي اِيئَن نَہ چَئِڻُو[٣٣].

٢٢

آڏو[٣٤] جو اِثبَاتَ[٣٥] ڪي، سو شِرڪُ[٣٦] لاهي شَڪُ،
هُئي[٣٧] جِنهِن ۾ حَقُ[٣٨]، تِنهِن نَفِيءَ[٣٩] جهَڙو نَاهِہ ڪِي.

٢٣

وَڏِي[٤٠] تَان[٤١] اِنَ واٽَ[٤٢] ۾، ٻِيلَپَ[٤٣] ٻِئَائِي[٤٤]،

---

١. ٻڌل، جڪڙيل، قاتل، ٢. جيڪو، ٣. ڳالهين ۾، شرطن ۾، ۴. ڪهڙيءَ طرح، ۵. چوائي، ڪوٺائي (پاڻ کي)، ٦. سردار (سنڌ جي سمن حاڪمن جو لقب)، ٧. پياسو، ٨. پاڻي، ٩. طلبي، ١٠. بکايل، خالي پيٽ سان، ١١. تہ، ١٢. کاڌو، ١٣. عام يعني رواجي ماڻهن، اڻ ڄاڻن، جاهلن، ١۴. جهڙو، ١۵. امير ماڻهن، ١٦. ڳنڊيءَ ۾، (ان رکڻ لاءِ) مٽيءَ مان ٺهيل ڳنڊلي يا پيپ ۾، ١٧. عشق، ١٨. پيدائي، پلجي، پروان چڙهي، ١٩. ٿهن ۾، آن جي داڻن جي مٿان لٿل ڇلڪن ياکلن ۾، ٢٠. سيڪجي، پڄي، ٢١. گوشت، ماسُ، ٢٢. اڻ سُهائيندڙ، غلط، بي جاءِ، ٢٣. طرح، ريت، نموني ٢۴. ڪيئن، ٢۵. ميلاپُ، ٢٦. سڄڻن، محبوبن، ٢٧. بنياد، نسل، ٢٨. خمير، خلقت، وجود، ٢٩. ذاتي تعاليٰ ڏانهن اشارو، ٣٠. اُنءَ، ايئن، ان طرح، ٣١. جڳائي، سونهين، مناسب ٿئي، ٣٢. اوهان (انسانن)، ٣٣. چوڻو، ٣۴. آڏ، رنڊڪ (شَڪَ)، ٣۵. الله تعاليٰ جي هستيءَ جي اقرارَ، ٣٦. ڪنهن ٻئي کي الله تعاليٰ سان شريڪ يعني برابر سمجهڻ واري حالت، ٣٧. هُجي، ٿئي، آهي، ٣٨. سچ، سچائي، ٣٩. الله تعاليٰ جي هستيءَ جو انڪار، ۴٠. مها، اتم، اعليٰ، گهڻي سڀ کان مٿي، ۴١. تہ، ۴٢. (خدا جي) راهہ، رستي، ۴٣. (ٻن ڄڻن جي) رفاقت، شراڪت، ۴۴. دوئي، شرڪ.

آهي اُونداهِيءَ جو، شَرڪُ سَهائِي،
چِتِي چِتائِي، اَلِفَ جي عَينڪَ ۾.

## ۲۴

زاهِدَ عابِدَ اوربان، عارِفَ عينُ مَڱن،
هُو رَوادار رِڪَتِ جا، هِي هَتان هَتِ گهُرَن،
سَاعَتَ سَالَ چَوَن، پَسَڻَ ذاران پِرينءَ جي.

## ۲۵

پَسَڻَ ذاران پِرينءَ جي، تَفرَقو طُورُ،
جي نَظَر ۾ نُورُ، تَه مِهتَ مَزهي سَڀ هِڪِڙي.

## ۲٦

هَرَ هَرَ هوءِ پِئو، رَنگُ فَاقيري رُوحَ جو،
ڪِنهِن جِنهِن پاهِه پِئو، جِيئَن رچي رَنگِ سَپِڪَنهِن.

## ۲۷

پِٿُون پَروڙي جَنِ، جَرا هَٿِي جِڪوريَا،
تُون ڪيئَن اَڳَئان تَنِ، پُورا پاسَنگَ پائِين.

---

۱. تاريڪيءَ يا ظلمت (ڪفر يعني خداءِ اسلام جي پيغمبر حضرت محمد ﷺ جن کي نـ مڃڻ جي حالت). ۲. ڪنهن ٻئي کي خدا جو شريڪ يا برابر سمجهڻ. ۳. روشني، سوجهرو، چٽائي. ۴. صاف، پڌري، ظاهر. ۵. الف ب جو پهريون اکر جنهن مان مراد الله آهي. ٦. (اکين جي) چشمي. ۷. پرهيزگار، متقي، تارڪ الدنيا، لوڪ تياڳي. ۸. عبادت يا بندگي ڪندڙ. ۹. اوري، ويجها (منزل مقصود کان اوري رهجي ويل يا عبادت جي ڦل حاصل ڪرڻ ۾ تڪڙ يا جلد بازي نـ ڪندڙ). ۱۰. خدا جي معرفت وارا، گياني. ۱۱. بروقت، روڪڙو، نقد. ۱۲. گهرن، طلبين. ۱۳. زاهدن ۽ عابدن ڏانهن اشارو. ۱۴. رضامند. ۱۵. اوڌر. ۱٦. عارفن ڏانهن اشارو. ۱۷. هتان هٿ = اتي جو اتي، بروقت، روڪڙو. ۱۸. ساعت کي، ٿوري وقت کي، گهڙيءَ پلڪ کي. ۱۹. ورهيـ، تمام گهڻو وقت. ۲۰. سمجهن. ۲۱. ڏسڻ. ۲۲. کان سواءِ. ۲۳. محبوب. ۲۴. انتشار، ڌقير، جدائي. ۲۵. جبل، جبل جيڏو وڏو. ۲٦. جيڪڏهين. ۲۷. نگاهـ، اکين. ۲۸. روشني، سوجهرو. ۲۹. مسجد. ۳۰. هندن جو ٺڪاڻو. ۳۱. هر هر = ٿوري ٿوري وقت کان پوءِ. ۳۲. ٿئي ٿو. ۳۳. جدا جدا. ۳۴. نمونو، ڍنگ. ۳۵. فقيرن جي، درويشن جي. ۳٦. دل، من، جيءُ، ساهـ. ۳۷. اهڙي. ۳۸. پاهـ ۾ (پاهـ هڪ قسم جو مصالحو آهي جنهن ۾ رڱجڻ واري ڪپڙي کي رڱڻ کان اڳ رنگريز ٻوڙيندا آهن). ۳۹. رنگجي. ۴۰. هر رنگ ۾. ۴۱. موتي. ۴۲. سچائي، پرکي. ۴۳. لسا ڪٺا، چمڪايا، برابر ڪٺا. ۴۴. ننڍڙا پٿرن يا پترن جا ذرا جي ساهميءَ جي پڙن ۾ ڪاٺ ڪڍڻ لاءِ وجهبا آهن.

Gul Hayat Institute

## ٢٨

اَللهُ سُجَاڻُ[1] سُتِرو[2]، جي[3] هِنيُون[4] چَڏيئِي[5] هورُ[6]،

تہ ڪِرِپَا[7] تِيئِي[8] ڪَکَنِ[9] ۾، ڪونہ ڪونيئِي[10] چورُ.

## ٢٩

جَندُ[11] وَهي جِيئَن ڪَري، مَتي[12] ڪِيسُ[13] ڪَٽَنِ[14]،

داڻا جي دوارَ[15] ۾، پِيسِئو[16] سي پَونِ،

ڳَاري[17] ڪِينَ ڳَرِنَ[18]، جي قَائِمُ[19] داڻا ڪِيرَ[20] سِين.

## ٣٠

جَندُ وَهي جِيئَن ڪَري، مَتي پِيسِهَ[21] پَئِي[22]،

ڪَٽَا جي ڪُمرِ[23] ۾، سي وَجَن ڪِينَ وَهِي[24]،

اُو ثَابِتُ[25] هُونِ[26] صَحِي، جي قَائِمُ داڻا ڪِيرَ سِين.

## ٣١

واڳِيئَا[27] جي وَجَهہ[28] سين، رَبُ[29] نہ سُجَاڻِن،

مِيڙِبَان[30] مِيڙِبَان ڪَنِ[31]، اِيءَ مِيڙَ[32] مُهَندِيَن[33] ڪَڏهِين.

١. پروڙڻ، ڄاڻڻ، آسان، سولو، سهل. ٢. جيڪڏهين. ٣. دل، من. ٤. (تنهنجو هنيون)، ڇڏي. ٥. وسوسو، وهم، شڪ. ٦. مهرباني، ٻلائي، نوازش. ٧. توکي ٿئي. ٨. (ڪکن جي نهيل) جهوپڙيءَ، گهرَ. ٩. توکي ڪوني، توکي چئي. ١٠. ڇَڪي (اٽي پيهڻ جي). ١١. تي. ١٢. ظلم، قهر. ١٣. آن جي داڻن. ١٤. جنڊ جي ٻنهي پُڙن جي وچ. ١٥. اٽو ٿئو، سنهاءِ باريڪ ذرا ٿئو. ١٦. پائمال ٿئو. ١٧. ڳاري ۾، جند جي مٿين پڙ جي وچ واري خال ۾ (جنهن ۾ ان وجهبو آهي). ١٨. پيسجن، اٽو ٿين، پائمال ٿين. ١٩. هڪ هنڌ بيٺل، نہ چرندڙ. ٢٠. جنڊ جي هيٺين پڙ جي وچم ڪتل لوهہ جي ڪلي (جنهن جي چوڌاري مٿيون پُڙ ڦرندو آهي). ٢١. ان جي پيسجڻ واري حالت. ٢٢. سختي، ڪوسَ، ظلم. ٢٣. ڳاري، (جنڊ ۾) ان وجهڻ واري جاءِ. ٢٤. نڪري، ڪسڪي. ٢٥. سلامت، صحي، سالم. ٢٦. ٿين، رهن، بچن. ٢٧. واڳيل، ڳنڍيل، ٻڌل، واسطو يا تعلق رکندڙ. ٢٨. موقعي، ٽڻ، حيلي، اٽڪل، فريب. ٢٩. پالڻهار، خدا. ٣٠. گڏ ڪريان، جمع ڪريان. ٣١. چون. ٣٢. ميڙڻ يا جمع ڪرڻ واري حالت. ٣٣. انهن کي مُهندي، انهن کي مصيبت ۾ وجهندي.

## وائي ١

ڪِلي[١] اُنهِين ۾ آهي، هُوءِ جي جُهونا[٢] پَسجَن[٣] جُهوپِڙا[۴]،
ذارِيَان[۵] ڀَانئِين[٦] ذارِيُون، پَاڻَ[٧] پِرِينءَ[٨] سين ڪائي[٩]،
اِنَ دَرِ[١٠] سيئِي اَگهَئا[١١]، جَنِ ڪي ڪونَہ چِتَائي[١٢]،
پَنهِنجُون[١٣] چِڏي پُٺِ ۾[١۴]، رِڙهُہ[١۵] اُنهيءَ جي راهي[١٦]،
خِذمَتَ[١٧] ڪَرِ خُلقَ[١٨] سين، پَاندُ[١٩] ڳِچِيءَ[٢٠] ۾ پَائي[٢١]،
اِنَ اَولِيَائِي تَحتَ قَبَائِي *، پَنهِنجا پَاڻَ پَراهي،
لايَعرِفُهُم غَيرِي●، پَرَ[٢٢] ڪي ڪِين پَسائي.

## وائي ٢

پَانڌِي[٢٣] سو مِڙئُومِ[٢۴]، هَادِيءَ[٢۵] هَٿُ ڏِنُومِ[٢٦]، سَائِين[٢٧]،
سو سَچُومِ[٢٨] مِيُون[٢٩] سو مَنُومِ[٣٠]، جَنهِن ڪي گهَڻو[٣١] سَارِيَان،
اَگَڻِ[٣٢] آيا سُپِرِين[٣٣]، ڪُوڙِين[٣۴] ڪَاجُ[٣۵] ٿِئُومِ[٣٦]،
قَائِمُ[٣٧] جو قُلُوبَ[٣٨] ۾، پَسَڻُ سو پِئُومِ[٣٩]،
جَنهِين[۴٠] گهوري آهِيَان[۴١]، سو لائِقُ[۴٢] پِرِين لَذُومِ[۴٣]،
جَنهِين جهڙو نَاهِ ڪو، ڏِسَڻُ[۴۴] سو ڏِنُومِ،

---

١. ڪجهہ (امانت، مٿيا). ٢. پراڻا، ڪهنا. ٣. ڏسجن. ۴. ڪکن ڪانن جا نهيل آستانا. ۵. غير، اُنٿو، اوپرا، اجنبي. ٦. سمجهن. ٧. خود. ٨. محبوب. ٩. طعام يعني کاڌو تناول ڪري. ١٠. در تي. ١١. قبول پيا، پسند پيا. ١٢. اهميت جي نظر سان ڏسي. ١٣. پنهنجون مرضيون يا خواهشون. ١۴. پُٺ ۾ = پوئتي، پري، دور. ١۵. پنڌ ڪر. ١٦. راهہ سان، واٽ سان (مرضيءَ سان). ١٧. ٻانهپ، شيوا، چاڪري، نوڪري. ١٨. اخلاق، سلڇڻائيءَ. ١٩. پلاند يا پلوُ (گنديءَ جو يا ڪپڙي جو)، ڪپڙو، (مٿي تي ڍڪڻ جي) پوتي يا گندي. ٢٠. گلي، ڪنڌ، سسيءَ. ٢١. وجهي (پاند ڳچيءَ ۾ پائي = نئڙت يا عاجزيءَ سان) * بيشڪ منهنجا اولياءَ (دوست) منهنجي چولي هيٺ آهن يعني منهنجيءَ حفاظت ۾ آهن (حديث قدسي) ● مون کان سواءِ ٻيو انهن (اوليائن) کي ڪونہ ٿو سڃاڻي (حديث قدسي). ٢٢. ذارئين، اُٿوءَ ماڻهوءَ. ٢٣. قاصد، پيغام آڻيندڙ. ٢۴. مونکي مڙئو، مونکي مليو. ٢۵. رهبر، هدايت ڪندڙ. ٢٦. هٿ ڏنوم = مونکي هٿ ڏنو، منهنجي مدد ڪئي. ٢٧. مالڪ، ڌڻي. ٢٨. منهنجو سچو يا اصيل، منهنجو پاڪ يا پوتر. ٢٩. سردار. ٣٠. منهنجو مڃو يا پيارو. ٣١. ياد ڪريان. ٣٢. اڱڻ ۾، گهر جي صحن ۾، گهر ۾. ٣٣. پرين، محبوب. ٣۴. بي حد گهڻو. ٣۵. ڪم، مطلب، مراد. ٣٦. منهنجو ٿئو. ٣٧. هميشہ رهندڙ. ٣٨. (قلب جو جمع پر معنيٰ ۾ واحد) دل، من. ٣٩. مونکي پيو يا ٿيو. ۴٠. جنهن جي. ۴١. ڳولائو. ۴٢. لائق پريو، ڳڻن وارو، مهرباني ڪندڙ. ۴٣. مون لڌو، مونکي مليو. ۴۴. ديدار، مشاهدو.

جَذا[١] جِيَاري[٢] ڪونہ وِسَاري[٣]، صَاحِبُ[٤] سو سَندومِ[٥]،
سَگهَا[٦] ۽ صِحتِئَا[٧]، ڪَرِيمُ[٨] پِيرُ[٩] ڪَندومِ[١٠]،
لَقَا[١١] جو لطِيف[١٢] جو، شِفَا[١٣] سو ٿئومِ[١٤].

## وائي ٣

سَمِيعُ بَصِيرُ[١٥] عَلِيمُ[١٦]، حَيُ[١٧] هَميشہ[١٨]، سو شَيءُ سَائِرُ[١٩] سَدائين[٢٠]،
هيڏي هوڏي هَٿَڙا، ڇَاڪَي[٢١] ڇو پائين[٢٢]،
وَ فِي اَنفُسِڪُم اَفَلا تُبصِرُونَ*، ڏِسَڙو[٢٣] ڏِنائين،
جَان[٢٤] ڪو جِيئين[٢٥] ڏِينهَڙو، تَان[٢٦] ڏوري[٢٧] لَهہُ[٢٨] مَنجَهائين[٢٩].

---

١. بيمار، اڳها. ٢. سلامت يا زندهہ رکي. ٣. دل تان لاهي، ڀُلائي. ۴. مالڪ، ڌڻي. ۵. منهنجو. ٦. چڱا ڀلا، تندرست، صحتمند. ٧. صحتياب، تندرست. ٨. ڪرم ڪندڙ، مهرباني يا ٻاجهہ ڪندڙ. ٩. مرشد. ١٠. مونکي ڪندو. ١١.ديدار، زيارت. ١٢. لطف يا مهرباني ڪندڙ، خدا. ١٣. دوا، علاج، ڇوٽڪارو ڏيندڙ. ١۴. منهنجو ٿئو. ١۵. ٻڌندڙ. ١٦. ڏسندڙ. ١٧. ڄاڻندڙ. ١٨. حيات، زندهہ. ١٩. شيءُ سائر = ٻيو بہ سڀڪجهہ. ٢٠. هميشہ. دائمي. ٢١. ڪهڙي سبب، ڇو. ٢٢. وجهين * ۽ خود اوهان ۾ بہ (خدا جي قدرت جون نشانيون) موجود آهن ۽ ڀوءِ ڇا توهان نٿا ڏسو؟ (قرآن شريف جي سورت ذاريات جي ٢١ آيت). ٢٣. پتو، ڏسَ. ٢۴. جيستائين. ٢۵. زندهہ يا حيات رهين. ٢٦. تيستائين. ٢٧. ڳولي. ٢٨. هٿ ڪر. ٢٩. اندر مان، دل مان.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

# سُرُ گھَاتو

## داستان پھريون

۱

گھَنگھَرئا[1] گھَڻَ جاڻ[2]، مُوڙھِي[3] مَتِ[4] مَھائِيِن[5]،
وِئا گڏجِي[6] ويرِ[7] ۾، پِئا مُنھِن[8] مَھراڻَ[9]،
اَڳِئان پويان ٿاڻَ[10]، وِئا وِچارِين[11] وِسري[12].

۲

ماکَ[13] پِچاين[14] مولھِيا[15]، مَٿان[16] راتِ پَئي،
اُجھڻَ[17] لَڳِيُون اولِيُون[18]، وِئَنِ وَنجَھ[19] وَھِي،
کَلاچِيَان[20] کَھِي[21]، کَڏِھين کونَہ آئِيو.

۳

کو جو ڦَھرُ[22] کُنَ ۾، جو[23] گُھڙي[24] سو[25] نِي[26]،
خَبَرَ[27] کونَہ[28] ڏي، تَہ رَڃَ[29] کُجاڙي[30] رَندِئا[31].

۴

جي هُئا سونين[32] سَنگھَرين[33]، سي هَٿَ نَہ پَسان هاڻ،

---

١. گھنگھر ۾ پئا، پريشانيءَ ۾ پئا، منجھي پئا، مونجھاري ۾ پئجي وئا. ٢. گھڻ جاڻ = گھڻيءَ جاڻ وارا، هوشيار، داناءُ، عقلمند. ٣. منجھي وئي، خطا ٿي وئي. ۴. هوش، عقل، ٻڌ. ۵. مهاڻن جي، ڏاهن جي، ويرن جي، بهادرن جي. ٦. شامل ٿي، غرق ٿي، ٻڏي. ٧. سج يا چنڊ جي ڪشش سبب سمنڊ جي پاڻيءَ جي چاڙهه، سمنڊ جي وڏيءَ لهر، سمنڊ جي پاڻيءَ. ٨. منهن ۾، پيٽ ۾. ٩. مهراڻ جي، ساگر جي، سمنڊ جي. ١٠. حيلا، اٽڪلون، مهلون، وقت. ١١. ويچارن ڪي، عاجزن ڪي، ٻي واهن ڪي. ١٢. دل تان لهي، ڀُلجي. ١٣. شبنم، اوس. ١۴. انهن جا ڀڇايا، انهن جا ڀَسايا. ١۵. پٽڪا، پڳون. ١٦. اٿلندو، ويتر، وڌيڪ. ١٧. اوري ٻري، ٽيڻ، لڙهڻ. ١٨. ٻيڙين کي هلائڻ لاءِ ڪاٺ جا لڙها، ونجهه. ١٩. پاڻيءَ جي وهڪري ۾ گهلجي يا لڙهي وئا. ٢٠. ڪلاچيءَ کان (ڪلاچي، ڪراچيءَ کان اٽڪل سوا سَوُ ميل پري لس ٻيلي جي حد ۾ عربي سمنڊ ۾ هڪ ڪُن آهي يعني اونهو کوهه آهي جتي سمنڊ جو پاڻي چڪر پيو ڏيندو آهي). ٢١. واپس موٽي، پنڌ ڪري. ٢٢. ظلم، انڌير، مصيبت. ٢٣. جيڪو ماڻهو. ٢۴. (ان ۾) داخل ٿئي. ٢۵. تنهنکي. ٢٦. غرق ڪريو يعني ٻوڙيو ڇڏي. ٢٧. سُڌ، ڪل. ٢٨. ڪير ٻه. ٢٩. مڇيءَ ڦاسائڻ جا ڄار. ٣٠. ڪنهن، ڇا جي لاءِ، ڪهڙي سبب جي ڪري. ٣١. روڪيا. ٣٢. سون (زردي رنگ جي قيمتي ڌاتوءَ) جي. ٣٣. سنگهرن سان، زنجيرن سان. (سنگهر يعني زنجير زيور جو هڪ قسم آهي).

اُونهي[1] ۾ عبدالطيف چئي، وئا پڪي[2] ڪنهن پرياڻ[3]،
سائُو[4] سنجڻ[5] ساڻ، ڪُن[6] ڪُجاڙي[7] جهلئا[8].

**٥**

ترِبُون[9] پسان[10] نہ تار[11] ۾، جُهگا[12] جاءِ نہ ڪن[13]،
مادرِ[14] ملاحن[15]، ماڳِ[16] نہ ديويا[17] مڪُرا[18].

**٦**

ڏهاڙي[19] ڏُنمِ[20] ڪيترا[21]، مارِئو[22] جني موڪَ[23]،
گهر ۾ گهاتُوئڙن[24] جا، تا مارِبنمِ[25] توڪَ[26]،
لَڏي[27] وِچان[28] لوڪَ[29]، اُونهي وئا[30] اوهري[31].

**٧**

ڪالهہ ڪلاچيءَ[32] وئا، گهاتو ڪري گهور[33]،
مادرِ ملاحن جا، وبني سُهان[34] سُور[35]،
مون کي ڪري ملور[36]، اونهي وئا اوهري.

**٨**

ڪالهہ ڪلاچيءَ وئا، چِتيُون[37] ڪٽي چِڳير[38]،

١. اونهي يعني عميق پاڻيءَ ۾، سمنڊ ۾، مهراڻ ۾. ٢. پختي، مضبوط، ڏاڍي. ٣. پرياڻ سان، ارادي سان، عزم سان. ٤. بهادر، پهلوان، دلير. ٥. اوزارن، هٿيارن (مڇيءَ ڦاسائڻ جي رڇن يعني ڄارن). ٦. سمنڊ ۾ پاڻيءَ جي اونهي هنڌ يا کوهہ (جتي پاڻي چڪر کائي)، گرداب، ڀنوري ٧. ڪڄاڙي لاءِ، ڇا جي لاءِ، ڪهڙي سبب ڪري. ٨. روڪيا، رنڊئا. ٩. ترها، ڪکن، ڪاٺين ۽ ڪانن جا نوڙين ۾ رسين سان ٿر ٻڌي ٺاهيل منجا جيڪي پاڻيءَ ۾ ترڻ لاءِ ٻيڙيءَ جو ڪم ڏين. ننڍڙيون ٻيڙيون، مڇُئا. ١٠. ڏسان. ١١. اونهي پاڻيءَ يعني سمنڊ ۾. ١٢. هڪ قسم جا رڇ يعني مڇيءَ ڦاسائڻ لاءِ ڄار جيڪي پيشگير (عورتن جي ٻڙي) جيڏا ٿيندا آهن جن کي مهاڻا ٺونٺين تي رکي پاڻيءَ ۾ اڇلائيندا آهن. ١٣. جاءِ نہ ڪن = (رڇن جي سُڪڻ واريءَ) جاءِ تي يا هنڌ تي موجود نہ آهن. ١۴. اي مادر، اي امان، اي امڙ. ١٥. مهاڻن، ٻيڙياتن، ٻيڙين وارن. ١٦. ماڳ ڏانهن، ٻيڙين ٻهارڻ جي جاءِ ڏانهن. ١٧. واپس ڪٿا، موٽايا. ١٨. ٻيڙا، ٻيڙيون. ١٩. روزانو، هر روز. ٢٠. مون کي ڏنائون. ٢١. جهجا يا گهڻا (ڏنيرا هڪ قسم جون مڇيون). ٢٢. (مڇين جو) شڪار ڪئو. ٢٣. گهڻي انداز ۾، آل جال. ٢۴. مڇي مارينڌڙن، مهاڻن. ٢٥. مونکي مارين، مونکي تباهہ يا چٽ ڪن. ٢٦. شيون، سامان. ٢٧. هجرت ڪري، نقل مڪاني ڪري، وفات ڪري. ٢٨. منجهان، مان. ٢٩. دنيا، ماڻهن. ٣٠. اونهي (پاڻيءَ) ڏانهن. ٣١. اُسهي، ٻيڙيون ڪاهي. ٣٢. ڪلاچيءَ جي ڪن ڏانهن. ٣٣. اونو، خيال. ٣۴. برداشت ڪريان. ٣٥. عذاب (وڇوڙي جا). ٣٦. اداسي، ملول، غمگين. ٣٧. مڇيءَ مارڻ جا سُونٽا (شيخون). ٣٨. ڪلنگيدار، سردار (مورڙي جا پائر).

Gul Hayat Institute

پَائُنِ پِيرو نَہ ڪِئو، اَدَنِ ڪِي اَوِيرَ،
اِهَڙِي خَاصِي ڪيرَ، ڪُنَ وَرائي جَهلِي.

٩

اُپِي اوسَڙان اُسَ ۾، جَهلِئو ڪُنَ ڪِنارَ،
گَهاتُو گَهرِ نَہ آيا، وَڏِي لَڳيَنِ وارَ،
هُيَسِ جَنِي هَارَ، سي مَوزِي چُرِئا مَڪُرا.

١٠

ڪِلِي جَان ڪِيڪارِيان، تَان سَاتِي سَنگُ نَہ ڪَنِ،
وارِئو وَهِتَ وَجَنِ، ڪَنِ سَياگَنِ سَامُهان.

١١

جِنِي گَهورِئو گَهاتُوئين، تِنِي واريءَ بُٺَ،
سَرُ سُڪو سُونگي ڳيا، سَهسِين سَاتِي مُٺَ،
سي پِڙَ پَسِئو پَٽَ، مَاتُهو وَجَنِ موتِئَا.

١٢

Gul Hayat Institute

نَڪَا بُوءِ بَازارَ ۾، نَڪَا چِلُرَ چِتَ،

---

١. پائرن، ادن. ٢. ڦيرو، گهمرو، موٽ. ٣. دير. ۴. سٺي، موچاري. ۵. جماعت، ٽولي. ٦. بيٺي، پيئي. ٧. (اس يعني ڏپ ۾) پٽڪان، رلان، اسڙڪان، انتظار ڪريان (گنج ۾ "اوسڙي" لکيل آهي). ٨. ڪُنَ جي، سمنڊ جي. ٩. ڪنڌي، ڪنارو. ١٠. مڇي مارينڌڙ، مهاڻا، ملاح. ١١. انهن کي لڳي. ١٢. اوير، دير. ١٣. آئون هئي. ١۴. آهارَ، آسري، ڀروسي. ١۵. ڦيرائي، ورائي، موٽائي. ١٦. هلئا، وئا. ١٧. ٻيڙا، ٻيڙيون. ١٨. خوش ٿي، مُرڪي. ١٩. جيڪڏهين. ٢٠. آڌر ڀاءُ يا مرحبا ڪريان، "ڀلي ڪري آيا" چوان. ٢١. تنهن هوندي بہ. ٢٢. مڇي وڪڻندڙ، مهاڻا. ٢٣. واسطو، لاڳاپو، دوستي. ٢۴. موٽايو، ڦيرايو. ٢۵. بار ڪڻندڙ جانور (گهوڙا يا گڏهہ جن تي ساٽي مڇين جو واپار ڪندا هئا. ٢٦. ڀاڳ وارن، سدورن يا نصيب وارن (جن کان ساٽي مڇيون وٺن اهي سياڳا آهن). ٢٧. (سمنڊ ۾ مڇيءَ جي) ڳولا ڪئي. ٢٨. دڙا، ڍڳ. ٢٩. ٽلاءُ، درياهہ، سمنڊ. ٣٠. محصول ونندڙ. ٣١. وئا. ٣٢. سون جي تعداد ۾. ٣٣. مُنا، تڪليف زدهہ ٿئا. غمگين ٿئا. ٣۴. پٽ، ميدان، هنڌ. ٣۵. بانس يا ڇٽ (مڇين جي). ٣٦. (مڇيءَ جي) واپار جي مرڪز، ڍنڍ يا سمنڊ جي ڪناري تي مڇي مارينڌڙن جي بستي، مياڻ. ٣٧. چلر جي، مڇيءَ جي بدن تي چلڪي جي.

جِتي ذَنيَرِبَنِ[١] جي، اَڳي هُئِي اَکُتَ[٢]،
سي پِڙَ پَسِئو پَٽَ، ماٽُهو وَڃَنِ موٽِئا.

## ١٣

مُون اُڌارِئا[٣] مَچِڙا[٤]، اَللهَ گَهاٽُو[٥] آڻ،
مِيان[٦] مُدارَنِ[٧] سِين، مُون کي قادِرَ[٨] وِجُهه مَ کاڻ[٩]،
هَٽَ[١٠] مُنهِنجي هاڻِ، پِئو قَدرُ[١١] جَنِ ري.

## ١٤

اوري هُئَا تَه آيا، جي کُس[١٢] وِئا پَري،
ساٽِي[١٣] سَڏَ[١٤] کَري، مَاڳَ[١٥] نِهاري[١٦] موٽِئا.

## ١٥

اِيءَ پَرِ[١٧] نَه گهاٽُوئَڙَنِ جي، اَئِين[١٨] جا لُڏو[١٩] لوڏَ[٢٠]،
کُنَ کَلاچِيءَ[٢١] کوڏَ[٢٢]، سُکَ[٢٣] نَه سُتا کَڏهِين.

## ١٦

گهورِبندي گهور[٢٤] پِئا، اَگهور[٢٥] گهورِئائُون[٢٦]،
مَيگرُ[٢٧] مارِئائُون[٢٨]، مَلاحَنِ[٢٩] مُنهَن[٣٠] سَنِرا[٣١].

---

١. مڇيءَ جي هڪ قسم. ٢. گهٽائي، جهجهائي. ٣. اوڌر يعني رکت تي ورتا (غربت سبب). ٤. مڇيون. ٥. مڇي ماريندڙ. ٦. اي ميان، اي الله. ٧. معاملي ڪندڙن يا واپارين (جن کان اڌارو مال ونجي). ٨. اي قادر، اي سگهارا، اي خدا. ٩. غرض، احتياج. ١٠. هٽ کي، جسم يا سرير کي. ١١. (اهميت جي) خبر يا احساس يا اندازو. ١٢. شايد. ١٣. مڇيون وڪڻندڙ. ١٤. واڪا، آواز. ١٥. (مهاڻن جي) مڇيءَ مارڻ جون جايون يا هنڌ. ١٦. ڏسي، ڳولي. ١٧. ريت، دستور. ١٨. اوهان. ١٩. هلڻ ۾ اختيار ڪرئو. ٢٠. چال، رفتار، ڍولَ. ٢١. ڪلاڇيءَ جي. ٢٢. ڪوڏ ۾، شوق يا چاهہ ۾. ٢٣. سک سان، آرام سان، فرحت سان. ٢٤. (مڇيءَ کي) ڳوليندي، تلاش ڪندي. ٢٥. گهورَ ۾، ڪُنَ ۾. ٢٦. جيڪو گهوري يا تلاشي نہ سگهجي يعني سمنڊ. ٢٧. مانگر مڇ. ٢٨. ڦاسايائون. ٢٩. ملاحن جا، مهاڻن جا، گهاتن جا. ٣٠. چهرا، مکَ. ٣١. خوش، سرها.

Gul Hayat Institute

## ١٧

جَان[١] گِھڙَندائو[٢] گھاتُوئا[٣]، تَان[٤] رِڇَنِ[٥] ڏِئو رَنگَ[٦]،

سَبِڳايُون[٧] ءِ سَنگَ، ڪَلاچِيءَ[٨] ڪِينَ ڪَري.

## ١٨

گَھَڻَا اُهي[٩] گَھاتو[١٠] وِيَا، گهوري[١١] نَہ جاڻَنِ،

جَنهِن پَرِ[١٢] مَڇَ[١٣] مَرَنِ[١٤]، سَا پَرِ هِي نَہ سِکِئا.

## ١٩

جِيئَن[١٥] جُهڳَا[١٦] پَائِيِن[١٧] جهولَ[١٨] ۾، اِيئَن نَہ مَرَنِ مَڇَ،

سَنڌَرَ[١٩] لَهَرَ[٢٠] سَمُنڊَ جِي، ڪي رائُو[٢١] رَڳِجِ رَڇَ،

هِي ڄَارُون[٢٢] ءِ ڄَڄَ[٢٣]، اَجَا اوڙاهُہ[٢٤] اَڳَاهُون[٢٥] ٿِئو.

## ٢٠

جَان[٢٦] واهُڙَ[٢٧] ۾ وَهُہ[٢٨]، تَان تُون[٢٩] مَڇَ نَہ مُوٽِئو،

ڪَائِي[٣٠] ۾ ڪوهُہ[٣١] ڪَرِيِن، پوءِ مُوٽڻَ جو پَهُہ[٣٢]،

سِرَ مَٽِي[٣٣] تُون[٣٤] سَهُہ[٣٥]، مَهمِيزُون[٣٦] مَلاحَنِ جُون[٣٧].

---

١. جيڪڏهين، ٢. اوهين گهڙندا يا داخل ٿيندا (سمنڊ ۾)، ٣. اي گهاتوئا، اي مڇين مارڻ وارئو، ۴. تہ پوءِ، ۵. رڇن کي، مڇين ڦاسائڻ وارن ڄارن کي، ٦. رنگ (مضبوطيءَ لاءِ)، ٧. سنگَ، مٽيون مائٽيون، عزازتون، ٨. ڪلاچيءَ جو ڪُنُ، ٩. مڇين ڦاسائڻ جا رَڇَ، ١٠. ساڳيا، ١١. (مڇي) ڳولي، تلاش ڪري، ١٢. ريت، نموني، ١٣. مانگر مڇ، هڪڙي قسم جون وڏيون مڇيون، ١۴. ڦاسن، ١۵. جنهن صورت ۾، ١٦. هڪڙي قسم جا رڇ يعني مڇين ڦاسائڻ جا ڄار (جيڪي عورتن جي پيشگير يعني پڙي جيڏا ٿين ۽ جن کي مهاڻا نونئين تي رکي پاڻيءَ ۾ اُڇلائيندا آهن)، ١٧. تون پائين، تون وجهين، ١٨. درياهہ جي جهول (درياهہ لهڻ بعد ڪنهن گوشي يعني ڪنڊ ۾ بيٺل پاڻيءَ)، ١٩. سٺاٽي، جبري، طاقتور، ٢٠. ڇولي، موج، ٢١. اي رائو، اي شهزادا، اي جوان، مهاڻا (ٻي معني ٿيندي، وڏا رڇ)، ٢٢. ڪاريون يا سمنڊ جون شاخون (جن ۾ پاڻي تانگهو هوندو آهي)، ٢٣. درياهہ جون تانگهيون ڊنڊيون (جن ۾ مڇيون ڦاسائبيون آهن)، ٢۴. سمنڊ، ٢۵. اڳئي، پري، ٢٦. جيستائين، ٢٧. (درياهہ جي) ڊوري، ڍنڍ، ٢٨. پاڻيءَ جو وهڪرو، ٢٩. تيستائين، ٣٠. پاڻيءَ جي لهڻ يا گهٽجڻ واريءَ حالت، پاڻيءَ جي لاٽ، ٣١. ڇو، ٣٢. خيال، ٣٣. مٽي، جسم، جان، سرير، ٣۴. تي، ٣۵. برداشت ڪر، ٣٦. ڪُنڍا، سُوئا، ڏڪَ، مڇيءَ کي مٽي ۾ سوئي هڻڻ جي حالت، ٣٧. مهاڻن.

Gul Hayat Institute

## ٢١

تانَ[1] تُون مَچَ[2] نہ موتِئو، جانَ[3] جَرُ[4] هُئَڙو جالَ[5]،
پُونِئِي[6] اَجُ[7] ڪِ ڪالَهہ[8]، سانيُوبُون[9] سانگُن[10] ۾.

## ٢٢

تان تُون مَچَ نہ موتِئو، جان جَرُ هُئَڙو سِيرَ[11]،
آڏا[12] مَندي[13] ڪِيرَ[14]، گهَٽَ[15] پِہ جَهلِيَئِي[16] گهاٽُئِين[17].

## ٢٣

ساوَڻَ[18] مَچَ نہ موتِيين، بَدي[19] ڪِيئِي[20] اُڪِيرَ[21]،
گهَٽَ ۾ گهاٽُوئَڙَن جا، ڪُتَئِي ڪِلا ڪِيرَ،
تَڏِهين سارِيَئِي[22] سِيرَ[23]، جَڏِهين مَچَ قاتِين[24] رَچَ[25] ۾.

## ٢٤

جِيئَن[26] تُون مَچَ نہ موتِئو، پَلُو[27] پَلُو مَچَ،
جا تو ڏِني اَچَ[28]، تِنهِن پاٽِيءَ[29] پُنا[30] ڏِينهَڙا[31].

## ٢٥

ٿُلِهو[32] تو[33] ٿُونا[34] هَٽِين، مَتو آهِين مَچَ،

١. تيستائين. ٢. اي مچ، اي مانگر مڇ. ٣. جيستائين. ۴. پاڻي. ۵. گهڻو. ٦. متان توکي پون. ٧. يا. ٨. سياٽي (اج ڪِ ڪالهہ = ڪنهن بہ وقت)، ٩. مڇيءَ ڦاسائڻ جا رڇ، ڄار. ١١. سير ۾ (واهڙ جي) وهڪري جي ۾، اونهون، تارِ، گهڻو. ١٢. اڳيان، سامهون. ١٣. ڪوڙي، هٿي. ١۴. ڪلا. ١۵. (ٻاهر نڪرڻ يا ڀڄڻ جا) رستا، واٽون، راهون. ١٦. تنهنجا جهليا، روڪيا، بند ڪيا. ١٧. گهاتن، مڇي ماريندڙ مهاڻن. ١٨. سانوڻ ۾ يعني مينهن پوڻ واري مهيني ۾ جڏهين مينهن پوڻ ڪري واهڙن ۾ پاڻي جام هوندو آهي. ١٩. بدي (جي مهيني) ۾، جڏهين واهڙن ۾ پاڻي لهي ويندو آهي. ٢٠. تو ڪئي. ٢١. (واهڙ مان) ٻاهر نڪرڻ جي سڪ يا خيالَ. ٢٢. تو ساري، تو ياد ڪئي. ٢٣. پاڻيءَ جي جهجهائيءَ واري حالت. ٢۴. قابو يا سوگهو ٿئين. ٢۵. مڇين ڦاسائڻ جي ڄار. ٢٦. جنهن صورت ۾. ٢٧. پلو پلو = خراب ڪم. ٢٨. اڇاڻ يا سفيدي. ٢٩. پاڻيءَ جا. ٣٠. پورا ٿيا. ٣١. عمر، حياتي. ٣٢. متارو، متو، موٽو، دنبو. ٣٣. ٿئو. ٣۴. ٽڪرَ، ڍِمون، اڪلون (ٿونا هٽين = مستيءَ ۾ اچڻو واهڙ جي ڪندن پاسن ۾ منهن جي دوناڙ سان ڪوٽا ڪوٽي ڪرين).

بَابِ[١] تُنهِنجي رَچِ[٢]، لِکِئَا لوحَ قَلَمَ[٣] ۾.

## ٢٦

کُنڊِي[٤] کَلِيُنِ[٥] وِچَ ۾، جوڙي[٦] هَنئِي جَنِ،
مُون کي مُون[٧] پِريَنِ[٨]، کَڍَڻَ جِي کَانہ کَئِي.

## ٢٧

کُنڊِي کَلِيُنِ وِچَ ۾، جَذهِين هَنيَائُون،
مُوت[٩] نَہ مَارِئَائُون[١٠]، ڏور[١١] ڏيئِي وِئَا ڏُکَ[١٢] جِي.

### وائي

گهَاتُوئڙا[١٣] اَدا[١٤]، مَتَان[١٥] اَئِين[١٦] رَچَ وِڃَايو[١٧]،
گهوري[١٨] مَارِي[١٩] گهَاتُوئَا، رَچَنِ[٢٠] رَنگُ[٢١] ڏِجَائو[٢٢]،
مَهِندان اِنَ مُلِکَ جو[٢٣]، اَئِين کو ڏَپُ[٢٤] کِجَائو[٢٥]،
کَري صَلاحَ[٢٦] سَيدُ چَئِي، اُونِهي[٢٧] اُهَريجَائو[٢٨][٢٩].

١. بابت، واسطي، ٢. مڇين ڦاسائڻ جا ڄارَ. ٣. لوح قلم = ڀاڳ، قسمت، نصيب. ٤. مڇيءَ ڦاسائڻ لاءِ رڪ جو ٺهيل هڪ اوزار، ڪانٽو، ڪنڊو، سُوئو. ٥. ڳلاڦن، نڙيءَ. ٦. پوريءَ طرح چتائي، ٺاهي نوڪي. ٧. منهنجي. ٨. محبوبن. ٩. قدرتي طور موت (ڏيڻ) سان. ١٠. فنا ڪئائون، ساهہ ڪڍيائون. ١١. رسي يا نوڙي (ڪُنڊيءَ ۾ ٻڌڻ جي). ١٢. سور، درد. ١٣. اي گهاتوئڙا، اي گهاتو، اي مڇي مارينڌڙو. ١٤. ڀائو. ١٥. مڇڻ. ١٦. اوهين. ١٧. خراب ڪريو، ضايع ڪريو. ١٨. ڳولي، ڍونڍي. ١٩. (مڇي) ڦاسائي. ٢٠. رڇن کي. ٢١. رنگ. ٢٢. اوهين ڏجو. ٢٣. اڳٽان. ٢٤. ديس، ڏيهہ (آخرت). ٢٥. خوف. ٢٦. ڪجو. ٢٧. مشورو، مصلحت. ٢٨. اونهي ڏانهن (سمنڊ ڏانهن). ٢٩. اوهين (ٻيڙيون ڪاهي) هلجو.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرُ شِينهن ڪيڏارو

## داستان پهريون

### ١

مَتي جَنهِن مَدارُ، ڪانڌ تَنهنجو تَڪيو،
پاڻَ اُوچو عادَتَ نيچِي، سِينهان ايءَ پَروارُ،
ڪَرِ ڪيسَرِ جو جِهارُ، ڏِني جِنهِن ڏارَتِ لَهي.

### ٢

مُوران مانو نَہ ٿيي، تازي جو توڙان،
هاٿِي جي هِيٺو وهي، تہ گهڻَ مُلهو گهوڙان.

### ٣

چِوتيءَ نَريءَ مُڪتيءَ تَريءَ، چوتو ڪيهر پاڻ،
گَجي نہ گينور هَٽي، بِئا مِرون آسان.

### ۴

سَهسين مِڙي سِيارڙا، جَنبو جاڳَر ڪَن،
ڪيهَرَ ڪَنُ نَہ اُڏڪي، ڏاءِ نہ ڏِجي تَن،

---

١. مٿي ٿي، سِر تي. ٢. جنهن جي. ٣. ذميواري، جوابداري. ۴. صبر، تحمل،بردباري، سهپ يعني برداشت جو مادو. ۵. آستان، رهڻ جي جاءِ، عادت، خصلت، گڻ. ٦. خود. ٧. اتم، اعليٰ. ٨. سادي، خسيس، معمولي، غريباڻي، ادنيٰ. ٩. سينهن يعني شينهن جو. ١٠. دستور، طريقو، طور. ١١. شينهن، شير. ١٢. سلام، ساراهہ. ١٣. ڏسڻ سان. ١۴. جنهنجي. ١۵. بک، اڃا، سڌ. ١٦. پوري ٿئي، ختم ٿئي. ١٧. اصل، بنهہ، هرگز. ١٨. ڊرو، بي زورو، جهڪو، ڍلو، خاموش. ١٩. تکو، تيز. ٢٠. توڙ ڪان، اصل ڪان، بنياد ڪان، شروعات ڪان. ٢١. جانور جو هڪ قسم، گينوڙ، فيل، ڀيل، هاٿي. ٢٢. جيڪڏهين. ٢٣. ڍرو، آهستي. ٢۴. هلي، ٻنڌ ڪري. ٢۵. گهڻي، جهجهي. ٢٦. ملهہ وارو، قيمت وارو. ٢٧. گهوڙن ڪان. ٢٨. ننڍيءَ. ٢٩. نريءَ (نونٽ ۽ هٿ جي وچ واري ۽ ٽنگ جي گوڏي ڪان پير جي مُريي تائين واري هڏي)، سان. ٣٠. موڪريءَ، ويڪريءَ. ٣١. هٿ جي سنئين پاسي واري ۽ پير جي هيٺئين پاسي واري حصي (سان). ٣٢. شينهن، شير. ٣٣. گجگوڙ يا گجڪار ڪري، آواز ڪري. ٣۴. ڊيڇاري، خوفزدهہ ڪري. ٣۵. باقي رهيل. ٣٦. جانور. ٣٧. سولا يا سوکا (مارڻ يا شڪار ڪرڻ ۾). ٣٨. سون جي تعداد ۾، جهجهي انداز ۾. ٣٩. ملي، گڏجي. ۴٠. جهنگ جا جانور، جنبو، گدڙ، شغال، ۴١. ميڙو، گڏجاڻي. ۴٢. ڪيهر جو. ۴٣. الڪو يا ڪنڪو ڪري، فکر يا اون ڪري. ۴۴. ڏاءَ ڪان، ڊپ ڪان. ۴۵. تن جي.

Gul Hayat Institute

گِدڙَ[١] مَرُ[٢] گِرنِ[٣]، سِينهن[٤] نه ڏيجھو[٥] دِل کي.

٥

ڪُرهو[٦] ڪيهريا[٧]، پَسو[٨] واڳهه[٩] وِلاڙئو[١٠]،
بيتو[١١] باپَ[١٢] مُلان[١٣]، ذرو[١٤] ضايع[١٥] نه ڪري.

٦

بيتو باپان[١٦] وِترو[١٧]، ڪَرهو ڪيهر جو پَسُ،
آپُ[١٨] چِپاوڻُ[١٩] پُر[٢٠] مارڻُ[٢١]، ذات[٢٢] سينهان[٢٣] جي جَسُ[٢٤]،
جِت لَڳي[٢٥] دمامن[٢٦] دَسُ[٢٧]، اُت مَتي[٢٨] اُزبن[٢٩] اُسري[٣٠].

٧

ايءَ ڪيسر[٣١] جي ڪار[٣٢]، جيئن هاٿيءَ[٣٣] کي هٽ هٽي[٣٤]،
جي[٣٥] ويهين[٣٦] واڳين[٣٧] ويڙهئو[٣٨]، توءِ[٣٩] لانجهو[٤٠] ڪيم[٤١] نهار[٤٢]،
ڪِلي[٤٣] وير[٤٤] قرار[٤٥]، رءِ[٤٦] ڪِلي ٿيي ڪهرو[٤٧].

٨

ايءُ ڪيهر جو ڪم، جيئن هاٿيءَ جو هَڏُ[٤٨] گهري[٤٩]،
نهوڙي[٥٠] نائُن[٥١] سين، دمائيس[٥٢] نه دم[٥٣]،

---

١. هڪ قسم جا جهنگلي جانور. سيارڙا. سيال. جنبو. ٢. پلي. ٣. گيرت ڪن. ڪيڪرات ڪن. ٤. سينهن جي. شينهن جي. شير جي. ٥. ڏپ. خوف. ادڪو. ٦. ٻچو. ڦرُ. ٧. ڪيهر جو. شينهن جو. شير جو. ٨. ڏسو. ٩. (جيتو) شينهن. ١٠. ڪاوڙئو. ڏمرئو. ١١. پُٽ. ١٢. باپ. پيءَ. ١٣. منجهان. ١٤. ٿورو. ١٥. گهٽ. ڪم. ١٦. باپ ڪان. باپ ڪان. پيءُ ڪان. ١٧. وڌيڪ. بهتر. ١٨. خود. ١٩. لڪائڻ. ٢٠. پٺو. ڏاريون. ٢١. شڪار ڪرڻ. ڦاسائڻ.٢٢. ذات کي. قوم کي. آکهہ کي. ٢٣. سينهن. سينهن. ٢٤. آفرين. شاباس. ٢٥. وڃي. ٢٦. دمامن جو. دهلن جو. ٢٧. واڄو (لڳي دمامن دس = لڙائيءَ جو بگل يا نقارو وڄي). ٢٨. تي. ٢٩. ترارين جي نوڪن يا چنهنبن. ٣٠. متان پٺي. ٣١. ڪيهر. شينهن. شير. ٣٢. ڪم. ڪرتب. ڍاهپ. ڪاريگري. ٣٣. هڪ قسم جي جانور. گينور. فيل. ٻيل. ٣٤. هٽ هٽي = پڪڙي يا جنبڙي (جهيڙي ڪرڻ لاءِ). ٣٥. جيڪڏهين. ٣٦. ويهن جي تعداد ۾. تمام گهڻين. ٣٧. واڳن ۾. رسين يا نوڙين ۾. ٣٨. ويڙهيل. ٻڌل. ٣٩. تنهن هوندي. ٤٠. هيٺو. ڪمزور. بي همت. ڪم طاقت. ٤١. نه. ٤٢. ڏسُ. ٤٣. ڪلي جي. جنگ يا لڙائيءَ جي. ٤٤. وقت. مهل. ٤٥. ڪرڙو. جاڏو. مضبوط. سگهارو. اڻ موٽ. ٤٦. ڪان سواءِ. ٤٧. سست. ڪاهل. ٤٨. جسم. بدن. ٤٩. طلبي. ٥٠. زور سان جهلي. ناس ڪري. چٽ ڪري. نابود ڪري. ٥١. جنبن. ٥٢. ان کي دمائي. ان کي ساهه کڻائي. ان کي فرصت ڏي. ٥٣. ٿورو وقت.

ڪِلي[١] وير[٢] قَدمُ[٣]، ڪوڙي[٤] پَرَ[٥] ڪَٽي[٦] نَهين[٧].

## ٩

ڪيهر[٨] ڪوڙي[٩] لَڳُ[١٠]، جو[١١] هاٿيءَ[١٢] جو هَڏُ[١٣] ڳُهري[١٤]،
پَسي[١٥] وڏو[١٦] وڳُ[١٧]، جَنبُو[١٨] جِمَ[١٩] جُهارِين[٢٠].

## ١٠

ڪُرها[٢١] ڪيسرئا[٢٢]، وَريو مِ[٢٣] آهين بُکئو[٢٤]،
لاهي[٢٥] هامَ[٢٦] هِنيان[٢٧]، جَنبُو جِمَ جُهارِين.

## ١١

جَنبُو نَہ جُهونجارُ[٢٨]، سِينهن[٢٩] وڏيئي[٣٠] سَتَ[٣١] سين،
وَڪو[٣٢] ويرِينِ[٣٣] ويڙهئو[٣٤]، توءِ[٣٥] هَٽائي[٣٦] هزارَ[٣٧]،
ڪيسرِ ڪِلي[٣٨] وارَ[٣٩]، تو ڳَس[٤٠] نِهاري[٤١] ڳينورِين[٤٢].

## ١٢

جَنبُو نَہ جُهونجارَ، سِينهن وڏيئي سَتَ سين،
ڪيهرِ ڪِلي وارَ، هَردمِ[٤٣] هَٽي[٤٤] هَٽ[٤٥] سين.

Gul Hayat Institute

١. ڪلي جي، لڙائيءَ جي، جنگ جي، جهيڙي جي، ٢. ويل، وقت، مهل، ٣. پيرُ، پڳُ، ۴. ڪپائي، ڇمائي، برقرار رکي، ۵. مگر، ٦. هٽائي، پري ڪري، ٧. نہ، ٨. ڪيهر جي، شينهن يا شير جي، ٩. ڪوڙيءَ سان، ڇاتيءَ سان، سيني سان، ١٠. مل، ڳڏج، ١١. جيڪو، ١٢. هڪ قسم جي جانور، گينور، فيل، پيل، ١٣. بدن، جسم، جان، ١۴. طلبي، ١۵. ڏسي، ١٦. گهڻي عدد يا تعداد وارو، ١٧. ولر يا ڌڻ يا ٽولو، ١٨. ڳدڙ (هڪڙي قسم جا چالاڪ جهنگلي جانور)، ١٩. متان، مڃڻ، ٢٠. ساراهين، واکاڻين، ڏيان يا خيال ۾ آڻيين سگهہ، ٢١. اي ڪرها، اي ٻچا، ٢٢. ڪيسر جا، ڪيهر جا، شينهن جا، ٢٣. تون مون ڏانهن وريو يعني موٽيو آهين، ٢۴. خالي پيٽ، لنگهڻ، ٢۵. هاري، ختم ڪري، ٢٦. همت، ٢٧. هنيين مان، دل مان، ٢٨. بهادرُ، پهلوان، ٢٩. شينهن، ٣٠. جهجهيءَ، ٣١. طاقت، سگهہ، ٣٢. بهادر (شينهن)، ٣٣. دشمن، ٣۴. گهيري ۾ ڪئو، وڪوڙئو، ٣۵. تنهن هوندي بہ، ٣٦. ڀڄائي، ڊوڙائي پري ڪري، ٣٧. هزارن جي تعداد ۾، ٣٨. ڪلي جي، ٣٩. وير، ۴٠. رستا، واٽون، ۴١. ڏسي، تڪي، ۴٢. گينورن جا، هاٿين جا، ۴٣. هر وقت، ۴۴. ماري، سٽي، ۴۵. چنبي.

### ١٣

هَـاتِـي[1] هِـمَّـتَ[2] سـين هَـٺـي[3]، هَـرِڻَـا[4] هَـٿُ نَـہ ڏي[5]،
سَـامُـهُـون[6] اَچـي جَـنِ کـي، سـي نِـهُـوڙي[7] نَـيَّ[8]،
اِنَ کـيـهَـرِ[9] کَـنَـان[10] کـي[11]، پَـڳـا[12] پَـاڳِـين[13] اُبَـهَـنِ[14].

### ١٤

کـيـهَـرِ چُـوتـو[15] کَـنَ کُـرا[16]، کَـنـڌَ[17] کَـرِبـو[18] کَـوهُـہ[19]،
کُـرَ[20] ري[21] کَـرَهَـہ[22] نَـہ تِـئـي[23]، پِـت رَءَ چِـٽُ[24] نَـہ هُـوءِ[25]،

### ١٥

سَـگِـيـٽِـي[26] تَـہ اُوچَ[27] سَـگِـيـٽِـي، نِـيـچَ[28] سَـگِـيـٽِـي تَـہ کِـرِت وِراهُـہ[29]،
جِـيـلانِـهَـن[30] کـيـهَـرِ سين مَـائِـتِـي، تِـيـلانـهَـن[31] کَـنـسِـرَ[32] چَـري گـاهُـہ.

### ١٦

ڳَـئُـون مَـارِئـو گَـرِ چَـڙهـي، گَـرِ چَـڙهِـئـو ڳَـئُـون کـاءِ،
کـيـهَـرِ پَـلاٽِـي[33] جـي سَـهـي[34]، تَـہ لُـنءَ[35] لُـنءَ لاک[36] وِکَـاءِ[37].

### ١٧

روجَـهـہ[38] نَـہ پَـکـڙِجَـنِ[39]، مَـتَـا[40] جـي مَـاهِ[41] گَـهَـٽـين[42]،

---

١. هاٿيءَ کي، ٢. طاقت، زور، سگهہ، بهادريءَ، ٣. ماري، شڪار ڪري، ۴. هرڻ کي، مرگهہ کي، آهوءَ کي، ٥. هٿ نہ ڏي = نظرانداز ڪري، ٦. آڏو، اڳيان، ٧. زور سان جهلي يا ٻڪري، ناس يا جت ڪري، ٨. وٺي يا ڪٽي وجي، ٩. شينهن، شير، ١٠. ڪان، ١١. ٿورا (جانور)، ١٢. فرار ٿئا، ڊوڙي ڀاسي ٿئا، ١٣. ڀاڳن سان، خوش قسمتيءَ سان، نصيبن سان، ١۴. بچن، سلامت رهن، ١٥. (قد جو) ننڍو، بندرو، هلڪو، ١٦. ننڍا، ١٧. ڪنڌ کي، ڳچيءَ کي، سسيءَ کي، ١٨. ڪبو، ١٩. چا، ٢٠. نسل، ٻڻ، بنياد، حسب نسب، ٢١. ڪان سواءِ، ٢٢. جنگ، لڙائي، ٢٣. جيتجي، ڪتجي، فتح ڪجي، ٢۴. نقش، گلڪاري، ٢٥. ٿئي، ٢٦. عزازت، مائٽي، دوستي، ٢٧. اوچ سان، اعلي سان، ٢٨. نيچ سان، ادني سان، ٢٩. وٿاهہ، دائمي فڪر، ٣٠. جنهن صورت ۾، ٣١. تنهن ڪري، ٣٢. گانءِ، ڳئون، ڍڳي، ٣٣. پلاڻ، (بار کڻڻ لاءِ) اٺ جي پٺيءَ تي رکڻ لاءِ هڪ قسم جو سنج يا ساز، ٣۴. برداشت ڪري، ٣٥. لنءَ لنءَ = وارُ وارُ (بدن جو)، ٣٦. لکن ۾، ٣٧. وڪرو ٿئي، وڪامي، ٣٨. جهنگلي يا جابلو ڍڳيون، ٣٩. (دوستيءَ لاءِ) هٿ ڪجن، ۴٠. ٿلها يا متارا ٿئا، ۴١. ماهہ سين، گوشت سين، ماس سين، ۴٢. جهجهي.

ڪِجي سَنگُ سِينهَنِ سين، واڪي جي وَرَنِ.

**١٨**

ڪُرَهَا جي ڪيهَرِ جَا، هيڪلائي هَلَنِ،
اَتَنِ شَوقُ شِڪَارَ جو، مَارڻُ آهين مَنِ،
چِڏئو جَهنگُ مِرَنِ، ڪيهَرِ جي ڪُرَ واسَ سين.

**١٩**

ڪيهَرِ قَصَدُ ڪَبَابَ سين، مَڃِي مُور نَہ ڪاءِ،
جي سِينهَان سَؤُ لَنگهَڻين، توءِ نَہ لِڪَ لَڪاءِ،
پيرُ تِنَهين پَاءِ، جِت نَاهِہ مَجَالَ مِرُونءَ جي.

**٢٠**

نِينهَن سِيچَاڻي، سِينهَن، تِنهي قَصَدُ ڪَبَابَ سين،
رات ڪاذاڻُون ڏِينهَن، تَہ پُرڻ پُڻَن بُڪِئَا.

**٢١**

آهي عَاشِقَن ڪي، ڪَاڙهو مَنجِهہ ڪُريزَ،
جي مَٿي وَجي ڳِيجَهہ، توءِ نِهَاري ڊُوندَ ڏي.

Gul Hayat Institute

١. مائٽي، دوستي، ٢. شينهن، شيرن، ٣. واڪي تي، سڏ تي، پڪار تي، دانهن تي، ٤. اچن (مدد لاءِ)، ٥. ٻچا، ٦. شينهن، شير، ٧. اڪيلا. ٨. گهمن، ڦرن، ٩. انهن کي آهي، ١٠. چاهہ، خيال، سڌ، خواهش، ١١. جانورن جي مارڻ جو ڪم، ١٢. انهن کي آهي، ١٣. من ۾، دل ۾، ١٤. ترڪ ڪئو، خالي ڪئو، ١٥. جانورن، ١٦. آمد، رهائش، ١٧. ڪيهر جو، ١٨. آرزو، مستقل ارادو، چاهہ، ١٩. گوشت، ماس، ماهہ، ٢٠. اصل، بنهہ، ٢١. ڪائي، ٢٢. جيڪڏهين، ٢٣. شينهن، شير، ٢٤. سون جي تعداد ۾، تمام گهڻن، ٢٥. لنگهڻ سان، ٻکن سان، فاقن سان، ٢٦. تنهن هوندي بہ، تہ بہ، ٢٧. ذرو، ٢٨. لڪائي، محسوس ڪرائي، ڏيکائي ڏي، ٢٩. قدم، وک، ٣٠. پائي، وجهي، ٣١. وَسَ، پُڄندي، پهچ، قدرت، همت، جرئت، ٣٢. (ٻي ڪنهن) جانور، ٣٣. عشق، محبت، پيارَ، ٣٤. هڪ قسم جي شڪاري، پکيءَ، باز پکيءَ، ٣٥. وتن، هلن، ڦرن، ٣٦. خالي پيٽ، بنان کاڌي، لنگهڻ، ٣٧. عذاب، آزار، درد، ٣٨. پکيءَ جا پراڻا کنڀ پٽڻ يا ڪوهڻ کان بعد وارو عرصو جنهن ۾ وري نوان کنڀ ڄمندا آهن، ٣٩. آسمان ڏانهن، ٤٠. اڏامي، ٤١. هڪ مشهور ڊوند يا مردار کائيندڙ وڏو پکي، ڪرڪس، ڳجهہ، ٤٢. ڳولي، ڏسي، نگاهہ ڪري، ٤٣. مئل جانورن جي لاشن.

## ٢٢

عَاشِقُ تُوءِ آزارَ سين، جي مَتي وَجي ٻِجَهه،
جي وِڻو مَنجِهه کُرِيزَ، تُوءِ سِيچَاڻِي شِڪَارَ سين.

## ٢٣

ڪَٽُ[1] ٻورائُو[2] ٻَازَ کي، ٻِجَهه کي ڏِج مَ ڳَلُ[3]،
تُون هُمَاءَ[4] ڏي هَلُ[5]، شِڪرو[6] سَاڻُ ڪَٽِي.

## ٢٤

ڪَٽُ ٻورائو ٻَازَ کي، ٻِجَهه جي ڪِج مَ ڳولَ[7]،
ڍُوڙَ[8] جَنهين ڍُونڊَ ڏي، رِڻَ[9] مِ وَتي[10] رولَ[11]،
جو ٻَهُون[12] پَارِي[13] ٻولَ[14]، سو هَٿَان[15] ڇَڏِ مَ شِڪرو.

## ٢٥

ڪَٽُ ٻورائُو ٻَازَ کي، ٻِجَهه مَ ڳَري لاءِ[16]،
آهي اِنَ اَنڌيءَ[17] جي، جيفي[18] پَاسي[19] جَاءِ[20]،
ڪاڄ[21] اُهُوئِي ڪاءِ[22]، هُو جو قُوتُ[23] ڪِلاب[24] جو.

Gul Hayat Institute

---

١. وٽ، هٿ ڪر. ٢. راهه يا رستو ڏيکاريندڙ، رهنما، رهبر. ٣. ڀاسو (ڏج مَ ڳل = واسطو نه رکج). ۴. هڪ خيالي پکي (ماڻهن جو عقيدو آهي ته جنهن ماڻهوءَ تي هما جو ڀاڇو پوندو اهو بادشاهه ٿيندو ). ۵. پنڌ ڪر، وڃ. ٦. باز جو هڪ قسم. ٧. تلاش. ٨. ڍُڪَ، ٻج، پنڌ. ٩. سڃ، بيابان، برپٽ. ١٠. هلي، ڦري. ١١. آواري، دربدر، بي ٺا نيڪي، بي ماڳي. ١٢. گهڻي انداز ۾، جهجها. ١٣. پورا ڪري، نباهي، وفا ڪري. ١۴. قول، انجام، اقرار، سخن. ١۵. هٿ مان، هٿ ڪان، قبضي مان. ١٦. ڳري سان، چاتيءَ سان، ڳلي سان. ١٧. نابين، نياڳيءَ، بدبخت. ١٨. جيفي جي، ڍوند جي. ١٩. پاسي ۾، ڀر ۾. ٢٠. ماڳَ، هنڌ. ٢١. کاڌو. ٢٢. کائي، تناول ڪري. ٢٣. خوراڪ، کاڌو، غذا. ٢۴. ڪتن.

## وائي

أُونِـي[1] مَـــتـــي[2] لَـــڪَ[3]، مُـــون ٻَـــاروچَـا[4] پَـــانـــيــا[5]،

تَـازو[6] پـيـرُ[7] پُـنـهُـونءَ جــو، نَہ ڪـنـهِـن جـهـورِئـو[8] جَـهـڪَ[9]،

مُـــون ڪـــي چَـــڏي[10] هَـلِـئَـا، ذَرَّ[11] ذُٽِـئـو[12] تَـنـهِـن ذَڪَ[13]،

ڪَـانُ ڪـوهِـيَـاري[15] جــو هَـنـيـو[16]، رُئَـاڙِيُـسِ[17] أُنَـهِـيءَ رُڪَ[14]،[18]

آڱـا[19] عَـبـداللطيف رح چَـئـي، مُـون ڪـي هَـادِي[20] مـيـڙِيـن[21] حَـقَ[22].

Gul Hayat Institute

---

١. اُٺن وارو، جت، سسئيءَ جي محبوب پنهونءَ جا پائر. ٢. مٿان، تي. ٣. جبل. ۴. ٻروچ، بلوچ، پنهونءَ جا پائر (جيڪي بلوچ قوم جا هئا). ۵. سمجهئا. ٦. هاڻوڪو، ٿورو وقت يا دير اڳ وجود ۾ آيل. ٧. (پير جو) نشان. ٨. ڍڪئو، ڍانو، ڍنايو. ٩. تيز هوا، طوفان. ١٠. ڦٽو ڪري. ١١. جسم، جان، سرير. ١٢. لوڏئو، ڌوڏئو، ڌونڌاڙئو، لرزايو، ڏڪايو. ١٣. چوٽ، صدمي. ١۴. تير، ٻاڻ. ١۵. ڪوهيار يعني جابلو علائقي جي رهڻ واري (پنهونءَ). ١٦. لڳايو. ١٧. مونکي رئاڙيو، مونکي اکين مان لڙڪ وهايا. ١٨. (رُڪ مان ٺهيل) ڪانَ. ١٩. اي آڳا، اي مالڪ، اي خدا. ٢٠. هدايت ڪندڙ، رهبر. ٢١. ملائين. ٢٢. حق جو، سچ جو.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

# سُر مَارئِي

## داستان پهريون

(١)

اَوَلُ[١] نَامُ[٢] اَللهَ جو، مِڙنئُون[٣] مَتَاهُون[٤]،

ڪيئَن[٥] ڪَري قَبُولِيَان[٦]، عُمَرَ[٧] ڪي آئُون،

رازِقَ[٨] رَضَائُون[٩]، مُون مَٿي[١٠] اُتي[١١] مَجِيُون[١٢].

(٢)

وَطَنُ[١٣] مُون[١٤] مَلِيرُ[١٥]، قَضَا[١٦] آنديَس[١٧] ڪوٽَ[١٨] ۾،

اَصلِ[١٩] مُنهِنجي اَنگَ[٢٠] ۾، جُڙئو[٢١] هو زَنجيرُ[٢٢]،

چَانڪ[٢٣] پِيئَنديَس پِرينءَ[٢٤] سين، پَائُرَ[٢٥] جو پَنيرُ[٢٦]،

هَاجَا[٢٧] ڪِئو حَمِيرُ[٢٨]، بِاللهِ[٢٩] نَي[٣٠] ٿو بَندَ[٣١] ۾.

(٣)

بِاللهِ آهِيَان بَندَ ۾، ڌُئَان[٣٢] ڪيئَن ڍَيرُ[٣٣]،

وِڻَ[٣٤] وَراٽِي[٣٥] نَاهِ ڪَا، سُومَرو[٣٦] سَبُرُ[٣٧]،

---

١. پهريائين، سڀ کان اڳ. ٢. نالو. ٣. مڙني (شين) کان، سڀني (شين) کان. ۴. بلند، اوچو، افضل، ڀلو. ۵. ڪهڙيءَ طرح، ڇو. ٦. آئون قبول ڪريان، آئون (مڙس يا شوهر) مڃيان. ٧. سومرا خاندان جي سنڌ جي هڪ حڪمران جو نالو جيڪو سنڌ جي ٿر علائقي مان مارئي نالي هڪ ڇوڪري اغوا ڪري پنهنجي گاديءَ واري شهر عمر ڪوٽ ۾ ڪٺي آيو. ٨. رازق يعني رزق ڏيندڙ جون، خدا جون. ٩. حڪم، امر. ١٠. سِر. ١١. تي. ١٢. قبول ڪيون. ١٣. ديس، ملڪ. ١۴. منهنجو. ١۵. سنڌ جي ٿر علائقي ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو جتي مارئي رهندي هئي. ١٦. تقدير، قسمت. ١٧. مون کي آندو. ١٨. عمر ڪوٽ. ١٩. اصل کان، ازل کان، عاد کان، شروع کان. ٢٠. قسمت. ٢١. ٺهيو، تيار ٿئو، لکيو، مقرر ٿئو. ٢٢. نير، لوهه مان ٺهيل ڪڙين واري رسي (هتي معنيٰ ٿيندي قيد يا بند). ٢٣. اميد اٿم، مون ليکي، سمجهان ٿي. ٢۴. محبوب. ٢۵. ٿر علائقي جي ڏکڻ واري حصي جو نالو پر هتي سڄو ٿر علائقو مراد آهي. ٢٦. سڪل ڏڌ يا لسيءَ ۾ پاڻي وجهي ان کي باهه تي ڪاڙهڻ بعد پنير ٺهندو آهي جوڏاڍو لذيذ ٿيندو آهي. ٢٧. ظلم، ڏاڍايون. ٢٨. امير، سردار (عمر سومرو). ٢٩. الله جو قسم. ٣٠. وٺي يا ڪٺي وڃي. ٣١. قيد. ٣٢. (پاڻيءَ جي ذريعي) صاف ڪريان. ٣٣. ڪٿي، لوئي، گودڙ، رلي. ٣۴. وڻ جي، ڳالهه جي، ڏورابي يا اوپالي جي. ٣۵. وراٽي جي (جاءِ يا مجال)، وراٽيءَ يا ورنديءَ يا سوال جواب جي (جاءِ يا مجال). ٣٦. عمر بادشاهه جيڪو سومرا خاندان مان هو. ٣٧. گهڻي ٻر وارو، زور وارو، طاقتور، سگهارو.

Gul Hayat Institute

مِـيَـان[1] مَـهـرَبَـانُ[2] ڪَـرِيـن[3]، اِلاهِـي[4] عُـمَـرُ[5]،
وِيـڙهِـه[6] پَـسَـان[7] سُـو وَرُ[8]، جِـيـڏانِـهَـن عَـالَـمَ[9] آسَـرو[10].

٤

جِـيـڪِـس[11] جِـيَـلاهِـين[12]، مَـارُو[13] نَـاهِـه مَـلِـيـرَ[14] ۾،
مُـنـهِـنـجِـي تِـيَـلاهِـين[15]، اَچِـئُـو ڪَـرَ[16] ڪُـونَـه لَـهِـيَ[17].

٥

ڪُـوءِ[18] آسُـون[19] عُـمَـرَ ڪـوٽَ جُـون، وَرُ[20] جَـهَـنـگَـلَ[21] ۾ جُـهـوپِـي[22]،
جـي[23] اَبَـاڻَـنِ[24] اَڏِئَـا[25]، ڳُـڻَـنِ[26] سِـين ڳُـوپِـي[27]،
وِيـنـدِيَـس وِيـڙهِـيـچَـنِ[28] ڏِي، لَـوهَـه[29] پَـچِـي[30] لُـوپِـي[31]،
چِـيـڙَ[32] آئُـون چُـوپِـي[33]، سِـڪَ[34] لاهِـيـنـدِي سُـومَـرا.

٦

ڪُـوءِ آسُـون عُـمَـرَ ڪـوٽَ جُـون، وَرُ وَهَـڻُ[35] وَسـڪَـارِي[36]،
مُـنـهِـنـجـو ٿُـورُ[37] ٿَـلِـيـنِ[38] ۾، چِـيـهَـا[39] ٿـو چَـارِي[40]،
مَـرِي وِيـنـدِيَـس مَـاڳـهِـين، سَـاهِـيـڙِيُـون سَـارِي،
ڏِيـئِـي[41] ڏِٺَ[42] ڏَارِي[43]، آهِـمِ[44] اُنِّـي[45] مِـيـنـهَـڙِيـن[46].

Gul Hayat Institute

١. اي ميان، اي خدا. ٢. مهر ڪندڙ، ڪهل يا قياس ڪندڙ، رحمدل، ٻاجهارو. ٣. ٿون ڪر. ٤. اي الله. ٥. سومرا خاندان جي سنڌ جي هڪ حڪمران جو نالو جنهن مارئيءَ کي سنڌ جي ٿر واري علائقي مان زوريءَ کڻي پنهنجي گاديءَ واري شهر عمر ڪوٽ ۾ اچي بند ڪيو. ٦. ويڙهہ ۾، جهنگ ۾ (مارئيءَ جي مائٽن مارن جي ملڪ ۾). ٧. ڏسان. ٨. مڙس، پتار. ٩. عالم جو، دنيا جو، جهان جو. ١٠. اميد، تمنا، آس. ١١. شايد. ١٢. جيئن تہ، جنهن صورت ۾. ١٣. مالُ چاريندڙ (مارئيءَ جو مڱيندو). ١٤. سنڌ جي ٿر علائقي ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو (جنهن جي مارئي رهاڪو هئي). ١٥. تنهن ڪري. ١٦. خبر، حال احوال، سارَ سنڀال. ١٧. وٺي. ١٨. ٻنِ، کڏ ۾، کوهہ ۾، (ٻوڻ) ١٩. آسائشون، سُکَ، آرام. ٢٠. بهتر، ڀلا. ٢١. قدرتي طرح پيدا ٿيل وڻن ۽ ٻوٽن واري علائقي. ٢٢. ککن ڪانن جا ٺهيل گهر، ٻونگا. ٢٣. جيڪي. ٢٤. ابي ڏاڏي جي اولاد يا انهنجي مٿين يا هيٺين پيڙهيءَ وارن مائٽن. ٢٥. جوڙيا، ٺاهيا. ٢٦. نيڪين، چڱاين. ٢٧. مضبوط ڪري. ٢٨. ويڙهہ يعني جهنگل ۾ رهندڙن. (مارئيءَ جي مائٽن) مارن. ٢٩. لوهہ مان ٺهيل زنجيرون ۽ تير. ٣٠. ٽوڙي. ٣١. موڙي. ٣٢. هڪ قسم جا جهنگلي ميوا، مٽيرا. ٣٣. ڪائي. ٣٤. آس، چڪ، خواهش. ٣٥. وچڙ. ٣٦. وسڪاري يعني مينهن وسڻ واري جاءِ يا ماڳ ڏانهن. ٣٧. هم عمر چوڪريون، هڪ جيڏيون، ساهيڙيون، سرتيون. ٣٨. ٻن ٽڪن جي وچ وارن ميدانن (جتي مينهن جو پاڻي گڏ ٿيندو آهي ۽ پاڻيءَ سڪڻ بعد گاهہ يا ٻوڪ ٿيندي آهي)، ترائين. ٣٩. هڪ قسم جو گاهہ. ٤٠. چوپائي مال کي کارائي. ٤١. ڏائي، ملاقات جو انجام، وعدو. ٤٢. ٿر جي هڪ ورياسي حصي جو نالو. ٤٣. وٽ، پاسي ۾. ٤٤. منهنجو آهي. ٤٥. وسندي. ٤٦. مينهن يعني برساتن ۾.

## ۷

مُنهِنجو تُورُ تَلِيُنِ ۾، آئُون هِت بَنديَاٽِي[۱]،
مُون[۲] ڏاڏاٽي[۳] ڏيهَ ۾، ڦَرهَ[۴] ۽ لاٽِي[۵]،
کَنديَس رِهَاٽِي، مَارُوءَ پَاسِ مَلِيرَ ۾.

## ۸

نَنگَان[۶] آهِيُون نَکَتا[۷]، اَسِين مَارُو[۸] لوڪَ[۹]،
تَرَ کِي پَانيُون تُوڪَ[۱۰]، جَا ڏِکَ[۱۱] ڏِاتِيَڙَنِ[۱۲] جِي.

## ۹

سَدا[۱۳] جَنِ[۱۴] پَرِيَاڻُ[۱۵]، پَانَدِيءَ[۱۶] پَکِي[۱۷] لَڏَ[۱۸] جو*،
وِتَا گُڏَنِ[۱۹] سَاڻُ، مَارُوئَڙا تَرُ اُکِرِي[۲۰].

## ۱۰

وِئَڙا گُڏَنِ سَان، مَارُوئَڙا تَرُ اُکِري،
تَنِ[۲۱] پُجَاڻَان[۲۲] آنءُ[۲۳]، جَاڙَ[۲۴] جِيَان[۲۵] تِي جِيڏِيُون.

## ۱۱

مَارُو مَاڳِ[۲۶] نَه هيکِڙي، اوڏا[۲۷] نَه گُونَانِ[۲۸]،

---

۱. بند ۾ پيل، قيد ۾ پيل. ۲. منهنجي. ۳. ابن ڏاڏن جي، مائٽن جي. ۴. هڪ قسم جا ٻوٽا (جن جا ڪانا قد ۾ ۳، ۴ فوٽ ٿين ۽ مٿان ننڍا سنگ ٿين ٿا جن ۾ سائونءَ جي داڻن جهڙو ان ٿئي ٿو). ۵. ٻوٽي جو هڪ قسم (هن جا ٻه نمونا آهن. هڪ ڪاري لاٽي جنهن کي اٽ ڪائيندا آهن ۽ ان کي ساڙي ڪيڙن ڏئڻ جي ڪار ٿاهي ويندي آهي ۽ ٻي مٺي لاٽي جنهن کي رڌي ماٺهو ڀاڄيءَ طور ڪائيندا آهن). ۶. ننگ ڪان، واسطي يا لاڳاپي ڪان. ذات پات ڪان. ۷. نڪتا. علحدو يا جدا ٿئا. ۸. مالوند. چوپائي مال تي گذران ڪندڙ. ۹. ماڻهو. ۱۰. نعمت، سٺي شيءِ. ۱۱. پناھ. ۱۲. ڏِٿ (ٿر ملڪ جي هڪ حصي) جي رهاڪن. مارن. ۱۳. هميشہ هر وقت. ۱۴. جن کي. ۱۵. خيالُ، ٻورُ، اونو. ۱۶. پانڌيءَ جو. (ڪيڙي جي) تاجيءَ کي سوگهي جهلڻ لاءِ ڪورين جي هڪ اوزار جو. ۱۷. (ڪيڙي جي) پيٽي کي پچائڻ لاءِ ڪورين جي هڪ اوزار. ۱۸. مال اسباب. * گذر سفر جو اونو. ۱۹. نيڪين. چڱاين. ۲۰. لنگهي، مٿي، ٽپي، چڙي. ۲۱. تن ڪان. ۲۲. پوءِ. بعد. ۲۳. آئون. ۲۴. اجايو. بي سود. بي فائدو. ۲۵. زندھ يا جيئري رهان. ۲۶. ماڳ تي، هنڌ تي. ۲۷. ويجها. نزديڪ. ۲۸. انهن جا ڳوٺ يعني رهڻ جا هنڌ.

Gul Hayat Institute

جيڏانهن وَسَن مينهڙا، تيڏانهن سانگ سَندانِ،
جي ميڙي رَبُ تہ مِلانِ، نہ تہ وِڇان وڏو وِڇُ پِئو.

## ۱۲

اوڏا جان هُئا، تان تي نِتُ نِياپا آيا،
مارُوئڙا مَليرَ ڏي، واري وَکَ وِئا،
تَنِي ڏُونهُن کِئا، ڏيئِي ڏوراپا چائِيان.

## ۱۳

اُوندا گُوندا تِندِيا، نيهِيرا نِيتا،
چارِين تيُون چُوڙيرِيُون، پِرَ گهَرَنَ گهيتا،
کَرسَنِ جا کيتا، عُمَرَ لاهہ عَکسَ جا.

## ۱۴

ڳازها ڳَنَ کُهازِين، لاکِيُون لويُون جَنِ،
ميڙي رَتيُون مَجُرَ مان، پاڳُون پَنوهارَن،
تُون کِيئَن سَنڌِيُون تَنِ، جَهنگان آڻِئو جَهلِين.

Gul Hayat Institute

۱. جايون، مڪان، ماڳَ. ۲. انهن جا. ۳. ملائي. ۴. پالڻهار يعني خدا. ۱۵. انهن کي ملان يا گڏجان. ٦. جدائي، وڇوڙو. ۷. هر وقت، وقت بوقت. ۸. ڦيرائي، موٽائي. ۹. چوپائي مال جا ڌڻ يا ولر. ۱۰. ڏانهن، ڏي. ۱۱. کهڙيءَ طرح يا ريت. ۱۲. ميارون، اوپالا. ۱۳. چوائي موڪليان. ۱۴. لفظ "گوندا" جو ڏوڙي لفظ جهڙيءَ طرح لفظ "هلڪو" جو ڏوڙي لفظ "سلڪو" ۽ "پت" جو "سَٽَ". ۱۵. چوپائي مال جي ڦرن کي ٻورڻ يعني بند ڪرائڻ لاءِ چوڌاري ڏنل ڍنگهرن جا وارا. ۱٦. رسا يا نوڙيون جن ۾ کهٽا ٻاڪرا ڦر ڳڏ سلاڙي ٻڌجن (هر هڪ رسي ۾ هڪ ٻن فوٽن بعد هڪ "ڳراهو" نهيل هوندو آهي جيڪو ڦر جي ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏبو آهي ۽ اهڙيءَ طرح هر هڪ رسي ۾ ٻندرهن ويهہ ڦر سلهاڙي سگهبا آهن). ۱۷. واحد نيهيرو جنهن جي معنيٰ آهي ڏڌ ولوڙڻ لاءِ ماٽيءَ ۾ پيل مانڌاڻيءَ يا منڌيءَ جي رسي کي ڦاسائڻ لاءِ زمين ۾ کتل ڪاٺي. ۱۸. واحد نيتو يعني ڏڌ ولوڙڻ لاءِ منڌيءَ کي ويڙهيل چمڙي جي وڌي يا سَٽ جو رسو. ۱۹. چوپائي مال کي گاهہ وغيره کارائين. ۲۰. ٻانهيڻ (ٻانهن ۾ پيل چوڙين) واريون عورتون، مارئيءَ جون ساهيڙيون. ۲۱. پر ۾، پاسي ۾ ۲۲. گهرن جي. ۲۳. کوسڦتاين، حرڪت بازين، شيطان گيرين. ۲۴. معاملا، ڦڏا. ۲۵. اي عمر. ۲٦. ضد، وير، ڪيني. ۲۷. ڪاٺ جا هٿيا. ۲۸. کهاڙين (ڪاٺ کي وڍڻ لاءِ لوهہ مان نهيل هڪ قسم جي اوزارن) جا. ۲۹. لاک (ٻير وغيره جي وڻ جي ٽارين مان نڪتل رس ۾ رگيل. لال. ڳاڙهيون. ۳۰. ڪنيون. اَنَ مان نهيل چادرون. ۳۱. جن کي (بدن تي ويڙهيل). ۳۲. ڳاڙهيون ڪيون. ۳۳. ڳاڙهي رنگ جو هڪ پسارڪو وکر. ۳۴. پڳون. پٽڪا. ۳۵. رڍون يا ٻڪريون چاريندڙن (مارئيءَ جي مائٽن. مارن). ۳٦. جون (عورتون). ۳۷. جهنگ مان.

**(١٥)**

ويڙهيون[١] جَنِ[٢] ٻانهُنِ[٣] ۾، ڏيرِيُون[٤] ٿا ڏيرِيڻ[٥]،
کُوڪَڙُ[٦] پَنهنجي قُوتَ[٧] لاءِ، وَڻَن ۾ ووڙِينِ[٨]،
ٻِي پِيلَ[٩] نَه ڪَا پِيلِينِ[١٠]، تَنِ جِي سَامَ[١١] پَرتِيئِي[١٢] سُومَرا[١٣].

**(١٦)**

ڏِيبَرَ[١٤] کَتَنِ ڏيرِيُون[١٥]، اوڇَڻُ[١٦] جَنِي[١٧] اُنَ[١٨]،
کَتَرِيُون[١٩] کَتَنِ ۾، تَاتِئُو[٢٠] وِجَهن تُنَ[٢١]،
سَرتِيَنِ[٢٢] سَاڻُ سَمَنَ[٢٣]، آهِينِ[٢٤] اُنِي مِينهَڙِين[٢٥].

**(١٧)**

ڏِيبَرَ کَتَنِ ڏيرِيُون، ڏاسَ[٢٦] جَنِي ڏاجو[٢٧]،
پِيَنِ پَس[٢٨] پَنُوهَارِيُون[٢٩]، تَڙَنِ[٣٠] تي تَازو[٣١]،
اَللهَ[٣٢] کَرِ آجو[٣٣]، مُلڪُ[٣٤] مَاروءَ[٣٥] جَامَ[٣٦] جو.

**١٨**

جَهڻ[٣٧] پيڻُ جَهنگَلِ[٣٨] رَهڻُ، ايءُ مَارُوئَڙَن[٣٩] جو مَرڪُ[٤٠]،
ڪَندِيُنِ ۾ ڪَٽَڪُو[٤٢]، ڏهَاڙِي[٤١] ڏَرڪُ[٤٣]،

١. (وڻن کان اڳ) رڍ جي اُن يا ٻڪريءَ جي ڏاس جا ڦورا يا مُڃا. ٢. جن جي. ٣. ٻانهن ۾ ويڙهيل. ۴. اُن يا ڏاس مان وڻ ذريعي نهيل ڌاڳن يا ڏورن جون ويڙهيون يا گولا. ۵. ڦيرائين. ٦. جهنگلي وڻن مان ڇڻي پٽ تي پيل سڪل ميوو جهڙوڪ سڪل ٻيرون ء ٻڪا وغيره. ٧. پيٽ گذر، کاڌي پيتي. ٨. ڳولين. ٩. پرائيءَ ٻوڪ کي (چوپائي مال چارڻ ذريعي) نقصان يا لتاڙ. ١٠. لتاڙين. نقصان پهچائين (پرائيءَ ٻوڪ کي). ١١. پناهه ۾ آيل عورت. ١٢. توکي پر تل آهي. تنهنجي حوالي يا سپرد آهي (حفاظت يا پناهه لاءِ). ١٣. اي سومرا. ١۴. وڏيون، ڏيريون. ١۵. وٽين. ١٦. لباس. ڪپڙو لٽو. ڍڪ. ١٧. جني جي. ١٨. رڍن جا وار (رڍن جي وارن مان نهيل اوڇڻ). ١٩. ڪتن (اُن مان نهيل چادرن) ۾ ڍڪيل. ڪتا ڍڪيندڙ يا پائيندڙ عورتون. ٢٠. ڪوليو. چڪيو. ٢١. (ڪپڙي يا تاڻيءَ ۾) تنگ يا سوراخ (وجهن تُنَ = سوراخ بند ڪن يا رفو ڪن). ٢٢. ساهيڙين. هڪ جيڏين. ٢٣. ملاقات جا واعدا يا انجام. ٢۴. ڏائيون. ٢۵. وسندي. ٢۵. مينهن ۾. ٢٦. ٻڪريءَ جي بدن جا وار (ٻڪرين جي وارن مان نهيل سامان). ٢٧. ڏيج. جهيز. ملڪيت. ٢٨. تازي وپايل مينهن. ڍڳيءَ. ٻڪريءَ وغيره (حلال جانور) جي ٻهرين ٻن ٽن ويلن جو کير. ٻڙو. ٢٩. رڍن يا ٻڪرين چاريندڙن جون عورتون. ٣٠. ٿاڪن. ٻيٺڪن. پاڻن. مالوند ماڻهن جي بستين. ٣١. سجر. تورو وقت اڳ ڏڌل. ٣٢. اي الله. ٣٣. واندو. خالي. آزاد (عمر جي آزار کان) ٣۴. ڏيهه. وطن. ديس. ٣۵. مارئيءَ جي مگيندي. ٣٦. سردار (سنڌ جي سمن حاڪمن جو لقب). ٣٧. ڏڌ. مهي. لسي. ٣٨. جهنگل ۾. ويڙهه ۾. وڻن جي جهڳٽن ۾. ٣٩. مارئيءَ جي مائٽن. ۴٠. فخر. وڏائي. لائق. شايان شان. ۴١. هڪ قسم جي وڻن (جن جي ڦرن کي سگر چئبو آهي). هتي معنيٰ ٿيندي جهنگ. ۴٢. (عمر جي) لشڪر. حملي. ڪاهه. ۴٣. ڏر. ڏٻ.

Gul Hayat Institute

والِي وارِ وَرَقُ، تَہ وِيـنَا هُونِ وِيڙهہ ۾.

## ١٩

جَهڻِ پِيَڻُ جَهنگَلِ رَهَڻُ، اِيءُ غَرِيبَنِ گُذرانُ،
اُنَ اوڍڻُ اُنِ جو، کَنِ سَائِين جو سَامانُ،
آگا کَرِ اِحسانُ، تَہ وِينَا هُونِ وِيڙهہ ۾.

## ٢٠

جَهڻِ پِيَڻُ جَهنگَلِ رَهَڻُ، اِيءُ غَارِيبِيَ گَتِ،
شِيشَا لالَ گُلابَ جَا، پِي نَہ وِجَايَانِ پَتِ،
سُومَرا سُپَتِ، کَرِ تَہ نِکِران کوٽَ مَانِ.

## ٢١

جَهڻِ پِيَڻُ جَهنگَلِ رَهَڻُ، آهِنِ ڏَڻَ ڏَٽِي،
مُون کي مَارُوئَڙَنِ جِي، آهي گُهرجَ گَهٽِي،
وِهَانِ اَڏي وَتَنِ گَڏي، پَرِ ۾ پِٽِ هَٽِي،
مُون کي وَاهَہ وَڻِي، مَجلِسَ مَارُوئَڙَنِ جِي.

Gul Hayat Institute

١. اي والي، اي مالڪ، اي خدا. ٢. وراء، ڦيراء. ٣. ڀنو (قسمت جو، نصيب جو). ۴. جهنگ (مارئيءَ جي مائٽن مارن جي ملڪ). ۵. غريبن جو، مسڪينن جو (مارئيءَ جي مائٽن جو). ٦. گذارو، ٽڪاءُ، جياپو، پيٽ قوت. ٧. رڍن جا وار (رڍن جي وارن مان ٺهيل سامان). ٨. اوڇڻ، پوشاڪ، ڪپڙو لٽو. ٩. هڪ قسم جي گاهہ (جنهن جو اَن غريب ماڻهو کائيندا آهن). ١٠. ذخيرو، توشو. ١١. اي آگا، اي مالڪ، اي خدا. ١٢. مهرباني، ڀلائي، ٿورو. ١٣. غريبن جي (مارن جي). ١۴. غذا، نيم، عادت. ١۵. بوتلون،شيشي يعني ڪائي مان ٺهيل ٻاٽليون. (ٻاٽلين ۾ ڀيل پاڻي يا شربت). ١٦. ڳاڙهي. ١٧. گلاب جي گلن جي رس مان ٺهيل شربت. ١٨. ساک، عزت، آبرو، شرم، عصمت. ١٩. اي سومرا. ٢٠. سچائي، چڱائي. ٢١. قلعي (قيد، بند). ٢٢. ڏڻ جا. (ٻڪرين ۽ رڍن جي) ولر جا. ٢٣. مالڪ. ٢۴. مارئيءَ جي مائٽن. ٢۵. ضرورت، چڪ، تانگهہ، سڪ. ٢٦. (جاءِ يا گهر) جوڙي، ناهي. ٢٧. انهن وٽ. ٢٨. پاسي. ٢٩. ديوار (ڀت هٽي = گهر ناهي). ٣٠. خوب. ٣١. پسند آئي. ٣٢. ڪچهري، رهاڻ.

**(٢٢)**

جَهِڙ پِيَڻُ جَهنگَلِ رَهَڻُ، مَارُو کَاهِين مَالَ،
أُتِئو روزُ[1] رَسُولَ[2] کي، سَانگِيَ[3] کَنِ سُوالَ[4]،
هِهَڙا جَنِيَ[5] حَالَ، تَنِ سَان سَگَ[6] کَرِين تو سومرا.

**(٢٣)**

جَهِڙ پِيَڻُ جَهنگَلِ رَهَڻُ، مَارُو نَاهِين[7] مَذَ،
پَاٽِيءَ[8] وِيلَ پَنوهَارِيُون[9]، سَرَتِيُون کَنِ سَذَ[10]،
هِتي مُنهِنجَا هَذَ[11]، رُوحُ[12] پَنهِنجي راجَ[13] ۾.

وائي

کَارا[14] کَبَرَ[15] کُوهَ[16]، بِيرِيُون[17] ۽ بُوهَ[18]،
هَانِ[19] آئُون سِيئِي ويِنِي سَارِئَان[20]،
أَنَا[21] مِينهَن[22] مَلِيرَ[23] ۾، تَهکِي[24] أُيَا[25] تُوهَ[26]،
سُتي[27] سَجَڻ[28] سَارِئَا[29]، رات مُنهنجي رُوحَ،
هَلَنِ هيلُون[30] ٻَذَنِ ٻيلُون[31]، مُندَ[32] مُوچَارِي[33] مُوهَ[34].

---

١. ڏهاڙي، ٢. حضرت محمد مصطفي ﷺ، ٣. سانگ وارا يعني مال جي سانگي هڪ هنڌان لڏي ٻي هنڌ ڏانهن ويندڙ، ۴. عرض، وينتيون، ۵. جني جا، ٦. عزازت، مائٽي، ٧. ناهين مذ = (ڪکن ڪانن جا) جهوپڙا، ٻيهيون جوڙين يعني اڏين، ٨. (کوهن تان) پاڻيءَ جي (ڀرڻ)، جي مهل، ٩. پنوهارن (رڍن يا ٻڪرين چاريندڙن) جون عورتون، ١٠. پڪارون (هڪ ٻئي کي)، ١١. بدن جا ڪنڊا (جسم، بدن)، ١٢. مَنُ، دلِ، ساهه، ١٣. عزيزن، مائٽن، ١۴. ڪسارا، چهرا يا تکا (سواد يا ذائقي ۾)، ١۵. هڪ قسم جا وڻ، ١٦. پاڻيءَ جا اونها کڏا، ١٧. هڪ قسم جا وڻ جن جي ڦر کي ٻير چئبو آهي، ١٨. هڪ قسم جا ٻوٽا جيڪي وارياسن پٽن ۽ ميدانن تي ٿين، ١٩. هينئر، هن مهل، ٢٠. ياد ڪريان، ٢١. وسئا، ٢٢. برساتون، ٢٣. مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو، ٢۴. تزي، ٢۵. پيدا ٿئا، اپرئا، ٢٦. هڪ قسم جي جهنگ جي ول جا ڦر، ٢٧. ننڊ جي حالت ۾، ٢٨. محبوب (مارو)، ٢٩. ياد ڪئا، ٣٠. عورتن جي پاڻيءَ ڀرڻ وقت ٻه دلا مٿي تي رکي هلڻ، ٣١. ٻڌن ٻيلون = ٻٽ يعني ٻه ٻه چٽيون گڏ هلن، ٣٢. موسم، رُتِ، ٣٣. سٺي، ڀلي، چڱي، ٣۴. موهيندڙ، سهڻي.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر مَارُئي

## داستان پهريون

### ١

"اَلَستُ بِرَبِکُم"*، جَذهِين[1] کَنِ[2] پُئوم[3]،
"قَالُوا بَلَيٰ"● قَلبَ[4] سين، تَذهِين[5] تت چَيوم[6]،
تَهِين ويرَ[7] کِئوم[8]، وچَن[9] ويڙهِيچَنِ[10] سين.

### ٢

جَذهِين "کُن فَيکُونُ"# مَنُ تَذاهَانکُون[11] مَارُوئين[12]،
تُون کِيئَن وَجهين[13] تَنِ کي، سُومَرا[14] شَکُون[15]،
حَمِيرَنِ[16] هَکُون[17]، جَاڙَ[18] جُسي[19] کي پَاتِيون.

### ٣

کَهُيَائين[20] سين "کُن[21]"، "فَيَکُونُ[22]" فدا کَري[23]،
تَعظِيمَا[24] تَمامُ کَري، پوءِ[25] پَتيرِئَائين[26] پُون[27]،
مَارُوُ[28] تَنئَائين[29] مُون[30]، پَينَرُ[31] پَاڱي[32] آيو.

*ڇا نہ آهيان آئون اوهان جو ربُ (قرآن شريف جي سورت اعراف جي آيت ١٧٢)، ١. جنهن وقت، جيئن ئي، ٢. ڪن تي، ٣. مونکي پئو، ● چيائون "هائو" (قرآن شريف جي سورت اعراف جي آيت ١٧٦)، ۴. دل، من، ۵. تنهن وقت، تيئن ئي، ٦. مون چيو، ٧. وقت، مهل، ٨. مون ڪئو، ٩. انجام، واعدو، ١٠. ويڙهہ ۾ يعني جهنگن ۾ رهندڙن # ٿيءُ ء پوءِ اهو ٿي پوي ٿو (قرآن شريف جي سورت بقر جي آيت ١١٧، سورت آل عمران جون آيتون ۴٧ ء ۵٩)، ١١. تنهن وقت کان، ١٢. مارن سان، مارئيءَ جي مائٽن سان، ١٣. پائين، ١۴. اي (عمر) سومرا، ١۵. ڪليون، ڪيريون، زنجير، ١٦. اميرن، ١٧. رنڍڪون، جهلون، بند، ١٨. اجايون، بي سود، ١٩. (منهنجي) بدن، ٢٠. چيائين، حڪم ڪئائين، ٢١. ٿيءُ، ٢٢. پوءِ ٿي پوي ٿو، ٢٣. "فيڪون" جي ادائيگي (جو بندوبست)، ٢۴. تعظيم خاطر يا عزت خاطر (حضرت آدم عہ جي)، ٢۵. راس، پورو، مڪمل، ٢٦. وڇايائين، پکيڙيائين، ٢٧. ڌرتي، زمين، ٢٨. مارئيءَ جو مڱيندو، ٢٩. تنهن هنڌان ئي، تنهن وقت کان ئي، ٣٠. مون کي، ٣١. اي پينر، اي پينءَ، اي ادي، ٣٢. ڀاڱي ۾، حصي ۾، نصيب ۾.

Gul Hayat Institute

٤

نَڪَا ”ڪُن فَيَڪُونُ“[1] هُئِي، نَڪَا هُونگَ[2] نَہ هُون[3]،
سَڄڻ[4] اُنهِين سَاعَتَ[5] ۾، اُپِي[6] ڏِنَا سُون[7]،
مُون[8] تَن[9] تَڏاهَانڪُون[10]، مِلِي[11] مُلاقَاتِ[12] ڪِي[13].

٥

نَڪَا ”ڪُن فَيَڪُونُ“ هُئِي، نَڪو لِڱُ[14] لَحمُ[15]،
بَنِئو هو نَہ بُتَ[16] ۾، اَڄا ڪِي آدَمُ،
مُون[17] تو[18] هِين سَڱُ[19]، اُهَا سَاجَئِہ[20] سُپِرِين[21].

٦

نَڪَا ”ڪُن فَيَڪُونُ“ هُئِي، نَڪَا مُورَتَ[22] مَاهَہ[23]،
نَڪَا سُڌَ[24] ثَوابَ[25] جِي، نَڪو غَرَضُ[26] گُنَاهَہ[27]،
هيڪَائِي[28] هيڪُ[29] هُئِي، وَحدانِيَتَ واهَہ[30]،
لِڪِيَائِين[31] لَطِيفُ چَئِي، اُتِ گُجهَاندَرَ[32] جِي ڳَاهَہ[33]،
مُون تو هِين سَين آهِي، اُهَا سَاجَئِہ سُپِرِين.

١. ڪُن فيڪون = ٿيءُ ۽ ٿيو ٿي پوي ٿو (قرآن شريف جي سورت بقر جي آيت ١١٧ ۽ سورت آل عمران جون آيتون ٤٧. ۽ ٥٩)، ٢. آواز، هَل، گوڙ شور، ٣. آواز، هُلَ، ٤. محبوبَ. ٥. مهل، وقت. ٦. پئي، ٧. اسان کي ڏنو. ٨. منهنجي، ٩. من، دل، ١٠. تنهن وقت کان، ١١. گڏجي، ١٢. رهاڻ، ديدار، ١٣. ڪئي، ١٤. عضوو (بدن، جسم)، ١٥. گوشت، ماهُ، ماسَ (جسم)، ١٦. جسم، بدن، ١٧. منهنجو، ١٨. تو، ١٩. واسطو، تعلق، ٢٠. سڃاڻپ، واقفيت، ٢١. اي سپرين، اي پرين، اي محبوب، ٢٢. وجود، صورت، تصوير، ٢٣. ماهہ جي، چنڊ جي، ٢٤. خبر، ٢٥. نيڪيءَ، ٢٦. واسطو، حاجت، ٢٧. گناهہ جو، پاپ جو، ٢٨. هيڪڙائي يا وحدانيت (خدا جي)، ٢٩. وحدانيت جي، خدا جي هيڪڙائيءَ جي، ٣٠. چرچو، چوٻچوٻ، گفتگو، وائي، ٻچار، ٣١. تحرير ڪئائين، درج ڪئائين، ٣٢. راز، ڳجهہ، ٣٣. ڳالهہ، رمز.

Gul Hayat Institute

**٧**

چَئِي "كُن فَيَكُون" *، تَي خَلقِئا[1] رُوحَ[2] خُدا،
گَڏُ جِت گُذرانُ[3] هو، جَڙَ[4] لَڳي تنهن جَاءِ[5]،
مُون[6] توهِين[7] سين آهِ، اُهَا سَاجَئِہ[8] سُپِرِين[9].

**٨**

قِسمَت[10] قَيدُ[11] قَوِي[12]، نَہ تَہ كيرَ اَچي هِنَ كوٽَ[13] ۾،
لِکِئي[14] آٽي[15] لوحَ[16] جي، هَنڌُ[17] ڏيکارِئُمِ[18] هِيءُ،
پَرَچِي[19] کين پَنوَهار[20] ري[21]، جَانِ[22] جُسو[23] ۽ جِيءُ،
راجا[24] راضِي[25] تِيءُ، نَہ مَارُن[26] مَڙِي[27] مَارئِي.

**٩**

قِسمَت قَيدِ كَيَسِ[28]، نَہ تَہ كيرَ اَچي هِنَ كوٽَ ۾،
وَنَحنُ اَقرَبُ اِلَيهِ مِن حَبلِ الوَرِيد• وَطَنِ[29] آئُون وِينديَاس،
مَارُنِ كي مِلَندِيَاسِ، كُونِيُون[30] چَڏي كَڏهِين.

**١٠**

قَيدُ[31] السَمَاءِ تِئُوم[32]، هِتِ اَڙانگهي[33] گهَارِيَان[34]،

---

*تيءَ ۽ پوءِ تي پوي ٿو (قرآن شريف جي سورت بقر جي آيت ١١٧ ۽ سورت آل عمران جون آيتون ٤٧ ۽ ٥٩). ١. پيدا ڪئا. ٢. ساهَ. آتمائون. ٣. بودوباش، رهڻي سهڻي، رهائش. ٤. (محبت جي) ميخ، ڪِلي. ٥. جاءِ تي، هنڌ تي. ٦. منهنجي. ٧. تو. ٨. سچائپ، واقفيت. ٩. اي سپرين، اي پرين، اي محبوب. ١٠. تقدير. ١١. بندُ. ١٢. باري، جبرو، مضبوط، سخت، اڻ ٽر. ١٣. (عمر ڪوٽ جي) قلعي، بند، قيد. ١٤. تقدير، ڪرم. ١٥. وٺي. ١٦. آسمان تي محفوظ رکيل تختي يا پٽي جنهن ۾ انسانن جون تقديرون لکيل آهن. ١٧. جاءِ (عمرڪوٽ جو قيدخانو). ١٨. مون کي ڏيکارئو. ١٩. راضي ٿئي، خوش ٿئي. ٢٠. رڍون يا ٻڪريون چاريندڙ (مارئيءَ جي مڱيندي). ٢١. کان سواءِ. ٢٢. جيءُ، ساھُ. ٢٣. بدن، بت. ٢٤. اي راجا، اي بادشاھ (عمر). ٢٥. رضامند، مهربان. ٢٦. مارن کي (مارئيءَ جي مائٽن کي). ٢٧. ملي، گڏجي. ٢٨. مونکي ڪئو ● ۽ اسين هن کي ڪنڌ جي ٻنڊين (شهہ رڳ) کان بہ وڌيڪ ويجها آهيون (قرآن شريف جي سورت ق جي آيت ١٦). ٢٩. وطن ڏي. (مارن جي) ملڪ ڏي. ٣٠. (قيدخاني جا) صُفا، ڪمرا. ٣١. (اَنَ) ياٿيءَ جو قيد، داٿي ياٿيءَجو قيد. ٣٢. مونکي ٿيو (منهنجي نصيب ۾ لکيل آهي). ٣٣. ڏکي، ڏکن ۾، عذابن ۾، مشڪلات ۾. ٣٤. گذاريان.

هُنَاكَ جِسمِي والفُؤادُ لَدَيكُمۡ*، هَنيُون[1] هُتِ[2] سَندومِ[3]،
قَادِرُ[4] شَالَ[5] كَندومِ[6]، ميڙائو[7] سين مارُئين[8].

## ١١

قَيدُ[9] المَاءِ كَهَنِ[10] جو[11]، سو مُون[12] پاند پئو[13]،
جَفَّ القَلَمُ بِمَا هُوَ كَائِنُ،● وَهي قَلَمُ وِئو[14]،
اِيءُ قَضَا[15] كَمُ[16] كِئو، جِيئَن تَرِ[17] مَارُو آئُون مَاڙيين[18].

## ١٢

جهَڙو قَيدُ المَاءِ، تَهڙو بَندُ[19] نَه كو پِئو،
جَفَّ القَلَمُ بِمَا هُوَ كَائِنُ، لَهي نَه[20] تَرُ[21] تَئان[22]،
عُمَرَ[23] تو[24] هَتَان[25]، تَنئي آجَائي[26] آجَڙيين[27].

## ١٣

رَءَ[28] اَعرابِين[29] هِتِ[30]، گَهنگهَرُ[31] گهارَڻُ[32] مُون[33] پئو،
بَكَتَ العَينَين بِمَا هُوَ قَدَمَا،# پُجَان[34] سَاڻُ پِرتِ[35]،
مَن[36] اكِيُون نَن تِتِ، جِتِ جَنَبُ[37] جِيڏيين[38].

---

* هتي منهنجو جسم آهي ۽ دل اوهان وٽ آهي (عربي چوٽي)، ١. دل، مَنُ. ٢. يعني مارئيءَ جي مائٽن مارن وٽ. ٣. منهنجو. ۴. قدرت وارو، خدا تعاليٰ. ۵. الله گهريو تہ. ٦. منهنجو ڪندو. ٧. ميلاپ، ميڙو. ٨. مارن. ٩. داڻي پاڻيءَ جو قيد. ١٠. چون. ١١. جيڪو. ١٢. مون کي. ١٣. پاند ۾، نصيب ۾ ● جيڪي ٿيڻو آهي سو لکي قلم سُڪي وئو (حديث شريف). ١۴. لکڻ، کلڪ (وهي قلم وئو = جيڪي ٿيڻو هو سوڻي ويو). ١۵. خدا جي امر، خدا جي حڪم. ١٦. معاملو. ١٧. ٿر ۾ يا ريگستان (مارئيءَ جي ملڪ) ۾. ١٨. (عمرڪوٽ جي) ماڙين ۾. ١٩. قيد. ٢٠. گهنجي، ڪم ٿئي. ٢١. تر (هڪ قسم جي تيلي ٻج جي داڻي) جيترو، ٿورو، ذري برابر. ٢٢. تنهن مان. ٢٣. اي عمر. ٢۴. تنهنجي. ٢۵. هٿ ڪان (تو هٿان = توڪان). ٢٦. چوٽڪارو. ٢٧. آجڙين جي، ٻڪرارن جي (مارئيءَ جي مائٽن جي). ٢٨. ڪان سواءِ. ٢٩. عربستان جي ٻهراڙيءَ جي رهاڪن (جهانگي ماڻهن، مارئيءَ جي مائٽن مارن). ٣٠. يعني عمرڪوٽ جي قيدخاني ۾. ٣١. حيران، پريشان. ٣٢. گذارڻ، حياتيءَ جا ڏينهن ڪٽڻ. ٣٣. مونکي # ٻنهي اکين جيڪي اڳي ڪيو ان تي (انهن اکين) رنو (عربي چوٽي). ٣۴. پهچان، رسان. ٣۵. محبت. ٣٦. دل. ٣٧. جنم، ڄمڻ جو هنڌ. ٣٨. جيڏين جو، ساهيڙين جو.

Gul Hayat Institute

## ١٤

هي هَنڌَ مَارُئن هَاڻ، سَاڙبان سَڀِ ڏيهِيُن ري،
كُلُ شَيءِ يَرجِعُ اِليٰ اَصلِهِ*، تي جهِجَان جهانگِين كَانءِ،
پِري پَنهِنجي پَاڻِ، پَسان مُلكُ مَلِيرَ جو.

## ١٥

صَائِمُ سِكِّي جِيئَن، اَذانَ جي آوازَ كي،
مُون تَن اَندرِ تِيئَن، اُكَندَ اَبَائَنِ جي.

وائي

پَرچَنِ شَالَ پَنُوهارَ، ڍولا مَارُو مُون سين،
پَائي آيس پَاندَ ۾، اَوگُڻَ عَيبَ اَپَارَ،
مُون مُورائين مَديُون، آهين سَينڻَ سَتَارَ،
اُنَا مِينهَن مَلِيرَ ۾، تَڙ تَڙ پِيئي تَنوارَ،
عَيبَنِ پَري آهِيان، سَتُرُ كَرِ سَتَارَ.

Gul Hayat Institute

---

١. جايون، ماڳ، مكان، ٢. جاين جي مٿان نهيل بيون جايون، محلات. ٣. جلابان، كانيان، ٤. ساڱئي ديهہ جي رهاكن، هم وطن ماڻهن. ٥. كان سواءِ * سيكا شيءِ پنهنجي اصل ڏي موٽندي آهي (حديث شريف)، ٦. ڳران، تڙفان، نجهران، ٧. جهنگ جي رهندڙن، مارن (مارئيءَ جي مائٽن)، ٨. واسطي، ٩. وري، موٽي، ڦري، ١٠. باڻ تي، آستان تي، ماڳ تي، ١١. ڏسان، ١٢. ڏيهہ، علائقو، جوءِ، ١٣. مارئي جي ڳوٺ جو نالو، ١٤. روزيدار، ١٥. اُكندي، واجهائي، انتظار كري، ١٦. بانگ، نماز لاءِ سڏ، ١٧. منهنجي، ١٨. دل، من، ١٩. اُكير، چِڪ، ڪاڏو، ٢٠. مائٽن، ٢١. راضي ٿين، سرچن، ريجهن، ٢٢. من، خدا ائين كري، ٢٣. رُٺون يا پكريون جاريندڙ، مارو (مارئيءَ جا مائٽ)، ٢٤. سهڻا، محبوب، پرين، ٢٥. وجهي، ٢٦. جهوليءَ، پلئہ، ٢٧. مٺايون، مديون، بديون، برايون، ڏوهہ، عيب، ٢٨. تمام گهڻا، بي حد، ٢٩. مون ۾، ٣٠. مور كان، شروعات كان، ٣١. سڄڻ، محبوب، ٣٢. (عيب) ڍكيندڙ، ٣٣. وسڻ، ٣٤. برساتون، ٣٥. تڙ تڙ ۾، ڳوٺ ڳوٺ ۾، هر هنڌ ۾، ٣٦. وائي، ٻچار، جوبون، ٣٧. عين سان، ٣٨. پريل، چكار، ٿر، ٣٩. پردو، ڍكَ، ٤٠. اي ستار، اي خدا.

بِسمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيم

# سُر مارُئي

## داستان ٽِئو

### ۱

پَهِي[1] سُکَ[2] پيرَين[3] کيهَہ[4]، کو نينهَن[5] نياپو[6] مارُوئن[7]،
اَتِ[8] اُڪَندِي[9] آهِيان، تَنِ[10] آتَڻِ[11] تَن[12] ڏيهَہ[13]،
سَندِي[14] جا ساٿيهَہ[15]، کِهَہ ڪَٿُوري[16] پانيان[17].

### ۲

جو ڏيهَہ[18] ڏاڏاڻان[19] آيو، ڏِنُمِ[20] تَنهَن[21] طَعنو[25]،
پائي وِيهُہ مَ پَلَنگين[22]، ڳِچِيءَ[23] سِرِ[24] ڳانو،
مَٿان لَکَ[26] لَطِيفُ چئي[27]، ڪاءُ مَ خَزانو[28]،
سَرَتين[29] سِيل[30] چَوايو[31]، جَورِ[32] هَٿِي جانو[33]،
تو[34] سَنڌُ[35] سَمانو[36]، حَرفَ[37] لَٿي[38] هيکڙي.

### ۳

جو ڏيهَہ ڏاڏاڻان آيو، پيرَين[39] تَنهَن[40] پُئان،

---

۱. اي پهي، اي قاصد. ۲. سک جي، خير جي، سلامتيءَ جي. ۳. (تنهنجي) پيرن تي، قدمن تي. ۴. کهہ، متي، دز، خاڪ. ۵. نينهن جو، محبت جو. ٦. پيغامُ، سنيهو. ۷. مارن (مارئيءَ جي مائٽن) کان. ۸. تمام گهڻي، بي حد. ۹. سڪايل. ۱۰. تن (مارن) جي. ۱۱. آتڻ (جاءِ جتي عورتون سٽ ڪتنديون آهن) کي. ۱۲. تن جي. ۱۳. ڏيهہ کي، ملڪ کي، وطن کي. ۱۴. جي. ۱۵. وطن. ۱٦. مشڪ. بنان سڱن واري هرڻ جي دن مان نڪتل خوشبودار شيءِ. ۱۷. سمجهان. ۱۸. ڏيهہ کان. ۱۹. ڏاڏاڻن جي، اباڻن جي، (مارئيءَ جي مائٽن جي). ۲۰. مون کي ڏنو. ۲۱. ميهڻو، اوپالو، ڏوراپو. ۲۲. پلنگن تي، ڪٽن تي. ۲۳. ڳلي، ڪنڌ. ۲۴. ۾. ۲۵. ڳچيءَ ۾ پڌڻ لاءِ هڪ زيور جو نالو. ۲٦. بدران، عيوض ۾. ۲۷. لڪ جي، چيلهہ يا ڪمر جي (پاڪدامنيءَ ڏانهن اشارو). ۲۸. دولت يا مال ملڪيت (عمر جو). ۲۹. ساهيڙين، هڪ جيڏين. ۳۰. ست يا پاڪدامنيءَ يا عصمت (جي ڳالهہ يا صلاح). ۳۱. چوائي موڪلي. ۳۲. جور سان، زور سان، تاڪيد سان. ۳۲. زاري، نيزاري، منٿ. ۳۴. توکي (ٿيندو). ۳۵. پُکارَ يا اطلاع (اچڻ جو). ۳٦. مانائتو، مان وارو، عزت وارو. ۳۷. لفظ. پٽڪي. ۳۸. پوري ٿيندي (حرف لٿي هيڪڙي = تمام جلدي). ۳۹. پيرن تي. ۴۰. تنهن کي.

سَانگَاتُوءَ[۱] سَيّد چَئي، سَنديُون[۲] چِتَ[۳] چُئَان،[۴]
هِتي[۵] تَان[٦] نَہ هُئَان،[۷] حَرف[۸] لَتي[۹] هيڪڙي.

۴

نَڪو اير[۱۰] نَہ پير[۱۱]، نَڪو اوتي[۱۲] آيو،
مُون وَٽِ آيو ڪونَہ ڪو، پَرئَان پَري[۱۳] پيرُ،
ڪِتَابَتُون[۱۴] ڪيرُ، ڏِيندُمِ[۱۵] ڏيهَايَنِ[۱٦] جُون.

۵

نَہ خَبَرَ[۱۷] نَہ خَوابُ[۱۸]، نَڪو اوتي آيو،
هُتي[۱۹] جي هِتَ اَچِي، ڏِنُو ڪونَہ جَوابُ[۲۰]،
حَمِيرَنِ[۲۱] حِسَابُ[۲۲]، ڪوهُ[۲۳] جَاڻَان[۲۴] ڪِيئَن[۲۵] ٿِئو.

٦

اُتَان اوتِي آيو، خَبَرَ اِيءَ ڪَري[۲٦]،
وِسَارِجِ مَ وَرَ[۲۷] کي، پَوءُ[۲۸] مَ مُنڌَ[۲۹] مَري[۳۰]،
وِنديِنءَ اُتِ[۳۱] وَرِي[۳۲]، ڪو ڏِينهُن[۳۳] آهِين ڪوٽَ[۳۴] مِ.

Gul Hayat Institute

۱. سانگاتوءَ کي، سانگ واري کي، واٽهڙوءَ کي، قاصد کي، ۲. جون، ۳. دل، من (سنديون چت = دل جون ڳالهيون، راز جو احوال)، ۴. ٻڌايان، ۵. يعني عمرڪوٽ جي قيدخاني ۾، ٦. جيڪر، ۷. هجان، ۸. لفظ، اکر، ٻٽڪي، ۹. پوري ٿيندي (حرف لٽي هيڪڙي (حرف لٽي هيڪڙي، هڪ لفظ جي ڳالهائڻ جيترو وقت)، ۱۰. اچڻ وارو، ۱۱. ٻيري ڪرڻ وارو (ايرٻير = اچ وڃ، لاڳاپو، تعلق)، ۱۲. اٿ وارو، اٺ تي چڙهي نياپو آڻيندڙ نيندڙ، ۱۳. پري پيرُ = اچڻ جي تڪليف وٺي، قدم ڪٽي، مهرباني ڪري، ۱۴. خط، چٺيون، ۱۵. مون کي ڏيندو، ۱٦. (منهنجي) ڏيهہ جي رهاڪن، هم وطن ماڻهن (مارئي جي مائٽن يعني مارن)، ۱۷. نياپو، پيغام، سُڌِ، ڪَل، ۱۸. خواب يعني سپنو (مون ڏٺو)، ۱۹. يعني مارن جي ملڪ جي ماڻهوءَ، ۲۰. ورندي، خبر، ۲۱. حميرن جو، اميرن جو يعني عمر سومري جو، ۲۲. ليکو، معاملو، رٿ، ۲۳. ڇا، ۲۴. سمجهان، پروڙيان (ڪوهہ ڄاڻان = مونکي پروڙ يعني خبر نہ آهي)، ۲۵. ڪهڙيءَ طرح، ۲٦. ڪئي، ۲۷. دل تان لاهج، ۲۸. مڙس، ڀتار، شوهر، ۲۹. اي منڌ، اي عورت (مارئي)، ۳۰. بي حال ٿي، ۳۱. يعني مارئيءَ جي مائٽن مارن وٽ، ۳۲. موٽي، واپس ٿي، ۳۳. ڪو ڏينهن = ڪجهہ يعني تمام ٿورو وقت، ۳۴. عمر ڪوٽ (جي قيدخاني) ۾.

## ۷

ڪو[1] ڏينهن آهين ڪوٽ[2] ۾، لوئي[3] هَڌ[4] مَ لاهه[5]،
ڪامڻ[6] انهنجي[7] ڪُر[8] جي، آڏ[9] وڏائي[10] آهه،
هِت[11] مَ پارِج[12] هيڪڙو، پائُر[13] جو پساهه[14]،
سَتي[15] سِيل[16] نباهه[17]، ملير[18] وينديءَ ماروئي[19].

## ۸

تَران[20] تاريلو[21] آيو، ڏيهه[22] جو ڏيهائي[23]،
تنهن ويڙهيچي وطن جي[24]، ويهي ڪي وائي[25]،
هيڪ تاڏيل[26] ترن ۾، هند هند هرائي[27]،
ڳجهو[28] ڳالهائي، گڏجان گامون[29] سين.

## ۹

اوني[30] ڳوٺي[31] آئين، ڪو هُتي[32] جو هت هير[33]،
ته ڪنا جي ڪوٽن[34] جا[35]، تين[36] سُرها سير[37]،
آءُ ته اکين[38] اگهان[39]، جي پائُر[40] ڏنئي[41] پير[42]،
لله[43] لڳ لطيف چئي[44]، لاءِ مَ تون اوير[45]،

---

۱. ڪو ڏينهن= ڪجهه يعني تمام ٿورو وقت. ۲. عمرڪوٽ (جي قيدخاني) ۾. ۳. ڪٿي، اَن يعني رڍن جي وارن مان ٺهيل چادر يعني اوڍڻي. ۴. اصل، بنهه. ۵. (مٿي تان) هٽاءِ. ٦. اي ڪامڻ، اي سهڻي منڊ، اي عورت. ۷. اوهان جي. ۸. خاندان، ڪٽنب. ۹. اصل، بنيادي، خانداني، خاص. ۱۰. مرتبو، شان، عظمت، خوبي، خصلت، گڻ. ۱۱. يعني عمرڪوٽ جي قيدخاني ۾. ۱۲. برابر يا مَٽَ ڪري ڀانئج يا سمجهج. ۱۳. ٿر جي ڏڪڻ واري ڀاڱي مگر هتي مراد سڄو ٿر آهي. ۱۴. (حياتيءَ جو هڪ) دَمُ يا گهڙي، پساهه يعني ساهه کڻڻ جيترو وقت، تمام ٿورو وقت. ۱۵. اي ستي، اي پاڪدامن عورت. ۱٦. سَتُ، پاڪدامني، عصمت. ۱۷. نڀاءِ يعني حياتيءَ جي آخري دم تائين قائم رک. ۱۸. ملير (مارئيءَ جي ڳوٺ) ڏي. ۱۹. اي مارئي. ۲۰. ٿر کان. ۲۱. ٿر جو رهاڪو، ٿري (اوٺي، قاصد). ۲۲. ملڪ، وطن. ۲۳. ڏيهه جو رهاڪو، هم وطن. ۲۴. ويڙهه جي رهندڙ، جهنگ جي رهندڙ. ۲۵. ڳالهه. ۲٦. ٽڏڪار، ٿڌي موسم، ٺارَ. ۲۷. ساوڪ. ۲۸. مخفي طور، لڪ ڇپ ۾. ۲۹. گام يعني ڳوٺ جي رهاڪن. ۳۰. اي اوٺي، اي اُٺ وارا، اي قاصد. ۳۱. ڳوٺ (ملير) جو ماڻهو. ۳۲. يعني ملير. ۳۳. هاڻ، هن وقت. ۳۴. خراب، بدبوءِدار. ۳۵. قلعن، محلاتن. ۳٦. خوشبوءِ دار. ۳۷. گس، رستا، ماڳ، مڪان. ۳۸. اکين سان. ۳۹. صفا ڪريان. ۴۰. پائر ۾ (ٿر جي ڏاکڻي حصي کي پائر چوندا آهن). ۴۱. تو ڏنا، تو گهمايا. ۴۲. قدم، پڳ. ۴۳. الله جي لڳ يا واسطي. ۴۴. ڪر، لڳاءِ. ۴۵. دير.

كونِيڻ[1] گهاري[2] كيرَ، مَحلڻ[3] مُنجهي[4] مون[5] هِنيُون[6].

## ١٠

جُهران[7] جِهجَان تيِّ[8]، جِيئَن[9] پَسَتائي[10] پَري تِئا[11]،
اَللهَ[12] اونّي[13] آٽيِين، جو[14] كِيَ[15] جي خَبَرَ[16] ڏي،
تَہ مَنَ مُنهِنجي كي، واكو[17] لَهي[18] وِيڙهِہ[19] جو.

## ١١

اَللهَ اونّي آٽِيِين، جي نيَپايا[20] نِين[21]،
آئُون اُنهين[22] جي آهِيان، توڙي[23] مُون[24] نَہ مَجِين[25]،
مَس[26] مُنهِنجي هَٿَ ۾، كَاغَذُ كي آٽِين،
لُڙكَ[27] نَہ لِكَڻُ ڏِين، كِرِئو پُون قَلَمَ[28] تي.

## ١٢

كَاغَذُ لِكان كِيئَن، جِيئَن[29] هَٿُئو اَمرُ[30] اَذَ[31] كَري،
واڳيُون[32] جي وِصَالَ[33] سين، تَن چَاڙهي چِيئَن[34]،
رُئَان راتو ڏِينهَن، اُن جي وائِيءَ[35] ۾ وَرَ گَهتا[36].

---

١. كوئِين ۾، (قيدخاني جي) صُفن ۾. ٢. رهي، ترسي، گذاري. ٣. محلن ۾، محلاتن ۾. ۴. پريشان ٿئي، ويڳاڻو يا وياكل ٿئي. ٥. منهنجو. ٦. من، دل. ٧. جهجان، نجهران، ڳران، رُئان. ٨. أن كري. ٩. چاكاڻ تہ. ١٠. پسڻ كان ٿي، ڏسڻ كان ٿي. ١١. دور. ١٢. اي الله. ١٣. اٺ وارو (قاصد، نيايا آڻيندڙ نيندڙ). ١۴. جيكو. ١٥. خيريت، خير سلامتيءَ. ١٦. سَڌ. ١٧. فكر، ڳڻتي. ١٨. ختم ٿئي. ١٩. جهنگ (مارئيءَ جي ملك ملير). ٢٠. پيغام، سنيها. ٢١. كٽي وڃن. ٢٢. يعني مارن (مارئيءَ جي مائٽن). ٢٣. جيتوڻيك. ٢۴. مون كي. ٢٥. قبولين. ٢٦. سياهي (پنهنجي رت ڏانهن اشارو). ٢٧. ڳوڙها، آنسو. ٢٨. ليكڻ، كلك. ٢٩. كهڙيءَ طرح. ٣٠. (خدا جو) حكم. تقدير. ٣١. ٽكرا كري (قلم كي). ٣٢. ٻڌل، گڏ. ٣٣. ميلاپ، ميڙائي (ورن يعني مڙسن جي). ٣۴. چيڻن تي، ڏاكهہ يا باهہ جي آڙاهہ ۾. چكيا تي، سوريءَ تي (چاڙهي چيڻن = آزار ۾ وڌي. سورن ۾ وڌي [مهڻا ۽ طعنا ڏيئي]). ٣٥. ڳالهہ. ٣٦. ڦيرا، وٽ، رمزون.

Gul Hayat Institute

## ١٣

تَنِ وَنهِيَن[١] ويڙهِيچَنِ[٢] کي، رُئان راتو[٣] ڏِينهَن،
ڪَالَهَه پَنوَهارَنِ[٤] لَڏئو[٥]، مُون کي چَاڙهي چِيئَن[٦]،
آئُون جِيئَندِي[٧] ڪِيئَن[٨]، جُه[٩] اُنِ ٿَرِ[١٠] وَجِي ٿَاڻَا[١١] ڪِئَا.

## ١۴

عُمَر[١٢] مَارُوئَڙَنِ[١٣] جو، ٿَر ٿَر[١۴] اَندَر[١٥] ٿَاڪُ،
لاٿَائُون لطِيفُ چَئي، مَتَان[١٦] لوئِيءَ[١٧] لاڪُ[١٨]،
عُمَر[١٩] آهِيُون آڪُ[٢٠]، پَهرِئو[٢١] ٿي[٢٢] پَن[٢٣] چَران[٢۴].

## ١٥

عُمَر مَارُوئَڙَنِ جو، ٿَر ٿَر اَندَر ٿَاءُ[٢٥]،
سَبِ تُنهِنجو سُومَرا[٢٦]، وِينَا ڳِنهَنِ[٢٧] نَانءُ[٢٨]،
اُتي وِبندِيَسِ آنءُ[٢٩]، لوئِي لَجَ[٣٠] مَٿي[٣١] ڪَري[٣٢].

## ١٦

ڏِٿَين[٣٣] پَٽين[٣۴] ڏِيرَ[٣٥]، مَهِيَر مَارُوئَڙَنِ جَا،
پَائُرُ[٣٦] سَبِ پَچِي[٣٧] پِئو، گَهرِ[٣٨] گهارِيندِي[٣٩] ڪِير[۴٠]،

---

١. آسودن، سکين ستابن، شاهوڪارن. ٢. ويڙهہ يعني جهنگ ۾ رهندڙن، مارن (مارئيءَ جي مائٽن). ٣. راتو ڏينهن = هر وقت، هميشہ. ۴. رڍون يا ٻڪريون چاريندڙن، مارن. ٥. نقل مڪاني ڪئي. ٦. چيئن تي، ڏاگهہ تي، چڪيا تي، سوريءَ تي (چاڙهي چيئن = ڏکن يعني سورن ۾ وجهي). ٧. زندهہ يا حيات رهندي، جيئري رهندي. ٨. ڪهڙيءَ طرح. ٩. ڇاڪاڻ. ١٠. ٿر ۾، ريگستان ۾، برپٽ ۾. ١١. ٺڪاڻا، ٿاڪَ، گهر. ١٢. اي عمر (سنڌ جي سومرا خاندان جي هڪ حاڪم جو نالو جنهن مارئيءَ کي سندس ڳوٺ ملير مان زوريءَ کنيو هو). ١٣. مالوندن (مارئيءَ جي مائٽن). ١۴. ٿر ٿر = هر هڪ ٿر (پاٽيءَ جي سهنج سبب ڪوهہ جي آسپاس ٻڌل ڳوٺ). ١٥. ۾. ١٦. تان. ١٧. ڪنٽيءَ، رڍن جي وارن مان ٺهيل اوڍڻيءَ يعني چادر. ١٨. (لاکَ يعني ٻير ۽ ڪنڊيءَ جي وڻن جي ٽارين مان ڳاڙهي رنگ جي رَسَ جو) رنگُ، لالائي. ١٩. اي عمر. ٢٠. مارو (مالوند) ماڻهو، رڍون ۽ ٻڪريون چاريندڙ. ٢١. رڍن يا ٻڪرين کي چارڻ لاءِ جهنگ ڏانهن وٺئو. ٢٢. تنهن ڪري. ٢٣. وڻن جا پتا. ٢۴. (مال کي) چاريان. ٢٥. ٿانَ، گهرَ. ٢٦. اي سومرا (عمر بادشاهہ سنڌ جي سومرا خاندان مان هو). ٢٧. وٺن، ڳائين. ٢٨. نانءُ، نالو، نامُ. ٢٩. آئون. ٣٠. لڄ جي، ڀرمَ جي، عصمت جي. ٣١. مٿي تي، سر تي. ٣٢. رکي. ٣٣. ڏِٿَ (ٿر علائقي جو هڪ ٻاڳو) جي، ٿر جي. ٣۴. پٽن ۾، ميدانن ۾. ٣٥. انبوهہ، ميڙ، مهيرَ. ٣٦. ٿر علائقي جو ڏاڪڻو يعني ڏکڻ وارو حصو (ٿر) هتي معنيٰ ٿيندي پائر يا ٿر جون ٻوڪون يا فصلُ. ٣٧. لاباري لاءِ تيارُ، لڻڻ جي لائق. ٣٨. گهر ۾. ٣٩. رهندي، ترسندي. ۴٠. ڪاٻہ نہ.

جَنِ[1] هيڪانديءَ[2] هيرَ[3]، تَنِ[4] قوڙائو[5] مَ ڏِيِن.

## ۱۷

سَهسين[6] سيبَا[7] ڪَنجِري[8]، لوئي[9] لِيڙو لِيڙَ[10]،
واسِي[11] وارَ وِيڙهيان، وَرُ[12] چاپِئا[13] رَهَنِ چِيڙَ[14]،
مَاروءَ[15] جي مُهازِي[16]، بِي[17] اَندَرِ[18] ناهه اُڪِيرَ[19]،
هِهڙو حَالُ[20] حَمِيرَ[21]، وَنِي[22] شالَ ويڙهه[23] وَجان.

## ۱۸

سَهسين سيبَا ڪَنجِري، لوئي لِيڙَ[24] تَئامِ[25]،
اَباڻَنِ[26] جي آسِري[27]، ڪَتي[28] ڪانَ ڪَئامِ[29]،
ڏِتَ[30] جا ڏِڪِيامِ[31]، تِنهِنجو[32] پَرورَ[33] پَنَ[34] رَهائيِنَ[35].

## ۱۹

اَنگَڙِيارو[36] ڪَنجِرو، لوئي سِين لِيڙُن،
هِهڙو حَالُ وَنِي ڪَري، وَجان مَنجهه ٿَرِن،
مَارُو[37] مَان نَه چَوَنِ، هُئِي اَسان جي آسِري.

---

۱. جن کي، ۲. گڏ رهڻ يا ميلاپ جي، ۳. عادت، ۴. تن کي، ۵. وڇوڙو، جدائي، ۶. سوين، تمام گهڻا، ۷. ٽوپا، ٽاڪا، چٽيون، ۸. ڪنجري کي، گج کي، چولي کي، (زناني) ۹. ڪٿي، رڍ جي وارن يعني اُن مان ٺهيل اوڍڻي يا چادر، ۱۰. ليڙو ليڙ = ليڙون ليڙون، ڇيهون ڇيهون، پرزا پرزا، لينگهون لينگهون، ڌهيون ڌهيون، ۱۱. سُرهاڻ لڳائي، سرها تيل مکي، ۱۲. مَرُ، پلي، ۱۳. پٽل، (هڪ ٻئي سان) جهٽل، ۱۴. چيڙ جي سبب، وارن ۾ مٽيءَ ۽ ميل سبب، ۱۵. مارئيءَ جي مڱيندي، ۱۶. صورت، منهن، ۱۷. ڪان سواءِ، ۱۸. اندر ۾، دل ۾، ۱۹. سڪ، محبت، ۲۰. حالت، ڪيفيت، ۲۱. اي حمير، اي امير (اي عمر سومرا)، ۲۲. من، خدا ايئن ڪري تہ، ۲۳. ويڙهه ڏانهن، جهنگ (مارئيءَ جي ملڪ) ڏانهن، ۲۴. ليڙون، (ڦاٽي) پرزا پرزا، ۲۵. منهنجي تي آهي، ۲۶. مائٽن، ۲۷. آسري تي، ڀروسي تي (اَباڻن ڏي وڃڻ جي)، ۲۸. نئين ڪتيل يا اُٺيل (لوئي)، ۲۹. مون (مٽي تي) ڪئي يا ڍڪي، ۳۰. ڍٽ (ٿر علائقي جو هڪ حصو) ۾، ٿر ۾، ۳۰. جيڪا پراڻي ڦاٽل لوئي، ۳۲. مون ڍڪي، مون پهري، ۳۳. اي پرور، اي پروردگار، اي خدا، ۳۴. پردو، لڄ، ڀرم، عصمت، ۳۵. قائم ڪرين، ۳۶. ڦاٽل، ٽڪر ٽڪر، ذرا ذرا، ۳۷. مارئيءَ جا مائٽ.

## ٢٠

ڳوريءَ نينهن نه ڪچوئي، سبي سيبا ڏي،
ڪتيءَ وتيون ڪتيون، سٽي سي سيوي،
مچڻ چونم ڪي، ته لڄايئيءَ ٿر چايون.

## ٢١

سنهيءَ سوئيءَ سبئو، مون ماروءَ سين ساهُه،
ويني سارئان سومرا، ڳولاڙا ۽ ڳاهُه،
هنيون منهنجو هن سين، هت متي ۽ ماهُه،
پکن منجهه پساهُه، قالبُ آهي ڪوٽ ۾.

## ٢٢

سنهيءَ سوئيءَ سبئو، مون ماروءَ سين مَنُ،
هٽي ڪٽ حلم جا، تهه وڌائون تَنُ،
ڪيئن توپايان ڪنُ، اباڻيءَ ابر ري.

## ٢٣

پاچاهي نه پاڙبان، سرتيون سوئيءَ ساڻُ،

---

١. ڳوريءَ جو. عورت جو. منڍ جو (مارئيءَ جو)، ٢. محبت، پيار، ٣. ڪچو ٿئي، ڳهتجي، ٤. (ڪتيءَ يعني رڍن جي وارن مان ٺهيل لوئيءَ جا قاتل ٽڪر) ڳنڍي يا جوڙي، توبي، رفو ڪري، ٥. توپا، ٽاڪا، ٦. ڪتيءَ جون، ٧. ڪناريون، پاسا، ٨. ڪسي ويون، ڳري ويون، ڇڃي ويون، ٩. ستيا واري يا پاڪدامن (مارئي)، ١٠. سبي، جوڙي، ڳنڍي، ١١. متان، ١٢. مونکي چون، ١٣. ڪجهه (ماڻهو)، ١٤. تو لڄايون، تو لڄي يعني شرمسار ڪيون، ١٥. ٿر ۾، ريگستان ۾، ١٦. چاول يا پيدا ٿيل (عورتون)، ١٧. باريڪ، ١٨. رُڪ مان ٺهيل ڪپڙي سبڻ جو اوزار، سُئي، ١٩. ڳنڍيو، ملايو، ٢٠. منهنجو، ٢١. مارئيءَ جي مڱيندي، ٢٢. روحُ، مَنُ، دل، ٢٣. ياد ڪريان، ٢٤. اي سومرا، ٢٥. هڪ قسم جا ڳاڙهي رنگ جا جهنگلي ميوا، ٢٦. دل، مَنُ، ٢٧. يعني مارن (مارئيءَ جي مائٽن)، ٢٨. يعني عمر ڪوٽ ۾، ٢٩. متيءَ جو، بدن يا جسم، ٣٠. (بدن جو) گوشت، ماس، ٣١. پکن يعني ڪکن ڪانن مان ٺهيل گهرن يا جهوپن، ٣٢. روح، دل، هنيون، ٣٣. بدن (هڏائون پڃرو)، ٣٤. ٽوپا، بخيا، ٣٥. حليمائيءَ، نرميءَ، مهر، ٣٦. تَهَ ۾، (ڪپڙي جي) پُڙَ ۾، اندرئين پاسي ۾، ٣٧. (منهنجو) بدن، ٣٨. ڪهڙيءَ طرح، ٣٩. سوراخ يا ٽنگ ڪرايان (زيورن يا ڳهن پائڻ لاءِ)، ٤٠. ڪن ڪي، ٤١. اباڻن جي، مائٽن جي، ٤٢. سوئيءَ، ٤٣. ڪان سواءِ، ٤٤. بادشاهي، ٤٥. برابر سمجهان.

ڏِکي[1] اُگهاڙَنِ[2] کي، کِينَ ڏِکيائِين پاڻُ[3]،
بِيهَرَ[4] جاپِي[5] جاڻُ[6]، اِبرَ[7] جي اوصَافَ[8] کي*.

## ۲۴

جِيئَن ڳَنڍيُون[9] مَنجهه ڳَنڍيرَ[10]، تِيئَن مُون[11] مَنُ[12] مَاروئَڙَنِ[13] سِين،
ڏِنيُون لَسَ[14] لَطِيفُ چَئي، هِيئنَڙي[15] کي حَمِيرَ[16]،
وَڃي مَنجهه مَلِيرَ[17]، سَبِ چوڙِينديَسِ سُومَرا[18].

## ۲۵

جِيئَن ڳَنڍيُون مَنجهه ڳَنڍيرَ، تِيئَن مُون مَنُ مَاروءَ سِين،
سي مَارُوئَڙا ٿَرِ[19] ٿِئا، جي ڳُڻَنِ[20] جا ڳَهيرَ[21]،
تَني ري[22] حَمِيرَ[23]، گهنگهرِ[24] ڳهارِيَان[25] ڏِينهَڙا.

## ۲۶

اَجَا[26] کَنِي[27] کالَهه، مُلان[28] آنديَمِ[29] مارُوئِين[30]،
سَاکِيئَن لوئِي[31] لاهِيان، مَٿان[32] لِڳَنِ[33] لالَ[34]،
مَارُنِ[35] مِلِي[36] شالَ[37]، ڏِهِيُون[38] تَوءِ ڏِکارِيان[39].

---

۱. کيڙا (سبي) پهرائي. ۲. بنان کپڙن ماڻهن. ۳. خود. ۴. ٻئو دفعو. ۵. جمي، جنم وٺي. ٦. سمجهه، سڃاڻ. ۷. سُئيءَ. ۸. گڻن، خاصيتن. وصفن *مرڻ کان اڳي مري وري جيئرو ٿي يعني فنا ٿين کانپوءِ بقا حاصل ڪري سُئيءَ جي وصفن کي پروڙ. ۹. سنڌ، جوڙ، کنهن بہ گاهه يا ٻوٽي جي ٻن ڳرين جي وچ وارا هنڌ. ۱۰. ڳنڍيدار يا ڳريدار هڪ قسم جي گاهه. ۱۱. منهنجو. ۱۲. دل، هنيون. ۱۳. مارن (مارئيءَ جي ماڻٽن). ۱۴. وڌيڪ يا زيادهه (ڳنڍيون). ۱۵. هنيين. دل. ١٦. امير (عمر سومري). ۱۷. مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو. ۱۸. اي سومرا (عمر سنڌ جي سومرا خاندان جو هڪ حاڪم هو جنهن مارئيءَ کي ان جي ڳوٺ ملير مان اغوا ڪيو هو). ۱۹. ٿر ۾، ريگستان ۾. ۲۰. نيڪين، ڀلاين. ۲۱. شوقين، گرويدهه، خواهشمند. ۲۲. ڪان سواءِ. ۲۳. اي امير (اي عمر). ۲۴. گهنگهر ۾، پريشانيءَ ۾. ۲۵. گذاريان، بسر ڪريان. ۲٦. اجها، تازي. ۲۷. أتي، ٺاهي. ۲۸. ڪان. ۲۹. مون آندي. ۳۰. مارن. ۳۱. ڪني، رڍن جي وارن يعني ان مان ٺهيل اوڍڻي يا چادر. ۳۲. تان. ۳۳. عضون (بدن، جسم). ۳۴. ڳاڙهي. ۳۵. مارن ڪي. ۳٦. گڏجي. ۳۷. مَنَ، خدا ڪهريو تہ. ۳۸. ليڙون. (ڪٻڙي جون) ڦاٽل يا ڳريل ٽڪر. ۳۹. تہ بہ، تنهن هوندي بہ.

Gul Hayat Institute

## ۲۷

کَتِيءَ[1] ۾ خِلافُ[2]، رَهِي[3] نَہ رَتِيءَ[4] جيترو[5]،
لَتو[6] لوئِڙيارِين[7]، گُوندَرَ[8] جو غِلافُ[9]،
ميرائي[10] لاٿا مارُوئِين[11]، سَبِ اوڍِيائُون[12] صافُ[13]،
مَلِيرُ[14] مِڙوئِي[15] مَعافُ[16]، عُمَرَ[17] اِنعامِي[18] ڪِئو.

### وائي

ويڙهيچَنِ[19] ڏي آئُون ويندِي، ڏيهَہ[20] ڏاڏاڻي[21] پَکَڙِينَ[22]،
جُهوپو جَهانگيڙِن جو، مَاڙِيءَ سين نَہ مَٽيندي،
پُسِي[23] ڪِينديَس پِيٽَ ۾، ڏورا[24] ڏُنَ[25] آئُون ڏيندِي،
ڪوڪَڙِ[26] ڪوڏيرَنِ[27] ۾، ڦُوڪِي[28] ڦَڪَ[29] پَرِيندي،
عُمَرَ اُنهِين ڏيهَہ جا، ڪوڏِرَ[30] ڦُوٽَ[31] ڪَرِيندي،
سَگَرَ[32] سَاهيڙِيَن سين، سَاٿِيهَہ مَنجهہ سَٽِيندي[33]،
ٻَڪَرَ[34] ٻَاٻَاڻَنِ[35] جَا، تَڙَنِ[36] تي آئُون تڙِيندي[37]،
اُنَا[38] مينهَن مَليرَ ۾، ڏاڳا[39] ڏٻَرَ[40] ڏُوندي،
گولُون[41] گولاڙِن[42] تان، جهپِي سان جهٽيندي[43]،
عِيدُنِ ٻَرادُنِ تي، ڪِهَہ[44] مانڌاڻُون[45] ڪِيندِي.

---

۱. لوئيءَ، رِڏن جي وارن يعني اُن مان ٺهيل چادر يا اوڍڻيءَ. ۲. کوٽ، نقص، غير، گمان. ۳. بچي، باقي هجي. ۴. ذري. ۵. برابر. ٦. ختم ٿئو. ۷. لوئڙيارين تان، لوئي ڍڪيندڙن عورتن تان (ٻي معنيٰ ٿيندي لوءِ يعني ڳوٺ جي رهاڪن عورتن تان، ڳوٺاڻين عورتن تان). ۸. غم، فڪر. ۹. پوش، لباس. ۱۰. ميل لڳل (ڪپڙا)، غليظ يا اوسا (ڪپڙا). ۱۱. مارن يعني مالوند ماڻهن (مارئيءَ جي مائٽن). ۱۲. پاتائون، پهرايون. ۱۳. ڏوتل، اُجرا. ۱۴. مارئيءَ جي ڳوٺ ملير جو نالو. ۱۵. سمورو، ڪل. ۱٦. معاف ڪري، ٻي ڏوهي ٺهرائي. ۱۷. عمر سومري بادشاهہ جنهن مارئيءَ کي ملير مان اغوا ڪئو. ۱۸. انعام يعني بخشش جي لائق. ۱۹. ويڙهہ يعني جهنگ جي رهاڪن، جهانگيڙن، مارن. ۲۰. ڏيهہ جي، ساٿيهہ جي، وطن جي. ۲۱. اباڻي، اباڻن جي، مائٽن جي. ۲۲. پکڙن يعني پکن ڏانهن، جهوپن ڏانهن، ککن ڪانن مان ٺهيل گهرن ڏانهن. ۲۳. ڪرڙ جي وڻ جا گلَ. ۲۴. ڪرڙ جي وڻن جو ڪچو ڦر. ۲۵. خيرات، دان. ۲٦. سکل (ڦَل). ۲۷. ٿر ۾ برساتن جي وقت ٿيندڙ هڪ قسم جي ولين (جن جو ڦل ٻناتي جهڙو ٿئي). ۲۸. ڦوڪن سان صاف ڪري. ۲۹. ڪنهن شيءَ سان ٻريل (چڪار) هٿن جون ترپون يا ليون. ۳۰. ڪوڏير ول جو ڦل. ۳۱. ڪاچ، خوراڪ، توشو. ۳۲. ڪنديءَ جي وڻ جو ڦر. ۳۳. چاٽيندي. ۳۴. ٻاڪرو مال. ۳۵. اباڻن، مائٽن. ۳٦. پاڻيءَ پيارڻ جي جاين. ۳۷. هڪليندي. ۳۸. وسئا. ۳۹. (غريباڻا) ڪپڙا. ۴۰. رليون، گوڏڙ. ۴۱. گولاڙي ول جو ڦر. ۴۲. لاماري، ٽپي. ۴۳. هٿن ۾ ونندي. ۴۴. ڪهہ جي گاهہ جو اَنَ. ۴۵. مانڌاڻي جي گاهہ جو اَنَ.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر مَارُئِي

## داستان چوٿون

### ۱

مِينديا[1] ذوءِ[2] نَہ مَارُئِي، پِيَس[3] پَنوهَارِيُون[4] چِتَ[5]،
راجَ[6] رُئَاڙِي[7] هَنجُون[8] هَارِي، هِيءَ[9] هُتي[10] جي[11] هِتَ[12]،
آهيس[13] پَائُر[14] پَار[15] جو، کَجَڻُ[16] ءِ کَپَتَ،
وِينگس[17] وِيڙهيچَنِ[18] رِي، بِي[19] مَس[20] سُٽي[21] کَا مَتَ[22]،
سُومَرا[23] سُپَتَ[24]، کَرِ تَہ کوٽئَان[25] نِکري.

### ۲

مِينديا ذوءِ نَہ مَارُئِي، آهِيس مَنِ[26] مَلِيرُ،
کَدي نَہ کَپاڻ[27] لَهي[28]، هِتَان هِيءَ خَمِيرُ[29]،
کَائُر[30] پِيَنِ[31] کِيرُ، جي[32] اَمَانَتَ اُت[33] وَجي.

### ۳

مِينديا ذوءِ[34] نَہ مَارُئِي، کونِهي اِنَ اوجَاهُ[35]،

---

۱. مٿي جا وار، ۲. ذوئي، ۳. ان کي پيبون، ۴. پکرارن يعني پکريون ڏارينڌڙن يا چارينڌڙن جون عورتون، ۵. چت ۾، دل ۾، من ۾ (پيس چت = ياد آيس)، ٦. راج جا ماڻهو، قوم جا ماڻهو، عوام جا ماڻهو، ۷. افسوس يعني ارمان ۾ وجهي، ۸. لڙڪ، ڳوڙها، آنسون، ۹. (اکين مان) وهائي، ڳاڙي، ۱۰. يعني مارئي، ۱۱. مارئيءَ جي ملڪ ملير ڏانهن اشارو، ۱۲. يعني عمرڪوٽ ۾، ۱۳. ان کي آهي، ۱۴. ٿر علائقي جي ڏاکڻي حصي جي پر هتي سڄو ٿر مراد آهي، ۱۵. طرف، پاسي، ١٦. ڳتي، ونجهل، ڳاراٺو، ڪپٽ، جهوري، ۱۷. عقلمند عورت، نيڪ عورت (مارئي)، ۱۸. ويڙهہ يعني جهنگ ۾ رهندڙن مارئيءَ جي مائٽ مارن، ۱۹. ڪان سواءِ، ۲۰. مشڪل سان، ۲۱. ٻڌي، ۲۲. صلاح، ۲۳. اي سومرا، اي عمر (عمر سنڌ جي سومرا خاندان جو هڪ حاڪم هو جيڪو مارئيءَ کي ان ڳوٺ ملير مان زوريءَ کڻي ويو)، ۲۴. سچائي، چڱائي، ڀلائي، ايمانداري، ۲۵. (عمرڪوٽ جي) ڪوٽ مان، قلعي مان، ۲٦. من ۾، ۲۷. ميار، ندامت، پشيماني، ۲۸. ختم ٿئي، ۲۹. امير (عمر)، ۳۰. ڪائر ۾ (ٿر علائقي جي اتر واري حصي کي ڪائر چوندا آهن پر هتي مراد ٿر آهي)، ۳۱. ٻين کير = خوشيون ڪن، ۳۲. جيڪڏهين، ۳۳. حفاظت ۾ رکڻ لاءِ مليل شيءِ (مارئي)، ۳۴. ان کي يعني مارئيءَ کي، ۳۵. چاهہ، شوق، وٿت، خوشي، بي فڪري.

Gul Hayat Institute

عُمَرَ[1] جي اِنصَافَ[2] جو، پِئُسِ[3] کَنِ[4] پَڙاءُ[5]،
وِيئِي چِوءِ[6] اَللهُ، مُون تي مِٽَ[7] نَه مُوتِئَا[8].

۴

مِيندا[9] ذوءِ[10] نَه مَارُئِي، نَه کِلِئِي[11] نَه کَاءِ[12]،
عُمَرَ جي اِنصَافَ جَا، وِيئِي واسَامَا[13] ڳَاءِ[14]،
هِيءَ جَا کِيئِي[15] هَاءِ[16]، سَا مَهِندان[17] اِينديئِي[18] مُنهَن ۾[19].

۵

مِيندا ذوءِ نَه مَارُئِي، تِئِيَس[20] ڳُڙلُون[21] وارَ،
سَتِيءَ[22] سِيئِي سَارِئَا[23]، جي پَائُرَ[24] جَا پَنوهَارَ[25]،
عُمَرَ[26] اُنِهُون[27] ذَارَ[28]، مُورِ[29] نَه وِهي مَازِبِن[30].

۶

مِيندا ذوءِ نَه مَارُئِي، مَحَلين[31] مَارُوئَان[32] ذارَ،
پَايو[33] مِيتُ[34] مَلِيرَ ري، مُنذَ[35] نَه وِيڙهِي[36] وارَ[37]،
جَا هُنئِيجَن هَارَ[38]، سَا کِين[39] وِهَندي کوٽَ ۾[40].

Gul Hayat Institute

---

۱. سنڌ جي سومرا خاندان جي هڪ حاڪم جو نالو جيڪو مارئيءَ کي سندس ڳوٺ ملير مان زوريءَ کڻي ويو. ۲. عدل، نياءُ. ۳. ان (مارئيءَ) کي پئو. ۴. ڪن تي. ۵. آواز، اعلان. ۶. چوي، ساري، ياد ڪري. ۷. مائٽ. ۸. (مدد لاءِ يا موٽائي وٺي وڃڻ لاءِ)، ورئا، آيا. ۹. مٽي جا وار. ۱۰. ڌوئي. ۱۱. مُرڪي، خوشي ڪري، خوش ٿئي. ۱۲. ڪاڏو ڪائي. ۱۳. اڏنگايون، اوٺايون. ۱۴. ڳائي، بيان ڪري (دل ٺي دل ۾). ۱۵. تو ڪئي. ۱۶. هاجو، ظلم، قهر. ۱۷. اڳتي، قيامت جي ڏينهن تي. ۱۸. توکي ايندي. ۱۹. منهن ۾، آڏي، سامهون (سا مهندان اينديئي منهن ۾ = قيامت جي ڏينهن ان جو توکي حساب ڏيڻو پوندو). ۲۰. اُن جا ٿئا. ۲۱. گول مول، ڳنڍيون ڳوڙها. ۲۲. ست يعني ستيا واري عورت، پاڪدامن عورت (مارئيءَ). ۲۳. ياد ڪئا. ۲۴. ٿر علائقي جي ڏکڻ واري حصي (پر هتي سڄو ٿر مراد آهي). ۲۵. ٻڪرار، ٻڪريون چاريندڙ، ٻڪريون ڌاريندڙ. ۲۶. اي عمر. ۲۷. انهن (پنوهارن) کان. ۲۸. سواءِ، جدا. ۲۹. اصل، ٻنهي. ۳۰. ماڙين ۾، محلاتن ۾، محلن ۾. ۳۱. محلن ۾. ۳۲. مارن (مارئيءَ جي مائٽن) کان، مالوند ماڻهن کان. ۳۳. وجهيو. ۳۴. پيلي رنگ جي جابلو مٽي جيڪا نرم چاپوڙن جي صورت ۾ جبلن مان کوٽي ڪڍبي آهي. هيءَ مٽي وهنجڻ جي ڪم ايندي آهي (پايوميٽ = وهنجئو). ۳۵. ڪان سواءِ. ۳۶. عورت (مارئي). ۳۷. ٺاهي (چوٽي ڪرڻ سان). ۳۸. يعني ملير جي رهاڪن جي. ۳۹. آسري يا ڀروسي (آهي). ۴۰. قلعي ۾، بند ۾.

## ۷

مَحلين[1] ماندي[2] مارئي، ڏنيم[3] منهن[4] ملور[5]،
اَٽيو[6] سٽيو[7] نه ڪري*، سونهن[8] وڃايس[9] سور[10]،
پئس[11] لوهه[12] لطيف چئي، لتس[13] ڪوڏ[14] ڪپور[15]،
چِت[16] جن جا چور[17]، سي مکي[18] مرڪ[19] نه ڪنديون.

## ۸

ڪرئو مهاڙ[20] ملير ڏي[21]، روءِ[22] اپي[23] چوءِ[24]،
سهج[25] سوري[26] پانيان[27]، سومرا[28] سندوءِ[29]،
ملڪ[30] ماروءَ[31] جي آهيان، زور[32] نه تيان جوءِ[33]،
سو قلب ڪوٽ[34] نه هوءِ[35]، جو هنتيجن[36] هٿ[37] ڪئو.

## ۹

ڪرئو مهاڙ ملير ڏي، اپيائي[38] آهي،
جا متي[39] ڏنيس[40] مارئين[41]، سا لوئي[42] نه لاهي،
سومرا[43] ساهي[44]، تنهن ستيءَ[45] وجهه م سنگهرون[46].

---

۱. محلن ۾، محلاتن ۾. ۲. عاجز، پريشان، وياڪل. ۳. مون ڏني. ۴. منهن ۾، چهري ۾، شڪل ۾. ۵. ملول، موڳاڻيل، اداس. ٦. ايوڳو، خشڪ (تيل نه لائڻ سبب). ۷. تيل لڳل * متي جي خشڪ وارن کي تيل نه ٿي هڻي. ۸. حسن، جمال. ۹. ان جي وڃائي، ان جي ختم ڪئي. ۱۰. (مائٽن کان وڇوڙي جي) ڏک، غم. ۱۱. ان کي پئا. ۱۲. (لوهه جا ٺهيل) زنجير، نير. ۱۳. ان جا، لٿا يا ختم ٿئا. ۱۴. شوق، چاهنائون. ۱۵. ڪپور، ڪافور جا، سرهاڻين جا. ۱٦. دليون، هردا، قلب. ۱۷. زبون، تباهه، برباد. ذرا ذرا. ۱۸. (وارن کي) تيل لڳائي. ۱۹. لاڏ ڪوڏ، ناز نخرو. ۲۰. منهن. ۲۱. مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو. ۲۲. رويو. ۲۳. بيٺي. ۲۴. چوي. ۲۵. سک، آرام، آسائش. ۲٦. سوريءَ (ڪوهه يا ڪنهن اونهيءَ کڏ جي تري ۾ ڪاٺ جي چوکٽ ۾ ٺنبيل لوهه جي نوڪدار ڀالن تي اڇلائڻ جي عمل) جي ذريعي موت جي سزا. ۲۷. سمجهان. ۲۸. اي سومرا، اي عمر (عمر سنڌ جي سومرا خاندان جو هڪ حاڪم هو). ۲۹. تنهنجو. ۳۰. ملڪيت، حق، قبضي واري شيءِ. ۳۱. مال چاريندڙ يعني مارئيءَ جي مڱيندي. ۳۲. زور سان، ڏاڍائي سان، زبردستيءَ سان. ۳۳. (تنهنجي) زال، گهر واري، زوجه. ۳۴. ڪوٽ ۾، بند ۾. ۳۵. هوندو، رهندو. ۳٦. يعني ملير جي رهاڪن يا مارن (مارئيءَ جي مائٽن). ۳۷. هٿ ۾، قابو، سوگهو. ۳۸. بيٺي. ۳۹. مٿي تي، سر تي. ۴۰. ان کي ڏني. ۴۱. مارن. ۴۲. ڪٿي، رڍن جي وارن يعني ان مان ٺهيل چادر يا اوڍڻي. ۴۳. اي سومرا. ۴۴. چڪي. تائي. ۴۵. ستيءَ کي، ستيا واريءَ عورت (مارئيءَ) کي. ۴٦. زنجيرون، نير.

## ۱۰

کَري مُهاڙِ[1] مَليرَ[2] ڏي، مَتّي[3] ڪوٽَ[4] چَڙهي،
سارِبندي[5] ساهيڙِيَنِ[6] کي، ڳوڙها[7] پِئَس[8] ڳڙي[9]،
نِڪتي[10] ڪُوڪَ[11] قَلبَ[12] مان، مَنجهان رُوح رڙي[13]،
ويڙهيچَنِ[14] وَري[15]، ڪَرَ[16] نَه لَڌي[17] ڪَڏهين.

## ۱۱

جا عُمَرَ[18] تو مُل[19] عِيدَ[20]، سا اَسان[21] سُوءَ[22] وَرَتي[23] سُومَرا[24]،
ويئي ويچارَنِ[25] وِسَري[26]، خُوشِي ۽ خَرِيدَ[27]،
سِڪَڻَ[28] ڪِئا شَهِيدَ[29]، مارو جي مَليرَ جا.

## ۱۲

تَہ[30] ڏُئارِئان ڏَبِرا[31]، وِبندِيَس[32] ڪِنهِن[33] وهاڻِ[34]،
مُون مُلِ[35] مارو ناهِہ، اَجا[36] اوڍِيان[37] ڪَنِ[38] ڪي[39].

## ۱۳*

عُمَرَ[40] اَجا ڪَپڙا، ڪاٽِيارِيُون[41] ڪِيئَن ڪَنِ،
جَنِي جا ٿَرنِ[42] ۾، وَرَ[43] ٿا وِٻڻ[44] سَهِنِ[45]،

---

۱. منهن، چهرو، رخ، ۲.مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو، ۳. تي، ۴. عمرڪوٽ جي ديوارين يا ڀتين، ۵. ياد ڪندي، سنڀاليندي، ۶. سرتين، هڪ جيڏين، ۷. لڙڪ، آنسو، ۸. ان جا پئا، ۹. وهي (اکين مان)، ۱۰. نڪتي، اُڀري، ۱۱. رڙ، دانهن، ۱۲. دل، رُوحَ، ۱۳. آواز ڪري، ۱۴. ويڙهہ يعني جهنگ ۾ رهندڙن، جهانگيڙن، مارن (مارئيءَ جي مائٽن)، ۱۵. موٽي، واپس اچي، ۱۶. خبر، سُڌِ، سماءُ، ۱۷. ورتي، ۱۸. اي عمر، ۱۹. وٽ، ۲۰. خوشي، راحت. ۲۱. يعني اسان مارن، ۲۲. سوڳُ، ماتم، ڏکُ، ۲۳. ڀانئين، سمجهي، ۲۴. اي سومرا، اي عمر، ۲۵. ويچارن يعني مسڪين يا غريبن (مارن) کي، ۲۶. دل تان لهي، ۲۷. خريداري (ناٽي سان شين وٺڻ جو ڏنڊو) ڪرڻ، ڏنڊو ڏاڙي، ۲۸. (غربت ۽ ڪنگاليءَ سبب ڪنهن شيءِ جي خريد ڪرڻ جي طاقت نہ هجڻ ڪري) خواهش يا تمنا يا آرزوءَ ڪرڻ جي عمل، ۲۹. (بي گناهہ) قتل يا ذبح، ۳۰. ڇو، ۳۱. (سفيد) لوبون، ڪپڙا، ۳۲. آئون ويندي، ۳۳. ڪهڙي، ۳۴. وهاڻ يا شاديءَ تي، ۳۵. مالوند ماڻهو (مارئيءَ جو مڱيندو)، ۳۷. ڏوتل يا اُجرا (ڪپڙا)، ۳۷. پايان، پهريان، ۳۸. ڪهڙن (ماڻهن)، ۳۹. لاءِ، واسطي * بيت ۱۳ جون پهريون بہ مصراعون شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جون آهن جي هتي تضمين طور ڪم آندل آهن، ۴۰. اي عمر، ۴۱. غرضمند يا مياري عورتون، قصور وار يا حرفي عورتون، ۴۲. برپٽ، بيابانن، جهنگلن ۾، ۴۳. مڙس، ڀتار، شوهر، ۴۴. ميهڻا، طعنا، ۴۵. جهلين، (پاڻ تي) روا رکن.

Gul Hayat Institute

هُوءِ جي حق ۾ پَچن، سي ڪِيئن سَتِيُون سُومَرا.

## ۱۴

آئُون ڪِيئن سَوَڙِيُون اوڍي سُمَهان، مُون وَرُ گهاري وِلهہ؛
ڪَتيري ءَ تان ڪِلَ، عُمَر ڪِج مَ اِهڙِي.

## ۱۵

مُون وَرُ گهاري سُج، آئُون ڪِيئن سَوَڙِيُون اوڍي سُمَهان،
مَرُ اَباڻَن سين اُڄِ، ڪَوءِ شَربت تُنهِنجو سُومَرا.

## ۱۶

وَرُ سي وَطَن جايُون، صَحرا سَتَرُ جَنِ،
گولاڙا ءِ گُگرِيُون، اوچَڻُ اَباڻَن،
ويڙهِيَا گهُمَن وَلِيِن، جَهانگي مَنجهِہ جهنگن،
مُون ڪي مارُوئَڙَن، سُج ڳَٺائي سيج ۾.

## ۱۷

سُجُو جي ساڻِ بُهُہ، تَہ پِڻ وَهِينئان وَترو،
گهورِئو سو پَرَڏيهہ، توڻي قُلَنِ چانيو.

---

۱. أهي، ۲. جيڪي، ۳. حق پچن = حقن يعني مڙسن يا پنارن سان بي وفائي ڪن. ۴. ڪهڙيءَ طرح، ۵. ستياوان، پاڪدامن، ۶. اي سُومرا، اي عمر، ۷. ڪبهہ پيل ٿلهيون رليون، رضائيون، ۸. ڍڪي، مٿان وجهي، ۹. منهنجو، ۱۰. مڙس، ڪانڌ، پنار، ۱۱. رهي گذاري، ۱۲. ولهہ ۾، ٿڌ ۾، سيءَ ۾، ۱۳. ڪني يا لوئي (ردن جي وارن يعني ان مان ٺهيل چادر) ڍڪيندڙ عورت (مارئيءَ)، ۱۴. مٿان، ۱۵. ٺٺولي، مذاق، چٽربازي، ۱۶. اي عمر، ۱۷. سج ۾، بريٽ ۾، بيابان ۾، ۱۸. بهتر، ڀلي، وَرَ، ۱۹. ڀياس، تاس، ۲۱. ڀَن، ڪڏ ۾، ڪوهہ ۾، ۲۲. مٿانڻ پيل ٻيڻ جو پاڻي، ۲۳. اي سومرا، ۲۴. وطن جون، ساڳئي ڏيهہ يا ديس جون، ۲۵. چاول يعني پيدا ٿيل عورتون، ۲۶. بَرَ، جهنگ، بيابان، ۲۷. پردو، بناهہ، ڍڪ، اَجهو، ۲۸. جن جو، ۲۹. هڪ قسم جي جهنگلي ميون جون وليون، ۳۰. هڪ قسم جا جهنگلي ڪوُنرجا وڻ، ۳۱. ڍڪ، پردو، ۳۲. ڍڪيا، لڪا، ۳۳. ڦرن، هلن، ۳۴. ولين ۾، پٽ تي پکڙندڙن ۽ وڻن جي ٽڙن ۽ ڏارن جي آڌار تي مٿي ايرندڙ ٻوٽن ۾، ۳۵. جهنگ جا رهاڪو، مارو (مارئيءَ جا مائٽ)، ۳۶. ڳتي يا شمار ڪري ڏني، عطا ڪئي، ۳۷. سيج ۾ = سيج (شاديءَ جي وقت ڳهوٽ ڪنوار لاءِ ٺاهيل پلنگ يا کٽ) جي بدران، ڏيج ۾، ۳۸. ويران، ۳۹. جيڪڏهين، ۴۰. وطن، ديس، ۴۱. ونهين ڪان، سکين يا آسودن مائهن ڪان، ۴۲. وڌيڪ، چڱو، ۴۳. ڪوءِ، ۴۴. پرديس، پرايو ديس، ۴۵. جيتوڻيڪ، ۴۶. ڦلن سان، گلن سان، ۴۷. چانيل، ڍڪيل.

Gul Hayat Institute

## ۱۸

مُون[1] ساٽيهُ[2] سُڄ[3] ۾، وڻَ وطنَ جا ڏُور[4]،
آندي ڪِنهن ضَرُورَ[5]، ڪاٽيارِي[6] مارُئي.

## ۱۹

ساٽيهُ مُون سُڄ ۾، ڏيهَ[7] وڻَ ٿِيئَڙَمِ[8] ڏور،
راڄ لَڏايا[9] سُومَري[10]، عُمَرَ[11] ڪري اُورِ[12]،
ڏاڍي[13] ڪِنهن ضَرُورِ، آندي ڪُهنبِيارِي[14] لوءِ[15] مان.

## ۲۰

اُنَ[16] اوڏَڻ[17] پَلُرُ[18] پيَڻُ[19]، جَنِ جا پير[20] مَٽي[21] پَٽ[22] پاڪَ[23]،
وهڻُ[24] وَراڇَنِ[25] ۾، اُنَ جي اَجوڪِي[26] اوطاقَ[27]،
سيئي سارِئَمِ[28] سُومَرا[29]، ٿَرِ[30] جَنِ جا ٿاڪَ[31]،
پاڻَ نَہ پَسَنِ پاڻَ ڪي *، ويڇارا[32] بي[33] باڪَ[34]،
عُمَرَ اُوءِ[35] نَہ[36] عاقَ[37]، ڏُڪيئا[38] جِمَ[39] ڏُڪوئيين[40].

### وائي

مُنهنجو مَنُ[41] مِيان[42]، واڳيئو[43] وِيڙهيچَنِ[44] سين،

---

۱. منهنجو. ۲.وطن، ڏيهہ، ديس. ۳. بيابان، برپٽ. ۴. پري. ۵. ضرورت، حاجت. مشڪل. ٦. حاجتمند، ضرورتمند. ۷. ڏيهہ جا. ۸. مون کان ٿئا. ۹. رعيتون، قومون، (مارن جا) قبيلا. ۱۰. وطن کان ٻاهر ڪڍيا. ۱۱. عمر (عمر سنڌ جي سومرا خاندان جو هڪ حاڪم هو جنهن مارئيءَ کي ان جي ڳوٺ ملير مان زوريءَ کنيو هو). ۱۲. ڪاهہ. حملو، چڙهائي. ۱۳. وڏي، سخت. ۱۴. ڪهنبي (ڳاڙهي) رنگ لڳل گندي يعني پوتي ڍڪيندڙ عورت (مارئي). ۱۵. ڳوٺ. ۱٦. اُن يعني رڍن جي وارن مان ٺهيل ڪپڙا جهڙوڪ ڪٿيون وغيره. ۱۷. پوشاڪ. ۱۸. مينهن جو پاڻي. ۱۹. پيئڻ جي شيءِ. ۲۰. قدم، پڳ. ۲۱. تي. ۲۲. ميدان. ۲۳. صاف، ستري. ۲۴. وهڻ يعني رهڻ جي جاءِ، گهر. ۲۵. ويڙهين، جهنگن، وڻن جي جهڳٽن. ۲٦. بنان جوکي، بنان خوف خطري، سلامتيءَ واري. ۲۷. رهڻ جي جاءِ، گهر. ۲۸. مون سارئا، ياد ڪئا. ۲۹. اي سومرا. ۳۰. ٿر ۾، ريگستان ۾. ۳۱. آستان، گهر * انهن ۾ خوديءَ آپو ڪونهي. ۳۲. مسڪين، غريب. ۳۳. بنان. ۳۴. باڪ جي، خوف جي. ۳۵. اي عمر. ۳٦. اهي. ۳۷. بي ڇيا. نافرمان، نٺر. ۳۸. ڏڪويل، غم زدهہ. ۳۹. متان. ۴۰. آزارين، تڪليف ۾ وجهين. ۴۱. دل. ۴۲. اي ميان، اي سردار (عمر). ۴۳. ٻڌل، ڳنڍيل، سلهاڙيل. ۴۴. ويڙهہ ۾ رهندڙن، مارن.

Gul Hayat Institute

پَهِيَ[1] پَاڪِي پَتِڙِي، پِرِيَنِ[2] سَاڻُ پِيَان،
حَرفَ[3] لَتَّي[4] هيڪڙي، هِتي تَان نَہ هُئَان[5]،
پيرُ[6] نَہ چَڏِيَان پِرِينءَ جو، جيسين[7] تي جِيَان[8]،
آئُون ڪِيئن لوئِي[9] لاهِيَان[10]، ڪَارَڻِ بِين[11] ڏِينهَان[12]،
ڪِيرُون[13] ڪَتيِرِن[14] ڪي، وَڃِي ڏيهِ[15] ڏِيَان.

Gul Hayat Institute

١. ڄڊي يعني پتڙي لسي، پتڙو ڏڌ، پاڪي، ٢. محبوبن (مارن)، ٣. لفظ، پٺڪي، گفتي، ۴. پوري ٿيندي (حرف لتي هيڪڙي = هڪ گهڙي يا پل ختم ٿيڻ سان)، ۵. هجان، ٦. قدم، پٺ، ٧. جيسيتائين، ٨. زندهہ يا جيئري آهيان، ٩. ڪٿي، رڍن جي وارن يعني اُن مان ٺهيل چادر يا اوڍڻي، ١٠. واسطي، ١١. ٻن، ١٢. ڏينهن (ٻين ڏينهان = حياتيءَ جي باقي ٿوري وقت)، ١٣. مبارڪون، واڌايون، ١۴. ڪتين ڪتيندڙن، ١۵. ڏيهہ ۾، وطن ۾.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيمِ

# سُر مَارُئِي

## داستان پنجون

١

سُونهَن[1] وِجَايَمِ[2] سُومَرا[3]، مَارُو[4] مَسَ[5] مَجِنِ[6]،
ڏُونگهَا[7] ڏاڏي پُوٽِيِن[8]، کَنِ ڏَنَا کَي ڏِينِ،
جِي[9] مَان[10] لُوهَ[11] لاهِين، تَہ کُونِيُنِ[12] مِ کِينَ هُئَان[13].

٢

سُونهَن وِجَايَمِ سُومَرا، مِيرو[14] مُنهُن[15] تِئُومِ[16]،
وَجَڻُ تِت پِئُومِ[17]، جِت هَلَڻُ نَاهِ حُسَنَ رِي[18].

٣

سُونهَن وِجَايَمِ سُومَرا، سِڪِرَنِ[19] جِهَڙِي سُونهَن،
دِلِ مِ[20] دُکِي[21] دُونهَن[22]، مُنهنجو مُنهُن مِيرو ڪِئو.

٤

سُونهَن وِجَايَمِ سُومَرا، هِتِي اَچِي هَاڻِ،

---

١. حسن، جمال، سوڀيا. ٢. (هتي عمرڪوٽ ۾) مون وڃائي يعني برباد ڪئي آهي. ٣. اي سومرا. ٤. جهانگي يعني جهنگلي ماڻهو، مالوند ماڻهو (مارُئيءَ جا مائٽ). ٥. مشڪل. ٦. قبول ڪن. ٧. طعنا، ميهڻا. ٨. ڏاڏي پوٽين = ڏاڏي جي پوٽين، ابي ڏاڏي جي اولاد مان پيدا ٿيل عورتن. ٩. جيڪڏهين. ١٠. منهنجا. ١١. (لوهہ مان ٺهيل) زنجير، نير. ١٢. قيدخاني جي صفن يعني ڪمرن. ١٣. هجان. ١٤. ڳدلو، گندو، بڇڙو. ١٥. چهرو. ١٦. منهنجو ٿئو. ١٧. شڪل، صورت. ١٧. مونکي پئو. ١٨. ڪان سواءِ. ١٩. ڳاڙهي ۽ چمڪندڙ رنگ جي هيرن ۽ لالنِ. ٢٠. من. ٢١. سرجي، پيدا ٿي. ٢٢. دکندڙ باهہ مان نڪرندڙ ڪاري رنگ جا بخار.

كِيئَن لَهنديَمِ[۱] كَاڻِ[۲]، حُسنُ[۳] مُون[۴] هِتِ وئو.

## ۵

سُونهَن وِجَايَمِ سُومَرا، كونِئين[۵] اَچِي كَالَ[٦]،
كِيئَن پَسنديَس[۷] پَالَ[۸]، حُسنُ مُون هِتِ وئو.

## ٦

سُونهَن وِجَايَمِ سُومَرا، كوجهو[۹] تئمِ[۱۰] كَمَالُ[۱۱]،
وَجَان كِيئَن وَطَنَ[۱۲] ڏي، هِهَڙو وَنِي حَالُ[۱۳]،
جي[۱۴] مُون[۱۵] ڏِيِين جَمَالُ[۱٦]، تَہ پَسَان مُنهُن[۱۷] پَنوَهارَ[۱۸] جو.

## ۷

سُونهَن وِجَايَمِ سُومَرا، وَطَنِ[۱۹] وَجَان كِيئَن،
حُسنَ ڏاران[۲۰] هِيئَن[۲۱]، پَسَان كِيئَن پَنوَهارَ كي.

## ۸

سُونهَن وِجَايَمِ سُومَرا، پَسَان كِيئَن پَنوَهارُ،
ڏُٽي[۲۲] جَا[۲۳] ڏَراڙُ[۲۴]، تِنهِن رُوءَ[۲۵] رِءَ[۲٦] رُچَڻُ[۲۷] نَاهِ كو.

Gul Hayat Institute

---

۱. منهنجي لهندي، منهنجي ختم ٿيندي، ۲. ميار، احتياج، ۳. سونهن، سوڀيا، ۴. منهنجو، ۵. ڪوئين ۾، قيدخاني جي صفن ۾، ٦. ڪالهہ، گذريل ڏينهن، هڪ ڏينهن اڳ، ۷. آءٌ پسندي يعني ڏسندي، ۸. ٻڪرين يا رڍن جي وارن (ڌاس، اُن) مان ٺهيل فراسين جا ٺهيل گهر، تنبو، جهوپڙا، ۹. گهٽ، ڪر، ڪسو، لانجهو، ۱۰. منهنجو ٿئو، ۱۱. سوڀيا، سونهن، حسن، ۱۲. ديس، سائيهہ، ۱۳. حالت، ڪيفيت، ۱۴. جيڪڏهين، ۱۵. مون کي، ۱٦. حسن، سونهن، ۱۷. چهرو، شڪل، مک، ۱۸. ٻڪرار، ٻڪرين جي مالڪ، ٻڪريون چاريندڙ، مارئيءَ جي مڱيندي، ۱۹. وطن ڏي، ۲۰. کان سواءِ، ۲۱. هن حالت ۾، ۲۲. پسند ڪري، ۲۳. جيڪا، ۲۴. ڌڻ (ٻڪرين يا رڍن جي) جو مالڪ، ڌڻ چاريندڙ (مارئيءَ جو مڱيندو)، ۲۵. سونهن، سوڀيا، (جيڪا ڌراڙ پسند ڪري)، ۲٦. کان سواءِ، ۲۷. وڻڻ، پسند پوڻ، قبول پوڻ.

## ۹

سُونهَن وِجَايَمِ، سُومَرا، تِيندِيَس[1] کِيئَن قَبُولُ[2]،
ڪونهي سُهَڳَ[3] سُولُ[4]، پُوڇي[5] مُنهَن[6] پَنوهَارَ[7] رِي[8].

## ۱۰

سُونهَن وِجَايَمِ سُومَرا، عُمَرَ[9] تِيَسِ[10] آسِيرَ[11]،
مَارُو[12] مَنجِهه مَلِيرَ[13]، مُون سِين هِت هِيئَن تِئو.

## ۱۱

تَن مُنهَن مُوچَارا[14] مَارُوئَين[15]، مَلِيرُ جَنِي[16] مَاڳُ[17]،
نَاقِصَ[18] نَوازِي[19] گَهَٽَا، سَندو[20] تَن سَيَاڳُ[21]،
اڪَرُ[22] مُون[23] اَيَاڳُ[24]، حُسن تَي[25] هِيئَن وِئو.

## ۱۲

ڪونهي قَادِرُ[26] ڪو پِئو، اُنِين[27] جو اَيَاڳُ،
قُل لَن يُصِيبَنَا اِلا مَا ڪَتَبَ اللهُ*، اِيءُ مَعذرَتَ[28] مَاڳُ[29]،
سَيوئي[30] سَيَاڳُ[31]، مَارُئِيءَ[32] مَسَاوِي[33] ٿِئو.

Gul Hayat Institute

---

۱. آئون ٽيندي، ۲. پسند، منظور، ۳. سهڳ يعني سهاڳ جو، سک جو، خوشيءَ جو، آرام جو، ۴. فائدو، ۵. ڪوجهي، اڻ وڻندڙ، ٦. منهن سان، شڪل سان، ۷. ڏيون يا ٻڪريون چاريندڙ، (مارئيءَ جي مڱيندي)، ۸. ڪان سواءِ، ۹. اي عمر، ۱۰. آئون ٿي آهيان، ۱۱. قيدياڻي، بندياڻي، ۱۲. مالوند ماڻهو (مارئيءَ جا مائٽ)، ۱۳. مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو، ۱۴. ملوڪ، سهڻا، ۱۵. مارن جا، ۱٦. جن جو، ۱۷. رهڻ جو هنڌ، وطن، ۱۸. عيبدار، گنهگار، ۱۹. سرفراز ڪري، اوچ تي رسائي، ۲۰. جو، ۲۱. نيڪ بختي، ۲۲. نصيبُ، ۲۳. منهنجو، ۲۴. بدبختي، ۲۵. تنهن ڪري، ۲٦. قدرت وارو، سگهه وارو، شڪتيوان، خدا، ۲۷. اُنين جو = انهيءَ قادر يعني خدا جو (ڏنل)

*(اي پيغمبر صلي الله عليہ وسلم) چَوُ تہ اسان کي ڪابہ مصيبت نہ رسندي سواءِ انهيءَ جي جيڪا الله لکي آهي (قرآن شريف جي سورت توبة جي آيت ۵۱)، ۲۸. معذرت جو، عُذر جو، ۲۹. هنڌ، رستو، واٽ، ۳۰. سمورو ئي، ۳۱. تقدير (سياڳ توڙي نياڳ)، ۳۲. مارئيءَ لاءِ، ۳۳. هڪ جهڙو، برابر.

## ۱۳

مَارُوئَڙيءَ روئِي، تَرِ نيَاپا چَايا،
آن جو ڳُتو جيڏِيون، مِينڊِي ورُ سوئِي،
لاٿُمِ نَہ ڏوئِي، سَاڻُ سَرچِي سُومَرِي.

## ۱۴

مُون سين مَارُوئَڙيُون، ڪِهَڙيءَ ريت رُسَنديُون،
چوٽي ۾ چيڙهہ پِئو، پيَسن رَتُ جَيُون،
نيڻين نَنڊ وهُہ تَي، سَاري سَاڏوهيُون،
هِتي جي هُيون، تَہ پيَيِن سُڌ هَن سِيلَ جِي.

## ۱۵

سُٽي سَاٿيهَہ ڳالَهڙي، لَهي وِئا لوهَہ،
اَندرَ جا اَندوهَہ، لَٿا ڏُکَ سُکَ ٿِئا.

## ۱۶

سُٽي سَاٿيهَہ ڳالَهڙي، وهسي ويڙهيچِي،
سَبِ سُڌِ پيمِ سُومَرا، هِتي هُتي جِي،

Gul Hayat Institute

---

۱. مارئيءَ. ۲. اکين مان لڙڪ يا ڳوڙها وَهائي. ۳. تر (جي رهاڪن يعني مارن) ڏانهن. ۴. سنيها، پيغام. ۵. چوائي موڪليا. ۶. اوهان. ۷. جيڪو. ۸. ڳوپيو، ويڙهيو. ورَ يا پيچ ڏنو. ڳتَ ڏني. ۹. اي جيڏيون. اي سرتيون. ۱۰. مينڊي کي، مٿي جي وارن کي يا چڳن کي. ۱۱. ور سوئي= اهو ساڳيو وڪڙ يا پيچ (يعني مون وري نئين سر وار نہ ويڙهيا يا سنوارئا آهن). ۱۲. مون لاٿو (اهو ور يا پيچ). ۱۳. وهنجي. ۱۴. پرچي، راضي ٿي. ۱۵. عمر. ۱۶. مارن يعني ٿر جي مالوند ماڻهن جون عورتون. ۱۷. ڪهڙيءَ ريت = ڪهڙيءَ طرح، ڇا جي لاءِ، ڇو. ۱۸. ڪاوڙبيون. ناراض ٿينديون. ۱۹. مٿي جي وارن. ۲۰. ميل، مٽي. ۲۱. جوسين. ۲۲. خون. ۲۳. هڪ قسم جا جيت. جيڪي وارن يا ميرن ڪپڙن ۾ پيدا ٿين. سنهيون جُون. ۲۴. نيڻن جي، اکين جي. ۲۵. سمهڻ. سمهڻ واري حالت، آرام. ۲۶. زهر (وهہ ٿي = حرام ٿي. ڦٽي). ۲۷. ياد ڪري، سنڀالي. ۲۸. ڇاريون. هڪڙي قسم جا وڻ جن جو ڦر جنهن کي پيرون ڇئبو آهي مٺو ٿيندو آهي. ۲۹. يعني عمرڪوٽ جي قيدخاني ۾. ۳۰. جيڪڏهين. ۳۱. مجن ها. ۳۲. خبر. ڪل. ۳۳. سٽ. سٽيا. عصمت. ۳۴. ٻڌي. ۳۵. سائيهہ جي، وطن جي. ۳۶. خبر. حال احوال. ۳۷. ختم ٿي. ۳۸. (لوهہ جا ٺهيل) زنجير. نير. ۳۹. دل، من. ۴۰. غم. ڳڻتيون. فڪر. ۴۱. تڪليفون. ۴۲. فرحتون. ۴۳. خوش ٿئي، سرهي ٿئي. ۴۴. ويڙهہ يعني جهنگ جي رهاڪو عورت (مارئي). ۴۵. مونکي پيئي. ۴۶. اي سومرا. اي عمر. ۴۷. يعني عمر ڪوٽ. ۴۸. يعني ٿر يا ملير.

پيـنر ۽ پيـچي، سُوايا سارِين مُون.

## ١٧

جهجها ڏيجِ جُهار، مُنهنجا مَلير جائِين،
آسر پَري آهيان، پَرچن مان نہ پَنوهار،
ويڙهيُون ۽ وَلهار، ڪِ سُوايا سارِين مُون.

## ١٨

سَرتين سَخت چَوايو، سيلُ جَني جو سَچ،
سَتي تُنهنجي سَت ۾، ڳالهہ گهُرجي ڳَچ،
سارئو سانبيڙن ڪي، پَر ۾ ويني پَچ،
سانڍ امانت اَچ، تہ تيين سَماني ساٽيهہ ۾.

## ١٩

ساهيڙيُون سارِين تو، سيلُ جَني جو سَچ،
ماروءَ رَءَ م مَچ، شيهو پانئج سون کي.

## ٢٠

سي ساهيڙيُون سارِين تو، سَچ جَني جو سيلُ،

١. پيٿون يا اديون (هڪ ٻيءَ ۽ ماءُ جون ڌيئرون)، ساهيڙيون، سرتيون، هڪ جيڏيون. ٢. جوڙيوال، گڏ رهندڙ، سانبي، ڏوڙي، همراهہ. ٣. سڪاريا، آسودا، سٺي ماحول وارا. ۴. ياد ڪن، سنڀالين. ۵. مون کي. ٦. گهڻا. ٧. تون ڏج يا پهچائج. ٨. سلام. ٩. ملير (مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو) جي. ١٠. چاين کي، (رهاڪو) عورتن کي. ١١. آسر سان، آس سان، اميد سان. ١٢. پريل (آسر پري = آس واري، آسائتي، اميد واري). ١٣. راضي ٿين. ١۴. مان نہ = شال، خدا ايئن ڪري. ١۵. ٻڪريون يا رڍون چاريندڙ، ٻڪرار، مالوند، مارو (مارئيءَ جا مائٽ). ١٦. جهنگ، وٿڪار ۽ ساوڪ وارا ميدان، ولهار، چراگاهہ. ١٧. ڇا. ١٨. سختيءَ سان، تاڪيد سان. ١٩. (نياپو، سنيهو) چوائي موڪلبو. ٢٠. سٺي چال يا عادت، سٺو گڻ يا خصلت. ٢١. سچائي، ايمانداري، وفاداري، سَتَ، سپت. ٢٢. اي ستي، اي ستياوان. ٢٣. حاج، معاملو. ٢۴. کپي. ٢۵. گهڻي. ٢٦. سانبين، جوڙيوالن. ٢٧. اندر، ڳجهہ. ٢٨. جَلَ، ڪامَ، سَڙُ، ڳَرُ، نجهر. ٢٩. حفاظت ۾ رکڻ يا سانڍڻ لاءِ مليل شيءِ (سَتَ). ٣٠. مانائتي، عزت واري، سٺي، مان واري. ٣١. وطن (ملير) ۾. ٣٢. مالوند (مارئيءَ جي مڱيندي). ٣٣. ڪان سواءِ. ٣۴. بدن تي ماس چاڙهج، ٿلهي متاري ٿج. ٣۵. سيهو، هڪ سادي قسم جو ڌاتو. ڪَچَ. ٣٦. سمجهج، ڄاڻج. ٣٧. سون (هڪ اوچي قسم جي ڌاتوءَ) جي زيورن.

نَہ ڪو قَالُ[1] نَہ قِيلُ[2]، اُنِين جي اَدَبَ[3] ۾.

## ۲۱

نَہ ڪي ڏُونرا[4] ڏيهہ[5] ۾، نَہ سَرتِيُون[6] نَہ سِيرُ[7]،
ڪونِيِين[8] ڪُنِي[9] آهِيَان، پِئو زوراوَرُ[10] زَنجِيرُ[11]،
مَارُو[12] سَارِئو[13] مِيرُ[14]، وِينِي گوڙها[15] ڳاڙِيَان[16].

### وائي

مَنجِهہ رَهي مَلِيرَ[17]، مُون تَان[18] ڪوهُہ[19] ڪِئو،
مُون تَان ڪِينَ[20] ڪِئو،
مُون هَتَان[21] مُنهِنجَا[22] ڏَٽي[23]، سَهسِين[24] تِئَا صَغِيرَ[25]،
پَڪي[26] مَنجِهہ پَنوَهَارَ[27] جي، ڪوڙِيِن[28] ڪِئَم[29] ڪَبِيرَ[30]،
تُون ڏِيِين مُون ڏَٽي[31]، دلاسو[32] دِلگِيرَ[33]،
ٻُڙو[34] لاهہ[35] مَ ٻَاجهہ جو[36]، مُون[37] تَان[38] مُنهِنجَا پِيرَ[39]،
ٿَرَ[40] ۾ وَلِيُون[41] تَڏِيُون[42]، ڪوڙِيِن[43] ڪِرڙَ ڪَرِيرَ[44].

Gul Hayat Institute

۱. گفتگو. ڳالهہ ٻولهہ. ردڪد. ٽيڪا ٽپڻي. تنقيد. ۲. ساڳي معنيٰ نمبر ۱ واري. ۳. لکڻ پڙهڻ جي فن. اخلاق. ۴. ڪرڙ جي وڻ جو ڪچو ڦر. ۵. سائيهہ. وطن. ٦. ساهيڙيون. هڪ جيڏيون. ۷. سيل. سَتُ. سچائي. وفاداري. سپت. ۸. ڪوئين. (قيدخاني جي) صُفن. ۹. ماري (تباهہ يا برباد ڪئي). ۱۰. مضبوط. ۱۱. نير (قيد. بند). ۱۲. مالوند (مارئيءَ جو مڱيندو). ۱۳. ياد ڪريو. سنڀالئو. ۱۴. سردار. ۱۵. لڙڪ. آنسو. ۱٦. وهايان. هاريان. ۱۷. مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو. ۱۸. تہ. ۱۹. ڇا. ۲۰. ڪجهہ نہ. ۲۱. منهنجي. ۲۲. هٿ کان. طرف کان. ۲۳. اي ڏٽي، اي مالڪ. اي خدا. ۲۴. سوين. تمام گهڻا. ۲۵. ننڍا (گناهہ. ڏوهہ). ۲٦. ڪکن کانن جي ٺهيل جهوپي يا گهر. ۲۷. ٻڪرار. ٻڪريون چاريندڙ. (مارئيءَ جي مڱيندي). ۲۸. ڪروڙن جي انداز ۾. ۲۹. مون ڪيا. ۳۰. وڏا (گناهہ. پاپ). ۳۱. منهنجا. ۳۲. ڏي. آٿت. ڀروسو. ۳۳. دلگير کي. اداس يا ملول کي. ۳۴. ڇٽُ. سايو. پاڇو. (هٿ جي مُنڊيءَ جي ٽِڪَ يا نڳَ). هَٿَ. ۳۵. هٿاءِ. ٻري ڪر. ۳٦. مهر. رحم. ڪرم. ۳۷. منهنجي. ۳۸. مٿان. ۳۹. مرشد. ۴۰. ريگستان (مارئيءَ جي ملڪ ملير). ۴۱. زمين تي پکڙندڙ ٻوٽا (جيڪي ڪڙا يا اُبا ٿي بيهي نہ سگهن). ۴۲. اکين ءِ دل کي وڻندڙ. ۴۳. هڪ قسم جا ٻنان ٻڻ جي وڻ (جن جي گلن کي پِسي ءِ ڪچي ڦر کي ڏونرا چئبو آهي). ۴۴. ڪرڙ جو ڏوڙي لفظ.

بسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

# سُر مارُئي

## داستان ڇهون

### ١

جِهڙي آيس جيئن، تِهڙي وڃان تن ڏي،
لالائيءَ[1] جا لطيف چئي، مُنديون[2] اُنا[3] مينهن[4]،
تيس ڪاٺياري[5] ڪانڌ[6] جي، هتي[7] اچي هيئن[8]،
مارُيءَ[9] لڳم ميهڻون[10]، سڀ جمندر[11] سيئن[12]،
ڪنڌ[13] ڪندي ڪيئن، مَنهن[14] ماروئڙن[15] جي.

### ٢

جِهڙي آيس جيئن، جي تِهڙي ملان[16] تن کي،
قران[17] قر[18] چاريان[19]، هنيون[20] چئيم هيئن،
وينديس وطن[21] سامُهين[22]، ڪاڻ[23] لهنديم[24] ڪيئن،
مُنڌائتي مينهن[25]، سُونهان[26] سرتن[27] وچ ۾.

---

١. سرخروئيءَ، ڪاميابيءَ، ڪامرانيءَ، ٢. مندن جا، مندائتا، موسمي، ٣. وٺا، وسئا، ۴. برساتون، ۵. ميارڻ، حرفڻ، قصوروار، ٦. مڙس، ڀتار، ٧. يعني عمرڪوٽ ۾، ٨. هن طرح، ٩. مارُيءَ جو، محلات جو، ١٠. طعنو، تڪو، داغ، ١١. عمر، جمار، حياتيءَ، ١٢. تائين، ١٣. ڳاٽ، ڳچي، ڪَرَ، ١۴. مَنهن ۾، پڪي ۾، جهوپي ۾، ١۵. مارن، مالوندن (مارُئيءَ جي مائٽن)، ١٦. پهچان، گڏجان، ١٧. گهمان، ١٨. چوپائي مال (ٻڪرين ۽ رڍن) جا ٻچا، ١٩. دل، من، ٢٠. مونکي چئي، ٢١. ساٿيهه، ديس، ٢٢. ڏانهن، ٢٣. ميار، ٢۴. منهنجي لهندي يا ختم ٿيندي، ٢۵. مينهن ۾، مينهن جي مهل، ٢٦. مرڪان، کلان خوش ٿيان، ٢٧. سرتين جي، هڪ جيڏين جي.

Gul Hayat Institute

## ۳

هِڪُ جي نَہ جَايَاسِ، ٻِئو جَاپَنْدي جي مَران،
گَهنگهرُ گهٽُو ٿِيَاسِ، جَاپِي مَاروئَڙَنِ کي.

## ۴

مُارُئِي نَہ جَائِي، تَہ مَارُو پِئَا نَہ مَامِري،
جِنهِن سَامَائِي، ٿِيلايَا ٿَرَنِ ڌَڻِي.

## ۵

مَارُئِي نَہ جَائِي، تَہ مَارُو نَہ پِئَا مَامِري،
ديس جُڏي پَرديس ۾، ڪِنهِن ايرادي آئِي،
جَا جَارِيَنِ ۾ جَائِي، تِنهِن جو پَرورَ پَنِ رَهَائِيِن.

## ۶

مَ سَپَنِي مَارُئِي، مُئِي مَ جَائِي،
جِنهِن اَڇِي عُمَرَ ڪوٽَ ۾، لوئِي لَجَائِي،
جَا سَانگِيَنِ سَڏَائِي، سَا ڪِيئَن مَرڪِي مَاڙِيِن.

Gul Hayat Institute

---

۱. جيڪر، هوند. ۲. ڄمان ها، پيدا ٿيان ها، ڄنمر وٺان ها. ۳. ڄمندي، پيدا ٿيندي، ڄمڻ يا پيدا ٿيڻ جي مهل. ۴. مران ها، فوت ٿيان ها، دم ڏيان ها. ۵. پريشانيءَ (جو ڪارڻ). ٦. آئون ٿيس. ۷. مارن، مالوندن (مارئيءَ جي مائٽن). ۸. ڄمي ها. ۹. پون ها. ۱۰. مامري ۾. معاملي ۾. مونجهاري يا پريشانيءَ ۾. ۱۱. بلوغت يعني جوانيءَ کي پهچي. ۱۲. لوڏايا، ڪڍايا. ۱۳. ٿرن جا، ٻرن جا، ريگستاني علائقن جا. ۱۴. مالڪ (ٿرن ڌڻي = مارو لوڪ، مارئيءَ جا مائٽ). ۱۵. وطن، ساٿيھ، ڏيھ. ۱٦. پرڏيھ، ڌارين جي ملڪ، غير جي وطن. ۱۷. ايرادي سان، قسمت سان، خدا جي رضا سان. ۱۸. هڪ قسم جي جهنگلي وڻن (جن جي ڦر کي پيرون چئبو آهي جيڪو پچڻ بعد مٺو ٿيندو آهي). ۱۹. اي پرور، اي پروردگار، اي پالڻهار (خدا). ۲۰. پردو، لڄ، ڀرم، ست. ۲۱. بچائين، محفوظ رکين. ۲۲. نہ. ۲۳. سپجي ها، پيدا ٿئي ها. ۲۴. بدبخت، نياڳي، ڇنڊي. ۲۵. ڪني، رڍن جي وارن يعني اُن مان ٺهيل چادر يا اوڍڻي. ۲٦. داغدار ڪئي، بي ماني ڪئي. ۲۷. سانگ وارن، خانہ بدوش ماڻهن، مارن. ۲۸. گهرائي، ڪوٺائي. ۲۹. وڏائي ڪري، ناز ڪري، ڪلي، خوش ٿئي. ۳۰. ماڙين ۾، محلاتن ۾.

۷

هيءُ مُنهُن[1] ڏيئي[2] بَنِ[3]، تُون وِهُه[4] ڪائي نَه[5] مَرين،
تو سين مَلِيرَ[6] جَايُون[7]، تَان[8] جي سَڱُ[9] نَه ڪَنِ،
تُون ڪِيئَن مَنجَهان تَنِ، پَاڻُ ڪوٺائيين مَارُئي.

۸

عُمَرَ[10] بَنِ جِيوءِ[11]، ڪوءِ[12] مُنهنجو سُومَرا،
جَا پَرِ[13] پَنوهَارنِ[14] جي، مُون سين تيئَن نَه ڪئُوءِ[15]،
وَنِي مُنهُن[16] ڪِهو، وَجَان وَطَن[17] سَامُهِين[18].

۹

هِنَ سُٽَاٽِيءَ[19] ڪَان سُومَرا[20]، نَاحَقُ[21] تِي جِيَان[22]،
مُوتَائي[23] مَلِيرَ ڏي، ڪِهَڙو[24] نَڪُ[25] نِيَان،
جَازَ[26] تِي جِيَان، مُنهُن نَه ڏُنمِ[27] مَارُوئَين[28].

۱۰

جي[29] ڪَرَ[30] ڪِين[31] جِيَان، اِنَ جَازَ[32] مُقَابِل[33] جيڏيُون[34]،
ڪِهَڙو مُنهُن مَلِيرَ ڏي، ڪَٽِي نَڪُ نِيَان،

---

۱. (سهڻو) چهرو، (سهڻي) شڪل. ۲. وجهي، ۳. ڪڏ ۾، کوهه ۾. ۴. زهر. ۵. نه مرين = (ڇو) نه مُئي، ۶. ملير (مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو) ۾. ۷. ڄاول، ڄميل، پيدائيل (ملير ڄايون = ملير جون عورتون، مارئيءَ جون مائٽياڻيون)، ۸. تان جي = جيستائين، ۹. مائٽي، عزازت، تعلق، لاڳاپو. (سڱ نه ڪن = سڱ جو اقرار نه ڪن)، ۱۰. اي عمر، ۱۱. جيئڻ، حياتي، ۱۲. ڪڏ ۾ پئي، نه گهرجي، ۱۳. ريت، رسم. ۱۴. ڀڪرارن، ٻڪريون ڌاريندڙن يا چاريندڙن، مارن، ۱۵. تو نه ڪئو، ۱۶. ڪهڙو، ۱۷. ڏيهه، ساٿيهه، ۱۸. ڌانهن، ۱۹. بدناميءَ، خواريءَ، سٽينديءَ، ۲۰. اي سومرا، ۲۱. اجايو، ۲۲. جيئري يا زنده رهان، ۲۳. ورائي، ۲۴. بدن ۾ ساهه کڻڻ جو هڪ عضوو پر هتي معنيٰ ٿيندي لڄ، شرم، حياءُ، ۲۵. وني يا ڪٽي وڃان، ۲۶. اجايو، بي فائدو، ۲۷. مون ڏٺو، ۲۸. مارن جو، ۲۹. هوند، ۳۰. نه، ۳۱. جيئري هجان ها، ۳۲. ڄاڙجي، جُٽ جي، خواريءَ جي، ۳۳. آمهون سامهون، موجودگيءَ ۾، ۳۴. اي جيڏيون، اي سرتيون.

ڪِنهِن ڪي ڏوھ[۱] ڏِيان، جُـ اَصلِ[۲] مُنهِنجي اَنگَ[۳] ۾.

## ۱۱

اَللهَ[۴] ايئَن ۾[۵] هوءِ[۶]، جِيئَن آئُون مَاران[۷] بَندَ[۸] ۾،
جُسو[۹] زَنجِيرَن[۱۰] ۾، راتو ڏِينهَان رُوءِ[۱۱]،
پِهرِيَن وَجَان لوءِ[۱۲]، پوءِ[۱۳] مَر پُڄَنمِ[۱۴] ڏِينهَڙا[۱۵].

## ۱۲

سَڪَرَ[۱۶] سَيئِي ڏِينهَن، جي مُون گهَارِئا[۱۷] بَندَ ۾،
واجَهائِيَس[۱۸] وِصَالَ[۱۹] کي، تِيَس[۲۰] تَوانِي[۲۱] تِيئَن،
نِيَرَ مُنهِنجو نِينهَن[۲۲]، اُجَاري[۲۳] اُجو[۲۴] ڪِئو.

## ۱۳

بَنديخَانو[۲۵] بُڇِڙو[۲۶]، ڪوٽَ[۲۷] ڪَشَالو[۲۸] لاهہ[۲۹]،
اَللهَ[۳۰] اِنَ عُمَر[۳۱] کي، مِهَر[۳۲] مَن[۳۳] ۾ پَاءِ[۳۴]،
لوهہ[۳۵] هِنَ کي لاهہ، تَہ وَڃي وَطَنَ سَامُهِين[۳۶].

## ۱۴

ٿَرِ[۳۷] جي ٿوڪَ[۳۸] ڏِسَن[۳۹]، سي جي پَسِين سومَرا[۴۰]،

۱. الزام، ميار. ۲. اصل کان يا شروع کان (اها خواري). ۳. نصيب، قسمت. ۴. اي الله. ۵. نہ. ٦. ٿئي. ۷. فوت ٿيان، ساهہ يا دم ڏيان. ۸. قيد. ۹. بت، بدن، سرير. ۱۰. نيرن. ۱۱. روئي. ۱۲. لوءِ ڏانهن، وطن ڏانهن. ۱۳. پلي. ۱۴. منهنجا پڄن يا پورا ٿين. ۱۵. (حياتيءَ جا) ڏينهن. ۱٦. چڱا، سٺا. ۱۷. گذارئا. ۱۸. (جيئن تہ) مون واجهايو ٿي يا مون اُڪنڊيو ٿي. ۱۹. (مارن جي) ميلاپ، گڏجاڻيءَ، ملاقات. ۲۰. آئون ٿي. ۲۱. چڱي ڀلي، تندرست. ۲۲. محبت. ۲۳. صاف ڪري، ملي، مهٽي. ۲۴. نرمل، پاڪ. ۲۵. قيدخانو. ۲٦. خراب (آهي). ۲۷. ڪوٽ جو، قلعي جو، بند جو، قيد جو. ۲۸. تڪليف، مشڪل، آزار. ۲۹. ختم ڪر. ۳۰. اي الله. ۳۱. سنڌ جي سومرا خاندان جي هڪ حاڪم جو نالو جيڪو مارئيءَ کي زوريءَ کڻي ويو. ۳۲. رحم، پاجهہ، ڪهل. ۳۳. دل، قلب. ۳۴. وجهہ. ۳۵. (لوهہ جا ٺهيل) زنجير، نير. ۳٦. ڏانهن. ۳۷. ٿر ۾، ريگستان ۾، مارئيءَ جي وطن ۾. ۳۸. شيون، ڳالهيون. ۳۹. ڏسين. ۴۰. اي سومرا، اي عمر.

هِڪُ مَوتُ ٻِئو ڦوڙائو[1]، تِئو ساٿيهه[2] کي سِڪَن[3]،
تُون ڪِيئَن مَتّان[4] تَن، عُمَر[5] اَلُولا[6] ڪَرِين.

۱۵

بَندِي[7] ٻِئا قَرار[8]، اسِين[9] لوچُون لوهه[10] ۾،
مَٿي[11] تَن[12] تَرار[13]، سَدا[14] سانبِيڙَن[15] جِي.

۱٦

حَقاٿُو[16] هُت[17] تِئو، آئُون هِت[18] بَندياٽِي[19]،
مُون[20] ڏاڏاٽِي[21] ڏيهه[22] ڏي، قَرهه[23] ۾ لاٽِي[24]،
ڪَنديس رِهاٽِي[25]، مارُوءَ[26] پاس[27] مَلير ۾.

۱۷

حَقاٿُو هُت تِئو، هِيءَ هِت بَندياٽِي،
ساري[28] ساڏوِين[29] کي، ڪونِين[30] ڪُوماٽِي[31]
لَڳين[32] لوهه لَطِيفُ چَئي، وِينِيس[33] وساٽِي[34]،
مُنڌَ[35] ماروءَ جي نه لَهي، ڪَپَٽ[36] ڪَجاٽِي،
سَمَن[37] سَچاٽِي[38]، اُٺي[39] آهِم اُن[40] سين.

---

۱. جدائي، وڇوڙو. ۲. وطن، ڏيهه، ديس. ۳. اُڪندن، واجهائين. ۴. تان. ۵. اي عمر. ٦. زبردستيون، ڏاڍَ، زوراوَريون. ۷. قيدي، باندي. ۸. قرار ۾، آرام ۾. ۹. اسين لوچون = آئون لوچان، آئون بي آرام يا ماندي آهيان. ۱۰. زنجيرن (لوهه مان ٺهيل). ۱۱. تي. ۱۲. جسم، بدن، سرير. ۱۳. (سڪ جي) تلوار، شمشير. ۱۴. هميشه. ۱۵. عزيزن، مائٽن، گڏ رهندڙن، جوڙيوالن. ۱٦. مڙس، ڪانڌ، پتار. ۱۷. يعني ٿر ۾ يا ملير ۾. ۱۸. يعني عمرڪوٽ ۾. ۱۹. قيدياڻي. ۲۰. منهنجي. ۲۱. اباڻي، ابن ڏاڏن جي، مائٽن جي. ۲۲. وطن، ملڪ. ۲۳. هڪ قسم جا ٻوٽا (جن جا ڪانا قد ۾، ۳-۴ فوٽ ڊگها ٿيندا آهن ۽ انهن جي سنگن ۾ سائونءَ جي داڻن جهڙو ان ٿيندو آهي). ۲۴. ٻوٽي جو هڪ قسم (هن جا ٻه نمونا آهن. هڪ ڪاري لاٽي جنهن کي اُٺ کائيندا آهن ۽ ان کي ساڙي ڪيڙن ڏئڻ جي ڪار ٺاهي ويندي آهي ۽ ٻي مٺي لاٽي جنهن کي رڌي ماڻهو ڀاڄيءَ طور کائيندا آهن). ۲۵. رهاڻ، ڪچهري. ۲٦. مارُوءَ (مارئيءَ جي محبوب ڏانهن اشارو) جي. ۲۷. پاسي ۾، ڀر ۾. ۲۸. سنڀالي، ياد ڪري. ۲۹. چارين (هڪ قسم جا وڻ جن جي ڦر کي پيرون چٽبو آهي جي ڏاڏي ۾ مٺا ٿين). ۳۰. ڪوٺين ۾، قيد خاني جي صفن ۾. ۳۱. اداس، ملول. ۳۲. لڳن ۾، عضون ۾. ۳۳. آئون وينِي آهيان. ۳۴. ٽڪل، ماندي، اُجهاٽل، بي حال. ۳۵. منڌ کي، عورت کي، مارئيءَ کي. ۳٦. جهوري، فڪر، ڪجاٽي. ۳۷. واعدو، انجام. ۳۸. سچ پچ، تحقيق. ۳۹. اُٺي جي (مينهن يا برسات) وسندي جي. ۴۰. مون کي آهي.

## ۱۸

آئُون[۱] بَنديائي[۲] بَند ۾[۳]، ڪِ[۴] ڪي[۵] بَند بِئا[۶]،
مُون ڪي ڏيهان[۷] نِڪِريي[۸]، ٻَه[۹] ٽي ٽوڪ[۱۰] ٽِئا،
هِڪُ مارُو[۱۱] ٿَرِ[۱۲] ٽِئا، ٻِئو عُمَر[۱۳] مَنديو[۱۴] مامِرو[۱۵].

## ۱۹

آئُون بَنديائي بَند ۾، مُونهين[۱۶] پئو بَندُ،
مازِيءَ[۱۷] لَڳُم[۱۸] ميهڻون[۱۹]، مُونهين ڪَڙو[۲۰] ڪَنڌ[۲۱]،
مَران[۲۲] جي[۲۳] هِن هَنڌ[۲۴]، تَه نِجاهُه[۲۵] مَڙهُه[۲۶] مَلير ڏي.

## ۲۰

واجهائي[۲۷] وَطَن ڪي، ساري[۲۸] ڏِيان ساهُه،
ٻَتُ[۲۹] مُنهنجو بَند ۾، قَيد[۳۰] ۾ ڪَريجاهُه[۳۱][۳۲]،
پَرڏيهياڻيءَ[۳۳] ڪي پِرينءَ[۳۴] ري، ڏار[۳۵] ۾ ڏَريجاهُه[۳۶][۳۷]،
ٿَڌي وَ[۳۸] سائيجاهُه[۳۹] ٿَرَن جي، مٿي[۴۰] مُئيءَ[۴۱] مٿان،
پُويون[۴۲] ٿيبم[۴۳] پساهُه[۴۴]،* تَه پُڻ نِجاهُه مَڙهُه مَلير ۾.

---

۱. (رڳو) آئون. ۲. قيدياڻي. ۳. قيد. ۴. يا. ۵. ڪجهه. ۶. بند ۾ پيل. ۷. ڏيهه کان، وطن کان. ۸. نڪتي. ۹. ٻہ ٽي = ڪجهه. ۱۰. ڳالهيون، شيون. ۱۱. مالوند ماڻهو، مارئيءَ جا مائٽ. ۱۲. ٿر ڏي يا ريگستان ڏي (ڏورانهين علائقي ڏي). ۱۳. سنڌ جي سومرا خاندان جي هڪ حاڪم جو نالو جيڪو مارئيءَ کي سندس ڳوٺ ملير مان زوريءَ کڻي ويو. ۱۴. ڪڙو ڪئو، جوڙيو، تيار ڪئو. ۱۵. معاملو، قِصو، تڪرار، مصيبت، اٽڪل، رٿ. ۱۶. صرف مون کي. ۱۷. مازيءَ جو محلات جو. ۱۸. مون کي لڳو. ۱۹. طعنو، ٽڪو، داغ، الزام. ۲۰. ڳٽ، زنجير. ۲۱. ڪنڌ ۾، ڳچيءَ ۾. ۲۲. فوت ٿيان، ساهُ يا دَم ڏيان. ۲۳. جيڪڏهين. ۲۴. هن هنڌ = هن جاءِ تي، عمرڪوٽ جي قيد ۾. ۲۵. کڻي وڃج. ۲۶. لاش، ميت. ۲۷. واجهائيندي، سڪندي. ۲۸. ساريندي، ياد ڪندي. ۲۹. لاش. ۳۰. قابو (دفن). ۳۱. نہ. ۳۲. ٿون ڪج. ۳۳. پرديسياڻيءَ، مسافر، غريب الوطن. ۳۴. محبوب، سڄڻ. ۳۵. کان سواءِ. ۳۶. جدا. ۳۷. (زمين ۾) ڏرج يا رکج، دفن ڪج. ۳۸. ٺريل، (برسات جي پاڻيءَ ۾) رِڌل، ڀِنل. ۳۹. وسائج، وجهج، ورائج. ۴۰. خاڪ (واري). ۴۱. مُئيءَ يعني مِئل (عورت) جي، بدقسمت، (عورت) جي. ۴۲. آخري، پڇاڙيءَ وارو. ۴۳. منهنجو ٿئي. ۴۴. ساهہ، دم *مري وڃان.

## ٢١

واجهائي[١] وطن[٢] کي، ساري[٣] ساههُ[٤] ڏيان،
سِڙي[٥] ساٽيهہ سامُهين[٦]، منهنجي نيج[٧] مِيان[٨]،
مُقامِيائي[٩] مارُوئين[١٠]، وجي ٿر[١١] تِيان،
مُيائي[١٢] جِيان[١٣]، جي[١٤] نِئاءَ[١٥] مڙهہ مليرَ ڏي.

## ٢٢

واجهائي وطن کي، آئُون جي هِت مُياس،
تہ گور[١٦] منهنجي سُومرا[١٧]، ڪج پنوهارن[١٨] پاس[١٩]،
ڏج ڏاڏاٽي[٢٠] ڏيهہ جو، منجهان ولڙن[٢١] واس[٢٢]،
تہ ڪر[٢٣] مُيائي جِياس، جي وِئو مڙهہ مليرَ ڏي.

## ٢٣

ڳچيءَ[٢٤] ڳانا[٢٥] لوهہ جا، زيرِيون[٢٦] ۽ زنجير،
پيڪڙا پيرن ۾، ڪوٺين[٢٧] اندر ڪير[٢٨]،
چاري[٢٩] چوڳانن[٣٠] ۾، واهيت[٣١] ڪن وزير[٣٢]،
چن[٣٣] نہ چجي[٣٤] آهيان[٣٥]، اهڙي سِٽ[٣٦] سرير[٣٧]،

---

١. واجهائيندي، سڪندي، ياد ڪندي، ٢. ساٽيهہ، ڏيهہ، ديس، ٣. ساريندي، ياد ڪندي، ٤. دم (ساهہ ڏيان = مري وڃان)، ٥. جنازو، لاش، مڙهہ، ميت، ٦. ڏانهن، ٧. ڪٿي وڃج، ٨. اي ميان، اي سردار، اي عمر سومرا، ٩. مقام يعني قبرستان پاپائي، هڪ ئي قبرستان ۾ پوريل، ١٠. مارن سان (مارئيءَ جي مائٽن سان)، ١١. ٿر ۾، ريگستان ۾، مارئيءَ جي ملڪ (ملير) ۾، ١٢. مرڻ بعد، ١٣. جيئري يا زندهہ ٿيان، ١٤. جيڪڏهين، ١٥. اوهان نِئو يا کڻي وڃا، ١٦. قبر، ١٧. اي سومرا، ١٨. پنوهارن جي، ٻڪريون ڌاريندڙن يا چاريندڙن جي، ٻڪرارن جي، ١٩. پاسي ۾، پر ۾، ٢٠. اباڻي، مائٽن يا عزيزن جي، ٢١. ولين، زمين تي پکڙندڙ ٻوٽن، ٢٢. (ولين کي ساڙڻ سان نڪرندڙ) دونهون (ڌوپ يا ٻيءَ خوشبودار شين جي بجاءِ)، ٢٣. شايد، جڻ، ٢٤. ڳچيءَ ۾، ڪنڌ ۾، گردن ۾، ٢٥. طوق، ڳٽ، ڪڙا، ڪنڍيون، ٢٦. پيرڪڙيون، پيڪڙا، ٻيڙيون، (قيدين کي پيرن ۾ وجهڻ جا) زنجير، ٢٧. قيدخاني جي صفن، ٢٨. ڪلا، ٢٩. پهريدار، چوڪيدار، جاسوس، ٣٠. چوڪنڊي دالانن، اڱڻن،آڳرن، ٣١. جاسوسي، رکوالي، پهريداري، ٣٢. (بادشاهن جا) صلاحڪار، مشير، منتري، ٣٣. خوشيءَ سان، ٣٤. ڇڄي ۾، ڇت سان ڊڪيل ڪمري ۾، (محلات جي) ڪوٺين ۾، ٣٥. مٿي ذڪر ڪيل، ٣٦. نموني يا طرح سان، سٺاءَ سان، ٣٧. سرير جي، بدن جي.

Gul Hayat Institute

مَارُو[1] جَامَ[2] مَلِيرَ[3]، پُڇجِ ڪِي پَنوَهارِ[4] ڪِي.

## ۲۴

مَنَان[5] مَارُوئَڙَنِ[6]، ڇَنِ[7] نَہ وِيَس وِسِرِي[8]،
قَيدِ ڪَئَڙِيُئِي[9] ڪوٽَ[10] مِر، ڏاڍا[11] سين ڏاڍِنِ[12]،
پَلِئو[13] پَنوهَارَنِ، سوس[14] مُنهِنجو سومَرا[15].

## ۲۵

ڪُڇَنِ[16] آهِيَان ڪوٽَ مِر، ڇَنِ نَہ ڇَڇِي[17] هيٺِ،
لوئِيءَ[18] سين لطِيفُ چئي، پيئڙِئو[19] پَڌان بيٺِ[20]*،
هُتَ[21] سَپِڄي[22] اُنَ سَسَنِ[23] جي، هتَ[24] رڇائي[25] ريٺِ[26]،
مَاٽِيان[27] شَالَ[28] مَلِيرَ جي، مُندائِتي[29] مِيٺِ[30]،
سَرَهِيُون[31] سِي سَرَتِيُون[32]، وَطَنِ[33] جَني[34] وِيٺِ[35]،
ڏيهِيا[36] مُون سين ڏِيٺِ[37]، ڪا مُدَتَ[38] ڪَجاهُه[39] مَاڙِين[40].

## ۲۶

ڇَنِ نَہ ڇَڇِي آهِيَان، ڪُڇَنِ مِر[41] ڪوٽَنِ،
اِينِدي[42] پَئَڙمِ[43] اُبَتا[44]، پَيڪَڙا[45] پيرَنِ[46]،

---

۱. اي مارو (مارئيءَ جي مڱيندي ۽ محبوب ڏانهن اشارو). ۲. سردار. ۳. ملير (مارئيءَ جي ملڪ) جا. ۴. پڪريون چاريندڙ يا ڏاريندڙ عورت يعني مارئيءَ. ۵. من تان، دل تان. ٦. ماروئڙن جي (مارئي جي مائٽن جي). ۷. ڇاڻي وائي، ارادتاً. ۸. دل تان لهي. ۹. تو مونکي ڪئو. ۱۰. عمر ڪوٽ (جي قيدخاني). ۱۱. اي ڏاڍا، اي جابر، اي زوراور. ۱۲.ظلمن. ۱۳. لاٿو، ختم ڪئو. ۱۴. آسرو يا اميد (واپس وڃڻ جو). ۱۵. اي سومرا. ۱٦. بنان مرضيءَ، لاچار، مجبور. ۱۷. ڇاڇي يعني ڇت سان ڍڪيل جاءِ (عمر ڪوٽ جي محلات يا قيدخاني جي ڪوٺين يا صُفن). ۱۸. ڪتيءَ، رڍن جي وارن يعني اُن مان ٺهيل چادر يا اوڍڻي. ۱۹. ڇڪئو، ڪسئو. ۲۰. ڪمر، چيلهہ * بدن ڇڳيءَ طرح ڍڪيان. ۲۱. يعني ٿر (ملير) ۾. ۲۲. پيدائشي. ۲۳. رڍن جي ڪير ڏائيندڙ ڦرن. ۲۴. يعني عمر ڪوٽ ۾. ۲۵. رڇن (هڪ قسم جي ڪاري رنگ جي وڏن وارن سان جهنگلي جانورن) جي. ۲٦.راند، رونشو. ۲۷. حاصل ڪريان، واپرايان، (ڪائڻ ۾) استعمال ڪريان ۲۸. مان نہ. خدا ايئن ڪري. ۲۹. موسمي، مند جا. ۳۰. مٺا ميوا. ۳۱.خوش. ۳۲. ساهيڙيون، هڪ جيڏيون. ۳۳. وطن ۾. سائيھ ۾. ملير ۾. ۳۴. جن جي. ۳۵. وهڪ، گهر. ۳٦. اي ڏيهہ جا رهاڪو، اي هم وطنو. ۳۷. ملاقات، سار سنڀال. ۳۸. مدد. واهر. ۳۹. اوهين ڪجو. ۴۰. ماڙين ۾. محلاتن ۾. ۴۱. ڇڇي ۾. ۴۲. اڄڻ شرط. ۴۳. مونکي پيٺا. ۴۴. الٽا. اڙنگا، ڏکئا. ۴۵. پير ڪڙيون. بيڙيون. ۴٦. پيرن ۾.

هَٿَڙِيُون[1] هَٿَنِ[2]، جَنگهُون[3] پَانهون کَانَ[4] ۾.

## ٢٧

هَٿَين[5] هَٿ ڪَڙُولَ[6]، هِينئَڙي[7] پِئَمِ[8] اُنِ[9] سِين،
سَانگِي[10] سَارِئَمِ[11] سُومَرا، ڏاٽِي[12] پَاسِي[13] ڍولَ[14]،
بَابَاڻَنِ[15] سِين ٻولَ[16]، ڪِئَمِ[17] نَہ ڪوٽَ[18] وِهَڻَ[19] جَا.

## ٢٨

ٻَانهُنِ ٻِنهِي[20] ٻِيڙِيُون[21]، مَٿِي[22] ڪَانَنِ[23] ڪَنڌُ[24]،
مَامُنِ[25] سَان مَلِيرَ[26] جُو، وِٻنِي پُڄَان پَنڌُ[27]،
هُونڌَ[28] نَہ سَارِئُمِ[29] ٻَنڌُ[30]، جي ڪَرَ[31] لَڏائُون[32] ڪَڏهِين.

## ٢٩

زِيرِين[33] ٻِيڙِين لوهَہ[34] ۾، ڳَٽَنِ[35] ڪِيَس ڳَاهُہ[36]،
سَنڪي[37] سَندي[38] سُومَرِي[39]، هَڏَ[40] نَہ چَاڙهِئَمِ[41] مَاهُہ[42]،
سَرتِيُون[43] دُعَا ڪِجَاهُہ[44]، تَہ پَرَمُ[45] پَاروڙِيءَ[46] رَهِي[47].

Gul Hayat Institute

## ٣٠

پَرَمُ پَاروڙِيءَ، جِنهِن مَنجِهہ اَچِي اُنَ،

---

١. هٿ ڪڙيون، هٿ ڪڙول، ٻانهن جي ڪراين ۾ ٿالهي سان لوهہ جا ڪڙا. ٢. هٿن ۾. ٣. ٽنگون. ٤. قيديءَ کي سزا ڏيڻ لاءِ ان جي هٿن ۽ پيرن کي ٻڌڻ لاءِ لوهہ جي ڪڙن لڳل ڪاٺ جي بند. ٥. هٿن جا. ٦. يعني عمر جا ٻاتل هٿ ڪڙول. ٧. هينئڙي جا يا دل جا. ٨. مونکي پيا (پيچ يا وڪڙ). ٩. يعني مارن (مارئيءَ جي مائٽن). ١٠. مال چارڻ جي لاءِ هڪ هنڌان لڏي ٻي هنڌ وينڌڙ، مارو. ١١. مون سارئا، مون ياد ڪيا يا سنڀاليا. ١٢. ڏٽ (ٿر علائقي جي هڪ حصي جو نالو) جا رهاڪو، مارو. ١٣. پاسي ۾، ڀر ۾. ١٤. ڍول جي، محبوب (مارئيءَ جي مڱيندي) جي. ١٥. اباڻن، مائٽن. ١٦. واعدا، انجام. ١٧. مون ڪيا. ١٨. ڪوٽ ۾، قلعي ۾، قيدخاني ۾. ١٩. رهڻ، ترسڻ. ٢٠. ٻنهي ٻانهن ۾. ٢١. هٿڙيون، هٿ ڪڙيون. ٢٢. تي. ٢٣. (ڳچيءَ ۾ پيل) ڳٽن، ڪڙن. ٢٤. ڳچي. ٢٥. اشارن، اهڃاڻن. ٢٦. مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو. ٢٧.رستو، گس، راهہ. ٢٨. جيڪر. ٢٩. مون ساريو، مون محسوس ڪئو. ٣٠. قيد. ٣١. خبر، سڌ، سماءُ. ٣٢.انهن (مارن) لڏي يا ورتي. ٣٣. زيرين جي، ٻيڙين جي، پير ڪڙين جي.٣٤. زنجيرن يا ڪڙن (لوهہ جي). ٣٥. طوقن، ڳچيءَ يا ڪنڌ ۾ پيل ڪڙن. ٣٦. پائمال، تباهہ. ٣٧. فڪر، ڳڻتيءَ، خوف. ٣٨. جي. ٣٩. عمر. ٤٠. اصل، بنهہ. ٤١. مون چاڙهئو يا مون وڌايو (بدن تي). ٤٢. ماس، گوشت. ٤٣. اي سرتيون، اي ساهيڙيون. ٤٤. اوهين ڪجو. ٤٥. شرم، لڄ، عزت. ٤٦. پاروڙيءَ جو (اُن مان ٺهيل) ڪتيءَ جو. ٤٧. بچي، قائم يا سلامت ٿئي.

تَه پُڻ وِبني وِندِيان[1]، توڙي[2] پَونِس[3] تُن،
غافِل[4] رَکُ غَرِيبِ[5] کي، عُمَرَ[6] مَنجهه اَمُن[7]،
سَرتِن[8] ساڻُ سَمُن[9]، آهِمِ[10] اُني[11] مِينهَڙِين[12].

## ٣١

آهِمِ اُني مِينهَڙِين، سَمُن سَرتِنِ ساڻُ،
کِنهِن پِرِ[13] لاهِيان کاڻِ[14]، وَجِي وِيڙهِيچَنِ[15] ۾،

وائي

مارُنِ[16] پاسي[17] مِينهَن اُنا[18]، لَڏي وِندَڙِي لوءِ[19]،
اَللهَ[20] کو هِت آڻيِين، پانڌِي[21] پائُرَ[22] جو،
کانَه بُڌِيسُون کَڏهِين[23]، زَنجِيرُن[24] ۾ جوءِ[25]،
وَطَنُ[26] جَنِ وِسارِئو[27]، حَيفُ[28] تَني کي هوءِ[29]،
اُتي[30] عبداللطيف رح چئي، سَدا[31] ساوَڻُ[32] هوءِ.

Gul Hayat Institute

---

١. رَفو ڪريان، تُنَ (ڪپڙي ۾ سوراخ يا ٽُنگ) سبان يا پريان، ٢.جيتوڻيڪ. ٣. اُن (ڪتيءَ، پاروڙيءَ) ۾ پون. ۴. بي سمجهہ، وسوڙل، موڳيءَ. ۵. ويچاريءَ، مسڪين. ٦. اي عمر. ٧. پناهہ، ڍڪ، حفاظت، سلامتي. ٨. ساهيڙين، هڪ جيڏين. ٩. واعدو، انجام، ڊائي. ١٠. منهنجي آهي. ١١. وسندي، ١٢. مينهن جي، برساتن جي. ١٣. ريت، نموني. ١۴. ميارَ. ١۵. ويڙهہ يعني جهنگ جي رهاڪن، جهانگين، مارن يعني مالوندن (مارئيءَ جي مائٽن)، ١٦. مارن جي. ١٧. پاسي ڏانهن، طرف ڏانهن. ١٨. نقل مڪاني ڪري، ١٩. لوءِ ڏانهن، ڳوٺ ڏانهن، ملڪ ڏانهن، ٢٠. اي الله، ٢١. قاصد، نياپا آڻيندڙ نيندڙ، ٢٢. ٿر علائقي جي ڏکڻ واري حصي، پر هتي مراد سڄو ٿر ٿيندي، ٢٣. اسان ٻڌي، ٢۴. نيرن، قيد، بند، ٢۵. زال، عورت، ٢٦. ساٺيهہ، ڏيهہ، ديس، ٢٧. دل تان لاٿو، ياد نہ ڪئو، ٢٨. ڦٽڪار، ملامت، لعنت، افسوس، ٢٩. هجي، ٣٠. يعني وطن ۾، ٣١. هميشہ، ٣٢. مينهن جي موسم.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرُ مَارُئِي

## داستان ستون

### ١

جَنِي لاءِ تَيَاسِ[1]، لِنگڙِيَائِي[2] لوءَ[3] ۾،
تنِي تَان[4] تَرَ[5] جيترو، پَلَڪُ[6] نَہ پُڇِيَاسِ[7]،
جَهروڪَنِ[8] جهورِئو[9] هِنيُون[10]، ڪونَنِ[11] آئُون ڪُٺِيَاسِ[12]،
مَارُنِ[13] مُونجهہ[14] مُيَاسِ[15]، نَہ تَہ مَاڙِيُنِ مَارِيَسِ[16] ڪِينڪي.

### ٢

مَاڙِيُنِ مَارِيَسِ ڪِينَڪِي، مُيَسِ[17] مَارُنِ لاءِ،
ڪَرَ[18] لَهَندا[19] ڪَڏهِين، مُنهِنجي اَچِي مَاءِ[20]،
سَانبِيَڙا[21] سَنداءِ[22]، وِينو واجهہ[23] وِجهي هِنيُون.

### ٣

وِينو واجهہ وِجهي هِنيُون، پَرَ[24] ۾ پَنوهَارَنِ[25]،
اَتِ[26] اُڪَندِي[27] آهِيَان، پَائُرِ[28] ۽ پِرِيَنِ[29]،

Gul Hayat Institute

١. آئون ٿي، ٢. قاتل ڪيڙن واري، اباڻي، ٣. ملڪ، جهان، ڳوٺ. ٤. تہ. ٥. هڪ قسم جي تيلي ٻج جي داڻي (جو تمام ننڍڙو ٿئي)، ذري، ٦. گهڙي ساعت، پل. ٧. مونکي پڇيو، منهنجي خبرچار ورتي يا سار سنڀال لڌي، ٨. ماڙين، محلاتن، ٩. ڌڪويو، ايذايو، ١٠. دل، قلب، ١١. (قيد خاني جي) ڪُنڊن، ڪمرن، ١٢. مونکي ڪُٺو يا قتل ڪيو آهي يعني مونکي تباهہ يا برباد ڪئو آهي، ١٣. مارن يعني مالوندن جي (مارئيءَ جي مائٽن جي)، ١٤. مونجهہ سبب، مونجهاري سبب، فڪر يا ڳڻتيءَ سبب، ١٥. آئون مُئي، آئون فنا ٿي، ١٦. مون کي ماريو، ١٧. آئون مئي، ١٨. خبر، سڌ، سار سنڀال، ١٩. ونندا، ٢٠. اي ماء، اي امڙ، اي امان، ٢١. اي سانبيڙا، اي سانبي، اي رفيق، اي جوڙيوال (مارئيءَ جا مڱيندا)، ٢٢. تنهنجا، ٢٣. واجهہ وجهي = انتظار ڪري، نهاري، ٢٤. لڪ چپ، ڳجهہ ڳوهہ، ٢٥. پنوهارن لاءِ، ٻڪريون ڌاريندڙن يا چاريندڙن لاءِ، ٢٦. تمام گهڻي، بي حد، ٢٧. سڪايل، ٢٨. پائر (ٿر جي علائقي جي ڏکڻ واري حصي) کي، ٿر کي، ٢٩. پرينءَ کي، محبوب کي (مارئيءَ جي مڱيندي کي).

بِـي نَـہ ڪَـنـدِيَـسِ[1] ڪَـنِ[2]، وِيـنـدِيَـسِ[3] وَطَـنَ[4] سَـامُـهِـين[5].

٤

وِيـنـدِيَـسِ وَطَـنَ سَـامُـهِـين، مَـلِـيـرُ[6] مُـنـهِـنـجـو مَـاڳُ[7]،
ڏُٿُ[8] چُـونـڊِيـنـدِيَـسِ[9] ڏِيـهَـہ ۾، سَـاڻُ[10] سَـرتِـنِ سَـاڳُ[11]،
تَـہ مُـون[12] سَـنـئُـون[13] سَـيَـاڳُ[14]، جِي[15] وِيـجِـهِـي[16] ٿِـيَـان وَرَ[17] ڪَـي.

٥

جي وِيـجِـهِـي ٿِـيَـان وَرَ ڪَـي، تَـہ سَـيَـاڳُـوم[18] سَـنـئُـون،
نِـتَ نِـتُ[19] آهِـہ نَـئُـون[20]، مُـون ڪَـي پَـسَـڻُ[21] پَـنُـوهَـارَنِ[22] جـو.

٦

پَـنُـوهَـارَنِ پَـابُـوهِـيُـو[23]، وَرِئَـا[24] واهُـونـدا[25]،
سَـارِئَـمِ[26] سِـبِـڻَ[27] سَـيـدُ (رح) چَـئِـي، گَـاڏِيـلِـيُـون[28] ۽ گُـونـدا[29]،
پَـرِ[30] پِـٽُـنِ[31] هُـونـدا، پُـنـگـا[32] پَـڙَ[33] پِـتَـارَ جَـا.

٧

پَـنُـوهَـارَنِ پَـابُـوهِـيُـو، ڪَـي[34] وَسَ[35] واهُـونـدَنِ،
لَـٿـو[36] سِـيءُ[37] لَـطِـيـفُ (رح) چَـئِـي، بَـڌو[38] ڦَـنُ ڦَـرَنِ[39]،

---

١. آئون ڪندي، ٢. ڪن تي (ڪنديس ڪن = آئون ٻڌندي يا سٽندي)، ٣. آئون ويندي، ۴. سائيهہ. ڏيهہ، ۵. ڏانهن، ٦. مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو، ٧. جاءِ، هنڌ، ڳوٺ، ٨. جهنگ جي گاهن ۽ وڻن مان پيدا ٿيندڙ اَنُ ۽ ڦلَ يا ميوا، ٩. آئون چونڊيندي، آئون ميڙيندي يا گڏ ڪندي، ١٠. ساهيڙين، هڪ جيڏين، ١١. ڀاڄي، سبزي، ترڪاري، ١٢. منهنجو، ١٣. سڌو، سنو، چڱو، ١۴. نصيب، ١۵. جيڪڏهن، ١٦. نزديڪ، قريب، ١٧. مڙس، ڪانڌ، ڀتار، ١٨. منهنجو سياڳ، ١٩. نت نت = هر هر، وري وري، روز روز، ٢٠. تازو، ٢١. ڏسڻ، ديدار، ٢٢. ڀڪريون ڏاريندڙن، ٢٣. سرها ٿيا، خوشي ڪئي، ٢۴. موٽي ايا، ٢۵. بهار جي شروعاتي موسم جون الهندي طرف جون هوائون يا مينهن، ٢٦. مون سارئيا، مون ياد ڪئا يا سنڀاليا، ٢٧. سڄڻ، مائٽ، عزيز، ٢٨. هڪ قسم جي ٻيرين جا وڻ، برسات جي موسم ۾ آسمان تي ڪڪرن جي اچ وڃ، چوپائي مال جي اچ وڃ جا رستا ۽ ڪس، ٢٩. چوپائي مال جي ڦرن کي ٻورڻ يعني بند ڪرڻ لاءِ چوڏاري ڏنل ڍنگهرن جا واڙا، ٣٠. پر ۾، پاسي ۾، ٣١. پٽن جي، واريءَ جي دڙن جي، ٣٢. جهوپڙا، گهر، ٣٣. سگهاري، پهلوان، موچاري، ٣۴. ڪئي، ٣۵. وسڪارو، وسڻ (مينهن پوڻ) جو عمل، ٣٦. ختم ٿيو، ٣٧. سردي، ٣٨. بدن ۾ پرائي، ٿولهہ، ماچ (ٻڌو ڦن = ٿلها ۽ متارا ٿيا)، ٣٩. چوپائي مال جي ٻچن.

پَائُرِ[1] ڏِنِيُون[2] پُنِيُون، نَنڍَن نوراپَن[3]،
عُمَرَ[4] اُنَ اڳُونڊَرِي[5]، پَاسِي[6] ڪَانڍَ[7] ڪَنَن[8]،
اُوءِ[9] تَا ڪُورِين[10] ڪُوَنرِي[11]، سَرَتِيُون[12] مَٿَان سَسَن[13]،
ڪَائُرِ[14] ڪَتِيُون[15] خَاصِيُون[16]، اوجِي[17] اُتَ اَچَن،
ڪَڍِئُو[18] پِيڻُ[19] ڪَهَن*[20]، مَلِيرِ[21] گُهرِجي[22] مَارُئِي.

## ٨

پَنوهَارَن پَابُوهِيو، ڪِي واهُوندَن وَسَ،
عُمَرَ[23] اُنهِيءَ ڏِيهَ[24] جَا، ڏُوٿِيَن[25] ڏَنمِ[26] ڏَسَ[27]،
وَلِيُون[28] وَڻَ ڦُلارِئَا[29]، لُلرُ[30] نَگُئُو[31] لَسَ[32]،
آٽِئُو وِجَهن[33] آهُرِين[34]، سَنڌا[35] تُوهَن[36] تَسَ،
مِيوا مَجَرَ[37] مَاڪِيُون، سَيَڪَا چَڪَنِ چَسَ[38]●،
مَاڙِنِ وِهِي مَسَ[39]، مَلِيرِ گُهرجي مَارُئِي.

## ٩

اَئُون ڪِيئَن ڇڏِيَان سُومَرا، تَن پَنوهَارَن پَچَارَ،
جَڙَ[40] جَنِي جي جَانِ ۾، لَڳِي رِءَ لُهَارَ،

Gul Hayat Institute

١. پائر (ٿر علائقي جي ڏکڻ واري حصي ۾ هتي مراد ٿيندي سڄي ٿر) ۾. ٢. رڍن جي جسمن تان ڪتريل وار (ڏنيون پنيون = رڍن اُن ڏني). ٣. رڍ جي ڪير ڏائيندڙ ڦرن. سسن. ٤. اي عمر. ٥. بنان گوندر، بنان غم. صاف ۽ سٺي جنهن بابت ڪو بہ غم يا فڪر نہ ٿئي. ٦. پاسي ۾" ۾ ۾. ويجهو. قريب. ٧. ڪانڌ جي. ڀتار جي. مڙس جي. ٨. (ملير جون عورتون) وٽين. ٩. اهي (ملير جا ماڻهو. مارئيءَ جا مائٽ). ١٠. ڪترين. ١١. نرم (اُنَ). ١٢. اي سرتيون. اي ساهيڙيون. ١٣. تان. ١٤. ڪائر (ٿر علائقي جي اتر واري حصي ۾ هتي مراد ٿيندي سڄي ٿر) ۾. ١٥. لوئيون، رڍن جي اُن مان نهيل چادرون يا اوڍڻيون. ١٦. اعليٰ قسم جون. اوڇيون. ١٧. اوڇي لاءِ، اڇڻ لاءِ. نهڻ لاءِ. ١٨. (پاڻيءَ سان ڌوئڻ جي ذريعي) لاهيو. صفا ڪئو. ١٩. چانورن جي پيچي يعني پچ جيڪا ڪوري ڪپڙي کي اُٽڻ کان اڳ ڌاڳن کي پڪي ڪرڻ لاءِ هڻندا آهن. ٢٠. چون *(خوشيءَ جي موقعي تي) نين لوئين يا ٻين ڪپڙن مان پائڻ کان اڳ پيڻ ڪڍئو پيپون چون. ٢١. ملير ۾. ٢٢. ڪٻي. ٢٣. اي عمر. ٢٤. ملڪ. ديس. ٢٥. ڌڻ (جهنگ جي گاهن ۽ وڻن جي اَن ۽ ميون) تي گذران ڪندڙن. ٢٦. مون کي ڏنا. ٢٧. خبرون. سڌيون. اطلاع. ٢٨. زمين تي پکڙندڙ ٻوٽا. ٢٩. ٻوڪئا. ٻوردار ٿئا. ٽڙيا. ٣٠. جهنگ جو هڪ ٻوٽو جنهن جي پاڄي رڌي کائبي آهي. ٣١. اپرئو. پيدا ٿئو. ٣٢. تمام گهڻو. ٣٣. آهرن ۾. چوپائي مال کي وڻن تي ڪتر يا گاهہ چارڻ لاءِ ٽڪر جي وڌن ٽانون يعني ڪونارن ۾. ٣٤. جا. ٣٥. گدرن جي مثال هڪ قسم جي ميون (جي ذائقي ۾ سخت ڪڙا ٿين). ٣٦. ڍڳ، انبار. ٽڪرا. ڍُترا. ٣٧. وڻن جا گنوڄَ. يا ٻور. ٣٨. سواد. ذائقو ● سيڪنهن (ميون. مجر ۽ ماڪين) مان ذرو ذرو کائين. ٣٩. مشڪل سان. لاچار سان. ٤٠. ميخ. ڪلي.

مَيخُون[1] مَحَبَتَ[2] سَنديُون[3]، هِينئَڙي[4] مَنجِهہ هَزارَ[5]،
ڪَارو[6] پَاڻِي ڪُوهَريَن[7]، سِنجَئَائُون[8] سَوارَ[9]،
عُمَرَ[10] چَارِيَان اُنِ جَا، ٻَڪَرَ[11] شَالَ[12] ٻِهَارَ[13]،
پَڪَا[14] ۽ پَنوَهَارَ[15]، ڏِنِي[16] مُون[17] ڏِينهَن[18] تِئَا.

## ۱۰

پَڪَا ۽ پَالَ[19]، ڪَٽِي ڪِنهِن ڪُونڙِ[20] وِئَا،
مُون سِين ڪَري ڪَالَ[21]، مَارُو[22] نَہ مُوتِئَا.

## ۱۱

پَڪي مَنجِهہ پَريَاڻُ[23]، مَارُن مَڙِي[24] جو ڪِئو،
ڪَالَهہ پَنوَهَارَن لَڏِئو[25]، وَرِئو[26] ڪونَہ وَٿَانِ[27]،
عُمَرَ[28] اُنهِين سَاڻُ، مُنهِنجو وَجِي رُوحَ[29] رِيهُون[30] ڪِئو.

## ۱۲

عُمَرَ[31] تَئَمِ[32] اَپَارَ[33]، وِرهُہ[34] وَٿِيندِيَس[35] ڪَنِ[36] سِين،
سِي ڏوٿِيَنڙا[37] ڏُور[38] تِئَا، تَڳَان[39] جَنِ[40] تَنوارَ[41]،
سَتَائُون[42] سَنگهَارَ[43]، ڪُوهَنِ تَان ڪَٽِي وِئَا.

---

۱. ڪليون، ۲. پيار، ۳. جون، ۴. هنيين، قلب، دل، ۵. هزارن جي تعداد ۾، تمام گهڻيون، ٦. لوڻائيل، نمڪين، ٻاڙو، ۷. ڪوهرن جو، ننڍن ڪوهن جو، ۸. نوڙين يا رسن ۾ ٻڌل ڏول يا ٻوڪي ذريعي ڪوهہ مان پاڻي ڪڍئائون، ۹. سوارو، سويل، ۱۰. اي عمر، اي سومرا(عمر، سنڌ جي سومرا خاندان جوهڪ حاڪم هو جيڪو مارئيءَ کي انجي ڳوٺ ملير مان زوريءَ کڻي ويو)، ۱۱. ٻاڪرو مال، ۱۲. خدا ايئن ڪري تہ، ۱۳. ٻي ڀيري يا ٻي دفعي (قيد مان ڇٽي)، وري، ۱۴. ککن کانن جا ٺهيل گهر، جهوپا، ۱۵. ٻڪرار، ٻڪريون ڌاريندڙ يا چاريندڙ، ۱٦. ڏسندي، ۱۷. مون کي، ۱۸. گهڻو وقت، ۱۹. رڍن جي ان يا ٻڪرين جي ڏاس مان ٺهيل ڪرڙن يا فراسين جا ٺهيل تنبو يا خيما، ۲۰. طرف، پاسي، ۲۱. غضب، ستم، ڏاڍايون، ۲۲. مالوند (مارئيءَ جا مائٽ)، ۲۳. صلاح، رٿ، خيال، ارادو، ۲۴. گڏجي، ۲۵. نقل مڪاني ڪئي، ۲٦. موٽئو، واپس نئو، ۲۷. انهن وٽان، انهن ڪان، ۲۸. اي عمر، ۲۹. ساهہ، دم، دل، جان، (وڃي روح = ساهہ، آئون مريو ٿي وڃان)، ۳۰. دانهون، رڙيون، ۳۱. اي عمر، ۳۲. مونکي ٿي، ۳۳. اڪيلائي، ڪنهن ٻهر يعني ماڻهوءَ حاضر نہ هجڻ جي حالت، ۳۴. (مائٽن جي جدائيءَ جو) غم، ڏک، سور، ۳۵. اوريندِيس، ڳرهينديس، بيان ڪنديس، ۳٦. ڪهڙن (مائٽن)، ۳۷. ڏوٿي، ڌڻ (جهنگ جي گاهہ ۽ وڻن مان پيدا ٿيندڙ ان ۽ ميون) تي گذران ڪندڙ (مارئيءَ جا مائٽ، مارو)، ۳۸. پري، ۳۹. جيئري يا زندهہ رهان، ۴۰. جن جي، ۴۱. تنوار سان، نالي وٺڻ سان، ذڪر يا ڳالهہ ڪرڻ سان، ۴۲. سامان سڙو، مال اسبابُ، جهوپڙا، مانداڻا، ۴۳. مالوند ماڻهو، ڌنار.

## ١٣

ٿُوهَرَ[1] کُوهَرَ[2] ٿَرَ[3]، جِتِ سَانِيڪَا[4] ۽ سَتِيُون[5]،
چَارِينِ ٿِيُون چَاهَ[6] پِئُو، ڦُوڳَنِ[7] پَاسِي[8] ڦَرَ[9]،
ڪِيئَن لَهَندَمِ ڪَرَ[10]، جِيئَن مَارُو[11] پَاڻَ[12] اَپَارِيَا[13].

## ١٤

پَکَا[14] پَنُوهَارَنِ[15] ڏي، مَيوا[16] مَجَرَ[17] مَڪَ[18]،
عُمَرَ[19] اَتِ اُڪَنِدِئُو[20]، حَالُ[21] هَمَارِي[22] حَقَ[23]،
لُوئِيءَ[24] ۽ لَڪَ[25]، سُمَن[26] سُپِيرِيَنِ[27] سين.

## ١٥

اِيءَ نَہ مَارُنِ[28] رِيتِ[29]، جِيئَن سيڻَ[30] مَٽَائِين[31] سُونَ[32] سين،
قَضَا[33] آندِيَسِ ڪوٽَ ۾، ڪَندِيَسِ[34] ڪَانَہ ڪُرِيتِ[35]،
پَکَنِ[36] جي پِرِيتِ[37]، مَارُيءَ مُورَ نَہ مَٽِيَان.

## ١٦

مَارُيءَ چِٽِي ڏِنَامِ، پَکَا پَنُوهَارَنِ جَا،
هَڪُ اَڳِيئِي سُهِٽَا، بِئُو وِيتَرِ مينهَن اُٺَانِ،

---

١. ماٿرين يا ترائين ۾ پيدا ٿيندڙ نانگ جي ڦڻ وانگر چوٽين سان هڪ قسم جا ڪنڊن وارا وڻ، جن جي ٽارين کي پچڻ سان هڪ قسم جو کير نڪرندو آهي. ٢. ننڍا ڪوهہ. ٣. ٿر ۾، ريگستان ۾ (مارئي جي ملڪ ۾). ٤. سٺ پُرهہ اونها کوهہ (پرهہ جي ماپ ماڻهوءَ جي قد جيتري ٿيندي آهي). ٥. نوڙيون يا رسيون (جيڪي کوهن مان پاڻي ڪڍڻ جي ڏولن يا ٻوڪن کي ٻڌبيون آهن). ٦. چاهہ ۾، شوق ۾. ٧. ڦوڳن جي. هڪ قسم جي جهنگلي ٻوٽن جي. ٨. پاسي ۾، ڀر ۾، ويجهو، نزديڪ. ٩. (رڍن يا ٻڪرين جا) ننڍا ٻچا. ١٠. خبر، سڌ، سار سنڀال. ١١. مالوند ماڻهو (مارئيءَ جا مائٽ). ١٢. خود. ١٣. کهٽي ڪم وارا. ١٤. پچي وئا، رسجي (رس وارا ٿي) وئا. ١٥. ٻڪرارن، ٻڪريون ڌاريندڙن يا چاريندڙن. ١٦. ڦل. ١٧. وڻن جا گونچ (ٻورُ). ١٨. ڪٻڙن يا چارين جي وڻن جا ڪچڙا پيرون. ١٩. تمام گهڻو. ٢٠. سڪايل. ٢١. (منهنجي) حالت يا جند جان. ٢٢. منهنجي. ٢٣. حق لاءِ، مڙس لاءِ، پتار لاءِ. ٢٤. لوئيءَ (رڍن جي وارن يعني ان مان ٺهيل چادر يا کٿيءَ) جي نہ لاهڻ جو. ٢٥. لڪ يعني چيلهہ جي (عصمت يا لڄ جي) بچائڻ جو. ٢٦. واعدو، اقرار. ٢٧. پرين، محبوبن. ٢٨. مارن جي، مالوندن جي (مارئيءَ جي مائٽن جي). ٢٩. پرِ، رسم. ٣٠. سڄڻ، محبوب. ٣١. بدلائين. ٣٢. هڪ قسم جي قيمتي ڌاتوءَ (جنهن مان زيور ٺهندا آهن). ٣٣. خدا جي حڪم يا امر. ٣٤. مون کي آندو. ٣٥. ڪُپر، ٻڇڙي رسم. ٣٦. جهوپڙن، ککن جي ٺهيل گهرن. ٣٧. محبت.

ڪِهڙا ڏوهہ[۱] ڪِئامِ[۲]، جيئن هُو[۳] مَلِيرِ[۴] آئُون ماڙِيِنِ[۵].

## ۱۷

مَاڙِيءَ[۶] چَڙهي سُومَرا[۷]، آئُون هَڏ[۸] لَجاٽي[۹]،
هَتَان[۱۰] مُون[۱۱] مَر هارِيِن[۱۲]، پائُرَ[۱۳] جو پاٽي[۱۴]،
بولي بَاباٽي[۱۵]، وَني[۱۶] شَال[۱۷] وِيڙهہ[۱۸] پهان[۱۹][۲۰].

## ۱۸

تَني سَاڏوِين[۲۱] سَڌَ[۲۲] مَرَان[۲۳]، ڏنگا[۲۴] جَني[۲۵] ڏارَ[۲۶]،
پُٽي سَانڍُ[۲۷] پَتَار[۲۸]، پائُرِ[۲۹] پِيرُون چُونديَان[۳۰].

## ۱۹

ڪَا جَا پَرِ[۳۱] پَنوهَارَ[۳۲]، ڪَنِ وِيڙهيچَا[۳۳] وَٽَنِ سين،
ڪَپِئو[۳۴] ڪُهَاڙَن[۳۵] سين، ڏارِئو[۳۶] رِڪَنِ ڏارَ،
تَنِ سُڪَنِ[۳۷] ڪِهڙي سَارَ[۳۸]، تَہ ڪي اُنا[۳۹] مِينهَن مَلِيرَ تي.

## ۲۰

جي وَڍِي وَڻَ جُدا ڪِئا، ڏُرِبائين ڏارَ،
تَنِ سُڪَن ڪِهڙي سَارَ، تَہ ڪي اُنا مِينهَن مَلِيرَ تي.

Gul Hayat Institute

---

۱. گناهہ. پاپ. خطائون. مدايون. ۲. مون ڪئا. ۳. يعني مارو (مارئيءَ جا مائٽ). ۴. ملير (مارئيءَ جي ڳوٺ) ۾. ۵. ماڙين ۾. محلاتن ۾ (قيد). ۶. ماڙيءَ تي. ۷. اي سومرا. اي عمر (عمر سنڌ جي سومرا خاندان جو هڪ حاڪم هو جو مارئيءَ کي ملير مان زوريءَ کڻي وئو). ۸. صفا. بنهہ. ۹. لڄي يا شرمسار ٿي آهيان. ۱۰. هت مان يا هت کان. ۱۱. منهنجي. ۱۲. تون هارين. تون وهائين. تون ڪيرائين. تون زيان ڪرين. ۱۳. ٿر علائقي جي ڏکڻ واري حصي ۾ هت مراد ٿيندي سڄي ٿر. ۱۴. عزت. لڄ. ۱۵. ڳالهہ. عزت. لڄ. ۱۶. اباڻي، ابن ڏاڏن جي. مائٽن جي. ۱۷. ڪٿي. ۱۸. خدا. ايئن ڪري. ۱۹. ويڙهہ ۾. جهنگ ۾. مارن جي مڪ ملير ۾. ۲۰. گهران. داخل ٿيان. وڃان. ۲۱. ساڏوين جي. چارين (جي وٽن) جي. جن جي قر کي ٻيرون چوندا آهن. ۲۲. سڌ ۾. سڪ ۾. ۲۳. نجهران. ڳران. ۲۴. ڦڏا. تيزا. اڻ سڌا. ۲۵. جن جا. ۲۶. ٽار. ٽلهيون. ٽاريون. ۲۷. گهمي ڦري. ۲۸. مڙس. ڪانڌ. ور (مارئيءَ جي مڱيندي). ۲۹. پائر ۾. ٿر ۾. ۳۰. ميڙيان. گڏ ڪريان (چارين مان چاٽي). ۳۱. حالت. ۳۲. ٻڪرار. ٻڪريون ڏاريندڙ يا چاريندڙ. ۳۳. ويڙهہ ۾ رهندڙ (پنوهار). ۳۴. وڍئو. ڪٽئو. ۳۵. ڪاٺ وڍڻ لاءِ هڪ قسم جي لوهہ جي اوزارن. ۳۶. جيرئو. ڦوڙئو. جدا جدا ڪئو. وڍئو. ۳۷. سڪن کي. سڪلن کي. وڻن مان ڪپي جدا ڪيل ڏارن کي. ۳۸. خبر. پتو. ۳۹. وسڻا.

## ٢١

جي وَڏي وَڻَ جُدا ڪِئا[1]، ڏُرِيائِين[2] دُورِ[3]،
تَنِ سُڪَنِ[4] سَنڌي[5] سُورِ[6]، اَبُرُ[7] اوڪائِي[8] وِئو.

## ٢٢

سُڃ[9] جي اُهڃَ[10] اُڪتِيانِ[11]، سُومَرا[12] سَندانِ[13]،
لَڪين[14] بَڌَنِ لوئِيُون[15]، پِئا ويڙهِيين[16] واهِيرانِ[17]،
سِيئي سَنبِرِئامِ[18]، عُمَرَ[19] آئُون آتي[20] مَران[21].

## ٢٣

وَنهِيانِ[22] تِيِنِ[23] وَٿاڻَ[24]، ڏوگاهِي[25] هُئانِ[26] جي،
سِيئي پِيٽِيُون[27] پاڻَ[28]، مُوٽي[29] مارُوئَڙِنِ اَڏِئا[30].

### وائي

مارُوئَڙا[31] ٿَرَ[32] جَهلَ[33]، يَا الله،
مِينهَن وَسائِين[34] گُوندَرَ[35] لاهِين،
نَڪو رائُرَ[36] ڏِيهَ[37] مِر، نَڪا جَهلَ نَه پَلَ[38]،
سارِئو[39] سانبِيَڙَنِ[40] ڪي، اَچي آبَ[41] اُڃَلَ[42].

---

١. ڪبي، ٢. ڏر ڪان، اصل ڪان، شروع ڪان، ٣.بري، ڏار، جدا، ۴. وٽن مان ڪبي جدا ڪيل ڏارن، ٥. جي، ٦. سور سبب، ڏک سبب، ٧. مينهن، برسات، ٨. بند ٿي، ٩. ٻَڌ، ١٠. نشان، پار پتا، اهڃاڻ، ١١. انهن جا اُڪتيا يعني پڌرا يا ظاهر ٿئا، ١٢. اي سومرا، ١٣. انهن جا، ١۴. لڪن تي، چيلهين تي، ١٥. ڪنيون، رڍن جي وارن يعني اُن مان ٺهيل چادرون يا اوڇڻيون، ١٦. ويڙهين ۾، وٽن جي جهڳڻن ۾، جهنگن ۾. ١٧. انهنجا واهيرا يا آکيرا يعني گهر، جهوپڙا، ١٨. مون کي سنبرئا يعني ياد پئا، ١٩. اي عمر، ٢٠. رڃيو، ڳريو، جليو، ڪاميو، سڙيو، ٢١. فنا ٿيان، تباهہ يا برباد ٿيان، ٢٢. وسندڙ، آباد، شاداب، ٢٣. انهن جا ٿئا، ٢۴. آستان، پاڻ، ماڳ، مڪان، ٢٥. غيرآباد، ويران، ٢٦. انهن جا هئا، ٢٧. هنڌ، جايون، پاڻ، وٿاڻ، ٢٨. وري، ٢٩. مارن، مارئيءَ جي مائٽن، ٣٠. جوڙيا، ٺاهيا، آباد ڪئا، ٣١. مارو، ٣٢. ٿر جي، ريگستان جي، ٣٣. پاسي ۾، پر ۾، ٣۴. برساتون، ٣٥. غم، ڳڻتيون، ٣٦. ڏنڻ ڍل، سَنگ يعني اهو محصول جيڪو بادشاهہ پنهنجي ملڪن يا سردارن کان وٺي، ٣٧. ملڪ، وطن، ديس، ٣٨. روڪ، رنڊڪ، پل، منع، ممانعت، بندش، ٣٩. ياد ڪرئو، سنڀالئو، ۴٠. سانڀين، جوڙيوالن، رفيقن، ۴١. آب جي، پاڻيءَ جي، ۴٢. پالوٽ، اٿل، اڏمو (اڪين مان).

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر مَارُئِي

## داستان انون

### ۱

پَٽولا پَنوهارِيُون، مُورِ نَہ مَٿي ڪَنِ،
جُہ لاڪَ رَڇَنِ لوئِيُون، تَہ شالُنئُون سُونهَنِ،
اُنَ ايلاچَنئان اڳري، بَخمَل بافتَنِ،
سَڪَرَ پانيان سومَرا، ڪَٿي ڪان ڪُنهَبَنِ،
جا ڏِنيمِ ڏاڏاڻَنِ، سا لاهِيندي لَڄَ مَران.

### ۲

اَرَمَ هَڏَ نَہ اوڍِيان، پَٽولا پَٽ چِيرَ،
پانڌُئائي پَنِ ڏِيان، اَرغَچ ۽ عَبِيرَ،
مارُوءَ سين ماڻِيان، ڪَٿي جهَڙي کِيرَ،
اَندرِ اُڃَ اُڪِير، مُون کي پِرِينءَ پَنوهارَ جي.

---

۱. پٽ يعني ريشم مان نهيل ڪپڙا. ۲. پنوهارن جون عورتون، ٻڪرارن يعني ٻڪريون چارينديڙن يا ڌارينديڙن جون عورتون. ۳. اصل، بنهہ. ۴. مٿي تي، سر تي. ۵. ڍڪين. پهرن. ٦. جيڪڏهين. ۷. لاڪ ۾ (ٻير وغيره وڻ جي ٽارين مان نڪرندڙ رس کي لاڪ چئبو آهي جيڪا ڪپڙن رڱڻ جي ڪم ايندي آهي). ۸. رڱجن، رنگين ڪن. ۹. ڪنيون، رڍن جي وارن يعني اُن مان نهيل چادرون يا اوڍڻيون. ۱۰. شالن ڪان، اوچي قسم جي پشم مان نهيل چادرن ڪان. ۱۱. سهڻيون يا موچاريون لڳن. ۱۲. اُن مان نهيل لوئي. ۱۳. ايلاچن ڪان، ريشم مان نهيل هڪ قسم جي پٽا پٽي ڪپڙن. ۱۴. بهتر. ۱۵. بخمل جي ڪپڙن ڪان. ۱٦. بافتن جي ڪپڙن ڪان. ۱۷. سرس، بهتر. ۱۸. سمجهان. ۱۹. اي سومرا. ۲۰. هڪ قسم جي ڳاڙهن ڪپڙن، رنگا رنگي ڪپڙن. ۲۱. ڪٿيءَ ڏانهن اشارو. ۲۲. مون کي ڏني. ۲۳. ابي ڏاڏي جي اولاد. مائٽن. ۲۴. (مٿي يا بدن تان) هٽائيندي، پري ڪندي. ۲۵. لڄ مران = لڄي ٿيان، شرمسار ٿيان. ۲٦. هڪ قسم جا اعليٰ اوني يا ريشمي ڪپڙا. ۲۷. اصل، بنهہ. ۲۸. پايان. ڍڪيان. پهريان. ۲۹. پٽ چير = ريشمي ڪپڙا. ۳۰. عورتن جي مٿي تي پائڻ جون رڱيل پوتيون يا چنيون. جن کي رڱڻ کان اڳ ٿوري ٿوري مفاصلي تي ڌاڳن سان ٻڌيون يعني ڳنڍيون ڏئي ڇڏبيون. اُن لاءِ تہ انهن ڳنڍين وارن هنڌ رنگ نہ چڙهي ۽ اهي هنڌ ڊٻڪ ڊٻڪ تي گلڪاري ڪري بيهن. ۳۱. ٻن ڏيان = ڪڏ ۾ يا ڪوهہ ۾ وجهان. ۳۲. هڪ قسم جا عمدا ڪپڙا. ۳۳. آسماني رنگ تي هڪ قسم جا عمدا ڪپڙا. ۳۴. مارئيءَ جي مڱيندي. ۳۵. استعمال ڪريان. پايان، جوڙيان. ۳٦. جهڙي کير = صفا سفيد يا اڇي. ۳۷. اندر ۾. دل ۾. ۳۸. پياس. ۳۹. سڪ. ۴۰. محبوب. ۴۱. ٻڪرار. ٻڪريون ڌارينديڙ يا چارينديڙ.

## ۳

سونَ بَرابَرِ سَڳَڙا، مَاروءَ سَندا مُون،
پَٽولا پَنوهَارِ کي، عُمَرَ آڇِ مَ تُون،
وَرُ لوئِيءَ لُون، ڏاڏاڻَنِ ڏِنِيَامِ جَا.

## ۴

سونَ بَرابَرِ سَڳَڙا، لُوءَ لُنءَ بَرابَرِ لَکُ،
رِپو جِنهِن رَدُ کئو، کوڙِ تَهِين کي کَکُ،
مُون مَاروءَ جو مَکُ، تيلُ نَہ لائِيَان تُنهِنجو.

## ۵

تيلُ نَہ لايَان تُنهِنجو، مُون مَارُو مَنِ،
کَرِيَان بِيّي نَہ کَنِ*، آهَرِ اُنهِين آهِيَان.

## ۶

مُون مَاروءَ سين لَڌِيُون، لوئِيءَ مَ لائُون،
سونَ بَرابَرِ سَڳَڙا، مُون کي بَاهُن بَڌائُون،
عُمَرَ چِڙُ آئُون، کِيئَن پَٽُ پَرِهِيَان سُومَرا.

Gul Hayat Institute

---

۱. سون جي، هڪ قسم جي پيلي رنگ جي قيمتي ڌاتوءَ جي (جنهن مان زيور ٺهندا آهن)، ۲. مٽ، مثل، مساوي، ۳. (مڱڻي جي وقت) ڪنوار کي گهوٽ جي طرفان ڪراين يعني ٻانهن ۾ ٻڌڻ لاءِ ڳانا. ۴. (مارئيءَ جي) مڱيندي يعني محبوب، ۵. جا، ٦. مون کي، ۷. پٽ جا ڪپڙا، ريشم جا ڪپڙا، ۸. پنوهارن (ٻڪريون چاريندڙن يا ڌاريندڙن) جي عورت يعني مارئيءَ، ۹. اي عمر، اي سومرا، ۱۰. پيش ڪر، ڏيڻ جي خواهش ڪر، ۱۱. بهتر، ڀلي، ۱۲. لوئيءَ جي، ڪنيءَ جي، اُن يعني رڍن جي وارن مان ٺهيل چادرن جي، ۱۳. تند، ڌاڳو، ۱۴. ابن ڏاڏن جي اولاد، مائٽن، ۱۵. مون کي ڏني، ١٦. ذرو هو، ۱۷. لنءَ جو، (لوئيءَ جي) تند يا ڌاڳي جو، ۱۸. لک رپين جي ملهہ، ۱۹. رُپي يعني چانديءَ جا زيور، مال ملڪيت، ۲۰. ٺڪرايو، واپس ورايو، ۲۱. ڪروڙ (جي ملڪيت)، ۲۲. ڪک يعني تنڪي جي برابر، تڇ برابر، ۲۳. مون کي، ۲۴. (مڱڻي جي وقت) مڪيل تيل، ۲۵. من ۾، دل ۾، ۲٦. ٻي ڳالهہ يا ٻي وائي، ۲۷. ڪن ۾ يا ڪن تي، *ٻي ڳالهہ نہ ٻڌنديس، ۲۸. آسري يا ڀروسي تي، ڏِڍ تي، ۲۹. انهيءَ جي، ماروءَ جي، ۳۰. شاديءَ جي وقت گهوٽ ۽ ڪنوار جا مٿا پاڻ ۾ ست دفعا ٽڪرائڻ واري حالت (لائون لڌيون = شادي ڪئي)، ۳۱. ٻانهن (جي ڪراين) ۾، ۳۲. اي عمر، ۳۳. ٻڌاءِ، ۳۴. پٽ جا ڪپڙا، ريشم جا ڪپڙا، ۳۵. پايان، اوڍايان، ۳٦. اي سومرا.

### ⑦

پَٽُ نَہ پَرَهِيَان سُومَرا، جَان ڪِي[۱] تَان جِيَان[۲]،
آئُون ڪِيئَن لوئِي لاهِيَان، ڪَارڻِ پِڻ[۳] ڏِينهَان،
جَان[۴] سِين ٿِي جِيَان، ڪَانڌُ[۵] نَہ ڪَنڌِيَسِ ڪو ٻِئو.

### ۸

ڪَٿيِروئِي[٦] خُوبُ[۷]، ڪَانڌُ نَہ ڪَنڌِيَسِ ڪو ٻِئو،
مِيِروئِي[۸] مَحبُوبُ[۹]، اَسَان[۱۰] مَارُو[۱۱] مَجِئو[۱۲].

### ۹

جِنِ[۱۳] ڪَرايُنِ[۱۴] ڪَچَ[۱۵] جَا، وَرُ[۱٦] سَاهيِڙِيُون[۱۷] سِي،
اَتِ[۱۸] اُڪَنڍِي[۱۹] آهِيَان، مَنَهِن[۲۰] مَارُوءَ جِي،
پَڪَنِ سِين نَہ پَاڙِيَان[۲۱]، هَنڌَ[۲۲] هِتِي جَا هِي،
اَهلَ[۲۳] اَبَاڻَنِ[۲۴] جِي، مَرِي شَال[۲۵] مَلهَايَان[۲٦].

### ۱۰

ڪَرايُنِ ڪِرُوڙِ[۲۷] جَا، چُوڙا ڪُوڙا[۲۸] جَنِ[۲۹]،
سِي مَرڪُ[۳۰] مَارُوئَڙَنِ[۳۱]، جِئَان[۳۲] لوڪَ[۳۳] لَڄِ[۳۴] ٿِئي.

Gul Hayat Institute

---

۱. جان ڪي تان = جيستائين. ۲. جيئري يا زندهہ آهيان. ۳. پين ڏينهان = پن ڏينهن، حياتيءَ جي باقي ٿوري عرصي. ۴. جان سين = جيستائين. ۵. مڙس، ڀتار، ور. ٦. ڪٿي ڍڪيندڙ ٿي. ۷. (منهنجي لاءِ) بهتر، چڱو. ۸. مٿيءَ ۾ پريل ٿي، ڏوڙ ۾ ڪلئو يا گدلو ٿي. ۹. پرين، سڄڻ، پيارو. ۱۰. مون. ۱۱. مارئيءَ جي مڱيندي ڏانهن اشارو. ۱۲. قبول ڪئو. ۱۳. جن جي. ۱۴. ڪراين ۾، هٿن ۽ نونڻين جي وچ وارن جاين ۾. ۱۵. ڪچ جا = شيشي يا ڪاچ جا چوڙا يا ڪنگڻ. ۱٦. بهتر، موچاريون، ڀليون. ۱۷. سرتيون. هڪ جيڏيون. ۱۸. تمام گهڻي. ۱۹. سڪايل. ۲۰. منهن جي، ڇني جي، جهوپي جي، پکي جي، ڪکن جي نهيل گهر جي. ۲۱. برابر ڪريان، مٽ سمجهان. ۲۲. جايون، ماڳ. ۲۳. عيال، ڪٽنب، خاندان. ۲۴. مائٽن. ۲۵. خدا ايئن ڪري. ۲٦. موڪيان، سرخرو ڪريان. ۲۷. (مارن جي گمان موجب) ڪروڙن جي ملهہ يا قيمت. ۲۸. ڪچ جا، نقلي، ڪوڙا. ۲۹. جن ڪي. ۳۰. سونهن، سينگار، زينت، فخر. ۳۱. مارن جو، مارئيءَ جي مائٽن جو. ۳۲. جن ڪان. ۳۳. لوڪ کي، عامَ مائهن کي. ۳۴. شرم، حيا.

## ١١

ڪَارا[1] ڪَرابُنِ[2] ۾، سُونُ[3] اَسَان ڪَي سُوءَ[4]،
وَرُ[5] جيڏِنِ[6] سين جُوءَ[7]، فَاقو[8] فَرحَتَ پَانيَانِ[9].

## ١٢

فِڪرُ[10] ۽ فَاقو، مَرَڪُ[11] مَاروئڙَنِ[12] جو،
ڪَڏهين ڪَڏهين ذُتَ[13] جو، چِڪَنِ[14] چُئَاڪو[15]،
هِڪُ[16] اَندَرِ اولاڪو[17]، بِي وِنجُهَلَ[18] وِيڙهيچَنِ[19] جي.

## ١٣

اَجُورا[20] اُتِييَنِ جي، مَتَنِي[21] جَهنِ[22] جَهَاپِيَ[23]،
مَارُوئڙا مَلِيرَ[24] ۾، قَرَنِ[25] سين فَاقي،
اُنِين[26] رِءَ آئُون ڪي[27]، مُنهَن[28] مِنَايُون[29] لايَانِ.

## ١۴

اَجُ اَدِنگا[30] وِيڻَ[31]، مُون ڪي مُڪَا[32] جيڏِيِنِ[33]،
هَارِي[34] حَمِيرَنِ[35] جَا، جُڪُس[36] ڪَاڏَئي[37] ڪيڻَ[38]،
سَاڏوهِيُون[39] ۽ سِيڻ[40]، ڪِ[41] تو[42] وِئَڙا وِسِرِي[43].

---

١. ڪاري رنگ جا ڳانا يا ڏاڍا، ڪاري رنگ جا ڪچ جاچوڙا يعني ڪنگڻ. ٢. ويٺين، هٿن ۽ ٻوٽين جي وچ وارين جاين. ٣. يعني سون جا چوڙا. ۴. سوڳُ، افسوس، ڏک، ارمان. ۵. بهتر، ڀلي. ٦. ساهيڙين. ٧. بک، فاقو، لنگهڻ. ٨. آنند، شادمانو، جشن. ٩. سمجهان. ١٠. رنج، ملال، ڏک، غم، ڳڻتي. ١١. سونهن، سينگار، زينت، فخر. ١٢. مارن (مارئيءَ جي مائٽن)، مالوندن. ١٣. جهنگ جي پيداوار جهڙوڪ گاهن جي ان ۽ وڻن جي ڦَلَ. ١۴. سواد يا ذائقو وٺن يعني کائين. ١۵. ٿورو، ذري برابر. ١٦. اندر ۾، دل ۾. ١٧. ساڙ، پچ. ڪام. ١٨. ڳڻتي، فڪر، پريشاني. ١٩. ويڙهه يعني جهنگ ۾ رهندڙن، جهانگين، مارن، مالوندن. ٢٠. ازورا، هيٺا، ڪمزور، اداس، ملول. ٢١. تي. ٢٢. ڏڌ. لسيءَ. ٢٣. پي (جهڻ جهاپي = ڏڌ لسي پيو). ٢۴. مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو. ٢۵. گهمن، هلن، رهن. ٢٦. ڪان سواءِ. ٢٧. ڇا ڪجهه. ٢٨. منهن ڪي، وات ڪي. ٢٩. منيون يا سنيون شيون، منا ڪاڏا. شيرينيون. ٣٠. بي ڍنگا. اڻ سنهائيندڙ. ناشائستا. ٣١. طعنا، ميهڻا. ٣٢. موڪلئا. ٣٣. جيڏين، سرتين، ساهيڙين. ٣۴. اي هاري، اي نادان. ٣۵. اميرن. ٣٦. شايد. ٣٧. تو ڪاڏا آهن. ٣٨. ڪاڄ، ڪاڏا، طعام. ٣٩. ڇارين جا وڻ (جن جي ڦر کي ٻيرون چئبو آهي). ۴٠. سڄڻ، مارو. ۴١. ڇا. ۴٢. توکي. ۴٣. دل تان لهي.

## ١٥

سَرتِنِ[1] سَختَ[2] سَنيهَڙا[3]، ڏيئِي مُڪا[4] ڏونهُن[5] مَليرَ[6]،
آهِينِ عُمَرَ ڪوٽَ ۾، ڪَندُ مِنَايُون[7] ڪيرَ،
چَسَا[8] ڪائِي چُورِمَا[9]، هَرِيئَن[10] سَاڻُ خَميرَ[11]،
ڪَندا[12] قُوتُ[13] ڪَرِيڙَ[14]، ڪِ[15] تَو[16] وِئڙا وِسِرِي[17].

## ١٦

چَشَا[18] چَائُرَ[19] چُورِمَا، قِيمُو[20] قَليو[21] اَنُ،
جيڪِي آڇِي[22] سُومَرو[23]، سو مُورِ[24] نَہ بَاسِي[25] مَنُ[26]،
پوئِينءَ[27] رات پِڙِ پَئِي[28]، جي[29] مُون[30] مَانِيءَ[31] ڪَنُ[32]،
تَازو[33] پَانِيَان[34] تَنُ[35]، سَؤُ پِيرا[36] سَاڻِيهَ[37] ۾.

## ١٧

چَائُرَ جي چَڪَن[38]، ڏَجَنِ ڏوراپا[39] تَنِ ڪي،
سَرتِنِ جا سَرِيرَ ۾، دُونهَان[40] ٿَا دُکَنِ[41]،
هِڪُ ڏُکويَسِ[42] ڏُکَنِ[43]، ٻِئو مَارُو جَامُ نَہ وِسِري.

---

١. جيڏين، ساهيڙين. ٢. اوکا، اڏنکا، دل ڏکوئيندڙ. ٣. پيغام، نياپا. ۴. موڪلئا. ٥. کان. ٦. مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو. ٧. شيرينيون. ٨. لذت وارا، ذائقي وارا، سواد وارا. ٩. گيهہ ۽ کنڊ ۾ ڳوهيل يا مهٽيل مانيون، ڪُٽيون، چُوريون، مليدا، سٽيا طعام. ١٠. تون هري وئي، تون گهائل مائل يا مانوس ٿي وئي. ١٨. امير يعني عمر سومري. ١٢. ڪنڊن جا وڻ، جن جي ڦر کي سگر يا سگريون چئبو آهي. ١٣. کاڄ، کاڌو، طعام، توشو. ١۴. ڪرڙن جا وڻ جن جي گلن کي ٻُسي چئبو آهي. ١٥. ڇا. ١٦. توکي. ١٧. دل تان لهي. ١٨. چسا، چشکي وارا، سوادي، مزيدار، وڻندڙ. ١٩. چانور. ٢٠. ڪُتري سنهو ڪيل گوشت. ٢١. ٻُڪل، اٻاريل، ٿهڪايل. ٢٢. پيش ڪري، ڏيڻ جي خواهش ڪري. ٢٣. عمر. ٢۴. اصل، بنهہ. ٢٥. مڃي، قبول ڪري، پسند ڪري. ٢٦. دل. ٢٧. پوئين رات جو، آڌيءَ رات کانپوءِ. ٢٨. پڙ پئي = ملي. ٢٩. جيڪڏهين. ٣٠. مون کي. ٣١. مانيءَ جو، روٽيءَ جو، چپاتيءَ جو. ٣٢. ڪَنو، ٿورو ڀورُ يا ٽڪر. ٣٣. خوش، تندرست، شاد. ٣۴. سمجهان، محسوس ڪريان. ٣٥. بدن، سرير. ٣٦. سَؤ ڀيرا = سَؤ دفعا يا گهمرا، تمام گهڻو. ٣٧. وطن، ڏيهہ. ٣٨. ذائقي يا سواد معلوم واسطي زبان تي رکن يا ٿورو ذرو وات ۾ وجهن، ڪائين. ٣٩. اوپالا، ميارون. ۴٠. (ٻوريءَ طرح باهہ نہ ٻرڻ سبب پيدا ٿيندڙ) غبارَ، ڪاريون هوائون يا ٻاڦون، دود. ۴١. پيدا ٿين، سِرجن (دونهان ٿا دکن = محبت جون باهيون ٻرن). ۴٢. مون کي ڏوکويو، مون کي تڪليف ڏني يا آزاريو. ۴٣. دردن، سورن.

## ١٨

مَتِنِ[١] ٿُوهَہ[٢] تَسَّڪَڙا[٣]، ڇِڪَنَدَڙا[٤] اَڇَنِ،
ڪُڙِيُون[٥] ڪِيهَہ[٦] پَڪُليُون[٧]، پَگهَرُ[٨] سِرِ پيرَنِ،
اِيءُ[٩] وَڙُ ويڙهيچَنِ[١٠]، مُون لوڏانِئي[١١] لَڪَئا[١٢].

## ١٩

ٽُٻِڪَ ٽُٻِڪَڙا[١٣]، ڪَٽِي[١٤] جَرُوڙِيُون[١٥] جُلِئا[١٦]،
ڏِينهَڪُ[١٧] وَجَنِ ڏُٿَ ڪي[١٨]، پِٽُنِ[١٩] پُٽَڪَڙا[٢٠]،
لاڙِئَمِ[٢١] لُڙڪَڙا[٢٢]، سَيئي سَارِي[٢٣] سُومَرا[٢٤].

## ٢٠

جَائُون ڪُجَائُون[٢٥]، جُهُوپو[٢٦] جَهانِگِيڙَنِ جو،
سُکَ نَہ سُتَا ڪَڏهين[٢٧]، ٻِيلاسِي[٢٨] ٻَانهُون[٢٩]،
ڏِينهَڪُ وَجَنِ ڏُٿَ ڪي، پَارا[٣٠] پَراهُون[٣١]،
اُنين کي اَئُون، گَڏَ[٣٢] تَہ گُونِدَرِ[٣٣] نَہ پَوان.

## ٢١

آٽِين ۽ چَاڙهين*، ڪَ[٣٤] ويڙهيچا وارِينَ[٣٥]،

---

١. انهن جي مٿان، انهن (جي مٿي) تي. ٢. ٿوهن (هڪ قسم جي ول جي ڦلن جيڪي ذائقي ۾ سخت ڪڙا ٿين) جي. ٣. ٽڪرن يا ڳترن سان ڀريل، ٽوڪرا يا ڪارا. ٤. پگهر ڇڪائيندا يعني ڳاڙيندا. ٥. (ماڻهوءَ جي) پيرن جا ٻويان پاسا. ايڙيون. ٦. مٽيءَ يا دز سان. ٧. ڀريل. لڳل. ٨. تي، تائين. ٩. اُهڃاڻ، نشان، پار. ١٠. ويڙهيچن جو، ويڙهہ ۾ يعني جهنگ ۾ رهندڙن جو جهانگين جو، مارن جو. ١١. لوڏ مان، هلڻ جي تور مان. ١٢. سهي ڪٿا. پروڙئا. ١٣. ڪارا. ٽوڪرا. ١٤. ننڍا ڪارا. ١٥. ڏٿ يعني جهنگلي گاهن ۽ وڻن مان پيدا ٿيندڙ ان ۽ ميون چونڊڻ يا ميڙڻ لاءِ سندَ يا ٿانو. ١٦. هلئا. ١٧. ڏينهن جو. ڏينهن جي وقت. ١٨. لاءِ. ١٩. پٽن ۾. واريءَ جي دڙن ۾. ٢٠. گهمندا. ڦرندا. هلندا. ٢١. مون لاڙئا. مون وهايا يا ڳاڙئا. ٢٢. لڙڪ. ڳوڙها. آنسو. ٢٣. ياد ڪري، سنڀالي. ٢٤. اي سومرا. اي عمر ٢٥. جائون ڪجائون = موزون يا ناموزون جاءِ تي، هر جاءِ تي، هر هنڌ تي، جتي ڪٿي. ٢٦. ڪکن ڪانن جو نهيل گهرُ. ٢٧. سک سان، آرام سان. ٢٨. ٻاڪر يا ٻک ۾ وجهي. ٢٩. جوپون. (نڪاح ۾ آيل) زالون. ٣٠. پارن ڪان. (ڪوهن جي پرسان پڌل). ڳونن ڪان. ٣١. پري، ڏور. ٣٢. ملاءِ. ٣٣. گوندر ۾. غم ۾. فڪر ۾. *جڏهين ڪمائي آٽين يعني ڪو ڏٿ وغيره چونڊي اچن تڏهين رڌي پچائي کائين. ٣٤. يا ٻي صورت ۾. ٣٥. ڏينهن وارئو چڏين يعني رڌپچاءَ ڪونہ ڪن ۽ ٻُکئا رَهن.

سَتَا كئو سُومَرا، سَائُون سُكَائِين،
مَنجَهان لَنبَ لطِيف چَئي، چَائُرَ كئو چَارِهِين،
پُلاءُ نَہ پَارِين، عُمَر آرازِيءَ سِين.

۲۲

جُهڙ ڦُڙ مَتي مَارُئِين، جِت چِيهَان چِڪَ،
اَندرُ تو اُجَ مَرِي، سَاهُ اُنِين جِيءَ سِڪَ،
پِيَان شَالَ پِهِيُون پِرِي، تِئَان ڏيئي تِڪَ،
وَرُ پِرِيَان سِين پِڪَ، بِئَا پِيَانڙ پَرِيَائِي گهورِيَان.

۲۳

جُهڙ ڦُڙ جِت تِيَان، اُت اَڏئَائُون پَكَڙا،
هِن مُنهِنجي حَالَ جو، قَدرُ نَہ كِيَڻَان،
جِيكُسِ آئُون وِسَرِيَان، مَارُو ڦُوتِ قَرارِئَا.

۲۴

تُوري ڦُوت قَرارِئَا، رَهَن سَبَرَ سَتَ،
كَتِيءَ ۾ كَيهَہ پَكِلِئَا، پُٽَن اهَرِيءَ پَت،

---

۱. ڍگ، ڍير، انبار. ۲. اي سومرا. ۳. گاهہ جو قسم (جنهن مان ان بہ پيدا ٿئي ٿو ۽ اهو ان مارو ماڻهو کائيندا آهن). ۴. هڪ قسم جي جهنگلي گاهہ جي سنهن داڻن واري ان مان. ۵. چانورن جهڙا داڻا. ٦. ڪيئو. ۷. رڌين. پچائين. ۸. جانور ۽ گوشت گڏ رڌي تيار ڪيل طعام. ۹. برابر سمجهن. ۱۰. اي عمر. ۱۱. سائونءَ ۽ لنب جي ان مان تيار ڪيل طعام (ڏريو يا پٽ). چيڙن جي ڪچرين جي ڪڙهي يا جنٽي. ۱۲. جهڙ ڦڙ = مينهن، برسات. ۱۳. مٿان. ۱۴. مارن جي، مالوندن جي (مارئيءَ جي مائٽن جي). ۱۵. چيهن جي، هڪ قسم جي گاهن جي. ۱٦. ڪثرت. گهرج کان وڌيڪ انداز. ۱۷. دل. قلب. ساهہ. جان. ۱۸. اُڃ ۾ (مارن جي) پياس يا سڪ يا محبت ۾. ۱۹. فنا يا تباهہ ٿئي. جُهري. جهجي. ۲۰. خدا ڪري تہ. ۲۱. وٺيون. تاسريون. پياليون. ۲۲. تتان يا اُتان يعني سڪ يا محبت جي چشمي مان. ۲۳. ڀِيت. نڙيءَ کي زور ڏيئي وڏن ڍڪن پرڻ جي حالت. ۲۴. بهتر. ڀلي. ۲۵. پريِنءَ. محبوب. ۲٦. سُرڪ. ٿورو ڏرو. ننڍو ڍڪُ. ۲۷. (وڏا) پيالا يا وٽا. ڪٽورا. ۲۸. پريل ٿي. ۲۹. صدقي يا قربان ڪريان. ۳۰. انهن لاءِ ٿئو. ۳۱. ناهيائون. جوڙيائون. ۳۲. (ڪکن جا) گهر. جهوپڙا. ۳۳. حالت. ڪيفيت. ۳۴. اندازو. صحيح ڄاڻ. احساس. ۳۵. انهن کي. ۳٦. شايد. ۳۷. انهن کان وسري يعني دل تان لهي وئي. ۳۸. قوت ۾. (حاصل ٿيل) ڪاڌي پيتي جي شين ۾. ذٽ ۾. ۳۹. راضي آهن. خوش يا بي فڪر آهن. ۴۰. سگهارا. مضبوط. جاٺنا. ۴۱. ست ۾. طاقت ۾. ۴۲. لوئي. اُن يعني رڍن جي وارن مان نهيل چادر. ۴۳. مٽي. دز. ۴۴. لڱل. ڀريل. هاڻا. ۴۵. گهمن. ڦرن. هلن. ۴٦. ريت.

پنوهارڪي پَٽِ، پيهي پُڄ مَليرَ ۾.

## ۲۵

ويٺي هت وڄايان، جيئن سناسين سَنڪَ،
مُهرن سندا مِهري، لا هٿندي لَڪَ،
اُنَ اَسان کي آڄڪو، قيمت ڀانيون ڪَڪَ،
سندا ٻيڙن ٻَڪَ، ماروءَ ڏيکاري مران.

وائي

جتي مارو تتي ڀانڊي اَلو! عُمَرَ او ايندو،
پُڇان ڪوءِ، عُمَرَ مِيان ويندو پُڇان لوءِ،
پنڌان ڪارِئو پهيڙا، ڪي جو اُيڙي چوءِ،
مَتي ماڙيءَ مارُئي، رُئاڙي ۾ روءِ،
راڄُ پرتو رَبَ کي، سُومرا سَندوءِ،
مِلڪَ ماروءَ جي آهيان، جورِ نه ٿيان جوءِ،
سهج سُوري ڀانيان، سُومَرا سَندوءِ،
ڪَڏهين سئيسون ڪانه ڪا، زنجيرن ۾ جوءِ،

Gul Hayat Institute

---

۱. پنوهارن جي، ٻڪرارن جي، ٻڪريون چاريندڙ يا ڌاريندڙن جي. ۲. ساڪ، ناماچار، چڱائي. ۳. ڪهڙي، داخل ٿي، اندر وڃي. ۴. معلوم ڪر. ۵. مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو. ۶. وانگر. ۷. جوڳي فقيرن، سامي فقيرن. ۸. ڪوڏ، توتارا، ڏڱن جي سڱن مان ٺهيل ناد. ۹. سون جي ڳنين يعني اشرفين، ڌن، دولت، ناڻي. ۱۰. جا. ۱۱. عورت، زال (مارئي). ۱۲. "لا" ۾، عدم ۾، نيستيءَ يا نابوديءَ ۾. ۱۳. اڇلي ڦٽا ڪندي. ۱۴. لکن جي تعداد ۾. ۱۵. رڍن جا وار، پشم. ۱۶. توسو، گذر جو سامان. ۱۷. قيمت وارا، قيمتي، ڪمائتا، ملهائتا. ۱۸. سمجهون، ڄاڻون. ۱۹. سڪل گاهه جا ٽنڪا يا تيلا. ۲۰. قيدين جو ٻانهن يا ٽنگن ۾ وجهڻ لاءِ لوهه جي زنجيرن يا ڪڙن. ۲۱. نشان، ڳانون. ۲۲. ماروءَ (مارئيءَ جي مڱيندي) کي. ۲۳. ساهه يا دم ڏيان. ۲۴. پانڌيڙو، قاصد، نياپا آڻيندڙ نيندڙ. ۲۵. اي عمر (عمر سنڌ جي سومرا خاندان جو هڪ حاڪم هو جيڪو مارئيءَ کي ان جي ڳوٺ ملير مان کڻي ويو هو). ۲۶. معلوم يا دريافت ڪريان، ڄاڃيان. ۲۷. لوءِ، يعني ڳوٺ (ملير) ڏي. ۲۸. پنڌ ڪان، هلڻ کان. ۲۹. رنڊئو، روڪئو، سيڙايو، جهلئو (ٿوري دير لاءِ). ۳۰. وانهڙو، مسافر. ۳۱. ڪجهه. ۳۲. ٻيني. ۳۳. چوي. ۳۴. تي. ۳۵. محلات. ۳۶. (ٻين ماڻهن کي) روح رازي ۾ وجهي. ۳۷. خود پاڻ روئي. ۳۸. رعيت، بادشاهي. ۳۹. سپرد ٿيو، حوالي ٿيو. ۴۰. پالڻهار يعني خدا. ۴۱. اي سومرا، اي عمر. ۴۲. تنهنجو. ۴۳. ملڪيت، قبضي واري شيءِ. ۴۴. جور سان، زور يا زبردستيءَ سان. ۴۵. زال (نڪاح واري). ۴۶. سڪ، آرام. ۴۷. ڏوهاريءَ کي سزا طور اڇلي مارڻ لاءِ پالن لڳل ڪاٺ جي چوکٽ. ۴۸. اسان سئي، اسان ٻڌي. ۴۹. نيرن ۾ (قيد). ۵۰. عورت.

پانڌي[1] پنوھارن[2] جو، ڪالھہ[3] نہ آيو ڪوءِ،
سارِئو[4] سانبيڙَنِ[5] ڪي، رُوحُ[6] مُنهنجو روءِ[7]،
وَطَنُ[8] جَنِ وِسارِئو[9]، حَيفُ[10] تَنِي ڪي ھوءِ[11].

Gul Hayat Institute

---

۱. قاصد، ريہارو، نياپا آڻيندڙ نيندڙ. ۲. ٻڪرارن، ڏنارن، ٻڪريون چاريندڙن يا ڌاريندڙن. ۳. گذريل ڏينهن. ۴. ياد ڪرئو، سنڀاليو. ۵. جوڙيوالن، رفيقن، سانبين. ٦. ساھہ، آتما، هنيون، دل. ۷. روئي. ۸. سائيھہ، ڏيھہ. ۹. ياد نہ ڪئو، دل تان لاٿو. ۱۰. ميار، ملامت، لعنت، افسوس. ۱۱. هجي.

بِسمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيم

# سُر مارُئي

## داستان نائون

### ١

هن[1] مُند[2] مارو[3] سَنرا[4]، ويڙهيين[5] وڳ[6] وارين[7]،
چڃين[8] چيڪارئو[9] چيلڙا[10]، پٽين[11] پهرائين[12]،
نيڻ[13] منهنجا اُن ڪي، جهجهو[14][15] جر[16] هارين[17]،
تازا[18] تنوارين[19]، مينهن[20] وسندا[21] موٽ[22] تون[23].

### ٢

هن مُند مارو سَنرا، ڪائر[24] ۾ خوشحال[25]،
سائون[26] سيارچ[27] مڪڻي[28]، جيڏيون[29] آٽين جال[30]،
اُنان[31] اونئي آيو، ڪهڙي[32] مون وت ڪالهه[33][34]،
ستيءَ[35] جي سيد چئي، ڪا ساٽيهه[36] منجهه سنڀال[37]،
لڳن[38] تان لطيف چئي، لوئي[39] لاهه م لال[40]،
پلئو[41] ڪندو پال[42]، مينهن وسندا موٽ تون.

---

١. يعني هلندڙ. ٢. (مينهن جي) مند ۾، موسم ۾، رت ۾. ٣. مارئيءَ جا مائٽ. ٤. سرها، خوش. ٥. ويڙهين ۾، جهنگن ۾. ٦. (چوپائي مال جا) ڌڻ، ولر. ٧. ورائين، ڦيرائين، چارين. ٨. چڃن مان، ترائين مان، هيناهين زمينن مان. ٩. "چي چي" جي آواز ذريعي هڪليو (چي چي جو آواز چوپائي مال کي پاڻيءَ ڏانهن سڏڻ لاءِ ڪبو آهي). ١٠. ٻاڪري مال جا ننڍڙا ڦر ٻر هتي مراد ٿيندي ٻڪريون. ١١. پٽن ڏانهن، ميدانن ڏانهن. ١٢. (چارڻ لاءِ) ڪاهيو وڃن. ١٣. اکيون. ١٤. لاءِ. ١٥. گهڻو. ١٦. پاڻي يعني ڳوڙها يا لڙڪ. ١٧. ڳاڙين، وهائين. ١٨. هڪ قسم جا پکي جي مينهن جي مند ۾ ظاهر ٿيندا آهن ۽ سموريءَ مند ۾ تنواريندا رهندا آهن. ١٩. ٻولين. ٢٠. برساتيون. ٢١. وسڻ وارا آهن. ٢٢. واپس ٿيءُ. ٢٣. مارئي کي خطاب. ٢٤. ٿر علائقي جي اتر طرف واري حصي ٻر هتي مراد ٿيندي سڄي ٿر. ٢٥. سکئا، آسودا. ٢٦. هڪ قسم جو گاهه. جنهن جو ان ٿر جا ماڻهو گڏ ڪري رکندا آهن ۽ ڏڪار جي وقت کائيندا آهن. ٢٦. برسات جي پاڻيءَ تي ٿيندڙ هڪ قسم جي ول جيڪا ٿري ماڻهو ٻاجيءَ طور استعمال ڪندا آهن. ٢٨. هڪ قسم جو گاهه. ٢٩. ساهيڙيون، سرتيون. ٣٠. گهڻي انداز ۾. ٣١. يعني ٿر کان. ٣٢. قاصد (اُٺ تي چڙهي). ٣٣. پنڌ ڪري (اُٺ تي). ٣٤. گذريل ڏينهن. ٣٥. ستيا وان، پاڪدامن (مارئيءَ). ٣٦. وطن. ٣٧. يادگيري. ٣٨. عضون يعني بدن. ٣٩. ڪتي، اُن يعني رڍن جي وارن مان ٺهيل چادر. ٤٠. هڪڙي معنيٰ ٿيندي ڳاڙهي رڱيل ۽ ٻي معنيٰ ٿيندي اي لال يعني سهڻي عورت مارئي. ٤١. ٻلائي ڪندڙ، ڏٺي، خدا. ٤٢. مهربانيون، نوازشون، احسان.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

## ۳

هِنَ[۱] مُندَ[۲] مَارُو[۳] سَنِرا[۴]، ڏِنگهَرَ[۵] ڏارَ[۶] رَهَنِ،
پَاٽي پوجَ[۷] پَتَنِ[۸] ۾، پَکي[۹] پَاندِ[۱۰] پِيَنِ،
هِنَ[۱۱] کي لوهَہ[۱۲] لطيف چئي، هُوءِ[۱۳] ڪائُر[۱۴] مَنجهہ ڪلَنِ[۱۵]،
ڪاٺُونَبا[۱۶] ڪاجَنِ[۱۷]، مِينهَن وَسَندا[۱۸] مُوٽ[۱۹] تُون[۲۰].

## ۴

هِنَ مُندَ مَارُو سَنِرا، سَاٽيهَ[۲۱] مَنجهہ سُڏيرَ[۲۲]،
هِنَ کي لوهَہ لطيف چئي، ڪونِيَنِ[۲۳] اَندرِ[۲۴] ڪيرَ[۲۵]،
مِهَا[۲۶] مَنجهہ مَليرَ[۲۷]، مِينهَن وَسَندا موٽ تُون.

## ۵

هِنَ مُندَ مَارو سَنِرا، جِيَائِي[۲۸] جَالِينَ[۲۹]،
چَارِئو[۳۰] لَنبَ[۳۱] لطيف چئي، واگهيِنَ[۳۲] وهَارِينَ[۳۳]،
ڪيتَائِنَ[۳۴] ڪاهِينَ[۳۵]، ڪاهِينَ، مِينهَن وَسَندا موٽ تُون.

## ۶

مَارُوءَ[۳۶] پَاسِ[۳۷] مَليرَ ۾، شَالَ[۳۸] هَميشَہ[۳۹] هُئَانِ[۴۰]،

---

۱. يعني هلندڙ يا روان، ۲. مند ۾، موسم، يا رت ۾، ۳. مالوند ماڻهو يعني مارئيءَ جا مائٽ، ۴. خوش، ۵. ڏنگهر (ڪنڊن واري يعني خاردار وڻن جي ٽارن جي گهر ڪي چوڌاري ڏنل لوڙهي) جي، ٦. ڏار ۾، پناهہ ۾، حفاظت ۾، ۷. ڳهٽو، ۸. ميدانن ۾، ۹. پکي جي، ککن ڪانن جي ٺهيل جهوپڙي جي، ۱۰. پرسان، ويجهو، پکي جي ڊيگهہ جيتري مفاصلي تي، ۱۱. يعني مارئيءَ کي، ۱۲. زنجير (لوهہ جا ٺهيل)، ۱۳. يعني مارو، ۱۴. ٿر علائقي جي اتر طرف واري حصي، پر هتي مراد آهي سڄي ٿر، ۱۵.خوش ٿين، ۱٦. هڪ قسم جا جهنگلي ميوا، ۱۷. ڪاڏا پيا وڃن، ۱۸. وسڻ وارا آهن، ۱۹. واپس اچ، ۲۰. مارئيءَ کي خطاب، ۲۱. وطن، ڏيهہ، ۲۲. ٻود ۾، خوش، آسودا، آنند ۾، ۲۳. قيدخاني جي صَفن ياڪمرن، ۲۴. ۾، ۲۵. ڪِلا (قيدين کي جڪڙڻ يا ٻڌڻ لاءِ)، ۲٦. ميها، ٻاڇيءَ جو هڪ قسم، ۲۷. مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو، ۲۸. جيائي ۾ (جيائو هڪ تڙ يعني مَڪان جو نالو آهي، هيءُ تڙ ڪپري تعلقي ۾ هنگورني ڳوٺ جي اتر ۾ اٽڪل ڇهن پنجن ميلن جي مفاصلي تي آهي)، ۲۹. گهارين، گذارين، زندگي بسر ڪن، ۳۰. (چوپائي مال کي) ڪارايو، ۳۱. هڪ قسم جو گاهہ، ۳۲. واگهين ۾ (واگهيون بہ هڪ تڙ جو نالو آهي جو جيائي تڙ کان اٺ ميل پري آهي)، ۳۳. ٽر سائين، ۳۴. ڪيتائي (هڪ تڙ جو نالو) ڏانهن، ۳۵. (چوپايو مال) وٺئو وڃن، ۳٦. مارئيءَ جي مڱيندي، ۳۷. وٽ، پاسي ۾، ۳۸. شل، خدا ائين ڪري تہ، ۳۹. سدائين، ۴۰. هجان.

پيرين[1] تنهن[2] پُئان[3]، نَي[4] وِهاڻِيءَ[5] نُور[6] سين.

۷

مَارُوءَ[7] پَاسِ[8] مَلِيرَ مِ، ڌوئِي[9] مَرُ[10] مَرانِ[11]،
پَاڻِي[12] واري پَانهِنجو[13]*، وِيندڙِيائِي[14] وَران[15]،
ٿُورو[16] مَنجِھ ٿَران[17]، لَڳِي[18] لُووَرِيَاڙِين[19].

۸

هَڏِ[20] نَه پَڙان[21] هيڪِڙي، ٿوري ٿَرَ[22] جَايُنِ[23]،
مُون کي مَارُوئَڙَنِ[24]، ميرِي[25] کَري[26] نَه مَتِئو[27].

۹

ٿورا مَنجھ ٿَرَنِ، مُون سين مَارُوءَ جي ڪِئا،
عُمَرَ[28] اُنِ ڳُڻَنِ[29]، آئُون ڪِينَ لُوئِي لاهِيَان[30].

۱۰

ٿَاجَا[31] ٿَرَ[32] پَرَ[33] جَهلَ[34]، پِپُون[35] پَائُرَ وَٿَ[36] مِ،
سيئي سَارِئو سُومرا، اَچِي آبُ اُجَلَ،
تَنِ سَانبِين[37] وِڏَم[38] سَلَ[39]، ڏِني جَن ڏينهن ٿئا.

Gul Hayat Institute

---

۱. پيرن تي، قدمن تي، ۲. تنهنجي، ۳. پوان، ۴. رات، ۵. گذرڻ بعد، پوري ٿيڻ بعد (ني وهاڻيءَ = فجر يا پرهه ڦٽيءَ جي مهل)، ٦. اکين يعني نيڻن سان پيرن پوان، ۷. مارئيءَ جي مڱيندي، ۸. وٽ، پاسي، پر ۾، ۹. پاڻيءَ سان صاف ڪري، ۱۰. (بدن تي چڙهيل) مٽي يا ميل، ۱۱. دم ڏيان، ساهه ڏيان، حياتي گذاري پوري ڪريان، ۱۲. (بدن تي) ورائي، يا وجهي، ۱۳. يعني پنهنجي وطن جو *وطن جي پاڻيءَ سان وهنجي، ۱۴. وڃڻ سان ٿي، جلدئي، ۱۵. موٽان، واپس اچان، ۱٦. احسان، ۱۷. ٿرن (مارئيءَ جي ملڪ)، ۱۸. ٿئي، ۱۹. لووريازين تي، لوءَ يعني ڳوٺ جي ويٺل عورتن تي يا لوئي يعني ڪتي ڍڪيندڙ عورتن تي، ۲۰. اصل بنهه، ۲۱. برابر ٿيان، ۲۲. ٿر ۾، ۲۳. ڄايل يا پيدا ٿيل عورتن جي، ۲۱. مارن، مالوند ماڻهن (مارئيءَ جي مائٽن)، ۲۵. گدلي، گنهگار، عصمت فروش، ۲٦. سمجهي، ۲۷. نظرانداز ڪئو، وسارئو، ۲۸. اي عمر، ۲۹. ڳڻن سبب، ٿورن يا احسانن جيڪري، ۳۰. مٽي تان هٽايان يا پري ڪريان، ۳۱. هڪ قسم جي گاهه جا ٻوٽا جن جي پاڙن ۾ بصر جهڙيون ڳنڍيون ٿينديون آهن جيڪي ٻار کائيندا آهن، ۳۲. ٿر جي، ۳۳. پر ۾، پاسي ۾، ۳۴. پرسان، پاسي ۾، ۳۵. ڪنڊين جي ننڍن وڻن يعني ٻوٽن جي پاڙن ۾ پيدا ٿيندڙ چونئرن جي ڦرهين يا ڪنڊين جي سگرن نموني هڪ ڏٿ جو قسم جيڪو ذائقي ۾ کٽو ٿئي، ۳٦. پر، ڪناري، ڪَسَ، ۳۷. جوڙيوالن يا رفيقن، ۳۸. مون کي وڏا، ۳۹. (دل ۾) ٺنگ، زخم، سوراخ.

## ۱۱

نَہ پُلڪارَ[1] نَہ پُلَ[2]، نَہ ڪو رائُرُ[3] ڏيهہ ۾،
آٽئو وِجَهن آهُربن[4]، روڙئو[5] رَتا[6] گُلَ[7]،
مَارُو[8] پاڻ[9] اَمُلَ[10]، مَليرونِ[11] مَرڪَٽو[12].

## ۱۲

پاٽِهين[13] پَچِي[14] پيئون، رِءَ[15] واهيت[16] رءَ واڙِ[17]،
جُوءِ[18] ڪُشادِي[19] جيڏيين[20]، مَلير موڪَ[21] مُهاڙِ[22]،
اُتِ[23] اَباڻا[24] جَنهن جا، سا ماڙيءَ[25] مُورِ[26] مَ چاڙهہ[27]،
جي اُڪنديون[28] آراڙِ[29]، لوهہ[30] تَني کي لاهِيين.

## ۱۳

لوهہ جا پُونِ[31] لَهي، نِيَرُ نَہ لَهي نينهَن[32] جو،
ڪُنجيون[33] جي قُفلَن[34] جُون، سيڻن[35] هَٿ[36] صَحي[37]،
وِئڙا[38] راڄ رَهي[39]، ماڳو[40] ماڳِ مَلير ۾.

## ۱۴

لوهہ جا لَهي وِئا، نيَرُ نَہ لَهي نينهَن جو،

Gul Hayat Institute

---

۱. ڏپ، خوف، ڏهڪار، ۲. ڏوهہ، جرم، پاپ، ۳. ڍل، ڏن، محصول، سنگ (جيڪو بادشاهہ پنهنجي تابع ملڪن يا سردارن کان وصول ڪري)، ۴. آهرن ۾، (چوپائي مال جي چاري يا گاهہ وجهڻ لاءِ) نڪر جي ڪونارن ۾. ۵. (وٽن جي تارين مان) چنيو، پٽيو، ۶. ڳاڙها، لال، ۷. ڦل، ۸. مالوند ماڻهو (مارئيءَ جا مائٽ)، ۹. خود، پنهنجي سر، ۱۰. بي بها، لاثاني، ۱۱. انهن جو (ملڪ) ملير، ۱۲. ڀهڪندڙ، آسودو، ۱۳. خود بخود، ۱۴. لاباري يعني ڪٽائيءَ لائق (مارن جون) پوکون، ۱۵. ڪان سواءِ، ۱۶. نگهبانيءَ، رکواليءَ، ۱۷. پوک جي يا وٽڪار جي حفاظت لاءِ ان جي چوڌاري ڏنل ٻير وغيره وٽن جي ٽارين يعني ڍنگهرن جي لوڙهي، ۱۸. زمين، ملڪ، علائقو، ميدان، ۱۹. ڪليل، وسيع، خلاصي، موڪري، ۲۰. جيڏين ڪي، ساهيڙين ڪي، سرتين ڪي، ۲۱. ويڪريءَ، ڪشاديءَ، ۲۲. مهاڙ سان، مهاڳ سان، آڳي سان، ۲۳. يعني ملير ۾، ۲۴. مائٽ، عزيز، ۲۵. ماڙيءَ تي، محلات تي، ۲۶. اصل، بنهہ، ۲۷. وٺي وڃ، ۲۸. اڪنديل، واجهائيندڙ، سڪندڙ، ۲۹. آراڙ ڪي، وطن، برسات تي اپريل پوک يا ساون گاهن واري ميدان ڪي، ۳۰. (لوهہ مان ٺهيل) زنجير، نير، ۳۱. پوَنِ، ۳۲. محبت، پيار، سڪ، ۳۳. چابيون، ۳۴. (نينهن جي قيدخاني جي) ڪلفن يا تالن، ۳۵. سيڻن جي، سڄڻن جي، ۳۶. هٿ ۾، قبضي ۾، ۳۷. سچ پچ، حقيقت ۾، ۳۸. ماڻهن جون قومون، ماڻهن جو وڏو تعداد، ۳۹. ساڪن ٿي، حياتي گذاري، ۴۰. ماڳو ماڳ، هر جاءِ تي، هر هنڌ تي، هر ماڳ تي.

مَـاروئـڙن[1] ڌاران[2] مَـاڙين[3]، ڏُهـلا[4] ڏيـنـهـن ٿـئـا،

ڏيـهـي[5] ڏُور[6] وِئـا، ڏيـان ڏوراپـو[7] ڪَـن ڪـي.

(١٥)

نيـر[8] نَـه لَـهي نينـهـن[9] جـو، لَـهـي وِئـا لـوهَـه[10]،

اَنـدر[11] جـا اَنـدوهَـه[12]، لَـٿـا[13] ڏُکَ[14] سُـکَ[15] ٿـئـا.

(١٦)

جـيڪَـس[16] ڪـي ڪـئـامر[17]، اوڳُـڻ[18] اَبـاڻـن[19] سـين[20]،

تـيـلاهـين[21] ٿـئـامر، سُـڪـنـئـون[22] سُـور[23] گـهـڻـا[24].

وائي

تَـان تُـون پَـر[25] پَـرُوڙ[26]، لَـڏڻُ[27] ضَـرور[28]،

سُـومَـرا[29] سِـيـلُ[30] مَ ڀَـڃ[31] سَـتـن[32] جـو،

ڏيـنـهـن ڏُهـلا پَـانـيـان[33]، پَـهـس[34] پِـريـان[35] جي پُـور[36]،

اُپـي[37] اَرداسُـون[38] ڪَـري، حَـمـيـراڻـي[39] حُـضُـور[40]،

مُـون ڪـي ويـل[41] نَـه وِسَـري[42]، مَـاروءَ[43] سَـنـدي[44] مُـور[45]،

سَـانـبـي[46] سَـارِئَـم[47] سُـومَـرا[48]، ڏيـهـي وِئــڙا ڏُور.

---

١. مالوند ماڻهن (مارئيءَ جي) مائٽن. ٢. کان سواءِ، جدا. ٣. ماڙين ۾، محلاتن ۾. ۴. ڏکيا. مشڪل. ۵. ڏيهہ جا ماڻهو. ڳوٺ يا وطن جا ماڻهو، هم وطني. ٦. پري. ٧. اوسيالو، دانهن. ٨. زنجير. ٩. محبت، سڪ. ١٠. لوهہ جا نير. ١١. دل، قلب. ١٢. فڪر، ڳڻتيون. ١٣. ختم ٿيا. ١۴. تڪليفون. ١۵. فرحتون، آسائشون. ١٦. شايد. ١٧. ڪجهہ، ٿورا گهڻا. ١٨. مون ڪيا آهن. ١٩. مدايون، بُرايون. ٢٠. مائٽن. ٢١. تنهن ڪري. ٢٢. مونکي ٿيا آهن. ٢٣. سکن کان. ٢۴. ڏک. ٢۵. ريت، رمز، مامر. ٢٦. سمجهہ. ٢٧. هن دنيا مان لڏڻو آهي يعني مرڻو آهي. ٢٨. اوَس، اٽَ ٽر. ٢٩. اي سومرا. ٣٠. ست، عصمت، پاڪدامني. ٣١. توڙ. ٣٢. سيلوانن يا پاڪدامن عورتن. ٣٣. سمجهان، محسوس ڪريان. ٣۴. زوردار، ڏاڍي. ٣۵. پرينءَ، محبوب. ٣٦. پورَ ۾، فڪر يا ڳڻتيءَ ۾. ٣٧. بيٺي. ٣٨. منٿون، سوال، عرض، گذارشون. ٣٩. حميرن جي، اميرن (عمر) جي. ۴٠. حضور ۾، اڳيان، روبرو. ۴١. مهل، گهڙي (ملاقات جي). ۴٢. دل تان لهي. ۴٣. مارئي جي مڱيندي. ۴۴. جي. ۴۵. اصل، بنهہ. ۴٦. جوڙيوال، رفيق، ساٿي. ۴٧. مون سارئيا، مون ياد ڪيا. ۴٨. اي سومرا.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر مَارُئِي

## داستان ڏهون

### ١

ڇُرَنِ[1] ڇُٽڪَنِ ڇِتَ ۾، وِسِرَنِ[2] ڪِينَ[3] وَرِي[4]،
گِنَا[5] عَهدَ[6] اَلَستَ[7] جِي، ڪَ[8] تِهَائِين[9] پَرِي[10]،
لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُولَدْ*، مَارُئِي ڪِيئَن[11] ڪَرِي،
اَڄُ ڪِ ڪَالَهه[12] مَرِي[13]، سَارِئُو[14] سَانبِيڙَنِ[15] ڪِي.

### ٢

ڇُرَنِ ڇُٽڪَنِ ڇِتَ ۾، وِسِرَنِ ڪِينَ وَرِي،
جَنِ تَي پِي[16] پِيَارئُو، مَنجهَان[17] سِڪَ سَرِي[18]،
پُسِيءَ[19] پَانڌُ[20] پَرِي[21]، مَانَ نَہ[22] فَاتِحَا ڪَنِ[23] فَقِيرَ[24] جِي.

### ٣

ڇُرَنِ ڇُٽڪَنِ ڇِتَ ۾، وِسِرَنِ ڪِينَ وَرِي،
تَنِ وَنهِيَنِ[25] وِيڙهِيچَنِ[26] جِي، سِنَائِي[27] سَرِي[28]،

---

١. ڇرن، ڇت يعني دل تي ترپيو اڇن، دل ۾ وسن يا ڪکن، ياد پون. ڇٽڪن، ٢. دل تان لهن. ٣. ڪجهہ بہ نہ. ٤. سري، ملي، حاصل ٿئي، پڙ پئي. ٥. ڳنان. ڪان وٺي. ٦. واعدي، انجام. ٧. خدا تعاليٰ جو روحن خلقڻ مهل انهن کان ڪيل سوال "الست بربکم" يعني ڇا آئون نہ اهيان اوهان جو رب. جي وقت ڪيل. ٨. يا. ٩. تنهن کان. ١٠. اڳي *هو يعني خدا نڪي ڄڻي ٿو نڪي ان کي ڪنهن ڄڻيو آهي (قرآن شريف جي سوره اخلاص جي آيت ٣). ١١. ڇا. ١٢. سڀاڻي. ١٣. ساهہ يا دم ڏي. ١٤. ياد ڪريو. ١٥. جوڙيوالن، رفيقن. ١٦. پيَ ڪي، محبوب ڪي. ١٧. سڪ جي، پيار جي، محبت جي. ١٨. شراب، مَي. ١٩. پُسيءَ جو، ڪرڙ جي وڻن جي گلن جو. ٢٠. پلؤ، جهولي. ٢١. ڀر ڪري. ٢٢. مان نہ = من، شل. ٢٣. فاتحا ڪن = مري وڃڻ ڪانپوءِ منهنجي روح کي ثواب پهچائڻ لاءِ قرآن شريف جي سورت فاتحه پڙهن (سنڌ ۾ ميت کي دفن ڪري قبرستان کان نڪري فاتحا پڙهبي آهي ۽ پوءِ ڪجهہ ڀڳڙا يا ڪشمش يا بسڪيٽ وراهبا آهن. جيئن تہ مارئيءَ جا مائٽ غريب هئا ان ڪري چوي ٿي تہ ڀڳڙن وغيره جي بدران پُسي وراهجو). ٢٤. مسڪين، غريب (مارئي). ٢٥. آسودن، سکين ستابن. ٢٦. ويڙهہ يعني جهنگ ۾ رهندڙن، جهانگين، مارن، مارئيءَ جي مائٽن. ٢٧. پريشان يا حيران ڪئي. ٢٨. سڪ، محبت.

ٿَرَ[1] ۾ تُوڪَ[2] ذَرِّي[3]، اُنَّي[4] وِئَڙا اُڪِري[5].

۴

چُرَنِ چُڻڪَنِ[6] چِتَ ۾، گَھارِينِ[7] مَتّي[8] گَھَٽَ[9]،
ڪِهَه[10] مانَذانُو[11] مَڪِٽّي[12]، ڏِوئِينِ[13] پاسِي[14] ڍَٽَ[15]،
پَنُوهارَ[16] ڪَي[17] پَڪَڙِينِ[18]، وَجِي ڪَرِيانَ وَٽَ[19]،
سَاٽِيهَه[20] سامُهِين[21] سَٽَ[22]، ڪَنديسِ[23] پَجِي[24] ڪَڙِنِ[25] ڪَي.

۵

چُرَنِ چُڻڪَنِ چِتَ ۾، سَدا[26] مَنجهه سَرِيرَ[27]،
لَڏي[28] ڪَنهِن[29] لَوءِ[30] وِئَا، مارُو[31] مَنجهه[32] مَلِيرَ[33]،
وِينِي پُوڄِئَانِ[34] پِيرَ[35]، مانَ نَه[36] مِلَنِم ڪَڏهِين[37].

٦

چُرَنِ چُڻڪَنِ چِتَ ۾، سَجَڻَ[38] سَدائِين[39]،
عُمَرَ[40] سُٿَانَ[41] مَ اُنِ جِي، نَبَرُ[42] نَلائِي[43]،
مُونَ ڪَي مِلائِين، مارُو[44] جَامُ[45] مَلِيرَ جو.

Gul Hayat Institute

---

١. ريگستان (مارئيءَ جي مائٽن جي ملڪ)، ٢. شيون، سامان سڙو، ٣. رکي، ڇڏي، ۴. اُني ڏانهن، مينهن وسڻ واري هنڌ ڏانهن. ۵. نڪري، ٦. چڻڪن، چت يعني دل تي چڙهن يا تربو اچن، دل ۾ وسن، ڪُکن، ياد پون، ٧. رهن، گذارين، ٨. تي، ٩. رستي، گس، وات، ١٠. گاهه جو قسم، ١١. گاهه جو قسم، ١٢. گاهه جو قسم، ١٣. ڪٺيو يا ميڙئو گڏ ڪن، ١۴. ۾، ١۵. ٿر علائقي جي هڪ حصي جو نالو پر هتي مراد ٿيندي سڄي ٿر، ١٦. پنوهارن، ٻڪرارن، ٻڪريون چاريندڙن يا ڌاريندڙن، ١٧. جي، ١٨. پکڙن ۾، پکن ۾، جهوپڙن ۾، ١٩. ڪريان وٽ، مَنڊ جا نوان پيدا ٿيل ميوا يا اناجَ کان يا واپريان، ٢٠. وطن، ڏيهه، ٢١. ڏانهن، ٢٢. لوهه، ڪاهه، ڊوڙ، ٢٣. آئون ڪندي، ٢۴. توڙي، ٽڪر يا پرزا ڪري، ٢۵. زنجيرن، ٻيڙين، ٢٦. هر وقت، ٢٧. تن، دل، قلب، ٢٨. نقل مڪاني ڪري، سامان سڙو ڪٺي، ٢٩. هجرت ڪري، ٣٠. ڪنهن ٻي، ٣١. لوءِ ڏانهن، ڳوٺ يا ملڪ ڏانهن، ٣٢. مالوند ماڻهو، مارئيءَ جا مائٽ، ٣٣. منجهان، مان، کان، ٣۴. مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو، ٣۵. پيٺيان، ساريان، ٣٦. ولي، اولياءَ، اهل الله (پوڄئان پير = درويشن ۽ بزرگن جون زيارتون ڪريان ۽ دعائون گهران)، ٣٦. مان نہ = شل، خدا ايئن ڪري، ٣٧. مون کي ملن يا گڏجن، ٣٨. محبوب، پيارا، پرين، ٣٩. هميشہ، ۴٠. اي عمر، ۴١. ٻڌان، ۴٢. هيٺي، ٿوري، ۴٣. گلا، ندا، گهٽتائي، ۴۴. مارئيءَ جو مڱيندو، ۴۵. سردار.

## ٧

چُرَنِ چُٽڪَنِ[١] چِتَ ۾، هِينئَڙي[٢] نِتُ[٣] هُرَنِ،
لَيسَ ڪَمِثلِهٖ شَيءُ*، پَسَڻُ[۴] اِيءُ[۵] پِرِينِ[٦]،
پَڪا[٧] پَنوهارَنِ[٨]، نَبِئِي[٩] اَڏَئا[١٠] نانهِنِ[١١] ۾.

## ٨

چُرَنِ چُٽڪَنِ چِتَ ۾، هُرَنِ مَنجِهه هِيينِ،
لُطفُ[١٢] تنئو لطِيفُ چَئِي، مِهرَ ڪَئي[١٣] مِيينِ[١۴]،
ڏُکِيءَ[١۵] کي ڏِيِينِ[١٦]، سَراهِيُونِ[١٧] سائِيهَ[١٨] جُونِ.

## ٩

چُرَنِ چُٽڪَنِ چِتَ ۾، هُرَنِ مَنجِهه هِنيانِ[١٩]،
ڪَڍُ بَنديائي[٢٠] بَندَ[٢١] مانِ، مُوڪَلَ[٢٢] ڏي مِيانِ[٢٣]،
وَجِي ڏيهِه[٢۴] ڏِيانِ، ڪِيرُونِ[٢۵] ڪَتيرِنِ[٢٦] کي.

## ١٠

چُرَنِ چُٽڪَنِ چِتَ ۾، رَهِئا[٢٧] اَندرِ[٢٨] رُوحَ[٢٩]،
اُني وِئَڙا اُکِري، مارُو مَٿي[٣٠] مُوهَ[٣١]،

---

١. چٽڪن. هرن. چت يعني دل تي چرهن يا تربو اچن. دل ۾ وسن. ڪڪن. ياد يون. ٢. هينئڙي ۾. هنيين ۾. دل ۾. ٣. هر وقت. هر گهڙيءَ * ڪابہ شيءِ هن (خدا) جهڙي نہ آهي (قرآن شريف جي سورت شوري جي آيت ١١). ۴. ڏسڻ. ديدار. ۵. انهيءَ نموني يا طرح. ٦. پرين جو. محبوب جو. ٧. ڪڪن ڪانن جا نهيل گهر. جهوپا. ٨. پڪرارن. پڪريون ڏاريندرن يا چايندڙن. مارن. مارئيءَ جي مائٽن. ٩. ڪئي. ١٠. جوڙئا. ٺاهيا. ١١. نيستيءَ. عدم. سچ. ١٢. مهرباني. ٻاجهه. نوازش. مهر. ١٣. ڪئي. ١۴. سردار. مالڪ. خدا. ١۵. ڏکايل. سوريتيءَ. تڪليف زده. ١٦. تون ڏي. ١٧. خوش خبريون. بشارتون. ١٨. وطن. ديهه. ملڪ. ١٩. هنيين. ٢٠. قيديائي. ٢١. قيد. ٢٢. اجازت. رخصت. ٢٣. اي ميان. اي سردار. اي عمر بادشاهه. ٢۴. ڏيهه ۾. گوٺ (ملير) ۾. ٢۵. مبارڪون. واڌايون. ٢٦. ڪتي (اُن يعني رڍن جي وارن مان نهيل چادر) ڍڪيندڙن. لوئي ڍڪيندڙن. ٢٧. سمايا. ٢٨. ۾. ٢٩. دل. من. ٣٠. ڏانهن. ٣١. موهر (ٿر علائقي جي هڪ حصي جو نالو. جيڪو ٿر ۽ ٻڪي ميدان جي وچم آهي) مهرائي واري علائقي.

وِيرُون وِلوڙِنِ سَنديُون، سارِئان گهڙُو صُبُوحَ،
وَرُ سي كارا كُوهَہ، سِنجِئَمِ جي ساٽيهَہ جا.

## ١١

سِنجي سِنجي كُوهَہ، وِيڙهي وِئا وَرَتَ،
مِيان مارُوئڙِنِ جي، هِينئَڙي مَنجهہ حَيرَتَ،
چُڻكَنِ اَندرِ چِتَ، سانبِيَڙا ساڏوِيُون.

## ١٢

سِنجَن ۽ ساڳِين، ڏڪو نَہ ڏِيِن ڏَڻَ كي،
پَايو دوڳُ دَرِنِ ۾، پَهُون پِيارِين،
اِهڙائي آهِين، مُنهنجا مِتَ مَلير ۾.

## ١٣

بِيرَ كَنيائُون بَرَ ۾، پِيارِين پَهُون،
سِنجَن سانيكَن تي، وَڏيءَ وِيرَ وَهُون،
پَايو جَرُ جَندَن ۾، كوڏان كَن كَهُون،
ڏِينهان ڏِينهن نَئُون، مُون كي وِرهہ وِيڙهيچَنِ جو.

---

١. مهلون، وقت. ٢. ڏڌ ولوڙيندڙن. ٣. جون. ۴. ياد كريان، سنڀالئان. ۵. صبوح جي وقت، صبوح جي مهل، فجر جي مهل. ٦. بهتر، ڀلا. ٧. لوٹانيل يعني نمكين پاٹي وارا، ٻاڙي پاڻيءَ وارا. ٨. پاٹي حاصل كرڻ لاءِ زمين ۾ كوٽيل اونهيون كڏون. ٩. مون سنجئا (رسن يا نوڙين ۾ ٻڌل ڏول يا ٻوكي ذريعي كوهہ مان پاٹي كيڏڻ كي سنجڻ چئبو آهي). ١٠. وطن. ڏيهہ. ملک (ملير مارئيءَ جي ڳوٺ). ١١. كوهن جي تري ۾ ٽورڙو بيٺل پاٹي (جيكو آهستي آهستي سمي گڏ ٿيو هجي) ٿورو ٿورو كري ورتن يعني رسن يا نوڙين جي ذريعي كڍي وري كڍي كري. ١٢. لپيٹي. سميٹي. كٹي. ١٣. اي ميان. اي سردار. اي عمر. ١۴. مارن. مالوندن ماٹهن. مارئي جي ماٹن. ١۵. هنيين. دل. من. ١٦. عجب تيرس. ١٧. هرن. ياد پون. ككن. ١٨. ۾. ١٩. دل. هنيين. ٢٠. سانبي. ساٹي. رفيق. جوڙيوال. ٢١. چارين جا وڻ (جن جي ڦر كي پيرون چئبو آهي). ٢٢. چوپائي مال كي ٿوليون ٿوليون كري آهستي آهستي ترتيب وار پاٹي پيارين. ٢٣. تابو. چوپائي مال كي كاڏو يا پاٹي ڏيكاري نہ ڏيڻ واري حالت. ٢۴. وار يا گلي (مال جي). ٢۵. ركٹو. ٢٦. كاٹ جو ٿلهو ٽكر يا ٻُند. ٢٧. واريءَ جي ٻن ڀٹن يا دڙن جي وچان ويندڙ رستن يا لانگهن. ٢٨. ٻكريون. ٢٩. پاٹيءَ سان سيراب كن. ٣٠. مائٽ. عزيز. اباٹا. ٣١. كوهہ. ٣٢. كوٹيائون. ٣٣. سج. ٻرپٽ. ريگستان. ٣۴. سٽ پرهہ (ماٹهوءَ جي قد جيتري مابي كي پُرهہ چئبو آهي) اونهن كوهن. ٣۵. وڏيءَ وير = سوير صبوح جو. ٣٦. عورتون. زالون. ٣٧. وجهئو. ٣٨. پاٹي. ٣٩. كاٹ جي مكڙن يا كجاون (جيكي گڏهن يا ڏڳن تي ركي ٿري ماٹهو انهن تي پري پند كان پاٹيءَ جا دلا ڀري كٹي اچن). ۴٠. كوڏ مان. خوشيءَ يا شوق مان. ۴١. پند. ۴٢. ڏينهان ڏينهن = هر روز. ۴٣. تازو. ۴۴. درد. غم.

Gul Hayat Institute

## ۱۴

آڏيءَ[۱] اُٺين تي،[۲] جيلان[۳] پاٽي پاتارن[۴] ۾،
وارو[۵] ويسلين[۶] کي، ڏينهان[۷] کو نہ ڏي،
مون ڪميٽيءَ[۸] کي، مٽان[۹] کوهہ ڪٽي ويا.

## ۱۵

پنيءَ[۱۰] تا پٽڪن،[۱۱] اوڙڪ[۱۲] اباٽن[۱۳] جا،
چڙهيون ڪٽئو[۱۴] چوقريون،[۱۵] سانيڪا[۱۶] سنجن،[۱۷]
تسياريون[۱۸] تڙن[۱۹] تي، پايو[۲۰] گهنڊ[۲۱] گهڙن،[۲۲]
سويريون[۲۳] سهڙن،[۲۴] ڪي[۲۵] ۾ ڪتيرن[۲۶] جون.

## ۱۶

پون[۲۷] پٽڪو[۲۸] نہ سٽيان،[۲۹] ٻري نہ ٻڪر[۳۰] دانهن،[۳۱][۳۲]
ميان[۳۳] ماروئڙن جا، اوٺا[۳۴] ڏنم آنهه،[۳۵]
جن سانيڪا تي سنجيا، سي ڏٺي ڪيئڙءِ ڪانهن،
پڪا ڪٽي پرانهن، جيڪس لڏئو لوورباڙين.

Gul Hayat Institute

---

۱. آڏيءَ جي مهل، اڌ رات جي مهل. ۲. ان ڪري. ۳. ڄاڪاڻ تہ. ۴. کوهن (پاڻيءَ حاصل ڪرڻ لاءِ زمين ۾ کوٽيل اونهين کڏن) جي ترن. ۵. موقعو، وجهہ، وقت. ۶. غافل يعني سست ۽ دير ڪندڙ عورتن. ۷. ڏينهن جو. ۸. بدبخت، بدڪار. ۹. تان. ۱۰. پنيءَ جي مهل، رات جي پڇڻ يعني ٿرڻ وقت. پوئينءَ رات جو. ۱۱. آهستي آواز ڪن، ڳالهيون ڪن. ۱۲. محفلون، منڊليون، معرڪا، مجلسون، ميڙاڪا. ۱۳. مائٽن. ۱۴. چم جا ٻوڪا يعني ڪوس (کوهن مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ). ۱۵. وڏيون، ڳريون. ۱۶. سٺ پرهہ (ماٺهوءَ جي قد جيتري ماپي کي پرهہ چئبو آهي) اونها کوهہ. ۱۷. (کوهن مان) رسن يا نوڙين ٻڌل چڙهين يا ٻوڪن جي ذريعي پاڻي ڪڍن. ۱۸. اجايل (ٻڪريون). ۱۹. پاڻيءَ پيڻ جي هنڌن يا جاين، کوهن. ۲۰. وجهئو، ٻڌئو. ۲۱. چڙا، ڪرڪا (پايو گهنڊ = آواز يا ٻيڪات ڪئو). ۲۲. اچن، وارد ٿين. ۲۳. ڪنواريون ڇوڪريون. ۲۴. گڏجن، ملن، ميڙاڪو ڪن. ۲۵. خوشيءَ، ڀوڳ بلاس، فرحت، آنند. ۲۶. ڪتي يا لوئي (ان يعني رڍن جي وارن مان ٺهيل چادر) ڍڪيندڙ عورتن. ۲۷. پون جو، پوٺيءَ جو، کوهہ مان آساني سان، ٻوڪن ذريعي پاڻيءَ ڪڍڻ لاءِ ان جي ڪپ تي ڪتل ڪاٺ جي ٻيلنگ (کُهڙ) جي لوهي سرائيءَ ۾ پيل ڪاٺ جي چرخيءَ يا ڦرڻيءَ جو. ۲۸. آواز. ۲۹. ٻڌان. ۳۰. ٻڌڻ ۾ اچي. ۳۱. ٻڪر جي يعني ٻاڪري مال جي. ۳۲. ٻيڪاٽ. ۳۳. اي ميان، اي سردار. ۳۴. خالي. ۳۵. کوهن جي ڀرسان مال کي پاڻي پيارڻ لاءِ ٺهيل حوض.

## ۱۷

پِنيءَ جي پوٽَنِ[1]، تَنِ جو پيَجَ[2] پُٽڪو نَہ سُٽان،
سِنجَڻَ واريُون سُتِيُون[3]، وَجِي وِيڙهہ[4] وَرَنِ[5]،
پِئَڙا سَيتَ[6] سَڙَنِ[7]، تَرهَي[8] پِنهي ڪَنڌِيَنِ[9].

## ۱۸

سَتِيُن ڳالهہ[10] سُئِي[11]، تَڏِهِين[12] سَرَتِن[13] سِنجَڻُ ڇَڏئو،
مَاڙِيچِي[14] مَاڙِينِ[15]، ڪَڏهِين ڪانَہ هُئِي،
عُمَرَ[16] آئُون نَہ مُئِي[17]، اِنَ اوِيالا[18] اَڳهِين[19].

## ۱۹

سَپِ نَہ وَجِي سُتِيُون، اَجَا ڪي سِنجَنِ،
پِيُو[20] سي پَهَرَنِ[21]، جِي اُجَائِجِي[22] آيُون.

## ۲۰

وَرُ[23] اُهَائِي وِيرَ[24]، جِيئَن[25] ڏَٽُ[26] تَسِي[27] تَڙِ آيو[28]،
سَرَتِيُن ڏُٿُ[29] سَبِيلَ[30] ڪِئو، اَڳَڻِ[31] ڏوئِي[32] ڏِيرَ[33]،
هِينئَڙِي[34] اُنِ جي هيرَ[35]، تُو جِهجِي[36] جَهروڪَنِ[37] ۾.

Gul Hayat Institute

۱. پوٽيون ڦيرائين (پاٽيءَ جي پرڻ لاءِ)، ۲. پيچ (پنيءَ) جي مهل، اُسر جي مهل، پرهہ ڦٽيءَ جي وقت، ۳. آرامي ٿيون، ۴. ويڙهہ ۾، جهنگ ۾، ٿر (ملير) ۾، ۵. ورن سان گڏ، مڙسن يا پتارن سان گڏ، ۶. رسا، نوڙيون، واجهہ، ۷. اُس ۾ سڪن، ڪرن، ناس ٿين، ۸. ترهي جي، کوهہ جي، ۹. ڪنڌين تي، ڪپن تي، پاسن تي، ۱۰. ستياوان يا پاڪدامن عورتن، ۱۱. مقال يا خبر (مارئي جي اغوا جي)، ۱۲. ٻڌي، ۱۳. ساهيڙين، هڪ جيڏين، ۱۴. ٿر جي رهاڪو عورت، ۱۵. ماڙين ۾، محلاتن ۾، ۱۶. اي عمر، ۱۷. فوت ٿي، مري ويئي، اوپالن کان، ميهڻن کان، ۱۹. اڳي، ۲۰. پاڻي پيو، ۲۱. جهنگ ڏانهن وڃن (چرڻ لاءِ)، ۲۲. اجارو يا اجايل تي، پياسو ٿي، ۲۳. بهتر، ڀلي، ۲۴. مهل، وقت، ۲۵. جڏهين، ۲۶. (ٻڪرين جو) ولر، گلو، ۲۷. اجائجي، اجارو تي،، ۲۸. پاٽيءَ پيڻ واري هنڌ يا جاءِ تي، ۲۹. جهنگ جي گاهن ۽ وڻن مان پيدا ٿيندڙ اَنُ ۽ ميوو، ۳۰. گهڻو، جهجهو، ۳۱. اڱڻ ۾، گهر جي آڳند يا آڳر ۾، گهر ۾، ۳۲. ڪٺي آٽي، ۳۳. ڏڳ، انبار، ۳۴. هينڙي کي، هنيين کي، دل کي، ۳۵. يادگيري، سڪ چڪ، ۳۶. نجهري، ڳري، بي حال ٿئي، ۳۷. محلاتن، ماڙين.

## وائي

روئو[١] رات وِهَاءِ[٢]، مُون کي عُمَرَ[٣] مِيَان[٤] سُومَرا،
آئُون بَندِيَاڻِيءَ[٥] بَندَ[٦] ۾، ڪِہ[٧] ڪِيءَ[٨] بَندِ[٩] پِئَا،
عُمَرَ بَندِيَاڻِينُ ڪي، سُوٽَا[١٠] ڪِيمَ[١١] سَهَاءِ[١٢]،
مَارُوئَنِئُون[١٣] نِڪَرِي[١٤]، پَہ[١٥] ٿي ٿُوڪَ[١٦] ٿِئَا،
عُمَرَ مَندِئَا[١٧] مَامِرا[١٨]، مَارُو ٿَرِ[١٩] ٿِئَا.

١. روئيندي، اکين مان لڙڪ وهائيندي، ٢. وهاميو وڃي، گذريو وڃي، ٣. اي عمر، ٤. سردار، ٥. قيدياڻي، ٦. قيد، ٧. يا، ٨. ڪجهہ، ٩. بند (ٽيل)، ١٠. طعنا، ميهڻا، ١١. ڪ، ١٢. سهڻ يا برداشت ڪرڻ جو مقابلو ڪراءِ، ڏيار، ١٣. مارن کان، مالوندن کان (مارئيءَ جي مائٽن کان)، ١٤. نڪتي، جدا ٿئي، ١٥. پہ ٿي = ڪجهہ، ١٦. ڳالهيون، وٺون، ١٧. ڪڙا ڪٿا، جوڙٿا، ١٨. قدا، منصوبا، ١٩. ٿر ۾، ريگستان ۾.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

# سُر مَارُئي

## داستان ٻارهون

### ۱

جَانِ ڪو[1] سَتَنِ[2] سِيلُ[3]، تَانِ[4] ڪِينَ[5] وَهَنديَس ڪوٽَ[6] ۾،
سِپَ[7] سَمُنڊِين[8] سَپَجي[9]، نَديءَ[10] پِيي نَہ نِيرُ[11]،
جِيئَن اُوءَ[12] اَبُرَ[13] آسَري[14]، تِيئَن مُون[15] مَنِ[16] مَلِيرُ[17]،
ڪَائُرِ[18] پِيَنِ ڪِيرُ، جَي[19] اَمَانَتَ[20] اُتَ وَجي.

### ۲

آهِين اَبُرَ آسَري، جَرَ[21] ۾ سِپُون جِيئَن،
ڪُونجُون[22] سَارِيَنِ[23] روهہ ڪي، مُون[24] تَن[25] اَندَرِ تِيئَن،
هُتَ[26] وَعدا[27] وَجَنَ جا، هِتَ[28] نَہ پَانيمِ[29] هيئَن[30]،
ڪُونِيُنِ[31] وِهَان ڪِيئَن، جي نَظَرَ بَنديَاٽي[32] نَہ هُئَان[33].

### ۳

سِپَ سَمُنڊِين سَپَجي، اَبُرَ[34] آسَاروسِ[35]،

---

۱. جيستائين. ۲. ڪجهہ، ٿورو گهڻو. ۳. ستين ۾، سيلوان يا پاڪدامن عورتن ۾. ۴. سچائي، پاڪدامني، ست، عصمت (موجود آهي). ۵. تيستائين. ٦. عمرڪوٽ، عمرڪوٽ جي قيدخاني. ۷. درياءَ جو يا سمنڊ جو هڪ جيت، جيڪو مينهن پوڻ وقت پاڻيءَ جي سطح تي مٿي اچي وات پٽي مينهن جو ڦڙو وات ۾ جهٽي ٻُڪي ويندو آهي ۽ ان ڦڙي مان سچو موتي پيدا ٿيندو آهي. صدف. ۸. سمنڊن ۾. ۹. پيدا ٿئي. ۱۰. نديءَ جو، درياءَ جو، سمنڊ جو. ۱۱. پاڻي. ۱۲. اُها (سپ). ۱۳. ابر جي، مينهن جي. ۱۴. آسري تي، اميد تي. ۱۵. مون کي. ۱٦. من ۾، دل ۾. ۱۷. مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو. ۱۸. ڪائرَ ۾ (ڪائر جا ماڻهو) (ٿر جي اتر واري حصي کي ڪائر چوندا آهن پر هتي مراد سڄو ٿر آهي) ڪائر پين کير = ڪائر يعني ٿر جا ماڻهو خوشيون ڪن. ۱۹. جيڪڏهين. ۲۰. حفاظت ۾ رکڻ لاءِ مليل شيءِ (مارئي). ۲۱. پاڻيءَ. ۲۲. روهہ يعني جبل ۾ رهندڙ ڏکڻين ۽ سهڻين ڳچين سان هڪ قسم جا پکي جيڪي ولرن جي صورت ۾ سارين جي فصل جي مند ۾ روهہ ڇڏي سنڌ ۾ لاڙ جي طرف ساريون چڳڻ ايندي آهن. ۲۳. ياد ڪن، سنڀالين. ۲۴. منهنجي. ۲۵. دل، من. ۲٦. يعني ملير ڏانهن. ۲۷. انجام، اقرار. ۲۸. يعني قيدخاني ۾. ۲۹. مون پانيو، مون سمجهيو. ۳۰. هن نموني يا طرح جي بي جاءِ هلت. ۳۱. ڪوٺين ۾، قيدخاني جي صفن يا ڪمرن ۾. ۳۲. نظربندياٽي= قيدياڻي. ۳۳. هجان. ۳۴. ابر جو، مينهن جو. ۳۵. ان (سپ) کي، آسرو.

Gul Hayat Institute

بَازو[1] پِيي نَہ ٻِپُڙي[2]، مِنُو[3] مُنهِن[4] لَڳُوسِ[5]،
ماٽَڪُ[6] تَي[7] مِڙِيوسِ[8]، جِيئَن[9] تَنگُ[10] ڪَدِيائين تارِ[11] مِ.

### ٤

سِڪو[12] سَپِ سَرتِيُون[13]، سِپُن مُلا[14] سَبِيلُ[15]،
ٻِئو مَتائي[16] نِيلُ[17]، اُڀِيُون[18] اَبُر[19] آسَري[20].

### ٥

سِڪو سِپُن ڪان، سَرتِيُون رِيتِ[21] سِڪَڻَ[22] جي،
مَڱَنِ[23] جَرُ[24] مَٿان[25]، اوري[26] ڪَنِ نَہ آسَرو.

### ٦

اُنّي[27] تِي وِراڻِ[28]، ڪِيئَن[29] واڌايُون[30] آيُون،
لَٿي[31] لُووَرباڙِيين[32]، مَٿِي[33] مُنهن ڪاڻِ[34]،
صُلحُ[35] وارِئو[36] سُومَري[37]، چَيو[38] پَنُوهارَن[39] پاڻِ[40]،
حَمِيرَنِئُون[41] هاڻِ، مُهت[42] لَهَنديۓ[43] مارُئي[44].

### ٧

Gul Hayat Institute

پَٽَ[45] پُرانا[46] وَسِئا[47]، اَچِي چَئِيائُون،

---

١. سمنڊ جو (ڪارو يا لوڻاٺيل) پاڻي. ٢. ٻن ٻڙن واري، سپ يعني صدف. ٣. مينهن. ٤. منهن (جو پاڻي) ڪي، وات ڪي. ٥. لڳو اٿس. پسند يا وڻندڙ اٿس. ٦. سچو موتي. ٧. تنهن ڪري. ان صورت ۾. ٨. ان کي مڙيو يا مليو يا حاصل ٿئو. ٩. جنهن صورت ۾. ١٠. لنگهڻ، اڄ، فاقو. ١١. اونهي پاڻي (سمنڊ). ١٢. پرايو، حاصل ڪرئو. ١٣. اي سرتيون، اي جيڏيون، اي ساهيڙيون. ١٤. ڪان. ١٥. سير، ست، عصمت، پاڪدامني. ١٦. نظرانداز ڪري، ترڪ ڪري. ١٧. پاڻي، آب. ١٨. بيٺيون. ١٩. ابر جي، مينهن جي. ٢٠. آسري ۾، اميد ۾. ٢١. طريقو، نمونو، پر. ٢٢. انتظار ڪرڻ، اوسيڙي ڪرڻ، تانگهہ ڪرڻ. ٢٣. گهرن، طلبين. ٢٤. پاڻي. ٢٥. آسمان ڪان. ٢٦. هيٺ (آسمان ڪان). ٢٧. مينهن وسڻ سان. ٢٨. سرهائي، سڪار، آسودگي. ٢٩. ڪيئن جون، خير سلامتيۓ جون. ٣٠. مبارڪون، ڪيرون، خوش خبريون. ٣١. ختم ٿي. ٣٢. لووربازين تان، لوئي يعني ڪٿي (اَن يعني رڍن جي وارن مان ٺهيل چادر) ڍڪيندڙ عورتن تان، (ٻي معنيٰ ٿيندي) لوۓ يعني ڳوٺ ۾ رهندڙن عورتن تان. ٣٣. سيني. ٣٤. منهن ڪاڻ = ميار، حرف. ٣٥. برچاڻ، ناهہ، راضي نامون. ٣٦. آچئو، اعلان ڪئو. ٣٧. عمر. ٣٨. ٻڌايو. ٣٩. ٻڪرارن، ٻڪريون ڌاريندڙن يا چاريندڙن، مارن. ٤٠. خود. ٤١. حميرن ڪان، اميرن ڪان (عمر ڪان). ٤٢. عزت، مان. ٤٣. حاصل ڪنديۓ. ٤٤. اي مارئي. ٤٥. ميدان، پونا. ٤٦. جهونا. (گهڻي وقت ڪان) غيرآباد، ويران. ٤٧. انهن تي مينهن پئو.

ڏَنئُرا[1] پُسِي[2] ڏيهَه[3] ۾، سَامَاٽُون[4] سَائُون[5]،
هِتِ[6] هيڪَلِي[7] آئُون، هُتِ[8] سَگَرَ[9] سَاهيڙِيُنِ[10] جا.

## ٨

تَنِ وَنهيَنِ[11] ويڙهيچَنِ[12] ۾، سَدائين[13] سُڪارُ[14]،
چُونڊِئو[15] آٽِي چَاڙهِيُون[16]، سَندو[17] ڏُوُنرَنِ ڏارُ[18]،
جَنِ جو ويڙهيُنِ سين واپارُ[19]، سي ڏُوتِي[20] هُونِ[21] نَہ ڏِبرَ[22].

## ٩

مُون[23] مَاڙِيءَ[24] جو سُومَرا[25]، پِنهِي پَارِيُن[26] ڏُکُ[27]،
هِتِ عُمَرَ جو اَهُڪُ[28]، هُتِ مَارُو ڏِينِ مِيهِڻا[29].

## ١٠

اَڇو[30] ڪوٽُ[31] عُمَرَ جو، ڏِسِئو تِي ڏَرانُ[32]،
هُتِ پوجَاڙِيءَ[33] پَتَنِ[34] ۾، چَانگارِيُنِ[35] چَڙا[36]،
قَادِرَ[37] ڀَڃُ[38] ڪَڙا[39]، تَہ مِلان[40] مَارُوئَڙَنِ[41] ڪِي.

## ١١

Gul Hayat Institute

اَڇو ڪوٽُ عُمَرَ جو، ڏِسِئو تِي ڏَرانُ،

---

١. ڪرڙ جي وڻ جو ڪچو ڦر. ٢. ڪرڙ جي وڻ جا گل. ٣. ملڪ، وطن، ساڻيهہ. ۴. پيدا ٿئو، وڌي وڏو ٿئو. ۵. هڪ قسم جو گاهہ. ٦. يعني عمر ڪوٽ ۾ يا قيدخاني ۾. ٧. اڪيلي، ڇڙي. ٨. يعني مارئي جي ڳوٺ ملير ۾، يا ملڪ ٿر ۾. ٩. ٽولا، جٿا. ١٠. سرتين، جيڏين. ١١. آسودن، سکين ستابن. ١٢. ويڙهين يعني جهنگن ۾ رهندڙن، جهانگين، مارن، مارئيءَ جي مائٽن. ١٣. هميشہ. ١۴. ان پاڻيءَ جي گهڻائي، خوشحالي، آسودگي. ١۵. روڙيو، پٽئو (وٽن جا ڦر). ١٦. (وٽن جا ڦل ٿانءَ ۾ وجهي ۽ ٻاهہ جي چلهہ تي رکي) رڌيون، پچايون. ١٧. جو. ١٨. ٿار، ٿلهي ٿاري (جهجها ڏوُرا). ١٩. واهپو، واسطو، لاڳاپو. ٢٠. ڏٿ (جهنگ جي گاهن ۽ وٽن مان پيدا ٿيندڙ ان ۽ ميوي) تي گذران ڪندڙ. ٢١. ٿين. ٢٢. مسڪين، غريب، ڪنگال. ٢٣. مون ڪي. ٢۴. محلات. ٢۵. اي سومرا، اي عمر. ٢٦. پارن کان، پاس کان. ٢٧. تڪليف. ٢٨. اهنج، آزارُ. ٢٩. طعنا، اوپالا. ٣٠. سفيد. ٣١. قلعو، ڳڙهہ. ٣٢. ڏڄاڻ. ٣٣. پوياڙيءَ جو، شام جو، وچيڻ جي وقت. ٣۴. ميدانن، پوٺن. ٣۵. آواز ڪن. ٣٦. چوپائي مال يعني ٻڪرين وغيره جي ڳچين ۾ ٻڌل گهنڊ يا گهنڊڙيون، ڪرڪا. ٣٧. اي قادر، اي قدرت وارا، اي خدا. ٣٨. ٽڪر ڪر، پرزا پرزا ڪر. ٣٩. زنجيرون يا ڳٽ (جيڪي قيدين جي پيرن يا ڳچيءَ وجهبيون آهن). ۴٠. گڏجان. ۴١. مارن.

اَتِمُ[1] سِڪَ[2] سَاٽيهَ[3] جِي، وَطَنِ[4] شَالَ[5] وَران[6]،
جي آئُون هِتِ[7] مَران، تَہ نِجَاهُہ[8] مَڙُهُہ[9] مَليرَ[10] ڏي.

## ١٢

عُمَرَ[11] اَجَائِي[12]، توکي تُوڙائين[13] لِکِي[14]،
جِيئَن[15] تو سَامَائِي[16]، مَا مَ[17] تَہ پِگِي[18] مَارُوئين[19].

## ١٣

عُمَرَ[20] اَجو تُون، تِيئَن[21] آئُون[22] مَرڪَان[23] وِچ[24] مَارُوئين[25].
مُنهَن[26] نَہ مِيرو[27] مُون[28]، سِيلَ[29] تُنهنجي سُومَرا[30].

## ١٤

سِيلَ يَجَڻَ[31] جي سُومَرا، مُون کي مَتِ[32] مَ آڇِجِ[33] پَاڻِ[34]،
گَهٽي تُوري ڏِينهَڙين[35]، هِتَان وِندِيس هَاڻِ،
مَ[36] چُڻِ پوئِمَ[37] ڪَاڻِ[38]، مَهندان[39] ڪا مَلِيرَ ۾.

## ١٥

سِيلَ يَجَڻَ جي سُومَرا، مُون کي مَتِ مَ آڇِجِ مِيرَ[40]،
گَهٽي تُوري ڏِينهَڙين، وِندِيسِ هُتِ حَمِيرَ[41]،

---

١. مون کي آهي. ٢. خب، اُڪنب، اُڪير. ٣. وطن، ڏيهہ، جنم ڀوميءَ. ٤. وطن ڏي. ٥. شل، من، خدا ائين ڪري. ٦. موٽان. ٧. يعني عمرڪوٽ ۾. ٨. تون نج يا ڪٿي وڃج. ٩. لاش، ميت. ١٠. مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو. ١١. اي عمر. ١٢. چڱائي، نيڪي. ١٣. توڙ کان، اصل کان، ازل کان. ١٤. نصيب ۾ يعني تقدير ۾ لکيل هئي. ١٥. ڄاڪاڻ. ١٦. سامائجي، وڏو ٿي، جوان ٿي. ١٧. شرم، لڄ. ١٨. ٿوڙي، لٿي. ١٩. مارن جي، مالوند، ماڻهن جي، جهانگين جي. ٢٠. اي عمر. ٢١. چڱو، نيڪ. ٢٢. تنهن صورت ۾. ٢٣. فخر ڪريان، لاڏ يا ماٺو ڪريان. ٢٤. ۾. ٢٥. مارن. ٢٦. چهرو، مُکُ. ٢٧. ڪنو، خراب، ناپاڪ. ٢٨. منهنجو. ٢٩. سيل يعني ست يا پاڪدامنيءَ سبب. ٣٠. اي سومرا. ٣١. ٿوڙڻ، ڇڏڻ، ترڪ ڪرڻ. ٣٢. صلاح. ٣٣. ڏج، پيش ڪج. ٣٤. تون خود. ٣٥. ڏينهن ۾ يا ڏينهن ڪانپوءِ (گهٽي ٿوري ڏينهڙين = جلد ئي، ترت ئي). ٣٦. متان. ٣٧. مون کي بوي. ٣٨. ندامت، پشيماني، شرمساري. ٣٩. اڳيان، اڳتي، آئيندي. ٤٠. اي مير اي سردار. ٤١. اي حمير، اي امير، اي عمر.

مَچُڻِ[1] مَنجِهه مَلِيرَ[2]، ڪَنڌُ[3] مَٿَاهُون[4] نَہ ڪَڍَان.

١٦

سِيلَ[5] ڀَڃَڻَ[6] جِي سُومَرا[7]، مُون کي مَتِ[8] مَ آڇِجِ[9] مُورِ[10]،
گهَٽِي ٿوري ڏِينهَڙِينِ[11]، وِيندِيسِ هُتِ[12] حُضُورِ[13]،
مَچُڻِ تِي مَلُورِ[14]، ڪَنڌُ مَٿَاهُون نَہ ڪَڍَان.

١٧

ڪَندِ[15] لَنگهِيندي[16] ڪَاڻِ[17]، پِيَمِ[18] پَنوهَارَنِ[19] سين،
اُتي جِي عَبدُاللطيفُ رح چَئي، رُنِي[20] سَڀَ رِهَاڻِ[21]،
هِنَ هيٺائيءَ[22] هَاڻِ، ڪَنڌُ مَٿَاهُون نَہ ڪَڍَان.

١٨

مَارُو مِٽَ[23] مَلِيرَ جَا، سَارِئَمِ[24] سِپِيئِي،
حُبُّ الوَطَنِ مِنَ الايمَانِ*، اَندَرَ[25] ۾ ايهِي[26]،
پَڪَنِ[27] ۾ پيهِي[28]، مَحلَنِ[29] جِي مَرُ[30] ڌُئَانِ[31].

Gul Hayat Institute

١٩

مَارُو مِٽَ مَلِيرَ جَا، سَڀِ پَرڪِئَاسُون[32]،

---

١. متان. ٢. مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو. ٣. ڳاٽ، ڪرُ. ٤. مٿي، اوچو (ڪنڌ مٿاهون نہ ڪڍان = شرمسار يا لڄي ٿيان). ٥. ست، عصمت، ستيا. ٦. ٽوڙڻ، ڇڏڻ، ترڪ ڪرڻ. ٧. اي سومرا، اي عمر. ٨. صلاح، نصيحت. ٩. پيش ڪج، ڏج. ١٠. بنهہ، اصل. ١١. ڏينهن ۾، ڏينهن ڪانپوءِ (گهٽي ٿوري ڏينهڙين = جلدئي، ستت ئي). ١٢. يعني ملير ۾. ١٣. (ملير جي ماڻهن يعني مارن جي) حضور ۾، سامهون، روبرو. ١٤. ملول، اداس. ١٥. جهوپڙيءَ جي چوڌاري ڍنگهرن جو ڏنل لوڙهو. وطن جا وڻ. ١٦. اورانگهيندي. مٿيندي. ١٧. گتي، غرض، احتياج، لاچاري. ١٨. مون کي پيئي. ١٩. ٻڪرارن، ٻڪريون ڌاريندڙن يا چاريندڙن، مارن. ٢٠. روج راڙو ڪرڻ لڳي، افسوس يا ماتم ڪرڻ لڳي. ٢١. رهاڻ جا ماڻهو، ڪچهريءَ جا ماڻهو، راڄ يا قوم جا ماڻهو. ٢٢. هيٺائيءَ ڪان، گهٽتائيءَ يا قصور ڪان. ٢٣. مائٽ، عزيز. ٢٤. مون سارئا، مون سنڀالئا يا ياد ڪئا * وطن يعني جنم ڀوميءَ جي حب يعني محبت ايمان مان آهي (حديث شريف). ٢٥. دل، من. ٢٦. اهڙي (ڳالهہ). ٢٧. ڪکن ڪانن جي نهيل گهرن، جهوپڙن. ٢٨. گهڙي، وڃي، رهي. ٢٩. محلاتن، ماڙين. ٣٠. ميل، گندگي، مٽي. ٣١. صاف ڪريان. ٣٢. اسان يعني مون پرکئا. اسان يعني مون آزمايا.

سَهڪِيءَ[1] پَانئي[2] سَيُڪو، اَهڪِيءَ[3] تُونهين تُون[4]،
مِيَان[5] مَتَان[6] مُون، پُڙو[7] لاهِه[8] مَ پَاجهَه[9] جو.

**٢٠**

مَارُو[10] مِٽَ[11] مَليرَ جَا[12]، آيَا ڪِي[13] ايندا،
بَندِيَاڻي[14] بَندَ[15] مَان، نِمَاڻي[16] نِيندا[17]،
ڏُکِيءَ[18] کي ڏِيندا، سَراهِيُون[19] سَاٿِيهَه[20] جُون.

**٢١**

مَارُو مِٽَ مَليرَ جَا، رَهِئَا[21] راجَ ڪَري[22]،
هِنيُون مُنهِنجو[23] تَن ڪي، ڏِهاڙِي[24] ڏَري[25]،
مَليرِ[26] مُنهُن ڪَري[27]، وِينِي گُوڙها[28] ڳَاڙِيَان[29].

**٢٢**

مَارُو مِٽَ مَليرَ جَا، رَهِئَا راجَ رَهي،
مُنهِنجَا سِيڻَ[30] سَيدُ[رح] چَئي، سَاٿِيهَه مَنجهه صَحِي[31]،
وَنِيُن[32] راتِ[33] وَهِي[34]، مُون تَان بَندُ بِداڪِئو[35].

---

١. سِهڪيءَ ۾، آسودگيءَ ۾، خوشحاليءَ ۾. ٢. گهري، پيار ڪري، چاهي. ٣. اهڪيءَ ۾، ڏک ۾، تڪليف ۾. ٤. تونهين تون = صرف تون. ٥. اي ميان، اي الله. ٦. تان. ٧. ڇَٽَ، سايو، پاڇو، (هٿ جي منڍيءَ جي ٽڪ يا ننگ). هَٿَ، ڍڪَ، پردو. ٨. پري ڪر، هٽاءِ، ڪڍ. ٩. مهر، ڪرم، ديا. ١٠. مالوند، چوپائي مال جا ڌڻي. ١١. مائٽ، عزيز. ١٢. مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو. ١٣. يا. ١٤. قيدياڻي. ١٥. قيد. ١٦. عاجز، لاچار، مسڪين (مارئي). ١٧. وٺي ويندا. ١٨. ڏکايل، سوريتيءَ، تڪليف زده. ١٩. خوشخبريون، بشارتون. ٢٠. وطن، ڏيهه، جنم ڀوميءَ. ٢١. ويٺا. ٢٢. راڄ ڪري = ڀائرن وانگر، ڳوٺ ٻڌي، هڪ ٻئي سان گڏجي، ناهه ڪري. ٢٣. دل، من. ٢٤. هر روز. ٢٥. رڙي، روئي. ٢٦. ملير ڏانهن. ٢٧. رخ. ٢٨. لڙڪ، آنسو. ٢٩. وهايان. ٣٠. مائٽ، عزيز، سڄڻ. ٣١. نيڪ، خوشحال. ٣٢. اکين جي تارن يا ماڻڪين. اکين، نيڻن. ٣٣. گذريل رات. ٣٤. روئي. ٣٥. وداع، رخصت، ختم.

Gul Hayat Institute

## ٢٣

هِڪِڙَنِ سَان هِڪِيُون ڪَرِيِن، ٻِيُون سَاڻُ ٻِئَنِ،
رِکِئُو دَغَا[1] دِلِ[2] ۾، تِلِين[3] سَاڻُ تِئَنِ،
اَگَ نَہ ڏِنِي اهَڙِي[4]، ڪَا مَنهَن[5] مَارُوئَڙَنِ[6]،
پَرِبُون[7] پَنُوهَارَنِ[8]، جِيِڪُس[9] مُونهَان[10] پُوءِ مَتِيُون[11].

## ٢۴

هِنيُون[12] هِيڪُ هُو، سُو پُرزا[13] ٿِي پِئُو،
ڪِي[14] ڪِيرِيِن[15] ڪِي ٻِيرِيِن[16]، ڪِي وَلَهَارَنِ[17] وِئُو،
مُنِيءَ[18] مَوتُ[19] تِئُو، تُون تُو سَاهِ[20] ڳَٽَائِيِن[21] سُومَرا[22].

## ٢۵

هِنيُون هِيڪُ هُومِ، جو[23] مُون ڏِنُو پِرِينءَ[24] کِي،
ٻِئُو تَان ڪُونَہ ڪِئُومِ[25]، جو آڇِيَان[26] عَامَ[27] کِي.

## ٢٦

هِڪَ سِرِي[28] هِڪُ سَاهُ[29]، ٻِئُونَاهِ جو ٻِئَنِ ڏِيَان[30]،
جَاٽِي[31] هِيڪُ اَللهُ، سو تَان ڪِيتَ[32] خَرِيدَ[33] ڪِئُو.

---

١. دلبو، دولاب، ڪوٽ، ڪپٽ، فريب، ٢. من، ٣. هلين، گهمين، ڦرين، ۴. اهڙي (اڍنگي) حالت. ۵. منهن ۾، ڪکن ڪانن جي نهيل گهر يا جهوپي ۾. ٦. مارن، مالوند ماڻهن، مارئي جي مائٽن، ٧. رسمون، ريتون، ٨. ٻڪرارن، ٻڪريون ڈايندڙن يا چاريندڙن، ٩. شايد، ١٠. مون ڪان، ١١. بدلايون، ڦيرايون، ١٢. دل، من، ١٣. تڪر، ذرا، ١۴. ڪجهه، ڪو ٽُڪر، ١۵. ڪيرين (هڪ قسم جي وڻن) ۾، ١٦. ٻيرين (هڪ قسم جي وڻن) ۾، ١٧. ولهارن ۾، ساوڪ وارن، ميدانن ۾، چراگاهن ۾، ١٨. مٺيءَ کي، منل کي، مصيبت ۾ ڦاٿل کي، ١٩. مرڻ، ٢٠. زيورن يا ڳهڻ جا جُٽ يا جوڙا، سڄي بدن جا زيور، ٢١. پارائين، مون کي ڏيين، ٢٢. اي سومرا، ٢٣. مون کي هو، ٢۴. محبوب، سڄڻ (مارئيءَ جي مڱيندي)، ٢۵. مون ڪئو، ٢٦. ڏيان، پيش ڪريان، ٢٧. عوام، ٻين ماڻهن، لوڪ٢٨ سسي، سِرُ، بدن، ٢٩. دم، پساهہ. ٣٠. ٻئن کي، ٣١. ڄاڻ يا علم رکي، ٣٢. مارئيءَ جي مڱيندي جو نالو، ٣٣. ڳنڍو، ورتو.

## وائي ١

مُنهنجو مَن[١] ماروءَ[٢] ڏِنَڙي[٣] رَچي[۴]،
الاهي[۵] عِنايَت[٦] سين، سِيلُ[٧] نِباهئو[٨] سَچي[٩]،
کَندون[١٠] کائي کِير سين، ما رُوءَ[١١] رِءَ کِيئَن مَچي[١٢]،
مَتي[١٣] ماڙِيءَ[١۴] مارُئي، لَيءِ[١۵] پَنوهارَن[١٦] پَچي[١٧]،
اَچڻ وَسِ[١٨] نَہ مُنهنجي، جي آٿايوس[١٩] تہ اَچي،
ڦوکَ[٢٠] ڦِکائي[٢١] جا کي[٢٢]، کُوڙُ[٢٣] ڳالهايو کَچي[٢۴].

## وائي ٢

مُنهنجو هينئڙو[٢۵] سَنگهارَنِ[٢٦] ساري[٢٧]، هُوءِ جي ويجها[٢٨] وَس کي[٢٩]،
آءُ حَمِيرَ[٣٠] پَيَج[٣١] زنجيرَ[٣٢]، هيئَن[٣٣] نہ سَگهان هت گهاري[٣۴]،
الاهي عِنايَت سين، شَلَ[٣۵] کِينءَ[٣٦] مَڙان[٣٧] کِيڪاري[٣٨]،
قَلبُ مُنهنجو کوٽَ[٣٩] ۾، گهايَلُ[۴٠] ٿو گهاري،
مَران شالَ مَليرَ ۾، گولُنِ[۴١] ساڻُ گُذاري،
پَکو[۴٢] پاڻيءَ[۴٣] وِچ ۾، پاڻي پَکي ڏاري[۴۴]،
اَمُنَ[۴۵] سان عبداللطيفؒ چئي، والِي[۴٦] وَطَنِ[۴٧] واري[۴٨].

---

١. دل، هنيون، قلب. ٢. ماروءَ کي (مارئيءَ جي مڱيندي کيت کي)، ٣. ڏسندي، ۴. راضي ٿئي، خوش ٿئي، سرچي، ۵. اي الاهي، اي منهنجا الله، ٦. مهربانيءَ، نوازش. ٧. سٽ، پاڪدامني، ٨. توڙ تائين هلائي پورو ڪئو، ٩. سنتياوان يا حق پسند (عمر)، ١٠. ڪمند مان نڪتل مٺي رس، مناڻ (کندون کائي کير سين = سنّا يا لذيذ طعام کائي)، ١١. ڪان سواءِ، ١٢. بدن تي گوشت چاڙهي، ٿلهي يا متاري ٿئي. ١٣. تي، ١۴. محلات، ١۵. واسطي، ڪاڻ، ١٦. ٻڪرارن، ٻڪريون چاريندڙن يا ڌاريندڙن، ١٧. جلي، ڪامي (سڪ ۾)، ١٨. وس ۾، اختيار ۾، ١٩. اوهين ان کي آٿايو يا وٺي وڃو، ٢٠. ماٺهوءَ جو نالو، جنهن عمر بادشاهہ وٽ مارئيءَ جي سونهن جي واکاڻ ڪئي، ٢١. خرابي، ٢٢. ڪئي، ٢٣. جوٺ، الزام تراشي، ٢۴. ڪوڙي، ڪساڪيءَ، ٢۵. قلب، دل، منُ، ٢٦. سنگهارن کي، مالوند ماڻهن کي، مارن کي، ٢٧. ياد ڪري، سنڀالي، ٢٨. نزديڪ، قريب، ٢٩. مينهن وسڻ واري هنڌ جتي ساوڪ يا گاهہ هجي، ٣٠. امير، عمر، ٣١. ٽڪر ڪر، توڙ، ٣٢. لوهہ جا نهيل نير، ٣٣. هن نموني، ٣۴. گذاري، رهي، ٣۵. خدا ايئن ڪري، ٣٦. ڪينءَ مان، خوشيءَ مان، ٣٧. گڏجان، ملان، ٣٨. ٻليڪار ڏيئي، خوش خيروعافيت پڄي، ٣٩. قلعي، قيد، ۴٠. زخميل، ڦٽيل، ۴١. گولاڙن (هڪ قسم جي جهنگلي ميون)، ۴٢. ڪکن ڪانن مان نهيل گهر، جهوپو، ۴٣. پکي جي، ۴۴. برسان، پاسي ۾، ۴۵. سلامتيءَ، ۴٦. مالڪ، خدا، ۴٧. وطن ڏي، جنم ڀوميءَ ڏي، ۴٨. موٽائي.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرُ مَارُئي

## داستان ٻارَهون

(١)

سيئي سَارِيان[١] سُومَرا[٢]، هُو جي مَارُو[٣] هُئا مٽَ[٤]،
پَسان[٥] پَنوهَارَن[٦] جي سَندا[٧] چَونرَن[٨] چِٽَ[٩]،
کَرِيان وَلَهَارِين[١٠] وَٽَ[١١]، وَجِي وِيڙهيچَن[١٢] سَان.

(٢)

سيئي سَارِيان سُومَرا، جَن جَا ٿَرَن[١٣] اَندَر[١٤] ٿَاٽا[١٥]،
چَارِيان[١٦] هُوندَ[١٧] چَگا[١٨] کَري، ٻَکَر[١٩] ٻَاٻَاٽا[٢٠]،
جَن جَا وارِيءَ[٢١] وِچَاٽا[٢٢]، سي ٿي سَارِيان سُومَرا.

(٣)

سيئي سَارِيان سُومَرا، جَن جَا ٿَرَن[٢٣] آهين ٿوکَ[٢٤]،
مُون[٢٥] جيڏيُون[٢٦] مَلِير ۾، کَين[٢٧] مَرِيڙا[٢٨] موکَ[٢٩]،
جِهجَان[٣٠] پَسئُو[٣١] جهوکَ[٣٢]، تَن وَنهين[٣٣] وِيڙهيچَن جي.

---

١. سنباليان، ياد ڪريان. ٢. اي سومرا، اي عمر. ٣. مالوند ماڻهو. ٤. مائٽ، عزيز. ٥. ڏسان. ٦. ٻڪرارن، ٻڪريون ڌارينڌڙن يا جارينڌڙن. ٧. جا. ٨. هڪ قسم جا ڪکن جا ٺهيل گهرَ (جي گول ٿين ۽ ڇت قبي وانگر مخروطي ٿيئين). ٩. نمونا، ڍولَ. ١٠. ولهارن ۾، ساوڪ وارن ميدانن ۾، چراگاهن ۾. ١١. ڪنهن به مند ۾ پيدا ٿيندڙ اناجن ۽ ميون کي ٻهرٿين دفعي کائڻ جو عمل. ١٢. ويڙهه يعني جهنگ جي رهاڪن، جهانگين. ١٣. رڻ پٽن، واريءَ جي پٽن. ١٤. ۾. ١٥. جايون، مڪان، ماڳ، وٿاڻ. ١٦. گاهه کارايان. ١٧. جيڪر. ١٨. سٺي يا بهتر نموني ۾. ١٩. ٻاڪري مال جا نرينا جانور، ڇيلا (ٻر هتي مراد آهي ٻکر توڙي ٻڪريون). ٢٠. ٻاٻاڻن جا، اباڻن جا. ٢١. واريءَ (جي پٽن يعني ڌڙن) ۾. ٢٢. بسترا، هنڌ، ماڳ. ٢٣. ٿرن ۾. ٢٤. ٿاڪ، ڪجهه ڳوٺن جي آباديءَ وارا وڏا حصا، ڳوٺ، آباديون. ٢٥. منهنجي. ٢٦. هم عمر (عورتون). ٢٧ کائين، واپرائين. ٢٨. هڪ قسم جي جهنگلي ٻاڄيءَ جا ٻوٽا. ٢٩. جامَ، گهڻا. ٣٠. ڳران، نجهران، بي حال ٿيان. ٣١. ڏسئو. ٣٢. وهڻ جي جاءِ، اوطاق، بيٺڪ. ٣٣. سکين ستابن، آسودن، شاهوڪارن.

(۴)

تَنِ وَنهِيَنِ[١] ويڙهيچَنِ[٢] کي، اُڪَندِي[٣] آئُون،
ماڙيان[۴] هُوندَ[۵] مَليرَ[٦] ۾، سَرَتيُنِ[٧] سين سائُون[٨]،
اَياڳِي[٩] آئُون، وِينِي جِهجَان[١٠] جَهلَ[١١] ۾.

(۵)

وِينِي جِهجَان جَهلَ ۾، نَئُون[١٢] تُئُمِ[١٣] نِياڳُ[١۴]،
مُون[١۵] جيڏِيُون[١٦] مَليرَ ۾، ڪِينَ[١٧] سَرَتيُون ساڳُ[١٨]،
وِچارِيءَ[١٩] وِراڳُ[٢٠]، وَنهِيَنِ ويڙهيچَنِ جو.

(٦)

وَنهِيَنِ ويڙهيچَنِ جو، سَدا[٢١] اَتَم[٢٢] سُورُ،
سِنجَنِ[٢٣] سانيڪَنِ[٢۴] تَي، مَٽِي[٢۵] تَڙَنِ[٢٦] تُورُ[٢٧]،
سَندو[٢٨] ساٿيهَ[٢٩] سُورُ، سو مُون[٣٠] آهي سُومَرا[٣١].

(٧)

سو مُون آهي سُومَرا، وَرهُ[٣٢] ويڙهيچَنِ[٣٣]،
گولُون[٣۴] گولاڙَنِ[٣۵] جُون، پائُرِ[٣٦] تيُون پَچَنِ[٣٧]،

Gul Hayat Institute

---

١. سکين ستابن. آسودن. شاهوڪارن. ٢. ويڙهہ يعني جهنگ ۾ رهندڙن. جهانگين. مالوند ماٿهن. مارن. ٣. سڪندڙ. واجهائيندڙ. منتظر. ۴. وابريان. ورتايان. ڪان. ۵. جيڪر (خواهش اثر). ٦. مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو. ٧. ساهيڙين. هڪ جيڏين. ٨. هڪ قسم جي جهنگلي ڪاهہ مان ٺهيل ٺهندڙ آنَ. ٩. نڀاڳي. بدبخت. بدقسمت. ١٠. نجهران. ڳران. بي حال ٿيا. ١١. قيد. بند. ١٢. نرالو. عجيب. ١٣. منهنجو تنو. ١۴. بدبختي. بدقسمتي. ندورائي. ١۵. منهنجي. ١٦. هم عمر (عورتون). ١٧. وابرائين. ڪائين. ١٨. جهنگلي ٻوٽن جهڙوڪ لٽر يا مريڙي وغيره جي ڀاڄي. ١٩. ويچاريءَ کي. مسڪين کي. عاجز کي. نمائيءَ کي. ٢٠. وڇوڙو. جدائي. غم. سور. درد. ٢١. هر وقت. ٢٢. مون کي آهي. ٢٣. ڪوهن مان رسن يا نوڙين سان ٻڌل ٻوڪن يا چڙهين ذريعي پاڻي ڀرڻ جو عمل ڪن. ٢۴. سٺ ٻرهہ (ماڻهو جي قد جيترو ماپو) اونهن ڪوهن. ٢۵. تي. ٢٦. پاڻيءَ ڀرڻ جي جاين يا هنڌن. ڪوهن. ٢٧. ساڳيءَ وهيءَ يا ڄمار واريون عورتون. هم عمر زالون. ٢٨. جو. ٢٩. وطن. جنم ڀوميءَ. ٣٠. مون کي. ٣١. اي عمر سومرا. ٣٢. غم يا درد (وڇوڙي جو). ٣٣. ويڙهيچن جو. ٣۴. گولاڙا (هڪ قسم جو جهنگلي ميوو). ٣۵. گولاڙن جي ولين. ٣٦. پائر ۾ (ٿر ۾ (ٿر علائقي جي ڏکڻ واري حصي کي پائر چئبو آهي پر هتي مراد آهي سڄي ٿر ۾). ٣٧. رسجي ڳاڙهيون ٿين ۽ کائڻ جي قابل ٿين.

مَن[1] اُتان[2] کي اَچَنِ، مُون کي نِيڻِ[3] مَلِيرَ ۾.

(۸)

هُوندَ[4] مُون کي نِيڻِ مَلِيرَ ۾، پَرَ آئُون بَندِياٽي[5] بَندِ[6]،
وِنِي لِکِئو[7] لوڙِيان[8]، هاٽي هِن هَنڌِ[9]،
پُئان[10] پائُر[11] پَنڌِ[12]، جي[13] وِري[14] وَرَقُ[15] وِصالَ[16] جو.

(۹)

مَاندِي[17] تِيءُ نَه مارُئِي[18]، وَرَقَ وَرَندا[19] پَسُ[20]،
جُسو[21] زَنجِيرَنِ[22] ۾، جالَڻُ[23] آهي جَسُ[24]،
مارُو[25] آٽي مَسُ، اَجِي[26] کَندا کوٽَ[27] کان.

(۱۰)

ماندي تِيءُ نَه مارُئِي، وَطَنُ[28] کِيمَ[29] وِسارِ[30]،
پاهُون[31] وَرُ[32] پَنوهارِ[33]، مَ سَهُه[34] آرَ[35] عُمَرَ[36] جي.

(۱۱)

پَلُرُ[37] پِيئَنمِ جَنِ سِين[38]، سي مارُو[39] مُون مِيڙِ[40]،
پِهَرِي[41] وِئا پَٽَنِ تي[42]، وَنهِيان[43] مَنجَهان وِيڙهِ[44]،

Gul Hayat Institute

---

١. شل، شال، خدا ايئن ڪري تہ. ٢. يعني مارئيءَ جي ڳوٺ ملير مان. ٣. وڃي وڃڻ. ۴. جيڪر. ۵. قيدياٽي. ٦. بند ٽيل. (قيد ۾) قابو. ٧. جيڪي قسمت ۾ لکيل، تقدير. ٨. پوکيان، سهان، پاريان. ٩. هن هنڌ = عمرڪوٽ جي قيدخاني ۾. ١٠. پوان. ١١. پائر ڏانهن (پائر تہ علائقي جي ذڪرُ وارو حصو آهي پر هتي مراد ٿيندي سڃي تہ ڏانهن). ١٢. پنڌ ۾ (پيادي وڃان يا رواني ٿيان). ١٣. جيڪڏهين. ١۴. اٿلي، پلٽي. ١۵. پنو. ١٦. ميلاپ، وصل، گڏجاڻيءَ (مارن سان). ١٧. پريشان، عاجز. ١٨. اي مارئي. ١٩. ورق ورندا = نصيب ڪلندو يا وصال جي حالت ورندي. ٢٠. ڏس. ٢١. جسم، بدن، سرير. ٢٢. لوهہ جي ٿهيل نيرن. ٢٣. گذارڻ، زندهہ رهڻ، حياتي بسر ڪرڻ. ٢۴. آفرين. ٢۵. مالوند ماڻهو (مارئيءَ جا مائٽ). ٢٦. آزاد. ٢٧. قلعي، ڳڙهہ، قيدخاني. ٢٨. ڏيهہ، ساٿيهہ، جنم ڀومي. ٢٩. نہ. ٣٠. دل تان لاهہ. ٣١. پوئتي. ٣٢. پٺ تي. ٣٣. اي پنوهار، اي پنوهارن جي عورت، اي ٻڪرارن جي عورت. ٣۴. برداشت ڪر، مڃ، قبول ڪر. ٣۵. مرضي، پيار. ٣٦. عمر بادشاهہ. ٣٧. مينهن جو پاڻي. ٣٨. مون پيتو. ٣٩. مون کي. ۴٠. ملاءِ. ۴١. اُسهي، نڪري، روانا ٿي. ۴٢. ميدانن، پوٺن. ۴٣. آسودا، سکيا، شاهوڪار (مارو). ۴۴. جهنگ.

تَنِ جَهانگيرَنِ[۱] سَان مَ جهيِڙِ[۲]، جَنِ جا ٿاڪَ[۳] ٿَرَنَ[۴] ۾.

## ۱۲

جَنِ جا ٿاڪَ ٿَرَنَ ۾، سَدائين[۵] آهِين،
خاصا[٦] ڪَتا[۷] اُنِ ڪي، ڏَبَرَ[۸] اُو ڏارِيَنِ[۹]،
ڳالهِڙيُون ڳارِينِ[۱۰]، سِتَمَ[۱۱] جهِڙيُون سُومَرا[۱۲].

## ۱۳

دِلِ[۱۳] دالَنمَا[۱۴] سُومَرا، مُنهِنجِي راوَ[۱۵] نَہ رَضامَنِدَ[۱٦]،
آٽي اَجَزَوالِ ڪي[۱۷]، ڪيئِي[۱۸] بَندِياٽِيءَ[۱۹] بَنِدَ[۲۰]،
رُوح رَهِي هِنَ هَنِدَ[۲۱]، وَطَنُ[۲۲] ڪِينَ وِسارِئو[۲۳].

## ۱۴

سَهم[۲۴] پَسان[۲۵] تِي سُومَرا، پِرِيَنِ[۲٦] رِءَ[۲۷] پيئِي[۲۸]،
مُلِ[۲۹] رَساٽِي[۳۰] مارُئين[۳۱]، مُون ڪي ڪو نيئِي[۳۲]،
تَہ ساٽُنِ[۳۳] سَيئِي، ڳُجُهہ[۳۴] ڳَرهِيان[۳۵] ڳالهِڙي.

## ۱۵

اَت[۳٦] اُڪَندِي[۳۷] آهِيان، عُمَر[۳۸] آئُون اَڪاجَ[۳۹]،

---

۱. جهنگ يعني ويڙهہ جي رهاڪن. ويڙهيجن. مارن. ۲. جهيڙو يا جنگ ڪر. ۴. هنڌ. جايون. بينڪون. ماڳ. مڪان. ٿاٿا. وٿاڻ. ڪوٺ. ۴. واريءَ جي ٻٽن. ۵. هميشہ. ٦. سٺا. موچارا. ۷. (ٿلهيون) ڪتيون يا لوئيون. اُن يعني رڍن جي وارن مان نهيل ٿلهيون اوڍڻيون يا چادرون. ۸. اڇيون يعني سفيد لوبيون. ۹. رکن. ۱۰. جهورين. فڪر يا ڳڻتيءَ ۾ وجهن. ۱۱. قهر. ظلم. غضب. ۱۲. اي عمر سومرا. ۱۳. من. روح. هنيون. قلب. ۱۴. محلات جي دالانن ۾ يعني اڱڻ يا ورانڊن ۾. ۱۵. ي رو. اي راجا. اي بادشاهہ. ۱٦. راضي. خوش. راس. ۱۷. ٻڪرين واريءَ. ڏنار. ۱۸. تو ڪئو. ۱۹. بنديائيءَ ڪي. قيدياڻيءَ ڪي. ۲۰. قابو. سوگهو. قيد. ۲۱. هن هنڌ = هن هنڌ ۾. هن جاءِ ۾. هن قيدخاني ۾. ۲۲. سائيهہ. جنم ڀومي. ۲۳. ڀُلايو. ۲۴. خوف. ڊپ. هراس. ۲۵. ڏسان. محسوس ڪريان. ۲٦. اي سومرا عمر. ۲۷. محبوبن. سڄڻن. مائٽن. ۲۸. ڪان سواءِ. ۲۹. وٽ. ۳۰. پهچائي. ۳۱. مارن. ۳۲. وٺي. ڪٺي. ۳۳. انهن (مارن) سان. ۳۴. مخفي. ۳۵. اوريان. بيان ڪريان. ۳٦. تمام گهڻو. ۳۷. سڪايل. منتظر. ۳۸. اي عمر. ۳۹. نڪار. نڪمي. ڄٽ. بي عقل. نالائق.

Gul Hayat Institute

سُومَرا سَڪاجَ، جَهلِ مَ بَندِ جهَجَنديُون.

## وائي

لوئيءَ ۾ لائُون، مُون مَاروءَ سين لَذيُون،
اَوَلُ نانءُ اَللهَ جو، مِڙنئان مَٿاهُون،
سَا ڪِيئَن ڪائي ڪارِڪُون، جِنهن کي ڏُنئُرا ڏيجُ ڏنائُون،
ڪِيئَن پَٽ پَرَهيَان، عُمَرَ جو آئُون،
سُونَ بَرابَرِ سَڳِڙا، ٻَانهُنِ بَذائُون،
ڪِهه مَانذاٽِي مَڪِٽي، قُوتُ جَنِ جو سَائُون،
عُمَر تني زورو ڪَري، جيلاهَہ راجُ اڳَاهُون،
ڪَاجُ ڪَتيرنِ سُرَهو، سَڳُرُ ۾ سَائُون.

١. اي سومرا، اي عمر. ٢. لائق، وڙائتا، داناءَ. ٣. قابو ڪر، روڪ. ۴. بند ٽيل، قيد ٽيل. ۵. ارمان يا غم ۾ ڳرندڙ. ٦. ڪٽيءَ، اُن يعني رڍن جي وارن مان ٺهيل چادر. ٧. شاديءَ جي وقت گهوٽ ۽ ڪنوار جا هڪ ٻئي سان مٿا ميڙائڻ يا ٽڪرائڻ وارو عمل. ٨. مارئيءَ جي مڱيندي (لائون لڏيون = شادي ڪئي). ٩. پهريائين، سڀ کان اڳ. ١٠. نام، نالو. ١١. مڙن کان، سڀني کان. ١٢. مٿي، اعليٰ. ١٣. ڪچيءَ جي وڻ جو سڪل ميوو، ڇهارا، ڪتل. ١۴. ڪرڙن جي وڻن جو ڪچو ڦر. ١۵. ڏاج، جهيز. ١٦. پٽ يعني ريشم جا ڪپڙا. ١٧. پايان، ڍڪيان، اوڍيان. ١٨. سون (هڪ قسم جي قيمتي ڌاتوءَ) جي. ١٩. مٽ، سمانُ، ساريڪا. ٢٠. سٽ جا ڳانا، ڦندڻ. ٢١. ٻانهن ۾. ٢٢. هڪ قسم جو گاهه. ٢٣. هڪ قسم جو گاهه. ٢۴. هڪ قسم جو گاهه. ٢۵. خوراڪ، کاڌو، غذا. ٢٦. هڪ قسم جو جهنگلي اناج. ٢٧. تنهن صورت ۾ ڏنائون. ٢٨. ڏاڍائي، جبر، ظلم. ٢٩. جنهن صورت ۾. ٣٠. (منهنجي) قوم، آکهه، ڪٽنب، خاندان. ٣١. ٻري، ڏور. ٣٢. کاڌو. ٣٣. ڪتيرن جو، ڪتي ڍڪيندڙ عورتن جو. ٣۴. سنو، چڱو. ٣۵. ڪنڊيءَ جي وڻن جو ڦر، سِڱريون.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

# سُرُ مَارُئِي

## داستان تيرهون

### ١

لوءِ[1] وَجي کَا چوءِ[2]، مُنهِنجو[3] مَارُوئَڙَنِ[4] کي،
چَانگَان[5] چِجي[6] چِيلَڙو[7]، جي[8] کَنهِن جو هوءِ[9]،
صَحِي[10] وَڙولِينِ[11] سو، آئُون کيئَن وِيس وِسَرِي[12].

### ٢

ٻَڌا ٻَاکَارِينِ[13]، چِيلا کَنهِن نَه چوڙَئَا،
کَرِئو مُهَاڙَ[14] مَلِيرَ ڏي، اُيَا[15] اوگَارِينِ[16]،
سَانبِيَڙا[17] سَارِينِ[18]، جُوءِ[19] چِنَائُون[20] جَنِ سِين.

### ٣

لَوورِيَاڙِي[21] آهِيَان، وارِيَان[22] تَان نَه[23] وِرَقُ،
سَانڍِئُمِ[24] سُپِيرِيَنِ[25] لَيءِ[26]، لوئِيءَ[27] اَندَرِ لَڪُ[28]*،
کَنڌِ[29] کَاسو[30] پَٽِ[31] پَاسو[32]، ڏُنمِ[33] تَنِ[34] تَرَڪُ[35]•،

---

١. لوءِ ۾، ڳوٺ ۾ (مارئيءَ جي ڳوٺ ملير ۾). ٢. چوي، ٻڌائي. ٣. منهنجو حال. ٤. مارن، مالوندن. ٥. چانگ مان، ڌڻ مان، ولر مان. ٦. ڌار يا جدا ٿئي، گم ٿئي يا وڃائجي وڃي. ٧. ٻڪريءَ جو نرينو ڦر (چيلو). ٨. جيڪڏهن. ٩. هجي. ١٠. چڱيءَ طرح. ١١. ڳولين. ١٢. دل تان لهي. ١٣. دانهون ڪن، ٻيڪات ڪن. ١٤. منهن، رخ. ١٥. بيٺا. ١٦. ڳنل ڪاڍو، ٻيٺ مان واپس وات ۾ آڻي چٻاڙين. ١٧. جوڙيوال، رفيق، سائي. ١٨. ياد ڪن، سنڀالين. ١٩. جوءِ ۾، ديس ۾. ٢٠. گاهه چرڻ واري هنڌ ۾. ٢١. لوئي يا ڪني يعني اُن (رڍن جي وارن) مان ٺهيل چادر يا اوڍڻيءَ ڍڪيندڙ. (ٻي معني) لوءِ يعني ڳوٺ جي رهاڪو. ڳوٺائي. ٢٢. مٽايان، بدلايان. ٢٣. پنو (نمونو يا ڍول). ٢٤. مون سانڍيو، مون حفاظت ۾ (سلامت) رکئو. ٢٥. ٻرين، محبوبن. ٢٦. واسطي. ٢٧. ۾. ٢٨. چيلهه. ڪمر

* مون پنهنجو ست يعني عصمت بچائي آهي. ٢٩. ڪنڌ تي، ڪلهن تي. ٣٠. چاريءَ جو ڇڪو يا ڳوٿري (جيڪا ٿري ماڻهو جهنگ ۾ مال چارڻ وقت سامان جهڙوڪ وٽو، لوٿو، جوتو وغيره وجهڻ لاءِ ڪندا آهن). ٣١. پٽ تي، زمين تي. ٣٢. بدن يا جسم جو حصو پاسو. ٣٣. مون ڏنو. ٣٤. تن کي، بدن کي، سرير کي. ٣٥. تياڳ، علحدگي، دست برداري ● تن يعني جسم کي آرام پهچائڻ وارو عمل جهڙوڪ سفر ۾ ڪنڌ تي ڪاسو کڻڻ يا پٽ تي سمهڻ وغيره کي ترڪ ڪري ڇڏيو اٿم.

Gul Hayat Institute

سَندو مَاروءَ حَقُ، جَان جِيَان تَان پارِيَان.

۴

چِيري چِيري چَمُ، جي لُونُ لِڱَنِ لائِيِن،
مُون ڪُراڳي نَہ ڪئو، اهڙو ڪوجهو ڪَمُ،
جان جان دَعوىٰ دَمُ*، تان تان پِرتِ پَنوهارَ سين.

۵

جيها جي تيهَا، مُون مَارُو مَڃِئا،
مُون جيڏيُون مَلِيرَ ۾، چُونڊِيِن موڪَ مِهَا،
مُنهِنجِي آهَہ اهَا، ڪِيرائِيندِي ڪوٽَ کي.

٦

هُنَ پِرَندِيءَ پُون، گَسَ نَہ لَڳئمِ گَسَ جِي،
آيِس عُمَرَ ڪوٽَ ۾، ٿِئو مَتو مِيرو مُون،
جَادُنِ پِيِيُون جُون، ڪِيئَن مَرَڪَان مَارُوئِين.

⑦

مَاڙِيءَ مِينهَن نَہ پُونِ، سَاوا گَاهَہ نَہ سُومَرا،

Gul Hayat Institute

---

۱. جو. ۲. مارئيءَ جي مگيندي، محبوب. ۳. فرض، ذميواري. ۴. جيستائين. ۵. جيئري يا زنده آهيان. ٦. تيستائين. ۷. نباهيندس، ادا ڪنديس. ۸. کيي يا وڍي (چيهڪن يعني جِهيرَنِ ڏيڻ سان). ۹. چمڙي (بدن جي). ماس، گوشت. ۱۰. جيڪڏهين. ۱۱. نمڪ. ۱۲. لڳن کي، (ڪپيل يا وڍيل) عضون کي. ۱۳. مکين يا ٻرڪين. ۱۴. منهنجي. ۱۵. ڪڙم، خاندان. آکهہ. ۱٦. خراب. ۱۷. ساهہ. حياتي
* جيسين جيئري رهڻ جي دعويٰ يعني تقاضا يا تمنا ٿي ڪريان. ۱۸. پيار، محبت. ۱۹. ٻڪرارَ، ٻڪريون ڌاريندڙ يا چاريندڙ (مارئيءَ جي مگيندي). ۲۰. جيها جي تيها = کهڙآ بہ (آهن). ۲۱. مالوند (مارئيءَ جا مائٽ). ۲۲. قبول ڪئا. اکين تي ڪئا. ۲۳. منهنجي. ۲۴. هم عمر (عورتون). ۲۵. مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو. ۲٦. ميڙين. گڏ ڪن. ۲۷. جام، جهجها. ۲۸. هڪ قسم جي ٻاجي. ۲۹. دانهن، فرياد. ۳۰. ڊهيندي، زمين دوز ڪندي. ۳۱. قلعي. ڳڙهہ. ۳۲. وٺندڙ. سُهائيندر، ٻانءِ ٻوندڙ. ۳۳. ٻون ۾. زمين ۾ (ملير جي ملڪ ۾). ۳۴. دز. ڌوڙ. خاڪ. مٽي. لٽ. ۳۵. مونکي لڳي. ۳٦. رستي. واٽ. راهہ. ۳۷. سڙ. ۳۸. گدلو (مٽيءَ ۾). ۳٦. منهنجو. ۴۰. جادن ۾. مٽي جي وارن ۾. ۴۱. هڪ قسم جا جيت جيڪي گدلائيءَ سبب مٽي يا ڪپڙن ۾ پيدا ٿيندا آهن. ۴۲. فخر ڪريان. لاڏ ڪوڏ ڪريان. ۴۳. مارن ۾. ۴۴. ماڙيءَ ۾. محلات ۾. ۴۵. برساتون. ۴٦. ٻون. ۴۷. اي سومرا، اي عمر.

سَاهيڙيُون[1] ۽ سَرتيُون، مَرُ[2] هيڪانديُون[3] هُون[4]،
جيڏيُنِ ذاران[5] جُونِ[6]، عُمَرَ[7] ڪاڏي آهِيَان[8].

**٨**

تَرِ[9] تَاڏيلُون[10] پُونِ، مَاڪُون[11] مينهَن مَليرَ تي،
مَاڙيچِيُون[12] مَحلَنِ[13] ۾، مُورِ[14] نه مَتُو[15] ڏُونِ[16]،
جيڏيُنِ ذاران جُونِ، عُمَرَ ڪاڏي آهِيَان.

**٩**

جيئَن هِت لَونگَ[17] ليَارَ[18]، تيئَن هُت قوڳَ[19] قوتَنئُون[20] اِڳرا[21]،
سُرَهي سُڳنديُن[22] کَان، پُسي کِين پَنوهَارَ،
مَاڪيَان[23] مِٺا پَانيَان، سَندا ڏنئُرَن ڏارَ،
ڏنيمِ جي ڏاتارَ، سي ويٺي گهَڙيُون گهَاريَان[24].

**١٠**

آمَّان[25] پَانيَان[26] اَڪَ[27]، ڪَبَرَ[28] ڪَٿُورِئَان[29] وَترا[30]،
ڪُٿيَان[31] پَٽيَان پَيٺَ ڪَيِ[32]، مَاڪِيَان مِٺي مَڪَ[33]،
ڪوڪَڙ[34] ڪُڏيرَنِ[35] ۾، ڦوڪيو[36] پِريَان ڦَڪَ[37]،

---

١. سرتيون، سکيون. هڪ جيڏيون. ٢. بيشڪ. ڀلي. ٣. گڏ. ٤. هجن. ٥. ڪان سواءِ. ٦. هڪ قسم جي جيتن، جيڪي گدلائيءَ سبب ماڻهوءَ جي جسم ۽ ڪپڙن ۾ ٿين. ٧. اي عمر، اي سومرا. ٨. ڪاڏي آهيان = مون کي ڇڪ وجهن ٿيون. ٩. تر ۾. واريءَ جي پٽن يا ڊڙن ۾. ١٠. ٽڏڪارون. ١١. اوس، ماڻون. شبنم. ١٢. تر جون رهاڪو عورتون. ٿري زالون. ١٣. محلاتن. ماڙين ۾. ١٤. بنهه. اصل. ١٥. سِرُ. ١٦. ٻانيءَ سان صاف ڪن (مٿو ڌون = وهنجن. ترڪن). ١٧. خوشبودار وڻ جا هڪ قسم جا شگوفا يا مکڙيون. ١٨. ليار (جي وڻ) جا. ١٩. هڪ قسم جا ٻوٽا. ٢٠. ڦوٽن (جي وڻن) کان. ايلاچيءَ (جي وڻن) کان. ٢١. بهتر. سٺا. عمدا. ٢٢. عطرن. ٢٣. ماکيءَ کان. شهد کان. ٢٤. گذاريان. ٢٥. انب. ٢٦. سمجهان. ٢٧. اکن جي وڻن جا ڦر. جيڪي انبن جي مشابهه هوندا آهن. ٢٨. هڪ قسم جا وڻ. جن جي ڦر کي پيرون جئبو آهي جي ذائقي ۾ کڙاءُ کسارا ٿيندا آهن. ٢٩. ڪٿوريءَ (هڪ خوشبودار وکر) کان. عنبر کان. مشڪ کان. ٣٠. وڏيڪ عمدا يا ڀلا. ٣١. ڪٽيان پٽيان = ڇاٽيان. ڏوٽيان. ٣٢. لاءِ. ٣٣. ڪچڙا پيرون (ڄارين جي وڻن جا). ٣٤. سڪل (ڦل). ٣٥. تر ۾ برسات جي وقت پيدا ٿيندڙ هڪ قسم جي ولين (جن جو ڦر ٻڻاٽي جهڙو ٿئي). ٣٦. ڦوڪن سان صاف ڪئو. ٣٧. ڪنهن شيءِ سان هٿن جون ترٻون يعني ليون ڀري وات ۾ وجهڻ جو عمل.

وَرُ[1] هَلاڪِي[2] سين حَقَ[3]، ڪوءِ[4] وَڏايُون[5] وِڙَنِ[6] جُون.

## ١١

جِيئَن سي عُمَرَ[7] سُومَرا، تو وَت تُوتَ[8] پَچَنِ[9]،
تِيئَن اَسان جي مُلڪَ ۾، جَهِلِئَا[10] ڦُلَ اَڪَنِ[11]،
ميوا ڪان مُرتَنِ[12]، مُورِ[13] نَہ مِٺَا[14] پَانِيُّان[15].

## ١٢

توڙي تُوتَ پَچَنِ، ڪَجُورِيُون[16] لامُون[17] ڪَري،
سَاءِ[18] نَہ تِنهِن[19] اَچَنِ[20]، سَگَرُ[21] جو سَاٽيهَ[22] جو.

## ١٣

ڪارا[23] ڪَبَرَ[24] ڏيهَ ۾، پِئَا وارِيءَ[25] مَنجِهہ وَٿَاڻَ[26]،
سَانگِيڙَنِ[27] سَيدُ چئي، پِرِئو[28] ڏِينِ پِيَاڻَ[29]،
عُمَرَ[30] اِيءَ اُمَاڻَ[31]، ثَابِتُ[32] رکِج سُومَرا.

## ١٤

جَارِيُون[33] نَارِيُون[34] نِيسَ[35]، آئُون ڪِيئَن وِڙهِ[36] وِسَارِيَان[37]،
ڍُرڪَنِ[38] ٿِيُون ڍاٽِيلِيُون[39]، ڪَارا جَنِي[40] ڪَيسَ[41]،

Gul Hayat Institute

---

١. بهتر، ڀَلي. ٢. هلاڪت، موت، تڪليف، ڏک. ٣. مڙس، ڪانڌ، ڀتار، وَرَ. ٤. ڀن، ڪڏ ۾، کوهہ ۾. ٥. مان، مرتبا، شان، بادشاهيون. ٦. غيرن، ڌارين، بدڪارن. ٧. اي عمر سومرا. ٨. هڪ قسم جو ميوو. ٩. رسجن (کائڻ جي قابل ٿين). ١٠. گل. ١١. هڪ قسم جي وڻن (جن جو ڦر انبن جي مشابهہ ٿيندو آهي). ١٢. هڪ قسم جي جهنگلي ڦلن. ١٣. اصل، بنهہ. ١٤. شيرين. ١٥. سمجهان. ١٦. ڪجين (جي ڦر) وانگر. ١٧. (وڻ جي ٽارين وانگر) ڊگها ڇِڱا يا مڇا يا ويڙها. ١٨. ساءَ وانگر، سواد يا ذائقي وانگر. ١٩. تنهن جي. ٢٠. محسوس يا معلوم ٿين. ٢١. ڪنديءَ جي وڻ جو ڦر. ٢٢. ڏيهہ، وطن. ٢٣. ڪسارا، نمڪين يعني لوڻ جي مثل سواد وارا. ٢٤. هڪ قسم جا وڻ (جن جي ڦر کي پيرون چئبو آهي). ٢٥. واريءَ يعني ريتيءَ (جي ڀٽن يا دڙن). ٢٦. ماڳ، مڪان، ڀاڻ، ٿاڪ. ٢٧. سانگيڙن يعني سانگين کي، مينهن جي سانگي هڪ هنڌان لڏي ٻئي هنڌ ڏانهن ويندڙن کي. مالوند ماڻهن يعني مارن کي. ٢٨. پِر ڪئو، چڪار يا ڪنا ڪن ڪئو. ٢٩. وٽا، ڪٽورا، پيالا. ٣٠. اي عمر. ٣١. امانت، ڪا شيءِ حفاظت ۾ رکڻ لاءِ مليل (مارئي). ٣٢. سلامت، بنان خيانت. ٣٣. هڪ قسم جا وڻ (جن جي ڦر کي پيرون چئبو آهي جي ذائقي ۾ مٺا ٿين). ٣٤. فصل جي لبڻ بعد ٻنيءَ ۾ بيٺل تيليون يا ڪٽيون. ٣٥. تڙ يعني پاٽيءَ پرڻ جا هنڌ، کوهہ. ٣٦. ويڙهہ يعني جهنگ جا. مارئيءَ جي ملڪ جا. ٣٧. دل تان لاهيان. ٣٨. لوڏ سان هلن. ٣٩. ڍٽ يعني مارئيءَ جي ملڪ جون رهاڪو عورتون. ٤٠. جن جا. ٤١. مٿي جا وار.

عُمَرَ[١] مَارِي[٢] مَيَس[٣]، وِهَان کِيئَن وَطَنَ[٤] جِي.

١٥

نَازِڙيُن[٥] جَارِيُون[٦]، مُون کي مَنِ[٧] مَلِيرَ جُون،
سي کِيئَن وَجَنِ وِسِرِي[٨]، جي پَائُر[٩] پَنوَهَارِيُون[١٠]،
اُنِهِين لَئِي[١١] آرِيُون[١٢]، هِنيُون[١٣] تُو هِتِ کَرِي.

١٦

عُمَرَ اَسَان جي ڏِيهَ ڏِي، کَبَڙِيُون[١٤] کَارِيُون،
سي کِيئَن وَجَنِ وِسَرِي، جي پَائُر پَنوَهَارِيُون،
اُنِهِين لاءِ آرِيُون، مُنهِنجو هِنيُون تُو هِتِ کَرِي.

١٧

آهِين اسَان جي ڏِيهَ ۾، کَبَرِيُون[١٥] کَبَڙِيُون،
مُون[١٦] جيڏِيُون مَلِيرَ[١٧] ۾، مَيڙِين[١٨] مَکِٽِيُون[١٩]،
عُمَرَ[٢٠] اَکَڙِيُون[٢١]، سِکَن[٢٢] تِيُون سَاٽِيهَ کي.

Gul Hayat Institute

١٨

عُمَرَ اَسَان جي ڏِيهَ ڏِي، ڦوگَنِ[٢٣] کِيون ڦَرِيُون[٢٤]،

---

١. اي عمر سومرا. ٢. لاهي، ختم ڪري. ٣. خواهش، تمنا، سڪ، اُڪير، پيار. ٤. ساڻيهہ، ڏيهہ. ٥. فصل جي لبڻ کان پوءِ پنيءَ ۾ رهيل تيليون يا ڪنيون. ٦. هڪ قسم جا وڻ (جن جي ڦر کي پيرون چئبو آهي جيڪي پچڻ کان پوءِ ذائقي ۾ مٺا ٿين). ٧. من ۾، دل ۾. ٨. دل تان لهي. ٩. پائر جون (ٿر علائقي جي ڏکڻ واري حصي کي پائر چئبو آهي پر هتي مراد ٿيندي سڄي ٿر جون). ١٠. پنوهارن يعني ٻڪريون ڌارينديڙن يا چارينديڙن جون عورتون، ٻڪرارن جون زالون. ١١. لاءِ، ڪاڻ. ١٢. خواهشون، تمنائون، سڪون، حبون. ١٣. دل، من. ١٤. ڪبڙن جا وڻ (جن جي ڦر کي پيرون چئبو آهي جيڪي پچڻ کان پوءِ ذائقي ۾ ڪارا يعني ڪسارا ۽ لوڻ جي سواد جهڙا ٿين). ١٥. هڪ قسم جا وڻ. ١٦. منهنجي. ١٧. هم عمر (عورتون). ١٨. گڏ ڪن، چونڊين. ١٩. هڪ قسم جو گاهہ (جنهن جي ان کي ٿري ماڻهو رڌي کائيندا آهن). ٢٠. اي عمر. ٢١. اکيون، نيڻ. ٢٢. واجهائين، اُڪيرين. ٢٣. هڪ قسم جي جهنگلي ٻوٽن. ٢٤. سنهاءِ ڏگها ڦل.

مُون جيڏيُون مَليرَ ۾، ميڙي مَڪَ[1] وَرِيُون[2]،
پَنوهَارَنِ[3] پَرِيُون[4]، مُونهَان[5] پوءِ مَتِيُون[6].

## ١٩

ڪيمُو[7] ڪاڏِيمِ[8] ڪيتَ[9] سين، مَانيءَ[10] مَاڳِ مِسِي[11]،
بَازِرَ تُنهِنجِي بَنگُلا، ڏهڪَئُمِ[12] ڏِيلُ[13] ڏِسِي،
قَاتِي[14] هِنيُون[15] قَارِيُون[16] تَئو، تِنهِن قُوڙائِي[17] ڪَان قِسِي[18]،
جَان[19] هُونديمِ[20] سَاهُ سِسِي[21]*، تَہ وِيڙهہ[22] نہ وِينديمِ[23] وِسِري[24].

## ٢٠

آئُون ڪوهہ[25] ڪَرِيَان ڪوٽَ[26] ڪي، مُنهنجَا پِرِين[27] پَنوهَار،
مُورِ[28] نہ آچِيَان[29] مَن کي، هِندورا[30] ءِ هَارَ[31]،
پُٽي[32] سَاڻُ پَتَارَ[33]، پَائُرِ[34] پيرُون[35] چونديَان.

## ٢١

جِتِ پَرُ[36] پيرُون هُئا، اُت اَبَاڻَنِ[37] اَڪَ[38]،
مُون جيڏيُون مَليرَ ۾، ميڙئو اَچَن مَڪَ،
ڍِنگهَرُ[39] وڏِي ڍِڪَ[40]، جو وِلَهہ[41] جَهلَ[42] ويڙهِيچَن[43] جِي.

---

١. ڪبڙن يا چارين جي وٽن جو ڦر. ٢. موٽيون. ٣. ٻڪرارن، ٻڪريون چاريندڙن يا ڌاريندڙن، مارن، مالوند ماڻهن. ۴. ريتيون، رسمون. ۵. مونکان. ٦. بدلايون، ڦيرايون. ٧. بُکَ، لنگهڻُ. ٨. مون ڪاڏي، مون ڪاٿي. ٩. مارئيءَ جي مڱيندي جو نالو. ١٠. مانيءَ ماڳِ = مانيءَ يعني روٽيءَ جي بدران. ١١. مِٽي. ١٢. منهنجو ڏهڪئو يا ڏکي ويو. ١٣. بدن، جسم. ١۴. ڏري، چيرجي. ١۵. دل، من. ١٦. ڦاڪون، ٽڪر ٽڪر. ١٧. جدائيءَ، وڇوڙي. ١٨. چٽجي، ڦاٽي، ڏري. ١٩. جيستائين. ٢٠. مون کي هوندي. ٢١. سِرَ، مٿو. ڪِچي * جيستائين حيات يا جيئري هونديس. ٢٢. جهنگ، مارن جو ملڪ. ٢٣. مونکي ويندي. ٢۴. دل تان لهي. ٢۵. ڇا. ٢٦. قلعي، ڳڙهہ. ٢٧. محبوبَ، سڄڻ، پيارا. ٢٨. اصل، بنهہ. ٢٩. پيش ڪريان. ٣٠. پينگهيا يا جهولٽا. ٣١. هڪ قسم جا زيور يا ڳهہ، مالهائون، ڪنڊليون. ٣٢. ڦهمي، ڦري، هلي. ٣٣. مڙس، ور، شوهر. ٣۴. پائر ۾ (ٿر علائقي جي ڏکڻ واري ڀاڱي کي پائر چوندا آهن پر هتي مراد ٿيندي ٿر ۾). ٣۵. ڪبڙن ۽ چارين جي وٽن جو ڦر. ٣٦. گذريل سال. ٣٧. اباڻن جا. (مارئيءَ جي) مائٽن جا. ٣٨. ٽاڪ. ماڳ. ٣٩. گهر کي چوڌاري ڏنل ڪنڊن جو لوڙهو. ۴٠. پناهہ. ۴١. ولهہ جو، سيءَ جو، سرديءَ جو. ۴٢. جهلو، بچاءُ. ۴٣. ويڙهہ جي رهاڪن.

## ٢٢

جِت پَرُ[1] پيرُون[2] هُئا، اُتي اَباڻان[3]،
هُوجي ماڳَ[4] مَلِيرَ[5] جا، سي سَڀِ سُجاڻان[6]،
هاڻي نَہ جاڻان[7]، تَہ ڪِهڙو واقِعو[8] وِيڙهہِ[9] ۾.

## ٢٣

ڪِيئَن مَيارُون[10] موڪِليِين[11]، مارُنِ ڏانهَن مُنِي[12]،
ڪَتيُئي[13] نَہ ڪوڏِ[14] پَئي، پائُرَ[15] مَنجهہ پُنِي[16]،
تو[17] تان[18] وِجُ[19] اُنِي[20]، جِنهِن ڪائُرُ[21] سَڀِ ڪانيو[22].

## ٢٤

پيئي پاڻَ مَران، اَچي ڪَنِ[23] ڪَرَ[24] لَهان[25]،
قادِرَ[26] ڪِئا گهَٽا، ڏُکِيءَ[27] سَندا[28] ڏِينهَڙا.

### وائي

اُنَ نَہ مَتيان[29] پَٽ[30]، آئون جا ڪِرِزَ[31] ڪَپُورِ[32] نَہ مَتيان،
وِينِي شالَ[33] وِلوزِيان[34]، ڍولي[35] پاسي[36] ڏِٽَ[37]،
پَڪا پَکَنِ[38] سامُهان، پيهِيُون[39] پيهِنِ وَٽ،

Gul Hayat Institute

---

١. گذريل سال. ٢. ڪپڙن ۽ چارين جي وٽن جو ڦر. ٣. (منهنجا) مائٽ يا عزيز. ۴. جايون. هنڌ. اُستان. ۵. مارئي جي ڳوٺ جو نالو. ٦. سهي ڪريان. ٧. مونکي خبر آهي. ٨. حادثو. روئداد. قصو. معاملو. ٩. جهنگ. مارن جي ملڪ. ١٠. ڏورايا. ١١. تون موڪلين. ١٢. اي مني، اي مُنل. اي مصيبت ۾ پيل. اي بدبخت. ١٣. تو ڪتي. ١۴. ڪوڏ ۾. شوق ۾. چاهہ ۾. ١۵. يعني ٽر (ٽر جي ڏاکڻي حصي کي پائر چوندا آهن). ١٦. رڍن جي پُنيءَ تان ڪتريل وار يعني اُن. ١٧. تنهنجي. ١٨. مٿان. ١٩. ڪنوڻ. بجلي. ٢٠. وسي يعني ڪري. ٢١. يعني ٽر (ٽر جي اتر واري حصي کي ڪائر چوندا آهن). ٢٢. سازيو. جلايو. ٢٣. ڪنهن جي. ٢۴. خبر. سڌسماءُ. ٢۵. وٺان. ٢٦. قدرت واري. خدا. ٢٧. ڏکويل. مصيبت ۾ پيل. ٢٨. جا. ٢٩. مٽ ڪريان. برابر سمجهان. ٣٠. پٽ جي. ريشم جي. ٣١. هڪ قسم جا وڻ (جن جي گُٿن کي پُسي ۽ ڦر کي ڏٿڙا چئبو آهي). ٣٢. ڪپور جي. ڪافور جي. ٣٣. شل. خدا ايئن ڪري. ٣۴. ڏڌ يا لسي ولوڙيان. ٣۵. ڍولي جي. محبوب جي. ٣٦. پاسي ۾. پر ۾. ٣٧. ڏٽ ۾ (ڏٽ ٽر علائقي ۾ هڪ ماڳ جو نالو آهي). ٣٨. ڪکن ڪانن مان ٺهيل گهر. ٣٩. ڪکن مان ٺهيل هڪ قسم جا ننهن يعني ننڍا گهر.

مَرَڪان[1] مارُوئَڙن[2] سين، پَڪو[3] اَڏي[4] پَٽ[5]،
سُورُ[6] مُنهِنجو سُومَرا[7]، ڪَارَڻِ[8] قَادرَ[9] ڪَٽ[10]،
تِهَڙي سيجَ[11] سُومَرا، جِهَڙو پَائُرَ[12] پَٽُ[13]،
پيرُونِ[14] چُونڊِينڊِيَس[15] پِرِينءَ[16] سين، ڪَانبو ڪَانبي[17] وَٽ،
ڪِيرُونِ[18] ڏِيَان جيڏِين[19]، وَجَان جي وِرِ[20] وَٽ،
مُون ڏُکيءَ[21] ڪِهَڙو ڏوهُ[22] ڪِئو، بِيُون سَڀِ وَرَن وَٽ.

Gul Hayat Institute

---

۱. خوش ٿيان، فخر ڪريان، ۲. مارن، مالوند ماڻهن، مارئيءَ جي مائٽن، ۳. ڪکن جو گهر، جهوپو، ۴. جوڙي، بنائي، ۵. پٽ تي، ميدان تي، ٦. ڏک، درد، ۷. اي سومرا، اي عمر، ۸. واسطي، مهابي، ۹. قدرت واري، سگهاري، خدا، ۱۰. ختم ڪر، لاهہ. ۱۱. (شاديءَ جي وقت گهوٽ ڪنوار لاءِ)، سٺي بستري سان سجايل کٽ. ۱۲. پائر يعني ٽر جو (ٽر جي ڏکڻ واري پاگي کي پائر چوندا آهن)، ۱۳. ميدان، زمين، ۱۴. ڪيڙ ۽ چارين جي وٽن جو ڦر، ۱۵. ميڙيندس، گڏ ڪنديس، ۱٦. محبوب، ۱۷. عورتون جڏهين ڏٿ جهڙوڪ پيرون وغيره ۽ ڪيهہ ۽ ڪيهہ جي فصل مان ڦٽيون چونڊيندڀون آهن تڏهين انڪل ڏيڍ کن ميٽر ويڪري ۽ ڊگهي ڪيڙي جي چادر جي هڪ ڇيڙي جا ٻہ پلاند پٺيان چيلهہ کان ورائي اڳيان پيٽ تي دن جي مٿان ٻڌنديون آهن ۽ پوءِ چادر کي پٺن تان ورائي ٻي ڇيڙي جا پلاند مٿي تي اهڙيءَ طرح ٻڌنديون آهن جو سمورو مٿو ڍڪجي ويندو آهي. ان چادر کي ڪانبو چئبو آهي ۽ ڪانبي جو چونڊيل مواد سان ڀرجي وڃڻ کان پوءِ اهو مواد هيٺ زمين تي ڍڳ ڪري رکيو ويندو آهي، اهڙي ڍڳ کي بہ ڪانبو چئبو آهي، ۱۸. مبارڪون، واڌايون، ۱۹. جيڏين کي، سرتين کي، ۲۰. ٻتار، مڙس، ڪانڌ، ۲۱. ڏکايل، مصيبت ۾ پيل، سوريتيءَ، ۲۲. گناهہ خطا.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر مَارُئِي

## داستان چوڏهون

### ١

جُسي[١] لوڙائُو[٢] تِئَا، جَنِي[٣] پَرِ[٤] رَهَنِ،
مَارُو[٥] مَنجِهه ٿَرَنِ[٦]، ڪِنهِن[٧] دَرِ[٨] ڏيندا دانهَڙِي[٩].

### ٢

جُسي لوڙائُو تِئَا، جَنِي سَنديءَ[١٠] ڏيرَ[١١]،
مَارُوئَڙا فَقِيرَ[١٢]، ڪِنهِن دَرِ ڏيندا دانهَڙِي.

### ٣

هيڪانديءَ[١٣] حُضُورِ[١٤]، جي گهرِ[١٥] گهارِئَم[١٦] ڏينهَڙا،
سِيئي[١٧] سِڪَان[١٨] سَارِيَان، پَچَان[١٩] پائُرَ[٢٠] پُورِ[٢١]،
حَمِيرائَا[٢٢] هِتَڙا[٢٣]، ڪِيَن مَجِينديس[٢٤] مُورِ[٢٥]،
سَنجهي[٢٦] سَتِ[٢٧] گُذارِيَان، اَچي[٢٨] شَالَ[٢٩] اَسُورِ[٣٠]،
دَرانِ[٣١] ٿِيَان مَ[٣٢] دُورِ، مَارُو[٣٣] جَامَ[٣٤] مَلِيرَ جَا.

Gul Hayat Institute

---

١. جيڪڏهين. ٢. ڦورو، لنيرا، ڏاڙيل. ٣. جني جي. ٤. پرَ تي، آڌار تي، زور تي. ٥. مالوند ماڻهو، مارئيءَ جا مائٽ. ٦. واريءَ جي ڀِٽن. ٧. ڪنهنجي. ٨. در تي. ٩. دانهن، فرياد. ١٠. جيءَ. ١١. ڏير تي، آڌار يا ڀروسي تي. ١٢. مسڪين، غريب. ١٣. هيڪانديءَ ۾، ميلاپ ۾، گڏ. ١٤. پرينءَ جي حضور ۾ يعني سامهون يا روبرو. ١٥. گهر ۾، ڳوٺ ۾، وطن ۾. ١٦. مون گهارِئا يا گذاريان. ١٧. تن (ڏينهن) کي. ١٨. واجهايان، ياد ڪريان، ساريان. ١٩. جلان، ڪامان. ٢٠. پائر جي يعني ٿر جي (پائر جو علائقو ٿر جي ڏاکڻي ڀاڱي کي چوندا آهن). ٢١. پور ۾، خيال ۾، فڪر يا ڳڻتيءَ ۾. ٢٢. حميرن جا، اميرن جا، (عمر جا). ٢٣. هتِ. ٢٤. قبول ڪنديس (بت کي لڳائن ڏينديس). ٢٥. اصل، بنهه. ٢٦. سنجهي جي مهل، رات جي وقت. ٢٧. ست ۾، سيل ۾، صبر ۾. ٢٨. محبوب يا پرين اچي. ٢٩. شل، خدا، ايئن ڪري. ٣٠. اَسُرَ جو، فجر جي مهل. ٣١. در ڪان (تنهنجي). ٣٢. پري. ٣٣. اي مارو. ٣٤. سردار.

٤

جي هَٿ[١] گهارِئَمِ[٢] ڏِينهڙا، وَطَن[٣] رهءِ[٤] ويهي،
مارُو[٥] ڏِيندَمِ[٦] مُنهن[٧] ۾، ڏاڏاڻا[٨] ڏيهي[٩]،
پَکَنِ[١٠] مَنجِهه پيهي[١١]، شَلَ[١٢] مَحلَنِ[١٣] جي مَرُ[١٤] ڏُئان[١٥].

٥

ميري[١٦] جي[١٧] ڏُٻري[١٨]، مَرُ مَتّي[١٩] هوءِ[٢٠]،
مَتان مارُو[٢١] چوءِ[٢٢]، تہ واڇا[٢٣] وِيئي[٢٤] وِسري[٢٥].

٦

مُنهن[٢٦] مُنهنجو سومرا[٢٧]، مَرُ[٢٨] ميروئي[٢٩] هوءِ،
ڏوتوءِ[٣٠] ڏوراٽِن[٣١] ۾، مَتان مارو چوءِ،
ڳِنهي[٣٢] وَجان لوءِ[٣٣]، لارُون[٣٤] جي لُڙڪَنِ[٣٥] جون.

٧

هُنَ ڏيهه سَندا[٣٦] ڪپڙا، هِنَ تَڙِ[٣٧] نہ ڌُنديَاسِ،
موٽائي[٣٨] نِينديَاسِ، ميرائي[٣٩] مَلير ڏي.

Gul Hayat Institute

---

١. يعني عمر ڪوٽ ۾. ٢. مون گذاريا، مون گهارئا، مون گذاريا يا ڪاٽيا. ٣. سائيهه، ڏيهه. ٤. ڪان سواءِ. ٥. مالوند ماڻهو (مارئيءَ جا مائٽ). ٦. مون کي ڏيندا. ٧. منهن ۾، اڳيان، سامهون (ڏيندم منهن ۾ = مونکي ميار ڏيندا يا ڏوراپا يا اوپالا ڏيندا). ٨. ابي ڏاڏي جو اولاد، مائٽ. ٩. ڏيهه جا رهاڪو، وطن جا رهاڪو، هم وطن ماڻهو. ١٠. ڪکن ڪانن جي ٺهيل گهرن، جهوپي. ١١. گهڙي، داخل ٿي، اچي. ١٢. خدا ائين ڪري. ١٣. محلاتن، ماڙين. ١٤. ميل، گهڻي عرصي تائين نہ وهنجڻ ڪري بدن تي چڙهيل يا مٽي ۾ پيل مٽي. ١٥. (پاڻيءَ سان وهنجي) صاف ڪريان، لاهيان. ١٦. گدلي، ڪني، ڪچري. ١٧. يا. ١٨. ضعيف، ايري، لاغر، ڪمزور. ١٩. مٽي ۾، سر ۾، مٽي جي وارن ۾. ٢٠. هجي. ٢١. محبوب يعني مارئيءَ جو مڱيندو. ٢٢. چوي. ٢٣. وچن، انجام. ٢٤. توکي وئي. ٢٥. دل تان لهي. ٢٦. چهرو، مک، شڪل. ٢٧. اي سومرا، اي عمر. ٢٨. ڀلي. ٢٩. گدلو، غليظ. ٣٠. تو ڌوتو يا (پاڻيءَ سان) صاف ڪئو. ٣١. محلاتن، مڙين. ٣٢. ڪٽي، سانڍ ڪري. ٣٣. لوءِ ۾، ڳوٺ ۾، ملڪ ۾. ٣٤. ڌارون. ٣٥. ڳوڙهن، آنسن. ٣٦. جا. ٣٧. تڙ تي، هنڌ تي، جاءِ. ٣٨. واپس ڪري. ٣٩. آئون نيندي يا ڪٽي ويندي.

## ۸

جي هُوند[1] هِتي[2] هُئي[3] مارُئي، تہ لَڌيمِ[4] ڪَڙ[5] ڪيٽاس[6]،

اَرداسِئُمِ[7] عُمَر[8] کي، ويجهو[9] ٿي وَٿانسِ[10]،

جي نہ ڇَڏيائين[11] ڪ جَهليائين، پَنهنجو اَنگُ[12] آچِيانس[13]،

لاهي لُوهہ[14] لطيف چئي، هِتان هُوند هَلانس،

مُوڪي[15] مارُوئَنِ[16] سامُهُون[17]، وَني ٻانهَن[18] وَجانس،

رَهبرُ[19] ٿي ريڙِهانسِ[20]، سُونهاري[21] ساٿيهہ[22] ڏي.

## ۹

مارُئي ناهہ مَليرَ ۾، نَڪا وَت حَمير[23]،

پُنهُون[24] ڪونهي ڪيچَ[25] ۾، نَڪي سِنڌُ[26] اَمير[27]،

مُومَل ناهہ ماڙِين[28]، گنجي[29] ناهہ فَقير[30]،

وَرُ[31] ڇَڏِئو واهڙُ[32] تَري، ساهڙُ[33] مَنجهہ سَرير،

قُبَنِ[34] ڪينهي پِير[35]، مُرشِد[36] مَساڻنِ ۾.

## ۱۰

عُمَرُ چاڙهي[37] اُن تي، پُڄي[38] نئو[39] پَنوهار[40]،

---

۱. جيڪر، ۲. يعني شاهہ سائينءَ جي زماني ۾، ۳. هجي ها. ۴. آئون لهان يا وٺان ها. ۵. خبر، سڌ سماءُ، سار سنڀال. ٦. ان جي. ۷. آئون ارداس يعني عرض ڪريان ها. ۸. عمر سومري. ۹. نزديڪ، قريب (ويجهو ٿي = وڃي). ۱۰. يعني عمر وٽ. ۱۱. يا. ۱۲. بدن، سرير. ۱۳. ان يعني عمر کي آئون آڇيان يا پيش ڪريان ها. ۱۴. لوهہ جا ٺهيل زنجير. ۱۵. آزاد ڪرائي، خوش ڪري، مرڪائي. ۱٦. مالوند ماڻهن (مارئيءَ جي مائٽن). ۱۷. ڏانهن. ۱۸. ٻانهن ڪان، هٿ ڪان. ۱۹. سونهون، اڳواڻ، رهنما. ۲۰. آئون ان (مارئيءَ) کي ريڙهيان يا وٺي وڃان ها. ۲۱. موچاري، ڀلاري، سهڻي. ۲۲. وطن، ڏيهہ. ۲۳. امير يعني عمر. ۲۴. سسئيءَ جي محبوب جو نالو. ۲۵. رياست مڪران جي هڪ ڳوٺ جو نالو (پنهونءَ جو ڳوٺ). ۲٦. سنڌ ۾. ۲۷. حاڪم، بادشاهہ. ۲۸. ماڙين ۾، محلاتن ۾. ۲۹. گنجي ۾ (گنجو هڪ ننڍڙو جبل يا ٽڪر آهي جيڪو حيدرآباد جي ڏکڻ ۾ واقع آهي). ۳۰. درويشن، الله لوڪ. ۳۱. مڙس، ڀتار، ڪانڌ. ۳۲. واهڙ ۾. درياهہ ۾. ۳۳. سهڻيءَ جو محبوب ميهار. ۳۴. قبن ۾. مقبرن ۾. ۳۵. ولي، اولياءَ، اهل الله. هادي، مرشد. ۳٦. هندن جي مڙدن يعني مئل ماڻهن کي ساڙڻ وارين جاين. ۳۷. سوار ڪري، وهاري. ۳۸. جهلي، ٻڌي. ۳۹. ڪٺي يا وٺي ويئي. ۴۰. ٻڪريون، ڌاريندڙ يا چاريندڙ عورت (مارئيءَ).

ڏُنو ڏاڍِي[۱] بَندَ[۲] ۾، سُومَرو[۳] سَنگهارِ[۴]،
نيئي[۵] ٿَرِ[۶] اَڳِتِئو[۷]، پُرسُ[۸] پَرائِيءَ[۹] نارِ[۱۰]،
مارُو[۱۱] جو مَليرَ ۾، وينو ڪوٽَ[۱۲] ڪُوارِ[۱۳]،
هَنجُهون[۱۴] ڪِيمَ[۱۵] هارِ[۱۶]، موٽَڻُ ڪو مَسَ[۱۷] ٿِئي.

## ۱۱

عُمَرَ آندي مارُئِي، مَشتان[۱۸] تَڙَ[۱۹] تَڙي[۲۰]،
جُسو[۲۱] زَنجِيرُن ۾، راتو[۲۲] ڏِينهن[۲۳] رِڙي[۲۴]،
قَيدَن مَنجهه ڪَڙِي[۲۵]، سَنگَ[۲۶] نه وِنجَن[۲۷] سُومَرا[۲۸].

## ۱۲

عُمَرَ آندي مارُئِي، ظالِمَ[۲۹] زورُ[۳۰] ڪَري،
مارُن[۳۱] ڏاران[۳۲] ماڙِيِن[۳۳]، جي تِي هَت[۳۴] مَري[۳۵]،
نَه مَڙهُ[۳۶] تنهن مُشتاقَ[۳۷] جو، پَهچائِجِ[۳۸] ٿَرِيِن[۳۹]،
پُسِيءَ[۴۰] پانڌُ[۴۱] پَري[۴۲]، مَن[۴۳] فاتِحا ڏِين فَقِيرُ[۴۴] ڪِي.

## ۱۳

وِيٺي ڪوٽَ[۴۵] وَٺَن[۴۶] ۾، ڪامَڻِ ڪُواري[۴۷]،

---

۱. سخت، جاڏي، اڙانگي، ڏکئي، ۲. قيد، ۳. عمر، ۴. مال چاريندڙ يعني ڌنار عورت (مارئيءَ)، ۵. کٽي، وني، ساڻ ڪري، ۶. ٿر ۾، واريءَ جي دڙن ۽ ڀٽن ۾، ۷. بند ڪئو، قابو ڪئو، روڪئو، ۸. مرد، ماڻهو، ۹. ڌارينءَ، غير، اجنبيءَ، ۱۰. عورت، زال، ۱۱. مارئيءَ جو مڱيندو، ۱۲. ڪوٽ ڪي، عمرڪوٽ ڪي، عمرڪوٽ جي قيدخاني کي، ۱۳. ڀتي، ياراتا ڏي، ۱۴. لڙڪ، ڳوڙها، آنسو، ۱۵. نه، ۱۶. وهاءِ، ۱۷. مشڪل، ۱۸. تان، ڪان، ۱۹. پاڻيءَ ڀرڻ واري هنڌ، کوهه، ۲۰. زوريءَ کڻي، ۲۱. بدن، جسم، سرير، ۲۲. لوهه مان ٺهيل نيرن يا سنگهرن، ۲۳. راتو ڏينهن = رات توڙي ڏينهن، هر وقت، ۲۴. دانهون ڪري، روئي، ۲۵. زنجيرن سان ٻڌي، ۲۶. رشتا، شاديءَ لاءِ ڳهربيل ڇوڪريون، ۲۷. ڳهرجن، حاصل ڪجن، ۲۸. اي سومرا، اي عمر، ۲۹. ظلم ڪندڙ، ستم گرَ، بيداد، ۳۰. زبردستي، ڏاڍائي، جبر، ۳۱. مالوند ماڻهن (مارئيءَ جي مائٽن)، ۳۲. کان سواءِ، ۳۳. ماڙين ۾، محلاتن ۾، ۳۴. جيڪڏهين، ۳۵. ساهه يا دم ڏي، فوت ٿئي، ۳۶. لاش، ميت، مڙدو، ۳۷. سڪايل، اڪنڊيل، شائق، ۳۸. رسائج، موڪلج، ۳۹. ٿرن ۾، ۴۰. پسيءَ جو، ڪرڙ جي وڻن جي ڳلن جو، ۴۱. جهولي، ۴۲. ٿل، خدا ائين ڪري ته، ۴۳. مسلمان ماڻهوءَ جي مري وڃڻ ڪانپوءِ ان کي ثواب پهچائڻ لاءِ قرآن شريف جي صورت فاتحه (الحمد) پڙهڻ واري رسم، ۴۴. مسڪين، غريب، ۴۵. ڪوٽ جي، قلعي جي، قيدخاني جي، ۴۶. پاسن، ڪُنڊن، ۴۷. سهڻي عورت (مارئي).

مَلِيرُ سَارِئو مَارُئي، روبو رُنَازي،
اَلا اوتَارِي، مُنڌَ مَاروءَ جي ميڙِين.

## ۱۴

مَارُو نَہ ميرا، مِتَ مُنهنجا سُومَرا،
اُٺئو ڏِينِ اَسُورَ جو، پَرِ پَٽُنِ پيرا،
پَنوهَارَنِ پيرا*، وِڙهُہ ۾ ويڙهيچَنِ سين.

## ۱۵

پَالَ پَكَاءِ پَكَ، جِتِ كَرڙَ كَنَاءِ كَاهُيُون،
سَرَهِيُون سي سَرَتِيُون، جي حَاضُرُ پَاسي حَقَ،
مَاروءَ سين مَاڻيَان، شَلَ مُندائِتي مَكَ،
كِيكَارِيَان خَلَقَ، جَا تَرِ جَائِي ۾ تُوهَرِين.

## ۱۶

سي تَارِيَلا تَرِ تِئَا، جي مَان گَهِتُ گُهَري،
وَطَنُ، وَسَ، وَسنديُون، هِينِئَڙي نِتُ هُرِي،
اَندرِ چِتَ چُرِي، مُونكي وِرهُہ ويڙهيچَنِ جو.

Gul Hayat Institute

---

۱. مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو. ۲. ياد ڪريو. سنڀاليو. ۳. خود روبو يعني اکين مان لڙڪ وهايو. ۴. ٻين ماڻهن کي ارمان يا افسوس ۾ وجهي. ۵. اي الله. ٦. اوتاري ۾. اوطاق ۾. مڪان ۾. گهر ۾. ۷. منڌ کي. عورت کي (مارئيءَ کي). ۸. فجر. پرهہ ڦٽي. ۹. پاسن ۾. چوڌاري. ۱۰. پٽن جي. واريءَ جي دڙن جي. ۱۱. چڪر. ڦيرا. (پورهيي لاءِ). ۱۲. پنوهارن جا. ٻڪرين ڌاريندڙن يا چاريندڙن جا. مارئي جي مائٽن جا. ۱۳. پيرن جا نشان * پنوهارن جي پيرن جا نشان ڏسجن پيا يعني اهي جلد ئي اچڻ وارا آهن. ۱۴. اُن يعني رڍن جي وارن يا ڌاس يعني ٻڪرين جي وارن مان ٺهيل ڪرڙن يعني فراسين جا ٺهيل گهر. تنبو. جهوپڙا. ۱۵. ڪکن ڪانن جا ٺهيل گهر. ٻنگا. جهوپڙا. ۱٦. ڪرڙ جي وڻ جو ٻڪل ميوو. ٻِڪا. ۱۷. اُن مان ٺهيل ٿلهيون ڪتيون يا لوٻون. ۱۸. اُن يا ڌاس مان ٺهيل ٻُرا يا خرزينون. ڪڙيا. ۱۹. مڙس. پتار. ڪانڌ. ۲۰. واپرايان. ڪان. ۲۱. مند جي. موسم جي. ۲۲. ڪٻڙ يا ڄار جي وڻن جا ڪچا ءِ ننڍا پيرون. ۲۳. ٻليڪار جوان. آذر ياءُ ڪريان. ۲۴. خلق کي. ماڻهن کي. ۲۵. ٿر ۾. واريءَ جي پٽن ۾. ۲٦. پيدا ٿي. ۲۷. ٿوهرن. نانگ جي ڦڻ وانگر چوٽين سان هڪ قسم جي ڪنڊن وارن وڻن (جن جي ٽارين پچڻ سان هڪ قسم جو کير نڪرندو آهي). ۲۸. ٿر جا رهاڪو. ٿري ماڻهو. ۲۹. منهنجو. ۳۰. دل. من. ۳۱. طلبي. چاهي. ياد ڪري. ۳۲. ساٿيهہ. ڏيهہ (ملير). ۳۳. برساتون. مينهن. ۳۴. ڳوٺ. آباديون. ۳۵. هينئڙي ۾. دل ۾. ۳٦. هر وقت. ۳۷. ياد پوي.

## ١٧

پَاسَا[1] پولَڙبُنِ[2] ۾، پَانهُون سِرِ[3] بيٺي،
اڪيُون نَڪُ[4] اَريجَ[5] ريِّ، تِمَايَمِ[6] تيٺي،
ڏُورِ[7] ٿِيٺَا ڏيهِي[8]، پِرِينِ[9] پَائُرَ[10] وَتَ[11] ۾.

## ١٨

پرِين پَائُرَ وَتِ ۾، ڏيهَ[12] وَڻَ ٿيٺَڙمِ[13] ڏُورِ،
راجَ[14] لَڏَايَا[15] سُومَرِي[16]، عُمَرَ ڪَري اُورِ[17]،
ڏَاڍي[18] ڪِنهِن ضَرُورِ[19]، مُلڪُ[20] مَارُنِ[21] ڇَڏِيو.

## ١٩

ڪي اَسَان ڪَ مَارُئِينَ[22]، ڪي اَبَاڻَنِ[23] ڇَڏِيجَاهُ[24]،
هَرَ هَرَ[25] هَلاَئُون[26] تُو ڪَري، عُمَرَ اَسَان[27] تَانَ[28]،
پَائُرَ جي پِرِينَ ڪي، اَئِين[29] ڪُو[30] عَرضُ[31] ڪجَاهُ[32]،
اَللهَ ڪي ڇَڏِيجَاهُ[33]، تَه لُوئِيءَ[34] جي لَجَ[35] رهي[36].

## ٢٠

اَڏُ[37] لُوئِي اَنگَ تي، اَڏَ ۾ بَچَا بَارَ،

١. بدن جا پاسا، پهلو. ٢. ٻڪرين ۽ رڍن جي ڇيڻن، ڦولڙين. ٣. سر جي هيٺان، مٿي جي هيٺان. ۴. ٻنان ريج يا ٻنان آلاڻ يعني خشڪ زمين، ٽر. ۵. ڪان سواءِ. ٦. مون ٽمايا يعني (انهن مان) پاڻي وهايو. (مون رُنو). ٧. پري. ٨. ڏيهہ جا رهاڪو. وطن جا رهاڪو. ٩. محبوب. سڄڻ. ٢٠. پائر جي. ٽر جي (پائر ٽر جي ڏکڻ واري علائقي کي چئبو آهي پر هتي مراد ٿيندي سڄي ٽر). ١١. پاسي. ڀر. ڪنارَ. ١٢. ڏيهہ جا. ١٣. مون کان ٿئا. ١۴. (مارئيءَ جي مائٽن جا) ڪڙم قبيلا. آکهيون. برادريون ۽ قومون. ١۵. (ٽر مان ٻاهر) ڪڍيا. ١٦. يعني عمر جيڪو سنڌ جي سومرا خاندان جو هڪ حاڪم هو. ١٧. ڪاهہ. حملو. چڙهائي. ١٨. وڏي. سخت. ١٩. ضرور سبب. لاچار سبب. حاجت يا مشڪل سبب. ٢٠. ديس. وطن. ٢١. مالوند ماڻهن (مارئيءَ جي مائٽن). ٢٢. مارُن کي. ٢٣. اباڻن کي. مائٽن کي. ٢۴. تون ڇئج. ٢۵. هر هر = وري وري. گهڙيءَ گهڙيءَ. نت نت. مسلسل. ٢٦. حملا. ڪاهون. چڙهايون. ٢٧. مون. ٢٨. تي. ٢٩. اوليائن. ولين. ٣٠. اوهين (مارو). ٣١. منٿ. وينتي. سوال. ٣٢. ڪجو. ٣٣. اوهين ڇئجو. ٣۴. ڪنيءَ. اُن يعني رڍن جي وارن مان نهيل چادر يا اوڍڻيءَ. ٣۵. پردو. پت. ڀرم. بچاءُ. ٣٦. بچي. قائم ٿئي. ٣٧. بدن.

اِهَڙا جَنِ[1] اَطوارَ[2]، تَنِ جِي سَامَ[3] پَرتِيئِي[4] سُومَرا[5].

### وائي

آئُون مَارُوءَ جِي آهِيان، مُون کي مَارُوءَ جو[6] آسرو[7]،

مَارُو مُون[8] نہ ڇَڏِيندو سُومَرا[9]،

مِيڙو[10] ٿِيندو مُؤمِنين[11]، قَضَا[12] پَاڻ ڪَرِيندو[13]،

اُتي مَلِيرَ[14] جَائِيُون[15]، سَڀِ نَوازِي[16] نِيندو[17]،

والِي[18] تِي واڳَ[19] جو، هِئَائِين[20] هَلَندو،

ڪُونِي[21] ڪَوثَرَ[22] ڪَنڌِيين[23]، پَاڻِي پِيَارِيندو.

Gul Hayat Institute

---

۱. جن جا. ۲. طور، طريقا، نمونا، حال. ۳. لڄ يا پناهہ ۾ آيل عورت (مارئي). ۴. توکي پرتي آهي يا توکي سپرد ٿيل آهي (حفاظت ۾ رکڻ لاءِ). ۵. اي سومرا، اي عمر. ٦. محبوب، مارئيءَ جي مڱيندي. ۷. آڌار، ڀروسو، ڏِي. ۸. مون کي. ۹. اي سومرا. ۱۰. ميلو، گڏجاڻي. ۱۱. مومن جو، ايمان وارن جو. ۱۲. فيصلو، نياءُ. ۱۳. ڪندو. ۱۴. ملير جون. ۱۵. ڄاول يا پيدا ٿيل (عورتون). ۱٦. نوازش ڪري، مهرباني ڪري، احسان ڪري، سرخرو يا سرفراز ڪري. ۱۷. وٺي ويندو. ۱۸. مالڪ، ڌڻي. ۱۹. ولر، ڌڻ، ساٿ، جماعت. ۲۰. هتان ئي. ۲۱. سڏ ڪري، گهرائي. ۲۲. ڪوثر جي (جنت يا بهشت ۾ وهندڙ هڪ نهر جي). ۲۳. ڪنڌين تي، ڪپڻ تي.

بِسمِ اللہِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر مَارُئي

## داستان پنڌرهون

### ۱

عُمَر[۱] اَجُ گڏِئَامِ[۲]، ڏوٽِي[۳] اُنِهين ڏيهَہ[۴] جا،
پَارانِيا[۵] پِرِيَنِ[۶] جا، اُيِي[۷] اُنِ[۸] چِيامِ[۹]،
لَهِي لوهَہ[۱۰] وِئامِ[۱۱]، لُطفَ[۱۲] سَاڻُ لَطِيف[ح] چَئي.

### ۲

ڪِنهِن[۱۳] تَڙَ[۱۴] ڏيهائِي[۱۵]، ڪِتِي[۱۶] اُنَ[۱۷] مِينهَڙا[۱۸]،
مُون وَٽِ مُون[۱۹] پِرِيَنِ جِي، وِيهِي ڪَرِ وائِي[۲۰]،
آئُون اَگَ[۲۱] ڏائِي[۲۲]، مَن[۲۳] سَنِيهُون[۲۴] سُٽِي[۲۵] جِيَان[۲۶].

### ۳

آيو ڪيرُ ڏيهَان[۲۷]، جنهن ڪَرِ[۲۸] پُڇَان[۲۹] خَبَرُون[۳۰]،
وِڄُون[۳۱] اُنَ وَراءَ[۳۲]، رات مَارُوءَ[۳۳] ڏي وُنِيُون[۳۴].

---

۱. اي عمر. ۲. مون کي گڏيا، مون کي مليا. ۳. ڏٽ (جهنگ جي گاهن ۽ وڻن مان پيدا ٿيندڙ اَن ۽ ڦلن) تي گذران ڪندڙ. ۴. ملڪ ديس، وطن. ۵. نيايا، سنيها، پيغام. ۶. محبوب، سڄڻ، مائٽن. ۷. ٻيهي. ۸. ان کي يعني ڏوٽين کي. ۹. مون چيا يا ٻڌايا، مون ڏنا. ۱۰. لوهہ جا نهيل زنجير يا نير. ۱۱. منهنجا وٽا. ۱۲. مهربانيءَ، ڪرم، ٻاجهہ. ۱۳. (خبر ڪانهي) ڪهڙي. ۱۴. تڙ تي، پاڻيءَ ڀرڻ واري يا چوپائي مال کي پاڻي پيارڻ واري هنڌ تي. ۱۵. ڏيهہ جا ماڻهو. وطن جا ماڻهو. ۱۶. ڪهڙي هنڌ يا جاءِ تي. ۱۷. انهن تي اُٺا يا وٺا يا وسنا. ۱۸. برساتون. ۱۹. منهنجي. ۲۰. ڳالهہ. ذڪر. ٻچار. ۲۱. اڳ جي، شروعات جي، بنيادي. ۲۲. ڍاول. پيٽ ڀريل (اڳ ڍائي = اڳيئي سورن يا ڏکن ۾ چور آهيان). ۲۳. شل. خدا ايئن ڪري تہ. ۲۴. انهن جو سنيهو يا پيغامُ. ۲۵. ٻڌي. ۲۶. جيئري ٿيان. چاڪ چڱي ڀلي ٿيان. سورن کان آزاد ٿيان. ۲۷. ڏيهہ کان. ۲۸. کان. ۲۹. معلوم ڪريان. ۳۰. سڌيون. حال احوال. ۳۱. ڪنوِيُون. ۳۲. طرف. پاسي. ۳۳. محبوب (مارئيءَ جي مگيندي). ۳۴. وسيون.

Gul Hayat Institute

## ۴

أُنَنِ[1] مِينهَن[2] گهَٽا، تيئَن مُوڪَ[3] مَليرَ[4] ۾،

اِڪيُون[5] آبَ[6] پَرِئُو[7]، اُنهِين ڪُوڻِ[8] ڪَٽان،

مارُوئَنِ[9] شالَ[10] مِڙان، ڪونيُون[11] ڇَڏي ڪَڍهين.

## ۵

سَچُ[12] ڪ[13] اُنا مِينهَن، مُونهان[14] پوءِ مَليرَ ۾،

تَنِ ڏوٿِيَنِ[15] لايا[16] ڏِينهَن، پَهَرِئا[17] جي پُسِيءَ[18] ڪَي[19].

## ٦

مُونهان پوءِ مَليرَ ۾، جيڪُس[20] اُنا مِينهَن،

ڪالهه سَجُوئي ڏِينهَن، اڪَڙِيُنِ[21] اُڪيرِئو.

## ⑦

مُونهان پوءِ مَليرَ ۾، مَرُ[22] تا مِينهَن وَسَنِ،

ماريَسَ[23] انَ مامري[24]، يَادَ نَه ڪئو جيڏَنِ[25]،

ڪَرَ[27] نَه لَڌي[26] ڪَڍهِين، مُنهنجي ماڙيچَنِ[28]،

وِڄُون[29] پوءِ وَسَنِ، آئُون اَباڻَنِ[30] اَڳُ[31] وَڃان.

---

۱. أنهن (مارَن) تي أنا يا وٺا يا وسيا، ۲. برساتون، ۳. (چوپائي مال ۽ ماڻهن جي ڪاڏي پيتي جي شين جي) گهٽائي، ۴. مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو، ۵. نين، ٦. آب سان، پاڻيءَ سان، لڙڪن يا ڳوڙهن سان، ۷. چڪار ڪئو، ۸. طرف، پاسي، ۹. مارن کي، مالوند ماڻهن کي (مارئيءَ جي مائٽن کي)، ۱۰. شل، من، خدا ايئن ڪري ته، ۱۱. قيدخاني جا صفا يا ڪمرا، ۱۲. سچ پچ، واقعي، ۱۳. ڇا، ۱۴. مون کان، ۱۵. ڏت (جهنگ جي گاهن ۽ وڻن مان پيدا ٿيندڙ اَن ۽ ڦلن) تي گذر ڪندڙن، ۱٦. لايا ڏينهن = واپس اچڻ ۾ تمام گهڻي دير ڪئي، ۱۷. روانا ٿيا، أسهيا، ۱۸. ڪرڙ جي وڻن جي گلن (جيڪي ٻاجهيءَ طور رڌي کائبا آهن)، ۱۹. لاءِ، ۲۰. شايد، ۲۱. واجهايو، أڪنڊئو، أسڙ ڪئو، ۲۲. ڀلي، بيشڪ، ۲۳. مون کي ماريو، مونکي ايذايو يا آزاريو يا ڏک پهچايو، ۲۴. معاملي، قصي، ڳالهه، ۲۵. هڪ جيڏين، سرتين، ساهيڙين، ۲٦. خبر، سڌسماءُ، ۲۷. ورتي، معلوم ڪئي، ۲۸. تر ۾ رهندڙ عورتن، ۲۹. ڪنوڻيون، ۳۰. اباڻن ڏي، مائٽن ڏي، ۳۱. پهرين يا اول (وڄن وسڻ کان).

Gul Hayat Institute

**۸**

مُونهَان پوءِ مَليرَ ۾، مِينهَن کُجَاڙو[۱] کَنِ،
اَرَٽَ[۲] اولاٽي[۳] چَڏِيا، سَاجُهر[۴] سَاهيڙِنِ[۵]،
وِجُون پوءِ وَسَنِ، آئُون اَباڻَنِ اَکِ وَجَان.

**۹**

وَسِي وِجَڙِيُنِ، مُونکي عُمَرَ[۶] اُداسِي[۷] کِئو،
وُنَا مِينهَن وَسُون[۸] ٿِيُون، سَاڻيهَ[۹] ۾ سُجَنِ[۱۰]،
کِنوِي[۱۱] کِنوَڻِيَنِ، ٻَڌا موزَ[۱۲] مَلِيرَ کي.

**۱۰**

ٻَڌا موزَ مَلِيرَ کي، وِجَڙِيُنِ وارِي[۱۳]،
سُورُ[۱۴] تَني جو سُومَرا[۱۵]، مُون کي ٿو مَارِي[۱۶]،
اَللهَ[۱۷] اوتَارِي[۱۸]، مَن[۱۹] مَارُوءَ[۲۰] جي مِيڙِين[۲۱].

**۱۱**

جِتِ پُنگا[۲۲] پِتُون[۲۳] پيٽِيُون[۲۴]، تِنهِن کُوڻِ[۲۵] ٿِيُون کِنُونِ[۲۶]،
پَائُرُ[۲۷] سَبِ پُسَائِيُو[۲۸]، وَسِي وِجُڙِيُنِ،

---

۱. ڇا ڪندا، ۲. چرخا، ڪپهہ مان سٽ ڪتڻ يا ناهڻ جا اوزار، ڏينگا، ۳. بند ڪري، اَڪيلي، اڪوڙي، اَتڻ يعني سٽ ڪتڻ واريءَ جاءِ مان ٻاهر ڪيي، ۴. سوير، ۵. سرتين، جيڏين، ٦. اي عمر، ۷. مايوس، ملول، غمگين، ۸. وسنديون، آباديون، پوکون، ۹. وطن، ڏيهہ، ۱۰ ٻڌڻ ۾ اچن، ۱۱. تجلا ڪري، جهلڪا ڏيئي، چمڪي، ۱۲. سِهرا، شاديءَ جي وقت گهوٽ جي مٿي يعني نراڙ تي ٻڌل موتين جي لڙهين مان جڙيل پَٽي (ٻڌا موڙ = گهوٽ جي مٿي يعني نراڙ تي ٻڌل موتين جي لڙهين سان جڙيل پَٽي (ٻڌا موڙ = سينگاريو (ساوڪن سان). سرسبز ۽ آباد ڪئو، ۱۳. ورائي، وري وري، ۱۴. ڏک، درد، غم، ۱۵. اي سومرا، اي عمر، ۱٦. ڏکوئي، تڪليف ڏي، ۱۷. اي الله، ۱۸. اوتاري ۾، اوطاق ۾، گهر ۾، ۱۹. شل، شال، خدا ايئن ڪري تہ، ۲۰. محبوب (مارئيءَ جي مڱيندي)، ۲۱. ملائيين، پهچائيين، ۲۲. جهوپڙا، ڪکن ڪانن جا نهيل گهر، ۲۳. واريءَ جا دڙا، ۲۴. هنڌ، جايون، آستان (مارن جي گهمڻ ڪرڻ جا)، ۲۵. طرف، پاسي، ۲٦. چمڪن، تجلا ڪن (ڪنوئيون)، ۲۷. ٿر علائقي جي ڏکڻ وارو پاڳو ۽ هتي مراد ٿيندي سڄو ٿر، ۲۸. پڄايو، آلو ڪئو.

مَارُوءَ[1] ري[2] مَر[3] مَرَنِ، اَللهُ[4] جي آسائِتيُون[5].

## ١٢

جِتِ پُنگا[6] پُٺُون[7] پيٺِيُون[8]، تنهن كُوڻِ[9] تي كِنواءِ[10]،
سَا وِجُ پَسئو[11] وِندُران[12]، مُون[13] رُوندي[14] رات وِهاءِ[15]،
سِيلِيتنِ[16] سُونهاءِ[17]، مارُو جو مَلِير[18] جو.

## ١٣

تنهن كُنڊِ[19] تي كِنواءِ، جا ڏِسِ[20] ڏاڏاڻنِ[21] جي،
سارئو[22] سانبِيڙنِ[23] كي، روبو رات وِهاءِ،
سُوٽا[24] كِيمَ[25] سَهاءِ، عُمَر[26] بَندياڻِينِ[27] كي.

## ١۴

پَهري[28] كِئا پَٽَنِ[29] ۾، وِڄُن واڏاڻا[30]،
أُني[31] وِڙا أُكري[32]، عُمَر[33] اَباڻا[34]،
سُور[35] أُنِين جا سُومَرا[36]، اَندر[37] اُڌاڻا[38]،
بَكَر[39] باباڻا[40]، پَسان[41] شال[42] پَرِ[43] كَنهِين[44].

١. محبوب (مارئيءَ جي مڱيندي)، ٢. ڪان سواءِ يا ڌار يا جدا، ٣. ساهہ يا دم ڏين، فوت ٿين، ۴. اي الله، ۵. آس واريون، آسري يا ڀروسي ۾ رهندڙ، اميد ۾ رهندڙ، ٦. ڪکن ڪانن جا ننهيل گهر، جهوپڙا، ٧. واريءَ جا ڍڙا، ٨. هنڌ، جايون، آستان، ٩. طرف، پاسي، ١٠. (ڪنوڻ يعني وڄ) چمڪي، تجلا ڏي، ١١. ڏسئو، ١٢. دل کي خوش ڪريان يا ڀرپايان، ١٣. مون کي، ١۴. اکين مان ڳوڙها يا لڙڪ وهائيندي، ١۵. وهامي، گذري، ١٦. سيليتن کي، سيل وارين کي، ست وارين يا ستياوان عورتن کي، پاڪدامن عورتن کي، ١٧. سونهي، جڳائي، سيبائي، ٺهي، موافق اچي، ١٨. مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو، ١٩. ڪوڻ، ٢٠. طرف، پاسو، ملڪ، ٢١. ابي ڏاڏي جي اولاد، ٢٢. ياد ڪرئو، سنڀاليو، ٢٣. سانڀين، جوڙيوالن، رفيقن، ٢۴. مهڻا، طعنا، ٢۵. ڏيار، سهڻ يا برداشت ڪرڻ، ۵. مقابلو ڪراءِ، ٢٦. اي عمر، ٢٧. قيدياڻين، ٢٨. ڀڪڙي، ظاهر ٿي، اُڀري، ٢٩. ميدانن، ٣٠. ويجهہ، وراڻ، جشن، آسودگيون، ٣١. اُتي ڏانهن، مينهن وسڻ واري هنڌ ڏانهن، ٣٢. نڪري، اسهي، روانا ٿي، ٣٣. اي عمر، ٣۴. (منهنجا) مائٽ، ڏکَ، درد، ورهہ، ٣٦. اي عمر سومرا، ٣٧. اندر ۾، دل ۾، ٣٨. ٻرڪئا، جاڳئا، ٣٩. ٻاڪرو مال، ٻڪريون، ۴٠. ٻاٻاڻن جا، اباڻن جا، ۴١. ڏسان، ۴٢. خدا ائين ڪري، ۴٣. ريت، نموني، ۴۴. ڪهڙيءَ.

Gul Hayat Institute

## ۱۵

وِجَڙِيُن[1] وِيسَ[2] ڪِئا، مَتَان[3] آئِي مُنڊَ[4]،
اَکِيُون اَبَاڻَن[5] ڏي[6]، بَسِ[7] نَہ ڪَرِيُن[8] بُونڊَ[9]،
هِيئَن نَہ تِيَسِ هُونڊَ[10]، جي ڪَرَ[11] لَڌائُون[12] ڪَڌهِين.

## ۱٦

جي ڪَرَ لَڌائُون، تَہ بَنڌِيءَ[13] بَنڊُ[14] نَہ سَارِئُو[15]،
مَارُوئَڙِنِ[16] آئُون، جيڪُس[17] وِيَڙِيَس[18] وِسِري[19].

## ۱۷

مَارُو مِينهَن گُهَرِن، آئُون[20] مَارُنِ[21] مِيڙائُو[22] گُهُران،
سَاڏوهِيُون[23] ۽ سَرَتِيُون[24]، هَنيِين[25] مَنجهه هُرِن[26]،
هِڪُ لِڳَين[27] لوهه[28] چُرِن[29]، بِي[30] وِنجهُلَ وِيڙهِيچَن[31] جي.

## ۱۸

مَارُو گُهَرِن مِينهَن، آئُون مَارُنِ مِيڙائُو گُهُرانَ جي،
ڪِيَس نِمَاڻِي[32] نِينهَن[33]، وَنِهِين[34] وِيڙهِيچَنِ جي.

Gul Hayat Institute

۱. ڪنوڙين، ۲. پوشاڪون، لباس (ويس ڪئا = چمڪاٽ ڪيا، وسڻ جي تياري ڪئي)، ۳. تان تہ، موتي، ۴. موسم (مينهن وسڻ جي)، ۵. مائٽن، ٦. لاءِ، ۷. پڇاڻي، خاتمون، ۸. ڪن، ۹. ڦڙ ڦڙ (لڙڪن يا ڳوڙهن جي صورت ۾)، ۱۰. جيڪر، ۱۱. خبر، سڌ سماءُ، ۱۲. ورتائون، معلوم ڪيائون، ۱۳. بند ۾ پيل، بنديائيءَ، قيدياڻيءَ، ۱۴. قيد، ۱۵. محسوس ڪئو، ۱٦. ماروئڙن ڪي، مارن يعني مالوند ماڻهن ڪي (مارئيءَ جي مائٽن ڪي)، ۱۷. شايد، ۱۸. آئون ويئي، ۱۹. دل تان لهي، ۲۰. طلبين، ۲۱. مارن جو، ۲۲. ميلاپ، وصال، ۲۳. چارين جا وڻ (جن جي ڦر کي پيرون چئبو آهي)، ۲۴. ساهيڙيون، سکيون، ۲۵. دل، من، هردي، ۲٦. چٽڪن، ياد پون، ۲۷. لڳن ۾، عضون ۾، ۲۸. لوهه جا زنجير، ۲۹. چرپر ڪن، لڳين، ۳۰. ڳڻتي، ڳارو، فڪر، غم، ۳۱. ويڙهه يعني جهنگ ۾ رهندڙن، جهانگين، مارن، ۳۲. عاجز، لاچار، بي وس، اداس، ملول، ۳۳. عشق، محبت، پيار، سڪ، ۳۴. آسودن، شاهوڪارن، سکين، ستابن.

## ۱۹

هَنَ مُنهنجي حالَ جو، وِرَهُه[۱] نَه ويڙهيچَنِ[۲]،
چُران[۳] تَه چُور[۴] ٿِيان، نِيئَر[۵] کَينَ نَمَنِ[٦]،
هِکُ لِڳَنِ[۷] لوَهَه[۸] چُرَنِ، ٻِيو وِنجُهَلَ[۹] ويڙهيچَنِ جِي.

### وائي

آئون شَلَ[۱۰] ويڙهه وَجَان[۱۱]، جِتي مارُوئَڙا اَلا،
تازي[۱۲] مَکَ[۱۳] مَليرَ جِي، مُوزِئو[۱۴] ڏارَ[۱۵] يَجَان[۱٦]،
وِينديس اَباڻَن[۱۷] ڏي، ڳائي ڳِيچ[۱۸] ڳجَان[۱۹]،
ٿارِيَلِين[۲۰] جي ٿَرَ تَان، پِيرو[۲۱] کَينَ يَجَان[۲۲]،
اُتي عبداللطيف چَئي، اَٿَمِ[۲۳] آسَ[۲۴] اَجَان[۲۵].

Gul Hayat Institute

۱. غم، فکر، ڳڻتي، ڏک، درد. ۲. ويڙهيچن کي، ويڙهه يعني جهنگ جي رهاڪن کي، جهانگين کي، مارن (مارئيءَ جي مائٽن) کي. ۳. چرپر ڪريان، اوري پري ٿيان. بدن جا پاسا ورايان، سِران، رڙهان. ۴. ٽڪر ٽکر، ناسُ، چَٿ. ۵. لوهه جا زنجير. ٦. جُهڪن، لڙن، هيٺ ٿين. ۷. لڳن ۾، عضون ۾. ۸. لوهه جا زنجير يا نير. ۹. غم، فکر، ڳڻتي، ورهه. ۱۰. شال، خدا ايئن ڪري ته. ۱۱. ويڙهه ڏانهن. ۱۲. نيئن يعني تورا ڏينهن اڳ قتل. ۱۳. چارين ۽ کٻڙن جي وڻن جو ڪجڙو ۽ سنهو ڦر (جنهن کي ٻيرون چئبو آهي). ۱۴. وَرايو، ڦيرايو، ڏنگو ڪريو. ۱۵. ٽارَ، ٽهيون ٽاريون. ۱٦. ٽوڙيان، چنان. (وڻن کان) جُدا ڪريان. ۱۷. مائٽن. ۱۸. سهرا، ڳاچ، گانا. ۱۹. خوشيءَ مان، سرهائيءَ ۾. ۲۰. ٿر يعني واريءَ جي پٽن ۾ رهندڙ عورتن. ۲۱. گهمرو، ڦيرو، اچ وَڃ، ملاقات. ۲۲. بند يا بس ڪريان، ختم ڪريان. ۲۳. مونکي آهي. ۲۴. آسرو، اميد. ۲۵. هن وقت يا هنيئر به.

بِسمِ اللّٰهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرُ مَارُئِي

## داستان سورَهون

### ١

پِهرِينءَ رات پَسِي[١]، مُنهِنجو مَاڙِيءَ[٢] مَنُ[٣] ڦِڪو[۴] ڪِئو،
مُوهَڙ[۵] مَارُوئَڙَن[٦] ڪِي، واحِدَ[٧] ڏِيجِ[٨] وَسِي[٩]،
اَهَرَ[١٠] جِنهِن[١١] اَسِين[١٢]، سو مَلَندو[١٣] شَالَ[١۴] مَلِيرَ[١۵] ۾.

### ٢

پِهرِين رات مَلِيرَ رِي، مُون[١٦] ڪِي جَا پِيئِي،
أُونداهِيءَ[١٧] اَندوهَ[١٨] ۾، وِهَامِي[١٩] وِيئِي،
ڏُورِ[٢٠] تِئَا ڏِيهِي[٢١]، ڪَنِ[٢٢] ڪَرَ[٢٣] پُڇَان[٢۴] خَبَرُون[٢۵].

### ٣

پَرَ[٢٦] جَهلَ[٢٧] پِيَمِ[٢٨] راتَڙِي، پِي بَاپَاٽنُؤن[٢٩] ڏارَ[٣٠]،
رُنَمِ[٣١] راتِ رَتَ ڦُڙا[٣٢]، نَائِي[٣٣] نَيَٽَنِ[٣۴] نَارَ[٣۵]،
وِيچَارا[٣٦] پَنُوهَارَ[٣٧]، ڏِنِي[٣٨] مُون[٣٩] ڏِينهَن[۴٠] تِئَا.

---

١. ڏسي، ٢. (عمر سومري جي) محلات، ٣. دل. ۴. لڇي، شرمسار. ۵. مهاڙ، آڳنڊ، مهاڳ، آڳر، جوءِ، ٦. مارن، مالوند = ماڻهن (مارئيءَ جي ماڻن). ٧. اي واحد، اي هِڪڙا يعني خدا. ٨. ڏج، عطا ڪج. ٩. وسيع، ڪشادي، موڪري، ١٠. آهر تي، آسري تي، آڌار تي، ڀروسي تي، ١١. جنهن جي، ١٢. يعني آئون مارئي، ١٣. سرخرو ٿيندو، مرڪندو، فخر ڪندو، ١۴. شل، خدا ايئن ڪري تہ. ١۵. مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو. ١٦. ڪان سواءِ. ١٧. تاريڪيءَ، رات جي ڪاراڻ. ١٨. فڪر، ڳڻتيءَ، انتظار، اُڌڪي، ١٩. گذري، پوري ٿي، ٢٠. پري، ٢١. ڏيهہ يعني وطن جا رهاڪو، هم وطن ماڻهو، ڳوٺائي، ٢٢. ڪنهن، ٢٣. ڪان، ٢۴. معلوم ڪريان، ٢۵. سڌيون، حال احوال، ٢٦. پَرَ جي، غير جي، ڌارين جي، ٢٧. جهل ۾، بند ۾ .٢٨. مونکي پئي، ٢٩. ٻاٻاڻن ڪان، اباڻن ڪان، ماڻن ڪان، ٣٠. جدا، سواءِ، ٣١. مون رنو، ٣٢. رت ڦڙا = رت گڏيل لڙڪ، ٣٣. وهائي، ٣۴. نيڻن جا، اکين جا، ٣۵. نڪ جي ڀرسان اکين جا سوراخ، ٽنرا، ٣٦. مسڪين، غريب، نماڻا، لاچار، بي وس، عاجز. ٢٧. ٻڪريون، ڌاريندڙ يا چاريندڙ، ٣٨. ڏسندي، ٣٩. مون کي، ۴٠. ڏينهن ٿئا = گهڻو وقت يا عرصو ٿيو.

## ۴

عُمَرَ اَباڻَنِ کَيِ، تِيجَهيءَ تِمَنَ نيڻَ،
مَارُئِي مَارُوئَڙَنِ جي، وِرهَہ مَاري وِيڻَ،
سَانبِي سَارِئو سِيڻَ، نِندَکُ سَاهُہ نَہ نِکري.

## ۵

عُمَرَ اَباڻَنِ کَيِ، چِوتِيِءَ چِکَنِ چَاکَ،
مَارُئِي مَارُوئَڙَنِ جي، فَنَا کَي فِراقَ،
کَانِيَارا کَذاکَ، کَنهَن ڏُوراڻي ڏيهِہ وِئا.

## ۶

پَنجِيِءَ رات پَيغَامَ، مُکَمِ مَاروءَ جَامَ ڏي،
وِيرِيَنِ وِڙهِي آهِيَان، وَرجِ وِيرَ وَرِيَامَ،
اَلدُنيا سِجنُ لِلمُؤمِنِينَ وَ جَنَتُ لِلکَافِرِين*، مَاڙِيءَ مِ مَاتَامُ،
پَانِيَان قَيدُ قِيَامَ، تي ڏُکِئا کَاتِيَان ڏينهَڙا.

## ۷

Gul Hayat Institute

چَهيِءَ رات چِٽي، ڳُوڙهَا پِيَمِ ڳَلَ تي،

---

۱. اي عمر، ۲. مائٽن، ۳. لاءِ، ۴. ٽيءَ (رات جو)، ۵. هارين يا وهائين يا ڳاڙين (لڙڪ يا ڳوڙها)، ٦. اکيون، ۷. مارن، مالوند ماڻهن (مارئيءَ جي مائٽن)، ۸. فکر، ڳڻتيءَ، ڏک، درد، ۹. فنا کئي، ناس يا چٽ کئي، ۱۰. مهڻي، طعني، ۱۱. جوڙيوال، رفيق، ساٿي، ۱۲. ياد کريو، ۱۳. مائٽ، ۱۴. بي لڄو، بي نکو، نٺر، ۱۵. دَمُ، پساهُ، ۱٦. چوٿينءَ رات جو، ۱۷. گند يا پونءِ ڳاڙين، ۱۸. ڦٽ، زخم، ۱۹. وڇوڙي، جدائيءَ، ۲۰. کانياري کان (کانيارو ٺر ۾ هک تڙ جو نالو آهي)، ۲۱. کذاک سبب، (عمر جي) ارڏائيءَ يا ظلم سبب، ۲۲. کنهن نامعلوم، ۲۳. پراهين، ڏور، ۲۴. ڏيهہ ڏانهن، ملک ڏانهن، ۲۵. نياپا، سنيها، ۲٦. مون موکلئا، مون اماڻئا، ۲۷. محبوب (مارئيءَ جي مڱيندي)، ۲۸. سردار، ۲۹. دشمن، ۳۰. وکوڙي، گهيري، ۳۱. وارو کج، رسج، پهچج، ۳۲. اي وير، اي بهادر، اي وريام، اي سورهيہ * دنيا يعني جهان مومن لاءِ قيد آهي ء کافرن لاءِ جنت آهي (حديث)، ۳۳. محلات ۾، ۳۴. روج راڙو، ۳۵. سمجهان، محسوس کريان، ۳٦. بند، ۳۷. قيامت، مصيبت، ۳۸. تنهنکري، ۳۹. اڙانگا، مشکل، سخت، تکليف وارا، ۴۰. گذاريان، بسر کريان، ۴۱. کري، ڳڙي، ۴۲. مونکي پيئا، منهنجا پيئا، ۴۳. ڳٽي، رخسار، منهن.

وَنهين وِيڙهيچن جي، هين حُبَ گهٽي،
اِنَ اللهَ مَعَ الصّابِرِينَ*، وائي وات وَٽي،
ميڙيندُمِ ڏٽي، مينهن اُتي مارئين.

## ⑧

سَتينءَ رات صحي، سارئُمِ سانڀيڙَن کي،
تازي تاسَ ريُن ۾، پيتمِ موکَ مَهي،
کيمِ رهاٽيون ربل ۾، ٻيريُن هيٺ ٻَهي،
قَيدُ المَاءِ اَشَدُّ مِن قَيدِ الحَدِيد●، اِهَا رَمزَ رَهي،
وَجي لوهُ لَهي، تہ ملان ماروئَڙن کي.

## ⑨

تَرُ وُنا ٿاذيل تي، پَهرئو چَرن پَن،
هينئڙي رات اُکيرئو، ماروءَ ڪارڻ مَن،
زيريون لاهہ ضَعيف تان، عُمر ساڻُ اَمَن،
سَرتيُن ساڻُ سَمَن، اُتي وَلهارنِ ۾.

Gul Hayat Institute

١. آسودن، سکين، شاهوڪارن، ٢. ويڙهہ يعني جهنگ ۾ رهندڙن، جهانگين، مارن، ٣. هيين ۾، دل ۾، من ۾، ٤. سِڪَ، اُڪنڊ، پيار *بيشڪ الله صبر ڪندڙن سان آهي (قرآن شريف جي سورت بقر جي آيت ١٥٣). ٥. ڳالهہ، نصيحت، ٦. وات کي، زبان کي، ٧. پسند آئي (ورد ڪرڻ لاءِ)، ٨. مونکي ميڙيندو يعني ملائيندو، ٩. مالڪ، خدا، ١٠. برسات، ١١. وسندي (وقت)، ١٢. مارن سان، ١٣. چڱيءَ طرح، برابر، نيڪ، ١٤. مون سارئو يا ياد ڪئو، ١٥. سانبين، جوڙيوالن، رفيقن، سائين، ١٦. سجر، تُوري دير اڳ (ولوڙيل) ڻهيل، ١٧. وٿين، پيالين، پهين، ١٨. مون پيتي، ١٩. جهجهي، گهڻي، جام، ٢٠. لسي، ڏڌ، ٢١. مون ڪيون، ٢٢. ڪچهريون، ٢٣. گاهہ واري ميدان، چراگاهہ، ويءَ، ولهار، ٢٤. هڪ قسم جي وڻن، ٢٥. وبهي ●(دائي) پاڻيءَ جو قيد لوهہ جي قيد کان زيادهہ سخت يعني ڏکيو آهي (عربي قول)، ٢٦. اشارو، اهڃ، راز، ٢٧. بحال ٿي، ٢٨. واريءَ جي پٽن ۽ ڏڙن وارا علائقا، ٢٩. (ٿرن ۾) برسات وسي، ٣٠. ٿڏڪار، ٣١. مال سان گڏ، (جهنگن ۽ ميدانن ڏانهن) نڪريو، ٣٢. (مال کي) چارين، ٣٣. وڻن ۽ گاهن جا پن، ٣٤. هنيين، دل، من، ٣٥. واجهايو، اُڪنڊيو، ٣٦. محبوب (مارئيءَ جي مڱيندي)، ٣٧. لاءِ، واسطي، ٣٨. زنجير، هٿ يا پير ڪڙيون، ٣٩. ڪمزور، هيٺيءَ، ٤٠. اي عمر، ٤١. سک، سلامتي، ٤٢. ساهيڙين، ٤٣. واعدو، ڏائي، ٤٤. مينهن وسڻ مهل.

## ١٠

ٿَرَنِ[1] ٿيلهي نَہ مَران، مُون[2] مارُو[3] مَ ٿيلهِين[4]،
پَٽَ[5] پَرِبي پَنوَهارَ[6] جا، مَرُ[7] ٿِيُون ڏُونگها[8] ڏِينِ،
اَمُرُ[9] جي نَہ مَجِيِنِ[10]، سي ڏوٿِي[11] ڏولائي[12] پِئا.

## ١١

مَتي ٿَيِ[13] رَهِي، وِئا گُذاري[14] جيڏِيُون[15]،
ڪَڏهِين ڪونَہ آيو، پَنوهارَنِ[16] پَهِي[17]،
وِئَڙا سي وَهِي[18]، جَنَبُ[19] گُذارِئُمِ[20] جَنِ سين.

## ١٢

چِيلا ۽ چارا[21]، مارُنِ جا مَلِيرَ[22] ۾،
اُٿِئو[26] پَرِبِنِ[23] اَسُورَ[24] جو، وَرِتُنِ[25] سين وارا،
چَڏي ڪُوهَہ ڪارا[27]، مارُو مِني[28] موٽِئا.

## ١٣

مارُو رَهَنِ مِني[29]، ڪُوڙِي[30] رَهَنِ نَہ ڪَڏهِين،
عُمَرَ[31] اَباڻَنِ[32] کي، ٿِئَڙمِ[33] ڏِينهن[34] ڏِني[35]،

Gul Hayat Institute

---

١. ٿرن ٿيلهي = ٿرن يعني واريءَ جي دڙن يا پٽن جي ٿيلهيل يعني ڏڪاريل ٿي ڪري. ٢. (شال) مون ڪي. ٣. مالوند ماڻهو (مارئيءَ جا مائٽ). ۴. لوڏين. ڏڪارين. ۵. عزت. ساک. سچائي (پٽ پربي = پٽ واري، عزت واري، سچي). ٦. ٻڪريون ڌاريندڙ يا چاريندڙ. ٧. ٻلي. ٨. طعنا. مهڻا. اوبالا. ٩. (خدا جو) حڪم. رضا. ١٠. قبول ڪن. ١١. ڏٽ (جهنگ جي گاهن ۽ وڻن مان پيدا ٿيندڙ ان ۽ ڦلن) تي گذر ڪندڙ. ١٢. ڏولائي ۾. تڪليف ۾. مصيبت ۾. ١٣. تي. ۾. ١۴. حياتي بسر ڪري. ١۵. اي جيڏيون. اي ساهيڙيون. ١٦. پنوهارن جو. ١٧. قاصد. نياپو آڻيندڙ. ١٨. نڪري. روانا ٿي. ١٩. حياتي. عمر. جنم. ٢٠. مون گذاريو. ٢١. رستا. پيچرا. چارا. گس. ٢٢. مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو. ٢٣. ڪوهن مان پاڻي ڪڍن. ٢۴. فجر. پرڀات. ٢۵. رسن. واڄهن. نوڙين. ٢٦. ڪوهن مان ورتن جي ذريعي پاڻيءَ ڪڍڻ جو عمل. ٢٧. لوڻائيل يعني نمڪين پاڻيءَ وارا. ٢٨. مٺي يعني شيرين پاڻيءَ واري علائقي ڏانهن. ٿر کان ٻاهر ٻڪي جي علائقي ڏانهن. ٢٩. مٺي پاڻيءَ واري علائقي ۾. ٣٠. ڪوڙي يعني ڪڙي يا ڪاري پاڻيءَ واري علائقي ۾. ٣١. اي عمر. اي سومرا (عمر سنڌ جي سومرا خاندان جو هڪ حاڪم هو جيڪو مارئيءَ کي انجي ڳوٺ مان زوريءَ کڻي وئو). ٣٢. مائٽن. ٣٣. مون کي ٿيا. ٣۴. گهڻو وقت. ٣۵. انِ جي ڏسڻ کي.

اُنين سَانڻُ اُنئي[1]، گَڏُ گُذارِئَمِ[2] ڏِينهَڙا.

### ۱۴

چِڪِّي[3] چِڪِئَمِ[4] چَاڪَ[5]، وَنهِيَن[6] وِيڙهِيچَن[7] جَا،
واجهائِيندي[8] وِصالَ[9] کي، فَنا[10] ڪِيَسِ فِراقَ[11]،
سيئي سَارِئَمِ[12] سُومَرا، تَرِ[13] جَنِي جَا ٿَاڪَ[14]،
مَارُوءَ[15] جي اوطَاقَ[16]، گهڻو اُڪَنبِي[17] آهِيَان.

### ۱۵

اَجُ پَڻِ چِڪِئَمِ چَاڪَ، وَنهِيَن وِيڙهِيچَن جَا،
سُورَن[18] اَچِي[19] سُومَرا، اَندَرِ[20] ڪِئي[21] اوطَاقَ[22]،
مَارُوءَ جي فِراقَ، هَڏَ[23] مُنهِنجا ڪَپِيا[24]،

وائي

عُمَرَ[25] آئُون مَرِي[26] تَان نَہ چَڏِيندي[27]، مِٽِي[28] مَارُوئَڙَن جي[29]،
مِينهين[30] اُنئي[31] مَارُئِي، لالَنَ[32] سَانڻُ لَڏِيندي[33]،
سَڙي[34] مُنهِنجي سُومَرا[35]، تَرِن[36] ڪِين تَڪِيندي[37]،
حَمِيرائَنا[38] هَٿَڙا[39]، مِهَرِي ڪِين مَڃِيندي*[40]،
جُهوپِو[41] جَهانگِيَڙَن[42] جو، مَاڙِيءَ[43] سين نَہ مَٽِيندي[44].

---

۱. انئي يعني مينهن وسڻ جي وقت، ۲. مون گذاريا، ۳. اٿلي، رسجي، گند يا ٻون وهائي يا ڳاڙي، ۴. منهنجي اندر ۾ چڪئا، ۵. زخم، ڦٽ، ٦. آسودن، سکين، ۷. ويڙهہ يعني جهنگ ۾ رهندڙن، جهانگين، ۸. سکندي، اسڙڪندي، ۹. ميلاپ، ميڙاڪي، ۱۰. تباهہ، برباد، ناس، ۱۱. وڇوڙي،جدائي، ۱۲. مون سارئا، مون يا دڪئا يا سنيالئا، ۱۳. تر ۾، واريءَ جي پٽن يا دڙن ۾، ۱۴. آستان، جايون، ماڳ، مڪان، اوطاقون، ۱۵. محبوب (مارئيءَ جي مڱيندي)، ۱٦. اوطاق کي، اوطاق لاءِ،۱۷. سڪايل، ۱۸. ڏکن، غمن، دردن، ۱۹. اي سومرا، ۲۰. اندر ۾، دل ۾، ۲۱. ڪئي، ۲۲. منزل، رهائش، ديرو، آستان، ۲۳. جسم جا ڪنڊا، جسم جا عضوا، ۲۴. وڍيا، ۲۵. اي عمر، ۲٦. ساهہ يا دم ڏيئي، فوت ٿي، ۲۷. اصل، بنهہ، ۲۸. مائٽي، عزازت، لاڳاپو، ۲٦. مالوند ماڻهن، ۳۰. مينهن يا برساتن جي، ۳۱. انئي وقت، وسڻ وقت، ۳۲. محبوب (مارئيءَ جي مڱيندي)، ۳۳. نقل مڪاني ڪندي، ۳۴. جنازو، لاش، ۳۵. اي سومرا، ۳٦. ٿرن کي يعني ٿر جي ماڻهن کي (ڪٿي وڃڻ ۾)، ۳۷. ٽڪائيندي، ورچائيندي، بيزار ڪندي، ۳۸. حميرن جا، اميرن (عمر) جا، ۳۹. عورت، زال (مارئي)، ۴۰. قبول ڪندي *مارئي گوارا نہ ڪندي تہ عمر جي هٿان دفن ٿئي، ۴۱. ڪکن ڪانن مان ٺهيل گهر، پکو، ٻونگو، ۴۲. جهانگين، ويڙهيچن، ۴۳. محلات، ۴۴. بدلائيندي، برابر يا مٽ ڪندي.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر مَارُئي

## داستان سترهون

۱

عُمَر[۱] اونِي[۲] آيو، ڪَاڪَارَنِئا[۳] ڪَالَهَ[۴]،
اُنَا[۵] مِينهَن مَلِير مِ، جَر[۶] تَر[۷] پَرِيا جَالَ[۸]،
هَي[۹] مُنهِنجي حَالَ[۱۰]، جِيئَن[۱۱] مُندُون[۱۲] سَارِئو[۱۳] نَ مَران[۱۴].

۲

عُمَر اونِي آيو، مَلِيران مَاٺُهو[۱۵]،
اُنَا مِينهَن مَلِير مِ، سَائُون[۱۶] سَامَاٺُون[۱۷]،
عُمَر[۱۸] اَباٺُون[۱۹]، ڪَتو[۲۰] پِيي خُوشِ ٿِئَان.

۳

اَجُ اونِي آيو، ڏِيهَ[۲۱] ڏاڏاٽين[۲۲] ڏانهَن[۲۳]،
اُنَا مِينهَن مَلِير مِ، تِئَا گَرِيبَنِ[۲۴] گَاهَ،
عُمَر ڪِي اَللهَ[۲۵]، ڪَا چَگِّي[۲۶] وِجِهج چِتَ[۲۷] مِ.

Gul Hayat Institute

۱. اي عمر، ۲. اٺ وارو، (اٺ تي سوار ٿيل) قاصد، نياپو آڻيندڙ. ۳. ڪاڪارن کان، ڪاڪين کان، ادين کان، جيڏين يعني سرتين کان، ۴. گذريل يعني اڳئين ڏينهن، ۵. وسڻا، ۶. جر سين، ۷. واريءَ جا ڍڙا يا ٽِبا، پٽون، ٿر جا مڪان يا ماڳ، ۸. جال، ڏَل، گهٽا. ۹. افسوس، ۱۰. حال تي، حالت تي، ۱۱. ڇاڪاڻ تہ، ۱۲. موسمون، ۱۳. ياد ڪرڻو، سنڀالڻو، ۱۴. فوت ٿيان، ساهہ يا دم ڏيان، ۱۵. ملير کان، ۱۶. هڪ قسم جو جهنگلي گاهہ، جنهن جو ان ٿري ماڻهو کائڻ ۾ استعمال ڪن، ۱۷. پيدا ٿئو، وڌو ٿئو، ۱۸. اي عمر، ۱۹. اباڻن جو، ماڻٽن جو، ۲۰. ڪٿو ڏڌ، جهڻ، لسي، مهي، ۲۱. ملڪ، وطن، ديس، ۲۲. ڏاڏاڻن جي، ابي ڏاڏي جي اولاد جي، ماڻٽن جي، ۲۳. ڪان، ۲۴. گريبن لاءِ، غريبن يعني مسڪينن لاءِ (مارن لاءِ)، ۲۵. اي الله، ۲۶. سٺي يا موچاري (ڳالهہ، مت، سمجهہ)، ۲۷. دل ، من.

## ۴

اوبَر[۱] ڪونَہ آيو، مَاڻهُو مَلير[۲]ان،
جِنهِن ڪَر[۳] پُڇان[۴] خَبَرُون[۵]، اُتَئو اُڪير[۶]ان،
جُسو[۷] زَنجِير[۸]ان، قارَڪُ[۹] تِئو فَقِير[۱۰] جو.

## ۵

تَن رَهين[۱۱] وَٽان لَڏ، جَن جي[۱۲] ناهہ مُهاڙ[۱۳] مَلير ڏي،
جو ڏَنُ[۱۴] ڏراڙَنِئُون[۱۵] ڏار[۱۶] چَري، سا ڇانگَ[۱۷] تي پَچي ڇِڏ،
سانگين[۱۸] سين سَيدُ چَئي، اوڏا[۱۹] اَچي اَڏ[۲۰]،
تَہ هاجي[۲۱] سَندي[۲۲] هَڏ[۲۳]، ڪُوڪَ[۲۴] نَہ سُڻين[۲۵] ڪَڍهين.

## ٦

حَمير[۲٦] جي هاجي جِي، مُون نَہ پَرُوڙي[۲۷] مامَ[۲۸]،
عُمَرُ[۳۰] آيو اوچتو، ڪاهي[۲۹] ڪَٽي ڪامَ،
ڇَڏيَمِ[۳۱] حِيلا[۳۲] هِنَ هَندَ جا، هِينئَڙي[۳۳] پَڳي[۳۴] هامَ[۳۵]،
سَرتِيَن[۳٦] جا سَلام[۳۷]، مِيان[۳۸] مَليران آيا.

---

۱. ان وقت، بروقت. ۲. ملير (مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو) کان. ۳. کان. ۴. معلوم ڪريان. وٺان. ۵. سُڌيون. حال احوال. ٦. اڪير مان. سڪ مان. ۷. جسم، بدن، سرير. ۸. زنجيرن مان. نيرن مان. ۹. بيزار، ماندو. ۱۰. مسڪين. غريب (مارئي). ۱۱. ٻوٽي ٻيلن. بيڪار يا نڪمن. ۱۲. نقل مڪاني ڪر. هجرت ڪر. پاسي ٿيءُ. ۱۳. منهن. رُخ. سڪ. ۱۴. (چوپائي مال جو) وار. ڳلو. ۱۵. ڌراڙن يعني ڌنارن کان. ڌٺين کان. مالڪن کان. ۱٦. جدا. الڳ. علحدو. ۱۷. ڌڻ. ٽولو. ۱۸. سانگ وارن. مارن. مالوند ماڻهن. (مارئي جي ماڻٽن). ۱۹. ويجها. نزديڪ. قريب. ۲۰. (پڪا يا جهوپڙا) جوڙ. ناهہ. ۲۱. ظلم. ڏاڍ. ڏاڍائيءَ. ۲۲. جي. ۲۳. اصل. بنهہ. ۲۴. دانهن. آواز. رڙ. ۲۵. ٻڌين. ۲٦. امير. عمر سومري. ۲۷. سهي ڪئي. پرکي. سمجهي. ۲۸. راز. رمز. ڀيدُ. ۲۹. ڪاهہ يا حملو ڪري. ۳۰. لٺ. ڏنڊو. سَٽُونٽو. ۳۱. مون ڇڏيا. ۳۲. وسيلا. اُپاءَ. تجويزون. ۳۳. هنيين. دل. ۳۴. ڇڏي. هاري. ۳۵. دعوي. ذمون. جوابداري. همت. ۳٦. ساهيڙين. جيڏين. ۳۷. جهار. پرنامُ. ۳۸. اي ميان. اي سردار. اي عمر.

Gul Hayat Institute

## ۷

مَارُوءَ[1] جي مَذڪُورَ[2] جِي، سُڌِ[3] نَہ سُومَرِيَنِ[4]،
سَنڪُو[5] نَاهِہ سَرِيرَ[6] ۾، تِي[7] اَلبيلِيُون[8] اُٿِيَنِ[9]،
سَتَرَ[10] جي سِڪَنِ[11]، تَنِ[12] وِيڙهِيچو[13] وِجُودَ[14] ۾.

## ۸

سَارِي[15] حَاجَ[16] هِئَان[17]، ڪَنيَائُون[18] ڪَائِرِ[19] ڏِي،
ڏِلهِي[20] ڪُوهَہ ڏِسِ[21] ڪَنهِين، وِيڙهِيچَا وِئَا،
لاهي لَڏَ[22] لطِيفُ چئي، پَرِيِين[23] تَرِ[24] تِئَا،
جَڏِي ڳُڻَ وِئَا[25]، مَارُوئَڙا[26] مَلِير ۾.

## ۹

ڪَائِرِ ڏانهَن ڪَٽِي وِئَا، ڳَالهِيُون ڳُڻَ جَڏِي،
سَنڪِي[27] سَندِي سُومَرِي[28]، وِئَڙا رَاجَ لَڏِي[29]،
وَجِي وِيِنَا وِيڙهِيِين[30]، اَجِهَائُون[31] اَڏِي[32]،
پِرِي[33] پَاڳِ[34] وَڏِي[35]، مِلان[36] مَارُوئَڙَنِ ڪِي.

Gul Hayat Institute

---

۱. محبوب (مارئي جي مگينديءَ)، ۲. ڳالهہ، ريت، حقيقت، ۳. خبر، ڪل، ۴. سومرين کي، (عمر سومري جي عورتن کي يا راڻين کي)، ۵. ڊپ، ڀؤ، فڪر، ڳڻتي، ٦. جان ۾، دل ۾، ۷. تنهن ڪري، ۸. بي پرواهہ، بي خيال، بنان پرهيز وغيره جي، ۹. هلن چلن گهمن، ڦرن، ۱۰. پرهيز، رڳَ، سَتَ، پاڪدامني، حياءُ، شرم، ۱۱. پرائين، حاصل ڪن، چاڻن، ۱۲. تن کي، ۱۳. ويڙهہ يعني جهنگ ۾ رهنڌڙ، مارو، ۱۴. اندر، دل، ۱۵. سنڀالي، جاچي، اندازو يا ڪٿ ڪري، ۱٦. حاج کي، ضرورت کي، احتياج کي، معاملي کي، ۱۷. هتان، ۱۸. لڏو يعني سامان سڙو ڪٽي وئا، ۱۹. ٿر علائقي جي اتر واري ڀاڱي، ۲۰. ڀري يا بند ڪري (مٿيءَ سان)، ۲۱. ڏس ڏانهن، طرف يا پاسي ڏانهن، ۲۲. گهرو سامان سڙو (لاهي لڏ = منزل انداز ٿي، ديرو دمائي)، ۲۳. ڏوراهين، پراهين، هن طرف يا پاسي واري، ۲۴. ٿر ڏانهن، واريءَ جي ڀٽن يا ڏڙن ڏانهن، ۲۵. نيڪيون، ڀلايون، ۲٦. مارئيءَ جا مائٽ، ۲۷. سنڪي (ڊپ) سبب، ۲۸. جي، ۲۹. رعتيون، قومون، مارن جون آکيون يا خاندان، ۳۰. ويڙهين ۾، جهنگن ۾، ۳۱. ڪکن جا گهر، پونگا، رهڻ جون جايون، ۳۲. ڻاهي، جوڙي، ۳۳. موٽي، خوش ٿي، ۳۴. ڀاڳ سان، قسمت يا نصيب سان، ۳۵. اعلي، اتم، ۳٦. گڏجان.

(١٠)

ڪائُرِ[1] ڏانهَن ڪَٽِي[2] وِئا، رَهِئا[3] ڏِٿان[4] ڏُورِ[5]،
سَبِ لَڏايا[6] سُومَرِي، عُمَرَ[7] ڪَري اُورِ[8]،
وَڏي[9] ڪِنهِن ضُرُورِ[10]، مارُنِ[11] مَلِيرُ مَٽِئو[12].

(١١)

ڪائُرِ ڏانهَن ڪَٽِي وِئا، ٿَرِ[13] ڪِئائُون ٿاڪَ[14]،
سانگِي[15] لَڏايا سُومَرِي، عُمَرَ ڪَري مَذاقَ[16]،
جيڪُسِ[17] پَروَرَ[18] پاڪَ[19]، اَمُرُ[20] اِيءُ اَباڻَنِ[21] سِين.

(١٢)

ڪائُرِ ڏانهَن ڪَٽِي وِئا، لَڏي[22] لاڏُوئان[23]،
وَڃِي ڪِئائُون وِيڙهِيين[24]، ٿَرَنِ ۾ ٿاڻان[25]،
پَڪا[26] سُونهَن[27] پَٽَ[28] ۾، تَنِ پاڳِيَنِ[29] جا پاڻان[30]،
عُمَرَ اَباڻان[31]، ڏِني[32] مُون[33] ڏِينهَن[34] ٿِئا.

(١٣)

ڪائُرِ ڏانهَن ڪَٽِي، وِيڙهِيچا[35] وِئا،

---

١. ٿر علائقي جي اتر واري ڀاڱي، ٢. لڏو يعني گهرو سامان سڙو ڪٽي، ٣. ويئا، ترسئا، ۴. ڏٿ (ٿر = علائقي جي وچ واري واريءَ واري ڀاڱي) ڪان، ۵. پري، ٦. پنهنجي ڳوٺن مان هڪالي ڪڍيا، ٧. عمر، ٨. حملو، ڪاهہ، چڙهائي، ٩. ڏاڍي، سخت، جبري، ١٠. ضرور سبب، مشڪل يا لاچار سبب، ١١. مالوند ماڻهن (مارئيءَ جي مائٽن)، ١٢. بدلايو، ڇڏيو، ١٣. ٿر ۾، واريءَ جي ڀٽن يا ڊڙن ۾، ١۴. آستان، ماڳ، رهڻ جون جايون، ١۵. سانگ وارا، مارو، جيڪي چوپائي مال کي چارڻ لاءِ هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ ڏانهن لڏي ويندا آهن، ١٦. جاڙ، بي واجبي هلت، ١٧. شايد، ١٨. پروردگار، پالڻهار، خدا، ١٩. پاڪ جو، ٢٠. حڪم، قضا، ٢١. مائٽن، ٢٢. ڪٽي، ٢٣. سامان، مال اسباب، ٢۴. ويڙهين ۾، جهنگن ۾، ٢۵. ٿاڪ، ٢٦. ڪکن ڪانن جا ننڍيل گهر، ڀونگا، جهوپڙا، ٢٧. سهڻا لڳن، وڻن، ٢٨. ميدان، ٢٩. مالوند ماڻهن، مارن، ٣٠. وٿاڻ يا واڙا (چوپائي مال جا)، ٣١. اي عمر، ٣٢. ڏسندي، ٣٣. مون کي، ٣۴. گهڻو وقت يا عرصو، ٣۵. ويڙهين ۾ رهندڙ، مارو.

لَنگهي لَڪَ[1] لطيف[2] چئي، پَريبين[3] ٿَرِ[4] ٿِئا،
جيئِذيُون[5] جَاڙَ[6] جِيَان[7]، مُنهُن[8] نه ڏِٺُم[9] مارُوئِين[10].

### ۱۴

ڪائُر[11] ڏانهَن ڪَٽِي[12] وِئا، مُون سين ڪَري مَتِ[13]،
مَارُوئَڙا[14] مَلِيرَ[15] جِي، ڇَڏي وِئَڙا وَتِ[16]،
ڪينهي ڪي مُون وَتِ، ڪِنهِن سَان ڪَرِيَان ڳالهڙِي.

### ۱۵

ڪائُر ڏانهَن ڪَٽِي وِئا، مَتيَائُون[17] مَلِيرُ،
وَجي پَائُرَ[18] وَتِ ۾، ڪِلي[19] پيتَائُون[20] ڪِيرُ،
عُمَرَ[21] اَباڻَن[22] ڪِي، سَارِي[23] تُو سَرِيرُ[24]،
زِبرِيُون[25] لاهِ زَنجِيرَ، ته سَرَتِيُون[26] پَسَان[27] سُومَرا[28].

### ۱٦

ڪَارُوڙَا[29] ڪَٽِي، وِيڙهِي[30] جَهَپَ وِئا،
سِڻ[31] مُنهنجا سَيِّدُ چئي، هَاٽِي هِتِ هُئا،
پَسِي پَدَ[32] اُن جَا، لُڙِي[33] لُڙِڪَ[34] پِئا،

---

۱. پار ڪري، اڪري، اورانگهي. ۲. (واريءَ جون) ڀٽون. ۳. ڀرانهين. ڏورانهين. هُن طرف واري. ۴. ٿر ڏانهن. ريگستاني يا وارياسي علائقي ڏانهن. ۵. اي جيئڏيون. اي ساهيڙيون. اي سرتيون. ٦. اجايو. بي فائدو. ۷. جيئري يا زنده رهان. ۸. روءِ. شڪل. صورت. مُک. ۹. مون ڏٺو! مارن جو. مالوند ماڻهن جو (مارئيءَ جي مائٽن جو). ۱۱. ٿر علائقي جي اتر واري ڀاڱي. ۱۲. گهروسامان سڙو ڪٽي. ۱۳. جدائي. ۱۴. مارو. ۱۵. مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو. ۱٦. ڀر. پاسو. ۱۷. اهي متي وئا. اهي لنگهي وئا يا ڇڏي وئا. ۱۸. پائر جي (ٿر علائقي جي ڏکڻ واري ڀاڱي کي پائر چئبو آهي). ۱۹. خوش ٿي. راضي ٿي. ۲۰. پيتائون کير = انهن کير پيتو يعني خوشيون يا شادمانا ڪيا. ۲۱. اي عمر. ۲۲. مائٽن. ۲۳. ياد ڪري. سنڀالي. ۲۴. ساهه. من. دل. ۲۵. پيرن جون ڪڙيون. جيڪي قيدين کي ڀڄڻ کان روڪڻ لاءِ وجهبيون آهن. ۲٦. نيرَ. سنگهرون. ۲۷. ڏسان. ۲۸. اي سومرا. اي عمر. ۲۹. ڪاروڙ مان (ڪاروڙ ٿر ۾ رڻ ڪڇ جي ڪنڌيءَ سان تعلقي ننگر پارڪر ۾ هڪ ڳوٺ آهي). ۳۰. ويڙهي جهپ ڏانهن (ويڙهي جهپ ٿر ۾ ڏيپلي شهر جي اتر الهندي طرف اٽڪل ٦ - ۷ ميل پري هڪ ڳوٺ آهي). ۳۱. سڄڻ. مائٽ. ۳۲. قدم ڳوڻن وارا ڀٽ يا ڀيٽيون يا هنڌ. ۳۳. ڪري. ڳڙي. ۳۴.ڳوڙها. آنسو.

ڏيهي[1] ڏُورِ[2] وِيا، ڏِيان ڏوراپو[3] ڪَنِ[4] ڪي.

## وائي ①

مُون[5] مَنُ[6] مَارُوءَ[7] جو، مَاروءَ[8] جو مُنهنجو،
مُنهَن[9] مُنهنجو سُومَرا[10]، مَرُ[11] مَيرُوئِي[12] هوءِ[13]،
ڏوتوءِ[14] ڏوراٽن[15] ۾، مَتان مَارُو چوءِ[16]،
لارُون[17] جي لُڙڪَن[18] جُون، ڳِنهي[19] وِجَان توءِ[20].

## وائي ②

آئُون وِسَارِيان[21] ڪيئن، هي ڳُڻَ[22] مَارُن[23] جا،
مِيندا[24] ڏوءِ[25] نہ مَارُئِي، جيڏين[26] جَڙيا[27] جيئن،
جَتا[28] مُور[29] نہ چوڙيان[30]، سَرتيُن سيڙهيا سينءَ،
مُون ڪي مَارُوئڙن[31] ڪي، ڏِني[32] تَئڙا ڏِينهَن[33]،
اُجَاري[34] اچو[35] ڪئو، نِيرُ[36] مُنهنجي نِينهَن[37]،
اَسَان پِريَن[38] پَاڻ ۾، ڳَنڌُ[39] وَسَايا مِينهَن،
پَايو[40] مِيٽُ[41] مَٿي[42] ۾، مِيندا ڌُئاري نہ مِيئن[43]،
اُتي عبدُاللطيف رح چئي، مَرُ ٿا وَسن مِينهَن.

Gul Hayat Institute

---

١. ڏيهہ جا رهاڪو، وطن جا ماڻهو، هم وطني، ٢. پري، ٣. ميار، شڪايت، دانهن، اوپالو، ۴. ڪهڙن ماڻهن، ۵. منهنجو، ٦. قلب، دل، هنيون، ٧. محبوب (مارئيءَ جي مڱيندي)، ٨. ماروءَ جو= ماروءَ جو من، ٩. مُک، روءِ، چهرو، مهانڊو، ١٠. اي سومرا، اي عمر، ١١. پلي، بيشڪ، ١٢. گدلو، ميل لڳل، ١٣. هجي، ١۴. تو ڏوتو، تو (پاڻيءَ سان وهنجي) صاف يا أجرو ڪئو، ١۵. محلاتن ۾، ١٦. چوي، ١٧. ڌارون. لڙهيون، ١٨. ڳوڙهن. آنسن (اکين مان وهندڙ)، ١٩. وٺي، سان ڪري، ٢٠. تنهن هوندي بہ، ٢١. دل تان لاهيان، پلجان، ٢٢. ٿورا، احسان، پلايان، ٢٣. مالوند ماڻهن (مارئيءَ جي مائٽن)، ٢۴. مٿي جا وارَ، ٢۵. ڌوئي، ٢٦. ساهيڙين، سرتين، ٢٧. ويڙهيا، سيڙهيا، وٽيا، ٢٨. مٿي جا وارَ، ٢٩. اصل، بنهہ، ٣٠. اکوليان، سنواريان، (ڦٽي ڏيئي)، ٣١. مارن، ٣٢. ڏسندي، ٣٣. گهڻو وقت يا عرصو، ٣۴. صاف ڪري، مَلي، مهٽي، ٣۵. أجرو، صاف، نرمل، پاڪ، ٣٦. زنجير، ٣٧. نينهن کي، محبت کي، پيار کي، ٣٨. مون، ٣٩. محبوبن (مارئيءَ جي مڱيندي)، ۴٠. وجهئو، ۴١. وهنجڻ جي ڪم ايندڙ، پيلي رنگ جي جابلو مٽي، جيڪا جبل مان چاپوڙن جي صورت ۾ کوٽي ويندي آهي، ۴٢. سر (وارن)، ۴٣. چوڪري، منڌ (مارئي).

بِسمِ اللّٰهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرِ مَارُئِي

## داستان ارڙهون

### ١

پَڪي[١] پيهي[٢] آئِين[٣]، کِهَڙِيءَ حَاجَ[٤] حَمِيرَ[٥]،
تَوْ[٦] ڏِنِي مُون[٧] پِئُو[٨] تِئُو، سَونچو مَنجِهه سَرِيرَ[٩]،
مِيَان[١٠] مَنجِهه مَلِيرَ، اَڱَ نَه ڏِنِين[١١] ڪَڌِهين.

### ٢

اَڱَ نَه آئِين ڪَڌِهين، پَڪِي[١٢] مُون[١٣] پيهي،
عُمَرَ[١٤] ڏِنِي تُنهِنجِي، ڏُکِي[١٥] تِي ڏيهي[١٦]،
نِجَاڻَان[١٧] ڪيهي[١٨]، ڪَندين پَرِ[١٩] پَنُوهَارِ[٢٠] سين.

### ٣

پَڪي پيهي آيو، ٻَهَرَان ڪو ٻِئُو[٢١]،
سو سَيِ تِئُو، حُڪمُ[٢٢] سَاڻُ حَڪِيمَ[٢٣] جي.

Gul Hayat Institute

١. پکي ۾، ڪکن ڪانن مان ٺهيل گهر يعني جهوپڙي ۾، پونگي ۾. ٢. گهڙي، داخل ٿي. ٣. تون، آئين. ٤. حاج سان، ڪم سان، ضرورت سان. ٥. اي حمير، اي امير (عمر). ٦. تو ڏني = تنهنجي ڏسندي، توکي ڏسڻ سان. ٧. مون کي. ٨. خوف، ڊپ، سنڪو، سونچو. ٩. جان، دل. ١٠. اي ميان، اي سردار (عمر). ١١. ڏسڻ ۾ آئين. ١٢. پکي ۾. ١٣. منهنجي. ١٤. اي عمر. ١٥. ڏچي، ڪنبي، ٿڙڪي، لرزي. ١٦. ڏيهہ يعني ڳوٺ يا ٻهراڙيءَ جي رهاڪو عورت، ڳوناٽي (مارئي). ١٧. نٽي ڄاڻان، مون کي ڄاڻ يعني خبر يا سڌ نہ اهي. ١٨. ڪهڙي. ١٩. هلت، روش، برتاءُ. ٢٠. پنوهارن جي عورت، ٻڪريون چاريندڙن يا ڌاريندڙن جي عورت (مارئيءَ). ٢١. غير، ڌاريون، اجنبي. ٢٢. امر. ٢٣. حڪمت واري، داناءُ، خدا.

۴

پَائُرَان[1] پيهِي[2] آيَا، مَلِيرَان[3] مَارُو[4]،
وَرِئَا[5] واهَرُو[6]، هَاڙُو[7] سَڀِ هِيڻَا[8] ٿِئَا.

۵

پَائُرَان پيهِي آيَا، مَارُو مَلِيرَانِ،
ڇُٽَا[9] سُون سُوران[10]، هَائُو سَڀِ هِيڻَا ٿِئَا.

٦

عُمَرَ[11] ٿِئُو اَربجُ[12]، مَنُ[13] مُنهِنجو سُومَرا[14]،
سَارِي[15] سَانبِيَڙَنِ[16] کي، رِڳُنِ[17] ڇَڏِئُو ربجُ[18]،
کِهَڙو کَٽِبُئِي[19] کِيجُ[20]، مُون کي بَندِيَاٽِي[21] کَرِي.

۷

ڇَڏِ سَبَرَايُون[22] سُومَرا[23]، عُمَرَ لَڳِ اللهَ[24]،
ٿِئَمُ[25] نَہ ٿورا ڏِينهَڙا*، مَاڙِيِنِ[26] گهَارِئَمِ[27] مَاهَ[28]،
سِکَ[29] مُنهِنجي سَاهَ[30]، مَارُوءَ[31] جِي مَس[32] لَهِي[33].

---

۱. پائر کان، ٿر جي ڏکڻ واري حصي کي پائر چوندا آهن. ۲. گهڙي، داخل ٿي (عمرکوٽ ۾). ۳. ملير (مارئيءَ جي ڳوٺ) کان. ۴. مالوند ماڻهو (مارئيءَ جا مائٽ). ۵. وارد ٿيا، پهچي ويا. ٦. واهر ڪندڙ، مددگار. ۷. لوڙائو، ڦورو، ڌاڙيوال، ظالم. ۸. ڪمزور، بي طاقت. ۹. آزاد يا آجا ٿيا سون. ۱۰. سورن کان، ڏکن کان، دردن يا تڪليفن کان. ۱۱. اي عمر سومرا. ۱۲. ٻنان ريج، ٻنان پاڻيءَ خشڪ، سڪل (گهڻي روئڻ سبب اکين جو پاڻي بند ٿي ويو). ۱۳. قلب، دل. ۱۴. اي سومرا. ۱۵. ياد ڪري، سنڀالي. ۱٦. سانبين، جوڙيوالن، رفيقن. ۱۷. نسن، نبضن، رت جي نلين، شريانن. ۱۸. آلاڻ، تري، تازگي، خنڪي. ۱۹. تو ڪٽيو، تو حاصل ڪئو. ۲۰. مزو، حظ، خوشي، فائدو. ۲۱. قيدياڻي. ۲۲. ڌاڌايون، ظلم. ۲۳. اي سومرا، اي عمر. ۲۴. واسطي، ڪارڻ. ۲۵. مون کي ٿيا * مون کي هت عمر ڪوٽ جي قيدخاني ۾ ڪو ٿورو وقت ڪونہ ٿيو آهي. ۲٦. ماڙين ۾، محلاتن ۾. ۲۷. مون گهاريا، مون گذاريا. ۲۸. (تمام گهڻا) مهينا. ۲۹. اڪنڊ، حب، پيار. ۳۰. ساهہ کي، دل کي. ۳۱. محبوب (مارئيءَ جي مڱيندي). ۳۲. مشڪل، اصل نہ. ۳۳. ختم ٿئي.

Gul Hayat Institute

## ٨

سَاري[1] عُمرِ[2] سُومَرا[3]، ايئَن[4] نَہ هُونديَاءِ[5]،
ايندءِ[6] مَلڪَ[7] اَللهَ جَا، وَنِي هُت[8] ويندَاءِ،
مَاڙِيُون[9] مُقَامَن[10] مِ، اَڏڻ[11] نَہ ڏيندَاءِ[12]،
ڍَڪيندءِ[13] ڌارِيُون[14] ڪَري، عُمَرَ نَہ چُوندَاءِ[15]،
تِهَان[16] پوءِ پُوندَاءِ[17]، قَدُرَ[18] ڪَانيَارِن[19] جَا.

## ٩

عُمَرَ[20] تو[21] مَاڙِيُون هِي، ڪِين نَبِهَنديُون[22] مُور[23]،
نِيئي ڌَريندءِ[24] ڌُوڙ[25][26] مِ، ڏيهَان[27] ڪَڍي ڌُور[28]،
كُلُ نَفسٍ ذَائِقَةُ المَوت*، اهَائِي پَرُوڙ[29]،
آنديئي[30] جَا اَزورِ[31]، تِنهِن بَنديَاٽيءَ[32] بِدا[33] ڏي.

## ١٠

اَجَا[34] ڪُوتَ[35] پَتَن[36] مِ، تو عُمَرُ اَڏائي،
ڏَمرئو[37] ڏيهَہ[38] ڌَٽي[39]، جَاجَا[40] جِڏائي،

Gul Hayat Institute

---

١. سچي، سموري، ٢. حياتي، زندگي، ٣. اي سومرا، اي عمر، ۴. ان طرح يا نموني، ٥. تنهنجي هوندي يا رهندي يا گذرندي، ٦. تو وٽ ايندا، ٧. ملائڪ، فرشتا، ٨. توکي وٺي ويندا، ٩. محلاتون، ١٠. قبرستانن، ١١. جوڙڻ، ٺاهڻ، تعمير ڪرڻ، ١٢. توکي ڏيندا، ١٣. توکي ڍڪيندا، توکي پوريندا يا دفن ڪندا، ١۴. غير اجنبي، اڻ سڃاتو، ١٥. توکي چوندا، ١٦. تنهن کان، ١٧. توکي پوندا، ١٨. احساس، لحاظ، خيال، ١٩. محتاجن يا بي پهچ عورتن، بي وسيلن، ٢٠. اي عمر، ٢١. توکي، ٢٢. نصيب ٿينديون (پچاڙيءَ تائين)، نيبهه ٿينديون، ٢٣. اصل، بنهه، ٢۴. کڻي وڃي، ٢٥. توکي ڌريندا يا رکندا، توکي دفن ڪندا، ٢٦. مٽيءَ، خاڪ، ٢٧. ڏيهه کان، ملڪ کان، وطن کان، ٢٨. پري *سڀني ساهوارن لاءِ موت جو ذائقو آهي (قرآن شريف جي سورت آل عمران جي ١٨۴ آيت، الانبياءَ جي ٣٥ آيت ۽ عنڪبوت جي ٥٧ آيت)، ٢٩. سمجهه، ٣٠. تو آندي آهي، ٣١. بي زوري، بي طاقت، ضعيف عورت، ٣٢. بنديائيءَ کي، قيدياڻيءَ کي، ٣٣. وداع، رخصت، اجازت، موڪل، ٣۴. سفيد، سٺا، بهترين، ٣٥. قلعا، ڳڙهه، محلاتون، ٣٦. ميدانن، ٣٧. ڪاوڙيو، ناراض ٿئو، ٣٨. ڏيهه جو، ملڪ جو، ٣٩. مالڪ، والي (ڏيهه ڌڻي = خدا)، ۴٠. اڏاوتون، اڏيل نهيل گهر يا جايون.

ڀورو[1] ايئن نہ ڀانئي[2]، تہ لوڪ[3] لاڏائو[4] ساٿ[5]ڙو.

۱۱*

سنڌ[6] ڀڻ سلامي[7] ٿئا، وهيءَ[8] ڀڻ ورئا[9] جي،
آهي تني کي، مهندان[10] ماڳ[11] ملير[12] ۾.

## وائي

ڪٿيءَ منجهہ ڪٿيائين، لوئيءَ[13] ۾ لذائين[14]،
مارو[15] جام[16] ملير جو،
پرچي[17] ڀنوهارن سين، لوئي[18] ڏيج[19] لذائين،
سيل[20] نباهين[21] سومرا[22]، ڀنهنجو ڀيءُ ڀڄيائين[23]،
جهوپو[24] جهانگيڙن جو، ماڙيءَ[25] سين[26] نہ متيائين[27]،
گولن[28] گولاڙن[29] تان، جنپي[30] ساڻ جهتيائين[31]،
سگر[32] ساهيڙين[33] سين، کاٺونبا[34] کاڌائين،
ماروءَ[35] پاس[36] ملير ۾، چسا[37] سي چکيائين،
اتي عبداللطيف چئي، سيل نباهين تون سائين[38].

Gul Hayat Institute

۱. موڳو، بي عقل. ۲. سمجهي، خيال ڪري. ۳. خلق، دنيا يا جهان جا ماڻهو. ۴. لڏيندڙ، مسافر. ۵. ساٿ، قافلو * هيءُ بيت شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جي بيت "سنڌ نہ سلامي ٿئا وهيءَ نہ ورئا جي، ڪونهي تني کي مهندان ماڳ ملير ۾" جي تتبع تي چيل آهي. ٦. سنڌ تي، ڀڪار تي، ڪونڻ تي. ۷. حاضري ڀريندڙ. ۸. وهيءَ ۾، جوانيءَ ۾. ۹. (نيڪيءَ ڏي) موٽئا، ڀڇتاءُ يا توبهہ ڪئائون (گناهن کان). ۱۰. اڳيان (قيامت جي ڏينهن). ۱۱. جاءِ. ۱۲. مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو. ۱۳. لوئيءَ ۾. اُن يعني رڍن جي وارن مان ٺهيل چادر يا اوڍڻيءَ. ۱۴. حاصل ڪيائين، لذائين. ۱۵. محبوب (مارئيءَ جو مڱيندو). ۱٦. سردار (سنڌ جي سمن بادشاهن جو لقب). ۱۷. سرچي، راضي يا خوش ٿي. ۱۸. ڀڪرارن، ڀڪريون ڏاريندڙن يا چاريندڙن. ۱۹. ڏاج، جهيز، ڪنوار کي شاديءَ وقت مليل سامان. ۲۰. ستَ، پاڪدامني، عصمت. ۲۱. قائم رکين (تون). ۲۲. اي سومرا. ۲۳. ڀرين، محبوب. ۲۴. ڪکن ڪانن جو ٺهيل گهر، ڀونگو، پکو. ۲۵. جهنگ جي رهندڙن، ويڙهہ ۾ رهندڙن، ويڙهيچن، مارن. ۲٦. محلات. ۲۷. برابر ڪيائين، پاڙيائين. ۲۸. هڪ قسم جا جهنگلي ميوا، گولاڙا. ۲۹. گولاڙن جي ولين. ۳۰. جهپي، ٽپي، ٻلَ، اڄانگ. ۳۱. هٿ ۾ پڪڙيائين. ۳۲. ڪنديءَ جي وڻن جو ڦر. ۳۳. سرتين، جيڏين. ۳۴. هڪ قسم جو جهنگلي ميوو. ۳۵. ماروءَ جي. ۳٦. پاسي ۾، ڀر ۾. ۳۷. لذتون، سوادَ. ۳۸. اي سائين، اي مالڪ، اي ڌڻي، اي خدا.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر مارُئي

## داستان اوٺيهون

### ١

پانڌي[1] پرينءَ[2] پنوهارَ[3] کي، چَيُمِ[4] تيئَن چَئيج،
سَندا[5] سنگَتِ[6] ڏينهڙا، وَرُ[7] مَ وساريج،
ڪُوٺيَنِ[8] ڪُٺي[9] آهيان، سگهي[10] سارَ[11] لهيج،
مُٺِ[12] مانداڻي[13] مُڃيج، تَہ[14] ٻيرَنِ[15] مَ نئُون[16] ڪَرِيان.

### ٢

پانڌي پرينءَ پنوهارَ جا، ڏِجِ نياپا[17] نِي[18] ڪي،
ساري[19] ڏيج سَرتين[20]، ياد پُونئي[21] جيڪي،
وليُٽُون[22] وَڻَ[23] ڦُلاريا، ڪرڙ[24] پَڪا[25] ڪي ڪي،
سَگُرُ[26] ڪين[27] سَرتيُون، سيَڻن[28] جيئن سيڪي[29]،
زيرين[30] پَچِي[31] جيڪي[32]، مِلان[33] مارُوئڙن[34] کي.

---

١. اي پانڌي، اي پانڌيئڙا، اي واٽهڙو، اي قاصد. ٢. محبوب، پياري. ٣. ٻڪرار، ٻڪريون ڌاريندڙ يا چاريندڙ، ماروءَ (مارئيءَ جي مڱيندي). ۴. مون توکي چيو يا پيغام ڏنو آهي. ۵. جا. ٦. رفاقت، ميلاپ، صحبت. ٧. اي ور، اي ڀتار، اي ڪانڌ، اي مڙس. ٨. قيدخاني جي صفن يا ڪمرن. ٩. قتل ڪئي، ناس يا ڇٽ ڪئي، تباھ يا برباد ڪئي. ١٠. جلد، ترت. ١١. سنڀال، خبر. ١٢. هڪ هٿ ۾ ڪنيل ڪنهن شيءِ جو مقدار، لَپَ، چُرون. ١٣. مانداڻي (هڪ قسم جي جهنگلي اناج) جي. ١۴. موڪلج، اماڻج، رواني ڪج. ١۵. زنجيرن يا سنگهن يعني قيدخاني. ١٦. تازو يا ڪجهہ وقت اڳ وجود ۾ آيل (نئون ڪريان= وٺ ڪريان، ڀهريون ڀيرو کان)١. پيغام سنيها (گنج "نياپو" لکيل آهي). ١٨. ڪي وجي. ١٩. سنڀالي، خيال سان، ڌيان سان، چڱيءَ طرح. ٢٠. سرتين کي، ساهيڙين کي، جيڏين کي. ٢١. توکي پون. ٢٢. زمين تي پکڙبندڙ ٻوٽا. ٢٣. ٻورجي يا ٻوڪجي وئا، گلن جهلڻ يا ٻور جهلڻ واريءَ حالت ۾ آيا. ٢۴. هڪ قسم جا وڻ (جن جي گلن کي ٻسي، ڪچي ڦر کي ڏنئرا ۽ پڪل ڦر کي پڪا چئبو آهي). ٢۵. ڦر جي پچڻ واريءَ حالت ۾ تيا. ٢٦. ڪنڊيءَ جي وڻ جو ڦر. ٢٧. ڪائين. ٢٨. ڪٺڪ جي اني يا معدي مان ٺهيل سنهين ۽ ڊگهين لامن (جيڪي ڪائڻ ۾ استعمال ٿينديون آهن). ٢٩. باھ تي تئي، پچي، تاتوري. ٣٠. زيرين کي، پير ڪڙين کي، پيرن ۾ پيل زنجيرن کي. ٣١. توڙي، ٽڪر ڪري. ٣٢. جيڪر، دل ٿي چاهي. ٣٣. گڏجان. ٣۴. مارن، مالوند ماڻهن (مارئيءَ جي مائٽن).

Gul Hayat Institute

**٣**

پانڌي[١] پرينءَ[٢] پنوهار[٣] کي، چئج[٤] چتائي[٥]،
متو[٦] آن[٧] جي آسري[٨]، مون ڏوتو[٩] نه آهي،
کاٽر[١٠] جن[١١] کانئي[١٢]، هنيون[١٣] هولن[١٤] چڏئو.

**٤**

پانڌي پرينءَ پنوهار کي، چئج حقيقت[١٥] هيءَ،
ڪر[١٦] نه لڌانو[١٧] ڪڏهين، هيس[١٨] ذارين[١٩] ڏيءَ،
امڙ[٢٠] کي تون ايءَ، ڳالهه ستائيج[٢١] ڳجهه ۾.

**٥**

پانڌي پرينءَ پنوهار جا، جان[٢٢] تو وڃين وس[٢٣]،
ساري[٢٤] ڏيج سرتين[٢٥]، سلامن[٢٦] سهس[٢٧]،
آئون اوهان جي آهيان، گولي[٢٨] متي[٢٩] گس[٣٠]،
وني ڪريان وس[٣١]، ايڏي[٣٢] جي اچڻ جا.

Gul Hayat Institute

**٦**

پانڌي پرينءَ پنوهار کي، ساري ڏيج سلام،

١. اي پانڌي، اي پانڌيئڙا، اي واٽهڙو، اي راهگير، اي قاصد، ٢. محبوب، سڄڻ، پياري، ٣. ٻڪرار، ٻڪرين جي مالڪ يا ڌراڙ (مارئيءَ جي مڱيندي)، ۴. (نياپو) سڻائج يا ٻڌائج، ٥. چت سان، دل سان، ڌيان سان، چڱيءَ طرح، ٦. سِرُ، ٧. اوهان، ٨. انتظار، اميد، آس، ٩. (پاڻيءَ سان وهنجي) صاف ڪئو، ١٠. ٽر علائقي جي اتر واري پاڳي (پر هتي مراد ٿيندي ٽر)، ١١. جي (رهواسي)، ١٢. ساڙي، جلائي، ١٣. دل، قلب، من، ١۴. فڪرن، ڳڻتين، پريشانين، مونجهارن، ١٥. ڳالهه، ماجرا، خبر، حال احوال، ١٦. خبر، سڌسماءُ، سار سنڀال، ١٧. اوهان لڌي، اوهان ورتي، ١٨. پرائي، ٻين جي، غيرن جي، ١٩. ڄائي، اولاد، نياڻي، ڇوڪري، عاجزا، ڪنيا، ٢٠. امان، جيجل، ٢١. لِڪ ڇپ، پنهنجي منهن، ٢٢. جيڪڏهين، ٢٣. وس ڏانهن، مينهن جي پاڻيءَ تي اپريل سبزي يا ساوڪ يا آباد ٿيل ٽر واريءَ زمين، ٢۴. سنڀالي، خيال سان، ڌيان سان، چڱي طرح، ڳڻي يا شمار ڪري، ٢٥. سرتين کي، ساهيڙين کي، جيڏين کي، ٢٦. سلامن جا، جُهارن جا، پرنامن جا، ٢٧. سوَ، ٢٨. نوڪرياڻي، ٻانهي، خدمتگار، ٢٩. تي، ٣٠. واٽ، رستي، ٣١. حيلا، ڪوششون، ٣٢. اِن طرف يا پاسي.

سِيلُ[1] نَہ يَڳُو[2] سُومَري[3]، مَتَسِ[4] نَاهِہ مَلامَ[5]،
سَنڌي[6] اُمَتَ[7] جَامَ[8]، رِکَئُو پَنُ[9] پَنُوهَارِ[10] جو.

٧

پَانڌِي پِريِءَ پَنُوهَارَ سين، روئِي[11] کَجِ رِهَاڻِ[12]،
جِيئَن ٿَرِ[13] وِڄُون[14] اُنيُون[15]، آئُون تيئَن سُورَنِ[16] سَاڻُ،
کِجَاهُ[17] کَا وَرَاڻِ[18]، ڏُکَنِ[19] ڏِيلُ ڏَهيُون[20] کِئُو.

٨

پَانڌِي پِريِءَ پَنُوهَارَ کِي، چَئِجِ جُورِ[21] هَٿِي جَانَا[22]،
پَيکَڙَا[23] پيرَنِ ۾، کَرَائِنِ[24] کَانَا[25]،
آن[26] رِءَ[27] اَمَانَا[28]، گهَنگهَرِ[29] گهَارِيَان[30] ڏِينهڙَا.

٩

پَانڌِي پِريِءَ پَنُوهَارَ جو، مُون وَٽِ کو آيو،
اُنَا[31] مِينهَن مَليرَ[32] ۾، تِئُو سَبِ[33] ڏِيهُ سَوائُو[34]،
بَاجَهرَ[35] پَکِي بَاجَهِہ[36] ٿِي، لَٿُو[37] ڏولائُو[38]،
جو[39] سَرتِنِ[40] سَاجَائُو[41]، سو هينئَڙو[42] هِتِ نَہ وِندُري[43].

---

١. ست، ستيا، عصمت، پاڪدامني. ٢. ٽڙيو. ٣. عمر. ۴. ان جي مٿان، ان تي. ۵. ميار، ڏوهہ، ملامت. ٦. جي. ٧. قوم (هتي معنيٰ ٿيندي حضرت محمد صلعم جن جي پيروي ڪندڙ قوم يا خلق). ٨. سردار حضرت محمد صلعم. ٩. پردو، ستر، لڄ، پرم. ١٠. پنوهارن جي عورت، ٻڪرارن يعني ٻڪرين جي مالڪن يا ٻڪرين جي ڌنارن جي عورت (مارئي). ١١. اکين مان لڙڪ يا ڳوڙها وهائي. ١٢. ملاقات، ڪچهري، سهڻي گفتگو. ١٣. ٿر ۾، ريگستان ۾، واريءَ جي پٽن يا دڙن ۾. ١۴. ڪنوڻيون. ١۵. وسيون (مينهن وساياڻون). ١٦. ڏکن، تڪليفن، دردن. ١٧. تون ڪج.١٨. موٽ. ١٩. بدن، سرير، جسم. ٢٠. ذرا ذرا، پرزا پرزا. ٢١. جور سان، زور سان، تاڪيد سان، چڱي طرح. ٢٢. زاريون، آزيون، نيزاريون، انڪساريون. ٢٣. پير ڪڙيون، پيڙيون. ٢۴. ڪراين ۾، ويٺين ۾، ٻانهن ۾. ٢۵. ڪڙا (ڪنگڻ وانگر گول هٿ ڪڙيون). ٢٦. اوهان (تو). ٢٧. ڪان سواءِ. ٢٨. بي مانا، بنان عزت. ٢٩. گهنگهر ۾، پريشانيءَ ۾، فڪر ۾. ٣٠. گذاريان، بسر ڪريان. ٣١. وسئا. ٣٢. مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو. ٣٣. ملڪ (ٿر جو). ٣۴. سني يا چڱي واءَ وارو، خوشحال، آسودو. ٣۵. ٻاجهر (هڪ قسم جي ان) جي پوک يا آبادي. ٣٦. ٻچي راس ٿي، لاباري جي قابل. ٣٧. مهر، مهرباني. ٣٨. ختم ٿئو. ٣٩. ڏک، ڏکار. ۴٠. سرتين جي، ساهيرين جي، جيڏين جي. ۴١. ساڃاءِ وارو، سڃاڻ وارو، واقفيت وارو، ملاقات وارو. ۴٢. هنيون، قلب، دل. ۴٣. راضي ٿئي = پرچي.

## ١٠

دَرَ دَروازا دَرِبُون، هَاٿي هِتي هُوءِ[١]،
ڪوڙِين[٢] مَندِرَا[٣] ڪيتِرا، تَنبُو[٤] مَتَان تو[٥]،
جي مُلِ[٦] نَہ آئِيَا مَارُئِي[٧]، تَنئِي[٨] رَڙُ[٩] مَ رو[١٠]،
ڪُوڪَٽُ[١١] آهي ڪو، پُسِيءَ[١٢] پَنوهَارَنِ[١٣] ۾.

## ١١

مَ ڪِي رو مَ رَڙُ ڪِي، مَ ڪِي هَنجُون[١٤] هَارِ[١٥]،
تو[١٦] تان بَندُ[١٧] بِدا[١٨] ٿئو، بيڙِيُون[١٩] نيئِي[٢٠] بَارِ[٢١]،
پَهچَندِيءَ[٢٢] پَنوهَارِ[٢٣]، سِگهِي[٢٤] سَنگهَارَنِ[٢٥] ڪِي.

## ١٢

مَ ڪِي رو مَ رَڙُ ڪِي، هَنجُون هَڏِ[٢٦] مَ هَارِ،
جِهڙا اَچَنِ ڏِينهڙا، تِهڙا وِينِي گهَارِ[٢٧]،
ڏُکَنِ[٢٨] پُٺيءَ[٢٩] سُکڙا[٣٠]، سِگها تِين سَنگهَارِ[٣١]،
لَٽَا لوهَہ[٣٢] لَطِيفُ چئي، پَروڙِجِ[٣٣] پَنوهَارِ،
بيڙِيُون نيئِي بَارِ، تو تَان بَندُ بِدا ٿئو.

Gul Hayat Institute

---

١. تون هج، تون رهہ. ٢. ڪروڙن جي انداز ۾، بيشمار. ٣. اڏيان، جوڙيان، ٺاهيان، تعمير ڪريان. ۴. خيمان (محلاتون). ۵. تنهنجي، ٦. اصل، بنهہ، مور. ٧. اي مارئي، ٨. تن لاءِ، ٩. دانهون ڪر، راڙو ڪر. ١٠. روءِ، اکين مان ڳوڙها وهاءِ. ١١. هل هنگامون، فساد، ويڌن، آزارُ. ١٢. پُسيءَ (ڪرڙ جي وڻن جي گلن) تي گذران ڪندڙ، پُسي ڪائيندڙ. ١٣. ٻڪرارن، ٻڪرين جي مالڪن يا ڌراڙن. ١۴. ڳوڙها، لڙڪ. ١۵. وهاءِ. ١٦. تو تان = تنهنجي مٿان. ١٧. قيد. ١٨. معاف. ١٩. پير ڪڙيون، پيرن ۾ پيل زنجير. ٢٠. ڪٽي وڃي. ٢١. ساڙ، باهہ ۾ وجهہ، جلاءِ. ٢٢. رسندينءَ، ملندينءَ. ٢٣. اي پنوهارن جي عورت (مارئي). ٢۴. جلد، ترت. ٢۵. مالوند ماڻهن، مارن. ٢٦. اصل، مور، بنهہ. ٢٧. گذار، بسر ڪر، ڪَٽ. ٢٨. ڏکن جي، تڪيلفن جي. ٢٩. پنيان، بعد. ٣٠. آسائشون، فرحتون. ٣١. اي سنگهارن جي عورت (مارئي). ٣٢. لوهہ جا زنجير، بيڙيون. ٣٣. سمجهج، جاڃج.

## ١٣

مَ ڪِي رُو[١] مَ رَڙُ[٢] ڪِي، مَ ڪِي ڪَرِ ڪِيهُون[٣]،
اِنِي[٤] اَڇَنِ اَڱهَين، وانڍِنِ[٥] جُون وِيهُون[٦]،
مِيڙِيندوءِ[٧] مِيُون[٨]، مِينهَين[٩] اُنِي[١٠] مارُئِي[١١].

## ١٤

مَ ڪِي رو مَ رَڙُ ڪِي، مَ ڪِي ڪَرِ دانهُون،
سُنِي[١٢] لوڪ[١٣] سَيِدُ چئي، بِيئِي ڪَڻُ ٻانهُون*،
لَڌيُئِي[١٤] جِتِ لائُون[١٥]، سو ڏيهُ[١٦] ٻَسَنديِنءَ[١٧] مارُئِي[١٨].

### وائي

ويڙهيچَنِ[١٩] ڪي تِي واجَهايان[٢٠]، ٻَلا[٢١] جام[٢٢]،
مان نَه[٢٣] ڪو، ميڙائي[٢٤] جو مينهن وَسي،
عُمَرَ[٢٥] اُنهيءَ ڏيهه جو، ٻانڌي[٢٦] روز[٢٧] ٻُچايان،
مَتِي[٢٨] ڏِنيمِ[٢٩] مارُئين[٣٠]، سا لوئي[٣١] ڪيئن لَجايان[٣٢]،
ميندي[٣٣] ماروءَ[٣٤] جامَ جي، لالَ[٣٥] هَٿَن ڪي لايان،
وَڃِي عُمَرَ ڪوٽَ ۾، ڳُڻَ[٣٦] مارُن جا ڳايان[٣٧].

---

١. روءِ، اکين مان ڳوڙها يا لڙڪ وهاءِ. ٢. روڄ راڙو ڪر، واويلا ڪر. ٣. دانهون، رڙيون. ٤. يعني عمرڪوٽ جي بنديخاني ۾. ٥. پهلوان يا دلير عورتن، لاوارث عورتن. ٦. ويهن ويهن جا ٽولا، تمام گهڻي انداز ۾. ٧. توکي ميڙيندو يا ملائيندو (مائٽن سان). ٨. مالڪ، خدا. ٩. مينهن جي. ١٠. وسندي، وسڻ وقت. ١١. اي مارئي. ١٢. سمهڻ وقت. ١٣. لوڪ جي، مائٽن جي *ٻئي ٻانهون يعني هٿ مٿي کڻي خدا تعاليٰ کان دعا گهر. ١٤. تو لڌيون، تو حاصل ڪيون. ١٥. شاديءَ جي وقت گهوٽ ۽ ڪنوار جا مٿا پاڻ ۾ ست ڀيرا ٽڪرائڻ جو عمل (لڌيئي جت لائون = جتي تنهنجي شادي ٿي). ١٦. ملڪ، وطن. ١٧. ڏسندينءَ. ١٨. اي مارئي. ١٩. ويڙهه يعني جهنگ جي رهاڪن، جهانگين، مارن (مارئي جي مائٽن). ٢٠. سڪان، اُسرڪان. ٢١. اي ڀلا، اي ڀلارا، اي چڱا، اي نيڪ. ٢٢. سردار. ٢٣. مان نہ = شل، من، خدا، ايئن ڪري. ٢٤. وصال. ٢٥. اي عمر. ٢٦. قاصد، واڻهڙو. ٢٧. روزانو، ڏهاڙي، هر ڏينهن تي. ٢٨. مٿي تي، سر تي. ٢٩. مون کي ڏني. ٣٠. مارن. ٣١. ڪتي، اُن يعني رڍن جي وارن مان نهيل چادر يا اوڍڻي. ٣٢. بي ماني يا بي آبرو ڪريان. ٣٣. هڪ قسم جي ٻوٽي جي سڪل پنن جو اٽو يا چورو جيڪو هٿن پيرن کي ڳاڙهي ڪرڻ لاءِ پسائي هڻبو آهي، حنا. ٣٤. محبوب (مارئيءَ جي مڱيندي). ٣٥. ڳاڙهي (ميندي). ٣٦. احسان، ڀلايون، ٿورا. ٣٧. اوساريان، ورد ڪيان، بيان ڪيان.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر مارُئي

## داستان ويهون

### ١

هي[1] پُنگا[2] هي پيٽيُون[3]، هي مارُنِ[4] جا مَڪانَ،
چيلا[5] هُئا چُڙَندا[6]، تَرهي[7] ڪَندا تاڻَ[8]،
سي هَنڌَ پَسي[9] سُومَرا[10]، ڪاري[11] لَڳَمِ[12] ڪانَ[13]،
مارُو هُئا مهمانَ[14]، اُني[15] وِئا اُڪري[16].

### ٢

هي پُنگا هي پيٽيُون، هي مارُنِ جا مَڪانَ،
ڪي[17] ڏينهن هِتي جيڏيِن[18]، ڪَٽا گهيتَنِ[19] سان گُذرانَ[20]،
سي هَنڌَ پَسي سُومَرا، هينئڙو[21] ٿئو حيرانُ[22]،
مارُو هُئا مِزمان[23]، اُني وِئڙا اُڪري.

### ٣

هي پُنگا هي پيٽيُون، اَباڻَنِ[24] اُتَر[25] جَهلَ[26]،

---

١. اِهي، ٢. ڪکن ڪانن جا نهيل گهر، جهوپڙا، پکا، ٣. جايون، هنڌ، ماڳ، مڪان، ٤. مالوند ماڻهن (مارئيءَ جي مائٽن)، ٥. ٻاڪري مال جا ڦر، ٦. (واڙن يا وٿاڻن مان)، نڪرندا، ٧. ترهي ڏانهن، ترائيءَ ڏانهن، پاٽيءَ پيئڻ واريءَ جاءِ ڏانهن، ڪوهہ ڏانهن، ٨. ڇڪ، ڪاهہ، دوڙ، ٩. ڏسي، ١٠. اي سومرا، اي عمر، ١١. اڻ ڪس، سخت، مضبوط، ١٢. مون کي لڳا، ١٣. تير يا ڀالا (ڏکن جا)، ١٤. مسافر، پرديسي، ١٥. اني ڏانهن، مينهن وسڻ واري هنڌ ڏانهن، ١٦. نڪري، اسهي، روانا ٿي، لنگهي، ١٧. ڪجهہ، ١٨. جيڏين، ساهيڙين، سرتين، ١٩. رڍن جي ڦرن، ٢٠. ڪٽا گذران = حياتي گذاري يا بسر ڪي، ٢١. هنيون، قلب، دل، ٢٢. پريشان، ملول، اداسي، ٢٣. مهمان، ٢٤. اباڻن جي، مائٽن جي، ٢٥. اُتر جي، اتر طرف جي هوا يعني سرديءَ جي، ٢٦. آڏ، روڪ (لاءِ نهيل گهر).

ڪِي[1] ذِينهَن هِتي جيڏِيين[2]، هُئِي چِيلَن[3] سَانُ چَلَ[4]،
سي هَنذَ[5] پَسِئو[6] سُومَرا[7]، اَچي آبُ[8] اُچَلَ[9]،
مَارُو[10] هُئَا اَمُلَ[11]، اُني[12] وِئَڙا اُڪَرِي[13].

۴

هِي[14] پُنگا[15] هي پيٽيُون، هي پَڪا[16] سَندَن پَاڪَ[17]،
ڪي ذِينهَن هِتِ جيڏِيين[18]، تي مَلِيرِ[19] چُوندِي[20] مَاڪَ[21]،
سي هَنذَ پَسِي سُومَرا، فَنَا[22] ڪِيَس فِراقَ[23]،
مَارُو هُئَا مُشتَاقَ[24]، اُني وِئَا اُڪَرِي.

۵

هي پُنگا هي پيٽيُون، هي پَڪا هي پَٽَ[25]،
ڪي ذِينهَن هِتِ جيڏِيين، تي مُوڪَ[26] ولوڙَيا مَٽَ[27]،
سي هَنذَ پَسي سُومَرا، گهَاوَ[28] لَڳا مُون[29] گهَٽَ[30]،
مَارُو هُئَا مِٽَ[31]، اُني وِئَڙا اُڪَرِيَ.

Gul Hayat Institute

۶

هي پُنگا هي پيٽيُون، هي چُلهَا[32] هي چِٽَ[33]،

۱. ڪجهه، ۲. جيڏين جي، ساهيڙين يا سرتين جي، ۳. ٻڪرين جي ڌڻن، ۴. فوج، ڪٽڪ. ۵. جايون، ماڳ، ٻيٺيون، ۶. ڏسئو، ۷. اي سومرا، ۸. پاڻي (اکين مان) ڳوڙها، ۹. اُڇل سان، زور سان، گهڻو، ۱۰. مالوند ماڻهو (مارئيءَ جا مائٽ)، ۱۱. املهه، بي بها، ۱۲. اتي ڏانهن، مينهن وسڻ واري هنڌ ڏانهن، ۱۳. نڪري، اسهي، روانا ٿي، لنگهي، ۱۴. هِي، ۱۵. ککن کانن جا ٺهيل گهر، جهوپڙا، پکا، ۱۶. انهنجا، ۱۷. ميل مٽيءَ کان صافُ، ۱۸. جيڏين، سرتين، ۱۹. ملير ۾، ۲۰. ميڙي يا گڏ ڪئي، (وڻن مان) پٽي، ۲۱. مک، کيڙن ۽ چارين جي وڻن جو ڪچڙو ڦر، ۲۲. ناس، چٽ، برباد، تباهه، ۲۳. وڇوڙي يا جدائيءَ (مارن جي)، ۲۴. سڪايل، ۲۵. ميدان، ۲۶. جال، گهڻا، بي حد، آزاديءَ سان، ۲۷. ولوڙيا مٽ = کير کي ڄمائي ڏونئرو ڪري ان کي نڪر جي مٽ يعني ماٽيءَ ۾ وجهي مانڌاڻيءَ يعني منڌيءَ ڦيرائڻ جي ذريعي ڏڌ تيار ڪئو، ۲۸. زخم، ۲۹. مون کي، ۳۰. گهٽ ۾، اندر ۾، دل ۾، ۳۱. مائٽ، عزيز، ۳۲. ٻاهين ٻارڻ جون جايون = چلهيون، آڳيٺيون، ۳۳. نشان.

كِي ڏِينهَن[1] هِتي جيڏِيين[2]، تي سَنهَا[3] ڪَتَا[4] سُٽَ[5]،
سي هَندَ[6] پَسِي[7] سُومَرا[8]، لُڙِڪَ[9] وَهَايَمِ[10] لُٽَ[11]،
هُئَا وَڏِي[12] وَسِتَ[13]، اُنِي وِئَڙا اُڪِرِي.

٧

هي پُنگا هي پِيٽِيُون، هي گامُوبَنِ[14] گَسَ[15]،
مَارُوئَڙا[16] مَلِيرَ مِ، وَڏِي هُئَاوَسَ[17]،
سي هَندَ پَسِئو سُومَرا، لُڙِڪَ وَهَيَان لَسَ،
ڏوتِي[18] مَتِي[19] ڏَسَ[20]، اُنِي وِئَا اُڪِرِي،

٨

هي پُنگا هي پِيٽِيُون، نَہ چَانگُون[21] نَہ چِيلا[22]،
بَخْتِين[23] تِين پِٽَنِ[24] مِ، مَارُئِي[25] تو[26] مِيلا[27]،
سَهِڙِئَا[28] سَويلا، اُنِي وِئَڙا اُڪِرِي.

٩

هي هَندَ هي پِيٽِيُون، هي پَنوهَارَنِ[29] پَچَارَ[30]،
چُوهَا[31] چَندَنَ[32] چِڪَ[33] ڪِئو، واسِئو[34] وِڙهئَائُون[35] وارَ،

---

١. ڪجهہ. ٢. جيڏين، ساهيڙين، سرتين. ٣. باريڪ، سهڻا، عمدا. ۴. ڪتيا، وٽيا، تيار ڪيا. ٥. اُن يعني رڍن جي وارن يا ڏاس يعني ٻڪرين جي وارن جا ڏاڳا يا تندون. ٦. جايون، پيٽيون. ٧. ڏسي . ٨. اي سومرا. ٩. ڳوڙها، آنسو. ١٠. مون وهايا يا ڳاڙيا. (اکين مان). ١١. بي انداز. ١٢. عظيم، مها. ١٣. وس، وَسُئن، وسندي، جيوت، ماڻهن جي موجودگي، آبادي، خوشيءَ جو باعث. ١۴. گاموين جا، گام يعني ڳوٺ وارن جا، ڳوناين جا، هم وطنين جا. ١٥. رستا، پيچرا، (پيرن جا) نشان. ١٦. مارو، مالوند ماڻهو (مارئيءَ جا مائٽ). ١٧. بي انداز. ١٨. ڏٺ (جهنگ جي گاهن يا وڻن مان پيدا ٿيندڙ اناجن يا ميون) تي گذر ڪندڙ. ١٩. تي. ٢٠. خبر، اطلاع (مينهن پوڻ جي). ٢١. (چوپائي مال جا) وار، ڌڻ. ٢٢. ٻاڪري مال جا ڦر. ٢٣. بخت سان، قسمت سان، ڀاڳ سان. ٢۴. واريءَ جي دڙن، ٽرن. ٢٥. اي مارئي. ٢٦. تنهنجا. ٢٧. ميلاپ، گڏجاڻيون (مارن سان). ٢٨. (گهرن ۾) اچي گڏ ٿئا يا وارد ٿئا. ٢٩. پنوهارن جي، ٻڪرارن جي، ٻڪرين جي مالڪن يا ڌنارن جي. ٣٠. ڳالهہ، مذڪور. ٣١. چوٽا، سرها تيل. ٣٢. چندن جا، صندل جا. ٣٣. (گهڻي انداز ۾) مکئو. ٣۴. سرهاڻ مکي. ٣٥. سنوارئائون، ڳتائون.

سانبيڙا[1] سنگهار[2]، اُني[3] وِئا اُڪِري[4].

## ۱۰

هي[5] هَنڌَ[6] هي پيٽيون، هي پَنوهارَن[7] پُورَ[8]،
چاريا تي چوڙبريين[9]، وَرَنِ[10] ۾ وَهلُور[11]،
سي هَنڌَ پَسي[12] سُومَرا[13]، سامُهان[14] ٿئَڙمِ[15] سُور[16]،
مارُو ڪِنهن ضَرورَ[17]، اُني وِئڙا اُڪري.

## وائي

مُنهنجو مَنُ[18] مَلير[19]، ڪوٺَنِ[20] ۾ ڪيئَن گهارئان[21]،
پيان شالَ[22] پيُون[23] پَري، پائُر[24] جو پَنير[25]،
سَرتيُون پَسان سُومَرا، جيئَري[26] لاهه زَنجيرُ[27]،
اَدا[28] تُون مُنهنجو آهيين، اِذنُ[29] ڏي اَمير[30]،
مُون[31] جيڏيُون مَلير[32] ۾، ڪِلئو پيَنِ ڪير*،
اُنِ ڪي عبداللطيف چئي، ساري[33] تو سَرير[34].

Gul Hayat Institute

۱. سانبي، جوڙيوال، رفيق، سـاٿي، ۲. مالوند ماڻهو، مارو (مارئيءَ جا مائٽ)، ۳. اني ڏانهن، مينهن وسڻ واري هنڌ ڏانهن. ۴. نڪري، لنگهي، اُسهي، روانا ٿي، ۵. هِي، ٦.جايون، ماڳ، پيٽيون، ۷. پنوهارن جا، ٻڪرارن جا، ٻڪرين جي مالڪن يا ڌنارن جا. ۸. مٽيءَ جا ڍگ يا ڍير، ڪندرات، ۹. خوبصورت زالن. سهاڳڻن. ۱۰. وٽن، ويڙهين. ۱۱. بي قرار، حيران، پريشان، ۱۲. ڏسي، ۱۳. اي سومرا، اي عمر، ۱۴. آڏا، ۱۵. مونکي ٿئا، ۱٦. ڏک، درد، غم، ۱۷. ضرور ڪان، لاچار ڪان، تڪليف ڪان، ۱۸. قلب (محبوب)، ۱۹. ملير ۾، ۲۰. قلعن (جي قيدخانن)، ۲۱. گذاريان، رهان، ۲۲. شل، خدا ايئن ڪري، ۲۳. وٺيون، پيئاليون، ۲۴. ٿر (ٿر جي ڏاکڻي حصي کي پائر چئبو آهي)، ۲۵. سنڪل ڏڌ جنهن کي پاٽيءَ ۾ ملائي باهه تي ڪاڙهڻ کان پوءِ کائبو آهي. ۲٦. منهنجي زندگيءَ يا حياتيءَ ۾، ۲۷. نير، ۲۸. ڀاءُ، ۲۹. اجازت، موڪل، ۳۰. اي امير، اي عمر، ۳۱. منهنجي، ۳۲. هر عمر *خوشيون ڀيون ڪن، ۳۳. ياد ڪري، سنڀالي، ۳۴. ساهه، جان.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر مَارُئِي

## داستان ايڪِيھُون

١

زُمَرِ[١] زُخرُفِ[٢] سُومَرا[٣]، حَمدُ[٤] جَني جو هَنڌُ[٥]،
اهدِنَا الصِراطَ المُستَقِيمَ*، ايءُ پَنوهَارَنِ[٦] پَنڌُ[٧]،
بَارِي[٨] لاهِين[٩] بَندُ[١٠]، تَہ مَلان[١١] مَارُوئَڙَنِ[١٢] ڪي.

٢

زُمَرِ زُخرُفِ سُومَرا، حَمدُ[١٣] جَني جو هِيءُ،
ڪُلُ نَفسٍ ذائِقَةُ المَوت●، ايءُ پِيالو[١٤] پِيءُ،
جِتِ وِراهِبو[١٥] وِيءُ، تِت[١٦] ڪَاٽِيَارِي[١٧] ڪَا مَ تِئي.

٣

زُمَرِ زُخرُفِ سُومَرا، قُلِ[١٨] جَني جو قُوتُ[١٩]،
فَاذڪُرُونِي اَذڪُرڪُم#، ايءُ سَاٽِيهہ[٢٠] ۾ تَابُوتُ[٢١]،
لَنگھيئو[٢٢] جَنِ لاهُوتُ[٢٣]، تَنِ پَڪا[٢٤] پَائُر[٢٥] اَڌَئا[٢٦].

---

١. قرآن شريف جي هڪ سورت جو نالو. ٢. قرآن شريف جي هڪ سورت جو نالو. ٣. اي سومرا، اي عمر. ۴. قرآن شريف جي هڪ سورت جو نالو جنهن کي سورت "فاتحه" بہ چئبو آهي. ٥. ماڳ، مڪان. * اسان کي سڌي راھ جي هدايت ڪر (قرآن شريف جي سورت فاتحه جي آيت ٥). ٦. پنوهارن جو. ٻڪرارن، ٻڪرين جي مالڪن يا ڌنارن جو. مارن جو. ٧. راھ. رستو. واٽ. منزل. ٨. اي باري، اي خالق. اي خدا. ٩. تون لاھ. تون ختم ڪر. ١٠. قيد. ١١. گڏجان. ١٢. مارن. ١٣. تعريف. ساراھ. واکاڻ ● هر جان (ساهواري) کي موت جو ذائقو چکڻو آهي (قرآن شريف جي سورت آل عمران جي آيت ١٨۴. سورت انبياء جي آيت ٣٥ ۽ سورت عنڪبوت جي آيت ٥٧). ١۴. جام، ساغر. ڪاسو. وٽو. ١٥. تقسيم ٿيندو، ورڇيو يا ونڊيو ويندو. ١٦. مال چارڻ جو ميدان. چراگاھ. بهشت. جنت. ١٧. شرمسار. گنهگار. عيبدار. مياردار. ١٨. قرآن شريف جي سورت اخلاص جي پهرين آيت "قُل هُوَ اللهُ اَحَدٌ" جو مخفف. سورت اخلاص جو ٻيو نالو. ١٩. خوراڪ. کاڌو. غذا # ٻوء اوهين مون کي ياد ڪريو تہ آئون اوهانکي ياد ڪريان (قرآن شريف جي سورت بقر جي آيت ١٥٢). ٢٠. ڏيهہ. وطن. ملڪ. ٢١. ثابت. قائم. برقرار. مضبوط. ٢٢. پار ڪئو. ڏٺو. ٢٣. عالم ذات الاهي جنهن ۾ سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿيندو آهي. ٢۴. جهوپڙا. گهر. ٢٥. ٿر (ٿر جي ڏکڻ واري ڀاڱي کي پائر چئبو آهي). ٢٦. جوڙيا. ناهيا.

### ۴

زُمَـــرِ زُخـــرُفِ سُـــومَـــرا، سَـــبَـحَ[1] مُـنـهِـنـجَـا سَـيـڻَ[2]،

وَرُ[3] ڏُٿُ[4] ڏاڏاڻـي[5] ڏيـهَـہ[6] جـو، ڪُـوءِ[7] عُـمَـرَ جَـا ڪَـيـڻَ[8]،

وَرُ ويـڙهِـيـچَـاڻَـا[9] ويـڻَ[10]، ڪـوءِ سـون[11] تُـنـهِـنـجـو سُـومَـرا،

### ۵

زُمَـــرِ زُخـــرُفِ سُـــومَـــرا، سَـبَـحَ مُـنـهِـنـجَـا سَـيـڻَ،

بَـــرَ[12] جـي بَـدَوِيـنِ[13] لَـيءِ[14]، نِـتُ[15] تَـمَـايَـمِ[16] نَـيـڻَ[17]،

تَـمَـرَ[18] بُـرَ[19] بَـرِيَـانَ[20] اُنِ جَـا، ڪَـاجَ خُـرمَـا ڪَـيـڻَ،

وِرهِـہ[21] ٽِـئـڙَمِ[22] ويـڻَ[23]، اَعـرابِـنِ[24] جـي اِحـسَـانَ[25] جَـا.

### ٦

زُمَـــرِ زُخـــرُفِ سُـــومَـــرا، سَـبَـحَ سَـيـڻَ رَهـئَـامِ[26]،

بَـرَ جـي بَـدَوِيَـنِ لَـيءِ، ڳِـوڙهَـا[27] نِـتُ ڳَـاڙِئَـامِ[28]،

ويـڙهِـيـچَـا وِجُـودَ[29] مَـان، ڪِـنـهِـن ويـلَ[30] نَـہ وِسَـرِئَـامِ[31]،

سُـخَـنَ جـي سَـندانِ[32]، سَـبِـئـي ويـنِـي سَـارِئَـان[33].

۱. قرآن شريف جي سورت "الحديد" "الحشر" ۽ "الصف" جي پهرين آيت جو پهريون اکر جنهن جي معنيٰ آهي پاڪائي بيان ڪن ٿا يا تسبيح ڪن ٿا يا ساراهہ ڪن ٿا (خدا جي). ۲. مائٽ، عزيز، مارو. ۳. ڀلو، بهتر. ۴. جهنگ جي گاهن ۽ وڻن مان پيدا ٿيندڙ اناج ۽ ڦل. ۵. ابي ڏاڏي جي اولاد جي، مائٽن جي. ٦. وطن، ملڪ. ۷. ڀن، ڪڏ ۾، کوهہ ۾. ۸. ڪاڏا. طعام. ڪاج. ۹. ويڙهيچن جا. ويڙهہ ۾ رهندڙن يا جهنگ ۾ رهندڙن جا، جهانگين يا مارن جا. ۱۲. مهڻا، طعنا، بدڪلام. ۱۱. هڪ قسم جي قيمتي ڌاتو ۽ ان مان ٺهيل زيور. ۱۲. رڻ پٽ، بيابان، ٿر. ۱۳. عربستان جي ڳوٺائن، صحرا نشين (برجي بدوين = ٿر جي رهاڪن). ۱۴. لاءِ، واسطي. ۱۵. هروقت. ۱٦. مون ٺمايا، مون وسايا. ۱۷. اکيون (ٺمايم نيڻ = مون رنو). ۱۸. سڪل کجور، خرما، ڪارڪون. ۱۹. ڪڻڪ، گندم. ۲۰. ڀڳل يا باهہ تي سيڪيل يا پڪل گوشت. ۲۱. ورونهن، وندر. ۲۲. مون کي ٿيا. ۲۳. گفتا، قول، سخن. ۲۴. بدوين، مال جي سانگي تي گذر ڪندڙن، مارن. ۲۵. ڀلائيءَ. ۲٦. (منهن جي دل ۾) رهيا. ۲۷. لڙڪ، آنسو. ۲۸. مون ڳاڙيا، مون وهايا. ۲۹. دل، من. ۳۰. وقت، مهل. ۳۱. مون کان وسريا، مون کان ڀلجي ويا، مون کي ياد نہ پيا. ۳۲. انهن جا. ۳۳. ياد ڪريان.

Gul Hayat Institute

**۷**

زُمَرِ زُخرُفِ سُومَرا، سَبَحَ سِيڻَ سَندامِ،
بَندَ مِ بَدوِيَنِ لَيءِ، گُوڙهَا نِتُ گَاڙِئَامِ،
عُمَرَ[۱] اَبَاڻَنِ[۲] کي، ڏِنَي[۳] ڏِينهَن[۴] تِئَامِ[۵]،
ويڙهيچَا وِجُودَ مَان، ڪِنهِن وِيلَ نَہ وِسَرِئَامِ،
پَانڌِي[٦] روزُ[۷] پُڇِئَامِ[۸]، اُيِي[۹] اَبَاڻَنِ جَا.

**۸**

زُمَرِ زُخرُفِ سُومَرا، سَبَحَ سِيڻَ رَهَنِ[۱۰]،
بَرَ[۱۱] جي بَدوِيَنِ لَيءِ، اکيُون رَتُ[۱۲] رُئَنِ،
اونِي[۱۳] اَبَاڻَنِ جَا، اَللهَ[۱۴] کي اَچَنِ،
مُون کي خَبَرَ[۱۵] خَيرَ[۱٦] جي، سَندي[۱۷] ڏيهَ[۱۸] ڏِيَنِ،
آرو[۱۹] اَکَڙِيُنِ[۲۰]، آهي عَرَبَ[۲۱] پَارَ[۲۲] جو.

**۹**

زُمَرِ زُخرُفِ سُومَرا، سَبَحَ سِيڻَ سَدا[۲۳]،
اونِي اَبَاڻَنِ جَا، اَللهَ کي اِيندا،

۱. اي عمر، ۲. مائٽن کي، ۳. ڏسندي، ۴. گھڻو وقت، ۵. مون کي ٿئو، ٦. پانڌيئڙا، واٽھڙو، قاصد، ۷. هر روز، ڏهاڙي، ۸. مون پڇيئا، ۹. ٻيني، پٽي، ۱۰. منهنجي دل يا اندر ۾ وسن، ياد پون، ۱۱. رڻ پٽ، صحرا، ٿر، ۱۲. رت رئن = رت جا ڳوڙها يعني رت گاڏئون لڙڪ وهائين، تمام گھڻو رئن، ۱۳. اُٺ تي سوار قاصدَ، ۱۴. اي الله، ۱۵. سُڌ، حال احوال، ۱٦. سک سلامتيءَ، ۱۷. جي، ۱۸. وطن، ملڪ، ساٿيهہ، ۱۹. حب، سڪ، لاڙو، ۲۰. اکڙين کي، اکين کي، ۲۱. عرب جي، عربستان (ملڪ) جي، ۲۲. طرف، پاسي، ۲۳. سدائين، هميشہ.

Gul Hayat Institute

مُون کي خَبَرَ[1] خَيرَ[2] جِي، سَنَدِي[3] ڏيهَ[4] ڏيندا،
چُڪِيءَ[5] کي چُونِدا[6]، سَرَهائِيُون[7] سَاٿيهَ جُون.

## ١٠

زُمَرِ[8] زُخرُفِ[9] سُومَرا[10]، سَبَا[11] سِيڻَ[12] وِيَا،
وِنجُهلَ وِبژِهيچَنِ[13] جِي[14]، مُون کي مَارِئُو[15] مَاءُ[16]،
مَرِيَمَ[17] طٰهٰ[18] اَنبِيَاءِ[19]، واسِي[20] وَسَ[21] وِيَا،
مَارُوءَ[22] جي مِلَڻَ[23] جو، واحِدَ[24] وارِئُو[25] واءُ[26]،
لَهِي[27] لُوهَ[28] وِيَا، وَرِئو[29] وَرَقُ[30] وِصَالَ[31] جو.

## ١١

زُمَرِ زُخرُفِ سُومَرا، عَيشُ[32] اَعرابِيَنِ[33]،
انا فتحنا الذين*، تا قُلُوبَان[34] کَهَنِ[35]،
لَحمُ[36] لَبَنُ گَڏُ[37] کِئو، تَمَرُ[38] تاکُلُ[39] کَنِ،
سَدائِين[40] سَيدُ چَئِي، اَنُ[41] نَ چَکِئو اُنِ[42]،
عُمَرَ[43] بَندِياڻِنِ[44]، لاهِي لوهَ نَ چَڏِيِنِ.

١. سڌ، حال احوال، ٢.سک سلامتيءَ، ٣. جي، ۴. ملڪ، وطن، ساٿيهه، ۵. ٽڪل، مانديءَ، وساٿل، ساٿيءَ، بي حال، ٦. ٻڌائيندا، ٧. خوش خبريون، ٨. قرآن شريف جي هڪ سورت جو نالو، ٩. قرآن شريف جي هڪ سورت جو نالو، ١٠. اي سومرا، اي عمر، ١١. قرآن شريف جي هڪ سورت جو نالو، ١٢. مائٽ، عزيز، ١٣. فڪر، ڳڻتيءَ، غم، ١۴. وبڙهه يعني جهنگ جي رهاڪن، جهانگين، مالوند مائهن، مارن، ١۵. فنا ڪئو، ناس ڪئو، چٽ ڪئو، تباهه يا برباد ڪئو، ١٢. اي ماءُ، اي امڙ، اي آيل، ١٧. قرآن شريف جي هڪ سورت جو نالو، ١٨. قرآن شريف جي هڪ سورت جو نالو، ١٩. قرآن شريف جي هڪ سورت جو نالو، ٢٠. سرهو يا خوشبودار ڪري، ٢١. وسڻن، وسنديءَ، جيوت، آبادي، مائهن جي موجودگي، ٢٢. محبوب (مارئيءَ جي مگيندي)، ٢٣. گڏجڻ، ٢۴. هڪڙي يعني خدا، ٢۵. ورايو، ڦيرايو، واپس آندو، ائلايو، ٢٦. هوا (وارئو واءُ = خبر مشهور ڪئي)، ٢٧. ختم ٿي، پاسي يا ٻري ٿي، ٿئي، ٢٨. زنجير، ٢٩. اٿلئو، ڪلي ٿئو، ٣٠. پنو، ٣١. ميلاپ، وصل، ٣٢. خوشي، راحت، فرحت، آنند، سک، آرام، ٣٣. اعرابين کي، عرب جي ٻهراڙيءَ جي رهاڪن کي، مال جي سانگي تي گذاريندڙن کي، مالوند مائهن کي، مارن کي * تحقيق اسان انهن (جن ڪفر ڪئو) کي فتح ڪئو، ٣۴. قلوب سان، قلب سان، دل سان، ٣۵. چون، پڙهن، ٣٦. گوشت، ٣٧. کير، ٣٨. سڪل ڪجور، ڪارڪ، ٣٩. کائڻ جو عمل، ۴٠. اٿهين، هميشهه، ۴٠. اناج، ۴٢. ڪڏو، وايرايو، استعمال ڪئو، ۴٣. اي عمر، ۴۴. بنديائين جا، قيدياڻين جا.

Gul Hayat Institute

## ١٢

زُمَرِ[1] زُخرُفِ[2] سُومَرا[3]، مَارُو[4] مُون[5] مَهندارُ[6]،
اُولائِكَ اَصحَابُ الجَنَة* ، مَا[7] كَ سَندَنِ[8] مُوچَارَ[9]،
وَسَقَاهُم رَبُهُم شَرَاباً طَهُوراً• تَا پِيَنِ[10] پوچَ پَنوهَارَ[11]،
ويروتَارِ[12] وجُودَ[13] ۾، پِرِينَنِ[14] جي پَچَارَ[15]،
سَپَاجَهَا[16] سَتَارَ[17]، مُون كي مَارُنِ[18] ميَڙِيِن[19].

## ١٣

زُمَرِ زُخرُفِ سُومَرا، هَلَنِ ۾ حُجرات[20]،
هَمِيشَه حِجرَ[21] ۾، لَحنُ[22] لَطِيفي[23] لات[24]،
سُورَنِ[25] جَا سَرتِيُون[26]، رَعدَ[27] مُكَائُمِ[28] رات،
مُون[29] تَنِ[30] تَنِي[31] جِي تَات، جَنِ جو اورڻُ اَحقَافِ[32] سين.

## ١۴

زُمَرِ زُخرُفِ سُومَرا، سَانبِي[33] سَارِئَمِ[34] رات،
صُبحِ[35] سَجدَه[36] فُصِلَت[37]، لَنُونَ[38] لَطِيفي لات،
رَعدَ[39] فُرقَان[40] عَنكَبُوت[41]، هدايَتَ[42] حُجرات،

---

١. ء. ٢. قرآن شريف جي سورتن جا نالا. ٣. اي سومرا، اي عمر. ۴. محبوب (مارئيءَ جو مگيندو كيت). ٥. منهنجو. ٦. اڳواڻ. رهبر. سردار * اهي جنتي يعني جنت وارا آهن (قرآن شريف جي سورت بقر جي آيت ٨٢ جو ڀاڱو). ٧. جايون. مڪان. آستان. ٨. انهن جا. ٩. موچارا. سٺا. عمدا ● انهن جو رب انهن کي پاڪ پاڻي پياريندو (قرآن شريف جي سورت دهر جي آيت ٢١). ١٠. گهڻو. جام. ١١. ٻڪرار. ٻڪرين جا مالڪ يا ڌنار. مالوند ماڻهو (مارئيءَ جا مائٽ). ١٢. ويروتار = هر وقت. هميشہ. سدائين. ١٣. دل. قلب. اندر. ١۴. محبوبن. پيارن. سڄڻن. ١٥. تات. يادگيري. ١٦. اي سڀاڄها، اي ڀاڄهارا، اي زخم وارا. ١٧. ستر ڪندڙ. پردو رکندڙ. خدا. ١٨. مارن سان. مالوند ماڻهن سان. ١٩. ملائين. ڪذين. ٢٠. قرآن شريف جي هڪ سورت جو نالو. ٢١. قرآن شريف جي هڪ سورت جو نالو. ٢٢. سريلو آواز. خوش نوائي. قرآن شريف پڙهڻ جي خوش الحاني. ٢٣. لطيف جي. خدا جي. ٢۴. منو آواز. ذڪر. پچار. ٢٥. دردن. ڏکن. ٢٦. اي سرتيون. اي جيڏيون. ٢٧. گوڙ. گجگوڙ. ٢٨. مون ڏانهن موڪليائون. ٢٩. منهنجي. ٣٠. تن کي. دل کي. ٣١. ورونهن. وندر. ٣٢. قرآن شريف جي هڪ سورت جو نالو. ٣٣. جوڙيوال. رفيق. ساٿي. ٣۴. مون سارئا. مون سنڀاليا يا ياد ڪئا. ٣٥. صبوح جو. فجر جو. ٣٦. قرآن شريف جي سورت جو نالو. ٣٧. تفصيلوار يعني کولي بيان ڪئي وئي. ٣٨. آلايين. ٣٩. سورت جو نالو. ۴٠. سورت جو نالو. ۴١. سورت جو نالو. ۴٢. هاديءَ يعني خدا جو حڪم.

Gul Hayat Institute

مُون[1] تَن[2] تَني جِي تَاتِ[3]، جَنِ جو اورَڻُ[4] اَحزابِ[5] سِين.

## ١٥

زُمَرِ زُخرُفِ سُومَرا، مَارُو مُؤمِنِ[6] پَاسِ[7]،
اَعرابِي[8] اَحقَافَ[9] ۾، رَهي[10] وِبَتَمِ[11] راسِ[12]،
مَارُنِ مُلان[13] مَازِيِن[14]، ڪِنهن[15] ارادي آنديَاسِ[16]،
وَطَنِ[17] آئُون وِبَنديَاسِ، وَرِئو[18] وَرَقُ[19] وِصَالَ[20] جو.

## ١٦

وَرِئو وَرَقُ وِصَالَ جو، مُوڪَلَ[21] ٿي مُون[22]،
لَحماً طَرِياًوَ تَستخرِجُون حِليَةً تَلبسُونَها*، تن ۾ تونهين[23] تُون،
مَنَ مَنجَهان[24] را مُون[25]، مَارُو[26] جَامُ[27] مَلِيرَ جو.

## ١٧

فَاتِحَه[28] بَقَرَة[29] سُومَرا، جَزِيَائُون[30] سين جَانِ[31]،
اَپِرَ[32] آلِ عِمرانِ[33] سين، قُربُ[34] ڪئو ڪِيئَانِ[35]،
سُخَنَ[36] جي سَندان[37]، سَبئي وِبَني سَارئَان[38].

---

١. منهنجي، ٢. تن کي، دل کي، من کي، ٣. ياد، يادگيري، ساروٽي، ۴. ورد، ورونهن، وندر، ۵.قرآن جي هڪ سورت جو نالو، ٦. مومن (قرآن جي هڪ سورت) جي، ٧. پاسي ۾، پر ۾، ٨. عربستان جي جهنگ يا صحرا جا رهاڪو يعني مارو، ٩. قرآن شريف جي هڪ سورت جو نالو، ١٠. ترسي، گهر ٺاهي، ١١. منهنجا (مارو) وينا، ١٢. چڱيءَ طرح، آرام سين، ١٣. وٿان، کان، ١۴. ماڙين ۾، محلاتن ۾، ١۵. قسمت، لکئي، ١٦. مون کي آندو، ١٧. وطن ڏانهن، سائيهه يا ملڪ ڏانهن، جنم ڀوميءَ ڏانهن، ١٨. اُلٽيو، کلي پيو، پلٽيو، ١٩. پنو، ٢٠. ميلاپ، گڏجاڻيءَ، ٢۵. اجازت يا رُخصت (قيد مان)، ٢٢. مون کي * (ڪائيندا آهيو) تازو گوشت (مڇين جو) ۽ ڪڍندا آهيو ان مان زيور (يعني موتي) جيڪي اوهين پائيندا آهيو (قرآن شريف جي سورت فاطر جي آيت ١٢)، ٢٣. صرف تون، ٢۴. منجهه، اندر، ٢۵. مون کي، ٢٦. محبوب (مارئيءَ جو مڱيندو ڪيت)، ٢٧. سردار، ٢٨. ۽، ٢٩. قرآن شريف جي سورتن جا نالا، ٣٠. مرهيائون، لڳايائون، پيوند ڪئائون، ٣١.جسم، ساهه، سرير، ٣٢. بي حد، تمام گهڻو، ٣٣. قرآن شريف جي هڪ سورت جو نالو، ٣۴. پيار، محبت، ٣۵. انهن، ٣٦. قول، گفتا، ٻول، ڳالهيون، ٣٧. انهن جا، ٣٨. ياد ڪريان، سنڀاليان.

Gul Hayat Institute

## ١٨

فاتحه[1] بقرة[2] سومرا[3]، وطن[4] ويڙهيچن[5]،
نحل[6] حجر[7] بنئي[8] اسرائيل، اي پنڌ[9] پنوهارن[10]،
سجده[11] احزاب[12] سبا[13]، منجهين[14] روم[15] رهن[16]،
نيئي[17] اذئا[18] امن[19] ۾، پکا[20] پنوهارن،
سڳر[21] ساٿيهه[22] سرتيين[23]، ربلن[24] منجهه رهن،
مون کي منجهان تن، پئا لوهه[25] لطيف رح چئي*.

## ١٩

اَڄ پَڻ آنديون اونٺين[26]، ڪتابتون[27] ڪي[28]،
ڳالهيون ڳوناين[29] جون، سڻ[30] تون عمر[31] سي،
ن والقلم وما يسطرون#، پاتا پير[32] پرين[33]،
حم[34] طسس[35] يس[36] جا، اُهج ذنائون[37] اي،
موڪل[38] ذي مون کي، ساٿيهه جي سيد رح چئي.

## ٢٠

توبه[39] تن جي تن[40] ۾، اندر[41] اُن[42] انفال[43]،

١، ٢. قرآن شريف جي سورتن جا نالا. ٣. اي سومرا، اي عمر. ۴. ملڪ، ڏيهه، ساٿيهه، جنم ڀومي. ٥. ويڙهيچن جو، ويڙهه يعني جهنگ ۾ رهندڙن جو، جهانگين جو، مارن جو. ٦. قرآن شريف جي سورت. ٧. قرآن شريف جي سورت. ٨. قرآن شريف جي سورت. ٩. راهه، رستو، واٽ، منزل. ١٠. پنوهارن جو، ٻڪرارن جو، ٻڪرين جي مالڪن يا ڌنارن جو. ١١. قرآن شريف جي سورت. ١٢. قرآن شريف جي سورت. ١٣. قرآن شريف جي سورت. ١۴. ۾، اندر. ١٥. قرآن شريف جي سورت. ١٦. ترسن، ٽڪن. ١٧. ڪڻي وڃي. ١٨. جوڙئا، ٺاهيا. ١٩. سک، سلامتيءَ يا عافيت (واري هنڌ). ٢٠. ڪکن ڪانن جا ٺهيل گهر، جهوپڙا. ٢١. تولا، چلنگيون. ٢٢. ساٿيهه ۾. ٢٣. سرتين جا، ساهيڙين جا. ٢۴. ساوڪ وارن ميدانن، چراگاهن. ٢٥. لوهه جا زنجير، نير * مونکي انهن (سرتين) محبت جا زنجير وڌا. ٢٦. اونٺين، اٺن تي سوار قاصدن. ٢٧. چٺيون، لکتيون، خط. ٢٨. ڪجهه. ٢٩. هم وطنين. ٣٠. ٻڌ. ٣١. اي عمر # ن قلم جو قسم آهي ۽ انجو ٻـ جيڪي لکندا آهن قرآن شريف جي سورت والقلم جي آيت ١). ٣٢. قدم، پڳ. ٣٣. پرين، محبوبن. ٣۴. قرآن شريف جي سورت. ٣٥. قرآن شريف جي سورت. ٣٦. قرآن شريف جي سورت. ٣٧. نشان، پار، پتا، اشارا. ٣٨. رخصت، اجازت. ٣٩. قرآن شريف جي سورت. ۴٠. دل، من. ۴١. اندر ۾، دل ۾. ۴٢. ان کي. ۴٣. قرآن شريف جي سورت.

Gul Hayat Institute

يُونُسِ[1] رکي جَانِ[2] ۾، پِئَا حَقِيقَتَ[3] حَالِ[4]،

وِذا[5] هُودِ[6] وِصَالِ[7]، سيئي سَانِبْي[8] سُومَرا.

## ٢١

تَوبَه[9] جَنِ جي تَنَ ۾، نَمَلِ[10] نَهَارِينِ[11]،

قُلْ يَا[12] قَدْ[13] سَمِعَ جَاثِيَه[14]، هَنيُون[15] دُخَانِ[16] پَاسِ[17] ذَرِينِ[18]،

تَبَارَکَ[19] تَبَّتْ[20] اذاجَا[21] اذا زُلْزِلَتْ[22]، سين اورِينِ[23]،

جيڪي پَنوهَارِيُون[24] پَرهِين[25]، سو مُيَسَّرُ[26] آهِ مَلِيرِ[27] ۾.

## ٢٢

تَوبَه جَنِ جي تَنَ ۾، نَمَلِ نَهَايَتَ[28]،

اَعرَافَ[29] اَبَاڻَنِ[30] کي، فَاتِحَه[31] ۾ فَرحَتَ[32]،

لُقمَانِ[33] جَاءِ[34] لَطِيفَ رح چئي، سَجدَه[35] سَاڻُ صِحَتَ[36]،

نِسَاءِ[37] نُورِ[38] نِيَتَ[39]، مُون کي مَارِنِ مِيڙِيين.

## وائي ١

مُون مَرِ کَسيجَاهُ لوئي، ميَان عُمَرَ، مُون مَرِ کَسيجَاهُ،

اَئُون جَا نِمَائي لَکَنِ لوڏِي،

Gul Hayat Institute

---

١. قرآن شريف جي سورت،. ٢. اندر دل. تن. من. ٣. حقيقت جي. صوفين جي طريقي جي ٻي درجي جي منزل جي. ۴. حال ۾. حالت ۾. ڪيفيت ۾. ۵. داخل ڪئا. گڏيا. ميڙيا. ٦. قرآن شريف جي سورت. ٧. وصال ۾. وصل ۾. ميلاپ ۾. ٨. جوڙيوال. رفيق. ساٿي. ٩. ء. ١٠. قرآن شريف جي سورت. ١١. ڳولين. جاچين. ٻڙهن. ١٢. قرآن شريف جي سورت الڪافرون جا ٻهريان ٻہ اکر. ١٣. قرآن شريف جي سورت مجادله جي ٻهرين آيت جا ٻهريان ٻہ اکر. ١۴. قرآن شريف جي سورت. ١۵. دل. قلب. ١٦. قرآن شريف جي سورت. ١٧. پاسي ۾. ير ۾. ١٨. رکن. ١٩. قرآن شريف جي سورت مُلڪ جو ٻهريون اکر معني برڪت وارو. ٢٠. قرآن شريف جي سورت لَهَبِ جو ٻهريون اکر معني وڍجي وڃن. ٢١. قرآن شريف جي سورت النصر جي ٻهرين آيت جا ٻهريان ٻہ اکر معني جڏهين اچي. ٢٢. قرآن شريف جي سورت زلزال جا ٻهريان ٻہ اکر معني جڏهين ڌوڏبي. ٢٣. ورد ڪن. ورونهن ڪن. ٢۴. پنوهارن يعني ٻڪرارن جون عورتون. ٢۵. پائين يا ڍڪين (بدن تي). ٢٦. موجود. ٢٧. مارئيءَ جي ڳوٺ جو نالو. ٢٨. انتها. پڇاڙي. ٢٩. قرآن شريف جي سورت. ٣٠. مائٽن. ابي جي اولاد. ٣١. قرآن شريف جي سورت. ٣٢. آرام. آنند. سکُ. ٣٣. قرآن شريف جي سورت. ٣۴. ماڳ. مڪان. آستان. ٣۵. قرآن شريف جي سورت. ٣٦. شفا. تندرستي. ٣٧. قرآن شريف جي سورت. ٣٨. قرآن شريف جي سورت،. ٣٩. مهابي. مراد. وسيلو.

سَانُ پُلاهَ[1] نَه پَاڙيَان[2]، سَنڌي[3] ڏورِن[4] ڏوئِي[5]،
ڪَانڌُ[6] نَه ڪَنديِس ڪو بِئو، مُون[7] وَرُ[8] مَارُو سوئِي،
ڪُوءِ[9] سي طَعَامَ[10] تَيُنِ[11] جَا، وَرُ[12] سَا ڏورِن[13] ڏوئِي،
جهَانگِي جي جهنگَن جَا، سَيڻَ[14] ڪَميٽيءَ[15] سيئِي.

## وائي ٢

تَپُ[16] تَزِئائين[17]، سَمُند[18] وِڏائين، نَئائين[19] مَرضُ[20] مُؤمِنَن[21] تَان،
دردُ[22] پَانَ دَرد ۾، بَرو ٻُڌو[23] ٻَاجهه[24] ڪَئائين،
اگهَا[25] سَپ سَگهَا[26] ٿِئا، ڏُکندو ڏور نئائين،
گرُوهه[27] گُودڙِين[28] جي، سِلِڪَ[29] صِحَتَ[30] ڏنائين،
مِيڙي[31] مُريدَ[32] پانهنجا، رَحمَتَ[33] هيٺ رکئائين.

## وائي ③

ميندي[34] ۾ مَرجَان[35]، ڪِين پِنوهارِيُون[36] پَائِينديُون،
مُون[37] جيڏِيُون[38] مَلير[39] ۾، ڪَنِ سَانئِين[40] جو سَامَانُ[41]،
ڪوهه[42] ڪَريان آئُون ڪَٿَنِ[43] ڪي، مَٽِي[44] اَسَان جو مَڪَانُ[45]،
سَدا[46] سَنگهارَن[47] جو، گهِيٺَن[48] سين گذرانُ[49]،

---

١. گوشت سان گڏ رڌل چانورن. ٢. برابر يا مٽ سمجهان. ٣. جي. ۴. ڪرڙ جي وڻن جي ڪچي ڦر، ڏونرن. ۵. طعام رڌڻ ۽ وڌڻ جو ڪاٺ جو هڪ اوزار، چمچو، ڪفگير. ٦. مڙس، ور، ڀتار. ٧. منهنجو. ٨. محبوب (ماروئيءَ جو مڱيندو ڪيت). ٩. ٻن، ڪڏ ۾، کوهه ۾. ١٠. ڪاڏا، ڪين. ١١. (لوهه جي) تپيلين، ڪٽڇين، ڪٽهين. ١٢. ڀلي، بهتر. ١٣. ڏٿرن جي. ١۴. مائٽ، عزيز، سڄڻ. ١۵. ڪميٽيءَ جا، بدڪار جا، بدچٽيءَ جا. ١٦. ٻرو، بخار. ١٧. ڏور ڪيائين. ١٨. سمنڊ ۾ (سمند وڌائين = ناس ڪئائين). ١٩. پري ڪئائين. ٢٠. بيماري، اگهائي. ٢١. ايمان وارن. ٢٢. ڏک، بيماري، ڏکندو. ٢٣. غرق ٿئو، ناس ٿئو. ٢۴. مهرباني، رحم. ٢۵. بيمار. ٢٦. چڱا ڀلا، تندرست. ٢٧. گروهه کي، ٽولي کي. ٢٨. گودڙي پوش (فقيرن)، گبري ڍڪيندڙ (فقيرن). ٢٩. سلسلو، واٽ. ٣٠. صحت جو، تندرستيءَ جو. ٣١. گڏ يا جمع ڪري. ٣٢. چيلا. معتقد. ٣٣. فضل، ٻاجهه، مهربانيءَ. ٣۴. وارن (مٿي جي). ٣۵. سمنڊ مان نڪتل ڳاڙهي رنگ جا موتي. ٣٦. پنوهارن يعني ٻڪرارن جون عورتون. ٣٧. منهنجي. ٣٨. همر عصر (عورتون). ٣٩. ماروئيءَ جي ڳوٺ جو نالو. ۴٠. هڪ قسم جي جهنگلي گاهه مان پيدا ٿيل اَنُ. ۴١. توشو. آذوقو. ۴٢. ڇا. ۴٣. چارپاين. پلنگن. ۴۴. خاڪ. زمين. ۴۵. هنڌ. جاءِ. بسترو. ۴٦. سدائين. هر وقت. هميشه. ۴٧. مال جي، سانگي تي گذاريندڙن، مارن. ۴٨. دنبن، رڍن. ۴٩. واسطو.

Gul Hayat Institute

## وائي ④

مُنهِنجُون ڳالهِيُون مارُوءَ[1] سانُ، ڏولِئي[2] سانُ،
سُومَرا[3] آئُون ٿَر[4] وَجَان،
مُون کي مُون[5] پِريَنِ[6] جُون، مَرُ[7] ٿيُون ليُون[8] لُڏَنِ،
ٻَڌا ٻانهن ۾، سَڳا[9] ٿا سُونهَن[10].

## وائي ⑤

سَا ڪِيئَن لاهِيان لوئي[11]، جَا پَهرِئم[12] پَنوهارَن[13] سين،
مِٽي[14] جَا مَليرَ[15] جي، مَرُ مِيندي[16] ۾ هوئي[17]،
واسي[18] وارَ نَه وِيڙهِيَان، ڌوپي[19] ڌَڄ[20] ڌوئي،
ڪَانڌُ[21] نَه ڪَنديس ڪو ٻِئو، عُمَرَ[22] آهِه اُهوئي،
مَحرَمُ[23] مُنهِنجي حَالَ[24] جو، هِت نَه آهِه ڪوئي.

## وائي ٦

شُڪرَ[25] آڻِ بَجَاءِ[26]، آهِيين اَهلُ اللهِ[27] سين،
ڳوڙهو[28] هَن ڳِروهَ[29] سين، حَمدَ[30] مَنجِهه هَلاءِ،
سُرهي[31] اِنَ سِلڪَ[32] سين، پَجِي ڪِي پَجَاءِ،

Gul Hayat Institute

---

١. محبوب (مارئيءَ جي مڱيندي ڪيت)، ٢. محبوب، پياري، سڄڻ، ٣. اي سومرا، اي عمر، ٤. ٿر ڏانهن، واريءَ جي ڀِٽن يا دڙن ڏانهن (مارئيءَ جي ملڪ ڏانهن)، ٥. منهنجي، ٦. محبوبن، ٧. ڀلي، بيشڪ، ٨. ڪيڙن جي ڦاٽڻ واري حالت، ٩. ڌاڳا (شاديءَ جي وقت وارا ٻڌل) ڳانا، ١٠. ٿهن، زيب ڏين، ١١. ڪٿي، اُنَ يعني رڍن جي وارن مان ٺهيل چادر يا اوڍڻي، ١٢. مون پهري يا پاتي يا ڍڪي، ١٣. ٻڪرارن، ٻڪرين جي مالڪن يا ڌنارن، ١٤. دز، ڌوڙ، خاڪ، ١٥. مارئي جي ڳوٺ جو نالو، ١٦. مٿي (جي وارن)، ١٧. هجي، ١٨. سرها يا خوشبودار تيل مکي، ١٩. ڌوپي سان، ڌوپَ سان، سرهي تيل سان، ٢٠. مٿي، خاڪ، ٢١. ڀتار، مڙس، پٽي، ور، ٢٢. اي عمر، ٢٣. رازدار، حال ڀائي، ٢٤. حالت، ڪيفيت، ٢٥. احسان، ٿورو، ٢٦. آڻ بجاءِ = مڃ، ٢٧. اهل الله = الله وارن، خدا وارن، درويشن، بزرگن، ٢٨. شطرنج جي راند ۾ استعمال ٿيندڙ هڪ ساريءَ يا داڻي جو نالو، ٢٩. (اهل الله جي) ٽولي، جماعت، ٣٠. ساراهه، تعريف، واکاڻ، ٣١. خوشبودار، وڻندڙ، سٺي، ٣٢. سنگت، سلسلي.

تِيءُ تَہ ٿوڪُ پِرائِيين، لاشَڪُ تَنِي لاءِ،
تَرَڪُ[1] ڪَرِ طَلَبَ[2] سين، لاهُوتِي[3] مَ لَجَاءِ[4]،
خُودِي[5] ڪَڻُ مَ پاڻَ سين، جوڳِيَنِ[6] وَٽِ جَلاءِ[7]،
مَهندان[8] مَشائِخَنِ[9] جي، چَلَڻَ[10] سَڀِ چَلاءِ[11]،
ڪَامُ[12] تُنهِنجو ڪَاپَڙِي[13]، سَامِيَنِ[14] وَٽِ سَمَاءِ[15]،
آسَڻَ[16] اڳِئَان اُنِ جِي، ٻَرِ ٻَرِ[17] ڪِئو ٻَاڏاءِ[18]،
سِيهو[19] جَا سُونُ[20] ڪَري، تِنهِن صُحبَتَ[21] ڪَي مَ سِڪَاءِ[22]،
سُرَهِي[23] سَنَاسِين[24] جِي، سُٽِي[25] ڪَا[26] سُٽَاءِ[27]،
آهِمَ[28] آسَ[29] اِسمَ[30] جِي، ڏاڳَا[31] تُون ڏُلاءِ[32]،
اَللهَ[33] عبداللطيف رح ڪي، اُنِين سَاڻُ اڳَهاءِ[34].

Gul Hayat Institute

۱. پاسو، تياڳ، دست برداري، ۲. گھرج، ضرورت، لالچ، طمع، ۳. دنيا کي ترڪ ڪندڙ فقير، ۴. شرمسار ڪر، ۵. آپو، وڏائي، تڪبر، ٦. تارڪ الدنيا فقيرن، ۷. ساڙ يا باھ ۾ وجھ (خوديءَ کي)، ۸. اڳيان، آڏو، حضور ۾، ۹. بزرگن، درويشن، ولين، ۱۰. چاليون، هلتون، حرفتون، ۱۱. ترڪ ڪر، ۱۲. ڪم، مطلب، مراد، ۱۳. اي ڪاپڙي، اي جوڳي، ۱۴. تارڪ الدنيا فقيرن، ۱۵. پوروٿيندو، صحيح يا نيڪ ٿيندو، ۱٦. وهڻ جي جاءِ، تڪيي، آستاني، ۱۷. هاءِ افسوس، عاجزي، ۱۸. پڪار، دانهون ڪر، عرض ڪر، ۱۹. هلڪي قسم يا ٿوريءَ قيمت وارو ڌاتو، ۲۰. هڪ قيمتي ڌاتو جنهن مان زيور وغيره ٺهن، ۲۱. ڪچهري، مجلس، ۲۲. ترڪ ڪر، ۲۳. سُٺي، چڱي، ۲۴. تارڪ الدنيا فقيرن، ۲۵. ٻڌي، ۲٦. ڪا ڳالهه، ۲۷. ٻڌاءِ، ۲۸. مون کي آهي، ۲۹. اميد، آسرو، انتظار، ۳۰. اسم اعظم، (خدا جي) خاص نالي، ۳۱. فقيراڻا لباس يا پوشاڪون، ۳۲. ڌئارِ، صاف ڪراءِ، ۳۳. اي الله، ۳۴. قبول فرماءِ، ملاءِ.

Gul Hayat Institute

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

# سُرُ ڪَامودُ

## داستان پهريون

### ١

ڪِجهي[١] جي[٢] ڪَامودُ، اَڄي سَاءُ[٣] سُرودَ[٤] مَان،
ڪَنڌِيءَ[٥] ڪَؤُنرَ[٦] ڪَکورِيَا[٧]، هيٺِ[٨] لَهرن[٩] لوڏُ[١٠]،
جِيئَن سَمي[١١] دَرِ[١٢] گَندرِيُون[١٣]، تِيئَن لاکَي[١٤] دَرِ اوڏُ[١٥]،
تَمَاچِيءَ تَنبُوڏُ[١٦]، راتِ وَڄايا ريلَ[١٧] ۾.

### ٢

جِهَڙي سِجَ[١٨] ڪَکورَ[١٩]، تِهڙي مَي[٢٠] اَکيُن ۾،
ڪِينجهرُ[٢١] ٻِنهي ڪَنڌيِين[٢٢]، مِيُون[٢٣] تِلَن[٢٤] مورَ[٢٥]،
تَمَاچِيءَ تَنبُورَ، راتِ وَڄايا ريلَ ۾.

### ٣

هيٺِ جَرَ[٢٦] مَٿي مَجَرُ[٢٧]، ڪَنڌيءَ[٢٨] ڪَؤُنرَ تِڙَنِ[٢٩]،
واهُوندا[٣٠] وَرَنِ[٣١]، ڪِينجهرُ هِندورو[٣٢] ٿِئي.

---

١. ڳائجي، ٢. جيڪڏهين، ٣. سواد، لطف، مزو، ٤. هڪ قسم جي ساز، تنبور، راڳ، آلاپ، ٥. (ڪينجهر ڍنڍ جي) ڪنڌيءَ تي يا ڪناري تي، ٦. نيلوفر يعني ڪنول جا گل، ٧. ڳاڙها ٿيا، ٨. اندر پاڻيءَ ۾، ٩. لهرن جي، چولين جي، ١٠. جنبش، لرزش، چول، ١١. سمي جي، ڄام تماچيءَ جي، ١٢. در تي، گهر ۾، ١٣. گندرن جي عورتون، مهاڻيون (گندرا مهاڻا قوم جي هڪ ذات آهي)، ١٤. لاکي جي (لاکو ڪڇ علائقي جو هڪ سورهيه ۽ سخي سردارهو جنهن اوڏ قوم جي هڪ عورت تي عاشق ٿي سانس شادي ڪئي)، ١٥. اوڏ قوم جا ماڻهو، ١٦. تنبور، تنبورا، ١٧. ڍنڍيا تلاءَ يا درياءَ جي ڪناري سان لڳ ساوڪ واري ميدان، ١٨. سج جي، ١٩. ڳاڙهاڻ، ٢٠. مي ڪي يا مهاڻيءَ ڪي (ڳاڙهاڻ)، ٢١. ڪينجهر جي (ڪينجهر هڪ ڍنڍ جو نالو آهي جيڪا ٺٽي شهر جي ڀرسان واقع آهي ۽ جنهن جي پاسي ۾ ڄام تماچيءَ جي محبوب نوريءَ نالي مهاڻي رهندي هئي)، ٢٢. ڪنڌين تي، ڪنارن تي، ٢٣. مهاڻيون، ٢٤. هلن، کهمن، ڦرن، ٢٥. مور (پکيءَ) وانگر، ٢٦. پاڻي (ڪينجهر ڍنڍ جو)، ٢٧. ڇمر، اڃا ڪڪر (جيڪي مينهن نه وسائين)، اُبون، ملارُ، ٢٨. ڪنڌيءَ تي، ٢٩. ٻوڪجن، گل جهلين، ٣٠. بهار جي موسم جون (ڏکڻ اولهه واريون) هوائون، ٣١. لڳن، ٣٢. پينگهو، جُهولو.

## ۴

هيٺ جَرُ[1] مَٿي[2] مَجَرُ[3]، پَاسي[4] مِ وَٽراهِه[5]،
اَچي[6] وَڃي وِڃَ مِ، تَماچيءَ جي سَاءِ[7]،
لَڳي[8] اُتَرَ[9] واءِ[10]، ڪِينجهر[11] هِندورو[12] ٿئي.

## ⑤

هيٺ جَرُ مَٿي مَجَرُ، پَاسي[13] پِرين[14] سَندامِ[15]،
ڪوڙين[16] ڪَاجَ[17] سِڌامِ[18]، اَڻَ سِڌو[19] ڪونَه رَهِئو[20].

## ٦

مَرڪَڻَ[21] تُون مَ مَريجِ[22]، سِرَ صَلابَتَ[23] سُپرين[24]،
آهِين ٺَارُ[25] اِڪيِنِ جو، وَٺان مُون مَ وَڃيجِ،
تَماچِي[26] تَڳيجِ[27]، ڪو ڏِينهُن ڪِينجُهرَ[28] ڪَنڌِين[29].

## ٧

ڪو ڏِينهُن ڪِينجُهرَ ڪَنڌِين، تُون تَماچِي تَڳُ،
اُوچو[30] ٿئو[31] مِ اَڳُ[32]، مُون[33] ڪَرُ[34] مَلاحَنِ[35] مِ.

---

١. ڪينجهر ڍنڍ جو پاڻي، ٢. مٿان، آسمان ۾، ٣. چمر، اڇا اڇا ڪڪر (جيڪي مينهن نه وسائين)، اُبون، ۴. پر ۾، ڪنڌين تي، ڪنارن تي، ۵. وٽڪار، وٽن جا جهڳٽا، ٦. (جرءِ مجر جي وچم ماٺهن جي) اچ وڃ، ٧. ساءَ لاءِ، ديدار لاءِ، محبت جي ڪري، ٨. لڳڻ سان، گهلڻ سان، ٩. اتر جي، ١٠. (سرد) واءَ يا هوا جي، ١١. ٺٽي شهر کان ڪجهه مفاصلي تي هڪ ڍنڍ آهي جتي ڄام تماچيءَ جي محبوبه نوري مهاڻي رهندي هئي، ١٢. پينگهو، جهولو، ١٣. (منهنجي) پاسي ۾، پر ۾، ١۴. محبوب، ١۵. منهنجا، ١٦. ڪروڙن جي انداز ۾، تمام گهڻا، ١٧. ڪم، مطلب، مرادون، ١٨. منهنجا سڌ يعني پورا ٿيا، ١٩. اڻ سڌو = اڻپورو، نامڪمل، ٢٠. بچئو، ٢١. اي مرڪڻ، اي جاني، اي دلدار، ٢٢. (هن دنيا مان) لاڏاڻو يا انتقال ڪج، ٢٣. سر صلابت = مضبوط سر وارا، بلند اقبال وارا، بهادر، ٢۴. محبوب، ٢۵. ٺاريندڙ، ٺڌو ڪندڙ، راحت يا فرحت ڏيندڙ، ٢٦. اي تماچي، ٢٧. زنده يا جيئرو رهج، ٢٨. ڪينجهر جي، ٢٩. ڪنڌين تي، پاسن تي، ٣٠. مٿاهون، ٣١. منهنجو ٿئو، ٣٢. منهن، ٣٣. منهنجو، ٣۴. ڳاٽ، ڳچي، ٣۵. مهاڻن ۾، مڇي ماريندڙن ۾.

Gul Hayat Institute

## ٨

مَـازِيءَ[1] چَـڙهِـئـو مـيَ[2]، تِـي هَـٽـيَ[3] حَـرفُ[4] حِـسَـابَ[5] جـو،
جـيـڏانـهَـن عَـالَـمَ[6] آسِـرو[7]، تـيـڏانـهَـن تَـنُ[8] نـہ ڏي،
ڄَـامَ[9] تَـمَـاچِـيءَ جـي، مُـون[10] كـونـهي سُـولُ[11] سُـهَـاڳَ[12] سين.

## ٩

هـيـنِـن مَـتـنِ[13] هـيـكِـڙي، پُـراٽـي[14] پَـرَهـين[15]،
تـوڙان[16] تَـمَـاچِـيءَ ڄَـامَ سين، ڳُـجَـهـہ[17] اَنـدَرَ[18] ڳـڙهـين[19]،
سَـسـيُـون[20] جِـت سَـرَهـين، تِـت[21] مُـهَـاٽـي مَـنجِـهـہ[22] وِهـي.

## ١٠

هـيـنِـن مَـتـنِ هـيـكِـڙي، پَـاسَـنِ[23] پُـراٽـي،
رِيـتَ[24] اُنِ جـي راءَ[25] كـي، سَـمـي[26] سِـيـبَـاٽـي[27]،
رِيـجِـهـئـو[28] رِهَـاٽـي[29]، كَـري تَـمَـاچِـي تَـنِ سين.

## ١١

كُـمَ[30] كَـالـوڙا[31] كُـوٽِـيُـون[32]، پَـهـتَ[33] جَـنِ جـي پَـرِ[34]،
لايـو[35] لُـنـگَ[36] لَـطِـيـف (رح) چَـئـي، جُـنـبَ[37] جَـهـجَـهـي[38] جَـرِ[39]،

Gul Hayat Institute

---

١. مازيءَ تي، محلات تي، ٢. مهاٽي (نوري)، ٣. لڳائي، ۴. اندازو، ڪٿ. ۵. معاملي، حالت، هيئيت. ٦. عالم جو، جهان جو، دنيا جو. ٧. آڌار، ڀروسو. ٨. دل، من، چت، ڌيان، خيال. ٩. سردار، ١٠. مون کي، ١١. فائدو، لاڀ، سُک، ١٢. مڙس جي زندهہ هجڻ واري حالت، مڙس جو پيار يا قرب. ١٣. هينن متن = انهن جي بدن جي هينين ڀاڱي تي توڙي مٿين ڀاڱي تي، هيٺ توڙي مٿي، سڄي بدن تي، ١۴. پراٽي چادر يا چولي، ١۵. ڍڪين، پائين. ١٦. توڙ کان، اصل کان، ازل کان، آد کان، ١٧. لڪ، چپ، ١٨. ۾. ١٩. حال اورين، رهاڻ يا ڪچهري ڪن، ٢٠. سمان خاندان يعني ڄام تماچيءَ جي خاندان جون عورتون. ٢١. (تماچيءَ جي روبرو ٿيڻ کان) ڪيبائين يا همت نہ سارين، ٢٢. وچ ۾، درميان ۾، ٢٣. پائين، پهرن، ڍڪين، ٢۴. ڍنگ، نمونو، هلت، رسم، ٢۵. راڄا (ڄام تماچيءَ)، ٢٦. سمي کي، ڄام تماچيءَ کي، ٢٧. وٽي، پسند آئي، سهڻي لڳي، ٢٨. راضي ٿئو، خوش ٿئو، ٢٩. رهاڻ. ٣٠.پاڻيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ قسم جي ول جو ڦر، ٣١. پبڻ جي ول جون وڏيون پاڙون، ٣٢. پاڻيءَ ۾ پبڻ مثل پيدا ٿيندڙ هڪ قسم جون وليون جن جي پاڙن کي لوڙهہ چئبو آهي جو پاڄيءَ طور ڪم ايندو آهي، ٣٣. شيوو، مرڪ، لائق، ٣۴. ريت، پهت، ٣۵. ٻڌيو، ٣٦. لانگوٽيون، گوڏيون، ٣٧. ڪاهيو پون، گهڙيو پون، ٣٨. وڏي، اونهي، ٣٩. جر ۾، پاڻيءَ ۾.

گهوٽ[1] اُنين جي گهرِ[2]، راڄا[3] رِيجهي[4] آيو.

## ١٢

سَمِيُون[5] ڪَري سِينگارُ[6]، راءُ رِيجهائڻَ آيُون،
جَامَ[7] هَٿَ ۾ جَارُ[8]، جُهلي[9] جَهبِيرَنِ[10] وِچَ ۾.

## ١٣

مي[11] هَٿَ ۾ مَڪُڙي[12]، جَامَ هَٿَ ۾ جَارُ،
سَچو ڏِينهُن شِڪَارُ، ڪِينجُهرَ[13] ۾ ڪَالَهہ هو.

## ١٤

نُوريءَ[14] جي[15] نَوازِيو[16]، تَنئو[17] تَمَاچِي تي[18]،
گَاڏي[19] چَاڙِهي[20] گَندَري[21]، مَاٺُهو[22] ڪِيتَرِيئُن[23] مي[24]،
ڪِينجُهرِ چُوندا ڪي، سَچُ سَيئِي ڳَالَهڙِي*.

## ١٥

جيڪَرَ[25] جَاٽي[26] جَامُ، تَہ ڪَا نَوازِي نُورِي،
سَندو[27] مي مُقَامُ، هُوندَ[28] سَمي سِيرَانديءَ[29] ڪِئو.

Gul Hayat Institute

---

١. تازو شادي ڪيل مرد، جُوان يعني ڄام تماچي. ٢. گهر ۾. ٣. راڄ، بادشاهہ. ۴. راضي ٿي. ٥. سمي خاندان يعني ڄام تماچيءَ جي خاندان جون عورتون، ڄام تماچيءَ جون راڻيون. ٦. ٺاهہ ٺوهہ، جوڙ جنسار، زيب زينت. ٧. ڄام جي، سردار جي (ڄام تماچيءَ جي). ٨. (مڇين ڦاسائڻ لاءِ) سڻ جي ٺلهين تندن يا ڌاڳن وغيره مان ٺهيل ڄاري، رَڇُ، ڀَنُ. ٩. اچي وجي، هلي ڦري. ١٠. مهاڻن (جهبير مهاڻن جي هڪ گهٽ حيثيت واري ذات جو نالو آهي). ١١. مي جي يا مهاڻيءَ جي (نوريءَ جي). ١٢. ننڍي ٻيڙي يا ڪشتي، ڊونڊي. ١٣. هڪ ڍنڍ جو نالو جيڪا ٺٽي شهر کان مفاصلي تي آهي جنهن جي پر ۾ ڄام تماچيءَ جي محبوبہ نوري رهندي هئي. ١۴. نوريءَ کي. ١٥. جيڪڏهين. ١٦. ڄام تماچيءَ نوازئو يا سرخرو يا سرفراز ڪئو. ١٧. هاڪارو يا مشهور ٿئو. ١٨. تنهن ڪري. ١٩. گاڏي تي، رٿَ (بادشاهن جي سواريءَ واري ٻن ڦيٿن واريءَ گاڏيءَ) تي. ٢٠. وهاري، سوار ڪري. ٢١. مهاڻي. ٢٢. ماٺهپي واري، عزت واري. ٢٣. ڪيائين. ٢۴. مي کي، مهاڻيءَ کي * ڪينجهر جي پر ۾ رهندڙ ڪي ماڻهو اڄ بہ چوندا تہ اها ڳالهہ سموري سچي آهي؟. ٢٥. جيڪڏهين، هوند. ٢٦. ڄاڻي ها، پروڙي ها، سمجهي ها. ٢٧. جو. ٢٨. وهارڻ جي جاءِ. ٢٩. سيرانديءَ واري پاسي، بستري يا کٽ جي مٿي واري پاسي، (تمام اهميت واريءَ جاءِ تي).

## ١٦

جَامَان[1] اَڳي جي ڄَايُون[2]، تَن جي نِرتِ[3] نُورِيءَ[4] تي نَاهه،
نَه ڳُوٺ[5] نَه ڳِنجَڙي[6]، نَڪي وَڃَن وِهَاڻِءِ[7]،
سي ڪِينجُهر[8] ڪَنديُون ڪَاهه[9]، جَن[10] تَمَاچِي تَڪيو[11].

## ١٧

نَه ڪِنهِن ڄَائو[12] ڄَامَ ڪي، نَڪو ڄَامَ[13] وِيَاءُ[14]،
نَندي وَڏي ڳَندري[15]، سَي ڪَنهِين آهه سَيَاءُ[16]،
لَم يَلِد وَلَم يُولَد*، اِيءَ نِجَابَت[17] نِيَاءُ[18]،
ڪِبرُ ڪِبرِيَاءُ[19]، تَخت[20] تَمَاچِيءَ ڄَامَ جو.

## ١٨

پَڪا[21] پَڪارِئو[22]، تَڙ[23] تَمَاچِي آيو،
ڳُوندَر[24] لاهِيو ڳَندرِيُون[25]، آتڻ[26] اُجَارِئو[27]،
مَڪُڙِيُون[28] سِين مُوتِيين[29]، سَهجَا[30] سِينگارِئو[31]،
ڪِينجُهر[32] قُرارِئو[33]، سَمي[34] سَامَ[35] بَخشي[36].

---

١. ڄام (تماچيءَ)کان. ٢. پيدا ٿيون (ڄامان اڳي جي ڄايون = ڄام جي خاندان جون وڏيون يا پوڙهيون يا ڪَراڙيون عورتون)، ٣. نگاهه، نظر، ڌيان. ٤. ڄام تماچيءَ جي محبوبه جو نالو. ٥. ڳوٺ ۾، ديهات ۾. ٦. ڳنجڙي ۾، ڪچهريءَ يا مجلس ۾، مارڪي ۾. ٧. وهانءِ ۾، شاديءَ مراديءَ ۾. ٨. ڪينجهر (ڍنڍ جونالو) کي. ٩. ڪاهن، ڪيڏانهن. ١٠. جن جو. ١١. آڌار، ٽيڪ. ١٢. ڄڻيو، جنم ڏنو)، ١٣. ڄام جو. ١٤. اولاد. ١٥. گندري جو، مهاڻي جو. ١٦. عزيز، مائٽ (نوريءَ سان شاديءَ ڪرڻ سبب) * نڪي ڄڻيائين ۽ نڪي ڄڻيو ويو (قرآن شريف جي صورت اخلاص جي آيت ٣)، ١٧. نجابت جو، شرافت جو، اصليت جو، خاندانيءَ جو. ١٨. فيصلو، انصاف، طريقو، روش، ١٩. شان، عظمت، وڏائي، بزرگي، عزت، جلالت، ڪبرياءُ، ٢٠. بادشاهي، سلطنت، حڪومت. ٢١. ڪکن ڪانن مان ٺهيل گهر، ڇپر، منهن، جهوپڙا، ٢٢. ڏوٺو، صاف ڪريو. ٢٣. تڙ تي، مياڻ تي، مهاڻن جي رهڻ جيءَ جاءِ يعني بستيءَ تي. ٢٤. غم، فڪر، ٢٥. اي گندريون، اي مهاڻيون، ٢٦. وهڻ يا رهڻ جون جايون، گهر، ٢٧. صاف ڪريو، اڇا اُجرا ڪريو. ٢٨. ننڍيون ٻيڙيون، ڏونديون، ٢٩. موتين، مٺين، هيرن جواهرن، ٣٠. سهج مان، خوشيءَ يا شوق مان، ٣١. آراستو ڪريو، ٣٢. ڪينجهر (ڍنڍ) جي آسپاس رهندڙ مهاڻن جو خاندان يا قبيلو، ٣٣. آرامي يا بي فڪر ٿئو، ٣٤. ڄام تماچي جيڪو سمان خاندان مان هو، ٣٥. اجهو، پناهه، ٣٦. عطا ڪئي.

Gul Hayat Institute

## ١٩

پَکَن پُوءِ پَچار، اَجُ تماچي آيو،
نَنڍي وڏي گَنڍري، پُوبو پائي هار،
مَرڪن ملاحن جا، مَتي باندين بار،
وڏي جام جمار، اَدايون اَجهي جنهن.

## ٢٠

تَڙ تماچي آيو، سَيت تي صلاح،
مور مرڪي هلئو، سندو راڻين راءُ،
لَتي لُڪ لطيف چئي، ڪئو شمس شعاع،
پيڙهيءَ وينو بادشاهه، مَتس چٽ چڳاءُ،
ڪوڙين قناتون لڳيون، مياڻين متان،
لَتو ڏن ڏيهان، تيون مرڪن مڇيءَ واريون.

## ٢١

تَڙ تماچي آيو، وَري تي وراڻ،
ڪينجهر بنهي ڪنڌين، راتو ڏينهن رهاڻ،

١. پکن ۾، ڪکن ۽ ڪانن جي نهيل گهرن ۾ يعني مهاڻن جي جهوپڙن ۾. ٢. پيئي، هلي وئي. ٣. ڳالهه، خبر، سڌ. ۴. مهاڻي. ٥. موتين جون مالهائون. ٦. خوش ٿين، تين ڪڏن، فخر ڪن. ٧. مهاڻن، ميربحرن. ٨. تي. ٩. مڇيءَ مارڻ لاءِ ڪاٺ جي ٻن ٻنڌن جي وچ ۾ رڇ يعني ڄاريون ٻڌي ڏاهيل آڏن. ١٠. شل وڏي هجي يا ڊگهي يا گهٽي ٿئي. ١١. ڄام جي (ڄام تماچيءَ جي). ١٢. عمر، حياتي. ١٣. ان ڏاول يابڪيون (مهاڻيون). ١۴. اجهي ۾، پناهه ۾. ١٥. جنهن جي. ١٦. تڙ تي، ميان تي، مهاڻن جي رهڻ واريءَ بستيءَ ۾. ١٧. هر هنڌ، هر جاءِ تي. جاءِ بجاءِ. ١٨. سک سانت، آرام، آنند. ١٩. مور (هڪ قسم جي پکيءَ) جهڙو سهڻو. ٢٠. کلي خوش ٿي (ناز نخري سان). ٢١. جو. ٢٢. بادشاهن جي عورتن. ٢٣. راجا، بادشاهه، حاڪم. ٢۴. ختم ٿي، دور ٿي. ٢٥. سختي، ڏک، ڳڻتي، فڪر. ٢٦. سج. ٢٧. سوجهرو، روشني. ٢٨. پيڙهيءَ تي، تخت تي. ٢٩. يعني ڄام تماچي. ٣٠. ان جي مٿان. ٣١. چٽ جو، تاج جو، ڪلنگيءَ جو. ٣٢. ويڙهو، موڙ. ٣٣. ڪروڙن جي انداز ۾، تمام گهڻيون. ٣۴. تنبو، پردا، شاميانا. ٣٥. مڇي مارينڌڙ مهاڻن جي ڳوٺن. ٣٦. معاف ٿئو. ٣٧. محصول، لاڳ، ڍل. ٣٨. ڏيهه تان، ملڪ تان. ٣٩. مڇيءَ واريون = مهاڻيون. ۴٠. موتي. ۴١. خوشي، آسودگي. ۴٢. ڪينجهر (ڍنڍ جو نالو) جي. ۴٣. ڪنڌين تي، ڪنارن تي. ۴۴. راتو ڏينهن = هر وقت. ۴٥. ڪچهريون، محفلون، شادمانان.

Gul Hayat Institute

پَرَچِي[1] وِينو پَاڻِ، ٿِيُون مَرڪَنِ[2] مَچِيءَ[3] وارِيُون.

## ٢٢

تَڙِ[4] تَماچِي آيو، مَتٿي[5] تَڙَ تَنهَا[6]،

اِيندِي پِيَس اوچِتِي[7]، نُوريءَ[8] تي نِگاهَ[9]،

تِنهن کي گندرِي[10] چوڻُ گُناهُ[11]، جَنهِن جي جهولِيءَ[12] چِنڊُ[13] جُهلِي[14] پِئو.

## ٢٣

آيو جَامُ[15] جُلِي[16]، مَنَهِن[17] مَلاحَنِ[18] جي،

عَطُرَ ءِ عَنبيرَ جِي، اَچِي چولَ[19] چُلِي[20]،

ڪِينجُهرُ[21] سَبِ ڪُلِي[22]، اُنِ کي اِنعامِيِ[23] ٿِيو.

## ٢٤

پَڪي[24] جَاڳوتِيَنِ جِي، اُيو[25] جَامُ[26] جُلِي،

مُهِ[27] مُهِ پيئون مَسندُون[28]، جُهگِنِ[29] پَاسِ[30] جُهلي،

ڪِينجُهرُ[31] سَبِ ڪِلِي[32]، تَنِ اُگهَاڙَنِ[33] اِنعَامُ ٿِيو.

## ٢٥

ڪو جو ڪَامَڻُ[34] مُ[35] مي[36]، آهي اَڪَڙِبَنِ ۾،

Gul Hayat Institute

---

١. راضي ٿي، خوش ٿي، ٢. کلن خوش ٿين، فخر ڪن، ٣. مڇيءَ واريون = مهاڻيون، ٤. تڙ تي، مياڻ تي، مهاڻن جي رهڻ واريءَ بستيءَ ۾، ٥. تي، ٦. تنها هڪ تڙ جو نالو آهي، ٧. اوچتو، ٨. جام تماچيءَ جي محبوبہ جو نالو، ٩. نظر، ١٠. مهاڻي، ١١. ڏوهہ، پاپُ، ١٢. جهوليءَ ۾، هنج ۾، ١٣. چنڊ جهڙو سهڻو يعني جام تماچي، ١٤. لڏي، (جهلي پئو = ويئو)، ١٥. جام تماچي، ١٦. هلي، پنڌ ڪري، ١٧. منهن ۾، ڪکن ڪانن جي ٺهيل گهر ۾، ٻکي ۾، ١٨. مهاڻن، ١٩. چولي، لهر، ٢٠. اٿلي، پلٽي، ٢١. ڍنڍ جو نالو، جنهنجي ٻر ۾ جام تماچيءَ جي محبوبہ نوري مهاڻي رهندي هئي، ٢٢. سڄي، ساري، ٢٣. انعامي ٿئو = انعام ۾ مليو، بخشش ۾ مليو، تحفي ۾ مليو، ٢٤. پڪي ۾، ٢٥. مهاڻن، ٢٦. پيو، ٢٧. مُهہ مُهہ = هر هنڌ تي، هر جاءِ تي، ٢٨. وهاڻا، طولَ، تڪيا، گاديلا، ٢٩. جهڳن جي، هڪ قسم جي رڇن يعني مڇين ڦاسائڻ جي ڄارين جي، ٣٠. پاسي ۾، ڀر ۾، ويجهو، ٣١. ڪينجهر ڍنڍ تي رهندڙ مهاڻا، ٣٢. خوش ٿئي، مرڪي، ٣٣. اگهاڙن کي، بنان ڪپڙن وارن کي، ٣٤. اهڙو، ٣٥. جادو، منڊ، ٣٦. مي کي، مهاڻيءَ کي يعني نوريءَ کي.

تَنُ[1] تَمَاچِيءَ جَامَ جو، نَايُون[2] پَايو[3] نيءِ[4]،
عشقُ[5] ايئن ڪَري، جيئن جَارو[6] جَامَ ڪُلهي[7] ڪِئو.

## ٢٦

هيڏِيءَ[8] وِبرَ[9] ڪِئا[10]، ڪينجهرَ[11] ۾ بَاهه بَري،
نَڪو تَارو اُڀَ[12] ۾، نَڪو چَندَ[13] اُهَاءُ[14]،
نَڪو وِرن[15] وِجَ[16] جو، نَڪو شَمسَ شُعَاعُ[17]،
لَٿو[18] پَاندُ[19] مُهَان[20]، مَي[21] چَڙهَندي[22] مَڪَڙي[23].

## ٢٧

جِهڙي سُونهن[24] سَندِيَاس[25]، تهڙو ڪينجهرَ ۾ ڪين ٻِئو،
رِيس[26] راڻين[27] ڇَڏي، وِهي ڪَانَ وَٽَانس[28]،
مَڏ[29] مِيَاڻيُون[30] مَڪَڙيُون[31]، مَڙئي[32] مَعَافُ تِئَاس[33]،
مُورچَلُ[34] مَٿَانس[35]، اُيو[36] تَمَاچِي تِي هَٿي.

## ٢٨

ڪينجهرَ[37] ٻنهي ڪَنڌين[38]، تِي گَنڌري[39] گُذاري[40]،
سُونگي[41] سَمي[42] جَا، ايندس[43] اوتَاري[44]،

١. دل، من. ٢. (ٻڪيءَ جي ٻيرن جا) چنبا. ٣. وجهئو. ۴. ڪٽيو وجي. ۵. نينهن، محبت. ٦. مڇين ڦاسائڻ جي ڄار يا رڇ. ٧. ڪلهي تي (ڄارو ڪلهي ڪئو = مڇيون ڦاسائڻ لڳو، مهاڻن وارو ڌنڌو ڪرڻ لڳو). ٨. ايڏيءَ وڏيءَ يا گهڻيءَ. ٩. (اونداهيءَ) ويل، مهل، وقت، دير سان. ١٠. ڪٽي، ڪهڙي هنڌ. ١١. ڪينجهر ۾ = ڪينجهر ڍنڍ جي آس پاس. ١٢. آسمان. ١٣. چنڊ جو. ١۴. شعاع، سهائو، تجلو، سوجهرو، روشني. ١۵. چمڪات. ١٦. ڪنوڻ. ١٧. شمس جو، سج جو. ١٨. ٻري ٿئو. ١٩. ڪٻري جو پلاند يا پلئه. ٢٠. منهن تان. ٢١. مي جي، مهاڻي جي. ٢٢. چڙهڻ وقت. ٢٣. مڪڙيءَ تي، ٻيڙيءَ تي. ٢۴. حسن، جمال، سوڀيا. ٢۵. ان (نوريءَ) جي. ٢٦. رقابت، رشڪ. ٢٧. بادشاهه يعني ڄام جي خاندان جي عورتن. ٢٨. وٽس، ان وٽ، ان جي پرسان (مقابلي يا ڇتاڀيٽيءَ جي خيال سان). ٢٩. ڪڪن ۽ ڪانن جا نوڙين سان ٺهيل پٽيءَ ۾ ترڻ لاءِ ٺاهيل ترها. ٣٠. مهاڻن جي رهڻ واريون بستيون يا ڳوٺ، مڇي ماري گڏ ڪري رکڻ لاءِ ميدان يا جايون. ٣١. ننڍيون ٻيڙيون. ٣٢. بخشش، محصول ڏيڻ کان آزاد. ٣٣. ان کي ٿئا. ٣۴. مور (هڪ قسم جي پکيءَ) جي پکن مان ٺهيل وڃڻو يا پکو. ٣۵. ان جي مٿان. ٣٦. بيٺو، بيو. ٣٧. ڪينجهر (ڍنڍ جو نالو) جي. ٣٨. ڪنڌين تي، ڪنارن يا پاسن تي. ٣٩. مهاڻي (نوري). ۴٠. رهي. ۴١. محصول اُگاريندڙ ماڻهو. ۴٢. تماچيءَ (جيڪو سمان خاندان جو هو). ۴٣. ان وٽ ايندا. ۴۴. اوتاري ۾، گهر ۾.

Gul Hayat Institute

جَي مَي مَڇي نہ مَاري، تہ پَڻ اُيو ڏڪي ڏَن پَئي.

## ٢٩

پَن پَبَڻِ ڪُمَ ڪُوٽِيُون، مَٿي جَرَ جَهرڪَن،
اَچي رَهِيَا ربِلَ ۾، ڪَارَڻِ ڪَالُوڙَن،
سَهَسين راجَ سَيِّدُ چَئي، پَاسي تَنِ پَرَن،
مِڙي مَلاحَن، راتِ تَمَاچِي رانِئيو.

## ٣٠

پَن پَبَڻِ ڪُمَ ڪُوٽِيُون، بِهَہ ڏوڏا ڏاجُون،
نِعمَتَ لوڙَهَہ لطِيفُ چَئي، ڪَينُ مَڇي ڪاچُون،
رَهَن بَهَنِ سِرَ بَانڌِيِن، دُورُ دَران ديرُون،
پَارسَ سِين پَاسُون، لَڳا تي لالُ تِئا.

وائي

اَڙي مي، سَمِي جَا سَمڳي، تِنهِن ڪي ڪيرُ چَوَندو مي،
ڳَاڏي چَاڙهي ڳَندرِي، مَاٺُهو ڪَيَائين مي،
تَن تَمَاچِيءَ جَامَ جو، نَاپُون پَايو نَي،

Gul Hayat Institute

١. جيڪڏهين. ٢. مهاڻي (نوري). ٣. ڦاسائي. ۴. پيئي. ٥. ڊڄي، ڊپ يا خوف ڪري، ڀؤ ڪري. ٦. ڏن جي، محصول جي، ڍل جي. ٧. ڀؤ ڪان. ٨. ڍنڍن يا ڍورن وغيره جي بيٺل پاڻيءَ ۾ ايرنڌڙ هڪ قسم جو گاھ جنهن مان تڏا، توريون، ڀڪا ۽ مڇين جي ڦاسائڻ وارن رڇن يا چارين کي تارڻ لاءِ ترها يعني مڏ ٺهندا آهن. ٩. پاڻيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ قسم جي ول، جنهنجي پن کي (جيڪو وڏو ۽ ويڪرو ٿئي) پابوڙو چئبو آهي ۽ ڦر کي ڪُم يا ڏوڏو چئبو آهي ۽ ان جي پاڙن کي بهه يا لوڙهہ چئبو آهي جيڪي پاڃيءَ طور رڌي کائبا آهن. ١٠. پاڻيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ قسم جا ٻوٽا جن جي چوٽيءَ وارن گلن کي نيلوفر يا ڪنول جا گل چئبو آهي. ١١. تي. ١٢. پاڻيءَ. ١٣. چمڪن، چلڪن، پيدا ٿين. ١۴. ڍنڍ، درياءَ يا پاڻيءَ جي تلاءَ جي ڪپڻ واري ميدان. ١٥. لاءِ، واسطي. ١٦. وڏن ڪمن. ١٧. سون جي انداز ۾، تمام گهڻا. ١٨. ماڻهن جا قبيلا يا تولا. خلق. ١٩. وٽ. ٢٠. پلجن. نپجن، تاتجن، ڪاڌو پيتو کائين يا حاصل ڪن. ٢١. گڏجي. ٢٢. مهاڻن. ٢٣. گذريل رات. ٢۴. ريجهايو، راضي ڪئو. ٢٥. انهن جو ڏاج. ڏاج ۾ مليل ملڪيت. ٢٦. دولت، پونجي، ملڪيت، پدارث. ٢٧. ڪاچ. ڪاڌو. طعام. ٢٨. انهن جو ڪاچ. ٢٩. وهن. ٣٠. تي. ٣١. تانگهي پاڻيءَ ۾ مڇي مارڻ لاءِ اڏيل پيهين يا ڪاٺ جي ٻن ٻنڌن جي وچم رڇ يا چاريون ٻڌي ناهيل آڏن. ٣٢. پري. ٣٣. در ڪان. گهر ڪان. ٣۴. انهنجو ديرو يعني منزل يا رهائش. ٣٥. هڪ قسم جو پٿر (جو لوهہ سان گسي ان کي سون ۾ تبديل ڪندو آهي). استاد ڪامل (جام تماچيءَ). ٣٦. انهن جا پاسا. ٣٧. تماچي جام جيڪو سمان خاندان مان هو. ٣٨. نوازي. ٣٩. گاديءَ تي. رت تي. ۴٠. مهاڻي.

جَارو[1] جَامَ[2] ڪُلِهي[3] ڪِئو، عَشقُ[4] اِيئَن ڪَري،
سَمِّي[5] جي سُهَاڳَ[6] جو، مِينديو[7] گُتو[8] مي[9]،
جَنِ نَہ وِهَارِي وَٽِ[10] مِر، تِئَڙا سَلامِي[11] سي،
عَالَمُ[12] اِنعَامِي[13] ڪِئَو، نُورِيءَ نَازُ[14] ڪَري.

Gul Hayat Institute

١. مڃين ڦاسائڻ يا مارڻ لاءِ ڄار يا رڇ. ٢. ڄام تماچيءَ. ٣. ڪلهي تي (ڄارو ڪلهي ڪئو = مڃيون مارڻ لڳو. مهاڻن وارو ڌنڌو ڪرڻ لڳو). ۴. نينهن، محبت. ٥. ڄام تماچيءَ (جيڪو سمان خاندان جو هو). ٦. مڙس جي زندهہ هجڻ واري حالت، مڙس جو قرب يا پيار، شادي، نڪاح. ٧. مٽي جا وار. ٨. ويڙهيا. ٩. مهاڻيءَ (نوريءَ). ١٠. ڀر، پاسي. ١١. سلام ڀريندڙ، تابعدار. ١٢. جهان، دنيا (جا ماڻهو). ١٣. انعام وٺندڙ، انعام مليل، بخشش مليل، نوازيل. ١۴. لاڏ، انگل، آرو.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرُ ڪَاموڏ

## داستان پهريون

١

تُون سَمُون[١] آئُون گَندَرِي[٢]، مُون ۾ عَيبَن[٣] جُوءِ[٤]،
پَسِي[٥] راڻِين[٦] رُوءِ[٧]، مَڇُڻِ[٨] مَاگَرِ[٩] مَتِيِن[١٠].

٢

تُون سَمُون آئُون گَندَرِي، مُون ۾ عَيبَ اَپَارَ[١١]،
پَسِي مِيءَ[١٢] ڪَا[١٣] پَارَ[١٤]، مَڇُڻِ مَاگَرِ مَتِيِن.

(٣)

تُون سَمُون آئُون گَندَرِي، مُون ۾ عَيبَ هَزارَ،
پَسِي مِيءَ ڪَا پَارَ، مَتَان مَاگُرِ مَتِيِن.

٤

تُون سَمُون آئُون گَندَرِي، مُون ۾ عَيبَن[١٥] وِيهَہ[١٦]،
پَسِي مِيءَ ڪِي ڏِيءَ[١٧]، مَڇُڻ مَاگَرِ مَتِيِن.

---

سنڌ جي سمن حاڪمن جو اولاد. ٢. مهاڻي. ٣. عيبن جي، اوڻاين جي، وڏن جي، مداين جي. ٤. آستان، گهر. ٥. ڏسي. ٦. راڻين جي، بادشاهہ زادين جي، بادشاهي خاندان جي عورتن جي. ٧. شڪل، منهن، صورت، سونهن. ٨. متان. ٩. مهاڻن جي هڪ قبيلي جو نالو، ماڇر، مياڻي، مهاڻن جي رهڻ واري بستي يعني ڳوٺ. ١٠. نظرانداز ڪرين. ١١. بي شمار، بي حد، تمام گهڻا. ١٢. مهاڻيءَ. ١٣. جا. ١٤. افعال، ارڪان، لڇڻ، هلت. ١٥. عيبن جا. ١٦. گهڻو انداز. ١٧. دختر، نياڻي، ڇوڪري، عاجزا.

Gul Hayat Institute

**۵**

تُون سَمُن[1] آئُون گندَرِي[2]، مُون ۾ عَيبَنِ[3] ڪُوڙِ[4]،
پَسِي[5] ڪِڪِيءَ[6] ڪُوڙِ[7]، مَڇُڻِ[8] مَاڳَرِ[9] مَتِيِين[10].

**٦**

تُون سَمُون آئُون گندَرِي، مُون ۾ عَيبَنِ[11] لَکَ[12]،
پَسِي مِيءَ[13] ڪَا[14] ڪَکَ[15]، مَتَان مَاڳُرِ مَتِيِين.

**۷**

تُون سَمُون آئُون گندَرِي، مُون ۾ عَيبَنِ لَکَ،
هِنَ مُنهنجي حَالَ[16] جِي، تُوکِي سَبَ پَرَکَ[17]،
ڪَارَڻِ[18] رَبَ[19] اَلَکَ[20]، مَڇُڻِ مَاڳَرِ مَتِيِين.

**۸**

تُون تَمَاچِي[21] تَڙَ[22] ڌَڻِي[23]، آئُون مُهَاڻِي مِي،
ڪِڪِيءَ[24] هَاٽِيُون[25] ڪَارِيُون[26]، حَالُ مُنهنجو هِيءُ[27]،
مُون[28] ڏُهَاڪَ[29] مَ ڏي، آئُون نَالِي[30] سُبَسِ[31] تُنهنجي.

Gul Hayat Institute

---

١. سنڌ جي سمن حاڪمن جو اولاد يا وياءُ. ٢. مهاڻي. ٣. عيبن جي، اوڻاين جي، مداين جي، وڏن جي. ۴. ڪروڙ، گهڻائي. ۵. ڏسي. ٦. ڪڪيءَ جي، مڇيءَ جي. ۷. ڪوڙي، ڏڳ، مڇيءَ رکڻ جي جاءِ يعني گدام. ۸. متان. ۹. مهاڻن جي هڪ قبيلي جو نالو، ماڇر، مهاڻن جي رهڻ واري بستي يا ڳوٺ. مياتي. ١٠. نظرانداز ڪرين. ١١. عيبن جا. ١٢. لکن جا تعداد، گهڻائي. ١٣. مهاڻيءَ. ١۴. جا. ١۵. ڪکن جا نهيل ڪهر يا جهوپڙا، پکا. ١٦. حالت، ڪيفيت. ١۷. ڄاڻ، علم، معلوميت. ١۸. واسطي، مهابي. ١۹. پالڻهار، خدا. ٢٠. جيڪو لکڻ يا ٻروزڻ کان بالا آهي يا جنهن کي جسماني اکين سان نٿو ڏسي سگهجي. ٢١. نوريءَ مهاڻيءَ جي عاشق جو نالو. ٢٢. تڙ جو، مڇي ماري ڪڏ ڪري رکڻ واريءَ جاءِ جو، مياڻ جو، مهاڻن جي رهڻ واريءَ بستيءَ يا ڳوٺ جو. ٢٣. مالڪ. ٢۴. مڇيءَ (جي متان لڳلڳدار ڳگ). ڪِکَ، بدبوءِ. ٢۵. سان ڀريل، لڳل، چهتيل. ٢٦. توڪريون، ٽپٽيون، ڇٻيون، ڇَنيون. ٢۷. اِهو. ٢۸. مون کي. ٢۹. مڙس جي جدا ٿي وڃڻ يا مري وڃڻ ڪانپوءِ زال جي اڪيلي رهڻ واري حالت، جدائي، فراق. ٣٠. نالي سان، نام سان. ٣١. سُڄاڻ ٿي، ٻڌجڻ ۾ اچان ٿي (نالي سبس = زال سڏجان يا ليکي وڃان ٿي).

٩

تُون تَمَاچِي[١] تَڙَ[٢] ڏَٽِي[٣]، تُون تَمَاچِي تَڙَ راءُ[٤]،
تَمَاچِيءَ جي تَڪِيي[٥]، تُون تَمَاچِي ڳَاءِ[٦]،
تَہ تُون تَمَاچِيَاءُ[٧]، تَمَاچِي[٨] تَڙَ لَهَين[٩].

١٠

تُون تَمَاچِي تَڙَ ڏَٽِي، آئُون گَندِري[١٠] غَرِيب[١١]،
تو سَان جَام[١٢] قَرِيب[١٣]، ڪِي ڏُنُ[١٤] چَڏائِي[١٥] ڏيج مُون[١٦].

١١

ڪَاڄُ[١٧] جَنِي جو ڪِڪيُون[١٨]، مَالُ[١٩] جَنِي جا مَڏَ[٢٠]،
سَمِي[٢١] سَيئِي سَيڻَ[٢٢] ڪِئَا، هِيٽَا[٢٣] جَنِ جا هَڏَ[٢٤]،
جَام[٢٥] پَرَتِيئِي[٢٦] لَڏَ[٢٧]، سَانگِيَن[٢٨] جِي سَيِدُ چَئِي.

١٢

مَالَ جَنِ جَا مَڪُڙِبُون[٢٩]، چَارا[٣٠] ۽ ڪَارا[٣١]،
تَمَاچِيءَ جي تَڪِيي، آچَنِ سَوارا[٣٢]،
جي مِيءَ[٣٣] مَچِيءَ[٣٤] مَارا[٣٥]، سَمِي سي سَيڻَ ڪِئَا.

Gul Hayat Institute

١. نوريءَ مهاڻيءَ جي عاشق جو نالو. ٢. تڙ جو. مڇي مارڻ ڪانپوءِ گڏ ڪري رکڻ واريءَ جاءِ جو. مياڻيءَ جو. مهاڻن جي رهڻ واريءَ بستيءَ يا ڳوٺ جو. ٣. مالڪ. ٤. راجا. بادشاھ. ٥. تڪيي ۾. اَجهي ۾. مڪان ۾. آستان ۾. ٦. ساراھ. ٧. اي تماچياءَ. اي تماچيءَ جي ساراھ ڪندڙ يا تماچيءَ جا مداح ٨. تماچيءَ جا. ٩. ڏسين (گنج ۾ "لَهَہ" لکيل آهي جيڪا نطر ڄڪ ڏسجي ٿي). ١٠. مهاڻي. ١١. مسڪين. ڪنگال. نادار. ١٢. اي ڄام. اي سردار. ١٣. (آئون) ويجهي. نزديڪ. ١٤. محصول. سُونگ. ١٥. معاف ڪرائي. ١٦. مون ڪي يعني منهنجي مائٽن ڪي. ١٧. ڪاڌو. خوراڪ. ١٨. مڇيون. ١٩. ملڪيت. دولت. ٢٠. ڪکن. ڪاٺين ۽ ڪانن جا نوڙين يا رسين سان ترِ ٻڌي ٺاهيل (پاڻيءَ ۾ ترڻ لاءِ)منجا. ترها. ٢١. ڄام تماچيءَ (جيڪو سمان خاندان مان هو). ٢٢. مائٽ. ٢٣. ڪمزور. ضعيف. ٢٤. هڏا (جسم جا). جسم. بدن. ٢٥. اي ڄام. ٢٦. توکي پرتل آهي. تنهنجي حوالي يا سپرد آهي. ٢٧. (مهاڻن جو) لڏو. اثالو. مال اسباب. راڄ. قوم. ٢٨. سانگ وارن. خانابدوشن. مسافرن يعني مهاڻن. ٢٩. ننڍيون ٻيڙيون. ٻونديون. ٣٠. مڇين جي ڦاسائڻ لاءِ سٽ مان ٺهيل ڄاريون. رڇ. ٣١. توڪرا. ٣٢. سويل. ساجهر. ٣٣. مهاڻا. ٣٤. مڇيءَ جا. ٣٥. مارينڌڙ. ڦاسائڻ وارا.

## ۱۳

ڪِڪِڙيءَ[1] هَاٺِيُون[2] ڪارِيُون[3]، ڇِڇِڙيءَ[4] هَاٺَا ڇَڄَ[5]،
پَانڊُ[6] جَنِي جي پَاندَ سِين، لَڳو ڪَري لَڄَ[7]،
سَمُون[8] جَامَ[9] سَهجَ[10]، اُيُو[11] ڪَري اُنِ سِين.

## ۱۴

ڪَارِيُون[12] ڪوجھِيُون[13] ڪُوَڙِيُون[14]، مُورِ[15] نَہ موچَارِيُون[16]،
وَنِي وِبنِيُون واتَ تي، ڪِڪِڙيءَ[17] جُون ڪَارِيُون،
اُنِين جُون آرِيُون[18]، سَمي رِءَ[19] ڪيرُ سَهي[20].

## ۱۵

ڪَارِيُون ڪوجھِيُون ڪُوَڙِيُون، مُنهَن[21] مَيرِيُون[22] مَيُون[23]،
پَاڪُرُ[24] پَائِي يَنِ[25] ڪي[26]، پَاٺِيءَ ۾ پيِيُون،
جي سَمِي[27] سَامَ[28] وِبِيُون، تَنِ تَان لَٿو[29] حَرَفُ حِسَابَ[30] جو.

## ۱٦

ڪَارِيُون ڪوجھِيُون ڪُوَڙِيُون، بَدِ[31] جَنِي ۾ بُوءِ[32]،
هَٿِين[33] پِيرِين[34] چِپِرِيُون[35]، رَنگَ[36] نَہ چَڱِيءَ[37] رُوءِ[38]،

Gul Hayat Institute

---

۱. مڇيءَ (جي مٿان لڳلڳدار ڳگ)، ڪِڪَ يا بدبوءِ (سان) ۲. ڀريل، لڳل. ۳. ئوڪريون، ٽيٿيون، ڇلبون، ڇبيون. ۴. مڇيءَ جي آندن ۽ ڳجين، ڪک، بدبوءِ، مڇيءَ جي ڏپ. ۵. سَر جي ٻوڙي جي ڪانين مان ٺهيل ويڪرا ٿانءَ، سَپَ. ٦. (عام ماڻهوءَ جي) ڪپڙي جو پلئہ يا پاسو. ۷. شرم. ٿڪائي، خجالت. ۸. تماجي ڄام (جيڪو سمان خاندان جو هو). ۹. تمام گهڻا. ۱۰. سُکَ، سهوليتون. ۱۱. پيو. ۱۲. سياهہ رنگ واريون. ۱۳. بدشڪل، بدصورت، بڇڙيون. ۱۴. بي ڊوليون، گدليون. ۱۵. اصل، بنهہ. ۱٦. سهڻيون، سوڀياوان. ۱۷. مڇيءَ. ۱۸. آرا، انگل، ماٺا، ناز نخرا. ۱۹. ڪانسواءِ. ۲۰. برداشت ڪري. ۲۱. منهن جون، شڪل يا صورت جون. ۲۲. گدليون، بڇڙيون. متيءَ يا مَرَ لڳل. ۲۳. مهاٺيون. ۲۴. ٻک. ڪنهن شيءِ کي ٻنهي ٻانهون وبڙهي جهلڻ واري حالت. ۲۵. وجهي. ۲٦. (مڇين کي ڦاسائڻ لاءِ) وڏي ڄار يا رڄ. ۲۷. سمي جي. ۲۸. سام هيٺ، پناهہ هيٺ. ۲۹. اکر. ۳۰. حساب ڪتاب، ليکي چوکي، ميار، (قيامت ۾) ۳۱. خراب. ۳۲. ڏپ، بانس. ۳۳. هٿن ۾. ۳۴. پيرن ۾. ۳۵. چبن (هڪ قسم جي پکين جي قسم) جهڙيون. ۳٦. ورن. ۳۷. سٺي، سهڻي. ۳۸. نموني.

جِنهِن ڏُرا وِڪِئا ڏُوءِ، تِنهِن جي جهولِيءَ چَنڊُ جُهلِي پئو.

## ١٧

ڄارِيُوِن ڪارِيُون ڇَڄ ڇِپِرِيُون، جَن جي مَحبَت مَڇِيءَ سانُ،
رَهَن وِهَن سِرِ ٻانڌِيئِن، سَيِڪا ٻَدبُوءِ هانُ،
لُڌِڙَن جِيئَن لطيف چَئي، پاٽِيءَ وِجَهن پانُ،
تَن مَلاحَن جو مانُ، سَمِي سِرِ ڪِئو پانهِنجي.

## ١٨

گَندَ جَنِي جي گوڏِ ۾، پاٻوڙا پوشاڪَ،
اُنِين جي اوطاقَ، راجا رِبجهي آيو.

## ١٩

گَندَ جَنِي جي گوڏِ ۾، پاٻوڙا پَيِنامُ،
اُنِين کي انعامُ، مَجَرُ مِڙِوئي ٿِئو.

## ٢٠

گَندَ جَنِي جي گوڏِ ۾، ڪُلَهن تي ڪُوٽِيُون،
اَناپِرنِ جون اُنِ کي، مَٿَنِ تي مُوڙِيُون،

١. (ننڍيون) مچيون، ٢. سنهيون مڇيون، ڪرڙيون، ٣. جهوليءَ ۾، هنج ۾، ٤. چنڊ جهڙو، سهڻو جوان، ڄام تماچي، ٥. لڌي، (جهلي پئو ويئو) ٦. مڇين ڦاسائڻ لاءِ رڇ، ٧. ٽوڪريون، ٽپڙيون، چليون، ڇبيون، ٨. سَر جي ٻوڙي جي تيلين مان ٺهيل ويڪرا ٿانءَ، سَپَ، ٩. ڪکن ڪانن مان ٺهيل ٻڙيچ يا تڏيون جن تي مهاڻيون ڪاري مان مڇي ڪڍي وڪڻڻ لاءِ رکنديون آهن. ١٠. قرب، پيار، ١١. ٻيلڪ ڪن، ١٢. تي، مٿان، ١٣. مڇيءَ مارڻ لاءِ تانگهي پاڻيءَ ۾ اڏيل پيهن يا منهن يا ڪاٺ جي ٻن بندن جي وچ ۾ رڇ يا ڄاريون ٻڌي ناهيل آڏن، ١٤. ڏپ، ٻانس، ١٥. هاٿي، واري، ١٦. ڪتن جي مشابهہ پاڻيءَ ۾ رهندڙ جانورن، ١٧. پاڻيءَ ۾، ١٨. مهاڻن، ١٩. مانُ، عزت، ماڻو، آرو، انگل، ٢٠. ڄام تماچيءَ (جيڪو سمان خاندان مان هو)، ٢١. سر تي، مٿي تي، ذمي، ٢٢. پاڻيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ ول يعني ٻيڻ جون ٻڪيون ۽ ٿلهيون پاڙون جن کي لوڙهہ چئبو آهي، ٢٣. بدن جي هيٺين حصي کي ڍڪڻ لاءِ ٻڌل ڪپڙي، لاڪ، تهہ بند٢٤. ٻيڻ جي ول جا پن، ٢٥. لباس، پوش، ڍڪ، ٢٦. اوطاق ۾، گهر ۾، ٢٧. بادشاهہ يعني ڄام تماچي، ٢٨. راضي ٿي، ٢٩. پوشاڪ، ٣٠. بخشش، ٣١. (ڪينجهر) ڍنڍ، ٣٢. پاڻيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ قسم جا ٻوٽا، ٣٣. اناپي، ڪوٽيءَ جي ڦر يعني ڪَمُ، ٣٤. سرن، ٣٥. ڀريون، هڙون.

Gul Hayat Institute

اَچَنِ سَنبُرُوڙيُون[1]، سَمِي[2] جي سَلامَ[3] تي.

## ٢١

ڳنڌَ[4] جَني جي ڳوڏِ[5] ۾، ڪَڏَنِ ڪالوڙا[6]،
لوڙِيُون[7] ڪِينِ لطيف چَئي، آسَڻِ[8] اَجوڙا[9]،
تَماچِيءَ[10] توڙان[11]، وَڻي[12] ويچارَنِ[13] سين.

## ٢٢

ڦوتُ[14] جَنِ جو ڪُوٽيُون[15]، پَرهَنِ[16] پايوڙا[17]،
پايو[18] مُنهَن[19] مَهراڻَ[20] ۾، ڪَڏَنِ ڪالوڙا،
جَنِ تي ڏَنَ[21] هُئا ڏوڙا[22]، سي سَڀِ اِنعامي[23] تِئا.

## ٢٣

مُهاڻا مَحرومَ[24]، تِئا تَماچِي جَامَ سين،
نَندي وَڏي ڳنڌَري[25]، مَتي[26] مَاڙِيءَ[27] ڏُومَ[28]،
ڪِينجهَر[29] جي رُومَ[30]، تَه مِڙيئي اِنعامي[31] تِئا.

## وائي

تو[32] دَرِ[33] آيَسِ سَامَ[34]، جَامَ سَمَا سَامَ تُنهِنجي،

١. سنبرئو، تيار ٿئو. ٢. ڄام تماچيءَ (جيڪو سمان خاندان مان هو). ٣. حاضريءَ، پرنام، جهار. ٤. پاڻيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ ول (جنهن کي پيڻ جي ول چئبو آهي) جون پڪيون ۽ ٿلهيون پاڙون، جن کي لوڙهہ چئبو آهي. ٥. بدن جي، چيلهہ کان هيٺ واري حصي کي ڍڪڻ لاءِ ٻڌل ڪپڙي، لاڪ، تهہ بند. ٦. ڪَل (گهڻي پاڻيءَ يا ڍنڍن ۾ اپرندڙ هڪ قسم جي گاهہ) جون پاڙون. ٧. هڪ قسم جون مڇيون. ٨. آسڻ تي، آستان تي، گهر ۾. ٩. جن جو جوڙ يا مٽ نہ هجي، لاثاني، بي مثال. ١٠. تماچيءَ جي. ١١. توڙ کان، اصل کان، منڍ کان. ١٢. (دل) لڳي وئي يا راضي ٿي. ١٣. ٻي واهن يا وسيلن (مهاڻن). ١٤. ڪاڌو، خوراڪ، غذا. ١٥. پاڻيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ قسم جا ٻوٽا. ١٦. (بدن تي) ڍڪين، پائين. ١٧. پيڻ جي ول جا پن. ١٨. وجهئو. ١٩. چهرو، مک، مٿو (پايو منهن = ٽٻي هڻئو، اندر گهڙئو). ٢٠. سنڌودرياهہ جو نالو پر هتي مراد ٿيندي پاڻيءَ. ٢١. محصول، ڍلون، سونگ. ٢٢. ڏوٿا، پيٺا، ڌَهرا، ڳرا. ٢٣. معاف. ٢٤. ڳهائل مائل، گستاخ، حال ٻائي، واقف، مَحرم. ٢٥. ڳنڌري جي، مهاڻي جي. ٢٦. تي. ٢٧. محلات. ٢٨. ڏوڪ ڏوڪان، ڊوڙ، اچ وڄ، ڪاهہ. ٢٩. ڪينجهر جي ڍنڍ. ٣٠. پرپاسي وارا علائقا. ٣١. بخشش. ٣٢. تنهنجي. ٣٣. در تي، دروازي تي. ٣٤. سام جي واسطي، پناهہ يا آجهي جي لاءِ.

Gul Hayat Institute

نَہ سَمِيٰ[1] نَہ سُومَرِي[2]، آهِيَان گَنۡدَرِي[3] غُلامَ[4]،

آهي مُنهِنجي مُنهَن[5] ۾، مَڇِيءَ[6] بُوءِ[7] مَدامَ[8]،

مِڙِئو[9] گَندَرِيُون پَاڻَ ۾، سَمِيٰ[10] کَنِ سَلامَ[11]،

سَمي بِنَان[12] سَرَتِيُون[13]، ڪِينجُهرَ[14] ڀَانِيَان[15] قِيَامَ[16]،

اَللهَ[17] عَبدُاللطيفؒ چَئي، مُون تَان لاهِہ مَلامَ[18].

Gul Hayat Institute

١. سمان خاندان جي ڄائي يا عورت، ٢. سومرا خاندان جي عورت، ٣. مهاڻي، ٤. زرخريد ٽيل، ٻانهي، گولي، داسي، ٥. وات، ٦. مڇيءَ جي، ٧. ڌپ، بانس، ٨. سدائين، ٩. گڏ ٿئو، ١٠. سمي جو يعني ڄام تماچيءَ جو (ڄام تماچي سمان خاندان مان هو)، ١١. جهار، نمسڪار، پرنام، ١٢. کان سواءِ، ١٣. اي سرتيون، اي ساهيڙيون، اي جيڏيون، ١٤. ڪينجهر جي ڍنڍ، ١٥. سمجهان، محسوس ڪريان، ١٦. قيامت جو ڏينهن، سختيءَ وارو ڏينهن، مصيبت، آفت، آپدا، ١٧. اي الله، ١٨. ملامت، عتاب، ڦٽ لعنت.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُر ڪَاموڏ

## داستان ٽيون

۱

مَاري[1] نَہ ذارِي[2]، نَہ وَڏِي نَہ وِڪِٽي،
ڪارو[3] وِذائِين[4] ڪُوهَہ ۾، نِرتَئُون[5] نِهَاري[6]،
سَائِي پَرِ[7] پَارِي[8]، جَا گَهِرِ[9] سَمي[10] جي سَپَجي[11].

۲

نَہ وَڏِي نَہ وِڪِٽي، نَہ ڪَٽِي ۾ ڪاري،
اَهِنجَ[12] سَهِنجَ سَاهِمِيُون[13]، ڏُرِيَان[14] ئِي نَہ ذاري،
سَا پَرِ پَاري، جَا گَهِرِ سَمي جي سَپَجي.

۳

نَہ وَڏِي نَہ وِڪِٽي، نَڪي ڪِڪِئي[15] ڪَاءِ[16]،
جَامَ تَمَاچِيءَ لاءِ، پَاڪُ[17] رِڪَئَائِين پِجِرو[18].

Gul Hayat Institute

---

۱. (مڇي) ڦاسائي، ۲. (پاڻ وٽ) رکي، ۳. (مڇيءَ جو) ٽوڪرو يا ڇٻو، ۴. وذائين کوهہ ۾ = اڇليائين، ڦٽو ڪيائين. ۵. نرت سان، ڌيان سان، ٦. ڌسي وائسي (نرتئون نهاري = ڇاڻي واڻي، سوچي سمجهي)، ۷. ريت، رسم، رواج، ۸. ادا ڪري، بجا آڻي، ۹. گهر ۾، ۱۰. ڄام تماچيءَ (جيڪو سمان خاندان مان هو)، ۱۱. هلي چلي، مروج آهي، ۱۲. گهٽتائي، ۱۳. واڌي، سَنئالپ (اهج سهج = تور ڪرڻ مهل ساهميءَ يعني تارازيءَ جي ٻنهي پڙن جي گهٽتائي يا واڌي (آهِنَ يا ڪاڻ) برابر ڪرڻ لاءِ ڪم ايندڙ، تورا يا وزن)، ۱۴. ڌر ڪان، اصل کان، توڙ کان. ۱۵. مڇي، ۱٦. ڪائي، ۱۷. صاف، پوتر، اوجل، اڇت يعني غير ماڻهوءَ جي هٿ لائڻ کان پري، ۱۸. جسم، بدن، سرير.

### ۴

نَہ وَڏي نَہ وِڪِڙي، نَہ ڪِڪِيءَ[1] لائي هَٿَ،
ڪُرَنائيو[2] ڪيترِيُون، مِڙئو[3] ڪَن مِنَٿَ[4]،
جَا سَمِّي[5] وِهَارِي سَٿَ[6]، تِنهِن سين رِيسَ[7] نَہ ڪَنديُون راڻِيُون[8].

### ٥

ڪِڪِي هَڏَ[9] نَہ ڪَاءِ[10]، چِيچِي[11] هَڏَ نَہ چُهِي[12]،
نَہ وَڏي نَہ وِڪِڙي، اَڏيءَ[13] اوڏِي[14] نَاهِ،
سَمُون تِنهِنجي سَاءِ[15]، تُو مِيَاڻِيُون[16] مَعَافُ[17] ڪَري.

### ٦

هُيُون ڪوڙِين[18] ڪِينجهَر[19] پَرِ[20]، نُورِيءَ[21] سين نِيَاءُ[22] ٿِئو،
گَندِرِي[23] پَنهِنجِيءَ غَرِيبِيءَ[24] سين، تِي سَيِنُوَن[25] سَرِ[26]،
سَا مَرَڪي[27] مِيرَ بَحَرِ[28]، جِنهِن جي جهولِيءَ[29] چَندُ[30] جُهَلِي[31] پِئو.

### ٧

گِيرَبُ[32] نَہ ڳَاءُ، مُهَاڻِيءَ جي مَن[33] ۾،
نِيٽَن[34] سين نَازُ[35] ڪَري، رِيجهَائِين[36] رَاءُ[37]،

---

١. ڪڪيءَ کي، مڇيءَ کي. ٢. چوڌاري ڦريو يا وڪوڙيو. ٣. گڏ ٿئو، گڏجئو. ۴. آزي نيازي، نيزاري، وينتي، عرض، سوالُ. ٥. ڄام تماچيءَ (جيڪو سمان خاندان مان هو). ٦. سٿ ۾، مجلس ۾، محفل ۾، ڪچهريءَ ۾. ٧. رقابت، برابري، رشڪ. ٨. بادشاهہ زاديون، بادشاهي خاندان جون عورتون. ٩. اصل، بنهہ، مور. ١٠. ڪائي. ١١. مڇي، مڇيءَ جا آنڊا ۽ گجيون، مڇيءَ جي پيٽ مان نڪتل گندگي. ١٢. هٿ ۾ ڪٽي. ١٣. اڏيءَ کي. ڪاٺ جي ٽڪر (جنهن تي مڇي وڍبي آهي) کي. ١۴. ويجهي. ١٥. واسطي، ڪاڻ. ١٦. مڇيءَ مارڻ کان پوءِ گڏ ڪري رکڻ لاءِ جايون، مهاڻن جي رهڻ واريون بستيون يعني ڳوٺ. ١٧. بخشش، محصول يا ڍل ڏيڻ کان آزاد يا آجو. ١٨. ڪروڙن جي تعداد ۾، تمام گهڻيون. ١٩. ڪينجهر (ڍنڍ جو نالو). ٢٠. پر ۾، پاسي ۾. ٢١. ڄام تماچيءَ جي محبوبہ جو نالو. ٢٢. انصاف، عدل. ٢٣. مهاڻي. ٢۴. غربت، نهنائيءَ، نئڙت. ٢٥. سين (راڻين) کان. ٢٦. مٿي، مٿاهين، بالا. ٢٧. فخر ڪري، خوش ٿئي. ٢٨. مهاڻي. ٢٩. جهوليءَ ۾، هنج ۾. ٣٠. چندہ جهڙو سهڻو جوان يعني ڄام تماچي. ٣١. لڌي. ٣٢. غرور، وڏائي، هٺ، تڪبر، گاءُ. ٣٣. دل. ٣۴. اکين. ٣٥. لاڏ، نخرو، ماڻو. ٣٦. راضي يا خوش ڪيائين. ٣٧. راڄا، (ڄام تماچي).

سَمُون[1] سَيِّنِ[2] مُلان[3]، هِيرِئَائِين[4] حِرفَتَ[5] سِين.

**۸**

عَجَبُ[6] اَجَهلُ[7] هوءِ[8]، نُوريءَ[9] جي نِيَازَ[10] جو،
سَمُون سِرُ[11] سَيِّنِ مِ، مي[12] مُورچِئو[13] سو،
اَچِئو اُپِيَنِ[14] پوءِ[15]، حُجَتَ[16] پَکِّي[17] راڻِيِن[18].

**۹**

وِيني كَري وَرَنَ[19]، مي مَچِيءَ مِ هَشَرَا،
راجَا[20] اَگِئي[21] رِكي هُئِي، مُهَاڻِي مِ مَنَ[22]،
تَمَاچِيءَ جي تَنَ، گَالِهيُون جَيَسِ گُجِهيُون[23].

**۱۰**

پَابُوڙو[24] پيشِ[25] كِئو، نَئُون[26] نُوريءَ نِيئِي[27]،
حَاضُرُ[28] هُيُون هَكِيُون[29]، سَمِيُون[30] سَيِئِي،
نَوازي[31] نِيئِي، گَاڏي[32] چَاڙهي گَندَرِي[33].

**۱۱**

هُئِي مَيئِنِ جِهَڙِي مي، خِدمَتَ[34] كَڻِي كَرِي[35] كِي،

---

۱. ڄام تماچي (جيڪو سمان خاندان مان هو). ۲. سين راڻين يعني بادشاهي خاندان جي عورتن. ۳. وچان. ۴. هن (سمي کي) هيريو يعني موهيو يا مفتون ڪئو. ۵. اٽڪل، سياڻپ، ڏاهپ. ٦. حيرت. ۷. جيڪو جهلي يا روڪي نہ سگهجي، زوردار، طاقتور. ۸. آهي. ۹. ڄام تماچيءَ جي محبوبہ جو نالو. ۱۰. نئڙت، نماڻائي، نهڻائيءَ. ۱۱. سردار. ۱۲. مهاڻيءَ. ۱۳. موهت ڪئو. ۱۴. ٻيهن. ۱۵. پڻيان، پوئٽان. ١٦. دعوئي، حقداري. ۱۷. ٿني پئي، پوري يا ختم ٿي وئي. ۱۸. راڻين جي، بادشاهي خاندان جي عورتن جي. ۱۹. نمونا، روپ، ناز نخرا، هار سينگار. ۲۰. بادشاهہ يعني ڄام تماچيءَ. ۲۱. شروع کان، اصل کان، آد کان. ۲۲. دل، قلب، تَن. ۲۳. مخفي. ۲۴. ٻيڻ جي ول جو ڦر. ۲۵. حاضر. ۲٦. مند جو شروعاتي ڦهريون ڦلَ (ڍوئي يا سوکڙيءَ طور عام ڄام استعمال کان اڳ). ۲۷. ڪئي وجي. ۲۸. موجود. ۲۹. بروقت يا اڳيئي تيار يا نهيل نڪيل. ۳۰. سمان خاندان جون عورتون. ۳۱. سرفراز يا سرخرو ڪري، راضي ڪري. ۳۲. گاڏي تي، رٿ تي، بادشاهن جي سواريءَ لاءِ ہہ ڦيٿي گاڏيءَ تي. (ڄام تماچيءَ چاڙهي). ۳۳. مهاڻي. ۳۴. سيوا، چاڪريءَ، ٽهل، ٻليپ. ۳۵. چوکي، چڱي، اتم، اعليٰ.

جَنِ وِهَڻُ نَہ ڏِنُسِ[1] وَٽِ[2] ۾، تِيُون سَلامِيُ[3] سي،
جَامَ[4] تَماچِيءَ[5] کي، تَنَ[6] ۾ ڏِنائين تَکِيو[7].

۱۲

مَرَڪِي[8] مُهاڻِي[9]، جَهرَڪِي[10] جِيڏِيُنِ[11] وِچَ ۾،
جِيئَن سَڳُو[12] مَنجهِ سُرِندڙي[13]، تِيئَن راڻِن[14] ۾ راڻي،
سَمِي[15] سُجاڻِي[16]، بِيڙو[17] بَڌُسِ بانهَن ۾.

۱۳

هَٿِين[18] پيرين[19] آرڪين[20]، مُنهَن[21] نَہ مُهاڻي،
اَصلِ هُئِي اُنَ کي، اَهلَ[22] جامَاڻي[23]،
سَمي سُجاڻي، بيڙو بَڌُسِ بانهَن ۾.

۱۴

بِيڙو پُوئِي بانهَن ۾، پِي نَہ بَڌي کا،
تُوڏُ[24] تِنهِن[25] جُڳاءِ[26]، سَمُون سِڪِي[27] جِنهَن کي.

۱۵

ڪُوءِ[28] سَمِيُون[29] بَنِ سُومِرِيُون[30]، جي اَچَنِ اوچي[31] ڳاٽِ[32]،

---

۱. ان کي ڏنو، ۲. ۾، ياسي، ۳. سلام ڪندڙ، آجيان يا آڌر ڀاءُ ڪندڙ، استقبال ڪندڙ، ۴. سردار، ۵. نوريءَ مهاڻيءَ جي عاشق جو نالو، ٦. دل، من، ۷. جاءِ، ۸. فخر ڪري، خوش ٿئي، ڪلي، لاڏ ڪري، ۹. يعني نوري جيڪا ذات جي مهاڻي هئي، ۱۰. چمڪي، جهلڪا ڏي، ۱۱. ساهيڙين، سرتين، ۱۲. (مول) ڏاڳو، رودو، ۱۳. سرندڙي يعني سرندي (هڪ قسم جي ساز) جي تندن، ۱۴. بادشاهي خاندان جي عورتن، ۱۵. ڄام تماچيءَ (جيڪو سمان خاندان مان هو)، ۱٦. ڀرڪي، سهي ڪري، ۱۷. (شاديءَ جي هڪ رسم موجب)، سڳڙو، ڳانو، ۱۸. هٿن ۾، ۱۹. پيرن ۾، ۲۰. آرڪن ۾، ارڪانن ۾، لڇڻ ۾، هلت چلت ، ۲۱. مُنهن ۾، چهري يا شڪل ۾، ۲۲. روش، ڍنگ، ۲۳. ڄام تماچيءَ جي خاندان واري، شاهاڻي، ۲۴. توڏ، وڏائي، فخر، ۲۵. تنهنکي، ۲٦. جڳائي، سونهي، مناسب لڳي، ۲۷. واجهائي، اُڪنڊي، ۲۸. ٻَن، ڪڏ ۾، ڪوهہ ۾، ۲۹. سمان خاندان جون عورتون، ۳۰. سومرا خاندان جون عورتون، ۳۱. اُڀي، سڌي، ۳۲. ڳاٽ سان، ڪَرَسان (اوچي ڳاٽ = فخر سان).

وَرِ[١] سي ڪينجهر[٢] جايون[٣]، جَنِ[٤] تماچيءَ[٥] جي تانِ[٦]،
راڻِنِ[٧] مُلان[٨] راتِ، ماڻڪُ[٩] مَي[١٠] پرايو[١١].

## ١٦

تَڙَ[١٢] تريُون[١٣] ڊوئين، ڪَنِ[١٤] رهاڻيون[١٥] ربل[١٦] ۾،
رَجَ[١٧] پنهنجي راڄ[١٨] ۾، وينيون سموهين[١٩]،
مُهاڻيون موهين[٢٠]، تخت[٢١] تماچيءَ جام جو.

## ١٧

اَچي ربل[٢٢] اُڪنيون[٢٣]، ڪالوڙا[٢٤] ڪري[٢٥]،
پَرِ[٢٦] ڪيئون پنديون[٢٧]، منجهان پَن[٢٨] پري،
تماچيءَ جي تڪيي[٢٩]، ڏَنُ[٣٠] سيڪا ڏي،
نوريءَ نازَ[٣١] ڪري، عالمُ[٣٢] انعامي[٣٣] ڪئو.

## ١٨

ڪالهه ڪيائون[٣٤] ڪوٽيون[٣٥]، اَجُ تي ڪمُ ڪري،
هتان هليون هيڪليون، پاڪر[٣٦] پَن[٣٧] يري،
تماچيءَ جي تڙ تي، سيڪا ڏنُ ڏي،

---

١. بهتر، ڀليون، چڱيون. ٢. ڪينجهر (ڍنڍ جو نالو) ۾. ٣. پيدا ٿيل (ڪينجهر جايون = مهاڻيون). ٤. جن ڪي. ٥. نوريءَ مهاڻيءَ جي عاشق جو نالو. ٦. ياد، يادگيري، سِڪ، آڪند. ٧. بادشاهي خاندان جي عورتن. ٨. ڪان. ٩. موتي يا جواهر (جهڙو سهڻو يعني ڄام تماچي). ١٠. مهاڻي. ١١. حاصل ڪئو. ١٢. تڙ تي، ڍنڍ جي ڪناري تي مڇيءَ مارڻ کان پوءِ ڳڏ ڪري رکڻ واري هنڌ تي. ١٣. نڪتڙيون ٻيڙيون، ڊونديون، مڇُئا. ١٤. هلائين، آڻين ۽ نين. ١٥. ڪچهريون، مجلسون. ١٦. ڍنڍ جي ڪناري تي ساوڪ يا سبزي واري ميدان. ١٧. مڇن ڦاسائڻ لاءِ ڄارَ يا ڄاريون. ١٨. قوم، آکهہ، ڪٽنب، ڪڙم، برادريءَ. ١٩. سنوارين، چڱيءَ طرح ڳنڍين ۽ سولا ڪري ٺاهي رکن. ٢٠. موهت ڪن، مفتون ڪن، هرڪائين. ٢١. گادي يا گدي پر هتي مراد ٿيندي ڄام تماچيءَ جي حڪومت جا ماڻهو. ٢٢. ربل ۾. ٢٣. (پاڻيءَ مان) نڪري وينيون. ٢٤. ڍنڍ ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ قسم جي ول جون پاڙون (جن کي ٻهہ يا لوڙهہ چئجي). ٢٥. ڪڍي. ٢٦. ڪيڪار، تمتار. ٢٧. (مڇين جون) ڪاريون يا جيبون. ٢٨. رج. ٢٩. تڪيي تي، آستان تي. ٣٠. محصول، ڍل. ٣١. ماڻا، آرا، انگل. ٣٢. جهان يا دنيا (جا ماڻهو). ٣٣. ڏن ڏيڻ کان آزاد ڪرايو. ٣٤. ڪڍيائون. ٣٥. پاڻيءَ ۾ ٿيندڙ هڪ قسم جون وليون جن جي ڦر کي ڪَمُ چئبو آهي. ٣٦. مڇين جا پاڪر (ٻن پاڻهن جي وچ يا وڪڙ ۾ سمائجي ايندڙ ڪنهن شيءِ جي وزن کي پاڪر چئبو آهي). ٣٧. ٻن مان، رج مان.

Gul Hayat Institute

تَنِ کي سَمِي[1] سَهَج[2] ڪَري، مَجَرُ[3] سَڀِ مَعَافُ[4] ڪِئو.

١٩

سَمِي[5] سَامَائِي[6]، مَان[7] لَڌو[8] مِيئِين[9]،
نِنڍِيءَ وَڏِيءَ گَندَرِيءَ[10]، اُيِي[11] اِن پَرِئِي[12] چَايَائِين[13].

٢٠

تَخت تَخت[14] بَخت[15] تَمَاچِي، سَڀِ نُورِيءَ کي نَمَن[16]،
لِکِئو لِيَاکَا[17] پَايَا[18]، سَارِي رات سَمِيُن[19]،
پَايُون رَاٺِيُون[20] دَايُون[21]، تِنهِن جَا پَيرَ[22] چُمَن[23]،
مَجَرُ مَلاحَن[24]، مِڙوئِي[25] مَعَافُ[26] ٿِئو.

وائي ١

هِيرِي[27] هَٽُ[28] وِڌائِين[29]، هِيرِي هَٽُ[30] ڪَنيَائِين[31]،
اي مُون بِاللهُ[32] وِيهِي سَاٿِين[33] وِچ ۾،
نَوازِشَ[34] نُورِيءَ جِي، آهي تَمَاچِيءَ تَائِين،
گَندگِيءَ[35] گوشُو[36] ڪِئو، عَطَرَ[37] اوت[38] اوتِئَائِين[39]،
اَنذا مَندا آيا، سَخَا[40] سَڌُ[41] وِڌائِين[42]،

---

١. ڄام تماچيءَ، جيڪو سمان خاندان مان هو. ٢. سهوليتون، سک، مهربانيون. ٣. (ڪينجهر جي) ڏنڍ، ۴. ڏن يعني محصول يا ڍل ڏيڻ کان آزاد. ٥. سمي جي. ٦. ساماڻجڻ سان، پيدا ٿيڻ سان. ٧. عزت، آبرو. ٨. حاصل ڪئو. ٩. ميڻ، مهاڻن. ١٠. گندريءَ کان، مهاڻيءَ کان. ١١. بيني، ٻئي. ١٢. طرح، ريت. ١٣. چوايائين. ١۴. گادي يا گدي ۾ هتي مراد ٿيندي ڄام تماچيءَ جي حڪومت يا بادشاهيءَ ۾ رهندڙ ماڻهو. ١٥. ڀاڳ، نصيب. ١٦. سلام ڪن، تابعداري ڪن. ١٧. چيئو. ١٨. جهاتيون. ١٩. سمان خاندان جي عورتن. ٢٠. سمان خاندان جون سڪر يا شريف عورتون يا راڻيون. ٢١. ٻانهيون، گوليون. ٢٢. قدم. ٢٣. چپن سان چهن. ٢۴. ملاحن کي، مهاڻن کي. ٢٥. سڄو، سمورو. ٢٦. بخشش، انعام. ٢٧. هيري جو، هيرن جواهرن جو. ٢٨. دڪان. ٢٩. ڪوليائين. ٣٠. هيري (هيرن جواهرن) تان. ٣١. هٿ ڪنيائين = دست بردار ٿيو (ورهائڻ جي عمل سان). ٣٢. منهنجا. ٣٣. ساٿين جي، مهاڻن جي. ٣۴. مهرباني، سفارش. ٣٥. پليتيءَ، غلاظت، بدبوءِ. ٣٦. ڀاسو، علحدگي. ٣٧. عطر جي. ٣٨. ڀالوٽ. ٣٩. پلٽيائين. ۴٠. سخا جو. سخاوت يا فياضيءَ جو. خيرات. ۴١. هوڪو. ڪوٺ، دعوت. ۴٢. ڏنائين.

Gul Hayat Institute

پَسُو[1] جُودُ[2] جُوانَ[3] جو، ڪو هَنڌُ[4] ڪونهِ مَتيئائين[5]،
قِيمَتَ[6] ڪَمِيٽَنِ[7] سين، جهَڙي[8] وَٿَ وَٺائين[9]،
پَسو جو پَيدا ٿئو[10]، جوهَري[11] جِتائين[12]،
موتي[13] مَڃيءَ[14] هَٽَ تي، ڪُوڏِنِ[15] جيئَن[16] ڪَڍيائين،
ماڻِڪَ مِياڻيءَ[17] ۾، ڇِلُرَنِ[18] جيئَن ڇَٽيائين[19]،
ڏيئي سُون سُوالَ[20] ۾، رُپي[21] رانڊِ[22] ڪيائين،
فيروزا[23] فَقِيرَنِ تان، ڳهوري[24] سَڀِ ڳهورِيائين[25]،
پاٽِيَنِ آڻي[26] پاڻَ سين، لالُون[27] لُٽائين[28]،
اُتي عَبدُاللطيفَ (رح) ڪي، اُجِلي اَمُلَ[29] ڏِنائين.

## وائي ②

هَاڙهي[30] هيٺ[31] لَڳا، سَجَرَ[32] پيرَ[33]، تازا پيرَ پِرِيَان جا،
لُڪُون لَڳنِ ڪوسِيُون، ڏُونگر[34] ڏِينهن تَتا،
سُونهن[35] سُونهارا[36] مُنهن[37] موچارا، آن[38] کي هوتَ[39] ڏِنا.

Gul Hayat Institute

١. ڏسو، ملاحظو ڪريو. ٢. سخا، سخاوت، فياضي. ٣. (سخي) مرد. ٤. جاءِ، ماڳ. ٥. ڇڏيائين، نظرانداز يا ترڪ ڪيائين. ٦. هيءَ لفظ "جهڙي" لفظ سان لاڳو آهي ان ڪري معنيٰ ٿينديءَ قيمتي، املهہ، بي بها. ٧. بدڪارن، نالائقن، خسيس ماڻهن. ٨. وٿ، وستو، ورج، تحفو، تبرڪ، برڪت واري شيءِ. ٩. ورهايائين، تقسيم ڪيائين. ١٠. ظاهر. ١١. هيرن جواهرن جو واپاري. ١٢. جتان، جنهن جاءِ تان. ١٣. هيرا، ماڻڪ، لالون. ١٤. مڃيءَ جي يعني مڃيءَ وارن مهاڻن جي. ١٥. پاڻيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ قسم جي جيٽن (جي مرڻ ڪانپوءِ اڇي رنگ جا پٿر ٿيو پون)، خسيس يعني هلڪي قيمت وارين شين. ١٦. وانگر. ١٧. مڇي مارڻ ڪانپوءِ ڳڏ ڪري رکڻ واري جاءِ، مهاڻن جي رهڻ واريءَ بستيءَ يا ڳوٺ. ١٨. مڇيءَ جي بت تي ڇاول، ڇلڪن يا ڇوڏن. ١٩. اڇليائين. ٢٠. خيرات گهرڻ لاءِ پينو فقير جي صدا. ٢١. ربي جي، چانديءَ جي. ٢٢. بازي، کيل، وهنوار، ڏي وٺ. ٢٣. نيري رنگ جا هيرا. ٢٤. ڦيرائي، گهمائي. ٢٥. صدقي يا خيرات ۾ ڏنائين. ٢٦. آبدار موتي. ٢٧. ڳاڙهي رنگ جا قيمتي موتي. ٢٨. گهڻي انداز ۾ ڏنائين. ٢٩. قيمتي يا بي بها موتي يا ماڻڪ. ٣٠. لس ٻيلي جي اولهہ طرف جبلن جي هڪ قطار جو نالو. ٣١. وٽ. ٣٢. تازا. ٣٣. پيرن جا نشان. ٣٤. ڏونگر ۾، جبل ۾. ٣٥. سونهن جا، حسن جا. ٣٦. سنا، موچارا، ملوڪ. ٣٧. منهن جا، شڪل جا، صورت جا. ٣٨. اوهان. ٣٩. محبوب.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيمِ

# سُرُ كَارَايَل

## داستان پهريون

۱

وَحدَهُ[۱] وائي[۲]، چَڙهَندي[۳] چَيائُون،
سو لُڙُ[۴] لَنگهَئائُون[۵]، جِت پارَکَ[۶] پَکِيان[۷].

۲

هَنجَڙا[۸] هيلادُ[۹] تِي، گُونُون[۱۰] مَ گهوريجِ[۱۱]،
پَسِي[۱۲] لُڙَ[۱۳] دِهکِيُون[۱۴]، پَکَ[۱۵] مَ لَمائيج[۱۶]*،
سو سَرُ[۱۷] ساگائيجِ[۱۸]، جِت پارَکَ تيندي پَکِيين[۱۹].

۳

اکَڙِيُون اوڙاهَ[۲۰] مِ، اُيو[۲۱] تَکي[۲۲] تارِ[۲۳]،
پِٽُون[۲۴] جو پاتارِ[۲۵]، هَنجُ تَنهِين جو هيرئُون[۲۶].

۴

وَجين نَه پيهي[۲۷]، پِٽُونءَ لَيءِ پاتارَ مِ؟

۱. وحده (هو يعني خدا هڪ آهي) جي، ۲. تنوار، ٻولي، آواز، ۳. اڏامندي، اڏامڻ وقت، ۴. پاڻي، ۵. لنگهي وئا، اورانگهي يا مٿي وئا. ۶. پرک، آزمائش، ۷. پکين جي، پرندن جي، ۸. اي هنجڙا، اي هنج، اي هنس (هنج يعني هنس پاڻيءَ جي هڪ سهڻي پکيءَ جو نالو آهي)، ۹. هيراڪ، عادي، ۱۰. تانگهو پاڻي، ۱۱. ڳولج، تلاش ڪج (ڪاڏي لاءِ)، ۱۲. ڏسي، ۱۳. لڙ جون، ۱۴. ڏٻا، ڏٻيون، پاڻيءَ جون ننڍيون ڪڏون، ۱۵. پَرَ، کنڀ، ۱۶. هيٺ ڪج، لاڙج، ڍارج *اڏامڻ بند ڪري هيٺ نه لهج، ۱۷. تلاءُ، چشمو، ۱۸. سڃاڻج، سهي ڪج، ۱۹. پکين جي، ۲۰. اوڙاهه ۾ يعني اونهي پاڻيءَ ۾ (اڙايو يا وجهيو)، ۲۱. ٻينو، ٻيو، ۲۲. جاچي يا نهاري (ڏيان يا گهورَ سان)، ۲۳. تار پاڻي، اونهو يا عميق پاڻي، ۲۴. موتي، ۲۵. پاتارَ ۾، پاتال ۾، اونهي پاڻيءَ جي تري ۾، ۲۶. هيراڪ، ۲۷. گهڙي (ڇو، ڇا لاءِ).

ڪَنڌِيءَ[1] ۾ ڪيهِي[2]، حَاجَ[3] تُنهِنجِي هَنجَڙا[4].

**۵**

پَکَڻِ[5] سِين پَاڻُ[6] هَٽِي، اُڏاڻُو آڪَاسِ[7]،
سُو سَرُ[8] مَٽِي[9] هَنجَڙو، جِتي پِرِين[10] سَنداسِ[11].

**٦**

مَاڻِڪَ[12] چُوڻُو[13] جَنِ جو، هَنجَ حُضُوري[14] سي،
چِلُڙَ[15] ۾ چُهِنجَ[16] هَٽِي، مَچِي ڪِين[17] نَہ اي[18]،
لُوڪَ[19] نَہ لَکِئَا[20] تي[21]، جِيلانهِن[22] پُٽَن[23] بِگهَن[24] گَڏِئا[25].

**٧**

تِئو حُضُوري هَاڻِ، سُوجَها[26] پيِيَسِ[27] سَرَ جِي،
ڪُنڌي[28] لَڌِي[29] ڪَاڻِ[30]، پَکِيئَڙي پَاتَارَ[31] ۾.

**٨**

دَلَبُو[32] مَنجهہ دَرِيَاهَہ، پَکِي پَسِي آيَا،
وِچَارا[33] وِسَاهَہ[34]، آڻِي اُتِ اَڙَايا[35].

---

۱. ڪپ، ڪناري، ۲. ڪهڙي، ۳. ڪم، مطلب، غرض، احتياج، ۴. اي هنجڙا، اي هنج، اي هنس (هنج يعني هنس پاڻيءَ جي هڪ سهڻي پکيءَ جو نالو آهي)، ۵. پرن، کنڀن، ٦. پنهنجو جسم يا بدن مٿي ڪري، ۷. آڪاس ڏانهن، آسمان ڏانهن، ۸. تلاءُ، چشمو، ۹. لنگهي، مٿي،نهاري، ڏسي، ۱۰. محبوب، ۱۱. سندس، ان جا، ۱۲. سچا موتي، ۱۳. کاڌو، غذا، ۱۴. حضور ۾ يعني (ڪنهن بزرگ هستيءَ جي) روبرو يا سامهون ايندڙ ويندڙ، ۱۵. گپ، چڪ، پاڻيءَ جي ڌٻن، مٽيءَ مليل يا لڙانيل پاڻيءَ، ١٦. چهنب، منقار، ۱۷. ڪاٿين، ۱۸. آهي، ۱۹. عام ماڻهن، ۲۰. پروڙيا، سڃاتا، ۲۱. تنهن صورت، ۲۲. جنهن صورت ۾، ۲۳. ڳهمن، ڦرن، هلن، ۲۴. ٻگهن سان (ٻگهہ پاڻيءَ جي هڪ پکيءَ جو نالو آهي، جيڪو رنگ جو اڇو، قد ۾ ڪڪڙ جيڏو ۽ ٽنگن ڊگهين سان ٿيندو آهي)، ۲۵. گڏ ٿيا، شامل ٿيا، ٢٦. سمجهہ، خبر، ۲۷. ان کي پيئي، ۲۸. ڏوري، ڳولي، ڪوٺي، ۲۹. ڏٺي، ۳۰. موتين جي ذخيري وارو هنڌ يا ڪڏ، ۳۱. اونهي پاڻيءَ جي تري، ۳۲. غريب، (پکين ڦاسائڻ لاءِ ڪکن جو ٺاهيل) جُڙتو يعني يا مصنوعي پکي، ۳۳. مسڪين، غريب، ڪرم هيڻ، بدنصيب، ندورا، ۳۴. اعتبار، ڀروسي، ۳۵. (مصيبت ۾) وڌا يا ڦاسايا.

Gul Hayat Institute

## ٩

پَکي تِنهِن پُڄايا[1]، جِنهِن ۾ ساهُه[2] نَه ماهُه[3]،
مَنجِهه[4] کَرِنگهَرُ[5] کانَ جو، مَتي[6] پَکَنِ[7] چاهُه[8]،
وِيچارَنِ[9] وِيساهُه[10]، مَتي[11] پَکَنِ آيو.

## ١٠

اَڇو[12] آبُ[13] لُڙُ[14] ڪِئو، ڪالوڙِئو[15] ڪَنگَنِ[16]،
اِيندا[17] لَڄَ مَرَنِ[18]، تِنهِن سَرَ[19] مَتي[20] هَنجَڙا[21].

## ١١

اَڇو[22] پِئو اَڇاهُه[23]، تَه اَڇا ئيءِ[24] اُبهو[25]،
وِهڻُ[26] وَڙُ[27] نَه آنهِنجو، لُڙَ[28] پاسي[29] لَلاهُه[30]،
سُسَرِ[31] ڏِجي ساهُه[32]، ڪُسَرِ[33] ڪَنگَنِ[34] قَبَرُون.

## ١٢

ڪُسَرِ ڪَنگَنِ قَبَرُون، سُسَرُ ساڳاهيجِ[35]،
هَنجَ هُتي جِي ڳالَهڙي، پَکهَن سِين مَ پوليجِ،
مازِي[36] تُون مَريجِ[37]، چَئِجِ[38] مَ ڪَنهِين[39] چُنج[40] سِين.

Gul Hayat Institute

١. ماري ناس ڪئا. ڦاسايا يا ازايا (مصيبت ۾)، ٢. پساهه. دم. جان. پران. زندگي. ٣. ماس. گوشت. ٤. اندر (ڪکن ۾ لڪل). ٥. کرنگهو. پنيءَ جو هڏو يا ڪنڊو. بدن. بوتو. ٦. متان. ٻاهران. ظاهري. ٧. پکن جو. ڪنين جو. ٨. مُچو. جهڳٽو. ٩. ويچارن کي، مسڪين يا غريبن کي، بدنصيبن يا ندورن کي. ١٠. اعتبار. ڀروسو. ١١. تي. ١٢. صاف. سترو. اوجل. نرمل. ١٣. پاڻي. ١٤. مٽيءَ گدِيل. ميرو. ١٥. گندو يا غليظ ڪئو. ڪارو ڪئو. ١٦. هڪ قسم جي پاڻيءَ جي پکين. ڪانيرن. ٻگهن. ١٧. ايندي. اچڻ جي سبب. ١٨. لڄ مرن = لڄي ٿين. شرمسار ٿين. ١٩. تلاءَ. چشمي. ٢٠. تي. ٢١. هنج. هنس (هنج پاڻيءَ جي هڪ سهڻي پکيءَ جو نالو آهي). ٢٢. اڇو پاڻي. صاف يا نرمل پاڻي. ٢٣. اي اڇا پکيو. اي هنج پکيو. ٢٤. اڇائيءَ سان. چڱائيءَ يا نيڪيءَ سان. ٢٥. قائم رهو. ٢٦. ترسڻ. ٽڪڻ. ٢٧. مرڪ. لائقي. لياقت. شرافت. عزت. ٢٨. لڙ جي. لڙاتيل يا ميري پاڻيءَ جي. ٢٩. پاسي ۾. ڀر ۾. ٣٠. اي للا پکيو (للو هنج پکيءَ جو هڪ قسم آهي). ٣١. سُسَر (سٺي پاڻيءَ جي تلاءَ يا چشمي) لاءِ. ٣٢. جان. حياتي (ڏجي ساهه = حياتي قربان ڪجي). ٣٣. ڪسر. (خراب يعني ميري پاڻيءَ واري تلاءَ يا چشمي) تي. ٣٤. ڪنگن جون. ٣٥. تون سڃاڻج يعني هٿ ڪج. ٣٦. مازي ۾. صبر ۾. چپ چاپ ۾. ٣٧. مري وڃج. دم يا ساهه ڏج. ٣٨. ٻڌائج. ٣٩. ڪنهين کي. ٤٠. چهنب. وات.

## ۱۳

لُڙجو[1] هيٺ لئي[2]، وِنن[3] هٽي وڃايو[4]،
پيتو تن[5] پيئون، جائون[6] منجهه جئي[7]،
دوڙون[8] منجهه ڌهي[9]، ڪنگ[10] ڪجاڙئان[11] پائيين.

## ۱۴

جنهن پاٽيءَ ۾ پونئرا[12]، چلڙ[13] چڪ ڳهٽي،
وِئا چِت[14] ڪٽي، تنهن سَر[15] مَٿان[16] هنجڙا[17].

## ۱۵

سَر ۾ ساري رات[18]، للي[19] تي لاتيون[20] ڪيون،
پکڙانديون[21] پرِيات[22]، هنج هٿندي رتيون[23].

## ۱۶

للي لنئين لات[24]، سَر ۾ ڪئو سوجهرو[25]،
ٻگها[26] ٻاتاڙا[27] تئا، وائي[28] ڪن نه وات[29]،
جُنگن[30] پنهنجي ذات[31]، نئي[32] رسائي[33] روهه[34] ڪي.

Gul Hayat Institute

---

۱. (تلاءَ ۾ تازو وهي آيل) پاڻي، ۲. لئي جي وڻ، ۳. پکين جي ٽوري يعني پائخاني، ۴. خراب ڪئو. ۵. تن کي، ٦. (پيٽ جا) ڪيڙا يا جيت، سيکيون، ۷. جيءَ جان، بدن، ۸. ڪاهون، تکا يا تيز پنڌ، ۹. پاڻيءَ جي ننڍڙي دٻي، ۱۰. اي ڪنگ (ڪنگ هڪ ڊگهين ٽنگن ۽ اڇي رنگ سان ڪکڙ جي قد جيڏو ڍنڍ جو پکي آهي)، ۱۱.جا جي واسطي، جا لاءِ، جو. ۱۲. پاڻيءَ جا سنها سنها جيت، ۱۳. گپ، چڪ، راڦو، ۱۴. دل، ڌيان، خيال، ۱۵. چشمي، تلاءَ، ۱٦. تان، ۱۷. هنج يا هنس پکي (هنج پاڻيءَ جي هڪ سهڻي پکيءَ جو نالو آهي)، ۱۸. سڄي، ۱۹. هڪ قسم جي هنج پکيءَ، ۲۰. ٻوليون، آواز، تنوارون، ۲۱. کنبڙاٽيون، کنبَ، پکَ، پَرَ، ۲۲. پرڀات جي مهل، فجر جي مهل، ۲۳. ڳاڙهيون ڪيون، ۲۴. ٻولي، آواز ڪري، ۲۵. روشني، سهائو، ۲٦. هڪ قسم جا پاڻيءَ جا پکي، ڪانيرا، ۲۷. حيران، پريشان، ۲۸. تنوار، آلاپ، ۲۹. وات مان، ۳۰. بهادرن (هنجن)، ۳۱. خاندان، آکهه، پنهنجو پاڻ، ۳۲. ڪٽي، وٺي وڃي، ۳۳. رسائي، پهچائي، ۳۴. جبل، ٽڪر، پهاڙ.

## ١٧

لَئِين[1] تَني جِي لاتِ، ذاتِ[2] نَه[3] آهي جَنِ جي*،
وايُون[4] ڪَرِين واتَ سين، تَنِ[5] ۾ رکين نه تَاتِ[6]،
ڪُنئِين[7] تِنهِن نَه ڪَاتِ[8]، جِنهِن پَهچَايوءِ[9] پِرِينءَ[10] کي.

## ١٨

لَنءُ[14] لَطيفي[11] لاتِ، تَه ويجهو[12] ٿِيين وِصَالَ[13] کي،
واري پَاءِ[15] وِجُودَ[16] ۾، سَندي[17] جُنگَنِ[18] ذاتِ،
هَٿِي ڪَرَنگهَرُ[19] ڪَاتِ[20]، پَڌَرِ[21] پَوُ[22] پِريَنِ سين.

وائي

هوتَ[23] بَلوچي[24] جِي آهِيَان، آئُون آهِيَان جيڏِيُون[25]،
الو،
ڪَنيزَڪَ[26] ڪيچِيَنِ[27] جِي، نَاتَرِ[28] نَانءُ سَڏايَانِ[29]،
پَيزارَ[30] پُنهُونءَ جي، اکِينِ[31] سين اُنَايَانِ[32].

Gul Hayat Institute

---

١. تون تنوارين يا آلاپين. ٢. ذڪر، ٻولي، آواز. ٣. خاندان، قوم، آکهه *جن جو بُڻ بنياد ڪونهي. ٤. ڳالهيون، پچارون. ٥. دل، من. ٦. ياد، سارَ. ٧. ڪُنو وِئين، ماريو يا فنا ڪيو وئين. ٨. ڪات (حلال جانورن کي ڪهڻ لاءِ هڪ لوهي اوزار) سان. ٩. توکي پهچايو يا رسايو. ١٠. محبوب. ١١. لطيف جي، خدا جي. ١٢. اوڏو، قريب، نزيڪ. ١٣. وصل ياميلاپ (محبوب جي). ١٤. ورائي، ڦيرائي. ١٥. وجهه. ١٦. دل، اندر. ١٧. جي. ١٨. بهادرن، سورهين، جوڌن، جوانن. ١٩. ڪرنگهو، ٻنيءَ جو هڏو يا ڪنڊو، بدن، بوتو. ٢٠. ڪات سان. ٢١. ظاهر. ٢٢. ٿيءُ. ٢٣. محبوب. ٢٤. بلوچ، پنهونءَ (جيڪو بلوچ قوم جو هو). ٢٥. اي جيڏيون، اي ساهيڙيون، اي سرتيون. ٢٦. ٻانهي، گولي، داسي. ٢٧. ڪيچ جي رهاڪن، پنهونءَ ۽ ان جي عزيزن (جيڪي ڪيچ ملڪ جا رهاڪو هئا). ٢٨. نالو (مومل جي ٻانهيءَ جو نالو ناتر هو). ٢٩. چوايان. ٣١. جُتي. ٣١. اکين سين = خوشيءَ سان. ٣٢. ڪٺان.

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحِيم

# سُرُ ڪَارايَلَ

## داستان ٻيو

١

ڪَا[1]رايَلَ مُيَاسِ[2]، وَڻِ چَڙهِئو[3] وايُون[4] ڪَرِين،
تو پَڻِ چوريَاسِ[5]، مُون پَڻِ سَڄَڻ[6] سَارِيَا[7].

٢

ڪَارايَلَ جي ڪوڏَ[8]، مُون نَنگَرَ[9] سَڀِ نِهَارِئَا[10]،
وَرِي[11] واهيري[12] نَه آيَا، لَالا[13] ڪِيڻيءَ[14] لوڏَ[15]،
هِينئَڙي[16] جَنِي[17] هوڏَ[18]، سي هَنجَڙا[19] هَلِي وِئَا[20].

٣

هَنجَنِ سَندِيءَ[21] هيرَ[22]، مُون ڪِينجَهرُ[23] سَڀِ نِهَارِئو،
سَرَ[24] مِ پَکي ڏيرَ[25]، پِريَان[26] پَارِين[27] نَاهِ ڪو.

Gul Hayat Institute

٤

سَرُ وِڃَايُو[28] سُرهو[29]، ڪُوڙَن[30] ڪَانيِرَن[31]،

---

١. اي ڪارايل، اي هنج پکي، ٢. آئون مري ويس، آئون تباهه يا برباد ٿي ويس، ٣. وڻ تي، ۴. ٻوليون، لاتيون، ۵. مونکي چوريو يا ڇيڙيو، ٦. محبوب، ٧. سنڀاليا، ياد ڪئا، ٨. ڪوڏ سبب، شوق سبب، پيار يا محبت سبب، ٩. ڳوٺ، شهر، ١٠. ڊونڊيا، جاچيا، ١١. موٽي، ١٢. واهيري تي، آڪيري تي، ١٣. هنج پکين جي هڪ جنس وارا پکي، ١۴. عمدي، سهڻي، وڻندڙ، لک لهندڙ، ١۵. لوڏ وارا، رفتار وارا، هلڻيءَ وارا، ١٦. هينئڙي جي، هنيين جي، دل جي، ١٧. جني سان، ١٨. حجت، هٺ پڄندي، سوال جواب جي واٽ، ١٩. هنج، هنس (هنج پاڻيءَ جي هڪ سهڻي پکيءَ جو نالو آهي، ٢٠. لڏي، جُوءِ ڇڏي، ٢١. جي، ٢٢. هير سبب، پيار يا سڪ سبب، ٢٣. ڍنڍ جو نالو، ٢۴. تلاءِ، چشمي، ٢۵. ڏِڳ، جامَ، گهڻا، ٢٦. پرين جي، محبوبن، جي ٢٧. پارن وارو، نشانين وارو، وصفن وارو، ٢٨. لٻي ميرو ڪئو، خراب ڪئو، ٢٩. موچارو، سنو، ٣٠. ڪوڙن، مَڻن، نام نهادن، دغابازن، ٣١. هڪ قسم جي پاڻيءَ جي پکين، ٻگهن، ڪنگن.

آڏيءَ رات اُٺي ڪَري، ڏَدا[1] دانهُون[2] ڪَنِ،
سَندِي[3] ذاتِ هَنجَنِ[4]، مُنهُن[5] ڪُوڙِي[6] موتِي چُڻِي[7].

۵

هَنجَنِ سين هيڪَار[8]، جي ڳُڻُ[9] ڪَري نِهارِينِ[10]،
ٻَگهَنِ[11] سين ٻِهار[12]، ٻِيلَ[13] نَہ ٻَڌِينِ ڪَڏهِينِ[14].

٦

هَارِئَا[15] هَنجَ ٻَگهَنِ سين، ڪِهَڙِي ٻَڌِين ٻيلَ،
ميرو[16] مَٽَائي[17] تُون، اَڇي[18] ڪَرِ اُڪيلَ[19]،
ڪَنگَنِ سين ڪُوِيل[20]، لَلا[21] جِمَ لُڙُ[22] پِيينِ.

۷

هَنجَ مِڙِيئي هَنجَ، ميرو مَنجهَن[23] ناهہ[24] ڪو[25]،
جِني پوئِينِ[26] سَنجهہ[27]، سو سَرُ[28] ڪَندا سُرَهو[29].

۸

وِئا مور[30] مَري، هَنجُ نَہ رَهِئو[31] هِڪِڙو[32]،
وَطَنُ[33] ٿِئو وَرِي، ڪُوڙَنِ[34] ڪَانيرَنِ جو.

۱. حيوان، جانور (ڪانيرا)، ۲. هَل، گوڙ، ۳. جي، ۴. قوم، آکهہ، خاندان، ۵. پاڻيءَ جي هڪ قسم جي سهڻن پکين، هنسن، ٦. هيٺ ڪري، منهن ڪوڙي = ماٺ ڪري، ۷. چڳي، ڪائي، ۸. هڪ دفعو يا ڀيرو، ۹. قرب، ڀلائي، ۱۰. واسطو يا تعلق رکين، ساٿي ٿي هلين، ۱۱. ڍگهين ٽنگن ۽ اڇي رنگ سان ڪڪڙ جي قد جيترن پاڻيءَ جي پکين، ڪانيرن. ڪنگن، ۱۲. ٻي دفعي يا ڀيري، بعد ۾، پوءِ، ۱۳. دوستي، ياري، سنگتي، رفاقت، ۱۴. جوڙين، لائين، رکين، ۱۵. اي هارئا، اي نادان، ۱٦. ميرو پاڻي، لڙاٽيل يعني گپ چڪ وارو پاڻي، ۱۷. بدلائي، ڇڏي، ترڪ ڪري، ۱۸. اڇي پاڻيءَ جي، صفا ۽ شفاف يعني اوجل يا پاڪ پاڻيءَ جي، ۱۹. اڪير، تمنا، سڪ، ۲۰. ڪويل ۾، خراب يا نياڳيءَ ويل ۾، بدبخت يا نحس وقت ۾، ۲۱. اي للا (للو هنج پکيءَ جو هڪ قسم آهي)، ۲۲. لڙاٽيل يا ميرو پاڻي، ۲۳. سهڻا، ۲۴. خراب، بدشڪل، ۲۵. انهن ۾، ۲٦. انهن کي پئي، ۲۷. سنجها، رات، ۲۸. چشمو، تلاءُ، ۲۹. خوشبودار، وڻندڙ، موچارو، ڀلارو، ۳۰. پاڻيءَ کان ٻاهر رهندڙ هڪ قسم جا سهڻا پکي، طائوس (هتي مراد هنجن جي آهي)، ۳۱. ختم ٿي، لاڏاڻو ڪري، فوت ٿي، ۳۲. ٻچئو، ۳۳. ملڪ، ديس، ۳۴. ڪوڙن، مَٺن، نام نهادن، دغابازن.

### ٩

سَرَ[1] سُڪِي[2] سَالَ[3] تِئَا، هَنجَ[4] تہ هَرِبُوئِي[5] پِيرُ،
ڪَنگُ[6] وِيچَارو[7] ڪِيرُ، جو رَسِي[8] اِنَ رَمُوزَ[9] ڪي.

### ١٠

آءُ اُڏامِي هَنجَڙا[10]، سَرَ مِ سَارِينَئِي[11]،
مَچُڻُ[12] مَارِينَئِي[13]، پَارِيڙِي[14] پَهُہ[15] ڪَري.

### ١١

جيهَرَ[16] لوڪُ[17] جَهَپَ[18] ڪَري، اوهِيَرَ[19] اُڏامَنِ،
پَٽُون[20] جي پَاتَارَ[21] جَا، چِيتَارِي[22] چُڳَنِ[23]،
ڪُوهُہ[24] ڪَندا ڪي تَنِ، پَارِيڙِي پَهُہ ڪَري.

### ١٢

سَرَ مِ پَڪي هيڪِڙو، پَارِيڙِنِ[25] پَنجَاهُہ،
رکِي[26] جَنِ[27] اَللهُ، وارُ[28] نہ وِنگو[29] تَنِ جو*.

Gul Hayat Institute

### ١٣

سَرَ مِ پَڪي هيڪِڙو، پَارِيڙِنِ پَنجَاهُہ،

١. سر ڪي، جشمي يا تلاءَ ڪي. ٢. خشڪ ٿئي. ٣. ورهہ يعني گهڻو وقت. ٤. هنج جو. ٥. آلو يا پنل (پاڻيءَ سان). ٦. ڍگهين ٽنگن ۽ اڇي رنگ سان ڪڪڙ جي قد جيتري پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم. ٧. مسڪين. غريب. لاچار. بيوس. بي پهچ. ٨. پهچي، سمجهي، پروڙي. ٩. راز. اسرار. ڳجهہ. ١٠. اي هنجڙا، اي هنج. ١١. توکي سارين ٿا. توکي سنڀالين يا ياد ڪن ٿا. ١٢. متان. ١٣. توکي مارين. ١٤. شڪاري. ١٥. سازش. ١٦. جنهن وقت يا مهل. ١٧. خلق. ماڻهو. ١٨. آرام. ننڊ. ١٩. ان وقت يا مهل. ٢٠. موتي. ماڻڪ. ٢١. اونهي پاڻيءَ. ٢٢. چِت ڪري، خيال يا ڌيان ڪري. ٢٣. چُڳن. کائين. ٢٤. ڇا. ٢٥. پاريڙين جو. ٢٦. بچائي. ٢٧. جن ڪي. ٢٨. زلف. ٢٩. ڏنگو. ڇبو * انهن کي ذري جيترو بہ نقصان يا ڏک نہ پهچندو.

سَنڌي آسَ اَللهَ، لُڌي لَهرِنِ وِچَ ۾.

## ١٤

هَنجَ سَدائِين ڏُٻِرا، پَڪِي ٻِئا مَچَنِ،
مَارِيءَ سَندو مَنَ ۾، آهي وِرهُہ ويچارَنِ،
ڪَنبَنِ ۽ ڪَڏَنِ، پِتُون جي پَاتارَ جا.

## ١٥

جَارو هِنيُون ڪَارو ڪَري، لُڙَ ڪَان لاشَڪُ ٿِيءُ،
اُڏُرُ اَجِي سَامُهُون، پَاڪُ نِهَاري پِيءُ،
ٻَگهنِ سين ٻِيل ٻَڌِي، جوکي وِجُهہ مَ جِيءُ،
هَنجَ حُضُوري ٿِيءُ، تہ مَاڻِين ڪُونرَ ڪُلابَ جا.

## ١٦

جَارو هِنيُون ڪَارو ڪَري، لُڙَ ڪَان ٿِيءُ لاشَڪُ،
مَعرَفَتَ جو مَنَ ۾، سُوڌو پَڙهُہ سَبَقُ،
هَنجَ پَروڙِجِ حَقُ، تہ مَاڻِين ڪَوُنرَ ڪُلابَ جا.

Gul Hayat Institute

---

١. جي، ٢. آسري، ڀروسي، آڌار، ٣. جهولي، ڇلي، گهمي ڦري (خوشيءَ يا مزي ۾)، ٤. (پاڻيءَ جي) ڇولين، ٥. هڪ قسم جا پاڻيءَ جا سهڻا پکي، هنس، ٦. هميشہ، ٧. ضعيف، اٻرا، لاغر، ڪمزور، ٨. ٿلها يا متارا ٿين، بدن تي گوشت ورائين، ٩. شڪاريءَ، ١٠. جو، ١١. دل، ١٢. فڪر، ڳڻتي، اون، ١٣. ويچارن کي، مسڪينن يا غريبن کي، عاجزن کي، ١٤. ڏڪن يا ٿڙڪن (ماريءَ جي فڪر ۾)، ١٥. ڪوڙي ٻاهر ڪن، ١٦. موتي، ماڻڪ، ١٧. اونهي پاڻيءَ، ١٨. روشن، صاف، شفاف، اڇو اُجرو، ١٩. دل، قلب، ٢٠. سياهہ، ٢١. لڙائيل يا ميري پاڻيءَ، ٢٢. ٻنان شڪ وارو، بي گمانو، لاتعلق، ٢٣. اڏامي وڃ، ٢٤. اڇي يعني صاف ۽ شفاف پاڻي، ٢٥. ڏانهن، ٢٦. پاڪ پاڻي، صاف ۽ شفاف پاڻي، ٢٧. ڄاڇي، ڳولي، ٢٨. ٻگهين ننگن ۽ اڇي رنگ سان ڪَکَڙ جي قد جيترن پاڻيءَ ۾ رهندڙ هڪ قسم جي پکين، ڪانيرن، ڪنگن، ٢٩. ياري، دوستي، سنگت، رفاقت، ٣٠. رکي، لائي، جوڙي، ٣١. جوکي ۾، خطري ۾، جنجل ۾، مصيبت ۾، ٣٢. ڦاساءِ، ٣٣. جان، جسم، حياتي، ٣٤. اي هنج، ٣٥. حضور ۾ (ڪنهن بزرگ هستيءَ جي روبرو يا سامهون) ايندڙ ويندڙ، ٣٦. حاصل ڪرين، ورتائين، واپرائين، ٣٧. ڪنول ول جا گل، ٣٨. وڏيءَ ڍنڍ (اونهيءَ صاف پاڻيءَ جي)، ٣٩. ڄاڻ، پروڙ، علم، صوفي طريقي جي چوٿين ۽ آخري منزل . ٤٠. صحيح، ٤١. درس، ورد، پاٺ، ٤٢. اي هنج، ٤٣. سڃاڻج، سهي ڪج، معلوم ڪج، ٤٤. حقيقت، سَچُ.

## ١٧

جَارو هِنيُون ڪَارو ڪَري، پَکِيئڙا[١] پَرُوڙِ[٢]،
اُڏُرُ[٣] اَچي[٤] سَامُهُون[٥]، مَاني[٦] چُڻَ[٧] نَه مُور[٨]،
ڪوهُه[٩] نَه گوهَرَ[١٠] گَڏِيين[١١]، حَاذِقَ[١٢] حَالُ[١٣] حُضُور[١٤]،
پَکِي[١٥] پِهرِيين پُورِ[١٦]، مَاڻِيين ڪَؤنرَ ڪُلابَ جا.

## ١٨

جَارو هِنيُون ڪَارو ڪَري، چِلُڙَ[١٧] ڏيجِ مَ چَسَ[١٨]،
پَگهَنِ سين پيلَ پَڌِي، کُنبَ[١٩] نِهَارِ[٢٠] مَ کَسَ[٢١]،
پَکِي سيئي پَسُ[٢٢]، جَنِ مَاڻِيا ڪَؤنرَ ڪُلابَ جا.

## ١٩

پَکِي پيهي[٢٣] نِگِئا[٢٤]، مَنجهان لِتڙن[٢٥] لَکَ[٢٦]،
ڪَنِي مَاڻِڪَ[٢٧] ميڙِئا[٢٨]، ڪَنِي رَتّا[٢٩] پَکَ[٣٠]،
پُنِيءَ[٣١] لائي[٣٢] لَکَ، هَلِئو هَنجُ حَبِيبَ[٣٣] ڏي.

## ٢٠

جِيئَنَ[٣٤] قَطرُ[٣٥] چُٽِئو[٣٦] ڪُڙهِه[٣٧] پِرِيين[٣٨]، ٻولِ[٣٩] پَجَندي[٤٠] هَنجَ،

---

١. اي پکيئڙا، اي (هنج) پکي. ٢. سمجهه، جاڻ. ٣. اڏامر. ٤. اچي پاڻيءَ، صاف ۽ شفاف پاڻيءَ. ٥. ڏانهن. ٦. ماني (پاڻيءَ) ۾. ٻيٺل ۽ نندي پاڻيءَ ۾. لڙائيل پاڻيءَ ۾. ٧. چهنب هڻ (چڳڻ جي ارادي سان). ٨. اصل، بنهه. ٩. چو. ١٠. گوهر سان. ماڻڪ موتيءَ سان (مرشد ڪامل سان). ١١. ملبين. ملاقات ڪيئي. ١٢. اي حاذق. اي سياڻا. اي داناءَ. ١٣. اچا تائين. ١٤. حضور سان. حضرت سان (مرشد ڪامل سان). ١٥. اي پکي (هنج). ١٦. پور ۾. پيري ۾. گهمري ۾. ملاقات ۾. ١٧. چلڙ ڪي. گپ ڪي. چڪ ڪي. ١٨. چسي. چمي. قرب. پيار. ١٩. ڪنب جا. اونهي ۽ صاف پاڻيءَ جي ڍنڍيا تلاءَ جا. ٢٠. جاچ. تڪِ. ڍونڍ. ڳول. ٢١. پاسا. ڪنارا. ڪپ. ٢٢. ڏسُ. ٢٣. گهڙي. ٽبي هڻي. ٢٤. نڪتا. ٢٥. لتڙ. گپ واري جاءِ. ٢٦. لکن جي تعداد ۾. تمام گهڻا. ٢٧. سچا ۽ قيمتي موتي. ٢٨. چونڊيا. گڏ ڪئا. ذخيرو ڪئا. ٢٩. گپ هڻي ميرا ڪئا. ٣٠. ڪنب. پَرَ. ٣١. پنيان. پويان. ٣٢. لڳائي. گڏ ڪئي. ٣٣. محبوب. ٣٤. جنهن صورت ۾. ٣٥. سچن موتين جي ٻڪ يا ذرا ذرا. ٣٦. چڳئو. ڪايو. ٣٧. ٻيٺ. ٣٨. پُر ڪرين. ٣٩. ٻولي. اقرار. انجام. ٤٠. پڄئو. توڙئو.

مُوتِي[1] جي مَهراڻ[2] جا، پُورا چُڱِج[3] پَنج،
اَجُ[4] ڪِ صُباح[5] سَنجهه[6]، ڏِيِءَ[7] ۾ ڏِير ٿِيِن[8].

## ٢١

تان ڪي بابِيهَل[9] ٻولِ[10]، سِيچاٽي[11] تو سَنبَهي[12]،
عِزرائِيلُ[13] اَلله جو، تَري[14] ڪِنهِن نَه ٽولِ[15]،
مَٿي چَڙهِي مولِ[16]، چورِبندءِ[17] چَنبَنِ سين.

## ٢٢

ويڻو مَنجهه[18] ورگهه[19]، لِڪئو[20] تو لاتِيُون[21] ڪَري،
پِريان[22] سَندي[23] پارَ[24] جي، ڳالهه نَه سَلي[25] هِڪَ،
سُپيرِيان[26] جي سِڪَ[27]، تَن[28] ۾ تَنبُو[29] ڪوڙِيا.

## ٢٣

ويڻو جِيئَن[30] وِماسِيين[31]، حَيرت[32] پُؤ مَ هَٿ[33]،
لاتِيُون[34] جي لِباس[35] جُون، سي چِپائي[36] ڇَڏ،
آئُون[37] اَسين ڪَن جي، پاسي[38] تَن[39] مَ اَڏ[40]،
تَنُ طالِبَنِ گَڏ، تَه وِجهو تِيين وِصال ڪي.

Gul Hayat Institute

---

١. امل ماڻڪ. ٢. سنڌو درياهه (اونهي ۽ صاف پاڻيءَ). ٣. جونڊج، ڪٽج، ڇڳج، ڪاٽج. ٤. يا. ٥. سياڻي صبوح جو. ٦. سنجها يعني رات جو. ٧. (شڪاريءَ جي) ڪوڙڪيءَ يا دام. ٨. (ڏير ٿين = ڦاسين). ٩. اي ٻابيهل (ڳيري جي مشابهه پکيءَ جو هڪ قسم جنهنجا کنڀ ڳاڙهيري رنگ ۽ ڳچي ماوي رنگ جي ٿئي ۽ مينهن جي ڦڙن تي گذران ڪندو آهي. هن پکيءَ کي چاتڪ پکي، تاڙو يا ٻابيهو بہ چوندا آهن). ١٠. ٻوليون ڪر، لات لنءُ، تنوار ڪر. ١١. شڪاريءَ پکيءَ جو هڪ قسم، باز پکيءَ جي ماديءَ جو نالو. ١٢. تيار ٿئي يا سنبري (توکي مارڻ لاءِ). ١٣. موت جي ملائڪ يعني ساهه ڪيندڙ يا قبض ڪندڙ ملائڪ جو نالو. ١٤. هٽي، مُڙي، واپس ٿئي، پاسو ڪري، ڇڏي. ١٥. ٽول جي عيوض، شيءِ يا ڳالهه جي عيوض. ١٦. مول تي، مور تي، (مٿي جي) چوٽيءَ تي، چوُنرِ تي. ١٧. توکي چوريندو، توکي چورائي ويندو يا ڪٽي ويندو. ١٨. ۾. ١٩. وڻ. ٢٠. ڇپئو. ٢١. ٻوليون. ٢٢. پريٖنءَ، محبوب. ٢٣. جي. ٢٤. طرف، پاسي. ٢٥. ٻڌائي. ٢٦. سپرينءَ، پرينءَ جي. ٢٧. اڪنڊ" اڪير، پيار. ٢٨. دل، من. ٢٩. خيما (تنبو ڪوڙيا = ماڳ يا آستان جوڙيا). ٣٠. جنهن صورت ۾. ٣١. وماس يعني ڳڻتي يا فڪر ڪرين، غور يا خوض ڪرين. ٣٢. حيرت ۾، تعجب ۾. ٣٣. اصل، بنهه. ٣٤. ڳالهيون. ٣٥. ڏيک ويک، ظاهر داريءَ ٣٦. لڪائي، ترڪ ڪري. ٣٧. آئون اسين = آپو، ايمان، خودي. ٣٨. پاسي ۾، پر ۾. ٣٩. تن جي. ٤٠. گهر جوڙ.

## ٢٤

وِڻو جِيئَن وِمَاسِيِن[١][٢]، حَيرَتَ[٣] پَئُمَ هَانِ،
لَلَنِ[٤] کي لطِيفُ چَئي، اَچِي[٥] سَانُ اَرانِ[٦]،
ڪَنگَنِ[٧] لَتِي ڪَانِ، گڏِئو هَنجِ حَبِيبَ کي.

## ٢٥

وِڻو جِيئَن وِمَاسِيِن، حَيرَتَ پَئُو مَ هُورِ[٨]،
اُونُهُون[٩] جو اَچو وَهي[١٠]، گهڙِي تَئَائِين[١١] گهورِ[١٢]،
ڏِنيون[١٣] هَڏِ مَ ڏورِ[١٤]، گهورِئو[١٥] گُپُ[١٦] ڪَسَنِ[١٧] جو.

## ٢٦

ڪَسَنِ[١٨] ۾ ڪوهُه قُربِن[١٩]، ڪَسَنِ[٢٠] ۾ مَ گُذارِ[٢١]،
وَجي وَحدَتَ[٢٢] وِيءَ[٢٣] ۾، گُونُون[٢٤] ڇَڏي گهَارِ،
شَرِيعَتَ[٢٥] جو سِرُ[٢٦] لَهِي[٢٧]، تَنِ[٢٨] تَئَائِين[٢٩] تَارِ[٣٠]،
حَقِيقَتَ[٣١] هَنجَنِ سِين، طَرِيقَتَ[٣٢] تَنوارِ[٣٣]،
مَنجَهان مَعرِفَتَ سِين، اَندَرَ[٣٤] کي اُجارِ،
هِدايَتَ جي هُوءِ ۾، ڇُٽِئو تُون ڇَانگَارِ.

١. جنهن صورت ۾. ٢. وماس يعني فڪر يا ڪِٿني ڪرين. غور يا خوض ڪرين. ٣. حيرت ۾. تعجب ۾. ٤. پاڻيءَ جي هڪ قسم جي بڪين (جيڪي هنجن جي هڪ جنس مان آهن). ٥. اچي پاڻيءَ. صاف يا سفاف پاڻي. ٦. محبت. لاڙو. ٧. ڪنگن جي، ڪانيرن جي. ٨. هور ۾. هلاڪيءَ ۾. فڪر يا ڪِٿنيءَ ۾. ٩. عميق. درياهه. ١٠. جي يعني صاف ۽ سفاف پاڻيءَ وارو. ١١. تني، ان ۾. ١٢. گول. ڍونڍ. تلاش ڪر. ڏور. ١٣. ڪنڌيون. ڪپ. ڪنارا. ١٤. اصل. ٻنهه. ١٥. ٻن ٻوي. کوهه يا ڪڏ ۾ ٻوي. ڇڏئو. ترڪ ڪئو. ١٦. کُبُ. ور. وڪڙ. ١٧. رستن. راهن. ١٨. پاسن. ڪنڌين. ١٩. ڇو. ٢٠. گهمين. هلين. ٢١. گهارِ. رهه. ٢٢. وحدت جي، وحدانيت يا هيڪڙائيءَ جي. ٢٣. ساوڪ واري ميدان. ٢٤. ننڍي پاڻيءَ يا گپ چڪ واري ڪڏ. ٢٥. اسلامي قاعدي قانون. صوفي طريقي جي پهرين منزل. ٢٦. صاف پاڻيءَ جو تلاءُ. ٢٧. هٿ ڪري. ٢٨. من. قلب. دل. ٢٩. ان جاءِ يا هنڌ تي. ٣٠. عضون جي ڄرير سان پاڻ کي پاڻيءَ جي مٿاڇري تي هلاءِ يعني ٻڏڻ کان بچاءِ. ٣١. صوفي طريقي جي ٽين منزل. ٣٢. سلوڪ جي ٻي منزل. ٣٣. بيان ڪر. خدا جو ذڪر ڪر. ٣٤. اندر يا دل مان.

Gul Hayat Institute

تَہ پارِبِڙي[١] اِنَ پارِ[٢]، ڪونَہ ڏِسين ڪَڏِهِين.

## ٢٧

چَڙهِي[٣] چَڪاسَرَ[٤] پارَ[٥]، جان مُون نيٽِين[٦] گهَٽُو نِهارِئا[٧]،
هَنجَنِ[٨] بَڏِي هارَ[٩]، مُنهِنجَنِ سَيٽَنِ[١٠] سَرلَو[١١] لَنگهِئو[١٢].

## ٢٨

هَنجَ نَہ هُلائِين[١٣]، سَجَڻَ نَہ تِلَنِ[١٤] سَيرِبِين[١٥]،
لَڏِي ڏُورِ[١٦] نَہ[١٧] وَڃَڻا[١٨]، مَرِي[١٩] مَر قُوڙائِين[٢٠]،
سُڃا[٢١] پَڌَرَ[٢٢] پِرِيَنِ[٢٣] جا، ڪَنَرَ[٢٤] تا ڪائِين[٢٥]،
رِهَئائِي[٢٦] آهِين، سَجَڻَ[٢٧] مُنهِنجا راجَ مِرَ[٢٨].

## ٢٩

هَنِ[٢٩] پَتَنِ[٣٠] ني پَدمَٽِين[٣١]، ٿي پَلپَل[٣٢] نازَ[٣٣] ڪِئا،
رَبُ[٣٤] اُنِ ڪي يادِ نَہ هو، پَنهِنجي حِرصَ[٣٥] وِچان،
پَسو[٣٦] پَدائِنِ جا، ڪَرَ[٣٧] نَہ هُئا ڪَڏِهِين.

## ٣٠

سَرَ[٣٨] اُهِيئِي اِڳِئان[٣٩]، پَڪِي پُونِ[٤٠] بِئا[٤١]،

---

١. شڪاري، صياد، ماري. ٢. پار سان، نموني يا ريت سان، پارَ ڏي يا طرف ڏي. ٣. اٿي يا ٻيهي (ڪنهن مٿانهين هنڌ تي). ۴. چڪاسر جي، لڙاٿيل يعني گپ يا چڪ گڏيل پاڻيءَ جي تلاءَ جي. ۵. پار ڏانهن، طرف ڏانهن. ٦. نيڻن سان، اکين سان. ٧. جاچيا، واجهايا، ڳليا. ٨. پاڻيءَ جي هڪ قسم جي سهڻن پکين. ٩. موتين جون مالهائون يا سريون. ١٠. سڄڻن يا محبوبن (هنجن). ١١. پاڻي (لڙاٿيل). ١٢. جڏئو. ١٣. هلڻ يا وڃڻ وارا ٿين. ١۴. گهمن، ڦرن. ١۵. سيرن تي، رستن تي. ١٦. نقل مڪاني ڪري، جايون مڪان ڇڏي، سامان سڙو ڪٽي. ١٧. پري. ١٨. وڃن. ١٩. فوت ٿي، ساهہ يا دم ڏيئي. ٢٠. جدائي يا وڇوڙو وجهن. ٢١. ويران. ٢٢. قتل ڳوڻن وارا هنڌ يا ماڳ. ٢٣. محبوبن. ٢۴. کنڊر، دڙا، پراڻا پڊ. ٢۵. چڪ پائين، ايذاء رسائين، ڏکوئين. ٢٦. ترسيا، ويٺا. ٢٧. هجن. ٢٨. (پنهنجي) برادري يا قوم يا مٽن مائٽن. ٢٩ هنن. ٣٠. ميدانن، جاين، ماڳن. ٣١. پدمڻين، سهڻين يا حسين عورتن. ٣٢. هر وقت، سدائين. ٣٣. نخرا، چاڳ، ماڻا، آرا، انگل، خوشيون. ٣۴. پالڻهار، خدا. ٣۵. لوڀ، موهہ، خواهش، طمع. ٣٦. ڏسو. ٣٧. جهڙوڪ، جڻ تہ. ٣٨. تلاءَ، چشما. ٣٩. اصل وارا، ساڳئا. ۴٠. اڃن. ۴١. ڏاريان يعني هنجن کان سواءِ.

جَنِ لَمِئو[١] تي لاتِيُون[٢] ڏِنيُون[٣]، سي وِيچارا[٤] وِئا،
مَاڳُو[٥] ماڳِ تِئا، ڪُوڙا[٦] ڪانيرا[٧] گهَٽا.

### ٣١

جِتي هُئا هَنجَڙا[٨]، اُت ٻَگهَا[٩] ٻَئا تِئا،
ڪُوڙَنِ ڪانيرَن سين، پَسو[١٠] پَهَه[١١] پِئا،
سَهَڙَنِ[١٢] سانبا[١٣]ها، هاٽي اُنهِين[١٤] پيٽيين[١٥].

### ٣٢

هَنج[١٦] م مِيرو[١٧] وَتُ[١٨]، جان[١٩] ڪو جيئين[٢٠] ڏِينهَڙو،
جِيءُ[٢١] م جَنجَلَ[٢٢] گهَتَ[٢٣]، سِرُ[٢٤] تان[٢٥] سَرَ[٢٦] ڪيتِرا[٢٧].

### ٣٣

اُڏءُ[٢٨] آڏتُ[٢٩] اُپِرِئو[٣٠]، وانءُ وِهاٽيءَ[٣١] پِؤُنرَ[٣٢]،
سي چِيتاريج[٣٣] چِتَ م، جي ڪَنڊا[٣٤] ڏاري[٣٥] ڪَؤُنرَ[٣٦]،
مَتان ماريَنئي[٣٧] تَؤُنرَ[٣٨]، تو لَئُن[٣٩] لڳو[٤٠] جَن سين.

### ٣٤

ڪَؤُنرَ[٤١] پاڙُون[٤٢] پاتارَ[٤٣] م، پِؤُنرَ پِري[٤٤] آڪاسِ[٤٥]،

---

١. لامارا ڏيو، اڏاميو. ٢. ٻوليون. ٣. ڪيون. ۴. مسڪين، غريب، نماڻا، عاجز. ٥. ماڳ ماڳ تي، هر ماڳ تي، هر جاءِ يا هنڌ تي. ٦. ڪوڙا، نام نهاد، دغاباز. ٧. ٻگهه (هڪ قسم جا پاڻيءَ جا پکي، جن جون ٽنگون ڊگهيون، رنگ اڇو ۽ قد ڪڪڙ جيترو ٿئي)، ڪنڪ. ٨. هنج (هڪ قسم جا پاڻيءَ جا سهڻا پکي)، ٩. ٻگهه. ١٠. ڏسو. ١١. واسطا. ١٢. اڇن، وارد ٿين. ١٣. هڪ قسم جا ڪرفتي يا گندگي کائيندڙ پکي. ١۴. انهن. ١٥. پيٽين تي، جاين تي. ١٦. اي هنج. ١٧. گدلو يا مٽيءَ هاڻو، ملول. ١٨. اڏامر، هل. ١٩. جيستائين. ٢٠. حيات يا جيئرو رهين. ٢١. جان، حياتي. ٢٢. جنجال ۾، جوکي ۾، مصيبت ۾، پريشانيءَ ۾. ٢٣. وجهه. ٢۴. حياتي (جيڪا ڏهين آهي). ٢٥. تہ. ٢٦. تلاءَ، چشما. ٢٧. گهڻا، جام. ٢٨. اڏامر. ٢٩. هڪ تاري جو نالو (جنهن جي اڀرڻ سان درياءَ يا واهن جو پاڻي سڪڻ شروع ڪندو آهي). ٣٠. وَڃ. ٣١. وهاڻيءَ يعني رات گذرڻ بعد، فجر جي مهل. ٣٢. اي پؤنر (پؤنر هڪ قسم جو ڪاري رنگ جي جيت جو نالو آهي). ٣٣ چت يعني ذهن يا خيال ۾ رکج. ٣۴. خار، سيلهه، سوئا. ٣٥. پاسي ۾، پر ۾، چوڌاري. ٣٦. ڪؤنر جي، ڪنول گل جي. ٣٧. توکي مارين. ٣٨. گل ڦل. ٣٩. تنهنجي. ۴٠. محبت، پيار. ۴١. ڪؤنر گل جي ول جون. ۴٢. جڙون، بيخون. ۴٣. اونهي پاڻيءَ جي تري ۾. ۴۴. ڦري، اڏامي. ۴٥. آڪاس ۾، آسمان ۾.

بِنهِي[1] سَنڌِي[2] ڳالهڙِي[3]، رازِقَ[4] آندِي راسِ[5]،
تِنهِن عَشقَ[6] کي شاباسِ[7]، جِنهِن مَحبَتِي[8] ميڙِئا[9].

### ٣٥

کَؤنرَ پاڙُون پاتارَ ۾، پؤنرُ پِري ۾ سُجَ[10]،
بِنهِي سَنڌِي ڳالهڙِي، عَشقَ[11] اِي اُهڃَ[12][13]،
تَ پَٽِ مَرنِ اُڃَ[14]، جي پِيو[15] پِيَنِ پاڻَ ۾.

### ٣٦

کَؤنرانِ[16] پؤنرا[17] رِڌِ[18]، جَري[19] رِڌِ[20] جَوبانَ[21] سِرِ[22]،
هِينئَڙا[23] اِيءَ کُوڌِ[24]، جِيئَنَ[25] اَوڏا سِين اوريِين[26].

### ٣٧

سو[27] پَکي سو پِجِرو[28]، سو سَرُ[29] سوئِي هَنجُ[30]،
پِيهِي[31] جانِ[32] پَرُوڙِئو[33]، مُون پانهِنجو مَنجُهه[34]،
ڏِيلَ[35] جِنهِن جو ڏَنجُهه[36]، سو مارِي[37] تو مَنجهه وِڙهي.

### ٣٨

Gul Hayat Institute

هَنجَ نَ قَيدِ کِجَنِ، مورَ[38] نَ وِجهِجَنِ پِجرِي،

---

١. يعني ڪنول گل ۽ پؤنر (ڪنول پاڻيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ ول جو نالو آهي ۽ پؤنر هڪ ڪاري رنگ جي اڏامندڙ جيت جو نالو آهي)، ٢. جي، ٣. ڳالهہ، معاملو، مرضي، آرزو، آس، ٤. رزق ڏيندڙ يعني خدا، ٥. راست، درست، پوري، مڪمل، ٦. محبت، پيار، ٧. آفرين، جس، ٨. محبت ڪندڙ، عاشق، ٩.ملايا، ١٠. بيابان، رڃ، ويرانيءَ، آسمان (جتي وسندي يا آبادي ڪانهي)، ١١. عشق جا، ١٢. اهڃاڻ، ١٣. اهڃاڻ، نشانيون، ١٤. مرن اڃ = اڃ يعني پياس ۾ پيا تڙپن، انهن جي اڃ يعني سڪ يا اڪنڊ ختم نہ ٿي ٿئي، ١٥. پيو پين = ڍؤ ڪريو پاڻي پين يعني بي حد گهڻي صحبت يا رهاڻ ڪن، ١٦. ڪؤنر يعني ڪنول جي گل جي، ١٧. پؤنر جي، ١٨. ڌن، دولت، مال اسباب، رهاڻ، ڪچهري، ١٩. پاڻيءَ، ٢٠. ڪان سواءِ، ٢١. جاڀان، بيابان، سڃ، ويراني، ٢٢. ۾، ٢٣. اي هينئڙا، اي هنيان، اي دل، اي من، ٢٤. ڪبڌ، بي ادبي، بدتميزي، ٢٥. بي سمجهيءَ، بنان سوچ ويچار، ٢٦. حال بيان ڪرين، ٢٧. ساڳيوئي، هڪڙوئي، ٢٨. پکين کي ويهارڻ يا بند ڪرڻ لاءِ پتلائون يا لوهين شيخن جو ٺهيل ننڍو گهرڙو، ٢٩. چشمو، تلاءُ، ٣٠. پاڻيءَ جي هڪ سهڻي پکيءَ جو نالو، ٣١. گهڙي، جهاتي پائي، ٣٢. جيئن ٿي، ٣٣. ڏٺو، سڃاتو، سمجهيو، ٣٤. اندر، ويهي، راز، ٣٥. ڏيل کي، بدن کي، سرير کي، ٣٦. ڏک، خوف، ٣٧. شڪاري، ٣٨. پاڻيءَ کان ٻاهر رهندڙ هڪ قسم جا سهڻا پکي، طائوس، ڪارايل.

سَارِي[1] رات سَيِدُ چَي، لاتِيُون[2] جي لَنوَنِ[3]،
واهيري[4] نَه وِهَنِ، سَدا جُهٽِڪَنِ[5] جَهنگَ ۾.

## ٣٩

بَگها[6] ڪوهه[7] بُجهنِ[8]، تَه سِپُنِ[9] چا تو سَپجي[10]،
قَرئو[11] قيارَنِ[12] کي، وڙِ ڪئو[13] واتَ وِجهنِ[14]،
سي ڪيئَن[15] لالُون[16] لَهنِ[17]، جي گهورا[18] گهوگهيتَنِ[19] جا.

## ٤٠

سِڄُ لَهي سانجهي تي[20]، وَٽين[21] ڪئائُون وير[22]،
ڪِٿي هُوندا هير[23]، صاحِبَ[24] مُنهِنجا سُپِرِين[25].

## ٤١

سِڄُ لَهي سانجهي تي، وَٽين[26] هَنئي وَٽڪَ[27]،
ساجَنَ[28] تُنهِنجيءَ سِڪَ[29]، موتِئو[30] ماڳِ[31] نِهاريان[32].

### وائي (١)

جيڪَرَ[33] جيڏيُون[34] اَلو، ڪَرَهه[35] سَندان[36] چاريان،
پيرِين[37] آئُون نَه پُڄي[38]، ڪَرَهَلَ هُوءِ[39] نَه جَهلِين[40]،

---

١. سڄي، سموري. ٢. پوليون. ٣. آلاپين، پولين. ۴. واهيري ۾، آکيري ۾. ۵. جهونگارين، آهستي پوليون ڪن. ٦. پاڻيءَ جا هڪ قسم جا پکي جن جون ٽنگون ڊگهيون، رنگ اڇو ۽ قد ڪڪڙ جيڏو ٿئي، ڪانيرا. ٧. ڇا. ٨. سمجهن. ٩. سپن کي (سپ پاڻيءَ جو هڪ جيت آهي جيڪو مينهن پوڻ مهل پاڻيءَ جي مٿاڇري تي ٻاهر اچي منهن کولي مينهن جو ڦڙو وات ۾ جهليندو آهي ۽ بعد ۾ اهو ڦڙو موتي بنجي ويندو آهي). ١٠. ملي، حاصل ٿئي. ١١. ڦيرو يا گهمرو ڏيو. ١٢. (سنهين ۽ ننڍڙين) مڇين. ١٣. هيڏانهن هوڏانهن ڦريو. ١۴. چڪ (وات وجهن = جهٽين. ڪائين). ١۵. ڪهڙيءَ طرح. ١٦. ڳاڙهي رنگ جا قيمتي موتي، ياقوت. ١٧. لهن، هٿ ڪن، حاصل ڪن. ١٨. ڳولائو، طالب. ١٩. پاڻيءَ جي ڍٻن يا گپ ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ قسم جا جيت (جي مرڻ کانپوءِ پٿر جي صورت اختيار ڪن ٿا)، ڪوڏن. ٢٠. رات. ٢١. وٽن ۾، جهنگ ۾. ٢٢. دير. ٢٣. هن وقت، هينئر. ٢۴. ساٿي، سنگتي، صحبتي، دوست. ٢۵. پرين، محبوب، پيارا (هنج پکي). ٢٦. وٽن. ٢٧. رنگ (وٽن هنئي وٽڪ = وٽن رنگ مٽئو يا ساوڻ جهڪي ڪئي، رات ٿي وئي). ٢٨. اي ساجن، اي سڄڻ، اي محبوب. ٢٩. سڪ جي سبب، پيار جي سبب، محبت جي سبب. ٣٠. وريو. (هر هر). ٣١. جايون يا هنڌ (تنهنجي وهڻ جا). ٣٢. ڳوليان، ڍونڍيان. ٣٣. هوند، دل چئي ٿي. ٣۴. اي جيڏيون، اي سرتيون. ٣۵. اُٺ، ڪرهل. ٣٦. سندن، انهنجا. ٣٧. پيرن سان. ٣٨. پڄي يا پهچي يا رسي سگهان. ٣٩. اهي سڄڻ. ۴٠. بيهارين، روڪين.

Gul Hayat Institute

ڳُجهي آئون[١] نہ وڄِٽي[٢]، پَڌَرِ[٣] پِريِن[۴] نہ نِين[۵].

## وائي ②

هَنجَ[٦] هوندَ[٧] ڙَي[٨] هيجُ[٩]، ڪيرُ ڪَرِيندو[١٠] ٻَگهَه[١١] سين،
ماٽِڪَ[١٢] چُوڙُو[١٣] جَنِ جو، موتي سَندُنِ[١۴] ڏيجُ[١۵]،
سَرَ[١٦] ۾ سُڪائُون[١٧] ڪَرِي[١٨]، روئِي[١٩] ڪَنديَس ريجُ[٢٠].

## وائي ٣

هَنجَڙا[٢١] نہ پَسان[٢٢] تِي سي، جي اُڏامِي وِئا واهيرَنِ[٢٣] تي،
پَکِي جي پَرڏيهه[٢۴] جا، ساجُهرَ[٢۵] وِئا سَرَ تي،
موتي جَنِ ماڳَنِ[٢٦] ۾، لالُون[٢٧] لَهَنِ[٢٨] تِنتي،
جَنِ جو عَهدُ[٢٩] الله سين، ڪِيئَن رَهَندا هِتي.

Gul Hayat Institute

---

١. لڪ ڇپ ۾. ٢. وجي سگهان. ٣. ظاهر. کُليو کلايو. ۴. محبوب. سڄڻ. ۵. وٺي وڃن. ٦. هنج جي (هنج پاڻيءَ جي هڪ سهڻي پکيءَ جو نالو آهي). ٧. هوندي، موجودگيءَ ۾. ٨. اڙي. ٩. قرب. محبت. ١٠. ڪندو. ١١. هڪ قسم جي پاڻيءَ جي پکيءَ، جنهن جون ٽنگون ڊگهيون رنگ اڇو ۽ قد ڪکڙ جيڏو ٿئي، ڪانيري، ڪنگ. ١٢. سچا موتي. ١٣. ڪاچ، ڪاڏو، چوڙو. ١۴. انهن جو. ١۵. شاديءَ جي وقت ڪنوار کي مائٽن جي طرفان مليل سامان. جهيز. ملڪيت. اثاثو. ١٦. تلاءَ. چشمي. ١٧. نذرانا. باسون. ميٺائون. ١٨. باسي.مڃي. ١٩. اکين مان پاڻي وهائي. ٢٠. (زمين ۾) آلاڻ. پوسل (ڪنديس ريج = زمين آلي ڪنديس. ڳوڙهن جي پاڻيءَ سان تر ڪنديس). ٢١. هنج. ٢٢. ڏسان. ٢٣. آکيرن. آشيانن. ٢۴. پرديس. ٢۵. سوير. رات ٿيڻ کان اڳ. ٢٦. هنڌن. جاين. ٢٧. ڳاڙهي رنگ جا قيمتي موتي. ياقوت. ٢٨. لين. حاصل ڪن. هٿ ڪن. ٢٩. انجام. واعدو. اقرار.

بِسمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيم

# سُرِ كَارايَل

## داستان ٽيون

١

مَتِي[1] جَهَڙَ[2] جَهِڙِين[3]، بِيٺي كَارايَل[4] پَاڙَ ۾،
نُوٽِي[5] نَانگَ نَه ڏِينِ، مُوران[6] مُوٽَڻ[7] مِيهَٽُون[8].

٢

مُوران مُوٽَڻَ مِيهَٽُون، نُوٽِي نَانگَ نَه كَنِ،
كَارايَل[9] كَارَنِ[10] كَي، ڳَارا[11] كِئو ڳَهَنِ[12]،
وِتِين[13] وِهُه[14] پِيَنِ، سِكَ[15] سُرَكِيَن[16] نَه لَهِي[17].

٣

كِنهِن جَاڳَائِي[18] جَنجِرِي[19]، پَاٽَان[20] پِيرُ[21] هَٽِي،
جُه[22] ڏَاڙُون[23] ڏَاڙَن[24] وِينِيُون[25]، تَه وِيندو وِهُه وَٽِي[26]،
اَللهُ جَنِ[27] ڌَڻِي[28]، كُوهُه[29] كَرِيندو تَنِ[30] كِي.

١. تي، ٢. وڻ، ٣. جهيڙو كن، ڏك هڻن، چك هڻن، ۴. كاري رنگ وارا يعني كاريهرَ نانگَ ۽ مورَ جيكو نيري رنگ جي لحاظ سان كارايل سڏيو وڃي ٿو، ۵. نئڙت يا نمڻ واري حالت، تابعداري، مجتا، ٦. مورن كي، ٧. هڻڻ، پچڻ (جنگ جي ميدان مان)، ٨. طعنو، ٩. مور، ١٠. كارن نانگن كي، ١١. نوڙيءَ يا رسي وانگرلڙكايو، ڏگها ڏگها ٽكر كئو، ١٢. وات ۾ وجهن، ڳڙكائين، ١٣. ٻريل وٽين يعني ٻيالن جي صورت ۾، ١۴. زهر، ١۵. گهُرج، اُڃ، ١٦. سركين مان، ننڍن ننڍن ڍُكن مان، ١٧. ختم ٿئي، ١٨. ننڊ مان اٿاري، بيدار كئي، ١٩. ڇهتندڙ جيت، سپ، نانگ، ٢٠. پاٺيهي، ڇاٽي واٽي، ٢١. پير جو ٿڏو يا نوكر، ٢٢. جيكڏهين، ٢٣. ڏاڻون، هوڙون، وات ۾ ڇاڙين جي پاسي وارا وڏا ۽ ٿلها ڏند، ٢۴. ڏاڙن ۾، ٢۵. گهڙي يا ملي ويون، ٢٦. چنبڙي، چهٽي، پوريءَ طرح (بدن ۾) داخل ٿي، ٢٧. جن جو، ٢٨. مالك، وارث، ٢٩. ڇا، ٣٠. كندو (وهہ).

## ۴

ڪُوهُه[1] جاڳايئي[2] جنجري[3]، سُتَل[4] تو هَٿُ هَٽيِ،
جُهـ[5] ڏاڙُون[6] پـ[7] ڏارِيائين[8]، تـه وِينديئي[9] وِهُه[10] وٽي[11]،
جَنِ جو ڏوجُ[12] ڏَٽي[13]، تون ڪِيئَن وِجهين وِرُ[14] تَنِ سين.

## ۵

وِهُه هَٿين[15] وِهُه پيرين[16]، وِهُه پَڻ تَنيِ[17] واتِ[18]،
ڪا ڪا ڪاري[19] ذاتِ، مورَن[20] مَتي[21] چِڙي.

## ٦

ڪِنهِن ڪِنهِن ڪارِيءَ ذاتِ کي، مورَ پِـه مَتائين،
جي چَترِئا[22] چَڱي[23] ڪري، تـه وڳ[24] ورائي[25] ڏين،
سات[26] سمورا[27] نين[28]، جي مَنِي[29] پانئين مُوٽئا[30].

## ۷

سَرَ[31] ۾ سانجهيءَ[32] وارَ، مُورَن[33] ماندائـا[34] ڪئـا،
سَٿُون[35] ڏيـن سَپَن[36] کي، ڪارايل[37] ڪَنڌارَ[38]،
ماري نانگ اپار[39]، وِهُه پيتائُون وٽين[40].

---

۱. جو. ۲. تو جاڳائي، تو ننڊ مان اٿاري يا بيدار ڪئي. ۳. ڇهنڊڙ جيت، سپ، نانگ. ۴. سٽل کي، ننڊ ۾ پيل کي. ۵. جيڪڏهين. ٦. ڏاڙون، هوڙون، وات ۾ چاڙين جي پاسي وارا وڏا ۽ تلها ڏند (هتي معنيٰ ٿيندي چاڙيون يعني وات جا اهي هڏا جن ۾ ڏند ۽ ڏاڙون لڳل آهن). ۷. پٽي. ۸. ڦاڙيائين، ڪوليائين. ۹. توکي ويندو. ۱۰. زهر. ۱۱. ڇهٽي، چنبڙي، پوريءَ طرح (بدن ۾) داخل ٿي. ۱۲. ڏٽندڙ، چونڊيندڙ، انتخاب ڪندڙ. ۱۳. مالڪ، خدا. ۱۴. دشمني. ۱۵. هٿن ۾. ۱٦. پيرن ۾. ۱۷. تني جي. ۱۸. وات ۾. ۱۹. ڪاري ذات = سياهه جنس، ڪارن نانگن جي اکهه يا خاندان. ۲۰. پاٽيءَ کان ٻاهر رهندڙ هڪ قسم جي سهڻن پکين، طائوسن. ۲۱. مُڙي، پٺي پاسو ڪري. ۲۲. راضي ٿئا. ۲۳. ڀلائي، احسان مهرباني. ۲۴. ولر، ڌڻ. ۲۵. موٽائي، واپس ڪري. ۲٦. قافلا، جماعتون، ٽولا، ولر. ۲۷. سڀا، سارا. ۲۸. پاڻ سان، وٺئو وڃن. ۲۹. منيان، ڪاوڙ، غصو (مني پانئين = ڪاوڙجي يا ناراض ٿي). ۳۰. واپس ٿئا، جدا ٿئا. ۳۱. لاباري بعد، فصل جي خالي زمين جنهن ۾ سلن جون پاڙون ۽ ڪٽيون هجن. ۳۲. سانجهيءَ جي، سج لهڻ جي. ۳۳. ويل، مهل. ۳۴. جشن، خوشيون، ڪيل. ۳۵. ڏڪ. چوٽون، چپيٽون، جهڙپون. ۳٦. هڪ قسم جي نانگن کي. ۳۷. مور. ۳۸. پهلوان. ۳۹. بي شمار. ۴۰. پريل وٽين يا پيالن جي صورت ۾ (وڏا وڏا ڍڪ ڀري).

**٨**

جَنِ جي واڄِنِئَان[1] وِهُہ[2] وَهيِ[3]، سُڪَا[4] جَنِي پيِٽ[5]،
تَنِي جِيءَ سَانِيِيٽَ[6] ، جُنگَنِ[7] کي جوکو[8] ٿِئي.

**٩**

سَنَهَا[9] يَانءِ[10] مَ سَپَ[11]، سُڪَا جَنِي[12] پيِٽَ،
جَنِيءَ جِيءَ چَپِيٽَ[13]، جُنگَنِ کي جوکو ٿِئي.

**١٠**

سَنَهَا يَانءِ مَ سَپَ، وِيَاءَ[14] واسِينگَنِ[15] جَا ،
لَتَازِيَا[16] لَطِيفُ چَئي، چُرِئو[17] هَٽَنِ[18] چَڪَ[19]،
تَنِي جِيءَ جَهَڙَپَ، هَاٿِي[20] هَنذان[21] نَہ چُري[22].

**١١**

اوطاق[23]ون اَربَجَ[24] مِ ، تَنِ[25] سَنَهَا ئِي پيٽَ،
تَنِي سَندِيءَ[26] ڏيِنَ[27]، هَاٿِي هَنذان نَہ چُري.

**١٢**

آسَڻَ جَنِ اَربَجَ مِ ، اُوءِ[28] کَپُرَ[29] وِهَ[30] کَري[31]،

١. واڄن مان، ڳلاڦن مان، وات مان، ٢. زهر، ٣. نڪري، ڳڙي، ۴. سڪل، ڳريل، ڪمزور، اڀرا، ڏٻرا، ۵. شڪم، جسم، بدن، ٦. سانييٽ سان، آمهون سامهون ٽڪر سان، جهيڙي سان، ٧. پهلوانن، بهادرن، ٨. نقصان، ڇيهو، ٩. ضعيف، اڀرا، ١٠. سمجهہ، ١١. هڪ قسم جا نانگ، ١٢. جني جا، ١٣. چپيٽ سان، ڌڪ سان، جهڙپ سان، سٽ سان، ١۴. اولاد، ٻچا، ١۵. ڪارن نانگن، اصيل نانگن. ١٦. لتاڙجڻ جي حالت ۾، ڪنهن جي پيرن جي هيٺان اچڻ جي حالت ۾، ١٧. ڦٽڪڻو، اٿلڻو، ١٨. وجهن، ١٩. ڏنگ، ٢٠. گينور، پيل، فيل، ٢١. (ٻيهڻ يا وهڻ واري) هنڌ تان،جاءِ تان، ٢٢. هلي (هنذان نہ چري = اتي جو اتي ڪريو مريو وڃي)، ٢۴. آسڻ، گهر، ٻر، ٢۴. ٻنان ريج واري زمين، خشڪ زمين، ٢۵. تن جا، ٢٦. جيءَ، ٢٧. ڏيٺ سان، آمهون سامهون ٽڪر سان، جهيڙي سان، ٢٨. اهي، ٢٩. هڪ قسم جا نانگ، ٣٠. وهہ سان، ٣١. چنڊ، خالص، نبار، نج.

مُنهُن[1] مَلائِڪَ[2] جِهَڙو، تِڪُر[3] ڪِينَ تَري[4]،
جِيّ[5] هيڪَر[6] ڏَنگُ هَڻي، تَہ جَاءِ[7] نَہ تِيي جَرِيءَ[8] جِي.

## ١٣

جَن جُون اوطاقُون[9] اَربَجَ[10] ۾، تَن جي وِهَہ[11] جو وَرَنُ[12] ڪَرو[13]،
مُنهُن مَلائِڪَ جِهَڙو، تِڪُرُ ڪِينَ تَرئو،
وَعدي[14] جو نَہ وَرِئو[15]، اوڏو وَجُ[16] ۾ اُنَ ڪي.

## ١٤

جَن جُون اوطاقُون اَربَجَ ۾، تَن جي وِهَہ جو وَرَنُ بِئو،
جِن جي ڪَنڌي[17] مَان ڪَمُ[18] تِئي، تَن جي قَڻِن[19] پِيرُ[20] بِئو،
پُربَنِئُون[21] پَڌِرو[22]، تَن نَانگَن جو نهو[23]،
ڪِلي[24] وِبر[25] ڪِهو[26]، سَپَ[27] ڪِي سَامُهُون[28] تِئي.

## ١٥

جَن جُون اوطاقُون اَربَجَ ۾، مَٽِيُون[29] تَن[30] مَتَن[31]،
مَان[32] مَرتَبو[33] اُن جو، وَسَان[34] ڪِينَ ڪُڇَن[35]،
اوڏو وَجي جو اُنِ[36]، تِنهِن[37] جو ڪو[38] تِئي جَانِ[39] ڪي.

---

١. چهرو، شڪل، صورت. ٢. فرشتي (ملائڪ جهڙو = سهڻو). ٣. چندو، نياڳو، بدبخت. ۴. (ڏنگ يا چڪ هڻن کان) مُڙي. ٥.جيڪڏهين. ٦. هڪ دفعي، هڪ ڀيري. ٧. مجال، همت، جُرئت. ٨. بهادر، پهلوان، سورهيہ. ٩. آسڻ، آستانا، رهڻ جون جايون، پڙ. ١٠. بنان ريج يعني بنان پوسل يا آلاڻ واري زمين، خشڪ زمين، ويران زمين. ١١. زهر. ١٢. نمونو. قسم. ١٣. پڪو، چِٽو. ١۴. واعدي تي، انجام تي، اقرار تي. ١٥. موٽئو، وفا ڪئي. ١٦. ويجهو، قريب. ١٧. هڏي (مرڻ بعد گوشت ۽ چمڙي ڳرڻ کانپوءِ بچيل). ١٨. مطلب (ڪم ٿئي = موت واقع ٿئي). ١٩. نانگن جي (جوش يا مستيءَ يا غصي جي حالت ۾ پکڙيل يا ڦهلايل) منهن وارن حصن. ٢٠. نمونو. ٢١. پُرين کان، پيڙهين کان، پشتان پشت، وڏن کان. ٢٢. مشهور. ٢٣. بڻ، بنياد، آکهہ، خاندان. ٢۴. ڪلي جي، جهيڙي جي. ٢٥. ويل، مهل. ٢٦. ڪير آهي جو. ٢٧. وڏي وڙهندڙ زهريلي نانگ. ٢٨. آڏو، اڳيان (مقابلي لاءِ). ٢٩. واسينگ يعني اصيل نانگن جي مٿن مان نڪتل نڍڙيون لسيون ٽڪيون، جي وري ٻين نانگن جي ڏنگن تي رکبيون تہ زهر چوسي وٺنديون. ٣٠. تن جي. ٣١. مٿن ۾. ٣٢. صبر. ٣٣. شان، عزت، وڏائي. ٣۴. وس پڄندي، پڄنديءَ آهر، جيترو ٿي سگهين. ٣٥. ڪجهہ ڪن يعني ڏنگ هڻن. ٣٦. ان کي. ٣٧. تنهن جي (گنج ۾ ”تَنِ“ لکيل آهي). ٣٨. نقصان، ڇيهو، تليف. ٣٩. جند، سرير.

Gul Hayat Institute

## ١٦

جَنِ جُون اوطاقُون[١] اَربَجَ[٢] ۾، تَنِ سَپَنِ[٣] بِي صُورَتَ[٤]،
آيَا جِي نَه آڻَ[٥] ۾، مِنَتَ[٦] تِين نَه مَتَ[٧]،
ڪَارِيْ[٨] جِيءَ قُوتَ[٩]، جوڪو[١٠] تِئي جَانِ[١١] ڪي.

## ١٧

نَانگَنِ سَندي نِجُهرِي[١٢][١٣]، پِيرُ[١٤] پَروڙِي[١٥] پَاءِ[١٦]،
تُنهِنجِي جَاءِ[١٧] نَه مَاءِ[١٨]، اُتِ جُنگَنِ[١٩] ڪي جوڪو تِئي.

## ١٨

نِيرَ[٢٠] وَرَنَا[٢١] نَانگَڙا، اَڇَا[٢٢] پِيتَ[٢٣] سَندانَ[٢٤]،
جُ پِئو پيرُ[٢٥] مَتَانِ[٢٦]، تَه اُنِ جي ڪَندي[٢٧] مَانَ ڪَمُ[٢٨] تِئي.

## ١٩

ڪَپُرَ[٢٩] گَارُوڙِيَنِ[٣٠] سِين، وَڏُو[٣١] وِڙهُ[٣٢] وِيرُ[٣٣]،
نَانگَ[٣٤] نَه وِيندِينِ[٣٥] نِڪِرِي، تَو ڏُرَ[٣٦] مَتِي[٣٧] پِيرُ[٣٨][٣٩]،
هِيءُ تَنِ جو ڏيرُ[٤٠]، جَنِ جُهونَا[٤١] گُڙهُه جَلايو[٤٢].

١. آسڻ، رهڻ جون جايون، ۾. ٢. ٻنان ريج يعني ٻنان ٻوسل يا آلاڻ واري زمين، خشڪ زمين، ويران زمين. ٣. سپن جي، وڏن وڙهندڙن زهيريلن نانگن جي. ۴.نمونو، قسم. ٥. ڊوهيءَ يا قسم (نانگن جي مرشد گوگي چهواڻ جي). ڊوهيءَ جي گول ليڪي يا دائري (جوڳي فقير نانگ يا بلا کي زمين تي ڇڏي ان جي چوڌاري دائرو ليڪيندا آهن جنهن کي آڻ يعني ڊوهي چوندا آهن). ٦. منٿ سان، آزي نيازيءَ سان. ٧. عزيز، مائٽ، دوست. ٨. يعني ڪاري نانگ، ڪاريهر نانگ. ٩. قوت سان، سگهه يا طاقت سان. ١٠. نقصان، ڇيهو، تڪليف. ١١. جند، سرير، جسم. ١٢. جي. ١٣. نجهري ۾، رهڻ واريءَ جاءِ ۾، ٻرن ۾. ١۴. قدم. ١٥. سمجهي، سوچي، ڌيان ڪري، سنڀالي. ١٦. وجهه، رکَ. ١٧. مجال، هلندي، همت، جرئت. ١٨. اي ماءُ، اي امان، اي امڙ. ١٩. پهلوانن، بهادرن. ٢٠. نيري، آسماني. ٢١. ورن وارا، رنگ وارا. ٢٢. سفيد. ٢٣. شڪر. ٢۴. سندن، انهن جا. ٢٥. جيڪڏهين. ٢٦. انهنجي مٿان. ٢٧. (مرڻ بعد گوشت ۽ چمڙي ڳرڻ ڪانيوءِ ٻجيل). هڏي. ٢٨. مطلب (موت واقع ٿئي). ٢٩. اي ڪپر (ڪپر هڪ قسم جو نانگ آهي). ٣٠. نانگن کي مرلي وڄائي مَنڊَ هڻي يعني ڦيٿو ٻڙهي جهليندڙ فقيرن. ٣١. شاهي، جاڏو، سخت. ٣٢. تو وڏو. ٣٣. دسمني. ٣۴. اي نانگ. ٣٥. ٻچي، ڇُٽي. ٣٦. تنهنجي. ٣٧. ۾، ٻرڙ. ٣٨. تي. ٣٩. (گاروڙن جو) قدم، قبضو. ۴٠. ديرو، رهڻ جي جاءِ. ۴١. هندستان جي ڪڇ جي رياست جو هڪ شهر جنهنجي جهنگ ۾ نانگ جا آستان هئا. ۴٢. ساڙي ناس ڪئو.

Gul Hayat Institute

## ٢٠

آءُ نانگَ[1] بِرَنئان[2] نڪري[3]، هِيءَ مُوران[4] سَنڌي[5] جاءِ[6]،
ڳاروڙي[7] ڳُرنار[8] جو، ڪَنئو[9] ڪَپُرَ[10] ڪاءِ[11]،
تَني لَئيءِ[12] واجهاءِ[13]، مَٽيُون[14] جَنِ مَٿَنِ[15] ۾.

## ٢١

سَپُ[16] ڪَپُرَ سَڄا[17] ڳِهي[18]، نانگَ نِگُولئو ڪاءِ،
تَني کي واجهاءِ، مَٽيُون جَنِ مَٿَنِ ۾.

## ٢٢

پِهرين ڪَاري[19] نانگَ جي، چِرڪِئَلُ[20] چِيڙَ[21] ڪَري،
هَٽي ڏنگُ ڏسائُو[22]، واڪو[23] ڪئو وري[24]،
جيڪي نپِ[25] مَري[26]، جيڪي سِڪي[27] صِحَتَ[28] کي.

## ٢٣

سُتي[29] اِنَ سَپَ جي، ڪو چِتو[30] چيڙَ ڪَري،
تِڪِرُ[31] ڪِين تَري[32]، مُنهِن[33] ملائِڪَ[34] جهڙو.

Gul Hayat Institute

---

١. اي نانگ، اي سپ، ٢. ٻرن مان، (نانگ جي رهڻ لاءِ زمين ۾ کوٽيل)، سوراخن مان، ٻرگهلن مان، ڏرڙن مان، ٣. ٻاهر ٿي، ۴. مورن، ڪارايلن، طائوسن، ٥.جي، ٦. هنڌ، آستان، ٧. مرلي وڄائي منڊ يعني ڦيڻو پڙهي نانگ جهليندڙ فقير، ٨. ڪڇ جي جهوناڳڙهه رياست ۾ هڪ شهر جو نالو، ٩. ونئو، جهلئو، ١٠. ڪپرن (هڪ قسم جي نانگن) کي، ١١. ڪائي، ١٢. لاءِ، ١٣. واجهائي، تلاش يعني ڳولا ڪري، نهاري، ١۴. واسينگن يعني اصيل نانگن جي مٿن مان نڪتل نديڙيون لسيون ٽڪيون، جي وري ٻين نانگن جي ڏنگن تي رکيبون آهن ته زهر چوسي ٻاهر ڪڍن، ١٥. جن جي، ١٦. هڪ قسم جو وڏو زهريلو وڙهندڙ نانگ، ١٧. ثابت، پوري جا پورا يعني ٽڪرن ڪرڻ کان سواءِ، ١٨. ڳڙڪائي، نگولي، ١٩. ڪاريهر، اصيل، واسينگ، ٢٠. ڪنيءَ يعني موت کي سڏيندڙ يا چاهيندڙ، ٢١. حرڪت، چرچ، ٢٢. سخت ڏنگ يا چڪ، ٢٣. رڙ، گجگوڙ، ٢۴. حملو ڪري، ٢٥. يا، ٢٦. اڦٽ، اٽي جو اٽي، انهيءَ هنڌ، بروقت، ٢٧. فوت ٿئي، دم يا ساهه ڏي، ٢٨. تندرستيءَ، چڱيلائيءَ، ٢٩. ستل، ننڊ ۾ پيل، ٣٠. چريو، پاڳل، ديوانو، ٣١. چنڊو، نياڳو، بدبخت (سپ)، ٣٢. مڙي، پاسو ڪري، ٣٣. چهرو، شڪل، ٣۴. فرشتي (ملائڪ جهڙو = سهڻو، حسين).

## ٢٤

سُتي[١] اِنَ سَپَ[٢] تان، جيڪو رکي پيرُ،
جان سِيئَن[٣] وَني نه وِپرُ[٤]، تانْ[٥] ڪارايَلَ[٦] ڪُرُ[٧] لَجِيْ[٨].

## ٢٥

سُتي اِنَ سَپَ تان، جيڪو رکي پانهَن،
جان سِيئَن ڪارِيسِ[٩] نه دانهَن[١٠]، تان ڪارايَلَ ڪُرُ لَجِي.

## ٢٦

ڪاري[١١] ڪُرُ لَجِي، جي اَڻَ[١٢] ڪَجاڙئو[١٣] ڪاءِ[١٤]،
جاڙِيان[١٥] اَندَر[١٦] جِيءَ[١٧] ۾، ڳُجهو[١٨] تو ڳالهاءِ[١٩]،
اُتي اُو[٢٠] ساماءِ[٢١]، جِت رَتِي[٢٢] ناهه رِبج[٢٣] جِي.

وائي

ڪُوڙِي[٢٤] راند[٢٥] ڪُوڙو چَتَڪو[٢٦]، لِڪَ[٢٧] سِيئَن[٢٨] لَلو[٢٩] پنو،
لَنيو[٣٠] جيئَن لامِين[٣١] چَڙهي، ڪِئو ڪارايَلَ[٣٢] ڪَتِڪو[٣٣]،
ڪَه[٣٤] تو ڪَنِين[٣٥] نه سُئو[٣٦]، شَهبازَ[٣٧] جو سَتَڪو[٣٨]،
وَڻَ[٣٩] چَڙهِئو وائِي[٤٠] ڪَري، لامُن ۾ لَتِڪئو[٤١]،
هارِي[٤٢] وِيهه مَ وِسرو[٤٣]، ڏِينديئي[٤٤] جهارِ[٤٥] جهَتڪو[٤٦].

---

١. ستل، ننڊ ۾ پيل. ٢. هڪ قسم جي وڏي زهريلي وڙهندڙ نانگ. ٣. جان سين = جيستائين. ۴. بدلو. ۵. تيستائين. ٦. ڪارايل جو، (ڪاري) نانگ جو. ٧. آکهه، ڪڙم، خاندان. ٨. لڄي ٿئي، شرمسار ٿئي. ٩. ان کي ڪرائي. ١٠. رڙ، ريهه، آهه و فغان. ١١. ڪاري جو، اصيل نانگ جو، واسينگ جو. ١٢. نه، بغير. ١٣. ڇيڙيو، ستايو، ڪاوڙايو، تنگ ڪيو. ١۴. ڪائي، ڇڪ هٽي. ١۵. ڄاڙن، ڳلاڦن، وات. ١٦. منجهه. ١٧. زبان. ١٨. مخفي. ١٩. ڳالهائي. ٢٠. اهو (ڪارو نانگ). ٢١. ساماڻجي، پيدا ٿئي، رهي. ٢٢. ذرو. ٢٣. پوسل، آلاڻ (ڪارو نانگ خشڪ زمين يعني ويران زمين ۾ رهندو آهي). ٢۴. ڪوڙي، جڙتو، فريب واري. ٢۵. بازي، کيل. ٢٦. چشڪو، لذت، مزو، لطف. ٢٧. ٿوري وقت. ٿوريءَ دير. ٢٨. ٿائين (لک سيئن = عارضي). ٢٩. اٽڪل بازي، ترڪتال، لبوڻبو، ريهه ريب، ظاهري ڏيکاءُ. ٣٠. ٻولي ڪريو. ٣١. لامن تي، (وڻ جي) ٽارين تي. ٣٢. مور، طائوس. ٣٣. ڪاهه، جلهه. ٣۴. ڇا. ٣۵. ڪنن سان. ٣٦. ٻڌو. ٣٧. شاهي يعني وڏي باز، شڪاري پکيءَ (موت). ٣٨. سٽ ڪٽ جوآواز، ڏڪڻ جو آواز. ٣٩. وڻ تي. ۴٠. ٻولي، آواز. ۴١. لڙڪئو، جهوليو. ۴٢. اي هاري، اي ڪڙمي. ۴٣. غافل، سستَ. ۴۴. توکي ڏيندي. ۴۵. اناج جي پوک جي پچڻ وقت سنگن مان اَنَ ڪائي نقصان پهچائيندڙ پکين جهڙوڪ ڪانون، ڪبرن، ڳيرن ۽ جهرڪين جا ولر. ۴٦. جهڙپ، سٽ، نقصان.

Gul Hayat Institute

شعبۂ تصنیف و تالیف و ترجمہ، جامعہ کراچی

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوى ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

Gul Hayat Institute

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَنَ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وِڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

Gul Hayat Institute

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڇڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڇڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَّ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

Gul Hayat Institute

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوء، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

Gul Hayat Institute